# ڏهرڪي

## تاريخ جي نظر ۾

تاريخ، ورثو، ماڳ مڪان، شخصيتون ۽ قبيلا (٢٠٢٥ع جي جديد تحقيق تي مبني)

حصو پهريون ١

سهيڙيندڙ

محمد رمضان پيرزادو

Your Trusted Printing Partner Since 1985

# DAHARKI PRESS

YOU THINK WE INK

## ١٩٨٥ کان اعتماد جو نالو

# ڏهرڪي پريس

- شادي ڪارڊ
- بل بُڪس
- وزٽنگ ڪارڊ
- اسٽيڪر
- رسيد بُڪ
- اشتهارات
- اسڪول ڪاپي

**مين آفيس** سينما روڊ ڏهرڪي

**برانچ آفيس** نزد فاطر اسٽور لکڻ مارڪيٽ ڏهرڪي

03342009987, 03337252909

---

# ALI PRINTERS

03337132339

WE PRINT WHAT YOU THINK

# علي پرنٽرز

- شادي ڪارڊ
- بل بُڪس
- وزٽنگ ڪارڊ
- اسٽيڪر
- رسيد بُڪ
- اشتهارات

گڏو گڏ بلال مسجد
نزد ڊان هوٽل ڏهرڪي

ايڊووڪيٽ
**جام عبدالفتاح سميجو**
(**چيئرمين**)

ايڊووڪيٽ
**سليم اختر ملڪ**
(**پرنسپال**)

# عبدالفتاح سميجو لا ڪاليج
# ڏهرڪي لاءِ قانوني تعليم جو نئون دور:

ڏهرڪي جهڙي شهر ۾ جتي تعليمي ادارن جي کوٽ محسوس ڪئي ويندي هئي،

اتي عبدالفتاح سميجو لا ڪاليج جي قيام سان قانون جي شعبي ۾ پڙهڻ وارن نوجوانن جي اميدن کي هڪ نئين راه ملي آهي. هي ادارو سال 2024ع ۾ جام عبدالفتاح سميجو پاران نزد نيشنل هاءِ وي ڏهرڪي تي قائم ڪيو ويو.

**اداري جي حيثيت ۽ معيار:** عبدالفتاح سميجو لا ڪاليج هڪ جديد، معياري ۽ تعليمي لحاظ کان بهترين ادارو آهي، جيڪو شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور سان لاڳاپيل آهي جتي پنج سالن تي مشتمل ايل ايل بي پروگرام تدريسي ۽ فني معيار سان هم آهنگ انداز ۾ پيش ڪيو پيو وڃي. ڪاليج جي پهرين بيچ جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون پهريون سال پاس ڪري تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ۽ ٢٠٢٥ بيچ جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون بہ زير تعليم آهن.

**سهولتون ۽ تعليمي ماحول:** ڪاليج ۾ جديد سولر سسٽم جي سهولت ميسر آهي، جنهن ذريعي بجليءَ جي لوڊشيڊنگ دوران بہ بي رڪاوٽ تعليمي سرگرميون جاري رهن ٿيون. لا ڪالج جا ڪلاس روم وسيع، روشن، ۽ آرامده فرنيچر سان ليس آهن، جيڪي شاگردن لاءِ سازگار تعليمي ماحول فراهم ڪن ٿا. ڪاليج وٽ جديد ۽ سٺي ترتيب واري لائبريري موجود آهي، جتي قانون، آئين، انساني حقن، ۽ ٻين لاڳاپيل موضوعن تي ڪتابن، جرنلن، ۽ ريسرچ مواد جو ڀرپور ذخيرو موجود آهي. ڪمپيوٽر ليب: جديد ڪمپيوٽرن سان ڪمپيوٽر ليب موجود آهي، جتي شاگردن کي قانوني تحقيق، آن لائن لائبريرين جي سکيا ڏني وڃي ٿي ۽ شاگردياڻين لاءِ الڳ ڪامن روم ۽ ضروري سهولتون فراهم ڪيل آهن.

**تدريسي عمل:** اداري ۾ قانوني شعبي سان لاڳاپيل تجربيڪار ۽ ماهر ليڪچرار تدريسي ذميواريون نڀائي رهيا آهن، ۽ اهو اداري لاءِ اعزاز جي ڳالهہ آهي تہ سپريم ڪورٽ جي سينيئر قانوندان، جسٽس (ر) عبدالرشيد ڪلوڙ صاحب، پنهنجي زندگيءَ جي آخري دور ۾ هتي سينيئر ليڪچرار طور پنهنجون قيمتي خدمتون سرانجام ڏنيون.

عبدالفتاح سميجو لا ڪاليج، ڏهرڪي اعليٰ قانوني تعليم، نظم و ضبط، ۽ پيشورانہ ماحول جي بنيادن تي اڳتي وڌي رهيو آهي. جنهن جا اثر مستقبل جي بهتر قانوندانن جي صورت ۾ ڏهرڪي، سنڌ، ۽ پاڪستان کي ملندا.

Pak Tech
The Power To Surprise!
MPPT CONTROLLER
70A I 80A I 85A
PV INVERTER
5KV I 7KV
Proudly made by Pak Tech, our MPPT inverters are designed to deliver maximum power output and efficiency for all your solar and backup energy needs
NEW MODEL
MPPT
SOLAR CHARGE CONTROLLER
PakTech MPPT 85-A
Why Choose Pak Tech?
• Manufactured with Global Standards
• High Charging Efficiency
• Easy Installation & Maintenance
• Smart Display & Intelligent Control
• Ultra-efficient Maximum Power Point Tracking
• Digital Display with Real-Time Monitoring
• Ideal for 12V/24V Systems
• Enhanced with Super PCB Technology
• Strong Build & Sleek Design
• Reliable Battery Charging & Load Management
7KV
5KV
Pak Tech MPPT 80 A
MPPT 80 Amp
PakTech PV INVERTER 7-KW
PakTech
PV INVERTER
Pak Tech MPPT 80A
MPPT 80-A 12V/24V
MPPT 85-A
AUTOMATIC BATTERY CHARGER
12VOLT 30AMP
Visit us or contact us today to power your homes, businesses, and solar setups with
Pak Tech Inverters!
Address: Old National Bank Zafar Bazar Daharki District Ghotki
Contact No: 03337233990

# الخدمت فائونديشن جا فلاحي ڪم

**الخدمت ڪفالت يتيم پروگرام:** تعلقي ڏهرڪي ۾ خدمت جو سفر

الخدمت فائونديشن معاشري جي خدمت جي ڀين شعبن ۾ هڪ اهم شعبو ڪفالت يتيم پروگرام پڻ آهي جيڪو نبي مهربان حضرت محمد خاتم النبين صلي الله عليه وسلم جن جي حديث مبارڪ جي روشني تحت ترتيب ڏنو ويو آهي، جنهن جو مفهوم آهي ته ڪفالت يتيم سان جنت جو حصول ۽ رفاقت رسول ﷺ. ڪفالت يتيم پروگرام ڏهرڪي ۾ هڪ مثالي سماجي خدمت جو نمونو بڻجي چڪو آهي، جتي يتيم ٻارن جي مالي، تعليمي ۽ اخلاقي مدد کي يقيني بڻايو ويو آهي. خاص طور تي تعلقو ڏهرڪي ۾، هي پروگرام والد جي سرپرستي کان محروم ٿيل ٻارن جي زندگيءَ ۾ اميد جو ڏيئو بڻجي رهيو آهي. **پروگرام جي شروعات ۽ واڌاري جو سفر** هن پروگرام جو آغاز ٢٠١٥ع ۾ تعلقه ڏهرڪي جي پنج يتيم ٻارن جي اسپانسر شپ سان ڪيو ويو. وقت سان گڏو گڏ، الخدمت فاؤنديشن جي اڻٿڪ ڪوششن ۽ عوام جي تعاون سان، هي پروگرام تيزيءَ سان وڌيو ۽ هن وقت الحمدالله ٥٠٠ يتيم ٻارن جي اسپانسر شپ ڪئي پئي وڃي. **بيواهن جي عزت ۽ مالي استحڪام** يتيم ٻارن جي مالي مدد جي سلسلي ۾، هر بيواهه جي بينڪ اڪائونٽ ۾ *ٽي ماهي بنيادن تي رقم منتقل ڪئي وڃي ٿي، ته جيئن هو عزت ۽ وقار سان مالي سهائتا حاصل ڪري پنهنجي ٻارن جي پرورش ڪري سگهن. هي مالي مدد نه صرف انهن جي روزاني ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي رهي آهي، پر بيواهن جي خودمختياري کي به هٿي ڏئي رهي آهي. **تعليمي ۽ اخلاقي واڌاري جا قدم** يتيم ٻارن جي تعليم کي يقيني بڻائڻ لاءِ، الخدمت فاؤنديشن اسڪول فيس، تعليمي سامان، لباس، ۽ ٻين ضروري شين جي فراهمي کي يقيني بڻائي رهي آهي. ان سان گڏ، اخلاقي ۽ سماجي تربيت لاءِ خاص پروگرام به ترتيب ڏنا ويندا آهن، ته جيئن ٻار مستقبل ۾ هڪ ذميوار شهري بڻجي سگهن. **سماجي اثر ۽ مستقبل جا منصوبا** هي پروگرام تعلقي ڏهرڪي ۾ يتيم ٻارن جي بهتري لاءِ هڪ نئين اميد بڻجي چڪو آهي. مستقبل ۾، تعلقه اوٻاوڙو، ميرپور ماٿيلو ۽ ڏهرڪي ۾ وڌيڪ يتيم ٻارن جي اسپانسرشپ وڌائڻ، تعليمي مرڪزن جو قيام، ۽ بيواهن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ جا منصوبا تيار ڪيا پيا وڃن. الخدمت فاؤنديشن جو هي پروگرام نه صرف يتيم ٻارن جي مالي مدد تائين محدود آهي، پر انهن جي مڪمل واڌاري ۽ بهتر مستقبل لاءِ هڪ جامع منصوبو آهي، جيڪو سماجي بهتري جي هڪ روشن مثال ٿيندو پيو وڃي.

## الخدمت اسپتال ڏهرڪي

٢٠٠٥ الخدمت فري ڊسپنسري جي شروعات
٢٠٠٦ ايمپولينس سروس جي شروعات
٢٠١٠ ليبارٽري جي شروعات
٢٠١٠ فارميسي جي شروعات
٢٠١١ گائني او پي ڊي ۽ الٽراسائونڊ مشين جي شروعات
٢٠١٢ ٻين ايمبولينس جي شروعات
٢٠١٤ خريداري الخدمت اسپتال ٢٨٠٠ اسڪوائر فوٽ هڪ ڪروڙ ويهه لک
٢٠١٥ الخدمت ميڊيڪل سينٽر جي شروعات
٢٠١٥ الخدمت فارميسي ٢٤ ڪلاڪ سروس جي شروعات
٢٠١٦ الخدمت واٽر فلٽريشن پلانٽ جي شروعات، ٢٠١٧ آئي ڪلينڪ جي شروعات
٢٠١٨ ويم گهر جي شروعات، ٢٠١٨ ٻيبز نرسري جي شروعات
٢٠١٩ جنرل آپريشن ٿهيٽر جي شروعات، ٢٠١٩ ليبارٽي جي ٢٤ ڪلاڪ سروس جي شروعات
٢٠٢٠ ميڊيڪل وارڊز جي شروعات، ٢٠٢٠ الخدمت اسپتال ٢٤ ڪلاڪ سروس جي شروعات،
٢٠٢١ پرائيويٽ روم جي شروعات
٢٠٢٣ ڊينٽل ڪلينڪ جي شروعات، ٢٠٢٤ آئي آپريخن ٿيٽر جي شروعات، ٢٠٢٤ ڊجيٽل ايڪسري جي شروعات
٢٠٢٤ جنرل آپريشن ٿير ٢ جي شروعات، ٢٠٢٥ ايڪو ڪارڊيوگرافي جي شروعات، ٢٠٢٥ آر او واٽر فلٽريشن پلانٽ ٢ جي شروعات
الخدمت اسپتال ڏهرڪي ۾ ٢٠ بيڊز جي سهولت موجود آهي ۽ ٦ ماهر ڊاڪٽر روزانه موجود آهن ۽ وڌيڪ ١٠ ڊاڪٽر هر هفتيوار شيڊيول

# ڏهرڪي تاريخ جي نظر ۾


سرپرستِ اعلي: ايڊوڪيٽ چاڪر عبدالفتاح سميجو

سهيڙيندڙ: محمد رمضان پيرزادو

ڇاپو: پهريون

اشاعت جو سال: ٢٠٢٥ع

تعداد: ١٠٠٠ ڪاپيون

لي آئوٽ: منصور پيرزادو

ڪمپوزنگ،سيٽنگ ۽ ڊزائننگ: علي پيرزادو

ڇپائي: ڏهرڪي پريس ڏهرڪي ضلع گهوٽڪي

قيمت: Rs. 1300

ملڻ جو هنڌ: مون اسٽار بوڪ ڊپو، ڏهرڪي



مددگار ۽ تاريخ گڏ ڪرڻ ۾ ساٿ ڏيندڙ:

پروفيسر محمد پنهل ڏهر،پروفيسر محمد دين راڄڙي

سائين جميل سومرو، مولائي ملاح، استاد عبدالغفار سومرو، ا ڙڪ

مولانا مولا بخش سڪندري، امداد علي قادري، رضا محمد مهر

استاد ڪرشن جي، ڪاڪا ڪيلاش جوت ، سنت ڪمار

۽ ٻيا علم دوست، ساٿاهه وند ۽ ساٿ ڏيندڙ احباب



پنهنجي راءِ کان آگاهه ڪريو

اي ميل awamidaharkil@gmail.com

واٽس اپ نمبر: 0333-7241332

ڪوريئر ذريعي گهرائي سگهو ٿا.

واٽس اپ نمبر: 0333-7241332

# ارپنا

ارپيم : اُنهن بي آواز مگر بلند ڪردارن جي نالي،
جيڪي تاريڪ ,اونداهي ۽ ڪڙي وقت ۾ ٻه، روشنيءَ جي ڏئيي وانگر ٻريا.
جيڪي نه جهڪيا ۽ نه وڪاميا ۽ نه وري چڙهندڙ سج جا پوڄاري بڻيا
انهن بي داغ ڪردارن جي نالي جن ڪڏهن به محل ۽ ماڙين آڏو سلامي نه ڀري .

جن ڪڏهن به جابرن جي محلاتي چانورن کي پنهنجي آماجگاهه نه بڻجڻ ڏنو.

ارپيم : انهن اڏول انسانن جي نالي جن مزاحمت کي معني بخشي. ڪنهن زور زبر ۽ دٻدٻي ڪان نه ڊنا ۽ نه آڻ مڃيائون
اهي نه حڪومتي ايوانن جا وظيفي خوار هئا، نه سرڪاري تماشن جا شوقين.
ارپيم: ڌرتيءَ جي انهن اصيل پٽن جي اولاد مان هئا، جن ساهه ڏئي ويساهه ڏنو. حق سچ جو علم بلند رکيو.
ارپيم:
اُنهن مزاحمتي ڪردارن کي
جيڪي نه ڪڏهن رڪيا، نه جهڪيا ۽ نه وڪيا. جن سون تي سيڻ مٽائڻ کي مهٽو سمجهيو.
جيڪي انڪار جي جرئت واري روايت جا امين هيا. انهن انعامن ۽ اڪرامن کي ٺڏي تاريخ ۾ پاڻ کي زنده رکيو
ارپيم: جن ڏکين ۽ آزمائشي گهڙين ۾ به عوامي حقن جو سوال اٿاري همت ۽ حوصلي کي اتساهه ڏنو.
ارپيم : انهن مڙني امر ڪردارن کي جن ڌرتيءَ ۽ درياهه سان وفا جو وچن نڀايو.
جن قرباني ,حوصلي ۽ همت سان وفاداريءَ جو علم بلند رکيو.
ارپيم: پورهيتن ,هارين ۽ مزدورن جي عظمت کي جن محنت، پگهار جي پورهيي سان پنهنجو جئيدان قائم رکيو.

ارپيم : انهن ڪاهوڙي ڪردارن کي جن ساڃاهه، سچ، عزت ۽ حق لاءِ پنهنجو جيون ارپي ڇڏيو.

ارپيم: گمناميءِ جي زندگي گهاريندڙ انهن جوڌن جوانن جي نالي جن ڪڏهن به شهرت جي طلب نه ڪئي.
سدائين حق جي راهه تي هلندارهيا.

ارپيم: سنڌ جي مزاحمتي تاريخ جا ڪرموڙيندڙ انهن سورمين کي جن عورت جي ڪردار کي مان ۽ مرتبي سان آراسته ڪيو.

ارپيم: گل ڦل جهڙن انهن ٻارڙن کي جيڪي وطن جو روشن آئيندو ۽ روشن مستقبل جي واٽ جي لاٽ آهن.
ارپيم: انهن نوجوانن کي جن پنهنجي جواني جا خوبصورت پل ڪنهن عظيم مقصد لاءِ قربان ڪيا.
ارپيم: انهن مڙني ڪردارن کي جن تاريخ کي زنده رکيو ۽ اماواس راهن ۾ روشني بڻيا.

# فهرست


انجنيئر منورام خاڪواڻي ١٣٥
مڪي نامچند عرف نامون مل لنب ١٣٧
گوبند رام لنب نيشنل بينڪ ١٣٨
انجنيئر ابهي مينيو لوها ١٣٨
مڪي پيڇومل ١٣٩
نرنجن لال ڪڪريجا مون اسٽار بڪ ڊپو ١٤٠
سنجي هاسواڻي ۽ هاساڻي پريوار ١٤١
سنت ڪمار گيهي ٽائون ڪاميٽي ١٤٢
”گيتا سميلن“ شريمد ڀڳود گيتا جو عظم سميلن ١٤٣
ڏهرڪي جي مينگواڙ ڪميونٽي ١٤٤
پنچائتي نظام شهر جي مختلف پاڙن هندي پانشالائون ١٤٥
ڏهرڪي جا مينگهواڙ، مورج مل گندبير ١٤٦
مينگهواڙ استاد ۽ سازيگر، گائيڪ ١٤٧
فوجي ڪالوني، مگنا رام ڪوهريڪا ١٤٨
حڪيم ڏنا رام لوها جي شخصيت جو تعارف ١٤٩
استاد ڪرشن جي سولنڪي (ڪوريڪا) ميگهواڙ ١٥٠
طوطا رام اٽڪيا ميگهواڙ ايس ايچ او ١٥١
اوم پرڪاش پاتيا ١٥١
ريتي جا مينگهواڙ، استاد غوث ڏنو ليلڙ، دليپ ڪمار ١٥٢
سيٺ تنو رام عرشي ١٥٣
ڊاڪٽر وسند ڪمار عرشي ١٥٤
مڪي ڊاڪٽر دادن رام عرشي ١٥٥
پيُونرو جي ۽ پٽ ايڊووڪيٽ سريش ڪمارعرشي ١٥٧
سچا نند سولنڪي (داد لغاري)، نريش ڪمار (جروار) ١٥٨

**ڏهرڪي جا مزاحمتي ڪردار**

ڏهرڪي جو مزاحمتي سرواڻ جام عبدالفتاح سميجو ١٥٩
جام عبدالفتاح جي جدوجهد جي تاريخي رپورٽ ١٦٠
سياسي پورهيتن هاري مزاحمتي تحريڪ جا ڪردار ١٦١
پاڪ سعودي ماڙي گيس خلاف تحريڪ ١٦٢
بادل شر واقعو ١٦٣
ايم آر ڊي تحريڪ ١٦٣
ڪامريڊ اختيار پتو ١٦٤
جڳديش ڪمار جهامن داس اسٽامپ وينڊر ١٦٤
مزاحمت جو اهم ڪردار حاتن شر ١٦٥
چولستان جي ڪئنالن خلاف ڏهرڪي ۾ تحريڪ ١٦٦
شڪيل سومرو ناليوارو صحافي ١٦٧
مزاحمتي صحافي اسد پتافي ١٦٨
تاريخي راند ملھ ملاڪڙو ١٦٨
مزاحمتي تحريڪن ۾ گبول برادري جو ڪردار ١٦٩

**سنڌي ادبي سنگت جو بنياد ۽ ادبي شخصيتون**

ڏهرڪي ۾ سنڌي ادبي سنگت جو بنياد ١٧٢
١. جميل احمد سومرو ٢. محمد بخش (ملزم) سومرو ١٧٤
٣. محمد دين راڄڙي ۴. عبدالغفار (غفار شيخ) ١٧٥
۵. غفار سومر ٦. سرور سنڌي ٧. شيراز چانڊيو ١٧٦
٨. پريم پتافي ٩. فدا ملڪ ١٠. عاشق راڄڙ ١٧٧
١١. منظور بيدار، ١٢. جي ايم لاڙڪ ١٧٧
١٣ زاهد بنگر ١۴. زاهد علي پتو ١۵. مسافر پتافي ١٧٧
١٦. نوبت ناز ڏهر، علي حسن خاڪي سومرو ١٧٩
ڏهرڪي جون امام بارگاهون ١٧٩

**ناليوار شخصيتون**

ڊاڪٽر ظفر پتو جو خانداني پسمنظر ١٨٠
رضا محمد مهر پائي خان جو ١٨٢

**رانديون (اسپورٽس)**

محمد يونس پٺاڻ نيشنل باڪسر ١٨۴
پراڻيون ۽ نيون رانديون ١٨۵
ميان رفيق احمد جيپ ريسنگ گن شوٽنگ ١٨٦
پرچونڊي جا شهزادا جيپ ريسنگ ١٨٧
ڏهرڪي اباوڙو ۾ ڪرڪيٽ جي راند ١٨٨

**ايڊمنسٽريشن**

اسسٽنٽ ڪمشنر ڏهرڪي جا فرائض ١٨٩
مختيارڪار ۽ تپيدارن جا فرائض ١٨٩
ڏهرڪي پوليس اسٽيشن، ٽائون ڪاميٽي ڏهرڪي ١٩٠
**سنعتي ادارا** ايسو ڪان اينگرو ڪارپريشن ٽائين ١٩١
ماڙي گيس ڪان ماڙي انرجي ٽائين ١٩٢
پاڪ عرب انجنيئرنگ ١٩٣
ڏهرڪي پريس ڪلب ڏهرڪي ۽ صحافي ١٩۴
ايڊووڪيٽ نظام الدين سميجو ١٩۵
ڏهرڪي جا ناليوارا وڪيل ۽ سينئر وڪيل ٢٠٠
ياور عباس چغتائي، غلام مصطفي شر (ماڙي اينجري) ٢٠٠
ڏهرڪي جي سبزي منڊي

# فهرست


لطف الله پٽو ۲۰۱
سردار مٺڻ خان سومرو ۲۰۴
ڪائونسلر ٽائون ڪاميٽي نياز احمد دايو ۲۰۵
حاجي عبدالرشيد ملڪ (دي ليب) ۲۰۶
مير محمد ملڪ (علي ليب) ۲۰۸
فيض محمد ملڪ (الفيض هوٽل) ۲۱۰
بشيرا حمد وڙائچ ۽ انور وڙائچ (ڊان هوٽل) ۲۱۱
ڏهرڪي جا انمول ماڻهون ۲۱۲
غريب نواز علوي ۽ علوي برادري ۲۱۳
پراڻي دور جون پرنٽنگ پريسون ۽ تاريخي پڙاهه ۲۱۴
آثار قديم وڄٽوٽ ۲۱۵
سنڌ ريسرچ لائبرري ڳوٺ غلام علي ڏهر ۲۱۷
ٻرهڙو پڪي ميربحرن جو قيمتي واپار ۲۱۷
ڏهرڪي جو پراڻو حسن تاريخي کوهه ۲۱۸
ڏهرڪي ۽ ريتي ۾ ڪورين ۽ موچين جو اوائلي ڪم ۲۱۸
ڏهرڪي ۾ ڦوٽوگرافي جي شروعات ۲۱۸
ڏهرڪي تعلقي جو نهري نظام ۽ پراڻي دور جي زراعت ۲۱۹
ڏهرڪي ۾ ڪاڌي پيتي جا روايتي طعام: ۲۲۰
ڏهرڪي جا مشهور ڪوپر جا چانور چولا ۲۲۰
ماڪيٽون، جنسون ۽ خريداري جو سامان ۲۲۱
ريڊيو ٽي وي جو ابتدائي دور ۽ رفيق احمد گهنجون ۲۲۲


## تعليمي ادارا


گورنمينٽ (مين) پرائمري اسڪول ۲۲۳
گرلز مڊل اسڪول امير بخش محلو ۽ ٽي سي ايف ۲۲۳
گورنمينٽ سنگل سيڪشن بوائز هاءِ اسڪول ۲۲۴
گورنمنٽ (پراونشلائزڊ) ڪيمپس هاءِ اسڪول ۲۲۵
گورنمنٽ گرلز هاءِ اسڪول ۲۲۶
گورنمنٽ بوائز ڊگري ڪاليج ۽ گرلز ڊگري ڪاليج ۲۲۷
نور سحر اسڪول، سهارا هائي اسڪول جونگ ۲۲۸
ٽيڪنيڪل ٽريننگ ڪالج (ٽي ٽي سي) ۲۲۸
استاد عبدالقدير ڪانجون ۲۲۹
عبدالمجيد ڪانجون، فقير بخش علي (رهڙڪي) ۲۳۰
ملڪ شريف ڪالوني جا غوري ملڪ (سنڌي مهاجر) ۲۳۱
درگاهه زين العابدين شاهه بخاري ۽ چاندڻ شريف درٻار ۲۳۳
حضرت بهاءُالدين بهائي پتافي، ڳوٺ ڪوٽلو مرزا ۲۳۴
شر قبيلي جو تاريخي پسمنظر ۲۳۵
ميرن جو ڪوٽ ڳوٺ نئون ڪوٽ، ڳوٺ سائينڏنو ملڪ ۲۳۷
مرحوم استاد گلشير ملڪ، مصطفي آباد ڪالوني ۲۳۸
پوٽار غلام محمد لاڙڪ، صديق ڪالوني ۲۳۹
ريتي شهر تاريخ جي آئيني ۾ ۲۴۰
ڳوٺ ڄام مهراب خان سميجو ۽ شخصتون ۲۴۱
چٽي مسجد جي تاريخ ۽ خدمتون ۲۴۲
چٽي مسجد جي ڀرپاسي جا ڳوٺ، گاسليٽ تي هلندڙ ٻتيون ۲۴۳
ڳوٺ امير بخش سومرو ۽ سومرا برادري ۲۴۴
ڏهرڪي جي دايا برادري ۲۴۸
قديمي شهر رهڙڪي جو مختصر تاريخي پسمنظر ۲۵۰
چوڌري عبدالرزاق جي زندگي جو مختصر جائزو ۲۵۱
راڄڙي قبيلي جي سرداري ۽ تاريخي پسمنظر ۲۵۲
ڏهرڪي ۾ سنڌ پنجاب گڊز ٽرانسپورٽ پراڻا اڏا ۲۵۳
ڏهرڪي جو پيا ذات ۽ ڳوٺ ۲۵۴
عظيم ڪالوني جي مختصر ۽ جامع رپورٽ ۲۵۴
ڏهرڪي جو پٽا قبيلو، شخصيتون ۽ ڳوٺ ۲۵۵
ڊريم لينڊ سينما -ڏهرڪي جي ثقافتي اوج کان زوال تائين ۲۵۵
ڳوٺ ٻاگو پٽو ۲۵۶
فتح پور مهر جو عروج ۽ زوال خصوصي رپورٽ ۲۵۸
ڏهرڪي جا هاءِ پروفائل قتل ۲۵۹
واحد بخش مهر، استاد الهورايو مهر، وزير احمد مهر ۲۶۰
افضل الحق مهر، غلام مرتضي مهر ۽ ٽگ ڊان گولو ۲۶۱
تعلقي ڏهرڪي ۾ پير سائين پاڳاري جون دعوتون ۲۶۲
پرهياڙ قبيلو ۽ خليفو فقير غلام قادر پرهياڙ ۲۶۳
ڳوٺ جان محمد ٻگهيو ۲۶۵
ڪريم بخش پٽو، ڪرم علي خان لغاري ۲۶۶
پراڻو مواصلاتي نظام ۲۶۶
جونگ ڪالوني مدرسه حنفيه رحمانيه حفظ القرآن ۲۶۷
عبدالڪريم چنا، محمد رفيق چنا ۲۶۸
سرمست ڊراميٽڪ سوسائٽي ۲۶۹
ڏهرڪي جو فن ۽ فنڪار ۲۷۰
غلام فريد، محمد حسين لباڻو ۽ ڏهرڪي جا ميربحر ۲۷۲
تعلقه اسپتال ڏهرڪي تي هڪ تفصيلي جائزو ۲۷۳
ڊاڪٽر نيلوفر، حڪيم منومل، سيد امان الله شاهه ۲۷۴
ڊاڪٽر ارجن داس گوئنداڻي، عبدالرحيم ڪلهوڙو
ڏهرڪي جي صراف بازار ۽ پٺاڻ سونارا فيملي جو احوال ۲۷۵_۷۶
منهنجي زندگي جو احوال!!! منهنجي اولاد منهنجو سرمايو ۲۷۷

# فهرست


**تاثرات**

**مهاڳ** ۱

**مصنف جو تعارف** ۲

ڏهرڪي جو تعارف ۴

**ڏهرڪي جا اصل وارث ڏهر** ۵

ڄام پنيو خان ڏهر جي خانداني سياست ۶

ڄام منير احمد خان ڏهر ۶

ڄام مهتاب حسين خان ڏهر ۷

ڏهرن جو شجرو ۸

ڄام شفن خان ڏهر ۸

ڏهرن جي خانداني ۽ بنگلي جي تياري ۹

خان بهادر محمد نواز خان ڏهر، مئجسٽريٽ جا اختيار ۹

امان سرڪار بيبي ۱۰

امان گل بيبي ۱۰

ڄام قادرداد عرف سانول خان ڏهر ۱۰

ابوالخير جي نائين پيڙي تائين جا وارث ۱۱

ڄام جاويد احمد خان ڏهر ۽ ڄام جميل احمد خان ڏهر ۱۲

ڄام سانول خان ڏهر جي نائين جو شجرو ۱۳

ڄام جاويد ۽ ڄام جمشيد ڏهر جون تصويري يادون ۱۴

ڄام احمد يار خان ڏهر ۱۷

ڄام ظفرالدين خان ڏهر ۱۸

ڄام عبدالستار خان ڏهر ۱۹

ڄام عبدالغفار خان ڏهر ۱۹

ڄام عبدالجبار خان ڏهر ۲۰

ڄام وسيم احمد خان ڏهر ۲۱

ڄام شاهد خان ڏهر ۲۳

جامع مدني مسجد ۲۳

ڄام زاهد خان ڏهر ۲۴

شجرو ڄام احمد يار خان ڏهر ۲۶

ڄام فهيم خان ڏهر جي زندگي جو مختصر حوال ۲۷

خان صاحب حافظ محمد سليمان خان ڏهر ۲۹

**ڏهرڪي تي هڪ نظر**

ڏهرڪي جو ۱۹۶۰ جون شخصيتون ڪان ۳۱

سال ۲۰۲۵ جي ترقي يافته ڏهرڪي ۳۳

**خانقاهه عاليه قادريه پرچونڊي شريف**

**۽ پرچونڊي جا شهزاده**

حضرت سورهيه بادشاهه جون دعوتون ۳۴

بادشاهي / بادشاهڻ سڙڪ جو پسمنظر ۳۵

حضرت سيد حسن شاهه جيلاني سوئي شريف ۳۶

حضرت حافظ محمد صديق رح ۳۷

سجاده نشين حضرت پير عبدالخالق القادري ۳۸

سجره حضرت حافظ الملت حافظ محمد صديق رح ۴۰

ميان نظر محمد آف پرچونڊي شريف ۴۱

ميان شفيق احمد آف پرچونڊي شريف ۴۱

ميان منظور احمد قادري آف پرچونڊي شريف ۴۲

**شخصيتون**

سردار نور محمد خان ۽ خالد احمد خان لنڊ جي سياسي زندگي ۴۳

فقير عبدالحق المروف ميان منو ۴۴

سردار احمد علي خان پتافي جي زندگي جو سياسي سفر ۴۶

سردار عبدالرب خان ۽ سردار باري خان پتافي ۴۷

سردار نادر اڪمل خان لغاري جو سياسي سفر ۴۸

حضرت پير ميان عبدالمنان ۽ پير ميان رضا رحيم ۴۹

ڄام عبدالفتاح سميجو جي زندگي جو مختصر جائزو ۵۱

عبدالفتاح سميجو لا ڪاليج جو بنياد ۵۲

الفتح ٽرسٽ ۵۳

پروفيسر شيخ محمد فاضل ۵۴

پروفيسر محمد اسمائيل سومرو ۵۶

ڊاڪٽر صاحب خاتون سومرو ۶۰

محمد واجد علي سومرو ۶۱

پروفيسر محمد پنهل ڏهر تاريخي محقق ۶۲

مير حسان الحيدري چانڊيو ۶۳

تعليم دان استاد عبدالرشيد پٽو ۶۴

استاد عبدالحفيظ پٽو ۶۴

ڏهرڪي جا خاموش هيروز ۶۴

تعليمي ماهر استاد ارباب علي ٻرڙو ۽ احمد علي ٻرڙو ۶۵

استاد پير محمد سومرو ۶۶

ڏهرڪي جي سورمي ماريه سومرو ۶۶

مانوارو سائين پيارا لال ۶۷

ايڊوڪيٽ عطاء الله پٽو ۶۸

# فهرست


اوائلي دور جا جديد هشيار ٦٨
جستس رٽائرڊ عبدالرشيد ڪلوڙ ٦٩
ايڊوڪيٽ محمد الياس پٽو ٧٠
ايڊوڪيٽ عبدالغفار پٽو ٧٠
ايڊوڪيٽ سليم اختر ملڪ ٧١
ڊاڪٽر غفور بخش قريشي ٧٢
استاد غلام قادر لاڙڪ ٧٣
استاد گامڻ شر ٧٤
مولوي خير محمد پٽو ٧٤
عبدالحڪيم مهر جون تعليمي خدمتون ٧٥
ڊاڪٽر صدورو ناز ڪيريو جون تعليمي خدمتون ٧٦
مختيارڪار اشرف علي پتافي ٧٧
الهڏتو خان شر ڊپٽي ڪمشنر ٧٨
الهرکيو خان شر ٧٨
خادم حسين شر آفيس اسسٽنٽ آف اسسٽنٽ ڪمشنر ٧٩
حاجي پير بخش پٽي ٨٠
حاجي اعجاز احمد پٽي چيئرمن يوسي سوئي شريف ٨١
الفتاح ماڊل ٽائون ڏهرڪي (ايڊورٽائيزمينٽ) ٨٣
ڄام عبدالستار خان سميجو ٧٤
يادگار تصويرن ڄام عبدالواحد سميجو ٨٥
ڄام شير افگن سميجو ميمبر ضلع ڪائونسل ٨٦
حاجي احمد خان سخيجو ۽ حاجي مٺا خان مهر ٨٨
حاجي دادن خان مهر سياسي شخصيت ٨٩
چيئرمن منير احمد خان مهر ٩٠
ڏهرڪي فلور مل (ايڊورٽائيزمينٽ( ٩٢
مرحوم حاجي عبدالستار شر ٩٣
اخترحسين لغاري، جلال خان ۽ منظور احمد خان لغاري ٩٤
اختر حسين لغاري اسڪولز (ايڊورٽائيزمينٽ) ٩٥
استاد غلام نبي پٽو ۽ صحافي علي حسن پٽو ٩٦
شهيد محمد اسلم ٻرڙو ٩٧
شمس الدين سومرو (ماڙي اينجري) ٩٧
مولوي محمد يونس مهر ٩٨
مولوي مولا بخش سڪندري ٩٨
ايڊوڪيٽ الطاف حسين چغتائي ٩٩
فرينڊز ويلفيئر سوسائٽي ٩٩
ذاڪر حسين چغتائي ڪيلي گرافر ١٠٠
پينٽر ڪان پينافلڪس ٽائين ١٠١
ايڊوڪيٽ الطاف علي ٻرڙو ١٠٢
ڏهرڪي شهر جا امير ماڻهو ١٠٢
مرحوم قاضيِ غلام حيدر ١٠٣
قاضي ارشاد احمد ميمبر ضلع ڪائونسل ١٠٣
گلوڪار عمران علي سومرو ١٠٤
چوڌري عبدالحق آرائين ١٠٥
چوڌري اڪرام الحق آرائين ١٠٥
چوڌري محمد طارق آرائين مدينہ آئرن اسٽور ١٠٦
چوڌري محمد عارف آرائين ڪائونسلر ٽائون ڪاميٽي ١٠٧


## هندو سکہ شخصيتون ۽ ميگهواڙ


هندو ڌرم جا انمول انسان ١٠٨
ڏهرڪي هندو پنچائت ١٠٩
هندوء سک ڌرم جون درٻارون ۽ پاٺشالائون ١١١
پچ رهڙڪي صاحب سنت سترام ڌام ١١١
ڀڳت ڪنور رام جي زندگي جو مختصر احوال ١١٢
ستگرو سائين ساڌ رام صاحب جي زندگي جو الهامي سفر ١١٣
گردواره بابا نانڪ شاه ڏهرڪي جو تعارفي جائزو ١١٤
ڀائي تارا سنگھ سک اڳواڻ ١١٥
مکي ڊاڪٽر رميش لال رامچنداڻي ١١٦
مکي جئہ پرڪاش رامچنداڻي ١١٧
سيٺ مهيش ڪمار تلريجا، ڊاڪٽر درشن، ڊاڪٽر سنيتا ١١٨
سيٺ روشن لال پنجواڻي ١١٩
ڪرشن نگر ڪالوني ڏهرڪي جو بنياد ١٢٠
مکي منو مل ۽ مکي يڌشٽر لال ڪٽاريہ ١٢١
مکي انيل ڪمار بترا ١٢٢
مکي راجڪمار تلريجا ١٢٣
ڊاڪٽر شيڪ رام پنشي ١٢٤
ڊاڪٽر منوهر لال ١٢٦
ڊاڪٽر مڪيش ڪمار سچواڻي ١٢٧
شنڪر لال تلريجا سماج سيوڪ ١٢٨
استاد ٺاڪر لال ڇاٻڙيا ١٣٠
مکي ڪيلاش جوت ڇاٻڙيا ١٣١
سيٺ منوج ڪمار ڪٽاريا ايس ايس ڊي بيڪري ١٣٢
ڊاڪٽر ڪرشن نهال ١٣٣
ڊاڪٽر پرمانند ١٣٤

# تاثر

هي ڪتاب ”ڏهرڪي تاريخ جي نظر ۾“ هڪ اهڙو شاهڪار تاريخي دستاويز آهي، جنهن ۾ ڏهرڪي شهر سان گڏ ان جي چوڌاري شهرن ۽ ڳوٺن جي ناميارين شخصيتن جون سوانح عمريون درج ٿيل آهن. انهن نامور شخصيتن جي حياتين جا خاڪا نهايت تفصيل سان انهن جي شايان شان بيان ڪيا ويا آهن.

ماڻهو سڀ نہ سهڻا پکي سڀ نہ هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ اچي بوءِ بهار جي

جي مصداق هن شاندار تاريخي ڪتاب ۾ ڏهرڪي شهر ۽ ان جي پسگردائي جي مشهور شخصيتن جي زندگي جو پيرائيتو احوال انهن جي نامياري زندگي جي بهترين عڪاسي ڪري ٿو.
سنڌ جي نامياري مفڪر علامہ آءِ آءِ قاضي فرمايو آهي تہ "تاريخ جا نشان خدا جا نشان آهن انهي ڪري آثار صناديد مٽائڻ ڪفر آهي" هن تاريخ جي ڪتاب ۾ جن ناميارين شخصيتن جي حياتين جو احوال لکيو ويو آهي سو سورنهن آنا سچ آهي جنهن جي پڙهڻ سان انهن جو ايندڙ نسل فخر سان ڇاتي سگهندو تہ سندن بزرگن جون زندگيون نئين نسل لاءِ مشعل راه آهن ۽ انهي احوال پڙهڻ کان پوءِ سندن زندگين ۾ انقلاب اچي ويندو.

ڏهرڪي تاريخ جي نظر ۾ هڪ اهڙو ڪتاب آهي جيڪو اسان جي ايندڙ نسلن کي ثبوت پيش ڪندو تہ سندن جا بزرگ سونهري حياتي گذاري ويا. انهن جي نقش قدم تي اهي ايندڙ نسلون هلي پنهنجيون قيمتي زندگي سڦليون ڪن. هي ڪتاب نہ صرف تاريخ جو دستاويز بلڪ پندنامو آهي جيڪو اسان جي ايندڙ نسلن جي رهنمائي ڪندو. هي ڪتاب سونهري اصولن جي هڪ ڪاڻ آهي جيڪا اسان جا لائق ۽ فائق بزرگ اسان لاءِ ۽ اسان جي ايندڙ نسل لاءِ ڇڏي وڃي رهيا آهن تہ جيئن سندن ايندڙ نسلون هن ڪاڻ جي سونهري اصولن تي هلي پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ سنهري سرمايو ڇڏي وڃن.

خير انديش
پروفيسر محمد اسماعيل "منصور" سومرو ڏهرڪائي

# تاثر

ڪتاب جي باري ۾ چند سٽون محمد رمضان پيرزادو صاحب ڍهرڪي جو اصل ويٺل ڳوٺ جهان خان ضلع شڪارپور آهي هن کي ڍهرڪي مســــقل طرح لڏي اچڻ ۽ رهائش پذير ٿيڻ کي اٽڪل چاليهه سال ٿيا آهن. جڏهن شروع ۾ هن ڍهرڪي ۾ رهائش اختيار ڪئي ته ڪيس هڪ پريس جي مالڪ طور ســــڃاتو ويندو هو. بعد ۾ خبر پيئي ته هي صحافت سان به وابسط آهي.

محمد رمضـــان صاحب پيشـــي جي لحاظ کان هڪ محنتي ۽ هر دلعزيز صحافي آهي, هن ڍهرڪي ۾ رهائش دوران ٿوري ئي وقت ۾ دوستن جو وسيع حلقو تيار ڪري ورتو. هي هڪ خوددار ۽ ملنســـار ماڻهون آهي جنهنڪري هن جا سيني دوستن ۽ ٻين ماڻهن سان خوشگوار ۽ بهترين تعلقات آهن. سال کن اڳ جڏهن هڪ جو ضلع گهوٽڪي تي ترتيب ڏنل انگريزي ڪتاب " "GHOTKI AT A GLANCEشـــايع ٿي آيو ته' تڏهن خبر پيئي ته هن جو صـــحافت سان گڏ ادب سان به سٺو تعلق آهي. هوئنئن به صحافت, ادب جو ئي هڪ شعبو آهي. ادب سان تعلق هجڻ ڪري راقم سان به دوستي وارو تعلق رهيو آهي, ڪيترا ئي پيرا لائبرري ڏسڻ ۽ ذاتي طرح سان راقم به هن سان وقت بوقت ملندو رهندو آهـي ۽ ڪچهـري ڪندو رهندو آهـي. خاص طور تـي ان وقت کان جڏهن هن ڍهـرڪـي جـي باري ۾ هـي ڪتاب "ڍهرڪي تاريخ جي نظر ۾ لکڻ شـــروع ڪيو. هي انهي ڪتاب جي لکڻ دوران ڪتاب لکڻ ۽ ان جي مواد جي باري ۾ صلاح مشوري لاء ايندو رهيو يا پاڻ وٽ گهرائيندو رهيو. ياد رکڻ گهرجي ته ڍهرڪي جي باري ۾ ترتيب ڏنل سندس هي ڪتاب, ڍهرڪي جي تاريخ ۽ ٻي چاڻ متعلق ڪو به ٻيو ڪتاب لکيل نه آهي. جنهنڪري ڍهرڪي جي باري ۾ ڪتاب لکڻ جو پهريون اعزاز هن کي حاصـل ٿيو آهي. هي پهريون شـخص ۽ پهريون ليکڪ آهي, جنهن ڍهرڪي جي باري ۾ پهريون ضعيم جتاب تيار ڪري ڍهرڪي جي عالمن اديبن ۽ ٻي عوام آڏو پيش ڪيو آهي.

هن ڪتاب ۾ ڍهرڪي جي سياسي, سماجي, ثقافتي, ادبي, مذهبي ۽ تاريخ هي باري ۾ تمام گهڻو قيمتي ۽ ناياب مواد ســـهيڙيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ ڍهرڪي ســـان گڏ دس پر پاســـي جي ٻين ننڍن وڏن ڳوٺن ۽ تعلقي اٻاوڙو ۽ تعلقي ميرپور ماٿيلو جي سياسي سماجي ۽ تاريخ متعلق به ڪافي چاڻ ڏني ويئي آهي.

پروفيسر محمد پنهل ڍهر

# تاثر

”ڍهرڪي تاريخ جي نظر ۾“ هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جيڪو ڍهرڪي جي ماضيءَ، ماڻهن ۽ مٽيءَ سان محبت جو جيئرو ثبوت آهي. هي صرف تاريخي حوالن جو مجموعو نه، پر پنهنجي ڌرتيءَ سان سچائيءَ سان نپايل جذباتن جو اظهار آهي. رمضان پيرزادو ان ڪتاب ذريعي نه رڳو تاريخي حوالن کي محفوظ ڪيو آهي، پر هڪ سماجي شعور ۽ علمي فڪر جو پيراهو به ڏنو آهي.

ڪتاب ۾ ڍهرڪيءَ جي ماڻهن، انهن جي زندگيءَ، تحريڪن، تهذيب، ثقافت، علم، تعليم ۽ مذهبي مرڪزن جي حوالي سان جيڪا معلومات ڏني وئي آهي، اها نه رڳو پڙهندڙن کي ماضيءَ سان جوڙي ٿي، پر حال کي سمجهڻ ۽ مستقبل لاءِ سوچڻ جي سگهه به ڏئي ٿي.

رمضان پيرزادو جي تحقيق، مشاهدن ۽ لکت مان اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو ته هو پنهنجي علائقي، ماڻهن ۽ انهن جي ورثي سان انتهائي محبت رکي ٿو. هن تڪليفن باوجود جيڪو ڪم سرانجام ڏنو آهي، اهو قابلِ واکاڻ آهي. وسيلن جي کوٽ، ادارن جي بي حسي، ۽ وقت جي اڻهوند باوجود هو پنهنجي مشن تي قائم رهيو، جيڪو ثابت ڪري ٿو ته جيڪڏهن نيت صاف هجي ته ڪا به رڪاوٽ رستو نٿي روڪي سگهي.

”ڍهرڪي تاريخ جي نظر ۾“ پڙهندڙن لاءِ رڳو علم جو ذريعو نه آهي، پر اها روشني آهي، جيڪا نون نسلن لاءِ فڪر، سوال، سڃاڻ ۽ سچ جي واٽ هموار ڪري ٿي. رمضان پيرزادي جو هي ڪارنامو ڍهرڪي لاءِ هڪ تحفو آهي، جنهن تي نه رڳو علائقي جا ماڻهو، پر پوري سنڌ فخر ڪري سگهي ٿي.

مان ڪيس دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو ته هن پنهنجي مٽيءَ سان سچائيءَ، احساس ۽ شعور سان محبت جو اظهار ڪري هڪ تاريخي ذميواري نڀائي آهي.

ايڊووڪيٽ ڄام عبدالفتاح سميجو
مرڪزي سينئر نائب صدر – سنڌ ترقي پسند پارٽي

# تاثر

کَرِ کِٽا لاهي سُک مَ سُتا کَڌهين

سنڌ سونهاريءَ جي شهر، ساهه سيباڻو ڳوٺ جهان خان، مان اڄ کان چاليهارو سال اڳ، جوانيءَ جي لهندڙ سج جي پاڇن جهڙي وَهيءَ ۾ روزگار سانگي وِک کٽي هٽ پهتو. يعني ليبرن جي ڌرتيءَ تان قدم کڻي اتر سنڌ جي تَتل ڌرتيءَ تي قدم رکيائين. هتان جي سرداري نظام، پيراڻين گادين ۽ عوامي محبتن کيس صحافت جي کيتر ۾ پاڻ موکڻ تي مجبور ڪيو. اهڙي طرح هن پنهنجي سماجي ڪمن جي شروعات صحافت جهڙي مقدس پيشي سان جيءُ جوڙي ڪئي.

صحافت جي هن سفر ۾ اوچي ڳاٽ بيهڻ ڪري سندس هن علائقي ۾ هر مکتبِ فڪر جي ماڻهن سان ڏيٺ ٿي. هن عوام جي بنيادي مسئلن تي قلم کڻي انهن جي حل لاءِ ايوانن ۾ ويٺل حڪمرانن ۽ ٽڪ جي چونڊيل اميدوارن جو ان طرف ڌيان ڇڪايو ته، اهڙن ڪمن سبب عوام جي دلين ۾ پيهي ويو. پورهيت طبقي جي حقن جي ڳالهه ڇٽي ڪري چئي _ لکي ته، عوام کيس اڻ مَيون محبتون آڇڻ لڳو. جن عوامي محبتن هن کي هميشـــــ لاءِ هن مٽيءَ (ڏهرڪي) جو بڻائي ڇڏيو. پاڻ به شهر سان پنهنجي باقي زندگيءَ جو سُہند جوڙي _ اِتي آستانو اڏي ڇڏيائين. صحافتي سفر ۾ حادثاتي، واقعاتي، سياسي، سماجي، سماجي خبرن ۽ اهم اسٽورين کانپوءِ هن ڪالم ۽ ڪتاب واري واٽ ورتي. لکڻ جي عشـــــق هڪ ڏهاڙي کيس 'ضلعي گهوٽڪي' جي تاريخ سهيڙڻ تي اچي بيهاريو. جيڪو ڪم هن لاءِ هيو ته مشڪل پر سسئيءَ جي سفر جيان مشڪل جا سپ لَڪَ لتاڙي چڙهيو. ٿوري ئي عرصي ۾ هن ڪاهوڙيءَ سنڌي ادب ۽ تاريخ جي ميدان ۾ اهڙو جامع ۽ خوبصـــــورت ڪتاب: "گهوٽڪي جو منظر نامو" آڻي اسان جي هٿن ۾ ڏنو. جنهن اسان کي به حيران ڪري وڌو. سنڌ جي جديد تاريخ جي فهرست ۾ اضافو ۽ ساهه ۾ سانڍڻ جهڙو ڪتاب جيڪا سندس پهرين مُراد هئي.

پهرين مُراد کانپوءِ سندس عشق ۾ ويتر اضافو ٿيو. سنڌ ۽ علائقي جي عوام به کيس اهڙي سهڻي ڪم تي مانائتي موٽ سان به اُتساهه ڏنو. اهڙي موٽ کانپوءِ سندس مَن اندر جي ڪيفيت به شاهه جي سٽ: "ويهڻ مون نه وڙاءُ " جهڙي ٿي پئي. هن ڏهرڪي شهر جي دز لَٽيل تاريخ کي جهونن ، بزرگن ۽ اڏوهي کاڌل ڪتابن مان چنڊي ڇاڻي نه رڳو ڪڍي پر، انهن کي چنڊي ڦوڪي سهڻو بڻائي سوني تاج جيان سجائي عوام اڳيان هن ڪتاب: 'ڏهرڪي منظر نامو' جي صورت ۾ پيش ڪئي. جنهن تي ڪيرون لهڻي. محمد رمضـــان پيرزادو، صحافت جي دنيا کان سفر ڪري تاريخ ۽ تحقيق جي دنيا جو راهي بڻيو اهو سڄو عشـــق جو ڪمال آهي. جيئن "عشـــق نچاوي گلي گلي ..." ائين هي ڪاهوڙي صحافي شهر 'ڏهرڪي' جي تاريخ سهيڙڻ جي عشـــق ۾ شهر، واهڻ ، وستيءَ جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ڳوٺن جا چارا ۽ شهر جا چوڪ پيرين پنڌ گهميو. پين پَنو ڪٺي هر ماڻهوءَ ، پَڪي پوڙهي ســـان ڪچهريون ڪري معلومات گڏ ڪئي ۽ ڪجهه مدد نيٽ تان ورتي اٿس. ان جي تصديق خاطر تاريخ ۽ تحقيق جي پارکن سان مشوره ڪري ان جي اصلاح ڪرائي، اکر اکر کان ويندي ننڍي وڏي واقعي بابت مليل معلومات تائين ان تي پنهنجي سوچ ۽ سمجهه آهر محنت ڪئي اٿائين. هي اَٽ ڪانو ڪم آهي جيڪو هڪ ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهه ناهي پر، هن محنت پلي ڪئي آهي. سندس آخر تائين اها ئي ڪوشش رهي ته ڪٿي ڪا شئي رهجي نه وڃي. تنهن جي باوجود به ڪافي ڪجهه رهجي به ويو هوندو ته ان جي مٽس ڪا ميار ناهي. چو ته هي شهر 'ڏهرڪي' تي آخري شهپارو ناهي. هي ڪتاب ايندڙ محققن کي بنيادي معلومات ميسر ڪري ٿو ۽ جامع ڪم لاءِ اُتساهه ڏئي _ ڏس ۽ ڳس واري رهنمائي ڪري ٿو.

هي ڪم فردن جو نه پر ادارن جو آهي. جيڪو ڪم صحافي محمد رمضان پيرزادي ڪيو آهي. جنهن ۾ سندس سٽ، مواد جي سهيڙ کان ڪتاب جي سونهن سوڀيا تائين مدد ڪئي آهي. پر پوءِ به جوڪم جهڙو ڪم هٿ ۾ کڻي ان تي دل جهلي اهڙو ڪم ڪرڻ تي جس لهڻي. ڪتاب: "ڏهرڪي منظر نامو" سندس پيار جو پورهيو ۽ محنت جو ڳالهائيندڙ ثبوت آهي. هاڻ هن کي سُک ڪٿي ٿو اچي _ عشق _ ورچي ويهڻ ڪيئن ڏيندو. وري ڪو نه ڪو ٻيو تاريخي ڪم هٿ ۾ کڻندو. جنهن جي اميد ڪجي ٿي.

هن جي اهڙي جاکوڙ، ڀٽائي صاحب جي هنن سٽن جهڙي آهي:

کَرُکٽا لاهي سُکُ نه ، سُتا کَڌهين،
اوسِيڙو آهي، ڪاهوڙِيُن کي پَنڌ جو. (شاهه)



مولائي ملاح (ڪراچي)

# منهنجي زندگي جو احوال!!! ـ منهنجي دولت منهنجو سرمايو منهنجي اولاد!

منهنجو نالو: محمد رمضان پيرزادو، والد جو نالو: ميان محمد ڪامل، ڏاڏي جو نالو: ميان عبدالله ذات: هاشمي قريشي پيرزادو منهنجي ڏاڏي کي هڪ پٽ ميان محمد ڪامل ۽ هڪ ڌيءَ جو اولاد هو. هن ٽي شاديون ڪيون آخري شادي "محمد حسن پيرزادو جيڪو منهنجو نانو" تي جي نياڻي آمنه سان ڪئي ۽ هڪ ڌيءَ جي اولاد هئي، منهنجي پڦي جو نالو لال خاتون هو. جيئن منهنجي ڏاڏي کي هڪ پٽ هو ائين ئي منهنجي والد صاحب کي به هڪ پٽ جنهن جو نالو محمد رمضان رکيو ۽ به ڌيئر مختيار خاتون ۽ عائشه بي بي آهن. ٻالڪپڻ بعد تاريخ ٢٤ اپريل ١٩٨١ع ۾ منهنجي شادي وارث ڏنو خان جي ڌيءَ قائم خاتون سان ڪرائي ويئي. ائين منهنجي جوڀن جواني جو شروعاتي تاج محلي سفر ڳوٺ جهان خان ۾ گذريو. مونکي ٻين ٻارن جي ولادت ياد ڪونهي پر منصور جي ولادت ياد آهي ته ١٨ سيپٽمبر ١٩٨٢ع تي مونکي فجر کان پهريان عصر وقت شب بيداري جي نند مان اٿاريو ويو ته وڄي "ماسي مرادي" جيڪا ڳوٺ جي سياڻي دائي هئي، کي وٺي اچو. ڳوٺ ۾ چوراڪاري ۽ ڪتا گهڻا هئا. مون پنهنجي سالي عبدالغني پيرزادو جنهن ڪهاڙي هٿ ۾ ڪنئي "منهنجو سهرو ڪاڪو مڙس هو ۽ هر وقت ڪٽ جي ٽانگهه ۾ پيرن وٽ بهترين هڪ ڪهاڙي جيڪا هن شوق سان ٺهرائي هئي. ڏسڻ ۾ ڪنهن تيز ترار کان گهٽ نه هوندي هئي" منهنجي سالي ڪنئي. رات جو ڳوٺ ۾ ٻاهر نڪرڻ جو پهريون دفعو هو ماڻهن ۾ چورن جو خوف هو، ڊڄندو ڊڄندو ماسي مرادي کي وٺي آيس. جتي پٽ جي اولاد ٿي سندس ڇٺي جو نالو منصور ڪمال رکيو، "ڪمال انڪري جو منهنجا تمام ڊاڪيومينٽ ۾ منهنجي والد جو نالو محمد ڪمال آهي" پاڻ ڪامريڊ هئا. سين ڪيس پيار ۾ "ڪوڏ" ڪوٺيندا هئا سين جنهن تي ڪجهه مذهبي ماڻهو ٺوڪيندا هئا. ڳوٺ ۾ رهائش وقت گهر جي ٻاهران تاج پيرزادو جي ننڍي کوهي هئي جنهن ڪانپوءِ نلڪو به هٽايو ويو، زندگي جا پررونق اهي نظارا به ڏسي ورتا سون. ڳوٺ ۾ مينگهو مل ۽ پارو مل جو دوڪان



هو هڪ پائي به پايون ٽڪي ۽ آني جي شيءِ ملندي هئي هڪ سو رپيا خوشقسمت ماڻهو وٽ هوندا هئا. خير منصور اجان پورو ڳالهائڻ ئي نه سکيو هو ڏيڍ سال بعد نياڻي سائره تاريخ ١٣ سيپٽمبر ١٩٨٤ تي ٿي ۽ سست پوءِ مونکي ٻي پٽ جي اولاد ١٥ آگسٽ ١٩٨٣ تي ٿي جنهن جو نالو منهنجي گهرواري مسرور رکيو ته جنهن جو نالو ناني تي حسن لڳائي مسرور حسن رکيو، ائين ڪي ڪجهه وقت بعد پٽ تاريخ ٣١ ڊسمبر ١٩٨٧ جنهن جو نالو منهنجي سهري غلام علي رکيو. منهنجو سهرو مولا علي جو شيدائي شيعو هو. ان کان پوءِ مونکي ننڍي نياڻي زاهره جي اولاد ٿي. ان وچ ۾ سال ١٩٨٥ع جي اليڪشن بعد مان ڏهرڪي هجرت ڪري آيس. ۽ آخري نياڻي زاهره جيڪا لاڏلي ٻالڪپڻ ۾ لاڏلي هئي. تاريخ ٤ آگسٽ ١٩٨٩ تي پيدا ٿي. ڏهرڪي جي نيڪ مرد مولوي خير محمد پتو ڪان مسلم ڪالوني ۾ مسواڙ ١٧٥ رپين تي جاءِ ورتي هئي پنج ئي ٻار الهواريو خان مهر اسلاميه پبلڪ اسڪول چاچڙ بازار جيڪو ان وقت نمبر ون اسڪول هو داخل ڪرايا هئا روز پنڌ وٺي ڇڏڻ ۽ وٺڻ ويندو هوس. تعليم جا مرحلا: اسلاميه اسڪول بعد شاه لطيف اسڪول ۾ داخل ڪرائي نياڻين جي نائين ڏهين گرلز هاءِ اسڪول ۽ پٽن کي ايف ايف اسڪول ۾ داخلا ڏياري. "منهنجي زندگي جو هڪ خواب هو ته منهنجو هڪ ٻار ڪميشن آفيسر ٿئي" اهي خواب سجائي مون منصور جي چوڻ ڪري ڪيس ڪراچي داخلا ڏياري، چوته فيوچر پلاننگ هڪ آئيڊيل سان ٿيندي آهي. جڏهن ته باقي ٻن پٽن کي پرنٽنگ پريس ۾ گڏ رکيو..... ڏهرڪي هجرت ڪرڻ وقت هڪ داڻس گهر جي سامان جي پري آيو هوس جنهن ۾ به ڪٽون هڪ پيتي هنڌ بسترا پڪا ۽ ٻيو سامان هو الله پاڪ رزق حلال ڏنو ڪاروبار ۾ برڪت عطا فرمائي ۽ سڀ ڪجهه عطا ڪندو ويو، سامان کان اڳ منصور کي وٺي آيو هوس. جنهن هڪ ٻاراڻي ٽن ڦيٿن واري سائيڪل ڏسي ضد ڪئي، ته مون اها سائيڪل ١٥٠ رپين ۾ ڪيس خريد ڪري ڏني. سال

١٩٩٢ ۾ سوالڪ ۾ سينما روڊ واري جاءِ خريد ڪئي. ۽ اتي ئي دوڪان آفيس قائم ڪئي ٻالڪپڻ کان ئي منصور کي ڪمپيوٽر جو شوق هو، مان ڪراچي ويس پئي ته منصور سنيري بيهي رهيو، اتي ٣٨٦ IBM ڪمپيوٽر ڏنو جيڪو جديد پئي لڳو، ڪمپيوٽر پرنٽر ٧٠ هزار رپين ۾ خريد ڪري ان ۾ سنڌي انسٽال ڪرائڻ لاءِ سيد اياز شاه کان سنڌي فونٽ خريد ڪيو ته ان کي انسٽال ڪندي منصور ڏسي ورتو ۽ اهو هنر PIK ڪري ورتو بعد ۾ هن سال ١٩٩٩ ۾ پنهنجا فونٽ متعارف ڪرايا، جنهن تي ڪيس ڪافي مڃتا ملي. منصور اسٽڊي جا مرحلا طئي ڪندي ڪراچي ۾ داخلا ورتي ۽ منهنجي خواب طرف وڌندي سسٽيڪ اداري ۽ امريڪن سينٽر ۽ هڪ سنڌ ٽي وي جي اخبار طرف رسائي ڪري ويو جتي سندس جي ڪافي تربيت مينهون خان سوز بروهي ۽ سيد صفدر شاه جي فليٽ ۾ رهي حاصل ڪئي ۽ ماڻهن کي قريب کان سمجهي ويو ۽ دنيا داري کي سمجهيو. تعليم مڪمل ڪري واپس آيو. ڏهرڪي پريس تي پهريان ڪمپيوٽر جو ڪم ڪيو بعد ۾ منصور الڳ پيپر جو دوڪان به کوليو.

بعد ۾ غلام علي جنهن پنهنجو نالو "هيرو" سان مشهور ڪيو ان دوڪان ۾ ڪمپيوٽر سنڀالي ورتو. ۽ پرنٽنگ روٽا مشين جو ڪم شروع ڪان ئي مسرور پئي سنڀاريو. ۽ دوڪان علي سنڀاريو جيڪو سلسلو جاري ساري آهي. ها هڪ پيرو ٻيهر خواب ساپيان ڪرڻ لاء مون پنهنجي ننڍي ڌيءَ زاهره کي ميڊيڪل جي انٽري ٽيسٽ ڏياري پر هوء ٻه ڪامياب نه ٿي ۽ سرڪاري ڪامورو ٿيڻ وارو منهنجو خواب چڪنا چور ٿي ويو صحافت ڪندي ڪندي زندگي جي آخري لمحن ۾ مونکي ڪتاب لکڻ جو شوق ٿيو, (گهوٽڪي هڪ نظر ۾ ڪان پوء ڏهرڪي تاريخ جي نظر ۾ اوهان جي هٿن ۾ آهي) منهنجو پيارو پريوار: مان هڪ بدنصيب شخص آهيان منهنجي بي انتها خوشي جو ڏينهن هو جنهن ڏينهن ١٨ سيپٽمبر سال ٢٠٠٧ تي منصور جي شادي رٿيل هئي جنهن جي وليمي جا ڪارڊ ٻه ورهايل هئي شادي جي ڪري تمام عزيز اقارب ڏهرڪي آيل هئا ڪراچي ڪان بارات واپس آئي ته سڌو امان سان ملڻ گهر جي مٿين پورشن ۾ ويس "امان پاڪر پائي امان سائنڻ جي قدم بوسي ڪجو اهي ٻه مٿي آيا.. امان ٿنهي کي پاڪر پائي پاڻ کي ڇڏي ڏنو ۽ ته پريشان تي ويس هڪدم امبولنس تي سکر بلب بينڪ ايمرجنسي ڊڪليئر ڪري ڊاڪٽرن ڪوشش ڪئي ۽ امان سائنڻ مونکي اڪيلو ڪري هن دنيا ۾ روئڻ لاء ڇڏي ڏنو... صبح جو ديگون تيار امان نه رهي عجيب منظر هو.... جيڪو وڏيڪ بيان نه ٿو ڪري سگهجي منهنجي وڏي پٽ منصور کي چار ٻار آهن. پهرين وڏي "علشبا" جيڪا ڪجهه ڪوتاهين سبب معذوري جي زندگي گهاري پئي ٻي نمبر فلڪ, ٽيون نمبر محمد ايان ۽ چوٿون نمبر ابيها "شوني" ٻيو نمبر سائره جنهن جي اولاد: محمد خرم ٻيو ڪشف ۽ ٽيون عمير آهن مسرور حسن جي اولاد پهرين ڌيءَ ماه نور ٻيو محمد بلال ٽيون محمد ابراهيم جيڪو ٢٠٢٥ ۾ پيدا ٿيو آهي. غلام علي جي اولاد فواد علي ٻي نياٽي مناهل آهن. زاهره جي اولاد پهرين نياٽي دعا ٻيو پٽ احمد آهن, اهو منهنجو سرمايو ۽ منهنجو مستقبل ۽ پيڙهي آهن.

## ميانجي محمد رمضان پيرزادو جو شجرو

حضرت محمد ﷺ
- حضرت عبدالله
  - حضرت عبدالمطلب
    - حضرت هاشم (پردادا)
      - [نسل ذريعي] حضرت شاه عثمان سهروردي
        - [سلسلو: جهان خان _ سکر]
          - ميان عبدالله پيرزادو
            - ميان محمد ڪامل
              - محمد رمضان پيرزادو
                - منصور رمضان
                - مسرور حسن
                - غلام علي
                - سائره
                - زاهره
              - مائي مختيار
              - مائي عائشه
            - لال خاتون

ڏاڏو ميان عبدالله پيرزادو

ميان محمد ڪامل پيرزادو

محمد رمضان پيرزادو

ڏهرڪي تاريخ جي نظر ۾ ڪتاب تي ڪم ڪندي

منصور پيرزادو — مسرور پيرزادو — غلام علي پيرزادو

محمد رمضان پيرزادو کي ٽي پٽ ١. منصور پيرزادو ٢. مسرور پيرزادو ٣. غلام علي پيرزادو ۽ ٻه نياڻيون سائره ۽ زاهره آهن
منصور پيرزادو کي هڪ پٽ محمد آيان پيرزادو ۽ ٣ نياڻيون ١. علشبا منصور، فلڪ منصور ۽ ابيها منصور آهن
مسرور پيرزادو کي ٻه پٽ ١. محمد بلال پيرزادو ٢. محمد ابراهيم پيرزادو ۽ هڪ نياٽي ماهنور مسرور آهن
غلام علي پيرزادو کي هڪ پٽ فواد علي پيرزادو ۽ هڪ نياٽي مناهل علي آهن

# ''لمحن مان لکيل تاريخ''تصويري پسمنظر ۾

ننڍي عمر جي شرارتن کان وٺي پوڙهائپ جي وقار تائين – هي آهي منهنجي زندگي جو سچو سفر.

منهنجي امان سائڻ، منهنجي جنت

۱۹۹۱ ۾ وزير اعظم نواز شريف سان اوباڙو جي هڪ ڳوٺ ۾ سوال ڪرڻ جو موقعو مليو



# "وقت جا منظر دل جي ديوار تي اڪريل"

(اهي لمحات جيڪي وقت سان وساري نہ سگهجن) تصويري پسمنظر ۾





## ايڊووڪيٽ قرات العين_حنا انور مهر قانون جي دنيا ۾ جي سڃاڻپ:

ڏهرڪيءَ جي تاريخي ورثي کي ڪتابي صورت ۾ محفوظ ڪندڙ محمد رمضان پيرزادو جي جي سڪ محبت جي ڀائٽي، سکر جي ايڊووڪيٽ قرات العين حنا انور مهر، وڪالت جي دنيا ۾ هڪ روشن نالو آهي. هن پنهنجي ڏهن سالن جي قانوني ڪيريئر دوران فيملي ڪورٽ، سيشن ڪورٽ، ۽ هاءِ ڪورٽ تائين ڪيترن ئي اهم ڪيسن ۾ پنهنجون قانوني صلاحيتون اجاگر ڪيون آهن. **ايڊووڪيٽ حنا انور** نہ رڳو پنهنجي فڪر، مطالع، ۽ عدالتي حوصلي سان سڃاتي وڃي ٿي، پر پنهنجي پيشورانہ ذميواري ۽ انصاف لاءِ جاکوڙ جي جذبي سبب بہ نمايان آهي. سندس قانوني سفر سکر ۽ ڏهرڪيءَ جي نوجوانن لاءِ همت ۽ حوصلي جو مثال آهي. سندس خاندان، خاص طور تي محمد رمضان پيرزادو ۽ انور مهر جو گهراڻو، ڪيس باعثِ فخر ۽ سڃاڻپ سمجهي ٿو.



# خانداني ڪاروبار ڪان ڊجيٽل دنيا تائين منصور پيرزادو جي زندگي جا ورق

دوست خدا تعاليٰ جي نعمتن مان هڪڙي خاص نعمت هوندا آهن. ڀاڳوند آهيون اسين جو زندگيءَ جي هن هيڏي ڊگهي سفر ۾ پيارا دوست پنهنجي نصيب ۾ آيا آهن. اهڙن ئي پيارن دوستن مان هڪڙو خاص دوست آهي منصور پيرزادو...

منصور پيرزادو اسان جي سهڻي شهر ڍهرڪي سان تعلق رکي ٿو. سچ هي به آهي ته منصور پيرزادو ڍهرڪيءَ شهر جو هڪ نرالو ناناءُ آهي.

سندس پورو نالو منصور رمضان پيرزادو ولد محمد رمضان پيرزادو آهي. سندس جنم ١٨ سيپٽمبر ١٩٨٢ع تي ڳوٺ جهان خان، ضلعو شڪارپور ۾ ٿيو. سندس والد محترم طرفان روزگار جي سلسلي ۾ ڍهرڪي شهر منتقل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو ويو. جنهن بعد اسان جو دوست منصور پيرزادو ننڍپڻ ۾ ئي باقي گهر ڀاتين ساڻ ڍهرڪي اچي والد صاحب جي چپر ۽ چانو ۾ رهيو. منصور پيرزادو جا والد صاحب پنهنجي سموري اولاد سان پيار ڪندڙ رهيا آهن پر سچ هي به آهي ته منصور پيرزادو پنهنجي بابا سائينءَ جو تمام گهڻو پيارو، لاڏلو ۽ امان سائڻ جي اکين جو تارو رهيو آهي.

سندس بابا سائين ڪيس هميشه دوستن وانگر پائيندا رهيا آهن. جن پنهنجي طاقت ڪان وڌيڪ سندس لاءِ هر قدم تي آسانيون پيدا ڪيون آهن. ائين ئي والد صاحب جي لاڏ ڪوڏ جو مزو ماڻيندڙ اسان جو منصور پيرزادو پنهنجي ڏاڏي سائڻ جو به لاڏلو رهيو آهي.

منصور پيرزادي پنهنجي ابتدائي تعليم اسلاميه ماڊل اسڪول ڍهرڪي، شاهه لطيف هاءِ اسڪول ڍهرڪي ۽ پاڪ سعودي اسڪول ميرپور ماٿيلو مان حاصل ڪئي ۽ بعد ۾ تعليم جي سلسلي ۾ ڪراچي ويا. جتي تعليم دوران سنڌ ٽي وي ۽ آج نيوز ۾ پڻ ڪم ڪيائون.

پنهجي بابا سائينءَ جي ڪاروبار ڪي هٿي ڏيڻ لاءِ ١٩٩٧ع ۾ سکر مان سائين سيد لياقت حسين شاهه جيلاني وٽان ايپل ڪمپيوٽر جي ابتدائي سکيا حاصل ڪيائون. ان ڪان پوءِ سائين اياز شاهه جي رهنمائي سان آءِ. بي. ايم ڪمپيوٽر ۾ سنڌي ٻولي لاءِ جدت آڻڻ جي سکيا پڻ ورتائون.

منصور پيرزادي مئي ١٩٩٩ع ۾ سنڌي ٻولي جا DBM سيريز نالي ١١ فونٽ تيار ڪيا ۽ پوءِ مئي ٢٠٠٠ع ۾ ڪورل ڊرا سميت مختلف عربي سپورٽيڊ پروگرامز ۾ سڌي ريت سنڌي ٻولي لکڻ لاءِ پهريون "ڪي مين" نالي ڪي بورڊ ترتيب ڏنائين، بعد ۾ جنهن جا مختلف فونٽس پڻ تيار ڪيائون.

منصور پيرزادي ٢٠٠٧ع ۾ عبدالله پيرزادي جي نياڻي سان شادي ڪئي. الله تعاليٰ ڪيس چار گلن جهڙا ٻارڙا عطا ڪيا آهن: ٽي ڌيئرون – عليشبا، فَلَڪ، ابيها ۽ هڪڙو پٽ – محمد آيان.

منصور پيرزادي لاءِ سندس شاديءَ جهڙا خوبصورت ۽ سرهاڻ ڀريا ڏينهن تڏهن انتهائي ڏکدائڪ ۽ غمن ڀريا ڏيهاڙا ٿي پيا جڏهن سندس شادي جي ٻي ڏينهن برات جي ڪراچي واپسي تي سندس پياري ڏاڏي سائڻ جي طبعيت اوچتو خراب ٿي پئي ۽ سندس بابا سائين سفر جي ٿڪاوٽ باوجود پٽ جو ڪاج اڌ ۾ ڇڏي ڏاڏي سائڻ کي سکر اسپتال ڪٽي ويو جتي هن دم ڏٽي حوالي ڪيو.

منصور پيرزادو کي پهريون اولاد هڪ نياڻيءَ جو ٿيو جنهن جو نالو عليشبا رکيو ويو. عليشبا ننڍپڻ ۾ ئي ذهني ۽ جسماني معذوري جهڙي بيماري ۾ ورتجي وئي. ٢٠١٦ ۾ سندس علاج لاءِ اسلام آباد جي بهترين ڊاڪٽرن تائين سفر ڪيائون ۽ هڪ سال جي عرصي تائين اسلام آباد ۾ زير علاج رهڻ ڪان پوءِ ڊاڪٽرن مشورو ڏنو ته ان بيماري جو ڪو به علاج ڪونه آهي اوهان واپس وڃو ته بهتر آهي. تنهن ڪري ننڍڙي عليشبا گهر ۾ بيڊ ريسٽ تي ۽ والدين جي نظرداريءَ ۾ رهي ٿي. ان وقت اسلام آباد رهائش دوران منصور سائين هڪ پياري دوست عبدالشڪور قاضي پوري هڪ سال جي هر ڪنهن ڏينهن، هر گهڙي، هر پل سندس ٻانهن ٻيلي ٿيو بيٺو ۽ سندس هر طرح جي سار سنڀار لهڻ ۽ هر ڪا سهولت موجود ڪري ڏيندو رهيو.

شادي ڪان پوءِ منصور پيرزادي ڪجهه عرصو اينگرو فرٽيلائيزرز ۾ نوڪري ڪئي، پر پوءِ پنهنجو ذاتي ڪاروبار ڪرڻ جو فيصلو ڪيائين ۽ نوڪري ڇڏڻ بعد پيپر مارٽ ۽ شادي ڪارڊ جو دڪان کوليائين.

ڪمپيوٽر گرافڪ ۽ ويب ڊزائننگ ۾ مهارت هئڻ ڪري سال ٢٠١٤ ۾ فريلانسنگ سروسز ڏيڻ شروع ڪيائين ۽ بعد ۾ ان کي ئي مستقل روزگار جو ذريعو بڻايائين ۽ هاڻي دنيا جي مختلف ملڪن جي ڪلائنٽس کي گرافڪ ڊيزائن، ڊجيٽل سروسز ۽ ٽيڪنيڪل مهارتن ذريعي پنهنجون خدمتون پيش ڪري رهيا آهن. ان سان گڏ آمريڪا جي شهر الباما جي هڪ نيوزليٽر دي لائيٽ هائوس ٽيم جو حصو آهن، جنهن لاءِ ٽيڪنيڪل سروسز مهيا ڪرڻ سان گڏ آرٽيڪلز پڻ لکندا آهن.

منصور پيرزادو سهڻي صورت ۽ سيبتي سيرت جو مالڪ آهي. زنده دل، کلمک، يارويس ۽ مهمانواز آهي.

دعا آهي رب تعاليٰ ڪيس چنڊ ستار جيڏي عمر عطا فرماءِ... آمين!!

(استاد عبدالغفار سومرو)

## مسرور پيرزادو   هڪ باوقار، محنتي ۽ باصلاحيت شخصيت

مسرور پيرزادو، محمد رمضان پيرزادي جو ٻيو نمبر فرزند آهي، جنهن جي جنم جي تاريخ ٤ آگسٽ ١٩٨٦ آهي. هن پنهنجي تعليم جو آغاز ڏهرڪي جي اسلاميه ماڊل اسڪول مان ڪيو، جتان ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين. ميٽرڪ پاڪ سعودي فرٽيلائزر اسڪول مان پاس ڪرڻ بعد، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي مان بي اي (B.A) جي ڊگري حاصل ڪيائين.

ننڍپڻ کان ئي مسرور کي پرنٽنگ پريس جي ڪم سان دلچسپي هئي. شروعات ۾ پنهنجي والد سان گڏ ڪم ڪيائين، بعد ۾ پنهنجي ڪزن عمران پيرزادي کان مشين هلائڻ جو هنر سکيو. وقت سان گڏ هن پاڻ کي والد جي ڪاروبار جو مضبوط ساٿي ثابت ڪيو. هن وقت مسرور "ڏهرڪي پريس" ۾ پبلڪ رليشن شپ مينيجر طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي، جتي سندس محنت، سچائي ۽ قابليت کيس هڪ نالي واري شخصيت بڻائي ڇڏيو آهي. مسرور آئوٽ ڊور منصوبن، جيئن ته اينگرو فرٽيلائيزر، ماڙي انرجيز، ايف ايف سي ۽ ٻين وڏين ڪمپنين جي پرنٽنگ ۽ مشينري جي نگراني ڪري ٿو. هو GTO ، روٽا ۽ ٻين جديد پرنٽنگ مشينن جي سار سنڀال سان گڏ، پيچيده پرنٽنگ جا ڪم مهارت سان مڪمل ڪرڻ ۾ ماهر آهي. سال ٢٠١٣ ۾، مسرور عبدالله پيرزادي جي نياڻي سان شادي ڪئي. هن جي گهرو زندگي خوشگوار ۽ پيار ڀري آهي. الله پاڪ کيس ٽي ٻار عطا ڪيا: وڏي ڌيءَ ماهنور مسرور، ۽ ٻه پٽ – بلال مسرور ۽ محمد ابراهيم.

سال ٢٠١٨ ۾، مسرور پنهنجي والدين سان گڏ جي عمره جي سعادت حاصل ڪئي، جتي سندس ساٿ ۾ ماڙي پيٽروليم جي رجب علي سومرو جي فيملي ۽ مرحوم انور علي مهر جي فيملي پڻ شامل هئي.

٢٠١٩ ۾، ڪراچي ۾ "بلال پرنٽرز" نالي پرنٽنگ پريس قائم ڪيائين، پر ڪرونا وبا سبب ڪاروبار متاثر ٿيو. پوءِ ٢٠٢٠ ۾ هو ڏهرڪي واپس موٽي آيو ۽ "بلال پرنٽرز" کي ٻيهر جاري رکيو. مسرور پنهنجي محنت، انتظامي صلاحيتن ۽ مشڪلاتن کي همٿ سان منهن ڏيڻ واري خوبي سبب عزت، اعتبار ۽ محبت جو حقدار بڻجي چڪو آهي. هو نه رڳو هڪ سٺو ڪاروباري انسان آهي، پر يارن جو يار، خدمتگار ۽ دل سان دوستي نڀائيندڙ ماڻهو پڻ آهي.

## غلام علي پيرزادو- گرافڪس جو هيرو

غلام علي پيرزادو، جنهن کي "هيرو" جي نالي سان پڻ سڃاتو وڃي ٿو، ٣١ ڊسمبر ١٩٨٧ تي ڄائو. هو محمد رمضان پيرزادو جو ٽيون نمبر فرزند آهي. هن ابتدائي تعليم اسلاميه اسڪول، ڏهرڪي مان حاصل ڪئي، جڏهن ته ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول مان مڪمل ڪيائين. اسڪولي دور ۾ ئي، سکر جي نيو ٽريڪ انسٽيٽيوٽ مان ڪمپيوٽر ۾ ڊپلوما پڻ حاصل ڪيائين. انٽرميڊيٽ ۽ بي ايس سي جي تعليم ميرپور ماٿيلو جي ڊگري ڪاليج مان مڪمل ڪيائين. غلام علي کي ننڍپڻ کان ئي ڪمپيوٽر سان دلچسپي هئي. هو پنهنجو وڏو ڀاءُ منصور پيرزادو ڪمپيوٽر تي ڪم ڪندي ڏسندو هو، جنهن مان متاثر ٿي پاڻ به ڪمپيوٽر جي شعبي ڏانهن راغب ٿيو. وقت سان گڏ هن پاڻ کي هڪ بهترين گرافڪس ڊيزائنر طور ثابت ڪيو. سندس اعليٰ معيار واري ڊيزائننگ جي ڪري ماڻهو کيس "گرافڪس جو هيرو" سڏڻ لڳا، ۽ اها سڃاڻپ سندس نالي سان ڳنڍجي وئي.

٢٠٠٨ع ۾ غلام علي کي فوجي فرٽيلائزر ڪمپني (ايف ايف سي) اسڪول جي ميگزين جي ڊيزائننگ لاءِ چونڊيو ويو. هن جي تخليقي ڪم اسڪول جي پرنسپال ڊاڪٽر افتخار علي کي تمام گهڻو متاثر ڪيو، جنهن کيس اسڪول ۾ نوڪري جي آڇ ڪئي. غلام علي اها آڇ قبول ڪئي ته جيئن نوڪري جو تجربو حاصل ڪري سگهي. کيس جونيئر سيڪشن ۾ آفيس اسسٽنٽ طور مقرر ڪيو ويو. سندس گرافڪس جي مهارت ۽ ڪم جي لگن سبب سڄو اسڪول ۽ اسٽاف هن جي عزت ڪندو هو. ٢٠١٠ع ۾، جڏهن پرنسپال جو پي اي نسيم احمد چنو اسڪول ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو، ته ڊاڪٽر افتخار غلام علي کي پاڻ وٽ پي اي طور رکيو. ٢٠١١ع ۾، ڊاڪٽر افتخار جي استعفيٰ ڏيڻ کانپوءِ غلام علي به اسڪول مان استعفيٰ ڏئي پنهنجي پرنٽنگ پريس سنڀالي. غلام علي پيرزادو هڪ ماهر گرافڪس ڊيزائنر هجڻ سان گڏوگڏ، پبلڪ رليشنز سنڀالڻ، ملازمن جي سار سنڀال ۽ بهترين ڪسٽمر سپورٽ مهيا ڪرڻ ۾ به مهارت رکي ٿو. هو پنهنجي خوش اخلاق طبيعت، سٺي منظم طريقي سان ڪم ڪرڻ ۽ گراهڪن سان مضبوط لاڳاپا قائم ڪرڻ جي ڪري تمام گهڻو پسند ڪيو وڃي ٿو سال ٢٠١٣ ۾، غلام علي محمد قاسم پيرزادو جي نياڻي سان شادي ڪئي. هن جي گهرو زندگي خوشگوار ۽ پيار ڀري آهي. الله پاڪ کيس ٻه ٻار عطا ڪيا: وڏو پٽ فواد علي ۽ ننڍڙي نياڻي مناهل آهن. سندس اهم ڪاميابين مان هڪ "گهوٽڪي ايٽ اي گليئنس ٢٠٢٥" ميگزين جي ڊيزائننگ ۽ آخري لي آئوٽ آهي، جيڪا سندس محنت سبب تمام ڪامياب رهي. ان سان گڏ، ڪتاب "ڏهرڪي تاريخ جي نظر ۾" جي ڊيزائننگ ۽ فائنل لي آئوٽ ۾ به سندس اهم ڪردار رهيو آهي. غلام علي پيرزادو پنهنجي محنت، تخليقيت، ۽ خوش اخلاقي سبب مقامي سطح تي هڪ سڃاڻپ بڻجي چڪو آهي، ۽ سندس ڪردار نوجوانن لاءِ الهام جو ذريعو آهي..

## مهاڳ

ضلعي گهوٽڪي جي تاريخ تي هڪ جامع ۽ مستند ڪتاب لکڻ منهنجي لاءِ هڪ وڏو چئلينج رهيو. منهنجو پهريون ڪتاب "گهوٽڪي ايٽ اي گلينس" هو، جنهن ۾ مون ضلعي گهوٽڪي جي مختلف پهلوئن تي تحقيق ڪئي. ان جي ڪاميابي ڪان پوءِ مون "ڏهرڪي هڪ نظر ۾" تي ڌيان مرڪوز ڪندي هن خطي جي صحيح تاريخ کي محفوظ ڪرڻ ۽ نئين نسل لاءِ حوالن سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

## ڪتاب لکڻ جو مقصد:

هڪ جامع تاريخي ڪتاب آهي، جيڪو ڏهرڪي جي تاريخ، ان جي تهذيب، تعليمي ادارن، اسپتالن، ثقافت، تمدن، واپار جا طريقا، روڊن، رستن، ريگستاني حالتن، مشهور ماڻهن جي شخصيت، قبيلن، ذاتين، ڳوٺن ۽ مذهبي آستانن جي تعمير جو سامان ڪاريگر، پيڙن تي ٿيندڙ واپار، پراڻي اونداهين جي دور ڪان روشنين جي ڏهرڪي تفصيلن تي مشتمل آهي. خاص طور تي ريتي، جيڪو ڏهرڪي جو اوائلي حصو آهي، ان کي به فوڪس ڪيو ويو آهي. انگريزن خلاف حر تحريڪ ۾ ڏهرڪي جي حرن جو ڪردار، ايم آر ڊي تحريڪ، ڏهرڪي جا مزاحمتي ڪردار، ڏهرڪي ۾ مغلن جي ڪاريگري سُرميداڻي ڪان هٿيار تيار ڪرڻ، ڏهرڪي ۾ بُرهڙو پڪي جي ڪنين جي تور سون برابر، فن ۽ فنڪار مينگهواڙن جي جي رهڻي ڪهڻي ۽ ڪردار، هندن جا انمول ماڻهو، انڪانسواءِ ريتي ڏهرڪي جي مختلف علائقن مان ڳڙهيلو ۽ درياءَ جي وهڪرن ۽ دورن جي حالت ۾ گذرندو هو، جنهن سبب اهو واپار جو مرڪز هو. ان ڪان علاوه، مينگهواڙ، هندن جون عبادتگاهون، ۽ ريتي جي تاريخ بابت به تفصيل شامل ڪيا ويا آهن.

## تحقيق جو طريقو:

هن ڪتاب تي ڪم ڪرڻ دوران مون کي ڪيترين ئي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو. مالي وسيلن جي کوٽ سبب مون سوشل ميڊيا ۽ پنهنجن اديب دوستن، صحافين، ۽ مقامي ماڻهن ڪان مدد طلب ڪئي، ته جيئن تاريخي حوالا، قديم دستاويز، ۽ شخصي زباني روايتون گڏ ڪري سگهان. منهنجي خاندان جو هتي جو مقامي نه هجڻ به هڪ رڪاوٽ هئي، پر مون پنهنجي تحقيق کي وسعت ڏيڻ لاءِ هتان جي محققن، بزرگن ۽ تاريخدانن ڪان معلومات گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

## مواد جا ذريعا:

"گهوٽڪي ايٽ اي گلينس" ڪتاب تيار ڪرڻ دوران ميان مٺو، جام عبدالفتاح سميجو، سيٺ روشن لال، پير بخش پٽي ۽ ٻين مالي مدد فراهم ڪئي، جنهن جي ڪري مان ان کي مڪمل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. "ڏهرڪي تاريخ جي نظر ۾" هڪ وڏيڪ وسيع ۽ تاريخي نوعيت جو ڪتاب آهي، جنهن کي وڌيڪ مستند بڻائڻ لاءِ مون هڪ تحقيقي ٽيم جوڙي، جنهن ۾ تاريخدان پروفيسر محمد پنهل ڏهر، پروفيسر محمد دين راجڙي، ۽ ٻين اديب دوستن جي مدد حاصل ڪئي. ٽالپور دور ڪان وٺي جتان ڏهرن ۽ ڏهرڪي جي تاريخ جا نشان ملن ٿا، ان بابت ڪو به تفصيلي ڪتاب اڄا تائين مرتب نه ڪيو ويو هو. ڪجھ اديبن ۽ صحافين اخبارن ۾ ان بابت ڪالم لکيا، پر انهن ڪالمن کي هٿ ڪرڻ ڏکيو ڪم هو. مونکي مختلف ذريعن مان فوٽو ڪاپيون ۽ اخبارن جا ٽڪرا هٿ ڪرڻا پيا. وڏي حد تائين هي ڪتاب گوگل، مقامي بزرگن جي روايتن ۽ ماضيءَ جون يادگيريون گڏ ڪندي تيار ڪيو ويو آهي. ڪتاب ۾ ڏهرڪي جي تاريخ، ان جي تمدن، روڊ رستن، ڪاروبار، ريگستاني حالتن، حافظ الملت حضرت حافظ محمد صديق رحمت الله عليه، حضرت پورل سائين، شهزادن طرفان ڏنل جُبي مبارڪ جا تفصيل به شامل ڪيا ويا آهن. ان سان گڏ، وڄوٽ، برهڙو پڪي، ۽ ٻين تاريخي ماڳن تي به تحقيق ڪئي وئي آهي. هيءَ هڪ شروعات آهي، ۽ اميد آهي ته ايندڙ وقتن ۾ وڌيڪ تحقيق سان ڪتاب جي مواد کي بهتر بڻائي سگهجي ٿو. "ڏهرڪي تاريخ جي نظر ۾" هڪ اهڙو مستند ڪتاب هوندو، جيڪو مستقبل جي تحقيق ڪندڙن لاءِ بنياد جو ڪم ڏيندو. اميد ته هيءُ ڪتاب پڙهندڙن لاءِ دلچسپ ۽ معلوماتي ثابت ٿيندو.

# مصنف جو تعارف

نالو: محمد رمضان ولد ميان محمد ڪامل قريشي پيرزادو، ڳوٺ: جهان خان، ضلعي شڪارپور سان تعلق رکان ٿو ۽ صحافتي دنيا ۾ رمضان پيرزادو جي نالي سان مشهور آهيان. اسان جي خاندان جو روحاني پيشوا ۽ اسان جو ڏاڏنگ حضرت مخدوم شاه عثمان قريشي سهروردي آهن، جيڪي هڪ بزرگ هئا ۽ سندن نسب باوقار شجرو حضرت ميان بهاالدين قريشي تائين وڃي ٿو، اُهي مڪي شريف جي شيخ محمد صديق قريشي جي اولاد هئا. اسان جي نسب ۾ ڪيترائي نالا شامل آهن، جن ۾: ابراهيم، آري، صدرالدين، يحيٰ، محمود، علي، مندره، زبير، نوڏا، عامر، حسين، ابو بڪر، فحل، سما، اڇو پير، بلال، قيس، ابو هاشم (صحابي)، عتبہ، حضرت عبدالعزيز، حضرت عبدالمطلب ۽ حضرت هاشم ۽ هي نسب عبد المناف تائين پهچي ٿو. اسان جي روحاني پيشوا شاه عثمان قريشي جو روضو پاڪ ڳوٺ فراش ۾ واقع آهي، جيڪو سکر جي بس ٽرمينل کان تقريباً پنج منٽن جي مفاصلي تي آهي. هو حضرت ابو هاشم، يعني حضرت محمد ﷺ جي ڏاڏي، جي ٢٤ هين نسل جا اولاد آهن. ان نسبت سان اسان جو نسب قريشي هاشمي پيرزادو طور سڃاتو وڃي ٿو. مان ١٩٦٠ع ۾ ڳوٺ جهان خان، ضلعو سکر ۾ ميان محمد ڪامل جي گهر ۾ پيدا ٿيس. جڏهن مان تقريباً ٽن سالن جو هئس ته منهنجو والد وفات ڪري ويو هو. جيڪو ياد ڪرڻ تي هڪ اڌ ڌنڌلو عڪس ياد اچي ٿو. والد جي وفات بعد منهنجي پڙناني امان رقيہ مون کي ۽ منهنجي ٻن ڀينرن کي پاليو. هوءَ متقي پرهيزگار عورت هئي باقاعدگي سان نماز، روزو ۽ قرآن پاڪ پڙهندي هئي ۽ ٻارن کي به قرآن پاڪ پڙهائيندي هئي مون پرائمري ۽ مڊل تعليم پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول ۾ حاصل ڪئي ميٽرڪ ڪمپريهينسو هاءِ اسڪول سکر ۽ انٽربي اي اسلاميہ ڪاليج سکر مان حاصل ڪئي غريب ۽ ڇورو ٻار هوس انڪري پڙهائي سان گڏ مون ١٩٧٤ع ۾، پريس جو ڪم سکڻ شروع ڪيو. پهرين پريس عزيز پريس هئي جتي مون ڇپائيءَ جي ڪم کان شروعات ڪئي ۽ مان پريس ۾ آل رائونڊر هئس، مون کي هر مهيني ٣٠ رپيا پگهار ملندي هئي، منهنجا پهريان اُستاد عابد علي هئا. بعد ۾ مان ممتاز پريس، ستار پريس ۽ همدرد پريس ۾ به ڪم ڪيو. مون مختلف پريسن تي ملازمت به ڪئي، جن ۾ ڪوهه نور پريس شڪارپور، محمدي پريس گمبٽ وغيره شامل آهن. منهنجو قدم اڳتي وڌندو ويو هڪ وقت اهڙو به آيو، مان عبدالله پيرزادو سان گڏ جي حامد ناز پريس ٢٥٠ رپيا مهينو ٺيڪي تي ڪنئي، ۽ پوءِ محمد قاسم پيرزادو سان گڏ جي زونل پريس سکر ۾ ٥٠٪ شراڪت سان ڪاروبار هلايو. همدرد پريس تان منهنجي شعوري زندگي جو قدم اڳتي وڌيو ان وقت همدرد پريس تي ڪتاب رسالا ۽ هفتيوار اخبارون ڇپبيون هيون جتي سياسي ۽ ادبي شخصيتون سان دعا سلام ٿيندو هو، جن ۾ عبدالواحد آريسر، جام ساقي، شبير پتو ۽ اوپاوڙو جو مولانا عبيدالله پتو، عزيزالله بوهيو سميت ڪيترين ئي ناليوار شخصيتون شامل آهن. اهي پريس تي ايندا هئا اهو دور چينڪ ۾ چانهه پيالي جو هو مان چانهه وٺي ايندو هئس. اگرچ خادم سنڌي ۽ اياز گل ادل سومرو به پريس تي ايندا هئا، همدرد پريس سکر واري دور جون ٻيون يادون اڄ به ذهن ۾ تازيون آهن. سنڌي ادبي سنگت جي شفي محمد مخفي جي اڳواڻيءَ ۾ سکر جي ايمپلائمنٽ ايڪسچينج آفيس مان هلندي هئي، مان ان جو به ميمبر هئس. ان دور ۾ اهم شخصيتون جيئن ته انور پيرزادو (ڪميونسٽ پارٽي)، منظور بيدار پتو، شبير پتو ۽ ٻين سان ملاقاتون ٿيون. مالي ڏکيائين ڪاٽي، مان سدائين صاف سٿرو، شائسته رهڻ پسند ڪندو هئس، سٺو لباس پائيندو هئس ۽ دوستن سان هوٽلنگ ڪندو هوس. منهن عادت شاه خرچي جي هئي جيڪو به ايندو هو طاقت آهر چانهه، ٻوتل ۽ ڪاڌي جو خرچ به برداشت ڪندو هوس. پر منهنجي ڪاروباري ساٿي کي منهنجون شاه خرچيون نه وڻنديون هيون ۽ خرچڻ واري عادتن کي پسند نه ڪندو هو، جنهن سبب اسان جي وچ ۾ ڏار ٽيڙ جو آپشن آيو. ان بعد، بشير احمد پيرزادو مون کي ڏهرڪي لاءِ همٿايو ۽ ڏهرڪي نڪري آيا سين. هتي پهرين ماني يدشتر هاسواٽي جي ڪاڏي، الطاف حسين چغتائي ۽ عبدالمجيد سولنگي منهنجا سکر جا واقف هئا انهن به مونکي همٿايو جن جي مدد سان، مان ڏهرڪي منتقل ٿيس. اتي "بونگا مارڪيٽ" ۾ صرف ٣٠٠ رپيا ماهوار مسواڙ تي پرنٽنگ پريس جو ڪاروبار شروع ڪيو.

ان وقت مرحوم منظور احمد مهر ۽ مرحوم انور علي مهر منهنجي حوصـــلہ افزائي ڪئي منظور مهر تہ ڏهرڪي اچي ڪم ۾ هٿ ونڊايو۽ انور مهر هر پندرهن ڏينهن ۾ مون وٽ ايندو هو. پريس هلندي رهي هڪ پيري بونگا مارڪيٽ ۾ اينگرو جو پي آر او A. Q Jeelani استاد رفيق ڪان تي وي نهرائڻ آيو تہ پريس ڏسي چيائين اينگرو ڪا ڪام ڪرو گي, مون حامي ڀري هن چيو (ڪل اينگرو آنا) جتان اينگرو جو ڪم شروع ٿيو. پاڻ ڪامريڊ هئا سون اسان ڪي ڪجھ ڪرڻ جي دل چيو پوءِ صحافت جوائن ڪئي نسيم اختر وٽ محبوب آصف ايندو هو ان مونکي نســيم اختر پير بخش راجڙي ۽ ديوڊ لطيفي ڪي صحافت ۾ ايڪٽو ڪيو, اهو دور زندگيءَ جو سنهري دور هو, صحافت دوران مون گھٽو ڪجھ سکي ورتو هو, منهنجا تعلقات وسيع ٿي ويا هئا, شهرين مونکي سچاتو ۽ منهنجي ڪردار مطابق مونکي عزت ۽ مان بخشيو. اينگرو ماڙي گيس ڪمپني انتظاميہ توڙي شهر جي ڪامورن ۽ تعلقي ضلعي جي ڪامورن جي دلين ۾ مون پنهنجو اسـپيس ٺاهي ورتو, پر چوندي پيرن ســان تعلقات وســيع ٿي ويا. مون پنهنجي صــحافتي ڪيرير ۾ هندو ڪميونٽي توڙي واپارين ڪي ڪڏهن بہ بليڪ ميل نہ ڪيو جنهن ڪري اڄ جي صحافت ۾ شهري منهنجو مثال ڏين ٿا هميشـــہ هندن جي حمايت ۾ لکيو اها اداري عوامي آواز جي پاليسي بہ هئي. زندگي ۾ سائين جي ايم سيد سان نندي هوندي ملاقات ٿي ادا بشير احمد ۽ مون ڪي "سـندوديش چو ۽ چا لاءِ" پرنٽنگ ڪرائڻ جي ذميواري ملي ۽ اســان پنهي لاهور مان "ســندوديش چو ۽ چا لاءِ" ڇپرائي ڪراچي روانو ڪيو ان ڪتاب ۾ ڪافي اکر هٽا جنهن جي ڪري اســان ڪي ادارن وارن بہ وڪڙ ۾ وڌو. مون ڪي ننڍي لاءِ شـــهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سکر جي رشيد پارڪ ۾ جلســي جي تقرير متاثر ڪيو هو. نواز شريف سان بہ پيرا اپاوڙو جي وزٽ دوران ملاقات ٿي, هو عورتن جي لچالت تي پهچي ويندو هو بہ تي سوالن جو موقعو مليو جنهن دور جي هڪ تصــوير بہ محفوظ ٿيل آهي. محترمہ بي نظير جي ٽرين مارچ جي رپورٽنگ ڪئي محترمہ سان اينگرو ۽ اپاوڙو ۾ نزديڪي ســان صــحافي جي حيثيت ســان ملاقات ٿي زندگي جو پهريون انٽرويو چام ممتاز حســـين ڏهر ڪان ڪيو, پريس ٽاڪ ممتاز ڀٽو, چام ساقي, سائين جلال محمود شاه ۽ قادر مگســـي سـميت ڪيترن ئي سـياسـتدانن سـان ڪيا. آءُ ڏهرڪي پريس ڪلب ڏهرڪيءَ ۾ ڪيترا سـال جنرل سـيڪريٽري جي عهدي تي فائض رهيس ١٩٩٦ ۾ هڪ سال صدر بہ چوندجي آيس, مون آب ۽ تاب سان صحافت ڪئي پر نئين جنريشــن منهنجا حوصلا پســت ڪري ڇڏيا پنجاه ســالن جي عمر ڪان پوءِ جوش ۽ جنون گھٽجي ويو, پنهنجي تعريف بہ گھٽي لکڻ چڱي ڪونهي پر سـچ لکجي جيئن رڪارڊ جو حصــــو هجي ۽ پويان خاص ڪري ڏهرڪي واسي منهنجي ڪردار جي گواهي ڏيئي سگهن يا تنقيد ڪري سگهن. پنجاه سالن جي عمر ڪان پوءِ جوش ۽ جنون گھٽجي ويو. مون پنهنجي ٻارن ڪي تعليم سان گڏ بهتر تربيت بہ ڏني آهي,

مون ڪي پنجن ٻارن جي اولاد آهي جن ۾ ٽي پٽ ١. منصور ڪمال, ٢. مسرور حسن ٣. غلام علي آهن جيڪي پنهنجي پنهنجي روزي ڪن ٿا ٻہ نياڻيون آهن, سـائره جنهن جي شـادي منهنجي ماسات عطاءالله پيرزادو سـان ٿي هو آرمي ۾ وٽنري ڊاڪٽر آهي ۽ زاهره جنهن جي شادي محمد ساجد پيرزاده سان ٿي هوءِ آن لائن ڪم ڪري ٿو. منهنجي هوندي پرواه ڪوندہ اٿن الله پاڪ کين خوش ۽ آباد رکي. آمين.

پنجيتالھ سالن ڪان پوءِ طاقت, جوش, مســتي نڪرندي ويئي, شگر جســـم تي حملو ڪيو, وري ليور جو اٽيڪ بہ ٿيو تنهن هوندي بہ زندگيءَ ۾ سماجي طور بہ پاڻ نڀايو آهي, شهرين جي تحريڪن ۾ صحافتي ۽ شخصي حيثيت سان پاڻ ملهايو آهي.

ســال ٢٠٢٤ ۾ ڪتاب لکڻ جو شــوق پيدا ٿيو GHOTKI AT A GALANCE لکيو جنهن تي ڪافي عزت ۽ مان مليو دوســتن جي اسرار تي مون ڏهرڪي جي تاريخ گڏ ڪري "ڏهرڪي تاريخ جي نظر ۾" ڪتاب لکي رهيو آهيان. تاريخ جهڙي اهم ۽ کٺن موضوع تي جواني, طاقت, سـهولتون ۽ وسـائل سـان گڏ هڪ ٽيم گهرجي ٿي. چو تہ منهنجي شــهر ڏهرڪي جي تاريخ لاءِ هڪ هزار ڪن پيج لکجن تڏهن ڪا تاريخ جڙي پوري مس ٿيندي. پوءِ وس ۽ و آهر مون ڪوشـــش ڪري "ڏهرڪي تاريخ جي نظر ۾" جهڙو بنيادي ڪم ڪري ڇڏيو آهي. اڳتي ايندڙ نسلن جو ڪم آهي تہ هن تاريخ کي اڳتي وڌائين سدارين ۽ سنوارين.

آءُ پنهنجي ڪتابن جي ورڪنگ ٽيم ۽ دوستن جو نهايت گھڻو ٿورائتو آهيان جن منهنجو ڀرپور ساٿ ڏنو.

محمد رمضان پيرزادو ڏهرڪائي

تاريخ: ١٥ جولائي ٢٠٢٥

## ڏهرڪيءَ جو تعارف:

ڏهرڪي، سنڌ جي تاريخي لحاظ کان اهم علائقن مان هڪ آهي، جنهن جو نالو پنهنجي قديم پسمنظر ۽ ڌهر خاندان سان ڳنڍيل آهي "ڌهر" لفظ  راجا ڏاهر سان لاڳاپيل آهي راجا ڏاهر جي دور ۾ اهو نالو برهمڻ خاندانن ۾ عام هو. ڪجهه روايتن موجب ڌهر ذات راجا ڏاهر جي نسل مان آهي، پر مستند تاريخي حوالن جي کوٽ سبب ان جي مڪمل تصديق نه ٿي سگهي. راجا ڏاهر جي شڪست کان پوءِ سندس خاندان جا ڪجهه ماڻهو مارجي ويا، ڪجهه بچي ويا انهن مان ڪجهه برهمڻن اسلام قبول ڪيو، ۽ وقت سان گڏ نيون سڃاڻپون اختيار ڪيائون. مؤرخن موجب، "ڌهر" نالو راجا ڏاهر سان منسوب ٿيل آهي، ۽ ان مان هڪ مخصوص ذات وجود ۾ آئي، جيڪا برهمڻ روايتن کان ڌار ٿيندي وئي.

**ڏهرڪيءَ تي ڏهرڪي نالو ڪيئن پيو:** ڏهرڪي جو نالو ٽالپور دور ۾ "خيرپور" پيو، برطانيه دور ۾ انگريز سنڌ ۾ آيا، سنڌ اندر ڪيترائي شهر "خيرپور" جي نالي سان هئا جنهن سبب انگريزن کي خيرپور سڃاڻ ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي هئي، انگريزن هن شهر جي پويان ڏهرڪي ڏيئي "خيرپور ڏهرڪي" نالو رکيو. ڇاڪاڻ ته هتي ڌهر ذات اڪثريت ۾ هئي آزادي کان پوءِ، آهستي آهستي "خيرپور" ڏهرڪي مان ختم ٿي ويو باقي "ڏهرڪي" نالو رهيو ۽ هاڻي هي ڏهرڪي آهي هن وقت به خيرپور جي رڪارڊ ۽ نقشن تي اڃان به خيرپور ڏهرڪي لکيل آهي.

**ڏهرڪيءَ جي صنعتي، تجارتي ۽ زرعي اهميت:** ڏهرڪي ضلعو گهوٽڪي جو هڪ اهم صنعتي ۽ واپاري مرڪز آهي جتي تيل، گيس جا ذخيرا موجود آهن سنڌ ۾ ڪراچي کان پوءِ ضلعو گهوٽڪي آهي جيڪو ملڪ جي خزاني ۾ سڀ کان وڌيڪ ٽيڪس جمع ڪرائي ٿو، هتي زرخيز زمينون آهن جن ۾ ڪپهه، ڪڻڪ، ڪمند، ساريون، سرنهن ۽ ٻيا فصل پوکيا وڃن ٿا.

**ماڙي انرجي لميٽيڊ، اينگرو فرٽيلائزر لميٽيڊ** کان سواءِ ٻيون فيڪٽريون شگر ملز، رائيس ملز، فلور ملز، ڪاٽن ۽ آئل ملز آهن جنهن ڪري هتان جا ماڻهو سکيا ستابا آهن، ڏهرڪي مان نيشنل هاءِ وي گذري ٿو، جتان پوري ملڪ لاءِ رستا نڪرن ٿا، گڊز ٽرانسپورٽ ذريعي سنڌ، پنجاب، خيبر پختونخواهه، بلوچستان، ۽ چائنا تائين ڪاروبار ڪيو وڃي ٿو. برطانيه دور ۾ ريلوي اسٽيشن قائم ٿيڻ بعد ڏهرڪي جي معاشي سرگرمين ۾ تيزي اچي وئي آهي، مسافر ريل گاڏين ڪري سفر ۾ آساني ٿي آهي ۽ مال بردار ريل گاڏين ذريعي ٻوريا پاٽ، ڪپهه، ۽ اناج جي وڏي پيماني تي منتقلي آسان ٿي آهي. ڏهرڪي ۽ ان جي پسگردائي ۾ "فارم ٽو مارڪيٽ" روڊن جو جار وڇايل آهي، جنهن سبب هارين ۽ زميندارن کي پنهنجن فصلن مان بهتر فائدو حاصل ٿئي ٿو، ماحولياتي لحاظ کان هي علائقو نسبتاً صاف آهي ۽ قدرتي آلودگيءَ کان پاڪ آهي، جنهن سبب شهرين ۽ ٻهراڙيءَ وارن جا ماڻهو صحت مند تندرست ۽ توانا آهن. ڏهرڪي کان پنج ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ريگستاني پٽي روهي ۾ ڳابر ۽ ڪينجهو جا علائقا آهن، هي علائقا قدرتي حسن سان مالا مال هجڻ ڪري، سياحن لاءِ پرڪشش آهن. خاص طور تي، برساتي موسم ۾ واريءَ جي مٿان ڊرائيونگ جو شوق رکڻ وارا پري پري کان هتي ايندا آهن ۽ واري جي ڊرائيونگ مان لطف اندوز ٿيندا آهن.

**قدرتي وسيلا ۽ معيشت:** ساونڻ جي برسات کان پوءِ ريگستان ۾ ڪنيپ ٿيندي آهي، جيڪا مقامي ماڻهو پاڻ کائيندا آهن، دوستن مائٽن کي تحفا پيش ڪندا آهن انڪان سواءِ شهرن ۾ وڪرو ڪري جهجهو ناڻو ڪمائيندا آهن. ڏهرڪي جي پسگردائي واري علائقي رانوتي ۾ ٻيلو آهي، ٻيلي ۾ قيمتي ڪاٺ جا وڻ آهن ٻيلي کاتي پاران قيمتي ڪاٺ جا پرمٽ جاري ڪري سرڪار ماهوار ڪروڙين رپيا ڪمائيندي آهي، ۽ مقامي ماڻهو به ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون، ۽ فرنيچر ٺاهڻ لاءِ قيمتي ڪاٺ حاصل ڪندا آهن، ڪچي ۾ شڪار به ڪيو ويندو آهي، اڪثر ڳوٺن جا ماڻهو ماڪي لاهي وڪرو ڪندا آهن. **ڏهرڪيءَ جون بينڪون** ڏهرڪي هڪ ڪاروباري شهر آهي، جتي نيشنل بينڪ، حبيب بينڪ، يونائيٽيڊ بينڪ، مسلم ڪمرشل بينڪ، فيصل بينڪ، ميزان بينڪ، اسلامي بينڪ، سنڌ بينڪ، بينڪ الحبيب، الفلاح بينڪ، عسڪري بينڪ، زرعي ترقياتي بينڪ، مائڪرو فنانس بينڪ، پنجاب بينڪ ۽ اين آر ايس پي مائڪرو فنانس ،الائيڊ بينڪ، قومي بچت بينڪ آهن.

## مختصر تاريخي رپورٽ:

اباوڙي جي ڌهر خاندان جو نسل راجا ڏاهر سان ڌهر قبيلي جو بنياد: ڌهر قبيلي کي تاريخي طور سنڌ جي قديم راجپوت ۽ برهمڻ گهراڻن سان ڳنڍيو وڃي ٿو. روايتن مطابق، "ڌهر" نالو به راجا ڏاهر (Dahir) جي نالي مان نڪتل ٿي سگهي ٿو، جيڪو سنڌ جو آخري هندو حڪمران هو، عربن جي حملن کان اڳ. انهيءَ بنياد تي، ڌهر قبيلي جي شروعاتي نسب کي راجا ڏاهر سان جوڙڻ جي روايت موجود آهي، خاص طور تي انهن خاندانن ۾ جن عربن جي حملن کان پوءِ اسلام قبول ڪيو. ٢. جوڌ، راءِ سهائي، سهاسي پال، ۽ ابراهيم جي نسبت: جوڌ: جوڌ جو ذڪر سنڌ يا پرپاسي جي مقامي حڪمران طور ٿئي ٿو. سندس اولاد کي راجا ڏاهر جي گهراڻي سان تعلق رکندڙ ڄاڻايو ويو آهي. راءِ سهائي: راجپوت نسل مان ۽ راجا ڏاهر جي گهراڻي جو ميمبر هو.

هن جي شخصيت جو تعلق هندو حڪمران گهراڻن سان ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ۽ جوڌ جي اولاد مان هجڻ جو امڪان پڻ بيان ٿيل آهي. سهاسي پال: راءِ سهائي جو پٽ، راجا ڏاهر جي گهراڻي جو تسلسل آهي، جنهن جي دور ۾ عربن جي فتح کان پوءِ سماجي دٻاءُ وڌيو. ابراهيم: سهاسي پال جو پٽ، جنهن اسلام قبول ڪيو. ٽونڪ (راجستان) جي هجرت، پوءِ واپسي، ۽ اسلام جي قبوليت سندس شخصي تاريخ جو اهم باب آهي. ٣. هجرت ۽ اسلام قبولڻ: عربن جي حملن کان پوءِ ڪيترن ئي مقامي راجپوتن، برهمڻن ۽ حڪمران گهراڻن جي سياسي حيثيت ختم ٿي وئي. نتيجي طور، انهن مان ڪيترن کي هندستان هجرت ڪرڻي پئي. وقت گذرڻ سان، انهن مان ڪجهه خاندان واپس سنڌ موٽيا ۽ اسلام قبول ڪيو. تاريخي روايت موجب، ابراهيم به اهڙي خاندان مان هو. اسلام قبول ڪرڻ جو ڪارڻ سماجي، سياسي، ۽ معاشي بحالي ٿي سگهي ٿو. ٤. جام پنيو خان ڏهر ۽ اباوڙي جو ڏهر خاندان: جام پنيو خان ڏهر، جيڪو اباوڙي سان تعلق رکي ٿو، کي ان ئي ابراهيم جي نسل مان هجڻ جو امڪان آهي. اباوڙي جا ڏهر پاڻ کي راجا ڏاهر جي نسل مان سمجهن ٿا، ۽ سنڌن گهراڻي ۾ راجپوتي روايتون، ۽ تاريخي هجرت جا قصا نسل در نسل منتقل ٿين ٿا. تاريخي تسلسل، روايت، ۽ نسل جي يادگيري جي بنياد تي سندن تعلق جو امڪان راجا ڏاهر سان جوڙي سگهجي ٿو. تاريخي حوالا چچ نامو، سنڌ ۾ عربن جي حڪمراني ۽ مقامي حڪمرانن جي تبديلي بابت تفصيل. مقامي روايتون، شجرا، ۽ سنڌي قومن جي تاريخ تي پڌل مقالي، خاص طور تي مير علي شير قانع جي "تحفة الڪرام".

## ڏهرڪي جا اصل وارث جام پنيو خان ڏهر ۽ خاندان

### جام ابوالخير پنيو خان ڏهر جي جاگيرن ۽ تاريخي حيثيت بابت رپورٽ

جام ابوالخير ۽ سندس وڏا اصل ۾ ضلعي گهوٽڪي جي علائقي اُباوڙو جا مقامي آزاد زميندار هئا، جن جي پنهنجي جاگيرن تي مڪمل مالڪي هئي. انهن جي سياسي ۽ سماجي حيثيت شاهجهان جي حڪومتي دور (١٦٣٠ع–١٦٥٠ع) دوران دهلي دربار سان واسطي کان پوءِ وڌيڪ مضبوط ٿي، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ڏهرن جي مغليه دربار ۾ گهڻي عزت هئي. جيتوڻيڪ اهي دهلي دربار جا رعيت بڻيا هئا، پر انهن جي سرداري ۽ زمينداريءَ جي اندروني خودمختياري برقرار رهي. اهو ئي سبب هو جو اهي مغل شهنشاهن تي سنڌيءَ طرح پاڙيندڙ نه هئا. سرداري نظام ۽ زمينداري وراثتهن وٽ جوڌ ڏهر جي سرواٽيءَ کان وٺي، سورهن نسلن تائين سرداري نظام هلندو آيو. برطانوي دور جي ابتدائي مرحلي ۾ به جام ابوالخير اُباوڙو جي اهم قبيلن مان هڪ جو سردار هو. کيس "وڏي انگ واري قبيلي جو سردار" قرار ڏنو ويو هو، جيڪو سنڌو درياهه جي کاٻي پاسي وارن ضلعن ۾ وڏي زمينداريءَ واري حيثيت رکندڙ هو. سندس اثر هيڪاري سياسي، اقتصادي، ۽ سماجي سطحن تي هو. جاگيرن جي سندن جو ثبوت جاگيرن جون قديم سندون ڏهرن جي تاريخي حقن جو اهم ثبوت آهن. پهريون اهم دستاويز هڪ فرمان آهي، جنهن تي شهنشاهه اورنگزيب جي مهر لڳل هئي، جيڪو ١٦٦٨–٦٩ع جو آهي. انهيءَ فرمان ۾ جام ابوالخير جي وڏن کي خاص محصولن کان ڇوٽ ڏيڻ جو حڪم ڏنو ويو هو. جيڪو سندن سياسي اثر جي عڪاسي ڪري ٿو. ان کان پوءِ، دراني بادشاهن ۽ پوءِ ٽالپر حڪمرانن طرفان پڻ اهڙيون جاگيرن جون تصديقون جاري ڪيون ويون. ٽالپر دور جا معاهدا سنڌ جي ٽالپر حڪمرانن جي دور ۾ ١٨٠٨ع ۽ وري ١٨٢٤ع ۾، جام ابوالخير ڏهر ۽ مير سهراب، مير رستم جي حڪومت وچ ۾ رسمي معاهدا طئي ٿيا. انهن مطابق، اُباوڙو جي محصولن جي ورهاست ۾ جام کي برابر حصو ملندو هو. هي معاهدو زباني واعدي بدران، لکيل سند طور تسليم ڪيو ويندو هو، جنهن جي "ويساهه" يعني عزت ۽ تقدس کي حڪومتي سطح تي مڃتا حاصل هئي. بتدريج سياسي اثر جو زوال ان جي باوجود، وقت جي وهڪري ۾ جام ابوالخير جي سياسي ۽ معاشي حيثيت آهستي آهستي گهٽجڻ لڳي. ١٨٢٤ع ۾، مير رستم جام جي هڪ پاڳي پنج حصي جو حق گهٽائي ڇڏيو. پوءِ ڏهر سردار، ڪجهه اهم ديهن (شاهه والي، مدن والا، ڏيٽا پيا، وغيره) مان محصول وٺڻ جا حق به وڃائي ويٺا. ديهه رانوتي ۾ به، جام جو هڪ پاڳي اٺين حصو، پوءِ هڪ پاڳي ٻارهين حصي تائين گهٽايو ويو. برطانوي راج جي پاليسيون ۽ تصديق ١٨٥٢ع ۾ جڏهن برطانوي حڪومت سنڌ تي قابض ٿي، تڏهن جام اُباوڙو جي ڪجهه زميني حقن کي تسليم ڪيو ويو. سندس حصو "جاگيرن جي نمبرن" جي ذريعي طئي ڪيو ويو، جتي ڊسٽرڪٽ روينيو اسٽيبلشمنٽ کي جام جي جاگير مان هڪ پاڳي تي حصو ڏيڻ جي شرط تي زمين جي آمدني برقرار رکي وئي. مسٽر فريئر (ان وقت جو اهم برطانوي آفيسر) جام جي شڪايت تي، پٽواري اسٽيبلشمنٽ جي ٻيهر ورڇ ڪرائي، جنهن سان جام جي خرچن ۾ گهٽتائي آئي، ۽ کيس انتظامي سهولتون مهيا ڪيون ويون. آخرڪار، ١٨٥٤ع ۾، مسٽر فريئر ۽ پوءِ بمبئي حڪومت طرفان جام ابوالخير جي رانوتي ۽ اُباوڙو واري جاگيرن جي موروثي حيثيت کي تسليم ڪيو .

**هڪ هٿ آيل انگريزي رسالي جي پني تان ورتل**

## ڏهر قبيلي جو مختصر تاريخي پس منظر جام پنيو خان ڏهر جي حوالي سان

ڏهر سنڌ جو هڪ قديم ۽ معزز قبيلو آهي، جنهن جي تاريخ اسلام کان اڳ واري دور سان واسطو رکي ٿي. هي قبيلو راجا ڏاهر سان منسوب آهي، جيڪو الور (اروڙ) جيڪو موجوده روهڙي پرسان آهي جو حڪمران هو. عربن جي سنڌ تي حملي کان پوءِ ڏهر قبيلي جي ڪيترين شاخن ۾ ورڇ ٿي، جن مان ڪيترن ئي اسلام قبول ڪري نئين سڃاڻپ ناهي. انگريزن جي دور ۾، اوباوڙو تعلقي ۾ ڏهر قبيلي جي قيادت جام پنيو خان ڏهر وٽ هئي، جيڪو پنهنجي سخاوت ۽ فياضي جي ڪري مشهور هو. سنڌس ڌيءَ جي شاديءَ تي ٿيل خرچ ۽ ان سان لاڳاپيل روايتون "پنيي زميندار جي آڪاٽي" نالي سان سنڌي لوڪ ادب جو حصو بڻجي چڪيون آهن. جام پنيو خان ڏهر کان پوءِ سرداري جام فتح محمد ڏهر (پنيو خان جي نياٽي) وٽ آئي، جنهن جي سرپرستي جام محمد عالم خان ڏهر ۽ جام محمد نواز ڏهر خان ڪئي، جن مان خاص طور جام محمد نواز خان ڏهر علم، تدبر ۽ قيادت ۾ نمايان شخصيت هو.

(**ابو الخير۔ خير جي دروازي کي سڏيندا آهن**) ان ڪري ابوالخير ڏهر خاندان جي هر پڳ ڌڻي جو لقب هوندو آهي، پهريان هڪ ابوالخير هوندو هو پر بعد ۾ ڏهر خاندان ٽن حصن ۾ ورهائجي ويو، خير محمد خان ڏهر کي ٽن پٽن جي اولاد هئي جتان ڏهرن جون ٽي پڳون شروع ٿيون (ڏهرن جو شجرو) ابو الخير خير محمد خان جا ٽي پٽ هئا، جن ۾ ١. ابوالخير جام خان محمد خان ڏهر جيڪو (ابوالخير جام بشير احمد خان ڏهر، کان جام منير احمد خان ڏهر جنهن کي ٻه پٽ جام مقبول احمد خان ڏهر، جام منصور احمد خان ڏهر ۽ پنج نياٽين جي اولاد هئي، مرحوم جام منير احمد خان جي پٽ جام مقبول احمد خان ڏهر کي هڪ پٽ جام پنيو خان ڏهر هو جيڪو جواني ۾ فوت ٿي ويو تائين) جو خاندان هو ۽ اها نسل ختم ٿي ويئي. جام منير احمد خان ڏهر پنهنجي ملڪيت پنهنجي زندگي ۾ ئي ورهاست ڪري ڇڏي هئي) ٢. ابوالخير محمد نواز خان ڏهر جي اولاد (جام قادرداد خان عرف جام سانول خان ڏهر کان جام جاويد خان ڏهر کان جاري آهي جيڪو ڏهرڪي جو ابوالخير جام جاويد احمد آهي، ٣. ابوالخير جام عالم خان ڏهر جي اولاد جام عبدالرزاق حسين خان جو پٽ جام ممتاز حسين خان ڏهر ان جا ٽي پٽ مرحوم جام آفتاب حسين خان ڏهر ۽ جام مهتاب حسين خان ڏهر ۽ مرحوم جام شهاب خان ڏهر ۽ هن وقت اباوڙو جو ابوالخير جام مهتاب حسين ڏهر آهي. **جام خان محمد خان ڏهر**: کي ٻه پٽ ١. جام فتح محمد خان ڏهر ٢. خير محمد خان ڏهر، مرحوم خير محمد خان ڏهر وڏو پٽ هو، هو ننڍپڻ ۾ فوت ٿي ويو. ۽ پڳ جام فتح محمد خان ڏهر تي پئي هو پڳدار پٽ ٿيو.

## جام پنيو خان ڏهر جي خاندان جو پاڪستان جي سياست ۾ اهم ڪردار

ڏهر خاندان جي سنڌ اسيمبليءَ ۾ سياسي نمائندگي جام بشير احمد خان ڏهر دورِ برطانيا ۾ ايم ايل اي (MLA) جام ابوالخير عرف جام بشير احمد خان ڏهر چوٿين سنڌ اسيمبليمدت: ١٢ سيپٽمبر ١٩٥٣ – ١٩٥٥ جام منير احمد خان ڏهر پنجين سنڌ اسيمبليمدت: ١٩٥٦ – ١٩٥٨ (تاريخ تفصيل سان ناهي ڏنل) جام عبدالرزاق خان ڏهر ڇهين سنڌ اسيمبليمدت: ٣٠ مارچ ١٩٧٧ – ٥ جولاءِ ١٩٧٧ جام ممتاز حسين خان ڏهر اٺين اسيمبلي: ٣٠ نومبر ١٩٨٨ – ٦ آگسٽ ١٩٩٠ نائين اسيمبلي: ٤ نومبر ١٩٩٠ – ١٩ جولاءِ ١٩٩٣ ڏهين اسيمبلي: ١٨ آڪٽوبر ١٩٩٣ – ٧ نومبر ١٩٩٦ جام مهتاب حسين خان ڏهر ٻارهين اسيمبلي: ١٢ ڊسمبر ٢٠٠٢ – ١٨ نومبر ٢٠٠٧ تيرهين اسيمبلي: ١٨ فيبروري ٢٠٠٨ – ٢٠١٣ چوڏهين اسيمبلي: ٢٠١٣ – ٢٠١٨ سورهين اسيمبلي: ٢٠٢٥ – (هينئر تائين)

## جام منير احمد خان ڏهر

جام منير احمد خان ڏهر هڪ مدبر سياستدان ناليوارو سردار هو، جام منير احمد خان ڏهر کي سياست سندس والد جام بشير احمد خان ڏهر کان ورثي ۾ مليو، جام بشير احمد خان ڏهر ٻه شاديون ڪيون جن مان اولاد ۾ ٽي پٽ هڪ نياٽي هئي ١. جام منير احمد خان ڏهر، ٢. جام عبدالرحمان جام شفن خان ڏهر ٣. جام شبير احمد خان ڏهر هئا، جام بشير احمد خان ڏهر (انگريزن جي دور حڪومت ۾ ممبئي جو MLA رهيو هو) ۽ چوٿين صوبائي سنڌ اسيمبلي جو ميمبر پڻ رهيو. جام منير احمد خان پنهنجي وقت اندر سياسي ميدان ۾ اعليٰ مقام حاصل ڪري پنهنجو نالو ڪمايو، هو پنجين صوبائي اسيمبلي سنڌ جو ميمبر رهيو، ان وقت جا ڪامورا ۽ سردار سندس جي بنگلي تي حاضري ڀريندا هئا

۽ هر وقت سندس بنگلي تي عوام جي رش لڳل هوندي هئي سندس شخصيت ۽ آواز ۾ رعب نمايان ظاهر ٿيندو هو. سندس سياسي ڏاهپ ۽ عوامي خدمتن سبب سندس شخصيت ماڻهن جي دلين ۾ گهر ڪري ويئي هئي. جام منير احمد هميشه پنهنجي بنگلي تي موجود هوندو هو. ۽ بنگلي تي عوامي جي عدالت لڳائي فيصلا ڪندو هو. ماڻهن جا مسئلا ٻڌندو ۽ حل ڪندو هو. **جام منير احمد خان ڏهر جي اولاد** هڪ پٽ جام مقبول احمد خان ڏهر ۽ پنج نياڻين جي اولاد هئي جن ۾ ١. عذرا بيبي جنهن جي شادي سندس پائٽي جام شڪيل احمد خان ڏهر سان تي ٢. عابده بيبي جنهن جي شادي جام تنوير احمد خان ڏهر سان تي، ٣. سمعيا بيبي جنهن جي شادي جام ناويد احمد خان ڏهر سان تي، ٤. سعديه بيبي جنهن جي شادي جام سعيد خان سان تي، ٥. ساجده بيبي جنهن جي شادي جام عقيل احمد خان ڏهر سان ٿي.

## ابوالخير جام عالم خان ڏهر جي ٽين پيڳ جو وارث جام عبدالرزاق خان ڏهر ڪان جام ممتاز حسين خان ڏهر تائين

**جام ممتاز حسين ڏهر جو سياسي سفر:** جام ممتاز حسين ڏهر والد صاحب جام عبدالرزاق خان ڏهر جي وفات ڪان پوءِ ڪيس سياست خانداني ورثي ۾ ملي. هو سنڌ جي نامور سياسي شخصيت هو. ١٩٨٨ع ۾ پهريون پيرو سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو. ۽ ٻيلي کاتي جو وزير پڻ رهيو. سندس سياسي سفر ۽ خدمتون هيٺ ڏجن ٿيون. **سياسي سفر: سال** ١٩٨٨ع ۾ جام ممتاز حسين ڏهر پهريون پيرو سنڌ صوبائي اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو. سال ١٩٩٣ع ۾ ٻيهر اسيمبلي ميمبر چونڊيو ويو. ١٩٩٧ع ۾ ٽيون پيرو اسيمبلي ميمبر چونڊيو ويو. **ٻيلي کاتي جي وزارت:** جام ممتاز حسين ڏهر ٻيلي کاتي جو وزير پڻ رهيو. جنهن دوران هن ڪيترن ئي اهم منصوبن تي ڪم ڪيو، جن ۾ هي شامل آهن. جنگلات جو تحفظ: سنڌ جي جنگلات جي تحفظ لاءِ نوان قانون لاڳو ڪيا ويا. وڻن جي واڌاري لاءِ منصوبا: جام ممتاز ڏهر وڻن جي واڌاري ۽ ٻيلن جي حفاظت لاءِ مختلف منصوبا شروع ڪيا، جيئن ته پوري سنڌ ۾ وڻڪاري مهم هلائي. ماحولياتي سجاڳي: ماحولياتي آلودگي ڪان بچاءَ لاءِ سنڌ اندر ماحولياتي سجاڳي لاءِ عوامي مهم هلائي. اداري جي بهتري: ٻيلي کاتي جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ انتظامي سڌارا آندا ويا. جام ممتاز حسين ڏهر هڪ مدبر بهادر بااخلاق سياستدان طور سڃاتو ويندو هو. سندس اڳوٽي ڪور ڪمانڊر جنرل نصير اختر سان ذاتي دوستاڻا تعلقات هئا، پنهي جو تعلق اپاوڙو سان هو. سياست جام ممتاز حسين ڏهر کي پنهنجي وڏن جام ابوالخير خان ڏهر ۽ والد گرامي جام عبدالرزاق خان ڏهر کان ورثي ۾ ملي. سال ١٩٨٨ع ۾ سنڌ اسيمبلي جو ميمبر ٿيو ان وقت جيئن ئي نوڪريون کليون ته جام ممتاز حسين خان ڏهر اپاوڙو ڏهرڪي جي نوجوانن کي نوڪريون ڏنيون. هن جا شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کان پوءِ محترمه بينظير ڀٽو سان ويجها تعلقات هئا، هڪ رات محترمه بي نظير ڀٽو سندس بشير آباد واري گهر ۾ به ترسي هئي. **سماجي ۽ سياسي ڪردار:** جام ممتاز حسين ڏهر، پنجاب جي فيڪٽرين مان نڪرندڙ زهر آلوده تيزابي پاڻيءَ جي سنڌ ۾ داخل ٿيڻ تي ڏهرڪي ۽ اپاوڙو تي ٿيندڙ اثرن خلاف ڏاڍي بهادريءَ سان اسيمبلي ۾ آواز اٿاريو. هن پاڻي جي کوٽ، زرعي تباهي ۽ وسيلن جي ناانصافي تي سنڌ اسيمبلي ۾ مؤثر آواز بلند ڪيو. جام ممتاز حسين ڏهر ٢٠٠٢ع ۾ وفات ڪري ويو.

## جام مهتاب حسين خان ڏهر

پهرين جنوري ١٩٥٣ع ۾ ڳوٺ بشير آباد ۾ جنم ورتو. اپاوڙو ۾ پرائمري تعليم حاصل ڪري MBBS جي ڊگري لياقت ميڊيڪل ڪاليج حيدرآباد مان حاصل ڪئي، پنهنجي والد جام ممتاز حسين خان ڏهر سان سندس سياسي معاملن زندگيm ۾ گڏ هوندو هو سندس والد صاحب سياسي استاد به هوس، پنهنجي والد جي وفات ڪان پوءِ سال ٢٠٠٢ع ۾ پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي پهريون پيرو سنڌ اسيمبلي جو ميمبر بڻيو. ٢٠٠٨ع ۾ ٻيهر چونڊڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ ٢٠٠٨ ڪان ٢٠١٣ع تائين سنڌ اسيمبلي جو ميمبر هو، آبادي فلاحي ۽ روينيو جو وزير ٿيو. ٢٠١٣ع جي صوبائي اسيمبلي جي چونڊن ۾ به ڪاميابي ماڻي ۽ ٢٠١٤ع ڪان ٢٠١٨ع تائين تعليم ۽ خواندگي جو وزير رهيو. ٢٠٢١ع ڪان ٢٠٢٤ع تائين پاڪستان پيپلز پارٽي جو سينيٽر رهيو. تعليم جي بهتري ١. سنڌ اندر: ٣٦،٠٠٠ اسڪول مينيجمينٽ ڪاميٽيون (SMCs) صوبائي سطح تي اسڪولن جي نگراني ۽ فنڊز جي شفاف استعمال لاءِ قائم ڪيون ويون. جام مهتاب حسين ڏهر جي تعليم جي شعبي ۾ ڪيل خدمتن ۾ به اهم ادارا نمايان آهن: گورنمينٽ جام ممتاز حسين ڏهر ڊگري ڪاليج اوباوڙو جيڪو سندس والد مرحوم جام ممتاز حسين ڏهر جي نالي سان منسوب آهي ۽ آءِ بي اي پبلڪ اسڪول اپاوڙو جام مهتاب حسين ڏهر جي ڪوشش سان قائم ڪيو ويو. جنهن جو انتظام سکر آءِ بي اي يونيورسٽي سنڀالي ٿي. هي اسڪول ضلعي گهوٽڪي جي شاگردن کي معياري تعليم فراهم ڪرڻ لاءِ قائم ڪيو ويو آهي، جتي جديد تعليمي نظام ۽ سهولتون مهيا ڪيون وڃن ٿيون.

## ڏهرن جو شجرو




ڏهرن جون نکون:

1. برهماڻي 2. گوٺريل 3. کانڌيال 4. بادي پوٽا 5. جنگاڻي
6. محمداڻي 7. پٽي 8. جماڻي 9. راڄڙي 9. ڏوداڻي
11. ڪانجا 12. شمساني 13. گهُنڊياڻي 14. ڪيري 14. سراجا

**Source:**

- **S. Sadik Ali, A Short Sketch of Historical and Traditional of the Muslim Races Found in Sindh, Balochistan and Afghanistan 1901, Indus Publication Karachi**

جام بشير احمد خان ڏهر جو فرزند **جام عبدالرحمان عرف جام شفن خان ڏهر** هڪ زنده دل ۽ عوام دوست شخصيت هو. سندس وڏي ڀاءُ جام منير احمد خان جا اباوڙي جي عوام ۽ ان جي پسگردائيءَ جي وڏيرن ۽ سردارن سان ويجها لاڳاپا رکندو هو. جام شفن خان ڏهر، عوامي خدمت جو جذبو رکندڙ انسان، ٢٠٠٣ ۽ ٢٠٠٨ جي بلدياتي چونڊن ۾ ڪاميابي ماڻي ۽ ٻه دفعا چيئرمين ٽائون ڪاميٽي چونڊيو ويو. هن پنهنجي دور ۾ اباوڙو ٽائون ۾ ترقياتي ڪم ڪرائڻ سان گڏ، ڊرينيج سسٽم کي بحال ڪيو، جيڪو شهر جو هڪ پراڻو مطالبو هو. پهريان اباوڙي جي چئن ئي پاسن کان گندي پاڻيءَ جا تلاءَ هئا جنهن سبب سڄو علائقو سم جي ور چڙهي ويو هو، پر جام شفن خان جي ڪوشش سان اها تڪليف ختم ٿي ۽ اباوڙو واسين کي سم ڪلر کان ڇٽڪارو مليو.

## نئين حويلي ۽ بنگلي جي تياري:

جام غلام محمد خان ڏهر هي حويلي ۽ بنگلو اڻويهين صدي ۾ ٺهرايو هو. هن کي ڪنهن ڪم سانگي ڪراچي وڃڻو هو. ”ان وقت جا سفر گهوڙن تي ٿيندا هئا “ ۽ منزلون ڪندي ڪراچي پهچندا هئا, جام غلام محمد خان ڏهر پنهنجي پٽ جام محمد نواز خان کي حڪم ڏنو ته مان ڪراچي وڃان ٿو واپس اچان ته بنگلو ۽ حويلي تيار هجي, حڪم بعد سندس پٽ حويلي ۽ بنگلي جو بنياد وجهرايو, حويلي جو بنياد اٽڪل چوڏنهن فٽ ويڪرو هو جنهن تي ڏاند گاڏي سان سامان هڪ پاسي کان ٻئي پاسي پهچايو ويندو هو, بنياد ۾ پڪي سر پنج انچ ويڪري ۽ ڏيڍ فٽ ڊگهي پيل آهي. تمام پٿيون دال ماش ۽ مٽي مڪس ڪري تيار ڪيل آهن. ۽ ڪاٺ لاءِ برما ٽيڪ (Burma Teak) جو ڪاٺ استعمال ڪيو ويو آهي اهو ڪاٺ بيحد قيمتي ۽ اعليٰ معيار جو ڪاٺ آهي جيڪو پنهنجي مضبوطي, پائيداري, پاڻي ۽ حشرات جي مزاحمت سبب مشهور آهي. ان جو رنگ سنهري ڪان وٺي ڳاڙهيسري ڀورو هوندو آهي, ۽ ان تي تيل جو هڪ قدرتي تهه لڳل هوندو آهي, جيڪو ان کي خراب ٿيڻ کان بچائيندو آهي ان وقت برما ٽيڪ ميانمار (Burma) مان ايندو هو, ان ڪان علاوه, ٿائيليند, ڀارت, انڊونيشيا, لاوس, ۽ ويتنام ۾ به ٽيڪ جا وڻ موجود آهن, هن وقت برما ٽيڪ تي بين الاقوامي پابندي لڳل آهي,

هي ڪاٺ ميرن جي دور (١٧٨٣-١٨٤٣ع) ۾ بحري واپار جي ذريعي ڪراچي پهچندو هو. ان دور ۾ سنڌ جو واپار گهڻو ڪري بمبئي (هاٽوڪو ممبئي), ڪراچي, ۽ خليجي ملڪن سان هلندڙ هو. برما ٽيڪ گهڻو ڪري بمبئي ۽ سورت جي واپاري بندرگاهن ذريعي سنڌ پهچائيندا هئا.

جام محمد نواز خان ڏهر جي حويلي جي ڇت ۽ دروازا برما ٽيڪ مان ٺهيل آهن حويلي جا ڪل پنج ڪمرا آهن ٿي هيٺ ۽ ٻه مٿي هڪ ورانڊو آهي, بنگلي جي تعمير ڪندڙ ڪاريگر سک هئا.

## خان بهادر جام محمد نواز خان کي مئجسٽريٽ جا اختيارات

برطانوي دور ۾ خانبهادر جام محمد نواز خان ڏهرکي مئجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو هو ۽ مئجسٽريٽ جي آفيس بنگلي ۾ هوندي هئي, ۽ سرڪاري جيل به ٺهيل هئي, ڪيس ڪنهن به ڏوهاري کي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ڇهه مهينا سزا ڏيئي قيد ڪرڻ جو اختيار هوندو هو ”عدالت لڳائڻ لاءِ هڪ خاص ٽيبل هوندي هئي جيڪا اڄ به موجود آهي“ فيصلا ڪرڻ لاءِ شوري هوندي هئي ڪيس باقاعده هلندا هئا جن جا سوال جواب جرح ٿيندي هئي ۽ فريادي جوابدار کي ٻڌو ويندو هو. فيصلي ۾ باقاعده تاريخون ڏيئي تقاضائون پوريون ڪري انصاف ڪندا هئا, خانبهادر پاڻ متقي, پرهيزگار ۽ نيڪ نمازي هئا.

**جام محمد نواز خان عرف حاتن خان ڏهر :** پاڪستان کي آئين ارپيندڙ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جا ڀائر, امداد علي خان ڀٽو, سڪندر علي خان ڀٽو, اڪثر جام حاتن خان وٽ ايندا هئا ۽ قيام ڪندا هئا انهن سان ٻارين ٻچين گهر جو واسطو هو, حضرت پير عبدالرحمان ”پورل سائين“ جن سان اچ وڃ ڏک سک ۾ ساٿ جو تعلق هو, هندستان اجمير شريف گڏ اٺن تي ويندا هئا ۽ اجمير شريف جي گادي نشين سان سٺا تعلقات هئا, اڪثر اجمير شريف کان عرس مبارڪ جي دعوت ايندي هئي ۽ جام حاتن خان ڏهر عرس تي ويندا هئا, خان بهادر محمد نواز خان اچو وڳو پسند ڪندا هئا, ۽ پٽڪو به پهريندا هئا **سنڌن جون خد متون:** ڏيڍ سو سال اڳ بنگلي اڳيان هڪ مسجد جي تعمير ڪرائي جيڪا اڄ به ساڳي حالت ۾ موجود آهي مسجد ۾ مولوي مقرر هو جيڪو پنج وقت نماز پڙهائيندو هو ۽ قرآن پاڪ جو درس سان گڏ ديني تعليم ڏيندو هو. ڊاڪٽر غفور بخش قريشي هندستان کان هجرت ڪري ڏهرکي آيو. جيڪو اردو جو وڏو اديب ۽ شاعر هو. (قريشي بازار ڊاڪٽر غفور بخش قريشي جي نالي ساب منصوب آهي) ان کي اسپتال کولڻ لاءِ جام حاتن خان ڏهر بنگلو ڏنو هو ۽ بيڊ به لڳائي ڏنا, بنگلي ۾ سان مسافرن جي رهائش جو بندوبست ٿيل هوندو هو مسافرن ۽ گهوڙن لاءِ خوراڪ ۽ آسائش جو مڪمل بندوبست ڪيل هو ۽ لنگر خانو به هلندو هو ڪو به مهمان پيٽ بکي نه ويندو هو. مسجد سان گڏ هڪ دروازو هوندو هو ان کي شاهي دروازو ڪري سڏيندا هئا.

**امان سرڪار بي بي** ڏهر خاندان جي امان سرڪار بيبي, پاڪ دامن صاحب ولايت نيڪ نمازي, پهريز گار ۽ انسان ذات جي خدمت جو جذبو رکندڙ خاتون هئي ، مسافرن جي ماني، عورتن توڙي مردن جي ڪاڌي پيتي ۽ ڪپڙن لاء فڪر مند هوندي هئي, امان سرڪار بيبي هڪ نيڪ سيرت خاتون هئي,امان سرڪار بي بي گرم يا ٿڌي موسم ۾ ڳوٺن کان شهر خريداري ايندڙن لاءِ پراڻي يو بي ايل ۽ شوالي مندر وٽ دستر خوان لڳرائيندي هئي. جتي مسافرن کي روزانو ديڳون پچرائي ماني کارائيندي هئي دستر خوان جي مقرر وقت تي مسافر ڳوٺن کان سواءِ شهر جا غريب غرباء به اچي ماني کائي ويندا هئا, امان سرڪار بيبي پاران رات منزل ڪندڙ مسافرن جي رهائش سان گڏ ڪاڌو خوراڪ, گهوڙن جي گاه جو بندوبست ڪيو ويندو هو. بنگلي ۾ مسافرن لاء ڪمرا هئڻ بسترا هوندا هئا, سرڪار بيبي وٽ حويلي ۾ ڪم ڪندڙ ۽ حاجتمند عورتن جون حاجتون پوريون ڪندي هئي.

**امان گل بي بي** گل بيبي جام قادرداد خان ڏهر جي نياڻي هئي، وڏي پاڳن واري هئي سال ١٩٧٥ع ۾ حج ڪرڻ ويئي, ته مديني پاڪ مسجد نبوي اندر سجدي ۾ دل جو دورو پيو ۽ وفات ڪري ويئي سندس قبر مبارڪ جنت البقيع ۾ پاڪ بيبين کان چند قدمن فاصلي تي آهي، سرڪار بيبي کان بعد گل بيبي ساڳي جوش جذبي سان خدمت جو سلسلو جاري رکندي آئي گل بيبي جو مرشد اچ شريف درگاه نوبهار شاه وارا هئا. هڪ ڏينهن مرشد ڪريم تشريف فرما ٿيا, سندن جي سخاوت ۽ ماني کارائڻ جو هلندڙ سلسلو ڏسي مرشد ڪريمن دعا فرمائي هڪ بني جو بنياد رکيو اها بني هلندي رهي ۽ لنگر به هلندو رهيو ۽ بني ١٩٩٠ ۾ ختم ٿي ويئي.

## جام قادرداد خان عرف جام سانول خان ڏهر (دوم)

جام محمد نواز خان عرف جام حاتن خان ڏهر جام حاتن خان کي هڪ پٽ جام قادرداد خان عرف جام سانول خان ڏهر ”دوم“ هڪ ڌيء ”ڪلثوم بيبي“ جي اولاد هئي. جام قادرداد خان عرف جام سانول خان ڏهر (دوم) پرائمري تعليم گورنمنٽ مين پرائمري اسڪول ڏهرڪي، بعد ۾ مڊل تعليم هاءِ اسڪول مان حاصل ڪيائون، ديني تعليم قرآن پاڪ ميان شمن سائين وٽ درس حاصل ڪيائون، قدرتي طور پيدائشي ڪنن کان گهٽ ٻڌندا هئا ۽ ڪين زبان جو اٽڪاء به هوندو هون. جام سانول خان ڏهر پنهنجي پوري جمار زمينداري ڪئي, ڪينجو زمين تي ڊرائيور سخاوت ملڪ سان گڏ ويندا هئا اڪثر اتي قيام به ڪندا هئا, زمين تي صبح جو سوير پنڌ گهمندا هئا, گهڻو وقت گهر تي ڏيان ڏيندا هئا ۽ ٻارن کي تعليم ڏياري ۽ سٺي تربيت ڪئي, جام سانول خان چيئرمن ٽائون ڪاميٽي رهيا, ته جي زميندارن جام الاهي بخش خان سميجو, الله بخش خان رهڙ, مظهر علي خان راڄڙي جن جام سانول خان ڏهر جن سان جهڪي ملندا هئا, وڏو سردار علي گوهر خان مهر, علي انور خان مهر, جام ممتاز خان ڏهر, قيصر خان بوزدار, عبدالقادر خان ڏهر جن به اڪثر ايندا هئا. جام قادر داد خان ڏهر پنهنجي حويلي ۾ هيٺ زمين تي ويهارڻ جو رواج ختم ڪيو غريبن کي به مان ڏيندا هئا ۽ مٿي ويهاريندا هئا.

**جام قادر داد خان جام سانول خان ڏهر ملڪيت جي ورهاست** جام قادرداد خان عرف جام سانول خان ڏهر, پنهنجي زندگي ۾ ئي ملڪيت جي ورهاست ڪري ويو هو, (جام سانول خان جي حويلي اٽڪل ساڍا ٽي ايڪڙن جي ايراضي تي مشتمل آهي) ورهاست مطابق اوائلي پراڻي حويلي پنهنجي گهر واري حميدان بيبي جي نالي تي ڪري ويو جيڪا وڏن جي تاهيل هئي، جنهن ۾ به ڪمرا هڪ هال ۽ هڪ ورانڊو آهي، پراڻو بنگلو سپني جي گڏيل ملڪيت آهي پر جام ناويد خان ڏهر ان تي اڪثر موجود هوندو آهي هن بنگلي جي سجاوٽ ڪري بهترين فرنيچر رکيو آهي، بنگلي جو ڪم ڪرائي آسائش ۽ آرام جي تمام سهوليتن سميت گارڊننگ سان حويلي کي سجائي ڇڏيو آهي ۽ جام جميل احمد خان ڏهر به اتي اڪثر موجود هوندو آهي ته بنگلي تي موجود هوندو آهي. جام جاويد احمد خان ڏهر الڳ بنگلو تيار ڪرايو آهي، جام جاويد خان ڏهر، جام جميل احمد خان ڏهر، جام ناويد احمد خان ڏهر زميندار سان گڏ پراپرٽي جو ڪاروبار ڪندا آهن ڪين اسلام آباد ۽ ڪراچي ۾ شوروم ۽ ٻيا ڪاروبار پڻ آهن.

**جام قادر داد خان جام سانول خان ڏهر (دوم) جي اولاد** ١. جام جاويد احمد خان ڏهر, ٢. جام جميل احمد خان ڏهر, ٣. جام خليل احمد خان ڏهر, ۴. جام ناويد احمد خان ڏهر, ۵. جام حفيظ احمد خان ڏهر....

## چام ابوالخير جي نائين پيڙهي تائين جا وارث

ڏهرڪي جي ڏهر خاندان جي تاريخ بابت چام ابوالخير جي نائين پيڙهي تائين وارث: چام جميل احمد خان ڏهر (آخري پڳدار ابوالخير چام جاويد احمد خان ڏهر جي اولادن) جي نائين پيڙهي تائين وڏن جي تواريخ محفوظ ڪرائي آهي. خان بهادر محمد نواز خان ڏهر (اول) ۽ سندس اولاد بابت تاريخي جاڻ ڏيندي ٻڌايو ته ڏهرڪي جي (پهرين پيڙهي) ابوالخير چام محمد نواز خان ڏهر (اول) کان شروع ٿي آهي. (ٻي پيڙهي) چام ابوالخير ڏهر جو پٽ چام غلام محمد خان ڏهر هو. (ٽين پيڙهي) چام غلام محمد ڏهر جو پٽ خانبهادر چام محمد نواز خان (دوم) ڏهر هو. (چوٿين پيڙهي) چام محمد نواز هو جنهن ۾ شاديون ڪيون ڪيس ٽي پٽ هئا، جن ۾ ١. چام خداداد خان ڏهر ٢. چام قادرداد خان ڏهر (اول) ٣. چام احمد يار خان ڏهر (پنجين پيڙهي) هئا، چام خداداد خان ڏهر جي شادي ان وقت جي حاڪمن جي ڪلهوڙن جي خاندان ”رياست بهاولپور مان ٿي“ جيڪي اجان تائين تعلق رکيو پيا اچن. ڪيس هڪ نياڻي ”بيبي الهرکي“ جي اولاد هئي، چام قادرداد خان ڏهر کي هڪ نياڻي ”گل بيبي“ جي اولاد هئي، چام احمد يار خان ڏهر کي هڪ پٽ چام ظفر خان ڏهر ۽ هڪ نياڻي نور خاتون جي اولاد هئي. (ڇهين پيڙهي) چام محمد نواز خان عرف چام حاتن خان ڏهر حاتن خان جي شادي پنهنجي سوٽ گل بيبي سان ٿي هئي، سندس اولاد چام چام قادرداد سانول خان (دوم) ۽ ڪلثوم بيبي اولاد هئي، چام سانول خان ڏهر جي شادي چام ظفرالدين جي نياڻي حميدان بيبي سان ٿي (جيڪا حال حيات آهي)..(ستين پيڙهي) چام محمد نواز خان عرف چام حاتن خان ڏهر جو پٽ چام قادر داد خان عرف چام سانول خان ڏهر چام سانول خان ڏهر کي پنج پٽ آهن ١. چام جاويد احمد خان ڏهر ٢. چام جميل احمد خان ڏهر ٣. چام ناويد احمد خان ڏهر ٤. چام خليل احمد خان ڏهر ٥. چام حفيظ احمد خان ڏهر (اٺين پيڙهي) چام جاويد خان ڏهر کي ٻه پٽ ۽ ٽي نياڻيون چام جنيد احمد خان ڏهر، چام جمشيد احمد خان ڏهر آهن، چام جميل احمد خان ڏهر: کي ٤ پٽ آهن ١. چام سهيل احمد خان ڏهر، ٢. چام نبيل احمد خان ڏهر ٣. چام عذير احمد خان ڏهر ٤. چام عمير احمد خان ڏهر آهن. چام ناويد احمد خان ڏهر کي ٢ پٽ آهن چام امير حمزه خان ڏهر ۽ چام حسنين ڏهر چام ابوالخير جي ستين پيڙهي چام ناويد خان ڏهر جي فرزند چام امير حمزه ڏهر کي صدر مملڪت اسلامي جمهوريه پاڪستان جناب عارف علوي سال ٢٠١٩ ۾ ايئر يونيورسٽي اسلام آباد ۾ ٽاپ پوزيشن ڪڍڻ تي گولڊ ميڊل پارايو جيڪو تصوير ۾ محفوظ آهي. اهو ابوالخير جي اٺين پيڙي ۾ ڏهرڪي شهر کي هڪ وڏو اعزاز مليو آهي جنهن کي صدين تائين تاريخ ۾ ياد ڪيو ويندو. مرحوم چام خليل احمد خان ڏهر کي ٣ پٽ ٤ نياڻيون ١. چام غلام محمد خان ڏهر ٢. چام زوهيب احمد خان ڏهر ٣. چام شهباز خان ڏهر، چام عبدالحفيظ خان ڏهر کي ٢ پٽ ٢ نياڻيون چام انيس احمد خان ڏهر ۽ چام بلال خان ڏهر آهن (نائين پيڙهي) چام جاويد جا پوٽا ١. چام جنيد خان ڏهر جو پٽ چام محمد خان ڏهر، ٢. جمشيد خان ڏهر جو پٽ چام قادرداد عرف سانول خان آهي.

چام حفيظ احمد خان ڏهر

چام خليل احمد خان ڏهر

چام ناويد احمد خان ڏهر

چام جميل احمد خان ڏهر

چام جاويد احمد خان ڏهر

**چام جاويد احمد خان ڏهرورثي جو امين، عوام جو خادم، سياست جو سچو سپوت :** ڏهرڪي جي نالي واري سياسي، سماجي ۽ خانداني ورثي سان مالامال شخصيت آهي، جيڪو چام قادرداد "چام سانول خان ڏهر" جو وڏو ۽ پڳدار پٽ آهي. هو ڏهرڪي جي ڏهر خاندان جو وڏو، معتبر ۽ بااثر اڳواڻ آهي، جنهن کي علائقي جا ماڻهو نه رڳو عزت جي نگاهه سان ڏسن ٿا، پر انهن جون اميدون به ساڻس وابسته آهن. چام جاويد خان جو سياسي لاڙو ورثي ۾ مليو آهي. ڏهر خاندان جو رستو پيپلز پارٽي سان نسل در نسل جڙيل رهيو آهي. چام ابوالخير خان ڏهر کان وٺي چام مهتاب خان ڏهر تائين هن خاندان جا وڏا هميشه صوبائي چونڊون ڪٽيندا رهيا. چام جاويد خان به انهي ۽ روايت کي اڳتي وڌائيندي سال ٢٠١٥ع ۾ پهريون پيرو ٽائون ڪاميٽي ڏهرڪي جو ڪائونسلر چونڊيو ويو، ۽ پنهنجي خلوص ۽ خدمت جي بنياد تي ٢٠٢٢ع ۾

ٻيهر عوام ڪيس اعتماد سان چونڊيو. والد چام قادرداد خان جي وفات ڪانپوءِ چام جاويد خان، پنهنجي اوطاق تي عام ماڻهن سان لاڳاپو قائم رکيو آهي. هو شهرين، پاڙي وارن ۽ غريب ماڻهن جي خدمت لاءِ اڪثر وقت اوطاق تي گذاريندو آهي، جتي ماڻهو فيصلا، مسئلا، ۽ پنهنجا ڪم ڪار ڪٽي اچن ٿا. سياسي لاڳاپن جي ڳالهه ڪجي ته چام جاويد خان، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سان هلندڙ خانداني ناتو، شهيد بينظير ڀٽو جي دور تائين نڀائيندو رهيو ۽ اڄ به بلاول ڀٽو زرداري سان ويجهڙائي رکي ٿو. سندس تعلق پيپلز پارٽي جي اهم اڳواڻن سان مضبوط آهي، جن ۾ فريال ٽالپور، مراد علي شاهه، نثار کهڙو، ناصر حسين شاهه سميت ٻين اهم سياسي اڳواڻن جا نالا شامل آهن. ساڳي وقت، چام جاويد خان ٻين سياسي ڌرين سان به مثبت لاڳاپا قائم رکندو آهي. سردار علي گوهر خان مهر، سردار محمد بخش مهر، سردار عبدالباري خان پتافي، عبدالحق ميان مٺو، سردار نادر اڪمل لغاري، سردار خالد احمد لنڊ ۽ سندس پٽ نور محمد لنڊ، شهباز لنڊ، چام عبدالفتاح سميجو سميت ڪيترن ئي قبيلن جي چڱن مڙسن سان سندس ويجها لاڳاپا آهن. هو هر امير ۽ غريب سان ساڳئي سلوڪ سان پيش ايندو آهي. .هو صرف سياسي نه، پر سماجي ذميوارين ۾ به وڌي چڙهي حصو وٺندو آهي. شاديون، غم، فاتحائون، ڀيٽائون—چاهي شهر ۾ ٿين يا ٻهراڙيءَ ۾—سندس موجودگي محبت جي علامت هوندي آهي. جيڪڏهن پاڻ مصروفيت سبب موجود نه هوندو، ته سندس پٽ چام جمشيد احمد خان ڍهر اها ذميواري سنڀالي، خاندان جي حاضري ڪي يقيني بڻائيندو آهي. چام جاويد احمد خان جي مهمان نوازيءَ جي ڳالهه ته ان جا دروازا هر ماڻهو لاءِ کليل آهن—اوطاق ۽ بنگلو، ماڻهن جي اچ وڃ سان جيئرا جاڳندا رهندا آهن. هن جو ڪاروباري مرڪز پڻ علائقي لاءِ اهم حيثيت رکي ٿو، جيئن ته ڍهرڪي جي مکيه مارڪيٽ "ڍهر مارڪيٽ" سندس ملڪيت آهي، جيڪا واپار، روزگار ۽ معاشي چرپر جو مرڪز آهي. **سندس اولاد ۾** ٻه پٽ ۽ ٽي نياڻيون آهن: چام جنيد احمد خان ڍهر چام جمشيد احمد خان ڍهر پوٽن ۾: چام محمد خان ولد چام جنيد خان ڍهر چام قادرداد عرف چام سانول خان ولد چام جمشيد خان ڍهر چام جاويد احمد خان ڍهر صرف نالي جو وڏو ناهي، پر پنهنجي عمل، رويي، ۽ عوام سان محبت جي ڪري دلين جو حڪمران بڻيل آهي. هو ورثي جي وقار، سياسي روايتن، ۽ خانداني عزت کي سنڀالي، عوامي خدمت جو اهو علم بلند رکيو آهي، جيڪو نسلن تائين روشن رهندو.

**چام جميل احمد خان ڍهر:** پنهنجي وڏڙن جي ورثي ۾ مليل عوامي خدمت جي جذبي کي نه رڳو زنده رکيو آهي، پر ان ۾ نواڻ به آندي آهي. جيئن هو جسامت ۾ قد آور ۽ خوبصورت آهي، تيئن ئي سندس شخصيت پڻ اعليٰ اخلاق، خلوص ۽ انساني خدمت سان سجي سنئري آهي. هو صبح کان شام تائين عوام سان لهه وچڙ ۾ هوندو آهي ۽ پنهنجي وڏڙن جيان ماڻهن جا مسئلا ٻڌي، انهن جي حل لاءِ پوري ايمانداري سان ڪوشش ڪندو آهي. چام جميل هڪ سخي دل انسان آهي. وقت جي مهمانن لاءِ هميشه طعام جي سهولت موجود هوندي آهي. ڪيترائي ماڻهو هن سخي گهراڻي وٽ پنهنجي ضرورتن جي پوري ٿيڻ جي اميد سان اچن ٿا. هو مريضن، بيواهن ۽ يتيمن جي سار سنڀال ۾ به اڳيرو آهي، ۽ سندن ڏک سور ۾ پائيواري نڀائيندو آهي. چام جميل احمد خان ڍهر کي خدا تعاليٰ چار پٽ عطا ڪيا آهن: چام سهيل احمد خان ڍهر چام نبيل احمد خان ڍهر چام عذير احمد خان ڍهر چام عمير احمد خان ڍهر سندن خاندان جو نئون گل پڻ نروار ٿيو آهي—سندس پوٽو، چام محمد آهل احمد، جيڪو چام نبيل احمد خان جو فرزند آهي، پڻ هن نيڪ نالي خاندان جي نسل جو نمائندو آهي. چام جميل احمد خان ڍهر جو نالو نه فقط سون جيان چمڪندڙ آهي، پر سندس عمل، خلوص ۽ عوامي خدمت ڪيس دلين جو حاڪم بڻائي ڇڏيو آهي.

**چام ناويد احمد خان ڍهر:** ڍهر گهراڻي جي هڪ روشن تاري جيان هن دنيا ۾ اک کولي. هن جو جنم رڳو هڪ شخصيت جو اضافو نه، پر خدمت، وفاداري ۽ علم جي نئين باب جي شروعات هو. سندس زندگيءَ جو محور هميشه ماڻهن، ۽ روايتن سان سچو عشق رهيو آهي. اباڻو ۽ ڍهرڪي جي زرخيزيءَ سان سندس دل جو رشتو آهي. باغن جي ساجن پنن، پوکن جي لهرن، ۽ زمين جي ساهن ۾ چام ناويد جي روح جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. هو زراعت کي نه رڳو پيشو، پر عبادت سمجهي ٿو—جتي هر ٻج، سندس دعا سان پوکيو وڃي ٿو، ۽ هر ڦل، سندس محنت جو انعام آهي. سندس گهر به نيڪين، علم ۽ عزت جو نمونو آهي. ڪيس الله پاڪ ٻن پٽن ۽ ٽن نياڻين سان نوازيو. پٽن مان چام امير حمزه خان ڍهر، پنهنجي پيءُ جي رٿيل راهن تي هلندي علم جي ميدان ۾ اهڙو پرچم لهرايا، جو سال ٢٠١٩ع ۾ اسلام آباد جي ايئر يونيورسٽي مان ٽاپ پوزيشن وٺڻ تي، صدرِ مملڪت جناب عارف علوي سندس مٿان گولڊ ميڊل سان نوازيو اها ڪاميابي چام ناويد جي تربيت جو هڪ زنده ثبوت آهي.

**مرحوم چام خليل احمد خان ڍهر:** جي تاريخ پيدائش ١٩,٠٤,١٩٦٩ آهي اولاد ۾ ٣ پٽ چام غلام محمد خان ڍهر، چام زوهيب احمد خان ڍهر، چام شهباز خان ڍهر ۽ ٤ نياڻيون آهن، چام خليل احمد جا پوٽا محمد نواز خان ڍهر ولد غلام محمد خان ڍهر ۽ چام خداداد خان ڍهر ولد چام زوهيب خان ڍهر آهن. **چام عبدالحفيظ خان ڍهر** جي تاريخ پيدائش ٠٩,٠٣,١٩٧٣ آهي اولاد ۾ ڪيس ٢ پٽ چام انيس احمد خان ڍهر، چام بلال خان ڍهر ۽ ٢ نياڻين جو اولاد آهي.

ڄام قادرداد عرف ڄام سانول خان ڈھر

# چام جاويد احمد خان ڏهر جون سياسي عوامي رابطي جون تصويري جهلڪيون

# جام جمشيد خان ڏهر جي سياسي ۽ سماجي سرگميون ۽ ملاقاتون

جام جمشيد خان ڏهر – جي تصويري گيلري مان سندس جي شخصيت نروار ٿئي ٿي. ڏهر خاندان جي سرداري گهراڻي جو نوجوان پنهنجي روشن شخصيت ۽ سنجيده سوچ سان هڪ اُپرندڙ ۽ مقبول نوجوان اڳواڻ آهي، جنهن پنهنجي وڏڙن، خصوصاً خان بهادر ڄام محمد نواز ڏهر جي تاريخي خدمتن جو گهرو مطالعو ڪري، بابا سائين ڄام جاويد احمد خان ڏهر جيان وسعت وارا تعلقات قائم ڪرڻ جو هنر سکيو آهي. سندس تصويري گيلري رڳو تصويرن جو مجموعو نہ پر سندس عوامي جذبي، سماجي وابستگي، ۽ سياسي شعور جو آئينو آهي. ڏهرڪي ۽ پرپاسي جي وسندين ۾ شادين، سوڳن، ۽ عوامي ميلن ۾ سندس شرڪت، سندس انسان دوست فطرت جو ثبوت آهي. ڄام جمشيد خان ڏهر مختلف قبيلن جهڙوڪ رهڙ، راڄڙي، پتافي، لنڊ، سميجو ۽ مهر سان ويجها لاڳاپا قائم ڪري، پنهنجي خاندان جي روايتن کي نئين سر زنده رکيو آهي. سردار علي گوهر خان مهر، سردار نادر اڪمل لغاري، راجا خان مهر، سردار باري خان پتافي، سردار حاجي خان مهر سميت ضلع جي اهم شخصيتن سان سندس ملاقاتون، گيلري جو فخر آهن.

سندس سياسي شعور جي جهلڪ ان وقت وڌيڪ چمڪي ٿي جڏهن هو پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه، ۽ اڳوڻي وزيراعظم سيد يوسف رضا گيلاني ۽ اعليٰ پوليس آفيسرن سان پڻ نظر اچي ٿو. ڪيس شڪار جو شوق آهي جاڏي ٻه ويندو آهي سرداري نوابي انداز سان ويندو آهي پر عوام ۽ غريبن سان هٿ جوڙي سان پيش ايندو آهي. ڄام جمشيد خان ڏهر جي جواني جو ڀرپور ڏاڪو ئي سچائي، ساڃاهه، تعلقات، ۽ عوامي خدمت جي جذبي سان سينگاريل آهي. سندس تصويري گيلري نه فقط هن جي يادگار لمحن جو احوال آهي، پر هڪ مستقبل جي واعدي سان ڀرپور نوجوان سردار جي پنهجي ماڻهن سان محبت جو ٻه اظهار آهي.

# چام عبدالجبار خان ڏهر تعليم ۽ ڪيريئر

چام عبدالجبار خان ڏهر جو ٢٣ مارچ ١٩٤٧ع تي ڏهرڪي ۾ جنم ٿيو. هو ڏهر خاندان جو پهريون گريجوئيٽ تعليم يافته نوجوان آهي. هن سموري زندگي عوام جي خدمت ۾ گذاري آهي. بنيادي تعليم گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول مان مڪمل ڪري مدل ۽ ميٽرڪ (ان وقت جي ڊي سي هاءِ اسڪول مان ١٩٦٣ع ۾ ڪئي. ١٩٦٥ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪري. انٽر ميڊئيٽ سکر ڊگري ڪاليج مان مڪمل ڪيائون. ان وقت ڊگري ڪاليج معصوم شاه جي مناري ( آغا نظام الدين ڪاليج ) ۾ هئي. گريجوئيشن لاءِ سنڌ يونيورسٽي ۾ بي. اي. (آنرس) B.A HON(Political Science) ۾ داخلا ورتي. ان وقت سنڌ يونيورسٽي ۾ علامه آءِ آءِ قاضي جو آخري سال هو. جنهن سان اڪثر ملاقاتون ٿينديون رهنديون

(Science پوليٽيڪل سائنس ۾ ڏهر ١٩٧٩ع کان ١٩٨٣ع تائين مکي لال نند هو. عبدالحق جبار خان ڏهر جو زمينداري ڪوليو هو ان وقت منهنجون ايڪڙ ٻي زمين خريد جنگ ۾ بابا سائين اسان بابا ظفر الدين گهر ۾ جي مرمت سميت پيش خان ڏهر کي ٽن پٽن جي نعيم احمد خان ڏهر ٣.

1969ع ۾ ڪري تعليم مڪمل ڪيائين. چام عبدالجبار خان بلا مقابلي چيئرمن ٽائون ڪاميٽي چونڊيو ويو ۽ وائيس چيئرمن عرف ميان منٺو ۽ ڦتو رام هاسواڻي ميمبر ٽائون ڪاميٽي هئا. چام سان شوق هو ۽ ١٩٤٧ع ۾ حيدرآباد شهر ۾ گاڏين جو شوروم زمينون چام عبدالستار سنڀاريندو هو آمدني مان هڪ سو ڪري ورتي. چام جبار خان ڏهر ٻڌائي ٿو ته ١٩٦٥ع جي سيپيئي گهر پاتين کي ڳوٺ نوشهرو ڏهر موڪليو صرف اڪيلو هوندو هو. اسان ڏهر فيملي جا پائر جامع مسجد امام ۽ موذن جي پگهار وچ مان ڏيندا آهن. چام جبار اولاد آهي جن ۾ ١. چام سليم احمد خان ڏهر ٢. چام چام فهيم خان ڏهر آهن.







ذوالفقار علي ڀٽو، ڄام عبدالرزاق ڏهر،
ڄام احمد يار خان ڏهر
غلام محمد خان مهر
SSPچوڌري قمر زمان

## ڄام احمد يار خان ڏهر جي زندگيءَ جا يادگار لمحا

**ڄام احمد يار خان ڏهر** جو پوٽو ڄام عبدالجبار خان ڏهر پنهنجي ڏاڏي احمد يار خان بابت ٻڌائي ٿو : خانبهادر ڄام محمد نواز خان ڏهر ٻه شاديون ڪيون، جنهن ڪي ٽن پٽن جي اولاد هئي. ١. ڄام قادر داد خان سانول خان ڏهر ٢. ڄام خداداد خان ڏهر ٣. **ڄام احمد يار خان ڏهر** جنهن جو جنم سال ١٨٩٨ع ٿيو، ڄام احمد يار خان ڏهر تعليم يافته هو. ڪيس پوليس ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري ملي، وڏي حويلي ۾ ڄامن فيملي وڏي ويئي، جنهن ڪري خانبهادر پنهنجي پٽ ڄام احمد يار خان ڏهر کي مين روڊ جي ڪاٻي ۽ ساڄي پاسي جي ملڪيت ڏيئي اتي آباد ڪيو. جيڪو هن وقت شهر جو ڪاروباري مرڪز بڻجي ويو آهي. ڄام احمد يار خان ڏهر پنهنجي وقت جو ناليوارو **پوليس آفيسر** SHO هو انڪري شهر جا ماڻهو هندو توڙي مسلمان سلامي لاءِ ايندا هئا، ۽ پنهنجا ڪم چوندا هئا, ڏاڏي جي رحمدل طبعيت هئي ماڻهن جي ڏکي سکي ۾ ڪم ايندا هئا ۽ فيصلا پڻ ڪندا هئا, جڏهن ٻه ڊيوٽي تان ڏهرڪي پنهنجي بنگلي تي ايندا هئا ته اڳ ۾ ئي آس وند شهري انتظار ۾ هوندا هئا, ڄام احمد يار ڏهر هندن لاءِ ڇپر ڇانو هو, هو سکر, چڪ ۽ ڏهرڪي سميت مختلف ٿاڻن تي SHO رهي چڪو هو ١٩٤٧ع ۾ پاڪستان آزاد ٿيو ته هتان جي هندن کي سرڪار زبردستي هندستان موڪليو جنهن وقت ڏهرڪي جا هندو موڪلائڻ آيا ته زار و قطار اوڇانگريون ڏيئي روئيندي روئيندي ڄام احمد يار کان موڪلائي پنهنجي ڌرتي ڇڏي ويا, هندن جي جاء تي جيڪي مهاجر آيا ته انهن جي پهرين مهماني ٻه ڏهر خاندان ڪئي، ڪين رهائش ڪاڏو پيتو آبادڪاري تائين ڄام احمد يار خان ڏهر پهچائيندو هو مهاجرن کي هن مسافر خاني اندر عارضي ڪيمپ لڳائي ڏني هئي, هجرت ڪري آيل مهاجرن ۾ هڪ ايم بي بي ايس ڊاڪٽر غفور بخش قريشي ٻه شامل هو. ان جي ڊيوٽي اباوڙو شهر ۾ هئي، شام جو ڄامن جي بنگلي تي قائم ڪيل ڪلينڪ ۾ مريض ڏسندو هو. ڪيس بنگلي ۾ رهائش ڏني ويئي هئي، ڪجھ ڏينهن بعد ڄام احمد يار خان مهاجرن کي سرڪاري سروي نمبر, ٤٧٠, ٤٧١ ۾ پنهنجا گهر ٺاهي ڏنا ۽ ڪين اتي آباد ڪيو, اهي سرڪاري نمبر هئا. انهن سروي نمبرن جا پنجابي مهاجر ڪوڙا ڪليم ٺاهي ڪٽي آيا، هندستانيپناهگيرن کان زوري گهر گهر خالي ڪرائڻ لاءِ مختيارڪار ساڻ وٺي آيا. انهن گهر اڏي ويٺلن کي بي گهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، اهو مختيارڪار ذات جو راجپوت هو. ڏهرن ۽ مهاجرن همت ڪري گهر خالي نه ڪيا. ان وقت تمام وڏو جهيڙو ٿيو مهاجرين ۽ سرڪاري ڪارندن وچ ۾، مهاجر عورتن, ٻارن سميت ٽن ڏينهن تائين مزاحمت ڪندي وڙهندا رهيا ۽ گهر خالي نه ڪيا, ڄام احمد يا تعلق واسطا هئا جنهن مزاحمت دوران ئي پنهنجون ڪوششون وٺي انهن سروي نمبرن جا الاٽمينٽ آرڊر آڻي مهاجرن حوالي ڪيا. ڄام احمد يار خان ڏهر جي دور ۾ ماڙي گيس فيلڊ ۽ ESSO جو ڪم شروع ٿيو. ان وقت اتي جهنگ هوندو هو, ماڙي ڪمپني جو آفيسر (رضوي صاحب) جيڪو ڄام احمد يار خان ڏهر وٽ بنگلي تي لنگهي آيو ۽ ماڙي گيس زمين جي سائيٽ وزٽ ڪرائڻ لاءِ ڪين سائيٽ تي وٺي ويو. ان سان گڏ محمد صادق ڊرائيور هو، جنهن هڪ وڏي ٽريڪٽر نما مشين آندي هئي، اها زمين زمين جي صفائي ۽ سنوت ڪري رهي هئي. ڪجھ وقت بعد ايسو جو انگريز ٻه احمد يار خان وٽ آيو. ESSO پلانٽ جي ڪم جي شروعات ١٩٦٤ع ۾ ٿي، امريڪن انگريز ڄام احمد يار خان ڏهر وٽ بنگلي تي آيو ته زمين جي خريداري ۽ ٻين مقامي معاملات ۾ مدد ڪيو. ڄام صاحب ڪين پنج ڪمرا موجوده مسافرخاني واري جاء ۾ ڏنا جتي ايسو جا ملازم رهندا هئا ”اهي يادگار لمحا انگريزن سان تصويرن ۾ محفوظ آهن“ ايسو ۾ پهريون پاڪستاني آفيسر عبدالسلام مهاجر ڏهرڪي آيو مقرر ٿيو جنهن جي نگراني ۾ ڪم پئي هليو.

**ڄام احمد يار خان ڏهر جي اولاد** ڪيس هڪ پٽ ڄام ظفر خان ڏهر ۽ هڪ نياڻي نور خاتون جي اولاد هئي جنهن جي شادي اڳوڻي صوبائي وزير ڄام ممتاز حسين ڏهر سان ٿي. ڄام احمد يار پنهنجو بنگلو پاڻ بيهي تيار ڪرايو، جيڪو ڪيپٽن ڄام غفار خان ڏهر پيرائي اهو تاريخي بنگلو زمين بوس ڪري ڇڏيو ڄام احمد يار خان ڏهر جي گهر ۽ اوطاقن جي ايراضي ٽي ايڪڙ ٿي گهنتا آهي. بنگلي سان گڏ رينجرز آفيس هئي پهريان اتي بيسڪ هيلٿ يونٽ هو گورنمنٽ اسپتال ٻاهر نڪتي ته ان عمارت رينجرز وارن زوري قبضو ڪيو ڏهرن جو ٽيليفون ايڪسچينج تي مالڪي جي دعوي آهي جنهن جو ڪيس هلي رهيو آهي پهريان هي علائقو عبدالرزاق خان ڏهر جو ڳوٺ سڏبو هو جيڪي ظفر بازار کان جامع مسجد تائين آهي, ڄام احمد يار خان ڏهر کي ٽي سو ايڪڙ زرعي زمين هئي، جنهن مان ٻه سو ايڪڙ ڄام ظفر

خان ڏهر ۽ هڪ سوا ايڪڙ ڏيءُ نور خاتون کي زندگي ۾ ورهاست ڪري ڏني هئي. سندس وفات ١٩٧٠ع ۾ ٿي. جام احمد يار خان ڏهر موجوده گرلز ڪاليج واري جڳهه پهريان سرڪاري اسپتال لاءِ ١٩٦٥ ۾ صرف ٣٠ سالن لاءِ عارضي ڏني هئي. بعد ۾ جڏهن سرڪاري اسپتال ٻاهر منتقل ٿي ته جانباز وارن ان تي قبضو ڪري ورتو. ١٩٩٥ ۾ ٽيهه سال پورا ٿيا. ٢٠٠٢ ۾ ڪمشنر سکر نثار احمد صديقي، اسان ۽ ائرن جام عبدالجبار خان ڏهر ۽ جام عبدالستار خان ڏهر وٽ آيو ته نياڻين جي تعليم لاءِ جانباز واري جاءِ وقف ڪيو. جنهن بعد اسان پنهنجي ۽ ائرن پاڻ ۾ مشورو ڪري ٢٠٠٢ع ۾ اهو پلاٽ گرلز ڪاليج کي ڪاتو رجسٽري ڪري ڏنو. خيرپور "ڏهرڪي" ۾ ان وقت مسلمانن جون اٺ ذاتيون رهنديون هيون، جن ۾ پُٽا، ڪوپر، ڪاسائي، ڪلال، ڪانجون، سومرا، ملڪ، ڏهر ۽ راڄڙي شامل هيون اهي ست سرداريون گڏيون ويٺيون هيون. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ، ڏهرڪي ۾ هڪ حصو مسلمانن جو ۽ ٽي حصا هندو آباد هئا. هي شهر تمام ننڍو هو باقي علائقا جهنگ هو. شاهي بازار، پراڻي بازار آهي، جامن جي حويلي کان هڪ رستو نڪرندو هو جيڪو بازار ويندو هو اهو اڄ به موجود آهي. شاهي بازار سونارا بازار ٿائين هئي. اناج منڊي واپار جو وڏو مرڪز هو، جتي ڪٽڪ، ساريون، چٽا، مٽر ۽ ٻين جنسن جو واپار ٿيندو هو. 1960 کان ١٩٧٠ تائين، ان وقت مَلڪن جي ڳوٺ جو استاد پير محمد سومرو مين پرائمري اسڪول جو هيڊ ماستر هو ان دور ۾ خيرپور "ڏهرڪي" ۾ بجلي ڪونه هوندي هئي اسڪولن، اوطاقن ۾ ڪٿي جون جهليون هلنديون هيون، رات جو "چمني، فانوس يا تيز روشني جا گولا" ٻاريا ويندا هئا، جيڪي گاسليٽ تي ٻرندا هئا جام خاندان شروع کان ئي سخي مرد رهيا آهن. سرڪاري مليل انوق مان پنهنجي ذاتي زمين جو ٨٠ سيڪڙو تورين ۽ ماڙيچن کي مفت ڏئي ڇڏي هئي، ڏهر گهراڻي جا نوجوان ٻار تعليم يافته آهن. اهي پنهنجي مال مڏيءَ جي سنڀار ۽ زميندار ڪندا آهن. جام احمد يار خان ڏهر جام احمد يار خان ڏهر پوليس آفيسر (SHO) هو، ۽ پروموشن ماڻي DSP رٽائرڊ ٿيو. جام احمد يار خان ڏهر ڏهرڪي ٽائون جي نوٽيفائيڊ ايريا جو صدرپڻ هو. جام احمد يار خان ڏهر پنهنجي علائقي جي معززين سان قريبي تعلقات رکندو جن سان گهڻي اچ وڃ هوندي هئي انهن ۾: سردار علي گوهر خان مهر اول جنهن جي وفات بعد سردار غلام محمد خان مهر، سردار مانڻ خان رهڙ، سردار عالم خان رهڙ، احمد خان سخيجو مهر، عطر خان مهر، سردار غلام ياسين خان راڄڙي، سردار نور محمد خان لنڊ، سردار مظهر علي خان راڄڙي، خانبهادر قيصر خان لنڊ، خان محمد خان بوزدار شامل آهن.

**جام احمد يار خان ڏهر پنهنجي زمين ۽ ملڪيت پنهنجي حياتي ۾ پنهنجن ٽن پوٽن جام عبدالجبار خان ڏهر، جام عبدالستار خان ڏهر ۽ جام عبدالغفار خان ڏهر جي نالي ڪري ويو هو [خانداني ذريعا]**

## جام ظفر خان ڏهر جي زندگيءَ جو مختصر احوال

**جام ظفر الدين خان ڏهر** جي پيدائش سال ١٩٢٢ع انگريزن جي دور ۾ ٿي، تعليم حاصل ڪرڻ بعد جواني ۾ قدم رکندي سندس والد جام احمد يار خان ڏهر ذميواريون وجهي ڇڏيون، جڏهن جام احمد يار خان ڏهر ڊيوٽي تي ويندا هئا ته زمين جو ڪم ڪار بنگلي جي سار سنڀار راڄ ڀاڳ جام ظفر الدين خان ڏهر ئي سنڀاريندا هئا. هو عاشق رسول الله صلي الله عليه وسلم هئا ۽ (اغامو ورتو هو) **هڪڙوئي شوق هو ته عمرا ۽ حج ڪريان** ۽ گهڻو وقت مديني پاڪ جي مسجد نبوي ۽ اڱڻ ۾ گذاريندا هئا. سال ۾ ٻه ٽي ڀيرا مديني پاڪ ضرور ويندا هئا. جام ظفر خان ڏهر جو ريلوي بند جي پرسان هڪ سرن جو بنو هوندو هو جيڪو جام ظفر جي بني جي نالي سان مشهور هو. اولاد ۾ جام عبدالستار سان گهڻي محبت هوندي هئس، جام ظفر الدين ٽائون ڪاميٽي ڏهرڪي جا چيئرمن چونڊجي آيا هئا. ان وقت ٽائون ڪاميٽي سميجا مارڪيٽ بازار واري جاءِ تي هئي ۽ اوڪيو ٽرسٽ جي ملڪيت هئي جنهن جي ڪٽ ٿي، جام ظفر خان جي بنگلي ٻاهران هڪ وڏو ميدان ۽ پارڪ هو جتي شام جو اڪثر محفل مچندي هئي، وٽس هڪ ريڊيو هو ۽ ڪيترا ماڻهو ريڊيو تي گانا ٻڌڻ ۽ محفل جو مزو وٺڻ ايندا هئا. جڏهن ١٩٦٥ع جي هندستان پاڪستان جي جنگ لڳي ته رات جو بي بي سي تي خبرون ٻڌندا هئا. جام ظفر خان جنگ دوران ريلوي بند تي پهرو لڳرايو هو ته ڪٿي ڪو ريلوي ٽريڪ کي نقصان نه پهچائي، ۽ پاڻ به رات جو گشت ڪندا هئا. ان وقت بليڪ آئوٽ ٿيندي هئي بتي ٻارڻ نه ڏيندا هئا، رات جو گاڏي تي گشت لاءِ وڃي رهيا هئا ته سندن ڪار جو فوجين جي گاڏي سان ايڪسيڊنٽ ٿي پيو.

فوجي ڪيس سکر اسپتال ۾ ڪٽي ويا هئا، ٽي مهينا بيڊ ريسٽ تي هئا. ڄام ظفر خان ڌهر پهرين گهر واري جي وفات جي ستن سالن بعد ٻي شادي ڪئي جنهن مان چار نياڻيون ۽ ٻه پٽ اولاد آهن. ۽ زندگي ۾ جائداد جي ورهاست ڪري ڇڏيائون. ٦٥ ايڪڙ ۽ ڪجهه دڪانون ڄام عبدالجبار خان ڌهر، ٦٥ ايڪڙ ۽ ڪجهه دڪانون ڄام عبدالستار خان ڌهر، ٦٢ ايڪڙ ۽ دڪانون ڪيپٽن ڄام عبدالغفار خان ڌهر کي ۽ ٻي گهرواري جي پٽن ڄام عظيم خان ڌهر ۽ ڄام وسيم خان ڌهر کي ٢٥ ايڪڙ ۽ ڪجهه دڪانون مليون. سندن وفات ١٩٨٥ع ۾ ٿي.

ڄام ظفر خان ڌهر خدا ترس انسان هو هن جي ماڻهن سان محبت ۽ قربت وارو رستو هو استاد عبدالرزاق سومرو، مظهر علي خان راڄڙي، الهڏنو اعوان، محمد عارب خان راڄڙي، الهوڏايو راڄڙي، الله بخش رهڙ، سردار علي گوهر خان مهر، نور محمد خان لنڊ، ڄام منير احمد خان ڌهر، پير عبدالرحيم، ميان منوءَ ميان اڇل سان قربت هئي. **ڄام ظفر الدين خان ڌهر ٻه شاديون ڪيون جن مان پنج پٽ** ڄام عبدالجبار خان ڌهر، ڄام عبدالستار خان ڌهر، ڄام عبدالغفار خان ڌهر ڄام وسيم احمد خان ڌهر، ڄام عظيم خان ڌهر ۽ ٽي نياڻيون

”حميدان بيبي“ جي شادي ڄام قادرداد خان ڌهر سان ٿي، نجمه بيبي جي شادي ڄام ممتاز خان ڌهر سان ٿي. ڄام عبدالجبار خان ڌهر جي اولاد : ڄام سليم احمد خان ڌهر، ڄام نعيم احمد خان ڌهر، ڄام فهيم احمد خان ڌهر ۽ ٻه نياڻيون جي اولاد آهي. ڄام عبدالستار خان ڌهر جي اولاد : ڄام شاهد حسين خان ڌهر، ڄام زاهد حسين خان ڌهر، ڄام احمد يار خان ڌهر، ڄام ساجد خان ڌهر، ڄام ماجد خان ڌهر ۽ پنج نياڻيون آهن ڪيپٽن ڄام عبدالغفار خان ڌهر جي اولاد : ڄام احمد خان ڌهر، ڄام حامد خان ڌهر ۽ ٻه نياڻيون آهن. ڄام عظيم خان ڌهر کي هڪ پٽ محمد ذيان ۽ هڪ نياڻي علينا بي بي ۽ ڄام وسيم خان ڌهر کي هڪ پٽ محمد عباس خان ڌهر ۽ هڪ نياڻي زاهره

## مرحوم ڄام عبدالستار خان ڌهر، ڌهر خاندان جو روشن ڏيئو

ڄام عبدالستار خان ڌهر، ڌهر خاندان جو نيڪ نالو رکندڙ وارث، نه رڳو پنهنجي ڏاڏي ڄام احمد يار خان ڌهر ۽ والد ڄام ظفر الدين خان ڌهر جي روايتن جو امين رهيو، پر انهن جي ڇڏي ويل ورثي ۾ نئون روح ڦوڪيو. سندس زندگي جو محور زمين، اوطاق، سخاوت ۽ انسانيت هئي. پنهنجي والد جي وفات بعد، ڏاڏي جي پوکيل فصلن کي اڳتي وڌائيندي، نه رڳو پنهنجن پاڙن سان گڏ جائداد سنڀالي پر اها بهتري سان وڌايائين، جنهن جي واڪاڻ اڄ به علائقي وارا ڪن ٿا. ڄام عبدالستار خان ڌهر جو گهڻو وقت اوطاق تي گذرندو هو. انتهائي خوش طبع، ملنسار ۽ سخي شخص هو. جنهن جي محفل هميشه علم، ادب، مزاح ۽ مقامي حالتن سان ڀرپور هوندي هئي. پاڙيسري، هاري، نوڪر ۽ عام ماڻهو سندس ويجهو اچڻ کان ڪڏهن نه ڪونڊ ڪيپائيندا هئا هو انهن کي سڏي پنهنجي وڏن جو ڳالهيون شيئر ڪندو هو ۽ انهن جا ڏک سک ٻڌندو هو. ڄام عبدالستار خان وٽ عزت، همدردي ۽ مدد جي پڪ هوندي هئي. سندس دل جي سخا صرف ماڻهن لاءِ نه، پر پکين ۽ جانورن تائين پکڙيل هئي. پنهنجي زمين مان قيمتي حصو قبرستان لاءِ ڏئي، عملي طور اهو مثال قائم ڪيو ته دنياوي مال متاع کان اهم انساني خدمت آهي. چوندو هو: "آخر اسان سڀني کي انهيءَ مٽيءَ ۾ وڃڻو آهي."هو ٻه پيرا ٽائون ڪاميٽي جو ڪائونسلر چونڊيو ويو، ٻي ڀيري وڏي اڪثريت سان، جنهن مان سندس عوامي مقبوليت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. سندس زندگيءَ جو هر پهلو وفاداري، خدمت، ۽ اخلاص جي علامت هو. ١٤ جنوري ٢٠٢٠ع تي ڄام عبدالستار خان ڌهر دل جي دوري سبب وفات ڪري ويو.

## ڪيپٽن (ر) ڄام عبدالغفار خان ڌهر فوجي رعب تاب سان گڏ سياسي بصيرت

جامع خاڪو: ڪيپٽن (ر) ڄام عبدالغفار خان ڌهر — فوجي رعب، سياسي بصيرت ۽ خانداني سرواڻيءَ جو علامت ٿائرڊ ڪيپٽن ڄام عبدالغفار خان ڌهر، ڄام احمد يار خان ڌهر جي پوئين نسل مان ٽيون نمبر پوٽو، پنهنجي شخصيت ۾ بهادري، رعب، خدمت، ۽ خانداني وقار کي گڏائي هڪ مثالي ڪردار طور سامهون آيو. تعليم حاصل ڪرڻ بعد فوج ۾ شامل ٿيو، جتي ڪيپٽن جي عهدن تائين پهتو. سندس فوجي تربيت ۽ دبدبي وارو انداز اڄ به سندس گفتگو، رفتار ۽ فيصلا ڪرڻ جي طرز مان چٽي نموني ظاهر ٿيندو آهي. نوڪري ڇڏي ته

پنهنجي اباڻي زمينداري جي واڳ سنڀالي، جتي به هو ساڳي جذب سان سرگرم رهيو. صرف زمين جي سنڀال نه، پر ماڻهن جي به ڀرپور سار سنڀال سندس زندگي جو حصو رهي. سندس رعبدار آواز ۽ فيصلن ۾ اعتماد اڄ به مقامي ماڻهن لاءِ رهنما جو ڪم ڏيندو آهي. سندس سياسي زندگي به قابل ذڪر آهي. يونين ڪائونسل سائيڏنو ملڪ جو چيئرمين رهيو، جتي مقامي مسئلن جي حل لاءِ هميشه سرگرم رهيو. ان کان سواءِ ڏهرڪي ٽائون ڪاميٽي جو به ڪائونسلر چونڊيو ويو. هو عام سياسي هلچلن کان بچي، خاموشي سان وڏڙن جي واسطيدارن، خانداني مامرن ۽ سياسي اثر رسوخ سان جڙيل ماڻهن جي سار سنڀال ڪندو رهي ٿو. پاڻ سچو، بي لوث، ۽ فيصلي واري طبعيت جو ماڻهو آهي — جيڪو دل ۾ هجي، کلي انداز سان ڪري ڇڏيندو آهي. **سندس اولاد ۾ به پٽ آهن:** جام حامد غفار خان ڌهر ۽ جام احمد غفار خان ڌهر آهن

## جام وسيم ڌهر جي ٻالڪپڻ کان جوڀن جواني تائين مختصر احوال

جام ظفر الدين ڌهر به شاديون ڪيون هيون نندي گهر واري مان چار ڌيئر ۽ به پٽ عظيم احمد خان ڌهر جنهن جي پيدائش سال ١٩٨٣ع ۾ ٿي ۽ هو ميٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪري سگهيو. جام وسيم احمد خان ڌهر جنهن جي پيدائش سال ١٩٨٥ع ۾ ٿي ۽ گريجوئيٽ ڪئي. سندن والد جام ظفرالدين خان ڌهر جي وفات ٥ مئي ١٩٨٥ع ۾ ٿي. ان وقت عظيم جي عمر به سال ۽ وسيم جي عمر ڪجهه مهينا هئي والد جي وفات بعد هو يتيم ٿي پليا، جام ظفر جي وفات وقت سندس نندي گهر واري جا سڀ ٻار صغير هئا. والد جي وفات کان اڳ ۽ پوءِ جام ظفر جا سڀ پٽ هڪ ئي حويلي ۾ الڳ الڳ حصي جي هڪ ڪوٽ اندر رهندا آهن. سندن جون پيرون وڏيون هيون پاڻ ڀيئي ننڍا هئا. سندن جي پالنا پنهنجي پائرن جام عبدالستار خان ڌهر ۽ جام عبدالغفار خان ڌهر ذمو ڏنو ويو. صغير هجڻ

سبب ٻارن جي ملڪيت جو ڌهر خاندان جي چڱن مڙسن جي موجودگي ۾ ١٩٨٦ع هڪ اسٽامپ پيپر پاور آف اٽارني ٺاهي ملڪيتن جو تفصيل لکي ملڪيتن ۽ ٻارن جي سار سنڀار بلوغت تائين ڪيپٽن جام عبدالغفار خان ۽ جام عبدالستار خان نالي لکي ڏني ويئي جنهن ۾ نوٽ هو ته اها ملڪيت ناقابل وڪرو هوندي. **جام وسيم خان پڏائي ٿو** سندس پڙ ڏاڏي، خان بهادر محمد نواز خان ڌهر جون به شاديون هيون، جن مان هڪ شادي اعواڻ ذات مان هئي، ۽ اعواڻن جي ڳوٺ جي هئي. منهنجي والده جا (الهڏنو اعواڻ) وارا ناناڻ هئا. پڙ ڏاڏي جي وفات وقت احمد يار خان ڌهر ۽ حاتن خان ڌهر، جام محمد نواز خان جا پٽ هئا. حاتن خان وڏو هو، جنهن جي والده ڌهر هئي، جڏهن ته احمد يار خان ننڍو هو، جنهن جي والده اعواڻ هئي. جڏهن خان بهادر محمد نواز خان ڌهر جي وفات ٿي ته ان وقت ٻنهي پائرن جي عمر ان وقت ٥ کان ١٠ سالن جي وچ ۾ هئي. ٻيئي صغير هئا، تڏهن جام عبدالرزاق خان ڌهر سندن مٿي تي هٿ رکيو ۽ سڄي ملڪيت به سنڀالي. احمد يار خان جي والده، جنهن کي "امان جيجي" سڏيندا هئا، پنهنجي پيڪن جي مدد سان سکر روهڙي ۾ ڪرائي جو گهر ورتو، ۽ پنهنجي پٽ احمد يار کي تعليم ڏيارائين جتي احمد يار خان انگريز دور ۾ گريجوئيشن مڪمل ڪئي. تعليم کان پوءِ هو پوليس ۾ پرتي ٿي SHO جي عهدي تي فائز ٿيو. هن پنهنجي محنت سان سماجي حيثيت ۽ ساک پاڻ ٺاهي، قانوني ڄاڻ حاصل ڪئي ۽ اثرائتي حيثيت ۾ اچي ويو. احمد يار خان ڌهر جي حيثيت ڏسي، جام عبدالرزاق خان، خاندان جي ٻين بزرگن سميت، سندس وٽ ڏهرڪي لڙي آيا ۽ خانداني راجوتي تحت ڪيس ملڪيت ۾ حصو ڏيڻ جي آڇ ڪئي.. احمد يار خان ڌهر هڪ دلير، دبنگ، سخي، ۽ بهادر پوليس آفيسر رهيو. راجوتي ورهاست تحت ڪيس صرف ٧ ايڪڙ زمين ڏني وئي، جيڪا ان وقت جهنگ هئي.

**جام ظفر خان ڌهر** جي ٻي شادي ١٩٧٤ع ۾ ڪئي ان مان اولاد چار نياڻيون ۽ ٻه پٽ جام عظيم خان ڌهر ۽ **جام وسيم خان ڌهر آهن**. جام عظيم احمد خان ڌهر ۽ جام وسيم احمد خان ڌهر جام احمد يار خان ڌهر جا پوٽا ۽ جام ظفرالدين خان جا نندي گهر واري جا فرزند آهن. جام ظفر خان ڌهر ٻيئي ٻائر هڪ ۽ ٻن سالن جا هئا ته سندن والد جام ظفر الدين خان ١٩٨٥ع ۾ وفات ڪري ويا سندن پرورش والده ڪئي، جام ظفر خان ڌهر پنهنجي ٻي گهر واري کي بنگلي جي ٻي سائيڊ کان سڀ کان الڳ جاء ۾ رهايو هو. ٻنهي ڀائرن مٿان پنهنجي چاچي جام عبدالجبار خان جو هٿ هو والد صاحب جي وفات سبب اعلي تعليم به حاصل نه ڪري سگهيا.

پاڻ پهنجي والد صاحب جون محبتون نہ ماڻي سگهيا, انڪري زندگي ۾ ڪين ڪافي مشڪلاتن سان منهن ڏيڻو پيو, ڪين والد ڄام ظفر الدين جي پنهنجي ملڪيت مان پنهي ڀائرن سميت سيني ڪي ڪل ۲۵ ايڪڙ زرعي زمين ۽ ڪجهہ دوڪان حصي ۾ آيا آهن. يو بي ايل بينڪ جو اڌ جي ايراضي سميت ۲۲ دوڪان نالي ڪيا ويا. ڄام وسيم خان موجب ۲۲ دوڪانن مان ۱۲ دوڪانون مرحوم ڄام عبدالستار وٽ هيون ۽ هن وقت بہ انهن وٽ آهن. اسان جي ڀني جي ۱۳ ايڪڙ جو ڪاتو هڪ ڀاء پنهنجي سالي جي نالي ڪرائي ڇڏيو. وسيم ٻڌائي ٿو تہ اسان جو ٻچپن ڏاڍو ڏکيو ڇورن ٻارن وانگر گذريو اسان جي نالي ڪيل غير آباد آهي, ڄام عظيم جي ڪفالت وڏي ڀيڻ ڪئي ۽ ڀنو عاقل وٽي وڃي وڙهايو, اسان جي امڙ ڏکيا ڏينهن گذاريا اسان جي زندگي جا پل ۱۹۹۸ع تائين ڏاڍا ڏکيا گذريا, اسان ڀائر سمجهہ سان ٿيا سين اسان ڪي پنهنجي بابا ۽ ڏاڏا جي زندگي جي باري ۾ بابا جي دوستن بشير احمد عرف چيئرمن, ڊاڪٽر عبدالقدير, ڊاڪٽر سجاد حيدر استاد پيارا لال, وڏيري ذياب الدين ملڪ ٻڌائيندا هئا ۽ تربيت بہ ڪندا هئا.

**ڏکن پٺيان سک:** سال ۱۹۹۹ع ۾ هن سندس سمجهہ بہ ايندي ويئي ۽ ڀهريون ڀيرو پنهنجي بابا جي ديهہ جونگ ۾ ڏنل زمين ۾ پنهنجي ڏاڏا احمد يار خان ڏهر جيان پنهنجي پيرن تي بيهڻ جو پڪو فيصلو ڪندي ساڳي جاء تي سرن جي ڀٽي لڳائي, جنهن مان آمدني پلي ٿيندي گئي UBL جبار خان ۽ سندس جي گڏيل ملڪيت هئي جنهن مان هر مهيني ۲۰۰۰ ملندا هئا. ان سان گڏ قانوني طرح حق وٺڻ جو سندرو ٻڌو سين سال ۲۰۰۳ ۾ عسڪري بينڪ جيڪا ڄام عظيم جي حص ۾ آهي. ان جي حاصلات لاء سينئر سول ڪورٽ ۾ ميرور ماٿيلو ۾ ڪيس داخل ڪيو سون جنهن جو اسان جي ڀائرن ۽ وڏن پريشر وجهي سال ۲۰۰۵ ۾ هٽ ڪٽايو تہ فيصلو ڪريون ٿا پر سال ۲۰۰۷ تائين فيصلو ڪونہ ٿيو پوء اسان پنهنجي ڀيڻ شاهد خان ڏهر جي گهر واري پاران پنهنجي حق جو ڪيس وڌو جنهن جو ڪورٽ سگوري سال ۲۰۱۳ع ۾ سندن جي حق ۾ فيصلو آيو. جنهن خلاف هو سال ۲۰۲٤ع ۾ فيصلو بہ اسان جي ملڪيت تسليم ڪندي حق ۾ آيو ۽ هاڻي سال ۲۰۲۵ ۾ اهو ڪيس سپريم ڪورٽ ۾ هلي رهيو آهي.

**ڄام عظيم خان ڏهر جي اولاد :هڪ پٽ محمد زايان, ٻہ نياڻيون علينا بي بي ۽ عنيبا بي آهن .**
**ڄام وسيم خان ڏهر جي اولاد :هڪ پٽ محمد عباس خان ڏهر هڪ ڌي ء زاهره خاتون آهي .**

**سياسي ڪيريئر:** ڄام وسيم خان ڏهر پنهنجي سڃاڻ ناهڻ ۽ پاڻ مڃائڻ لاء پنهنجي والد جا طور طريقا ۽ ڏاڏي واري همت ڪري نڪري پيو ۽ عوامي رابطا شروع ڪري ڏنا شادي غمي اٿڻ ويهڻ شروع ڪيو سنگت ۽ سٺا دوست ٺاهيا پاڙي ۽ ڪالوني وارن سان محبت پيار اخلاق ۽ ڄام ظفر خان جيان هر وقت پنهنجي بنگلي تي موجود رهندو هو. سندن ماملا حل ڪرائڻ لاء پنهنجي آباء اجداد جو نالو ئي ڪافي هو, ۲۰۰۸ع واري اليڪشن ۾ ميان مٺو جو ساٿ ڏنو, ۽ پنهجون پولنگون ڪيس ڪليئر ڪرائي ڏنيون پر اسيمبلي ۾ پهچڻ بعد ميان مٺو سندس جي ووٽرن جا ڪم نہ ڪيا ۽ چوند و هو اوهان پنهنجي مهتاب خان ڪي چئو اهي ئي لفظ مهتاب خان ڏهر چوندو هو تہ ميان مٺو ڪان ڪم وٺو. اهڙن روين بعد ڄام وسيم خان ڏهر پنهنجو پاڻ مڃرائڻ لاء سال ۲۰۱۳ع جي اليڪشن ۾ صوبائي سيٽ تي پنهجي ڏاڏي ڄام احمد يار خان ڏهر جيان پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪرڻ لاء آزاد طور اليڪشن ۾ بيٺو ۽ ڪيس ٻڪري جو نشان الاٽ ٿيو اليڪشن ڪيمپئن ۾ سندس جو هلايل گانو "**ٻلي زور ڪو لڳائي ووٽ وسيم خان جو آ**" ماڻهن ۽ عوام جي ذهنن ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو... (جيئن عوام ڪان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو نٿو وسري) ائين ئي ان وقت جي ڏهرڪي ميرپور ماٿيلو جي جوانن پوڙهن عورتن مردن ڪان نٿو وسري. "**ٻلي زور ڪو لڳائي ووٽ وسيم خان جو آ**" وسيم خان ۲۰۱۳ع جي پهرين اليڪشن ۾ ۸۰۰۰ هزار رڪارڊ ووٽ ڪنيا تاريخ ۾ بنا پارٽي جي آزاد اميدوار پهريون ڀيري ۾ ايترا ووٽ نہ ڪنيا آهن ڪيس انهن علائقن مان ووٽ مليا جتي هنن وسيم خان پهريون ڀيرو ڏنو هو. ڏهر خاندان جي ۲۰۰۵ع جي سياست ڪي غفار خان ڏهر يونين ڪائونسل جي سيٽ تي هارايو هو. ان ساک ڪي ۲۰۱۳ع ۾ ڄام وسيم خان ڏهر بحال ڪيو. جنهن جي نتيجو اهو نڪتو تہ سال ۲۰۱۵ع جي بلدياتي چوندن ۾ ڏهر خاندان ٽي سيٽون, ۱. ڄام عبدالستار خان ڏهر ۲. ڄام عظيم خان ڏهر ۳. ڄام جاويد خان ڏهر جي سيٽون ڪٺيون هيون پر ڄام جاويد خان ڏهر ڪي پوليس جي ايس ايچ او ٽپا هٽائي زوري هارايو جنهن جي پوري ڏهرڪي واسين ڪي خبر آهي. هن وقت ۲۰۲۲/۲۳ ۾ چيئرمن ۽ هڪ ڪائونسلر ڏهر فيملي جو آهي هڪ ڀيرو ٻيهر ڏهر فيملي هڪ ٿي ميدان تي نڪتل آهن ۽ ذاتي ماملا هڪ پاسي رکي پنهنجي تشخص برقرار رکڻ ۽ وڏن جي پيروڪاري ڪرڻ لاء عوامي رابطا جاري آهن ۽ رهندا. جنهن زندگي جو چرخو ۽ بنگلو هلائي رهيا آهن ڄام وسيم خان ڏهر پبلڪ فگر آهي سندس جي حسن اخلاق سبب ماڻهو اميدون ڪٽي ايندا آهن. سياست سندن جي مورثي آهي عظيم خان ڏهر هڪ پيرو ٽائون ڪاميٽي ڏهرڪي جو ڪائونسلر ٿي گذريو آهي ۽ وسيم خان ڏهر صوبائي اليڪشن مقابلو ڪري پنهنجي حريف ڪي پريشان ڪري وڌو هو, سندن جو تعلق ڏهرڪي جي معتبر شخصيتن سان آهي پاڙي وارا ڪين ڄام ظفر خان ڏهر جي نظر سان ڏسندا آهن.

## چام شاهد خان ڏهر هڪ بهادر، فرض شناس پوليس آفيسر

چام شاهد خان ڏهر: هڪ بهادر، فرض شناس پوليس آفيسر آهي. ڏهر خاندان جو روشن مستقبل چام شاهد خان ڏهر، ڏهر خاندان جو معزز پڳدار، بهادر پوليس آفيسر ۽ نيڪ نام سماجي شخصيت آهي، جيڪو نہ رڳو پنهنجي والد چام عبدالستار خان ڏهر جي نيڪين جو وارث آهي، پر پنهنجي خدمتن سان خاندان جي نالي کي وڌيڪ بلند ڪيو آهي. ١٩٦٧ع ۾ چام عبدالستار خان ڏهر جي گهر ۾ ڄائو، هو ننڍپڻ کان ئي منظم، ذميوار ۽ خدمت جو جذبو رکڻ وارو هو. تعليم ۽ شروعاتي زندگي چام شاهد خان ڏهر صادق پبلڪ اسڪول بهاولپور مان پرائمري، پبلڪ اسڪول سکر مان مڊل، پوءِ ڪراچي جي آشا پواني اسڪول ۽ حيدر آباد پبلڪ اسڪول مان تعليم حاصل ڪئي. ڏاڏي جي بيماري سبب ڏهرڪي موٽي، اتان ميٽرڪ ۽ گهوٽڪي مان انٽر ڪيو. بي اي شاهہ لطيف يونيورسٽي خيرپور مان ڪئي. ننڍپڻ کان پوليس سروس جو شوق هئس، جيڪو ڏاڏي چام احمد يار خان جي اثر هيٺ وڌيو. پوليس سروس ۾ شروعات ١٩٩٠ع ۾ ASI طور پوليس ۾ شامل ٿيو. شهدادپور ۾ ٽريننگ دوران چام صادق جي حڪومت جي فيصلي تحت نوڪري ختم ڪئي وئي، پر هو ثابت قدم رهيو. ڪيس وڙهي محترمہ بينظير ڀٽو جي حڪومت ۾ ٻيهر بحال ٿيو. ٻيهر ٽريننگ مڪمل ڪري پنهنجي فرائض جي ادائيگي شروع ڪئي. **بهادري، ايمانداري ۽ فرض شناسي** چام شاهد خان ڪراچي، سکر ۽ گهوٽڪي ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون. هن ڌوهارين خلاف سخت ڪارروائيون ڪيون، عام ماڻهن جي تحفظ لاءِ دليري سان ڪم ڪيو. سندس بهادري، ايمانداري ۽ انسانيت سان لڳاءُ ڪيس ٻين کان نمايان بڻايو. هن وقت گهوٽڪي ۾ ڊي ايس پي (ڪمپلين سيل) طور فرض نڀائي رهيو آهي، جتي ماڻهن جي شڪايتن جو فوري نوٽيس وٺي انصاف مهيا ڪري ٿو. خانداني ذميواريون ۽ سماجي ڪردار ٢٠٢٠ع ۾ والد جي وفات بعد، چام شاهد خان ڏهر کي پڳ ملي، جنهن سان سندس خانداني ذميوارين ۾ واڌ ٿي. خاندان جي ماڻهن، دوستن، واسطيدارن ۽ علائقي جي عوام سان رابطن ۾ متحرڪ رهيو. گوڙ گهمسان واري ماحول کان پري، الهرڪيو چوڪ تي بنگلو جوڙي، اتي ماناٽو وقت گذاريندو آهي. اوطاق هميشہ ماڻهن سان ڀريل هوندي آهي، جتي عزت، همدردي ۽ ڀائيچاري جو ماحول ملندو آهي.

## جامع مدني مسجد ڏهرڪي

**چام احمد يار خان ڏهر** ۽ سندس پٽ چام ظفر الدين خان ڏهر ۽ پوٽو چام عبدالجبار خان ڏهر سخي مرد آهن. چام احمد يار خان ڏهر پنهنجي ذاتي پلاٽ تي جامع مدني مسجد سال ١٩٦٦ع ۾ پنهنجي خرچ سان ٺهرائي رهيا هئا تہ ڊسمبر ١٩٧٠ع ۾ پاڻ وفات ڪري وياسندن وفات بعد مسجد جو اڌورو ڪم سندس فرزند چام ظفرالدين خان ڏهر مڪمل ڪرايو چام ظفر الدين خان ڏهر جي وفات بعد مسجد جا انتظامات ۽ مرمت وغيره ۽ پيش امام جي مقرري موذن ۽ پيش امام جون پگهارون جي نگهباني چام عبدالجبار خان ڏهر وٽ آهي. ڏهرڪي شهر جي هي واحد مسجد آهي جنهن جو چندو نہ ٿيندو آهي ۽ مسجد جو تمام خرچ گڏيل طور سڀيئي ڀائر ڪندا آهن .

**مسجد جي پيش امام مولوي محمد يونس مهر** ڏهرڪي جي وڏي جامع مسجد جي باري ۾ ٻڌائي ٿو تہ مسجد لاءِ صدري پراڻي فقيرن جي روايت آهي تہ روضي ڌڻي حضرت پير محمد راشد رحمت الله عليہ جن چام ابوالخير خان ڏهر جي دور ۾ ڏهرڪي تشريف فرما ٿيا هئا ۽ مسجد شريف جي جاءِ تي پڙاءُ ڪندي قيام ڪيو هو. انهي ئي جاءِ تي چام احمد يار خان ڏهر مسجد جو پلاٽ مختص ڪيو ۽ پنهنجي خرچ تي تعمير شروع ڪرايائون،



(مسجد جي افتتاحي ڪم جي تاريخي ماربل جي تختي ١٩٦٦ع جي هن وقت بہ مسجد ۾ موجود آهي)پهريان مسجد ننڍي هئي بعد ۾ ان جي توسيع ڪئي وئي آهي. هن مسجد ۾ هر جمعي تي نماز جي وڏي جماعت ٿيندي آهي.

# ڄام زاهد خان ڌھر چيئرمين ٽائون ڪاميٽي ڏھرڪي

**چيئرمن ٽائون ڪاميٽي ڏھرڪي** ڄام زاهد خان ڌھر پنهنجي والد ڄام عبدالستار خان ڌھر جيان ئي خوش طبع ۽ سادگي پسند انسان آهي. هو گھڻو وقت سير سپاٽن ۽ اوطاق تي گذاريندو هو. پنهنجي والد صاحب جي وفات کان پوءِ. خانداني ورثي جون گھڻيون ذميواريون مٿانئس پيون. سندس اوطاق ۾ راڄ ڀاڳ، اوڙي پاڙي جي عوام ۽ هارين جون اميدون. ڄام عبدالستار خان ڌھر ۾ هيون ۽ ماڻهو ڪيس گھڻو پائيندا هئا. هر اليڪشن ۾ سياسي لحاظ کان ڄام خاندان کي پاڙي کان سواءِ ڪافي ووٽ ملندا آهن. پنهنجي پولنگ تي هنن پاڻ ڪٿيو آهي يا ڪنهن کي ڪٿرايو آهي. هميشه پولنگسيف ڪندا آهن ۽ ڪين ڪڏهن به شڪست ناهي ملي. ڄام زاهد ٢٠٢٢ع جي بلدياتي چونڊن ۾ ڪائونسلر منتخب ٿيو. کيس پيپلز پارٽي پاران ڏھرڪي ٽائون ڪاميٽي لاءِ چيئرمن شپ لاءِ نامزد ڪيو ويو. هو اڳ ۾ ئي ٽائون جي مامرن کي انتظامي صلاحيتن، عوامي خدمت سبب هلائي چڪو هو. ڄام زاهد خان ڌھر نه رڳو سياسي سڄاڻپ رکندڙ آهي، پر هڪ منظم، فرض شناس، ۽ عوام دوست منتظم جي حيثيت سان پڻ سڃاتو وڃي ٿو. هو انتظامي معاملا ذاتي دلچسپي سان ڏسندو آهي، اڪثر شهر جو گشت ڪندو آهي، ۽ عملدارن سان گڏ ويهي مسئلا حل ڪندو آهي.

**شهري مسئلا ۽ انهن جو حل** ڄام زاهد خان ڌھر شهر جي روزمره مسئلن کي رڳو آفيس تائين محدود نه رکيو آهي، پر ميدان ۾ نڪري، گندي پاڻي جي نيڪالي، روڊن جي حالت، صفائي، اسٽريٽ لائيٽن جي مرمت ۽ ٻيا مسئلا عوام سان گڏ ويهي حل ڪيا آهن. ڪيترين ئي پٽين، رستن ۽ رستن جي ڪنارن تي ٿيل ناجائز قبضا ختم ڪرڻ لاءِ ڪارروايون پڻ ڪرايون. **صفائي سترائي ۽ ماحولياتي بهتري** شهر جي صفائي سترائي جي معاملي تي خاص ڌيان ڏئي ٿو. صفائي عملي حاضري، ڪچري جي وقت سر اُٿارڻ، ۽ روڊن جي صفائي ڪرائڻ جا معاملا پاڻ مانيٽر ڪري ٿو. چوڪن ۽ بازارن ۾ صفائي کي يقيني بڻائڻ لاءِ مستقل نگرانيءَ وارو نظام قائم ڪيو ويو آهي. **انڪروچمينٽ خلاف واضح قدم** ناجائز (انڪروچمينٽ) خلاف سنجيده قدم کنيا. هن نه رڳو ڪمپليڪس، رستن ۽ بازارن مان قبضا ختم ڪرايا، پر واپارين سان صلاح مشوري بعد منظم انداز ۾ مسئلا حل ڪيا، جنهن ڪري ڪنهن به قسم جي تڪرار کي جنم نه مليو. نظم و ضبط لاءِ ٽائون ڪاميٽي جي مخصوص ڊريسون پائي چوڪن تي ڏنڊا بردار شهر جي اهم چوڪن ۽ واپارين جي مرڪزن تي مقرر ڪري نظم و ضبط قائم ڪيو ويو آهي. جيڪي ٽرئفڪ، پارڪنگ ۽ ڀيڄ ڊاهه وارن واقعن کان شهر کي محفوظ رکڻ ۾ مددگار ثابت ٿيا. هو ملازمن جي مسئلن کي ڌيان سان ٻڌي، انهن جي سهولتن، وقت سر پگهارن، ۽ اوزارن جي فراهميءَ لاءِ قدم کڻي ٿو، جنهن ڪري عملي جي ڪارڪردگي به بهتر ٿي آهي.

# چيئرمين ٽائون ڪاميٽي ڄام زاهد خان ڏهر

## ڏهرڪي جي تاريخ ۾ سنهرا لمحا

## چام سانول خان ڈھر (پراڻي حويلي)
## چام احمد يار خان ڈھر (ظفر آباد) جو بنياد رکيو جنھن جو شجرو ھي آھي

خان بهادر خان محمد نواز خان ڈھر

چام احمد يار خان ڈھر

چام ظفر خان ڈھر

چام ظفر الدين خان ڈھر ٻه شاديون ڪيون جن مان پنج پٽ چام عبدالجبار خان ڈھر, چام عبدالستار خان ڈھر, چام عبدالغفار خان ڈھر چام وسيم احمد خان ڈھر, چام عظيم خان ڈھر ۽ ٽي نياڻيون

چام عبدالجبار خان ڈھر

چام عبدالستار خان ڈھر

ڪيپٽن عبدالغفار خان ڈھر

چام عظيم خان ڈھر

چام وسيم خان ڈھر

چام سليم احمد خان ڈھر

چام شاھد خان ڈھر

چام حامد غفار خان ڈھر

چام رايان خان ڈھر

چام عباس خان ڈھر

چام زاھد خان ڈھر


چام نعيم احمد خان ڈھر

چام احمد خان ڈھر

چام احمد يار خان ڈھر

چام فهيم احمدخان ڈھر

چام ساجد حسين خان ڈھر

چام ماجد حسين خان ڈھر

# ڄام فهيم احمد خان ڏهر_شخصيت ذميواري ۽ صوفياڻي سوچ

## ڄام فهيم احمد خان ڏهر، ڄام عبدالجبار خان ڏهر جو لاڏلو ۽ ٽيون نمبر پٽ آهي

جيڪو پنهنجي والد جيان قرباني ڏيندڙ، غريبن سان غريب ۽ اميرن سان امير آهي. سندس نرم مزاجي، همدردي ۽ خدمت جو جذبو سندس والد محترم جي خاصيتن جو عڪس آهي. انهيءَ ڪري ڄام عبدالجبار خان ڏهر پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي ڪيس زمينداري، اوطاق، ۽ ٻين راڄ ڀاڳ معاملن جون ذميواريون سونپيون. ڄام عبدالستار خان ڏهر جي قل خواني جي موقعي تي، جڏهن ڄام شاهد خان ڏهر جي پڳ جي رسم ٿي رهي هئي، ته سوين ماڻهن جي سامهون ڄام عبدالجبار خان ڏهر پنهنجي ننڍي پٽ ڄام فهيم خان ڏهر کي پڳ پارائي پنهنجو جانشين مقرر ڪيو.

**پيدائش ۽ تعليم:** ڄام فهيم خان ٢٠ آگسٽ ١٩٧٩ع تي ڄام عبدالجبار خان ڏهر جي گهر، ڏهر فيملي ۾ جنم ورتو. سندس ابتدائي پنج درجا تعليم حيدر آباد ۾ حاصل ڪئي، جڏهن ته ميٽرڪ پبلڪ اسڪول سکر مان ڪئي. مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ڄامشورو مان داخلا ورتائين پر مڪمل نه ڪري سگهيو، بعد ۾ شاهه لطيف يونيورسٽي مان پرائيويٽ B.A ڪئي، ۾ پڻ حاصل ڪئي.



**شادي، رهائش ۽ اولاد:** سندس شادي ٢٠٠٣ع ۾ پنهنجي ئي خاندان مان ٿي. ٢٠٠٧ع ۾ پنهنجي ٻارن جي بهتر تعليم لاءِ رحيم يار خان هليو ويو، ابتدائي تعليم ڏياري. ٢٠١٨ع ۾ بهاولپور شفٽ ٿيو جتي صادق پبلڪ اسڪول ۾ ٻارن کي پڙهايو. ٢٠٢٠ع ۾ ڪرونا جي ڪري ڪراچي شفٽ ٿيو، جتي بحريا ٽائون ڪراچي ۾ پنهنجو بنگلو خريد ڪري رهائش اختيار ڪئي. سيپٽمبر ٢٠٢٤ع ۾ دبئي جو اقامو حاصل ڪري، اُتي ڪم ڪار جي سلسلي ۾ ويو، جتي ٻن سالن کان ڪم ڪري رهيو آهي. والد جي عمر درازي سبب ڪڏهن ڪڏهن ڪراچي، ڪڏهن ڏهر ڪي ۾ به موجود هوندو آهي. **سماجي ۽ خانداني سرگرميون:** ڄام فهيم خان پنهنجي والد جي نگراني هيٺ نه صرف تعليم پر تربيت به حاصل ڪئي. ڏهر ڪي جي بنگلي تي شهر جي ماڻهن سان تعلق، برادري سان رابطا، اوطاق، زمين، ۽ فارم هائوس جي ذميدارين سان گڏ ڪراچي ۽ دبئي جي مصروف زندگي ڪيس هڪ مشنري، تيز ۽ ذميوار انسان بڻائي ڇڏيو آهي. هو شادي، غمي، ۽ تعلق داري کي پڻ وڏي خوبي سان نڀائيندو آهي. سندس اندر جون صلاحيتون جوڀن ۽ جوانيءَ ۾ نروار ٿيون، ۽ سندس شخصيت ۾ يڪسانيت، بردباري، ۽ سمجهداري ڏسڻ ۾ اچي ٿي.





**سياست بابت خيال:** جام فهيم خان موجوده سياست کي ڪوڙ، ٺڳي، ۽ بي ايماني سمجهي ٿو. سندس چوڻ آهي ته سندس وڏا جام پنيو خان ڏهر، جام خانبهادر محمد نواز خان ڏهر ۽ سندس والد جام عبدالجبار خان جيان سياست خدمت جي نالي تي ٿيٽ گهر جي، نه ته جاگيرن ٺاهڻ لاءِ. هو سياسي همدردي صرف انهن سان رکندو آهي جيڪي شهر ۽ شهرين جي بهتري لاءِ ڪم ڪن. سندس چوڻ آهي ته هو وڏيرن ۽ پوتارن جي صحبت کان پري رهندو آهي، ۽ سندس دوستي پنهنجن هارين، ڪڙمين، ۽ هيٺين طبقي جي ماڻهن سان آهي، جن جي ڏکن سورن کي سمجهي، وس آهر سندن مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

**سفر ۽ روحاني وابستگي:** جام فهيم خان پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻه عمرا پنهنجي فيملي سان گڏ ادا ڪيا آهن، ۽ ملائيشيا، دبئي وغيره جا سير سفر به پنهنجي خاندان سان ڪندو رهي ٿو. جام فهيم خان ڏهر وڏي خاندان جو فرزند آهي پر سندس جي سوچ صوفياڻي آهي هو امير دوست رکڻ بجاءِ سير و تفريح تي اسلام آباد ڪوه مري پنهنجي هارين ۽ منشين کي وٺي ويندو آهي جن جي ڪچهري مان به ڪيس لطف ايندو آهي هو پنهنجي والد جام عبدالجبار خان کي نه صرف والد، پر دوست ۽ استاد به سمجهي ٿو، ۽ پنهنجي ٻارن ۽ خاندان سان بيحد محبت رکي ٿو.



## فهيم خان کي ٽي پٽ هڪ نياڻي آهي

١. جام امان الله خان ڏهر – ٢ فيبروري ٢٠٠٧ع

٢. جام حماد الله خان ڏهر – ١٧ مارچ ٢٠٠٨ع

٣. جام سعدالله خان ڏهر – ٢٢ دسمبر ٢٠١٠ع

٤. نياڻي زنيره فهيم پيدائش ٤ مارچ ٢٠١٨ آهي

١. جام امان الله خان ڏهر – ٢. جام حماد الله خان ڏهر – ٣. جام سعدالله خان ڏهر – ٤. نياڻي زنيره فهيم

## خانصاحب حافظ سليمان خان ڏهر

"انگريز دور ۾ اومني صاحب پوليس کاتي جو وڏو ناميارو آفيسر هو. هو پهرين سکر جو پوليس سپرينٽينڊنٽ هو. ترقي ڪري سنڌ جو ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل ٿيو. جيڪو وڏو سخت ۽ تند مزاج پوليس آفيسر هو. حافظ سليمان صاحب سنگهه ديوان چمنداس ۽ عبدالستار سندس معتمد پوليس آفيسر هوندا هئا, جيڪي پنهنجي ڪم ۾ ڏاڍا برجستا, تکڙ, ڏاڙي, ڦر, چوري يا خون جي جانچ تي چڙهي پيا ته پڙلئي ڪري ڇڏيندا هئا. سڄي علائقي جي ماڻهن کي ڪنبڻي وٺي ويندي هئي." (حوالو اهي ڏينهن اهي شينهن,, پير علي محمد راشدي) سرڪل انسپيڪٽر آف پوليس حافظ سليمان جنهن کي بعد ۾ بهتر ڪارڪردگي جي ڪري "خانصاحب" جو لقب ۽ تقريبن ۾ سئو ايڪڙ زمين انعام ۾ ملي. جنهن ۾ هن ڳوٺ حافظ سليمان خان ڏهر پڌو جنهن ڳوٺ کي حافظ سليمان خان ڏهر جي نالي سان سڏيو ويو. حافظ سليمان خان

ڏهر ولد ڪرم خان ڏهر ١٨٥٦ع ۾ پيدا ٿيا. سندس تعليم ان وقت جا پنج درجا يا اٺ درجا هئي پاڻ حافظ قرآن هئا ۽ عربي, فارسي, سنڌيءَ تي عبور رکندا هئا ۽ ڪجهه قدر انگريزي به ڳالهائيندا هئا. حافظ سليمان خان ڏهر جي ماڙي پري پري تائين مشهور هئي جنهن جي اڏاوت لاءِ مزدور راز شڪارپور کان گهرايا ويا هئا ۽ سينگار لاءِ ڪاٺ جو ڪم ڪرائڻ لاءِ قيمتي ڪاٺ پشاور کان درياهه وسيلي لوڙهائي ڪٽي آيا هئا. پاڻ پوليس کاتي مان هڪ ناميارو ۽ سخت آفيسر طور ١٩١٦ع ۾ ريٽائر ٿيا ۽ ١٩٣٥ع ۾ وفات ڪيائون. سندس ٻه شاديون هيون سندس اولاد ۾ فيض محمد خان ۽ حاجي عبدالقادر خان مشهور آهن. **حاجي عبدالقار خان ڏهر ولد حافظ سليمان خان ڏهر** ١٩٠٦ ۾ پيدا ٿيا تعليم سنڌي پرائمري پاس هئا ۽ زميندار هئا. عشر زڪوات جا چيرمين ٻه رهيا. ٽي شاديون ڪيائون ١٩٨٦ع ۾ وفات ڪيائون, سندن اولاد ۾: عبدالستار خان ڏهر جيڪو ليڪچرار هو ۽ هڪ روڊ حادثي ۾ گذاري ويو, عبدالغفور خان ڏهر زمينداري ڪندو هو. عبدالجبار خان ڏهر, عبدالوهاب خان ڏهر, عبدالغفار خان ڏهر, عبدالفتاح خان ڏهر آهن جڏهن ته عبدالرشيد خان ڏهر کي ذاتي جهيڙي ۾ قتل ڪيو ويو هو. عبدالشڪور خان ڏهر, عبدالمالڪ خان ڏهر ۽ عبدالخالق خان ڏهر ۽ پنج نياڻيون شامل آهن.

**فيض محمد خان ولد حافظ سليمان خان ڏهر** کي ٻه پٽ هئا استاد عبدالمجيد خان ڏهر جن جي پيدائش ١٩٢٠ ۽ وفات ١٩٩١ آهي استاد عبدالمجيد خان ڏهر هڪ بهترين پرائمري استاد هئا جيڪي گهڻو عرصو گورنمينٽ پرائمري اسڪول مين ڏهرڪيءَ جا هيڊ ماستر ٻه رهيا. عبدالمجيد خان ڏهر جن جي پيدائش ١٩٢٢ ۽ وفات جي تاريخ ١٩٩٧ آهي پاڻ زميندار سنڀاليندا هئا.

**عبدالجبار خان ڏهر** ماهر تعليمدان ۽ سپروائيزر سندن پيدائش ١٩٤٧ع ۾ ٿي. پاڻ ايم اي سنڌي هئا. پرائمري تعليم پنهنجي ئي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪيائون, ميٽرڪ پي هاءِ اسڪول ڏهرڪي مان ۽ انٽر خيرپور ميرس ايم اي سنڌي پاڻ رٽائرڊ منٽ کانپوءِ سياست ۾ ٻه حصو ورتائو ۽ يوسي سائينڏنو ملڪ جا يوسي ناظم ٻه رهيا, اولاد ۾ فيروز خان ڏهر ۽ محمد علي ڏهر آهن. محمد علي خان ڏهر استاد عبدالجبار خان ڏهر ٢٠١٥ع ۾ وفات ڪئي.

**عبدالوهاب خان ڏهر** پيدائش ١٩٥٦ع تعليم ايم اي ايم ايڊ, هاءِ اسڪول اوباوڙو ۾ ٽيچر رهيا بعد (پي) هاءِ ۽ سنگل سيڪشن اسڪول ڏهرڪي جا هيڊ ماستر رهيا بعد ۾ TEO اوباوڙو رهيا, هڪ پٽ محمد اظهر خان ڏهر آهي استاد عبدالوهاب ٢٠١٨ ۾ وفات ڪئي. **عبدالغفار خان ڏهر** ١٩٤٩ع ۾ ڳوٺ حافظ سليمان خان ڏهر ۾ پيدا ٿيا, سندن تعليم گريجوئيشن آهي. پوليس کاتي ۾ اي ايس آءِ طور ڀرتي ٿيا ۽ ايس ايس پي طور ٢٠١٠ع ۾ رٽائرڊ ٿيا.

**استاد عبدالفتاح خان ڏهر** تاريخ ١٩٥٤,٩,٠١ تي حاجي عبدالقادر خان ڏهر جي گهر ۾ جنم ورتو پرائمري تعليم ڳوٺ مان حاصل ڪئي وڌيڪ تعليم لاءِ پي هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيا گريجوايشن ڊگري ڪاليج سکر مان حاصل ڪيائون. ١٦.١٠.١٩٧٤ تي ڪيس پرائمري استاد جو آرڊر مليو ڪجهه سال بعد ڏهرڪي مين پرائمري اسڪول ۾ استاد ٿيا جتي ئي بعد ۾ ١٩٩٠,١,١٩ کانپوءِ هيڊ ماستر طور پنهنجا فرض انجام ڏيڻ لڳا جتان ٢٠١٤,٩,٠١ تي پنهنجي ڄمار جا ٦٠ سال پورا ڪرڻ کان پوءِ رٽائرڊ ٿيا.

## ڏهرن جا ڳوٺ

**ڳوٺ حافظ سليمان خان ڏهر:** ڳوٺ حافظ سليمان خان ڏهر، يوسي سائين ڏنو ملڪ، تعلقه ڏهرڪي مين جي ٽي روڊ ڏهرڪي شهر جي اتر طرف واقع آهي. هن ڳوٺ کي اهو نالو ١٨٥٦ ۽ ١٩١٦ جي وچ ڌاري هتان جي مشهور شخصيت، خانصاحب حافظ سليمان خان ڏهر، جي نالي تي پيو: ان کان پهرين شايد هن ڳوٺ کي ڪنهن ٻي نالي سان سڏيو ويندو هو. هن ڳوٺ ۾ ڏهر ذات جا ماڻهو رهن ٿا، هتي ڏهرن کان علاوه، ميگهواڙ ۽ ڀيل به رهن ٿا. ڳوٺ ۾ هڪ قديمي مسجد آهي، جيڪا هتان جي ڏهر خاندان جي تعمير ڪرايل آهي. مسجد جي پرسان گورنمينٽ پرائمري اسڪول "حافظ سليمان خان ڏهر" آهي، جيڪو گهڻو پراڻو آهي. هتي گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول پڻ منظور ٿيل آهي، جنهن جي ڌار بلڊنگ ٺهيل آهي، پر هن وقت اهي ٻئي اسڪول نسبتا بند پيل آهن.

**ڳوٺ ٽاريو ٽانوري:** "ڳوٺ ٽاريو ٽانوري" جتي ٽانوري، سيد ۽ اڌ جوڻن جا گهر آباد آهن. هڪ پرائمري اسڪول به آهي، پر اهو پڻ غير فعال بڻيل آهي. ڳوٺ ٽاهريو ٽانوري – درگاهه ۽ شخصيتون ڳوٺ ٽاريو ٽانوري ۾ مشهور درگاهه "سيد زين العابدين شاهه" آهي، جنهن جو هاڻوڪو گادي نشين سائين شبير احمد شاهه آهي. هن ڳوٺ جون مشهور شخصيتون سائين امين شاهه، سائين منير احمد شاهه ۽ سائين غلام حسين شاهه آهن. هتان جا سيد سڀ تعليم يافته ۽ نوڪري پيشه ماڻهو آهن، ۽ ٽانوري برادري جا ماڻهو سرڪاري نوڪري کان علاوه ننڍا زميندار ۽ ٻني ٻاري راهڪي پوکي ڪندڙ به آهن.

**پاڙيسري ڳوٺ ۽ علائقائي صورتحال ڳوٺ وزير خان ڪانڃٽو ڏهر:** هن ڳوٺ سان بلڪل لڳ ڀڳ ڏکڻ طرف "ڳوٺ وزير خان ڪانڃٽو ڏهر" موجود آهي، جتي ڏهرن جي هڪ پاڙي، ڪانڃٽو ماڻهو آباد آهن، هن ڳوٺ جي اوپر طرف هڪ پراڻي دريائي ڍوري آهي، جيڪا هاڻ گهڻو لٽجي ويو آهي.

**ڳوٺ پنجل خان ڏهر:** ڏهرڪي مان گذرندڙ "ڏهر واهه" تي ڏهر خاندان جي وڏڙن پنهنجون زمينون آباد ڪرڻ لاءِ هي ڳوٺ ٻڌو. "ڳوٺ پنجل خان ڏهر"، جيڪو ڏهر واهه جي مٿان واقع آهي، ۾ تقريباً ٤٠ گهر موجود آهن. ڏهرڪي ۾ بخشاپور کان آيل انڪانسواءِ ڏهرڪي ۾ "صاحب ڏنو جو گهر" ۽ ٽاڻي جي گهٽي ۾ "رفيق ڏهر جو گهر" پڻ موجود آهن. ان کان علاوه،
محمد پور ۾ جندل خان ڏهر ۽ غلام رسول ڏهر جو ڳوٺ آهي انڪان سواءِ ديهه حامد پور ڏهر به ڏهرن جي ديهه آهي

**ڳوٺ غلام علي ڏهر:** ڏهرڪي جي ڀرپاسي ۾ "ڳوٺ غلام علي ڏهر" هي هڪ قديمي ڳوٺ آهي جيڪو ڏهرڪي کان ٽي ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي، ڳوٺ ۾ پروفيسر محمد پنهل ڏهر جي لائبرري نالي سنڌ ريسرچرس لائبرري آهي، جيڪا تاريخي حيثيت رکي ٿي. هي ڳوٺ ٽالپور دور ۾ غلام علي ڏهر طرفان ٻڌو هو، هن ڳوٺ ۾ تقريباً هڪ سو گهر آهن. ڳوٺ ۾ ٻه مسجدون ۽ اڳين دور ۾ ڳوٺ جي چوڌاري کوهه به موجود هئا. ٢٠٢٠ ۾ هتي پرائمري اسڪول منظور ٿيو.

**ڳوٺ حاجي غازي خان ڏهر:** "ڳوٺ حاجي غازي ڏهر"، جيڪو وڏيرو ارسلا خان ڏهر ١٩٨٠ ۾ بخشاپور کان اچي ٻڌو، هن ڳووٺ ۾ ٥٠ گهر آهن. هتي هڪ پرائمري اسڪول ۽ ٻه مسجدون آهن.

**هندو ڏهرن جون فيمليون:** ڏهرڪي جي هندو ڏهرن جون ٽي فيمليون اڄ به موجود آهن: پهريون خاندان: نمايان شخصيت "وڪيل شيون داس وڪيل" هو، جيڪو هر دلعزيز، قومپرست ۽ انتهائي دلير وڪيل طور مشهور هو، سنڌس لاءِ ڌرتي تنگ ڪئي ويئي، جنهنڪري هو انڊيا هليو ويو ۽ اتي ئي وفات ڪري وي، ڪيس اولاد نه هئي: سنڌس والد جو نالو ٺهڪڻ مل ۽ ڀاءُ جو نالو شام لال هو، اڄ به سنڌس جا ڀائٽيا، رميش لال، ونيش ڪمار ۽ "وڪو" وڪيش ڪمار موجود آهن وڪيش ڪمار المعروف وڪو بهترين طبيعت جو مالڪ آهي، پر غريب: هو وڏڙن ۽ دوستن جي سيوا ڪندي سڪون محسوس ڪندو هو. اهڙو شخص هو جو اڌ رات سڏ ڪيو وڃي ته هو اچي ڪم پورو ڪري، ۽ ڪيس آسيس ملندو هو. ٻيو خاندان: استاد مٺو مل ڏهر" جي خاندان سان تعلق رکي ٿو: هن خاندان جو پٽ شنڪر لال آهي، جيڪو هاڻي بيماري ڪي منهن ڏئي رهيو آهي. ٽيون خاندان نارائڻ، هري، هارن وارو آهي.

ڏهرواهه پُل انگريزن جي دور ۾ سنڌ اندر آبپاشي نظام جي بهتري لاءِ کيترن ئي واهن، ڪئنالن ۽ شاخن جي اڏاوت ٿي، ۽ انهن مان ڏهرواهه پڻ هڪ اهم واهه هو، جيڪو ڏهر خاندان جي ڪوشش سان تعمير ٿيو. جيڪو تعلقي اوٻاوڙي جي مختلف ديهن جي زمينن کي آباد ڪندو ڏهرڪي جي وچ شهر مان گذري ٿو ڏهرڪي جي ڏهرواهه پل تمام گهڻي مشهور آهي انڪري جو اوتان اٺ رستا نڪرن ٿا ۽ هر ڪاروباري مزڪر توڙي شهرن ڏانهن رستو وڃي ٿو.

## سال 1960 ڪان ڏهرڪي جي تيزي سان وڌندڙ آبادڪاري ۽ ان وقت جون شخصيتون

ڏهرڪي ۱۹٦۰ع کان ۲۰۰۰ع تائين جون شخصيتون، پاڙا ۽ رستا . پاڪستان قائم ٿيڻ کان پهريان ڏهرڪي تمام ننڍڙو ۽ مختصر شهر هو. هر پاسي ويراني ۽ جهنگ هو. وچ شهر ۾ جيڪا مدني جامع مسجد هن وقت موجود آهي اها ڄام احمد يار خان ڏهر پلاٽ ڏيئي سال ۱۹٦٦ع سنگ مسجد جو سنگ بنياد رکيو. ان جاءِ تي هڪ ننڍو کوه هوندو هو. ٻيو وڏو کوه (شو مندر) گائوشالا ۾ هوندو هو جتي ڏاند هلندو. مين پرائمري اسڪول ۱۸۵۷ع کان موجوده جاءِ تي آهي. جتي (پي) اسڪول آهي اهو پهريان مڊل ۽ پوءِ هاءِ اسڪول ٿيو. جڏهن ٽائون ڪاميٽي جي آفيس يوبي ايل چوڪ وٽ هئي جيڪا ۱۹٦۷ع ۾ موجوده جاءِ منتقل ٿي. ڏهر فيملي جي ڄام خانبهادر محمد نواز خان ڏهر جي وفات بعد ڏهرن ڄام احمد يار خان ڏهر تسليم نه ڪيو بعد ۾ جي ٽي روڊ جي سڄي پاسي جي زمين ڏني جتي هن بنگلو ٺهرايو جنهن بعد ان علائقي جي آبادي وڌڻ لڳي جتي ڪانجون برادري، ٿوري، ماڙيچا ۽ ٻيون ذاتيون اچي آباد ٿيون. ننڍي پوسٽ آفيس ڪنڌ تي هئي، ظفر بازار ۾ ڪوئٽه آئرن اسٽور ۽ فوٽو گرافي جي دوڪان ۽ ڪجھ ايڪڙ ٻيڪڙ دوڪانون هيون. ڏهرڪي ۾ ماڙي گيس ۽ اينگرو اچڻ بعد شهر تيزي سان ترقي ڪرڻ لڳو. ڏهرن جي بنگلي سبب ظفر اهو پاسو به آباد ٿيڻ لڳو. ڏهرڪي ۾ پهريان ديهي صحت مرڪز موجوده گرلز ڪاليج جي جاءِ تي هو. صحت مرڪز ٻاهر شفٽ ٿيو ته اتي جانباز وارا آيا. سرڪاري اسپتال ۽ ايريگيشن جون آفيسون ٻاهر ٺهيون. ۱۹٦۷ع ۾ جتي حاصل پٽو شاپنگ سينٽر آهي ان جاءِ تي سرڳواسي ڏنا رام هاسواڻي جو تاج هوٽل هو جتي ڪاڏو ڪٽ هنڌ بسترو ۽ رهائش جا ڪجھ ڪمرا به مسواڙ تي ملندا هئا. جڏهن بس سروس شروع ٿي ته اهي مسجد چوڪ ۽ يو بي ايل چوڪ تي بيهنديون هيون. لائبرري وارو (شو مندر) اوائلي آهي جتي (گائو شالا هو جنهن جو ڪنسيپٽ هندن ۾ ڳئون جو اولڊ ايج سينٽر) آهي جتي هندو پوڙهي يا محتاج ڳئون کي وڪرو يا ضبح ڪرڻ بجاءِ گائو شالا ۾ ڇڏي ايندا هئا ڳئن جي سار سنڀار ڪندڙ کي شهر جو مکي مقرر ڪندهو ۽ پگهار ڏيندا هئا. ڪوه جي ڪري ڳوٺن کان ماڻهو سودو سلف وٺڻ ايندا هئا ته اتي ويهندا هئا. هن وقت جتي مهراڻ مارڪيٽ آهي اتي دايا پاڙو آهي، استاد عبدالرئوف دايو ۽ ٺيڪيدار لال بخش دايو سميت داين جا گهر هئا. حفيظ بلڊنگ به پراڻي هئي جيڪا چوڌري حفيظ ٺهرائي هئي .اها هڪ تاريخي ۽ عاليشان بلڊنگ هئي وڪيل نند لال ۽ ٺيڪيدار مکي پيڇو مل، نينوند، نيڀراج مل ٺيڪيدار، منشا رام، پرڀ داس ۽ ان جو پيءُ لالچند جيڪو لوهارڪو ڪم ڪندا هئا جن وٽ گهوڙن کي نعل هڻائڻ وٽن ايندا هئا. يو بي ايل چوڪ کان ٿورو اڳتي گوشت ۽ سبزي مارڪيٽ آهي اتي ڪجھ دوڪان به هئا. استاد شمن داس جو گهر ۽ سنگيت ڪمار جو گهر ۽ ان جو گائڪي جو ڪوڪو هوندو هو. اتي هڪ ڏاڙهي وارو مکي سيتل رام ويهندو هو جنهن کي اڪثر اڻ ڄاڻ ماڻهو حاجي فقير سڏيندا هئا. هڪ فوٽو گرافر به هو. اتي ريڊيو مڪينڪ استاد عبدالخالق ميراڻي، صوفي عبدالرشيد سومرو، اوم لال ۽ جواهر لال جا دوڪان هئا رشيد ميڊيڪل اسٽور هو. ڪوه گهٽي وٽ گوسائيُ ذات جا ماڻهو آباد هئا جتي گوسائين جو مشهور ڪوه به هو. اتي زرخيز زمين هئي جنهن کي گوسائين وڪرو ڪري پلاٽنگ ڪئي جنهنڪري ان تي نالو ڪوه جي گهٽي پيو. نصر شيخ ٽائون ڪاميٽي جي ڪائونسل آفيسر جو نانو فقير فتح محمد (جيڪو ڀڳت ڪنور رام جو سارنگي نواز هو) ڀڳت کين پلاٽ خريد ڪري ڏنو هو. گوڪل داس ۽ (تاريخ جي ڄاڻ ڏيندڙ) سنت ڪمار جا ڏاڏا هرڳڻ مل ۽ پٽ ٽيڪچند، جيوڻ مل جا گهر ڪوه گهٽي ۾ هئا. اهي سال ۱۹۴۷ع ۾ پرچونڊي مان اچي هتي آباد ٿيا. پروفيسر ڄيٺانند ماهر تعليم سکر ڪاليج جا هئا. جنهن جا پٽ استاد ٺاڪرداس انگريزي اسڪول جا پروفيسر جيئند رام ٻيئي پائر هئا. جيڪو ڪراچي هليو ويو. ۲۰۲۵ جو مکي رميش لال رامچنداڻي جو ڏاڏو مکي جمن داس رامچنداڻي پنهنجي پٽ مکي ڇڳو رام ڪنيڙا کان اچي ڪوه گهٽي ۾ آباد ٿيو هو. موڙ ۾ قريشي پاڙو ڊاڪٽر غفور بخش قريشي آباد ڪيو. جتي حنيف قريشي ۽ ڊاڪٽر واشديو جو والد گيانچند ۽ ان جو ننڍو پاءُ پاشا رام جيڪو ڪجھ وقت ٽائون ڪاميٽي جا چيئرمن جا ۽ ٻيا گهر هئا. ڪنڌ ۾ مکي سيتل مل، جيڪي ڪنيڙا کان اچي آباد ٿيو ان کي ڀڳت ڪنور رام جي سيڪيورٽي گارڊ هئڻ جو شرف حاصل هو ۽ مکي نند لال سندن پٽ هو. جنهن جي پر ۾ ٽيڪم داس ۽ سندس پٽ شنڪر لال رهندا هئا. هاسواڻي پاڙي ۾ ڊاڪٽر ارجن داس، مکي ڏيون داس ان جو پٽ سائين پيارا لال جيڪي داد لغاري کان لڏي آيا. مکي جمن داس ۽ سندس پٽ مکي مولچند جنهن پهريون نوان ريڊيا سيل ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو ۽ مکي پرشوتم لال وي سي آر ۽ ڪيسٽن جو ڪم شروع ڪيو. ان سان گڏ مکي ٺاڪر داس حويلي ۾ منو رام جيڪي حيدرآباد رهن ٿا ۽ ڀاءُ آتم داس جن جو والد رهڙڪي صاحب کان اچي آباد ٿيا.

ڏنا رام هاسواڻي

ڏاڏو هرڳڻ مل

ڊاڪٽر غفور بخش

مکي پيڇو مل

مکي جمن داس


مکي ڇڳو رام

ڪکو رام

بخشو مل


گوبند رام

مکي لڙيندو مل

مکي پيارا لال، ڊاڪٽر ارجن داس، ڊاڪٽر پرمانند، گيان چند ريجهڙا، ڪرشن ڪمار نهال، ڊاڪٽر شيوڪ رام، حڪيم ڇبيل داس، ڊاڪٽر منوهر لال، سيٺ مهيش ڪمار

پتمبر داس ڪتري، اينگرو جو پراڻو ملازم هو. صـــــــــدورو مل ۽ ان جا پٽ نند لال، پچن داس وڪي اليڪٽروڪس وارا، ۽ صحافي نظام دين سميجو جا گهر هئا. سونارا بازار جتي گردوارا ناڪ شاه آهي، (اتي نانگا سدا دفن ڪيا ويا آهن) گردواري ۾ شو مندر به آهي، ٿورو اڳيان رهندو مل حويلي آهي بخشو مل جنهن جا پٽ مکي نامچند، ۽ بينڪ آفيســـــر گوبندرام آهن، رونتي ڪان اچي آباد ٿيا. شـاهي بازار معراج محلہ ۾ پريس رپورٽر نند لال گيهي امن اخبار جو رپورٽـر رهندو هو. مکي مٺو مل حويلي جنهن کي ڪڙ بازار به چوندا آهن اتي مشـهور حڪيم چيل داس جيڪو رهڙڪي جو رهواسي هو ان جو حڪمت خانو هو. لڌا رام ۽ ان جو پٽ سونارو ٻڌل داس مکي مٺو مل جو پٽ مکي يدشـتر لال آهي، ١٩٦٠ ۾ ٺارو ٺلهو ۽ موجوده ڊيوري صـــاحب نالو هو اتي نئين چنڊ تي پروگرام پڳتي، ساز آواز ٿيندا هئا. اتي سنت سترام ڏام مندر آهي. ٽيڪو رام جيوت رام ڊاڪٽر گوبند جا والد هئا. لکو مل جو پٽ چمن داس گهاٽو هلائيندو هو جنهن جو پٽ ڊاڪٽر منوهر وارا پراڻا ڏهرڪي ۾ آباد آهن هاســواڻي پاڙي ۾ ڏنا رام ۽ ان جا پٽ ڦتو رام يدشـتر لال جيڪي انديا هليا ويا. بابا هرداس رام دربار (نندي دربار) به پراڻي آهي. سـڄي پاسـي کان فتح پور محلہ حاجي احمد خان سـخيجو ۽ مٺا خان مهر جي اوطاق هئي، ڪرشـن داس نهال هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر، اسـتاد بهاري لال، جنهن جو پٽ ڊاڪٽر نريش ڪمار آهي، ڪڪو رام جنهن کي گورنمنٽ سڏيندا هئا ان جو پٽ انيل ڪمار سـوشـل ورڪر نارائڻ داس ۽ ٻيا آباد هئا. استاد ٺاڪر لال چاٻڙيا جروار کان ١٩٧٧ع ۾ پوري خاندان سميت ڏهرڪي لڏي آيا سائين ميٺ ۽ انگلش تي عبور رکندا هئا. گوبندرام پنجواڻي جروار مان لڏي آيو هو پهريان ڪرائي جي جاين ۾ رهندا هئا هاڻي سندس پٽ سيٺ روشن لال پنهنجي ڪرشن نگر ڪالوني قائم ڪري اتي رهي پيو. سيٺ رامچند جا پٽ سيٺ مهيش ڪمار ڪاٽن جنرز انبسٽريز ۾ ويو ۽ سندس ڀاءُ ڊاڪٽر درشن لال چائلڊ اسپيشلسٽ آهي اناج منڊي ۾ آباد ٿيا. ڊاڪٽر شيوڪ رام پنشي اصل مير پور ماٿيلو جا آهن، ايم بي بي ايس ڪرڻ بعد ڏهرڪي ۾ ڪلينڪ ڪولي، قريشـي محلہ ۾ آباد ٿيا، اسٽامپ وينڊر گرداس مل شاهي بازار ۾ آباد ٿيا، اصل ماڇڪي جا آهن، پمن داس اسٽامپ وينڊر هئا ۽ سنا عرضي نويس هئا ۽ ستر جي ڏهاڪي کان پوءِ ڏهرڪي شفٽ ٿي آيا. محمدي پاڙي ۾ حڪيم محمد بخش چغتائي، جا پٽ وڪيل الطاف حســــــين چغتائي ۽ حڪيم محمد اقبال چغتائي هئا، محمد بخش ذاڪر چغتائي جو ســـــــهرو هو، اتي جاڙو مل جو پرچون جو دوڪان هو. عبدالمجيد سيال غلام حســـــين سومرو، استاد غلام حيدر سومرو، استاد محمد يعقوب سومرو به رهندا هئا، امام بارگاه پاسي سيد گلڻ شاه تپيدار، سيد عبدالله شاه سيد حيدر ساه حقاني، سيد منور شاه به پراڻا رهواسي هئا، ڏهرڪي جو بهترين هٿيار ٺاهيندڙ جان محمد مغل، نور محمد مغل، محمد موسي مغل رهندا هئا، امام بارگاه لڳ سڄڻ ميراثي، محمد ابراهيم سـومرو، محمد ايوب سـومرو رهندا هئا. پنجتني امام بارگاه وٽ حاجي شـر جي ماڙي هئي جنهن ۾ ٽائيگر نالي انگريز زال ســـان گڏ رهندو هو، اتي مٺو مل جو گهاٽو به هو جتي ريجهو مل آهي، هندو چيتن داس ۽ جئي پال داس هوندا هئا، مغل پاڙو ڪريم بخش جو پٽ نهال مغل، چاچو عبدالرحمان مغل، امام بارگاه جي رسـتي تي وڏي دربار آهي ريجهو آئل مل ١٩٦٥ ۾ تيار ٿي، اتي گل محمد بروهي پراڻي وقت جي ڊي ايس پي جو گهر هو، رحيم بخش مغل، انور مغل اصـــغر مغل، پير محمد مغل، شاهد حسـين مغل، نازڪ حسـين محل، ملڪ پاڙي جا برڪت ملڪ، هدايت ملڪ، سڪندر ملڪ سخاوت ملڪ اهي ڄام سـانول وارن جا ڊرائيور هئا، محمد يعقوب مغل جو پٽ ارباب علي ملڪ، ، بچل شـاه امام شـاه به ان پاڙي ۾ رهندا هئا، گلاب شاه ، استاد عبدالرشيد پٿو جي ٽي روڊ، مولوي خير محمد پٿو، فقير نور محمد پٿو، مســـلم ڪالوني، محمد الياس ۽ غفار پٿو لطف الله پٿو، چاچڙ پاڙي ۾ محمد صادق پٽي، محمد عمر ڪانجون، ايڊوڪيٽ محمد حنيف چاچڙ، اسـتاد محمد اسماعيل ڪانجون، حڪيم حسن جان ۽ حڪيم محسن جان مظهر علي خان راڄڙي سانڪو روڊ، ميان عبدالسميع ميان عبدالغفار صديق ڪالوني جو ڏوڏري عبدالحق ڊاڪٽر عبدالرشيد فقير محمد بهيلم سينما روڊ استاد محمد اسماعيل سومرو امير بخش پاڙو استاد غلام نبي پٿو، صديق ڪالوني امام دين آرائين، عبدالحق آرائين، صدر دين ڪنبوه استاد عبدالغفور ڪنبوه ڊاڪٽر عبدالرشيد آرائين صديق ڊوگر چوڌري ابراهيم. شريف ڪالوني بشير ڪالوني عظيم ڪالوني ٻاهريان علائقا سڏبا هئا. ۽ راقم الحروف محمد رمضان پيرزادو ١٩٨٥ع ۾ ڏهرڪي جي سينما روڊ تي اچي آباد ٿيو

مٺا خان مهر

مکي مٺو مل


الطاف حسين چغتائي

مولوي خير محمد پٿو

منو رام خاڪواڻي


فقير محمد بهيلم

حڪيم محمد بخش

محمد رمضان پيرزادو، استاد عبدالقدير ڪانجون، محمد اسلم ٻررڙو، ميان منظور احمد، محمد پنهل ڏهر، حڪيم ڏنا رام، شڪيل خان ڏهر، استاد عبدالغفور، عبدالغفار پٿو، پروفيسر عبدالحفيظ پٿو، غلام نبي پٿو، چوڌري امام الدين

## سال 2025 تائين ترقي يافته ڏهرڪيءَ جا روڊ رستا، پاڙا ۽ ڪاروبار

نيشنل هاءِ وي سکر کان ايندي نئون ڪوٽ کان ڏهرڪي شروع ٿئي ٿي، جنهن جي سڄي پاسي لبرٽي پاور پلانٽ، ڪجھ اڳتي مسو واھ پل، باگو پٽو، سنڌڙي هوٽل، اينگرو گيٽ ٽري آهي جتي ڪجھ گبز جا اڏا ڪاڏي پيتي جا هوٽل سامهون ڏهرڪي شهر اينڊڙ دادن خان چوڪ تي هڪ خوبصورت گيٽ ٺهيل آهي، جتان هڪ رستو سڌو شهر وڃي ٿو. دادن خان پيٽرول پمپ ۽ سندس رهائشگاه ۽ بنگلو ٺهيل آهي، اهو علائقو تيزي سان آباد ٿيندو پيو وڃي اتي نادرا آفيس ڪجھ گاڏين جا شوروم ۽ ڪارخانا آهن. ڏهرڪي فلور مل کان ٿورو اڳتي هڪ چوڪ اچي ٿو اهو رستو کابي پاسي باءِ پاس سان ملي ٿو ته سڄي پاسي بلوچ ڪالوني جنهن جي ڪنڊ تي سيد حڪيم امان الله شاه ۽ ڪالوني واسي آباد آهن، اينگرو فيڪٽري ڪالوني سهارا اسڪول، لاڻ رستو قالو ٻرڙو کان ڇھ نمبر ۽ راجا فارم وڃي ٿو. چوڪ جي پرسان پيزا جا دوڪان ۽ هڪ وڏو مرحوم طاهر محمود جو هوم مارٽ شاپنگ مال آهي جيڪو سندس پٽ محمد علي هلائي رهيو آهي اڳيان دبئي مارڪيٽ جتي ڏهرڪي جو مشهور وسيم پينافليڪس، ننڍا هوٽل آهن. ٿوري اڳتي بشير ڪالوني ۽ ليبر ڪالوني آهي جنهن جو افتتاح ۴ ڊسمبر ۱۹۹۳ع ۾ وزير اعظم محترمه بينظير ڀٽو ڪيو هو جنهن اندر ۳۰۰ ڪوارٽر آهن، پوءِ علياني ٽائون آهي جتان رستو جونگ ڪالوني نڪري ٿو، اتي اناج منڊي به آهي ،عظيم ڪالوني جنهن جو تفصيل سان ذڪر ڪتاب ۾ موجود آهي، هڪ پاسي لال بخش ڪالوني ۾ فيضان مدينه پر سان محمد پناه قبرستان آهي. ٻي پاسي صديق ڪالوني آهن، اڳتي واپڊا ڪالوني، ايريگيشن ڪالوني، پريس ڪلب، پبلڪ پارڪ، ڪورٽون جنهن جي اندر بار آفيس آهي. شهيد اسلم ٻرڙو جو عبدالله بنگلوز، ان کان بعد سرڪاري اسپتال اچي ٿي، ڪجھ پنڌ تي الله والي چوڪ جتان هڪ رستو ظفر بازار کان شهر طرف وڃي ٿو ٻيو ڏهرڪي جو مشهور ڊان چوڪ مان ملت روڊ بازار نڪري ٿو سڌو رستو سبزي منڊي ۽ مگريو پمپ باءِ پاس سان ملي ٿي- **باگو پٽو کان کابي پاسي**: کان رهڙڪي ستر ام دربار ويندڙ پڪو روڊ، سنڌو ولاز اسڪيم، جيڪا تارا سنگھ جي آهي، پرانزو هوٽل هڪ پيٽرول پمپ، ذائقه هوٽل آهن، ان سان گڏ ڪجھ مڪينڪ جا دڪان، ڪوئٽه هوٽل، شهر جي باءِ پاس آهيجنهن جي آبادي تيزي سان وڌي رهي آهي ۽ ڪاروبار باءِ پاس شفٽ ٿي رهيا آهن. کٻي پاسي ستار سي اين جي، ڊائيوو اڏو ته سڄي پاسي فيصل موور، ايس ايس ڊي سي اين جي آهي، ڪمرشل آبادي ٿيندي پئي وڃي سڄي پاسي عوامي ٽري مشهور هوٽل آهي، پر ۾ چوواٽو اچي ٿو هڪ رستو رهڙڪي شهر ۽ ٻيو رستو ڏهرڪي ستي اچي ٿو باءِ پاس روڊ تي ڪار شوروم، ورڪشاپون شفٽ ٿي ويون آهن، الفتح پيٽرول پمپ موٽر وي جي آفيس، ۽ ڏهرڪي جي وڏي ۾ وڏي رهائشي اسڪيم الفتاح هائوسنگ اسڪيم، جتي وڏي نرسري آهي، ڪجھ هوٽل به آهن. اتي وري چوواٽو اچي ٿو، هڪ رستو شهر ڏانهن وڃي ته ٻيو درگاه عاليه پرچوندي ڏانهن وڃي ٿو، پر ۾ ڪجھ گبز جا اڏا ميان مٺو جو بس ٽرمينل، ۽ کابي هٿ تي تاج پيٽرول پمپ ۽ ڪجھ اڳتي الشمس هوٽل، ۽ مگريو پيٽرول پمپ ۽ مگريو بس اسٽاپ آهي جتي پڻ ڪجھ هوٽل ۽ مگريا پمپ کان شهر ڏانهن هڪ رستو نڪري ٿو ٻيو رستو ڏهر موڙ ريتي ڪينجو ڏانهن نڪري ٿو جيڪو شهر جي پاسي ڏهرواھ پل پهچي ٿو، مگريو پمپ کان ڏهرڪي گرينڊ مارڪي ۽ پرل شادي هال آهن، سبزي منڊي، عوامي هوٽل، دي ايڊيوڪيٽر آهي، ٻي پاسي هائوسنگ اسڪيم، آئل مل، ڊگري ڪاليج، ڏهرڪي اسٽيڊيم آهي اڳيان عبدالحق فلور مل ناڪو نمبر ۴ کان رستو، گلاب شاه، کان مغل پاڙو آهي، مگريو پمپ وارو رستو، چار نمبر ناڪي کان پنج نمبر ناڪو اڳيان چوواٽو هڪ رستو قطب ٽائون ته ٻيو رستو شهر ڏانهن وڃي ٿو، رستو عوامي هوٽل ون سومرا چوڪ کان ڊان چوڪ ملي ٿو جتي چوواٽو آهي جنهن جو هڪ حصو سينما روڊ جتي ڏهرڪي پريس اڳيان مال پڙي، الفتاح اسڪيم فور ۾ العزيز شادي هال ۽ برائٽ بگننگ هائير اسڪول آهي ، کان ڪجھ پنڌ تي عبدالفتاح سميجو لا ڪاليج يونيورسل پيرادائيز جي سامهون راقم الحروف جي وڏي پٽ منصور پيرزادو جي رهائشگاه آهي اتان باء پاس سان ملي ٿو جنهن جي ڪارنر ۾ المرتضي هوٽل آهي-ناڪي نمبر پنج جو ٻيو پاسو ڪنيار پاڙو، ڊاڪٽر ظفر ڀٽو مغل پاڙي ڏي رستو نڪري ٿو- سڌو رستو نيشنل پريس ڪلب، هڪ پاسي مختيار ڪاري ۽ اي سي آفيس ٻي پاسي ٽائون ڪاميٽي آفيس ۽ پوليس اسٽيشن آهي جتان هڪ رستو شاهي بازار نڪري ٿو جيڪو سڌو سونارڪي بازار کان گردواره بابا نانڪ شاه اچي ٿو، ۽ امام بارگاه سان ملي اناج منڊي ڊاڪٽرس بازار کان ڏهر واھ پهچي ٿو -يو بي ايل چوڪ پٽو مارڪيٽ، مسجد چوڪ، مين پرائمري ۽ پي هاءِ اسڪول، موبائل مارڪيٽ کان ڊان چوڪ ڏي نڪري ٿو شهر مان مهراڻ مارڪيٽ کان ڏهر مارڪيٽ چاچڙ پاڙو جو رستو سومرا چوڪ ملي ٿو، ته ٻيو رستو ٽائون ڪاميٽي آفيس کان سانڪو روڊ مان داد روڊ، سڌو ظفر بازار جو رستو الله والي چوڪ اچي ملي ٿو- ڏهر واھ ڏهرڪي جي اٺن رستن جو گذر گاه آهي، ۽ ڏهر واھ پل ۽ پرپاسي ۾ هڪ وڏو ڪاروبار جو مرڪز پڻ آهي چاڪاڻ ته ڏهر واھ پل تان اٺ رستا نڪرن ٿا. سانڪو ڪينجو، ريتي ٻيروٽا جو داخلي رستو آهي انڪري هتي سارين ڪٽڪ ۽ ڦٽي ۽ ٻين جنسن جو وڏو واپار ٿئي ڏهر واھ کان ٻه رستا شهر ڏانهن نڪرن ٿا، اڳيان فوجي ڪالوني جنهن ۾ مينگواڙ برادري جا ڪجھ گهر آهن جن ۾ حڪيم ڏنا رام، ڊاڪٽر جئه رام، مکي نند لال ۽ پائرن جا گهر آهن ته واھ جي ڪپر سان پير چلڻ سائين ۽ اعواڻ محلو آهي، ٻي ڪپر تي حاتن شر جي رهائش گاه ۽ عبدالحق مهر جي رائيس مل ۽ مهر هائوس آهي شهر اينڊڙ رستي تي سومرو مارڪيٽ ۽ اناج جا گودام ۽ دوڪان مٺا خان آئس فيڪٽري، خدا بخش پاڙو، ڏهر واھ جي ٻي رستي سان امام بارگاهون نالي پنجتني امام بارگاره ۽ حسيني امام بارگاه آهي وڏي دربار جتان تان به رستا نڪرن ٿا هڪ رستو پئنچاتي پلاٽ ڪرشن نگر مغل پاڙي نڪري ٿو. ٻيو اناج منڊي سونارا بازار ۽ شاهي بازار ۽ شهر جي مرڪز ۽ ٽاٽي مختيار ڪاري سان گڏ خريداري جو ڪاروباري مرڪز مارڪيٽون شاپنگ مالز وغيره آهن

## حضرت سورهيه بادشاه - پير صبغت الله راشدي رحمت الله عليه جون ڍهرڪي ۾ دعوتون

مغلن جي دور ۾ ڍهر خاندان جو چام ابوالخير خيرپور ڍهرڪي ۾ آباد ٿيو. ان وقت هن خطي ڪي قلعو چوندا هئا. قلعي ۾ **پير سائين پاڳارو اول روضي ڌڻي حضرت پير محمد راشد رحمت الله عليه** جن جي آمد ٿي هئي، هن وقت جتي جامع مسجد آهي اتي هڪ کوه هو روضي ڌڻي رحمت الله عليه جن اتي پڙاءُ ڪيو هو. ان وقت کان ئي پير ڳوٺ جي پاڳاري خاندان جو هن خطي سان ۽ هتان جي جماعت سڳوري سان ناتو جڙيل آهي. (مولانا فقير مولا بخش سڪندري، "سلسليوار منصور ٦ مئي ٢٠٠٣ جي شماري ۾ حضرت سورهيه بادشاه جي روحاني سفر تي هن خطي بابت لکيو آهي) جنهن مان ڪجهه هيٺ ڏجي ٿو:

**حضرت "سورهيه بادشاه"** جن جي دعوتن جو سلسلو خانگڙهه شريف واري دعوت کان شروع ڪريون ٿا. ايڪويهن عوتن جو تعلق هن خطي سان ناهي انڪري ٢٢ دعوت کان شروعات ڪجي ٿي، صرف (ميرپور ماٿيلو، ڍهرڪي، اباوڙو) جي عوتن جو ذڪر ڪبو. دعوت (٢٢) خانگڙهه شريف احمد سائين مهر ۾ سردار علي گوهر خان مهر (دوئم) هن دعوت جو دعوت و ۽ حضرت سورهيه بادشاه جو معتقد هو. هن دعوت ۾ انهي علائقي جا سڀ سردار، حضرت پير سائين جن سان ملڻ آيا. انهن سردارن ۾ سردار خدابخش خان پتافي، سردار علي گوهر خان مهر، سردار دادن خان لنڊ، سردار قيصر خان بوزدار، ڌاريجن جا سردار به شامل هئا، (٢٣) محمد شاه رضوي واري دعوت ميرپور ماٿيلو چوڪي گهمه (٢٤) ريٽڻ واري دعوت لڳ ميرپور ماٿيلو، دعوتي بوزدار فقير چوڪي جيسلمير، (٢٥) ڳوڙهيلو واري دعوت ميرپور ماٿيلو دعوتي هيبت فقير پتافي (٢٦) هيبتاڻي واري دعوت يا ويجهي ۾ ويجهو ميرپور ماٿيلو دعوتي پتافي فقير، هن دعوت جا مشهور غازي فقير، هيبت جلال فقير هئا مولوي مولا بخش سڪندري موجب ٻه پتافي فقيرن ٻيا پتافي جيڪي غير مريد هئا، انهن دعوتي فقير کي منٿ ڪئي ته پير کنهن جا ورهايل نه هوندا آهن. تنهنڪري اسان کي اجازت ڏيو پير صاحب کي واپرائڻ واري ماني اسان پچايون. پوءِ انهن پير صاحب جي واپرائڻ لاءِ جوئر ۽ ٻاجهري جي ماني پچائي (٢٧) چانڊڻ شريف ميان عبيدالله واري دعوت ڍهرڪي ويجهو هن دعوت وارو دعوتي بزرگ پير سائين جن جو معتقد هو ۽ مريد سوئي شريف وارن پيرن جو هو. ان وقت موجود ميان صاحب جن رستو ويڪري ڪرڻ موقعي تي رستي سڌو ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪوٽ کان ويندڙ رستي کي سڌو ڪرڻ لاءِ تمام گهرن جا ڪمرا به ڊهرائي ڇڏيا ۽ ڳوٺ وارن کي چيو ته ان جو معاوضو ڏيندم يا تعمير ڪرائي ڏيندم (٢٨) سوئي شريف واري دعوت لڳ ڍهرڪي هن دعوت تان زيارت ڪرائي پير سائين جن اڳتي هليا، پر چوندي شريف ۾ (جهلو مهماني) جتي ڪجهه دير ترسڻو هجي اتي پهتا اتي جڏهن لنگر تقسيم ڪيو ويو ته جماعت اهو لنگر وٺڻ کان انڪار ڪيو. پير سائين جن جي دعوت تي پير سائين جن اڳيان حر جماعت جي فردن جو ادب احترام ۾ مٿو ڍڪيل هوندو هو ۽ پير اگهاڙا هوندا آهن، اهو طريقو اڄ ڏينهن تائين هلي پيو گرمي سبب پاڻ جماعت کي حڪم ڪيائون ته فقيرو جتيون پايو! اهڙي حڪم تي جماعت سڳوري، توبه توبه ڪئي ۽ چيو ته قبلا سائين اسان کان اهڙي بي ادبي هرگز نه ٿيندي، اسان ته توهان تي پنهنجا سر گهورڻ وارا آهيون پير سڙڻ ته پليء پيا سڙن، ان کان پوءِ سڄي رات جماعت هلڪي هلڪي آواز ۾ لا اله الا الله جو ورد ڪندي رهي. (٢٩) ڪن شريف "ڪينجو" ڍهرڪي جي دعوت دعوتي فقير دودو پنهيار، فقير غلام قادر پنهيار جو والد پير سائين سورهيه بادشاه جن جي دعوت تي پهتا ته سواري تان لهڻ کان اڳ فرمايائون ته فقيرو توهان قل شريف پڙهو ته فقير لال بخش (غلام قادر فقير جو نانو) اسان کي سواري تان هيٺ لهڻ جي اجازت ڏئي پوءِ سواري سان گڏ لال بخش فقير کي ختم بخشي پوءِ هيٺ لٿا، (٣٠) گابر واري دعوت، ڍهرڪي جي ريگستاني هندستان سان ملندڙ علائقي ۾ دعوتي دولو فقير مهر لونگاڻي چونڪي جيسلمير هي دعوت سنڌ جي سرحدي آخري دعوت آهي ۽ اڳتي وارو سفر موجوده انڊيا جي حدن اندر هو، هن دعوت کان اڳتي هلڻ لاءِ فقير فتح محمد لونگاڻي، محڻفي شريف کان اڳيان رستي جو سونهون تي منڙائو واري دعوت تي هلڻ لڳو سائو مور، سائو تورو موجوده انڊيا ۾ دعوتي دولو فقير مهر چوڪي جيسلمير دولو فقير جماعت جو وڏو همت وارو ۽ برجستو فقير هو لاڳيتو تي دعوتون هن ئي فقير جون هيون. اصل. هن دعوت جو نالو پهريائين ڪارو مور پاڻ سائينجن ڪارو مور جو نالو سائو تورو رکيو آهي (وضاحت ڪارو مور ڇا آهي؟ مقامي ماڻهن جي چوڻ مطابق جتي واري جي ڊڙي تي ڪي سڪل ٻوٽا سر هجن ان کي ڪارو مور چئبو آهي) حاجي پير بخش فقير ٿانوري ويڙهل ڳوٺ ڏيندي سبزل بڌايو ته انهي سائي مور جي واري جي ڊڙي تي هڪ سڪل ڪرڙ جو وڻ بيٺل هو جنهن جو سڄو ٿڙ ۽ چوڏا به سڪل هئا شايد ان ڪري ئي هن جڳهه کي ڪارو مورو سڏيو ٿي ويو. پوءِ حضرت سورهيه بادشاه جن جي انهي ڪيل سفر کان ٿوري عرصي بعد، اهو سڪل ڪرڙ جو وڻ به اڄ ڏينهن سائو ٿي ويو اها حضرت سورهيه بادشاه جن جي قدمن جي گهمائڻ جي برڪت هئي، هڪ ٻن دعوتن کان پوءِ باقي دعوتون جيسلمير چوڪي جون آهن (٣٢) منڙائو واري دعوت دعوتي فقير مهر "لونگاڻي" دولو فقير گنهور فقير دعوت ڪندڙ هئا هن وقت اها دعوت ڍهرڪي کان پارنهن ڪلوميٽر پري راڄا فارم واري روڊ سان آهي هن دعوت تي حضرت سورهيه بادشاه جن جي واپرائڻ لاءِ ماني. فقير مائي نعمت خاتون (ڏي لکمير ء زال حامد فقير (مهر) پچائي هئي. ۽ هن وقت تائين اها ديوٽي سنڌس ڀاڳن ۾ هلندي پئي اچي، (شهيد سورهيه بادشاه جي قيد ٿيڻ کان پوءِ حر عورتن پنهنجا زيور پائڻ ڇڏي ڏنا ۽ رکيل زيور عورتن نذراڻي طور شهيد بادشاه کي ڏيئي ڇڏيا، ته جيئن جنگ جي موقعي تي مالي معاونت ٿي سگهي) رضا محمد مهر پائيخانجو جي ناني امڙ مائي جامان پاڻ کي پاتل ڪنگڻ نذراني طور پيش ڪرڻ جي شروعات

ڪئي ان ڪان پوءِ ٻين ڪافي حر عورتن پنهنجا زيور لاهي نذراني طور ڏنا. (۳۳) ساڌن وارو) ٽر ۽ ٽڙ جو نالو اها دعوت مهر (ڏتا ۽ سادا) فقير ڪندا هئا. اهي سيني ٽراندر ٽڙن جا نالا آهن انڪري دعوتن جا نالا به انهن ٽڙن جي بنياد تي رکيل آهن. ٻيو ته مهر ذات به وڏي قوم آهي. انهن ۾ تمام گهڻا پاڙا آهن، جو انهن جي سڃاڻپ به مهر سان نه پر پاڙن جي ڪري ٿيندي آهي، انهن پاڙن ۾ .لونگاٽي رڪناٽي، ڏتا، سادا، ننهنجا، چنڙ ۽ ساڏورجا وغيره آهن (۳۴) حسووارو: دعوتي مهر فقير (ساڏورجا) هن دعوت ڪان پوءِ ايندڙ دعوتون به هڪ هنڌ رکيل هيون انهن ۾ هڪ دعوت جيسلمير چوڪي وارن جي هئي. يعني دعوت نمبر (۳۵) جيڪا اسو واري هئي ۽ دعوتي سرهو فقير مڱريو هو. اها فرق وارن جي دعوت هئي جڏهن ته دعوت نمبر (۳٦) به اسو ۾ رکيل هئي يعني ٻي رات به ان ساڳئي هنڌ رکيل هئي (دعوتي مهر فقير (ننهجا جيندا ۽ صابوجا هئا دعوت نمبر (۳۵) دعوت نمبر (۳٦) ڪان تمام گهڻو پري هئي (۳۷) سرهو هي دعوت سرهي فقير يوسف فقير مهر عرف مست فقير مڪ فرق وارو جي طرفان ڪئي ويئي (۳۸) مير وارو دعوتي فقير مهر (رڪناٽي) هو. (۳۹) مهار ٽڙ دعوتي غازي فقير مڱريو مڪ، جيسلمير چوڪي موجوده مڪ چوڪي جيسلمير، فقير عبدالله مڱريو جو چاچو. (۴۰) مارينگڙو واري دعوت دعوتي راڄڙ فقير (۴۱) سينها مر، دعوتي فقير مڱرياهڪ فقير انهي دعوت جو نالو شيهانير پڻ ٻڌايو آهي (۴۲) سم واري دعوت دعوتي پيا فقير چوڪي جيسلمير (۴۳) سم (ٻي رات به ساڳئي هنڌ) دعوتي درس فقير (۴۴) جهاڙيلي واري دعوت دعوتي جاوند فقير (۴۵) داپيا واري دعوت دعوتي پيا فقير (۴٦) چتريل اها دعوت جهنج فقيرن جي هئي (۴۷) ڏيگهاسر واري دعوت اهڙي طرح ڪتاب ۾ ڏهرڪي سان وابسط دعوتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

**تعلقي ڏهرڪي ۾ پير سائين پاڳاري جون دعوتون ڪندڙن جا تفصيل** : دعوتن جو پير سائين پاڳارو جو شروعاتي سلسلو آهي پر اسان هتي سورهيه باشاه ڪان شروع ڪري رهيا آهيون. **دعوتن جو سلسلو** جنهن ۾ پير سائين پاڳارو جن پڪيون دعوتون ۽ زيارتن جو جماعت سڱوري کي شرف حاصل ٿيندو آهي پڪي دعوت ۾ پنهنجي خاص ويس تاج (ڪلنگي) سان زيارت پڻ ڪرائي ويندي آهي ۽ دعوت ۾ پنهنجو روحاني خطاب پڻ فرمائيندا آهن، **دعوتن جو تفصيل** ۱. ميرو فقير جو ٽلهو، ۲. دولو فقير مهر لونگاٽي، ۳. شير محمد فقير مهر ساڏورجو، ۴. هنگورا فقير مهر، الهڏنو فقير مهر ۸ نمبر، ۵. رمضان فقير مهر ڏتو، ٦. ڏونگراٽي فقير مهر، آڻلو مهر، عبدالله فقير، چام فقير مهر، محمد رحيم فقير مهر، ۷. ننهندي گل حسن فقير، محمد اسماعيل فقير، ۸. غلام قادر فقير پنهيار، ۹ خليفو مصري فقير پائيخانجو ۱۰ گمنا، خان محمد فقير مهر جهلاءِ زيارتون ۱. سادا مهر، ۲. دلمراد فقير مهر ۳. علي بخش مهر انساٽي، فقير پير بخش سپيو ۴. سائينداد مهر گاگناٽي، ۵. مير محمد پنهيار ٦. صاحب دين مڱريو، ۷ خير محمد جيئندو مهر ۸. دلمراد فقير لونگاٽي مهر ۹. اپايو عمراٽي مهر ۱۰ طالب مڱريو، ۱۱. پاتو راڄڙ ۱۲. وڏيرو منل ساڏورجو ۱۳. حافظ محمد يونس سڪندري ۱۴. اپايو جنگيجو، جمال فقير جنگيجو ۱۵. احمد فقير ڏتو ۱٦. اسحاق پتافي، ۱۷. ۳۷ پل نائڻن فقير، هيبتاٽي پتافي، غازي لغاري پنهون فقير مڱٿهار ۽ ٻيون دعوتون ڪيون ويندڀون آهن.

## باداشاهي/بادشاهڻ سڙڪ جو تاريخي پس منظر

امداد علي قادري

اوٻاوڙو تعلقي ۽ پرچوندي شريف ڪان گذرندڙ بادشاهي (بادشاهڻ) سڙڪ جي تعمير جو آغاز تقريباً ۱٦ صدي جي آخر يا ۱۷ صدي جي آغاز ۾ ٿيو. بادشاهي سڙڪ جو بنياد شير شاهه سوري وڌو، جنهن ان کي دهليءَ ڪان ڪابل تائين وڌايو، بعد ۾ مغل بادشاهن، خاص طور تي بادشاهه جهانگير ان ۾ توسيع ڪئي، جڏهن ته انگريزن ان سڙڪ سان گڏ جديد انداز ۾ روڊ ناهي واپار لاءِ وڌيڪ سازگار ۽ آسان بڻايو. جيڪا موجوده جي ٽي روڊ جي تعمير تقريباً ۱۹ صدي جي آخر ۾ ٿي، جڏهن برطانوي حڪومت روڊن جي نيٽ ورڪ کي جديد صورت ۾ آڻڻ لاءِ ڪم ڪري رهي هئي، ۽ ان وقت جي بادشاهي سڙڪ ۾ پڻ ڪيتريون تبديليون آنديون ويون، **آغاز**: بادشاهي سڙڪ اڱوٺي ضلع سکر ۽ هاٽوڪي گهوٽڪي ضلعي مان گذاري ويئي هئي ۽ سرائيڪي ٻولي ڳالهائيندڙ علائقن، جهڙوڪ ملتان شريف، بهاول پور، خان پور ڪٽورهه، رحيم يار خان ۽ ان جي ابتدا سرحدي علائقن مان پنجاب جي مختلف علائقن ۽ سنڌ جي ڪجهه اهم شهرن (رحيم يار خان ڪان سکر تائين) جن ۾ اباوڙو، پرچوندي شريف، (خيرپور) ڏهرڪي، ميرپور ماٿيلو، (عمر ڊهو) سرحد، (لوءِ صاحبان) گهوٽڪي پنوعاقل، روهڙي سکر کي پوري پنجاب ۽ ٻين ملڪن سان ڳنڍيندي هئي. ۽ واپاري واپار ڪندا هئا. ۱. اتر ڪان ايندڙ مال: ڪشمير ۽ پنجاب مان خشڪ ميوا، زعفران، ۽ قيمتي ڪپڙا. ۲. اوٻاوڙو مان نڪرندڙ مال: ڪپهه، لوڻ، اناج، رنگ، هٿ جو ٺهيل مٽيءَ جو سامان ۽ اون. ۳. اوير سنڌ ڪان ايندڙ مال: روئي، لوڻ، ٻاجهريون، ۽ زرعي شيون. ۴. قافلن جو سفر ۽ سوارين جا ذريعا. قافلا روهڙي، ڪوٽ سبزل ۽ صادق آباد ڪان اوٻاوڙو تائين اڪثر اٺن، خچرن، بيل گاڏين، گهوڙن ذريعي ۽ ڪجهه ماڻهو پيدل به سفر ڪندا هئا. اٺ وڏن مالن جي ڪٽڻ لاءِ موزون هئا. خچر/گهوڙا: جابلو رستن لاءِ استعمال ٿيندا هئا. پيادل: عام مسافر، فقير، واپارين جا نوڪر ۽ درويش پيادل به ايندا ويندا هئا. پيادن جو سفر – وقت جي حدبندي روهڙيءَ ڪان اوٻاوڙو تائين پيادل سفر جو مفاصلو تقريبا ۷۵ ڪان ۸۰ ڪلوميٽر هوندو هو، جيڪو عام طور تي قافلا روزانو ۲۵-۳۰ ڪلوميٽر سفر ڪري ٻن ڏينهن ۾ طئي ڪندا هئا. رستي ۾ هو ڪاروان سرائن ۽ مذهبي ماڳن درگاهن تي ويهندا هئا. سڙڪ جي جوڙجڪ ۽ سهولتون بادشاهي/باشاهڻ سڙڪ جي اوسط ويڪرائي ۲۰ ڪان ۲۵ فٽ هئي، جيڪا ٻنهي طرفن ڪان واپاري قافلن لاءِ ٺهيل هئي، ڪنارن تي وڻ لڳل هوندا هئا.

## حضرت سيد محمد حسن شاه جيلاني رحمت الله عليه سوئي شريف

جي آمد جي باري ۾ مختلف روايتون ملن ٿيون جن مان ٻه روايتون هيٺ ڏجن ٿيون. ١: روايت آهي ته پاڻ وسطي شير ڳڙهه ضلع ساهيوال جا باشنده هئا. ٢: روايت آهي ته پاڻ محله شيرانواله لاهور جا باشنده هئا. پاڻ پنجاب مان ديني تعليم حاصل ڪري روحاني فيض حاصل ڪرڻ ۽ مرشد ڪامل جي تلاش ۾ سنڌ جو سفر اختيار فرمايائون. روايت آهي ته پاڻ سنڌ ۾ سپ ڪان پهريائين مائي سوائي جي گهر اچي مهمان ٿيا. مائي سوائي ڪان سئي وٺي پنهنجي چادر سبيائون ۽ سئي ڪنڌي جي وڻ ۾ رکيائون. مائي سوائي سيد محمد راشد شاهه المعروف روضي ڌڻي رحمت الله عليه جي مريدياڻي هئي جنهن ڪيس پنهنجي مرشد جو ڏس ڏنو. پاڻ سفر ڪري روضي ڌڻي رحمت الله عليه جي خدمت ۾ آيا پوءِ هتان سفر ڪري بغداد شريف پيران پير دستگير، محبوب سبحاني، حضرت سيد عبد القادر جيلاني رحمت الله عليه جي دربار تي آيا. ڪجهه وقت رهڻ کان پوءِ عربستان شريف وڃي حج پڙهيائون ۽ گهڻو عرصو پاڪ ملڪ ۾ رهي پيا. روحاني طور نبي ڪريم محمد مصطفي، احمد مجتبي صلي الله عليه و آله وسلم جن جي حڪم ملڻ جي ڪري واپس روضي ڌڻي رحمت الله عليه جي خدمت ۾ آيا. روضي ڌڻي رحمت الله عليه جن بيعت فرمائي ڇهن مهينن جي خلافت عطا فرمائي. پاڻ گهڻو عرصو مرشد جي مربي جي خدمت ۾ گذاريائون. پوءِ مرشد حڪم فرمائين ته اوهان اتي وڃي خلق خدا عزوجل کي فيض ڏيو جتان چادر سبي هئي وي، ۽ اها سئي به مائي کي وڃي واپس ڪريو. مرشد ڪامل جي حڪم ملڻ کان پوءِ پاڻ اچي انهي جاءِ تي پهتا. هتي تمام گهاٽو جهنگ هوندو هيو. چور اچي لڪندا هيا آس پاس ۾ اڪثر ڪوش قوم آباد هئي. **حضرت سيد محمد راشد شاهه جيلاني رحمت الله عليه** يارهن سؤ خليفن مان خاص ڪمالات جا مالڪ هيا. روضي ڌڻي رحمت الله عليه جن فرمائيندا هيا ته بعض خليفن کي انهن جي مرضي تي خلافت سان نوازيو ويو. بعض کي اسان جي مرضي سان. مگر هي سيد (محمد حسن شاهه جيلاني) انهن خليفن مان آهي جنهن کي الله تعالي ۽ ان جي پياري حبيب حضرت محمد مصطفي، احمد مجتبي صلي الله عليه و آله وسلم جن جي حڪم سان نوازيو ويو آهي. **جيلاني بادشاهه جي ڪرامت.** هڪ عورت جيلاني بادشاهه کي دعوت ڪري گهر وٺي ويئي. ڏاج ۾ مليل مينهن ذبح ڪري دعوت ڪارايائين جڏهن جيلاني بادشاهه دعوت کائي هليا ويا ته اوڙي پاڙي جي عورتن اچي مهڻا ڏنس تون پنهنجي ڏاج ۾ مليل مينهن اجايو وڃائي ڇڏي. عورت انهن ماين جي ڳالهين طرف ڪوبه ڌيان نه ڏنو مگر اوچتو هڪ ڏينهن صبح جو ڏسي ته ساڳي مينهن گهر ۾ بيٺي آهي هن سمجهيو ته ڪنهن ٻي مالدار جي هوندي اوڙي پاڙي مان پڇا ڪيائين ڪنهن به مينهن پنهنجي نه ڪئي پوءِ پنهنجي مرشد جيلاني بادشاهه جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيائين ته ساڳي شڪل جي مينهن منهنجي گهر آئي آهي جنهن جو ٻيو ڪوبه مالڪ ظاهر ڪونه ٿيو آهي جنهن تي پاڻ فرمايائون ته اها مينهن تنهنجي آهي اها خبر جڏهن ڪوش قبيلي کي پئي ته سڀ مرد ۽ عورتون اچي مريد ٿيون اڪثر عورتون چرخي تي ڪتيل ڪپڙي جون جوڙون اچي خدمت ۾ نذراني طور پيش ڪنديون هيون پاڻ انهن ڪپڙي جي جوڙين مان هڪ تنبو ٺاهي ان ۾ رهڻ لڳا جنهن ڪري جيلاني بادشاهه کي تنبو ڌڻي جي نالي سان به سڏيو ويندو آهي. حضرت سيد محمد حسن شاهه جيلاني رحمت الله عليه جن شادي ڪونه ڪئي ۽ پاڻ ٢٦ ذوالحج ١٢٥۴ هجري تي وصال فرمايائون.

**شجره روحانيت و طريقت:** سيد العارفين امام العاشقين قطب الاقطاب حضور حافظ الملت حضرت حافظ محمد صديق نور الله مرقده باني خانقاهه عاليه قادريه پرچوندي شريف ڏهرڪي: ١. حضرت سيد الڪونين، خاتم النبيين، حضرت سيدنا محمد مصطفي احمد مجتبي ﷺ مدينه منوره. ٢. حضرت امير المؤمنين، سيدنا علي بن ابي طالب رضي الله عنه تعاليٰ عنه — نجف شريف ٣. شيخ المحققين، حضرت خواجه حسن بصري رضي الله عنه تعاليٰ عنه — بغداد شريف ٤. شيخ المشائخ، حضرت خواجه حبيب عجمي قدس الله سره — بغداد شريف ٥. شيخ المشائخ حضرت خواجه دائود طائي قدس الله سره — بصره ٦. حضرت خواجه معروف ڪرخي قدس الله سره — بغداد شريف ٧. حضرت خواجه سري سقطي رحمت الله عليه — بغداد شريف ٨. حضرت خواجه جنيد بغدادي رحمت الله عليه — بغداد شريف ٩. حضرت خواجه ابو بڪر شبلي رحمت الله عليه — بغداد شريف ١٠. حضرت ابوالفضل عبد الواحد بن عبدالعزيز تميمي رحمت الله عليه ١١. حضرت خواجه ابوالفرح رحمت الله عليه، طرطوس ١٢. حضرت خواجه ابي الحسن علي بن محمد يوسف القريشي رحمت الله عليه — بغداد شريف، ١٣. حضرت خواجه ابي سعيد المبارڪ المخزومي رحمت الله عليه ١٤. شيخ المشائخ محبوب سبحاني، قطب رباني، غوث صمداني، حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رضي الله تعاليٰ عنه — بغداد شريف ١٥. حضرت سيد عبدالوهاب رحمت الله عليه ١٦. حضرت سيد صفي الدين صوفي رحمت الله عليه — بغداد شريف ١٧. حضرت خواجه ابو العباس احمد رحمت الله عليه — حلب شريف ١٨. حضرت سيد مسعود رحمت الله عليه، حلب شريف ١٩. حضرت سيد علي رحمت الله عليه، حلب شريف ٢٠. حضرت سيد شاه مير رحمت الله عليه حلب شريف ٢١. حضرت خواجه شمس الدين محمد رحمت الله عليه، حلب شريف ٢٢. حضرت محمد غوث رحمت الله عليه، ٢٣. حضرت سيد عبدالقادر ثاني رحمت الله عليه ٢٤. حضرت سيد عبدالرزاق رحمت الله عليه ٢٥. حضرت سيد حامد رحمت الله عليه ٢٦. حضرت عبدالقادر ثالث رحمت الله عليه ٢٧. حضرت شمس الدين محمد ثاني رحمت الله عليه ٢٨. حضرت محمد صالح رحمت الله عليه ٢٩. حضرت عبدالقادر رابع رحمت الله عليه ٣٠. حضرت حامد شاه ثاني رحمت الله عليه — درگاه عاليه اچ شريف ٣١. حضرت سيد عبد القادر جيلاني خامس رحمت الله عليه — پيرڪوٺ سدانه ٣٢. فخر العاشقين، محب النبي، حضرت سيد محمد بقا شهيد حسيني قدس الله تعالي سره، پير ڳوٺ، ٣٣. شمع الاولياء، محيي السنت النبويه، حضرت شيخ سيد محمد راشد رضيٰ الله تعاليٰ عنه، پير ڳوٺ، ٣٤. شيخ المشائخ، ماحي آثار البدعت، حضرت سيد محمد حسن جيلاني رحمت الله عليه — سوئي شريف ٣٥. شيخ المشائخ، قاطع بدعت، پير طريقت، حافظ الملت حضرت محمد صديق قريشي رحمت الله عليه — پرچوندي شريف ٣٦. شيخ المشائخ، امام اهل سنت و الجماعت، حضرت عبدالله قدس سره العزيز ٣٧. شيخ المشائخ، سيد السالڪين والعارفين، حضرت خواجه پير عبدالرحمان القادري رحمت الله عليه ٣٨. شيخ المشائخ، حضرت عبدالرحيم شهيد رحمت الله عليه ٣٩. شيخ المشائخ، حضرت پير عبدالحليم شهيد رحمت الله عليه — پرچوندي شريف ٤٠. پير طريقت رهبر شريعت حضرت الحاج پير عبدالخالق القادري دامت برڪاتهم العاليه، سجاده نشين، امير مرڪزي جماعت اهلسنت پاڪستان.

## حضرت حافظ محمد صديق رحمت الله عليه درگاه عاليه ڀرچونڊي شريف

امداد علي قادري

حافظ الملت حضـــرت حافظ محمد صديق رحمت الله عليه اوهان شادي نه ڪئي هئي، پوري زندگي دين جي تبليغ رب پاڪ جي عبادت ڪرڻ ۾ گذاري، پاڻ حافظ قرآن هئا، جنهن سبب حافظ الملت سڏيو ويندو آهي، خانقاهه عاليه قادريه ڀرچونڊي شريف جو بنياد مشـهور عالم ۽ بزرگ حضـرت حافظ محمد صديق رحمت الله عليه جن رکيو، سندن جي پيدائش پهرئين رمضـــــان المبارڪ ١٢٣٤ هجري بروز خميس آهي ۽ سندن جو وصال مبارڪ ١٠ جمادي الآخري ١٣٠٨هجري ۾ آهي، سندن روحاني فيض ۽ تعليمات ذريعي ڪيترائي طالب ۽ مريد فيضياب ٿيا.

**تصـــوف، ديني تعليم ۽ مدرسا:** باني خانقاهه عاليه قادريه ڀرچونڊي شريف حضـــور حافظ الملت جي قائم ڪيل درسگاهه جيڪا هاڻي جامعه صديقيه احياء الاسلام جي نالي سان آهي جيڪا شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور سان الحاق ٿيل آهي جنهن جي سند کي بي اي ۽ ايم اي جي مســـــاوي ڊگري ڏنو ويو آهي ۽ جامعه جون پوري ملڪ ۾ تقريباً ٢٤٠ شاخون ڪم ڪري رهيون آهن موجوده صاحب سجاده جي ڪوشش آهي ته ايندڙ وقت ۾ جامعه کي بين الاقوامي سطح تي روشناس ڪرايو ويندو ته جيئن هن جامعه مان فراغت حاصل ڪندڙ افراد مفيد ۽ سٺا شهري بڻجي ملڪ وطن، دين و دنيا، مسلڪ ۽ انسانيت جي عام خدمت ڪندي معاشري مان جهالت ۽ بي ديني کي ختم ڪري سگهن. هن مرڪزي مدرســـي ۾ ديني تعليم تي خاص ڌيان ڏنو ويندو آهي. جنهن ۾ قرآن و حديث، عربي ۽ فارســـــي جي تعليم ڏني ويندي آهي. انهيءَ مدرسي مان ڪيترائي عالم ۽ حافظ فيض ياب ٿيا آهن. خانقاهه عاليه قادريه ڀرچونڊي شـريف، پنهنجي روحاني، تعليمي ۽ سماجي خدمتن جي ڪري پوري دنيا سميت پاڪستان ۾ هڪ اهم مقام رکي ٿي، جتي هر سال هزارين عقيدتمند زيارت لاءِ ايندا آهن، حضرت حافظ محمد صديق رحمت الله عليه جي وصال کان پوءِ خلافت جو سلسلو شروع ٿيو ۽ سندس پائٽيو **حضـــرت عبدالله "هادي سائين" رحمت الله عليه** جيڪي ١٢٨٣ هجري ۾ پيدا ٿيا هئا. ڀرچونڊي شريف جا پهريون نمبر خليفا ۽ جانشين مقرر ٿيا، حضرت حافظ محمد صديق رحمت الله عليه، پنهنجي زندگي ۾ حضـــرت عبدالله "هادي سائين" کي ديني تعليم سان گڏ روحاني تربيت به ڪئي، حافظ محمد صديق رحمت الله کين پنهنجي موجودگي ۾ مدرسو هلائڻ، جي ذميواري سونپي هئي، ۽ پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي پنهنجي ديني تبليغي ۽ روحاني مشـــن و فيض کي جاري رکڻ لاءِ هادي سائين کي پنهنجو جانشين ۽ ولي عهد مقرر ڪيو هو، حضرت حافظ الملت جي وصال کان پوءِ حضرت عبدالله المعروف هادي سائين رحمت الله عليه کي خانقاهه عاليه قادريه ڀرچونڊي شريف جو پهريون جانشـــــــين مقرر ڪيو ويو، پاڻ پنهنجي زندگي مبارڪ ۾ دين جي تبليغ سميت پنهنجي آباء و اجداد جو روحاني سلســـــــلو جاري رکيو، ۽ پاڻ مدرسي ۾ ديني تعليم ڏيندا هئا، پاڻ عيد نماز پڙهڻ لاءِ عيد گاهه، مهمان خانو، پنهنجي رهائش گاهه، وضو جو تلاءُ فقهي اصولن مطابق هڪ وڏو چؤڪنبو حوض تيار ڪرايائون. جنهن کي ڏهه دروسڏجي ٿو جيڪو هن وقت به وضو لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، حافظ الملت رحمت الله عليه جن جي مزار مبارڪ مٿان وسيع ۽ خوبصورت اٺ ڪنڊن ۽ منارن وارو عاليشان روضو مبارڪ (قبو شـريف) تعمير ڪرايائون، ســندن اولاد ۾ پٽ. ١. پير عبدالرحمان المعروف پورل سـائين ٢. ميان عبدالقادر ۽ ڇهه نياڻيون هيون. حضـــرت هادي سائين جن جو وصال مبارڪ آڳاري جي رات عشـاء جي وقت ٢٥ رجب المرجب ١٣٤٦ هجري (١٩٣٠ع) ٦٣ سالن جي عمر مبارڪ ۾ ٿيو، سندن وصال مبارڪ کان پوءِ **پير عبدالرحمان المعروف پورل سائين کي ٻيون گادي نشـــــين** مقرر ڪيو ويو. سندن جي ولادت مبارڪ ١٣١٠ هجري ۾ ٿي، پاڻ ٽي شاديون ڪيون، (هڪ سميجه خاندان مان ٻي ملڪ خاندان ۽ ٽين پٽ خاندان مان سندن کي نو پٽ ۽ اٺ نياڻين جو اولاد هو. سندن وصال ٩ جمادي الاول ١٣٨٠هجري بمطابق ٣٠ آڪٽوبر ١٩٦٠ع بروز آچر هڪ بجي منجهند جو ٿيو. اولاد ۾ ١. شهيد پير عبدالرحيم رحمت الله عليه (ٽيون سجاده نشـين) ٢. ميان عبدالڪريم رحمت الله عليه ٣. ميان عبدالحميد عرف ميان اڇل رحمت الله عليه ٤. ميان عبدالحي عرف ميان شـــــمن دامت برڪاتهم العاليه ٥. ميان عبدالحق عرف ميان منو دامت البرڪاتهم العاليه ٦. ميان عبدالقيوم رحمت الله عليه ٧. ميان عبدالرئوف رحمت الله عليه ٨. ميان عبدالصمد رحمت الله عليه ٩. ميان عبدالغفور رحمت الله عليه

ميان عبدالقيوم، ميان عبدالرئوف، ميان عبدالصمد، ميان عبدالغفور، شهيد پير عبدالرحيم، ميان عبدالحميد عرف ميان اڇل، ميان عبدالحي عرف ميان شمن، فقير عبدالحق عرف ميان منو

**ٽيون گادي نشـــــين پير عبدالرحيم** رحمت الله عليه سندن جي ولادت مبارڪ ١٣١٠ هجري/ ١٩١٠ع ۾ ٿي. پاڻ ٽي شاديون ڪيون، سندن جو دور مبارڪ ڀرچونڊي شـريف جي تاريخ ۾ هڪ سـنهري دور طور سـڃاتو وڃي ٿو، پاڻ کي ١٣ پٽن ۽ ٠٩ نياڻين جو اولاد هو، اولاد: ١. ميان عبدالحليم رحمت الله عليه (چوٿون سجاده نشين) ٢. ميان عبدالسميع رحمت الله عليه ٣. ميان عبدالفتاح رحمت الله عليه

٤. ميان عبد الماجد رحمت الله عليه ٥. ميان عبد المنان رحمت الله عليه ٦. ميان عبد العليم رحمت الله عليه ٧. ميان عبد الحنان رحمت الله عليه ٨. ميان عبد الغني عرف ميان نندو رحمت الله عليه ٩. ميان عبد الجبار رحمت الله عليه ١٠. ميان هيبت الله دامت برڪاتهم العاليه ١١. ميان عبد النبي

١٢. ميان غلام رسول, ١٣. ميان عبد الواحد رحمت الله عليه... سندن جي شهادت کان ڇهه مهينا پوءِ **پير حافظ عبد الحليم** رحمت الله عليه

پرچونڊي شريف جا چوٿان گادي نشين مقرر ٿيا, پاڻ ١٩٢٨ع ۾ پيدا ٿيا پنهنجي ذميوارين کي تعليم ۽ تربيت جي ذريعي تمام بهترين طريقي سان جاري رکيو. سندن جي اولاد: ١. حضرت پير عبد الخالق دامت برڪات العاليه (پنجون سجاده نشين) ٢. ميان عبد المالڪ رحمت الله عليه (ميان عبدالمالڪ روڊ حادثي ۾ وفات ڪري ويو هو) ٣. ميان ذوالفقار علي دامت برڪاتهم العاليه ٤. ميان نظر محمد دامت برڪاتهم العاليه ٥. ميان اڄن عرف ميان اڄو دامت برڪاتهم العاليه

## موجوده ۽ پنجون سجاده نشين حضرت پير عبد الخالق القادري دامت البرڪاتهم العاليه

سندس ولادت ١٢ ربيع الاول ١٣٧٦هجري بمطابق ١٣ جنوري ١٩٥٦ع تي پرچونڊي شريف ۾ ٿي. سندن نالو پڙڏاڏي حضرت پورل سائين رحمت الله عليه، ڏاڏي شهيد پير عبد الرحيم رحمت الله عليه جي رضامندي سان عبدالخالق رکيو هو. پاڻ اڃا ١٥ سالن جا هيا ته سندن والد صاحب کي شهيد ڪيو ويو، جنهن سبب ننڍ پڻ ئي يتيمي ۾ گذريو، والد صاحب جي شهادت کان پوءِ تي ڏينهن آگسٽ مهيني جي آخر ۾ ١٩٧٣ع تي سجاده نشين مقرر ٿيا. جنهن منصب کي پاڻ صبر و تحمل، بردباري ۽ تمام سٺي نموني اڄ تائين نڀائي رهيا آهن. پاڻ مرڪزي جماعت اهل سنت پاڪستان جا مرڪزي امير ۽ حافظ الملت فاؤنڊيشن پاڪستان جا سرپرست اعلي آهن.

اولاد: ١. ميان عبد المالڪ عرف ميان مجن شاهه, ٢. ميان عبد المطلب ٣. ميان محمد صديق قادري.

**روضو شريف:** جنيد وقت، سيد العارفين، امام العاشقين باني پرچونڊي شريف پير طريقت رهبر شريعت حضرت حافظ محمد صديق القادري رحمت الله عليه جن جي وصيت مطابق ٻهرين سجاده نشين حضرت حافظ محمد عبدالله المعروف هادي سائين رحمت الله عليه مسجد شريف جي ڏاکڻي طرف ڏهن هٿن جي فاصلي تي سندن مزار مبارڪ تي ٻن سالن بعد وسيع ۽ خوبصورت اٺ ڪنڊن ۽ منارن وارو عاليشان قبو تيار ڪرايو هو جنهن کي موجوده سجاده نشين امير اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه اندران ۽ ٻاهريان بهترين ماربل جون چٽسالي ٽيل سرون لڳرايون آهن جنهن جي ڪري قبو شريف تمام خوبصورت نظارو پيش ڪري رهيو آهي. **جامعه صديقيه احياء السلام خانقاه عاليه قادريه پرچونڊي شريف جون شاخون:** جامعه هذا جون پوري ملڪ ۾ تقريباً ٢٠٠, ٢٥٠ شاخون ڪم رهيون آهن جن مان ڪجھ جو ذڪر:

١: مدرسه عربيه رحمانيه جونگ ڪالوني ڏهرڪي ٢: مدرسه حنفيه رضويه صديقيه فيض العلوم ميان عبد السميع محله ڏهرڪي ٣: مدرسه صديقيه رحمانيه تعليم القرآن چوڌري محمد شريف ٤: مدرسه صديقيه رحمانيه احياء الاسلام ڳوٺ حافظ محمد سليمان ڌهر ٥: مدرسه صديقيه قادريه احياء الاسلام محمد بخش پتافي ڪينجهر ٦: مدرسه صديقيه احياء الاسلام شير محمد پتافي لڳ ساجن اڏو ڪينجهر ٧: مدرسه غوثيه صديقيه احياء الاسلام منو شاهاڻي ڪينجهر ٨: مدرسه صديقيه رحمانيه احياء الاسلام بهرام فقير پتافي ڪينجهر ٩: مدرسه صديقيه رحمانيه احياء الاسلام حاجي عبدالواحد پتافي ڪينجهر. ١٠: مدرسه صديقيه رحمانيه احياء الاسلام علي شير ملڪ باءِ پاس ڏهرڪي ١١: مدرسه صديقيه رحمانيه احياء الاسلام حبيب فقير ڪينجهر ١٢: مدرسه رحمانيه احياء الاسلام مصطفي آباد ڪالوني ڏهرڪي ١٣: مدرسه صديقيه رحمانيه احياء الاسلام مسلم ڪالوني ڏهرڪي ١٤: مدرسه رحمانيه قادريه غوث اعظم مارڪيٽ ڏهرڪي ١٥: مدرسه غوثيه رحمانيه احياء الاسلام ميان عبد الغفار ڪالوني ڏهرڪي ١٦: مدرسه صديقيه رحمانيه صديق الاسلام گلاب شاهه ڪالوني ڏهرڪي ١٧: مدرسه صديقيه رحمانيه احياء الاسلام بلوچ ڪالوني ڏهرڪي ١٨: مدرسه صديقيه احياء الاسلام گلاب شاهه ڪالوني ڏهرڪي

١٩: مدرسه صديقيه قادريه مغل محله ڏهرڪي ٢٠: مدرسه صديقيه قادريه احياء الاسلام خير محمد خان ٢١: مدرسه صديقيه قادريه رحمانيه احياء الاسلام نزد پراڻو بس اسٽاپ ڏهرڪي

٢٢: جامع الهدي احياء الاسلام قطب ٽاؤن ڏهرڪي

٢٣: مدرسه صديقيه قادريه تعليم القرآن مشغول فقير خشڪ دادلغاري، ٢٤: مدرسه صديقيه قادريه احياء الاسلام محمد يوسف مهر

حضرت حافظ محمد صديق رحمت الله عليہ جن جي خلافت واري منصب تي **حضرت پير عبدالخالق دامت برڪاتهم العاليہ** جن آهن. حضرت پير عبدالرحمان المعروف پورل سائين رحمت الله عليہ جن جي وصال کان پوءِ درگاهہ عاليہ پرچوندي شريف جا مريد ڪرڻ جو سلسلو چئن حصن ۾ شروع ٿي ويو آهي. جنهن ۾ ١. خانقاه عاليہ قادريہ پرچوندي شريف ڏهرڪي، (صاحب سجاده پير عبدالخالق القادري) ٢. غوثپور شريف (ميان عبدالحي المعروف ميان شمن) ٣. نزد خانقاه عاليہ پرچوندي شريف (پير ميان محمد احمد رضا رحيم)۴. خانقاه عاليہ قادريہ پرچوندي شريف ڪشمور( ميان عبدالحفيظ) **جڏهن تہ عرس مبارڪ سيئي پير [ميان صاحبان ] الڳ الڳ پڻ ڪندا آهن . پير ميان عبدالمنان** جنهن کي هڪ پٽ پير ميان محمد احمد رضا رحيم جي اولاد آهي. پير عبدالرحمان پورل سائين جا پيارا فرزند عبدالحق المعروف ميان منو جن پاڪستان جي نامور سياسي شخصيت آهن, ڪيس پنج پٽ ١. ميان شبير احمد, ٢. ميان فاروق احمد, ميان ٣. ميان رفيق احمد, ۴. ميان محمد اسلم, ۵. ميان محمد آصف آهن, ميان عبدالحميد ميان اڇل سائين جن جي اولاد ۾ ١. ميان منير احمد, ٢. ميان مشتاق احمد, ٣. ميان محمد اقبال, ميان حزب الله, ميان عبدالقدوس (فوجي هو ۽ شهيد ٿيا آهن) , ميان صبغت الله, ميان محمد سعيد, ميان احمد سعيد رحمت الله عليہ, ميان خالد احمد ميان اڇل سائين جو پوٽو آهي, ميان عبدالحي المعروف ميان شمن (مرشد ڪريم) جا پٽ ميان جاويد احمد, ميان جميل احمد, ميان گلاب, ميان رياض احمد ۽ ميان احمد رضا جنهن جو ايڪسيڊنٽ ٿيو ۽ وفات ڪري ويو آهي, ميان عبدالسميع جا پٽ: ميان رحمت الله, ميان منظور احمد, مرحوم ميان منير احمد, مرحوم ميان عبدالسلام آهن. ميان عبدالرئوف جي اولاد: ميان ارشد, ميان شاهد, ميان اڪبر, شهيد ميان اصغر, شهيد ميان عبدالعزيز آهن. ميان عبدالشڪور ۽ ميان عبدالرئوف پاڻ ۾ يائر آهن, ميان عبدالصمد ١١ کي هڪ پٽ ميان عبدالرشيد هو, ميان عبدالغفار جي اولاد: ميان بادل, ميان عبدالنبي نبو, ميان عبدالصبور آهن, آهن. ميان عبدالهادي جي اولاد: ميان عبدالرحيم ۽ ميان شفيق احمد آهن ميان شفيق احمد جا پٽ ميان عتيق الرحمان, ميان عطاء الرحمان, ميان فضل الرحمان, ميان خالد الرحمان, ميان سيف رحمان, ميان عبدالهادي, ميان احمد آهن. ميان عبدالعليم جي اولاد: ميان محمد حنيف ڪيس هڪ پٽ هو. ڪيس پوٽن ۾ ميان عبدالعليم, ميان محمد فهيم, ميان محمد صادق, ميان محمد ملوڪ, ميان عبدالرحيم, ميان طبي رسول, ميان فيض رسول, ميان محمد جنيد آهن.

**پرچوندي شريف جون ڪجھ حقيقتون** روضي ڌڻي حضرت حافظ الملت حافظ محمد صديق رحمت الله عليہ جن جي وصال بعد حضرت پير عبدالله هادي سائين رحمت الله عليہ جن گادي تي ويٺا ۽ سندن وصال کان پوءِ حضرت پير عبدالرحمان المعروف پورل سائين رحمت الله عليہ گادي نشين ٿيا, پورل سائين رحمت الله عليہ جون ٽي شاديون ۽ ڪيس ٩ پٽن جي اولاد هئي, ميان منو موجب حضرت پورل سائين پنهنجي زندگي ۾ سيني پٽن کي پٽڪا پهرڻ لاءِ ڏنا صرف عبدالرحيم کي اهو پٽڪو نہ ڏنو, جنهن جو مطلب صاف هو, پير عبدالرحيم جڏهن گادي تي ويٺا تہ ڪجھ ڀائرن کي اها ڳالهہ نہ وڻي ۽ امن امان برقرار نہ رهيو. ان دوران يو بي ايل چوڪ وٽ عبدالخالق مهر بہ ڪيس گادي نشين تسليم نہ ڪيو تہ ان کي قتل ڪرايو ويو جيڪو اسان جو معتقد هو اهڙين پر تشدد ڪاروائين بعد جهيڙا ۽ قتل وغارت شروع ٿيا ۽ پير عبدالرحيم ۽ ٻيا پير صاحبان قتل ٿيا جنهن بعد اختلافات وڌي ويا ۽ "پير عبدالرحيم" کي سندن اختلافن سبب سجاده نشين تسليم نہ ڪيو, ۽ ڪيس قتل ڪري ڇڏيو جنهن جو فيصلو اسان عبدالحميد خان جتوئي جي موجودگي ۾ پاڻ ۾ ڪيو ۽ اسان ٻنهي ڌرين پنهنجا پنهنجا ڪيل خون تسليم ڪيا. ان خوني ويڙهہ کان پوءِ پرچوندي شريف جو وايو منڊل تبديل ٿي ويو آهي حضرت پورل سائين جي اولاد جيڪا پرچوندي شريف جي قدامت پسند شخصيتون آهن جن ۾ ٻيو نمبر پاءِ ميان عبدالڪريم هتان ڪشمور نڪري وڃي هڪ ٻي پرچوندي شريف قائم ڪئي آهي, ۽ درگاه عاليہ قادريہ پرچوندي شريف جي گادي پير ميان عبدالحليم حوالي ٿي ويئي, ان وقت ميان عبدالحميد عرف ميان اڇل ۽ سندس ڀائر ميان عبدالحي عرف ميان شمن, عبدالحق المعروف ميان منو درگاه ڇڏي حافظ آباد ۽ اسٽيشن تي آباد ٿيا. پير ميان عبدالحي المعروف ميان شمن سائين "مرشد ڪريم" جن جي زندگي جو واقعو.. حضرت عبدالحق ميان منو رحمت الله عليہ جن بيان ڪن ٿا تہ "مرشد ڪريم ميان شمن سائين" جيڪي شروع کان ئي متقي پرهيز گار رهيا آهن ۽ هر ميڙ موقعي تي دين جي تبليغ ڪندا رهندا آهن, جن جا خانداني ذريعا ٻڌائن ٿا تہ هڪ پيري مرشد ڪريم حافظ آباد ۾ پنهنجي اهل خانہ ۾ ويٺا هئا تہ مٿائن هڪ عجيب ڪيفيت طاري ٿي ويئي, ويني ويني سائينجن کي حضرت علي ڪرم الله وجہ جي زيارت نصيب ٿي, مولاءِ ڪائنات جن طرفان مرشد ڪريمن کي حڪم مليو تہ پنهنجا مريد ڪري, اهو سمورو احوال ميان منو کي ڪيائون جنهن بعد حضرت ميان منو جا پٽ پوٽا ڏوهٽا سڀ سندس جا مريد ٿيا ۽ اهو سلسلو جاري آهي.

**پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جو جبو مبارڪ** پرچوندي شريف ۾ جيڪو پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جن جو جبو مبارڪ جنهن صندوق ۾ رکيل آهي اها صندوق جان محمد سومرو ٺاهي هئي... پرچوندي شريف جي اتر طرف کان هڪ شاهي سڙڪ گذرندي هئي جنهن کي بادشاهي سڙڪ سڏيو ويندو هو ان سڙڪ جا نشان اڄ بہ موجود آهن" ان وقت پرچوندي شريف آباد هئي اتان ڪجھ مغل شهزاده گذريا پئي آبادي ڏسي اتي قيام ڪيائون ان وقت حضرت حافظالملت جو مدرسو شريف هلندڙ هو حضرت حافظ الملت جي شخصيت ۽ مدرسو ڏسي ڏاڍا متاثر ٿيا ۽ وڃڻ وقت انهن وٽ حضرت محمد مصطفي صلي الله عليہ وسلم جن جو جبو مبارڪ هو اهو حضرت حافظ الملت حافظ محمد صديق رحمت الله عليہ جي حوالي ڪيائون, جنهن جي زيارت پڻ ڪرائي ويندي آهي.

# شجرہ مبارک حضرت حافظ الملت حضرت حافظ محمد صدیق رحمت اللہ علیہ درگاہ عالیہ بھرچونڈی شریف

# ميان منظور احمد قادري آف پرچونڊي شريف

**ميان منظور احمد قادري** حضرت حافظ الملت حضرت حافظ محمد صديق رحمت الله عليہ جي خاندان ۾ حضرت پير عبدالرحمان المعروف پورل سائين رحمت الله عليہ جي پٽ شهيد پير عبدالرحيم جي فرزند ميان عبدالسميع جو پٽ آهي. ميان منظور هڪ ايماندار سياستدان آهي. **ميان منظو ر احمد قادري** ٢٠٠٦ **۾ يونين ڪائونسل سٽي ڏهرڪي جو ناظم** رهيو. يونين ڪائونسل جي پئسن مان چانهہ بہ نہ پيئندو هو آفيس خرچ بہ ڪيسي مان ڪندو هو. ان وقت يونين ڪائونسل جي بجيٽ ٢ لک رپيا مهينو ملندي هئي. جنهن وقت مدو پورو ٿيو تہ اٽويهہ لک رپيا اڪائونٽ ۾ ڇڏي ويو. ميان منظور احمد ڪي ترقياتي ڪمن جو ڏگهو پروسيز ڏنايو ويو. ٢٠١۵ ۾ پنهنجي وارڊ وارن ڪيس ميمبر ٽائون ڪاميٽي چونڊيو تمام وقت چيئرمن سان اختلافات رهيس. سال ٢٠٢٢ جي بلدياتي اليڪشن ۾ ٽائون ڪاميٽي جي وارڊ نمبر ١٢ تي حصو ورتو پر شڪست کاڌي ميان منظور احمد قادري ڪرونا سال٢٠١٩ ۾ پنهنجي وارڊ اندر ڪيسي کان خرچ ڪري روزاني ديڳون پچرائي بہ وقت باقائدگي سان پڪل ماني پهچائڻ جو بندوبست ڪيو هو ان لاءِ باقاعده رجسٽريشن ڪري انهن کي ماني پهچائي ويندي هئي. سندس بنگلي تي اڪثر ماٺهو مسئلا کڻي ايندا آهن دل جي عارضي باوجود چوندو آهي **موت اچڻي آهي!!!! ڪجهہ ڪري مري وڃجي!!!**. ميان منظور جي ٽي روڊ سميت پوري شهر جي انڪروچمينٽ خلاف آهي ۽ وقت بوقت آواز بلندو ڪندو رهندو آهي. پر سندس آواز کي مافيائن دٻائي ڇڏيو.

**اولاد ۾ ٽي پٽ** ميان مسعود احمد قادري، ميان شعيب محمد، ميان عبدالسلام قادري ۽ ڇهہ نياڻيون آهن.

حضرت ميان عبدالسميع رح، ميان رحمت الله قادري، ميان منظور احمد قادري، ميان مسعود احمد، ميان شعيب محمد، ميان عبدالسلام

## ميان نظر محمد پير آف پرچونڊي شريف

ميان نظر محمد امن، محبت- درگذر جو پيڪر، ميان نظر محمد جو تعلق پرچونڊي شريف جي معزز پير گهراڻي سان آهي. حضرت حافظ المت حضرت حافظ محمد صديق رحمت الله عليہ جي خاندان سان وابستہ حضرت پير عبدالرحمان المعروف پورل سائين رحمت الله عليہ جو پوٽو ۽ حضرت پير عبدالحليم جو فرزند آهي. روحانيت کان زمينداريءَ تائين جواني جي اڙانگهي سفر کان شروعات ڪئي ۽ شادي کان پوءِ ميان نظر محمد پرچونڊي شريف کان منتقل ٿي، مين جي ٿي روڊ حافظ سليمان اڳيان پنهنجو ڳوٺ آباد ڪيو ۽ نئين زندگي جي شروعات ڪئي اهو ڳوٺ جيڪو صرف ڳوٺ نہ پر سندس جو عوامي خدمت جو مرڪز بڻجي ويو، جتي هن امن، محبت، ۽ ڀائيچاري جو مثال قائم ڪيو. ميان نظر محمد هڪ محبتي، نرم دل، ۽ صلح جو انسان آهي، جنهن جهيڙن ۽ خون خرابي جي زندگي کي خيرباد چئي سک، چين، ۽ خير جي تلاش ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ آباد ٿي زمينداري سنڀالڻ شروع ڪئي. سندس شخصيت جا نمايان پهلو امن ۽ ڀائيچاري جو سفير: سندس طبيعت ۾ محبت ۽ درگذر جو عنصر نمايان آهي. هو هميشہ خير جي تلاش ۾ ۽ شر کان پري رهندو آهي. عالي ظرف ۽ سخاوت: سندس ملڻ جو انداز ۽ پاڪر محبت سان ڀريل هوندو آهي، جيڪو ڪيس ملندڙ هر ماڻهو جي دل کي خوشي ۽ تسڪين ڏئي ٿو. رابطو ۽ اتحاد: هو پنهنجي پير ميان برادريءَ کي جوڙي رکڻ ۽ سندن وچ ۾ اتحاد برقرار رکڻ ۾ سرگرم آهي. فيصلا ڪندڙ ۽ مدبر: سندس صلح پسندي ۽ معاملن کي تدبر سان سلجهائڻ جي صلاحيت ڪيس برادريءَ ۾ هڪ معزز مقام عطا ڪري ٿي. اولاد جي تعليم تي ڌيان: سندس پٽ اسلام آباد ۾ زيرِ تعليم آهن، جيڪو سندس تعليم سان محبت ۽ ايندڙ نسل جي بهتريءَ لاءِ ڪيل ڪوشش جو ثبوت آهي.

ميان نظر محمد جي اولاد ۾ ١. ميان محمد علي ٢. ميان اظهر علي ٣. ميان اسد ۽ چار ڌيئر آهن.

## ميان شفيق احمد پير آف پرچونڊي شريف

ميان شفيق احمد عوامي خدمت جو بي آواز مسافر وقت جي وهڪرن ۾ ڪي شخصيتون اهڙيون بہ هونديون آهن، جيڪي اقتدار جي نہ، پر عزت جي آسودي تي بي نياز بيهنديون آهن. ميان شفيق احمد پرچونڊي شريف جي اُن معزز وادي جو وارث آهي، جنهن جا پاڇا روحانيت ۽ علم جي تاريخ تي هميشہ موجود رهندا. سندس نسب نالو حضرت حافظ الملت حضرت حافظ محمد صديق رحمت الله عليہ ۽ حضرت پير عبدالرحمان عرف پورل سائين رحہ جي سلسلي سان جُڙيل آهي. هو شهيد پير عبدالرحيم جو پوٽو ۽ ميان عبدالهادي جو فرزند آهي — يعني علم، ايمان، ۽ قرباني سندس رت ۾ شامل آهي. سنجيدگيءَ سان سنڀاليل سياست ميان شفيق احمد، نہ رڳو تعليم يافتہ ذهن جو مالڪ آهي، پر نرم گفتار، ڪليل دل، ۽ هر دلعزيز ملڻسار شخصيت بہ آهي. سندس اوطاق جي درن تي ڪو تالا ناهي، اُتي هر مسڪين، هر ضرورتمند بي جهجڪ اچي سگهي ٿو. اهو ئي سبب آهي، جو سندس دل وانگر اوطاق بہ هر وقت "حاضر" رهندي آهي. ڏهرڪي جي هندو ۽ مسلمان ووٽرن جي دلين ۾ سندس نالو عزت سان ورتو ويندو آهي. مڪاني سياست جو مضبوط ڪردار ميان شفيق احمد جو سياسي سفر ٢٠٠١ع ۾ پرويز مشرف جي دور ۾ شروع ٿيو، جڏهن هن ڏهرڪي ٽائون ڪميٽي جي ناظم شپ لاءِ حصو ورتو ۽ ڪاميابي ماڻي. سندس ناظم شپ وارو دور ڏهرڪي جي تاريخ ۾ ترقياتي ڪمن، صفائي، ۽ انتظامي سڌاري جي حوالي سان يادگار رهيو. هن جي محنت جو ڦل ٢٠٠٥ع ۾ ٻيهر ڪاميابي جي صورت ۾ مليو. بعد ۾ ٢٠١٥ع ۽ ٢٠٢٣ع جي مڪاني چونڊن ۾ بہ، عوام ڪيس محبتن سان چونڊيو — نہ رڳو چونڊن ۾، پر دلين ۾ بہ ڪيس ووٽ مليو. ٢٠٢٥ع تائين، هو ڏهرڪي ٽائون جو ڪائونسلر آهي ۽ پنهنجي روايتن وانگر اڄ بہ ماڻهن جي سهاري جو ٻيٽو آهي. خانداني زندگي — گلن وانگر ڦهلجي ويل ميان شفيق احمد جي زندگيءَ جو ڪاروان اولاد جي صورت ۾ سندس نيڪ نيتين جو ثمر آهي. هن جا پٽ آهن: ١. ميان عتيق احمد ٢. ميان عطاءُ رحيم ٣. ميان فضل رحيم ۴ ميان صيف رحيم ۵. ميان خالد رحيم ۽ انهن سان گڏ ست نياڻيون، جيڪي سندس گهر جي رونق ۽ دعا جو پڙاڏو آهن.

## مرحوم سردار نور محمد خان لنڊ جو سياسي سفر ۽ خدمتون

سردار نور محمد خان لنڊ، سنڌ جي ضلع سکر مان تعلق رکندڙ هو. پاڻ پاڪستان پيپلز پارٽي جا سينئر اڳواڻ ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر رهيا. سندس سياسي سفر هيٺين ريت آهي: ١٩٧٠ع: NW-111 سکر- III تان PPP جي ٽڪيٽ تي ٦٦.٢١٥ ووٽن سان ڪاميابي حاصل ڪئي. ١٩٧٧ع: NA-154 سکر- IV تان بنا مقابلي چونڊجي آيا. ١٩٨٥ع: غير جماعتي چونڊن ۾ NA-153 سکر- III تان ٥٦.٢٣٥ ووٽن سان ڪاميابي حاصل ڪئي. ١٩٩٠ع: PDA جي ٽڪيٽ تي NA-153 سکر- III تان ٤٩.٣٩٩ ووٽن سان ڪامياب ٿيا. سردار نور محمد خان لنڊ، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ويجهن ساٿين مان هئا ۽ ايم آر ڊي تحريڪ ۾ سرگرم رهيا. سندس وفات جو صحيح سال دستياب ناهي، پر ١٩٩٠ع کان پوءِ سياسي منظر تان لاپتا ٿيا.

## سردار خالد احمد خان لنڊ جي سياسي زندگي:

سردار خالد احمد خان لنڊ، سردار نور محمد خان لنڊ جو پڳدار پٽ ۽ سياسي جانشين آهي، پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ سرداري ۽ راڄ ڀاڳ سان گڏ سياست به ڪيس ورثي ۾ ملي، هو پنهنجي والد جي نقش قدم تي هليو: - ٢٠٠٢ع: NA-200 گهوٽڪي- I تان PPP جي ٽڪيٽ تي ٦٨.٢٩٦ ووٽن سان ڪاميابي حاصل ڪئي. - ٢٠١٨ع: NA-204 گهوٽڪي- I تان PPP جي ٽڪيٽ تي ٩٩.٨٧٨ ووٽن سان ڪامياب ٿيا. - ٢٠٢٤ع: NA-198 گهوٽڪي- I تان PPP جي ٽڪيٽ تي ١٢٠.٢٥٩ ووٽن سان ڪاميابي حاصل ڪئي. سردار خالد احمد خان لنڊ، وزير مملڪت جي حيثيت سان پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون. ماڙي گيس ڪمپني جي CSR فنڊز جي نگراني ۽ علائقي جي ترقياتي منصوبن ۾ سرگرم رهيا. ٢٠٢٤ع ۾ صحافي نصرالله گڏاڻي جي قتل جي معاملي ۾ سندس نالي جو ذڪر ٿيو، پر جاچ کان پوءِ هو بيگناهه قرار ڏنا ويا، جڏهن ته سندس ڀن پٽن تي سازش جو الزام لڳايو ويو. **مخالف سياسي شخصيتون** سردار خالد احمد خان لنڊ جي سياسي مخالفن ۾ ميان عبدالحق عرف ميان مٺو شامل آهن، جن سان ٢٠١٨ع ۽ ٢٠٢٤ع جي چونڊن ۾ مقابلو ڪيو. سندس سياسي زندگي ۾ نصرالله گڏاڻي جي قتل جو الزام ۽ ڪورٽن جون حاضريون اهم موڙ ثابت ٿيون، پر انهن باوجود هو پنهنجي سياسي سفر جاري رکيو.

لنڊ خاندان جي سياسي مضبوطگي جا سبب ۽ عوامي مقبوليت جا ڪارڻ ١. **تاريخي سياسي ورثو:** لنڊ خاندان جو سياسي بنياد سردار نور محمد خان لنڊ رکيو، جيڪو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو ويجهو ساٿي هو. ١٩٧٠ع کان وٺي قومي اسيمبلي ۾ چونڊجڻ، ايم آر ڊي تحريڪ ۾ سرگرم هجڻ، ۽ پارلياماني ساک هن خاندان کي سنڌ جي اولهه ۾ طاقتور بڻايو. ٢. **عوامي رسائي ۽ قبائلي اثر:** خاندان جو ذاتي اثر، علائقائي سرداري ۽ فيصلا ڪندڙ حيثيت، خاص طور گهوٽڪي، ڏهرڪي، اٻاوڙو ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ انهن کي عوام سان سڌي ڳانڍاپي ۾ رهيو. مسئلا حل ڪرڻ ۾ بروقت ڪردار سبب ماڻهن جو اعتماد حاصل ڪيو. ٣. **ترقياتي خدمتون:** - ماڙي گيس ڪمپني جي CSR فنڊز ذريعي هزارين ماڻهن کي روزگار، روڊ، اسڪول، واٽر سپلاءِ ۽ ڊرينج جي سهولتون مهيا ڪيون. - واٽر ٽريٽمينٽ پلانٽس، اسپتالن جي بحالي، ۽ اسپيشل اسڪيمون تڪ ۾ متعارف ڪرائي. - ڪيترين يونين ڪائونسلن ۾ ٽف ٽائل، سولر اسڪيمون. ٤. سياسي عقلمندي ۽ استحڪام: سردار خالد احمد خان لنڊ جهڙن اڳواڻن جو پارٽي سان وفاداري، هر چونڊ ۾ ووٽن جي اعلىٰ شرح، ۽ مخالفن کي شڪست ڏيڻ جي صلاحيت، خاندان کي سياسي طور مستحڪم رکيو. ٥. نوجوان قيادت جو ميدان ۾ اچڻ: سردار نور محمد خان لنڊ جونيئر، شهباز خان لنڊ، سردار خان لنڊ، سردار نبي بخش خان لنڊ، سردار شاهنواز لنڊ سميت ٻيا نوجوان به هاڻ سرگرم آهن.

**اوائلي دور اونداهي کي روشن ڪرڻ جا ذريعا:** قديم دور کان جديد بجلي ۽ سولر لائيٽ تائين سنڌ جي تاريخي ۽ ثقافتي پسمنظر ۾ روشنيءَ جي ذريعن جي مسلسل ترقي ٿيندي رهي آهي. موهن جو دڙو ۽ هڙاپا تهذيب ۾ باهه ۽ تيل جا ڏيئا استعمال ٿيندا هئا موم ۽ جانورن جي چربي مان شمعون ٺهنديون هيون, ڳوٺن ۾ رات جو روشنيءَ لاءِ ڪاٺين جا ديرا (الاوان) ٻاريا ويندا هئا, ١٠٠٠ ق.م - ١٥٠٠ع: قلعن، درگاهن، ۽ محلاتن ۾ فانوس ۽ قنديلون عام ٿيون, اسلامي دور ۾ مسجدن ۽ محلن ۾ وڏا فانوس لڳايا ويا، جيڪي تيل تي هلندا هئا, (١٦٨٩-١٧٥٢ع) ۾ به ڏيئا ۽ مشعلون استعمال ٿينديون هيون, ١٨٠٠ع: ڪروسن جا ڏيئا سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ عام ٿيڻ لڳا, مدرسن، ڪچهرين، ۽ ميلا متائن تي تيل جون بتيون ٻارڻ جو رواج وڌيو.

# عبدالحق المعروف ميان مٺوجي مختصر سوانح عمري!!

حضـــرت حافظ محمد صديق رحمت الله عليہ (پرچونڊي شريف) جي ٻي گادي نشـــين حضـــرت پير عبدالرحمان پورل ســـائين رحمت الله عليہ جو لاڏلو پٽ **عبدالحق المعروف ميان مٺو** ڏهرڪي، گهوٽڪي، سميت سنڌ، پاڪســـتان جي هڪ نامور سياسي شخصـــيت آهي. هو با اصول شخص آهي، هن ڪڏهن بہ پنهنجي اصولن تي سوديبازي ناهي ڪئي. سندس نالو نہ رڳو پاڪســـتان، پر پوري دنيا ۾ سڃاتو وڃي ٿو. ميان مٺو جي زندگي هميشہ سياست، مذهب، ۽ مختلف تڪرارن سان جڙيل رهي آهي، ميان مٺو ١٢ ربيع الاول وڏي عقيدت احترام ســـان ملهائيندو آهي. نبي ڪريم ﷺ ســـان محبت جي اظهار طور، سندس جي قيادت ۾ هڪ عظيم الشان ريلي ڪڍي جنهن ۾ سجايل اٺ گاڏيون موٽر سائيڪلون شامل هونديون آهن. جيڪا صلوات والسلام جو ورد ڪندي ڏهرڪي اباوڙو ميرپور ماٿيلو کان حافظ آباد واپس ايندي آهي جتي بهترين نَر (ڏيگو) ضبح ڪري ان جو لنگر تيار هوندو آهي. پرچونڊي شريف درگاهہ تي ڪيترائي غير مسلم فرد ۽ خاندان اسلام قبول ڪري چڪا آهن. اهو سلسلو حضرت حافظ الملت کان هلندو پيو اچي ميان مٺو جي زيردست ۽ زير سرپرستي سندس خاندان انهن نو مسلم ماڻهن جي مالي ۽ سماجي مدد پڻ ڪندا رهندا آهن، چاڪاڻ تہ اهي عام طور تي پنهنجو ســـب ڪجهہ ڇڏي اســـلام اختيار ڪن ٿا. تڪرار ۽ تنقيد ميان مٺو تي تنقيد تڏهن وڌي، جڏهن ٢٠١٢ع ۾ رينڪل ڪمارِي، جيڪا بعد ۾ فريال بي بي بڻجي وئي، اسلام قبول ڪيو. پر فريال بي بي سول ڪورٽ کان سپريم ڪورٽ تائين ساڳيو بيان ورجايو تہ هوءَ پنهنجي رضا خوشي سان مســـلمان ٿي آهي. ان وقت هندو برادري رينڪل ڪي مٿس زوري مذهب تبديل ڪرائڻ جو الزام لڳايو هو جنهن سبب سندس جي سياسي ساک پڻ متاثر ٿي. جنهن ڪري ٢٠١٥ع ۾، پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان کيس پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني، پر ان تي هندو ڪميونٽي جو سخت ردعمل آيو، خاص طور تي هندو برادريءَ جي طرفان، جنهن سبب پي ٽي آءِ سندس جي رڪنيت رد ڪري ڇڏي، ٢٠٢١ع ۾ پي ٽي آءِ حڪومت کيس زبردســـتي مذهب تبديل ڪرڻ جي قانونن تي ڳالهہ ٻولهہ لاءِ اســـلامي نظرياتي ڪائونسل سان ملاقات جي دعوت ڏني، جنهن نئين تڪرار کي جنم ڏنو. ٩ دسمبر ٢٠٢٢ع تي، برطانيا حڪومت مٿس پابنديون لاڳو ڪيون، جن ۾ ســـندس برطانيا ۾ داخل ٿيڻ تي بندش شـــامل هئي. پر ميان مٺو جو چوڻ آهي تہ هن جو برطانيا ۾ نہ ڪو ڪاروبار آهي ۽ نہ ئي ڪا آمد و رفت، تنهن ڪري هيءَ پابندي صرف هڪ سياسي چال لڳي ٿي، سياسي سفر ۽ خدمتون ميان مٺو هڪ سچو محب وطن پاڪســـــتاني آهي، جيڪو هميشہ اسلام لاءِ قرباني ڏيڻ لاءِ تيار رهي ٿو. هو رسول الله ﷺ جو عاشق ۽ هڪ بهترين فيصلا ڪندڙ ۽ ثالث طور مشهور آهي..

## حضرت پير عبدالرحمان المعروف پورل سائين رحمتہ اللہ عليہ جي فرزند فقير عبدالحق المعروف ميان مٺو جا فرزند ۽ پوٽا

میاں شبیر احمد

میاں محمد اکرم

میاں شکیل احمد

میاں فاروق احمد

میاں عمر فاروق

میاں ابوبکر

میاں عثمان فاروق

میاں علی رضا

میاں میر محمد

میاں رفیق احمد

میاں احمد محمود

میاں غلام سلطان

میاں یعقوب قادری

میاں ابرار رفیق

میاں محمد اسلم

میاں محمد اویس

میاں محمد امین

میاں سعد

میاں محمد آصف

میاں عبدالمجید

میاں عاشق علی

میاں فیض محمد

**سندس سياسي سفر ۾ ڪاميابيون ۽ تڪرار** گڏوگڏ رهيا. ١٩٨٨ع ۾، هن پيپلز پارٽي جي پليٽ فارم تان عام چونڊون ڪٽيون ۽ سردار غلام محمد خان مهر کي شڪست ڏئي، قومي اسيمبلي جو ميمبر بڻيو. وزيراعظم بينظير ڀٽو جي حمايت ڪيس علائقائي مسئلا حل ڪرڻ ۾ مدد ڪئي، ٢٠٠٨ع جي چونڊن ۾، ميان مٺو اين اي-٢٠٠ (گهوٽڪي-١) جي سيٽ ٥٩.٠٢٢ ووٽن سان کٽي، خالد احمد خان لنڊ کي شڪست ڏني. سندس دور ۾ ڪيترائي ترقياتي منصوبا مڪمل ٿيا، جن ۾: نوڪريون مهيا ڪرڻ، روڊ تعمير ڪرڻ، ١٥٠ ڳوٺن کي بجلي فراهم ڪرڻ، ٧٠ ڪان وڌيڪ ڳوٺن کي سوئي گيس ڏيڻ، ڈهرڪي گرلز ڪاليج سميت تعليمي ادارا قائم ڪرڻ شامل آهن. عبدالحق المعروف ميان مٺو وٽ روزانو پري پري کان ڪيترائي ماڻهو پنهنجا مسئلا کڻي ايندا آهن. سندس عمر پنجاسي سالن کان مٿي آهي، پر ان هوندي به سڄو ڏينهن مهمانن سان گڏ اوطاق تي ويٺل هوندو آهي. هر ماڻهو جو بنا محفوظ ٽيل نمبر به اٽينڊ ڪندو آهي، ۽ بنا خاطر تواضع ڪو به واپس ناهي موٽندو. سندس وٽ پاڪستان جي چئن ئي صوبن جي قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جا ميمبر، توڙي سينيٽر، سندس بهترين حسنِ سلوڪ سبب ايندا آهن. مختلف سياسي پارٽين جا اڳواڻ به جڏهن گذرندا آهن ته ڈهرڪي ۾ بريڪ هٽي، سندس سڄين ۽ ڪرين ڳالهين تي مبني مجلس جو مزو وٺي، پوءِ منزل طرف روانا ٿيندا آهن. **ميان مٺو جا فيصلا** هر هفتي ڇنڇر ۽ آچر تي مقرر هوندا آهن. هاڻي عمر جي وڌيڪ ٿيڻ سبب سندس پٽ، ميان رفيق احمد، به فيصلا گڏ ڪندو آهي. سندن فيصلن جي هاڪ سنڌ، پنجاب، ۽ بلوچستان تائين پهتل آهي، انڪري پري پري کان ماڻهو فيصلا ڪرائڻ لاءِ ايندا آهن. ميان مٺو کي ڪلاڪن تائين هلندڙ فيصلي کي منٽن ۾ اڪلائڻ جي مهارت حاصل آهي. **ميان مٺو "Ghotki at a Glance" جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ، "ڪو به ادارو، مدرسو، اسڪول، يا اسپتال قائم ڪري ته مان به ايڪڙ روڊ جي قيمتي ٻني ڏيڻ لاءِ تيار آهيان."** ٢٠١٨ع ۽ ٢٠٢٤ع جي عام چونڊن ۾، ميان مٺو آزاد اميدوار طور ٩٠.٠٠٠ ڪان وڌيڪ ووٽ حاصل ڪيا. جيتوڻيڪ هو ڪامياب نه ٿيو، پر سندس ووٽن جو وڏو تعداد سندس مقبوليت کي ثابت ڪري ٿو. سندس پٽ، ميان فاروق احمد ۽ ميان رفيق احمد، پڻ سياسي طور سرگرم آهن ۽ گهوٽڪي-ڈهرڪي جي مقامي سياسي قوتن سان مقابلو جاري رکيو. **ذاتي زندگي ۽ دلچسپيون** ٨٥ سالن جي عمر ۾، هن پنهنجي سياسي ذميوارين جو ڪجھ حصو پٽ ميان رفيق احمد حوالي ڪيو. حضرت عبدالرحمن پورل سائين وٽ هڪ پيرو چنڊ شريف جي سيدن جو وفد آيو، جن پڇيو: "ڇا اوهان جي خاندان ۾ ڪو شڪار جو شوقين آهي؟" پورل سائين فرمايو: "عبدالحق عرف ميان مٺو لاءِ دعا ڪيو." ميان مٺو کي اهو اعزاز حاصل آهي ته هن پورل سائين جي ستن نسلن جو دور ڏٺو، ٢٠١٢ع کان وٺي، ميان مٺو رينجرز رائفل شوٽنگ ٽيم جو ميمبر آهي، جنهن ۾: ميان شبير احمد، ميان فاروق احمد، ميان رفيق احمد، ميان محمد اسلم، ميان آصف، ميان اڪرم، ميان شڪيل، ميان نور شامل آهن. ميان مٺو هڪ ماهر نشانو باز آهي، جنهن ٢٠٠ ڪان وڌيڪ جهنگلي سورن جو شڪار ڪيو بغير ڪتن جي مدد سان. ميان مٺو ماده هرڻن جي شڪار کان پاسو ڪري ٿو ۽ ڪيترائي قيد ٿيل ٻتير ڇڏائي پنهنجن زمينن ۾ آزاد ڪيا آهن. ڪيس ڪبوتر، تتر ۽ سيهڙ جو شڪار ڪرڻ جو شوق آهي، ۽ هو مڇي مارڻ ۾ به دلچسپي رکي ٿو. ميان مٺو وٽ ١٠٠ ڪان وڌيڪ ناياب نسلن جون پينسون آهن، جن ۾: ڪُنڊي، گنج، پوري نسل شامل آهن. سندس ننڍڙي چڙيا گهر ۾: نيل گائي، ڪارو هرڻ، اوريال، ڪارو-اڇو تتر موجود آهن. هو ٻتير، تتر، ۽ ٻڪريون پالڻ جو به شوقين آهي.

ميان مٺو ١٩٨٨ع ڌاري ڀرچونڊي شريف جي پيرائيت ذريعي سماجي اثر حاصل ڪرڻ لڳو ۽ ميمبر قومي اسيمبلي چونڊيو. ١٩٩٢–٩٣ع تائين سندس مريدن ۽ مذهبي نيٽورڪ جو دائرو ضلعي گهوٽڪي ۾ مضبوط ٿيو. ان وقت هو مقامي سطحن تي سماجي ۽ تعليمي سرگرمين جو حصو رهيو، جيتوڻيڪ سياسي ڌارا ۾ اڃا مڪمل داخل نه ٿيو هو. ٢٠٠٨ع جي عام چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي قومي اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو. ان وقت ميان مٺو جو سياسي اثر مذهب سان ڳنڍيل هو، ۽ ڀرچونڊي شريف جي درگاهه کي سياسي مرڪز بڻايو ويو. ٢٠١٢ع ۾ رنڪيا ڪمار جو تبديلي مذهب وارو معاملو سامهون آيو، جنهن سان ميان مٺو جي نالي تي عالمي تنقيد ٿي (ذريعو: ڊان، ٢٠١٢). انساني حقن جي تنظيمون ۽ هندو برادري هن خلاف احتجاج ڪيا، خاص ڪري سنڌ جي هندن طرفان سخت ردعمل آيو (ذريعو: هيومن رائيٽس واچ رپورٽ، ٢٠١٥). ٢٠١٥ع کان پوءِ پي ٽي آءِ جي ڪجھ اڳواڻن، خاص طور تي حليم عادل شيخ، ميان مٺو سان رابطا ڪيا. عمران خان جا پيغام کڻي حليم شيخ ڀرچونڊي پهتو، جتي مٺو کي ضلعو حوالي ڪرڻ جي ڳالهه سامهون آئي (ذريعو: روزاني ڪاوش، ٢٠٢٣). ميان محمد اسلم کي سنڌ جو صوبائي نائب صدر مقرر ڪيو آهي ۽ پي ٽي آءِ گهوٽڪي ضلعي ۾ ٻيهر متحرڪ ٿي وئي. تحريڪ انصاف ليڊيز ونگ به مٺو جي سرپرستي ۾ قائم ڪئي، جنهن سان عورتن جي شرڪت ۾ واڌارو ٿيو (ذريعو: سنڌ ٽي وي نيوز، ٢٠٢٤). سياسي تجزيا ڪارن موجب، ميان مٺو جو مذهبي اثر پي ٽي آءِ لاءِ ضلعي سطح تي طاقت جو وسيلو بڻجي ويو

## سردار احمد علي خان پتافي جي زندگي ـ سياسي سفر ۽ خدمتون

**سردار احمد علي خان پتافي** ٣٠ مئي ١٩٤٢ع تي ڳوٺ گلو پتافي، تعلقو ميرپور ماٿيلو، ضلعو گهوٽڪي ۾ پيدا ٿيا. سندس والد سردار فتح علي خان پتافي پنهنجي دور جو هڪ وڏو زميندار ۽ پتافي قبيلي جو سردار هو. احمد علي خان ابتدائي تعليم کان پوءِ سنڌ يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪئي.

**سياسي ڪيريئر:** تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ سردار احمد علي خان پتافي عملي سياست ۾ قدم رکيو. هو پاڪستان پيپلز پارٽي (PPP) سان لاڳاپيل رهيو ۽ ڪيترائي ڀيرا سنڌ اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو.

**سياسي پس منظر ۽ جدوجهد:** سردار احمد علي خان پتافي، پاڪستان پيپلز پارٽي جو سرگرم اڳواڻ، ڪالا باغ ڊيم خلاف سخت موقف اختيار ڪيو. هن اسيمبلي ۾ آواز اٿاري، ۽ عملي طور تي ڌرڻن ۽ احتجاجن ۾ حصو ورتو. محترمه بينظير ڀٽو پاران ڪمون شهيد ۾ ڌرڻو ڪرائڻ لاءِ سندس ڪوششون قابلِ ذڪر آهن. سندس سياسي جدوجهد ۾ عوامي حقن جي تحفظ ۽ سنڌ جي وسيلن جي بچاءَ لاءِ اهم ڪردار رهيو هو. هو سال ١٩٨٨ع: ۾ پهريون ڀيرو سنڌ اسيمبلي جو ميمبر منتخب ٿيو. **ڪالاباغ ڊيم خلاف پهرين قرارداد** منظور ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سال ١٩٩٣ع ۾ سنڌ اسيمبلي جو ٻيون ڀيرو ميمبر ٿيو، سال ٢٠٠٨ع ٽيون دفعو چونڊجي آيو، ٢٠١٣ع ۾ چوٿون ڀيرو پي ايس-٧ گهوٽڪي تان MPA چونڊيو ويو. **پارٽي ۾ ڪردار:** هو پيپلز پارٽي گهوٽڪي ڊويزن جو صدر به رهيو ۽ پارٽي جي اهم فيصلا سازي ۾ سرگرم رهيو. **اسيمبلي ۾ ڪردار:** سنڌ اسيمبلي ۾ هو ضلعو گهوٽڪي ۽ ڏهرڪي جي عوامي مسئلن تي بيباڪ تقريرون ڪندو هو. سندس خطابن ۾ خاص طور تي پاڻي جي ڪوٽ، بيروزگاري، امن امان، ۽ ترقياتي منصوبن تي ڌيان ڏنو ويندو هو. هو ڪڏهن ڪڏهن پارٽي پاليسين تي عوام جي مفاد کي برتر رکندي تنقيد به ڪندو هو، پر وفاداري برقرار رکندو هو. قبائلي **سرداري ۽ سنڌس فيصلا:** والد جي وفات کان پوءِ، سردار احمد علي خان پتافي **قبيلي جو سردار بڻيو**. پتافي قبيلي جو واسطو ڪورائي بلوچن سان آهي، جيڪي خاص طور تي گهوٽڪي ۽ پنو عاقل تعلقن ۾ آباد آهن. هو قبائلي جهيڙن ۽ قتل و غارت جا فيصلا ڪرڻ ۾ مشهور هو، پنهنجي مخصوص انداز سبب ڪيس **قبيلائي فيصلا ڪرڻ ۾ وڏي مهارت حاصل هئي**. فيصلو ڪرڻ کان اڳ ڪنهن کان راءِ نه وٺندو هو، پر فوري فتوا جاري ڪندو هو، جنهن تي ڌريون ڪير ڪنڌ ٿي وينديون هيون. **ذاتي زندگي ۽ اولاد:** سردار احمد علي خان پتافي جي ٻن گهروارين مان ١٦ ٻار هئا: ٨ نياڻيون ۽ ٨ پٽ آهن: عبدالقيوم پتافي (هاڻوڪو پتافي قبيلي جو سردار) عبدالرب خان پتافي جنهن ٢٠١٨ جي چونڊن ۾ آزاد اميدوار جي حيثيت سان حصو ورتو، ٽيون پٽ سردار نعيم خان پتافي جيڪو ڪجهه عرصو ماڙي پيٽروليم ۾ هو، چوٿون سردار عبدالباري خان پتافي، جيڪو صوبائي وزير هو، پنجون هالار خان پتافي، جنهن ٢٠١٨ جي چونڊن ۾ PS.19 تان حصو ورتو هو، وفات: سردار احمد علي خان پتافي ڪينسر جهڙي موذي مرض سان وڙهندي ٥ جنوري ٢٠١٨ع تي ڪراچي جي جناح اسپتال ۾ وفات ڪئي. ڪيس ميرپور ماٿيلو، گهوٽڪي ۾ سندس اباڻي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو، يادگار ۽ ورثو: سندس ياد ۾ مختلف تقريبون منعقد ٿينديون آهن، جن ۾ طبي ڪئمپون، ورسيون، ۽ سماجي خدمتن جا پروگرام شامل آهن. ٢٠١١ع ۾ **سنڌ ٽي وي نيوز جي پروگرام "منظر پسمنظر"** ۾ سندس هڪ يادگار انٽرويو به نشر ٿيو. سندس خدمتون سياسي، قبائلي، ۽ سماجي ماحول تي اثرانداز ٿي رهيون آهن. **سردار احمد علي خان پتافي جي نياڻي فضا پتافي**، هڪ پڙهيل لکيل ۽ بهادر عورت آهي، جنهن پنهنجي والد جي قبيلائي پس منظر جي باوجود ظلم خلاف آواز اٿاريو آهي. هن پنهنجي جرئت ۽ همت سان سماجي انصاف لاءِ جدوجهد ڪئي آهي، جنهن تي ڪيس عزت ۽ احترام سان ڏٺو وڃي ٿو.

## سردار عبدالرب خان پتافي جو سياسي ورثو ۽ خانداني پسمنظر

سردار عبدالرب خان پتافي، ضلعي گهوٽڪي جي ناليواري سياسي ۽ قبائلي اڳواڻ، پنهنجي بصيرت ۽ قيادت سان علائقي ۾ نمايان حيثيت رکي ٿو. هو ان سردار احمد علي خان پتافي جو فرزند آهي، جنهن ڪالا باغ ڊيم خلاف اسيمبلي ۽ عملي جدوجهد ڪئي، ۽ محترمه بينظير ڀٽو پاران ڪمون شهيد ۾ ڏرتو ڪرائڻ لاءِ ساراه جوڳو عمل ڪيو. **سرداري پڳ جي منتقلي:** سردار احمد علي خان پتافي جي ٢٠١٨ع ۾ وفات ڪان پوءِ، سرداري پڳ سندس فرزند سردار عبدالرب خان پتافي ڪي منتقل ٿي. سردار عبدالرب خان پتافي پنهنجي والد جيان بصيرت سان راڄ ياڳ هلائي ٿو. هو قبائلي فيصلن ۾ انصاف ۽ دانائي سان ڪم وٺي ٿو، ۽ علائقي جي ماڻهن جي ڀلائي لاءِ ڪوشان رهي ٿو. **ذاتي زندگي ۽ علائقائي وابستگي:** سردار عبدالرب خان پتافي گهڻو وقت ڪينجهر ۾ گذاريندو آهي، جتي هو فطرت سان ويجهڙائپ رکي ٿو. سياسي معاملن ۾ ٻه پاڻ سرگرم رهي ٿو، ۽ علائقي جي ترقي لاءِ مختلف منصوبن تي ڪم ڪري ٿو. سندس قيادت ۾ ضلعي گهوٽڪي ۾ امن، ترقي، ۽ ڀائپي جو ماحول قائم آهي. سردار عبدالرب خان پتافي، پنهنجي والد سردار احمد علي خان پتافي جي ورثي کي اڳتي وڌائيندي، علائقي ۾ سياسي، سماجي، ۽ قبائلي ميدانن ۾ نمايان ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. سندس قيادت ۾ ضلعي گهوٽڪي ۾ ترقي ۽ ڀائپي جو سفر جاري آهي، جيڪو تاريخ جي ڪتابن ۾ سنهري اکرن سان لکڻ جوڳو آهي.

## سردار عبدالباري خان پتافي - عوامي خدمت، ترقياتي ڪم ۽ منظم ٽيم ورڪ جو علامتي نالو

**سردار عبدالباري خان پتافي** پهرين آڪٽوبر ١٩٧٢ تي پنهنجي ڳوٺ ۾ جنم ورتو، سردار عبدالباري ضلعي گهوٽڪي جو هڪ نامور سياستدان آهي، جيڪو پاڪستان پيپلز پارٽي سان لاڳاپيل اهي. هن ضلعي صدر ۽ ضلعي ڪائونسل جو وائيس چيئرمين طور پڻ پنهنجون ذميواريون نڀايون آهن. **سياسي خدمتون ۽ عهدا:** ضلعي صدر (گهوٽڪي): هن پنهنجي سياسي ڪيريئر دوران پاڪستان پيپلز پارٽي جي ضلعي صدر طور اهم ڪردار ادا ڪيو، پارٽي جي مضبوط تنظيم سازي ۽ ضلعي سطح تي عوامي مسئلن کي

اجاگر ڪرڻ ۾ سرگرم رهيو. **وائيس چيئرمين، ضلعي ڪائونسل:** هن ضلعي ڪائونسل جي وائيس چيئرمين طور خدمتون پڻ انجام ڏنيون، جتي ترقياتي منصوبن، مڪاني حڪومت جي معاملن ۽ ضلعي انتظاميا سان سهڪار ۾ اهم ذميواريون ادا ڪيون. تعليم، صحت، مواصلات، ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي بهتري لاءِ ٻه اثرائتا قدم کنيا. عوامي حمايت ۽ سياسي اثر: سردار عبدالباري پتافي جو تعلق پتافي سردار گهراڻي سان آهي، جيڪو ضلعي گهوٽڪي ۾ سياسي اثر رسوخ رکندڙ آهي. هو پنهنجي تڪ جي ماڻهن سان سڌي ريت رابطي ۾ رهڻ ۽ عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سڃاتو ويندو آهي. پنهنجي سياسي زندگي دوران ٻهراڙين جي ترقي، قبائلي تڪرارن جي حل، ۽ زراعت جي واڌاري لاءِ ٻه ڪوششون ڪيون. **چونڊون ۽ وزارت:** عبدالباري پتافي پاڪستاني سياستدان آهي، جيڪو آگسٽ ٢٠١٨ کان آگسٽ ٢٠٢٣ تائين سنڌ اسيمبلي جو ميمبر رهيو. هن ٢٠١٨ جي سنڌ صوبي جي چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي PS-19 Ghotki-II مان سنڌ اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو. ١٥ آڪٽوبر ٢٠١٨ تي، وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جي صوبائي ڪابينا ۾ شامل ٿيو، جتي کيس مال ۽ فشريز جو صوبائي وزير مقرر ڪيو ويو، ۽ گڏوگڏ ڪو آپريشن جو اضافي قلمدان به ڏنو ويو. ٢٠٢٥ع ۾ کيس قادرپور گيس فيلڊ طرفان سي ايس آر (CSR) جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو آهي. ترقياتي سرگرميون ۽ عوامي رسائي: ڊرينيج اسڪيم، روڊن جي مرمت، ۽ پاڙن ۾ ٽف ٽائل لڳائڻ واري ڪم ۾ ذاتي دلچسپي وٺي رهيو آهي. هو مقامي آبادين ۾ گڏجاڻيون ڪري عوامي شڪايتون ٻڌي، موقعي تي حڪم جاري ڪندو آهي. شادي تقريبون، جنازا، ۽ ٻين عذر خواهي وارين تقريبن ۾ پاڻ شرڪت ڪري عوامي لاڳاپا قائم رکي ٿو. سندس ويجهي ٽيم ۾ مختياركار اشرف پتافي ۽ چيئرمن ٽائون ڪاميٽي زاهد حسين خان ڌهر شامل آهن. اهي ٻئي آفيسر سندس حڪمن جي پيروي ڪندي ميدان ۾ موجود رهندا آهن، خاص طور تي صفائي، واٽر سپلائي، ۽ قانون جي عملداري لاءِ. عبدالباري پتافي روزاني بنياد تي تڪ جي ماڻهن سان ملاقاتون ڪري، فرداً فرداً مسئلا ٻڌي حل ڪرائيندو آهي. هو سياسي اثر رسوخ سان گڏ هڪ انتظامي يونٽ جيان ڪم ڪندڙ ٽيم سان ترقياتي نظام هلائي رهيو آهي. سندس سياسي رويي ۾ نرمي، درٻاري انداز کان پاڪ هجڻ ۽ "در تي دستياب" هجڻ سبب عوام جي اميدن جو مرڪز بڻيل آهي.

## سردار نادر اڪمل خان لغاري_سياسي سفر ۽ خدمتون

سردار نادر اڪمل خان لغاري، سنڌ جي نامور لغاري قبيلي سان تعلق رکندڙ بااثر سياسي اڳواڻن مان هڪ آهي، جن جو بنيادي مرڪز ڏهرڪي تعلقي جي عليانی ٽائون ۾ موجود آهي. سندس خاندان لغارين جي علياڻي شاخ سان واسطو رکي ٿو، جيڪي علائقي ۾ تاريخي طور تي سياسي، سماجي ۽ قبائلي حيثيت رکن ٿا. لغاري قبيلي جي ڏهه هزار کن ووٽرن جو اثر، تعلقي جي سياسي صورتحال ۾ فيصلائتو ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي.
ذاتي پســــمنظر: نادر اڪمل لغاري تعليم يافته شخص آهي، جيڪو زراعت ۽ ڪاروبار سان واسطو رکي ٿو. سندس خاندان جو واپار خاص طور تي سکر ۾ موجود پيپســـي ڪولا پلانٽ سان تعلق رکي ٿو، جيڪو علائقي جي روزگار ۽ واپار جي حوالي سان اهميت جوڳو مرڪز بڻيل آهي. ڏهرڪي جي علياني ٽائون ۾ سندس پُر آسائش بنگلو سندس علائقائي موجودگي جو اهم مرڪز آهي، جتي سياسي ۽ سماجي شخصيتن جون ملاقاتون ٿينديون رهن ٿيون. سياسي سفر: سال ٢٠٠٢ع ۾ شروع ٿيو، جڏهن هو PS-7) گهوٽڪي) تان مســلم ليگ (ق) جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ آبپاشي ۽ توانائي جي صوبائي وزير مقرر ٿيا. ٢٠٠٨ع جي چونڊن ۾ PPP جي سردار احمد علي خان پتافي کان شڪســت کاڌائون. ٢٠٠٨ع جي چونڊن دوران، پولنگ اسٽيشــن ڪوڙو خان لغاري تي فائرنگ ۾ شعيب پتافي قتل ٿيو. ان واقعي جي FIR داد لغاري ٿاڻي تي داخل ٿي، جنهن ۾ نادر لغاري سميت پنجن ماڻهن کي نامزد ڪيو ويو. ان ڪانپوءِ، نادر لغاري ست سال تائين گهوٽڪيءَ کان پري رهيا. ٢٠١٥ع ۾، ڪينجهر ٽائون ۾ جرڳو ٿيو، جنهن ۾ لغاري برادري کي پتافي برادري کي ٧٩ لک ١٠ هزار رپيا ڏنڊ ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو. ان معاهدي تحت، نادر لغاري ٢٠١٣ع جي چونڊن ۾ حصو نه وٺڻ ۽ پتافي برادري جي اميدوار جي حمايت ڪرڻ تي راضي ٿيا.
٢٠١٠ع ۾، نادر لغاري PTI ۾ شامل ٿيا ۽ ٢٠١٣ع ۾ پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر مقرر ٿيا. ٢٠١٧ع ۾، هو PPP ۾ شامل ٿيا. ٢٠٢٤ع جي عام چونڊن ۾، PS-19) گهوٽڪي-II) تان آزاد اميدوار طور ڪامياب ٿيا ۽ پوءِ PPP ۾ شامل ٿيا. سردار نادر لغاري، اڳوڻي صدر فاروق احمد خان لغاري سان خانداني تعلق رکن ٿا. ٢٠١٣ع جي عام چونڊن ۾ حصو نه ورتو، پر پارٽي جي پبلڪ ريليز، مهم ۽ پاليسين ۾ سرگرم رهيو. ڏهرڪي ۾ سياسي موجودگي: سردار نادر اڪمل لغاري جي سياسي حڪمت عملي جو بنيادي مرڪز ڏهرڪي رهيو آهي. علياني ٽائون جو بنگلو، سياسي ملاقاتن ۽ ڪچهري بازين جو مرڪز رهيو آهي. هو وقت بوقت ڏهرڪي ۽ ڀرپاسي جا دورا ڪندو آهي، جتي عوام سان ملاقاتون ڪري سندن مسئلا ٻڌندو آهي. سندس بنگلي تي سياسي مشورا، چونڊون ۽ قبائلي حالتن بابت ٽيم مقرر ٿيل آهي، جيڪا مقامي ماڻهن سان رابطي ۾ رهندي آهي. سندس پٽ، اڪمل خان لغاري پڻ گهٽو ڪري ڏهرڪي جو دورو ڪري عوام سان تعلق برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو. سياسي اثر ۽ عوامي راءِ: لغاري خاندان، خاص طور تي سردار نادر اڪمل لغاري جي اثر هيٺ ڏهرڪي تعلقي ۾ ووٽن جو وڏو بينڪ رکي ٿو. ســـندس خاندان جا ڏهه هزار کان وڌيڪ ووٽر مختلف علائقن مان چونڊ عمل ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. نادر اڪمل جو سياسي فهم، قبائلي اثر ۽ علائقائي موجودگي کيس هڪ اهڙي اڳواڻ طور پيش ڪن ٿا، جيڪو وقت سان گڏ تبديليون آڻڻ جي صلاحيت رکي ٿو. سندس بنگلو، ڪاروباري مرڪز، ۽ قبائلي ووٽرن جي طاقت، هن کي ڏهرڪي جي ايندڙ سياسي تاريخ ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ جي صلاحيت سان نوازين ٿا.

**پراڻي وقت جا گهر** ڏهرڪي تعلقي جي ننڍن شهرن توڙي ڳوٺن ۾ اڳ ڪچا گهر هوندا هئا، ۽ هن وقت به ريگستاني پٽي توڙي ڳوٺن ۾ اهڙا گهر موجود آهن. گهرن جي تعمير لاءِ قدرتي ۽ مقامي وسيلن جو استعمال ٿيندو هو. گوپا، ڪکاوان ۽ ڪچين سرن جا گهر عام هئا، جن جي ڇتين لاءِ ڪجي جا ڇتير، بانس جا پچر استعمال ڪيا ويندا هئا. ڪرڙ جا پچر پڻ ڇتين کي سهارو ڏيڻ لاءِ استعمال ٿيندا هئا. ڍنگهرن جا لوڙها (ڪائنين يا ڪنڊن جا نهيل احاطا) حفاظتي ديوار طور ڪم ايندا هئا. جڏهن ته مسجدن ۽ مندرن جي تعمير ۾ خاص قسم جو معماري انداز اختيار ڪيو ويندو هو. مهرابن جو ڪم، جيڪو خاص طور تي اسلامي عمارتن ۾ نظر اچي ٿو، انهيءَ دور جي هڪ اهم خصوصيت هئي، چٽسالين جا مستري، يعني رنگ سازي ۽ سينگار جي هنر جا ماهر، مسجدن، مندرن ۽ ٻين مذهبي جڳهين جي سينگار ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا هئا.

# حضرت پير حاجي ميان عبدالمنان آف پرچونڊي شريف

**مرحوم حضـــرت پير حاجي ميان عبدالمنان** ميان عبدالمنان تاريخ پهرين جنوري ١٩٤٦ع تي ٽين گادي نشين شهيد پير عبدالرّحيم جي گهر ۾ جنم ورتو. هن ننڍپڻ کان ئي ديني تعليم ۽ قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪئي ۽ نماز روزي سان گڏ اسلامي تعليم سان لڳاءُ رکندو هو. بزرگن ۽ وليءَ الله تاريخ دانن ۽ ڪتابن جي مطالعي سان وابســــــتگيءَ سبب، ڪيس تاريخ تي وسيع ڄاڻ حاصل هئي. جڏهن به ڪچهري ۾ ويهندو هو. ڪتابن جي تاريخي حوالا ڏيئي ڳالهائيندو هو. پاڻ غير ضـــــروري ڳالهيون نه ڪندا هئا. ڪتابن مان حوالا پيش ڪري دليل ڏيندو هو. گهر ۾ هڪ لائبرري پڻ موجود آهي. **سياسي مشاهدو ۽ خدمتون :** پير ميان عبدالمنان لياقت علي خان. ناظم الدين، ايوب خان. ۽ يحي خان جي دورن جو مشـــاهدو ڪيو. ١٩٦٥ع ۽ ١٩٧١ع جون جنگيون به ڏٺيون. ڪيس شهيد ذوالفقار علي ڀٽو. بينظير ڀٽو. ۽ نواز شريف جي سياسي دورن ۽ مارشلائن جو به تجربو حاصل رهيو. سندس خيال هو ته ملڪ مان غربت ختم ڪرڻ لاءِ ننڍيون ۽ وڏيون صنعتون قائم ٿيڻ گهرجن. هو قائداعظم محمد علي جناح جي شخصـــــيت کان تمام گهڻو متاثر هو. سماجي ۽ سياسي ڪردار : ڏهرڪي ۽ آسپاس جا ماڻهو سدائين پنهنجي مســـــئلن جي حل لاءِ وٽس ايندا هئا. ميان عبدالســــميع ۽ پير ميان

عبدالمنان. لوڪل جي سياست جا مرڪزي ڪردار هئا.

۽ جيڪو به سياستدان ڏهرڪي ايندو هو. اهو ملاقات ڪري مدد طلب ڪندو هو.

پير ميان عبدالمنان ١٩٨٨ع کان ١٩٩٤ع تائين ٽائون ڪاميٽي جو چيئرمين رهيو. جنهن دوران هن ڪيترائي ترقياتي منصوبا شروع ڪيا. ڪيس زمين خريد ڪرڻ جو پڻ وڏو شوق هو. وفات : اوچتو بيمار ٿي پيو ۽ دل جي تڪليفن ۾ مبتلا ٿي ويو. آخرڪار ١٩ نومبر ٢٠٢٠ع تي پنهنجي خالق سان وڃي مليو.

# پير ميان محمد احمد رضا رحيم پير آف پرچونڊي شريف

**پير ميان محمد احمد رضـــــا رحيم** پنهنجي والد حاجي ميان عبدالمنان جي وفات کان پوءِ سندس پڳ جو وارث ٿيو. هن تي ننڍي عمر ۾ ئي ذميواريون پيون. سـندس والد پير عبدالمنان پنهنجي زندگي ۾ ڪيترائي مريد ۽ معتقد ڪري ويو. جن ڪي هن ٿوري وقت ۾ ســـــنڀاري ورتو ۽ پنهنجو مقام بنائي ورتو. ميان رضـــا رحيم بنيادي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصـــل ڪئي. ۽ وڌيڪ تعليم حاصـــل ڪرڻ لاءِ انگلينڊ ويو. جتي هن بي بي اي مڪمل ڪئي. پنهنجي والد وانگر. هن به ديني ۽ دنياوي تعليم ۾ دلچســــپي ورتي. ميان رضا رحيم ريئل اسٽيٽ ڪاروبار ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. جتي زمين ليز تي ڏيڻ جو ڪم ڪندي. جام عبدالفتاح ۽ پير بخش پٽي سان گڏ الفتح ٽائون شپ ۾ پارٽنر جي حيثيت سان ڪم شروع ڪيو. سماجي خدمتون ۽ سياسي ڪردار ميان رضا رحيم غريبن جو حامي آهي ۽ مقامي حڪومت جي چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي پاران وارڊ نمبر ١٣، قطب ٽائون مان به پيرا مقابلو ڪيو. جتي هو ٻنهي دفعن وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيو.

**ترقياتي ڪم:** ميان رضـــا رحيم پنهنجي وارڊ ۽ سڄي ڏهرڪي ۾ ڪيترائي اهم ترقياتي ڪم ڪرايا، جيڪي ٣,٥ ارب رپين جي سي ايس آر ماڙي پيٽروليم جي اسڪيمن مان مڪمل ٿيا، انهن منصـــوبن ۾ شامل آهن: روڊن جي تعمير ,نڪاسيءَ جو جديد نظام , بجلي جي فراهمي ,پاڻيءَ جي فلٽريشـــن جا منصــوبا ڏنا آهن. سندس وارڊ جي عوام کيس تمام گهڻو سارا هيو آهي . ان جو ثبوت اهو آهي ته جڏهن ٢٠٢٣ع ۾ هن حج ادا ڪيو. تڏهن به ماڻهن کيس ڀرپور عزت ڏني. ۽ ســـــندس جي غير موجودگي ۾ مڪاني ادارن جي چونڊن ۾ وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيو ۽ پنهنجي خدمت جي مشن کي جاري رکيو آهي.

# مرحوم پير حاجي ميان عبدالمنان ۽ سندس صاحبزادي پير ميان رضا رحيم

## جا ڪجهه حسين لمحا ڏهرڪي جي تاريخ ۾ قيد

# چام عبدالفتاح سميجو

## جي زندگي جو مختصر جائزو

**چام عبدالفتاح سميجو بهادر ۽ پرعزم انسان آهي** جنهن پنهنجي سڄي زندگي عوام، هارين ۽ مزدورن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندي گذاري. هو ٨ جون ١٩٦٠ع تي ڏهرڪي تعلقي، ضلعو گهوٽڪي جي ڳوٺ چام مهراب خان سميجو ۾ پيدا ٿيو, ابتدائي پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ١٩٧٦ع ۾ گورنمينٽ پرونشلائيزڊ هاءِ اسڪول ڏهرڪي مان ميٽرڪ پاس ڪيائين اعلي تعليم لاء سکر ڊگري ڪاليج ۾ داخلا ورتي اتي سياسي جدوجهد سبب مون کي پنجن ڇٽن سميت نيڪالي ڏني ويئي جنهن بعد هن ڊگري ڪاليج گهوٽڪي مان انٽر پاس ڪيائين ۽ پوءِ اسلاميه ڪاليج سکر مان تعليم مڪمل ڪئي، ١٩٨٦ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ايم. اي ڪئي ۽ پوءِ سنڌ لا ڪاليج حيدر آباد مان وڪالت جي ڊگري حاصل ڪيائين. تعليم مڪمل ڪرڻ بعد، پنهنجي ڳوٺ موٽي آيو ۽ سياست سان گڏ سماجي خدمتن ۽ ڪاروبار سان به لاڳاپيل رهيو,

**سياسي جدوجهد** جام عبدالفتاح سنڌ ترقي پسند پارٽي جو هن وقت مرڪزي سينيئر وائيس چيئرمن آهي شهرين جي ڀلائي لاءِ جدوجهد: ١٩٩٥ع ۾ هن شهري اتحاد ڏهرڪي ٺاهيو، جيڪا شهر جي مسئلن خلاف احتجاج ڪندي هئي. چوڌري عبدالحق نائب صدر ۽ مولوي خير محمد پٽو جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر سجاد حيدر عبدالقدير ڪانجون به عهديدار هئا. هن تنظيم نڪاسي نظام، پڪل رستن، ۽ شهر جي ٻين مسئلن تي آواز اٿاريو.

### چام مهراب خان سميجو

چام حاجي الاهي بخش خان سميجو ۽ چام حاجي خير محمد خان سميجو

**مزدورن جا حق:** ڄام عبدالفتاح ضلعو گهوٽڪي جي مزدورن لاءِ هميشـــــــــــــــ سرگرم رهيو. هن ڪيترين ئي مزدور يونين جي رجســـــــتريشـــــن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، جن ۾ ٽن ڪميٽي ڏهرڪي يونين، اينگرو بيگنگ ۽ لوڊنگ يونين، شوگر مل ورڪرز يونين گهوٽڪي وغيره شـــامل آهن. بعد ۾ يارنهن مزدور تنظيمن جي آل ٽريڊ يونين مزدور اتحاد جوڙيو. هن سـنڌ ۾ پاٽي جي ڪوٽ، ڪالاباغ ڊيم ۽ ٻاهرين آبادڪاري خلاف ٻه احتجاج ڪيا، جنهن سبب هو ۹ مهينا جيل ۾ ٻه رهيو **تعليم لاءِ خدمتون** ڄام عبدالفتاح تعليم جي واڌاري لاءِ ڪيترائي قدم کنيا. هن رهڙڪي روڊ تي حرا پبلڪ اسڪول قائم ڪيو، جيڪو ۱۰ سالن کان وڌيڪ عرصي کان شـاگردن کي تعليم فراهم ڪري رهيو آهي. اوٻاوڙو ۽ ڏهرڪي جي ۱۴ ڳوٺن ۾ اسـڪول کولرايائين ۽ رهڙڪي اسـڪول کي هاءِ اسـڪول جو درجو ڏياريائين. قانوني نظام لاءِ ڪوششـــــون ڄام عبدالفتاح ڏهرڪي بار ڪائونســـــــل جو صدر رهيو آهي. هن بار ۽ لائبرري لاءِ زمين حاصل ڪئي، هڪ لائبرري، پارڪنگ، مسجد، ۽ ٽائيلن سان سينگاريل ڪورٽ جو علائقو ٺهرايو.

## ڄام عبدالفتاح سميجو لا ڪاليج ڏهرڪي هڪ تعليمي سنگ ميل تعارف

**ڄام عبدالفتاح سميجو لا ڪاليج ڏهرڪي** **هڪ تعليمي سنگ ميل تعارف**:سنڌ جي علم دوست ۽ ترقي پســـند شخصـيت ڄام عبدالفتاح سميجو طرفان سال ۲۰۲۴ع ۾ رهڙڪي روڊ تي ڄام عبدالفتاح سـميجو لا ڪاليج جو بنياد رکيو ويو. هي لا ڪاليج سـنڌ جي نوجوانن کي جديد، معياري ۽ بااصـــــــــــول قانوني تعليم فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ انقلابي قدم آهي. تعليمي خصوصيتون:معياري قانوني تعليم:ڪاليج ۾ نصاب هائير ايجوڪيشن ڪميشن HEC ۽ قانوني تعليمي ادارن جي گائيڊ لائنز مطابق تيار ڪيو ويو آهي، جنهن ذريعي شاگرد نہ صرف علمي طور، پر عملي طور تي بہ عدالتن ۽ قانون جي شعبي لاءِ تيار ٿين ٿا. **ماهر استاد:** لا ڪاليج ۾ قانون جي شعبي سان واسطو رکندڙ ماهر، تجربيڪار ۽ پڙهيل لکيل اسـتاد مقرر ڪيا ويا آهن، جيڪي شـاگردن کي نظري ۽ عملي تعليم ڏيڻ لاءِ هر وقت موجود آهن. مڪمل قانوني لائبرري:ڪاليج ۾ هزارين قانوني ڪتابن تي مشـــــــتمل هڪ جديد ۽ مڪمل لائبرري قائم ڪئي وئي آهي، جتي پاڪستاني قانون، بين الاقوامي قانون، آئين، ڪيس اسٽڊيز، قانوني جرنلز ۽ ريســـرچ مواد موجود آهي. ڊجيٽل لائبرري:جديد دور جي ضرورتن کي مدنظر رکندي، ڊجيٽل لائبرري جو پڻ قيام ڪيو ويو آهي، جتي شاگرد آن لائن قانوني ڪتاب، ليڪچر، ريســرچ پيپرز ۽ بين الاقوامي قانوني ڊيٽابيس تائين رسائي حاصل ڪري سگهن ٿا. ڪشـادي ۽ جديد عمارت: لا ڪاليج جي عمارت ڪشـادي، جديد ۽ ماحول دوست ڊيزائن تي مشتمل آهي. ڪلاس رومز، ليڪچر هالز، سيمينار هال، فيڪلٽي آفيسون، ڪمپيوٽر ليب، ۽ شاگردن لاءِ ريسٽ ايريا تمام اعليٰ معيار جا آهن. **سيمينار ۽ ليڪچر سيريز:** لا ڪاليج ۾ قانوني ماهرن، وڪيلن، پروفيسرن پاران سيمينارز، مهمان ليڪچر ۽ ورڪشاپس باقاعدگي سان ڪرائيون وڃن ٿيون، جيڪي شـاگردن جي علمي صـلاحيتن کي وڌائين ٿيون. اسـٽڊي ڪلچر ۽ ريسرچ:هتي ريسرچ جي حوصلا افزائي ڪئي ويندي آهي، جتي شاگردن کي قانوني مضمونن تي مقالا، اسائنمينٽس ۽ پريزينٽيشـــــنز تيار ڪرڻ لاءِ رهنمائي ڏني ويندي آهي. نوجوانن لاءِ روشن مسـتقبل: ڄام عبدالفتاح سميجو لا ڪاليج جو مشـن آهي تہ سنڌ جي نوجوانن کي قانون جي شعبي ۾ علم، مهارت ۽ اخلاقيات سان ليس ڪري، هڪ اهڙو مسـتقبل ڏنو وڃي جيڪو صدين تائين قائم دائم رهي. نتيجو: ڄام عبدالفتاح سميجو لا ڪاليج نہ صرف هڪ تعليمي ادارو آهي، پر سـنڌ جي علمي ۽ قانو هي ادارو ايندڙ نسلن لاءِ رهبري، علم، انصاف ۽ شعور جي علامت طور قائم رهندو.

**رهائشي منصوبن ۾ ڪردار** ڄام عبدالفتاح الفتاح ماڊل ٽائون ڏهرڪي جو باني آهي. هاءِ وي بائي پاس تي فيز I شـروع ڪيائين، جيڪو تيزي سان وڌي ويو. ان کان اڳ، يونيورسل پيراڊائز ۽ الفتاح بنگلوز جا ٽي مرحلا مڪمل ڪيا هئائين. ميگهواڙ برادريءَ لاءِ مفت قسطن تي زمين فراهم ڪيائين، هن پرچونڊي روڊ تي فيز VI جي شروعات ڪئي، جتي هڪ شادي هال ۽ "برائيٽ بگننگ هائير سيڪنڊري اسڪول" بہ قائم ڪيو ويو آهي. الفتاح هائوسـنگ اسـڪيم جا مختلف مرحلا ڏهرڪي، اوٻاوڙو ۽ ميرپور ماٿيلو تائين وڌايا ويا. ڄام عبدالفتاح سـميجو — هڪ عظيم اڳواڻ ڄام عبدالفتاح سميجو سڄي زندگي عوام، مزدورن، ۽ شـاگردن جي حقن لاءِ وڙهندو رهيو آهي. هن جي خدمتن جا ڪيترائي پاسا آهن، جن ۾ تعليم، قانون، رهائشــي منصـوبا، ۽ سياسي تحريڪون شامل آهن. سندس جدوجهد ۽ قربانيون ڪيس هڪ مضـــبوط ۽ بيباڪ اڳواڻ بنائين ٿيون. ڄام عبدالفتاح سميجو ڪتاب گهوٽڪي ايٽ گلينس ۾ موجوده ڪتاب ڏهرڪي تاريخ جي نظر ۾ شايع ڪرڻ ۾ مڪمل تعاون فرمايو آهي .

**الفتح ٽرسٽ ڏهرڪي** – سماجي خدمت جو روشن مثال سماجي خدمتن جي واڌاري لاءِ جام عبد الفتاح سميجو پاران الفتاح ٽرسٽ ڏهرڪي جو قيام عمل ۾ آندو ويو. جنهن جي آفيس جو افتتاح پهرين آگسٽ ٢٠١٨ع تي پير آف ڀرچونڊي شريف پير ميان عبدالمنان ڪيو. الفتح ٽرسٽ ذريعي نه صرف سالياني بنيادن تي مفت طبي ڪيمپون منظم ڪيون ويون ٿيون، پر ايمبولينس سروس شروع ڪرڻ سان گڏو گڏ واٽر آر او پلانٽ جي تنصيب پڻ ڪئي وئي. خاص طور تي 2022ع جي تباهه ڪن برسات ۽ ٻوڏ دوران، جام عبد الفتاح سميجو پاران متاثر ٿيل علائقن ۾ 8.3 ملين رپين کان وڌيڪ امداد ورهائي وئي، جيڪا ڪيترن ئي ضلعن ۾ مستحق ماڻهن تائين پهچائي وئي.

سيشن جج مشتاق احمد لغاري،سيد اعجاز علي شاهه ڊي سي گهوٽڪي ۽ سيشن جج سيد شرف الدين شاهه الفتح ٽرسٽ پاران لڳايل آئي ڪيمپن جو افتتاح ڪندي

21مئي ٢٠٢٥ تي ٻه روزه مفت اکين جي ڪيمپ لڳائي وئي.

3 کان ٤ مارچ ٢٠٢٤ تائيم ٻه روزه اکين جي مفت ڪئمپ لڳائي وئي جنهن جو افتتاح سيشن جج عبدالقدوس ميمڻ صاحب ڪيو.

23سيپٽمبر ٢٠٢٢ع هڪ ڏينهن جي مفت طبي ڪيمپ جو اهتمام ڪيو ويو، جنهن دوران ١،٣٧١ مريضن جو طبي معائنو ڪيو ويو.

23سيپٽمبر ٢٠٢٢ تي الفتح ٽرسٽ ۽ ڊي ليب پاران هڪ روزه مفت مليريا ڪئمپ لڳائي وئي جنهن جو افتتاح ڊاڪٽر منوهر لال صاحب ڪيو.

11 سيپٽمبر ٢٠٢٢ الفتح ٽرسٽ پاڪستان پاران مختلف ضلعن ۾ ٻوڏ متاثرن لاءِ راشن جي ورهاست جو بندوبست ڪيو ويو ۽ ٽي روزه مفت اکين جي ڪيمپ جو افتتاح محمد ابراهيم سومرو جج انسداد دهشتگردي عدالت گهوٽڪي افتتاح ڪيو.

6سيپٽمبر ٢٠٢٢ الفتح ٽرسٽ، بلڊ بئنڪ سکر جي سهڪار سان، هڪ ڏينهن وارو مفت طبي ڪيمپ ڏهرڪي ۾ منعقد ڪيو.

9 کان ١١ ڊسمبر ٢٠٢١ تائين ٻه روزه اکين جي مفت ڪئمپ لڳائي وئي جنهن جو افتتاح محمد ابراهيم سومرو اي ٽي سي جج گهوٽڪي ايٽ ميرپور ماٿيلو صاحب جن ڪيو.

31مارچ کان ٠١ اپريل ٢٠٢١ تائين ٻه روزه اکين جي مفت ڪئمپ لڳائي جنهن جو افتتاح ايڊيشنل سيشن جج سهراب خان بروهي صاحب ڪيو.

17 کان ١٩ جنوري ٢٠١٩ تائين ٻه روزه اکين جي مفت ڪئمپ لڳائي وئي افتتاح بدست ڊسٽرڪٽ سيشن جج سيد شرف الدين شاهه صاحب ڪيو..

11 آگسٽ ٢٠١٨ع الفتح ٽرسٽ پاران ڏهرڪي جي سرڪاري سنگل سيڪشن اسڪول کي سولر پينل ۽ پکا ڏنا ويا.

پهرين آگسٽ ٢٠١٨ تي الفتح ٽرسٽ جو افتتاح پير آف ڀرچونڊي پير ميان عبدالمنان صاحب ڪيو.

10 جولاءِ ٢٠١٨ع هڪ ٽرين حادثي ۾ زخمي ٿيل فيض محمد گولو جي مڪمل طبي خرچن جو بندوبست الفتح ٽرسٽ پاران ڪيو ويو ۽ سرڪاري اسپتال ۾ هڪ روزه مفت ميڊيڪل قائم ڪئي وئي. شگر، چمڙي ۽ هڏن جي بيمارين جي ماهر ڊاڪٽرن مريضن کي مفت ۾ چڪاس ڪري دوائون ڏنيون ويون.

3 کان ٥ اپريل ٢٠١٨ تي ٻه روزه اکين جي مفت ڪئمپ لڳائي وئي جنهن جو افتتاح ڊي سي گهوٽڪي سيد اعجاز علي شاهه صاحب ڪيو.

## مرحوم پروفيسر شيخ محمد فاضل

پهرين جنوري ١٩٣٠ع تي هڪ گهري فلسفي ۽ تعليمي دور جي شروعات ٿي. هڪ عظيم انسان جي حيثيت سان، فلسفي ۽ ٻولي جي مطالعي جي مضبوط سمجهه سان. پروفيسر شيخ محمد فاضل ڏهرڪي جي ويجهو ڳوٺ محمد بخش شيخ ۾ پيدا ٿيو. جيتوڻيڪ سندس خاندان هڪ سادي قبيلي جو هو پر سندس پيءُ جو هڪ تمام گهرو نظريو ۽ زندگي جو هڪ وسيع نقطہ نظر هو. تنهن ڪري سندس پيءُ رحيم بخش شيخ شيخ محمد فاضل جي پرورش ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏي، ۽ ان حد تائين جو رحيم بخش شيخ هر سال پنهنجي پٽ کي هندستاني علائقن جي سير ڪرائڻ لاءِ وٺي ويندو هو. زندگي جي حوالي سان هي عجيب طريقو شيخ محمد فاضل جي پرورش ۾ اهم جز هو. شروعات ۾، شيخ محمد فاضل پنهنجي پرائمري تعليم ريتي جي هڪ ننڍڙي شهر مان مڪمل ڪئي. ان کان پوءِ، هن اسڪول ڇڏي ڏنو تہ جيئن اسلامي فقہ ۽ حديث جو ادب ڏهرڪي جي هڪ مدرسي مان پڙهي سگهجي. ان کان پوءِ، هو پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ لاءِ اسڪول ۾ ٻيهر شامل ٿيو تہ جيئن آخري (يعني ڪلاس ٧) تائين تعليم مڪمل ڪري سگهي. حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ هن پاڻ کي بغير ڪنهن سرپرست جي اسڪول ۾ داخلا ڏياري.

هيڊ ماسٽر حيران ٿي ويو ۽ فيصلو ڪيو تہ ڪيس هڪ موضوع (**چانڊوڪي رات ۾ درياءَ جي سير**) تي هڪ مضمون لکڻ لاءِ چيو وڃي. محمد فاضل پاران لکيل مضمون هيڊ ماسٽر کي حيران ڪري ڇڏيو، ڇاڪاڻ تہ هو منطقي اظهار ۽ ٻولي تي اهڙي سطح جي گرفت جي اميد نہ ڪري رهيو هو. محمد فاضل شيخ جي بصيرت واري خيالن ۽ ذيلي بيان سان گڏ، هيڊ ماسٽر کي ايترو تہ مجبور ڪيو جو هو پنهنجي باقي حياتي تائين اهو شاهڪار پڙهي ٻڌائيندو هو.

علم ۽ تهذيب جي تاريخ مان آساني سان اهو نروار ڪري سگهجي ٿو تہ صرف ٻہ طريقا آهن جن ذريعي ذهانت کي ماپي سگهجي ٿو. **هڪ ٻولي آهي ۽ ٻيو انگ. حيرت انگيز طور تي شيخ محمد فاضل ٻنهي ۾ مهارت رکندڙ هو.** ان ڪري ننڍي عمر ۾ ئي رياضي جي مشڪل سوالن کي حل ڪندو هو. ان کان علاوه، سندس ٻولي جو استعمال سندس شاعرانہ ڪلام مان ئي ڏسي سگهجي ٿو. شيخ محمد فاضل جي مقبوليت سندس عميق فلسفياتي خيالن جي ڪري، سندس متحرڪ نظمن سان گڏ، ايتري قدر ٿي جو هڪ معروف پبلشر، علاؤالدين سمون ساڻن رابطو ڪيو. علاؤالدين سمون شيخ محمد فاضل کي پنهنجي **اخبار ۾ جاگيرداري طبقي خلاف هڪ ڪالم لکڻ جي آڇ ڪئي**، جنهن تي شيخ محمد فاضل متفق ٿيا. (هي موضوع محمد فاضل جي پسنديده موضوعن مان هڪ هو، ڇاڪاڻ تہ هو هڪ انقلابي ذهنيت رکندڙ هو ۽ اڳ ۾ هن صنف تي لکندو رهيو هو). بعد ۾ مختلف شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن مان ڪيترن ئي ان ڪالم جي تعريف ڪئي. ان کان علاوه، شيخ محمد فاضل هڪ ئي وقت پنهنجي پڙهائي جاري رکي ۽ هر سنگ ميل کي مڪمل ڪندي هميشہ تعريفون حاصل ڪيون. شيخ محمد فاضل صوبائي سطح تي پهرين پوزيشن حاصل ڪندي ميٽرڪ جي ڊگري حاصل ڪئي. پر هي صرف پهريون قدم هو، هن صوبائي سطح تي انٽرميڊيئيٽ ۾ پهرين پوزيشن ۽ بي اي (آنرز) ۾ بي پوزيشن حاصل ڪئي. آخر ۾، هن صوبائي سطح تي ايم اي (سنڌي) ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪئي.

ابتدائي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ، **شيخ محمد فاضل ڪجهہ سال پرائمري استاد رهيو** ۽ ان کان پوءِ سکر ۾ ٽيچر ٽريننگ اسڪول ۾ استاد جي حيثيت ۾ شامل ٿيو ۽ ١٩٦٤ تائين اتي خدمتون سرانجام ڏنيون. جيتوڻيڪ سندس شاعري سندس نوڪري ۽ تحقيق جي ڪم ۾ رڪاوٽ بڻي، پر سندس ڪم سيني تي هڪ قابل تعريف اثر ڇڏيو، ايتري قدر جو ٻهراڙي جا ماڻهو سندس شاعري ڳائيندا هئا.

١٩٥٤ع ۾، شيخ محمد فاضل ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سان دوستي جو هٿ وڌايو. انهن گڏجي "شاهہ جو رسالو" جي پروف ريڊنگ ۽ پنڪچوئيشن تي ڪم ڪيو، جيڪو ڇهن جلدن تي مشتمل هو. ١٩٦٤ع ۾، **ويسٽ پاڪستان ٽيڪسٽ بڪ بورڊ کي سبجيڪٽ اسپيشلسٽ جي سخت اڻاٺ هئي.** چيئرمين ويسٽ پاڪستان ٽيڪسٽ بڪ بورڊ لاهور، ٽن مک اديبن کان سفارشون گهريون. انهن ٽنهي ماڻهن، يعني جناب علي نواز جتوئي، جناب محمد ابراهيم جويو، ۽ ڊاڪٽر جي الانا صاحب، شيخ محمد فاضل جي نالي جي سفارش ڪئي. چيئرمين ويسٽ پاڪستان ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ناراض ٿيو ۽ چيائين تہ اهي ٽيئي هڪ ئي شخص جي سفارش ڪري رهيا آهن، جنهن جو مطلب صرف اهو آهي تہ شيخ محمد فاضل قابل هجڻ بدران اثر رسوخ رکندڙ آهي. ساڳي وقت شيخ محمد فاضل هن نوڪري کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. چيئرمين ويسٽ پاڪستان ٽيڪسٽ بڪ بورڊ حيران ٿي ويو ۽ ذاتي طور تي شيخ محمد فاضل کي ويسٽ پاڪستان ٽيڪسٽ

بڪ بورڊ ۾ شامل ٿيڻ جي درخواست ڪئي، جنهن تي هن رضامندي ظاهر ڪئي. بورڊ ڪي جوائن ڪرڻ ڪا پوءِ هن فاضل ڏهرڪائي ۽ فاضل قائمي جي نالي سان نصاب جون ڪتابون لکيون. هو ١٩٦٩ تائين ويسٽ پاڪستان ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو انتظام سنڀاليندو رهيو. هن جا ريڊيو پاڪستان تي هفتي ۾ ٢ آگاهي پروگرام نشر ٿيندا هئا. ان کان علاوه هو شام جو اورينٽل ڪاليج حيدرآباد ۾ پڻ پڙهائيندو رهيو. ١٩٦٩ ۾، محمد فاضل شيخ ڏهرڪي واپس آيو ۽ ڊگري ڪاليج گهوٽڪي جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار طور شامل ٿيو. ڪجهه مهينن جي عرصي کان پوءِ، کيس ڊگري ڪاليج سکر پوسٽنگ ڏني وئي، جتي هن پنهنجي رٽائرمينٽ تائين خدمتون سرانجام ڏنيون. ١٩٨٢ جو سال، شيخ محمد فاضل لاءِ هڪ ٻيو ڏکيو، پر دلچسپ ڪم کٽي آيو. مفتي محمد رحيم سڪندري، جيڪو پير پگارا جي مدرسي جو انچارج هو، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کي "ديوانِ مسڪين" جي نالي سان مشهور شاهڪار جي باري ۾ درخواست ڪئي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، شيخ محمد فاضل کي درخواست ڪئي ته متن کي فارسي ۽ عربي مان سنڌي ۾ ترجمو ڪري ڏيو. شيخ محمد فاضل جي مهارت ۽ علمي صلاحيت سان هي ڏکيو ڪم ٿوري ئي وقت ۾ مڪمل ڪري ورتو ويو. هي ڪتاب مفتي محمد رحيم جي نالي سان شايع ٿي. مفتي محمد رحيم شيخ محمد فاضل جي تعريف ڪندي چيو آهي ته شيخ محمد فاضل جي بغير ڪتاب مڪمل نه ٿي سگهي ها. ان کان پوءِ شيخ محمد فاضل کي هڪ ٻي اسائنمنٽ ڏني وئي جيڪا پير پاڳارا صاحب جي ڏاڏي اصغر سائين جي شاعري کي سهيڙڻ ۽ چيرائڻ هيو. شيخ محمد فاضل اڍاي سال جاکوڙ ڪري سچي سنڌ جي سگهڙن جي محفلن مان ٨٠ ڪافيون هٿ ڪري رسالي ۾ شامل ڪيون. شاعري جي ڪتاب (اصغر سائين جو ڪلام) شيخ محمد فاضل جي نالي سان ڇپي. اهي ٻئي ڪتاب پير پاڳارا صاحب جي لائبريري ۾ موجود آهن. ١٩٨٤-٥ ۾ ڊگري ڪاليج، سکر پاران هڪ ڪاليج ميگزين "فڪر مهراڻ" شايع ڪيو ويو. ان جي ترتيب، پروف ريڊنگ، ڪجهه مضمون لکڻ ۽ اشاعت پروفيسر شيخ محمد فاضل پاران ڪئي وئي. پروفيسر شيخ محمد فاضل ١٩٩٣ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي کي هڪ سنڌي پرائمر لکي پيش ڪيو، جنهن ۾ ٻارن جي سهولت لاءِ ٻن حصن ۾ الفابيٽ پڙهڻ جو طريقو پيش ڪيو ويو هو، ان وقت جي وزير اعليٰ سنڌ سيد عبدالله شاهه جي صدارت ۾. پرائمر منظور ڪيو ويو پر حڪومت طرفان شايع نه ٿي سگهيو ڇاڪاڻ ته امن امان خراب ٿيڻ جي ڪري وزير اعليٰ ملڪ ڇڏي ڀڄي ويو. پوءِ شيخ محمد فاضل کي پنهنجي کيسي مان پرائمر شايع ڪرائڻو پيو. ٨٠ع جي ڏهائي جي شروعات ۾ پروفيسر شيخ محمد فاضل سي ايس ايس جي شاگردن لاءِ سنڌي ادب ۾ هڪ ڪتاب "سنڌي ٻولي جو اڀياس" لکيو. ڊاڪٽر غلام علي الانا ٦٠ جي ڏهائي ۾ ٻه ڪتاب شايع ڪرايا جن ۾ سنڌي ٻولي لکڻ جا نوان طريقا تجويز ڪيا ويا پر ان وقت جي دانشورن نه ته انهن تي تبصرو ڪيو ۽ نه ئي انهن تي عمل ڪيو. ١٩٩٨ع ۾، جڏهن ڊاڪٽر غلام علي الانا سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جو چيئرمين ٿيو، تڏهن هن انهن ڪتابن بابت سکر ۾ هڪ سيمينار جو بندوبست ڪيو. سيمينار کان هڪ رات اڳ، هن کي پروفيسر شيخ محمد فاضل دعوت ڏني، جتي سندس ڪتابن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو ۽ پروفيسر شيخ محمد فاضل کيس صلاح ڏني ته سيمينار نه ڪرايو وڃي ڇاڪاڻ ته توهان جون سفارشون ٻولي جي اصليت تي ٻڌل نه آهن. پر ڊاڪٽر الانا ان تي راضي نه ٿيا ۽ سيمينار منعقد ڪيو ويو. ادب جي هڪ سچي عالم هجڻ جي ڪري، پروفيسر شيخ محمد فاضل ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ٻولي جي غلط استعمال تي هڪ ڪتاب "سنڌي سورت خطي متعلق ڊاڪٽر الانا صاحب جي سفارشن تي هڪ نظر" لکيو.

پروفيسر شيخ محمد فاضل کي انگريزي، عربي، فارسي ۽ سنڌي گرامر تي مضبوط گرفت هئي. شيخ محمد فاضل هڪ قابل ذڪر ليکڪ هو ۽ ٿوري وقت ۾ تقريباً ڪنهن به شيءِ تي لکي سگهندو هو. اهو واقعي ۾ ڏسي سگهجي ٿو. جڏهن هو ويسٽ پاڪستان ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ طور ڪم ڪري رهيو هو، هن هڪ ڏينهن ۾ ١٢٠ صفحا لکيا. هن هڪ ڪتاب "ماٺيلي – اوٻاڙو جي ٻولي" لکيو، جيڪو هڪ خاص علائقي جي تلفظ کي ظاهر ڪري ٿو.

ڊاڪٽر فالن جي هڪ قديم لغت پشاور جي هڪ دوست پاران شيخ محمد فاضل کي پيش ڪئي وئي. جيئن ته لغت پراڻي دور جي هئي، ڪيترائي لفظ متروڪ ٿي چڪا هئا. شيخ محمد فاضل انهن لفظن جي بحالي تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو جيڪي لفظ گڏ ٿيا تن. جو تعداد ٦٥٠٠ جي لڳ ڀڳ هيو. انهن لفظن کي مرتب ڪيو ويو ۽ هڪ الڳ لغت ٺاهي وئي جنهن ۾ چار ٻوليون هيون، يعني سنڌي، سرائيڪي، اردو ۽ انگريزي. شيخ محمد فاضل جي حياتيءَ ۾ لغت مڪمل نه ٿي سگهي. بعد ۾ پروفيسر محمد اسماعيل سومرو ان کي مڪمل ڪيو، جنهن ان جي چئني ٻولين کي ذهن ۾ رکندي ان جو نالو "چوٻولي لغت" رکيو.

**پاران: محمد حسنين علي ولد پروفيسر شيخ محمد فاضل (مرحوم) آچر ١١ مئي ٢٠٢٥ع تي**

## پروفيسر محمد اسماعيل سومرو جو مختصر تعارف

پروفيسر محمد اسماعيل سومرو ١٩٣٨ع ۾ پنهنجي والد جندوڏو سومرو جي گهر ۾ اک کولي. جندوڏو کي پهرين ٽن نياڻن جو اولاد هيو وڏي دعائن ۽ حيلن کانپوءِ جڏهن پهريون پٽ جو اولاد ٿيو ته پيءُ ,ماءُ ۽ ڀينرن کي بيحد خوشي ٿي ۽ کين ڏاڍو پيارو ۽ لاڏلو هو جنهن ڪري ٿورو شرارتي پڻ هيو. ننڍپڻ کان ذهين ۽ حساس طبيعت جو مالڪ هو. گهر ۾ غربت ۽ ما ئٽن جي اختلافن سبب ننڍپڻ ۾ ئي قدرت سندس دل ۾ اهو احساس پيدا ڪيو ته جي غربت کان نڪرڻو آهي ته پوءِ ان جو صرف هڪڙو ئي طريقو آ ته بهترين تعليم حاصل ڪجي. محدود وسيلن جي باوجود سندس پيءُ ماءُ پنهنجي وس آهر ڀرپور ساٿ ڏنو. پرائمري اسڪول کانپوءِ جڏهن انگريزي اسڪول ۾ داخل ٿيو ته طبيعت ۾ سنجيدگي , خودداري ۽ تعليم جي حصول جي پختگي پيدا ٿي ويس جيئن جيئن عمر ۽ تعليم جا ڏاڪا چڙهندو ويو تيئن تيئن سندس شخصيت ۾ رعب, نظم ۽ ضبط, وقت جي پابندي سندس جي وجود جو اڻ ٽٽ حصو بڻجي ويا زندگي جي لاهن چاڙهن , گرمي , سردي , بک ۽ بيمارين کي ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي ڪمزوري ٿيڻ نه ڏنائين محنت ۽ جفاڪشي سان پنهنجو سفر جاري رکيائين . حساس ۽ همدرد طبيعت جي ڪري سماجي تعلق ۾ مٽن مائٽن ۽ دوستن سان هر ڏک ۽ سک ۾ اڳيرو رهيو خاص ڪري تعليم جي لحاظ کان وس آهر سڀني جي مدد ڪئي جنهن ڪري اڄ ڏينهن تائين ماڻهو کيس وڏي عزت, ادب ۽ احترام سان ملن ٿا. تعليم ۽ نوڪري جو تفصيل :محمد اسماعيل سومرو ستن سالن جي عمر ۾ سن ١٩٤٦ع ۾ ڏهرڪي جي گورنمنٽ مين پرائمري اسڪول ۾ داخلا ورتي, پرائمري تعليم پوري ڪري چوٿين درجي ۾ سن ١٩٥٤ع ۾ گورنمنٽ هاءِ اسڪول ميرپور ماٿيلو ۾ داخلا ورتي , محمد اسماعيل سومرو هيڊ ماستر صاحب کي درخواست ڏني ته مون کي ڊبل پروموشن ڏيئي چوٿين ۽ پنجين ڪلاس جو امتحان گڏ ڏياريو وڃي، هيڊ ماستر صاحب درخواست قبول ڪندي کيس موقعو ڏنو محمد اسماعيل سومرو چوٿون ۽ پنجون درجو پاس ڪري ١٩٥٥ع ۾ ڇهين ۽ ستين درجي ۾ ڊبل پروموشن لاءِ وري درخواست ڏني جيڪا پڻ هيڊ ماستر صاحب قبول ڪئي اهڙي طرح سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد مان ميٽرڪ جو امتحان سن ١٩٥٦ع ۾ ارٿميٽڪ جي ڊسٽنڪشن "Arthmatic Distincation" سان پاس ڪيو ساراهه طور سنڌ يونيورسٽي محمد اسماعيل سومرو کي ٧٥ رپين جا پوسٽل آرڊر انعام طور ڏنا, محمد اسماعيل سومرو صاحب موجب ان وقت اسڪول جي هيڊ ماستر استاد محترم منظور احمد پتو جي اسرار تي اهي ٧٥ رپيا غريب شاگردن لاءِ اسڪول فنڊ ۾ جمع ڪرائي ڇڏيا بعد ۾ محمد اسماعيل سومرو ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ سکر جي پريزيڊنٽ کي نوڪري لاءِ درخواست ڏني جيڪا منظور ڪندي ١٩٥٧ع ۾ اباوڙو پرائمري اسڪول ۾ انگلش ٽيچر طور مقرر ڪيو ويو، استاد محمد اسماعيل سومرو نوڪري سان گڏو گڏ پرائيويٽ انٽرميڊيئٽ ۾ تعليم جاري رکي ۽ ١٩٥٩ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان انٽرميڊيئٽ جو امتحان پاس ڪيائين، ان کانپوءِ ١٩٦١ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان بي اي جو امتحان پاس ڪيائين، اسڪول جي نوڪري دوران کيس اسڪول جي ڪم سبب لوڪل بورڊ آفس سکر وڃڻو پيو، جتي لوڪل بورڊ ۽ انسپيڪٽوريٽ آف اسڪولز جون آفيسون هڪ ئي عمارت ۾ هيون، ڪاريڊور مان لنگهندي ڏٺائين ته انسپيڪٽوريٽ آف اسڪولز جي آفس ٻاهران ڪجهه نوجوانن جو رش لڳل هو، اتي ڏهرڪي واسي استاد محترم امر لال کان پڇا ڪيائين، کيس ٻڌايو ويو ته هتي ميٽرڪ, انٽر ۽ بي اي پاس وارن لاءِ نوڪرين جا انٽرويو ٿي رهيا آهن. محمد اسماعيل محترم امر لال کان ڪاغذ ۽ پين وٺي پنهنجي هٿ سان لکيل درخواست جمع ڪرائي، انٽرويو لاءِ درخواست ڏسندي انٽرويو وٺندڙ انسپيڪٽر آف اسڪولز محترم غلام رضا پتو صاحب سائين محمد اسماعيل جي هينڊرائيٽنگ ڏسي پڇيو ته هي درخواست توهان پاڻ لکي آهي؟ محمد اسماعيل هاڪاري ۾ جواب ڏنو ان تي خوش ٿيندي غلام رضا پتو صاحب تفصيلي انٽرويو وٺي **تاريخ** ١٩٤١_٠٣_٠٨ **تي آرڊر جاري ڪري کيس هيڊ ماستر گورنمنٽ مڊل اسڪول جروار** مقرر ڪيو ان وقت جروار ۾ نئون مڊل اسڪول کلي رهيو هو محترم غلام رضا پتو صاحب چيو ته توهان في الحال جروار جي پرائمري اسڪول ۾ وڃي ڪلاسون شروع ڪيو, محمد اسماعيل سومرو شاگردن کي داخلائون ڏيئي تعليم جو سلسلو شروع ڪري ڏنو. ان کان پوءِ تاريخ ١٩٦١_١١_١٨ تي کيس گورنمنٽ مڊل اسڪول جروار مان بدلي ڪري , گورنمنٽ هاءِ اسڪول سکر ۾ اسسٽنٽ ماستر مقرر ڪيو ويو. نوڪري دوران محمد اسماعيل پرائيويٽ MA سنڌي جي پڙهائي جاري رکي. تاريخ ١٩٦٢_١٢_١١ تي کيس گورنمنٽ هاءِ اسڪول ميرپور ماٿيلو ۾ اسسٽنٽ ماستر مقرر ڪيو ويو. سنه ١٩٦٣ ۾ سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد مان MA Sindhi Final جو امتحان پاس ڪيائين ۽ وري LLB جي تياري شروع ڪري ڏني. **تاريخ** ١٩٤٤_١٠_١٢ **تي کيس گورنمنٽ هاءِ اسڪول ڪنڌڪوٽ ۾ اسسٽنٽ ماستر** مقرر ڪيو ويو. انهي

دوران ملڪ جي صدر صاحب جنرل محمد ايوب خان پاڪستان جي سڀني ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنر صاحبان کي لکي موڪليو ته هر ضلعي ۾ پاڪستان جي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ جي لاء ضلعي جي شاعرن حضرات کان مشاعرا ڪرايا وڃن انهي حڪم جي تعميل ۾ ڪنڊڪوٽ ۾ مشاعرو رکيو ويو جنهن ۾ چوٽي جي شاعر محترم فيض بخشاپوري سان گڏ ٻين ڪافي شاعرن کي دعوت ڏيئي گهرايو ويو جن ۾ محمد اسماعيل "منصور" سومرو کي پڻ دعوت ڏني ويئي. محترم فيض بخشاپوري صاحب جي قابليت, علم, ادب ۽ شاعري جي ذات سبب ڪيس " غالب سنڌ" پي سڏيو ويندو هو. مشاعري جو اهتمام گورنمنٽ هاء اسڪول ڪنڊڪوٽ ۾ ڪيو ويو انهي مشاعري ۾ فيض بخشاپوري سميت ڪيترن ئي شاعرن پنهنجا شعر پيش ڪيا جن ۾ **محمد اسماعيل سومرو پڻ پنهنجو نظم** اسٽيج تي پيش ڪيو انهي نظم جا ڪجهه بند هيٺ پيش ڪجن ٿا. (نظم)

ديس اسان جو دنيا ۾ ناميارو پيارو پاڪستان
ساهه سهارو, اکين جو تارو جڳ جيارو پاڪستان

. . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . .

هر جا ان ۾ هر هلايون, ان اپايون وطن وسايون
گل ڦل پوکيون باغ بڻايون, سک جا هتڙي سلا لڳايون
اڇو بڻايون رشڪ چمن گلشن سارو پاڪستان

. . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . .

جڏهن هٿيليون شرميليون پوکينديون نوڙي ٻيجارا,
نوڙي چمندا زلف ڳلن کي مسجي ويندا دل وارا
پيار جو ساگر بڻجي پوندو پيارو پيارو پاڪستان

. . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . .

نازڪ نارين سهٽيون سندريون ساوڪ جا ٿيون سنگ لڙن
ائين هلائن ڏاترن کي جڻ عاشقن جا ٿيون ڪنڌ ڪپن
ملڪ سڄو "منصور" بڻي پيو نيهن نظارو پاڪستان.

جڏهن مشاعرو ختم ٿيو ته مشاعري جي انتظاميا محمد اسماعيل سومرو کي پهريون نمبر انعام ڏيڻ جو فيصلو ڪيو جنهن جي محمد اسماعيل صاحب کي پڪ پئجي ويئي اعلان ٿيڻ کان اڳ ئي محمد اسماعيل مشاعري جي صدارت ڪندڙ سان مليو ۽ کيس عرض ڪيائين ته فيض بخشاپوري صاحب وڏو اديب ۽ معتبر شاعر آهي هن پنهنجي نظم ۾ ٺيٺ پراڻي سنڌي ۽ ڪجهه فارسي جا لفظ استعمال ڪيا آهن جيڪي شايد عام ماڻهن جي سمجهه کان مٿانها آهن مون پنهنجي نظم ۾ عام ۽ سادا لفظ انڪري پي استعمال ڪيا جيئن سڀ ڪنهن کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي انڪري اوهان کي عرض ٿو ڪيان ته پهريون انعام فيض بخشاپوري صاحب کي ڏنو وڃي نه ته پوء مان تقريب کان پهرين هتان هليو ويندس, مشاعري جي صدر محمد اسماعيل جي ڳالهه مڃي ۽ فيض بخشاپوري صاحب کي پهريون ۽ محمد اسماعيل سومرو کي **ٻيون انعام جنهن ۾** ٧٥ **روپيا پڻ سارا ههٔ طور ڏنا ويا.** ڪنڊڪوٽ ۾ نوڪري دوران محمد اسماعيل سومرو سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد مان Second LLB (old course) جو امتحان پاس ڪيو. تاريخ ١٩٦٧-٠٦-١٠ تي کيس گورنمنٽ هاء اسڪول ڪشمور بدلي ڪيو ويو جتان پوءِ کيس ١٩٦٨-٠٩-٠١ تي کيس B-Ed ٽريننگ لاء گورنمنٽ B-Ed ڪاليج سکر موڪليو ويو. ٽريننگ دوران ويسٽ پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن جو سنڌي ليڪچررز جي چونڊ لاء اخبار ۾ اشتهار آيو ته محمد اسماعيل درخواست موڪلي ڇڏي ۽ ڪجهه مهينن کانپوء ڪراچي ۾ انٽرويو ڏيئي آيو. تاريخ ١٩٦٩-٠٦-٠٥ تي کيس گورنمنٽ B-Ed ڪاليج سکر مان B-Ed پاس ڪرڻ کانپوء کيس اسسٽنٽ ماستر طور گورنمنٽ هاء اسڪول ڪپرو بدلي ڪيو ويو, پنهنجي وديڪ تعليم لاء محمد اسماعيل جي ڪوشش هئي ته کيس حيدرآباد شهر ۾ سنڌ يونيورسٽي جي ويجهو مقرر ڪيو وڃي ان لاء مهراڻ اخبار جي ايڊيٽر سردار علي شاه کان انسپيڪٽر آف اسڪولز کي بدلي لاء فون ڪرائي پر حيدرآباد ۾ ڪا خالي پوسٽ نه هجڻ سبب کيس تاريخ ١٩٦٩-٠٩-٢٧ تي گورنمنٽ هاء اسڪول شهدادپور ۾ مقرر ڪيو ويو, گورنمنٽ هاء اسڪول شهداد پور ۾ پوسٽنگ جي دوران ويسٽ پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن جو سنڌي جي ليڪچررز واري چونڊ جو

نتيجو آيو جنهن ۾ **محمد اسماعيل کي سنڌي سبجيڪٽ جو ليڪچرر** چونڊيو ويو محمد اسماعيل سان گڏ بلاول پرديسي, محمد فاضل شيخ, استاد بخاري, محمد رمضان اعوان, عبدالعزيز ميمڻ به چونڊيا ويا, محمد اسماعيل سومرو ويسٽ پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن جو سنڌي جي لڪچرر جي چونڊ وارو آرڊر ڪٺي ڊائريڪٽر ڪاليجز حيدرآباد ريجن جي آفيس ۾ پهچي گورنمنٽ ڊگري ڪاليج جيڪب آباد ۾ سنڌي جي ليڪچرر جي پوسٽنگ جو آرڊر حاصل ڪيو ۽ گورنمنٽ هاءِ اسڪول شهدادپور مان اسٽنٽ ماستر جي چارج ڇڏي گورنمنٽ ڊگري ڪاليج جيڪب آباد ۾ سنڌي جي ليڪچرر جي حيثيت سان دخلڪار ٿيو. گورنمنٽ ڊگري ڪاليج جيڪب آباد مان ٽن سالن کان پوءِ بدلي ٿي تاريخ ١٩٧١-١٠-٢١ تي گورنمنٽ ڊگري ڪاليج گهوٽڪي ۾ سنڌي جي ليڪچرر جي حيثيت سان دخلڪار ٿيو, ڪجهه سالن کانپوءِ گورنمنٽ ڊگري ڪاليج گهوٽڪي جي پرنسپل سان اختلاف پيدا ٿيس جنهن سبب محمد اسماعيل کي تاريخ ١٩٧٥-٠٨-٠١ تي گورنمنٽ ڪاليج مٺي ضلعو ٿرپارڪر بدلي ڪيو ويو پنج سال مٺي ڪاليج ۾ گذارڻ کانپوءِ تاريخ ١٩٨٠-٠٣-٠٣ تي اسسٽنٽ پروفيسر جي حيثيت سان گورنمنٽ ڊگري ڪاليج گهوٽڪي ۾ دخلڪار ٿيو ٩ سال گهوٽڪي ۾ گذارڻ کانپوءِ تاريخ ١٩٨٩-٠٣-٠٣ تي مرحوم رفيع الله صديقي صاحب جيڪو ڊائريڪٽر ڪاليجز حيدرآباد ريجن هو ۽ جيڪو پروفيسر طور مٺي ڪاليج ۾ محمد اسماعيل سان گڏ رهيو هيو هن ڪيس **گورنمنٽ ڊگري ڪاليج ميرپور ماٿيلو جو پرنسپل** مقرر ڪيو, ان کانپوءِ سال ١٩٩٦ ۾ گورنمنٽ ڊگري ڪاليج ميرپور ماٿيلو کان گورنمنٽ ڊگري ڪاليج گهوٽڪي ۾ بدلي ٿي ويو جتان محمد اسماعيل سومرو صاحب تاريخ ١٩٩٨-١١-٣٠ تي رٽائر ٿي ويو.

**ادبي خدمتون** پروفيسر محمد اسماعيل "*منصور سومرو*" ڏهرڪائي جا تصنيف ڪيل "ڪتاب" ١. عين جمال رسول الله صلي الله عليه وسلم, (سنڌي نعتن جو مجموعو) ٢. اداس شامون "شاعري" ٣. حسين ذلفن مان خم نه نڪتو, "شاعري" ٤. قصيده برده شريف جو منظوم ترجمو, "حسن ڪمال رسول الله صلي الله عليه وسلم" ٥. ڦوهار رم جهم وسي رهي آ, "شاعري" ٦. چومکي لغات جيڪا محترم سائين محمد فاضل شيخ صاحب لکي رهيو هو ته اوچتو وفات ڪري ويو, اهو ڪتاب سائين منصور سومرو ڏهرڪائي مددگار جي حيثيت سان ڇپرائي پڌرو ڪيو. سائين منصور سومرو ڏهرڪائي جي شاعري ناميارن گلوڪارن **محترم ممتاز لاشاري صاحب**, **محترم وحيد سمون** گهوٽڪي ۽ عبدلروف مگسي مورو به ڳائي آهي.

**ازدواجي زندگي** پروفيسر محمد اسماعيل سومرو صاحب ٣ شاديون ڪيون جن مان ڪيس ١٢ ٻار, ٧ پٽ ۽ ٥ نياڻيون اٿس جن جو مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو. ١. پهرين شادي سنڌس ماسات صحت خاتون سان ١٩٥٨ ۾ پنهنجي پيءُ جندوڏو جي خواهش ۽ بيحد اسرار تي ڪيائين, جنهن منجهان ڪيس ٤ ٻار آهن ١. مهناز خاتون (ڌيءُ) مئٽرڪ پاس (گهريلو خاتون) ٢. محمد واجد علي (پٽ) Electrical Engineer ٣. شهناز خاتون (ڌيءُ) MBBS ڊاڪٽر ٤. الماس خاتون (ڌيءُ) MA, M-Ed هاءِ اسڪول ٽيچر ٢. ٻي شادي سنڌس محترما عنايت خاتون سمون هيڊ مسٽريس گورنمنٽ گرلز پرائمري اسڪول ڏهرڪي سان ١٩٦٨ ۾ ٿي جنهن منجهان ڪيس ٣ پٽ آهن ١. تنوير احمد Civil Engineer ٢. توقير احمد MBBS ڊاڪٽر ٣. قدير احمد MA, M-Ed, LLB هيڊ ماسٽر گورنمنٽ بوائز هاءِ اسڪول ڏهرڪي

٣. ٽئين شادي سنڌس رخسانا خاتون HST سان ١٩٨٤ ۾ ٿي جنهن منجهان ڪيس ٥ ٻار آهن ١. صبا فردوس (ڌيءُ) MSc Chemistry جيڪا اسڪول ٽيچر آهي ٢. نويد احمد (پٽ) Mechanical Engineer ٣. سعيد احمد (پٽ) Civil Engineer ٤. جنيد احمد (پٽ) Chartered Accountant (CA) ٥. وينگس (ڌيءُ) MBBS ڊاڪٽر SIUT ڪراچي

**خانداني پس منظر** پروفيسر محمد اسماعيل سومرو جو پڙ ڏاڏو (جان محمد سومرو) پنهنجي وقت جو هڪ بهترين انسان ۽ بهترين (آهنگر) ڪاريگر هيو پيشي جي لحاظ کان لوهار ڪو ڪم ڪندو هيو تنهن ڪري جان محمد آهنگر جي نالي سان مشهور هيو, پرچوندي شريف جي باني روضي ڌڻي حضرت حافظ الملت سائين حافظ محمد صديق صاحب جو نه رڳو مريد پر خاص خادم ليکيو ويندو هيو, پرچوندي شريف ۾ نبي ڪريم محمد صَلَّي اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم جو جبو شريف جيڪو هن وقت تائين موجود آ تنهن کي پيٽي ۾ رکي چانديءَ جي تارن سان بند ڪرڻ جو شرف پي ڏاڏي جان محمد سومرو کي نصيب ٿيو هيو. ان وقت ڏاڏو جان محمد سومرو جو گهر گندپور هاٿوڪو "محمدي محلو" ڏهرڪي ۾ حڪيم محمد بخش چغتائي جي پر سان هيو.

**جان محمد سومرو کي اولاد** ۾ ٣ پٽ ۽ هڪ نياڻي جو اولاد هيو. ١. محمد ابراهيم ٢. محمد اسماعيل ٣. محمد موسيٰ ٤. مائي مريم (ڌيءُ) وقت ۽ حالات جي لاهه چاڙهه ۽ مختلف سببن ڪري سنڌس جو ڪم ڪار ۽ ڪاروبار صفا پوئتي پئجي ويو هر ايندڙ ڏينهن ڏک ۽ تڪليف ۾ واڌارو ڪندو رهيو ايتري قدر جو جڏهن جان محمد آهنگر جو هن فاني جهان مان لاڏاڻو ٿيو ته گهر ۾ ايترو پئسو به ڪونه هيو جو ڪفن ۽ دفن

جو بندوبســـت ڪري سگهجي, اتفاق سان ان ڏينهن مختيارڪار اوٻاوڙو اٽ تي سوار ٿي سانڪي واري پاسي وڃي رهيو هو ته سنڌس اٺ ڪي ٿاٻو آيو ۽ ڪري پيو ڪرڻ ســبب اٺ جي ڄنگهه ڀڄي پيئي , مختيارڪار پنهنجي عملي کي چيو ته ڪو اٺ ڳولهيو ته جيئن ســفر جاري رکي سگهجي ۽ واپس اوٻاوڙو پهچي سگهجي, عملي جي هڪ ماڻهو کي ڏاڏو جان محمد سومرو جي اٺ جو ڏس مليو ۽ پوءِ سنڌس پٽڻ اٺ وڪڻي ڏاڏو جان محمد جي ڪفن جو بندوبست ڪيو. جنازو تيار ٿيو ته روضي ڏٽي حضرت حافظ محمد صديق سنڌس جو جنازو ايسر داس جي ڪوهه وٽ ( هاٽوڪي ميزان بئنڪ ڏهرڪي) پڙهايو ۽ محمد پناهه قبرســتان ۾ دفن ڪيو.ڏاڏو جان محمد ســومرو جي ٻيون نمبر پٽ محمد اســماعيل کي ٢ پٽ ۽ هڪ نياڻي جو اولاد هيو پٽن ۾ وڏو جندوڏو ۽ ننڍي جو نالو جان محمد هيو , جان محمد کي هڪ پٽ ۽ هڪ نياڻي جو

# پروفيسر محمد اسماعيل سومرو جو شجرو

## جان محمد آهنگر

محمد ابراهيم، **محمد اسماعيل**، محمد موسي سومرو

**جند وڏو سومرو** جان محمد سومرو

غلام رسول سومرو، عبدالخالق سومرو



**پروفيسر محمد اسماعيل سومرو**

**محمد واجد علي سومرو**

تنوير احمد سومرو

توقير احمد سومرو

قدير احمد سومرو

نويد احمد سومرو

سعيد احمد سومرو

جنيد احمد سومرو

اولاد هيو نياڻي بيماري ســبب ١٢ ورهين جي ڄمار ۾ فوت ٿي وئي ۽ پٽ غلام قادر جنهن جو ذهني توازن ٺيڪ نه هجڻ ســبب شــادي ڪانہ ٿي سگهي ۽ ٥٥ ســال جي ڄمار ۾ فوت ٿي ويو. جندوڏو ســومرو کي ٣ نياڻيون ۽ ٣ پٽ هيا ڏاڏو جان محمد ســومرو "آهنگر" جو ٽيون نمبر پٽ محمد ابراهيم کي صــرف ٣ پٽ هيا ١. محمد عالم ٢. نور محمد ٣. نظر محمد ڏاڏو جان محمد ســومرو جي ٽئين پٽ محمد موســيٰ کي ٢ نياڻيون ۽ هڪ پٽ جو اولاد هيو ســنڌس جو پٽ بيماري ســبب جواني ۾ بنا شــادي ڪرڻ جي فوت ٿي ويو. ڏاڏو جان محمد آهنگر جي وفات کانپوءِ سنڌس اولاد لوهار واري هلڪي ڦلڪي ڪم سان گڏ حقي جو ڦل يا چلم جي مضبوطي لاءِ ڦلن تي ٽين جي چادر جي پٽرين مڙهڻ جو ڪم شروع ڪيو جيڪو گهر ۾ عورتون ۽ سمجهدار ٻار پڻ ڪندا هيا پروفيســـــــر محمد اسماعيل پاڻ نديڻ ۾ ۽ ان جي پهرين گهرواري ۽ سنڌس اولاد پڻ اهو ڪم ڪيو. جندوڏو سومرو پرچوندي شريف جي ٽئين گادي نشين پير عبدالرحمان عرف پورل سائين جي هٿ تي بعيت ڪري مريد ٿيو هيو پنهنجي عاجزي واري طبيعت , سچائي ۽ دين ۾ دلي رغبت سبب پورل سائين کيس ڏاڍو پســــــند ڪندو هيو ۽ پنهنجا خاص ڪم ڪار لنگر جو سودو سلف وٺڻ ۽ ان جو حســاب ڪتاب وغيره جندوڏو سومرو جي حوالي ڪيو هيو. پورل سائين وٽ ڪيميا گري سان سون ٺاهڻ واري ڏات بہ هئي هو جند وڏي کي ڪاغذ تي جڙي ٻوٽين جا نالا ۽ وزن لکي ڏيندو هيو ۽ جندوڏو سومرو پنســاري ڪان اهي وٺي اچي پورل سائين جي حوالي ڪندو هيو ڪڏهن بہ انهن کي کولي نہ ڏٺائين تہ ڪهڙيون جڙي ٻوٽيون ۽ ڪيتري وزن جون آهن پورل سائين فقط ايترو سون ٺاهيندو هيو . نهن سان لنگر ۽ درگاهه شريف جو خرچ هلي سگهي جندوڏو سون وڪڻي پيسا اچي پورل سائين آڏو رکندو هو, پورل سائين انهن پيسن کي هٿ نہ لڳائيندو هو ۽ جندوڏو کي چوندو هو تہ اهي پيسا ويهاڻي يا سراٽي هيٺيان رکي ڇڏ پوءِ ضرورت مطابق جندوڏو ۽

لنگر پچائڻ وارو اتان ڪٽي وٺندو هو. محمد اسماعيل اجان ننڍو ٻار هيو ته هڪ دفعي جندوڏو سون جون ٿهيل ڏليون يا ايٽون ڪٽي وڪڻ ڪان پهرين گهر آيو ۽ محمد اسماعيل کي ڏيکاريائين ته محمد اسماعيل هڪ ڏلي يا ايٽي ڪٽي ڪليو ۽ پڇڻ لڳو ته جندوڏي ڪيس پيار سان سمجهايو ته پٽ هي اسان وٽ امانت آ الله ڪندو هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جو هي دولت پاڻ تو وٽ ايندي. پرچونڊي ۾ ڪافي ماڻهن کي پورل سائين جي سون ڳاهڻ جي خبر هئي هڪ دفعي فقير جان محمد جلباڻي عرف "جانو جلباڻي" (جيڪو پڳت ڪنور رام تي حملي ڪرڻ وارن ۾ شامل هيو ڪجھ ڪياس آرايون آهن ته پڳت ڪنور رام تي بندوق سان فائر جانو جلباڻي ڪيا هيا), اچانڪ اچي جندوڏو سومرو جي جهولي ۾ قرآن پاڪ رکيو ته پورل سائين جيڪو سون ڳاهيندو آ ان جڙي ٻوٽين جي تفصيل ۽ طريقو ٻڌاء جندوڏو ڪيس قسم ڪٽي ٻڌايو ته مان اڻ پڙهيل هجڻ ڪري لکيل ڪاغذ نه ته پڙهي سگهان تو ۽ نوري ڪڏهن ان جي ڪوشش ڪئي آ ۽ نوري ڪڏهن ڪندس, پنساري سامان ڏيندو آ ته مان بنا کولڻ ۽ ڏسڻ جي اچي پورل سائين جي خدمت ۾ پيش ڪندو آهيان, جندوڏو سومرو اها ڳالهه پورل سائين کي ٻڌائي ته پاڻ فرمايائون ته جانو جلباڻي انهن ماڻهن منجهان آهي اگر ان کي سون جي ڪيميا گري اچي وڃي ته پنهنجو پيٽ پاڻ ڦاڙي وجهي. هڪ دفعي محمد اسماعيل پنهنجي والد جندوڏو فقير سان گڏ درگاهه پرچونڊي شريف ويو ته پورل سائين پنهنجي حرم جي پرسان ٿهيل چپر هيٺ ويٺا هئا جتي هو صرف خاص خليفن سان ملندا هئا محمد اسماعيل پورل سائين کي عرض ڪيو ته سائين منهنجو اسڪول جو امتحان ٿيڻ وارو آ توهان منهنجي ڪاميابي لاء دعا فرمايو, پورل سائين مشڪي فرمايو ته تون جڏهن اسڪول ۾ داخل ٿيو هئين ته اسان تنهنجي ۽ تنهنجي اولاد جي لاء دعا ڪري ڇڏي هئي. هڪ دفعي پورل سائين فقير جندوڏو سومرو کي چيو ته جند وڏا توهان ٽانگو هلايو اسان کي سفر ۾ آساني ٿي پوندي پورل سائين جي خواهش تي جندوڏي قلن يا چلم جي ڪم کي ڇڏي ٽانگو ورتو ۽ هلايو پر سندس گهر ۾ عورتن قلن وارو ڪم جاري رکيو, قلن جو ڪاروبار ان وقت سيٺ آڏت مل ۽ سندس پٽ هاسو مل ڪندا هئا جيڪي پنهنجي وقت جا بهترين انسان هئا.

پورل سائين جو جڏهن لاڏاڻي جو وقت آيو ته ڳالهائڻ کان لاچار هيا جندوڏو سومرو روئي عرض ڪيو ته توهان کانپوء اسان جو ڇا ٿيندو؟ پورل سائين پنهنجي ڏاڙهي مبارڪ ۾ هٿ ڦيريو ته ڏاڙهي مبارڪ جا ڪجھ وار لهي پيا جيڪي پورل سائين جندوڏو سومرو جي هٿ ۾ ڏنا, جندوڏي اهي وار سنڀالي رکيا ۽ محمد اسماعيل کي وصيت ڪئي ته مرڻ کانپوء هي وار منهنجي منهن تي رکي پوء دفن ڪجو. جند وڏو سومرو پنهنجي وڏي نياڻي غلام فاطمه جو رشتو پنهنجي سئوٽ نظر محمد کي ڏنو جيڪو (صحافي ۽ اينڪر پرسن شڪيل سومرو) جو ڏاڏو هيو. جندوڏو کي ٣ پٽ هيا ١. پروفيسر محمد اسماعيل سومرو ٢. غلام رسول سومرو ٣. عبدلخالق سومرو

غلام رسول پڙهڻ ۾ ڪمزور هجڻ سبب پرائمري کانپوء نه پڙهي سگهيو ۽ پنهنجي پيء جو ٽانگو هلائڻ شروع ڪيائين ڪافي سالن تائين ٽانگو هلائڻ کانپوء پريو مل جيڪو ٽانگن جي مرمت جو ڪم ڪندو هو ان جي دڪان تي مستري طور ڪم ڪرڻ لڳو بعد ۾ جڏهن محمد اسماعيل سومرو دڪان ٺهرايا ته هڪ دڪان پاء غلام رسول کي بنا ڪرائي وٺي جي ڏنائين ته جيئن پنهنجي ٻچن جو گذر سفر ڪري سگهي. عبدالخالق تعليم حاصل ڪري پاڪستان ريلوي ۾ اسسٽنٽ اسٽيشن ماستر جي نوڪري ورتي ڪجھ سال ريلوي ۾ نوڪري ڪرڻ کانپوء پروفيسر محمد اسماعيل جي ڪوشش سان ڪيس اينگرو فرٽلائيزر ۾ نوڪري ملي جتان هو سن ٢٠٠٢ ۾ ريٽائر ٿي ويو.

Dr. Sahab Khatoon Soomro

## ڊاڪٽر صاحب خاتون سومرو جي زندگي جو مختصر تعارف

ڊاڪٽر صاحب خاتون سومرو تاريخ ١٩٥٧-٠٨-٠٧ ڏينهن تي محترم نظير احمد ڪوڪر جي گهر ۾ اک کولي سندس والد ٻيلي کاتي ۾ ڪلرڪ جي نوڪري سان شروعات ڪئي پاڪستان خاص ڪري صوبي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پوسٽنگ سبب هن هميشه پنهنجا ٻار گڏ رکيا. تعليم ۽ نوڪري صاحب خاتون پرائمري تعليم جي شروعات گورنمنٽ گرلز پرائمري اسڪول وحدت ڪالوني حيدرآباد مان ڪئي, ٽيون ۽ چوٿون درجو مڪلي ضلعو ٺٽو ۾ ۽ پنجون درجو نواب شاهه مان پاس ڪيائين, ڇهون, ستون ۽ اٺون درجو گورنمنٽ گرلز هاء اسڪول ڏهرڪي ۾ پڙهي ۽ ميٽرڪ گورنمنٽ گرلز اسڪول سکر مان پاس ڪيائين. انٽر يا FSc پري ميڊيڪل گورنمنٽ گرلز ڪاليج سکر مان ١٩٧٨ ۾ پاس ڪيو سيٽون مارڪون نه اچڻ سبب ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا نه ملڻ ڪري پرائمري اسڪول ۾ ٽيچر جي نوڪري ورتي پر ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا جي خواب کي پورو ڪرڻ لاء ٻيهر انٽر يا FSc پري ميڊيڪل گورنمنٽ ڊگري ڪاليج گهوٽڪي مان ١٩٨١ ۾ پاس ڪيو ۽ ١٩٨٢ ۾ سنڌ جي پيپلز ميڊيڪل ڪاليج نواب شاهه ۾ داخلا ٿي جتان ١٩٨٩ ۾ ميڊيڪل پاس ڪري ١٩٩٠ ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج اسپتال لاڙڪاڻو مان هائوس جاب مڪمل ڪرڻ کانپوء ٻه سال ١٩٩١ کان ١٩٩٢ تائين ريڊ ڪراس اسپتال ۾ نوڪري ڪئي هائوس جاب ۽ ريڊ ڪراس اسپتال ۾ ڏينهن رات محنت ڪري گائني جي شعبي ۾ سٺي مهارت حاصل ڪرڻ کانپوء ١٩٩٣ ۾ ڊاڪٽر ارجن داس جي اسپتال ۾ ڪم شروع ڪيو. ڏهرڪي ۾ پهرين ليڊي ڊاڪٽر اچڻ ڪري ۽ پنهنجي

شعبي ۾ سٺي مهارت سبب ڪيس سٺي موٽ ملي، ڪجهه مهينن ڪانپوءِ **سحر ڪلينڪ** جي نالي سان پنهنجي اسپتال شروع ڪئي. ١٩٩٥ ۾ ڊاڪٽر صاحب خاتون جي شادي پروفيسر محمد اسماعيل سومرو جي وڏي پٽ واجد علي سومرو سان سنڌس شادي ٿي، ان وقت واجد سومرو جي نوڪري لاهور ۾ هجڻ سبب ڊاڪٽر صاحب خاتون به لاهور هلي وئي جتي هن اتفاق اسپتال لاهور ۾ پڻ نوڪري ڪئي ١٩٩٨ ۾ جڏهن ڊيسڪون انجنيئرنگ ڪمپني واجد علي سومرو کي ابو ظهبي پروجيڪٽ تي موڪليو ته ڊاڪٽر صاحب ٻيهر ڏهرڪي اچي پنهنجي اسپتال شروع ڪئي ٢٠٠٤ ۾ FFC ميرپور ماٿيلو ۾ پڻ ڪيس نوڪري ملي پر گهريلو ذميدارين، شهر ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺن جي ماڻهن جي اسرار سبب FFC جي نوڪري ڇڏڻي پئي ۽ صرف پنهنجي اسپتال ۾ ٢٠٠٨ تائين ڪم جاري رکيو. **گهريلو زندگي** ڊاڪٽر صاحب خاتون کي صرف هڪ پٽ جو اولاد ٿيو، پٽ جي بهتر تعليم لاءِ ٢٠٠٨ ۾ رحيميار خان شفٽ ٿي وئي، والدين کي پٽ جو اولاد نه هجڻ ڪري انهن کي پاڻ سان گڏ رکيو، مڙس جي نوڪري اڪثر ٻاهرين ملڪن ۾ هجڻ سبب پٽ جي تعليم ۽ والدين جي سار سنڀار اڪيلي سر ڪئي انڪري پنهنجي مڙس جي رضامندي سان ڊاڪٽري پيشي کي ڪيس ڇڏڻو پيو. ڊاڪٽر صاحب خاتون جي خوداعتمادي، سمجهداري ۽ سخي طبعيت سبب ماڻهون ڪيس وڏي عزت ۽ احترام سان ڏسندا آهن، الله پاڪ ڪيس هٿ ۾ شفا جي نعمت بخشي اٿس جيتوڻيڪ هينئر ڪنهن به اسپتال سان لاڳاپيل نه هوندي به ڪافي عورتون علاج لاءِ سنڌس جي گهر اچن ٿيون.

**مختصر تعارف محمد واجد علي سومرو** تاريخ ١٩٦٤-٠٢-٠١ ڏينهن تي محترم پروفيسر محمد اسماعيل سومرو جي گهر ۾ اک کولي سنڌس والد ۽ خاندان جو تعارف هن ڪتاب ۾ ڇاپيل آهي. **تعليم ۽ نوڪري** محمد واجد سومرو پرائمري تعليم جي شروعات گورنمنٽ پرائمري اسڪول ڏهرڪي مان ڪئي، ١٩٧٤ ۾ پنجون درجو پاس ڪري، ڇهين درجي ۾ گورنمنٽ پراونشلائزڊ هاءِ اسڪول ڏهرڪي ۾ داخل ٿيو ۽ ١٩٧٩ ۾ پاس ڪيائين. انٽر پري انجنيئرنگ FSc گورنمنٽ ڊگري ڪاليج گهوٽڪي مان ١٩٨١ ۾ پاس ڪيو سٺيون مارڪون اچڻ سبب ڪيس مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي ڄامشورو ۾ الڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ داخلا ورتي انهن ڏينهن سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ سياسي افراتفري سبب يونيورسٽيون مهينن جا مهينا بند رهڻ ڪري ١٩٨٨ ۾ اليڪٽريڪل انجنيئر جي ڊگري پاس ڪئي، گورنمنٽ ۾ نوڪري لاءِ ڪافي ٽيسٽ ڏنائين ۽ سنڌس والد علائقي جي ايم اين اي نور محمد خان لنڊ ۽ ميان مٺو صاحب ڏانهن ڪافي پنڌ ڪيا پر ڪا سٺي موٽ نه ملڻ سبب ١٩٨٩ ۾ پرائيويٽ ڪمپني ۾ ڪم جي شروعات ڪئي، ٢٤ فيبروري ١٩٩٢ تي ٥٠٠ KV ٽرانسميشن لائين جي پراجيڪٽ تان ڪاٺوٽ ضلعو دادو مان ڌاڙيلن هٿان اغوا به ٿيو جتان محترم ڄام عبدالفتاح سميجو پنهنجي دوست فقير داد کوسو صاحب جي معرفت سان ڌاڙيلن کان ڇڏرائي آيو اغوا واري واقعي کي پنهنجي ڪمزوري ٿيڻ نه ڏنائين ۽ مئي ١٩٩٢ ۾ ڪيس اينگرو فرٽيلائيزر جي پراجيڪٽ تي مئي ١٩٩٢ ۾ ڊسڪون انجنيئرنگ ڪمپني ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو، ڪجهه سال پاڪستان ۾ ڪم ڪرڻ جو سٺو تجربو وٺڻ ڪانپوءِ ڪيس ڊسڪون انجنيئرنگ ڪمپني پهريون دفعو ١٩٩٩ ۾ ابو ظهبي ۾ پراجيڪٽ تي موڪليو انکانپوءِ ٢٠٠٢ ۾ سعودي عرب جي ڪمپني التميمي ۾ ۽ مختلف ملٽي نيشنل ڪمپنين ۾ ڪيس نائجيريا، قطر، يوگنڊا ۾ پڻ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو ٢٠١٠ کان ٢٠١٣ تائين ڊسڪون انجنيئرنگ ڪمپني سان مينيجر جي پوسٽ تي ڪويت ۾ پڻ ڪم ڪيو. ٢٠١٤ ۾ ڪراچي جي ميٽرو پاور ڪمپني ۾ پروجيڪٽ مينيجر جي پوسٽ تي ٥٠ MW جا ٻه پروجيڪٽ لڳرائي انهن جو آپريشن ۽ مينٽيننس سنڀاليندو رهيو ٢٠٢٢ ۾ ڪمپني جي مالڪ سان ڪجهه ڳالهين تي اختلاف ٿيڻ سبب نوڪري ڇڏڻي پيس. انکانپوءِ ٢٠٢٣ کان ڪراچي ۾ هڪ ڪنسلٽنٽ ڪمپني سان گڏ ڪم ڪري رهيو آهي **گهريلو زندگي** واجد سومرو ١٩٩٥ ۾ پنهنجي پسند سان ڊاڪٽر صاحب خاتون سان شادي ڪئي جنهن منجهان ڪيس صرف هڪ پٽ جو اولاد ٿيو، پٽ جي بهتر تعليم لاءِ ٢٠٠٨ ۾ رحيميار خان شفٽ ٿي ويو، سنڌس جو پٽ محمد دائود سومرو ٢٠١٦ ۾ رحيميار خان مان O level جو امتحان پاس ڪري ڪراچي مان A level ڪرڻ ڪانپوءِ يونيورسٽي آف لنڊن سان لاڳاپيل ڊيننگ لا اسڪول مان LLB ڪري رهيو آهي.

## پروفيسر محمد پنهل ڏهر اديب، محقق، ۽ علمي ادبي شخصيت

**پروفيسر محمد پنهل ڏهر پروفيسر محمد پنهل ڏهر جو تعارف :** سال ١٩٥٩ع ۾ ڏهرڪي پرسان هڪ هندو (واڻئي) جي ڪوهه تي پنهنجي ناناڻن ۾ مامن وٽ شهر ۾ ڄائو، ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ، پنهنجي والده مائي شرمان عرف مائي شمان (شمع) سان گڏ پنهنجي والد ٻانهون خان ڏهر ولد صالح محمد ڏهر جي گهر (ڳوٺ غلام علي ڏهر، ريتي روڊ، ڏهرڪي) ۾ آيو، جتي پنهنجي ننڍپڻ جا ڏينهن خير خوبي سان گذاريائين ۽ هن وقت تائين اُتي ئي رهائش پذير آهي. جڏهن هو ڪجهه وڏو ٿيو ته ١ جون ١٩٦٥ع تي والد صاحب کيس پرواري ڳوٺ "حاجي ڪاڇون" ۾ شروعاتي پرائمري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ڪرايو، جتان ٢٥ مارچ ١٩٧٠ع تي پرائمري جا پنج درجا پاس ڪري، وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ گورنمينٽ پراونشلائيزڊ هاءِ اسڪول، ڏهرڪي ۾ اپريل ١٩٧٠ع ۾ داخلا ورتائين. جتان ١٩٧٥ع ۾ ميٽرڪ امتحان سائنس گروپ ۾ سيڪنڊ ڊويزن سان پاس ڪيائين، جيئن ته سندس والدين جو تعلق هڪ غريب گهراڻي سان هو، تنهنڪري سندس والد صاحب ڏاند گاڏي تي ڪاٺيون وڪڻڻ، مزدوري ڪرڻ ۽ سامان وغيره ڪٽي وڪرو ڪرڻ سان گهر جو گذر سفر هلائيندو هو. پرائمري تعليم ڪان وٺي، هو به پنهنجي والد سان گڏ مزدوري ۾ مدد ڪندو هو، ۽ والد سان گڏ ڪاٺيون وڪڻڻ ويندو هو، شهر ۾ به والد سان گڏ سامان وڪڻندو هو. ان عرصي دوران راهڪي پوکي ۾ به پنهنجي پيءُ جي مدد ڪندو هو، ڏاندن سان هر به ڪاهيندو هو لابارو وغيره ۾ به مدد ڪندو هو. ميٽرڪ امتحان پاس ڪرڻ ڪان پوءِ، غريبي سبب والد صاحب کيس ڪاليج ۾ وڌيڪ تعليم جاري رکڻ لاءِ داخلا نه ڏياري سگهي، جنهن ڪري ان وقت کيس تمام گهڻو ڏک پهتو.

١٩٧٦ع ۾، هو ڏهرڪي ۾ "جانباز فورس" جي ٽريننگ ورتائين، کيس حوالدار جو رينڪ مليو. ان ڪان پوءِ ويلڊنگ سکيا حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ نجي اداري "نيو ڪليئس ٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ، رحيم يار خان" ۾ داخلا ورتائين ۽ نومبر ١٩٧٦ع ۾ مڪمل ڪئي. جانباز فورس جي ٽريننگ ٽيم ٦١١، ڏهرڪي ۾ حوالدار انسٽرڪٽر طور مقرر ٿيو ٣ جولاءِ ١٩٧٧ع تي والدين کيس سندس وڏي مامي عبد الواحد ولد قبول خان ڏهر جي ڌيءُ اميرن عرف مينا سان شادي ڪرائي، ١٣ نومبر ١٩٧٩ع تي جانباز فورس جي ڊيوٽي تان استعيفي ڏنائين. انهيءَ دوران ڪجهه وقت گڊو ۽ سکر ۾ به رهيو. سکر ۾ رهڻ دوران چائنا جي ايئر ڪرافٽ گنز جي تربيت به ورتي، انهيءَ ڊيوٽي ڇڏڻ ڪان پوءِ بيروزگاري سبب ڪجهه وقت هوٽل تي مزدوري ڪيائين. پرواري فيڪٽرين ۾ به ڪم ڪيائين، جن ۾: اينگرو ڪيميڪل، ڏهرڪي، پاڪ-سعودي فرٽيلائيزر، ميرپور ماٿيلي، ڪجهه وقت فوجي فرٽيلائيزر فيڪٽري، ماڇي ڳوٺ ۾ به ڪم ڪيائين جڏهن فيڪٽري تيار ٿي رهي هئي، سال ١٩٨١ع ۾ هڪ مهينو لغاري ڪاٽن فيڪٽري، داد لغاري ۾ ڪلارڪ طور ڊيوٽي ڪيائين، ١٩٨٢ع ۾ تقريباً ١١ مهينا يونين ڪائونسل، داد لغاري ۾ ناڪي منشي طور رهيو، ٢١ نومبر ١٩٨٢ع تي کيس پرائمري استاد جي نوڪري ملي. انهيءَ نوڪري دوران تعلقه ڏهرڪي جي مختلف پرائمري اسڪولن ۾ استاد طور خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو، سال ١٩٨٢ع ۾ ١١هين ۽ ١٢هين ڪلاس جو امتحان گورنمينٽ ڊگري ڪاليج، گهوٽڪي مان ڪاميابيءَ سان پاس ڪيائين، ١٩٨٤ع ۾ پي ٽي سي ٽريننگ لاءِ گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج، سکر ۾ داخلا ورتائين، جيڪا ١٩٨٥ع ۾ مڪمل ڪيائين. ٽريننگ مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ کيس شڪارپور ضلعي ۾ پرائمري استاد طور مقرر ڪيو ويو، ١ نومبر ١٩٨٥ع تي شڪارپور ضلعي مان ضلعي سکر ۾ بدلي ٿي، جتي کيس روهڙي اسٽيشن جي پرسان نيو يارڊ پرائمري اسڪول ۾ رکيو ويو. سال ١٩٨٦ع ۾ سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو مان بي. اي جو امتحان پرائيويٽ طور پاس ڪيائين، ٥ جنوري ١٩٨٧ع تي هو روهڙي مان بدلي ٿي پنهنجي تعلقو اوٻاوڙو آيو، جتي ٥ اپريل ١٩٩٣ع تائين مختلف پرائمري اسڪولن ۾ ڊيوٽي سرانجام ڏيندو رهيو، سال ١٩٩٠ع ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور مان ايم. اي (اسلامي تاريخ) جو امتحان فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيائين، آڪٽوبر ١٩٩١ع تي بي. ايڊ لاءِ گورنمينٽ ايجوڪيشن ڪاليج، سکر ۾ داخلا ورتائين، جتان ٢٨ مئي ١٩٩٢ع تي اها تربيت مڪمل ڪئي، تعلقو اوٻاوڙو واپس اچڻ بعد مختلف پرائمري اسڪولن ۾ ڊيوٽي ڪندو رهيو، سال ١٩٩٢ع ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان ڏنائين ۽ ڪامياب ٿيو. نتيجي طور ١٤ اپريل ١٩٩٣ع تي کيس تعليم کاتي ۾ ليڪچرار جي حيثيت سان آرڊر مليو، پهريون پوسٽنگ کيس گورنمينٽ پاڪستان ڪاليج، خيرپور ۾ ملي، جتان ڪجهه عرصي بعد ١٩٩٥ع ۾ بدلي ٿي گورنمينٽ گرلز ڪاليج، ڏهرڪي موڪليو ويو. اتي ١٠ آگسٽ ٢٠٠١ع کان ٣٠ مئي ٢٠٠٣ع تائين پرنسپل طور به رهيو، ٣٠ مئي ٢٠٠٣ع تي سندس بدلي گورنمينٽ پاڪستان ڪاليج، خيرپور موڪلي وئي، انکانپوءِ تعليمي ۽ پيشورانه واداري جو سفر شروع ٿيو سال ٢٠٠٥ع ۾ سندس بدلي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج، ميرپور ماٿيلو ۾ ٿي. سال ٢٠١٠ع ۾ کيس اڳوٽي گريڊ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور ترقي ملي، جنهن کان پوءِ ٢٩ جولاءِ ٢٠١٠ع تي سندس بدلي ڪرائي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج، ٺل ضلع جيڪب آباد ۾ ٿي

جتان ٢٩ فيبروري ٢٠١٦ع تائين رهيو, ان ڪان پوءِ گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج، ڏهرڪي ۾ بدلي ٿي آيو. مارچ ٢٠١٨ع ۾ ڪيس اڳئين گريڊ ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور ترقي ملي. ٣١ مئي ٢٠٢١ع تي هو ريٽائرڊ ٿي ويو, ان ڪان پوءِ هو پنهنجي گهر ۾ ويهي هن وقت تائين پنهنجي گهر ۾ قائم ڪيل لائبرري ۾ ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ ۽ لکڻ جو ڪم ڪندو رهي ٿو. پروفيسر محمد پنهل ڏهر کي ننڍپڻ ڪان وٺي ڪتاب خريد ڪرڻ ۽ مطالعو ڪرڻ جو شوقين هو. پرائمري تعليم دوران, ڪيس جيتري خرچي ملندي هئي, ان مان نئين نئين معلوماتي ڪتابون خريد ڪندو هو. اسڪول دوران ٻه قصن، ڪهاڻين ۽ ناولن جا ڪتاب خريد ڪري پڙهندو هو. ١٩٧٥-٧٦ع ڪان وٺي، مذهبي ۽ تاريخي ڪتابن پڙهڻ جو باقاعده شوق پيدا ٿيو, هن وقت سندس گهر ۾ هڪ بهترين ذاتي ڪتب خانو موجود آهي، جنهن جو نالو "شاهه عبداللطيف بنيادي ريسرچ لائبريري" رکيو ويو، جيڪو بعد ۾ **"سنڌ ريسرچ لائبريري"** جي نالي سان مشهور ٿيو, سندس هن لائبريري ۾ مذهبي، تاريخي، سائنسي، شاعري، اسلامي ۽ ٻين موضوعن تي لڳ ڀڳ ١٢ هزار ڪتاب موجود آهن. سندس ذاتي ڪتابخانه ۽ تحقيقي ڪم: سندس ڪتب خاني ۾ سنڌي، سرائڪي، پنجابي، پشتو، بلوچي، بروهوي، فارسي، عربي ۽ انگريزي سميت مختلف ٻولين ۾ لکيل ڪتاب موجود آهن, هن ڪتب خاني جي هڪ خاص خوبي اها آهي ته ان ۾ ناياب ۽ قلمي ڪتابن جا فوٽو اسٽيٽ ڪاپيون به محفوظ ٿيل آهن, ان ڪان سواءِ ڪجهه اصلي قلمي نسخا به موجود آهن, سندس لکڻ جو آغاز باقاعدي طور تي سال ١٩٨٣ع ڪان ٿيو. سندس تحقيق جا خاص موضوع سنڌ جي تاريخ, سنڌي ادب، ۽ سوانح نگاري آهن, هن وقت تائين مختلف موضوعن تي لکيل ڪئين مضمون ۽ مقالا مختلف رسالن، اخبارن، ۽ ڪتابن ۾ شايع ٿي چڪا آهن, انهن مان ڪجهه اهم اشاعتون هن ريت آهن: روزانه پڪار, سکر, هفتيوار نئي زندگي، حيدر آباد, روزانه عبرت ميگزين، حيدر آباد, جنگ مڊويڪ ميگزين, ماهوار نشين زندگي، حيدر آباد, ماهوار پيغام، ڪراچي, ماهوار مهراڻ، جامشورو, السنڌ, اسلام آباد وغيره شايع ٿيل ڪتاب: هن وقت تائين سندس پنج ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن: ١. "سرمست" – ٢٠٠٠ع ٢. "علامه صوفي عثمان فقير لغاري" – ٢٠٠٣ع ٣. "معارف حافظ الملت" – ١٩٩٥ع ٤. "قلندر لال شهباز – شاهه عبداللطيف ڀٽائي, روحل فقير جي سوانح ۽ شاعري جو مطالعو" – ٢٠٢٠ع ٥. "پير عنبر راهه صاحب مسلمانن جي نگاهه ۾" – ٢٠١٩ع انهن شايع ٿيل ڪتابن ڪان علاوه، سندس مختلف موضوعن تي لکيل لڳ ڀڳ ١٥ قلمي مسودا به موجود آهن، جيڪي ڇپجڻ جي انتظار ۾ آهن.




## ناميارِي تعليمي شخصيت - مرحوم عبدالرشيد پتو (عرف عبدالحڪيم پتو)

سائين عبدالرشيد پتو جي پيدائش: ١ جنوري ١٩٣٩ آبائي ڳوٺ عيدن پتو، تعلقو اوٻاوڙو، ضلعو سکر (موجوده ضلعو گهوٽڪي)۾ ٿي ۽ وفات: ١ جون ٢٠١٦ **تعليم ۽ علم سان محبت :** سائين عبدالرشيد پتو سنڌ جي انهن سادن، فرض شناس ۽ علم دوست شخصيتن مان هئا، جن جي سڄي زندگي تعليم جي روشني ڦهلائڻ لاءِ وقف رهي. سندس تعليمي سفر جو آغاز پنهنجي ڳوٺ عيدن پتو جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول حافظ سليمان مان ٿيو. پوءِ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپور ماٿيلو مان ميٽرڪ، انٽر آرٽس، ۽ بعد ۾ ايم. اي سنڌي ۽ معاشيات جي ڊگريون حاصل ڪيائين. هو هڪ علمي ڄاڻو، پڙهندڙ ۽ دليلن سان ڳالهائيندڙ شخصيت هئا، جيڪي هر ڳالهه کي ثبوتن سان پيش ڪندا هئا. سندس ذاتي اوطاق هڪ علمي خزاني جي حيثيت رکندي هئي، جتي ديوٽي کان پوءِ پڙهائي جو باقاعدو سلسلو هلندو هو. اڄ به سندس ڇڏي ويل ڪاغذي خزاني ۾ تعليم، اسڪولن ۽ ضلعي سطح جي تعليمي پاليسين جا اهم دستاويز موجود آهن. **تعليمي خدمتون:** ١٩٥٦ع: پرائمري اسڪول ٽيچر (PST) طور تعليم کاتي ۾ شامل ٿيا. ١٩٧٣ع: واڌاري سان هاءِ اسڪول ٽيچر (HST) طور گورنمينٽ صوبائي هاءِ اسڪول، ڏهرڪي ۾ مقرر ٿيا. ١٩٩٤ع: گورنمينٽ سنگل سيڪشن هاءِ اسڪول ڏهرڪي جا هيڊ ماسٽر مقرر ٿيا. ١٩٩٩ع: ١٤ جنوري تي سرڪاري خدمتن مان رٽائرڊ ٿيا. سندس تعليمي زندگي ايمانداري، وقت جي پابندي، ۽ تدريس سان محبت جي علامت رهي. ڪيترائي شاگرد، جيڪي اڄ اعليٰ عهدن تي فائز آهن، سندن تربيت جا نتيجا آهن. **خاندان ۽ اولاد:** مرحوم جا چار پٽ ۽ ٻه ڌيئرون آهن، جيڪي پنهنجي والد جي علمي ورثي کي اڳتي وڌائي رهيا آهن:

١. **پروفيسر عبدالحفيظ پتو رٽائرڊ پرنسپال / ايسوسيئيٽ پروفيسر (BPS_19) گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج، ڏهرڪي** رٽائرمينٽ: ٣١ ڊسمبر ٢٠٢٢ هن والد جي اڌ ۾ ڇڏيل مشن کي جاري رکندي، گرلز ڪاليج ڏهرڪي جي بنياد رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ڪمشنر سکر نثار صديقي کان جانباز بلڊنگ تعليم لاءِ حاصل ڪئي، اينگرو ۽ شهرين کان چندو وٺي عارضي عمارت تعمير ڪرائي، ۽ اسٽڊي ڪلاسز شروع ڪيا. ٢. عبدالحڪيم پتو هيڊ ماسٽر (BPS-19)، گورنمينٽ سنگل سيڪشن هاءِ اسڪول، ڏهرڪي ٣. عبدالصبور پتو سيڪشن آفيسر، فنانس ڊپارٽمينٽ، حڪومت پاڪستان، اسلام آباد ٤. عبدالوحيد پتو: پرو وائيس چانسلر، داود يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي، ڪراچي **علمي ورثو ۽ سماجي خدمتون:** سائين عبدالرشيد پتو نه فقط استاد، پر هڪ معاشرتي روشني ڏيندڙ مينار هئا. هو زندگي جي آخري ڏينهن تائين علم لاءِ سرگرم رهيا. سندن اوطاق ۾ تعليم، سماجي ترقي، ۽ نوجوانن جي مستقبل بابت ويهڪون ٿينديون هيون. **سندس پٽ عبدالحفيظ پتو،** سندن ادهورو مشن جاري رکندي، گورنمينٽ بوائز اسڪول جي نئين عمارت لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ قبضي هيٺ آيل پلاٽ تان بلڊنگ ٺهرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. **تاثرات ۽ يادگار:** عبدالرشيد پتو علم، ايمانداري، ۽ سادگي جو مجسمو هئا. سندن زندگي، ايندڙ نسلن لاءِ مثالي رستو آهي. سندن نالي سان ڪميونٽي لائبريري، علمي اوطاق، يا اسڪالرشپ پروگرام شروع ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن سندن خدمتن کي هميشه لاءِ ياد رکيو وڃي.

## ٽيڪنيڪل ٽريننگ ڪاليج (TTC)، ڏهرڪي

ڏهرڪي ٽيڪنيڪل ٽريننگ ڪاليج (TTC) جو جائزو ١. TTC جو قيام: TTC، ڏهرڪي جو پهريون ڊگري ڏيندڙ ادارو آهي، جيڪو نوجوانن لاءِ فني مهارتن جي واڌاري جا موقعا فراهم ڪري ٿو. ٢٠١١ع ۾ اينگرو، PCESSDC ۽ ٻين ادارن سان گڏجي TTC قائم ڪيو. ٢. مهيا ڪيل تربيت: ڊپلوما ڪورسز: ڪيميڪل انجنيئرنگ، ميڪينڪل انجنيئرنگ فني تربيت: صنعتي ويلڊنگ، گهريلو ويلڊنگ، پائپ فٽنگ، ڪارپينٽري ٣. حمايتي ادارا: اينگرو، PIDC، ماڙي گئس، ENI Saipem، ڊيسڪون، STEVTA وغيرها اينگرو جي ملازمن ۽ ٻاهرين ذريعن مان ٢٥ لک رپيا چندو گڏ ڪيو ويو ٤. ڪاميابيون: ٢٠١٤ع: پهرين بيچ مان ٤٩ شاگرد فارغ ٢٠١٥ع: TTC انتظام تحت مٽي ۽ رزاق آباد جا ادارا آيا (TEVTA معاهدو) ڏهرڪي جي صنعتن جو مختصر جائزو اهم صنعتون: ڪجهه جا ڪارخانا اينگرو فرٽيلائزر (وڏو امونيا-يوريا پلانٽ) تيل ۽ گئس جا ادارا (ماڙي پيٽروليم وغيره) اسٽار، فوجي ۽ لبرٽي پاور پلانٽ اينگرو جو پلانٽ (٢٠٠٩ع): دنيا جو اوچو پرلنگ ٽاور (١٢٥ ميٽر) مقامي معيشت لاءِ اهم حيثيت مرڪزي نڪتا: TTC علائقي جي نوجوانن لاءِ فني ترقي جو مرڪز بڻجي چڪو آهي ڏهرڪي جي صنعتون، زراعت کان پوءِ، مقامي معيشت جو اهم حصو آهن

# ناليوارو تعليمي ماهر، مرحوم استاد ارباب علي ٻرڙو جي زندگيءَ جو مختصر جائزو

**استاد ارباب علي ٻرڙو** جي والد جو نالو احمد دين ٻرڙو ۽ **ڏاڏي جو نالو ارباب علي ٻرڙو (اوّل)** هو. احمد دين ٻرڙو کي ڇهه پٽ ۽ ٻه نياٽيون هيون. وڏو پٽ استاد ارباب علي ٻرڙو هو، ٻيا: ١. الهڏنو ٻرڙو، ٢. شمس الدين ٻرڙو، ٣. قمر الدين ٻرڙو، ٤. امداد علي ٻرڙو ٥. ذوالفقار علي ٻرڙو هئا. **والد احمد دين ٻرڙو انگريزن جي دور ۾ هيڊ پوليس ڪانسٽيبل هو.**

**استاد ارباب علي ٻرڙو:** جي پيدائش سال ١٩٣٠ع ۾، جونگ ڪالوني ۾ ٿي. پرائمري، مڊل ۽ ميٽرڪ تعليم ڏهرڪي مان حاصل ڪيائين. اعليٰ تعليم (ايم.اي. اڪانامڪس، ايم.اي. سنڌي، ايل.ايل.بي، ۽ اديب فاضل) سکر ڪاليجن ۽ سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائين. سال ١٩٨٤ع ۾ کيس پرائمري ماسٽر طور پنوعاقل جي گورنمنٽ پرائمري اسڪول چونگا ڳوٺ ۾ تقرري جو آرڊر کيس مليو. جتان پروموشن ٻه مليو، ۽ گورنمنٽ مين پرائمري اسڪول ڏهرڪي جو هيڊ ماسٽر مقرر ڪيو ويو. سال ١٩٨٥ع ۾، فرينڊز ويلفيئر سوسائٽي پاران مين پرائمري اسڪول جي تقريبات ۽ تيارين ۾ استاد ارباب علي ٻرڙو اهم ڪردار ادا ڪيو. کيس اهو اعزاز حاصل هو ته اهو تاريخي پروگرام سنڌس نگراني هيٺ ٿيو. **سال 1988ع ۾ تعلقه هيڊ ماسٽر اپاوڙو مقرر ٿيو.** ان وقت پورو تعلقو سنڌس نگرانيءَ ۾ هلي رهيو هو. ان ئي سال جي آخر ۾ کيس ٻيهر پروموشن ملي ۽ HST )هاءِ اسڪول ٽيچر) بڻيا. ان کان پوءِ کيس SPE )سُپروائيزر پرائمري ايجوڪيشن) مقرر ڪيو ويو. ۽ سال ١٩٩٠ع ۾ رٽائرڊ ٿيا. سائين ارباب علي مختلف اسڪولن ۾ سيمينار منعقد ڪرائيندا هئا، شاگردن جا تقريري مقابلا، رانديون، پي.ٽي. ۽ قرآن پاڪ جا پيرڊ باقاعدگي سان هلايا ويندا هئا. رٽائرمينٽ بعد زمينداري، مطالعو ۽ اسٽڊي ڪندا هئا. گهر ۾ لائبريري قائم ڪئي هئائون، جنهن ۾ لڳ ڀڳ ٻه سئو ڪتاب رکيل هئا. سائين کي خاص طور تاريخ پڙهڻ جو شوق هو. **استاد ارباب علي ٻرڙو جي اولاد:** ۾ پنج پٽ ۽ اٺ ڌيئون شامل آهن. ڌيئرن مان ٻه تعليم کاتي ۾ آفيسر ٿي رٽائرڊ ٿيون، باقي ڇهه گهر جي سنڀال ڪن ٿيون. پٽن جا نالا ۽ ڪاروبار: ١. محمد علي ٻرڙو – اسٽيل مل ڪراچي ۾ مينيجر هو. ٢. احمد علي ٻرڙو – تعلقه ايجوڪيشن آفيسر. ٣. قربان علي – ايف ايف سي ميرپور ماٿيلو ۾ آفيسر. ٤. لياقت علي ٻرڙو – لبرٽي پاور پلانٽ ۾ آفيسر. ٥. احسان علي ٻرڙو – ماڙي انرجي ۾ ٽربائن آپريٽر.

**احمد علي ٻرڙو** ١٩٧٢ع ۾ استاد ارباب علي ٻرڙو جي گهر جونگ ڪالوني ۾ اک کولي. **تعليم:** گورنمنٽ مين پرائمري اسڪول ۽ مڊل، ميٽرڪ گورنمنٽ پي هاءِ اسڪول ڏهرڪي، B. Scگورنمنٽ ڊگري ڪاليج گهوٽڪي، M.A Eco.شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور. تعليم مڪمل ڪرڻ بعد ١٩٩٣ع ۾ JSTهاءِ اسڪول ڏهرڪي بعد سال ٢٠١٦ع ۾ پروموشن ماڻي HSTٿيا ۽ ٢٠١٩ع کان تعلقه ايجوڪيشن آفيسر ڏهرڪي آهن. سائين احمد علي ٻرڙو ٻڌائي ٿو ته جڏهن مون کي چارج ملي ان وقت ٤٠ سيڪڙو اسڪول هلندا هئا جڏهن ته سٺ سيڪڙو اسڪول غير فعال هئا. جنهن تي سخت ايڪشن ڪيو هن وقت تمام اسڪولن ۾ اسٽڊي جو عمل هلي رهيو آهي تعليم کاتي جي بايو ميٽرڪ پاليسي سبب هاڻي استاد وقت سر اسڪول پهچي پنهنجي بايوميٽرڪ ڪن ٿا. ٽي اي او مختلف وقتن تي سرپرائيز وزٽ ڪندو آهي. احمد علي ٻرڙو جي وقت ۾ ٻه نوان اسڪول جعفر شر پرائمري اسڪول ۽ مجو خان پرائمري اسڪولن جو اضافو ٿيو آهي، ڏهرڪي تعلقي جي ٤٥٠ پرائمري اسڪولن ۾ ٢٥٠٠٠ انرولمنٽ آهي جيڪا وڌي رهي آهي هن وقت ٣٢٨ نوان استاد ڀرتي ٿيا آهن ميرٽ تي آيل استادن سبب ماڻهن جو پرائيويٽ اسڪولن جو رجحان گهٽجي ويو آهي. سيف اسڪول ۽ پرائيويٽ اسڪول تعلقه ايجوڪيشن آفيسر جي ايڊمنسٽريشن کان ٻاهر آهن. احمد علي ٻرڙو پنهنجي والد جي تربيت سبب تعليم جي مامري ۾ ڪافي سخت آهي ۽ آفيس کي باقاعده وقت ڏئي ٿو.

## استاد پير محمد سومرو تعليمي ماهر

**استاد پير محمد سومرو** ولد قادر بخش ڊکڻ سومرو، جنم ۰۱,۴,۱۹۱۸، ڳوٺ ستار ڏنو ڊکڻ سومرو، تعليم سنڌي فائنل پاس، تعليم کاتي ۾ مقرري تي ۸,۱,۱۹۴۸، ٽوٽل سروس ۲۸ سال، عمر سروس موجب ۵۸ سال، ريٽائرڊ ۰۱,۴,۱۹۷، ريٽائرڊ جو هنڌ جي پي ايس مين ڏهرڪي، وفات ۱۹۹۵ پنهنجي وقت جو وڏو تعليمي ماهر، هوشيار پرائمري استاد، سندس شاگرد، ايم پي اي، ايم اين اي ۽ هاڻي سينيٽر به ٿي ويا. گهڻا شاگرد مختلف نوڪرين خاص استاد طور اڄ به سڃاتا وڃن ٿا، هيڊ ماسٽر رهندڙ، جي پي ايس حافظ سليمان ڏهر، جي پي ايس ڪٽا ميراڻي، جي پي ايس بشـــــير آباد اوباوڙو، جي پي ايس مين ڏهرڪي جتان پاڻ رٽائرڊ ڪيائون.

**استاد پير محمد واڍڪي ڪم جو پاڻ بادشاهه ڪاريگر، ڪرسيون، ٽيبلون، ڪٽون، گهڙا منجيون ۽ جنڊي جي ڪم ۾ رنگين ڪٽون، هندورا، گلدان، ناس واريون دلبيون، پکن جون ڳنيون وغيره اهڙيون ته خوبصورت، وڻندڙ ۽ مضبوط ناهي وٺي، جو چئي ڪٽي بس ڪر!** ڪشـــمور ۽ هالا جي مقابلي جو ڪم استاد پير محمد سومرو جي هٿن ۾ ڏسجي، مختلف رنگ به پاڻ ناهي، نوڪري دوران به اهائي مشغولي، ريٽائرڊ ٿيڻ بعد به ساڳي ئي ڪرت جيڪا وفات تائين جاري رهي، اوباوڙي جي چامن، چام عبدالرزاق خان ڏهر، چام ممتاز خان ڏهر سان سندن دوستي هوندي هئي، ساٿن ڪينجهو واري زمين تي شڪار لاءِ ويندا هئا، سندن اولاد جا استاد به هئا، اڳتي هلي ننيا چام به سندن ستو ادب ۽ آدرياءُ ڪندا هئا، خاص ڪري چام منير احمد خان، چام مهتاب حســـين خان ۽ سندن پائر. ڏهرڪيءَ جي چامن مان به سندس گهڻا شاگرد هئا ۽ پير آف پرچوندي ميان عبدالخالق القادري، ڊاڪٽر منوهر لال تنهن ڪان سواءِ پيون به ڪوڙ ساريون مشـهور شخصـيتون جن اڳتي هلي پنهنجي پنهنجي فيلڊ ۾ نالو ڪمايو، پاڻ نه ڪنهن جي ريشـم ڪي هٿ لائي نه ڪڏهن پنهنجو پُڙائي، نه ڪنهن ڪي حق ڪاڻ ڏئي ۽ نه ئي ڪنهن جي ڪڏهن ڪاٽي تنپ ڪٽي، اصول پســند، قانون دان، جهيڙي جهڳڙي ۾ لٺ باٽي ڪان وڌيڪ قانوني قدم کڻڻ وارا هئا، ان سلسلي ۾ چڱن ڀلن پيرن، ميرن، وڏيرن، سردارن ۽ آفيسرن جون ڪئي پيرا متيون منجهائي ڇڏيائين، پهرين گهر واري جي وفات بعد ٻي شادي ڪيائين، جنهن مان جهجهي اولاد جنهن ۾ ست ڌيئرون ۽ پنج پٽ ۽ سڀن جي سٺي تربيت ۽ وس آهر اولاد کي چڱي تعليم ڏيارڻائين، سندس وڏو پٽ استاد عبدالرزاق سومرو هيڊ ماستر هاءِ اسڪول طور رٽائرڊ ٿي چڪو آهي، پاڻ هڪ سٺا محنتي استاد اديب رهيا آهن. عبدالســــتار سومرو هاءِ اسڪول ٽيچر آهي ۽ عبدالغفار سومرو پرائمري استاد، اديب شاعر ڪهاڻيڪار آهن. هڪ پٽ عبدالقادر سومرو جاين جو پلوڙ مستري گذاري ويل آهي ۽ ٻيو پٽ عبدالجبار سومرو پنهنجي ٻني ٻارو سنڀاريندو آهي.

## ڏهرڪي جي سورمي ماريه سومرو

ڏهرڪي شهر جي هونهار نياڻي ماريه سومرو ڌيءُ استاد عبدالرزاق سومرو. ســال ۱۹۹۷ع ۾ ڳوٺ ســتار ڏنو ڊکڻ تعلقه ڏهرڪي ۾ جنم ٿيو. پرائمري پنج درجا پنهنجي ڳوٺ جي اســــڪول قادر بخش ڊکڻ مان پاس ڪيائين، حرا پبلڪ اسڪول ڏهرڪي مان مئٽرڪ اي گريڊ ۾ پاس ڪيائين. انٽر جو امتحان شــاهين هاير ســيڪنڊري اســڪول ميرپور ماٿيلو مان پڻ اي گريڊ ۾ پاس ڪيائين. ڊاڪٽر آف فارميسي جو امتحان شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان پاس ڪيائين. تنهن بعد ماستر آف فلاسافي، فارماسيوٽڪس ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشـــورو مان ۲۰۲۴ع ۾ پاس ڪيائين. ايم فل ۾ سندس ٿيســــــز جو عنوان هيو، "Formulation And Evaluation Of Herbal Anti-bacterial Ointment" هيو. اها تحقيقي ٿيسـز ۷۵ صفحن تي مشـتمل آهي. جيڪا پروفيسـر ڊاڪٽر عبيدالرحمن ۽ پروفيسـر ڊاڪٽر عمران سهرياڻي جن جي نگراني ۾ پوري ڪيائين. ڪجهه وقت لاءِ شهباز فارميســــــــي ڪاليج اسلام آباد ۾ ليڪچرر طور ڪم ڪيائين. هينئر اسرا يونيورسٽي حيدر آباد ۾ بطور ليڪچرر ڪم ڪري رهي آهي. اڳتي Ph.D ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي. ماريه سومرو سنڌ جي انهن روشن ستارن مان هڪ آهي، جن پنهنجي محنت، علم ۽ حوصلي سان علمي دنيا ۾ سڃاڻپ ناهي. سندس ڪاميابي نوجوان نياڻين لاءِ روشني جو مينار آهي. اڄ جو ته سنڌ جون سڀ نياڻيون علم حاصل ڪرڻ لاءِ ماريه سومرو جهڙي همت ۽ حوصلي سان اڳتي وڌن.

## استادِ محترم سائين پيارا لال علم، محبت ۽ خدمت جو روشن مينار

**محترم استاد سائين پيارا لال**، ۹ آڪٽوبر ۱۹۳۴ع تي علم دوست ۽ سماجي شخص ڏيون داس جي گهر دادلغاري ۾ جنم ورتو. پاڪستان قائم ٿيڻ وقت حالتون خراب هيون، ڏيون داس پنهنجي فيملي سميت دادلغاري کان ميرپور ماٿيلو شفٽ ٿي آيو جتي ڪجهه وقت رهيا ۽ بعد ۾ ڏهرڪي شفٽ ٿي آيا. سائين پيارا لال جي ننڍپڻ کان ئي علم سان دلچسپي هئي سادگي سندس سڃاڻپ هئي. پرائمري تعليم مڪمل ڪئي. پوءِ مڊل، ميٽرڪ ڪئي ۽ ڪيس پرائمري استاد جي انمول پيشي سان لاڳاپجي ويو. سائين پيارا لال جي تدريسي سفر ۾ ڪيترائي اهم مرحلا شامل رهيا. ۱۹۵۸ع ۾ **اڳوڻي تعليم جي صوبائي وزير پير مظهر الحق** کي پڙهايو، جيڪو زندگي پر سائين جي عزت ۽ احترام ڪندو رهيو. هڪ ڀيري سندس شاگرد پير مظهر الحق وزير اعلي سنڌ سيد عبدالله سان گڏ ڄام ممتاز خان ڌهر وٽ اباوڙو بشير آباد هائوس آيو سائين پيارا لال به اتي موجود هو، پري کان پير مظهر سائين کي ڏسي سڃاڻي ورتو، جتي هڪٻئي سان ڀاڪر ڪيائون. پير مظهر پنهنجي استاد جو تعارف مختلف صوبائي وزيرن ۽ سيد عبدالله شاه سان ڪرايو، بعد ۾ پير مظهر سائين وٽ شادي غمي ايندو رهيو استاد جي پٽ سرڳواسي ڀيشم لال جي وفات ۳ فبروري ۲۰۰۹ع تي ٿي. ڪجهه ڏينهن بعد پير مظهر سندس عذرخواهي تي به آيو هو، ٻي موقعي تي پيارا لال جي پٽ جي شادي ۾ به پير پريو هئائين. ان وقت به پير مظهر صاحب تعليم کاتي جو وزير هو، ۽ وزارت ڪانسواءِ به ڪيترائي ڀيرا ڏهرڪي اچي پنهنجي محبوب استاد سان ملاقاتون ڪيون هئائين. پيارا لال هندو پنچائت جي پراڻي ٽيم ۾ شامل رهيو هو جنهن ڪري ڪيس مکي به سڏيو ويندو هو، سال ۱۹۹۰ع واري پنچائت ۾ هو ڀيهر مکي ٿيو. سائين پيارا لال جا ڪيترائي شاگرد وڏا آفيسر ٿيا, جيڪي جڏهن به ساڻس ملندا هئا ته نوڙت سان ملندا هئا. اڪثر شاگرد پري پري کان ڪم سانگي ڏهرڪي ايندا هئا ته سائين جي قدمن هٿ رکڻ ايندا هئا. سائين وقت کان پهريان سال ۱۹۸۲ع ۾ ۵۲ سالن جي عمر ۾ رٽائر ٿيو ان وقت هاء اسڪول ڏهرڪي ۾ ايف اي جي پوسٽ تي هئا. رٽائر ٿيڻ بعد پٽن سان گڏ ڪارخانو لڳايو ته ڪيس ڪاروبار ۾ نقصان ٿي پيو جنهن سبب ڪجهه وقت مالي طور ڪمزور ٿي پيا. **سائين پيارالال ۱۹۸۸ع ۾ ڏهرڪي ٽائون ڪاميٽي جا ڪائونسلر پڻ ٿيا** ۽ سياست به ڪئي. پنهنجي علمي خدمت دوران اباوڙو ۽ ڏهرڪي جي ڪيترن ئي اسڪولن ۾ فرض نڀايو. سندس لهجو، آواز ۽ گفتگو جي مٺاس اهڙي ته وڻندڙ هوندي هئي، جو هر شاگرد، هر ماڻهو سندس جي ڳالهه ڌيان سان ٻڌندو هو. سندس شاگردن مان ڪيترائي اڄ به اعليٰ عهدن تي فائز آهن، جيڪي پنهنجي ڪاميابين جو ڪريڊٽ سائين جي محبت ڀري تربيت کي ڏين ٿا. ۱۹۸۶ع ۾ سائين پيارا لال بي ايچ آر پاران هلندڙ شاه لطيف هاءِ اسڪول جو پرنسپال مقرر ٿيو. ان دوران سندن نوجوان پٽ ڀيشم لال ديهانت ڪري ويو. پندرهن سالن تائين پڙهائڻ بعد ڪيس پٽ جي صدمي جوري وڌو ۽ طبيت ساٿ نه ڏنو ته شاه لطيف اسڪول مان رٽائرمينٽ ورتائون. استاد پيارا لال رٽائرمنٽ بعد تربيت، ۽ معاشري جي سڌاري لاءِ شام جو ٻارن کي مفت تعليم ڏيندو هو. سندس جي اوطاق علم، اخلاق، ۽ محبتن جو مرڪز هوندي هئي، جتي نوجوان، پوڙها، ٻار سڀئي سندس نصيحتن مان روشني پرائيندا هئا. سائين جو مٺڙو آواز سڏ ڪري وٺڻ وارو، ۽ سندس گفتگو ٻڌڻ وارن جي دلين کي ڇهندڙ هوندو هو. هو رڳو استاد نه، پر هڪ سچو سماجي خدمتگار پڻ هو، جيڪو ڏهرڪي جي هندو پنچائت جي اهم شخصيتن مان هڪ هو. سماجي فيصلا، قوم جي خدمت، ۽ نوجوانن جي رهنمائي ۾ سائين جو ڪردار وسارڻ لائق ناهي. سائين پيارا لال پنج سالن تائين بيماري ۽ عمر درازي ڪري علالت واري زندگي گذاري پر ڪين محتاجي آخر تائين نه ٿي واش روم تائين پاڻ ويندا هئا. ۽ سائين تاريخ ۲۱ جون ۲۰۱۶ع سڀني چاهيندڙن کي الوداع چئي هن فاني دنيا مان رخصت ٿي ويا.

**اولاد :سائين پيارالال گوئنداڻي جي اولاد ۾ پنج پٽ چار نياڻيون آهن** :۱. ڊاڪٽر آوت راءِ گوئنداڻي ۲. انجنيئر ديا راءِ گوئنداڻي ۳. ڀيشم لال گوئنداڻي (جو جواني ۾ وفات ويو) ٤. سردن بابو گوئنداڻي. ۵. انجنيئر پورن عرف ڪرم گوئنداڻي آهن

# جسٽس (ر) عبدالرشيد ڪلوڙ

**عدالتي اصولن جو امانت دار_ انصاف، اصول، ۽ انسانيت جو پيڪر:**



**11** فيبروري ٢٠٢٥ع تي سنڌ جي عدالتي تاريخ جو هڪ درخشنده باب بند ٿي ويو، جڏهن جسٽس عبدالرشيد ڪلوڙ اسان کان وڇڙي ويو. هو نه رڳو هڪ اعليٰ پايي جو جج، پر اصولن، ايمانداري، ۽ انساني حقن جو هڪ بي مثال علمبردار هو. سندس جنم اتر سنڌ جي قبائلي علائقي، ڳوٺ صديق ڪلوڙ، ضلعي گهوٽڪي ۾ ٿيو. تعليم ۽ قانون جي شعبي سان سندس جذباتي لاڳاپو کيس هڪ ذهين شاگرد کان هڪ فهيم قانوندان ۽ هڪ عادل با اصول جج بڻايو.

ڪراچي جي يونيورسٽي مان قانون جي ڊگري حاصل ڪرڻ بعد، هو وڪالت جي شعبي ۾ داخل ٿيو. ١٩٩٢ع ۾ هن سول جج طور پنهنجون ذميداريون سنڀاليون. سندس آزاد خيال شخصيت ڪنهن به دٻاءَ يا بندشي ماحول کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي. زراعت سان دلچسپي هجڻ ڪري، نوڪري دوران زراعت ڪورس ڪرڻ جو خيال آيو، پر جڏهن موڪل لاءِ هاءِ ڪورٽ کي درخواست ڏني، ته هاءِ ڪورٽ سندس موڪل رد ڪري ڇڏيو. ان تي ڪلوڙ صاحب بنا ڪنهن دير جي استعيفيٰ ڏئي، پنهنجي تعليم لاءِ پرديس هليو ويو. تعليم مڪمل ڪرڻ بعد، هن واپس اچي وڪالت شروع ڪئي ۽ مختصر عرصي ۾ قانوني مهارتن سبب پنهنجي سڃاڻپ ٺاهي.

**پنهنجي پيشورانه مهارتن جي بنياد تي سيپٽمبر 2007ع ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ٿيو.**

پر جڏهن نومبر ٢٠٠٧ع ۾ ملڪ تي ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي، تڏهن هن **اصولن تان سوديبازي ڪرڻ بدران PCO تحت حلف کڻڻ کان انڪار ڪيو،** جيڪو سندس عزم ۽ اخلاقي طاقت جو عظيم مثال هو. ٢٠٠٨ع ۾ عدليه جي بحاليءَ ڪانپوءِ کيس ٻيهر جج مقرر ڪيو ويو، جتي هن ڪيترائي اهڙا فيصلا ڏنا، جيڪي انساني حقن، قانوني برابري ۽ عدالتي شفافيت جا مثال بڻيا. هو عملي طور مذهبي ماڻهو هو، پر بين المذاهب هم آهنگي (Inter_Religious Harmony) جو وڏو حامي پڻ هو. ڇاڪاڻ ته سندس نظر ۾ سڀني کي برابر حق حاصل هجڻ ئي حقيقي زندگي هئي. سندس زندگي جو وڏو مقصد سندس اولاد جي تعليم، تربيت، ۽ آزاديءَ آهي، جيڪا مذهبي ۽ سماجي شعور جي اعليٰ مثال آهي.

جسٽس ڪلوڙ صرف عدالتي شخصيت نه، پر هڪ فڪر مند، علم دوست، ۽ سماجي طور متحرڪ انسان هو. هو نوجوان وڪيلن جي رهنمائي ڪندو، ۽ ڪڏهن به ڪنهن طاقتور جي دٻاءَ هيٺ انصاف کان هٽي نه هلندو هو. سندس حياتيءَ جو بنياد سچ، فڪر، ۽ ڌرتيءَ سان وفاداري هو. سندس اولاد جي تربيت کان وٺي، وڪالت جي ميدان تائين، هر قدم تي هو آزاديءَ ۽ اخلاقي اصولن جو قائل رهيو.

جسٽس (ر) عبدالرشيد ڪلوڙ جو وڇوڙو، نه رڳو خاندان، پر سندس شاگردن ۽ همعصرن لاءِ به هڪ وڏو نقصان آهي. هو عدليه جي اصولن، ايمانداري ۽ آزاد سوچ جو روشن مثال هو. سندس وڇوڙو اسان سڀني کي غمگين ڪري ويو آهي، پر سندس يادون ۽ اصول هميشه اسان لاءِ روشنيءَ جو ڏيئو بڻجي رهنديون. سندس شاگردن ۾ ذوالفقار علي خان جلباڻي پڻ شامل آهي، جيڪو هاڻي سنڌ بار ڪائونسل جو ميمبر ۽ اڳوڻو وائيس چيئرمين سنڌ بار ڪائونسل آهي.

**(رپورٽ سليم اختر)**

## جهونو ايڊووڪيٽ عطاءُ الله پٽو جي زندگي جا گذاريل لمحا

ايڊووڪيٽ عطاءالله پٽو فقيري گهراڻي سان تعلق رکندڙ آهي سندس والد جو نالو مولوي پير محمد پٽو آهي، سندن ڏاڏو فقير محمد پٽو جيڪو الله وارو بزرگ هو، ڪجهه عرصو چٽي مسجد ۾ پيش امام به رهيو، عطاءالله فقير ١٤ اپريل ١٩٤٤ تي ڳوٺ پير محمد پٽو ۾ جنم ورتو، پرائمري تعليم ڊهرڪي مين پرائمري اسڪول ڊهرڪي مان مڊل پاس ڪري ميٽرڪ گهوٽڪي جي "وڊيالو VED پبلڪ هاءِ اسڪول مان ڪئي" انٽر ۽ بي اي پرائيويٽ ڪري سکر Law ڪاليج مان L.Lb ڪيائين هن وقت عمر ٨١ سال اٿس، پنهنجي دور بابت ٻڌائي ٿو اسانجو ڏاڏو فقير پٽوجو دين ۽ ديني تعليم سان لڳاءُ هو ڪيس چٽي مسجد جي هڪ سميجي فقير چيو ته مان پنهنجو پٽ فتح پور پنجابي والي جي هڪ مدرسي ۾ درس تدريس لاءِ ڇڏي آيو آهيان پوءِ دير نه ڪيائين پنهنجي ٻن پٽن مولوي پير محمد ۽ مولوي ڏاتر ڏنو کي اتي ڇڏي آيو ۽ سندن جو والد پير محمد پٽو ان زماني ۾ رحيم يار خان ۾ پٽواري هو ۽ اهلسنت جو هڪ وڏو عالم هو، رٽائر ٿي فتح پور ۾ پيش امام ٿيو هو، فقير محمد جي فرزند مولوي ڏاتر ڏنو اتي پنهنجو آستانو قائم ڪيو ۽ رب پاڪ سان روحاني ناتو جوڙي هڪ درويش بڻجي ويو، هڪ پيري مولوي ڏاتر ڏنو فقير پاڪپٽن ۾ چلو ڪيو ته ڪيس خواجا خضر جي زيارت نصيب ٿيس، ڏنائين ته هڪ تخت لڳو آهي جنهن تي (نوراني پوشاڪ سان ڪو شخص ويٺو ڏٺائين جنهن صرف نهاريو پر ڳالهايو نه) ائين تي ڏينهن لڳاتار زيارت نصيب ٿيس پوءِ پنهنجا حواس وڃائي ويٺو ۽ اتان حق باهو سرڪار تي ديرو ڄمايائين ٦ مهينن بعد حق باهو جي لڙي مان ڪو شخص فتح پور ۾ آباد هو ان اسانجي ڏاڏا سائين سڃاتو ۽ ڪيس فتح پور آندو ۽ اتي فتح پور ۾ وفات ڪيائين، مولوي ڏاتر ڏنو به صاحب ولايت هو، هن پنهنجي موت جي خبر پندرنهن ڏينهن اڳ ٻڌائي ته مان پندرهن ڏينهن ۾ فوت ٿي ويندس چڱو ڀلو هو ۽ ان ڏينهن تي ئي وفات ڪيائين ۽ سندس جي تدفين به اتي ئي ڪئي ويئي، هڪ پيري جي ڳالهه آهي هڪ عورت جميلان پنهنجي مڙس سان گڏ مولوي ڏاتر ڏنو وٽ آئي عرض ڪيائين شادي کي اٺارنهن سال ٿي ويا آهن اولاد نٿي ٿئي . تعويذ لکي ڏنائون ڪيس پٽ جي اولاد ٿي، وڪيل عطاءالله ٻڌايو ته سندس پڙڏاڏي حافظ محمد موسيٰ وٽ حضرت حافظ محمد صديق رحمت الله عليه جن ڪجهه ڏينهن قبرستان واري مسجد ۾ قرآن پاڪ پڙهايو هو، ان وقت ڪجهه هندو پرچونڊي شريف ۾ به رهندا هئا انهن وٽ هڪ چوڪري شڪارپور کان آئي هئي جنهن کي پيٽ ۾ ڏاڍو سور پيو، عرض ڪٽي حافظ الملت رحمت الله عليه جن وٽ آيا . حافظ سڳوري چوڪري مٿان چادر وڌي ته چوڪري کي آقا دو عالم حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو اها چوڪري اتي ڪلمون پڙهي مسلمان ٿي، ان وقت جي پرچونڊي شريف ۽ اڄ جي پرچونڊي شريف ۾ وڏو فرق آهي اڳ پرچونڊي جا ڪجهه مينگهواڙ تلوڪو جي پنهنجي گروپ سان هولي جي موقعي تي گروپ ٺاهي سپ زنانه ڪپڙا پائي نڪري پوندا هئا، ۽ گهرن ۾ به ايندا هئا خوشيون ئي خوشيون هيون اهو سخاوت جو زمانو هو مينگهواڙن سميت گهڻا ماڻهو عورتون ٻار اسانجي گهر مان لسي، سيون، مکڻ مفت وٺي ويندا هئا اسان جي والد صاحب وٽ وڏن جي ستر ايڪڙ ٻني ۽ مال به هو، ڪٽڪ اسان کان ڪجهه اوڌر تي ڪجهه پيسن تي ڪجهه خدا واسطي وٺندا هئا پهريان پرچونڊي شريف ۾ ۽ چوڌاري پنج کوهه هوندا هئا مولوي پير محمد جو کوهه، جهنگل جا به کوهه، ننڍي عيدگاهه جي کوهي، حضور شريف ۾ کوهه، مسجد شريف جي جاءِ تي کوهه، پرچونڊي شريف ۾ پهريون نلڪو اسان لڳرايو سي، ان وقت پئسي جي قدر هئي اسان جي والد صاحب پير محمد وٽ هڪ سو رپين جو نوٽ آيو ته ڳوٺ جا ماڻهو اهو هڪ سو رپين جو نوٽ ڏسڻ آيا ته هڪ سو جو نوٽ ڪيئن ٿيندو آهي، پرچونڊي شريف جا مينگهواڙ جن ۾ پنٽو، پيملو، سيتا رام جتين ٺاهڻ جا ماهر ڪاريگر هئا ٻين ڳوٺن کان ماڻهو جتيون خريد ڪرڻ ايندا هئا ۽ آرڊر تي به ٺهرائيندا هئا، چٽي مسيت جو اصل نالو راڄا فقير جو ڳوٺ هو پر هاڻي چٽي مسيت مشهور آهي، پرچونڊي جو پير محمد پٽو ڳوٺ اوائلي آهي، جنهن جي پر ۾ ڳوٺ الهيار ڌهو، ٽوڙي، ٻنڀ، حجام، پٺاڻ، پٽ رهن ٿا، پٽو سميجو ۾ سميجا رهن ٿا، ۽ حاجي مهراب سميجو ڳوٺ پڻ آهي وڪيل عطاءالله پٽو کي ٽي پٽ ۽ ٽي نياڻيون آهن ١. فقير محمد پٽو، سوئي گيس سکر ۾ ۽ هاءِ ڪورٽ ۾ ليگل ايڊوائيزر آهي، محمد مزمل پٽو پوليس ڊپارٽمينٽ، ۽ محمد مدثر پٽو، هڪ اداري جو ملازم آهي.

**اوائلي دور جا جديد دور جا هٿيار** گهوٽڪي قبائلي ۽ سرداري ضلعو آهي هتي جا قبيلا جنگجو بهادر ۽ ويڙهاڪ رهيا آهن تاريخ پڙهي پئي آهي ته ٽالپرن جي دور کان اڳ هن علائقي ۾ ڪيترين ئي جنگيون ۽ تڪرار ٿيا آهن پراڻي وقت ۾ جنگين ۽ جهيڙن لاءِ لوهي هٿيار متعارف ٿيا، ڊهرڪي جي لوهارڪي بازار ۾ ٽالپور دور ۾ (مغل هٿيار بندوقون وغيره ۽ ٻيو جنگي سامان ٺاهي وڪرو ڪندا هئا)، لوهي هٿيارن ۾ لوهي تلوار، ڀالا، ۽ لوهه جا تير، ٺاهيندا هئا، ان دور ۾ گهوڙن تي ويهي وڙهڻ جو طريقو عام هيو ۽ هٿ جي ويڙهه کي ئي بهادري سمجهيو ويندو هو، ١٨٤٣ع انگريزن ۽ ٽالپرن جي جنگ ۾ جديد يورپي هٿيار استعمال ڪيا ويا.

# ايڊووڪيٽ محمسد الياس پٽوم عبدالغفار پٽوم عبدالستار پٽو

**محمد الياس پٽو جي ڏاڏي جو نالو حافظ محمد الياس (اول) هو.** جنهن
پرچوندي شريف جي ڳوٺ پير محمد پٽو لڳ عيدگاه تعلقو ڏهرڪي، ضلعو گهوٽڪي ۾ ٿي.
ديني عالم هو. محمد الياس اول جي وفات اجمير شريف، هندستان ۾ ٿي، جتي هو زيارت
سندس وارث پٽ عبدالعزيز پٽو ٿيو. جنهن ڳوٺ پير بخش پٽو ۾ تعليم حاصل ڪئي، ۽ پر
تعليم ورتي. هو هڪ عالم بڻيو. ١٩٢٠ع ۾ هن پنهنجو ڳوٺ ڇڏيو، حيدرآباد شهر جي هير
اختيار ڪئي. دين جي خدمت ۽ درس تدريس لاءِ هو اتي حيدرآباد آباد ٿيو هو. جتان هو ڳو
سندس جي زمين تي قبضي جو مسئلو ٿي پيو جيڪو حل ڪيو. هو سخي، ملنسار ۽ ماڻهن جو
طور سڃاتو ويندو هو. هن غريب ماڻهن جي خدمت لاءِ پاڻ کي وقف ڪيو هو. سندس جي ١٩٦٧ع ۾ وفات ٿي.
موجب کيس سوئي شريف ۾ دفن ڪيو ويو. هو ڳوٺ جي وڏيري پير بخش پٽو جي خاندان مان هو. سندس اولاد ۾ ٿي
پٽ محمد الياس پٽو، مشتاق احمد پٽو، عبدالرزاق پٽو ۽ چار نياڻيون هيون. **وڪيل محمد الياس پٽو ١٩٢٩ع ۾ جنم ورتو.** ابتدا ڪان ڏهين درجي تائين نور محمد هاءِ اسڪول، حيدرآباد ۾ تعليم حاصل ڪيائين. ان ڪانپوءِ انٽر، بي اي، ۽ ايم اي
جون ڊگريون پڻ حيدرآباد مان حاصل ڪيائين. بعد ۾ LAW College، حيدرآباد مان قانون جي ڊگري حاصل ڪئي. پاڻ ڏهه سال
سيشن ڪورٽ ۾ ڪلارڪ طور ڪم ڪيو، پر ١٩٦٤ع ۾ نوڪري تان استعيفا ڏني، باقاعدي طور وڪالت شروع ڪيائين. ڏهرڪي موٽي
اچڻ ڪانپوءِ سکر، گهوٽڪي، اباوڙو سميت ڪيترين ئي عدالتن ۾ وڪالت ڪئي. خاص طور سول ڪيسن ۾ وڏي مهارت رکندو هو. محمد
الياس پٽو سياسي، سماجي ۽ رحم دل انسان طور سڃاتو ويندو هو. ڪيترن ئي جونيئر وڪيلن جي رهنمائي ڪيائين ۽ بي وس، غريب
ماڻهن جا ڪيس بغير فيس جي وڙهندو رهيو. هو شهيد ذوالفقار علي پٽو جو وفادار ساٿي هو ۽ ١٩٦٧ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شامل
ٿيو. پ پ پ ڏهرڪي جو پهريون جنرل سيڪريٽري به محمد الياس پٽو ئي مقرر ٿيو. ان وقت تنظيم جو صدر رٽائرڊ هيڊ ماسٽر منظور
احمد پٽو هو. جڏهن ته ضلعي سکر جو صدر شمس الدين شاه وڪيل (هنگورو، پنو عاقل) هو. محمد الياس پٽو پيپلز لائير فورم ۾ به اهم
عهدن تي فائز رهيو. ١٩٨٣ع ۽ ١٩٨٦ع جي سياسي تحريڪن دوران کيس جيل به وڃڻو پيو. هو ورڪرن جا ڪيس بلا معاوضي وڙهندو هو.
پيري سبب. ٢٠٢٢ع ۾ سندس وفات ڪيائين. **سندن اولاد ۾:** ٽي پٽ – ١. عبدالغفار پٽو ٢. رضا محمد پٽو ٣. عبدالرشيد پٽو ۽ نياڻيون
پڻ آهن. سندن وارثن ۾ ڪيترائي پٽ، پوٽا ۽ پوٽيون شامل آهن.

**ايڊووڪيٽ عبدالغفار پٽو** سال ١٩٥٤ع ۾ حيدرآباد ۾ جنم ورتو. تعليم جي ابتدا
نور محمد هاءِ اسڪول، حيدرآباد مان ڪئي. پوءِ ڏهرڪي ۾ پي. هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ پاس
ڪيائين. انٽر ۽ بي اي موسوي ڪاليج، روهڙي مان ڪيائين. بعد ۾ بي ايڊ ۽ قانون جي ڊگريون
پڻ حاصل ڪيائين. عبدالغفار پٽو ١٩٧٦ع کان ١٩٨٧ع تائين هڪ هاءِ اسڪول ۾ استاد طور ڪم
ڪندو رهيو. بعد ۾ وڪالت جي شعبي ۾ قدم رکيو. هو ڏهرڪي تعلقي بار جو صدر پڻ رهيو
(٢٠٠٩ع کان ٢٠١٤ع تائين). مشرف دور ۾ به بار جي
سياسي ۽ تنظيمي سرگرمين ۾ تمام سرگرم رهيو.
ڪيترين ئي سماجي تحريڪن ۾ به ڀرپور حصو

ورتائين. هو ١٩٨٦ع جي تحريڪ دوران پيپلز پارٽي جي ڪارڪن طور جيل ويو. عبدالغفار
پٽو شهيد ذوالفقار علي پٽو ۽ محترمه بينظير پٽو سان بي پناهه محبت ۽
عقيدت رکندو هو. سندس شخصيت ۾ جدوجهد، قرباني، همدردي، ۽ عوام
سان وابستگي جو جذبو نمايان هو. **سياسي سرگرميون ۽ پيپلز پارٽي سان وابستگي:** عبدالغفار پٽو پاڪستان پيپلز پارٽي جو وفادار، نظرياتي ۽ انتهائي سرگرم ڪارڪن

رهيو. شهيد ذوالفقار علي پٽو ۽ محترمه بينظير پٽو سان سندس جذباتي وابستگي هئي. هن پارٽي جي فڪر، منشور ۽
عوامي خدمت جي جذبي سان سرشار ٿي، هر وقت جدوجهد جاري رکي. عبدالغفار پٽو نه رڳو پاڻ سياسي ميدان ۾
سرگرم رهيو، پر پنهنجي ساٿين کي به سياسي طور باشعور بڻايو. ڪين تنظيم سازي، اصولي جدوجهد ۽ عوامي
خدمت جو سبق ڏنو. **اولاد ۾:** پٽ: ١. عبدالستار پٽو ٢. زاهد علي پٽو ٣. غلام ياسين پٽو ٤. شاهد حسين پٽو ٥.
شهزاد علي پٽو. نياڻين ۾ زاهده پروين پٽو ٢ شاهده پروين پٽو.

# سليم اختر ملڪ قانون، خدمت ۽ روحانيت جو امتزاج

ڏهرڪي جهڙي شهر مان حاجي نياز محمد ملڪ جي گهر ۾ جنم وٺندڙ سليم اختر ملڪ نہ رڳو قانون جي دنيا جو روشن ستارو آهي، پر علم، خدمت، روحانيت ۽ اصولن جي علامت طور بہ سڃاتو وڃي ٿو. هو انهن نادر شخصيتن مان هڪ آهي، جن پنهنجي پوري حياتيءَ کي عدل، انسانيت، ۽ تعليم جي وات تي وقف ڪري ڇڏيو.

**تعليم ۽ ابتدائي شعور:** سليم اختر ملڪ پنهنجي تعليمي سفر جي شروعات پنهنجي اباڻي شهر ڏهرڪي مان ڪئي، جتي هن پرائمري، مدل ۽ ميٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي. انٽرميڊيئيٽ لاءِ هن پبلڪ اسڪول سکر ۾ داخلا ورتي، جڏهن تہ گريجوئيشن اسلاميہ ڪاليج سکر مان مڪمل ڪئي، جتي علم سان سندس لڳاءُ سندس مستقبل جي مضبوط بنيادن جو سبب بڻيو. ان ڪان پوءِ، سکر لا ڪاليج مان قانون جي ڊگري حاصل ڪري، پنهنجي تعليمي سفر کي وڌيڪ اڳتي وڌائيندي LL.M سنڌ جي ممتاز اداري سنڌ مسلم گورنمينٽ لا ڪاليج ڪراچي مان مڪمل ڪئي. وڪالت جي ميدان ۾ قدم رکيو. هن وقت ئي سندس اندر قانوني شعور جي ڪرڻ جهلڪي پئي. علمي دور ۾، هن نوجوان ساٿين سان گڏجي هڪ قانوني خدمتن جي تنظيم لا فائونڊيشن ۾ بہ خدمت خلق جو ڪم ڪيو. جيڪا غريبن ۽ بي وس ماڻهن جي مفت قانوني مدد ڪرڻ لاءِ سرگرم رهي. هي خدمت سندس شخصيت جو بنيادي جز بڻجي وئي، جنهن جي پٺيان خلوص، ايمان، ۽ سماجي انصاف جو جذبو لڪل هو.

**عدالتي ۽ قانوني سفر** سليم اختر ملڪ، پنهنجي علمي ۽ فڪري پختگي سان، سنڌ هاءِ ڪورٽ جو وڪيل (Advocate High Court) طور پاڻ کي مڃرايو. هن ڪي سول، فوجداري، آئيني ۽ ليبر قانون ۾ نمايان ماهريت حاصل آهي. **۲۰۰۸ ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان امتيازي نمبرن سان پاس ڪيو پر وڪالت سان محبت جي ڪري گورنمنٽ سروس جوائن نہ ڪئي** جيڪو سندس قابليت، محنت ۽ اعتماد جو زنده ثبوت آهي. سندس قانوني فڪر جي آبياري ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو مرحوم جسٽس عبدالرشيد ڪلوڙ، جن جي صحبت ڪيس اصولن جي

راهہ تي هلڻ سيکاري.

**سماجي خدمتون بنا اجرت جو خدمتگار:** سليم اختر ملڪ جي زندگي جو روحاني ۽ سماجي پاسو بہ انتهائي روشن ۽ متاثرڪن آهي. هو مسڪين ۽ ضرورتمند ماڻهن کي انصاف ڏيارڻ کي عبادت سمجهي بي لوث خدمت سرانجام ڏئي رهيو آهي.

هو عبدالفتاح سميجو لا ڪاليج، ڏهرڪي جو پرنسپل آهي، جتي هو بي لوث خدمتون پيش ڪري ٿو. سندس خواب آهي تہ علائقي جي نوجوانن لاءِ قانون جي معياري تعليم جا در کوليا وڃن، ۽ هو اعليٰ مقام تي پهچي سگهن.

**روحانيت ۽ مذهبي جذبو:** سليم اختر ملڪ سچي معنيٰ ۾ عاشق رسول صلي الله عليہ و آلہٖ وسلم ۽ روحاني لاڳاپن جو امين آهي. سندس شخصيت هڪ اهڙي وڪيل جي آهي، جيڪو قانون جي ڪتاب سان گڏ دل جي صفائيت ۽ روح جي روشني بہ ساڻ کڻي هلندو آهي.

**جامع جائزو:** سليم اختر ملڪ کي صرف وڪيل چئجي تہ گهٽ ٿيندو. هو هڪ اهڙو انسان آهي، جيڪو پنهنجي علم، ايمانداري، ۽ سماجي خدمت سان قانوني ميدان ۾ هڪ اخلاقي معيار قائم ڪري ويو آهي. هو هڪ وقت ۾ استاد، خدمتگار، قانوندان، روحاني عاشق ۽

# ڊاڪٽر غفور بخش قريشي ڏهرڪي جو پهريون ايلوپيٿڪ ڊاڪٽر

**هڪ مهربان طبيب ۽ حساس شاعر:** ڊاڪٽر غفور بخش قريشي": ڊاڪٽر غفور بخش قريشي ڏهرڪي جو پهريون MBBS ايلوپيٿڪ ڊاڪٽر هو, سندس جي دور جا ماڻهو ٻڌائين ٿا ته ڊاڪٽر غفور بخش کي خداوند جي ذات عطا ٿيل هئي هو مريض جي ڪيفيت چال ڍال مان سندس مرض سڃاڻي وٺندو هو, غفور بخش قريشي هندستان جي شهر آگره ۾ پيدا ٿيو هو ۽ علي ڳڙهه ۽ آگره ۾ تعليم حاصل ڪيائين, ٻين مهاجرن جيان غفور بخش کي به هندستان ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ويو پاڻ پنهنجي پائرن سالم بخش قريشي ڪريم بخش قريشي پٽ ڊاڪٽر محمد نعيم قريشي, محمد فهيم ايڪسين ,KESC ڊاڪٽر محمد نسيم, ايڊوڪيٽ محمد شميم, محمد وسيم Mill Owner گهرواري ۽ جيڪا ٽيچر هئي ٻن نياڻين سان گڏ پاڪستان لاءِ روانو ٿيو, ڪين اتان سامان به نه ڪٽڻ ڏنو ۽ منزلون طئي ڪندا پهريان سنڌ جي شهر سڪرنڊ پهتا سڪرنڊ ۾ ڊاڪٽر جي حيثت سان نوڪري ڪئي اتان بدلي ڪري مورو ۽ سڪر ۾ جاب ڏني ويئي آخر اٻاوڙو تعلقه اسپتال ۾ سينيئر ڊاڪٽر جي حيثيت سان مقرر ٿيو, پر ڪين اٻاوڙو ۾ مزو نه آيو ۲۰۵۰ ڏهرڪي آيا هتي ڪين ڄام محمد نواز حاتن خان ڌهر ڪيس رهائش جي جڳهه ۽ اسپتال لاءِ بنگلي جا ڪجهه ڪمرا ڏيئي ڇڏيا, غفور بخش هڪ اڻٿڪ محنت ڪندڙ, نيڪ طبيعت، علم دوست، ادب سان محبت ڪندڙ ۽ انسانيت جي خدمت جو جذبو رکندڙ عظيم انسان هئا. سندن زندگي علم، خدمت ۽ محبت جي پيغام سان سرشار هئي.

**تعليم ۽ هجرت:** ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ابتدائي تعليم هندستان ۾ حاصل ڪئي ۽ آگره مان ايم بي بي ايس (MBBS) جي ڊگري حاصل ڪئي. ۱۹٤۷ع جي ورهاڱي دوران پنهنجي خاندان سان گڏ پنهنجا آبائي گهر ڇڏي منزلون طئي ڪندي ڏهرڪي اچي پهتا. هي هجرت سندن زندگيءَ جو سڀ کان ڏکيو دور هو، پر هن پنهنجي حوصلي، علم ۽ خدمت سان نئين سر زندگي شروع ڪئي. اُهو دور هو، جڏهن ڊاڪٽر گهٽ هئا، پر بيماري به گهٽ هئي. ڏهرڪي ۾ ڊاڪٽر جو اڻاٺ هئڻ جو هڪ سبب اهو به هو ته ماڻهون تندرست هئا – ڪم ڪار، پيدل هلڻ، سادو کاڌو سندن حياتيءَ جو حصو هو. پاڻ ٺهيل ديسي گيهه، مکڻ، ماکي، ۽ خالص کاڌ خوراڪ سان ماڻهن جي مدافعت مضبوط هئي. عام ماڻهو "ٽڪي ڦوٽو" کائي يا لوڻ-لوڻ سان گندم جو شوربو پيئڻ سان صحتياب ٿي ويندا هئا. علاج جو وڏو حصو دعا، پروسو ۽ سادگيءَ تي ٻڌل هو، ۽ جسماني طاقت قدرتي هئي. ان پسمنظر ۾ ڊاڪٽر غفور بخش قريشي جي اچڻ کي ماڻهن هڪ مهرباني سمجهيو، نه ته ضرورت. ڏهرڪي جي "قريشي بازار" ڊاڪٽر غفور بخش جي نالي سان مشهور آهي. هن پنهنجي طبابت جي ذريعي ماڻهن جي خدمت جو مثال قائم ڪيو. غريب، مسڪين، بي وس ماڻهن لاءِ هو رحمت کان گهٽ نه هو. هو بي پهچ ماڻهن جو بلا معاوضي جي دوا ڏيندو هو، مريضن سان نرم رويو، ۽ همدرديءَ سان پيش اچڻ سندن خاص خوبيون هيون... ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ابتدائي تعليم هندستان ۾ حاصل ڪئي ۽ آگره مان ايم بي بي ايس MBBS جي ڊگري حاصل ڪئي. ۱۹٤۷ع جي ورهاڱي دوران پنهنجي خاندان سان گڏ پنهنجا آبائي گهر ڇڏي منزلون ڪندي ڏهرڪي اچي پهتا. هي هجرت سندن زندگيءَ جو سڀ کان ڏکيو دور هو، پر هن پنهنجي حوصلي، علم ۽ خدمت سان نئين سر زندگي شروع ڪئي. ڏهرڪي جي "قريشي بازار" ڊاڪٽر غفور بخش جي نالي سان مشهور آهي. هن پنهنجي طبابت جي ذريعي ماڻهن جي خدمت جو مثال قائم ڪيو. غريب، مسڪين، بي وس ماڻهن لاءِ هو رحمت کان گهٽ نه هو. هو بي پهچ ماڻهن جو بلا معاوضي جي دوا ڏيندو هو، مريضن سان نرم رويو، ۽ همدرديءَ سان پيش اچڻ سندن خاص خوبيون هيون. ڪلينڪ کان ٿوري پنڌ تي ڏهرڪي جو پهريون ميڊيڪل اسٽور رشيد ميڊيڪل اسٽور هو.

**ادبي خدمتون:** ڊاڪٽر قريشي رڳو طبيب نه پر هڪ اعليٰ درجي جا شاعر ۽ اديب پڻ هئا. سندن شاعريءَ ۾ هجرت جا درد، انسانيت جي محبت، سماجي سچايون ۽ خلوص جي مهڪ جهلڪندي آهي

**طبابت جي ميدان ۾ خدمتون:** ڊاڪٽر غفور بخش قريشي نه رڳو ڏهرڪي جي رهواسين پر پرپاسي جي ڳوٺاڻن لاءِ به هڪ اميد جو ڏيئو ٻڌجي رهيا. رات جو دير سان به مريض اچن ته سندن علاج ڪرڻ کان نه ڪيٻائيندا هئا. انهن جي ڪلينڪ سدائين علم، محبت ۽ قرباني جي علامت هئي.

**وفات ۽ ياد:** ڊاڪٽر غفور بخش قريشي ۱۹۷٤ع ۾ هي فاني دنيا ڇڏڻ بعد اڄ به ڪيس دل جي گهرائين سان ياد ڪري ٿي.

ڊاڪٽرُ غَفُورُ بَخش وَلَدُ رَحِيمُ بَخش، نَعِيمُ قُرَيْشِي (اوير)، فَهِيمُ قُرَيْشِي (ڪراچي)، شَمِيمُ قُرَيْشِي (ڪراچي)،
نَسِيمُ قُرَيْشِي (ڏَهَرْڪِي)، حَلِيمُ قُرَيْشِي (ڏَهَرْڪِي)، وَسِيمُ قُرَيْشِي (ڏَهَرْڪِي) سَبُ مَرْحُومُ ٿِي چُڪَا آهِن.
ڊاڪٽرُ غَفُورُ بَخش جَا ڏوهِٽا، راشِدُ قُرَيْشِي وَلَدُ وَسِيمُ قُرَيْشِي ۽ سَجّادُ قُرَيْشِي وَلَدُ وَسِيمُ قُرَيْشِي،
هِنَ وَقْتَ ڏَهَرْڪِيءَ ۾ رهن ٿا. هِنَن جو رِهائِشُ قُرَيْشِي هائوس، قُرَيْشِي مُحَلُو، ڏَهَرْڪِي

## استاد گامڻ خان شر جي زندگي جو مختصر احوال

گامڻ خان شر ولد سڪيلڏو شر جنم جي صحيح خبر ناهي پر اسڪول ريڪارڊ مطابق ١٤/٠٤/١٩٦٥ آهي جنم يومي ڏهرڪي پر سان ڳوٺ غلام علي ڏهر ۾ ٿيو اصل ڳوٺ سردار محمد خان شر ڀيروتا آهي گڊو بئراج ٺهڻ کانپوءِ وڏا ڪوپر اسٽيشن جي پرسان لڏي آباد ٿيا جتي هاڻي ڳوٺ سڪيلڏو شر آهي ڳوٺ ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول هلي ٿو **تعليم شروعاتي تعليم** پنج درجا گورنمينٽ پرائمري اسڪول رسولپور صوفي مان حاصل ڪئي . ڇهين درجي کان ميٽرڪ تائين گورنمينٽ پراونشلائزڊ هاءِ اسڪول ڏهرڪي ۾ حاصل ڪئي . فرسٽيئر کان بي اي تائين گورنمينٽ ڊگري ڪاليج شڪارپور روڊ سکر مان حاصل ڪئي ٢٧/٠٢/١٩٨٦ تي **سردار آغا احمد يار خان شر جي ايس ٽي** جي نوڪري وٺي ڏني پهرين پوسٽنگ گورنمينٽ مڊل اسڪول مارو والا ۾ ٿي نوڪري سان گڏ تعليم جاري رکي ايم اي سنڌي ۾ ڪئي بي ايڊ ايجوڪيشن ڪاليج سکر مان ڪئي ايم ايڊ ٽنڊو ڄام يونيورسٽي آف ڪيمپس ميرپور ماٿيلو مان ڪئي ايل ايل بي سنڌ يونيورسٽي مان ڪئي ١٩٩٤ ۾ ايڇ ايس ٽي پروموشن ٿيو ٢٠١٩ ۾ ١٧ گريڊ ۾ هيڊ ماسٽر پروموشن ٿيو گورنمينٽ هاءِ اسڪول رهڙڪي ۾ هيڊ ماسٽر مقرر ٿيس ان سان گڏوگڏ تعلقه ايجوڪيشن آفيسر ميل ڏهرڪي ٿيس تعلقه ايجوڪيشن آفيسر فيميل ڏهرڪي ۽ تعلقه ايجوڪيشن آفيسر ميل اوٻاوڙو پڻ رهيس تازو ١٣ اپريل ٢٠٢٥ تي ڊپٽي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ضلع گهوٽڪي تان گورنمينٽ سروس کان ٦٠ سال عمر پوري ٿيوڻ تي ريٽائر ٿيو آهيان شر قبيلي جي قاسماڻي پاڙي جو پهريون فرد آهيان جيڪو ان عهدي تي پهتو آهيان تعليم سان گڏوگڏ پنهنجي زمينداري ٻه سنياري انتر ۾ هيس ته والد صاحب گذاري ويو گهر ڪي ٻه سنياريو اولاد کي تعليم ڏياري اولاد ۾ ڀٽ ڇهه نياڻيون آهن وڏو پٽ بي اي مڪينيڪل انجنيئرنگ ۾ آهي هن وقت جي اي ايس ٽي آهي ڇهن نياڻين کي پڙهايو آهي **سياسي طور جيئي سنڌ محاذ** سان وابسته رهيو آهيان . استادن جي تنظيم گسٽا ۾ ڀرپور ڪم ڪيو ضلعي جو جنرل سيڪريٽري ۽ طور ڪم ڪيو گزيٽيڊ آفيسر ايسوسيئيشن اسڪول ايڊمنسٽريشن جو سنڌ ليول تي مرڪزي انفارميشن سيڪريٽري طور ڪم ڪيو هن وقت گزيٽيڊ آفيسرز ايسوسيئيشن اسڪول ايڊمنسٽريشن جو مرڪز اليڪشن ڪاميٽي جو چيئرمين طور ڪم ڪريان پيو زندگي جو اهم ڪم **سردار آغا احمديار خان سان گڏ ڪم ڪيو** ۽ ڪجهه دقيانوسي خيالن رسم و رواج ختم ڪرايا جهڙوڪ سڱ چٽي ڪارو ڪاري هجي يا قتل وغيره ان ۾ بدلي ۾ ڀيا ٿي نياڻيون ڏنيون وينديون هيون جيڪي سموري زندگي عذاب ۾ گذاريندي هيون انهن کي ختم ڪري بدلي ۾ پئسا مقرر ڪرايا **هيٺ ويهڻ** جيئن ته صرف سردار مٿي ڪرسي تي ويهندو هيو باقي سڀ هيٺ ويهندا هئا سردار آغا احمد يار خان هڪ قومپرست سردار هيو ان تي سائين جي ايم سيد جي نظريي جو وڏو اثر هيو ان ڪري مان هيٺ ويهڻ واري اصول تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ سردار هيٺ ويهارڻ بند ڪري ڇڏيو ڪارو ڪاري جيئن ته فيصلن ۾ ڇيو ويندو هيو زال کي مڙس ڪاٽ جي بند سان ڪارو ڪري ته اها ڪاري سمجهي ويندي سردار آغا احمد يار خان سان ان معاملي تي ڳالهه ٻولهه ٿي ۽ اصول ۽ معيار مقرر ڪرايا . لائبرري استاد گامڻ شر جي گهر ۾ هڪ لائبرري آهي جنهن ۾ ادبي تاريخي تدريسي ڪتابن سان گڏ صوفي ازم جو پيروڪار آهيان ڪتابن جو مطالعو جنم گذاريم جن سين، اهي ڏينهن اهي شينهن، هو ڏوٿي هو ڏينهن، شهاب نامه، مان سنڌ ڳالهائي ٿي، جيئن ڏٺو آمون، قاسي جي چانو ۾، چي گويرا، ماضي حال مستقبل سنڌ چوءِ چالاءِ، سياست جانور تن مثنوي مولانه رومي، ماهه منير، پٺوءِ مجيب، سانگهڙ، نيٺ صبح ٿيندو، ڪشف المحجوب ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب موجود آهن.

**مولوي خير محمد پٿو:** هڪ مختصر حياتي نامو مولوي خير محمد پٿو، ١٩٥٢ع ۾ مومل جي ماڙي، ضلعو گهوٽڪي ۾ ڄائو، غلام قادر پٿو جو فرزند هو. هو ٻه ڀائرن مان هڪ هو. **تعليمي سفر:** مولوي صاحب پنهنجي ڳوٺ ۾ قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪئي. ان کان پوءِ ميرپور ماٿيلو جي هڪ مدرسه ۾ عالم دين جو ڪورس مڪمل ڪيو. پيشورانه زندگي: ديني تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ، هو ڏهرڪي جي مسلم ڪالوني ۾ آباد ٿيو. اتي چوڌري محمود ڪيس پنهنجي پراپرٽي جي نگهباني لاءِ فل اٿارني سان ملازم رکيو. مولوي صاحب مختلف مدرسن ۾ درس تدريس جا فرائض سرانجام ڏنا ۽ عربي زبان تي عبور حاصل ڪيو. **سماجي ۽ سياسي سرگرميون:** ١٩٨٥ع ۾، مولوي صاحب پٿو ويلفيئر ايسوسيئيشن ۾ شامل ٿيا ۽ حج جو فريضو ادا ڪيو. هو ١٩٩٠ع ڌاري ڏهرڪي شهري اتحاد جا جنرل سيڪريٽري ٿيا. هو ديوبند مسلڪ جا پوئلڳ هئا ۽ مولانا عبيدالله سنڌي جي فڪر سان متاثر هئا. **زندگي جو آخري دور:** زندگي جي آخري دور ۾، مولوي صاحب بيمارين جي ڪري بستري تي رهيا ۽ آخرڪار مالڪ حقيقي سان وڃي مليا. مولوي خير محمد پٿو جي زندگي ديني، تعليمي، سماجي ۽ سياسي خدمتن سان ڀرپور هئي، جنهن سان هن علائقي ۾ هڪ نمايان حيثيت حاصل ڪئي.

# استاد غلام قادر لاڙڪ تعليمدان، سماجي ورڪر جي زندگي جو مختصر تعارف

**مرحوم استاد غلام قادر لاڙڪ (سابق سپروائيزر، ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ، تعلقو ڏهرڪي)**

استاد غلام قادر لاڙڪ، سنڌ جي علم، سچائي ۽ سماجي خدمت جي روشن مثال هئا. پاڻ ١ جنوري ١٩٥١ تي ڳوٺ نئون ڪوٽ ۾ جنم ورتو. والد جي لاڏاڻي سبب پاڻ ابتدائي دور کان ئي يتيمي جي حالتن سان منهن ڏيندي، همت، صبر ۽ محنت سان علم جو سفر جاري رکيو. پاڻ ايم. اي ۽ ايم. ايڊ تائين تعليم حاصل ڪئي. **تدريسي سفر جو آغاز هڪ پرائمري استاد طور ڪيو .** بعد ۾ HST ۽ پوءِ ١٧ گريڊ ۾ سپروائيزر (Beat Officer) طور پنهنجي خدمتن جا جوهر ڏيکاريائين. شاندار ملازمت بعد پاڻ باعزت ريٽائرڊ ٿيا. استاد غلام قادر لاڙڪ نه رڳو تعليمدان، پر هڪ مثالي سماجي ورڪر پڻ هئا. پاڻ **مرشد پبلڪ اسڪول** ۾ مغل محلو جو بنياد وڌو، جيڪو پنهنجي پاڻُ، مرحوم استاد علي حسن لاڙڪ جي نالي سان منسوب ڪيو. پاڻُ جي لاڏاڻي بعد اسڪول جي ذميواري پاڻ ۽ سندن فرزند جي. ايم لاڙڪ سنڀالي. هي ادارو تعليم جي شعبي ۾ هڪ مشعل راه بڻجي ويو. پاڻ پنهنجي **ڳوٺ ۽ علائقي جي سماجي ۽ تعليمي واڌاري لاءِ سدائين سرگرم رهيا .** سندن زندگي سادگي، ايمانداري، شرافت ۽ خلوص جو پيڪر هئي. ڪيترائي شاگرد جيڪي اڄ اعليٰ عهدن تي فائز آهن، سندن ئي تربيت جو نتيجو آهن.

**خاندان جو تعارف :** وڏو پٽ: غلام مجتبيٰ لاڙڪ (جي. ايم لاڙڪ) – شاعر، اديب، سماجي ورڪر ننڍو پٽ: منصور قادر لاڙڪ – آءِ ٽي ماهر، ايف ايف سي ۾ ملازمت ڪري ٿو. **نياڻيون :** ٽي، جيڪي به والد جي تربيت هيٺ باوقار زندگي گذاري رهيون آهن. **خراج عقيدت:** استاد غلام قادر لاڙڪ جو نالو سنڌ جي انهن باوقار استادن ۾ شامل آهي جن پنهنجي محنت، ايمانداري ۽ تعليم لاءِ جذبي سان نسلن کي سنواريو. پاڻ هڪ روشن مينار جيان هئا، جنهن جي روشني سدائين سندن شاگردن، اولاد ۽ سماج لاءِ راهه روشن ڪندي رهندي. الله پاڪ کين جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. آمين.

استاد غلام قادر لاڙڪ، غلام مجتبيٰ لاڙڪ (جي. ايم لاڙڪ) ننڍو پٽ: منصور قادر لاڙڪ پائٽيو گل منير لاڙڪ، پوٽو عادل مجتبي لاڙڪ، محمد عديل لاڙڪ، محمد راحيل لاڙڪ

## عبدالحڪيم مهر جي تعليمي خدمتن کي وساري نہ سگهبو

ڏهرڪيءَ جو تعليمي روشن مستقبل, عبدالحڪيم مهر جون خدمتون: ڏهرڪي ۽ ان جي پسگردائي جي علائقن ۾ تعليمي ترقيءَ جو جڏهن بہ ذڪر ايندو, تہ تاريخ ۾ عبدالحڪيم مهر جو نالو پهرين نمبر تي هوندو. ڏهرڪي تعلقي جي ريگستاني علائقي راجا فارم ۽ ڏهرڪي شهر کي شاگردن کي بہ مفت تعليم جا ادارا ڏنا، سڀ کان پهريان هن پنهنجي جمع پونجي انهن ٻن تعليمي ادارن نيو فائونڊيشن پبلڪ هاءِ اسڪول ۽ برائٽ بگننگ پبلڪ هاءِ اسڪول تي لڳائي بهترين ۽ معياري ادارا قائم ڪري ڏيکاريا. عبدالحڪيم مهر جيڪو نہ رڳو تعليم جو علمبردار آهي، پر هو عملي جدوجهد ذريعي هزارين ٻارن جي مستقبل کي روشن بڻائي رهيو آهي, تعليمي ميدان ۾ عملي جدوجهد عبدالحڪيم مهر جو خواب صرف تعليم کي عام ڪرڻ نہ، پر ان کي معياري بڻائڻ بہ آهي. ڏهرڪي کان اوڀر، راجا فارم جي ريگستاني علائقي ۾ قائم "نيو فائونڊيشن پبلڪ هاءِ اسڪول" هڪ مثالي تعليمي ادارو آهي، جتي نہ صرف جديد تعليمي سهولتون موجود آهن، پر شاگردن جي سڌاري لاءِ خاص انتظام بہ ڪيا ويا آهن, اسڪول ۾ ۵۰ کان وڌيڪ ڪلاس روم، ڪمپيوٽر ليب، لائبريري، اسپتال ۽ مهمانن لاءِ اوطاق موجود آهن. عبدالحڪيم مهر معياري تعليم کي هٿي وٺائڻ لاءِ **پنهنجي اسڪولن ڪاپي ڪلچر** جي خاتمي لاءِ بهترين تعليمي نظام رائج ڪيو ويو آهي, اسڪول جا شاگرد پاڪستان جي نالي وارن يونيورسٽين ۾ داخلا وٺي رهيا آهن, ڪيترائي شاگرد اينگرو، ايف ايف سي ۽ ٻين وڏين ڪمپنين ۾ اعلي عهدن تي فائز آهن, ڏهرڪيءَ ۾ تعليمي انقلاب ڏهرڪي شهر ۾ "برائيٽ بگننگ پبلڪ هاءِ اسڪول" عبدالحڪيم مهر جي هڪ ٻي شاندار ڪاميابي آهي، جتي ۲۵۰۰ کان وڌيڪ شاگرد اعلي ا تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. اسڪول جي ۷۰ ڪلاس رومز کي مڪمل طور تي سولر انرجي تي منتقل ڪيو ويو آهي, شاگردن کي عالمي تعليمي مقابلن ۾ حصو وٺڻ جا موقعا فراهم ڪيا ويا آهن، جن جا ڪيترائي انعام مهر صاحب جي آفيس ۾ محفوظ آهن. ۳۵۰۰ کان وڌيڪ شاگردن جي معياري تعليم جو بندوبست ڪيو ويو آهي، **سنڌ جي ٻين علائقن تائين خدمتون:** عبدالحڪيم مهر جون تعليمي خدمتون صرف ڏهرڪي تائين محدود نہ آهن، پر سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ بہ هن جو اثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو، TCF اسڪول ڏيٺا پيا اسٽيشن، حيدرآباد جي بنياد وجهڻ ۾ سندس اهم ڪردار رهيو, بدين ضلعو ۽ ٻين علائقن ۾ تعليمي ليڪچرن ۽ ورڪشاپس ۾ سرگرمي سان حصو وٺندو آهي, سنڌ جي يونيورسٽين ۾ استادن ۽ شاگردن لاءِ تربيت جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو. عبدالحڪيم مهر عملي جاکوڙ جو مثال آهي هن شخص جي زندگيءَ جو خاص پهلو اهو آهي تہ هو صرف تقريرون نہ ٿو ڪري، بلڪ پاڻ ميدان ۾ رهي ڪري ڪم ڪري ٿو ۽ اسڪولن جي روزاني بنياد تي نظرداري ڪندو آهي، استادن ۽ شاگردن سان ملاقاتون ڪندو آهي، ۽ کين سٺي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اتساهہ ڏئي ٿو ,هن جو پنهنجو وڏو فرزند ڊي سي ۽ ننڍو ايس پي آهي، جڏهن تہ نياڻيون بہ اعليٰ تعليم حاصل ڪري چڪيون آهن, خود پنهنجي شريڪ حيات سان گڏ اسڪول جي هڪ ڪمري ۾ رهي ٿو تہ جيئن هر وقت تعليمي نظام تي نظر رکي سگهي.

**عبدالحڪيم مهر جي اولاد:** ـ عبدالرؤف مهر (ڊپٽي ڪمشنر) ضلع لودهران عهدو: پنجاب *ذميواريون:* ضلعي انتظاميا جي سربراهي، ترقياتي منصوبن جي نگراني، قيمتن تي ضابطو، ۽ عوامي سهولتن جي فراهمي. *فعاليت:* عبدالرؤوف مهر ضلعي لودهرا ۾ قيمتن تي ضابطو رکڻ لاءِ مارڪيٽن جي دوري ۽ نگراني ڪندا رهن ٿا. انهن جي قيادت ۾ ضلعي انتظاميا عوامي سهولتن جي بهتري لاءِ سرگرم آهي. - **عبداللطيف مهر** (**سپرنٽنڊنٽ آف پوليس**) **عبداللطيف مهر** (**ايس ايس پي**) **عهدو: ايس ايس پي ۾** پوليس سروس آف پاڪستان (PSP) تعليمي پس منظر: * فلبرائٽ اسڪالرشپ تحت شڪاگو يونيورسٽي، آمريڪا ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪئي. تجربو: پوليس سروس ۾ مختلف عهدن تي خدمتون انجام ڏنيون. **نياڻيون** ـ شهنار حاڪم (ايم.اي، بي.ايڊ) - ڊاڪٽر مهرناز حاڪم (ايف.سي.پي.ايس، ٻارن جي ماهر) - مرڪ (ڊائريڪٽر، پرڏيهي آفيس – CSS 43هون ڪامن)

# ڏهرڪي جي تعليمي ادارن ۾ نوان لاڙا متعارف ڪرائيندڙ ڊاڪٽر صدورو ناز ڪيريو

**ڊاڪٽر صدورو ناز ڪيريو** جو تعلق نوابشاهه ضلعي جي تعلقي سڪرنڊ - جي ڳوٺ حاجي ڪيريو سان آهي. سندس ٻالڪپڻ گاهه ڪرڻ، مال چارڻ ۽ مزدوري ڪندي گذريو آهي، پر تعليم سان سندس لڳاءُ رهيو آهي. والد جي به خواهش هئي ته سندس پٽ ڊاڪٽر بڻجي. سندس پيءُ غريب هجڻ جي باوجود هن کي همٿائيندو رهيو. بنيادي تعليم جا ڏاڪا عبور ڪري، ٽنڊوڄام زرعي يونيورسٽي مان ڊاڪٽر آف وٽنري ميڊيسن ۾ ڊگري حاصل ڪيائين. سنڌ يونيورسٽي ۾ رورل ڊيولپمينٽ ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪري ادارتي ۽ پيشيوارانا زندگي جي شروعات ڪندي ليڊ پاڪستان، نيشنل ليول جي سماجي اداري اندر تعليم جي ميدان ۾ پنهنجي پروفيشنل زندگي جو آغاز ڪيو. گورنمينٽ آف پاڪستان جي اداري ڊيري ڊولپمينٽ بورڊ ۾ فيلڊ آپريشن مينيجر طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. هن جي مستقل مجازي، ڪم سان لڳاءُ ڪري ڪيس اينگرو فُوڊز سکر ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. جتي زونل ايگري سروس مينيجر طور خدمتون سرانجام ڏنيون سندس جي صلاحيتن سبب ڪيس اينگرو فائونڊيشن ۾ شامل ڪيو ويو. جتان ڪيس اينگرو فرٽيلائيز ڏهرڪي، اينگرو پاور پلانٽ گهوٽڪي سي ايس آر عوامي ڀلائي جي شعبي ۾ ڊپٽي پروگرام مينيجر طور ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. هن

ڪوششون ڪري صحت، ڳوٺن جي بنيادي ضرورت پيئڻ جي صاف پاڻي جا پلانٽ لڳائڻ سان گڏوگڏ، تعليم کي خاص اهميت ڏني. ڏهرڪي جي اسڪولن جي واڌاري لاءِ پنهنجيون صلاحيتون استعمال ڪيون. ڊاڪٽر صدورو اينگرو فائونڊيشن جي تعاون سان سهارا اسڪول ۽ اينگرو پاور پلانٽ جي ويجهو مختلف ڳوٺن جا ١٣ اسڪول ايڊاپٽ ڪري لڳ ڀڳ ٣٠٠٠٠ ٽي هزار ٻارن کي معياري تعليم

حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏنو. اسڪولن ۾ ڪمپيوٽر ليب، تربيتي يافته استاد مهيا ڪري مثالي اسڪول بنايا آهن. ڊاڪٽر صدورو گهوٽڪي جي ڪچي ۾ مثالي ڪم ڪيو آهي جتي هاڻي ٻارن جي هٿن ۾ اصلحي بجاءِ قلم ۽ ڪتاب آهن. جيڪو ڪچو نوگوز ايريا هوندو هو، هن ڪچي جي ماڻهن کي محبت پيار ۽ امن لاءِ آماده ڪيو آهي. ٻارن جا والدين جيڪي اڳ ٻارن کي غلط تربيت ڏيندا هئا اڄ اهي والدين ٻارن جي بهترين مستقبل جا خواب ڏسي رهيا آهن. هن ڌاڙيلن جي راڄ، گهوٽڪي جي ڪچي ۾ ١٥ اسڪول کولي لڳ ڀڳ ٢٥٠٠ ٻارن لاءِ معياري تعليم جو بندوبست ڪري، ٻارن ۾ تعليمي شعور پيدا ڪيو آهي. اڄ نانگ واهه ڪچي جي علائقي جي نوجوانن جي هٿ ۾ ڪلاشنڪوف جي جڳهه تي قلم آهي ڪچي جا اهي ٻار انجنيئر، ڊاڪٽر، استاد ۽ ملڪ جي مختلف فورسز ۾ نوڪريون ڪن ٿا. جنهن جي ڪري اتي جي نوجوانن ۾ تعليم جو چاهه پيدا ٿيو. ڳوٺ جي ماڻهن کي آماده ڪري نياڻين

تعليم لاءِ هڪ الڳ گرلز مڊل اسڪول منظور ڪرائي نياڻين جي تعليم شروع ڪرائي آهي، اينگرو ۽ ڊاڪٽر صدورو جي بدولت ڪچي جي علائقي جو نياڻيون ان اسڪول ۾ ٽيچر طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيون آهن. ڊاڪٽر صدورو اينگرو کان علاوه هڪ تعليم دوست عبدالحڪيم مهر سان گڏجي ٿر جي ريگستاني پٽي ۾ نيو فائونڊيشن اسڪول ڳوٺ آدم مهر ۽ ڏهرڪي ۾ برائٽ بگنگ اسڪول جو بنياد وڌو. انهن اسڪولن جو انتظامي نظام سنڀالي، جديد تعليمي لاڙا ۽ تبديليون آڻي غريب ٻارن کي معياري تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو. هي اسڪول ڪي جي کان وٺي هائر سيڪنڊري تائين ٥٠٠٣ ٻارن کي معياري تعليم مهيا ڪن ٿا هي ادارا جديد نصاب، سي سي ٽي وي سيڪيورٽي سسٽم، سميت نظم و ضبط ۽ شفافيت جي لحاظ کان علائقي ۾ منفرد حيثيت رکن ٿا. هي اهي اسڪول آهن جتي ڪاپي جو تصور به نه آهي جنهن جي ڪري هن اسڪول جا ٻار لِمس لاهور آء بي اي ڪراچي ۽ ملڪ جي ٻين بهترين ادارن ۾ زير تعليم آهي ڊاڪٽر ڪيريو صرف هڪ آفيسر نه آهي پر پنهجي قوم ۽ پنهنجي ڌرتي سان پيار ڪرڻ ۽ غريب مسڪين جي اميد جو نالو آهي. ڏهرڪي جهڙي پنتي پيل علائقي ۽ ڪچي جي خوفناڪ علائقن ۾ جتي تعليم جي جاءِ تي هٿيار، خوشين ۽ اميدن جي جڳهه تي اداسيون هيون اتي هاڻ ڪتابن جي خوشبو سان گڏوگڏ امن ۽ ڀائچارو آهي نوجوانن خاص ڪري ڪچي جا نياڻين لاءِ هو هڪ فرشتي جيان رحمت بڻجي آيو. اسان ڪيس هن بي مثال علمي ۽ سماجي خدمتن عيوض خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

# اشرف علي پتافي مختيارڪار ڍهرڪي

اشرف علي پتافي تاريخ پهرين اپريل ١٩٧١ع ۾ گل محمد پتافي جي گهر ۾ جنم ورتو. گل محمد پتافي غربت واري زندگي گذاري پاڻ خيرپور ٽيڪسٽائل مل ۾ ڪم ڪندو هو. ان وقت ڪيس ذوالفقار علي ڀٽو جي هاري ايڪٽ تحت گل محمد پتافي کي ڏهه ايڪڙ زرعي زمين ملي، ۽ اٺ ايڪڙ پنهنجي زمين گل محمد محنتي انسان هو. ۽ زمين کي وڌائڻ جو شوق هوس ۽ هڪ سو ايڪڙ زمين پنهنجي خريد ڪيائين. اشرف علي پتافي، پرائمري تعليم ڳوٺ چوهڙ پتافي مئٽرڪ هاءِ اسڪول داد لغاري انٽر سائنس گورنمينٽ ڊگري ڪاليج گهوٽڪي گريجويشن شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور ڪئي، ان بعد پنهنجي زمين به سنڀاريندو هو. هڪ پرائيويٽ ڪمپني ٨٥٠٠ رپين جي نوڪري ملي، جنهن بعد مختلف پرائيويٽ نوڪريون ڪرڻ جو موقعو مليو. سال ١٩٩٦ع ۾ روينيو ڊيپارٽمينٽ ۾ ڪلارڪ ڀرتي ٿيڻ سان شروعات ٿي منهنجي پهرين پگهار ١٦٠٠ رپيا هئي مونکي ٽپيدار طور ڪم ڪرڻ جو موقعو به مليو سال ٢٠٠٩ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي معرفت ڊپارٽمينٽل امتحان ۾ ڪاميابي ماڻي **اسسٽنٽ مختيارڪار** ٿيو. سال ٢٠١٤ع ۾ مختيارڪار طور پروموشن ٿيڻ سان خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي ۽ وڏ ۾ وڏ عرصو مختيارڪار ڍهرڪي رهي عوام جي خدمت ڪئي اٿس، مختيارڪار طور ضلعي گهوٽڪي خيرپور سکر نوابشاهه ڪراچي ملير ۾ پڻ پنهنجي ڊيوٽي سرانجام ڏيئي چڪو آهي. ڍهرڪي تعلقي ۾ خاص ڪري مها ٻوڏ سال ٢٠١٠ع ۽ برساتن جي تباه ڪارين ۾ سٺي ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيائين جنهن ڪري ڪيس انعام اڪرام سان نوازيو ويو. انڪانسواءِ ضلعي گهوٽڪي ۾ مختلف وقتن ۾ ٿيندڙ برساتن ۾ سٺي ڪم ڪرڻ عيوض ايوارڊ مليا. ڪرونا جي وبا ۾ مختيارڪارن پوري سنڌ ۾ بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو ويو پر اشرف علي پتافي گهر گهر ماني جو بندوبست ۽ راشن جي رسد کي يقيني بڻايو سال ٢٠١٩ع کان **ڍهرڪي شهر ۾ هر سال سستي ترين رمضان المبارڪ ۾ بچت بازار** جو ڪارنامو انجام ڏيندڙ آهي هن وقت تائين پنج بچت بازارون لڳائي چڪو آهي.

جيڪا سبسڊي دوڪاندار ڏيندا آهن ۽ هر ڪيمپ ۾ اٽڪل پنج ڪروڙ رپين جو غريب عوام کي فائدو ٿيندو آهي جيڪو غريب ماڻهن کي تمام فاعدو ٿيندو آهي جنهن جي عام ماڻهو تمام گهڻي تعريف ڪندا آهن اشرف علي پتافي پنهنجي آفيس ۾ باقاعدي سان ايندو آهي ۽ ڊيوٽي سر انجام ڏيندو آهي، ۽ زمين جي مسئلن ۾ سائيٽ وزٽ ڪري عوام جا مسئلا حل ڪندو آهي ۽ ڪوشش ڪري زمين جا مسئلا ڳالهين ذريعي حل ڪ رائيندو آهي.

**مختيارڪار اشرف علي پتافي ٧ جون سال ٢٠٢١ع ۾ ريتي لڳ ترين حادثي** ۾ صبح جو ڇئين وڳي بروقت پهتو ۽ پنهنجي ٽيم سميت لاش ۽ زخمين کي ڪٽائي اسپتال پهچايو مختيار ڪار اشرف علي پتافي جو جذبو ڏسي ڪيترن نيوز چينلز لائيو ٽيليڪاسٽ ڪيو.

**اشرف علي پتافي جي خاندان جو شجرو**: ڏاڏي جو نالو مڪٽو خان پتافي کي چار پٽ ١. علي محمد پتافي ٢. نور محمد پتافي ٣. لال خان پتافي ٤. گل محمد پتافي

گل محمد پتافي کي چار پٽ آهن. ١. اشرف علي پتافي (مختيارڪار) ٢. اعجاز علي پتافي (واٽر مينيجمينٽ ۾ آفيسر آهي)

٣. اختر علي پتافي ٤. انصاف علي پتافي ....

اشرف علي پتافي جي والد گل محمد پتافي جي جنم جي سال ١٩٤٦ع ۽ وفات ٢٠٠٨ع ۾ ٿي.

# الهڏتو خان شر ڏهرڪي جي هيرن مان هڪ روشن نالو

ڏهرڪي جي تاريخ ۾ الهڏتو خان شر (پلڪاٽي) جو نالو هڪ اهڙي بي مثال ڪاموري جي حيثيت سان اڀري ٿو، جنهن علم، ايمانداري، ۽ عوامي خدمت سان پنهنجي علائقي، سڄي سنڌ ۾ نيڪ نامي حاصل ڪئي.

ابتدائي زندگي ۽ تعليم: سندس ابتدائي تعليم ديهه راڄن پور جي گورنمنٽ پرائمري اسڪول مان مڪمل ٿي. محنت، لگن ۽ علم سان محبت ڪيس اڳتي وڌڻ جي همت ڏني. ميٽرڪ سکر مان حاصل ڪئي. گريجوئيشن ۽ ايم. اي انگلش اسلاميه ڪاليج سکر ۽ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان ڪئي.

سرڪاري خدمتون: سال ١٩٧٨ع ۾ تدريس جي ميدان مان پنهنجي عملي زندگي جي شروعات ڪئي، جڏهن هو گورنمينٽ پرائمري اسڪول چانڊن ۾ استاد طور پرتي ٿيو ۽ ١٩٨٣ع ۾ سي ايس ايس (CSS) پاس ڪري سنڌ جي اعليٰ انتظامي سروس ۾ شامل ٿيو. سال ١٩٨٤ع ۾ سکرنڊ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر طور پنهنجي انتظامي سفر جي شروعات ڪئي. سال ١٩٩٦ع ۾ نوشهرو فيروز جو ڊپٽي ڪمشنر (DC) مقرر ٿيو. اهي

الهڏتو خان شر جي شاندار ڪيريئر جون اهم ذميواريون: روينيو آفيسر ڪوٽڙي بئراج، حيدرآباد. -DCO سانگهڙ (٢٠٠٣ع–٢٠٠٧ع). -DCO خيرپور (٢٠٠٨ع). -DCO قمبر-شهدادڪوٽ (٢٠٠٩ع–٢٠١٠ع). سيڪريٽري فوڊ ڊپارٽمينٽ سنڌ (٢٠١١ع). -سيڪريٽري مائنز اينڊ منرلز سنڌ (٢٠١٢ع). ۽ سال ٢٠١٢ع ۾ اعليٰ اداري مان عزت ۽ احترام سان رٽائر ٿيا. خوبيون ۽ خدمتون: - الهڏتو خان شر ڪي سندس اعليٰ اخلاقي معيار، ايمانداري، ۽ عوام دوستي لاءِ سدائين ساراهيو ويو. هميشه غريبن جي مدد، ۽ انصاف جي فراهمي لاءِ جدوجهد ڪئي. اداري جي اندروني سڌاري، ترقياتي ڪمن جي نگراني ۽ سهولتن جي فراهمي ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو. سرڪاري ۽ سماجي ذميوارين ۾ ٻه سرگرم رهيو. ڳوٺ ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ ڪيترن ئي تعليمي، فلاحي ۽ سماجي ڪمن ۾ پنهنجو اثر ڇڏڻ ۾ ڪامياب ٿيو. سائين جي زندگيءَ جو پيغام: سندس زندگي اسان لاءِ فرض شناسي، ايمانداري ۽ عوامي خدمت جو روشن مثال آهي. سندن عملن اهو سبق ڏنو ته: "عهدو هجي يا علم، انهن جو اصل وقار تڏهن وڌي ٿو، جڏهن انهن کي عوام جي خدمت لاءِ استعمال ڪيو وڃي. خدمتون ۽ جذبو هميشه لاءِ سنڌ ۽ ڏهرڪي جي ماڻهن لاءِ مشعل راه بڻجي رهندو.

**ڪيس پنج پٽن جي اولاد آهي** ١. محمد بخش خان شر امريڪا ۾ رهائش پذير آهي ڪاروبار اٿس. ٢. قادر بخش شر D.G AUDIT آهي ٣. غلام مصطفي شر مختيارڪار متياري آهي ۴. نبي بخش شر AC سنڌ روينيو بورڊ حيدرآباد آهي، ۵. انور علي شر جيڪو CSS آهي ٢٠١٦ع ۾ DC حيدرآباد ۽ ٢٠١٨ع ۾ DC نوشهرو فيروز رهيو هينئر ايڊيشنل انويسٽمينٽ ڊپارٽمينٽ ۾ آهن.

## مرحوم الهرکيو خان شر جي زندگي جو مختصر جائزو

**مرحوم الهرکيو خان شر** ١٩٥٠ع ۾ پيتو خان شر جي گهر ديهه لکپور (تعلقو ڏهرڪي، ضلعو گهوٽڪي) ۾ جنم ورتو. هو هڪ سادو، بردبار، مهربان ۽ خدمتگذار شخص هو. جنهن جي زندگي شرافت، ايمانداري، انسانيت، ۽ عوامي ڀلائيءَ سان ڀرپور هئي. هو پنهنجي دور جو ڏاهو، بااخلاق ۽ هر غريب امير جي دل سان عزت ڪندڙ شخص هو.

خانداني پسمنظر: الهرکيو شر جو تعلق معزز شر قبيلي سان هو، جيڪو پنهنجي ايمانداري، سماجي خدمت، ۽ شرافت جي ڪري سڄي علائقي ۾ سڃاتو ويندو هو. الهرکيو شر جي شخصيت ۾ سادگيءَ سان زندگي گذارڻ. غريبن ۽ ضرورت مندن جي مدد ڪرڻ. ذاتي مفاد کان وڌيڪ عوامي ڀلائيءَ کي ترجيح ڏيڻ. علائقي جي مسئلن ۾ ماڻهن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي بيهندو هو. هو پنهنجي ڳوٺ سميت ڀرپاسي جي ماڻهن لاءِ نه رڳو هڪ معتبر شخص پر هڪ رهنما ٻه هو. جنهن وٽ ماڻهو راءِ، مدد يا همدردي ۽ مامرا نبيرڻ لاءِ ايندا هئا ۽ هو بنا ڪنهن مفاد جي ماڻهن جي مدد ڪندو هو.

### مرحوم الهرکيو خان شر جو فرزند خادم حسين شر

زرعي پسمنظر: الهرڪيو خان شر وٽ تقريبا ۱۲۰ ايڪڙ زرعي زمين هئي، جيڪا سندس خانداني محنت، ايمانداري ۽ زمين سان عشق جو مظهر هئي. هو پاڻ به زميندار ي سان لاڳاپيل رهيو، پر پنهنجي زمين تي ملازمن سان گڏجي ڪم ڪرڻ کان به نه ڪيٻائيندو هو.

سماجي ۽ انساني خدمتون: غريبن جي شادي، علاج، تعليم ۽ قانوني مسئلن ۾ خاموش مددگار طور ڪم ڪندو رهيو.

اولاد ۾: ڪيس پنج پٽ ۽ ٻه نياڻيون جي اولاد آهي: ۱. مير محمد شر روينيو سپروائيزر، اباوڙو. ۲. لطف علي شر زميندار، ۳. علي بخش شر پوليس انسپيڪٽر، ايس ايچ او سکر. ۴. خادم حسين شر آفيس اسسٽنٽ، اسسٽنٽ ڪمشنر ڍهرڪي. ۵. اختر علي شر انجنيئر، سکر. هر هڪ پنهنجي شعبي ۾ ايمانداري، فرض شناسي، ۽ خانداني نيڪ نالي سان پاڻ مڃرايو آهي. سندس اولاد سندس نقش قدم تي هلندي خاندان ۽ علائقي جو نالو روشن ڪري رهي آهي. مرحوم الهرڪيو خان شر ۲۰۱٦ع ۾ وفات ڪئي.

## پٽو خان شر جي پٽن الهڏتو خان شر ۽ الهرڪيو خان شر جو شجرو

الهڏتو خان شر

### پٽو خان شر جي پٽ الهڏتو خان شر جا پٽ

Mohammad Bux Shar

Kadir Bux Shar

Ghulam Mustafa Shar

Nabi Bux Shar

Anwar Ali Shar

### پٽو خان شر جي پٽ الهرڪيو خان شر جا پٽ

Lutuf Ali Shar

Mir Muhammad Shar

الهرڪيو خان شر

Ali Bux Shar

Khadim Hussain Shar

Akhtar Ali Shar

# خادم حسين شر آفيس اسسٽنٽ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ڍهرڪي

خادم حسين شر تاريخ ۱,٤,۱۹۸٤ تي الهرڪيو خان شر جي گهر ديهه لڪپور ۾ جنم ورتو پاڻ محنت ڪري تعليم جا ڏاڪا چڙهندي MA اڪنامڪس سنڌ يونيورسٽي مان ڪئي. ۲۰۱۱ع ۾ آفيس اسسٽنٽ گريڊ ۱٦ ۾ بورڊ آف ريونيو کان پرتي ٿيو. ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر ڍهرڪي جي آفيس ۾ مقرر ٿيو. هو نرم مزاج، خدمتگار، ايماندار، ۽ عوام دوست شخصيت طور سڃاتو وڃي ٿو. سندس خدمتون: عوام جي آواز، خدمت جو جذبو سندس شخصيت ۾ خلوص، محنت، ديانتداري، نرم دلي ۽ عوامي خدمت جي روشن مثال آهي.

روينيو کاتي ۾ خدمتون: روينيو کاتي جي پيچيده نظام ۾، خادم حسين شر سادگي، سچائي ۽ خلوص سان ماڻهن کي مدد فراهم ڪندو آهي. زمينن جي دستاويزن، فردن، ورهاست، انتقالن، ۽ مالڪي جي مسئلن تي غريب ماڻهن کي درست رستو ڏيکاري، بي لوث خدمت انجام ڏيئي رهيو آهي. **عوامي لاڳاپا ۽ خدمت:** هو پنهنجي علائقي جي ماڻهن سان ڀرپور رابطو رکندو آهي. عام ماڻهو سندس آفيس ۾ اعتماد سان ايندا آهن، خادم شر خاص ڪري بيواهن، مسڪينن ۽ اڻ پڙهيل ماڻهن لاءِ روينيو رڪارڊ ۾ مدد ڪندو آهي. **تعليمي ۽ سماجي شعور** خادم حسين علم، اخلاق، ۽ تهذيب جي واڌاري لاءِ ڪم ڪندو رهندو آهي. ڪيترن ئي شاگردن ۽ نوجوانن کي مقابلي جي امتحانن، اسڪالرشپ، ۽ تعليمي موقعن بابت رهنمائي فراهم ڪندو رهندو آهي. سندس علمي سوچ، وقت جي قدر، ۽ مثبت رويو علائقي ۾ اڳواڻن جي صف ۾ ڪيس بيهاري ڇڏيو آهي. سندس خدمتون ڍهرڪي ۽ ڀرپاسي لاءِ باعث فخر آهن. سندس اڻٿڪ محنت، بي لوث خدمت، ۽ انسان دوست رويو ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهه آهي.

ڏهرڪيءَ کي جديد ۽ خوبصورت شهر بڻائيندڙ

# حاجي پير بخش پتي

باني الفتاح ٽائون شپ،
غريبن جو غمسار ۽ سخي مرد
جي زندگي جو مختصر تعارف

پير بخش پتي ٢ فبروري ١٩٧٧ع تي محمد سومر پتي جي گهر ڳوٺ طاهر پتي ۾ جنم ورتو پرائمري تعليم گورنمنٽ پرائمري اسڪول سوئي شريف، گورنمنٽ اسڪول رهڙڪي مان مڊل پاس ڪري ڏهرڪي مان ميٽرڪ ۽ انٽرميڊيئيٽ ۽ بي اي پرائيويٽ جيڪب آباد مان ڪيائين. گهر وارن جو سهارو هجڻ باوجود ڪجهه پاڻ پنهنجي جذبي سان ڪجهه ڪري اڳتي وڌڻ جي جذبي سان سندس جوش ۽ جنون بلندين تائين پهچايو، ڪم هيٺين سطح کان شروع ڪيائين، ڏهرڪي جي سينما روڊ تي PCO به کوليو، جنهن بعد اينگرو ۾ سپروائيزر تي سول، مڪينيڪل جي ڪمن ۾ تجربو حاصل ڪري **الطاف اينڊ ڪمپني، نجم اينڊ ڪمپني** سان پارٽنر شپ ڪئي، ان سان گڏوگڏ ماسٽر گلشير ملڪ سان پلاٽنگ جي خريد ۽ فروخت ۾ پائيواري ڪئي گلشير ملڪ ۽ پير بخش بيئي هم مزاج ۽ غريب هئا، جتان پير بخش پتي هڪ قدم اڳتي وڌي ڪنسٽرڪشن جو ڪم شروع ڪيو، پهريون ڪم FFC **ليبر ڪالوني جي ڪوارٽرن جي تعمير جو ڪم مليو، اهو ختم ڪري، حاجي رياض احمد چيمه سان گلشن بلال سوسائٽي** قائم ڪئي جيڪا ڪامياب تي ويئي، ڏهرڪي جي سبزي منڊي جي تعمير جو ٺيڪو به مڪمل ڪيو، ان وقت حاجي پير بخش پتي جو ڪنسٽرڪشن جي ڪم ۾ نالو ٿي ويو، يونيورسل پيراڊائز ۾ جام عبدالفتاح سميجو سان پائيواري ڪئي، سيٺ مهيش سان رائل سٽي، گرين سٽي، ٺاهي، جهولي لال مارڪيٽ اينگرو گيٽ تي لڳ ڪٽنگ ڪئي، علياني ٽائون ڪامياب جا پراجيڪٽ ڏنا ويا، ان بعد **الفتح هائوسنگ اسڪيم جو هڪ وڏو پراجيڪٽ** متعارف ڪرايو آهي جنهن جو جا پنج فيز آهن جن جي خريد ۽ فروخت جاري آهي جنهن پراجيڪٽ کيس بلندين تائين پهچائي ڇڏيو.

ڏهرڪي جي تاريخ ۾ مستقبل ايندڙ دور ۾ رهائشي منصوبن بنگلن جو ذڪر ايندو ته انجو سڄو ڪريڊٽ حاجي پير بخش پتي ڏي ويندو ويهين صدي ۾ ڏهرڪي ۽ آسپاس جا ماڻهو ڪراچي لاهور اسلام آباد حيدرآباد سکر رحيم يارخان اندر بنگلن جو ذڪر بڌي سوچ ۾ پئجي ويندا هئا ان وقت بنگلو ڳاڻي وڏي ڳالهه هوندي هئي بنگلا صرف سردارن پوتارن وٽ هوندا هئا ۽ بڌبا هئا ته هن وٽ بنگلو ۽ گاڏي آهي پر ڏهرڪي جي ٻن لوئر ڪلاس جي ماڻهن لاءِ ان سوچ کي حقيقت ۾ بدلائي ڇڏيو آهي، اهو خواب شهيد اسلم پرڙو ڏٺو هو پر هن جي زندگي مختصر هئي، کيس اڳتي وڌڻ جي ڏوهه ۾ شهيد ڪيو ويو پر ان خواب کي حاجي پير بخش پتي تعبير بنائي ڇڏيو آهي يونيورسل گرين ويلي کان پوءِ هڪ تمام وڏي بنگلوز جي سستي ۽ آسان قسطن واري اسڪيم متعارف ڪرائي جو اڄ ڪله ڏهرڪي جو هر لوئر مڊل ڪلاس جو ماڻهو بنگلو ۾ آسائش جي زندگي بسر ڪري رهيو آهي. حاجي پير بخش الفتح بنگلوز ۾ ڪشادا ويڪرا رستا، بجلي سيڪيورٽي سسٽم پارڪ مسجد، چرچ، مندر پرائيويٽ اسڪول به آهن ائين لڳي ٿو ته رهائش پذير سيف ۽ سٺي ماحول ۾ رهن ٿا پاڻ کي محفوظ سمجهن ٿا.....
**حاجي پير بخش جنهن جي ڏاڏي خير محمد پتي** کي پنهنجي ڳوٺ طاهر پتي کي ٽيهه ايڪڙ زرعي زمين هئي هو مڃي ماني لائق هو، جنهن جو پٽ محمد سومر پتي جنهن کي ٽن پٽن جي اولاد آهي ١. خير محمد پتي، ٢. حضور بخش پتي، ٣. پير بخش پتي.

حاجي پير بخش جي مرحوم ميان عبدالمنان ۽ پارٽنر جام عبدالفتاح سان گڏ يادگار تصوير

پير بخش پتي

حضور بخش پتي

خير محمد پتي

محمد سومر (والد)

## حاجي پير بخش پٽي جي زندگي جي جاري سفر جا پروجيڪٽ

حاجي پير بخش پٽي جو ڏهرڪي وارن کي الفتح ٽائون شپ هڪ بهترين ۽ سستو تحفو آهي نه صرف پاڻ ڪمايو پر ڪيترن کي بيروزگارن کي روزگار سان لڳائي ڪين غريبي واري زندگي مان ڪڍيو آهي الفتح ٽائون شپ جا سوين بروڪر آهن, ڪمپني پنهنجو هڪ اصول مقرر ڪري پلاٽن جا فيز وائيس اگهه مقرر ڪيا آهن جن کي بروڪر پنهنجن اگهن تي وڪرو ڪري جهجهو ناتو ۽ ڪميشن ڪمائين ٿا.

**ٻين شهرن جا پروجيڪٽ :** الفتح ٽائون شپ بلوچ آباد, ميرپورماٿيلو انڊس ويلي, الفتح ٽائون شپ اپاوڙو.

**پيربخش پٽي ڪوهمري اسلام آباد پراجيڪٽ :** ايڪسپريس وي تي ڪمرشل ۽ رهائشي سوسائٽيون ۽ مختلف هنڌن تي اپارٽمينٽ ۽ جايون ٺاهي وڪرو ڪيون, جن ۾ ريزيڊنشل ۽ ڪمرشل شامل آهن, اسلام آباد ۾ انٽرنيشنل ڪمپنين سان پارٽنرشپ ڪئي آهي جن ۾ ناليوارين ڪمپنيون: 9 Keys, Ramada, Live 9 بيسٽ ويسٽرن, انٽرنيشنل هوٽل بحريه ٽائون سان آهي, فرز فور پيرادائيز پراجيڪٽ آهن جن مان ڪجهه زيرتعمير آهن. رحيم يار خان : رحيم يار خان ۾ جلندر ڪمرشل بستر سان پائيواري آهي. **حاجي پير بخش پٽي جون فلاحي سرگرميون :** حاجي پير بخش پٽي, جيڪو ٽائون ڪاميٽي ڏهرڪي جو ڪائونسلر آهي ۽ قومي يڪجهتي امن ڪاميٽي سنڌ جو نائب صدر پڻ آهي, سماجي ۽ فلاحي ميدان ۾ پنهنجي بي مثال خدمتن جي ڪري سڃاتو ويجي ٿو. سندس زندگي جو مقصد عوام جي خدمت ۽ معاشري جي محروم طبقي جي مدد ڪرڻ آهي. **سماجي خدمتون :** حاجي پير بخش پٽي باقاعدگي سان زڪوات ادا ڪري ٿو ۽ ان رقم کي مستحقن تائين پهچائي ٿو. عيدن تي پنهنجي ڳوٺ طاهر پٽي, بشير ڪالوني, ۽ سوئي شريف جي غريب ماڻهن لاءِ ڪپڙا, خرچيون, ۽ راشن فراهم ڪري ٿو. **صحت جي مدد :** بيمارن جي علاج لاءِ مالي مدد فراهم ڪري ٿو ۽ ضرورتمندن کي دوا ۽ صحت جي سهولت مهيا ڪرڻ ۾ سدائين اڳيرو رهي ٿو. ڪڏهن بہ ڪنهن حاجت مند کي نااميد نہ ٿو موٽائي.

**شهري مسئلن تي توجهه :** ڏهرڪي شهر ۾ نيڪال, گندي پاڻي, صفائي, ۽ ٻين مسئلن تي سرگرم عمل رهي ٿو. ڪرونا وائرس جي وبا, تيز برساتن, ۽ ٻوڏ جي وقت بہ هو هر وقت ميدان ۾ موجود رهي, متاثرن جي هر ممڪن مدد ڪئي.

**ايڌي جيان خدمتون :** سندس ڪردار کي ڏسندي عوام کيس "ڏهرڪي جو ايڌي" سڏين ٿا, چو تہ هو ڪنهن بہ وقت بغير ڪنهن فرق جي ماڻهن جي خدمت لاءِ تيار رهي ٿو.

حاجي پير بخش پٽي جي اولاد: ذيشان احمد, فيضان احمد, ارسلان احمد, فائزه, رومان احمد, محمد قدوس

# حاجي اعجاز احمد پٽي

## چيئرمن يونين ڪائونسل سوئي شريف

**حاجي اعجاز احمد پٽي, چيئرمن يونين ڪائونسل سوئي شريف** هجڻ سان گڏ الفتح ماڊل ٽائون جو اونر پڻ آهي, الفتح جي تمام ماملن کي سنڀاريندو آهي, حاجي اعجاز احمد صلاحيتن سان پرپور نوجوان تيزي سان اڳتي وڌي رهيو آهن. يونين ڪائونسل جو عوام غريب هاري مزدورن پرجهلو آهي.

اعجاز احمد پٽي تاريخ ١٠ مارچ سال ١٩٩٣ آهي سندس والد حضور بخش پٽي جي گهر ڳوٺ طاهر پٽي ۾ اک کولي. حضور بخش کي چار پٽ اعجاز احمد پٽي, نياز احمد پٽي, فياض احمد پٽي, اياز احمد پٽي آهن, **اعجاز احمد پٽي** پرائمري ۽ مدل تعليم گورنمنٽ پرائمري اسڪول ڳوٺ طاهر پٽي مان حاصل ڪئي ميٽرڪ سنگل سيڪشن مان ڪئي انٽر ۽ بي اي (سنڌي) پرائيوٽ ڪئي, اعجاز احمد پٽي الفتح ٽائون شپ جو پارٽنر آهي, ڳوٺ ۽ تر وارن جي خدمتن سبب ڪيس تاريخ ٢٠٢٢ع ۾ يونين ڪائونسل سوئي شريف جو چيئرمين چونڊيو ويو, هو الفتاح ماڊل ٽائون هائوسنگ سوسائٽي جا تمام مامرا آفيس ورڪ اڪائونٽ ۽ بنگلن ۽ پلاٽن جو سمورو ڪم پاڻ سنڀاريندو آهي اعجاز احمد پٽي ٽائون شپ جي انتظامي ڪمن سان گڏ يونين ڪائونسل سوئي شريف جي ترقي ۽ عوامي خدمت ۾ بہ سرگرم آهي. هو سخي مرد نوجوان آهي الله پاڪ ڪيس جيترو نوازيو اتس اوترو ئي ضرورتمند ماڻهن, غريب ڪينن, شاگردن, ۽ بي سهارن جي هر ممڪن مدد ۽ مالي امداد ڪندو آهي. يونين ڪائونسل سوئي شريف ۾ ترقياتي منصوبن جهڙوڪ ڊرينيج سسٽم ۽ ٽف ٽائل جو ڪم ڪرائي رستن کي پڪو ڪيو آهي .جڏهن سيپٽمبر ٢٠٢٤ع ۾ يونين ڪائونسل جو بجيٽ وڌي ست لک رپيا ٿي آهي حاجي صاحب تمام پئسو پوسي جي ڳوٺن تي خرچ ڪندو آهي.

پنهنجي ذاتي وسيلن مان بہ يوسي ۾ عوام جو ضرورتون پوريون ڪندو آهي. هو پنهنجي يوسي اندر، گندي پاڻي جو نيڪال، صفائي، اسڪولن، مسجدن ۾ غريبن لاءِ سولر پينل ۾ بجليءَ جا متبادل نظام فراهم ڪرڻ تي ڌيان ڏئي ٿو. حاجي اعجاز پتي ڪيترن ئي خاندانن جي ڪفالت ڪري ٿو ڪين ڪاڏو، ڪپڙا، ۾ ٻيا ضروري شيون بہ مهيا ڪري ٿو، پر انهن خيراتي ڪمن لاءِ يونين ڪائونسل جو بجيٽ استعمال نہ ڪندو آهي ڪري، بلڪ ذاتي وسيلن مان مدد ڪري ٿو جنهن جو اجر (الله تبارڪ تعالي) عطا فرمائيندس. حاجي اعجاز احمد پتي، امير ۾ غريب جو دوست آهي. سندس آفيس، گهر، ۾ مهمان خانو الفلاح ٽائون شپ ۾ هر ڪنهن لاءِ هر وقت کليل هوندو آهي، جتي ڪنهن بہ فرق ڪانسواءِ سيني کي پليڪار ڪيو وڃي ٿو.........

**يوسي سوئي شريف جا ڳوٺ:** ڳوٺ طاهر پتي يوسي سوئي شريف جو سڀ کان وڏو ڳوٺ آهي جنهن صرف پتي ذات جا ماڻهو آباد آهن, ڳوٺ ۾ هڪ گورنمنٽ بوائز مڊل اسڪول ۾ گورنمنٽ گرلز پرائمري اسڪول آهي, ڳوٺ جون معزز شخصيتن ۾ استاد عاشق علي پتي, مولا بخش پتي, محمد علي پتي, مرحوم الهڏنو پتي, شهيد عبدالستار پتي جو پوليس ۾ ASI هو ۾ ڌاڙيلن سان مقابلي ۾ شهادت ماڻي, دلاور فقير پتي جنهن کي شاه عبداللطيف ڀٽائي جي بيت برزباني ياد هئا "پنهنجي وقت جو سٺو پيرادو هو" جيڪا کيس الله پاڪ کان ذات عطا ٿيل هئي ڏوهن ٿيڻ تي تر جا ماڻهو چڱا مڙس, پوليس وارا ايس ايس پيز سندس کان رهنمائي وٺندا هئا.

**ڳوٺ سوئي شريف:** هي ڳوٺ مغلن جي دور جو قديمي ڳوٺ آهي ڳوٺ ۾ حضرت سائين محمد حسن شاه جيلاني جي درگاه آهي جتي روزانو ڪيترا ئي عقيدتمند ايندا آهن, هن درگاه تان ڪيترن کي الله جي ولين فيض حاصل ڪيو درگاه سوئي شريف ۾ هڪ گورنمنٽ بوائز مڊل اسڪول آهي ڳوٺ ۾ اٽڪل ستر گهر آهن جن ۾ راڄڙي, موچي, پتا, شيخ ۾ ٻيون ذاتيون آبا آهن.

**ڪوٽلو منشي:** هي ڳوٺ بہ قديمي ڳوٺ آهي ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول آهي, هتي راڄڙي ۾ سومرا ذات وارا رهن ٿا, معززين ۾ مرحوم پير بخش سومرو, پروفيسر محمد اسماعيل سومرو, محمد ابراهيم سومرو, ڏهرڪي شهر جو ڳوٺ امير بخش جو آباد ڪندڙ امير بخش ڳوٺ ڪوٽلو منشي جو هو ۾ ٽوپو هو جنهن ڪري امير بخش ڳوٺ جي زمين کيس انعام ۾ ملي هئي ڪوٽلو منشي ڪافي تعداد ۾ سومرا ڏهرڪي لڏي آيا آهن. **ڳوٺ ٽڳ:** ٽڳ ڳوٺ تمام وڏو ڳوٺ آهي هتي راڄڙي سومرا ۾ ٻيون ذاتيون آباد آهن, جن ۾ الهرکيو راڄڙي جنهن جو "ڏهرڪي ۾ پاڪ ميانوالي گدز" نالي جو اڏو آهي ۾ هي سخي مرد آهي, حاجي دلبر راڄڙي, محمد ابراهيم سومرو آهن. **ڳوٺ آيو ڊکڻ:** آيو ڊکڻ ۾ ڊکڻ سومرا ۾ ڪوسا ذات وارا رهن ٿا معزين ۾ حاجي دوست محمد ڪوسو مرحوم غلام نبي ڪوسو, عزيز الله ڪوسو مير محمد ڪوسو, ولي محمد ڪوسو رهن ٿا. **يوسي سوئي شريف جون ديهون ۾ ڳوٺ:** ديه سوئي شريف عبدالعزيز ڪوسو, ڳوٺ طاهر پتي, ڳوٺ عبدالرحيم ڪوسو, ڳوٺ سوئي شريف, ڳوٺ عزيز آباد, ديه ڪلوالي ڳوٺ خدايار راڄڙي, ڳوٺ قالو سومرو, ڳوٺ قالو منشي, ڳوٺ عمر راڄڙي, ڳوٺ سانوڻ ٻنڍهو, ڳوٺ جمال پنهوار, ديه ڪورائڪي: محمد عثمان مهر, ڳوٺ واحد بخش مهر, ڳوٺ قائم پنهيار, ديه شيوٽي: ڳوٺ نصير احمد ملڪ, ڳوٺ الهيار ملڪ, ڳوٺ مياڻي غلام حسين, ڳوٺ سليمان مهر آهن.

ٽائون پلاننگ سنڌ ڪنٽرول بورڊ اٿارٽي کان منظور ٿيل ڏهرڪي جو هڪ وڏو ۽ شاندار رهائشي ٽائون شپ

# الفتح ماڊل ٽائون ڏهرڪي

## پرائم لوڪيشن باءِ پاس روڊ

فيز 1 | فيز 2 | فيز 3 | فيز 5

- بجلي
- گيس
- سيوريج
- 30,40,50 فٽ روڊ
- مٺو پاڻي
- اسڪول
- مسجد
- پارڪ
- بائونڊري
- CCTV سڪيورٽي

## الفتح ٽائون فيز ۴ رضا رحيم بلاڪ

کي ٣ مين گيٽ آهن هڪ باءِ پاس، ٻيو پرچوندي شريف روڊ ۽ ٽيون گيٽ رهڙڪي روڊ کان لڳي ٿو

### فيز 1
- اسڪوائر (چوڪ)
- سمائل اسڪول
- ايجوڪيٽر اسڪول
- جامع مسجد
- پارڪ جي سهولت

### فيز ٢
- مين گيٽ تي چيڪنگ
- سي سي ٽي وي ڪيمرا
- باءِ پاس روڊ سان ڳنڍيل
- ڪمپائونڊ وال

### فيز ٣
- جم جي سهولت
- سوئمنگ پول
- چرچ
- جئہ ماتا دي مندر

### فيز ۵
- گرينڊ مسجد (وڏي)
- ڪمرشل علائقو
- مارڪيٽ
- ڪليل روڊ رستا

### فيز 4 رضا رحيم بلاڪ
- انٽري گيٽ
- شادي هال
- اسڪول
- پلي گرائونڊ
- پارڪ
- 60 فٽ ڪشادہ روڊ

**اعجاز احمد ڀٽي**

0333 3694000

**نوٽ: اهم اطلاع**

الفتح ٽائون ۾ ڪنهن بہ پلاٽ، بنگلي يا جاءِ جي خريد و فروخت کان اڳ، آفيس کان ڪليئرنس حاصل ڪرڻ لازمي آهي.
آفيس جي تصديق ڪانسواءِ ٿيل سودي جي ذميواري خريدار يا وڪرو ڪندڙ تي هوندي. آفيس جو اهڙن معاملن سان ڪو واسطو نہ هوندو.

# چام عبدالستار خان سميجو

هڪ سخي مرد جي زندگي
جو مختصر احوال

مرحوم چام عبدالستار خان سميجو تاريخ ٢٢ مئي ١٩٥٣ع تي يونين ڪائونسل رهڙڪي، تعلقو ڏهرڪي ۾، چام الاهي بخش خان سميجو جي گهر ۾ جنم ورتو, هڪ معزز شخصيت ۽ ترجي زميندار طور سڃاتو ويندو هو. چام عبدالستار سميجو پنهنجي زندگي سخاوت، اعليٰ اخلاقي قدرن ۽ پنهنجي برادري جي خدمت لاءِ وقف ڪئي هئي هن ٻه شاديون ڪيون جن مان ڪيس چار نياڻيون ۽ ست پٽ ٿيا. چام عبدالستار خان سميجو پنهنجي بي مثال مهمان نوازي سبب مشهور هو, سندس اوطاق هميشه مهمانن لاءِ کليل هوندي هئي سندس ويجهن ساٿين ۾ سردار غلام محمد خان مهر، سردار نور محمد خان لنڊ، چام ممتاز خان ڏهر، پرچونڊي شريف جا پير، ۽ ڪيترائي ٻين بااثر اڳواڻ شامل هئا, رمضان المبارڪ جي ٢٨ هين رات، عشاء جي نماز کان پوءِ جڏهن هن تسبيح جي نماز پڙهائي ته اوچتو طبيعت خراب ٿي وئي ڪيس دل جو دورو پيو ۽ ٿوري دير ۾ دم ڏٽي حوالي ڪيو.

مرحوم چام عاشق علي سميجو، چام عبد الستار خان جو وڏو پڳدار پٽ هو. ١ جنوري ١٩٧٤ع تي ڳوٺ مهراب خان سميجو ۾ جنم ورتو والد جي وفات کان پوءِ، سندس مٿان روايتي پڳ ٻڌي وئي. جيڪا خاندان جي سربراهيءَ جي علامت هئي, هو موٽروي پوليس انسپيڪٽر هو. ٥ ڊسمبر ٢٠٢٣ع تي، دل جي دوري سبب سندس اوچتي وفات ڪري ويو.

**چام مشتاق احمد سميجو** چام مشتاق احمد سميجو يونين ڪائونسل پرچونڊي شريف جو چيئرمين منتخب ٿيو. هن پنهنجي خاندان جي خدمتواري روايت کي جاري رکندي، عوام جي خدمت ۾ سدائين اڳيرو رهيو. جنهن ڳوٺ ۽ عوام جي معاملن کي وڏي سنجيدگيءَ سان سنڀاليو آهي.

**چام لياقت علي خان سميجو** سال ٢٠٢٣ع ۾، چام لياقت علي خان سمون، يونين ڪائونسل پرچونڊي شريف جو چيئرمين منتخب ٿيو. پنهنجي والد، چام عبد الستار خان سميجو جي سياسي ورثي کي برقرار رکي، چام لياقت علي پنهنجي مهمان نوازيءَ لاءِ مشهور آهي. سندس اوطاق هميشه مهمانن لاءِ کليل رهي ٿي، جتي ڪاڌو، چانهه، ۽ رهائش جي سهولت موجود هوندي آهي. جيڪو سندس عوام جي خدمتواري جذبي جو ثبوت آهي, سندس ذاتي شوقن ۾ سفر ۽ سياحت کي خاص مقام حاصل آهي، پر سندس سڀ کان نمايان خصوصيت پنهنجي ڳوٺ جي غريبن جي ڀلائيءَ لاءِ سندس پُرخلوص ڪوششون آهن.

**چام شوڪت علي خان سميجو** سنڌ جي سميجا برادري جو هڪ نمايان شخصيت آهي ۽ مارڪيٽ ڪاميٽي جو انسپيڪٽر آهي, چام شوڪت خان سميجو کي خاص طور تي ڏهرڪي ۽ ان جي آسپاس وارن ڳوٺن ۾ سميجا برادري سان مضبوط رابطو رکڻ جي خوبي حاصل آهي، سنڌ سميجا يونين جو آرگنائيزر آهي هن سنڌ جي سميجا قبيلي کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو آهي, جنهن سبب هن پنهنجي برادري ۾ پنهنجو اعتماد ۽ عزت ماڻي آهي،

ڄام عبدالواحد خان سميجو جا پنهنجي پيارن سان ڪجهه خوبصورت لمحا

# چام شير افگن سميجو

## سچائي، ساڃاھہ ۽ سنگت جو علامتي ڪردار

**چام شير افگن سميجو هڪ شخصيت، هڪ داستان:** سال 1964ع ۾، ڏهرڪي جي پرسان ڳوٺ حاجي چام مهراب خان سميجو ۾ چام خير محمد سميجو جي گهر ۾ هڪ اهڙي ٻالڪ جنم ورتو، جنهن جي قسمت کي قدرت اڳواٽ ئي هڪ الڳ مقام ڏيڻ جو فيصلو ڪري چڪي هئي. هن ٻالڪ جو نالو چام شير افگن سميجو رکيو ويو، پر نالو ئي نہ پر مزاج بہ شيرن وارو اٿس—هن شرارتن، عشق، بهادري ۽ بي باڪي سان ڀريل هڪ زندگي جو شاندار آغاز ڪيو. **شير افگن جي شخصيت:** ٻالڪپڻ کان ئي متحرڪ ۽ جاذب نظر رهي. ڳاڙهي رخسارن، سڌي قد ۽ پياري ڳالهائڻ جي ادا سان هو نہ فقط والدين جو لاڏلو، پر ڳوٺ جي بہ اکين جو تارو رهيو. جواني ۾ قدم رکندي ئي ڏاڙهيءَ جي زينت اختيار ڪئي، جيڪا سندس سادگي ۽ سنجيدگيءَ جو اظهار بڻجي وئي. **روحانيت، سياست ۽ تحريڪون:** پرچوندي شريف سان سندس روحاني وابستگي سندس باطني دنيا کي ڏاڍو سگهارو بڻايو. حضرت پورل سائين رحمت الله عليہ جي صحبت سندس عقيدي جو محور رهي. نوجوانيءَ ۾ هو جيئي سنڌ تحريڪ جو سرگرم ساٿي رهيو. جي ايم سيد جي خيالن سان متاثر، لطيف جي ڏهاڙن ۾ سندس نعرن جي گونج جو مثال ڪو ٻيو نہ هو. جڏهن اينگرو جي پنجابين جي خلاف شٽ ڊائون ٿي، تڏهن سندس مزاحمت ۽ جذبي جي باهہ ڏسڻ وٽان هئي پنجابين کي ڪٽي گندي پاڻي ۾ اڇلايائين.

**عشق، درد ۽ پيهر جيئڻ:** جيئن جوين جي راهون حسين خوابن سان پريون هجن ٿيون، تيئن ئي شير افگن جي دل به حسن پرستيءَ سان پرجي وئي. هڪ سهڻي هندو ڇوڪري "سچانند" سان سندس دل جو رشتو ايترو گهرو هو جو ان کان سواءِ وقت ئي نه گذرندو هوس. پر قسمت کيس هن خوشيءَ کان محروم ڪيو. جڏهن سچو گهريلو مسئلن جي ڪري خودڪشي ڪئي، تڏهن شير افگن ٽٽي پيو ـــ ۽ پوءِ سندس اندر ۾ هميشـــه لاءِ هڪ خالي جاءِ پيدا ٿي وئي، جنهن کي هو زندگيءَ جي هر موڙ تي پرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. وري هڪ ٻيو سهڻو پر ۾ ويهاري ڇڏيو. سونهن جو صفا ديوانو آهي.

**ساڃاهه، سياست ۽ عوامي لاڳاپا:** جوانيءَ ۾ هو پوليس جي وڏن آفيسرن سان ويجهو رهيو. شير افگن لاءِ ٺاٺا، فيصلا ۽ اختلافن جا حل رڳو ملاقاتن جو معاملو هئا. وڏي شخصيت نه هجڻ جي باوجود به وڏيرا ۽ پوتار به کيس اهميت ڏيندا هئا، ڇو ته هو عوام جي دلين جو مالڪ آهي ـــ ماڻهن جي وچ ۾، ساٿين سان گڏ، هڪ پراڻي موٽر سائيڪل تي گهمندڙ، گهري ڪاڻ ۽ دل کولي دوستن تي خرچ ڪرڻ عادت رهيس، گهر کان وڌيڪ وقت دوستن سان شهر ۾ گذاريندڙ شير افگن هر گهر جائو جي ضرورت پوري ڪندو آهي. بلدياتي سياست ۾ به شير افگن پنهنجو قسمت آزمائي. هڪ ڀيرو اليڪشن وڙهيو، پر قسمت ساٿ نه ڏنو. پر ان شڪست کان پوءِ هو اليڪشن بدران لاڳاپن ۽ سچائيءَ کي ترجيح ڏيڻ لڳو. مهر گروپ سان سندس سياسي رشتو مضـــبوط ٿيو. اڳوڻي وزيراعلي سنڌ سردار علي محمد خان مهر ۽ سردار علي گوهر مهر سان سندس ويجهڙائپ بنيادي حيثيت اختيار ڪري وئي. سنئين دل، سخي طبيعت، ۽ دوستن جي محفل: شير افگن جي شخصيت جي سڀ کان حسين خوبي اها آهي ته هو پيسو گڏ ڪرڻ بدران خرچ ڪرڻ کي عبادت سمجهي ٿو. دوستن جا سڏ، دعوتون، مڇيءَ جا ٽاندا، ٻڪرين جي سجي، ۽ سياري جي راتين جون محفلون ـــ اهي سڀ شير افگن جي زندگيءَ جا رنگ آهن. اڄ به هو الفتح پيٽرول پمپ تي ملندو آهي، جتي دوست، سنگتي، غريب غربا هن سان مشورا ونڊ، حال احوال ڏيڻ، ۽ پنهنجن حاجتن جي اميد سان اچن ٿا ـــ ۽ هو انهن کي ڪڏهن به نااميد نه موٽائيندو آهي. شير افگن جي خاصيت اها به رهي آهي ته پنهنجي پراڻن دوستن کي ڪڏهن وساري نه سگهيو. ميان مٺو، ميان رفيق احمد، افضل الحق مهر، نذير سومرو، ميان محمد اقبال، حاتن شر ـــ اهي سڀ سندس قرب جا ساٿي رهيا آهن. منڻ خان جي موت سندس دل ۾ وڏو خال پيدا ڪري ڇڏيو، پر هو اڄا تائين ساٿ، سنگت ۽ ياريءَ کي نباهي رهيو آهي. اڄ جو شير، مستقبل جو يادگار: سال ٢٠٢٣ع ۾ پر ڇونڊي شريف جي يونين ڪائونسل مان هو ضلعي ڪائونسل گهوٽڪي جو ميمبر چونڊيو ويو، جتي هو هڪ سادو، پر ڏاهو مشير آهي، جيڪو فيصلا به ڪري ٿو ته ماڻهن جا مسئلا به حل ڪري ٿو. شگر جي بيماري باوجود، سندس حوصلو جوانيءَ کان به وڌيڪ آهي. ڄام شير افگن سميجو، صرف هڪ فرد نه، پر هڪ دور جو عڪس آهي. سندس زندگيءَ ۾ عشق آهي، سياست آهي، دوستي آهي، سادگي آهي، ۽ انسانيت آهي. اهڙن ڪردارن کي تاريخ جي ورقن تي محفوظ ڪرڻ نئون نسلن لاءِ مشعلِ راهه بڻجي سگهي ٿو. سٺ سالن جي عمر ۽ بيمارين سبب به شير افگن. سميجو جو آواز شينهن جي گاج وانگر گجندو آهي. به سنو تعاون ڪيو.





## حاجي احمد خان سخيجو ۽ حاجي مٺا خان مهر هڪ دلبر شخصيت

**سخيجا مهر خاندان خاص ڪري سرداري پاڙي جا مهر** تاريخ ۾ جنگجو قبيلو رهيا آهن. انهن جو تعلق مغليه دؤر جي وفادار قبيلن مان هو، جن کي بعد ۾ تالپورن ۽ برطانوي دور ۾ بہ سياسي ۽ انتظامي اهميت حاصل رهي. **جنگي دور ۽ محاذ:** مغليه دؤر: سخيجا مهرن جا وڏا مغل حڪومت سان وفادار هئا ۽ راڄ وارن سان سندن سڃاڻ لاڳاپا هئا. تالپورن جي دؤر (١٨هين صدي): مهر قبيلو، خاص ڪري سرداري پاڙي وارا، تالپورن جي فوجي ڪاروائين ۾ حصو وٺندا رهيا. انهن وقتن ۾، مهر سردارن وٽ پنهنجا قافلا، گهوڙا ۽ هٿيار بند ماڻهو هوندا هئا. برطانوي دور: جڏهن ١٨٤٣ع ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو، تہ سخيجا مهرن مان ڪجهہ سردار مقامي مزاحمت جو حصو بڻيا. خاص طور تي ريگستاني علائقن ۾ هٿيار بند ٽوليون وجود ۾ آيون، جيڪي قبائلي ۽ سرداري اثر قائم رکڻ لاءِ جنگيون ڪندا رهيا. پرپاسي جي قبيلن سان سرحدي تڪرارن سبب وڙهندو هو. چور ڌاڙيلن خلاف سرداري تحفظ لاءِ سرداري تحفظ فراهم ڪندو هو. زمين ۽ پاڻي جي حاصلات لاءِ مقامي ويڙهہ ڪئي. ٢. احمد خان خان مهر — سخيجو دڙو

حاجي مٺا خان مهر جو والد **حاجي احمد خان سخيجو مهر**، پنهنجي دور جو هڪ نمايان، ذهين ۽ بهادر شخص هو. سنڌ جي ڌرتيءَ تي اهڙا نيڪ مرد ورلي ملن ٿا، جن جي زندگي همدردي، سخاوت، بهادري ۽ رواجن جي پاسداريءَ سان ڀري پئي هجي. هو نہ صرف هڪ شڪار پسند شخص هو، پر سماج ۾ غريبن جو خير خواهہ ۽ وڏو سردارن جي وچ ۾ عزت وارو مرد پڻ هو. **دليري ۽ دانائي:** حاجي احمد خان پنهنجي علائقي جو ڏاهو ۽ باهمت ماڻهو ليکيو ويندو هو. هو فيصلا ڪرڻ ۾ تڪڙو، انصاف پسند ۽ بيباڪ هوندو هو. ڏکئي وقت ۾ ماڻهن جو ساٿ ڏيڻ ۽

ڪين همٿائڻ سندس خاص خوبي هئي. **سخاوت ۽ غريبن سان همدردي:** غريبن لاءِ سندس دل هميشہ نرم رهي. ڪڏهن ڪنهن محتاج دروازي تان خالي نہ موٽيو. ڪين نہ رڳو مالي مدد ڪندو هو، پر اخلاقي طور بہ ساٿس گڏ بيهندو هو. سندس گهر جو در هميشہ مهمانن لاءِ کليل هوندو هو. **اٺن ۽ شڪار جو شوق:** اٺن سان سندس خاص لڳاءُ هو. هو انهن جي پاچ ڪرائيندو هو، سندن سنڀال ڪري انهن کي بهترين حالت ۾ رکندو هو. شڪار سندس پيو وڏو شوق هو، خاص طور تلور ۽ هرڻ جو شڪار ڪري اميرن جون دعوتون ڪندو هو، جتي سندس مهمان نوازيءَ جا قصا مشهور هئا. سماجي ۽ سياسي حيثيت: حاجي احمد خان سخيجو جو نالو سردار نور محمد خان لنڊ، حاجي آغا احمد يار خان شر سميت ٻين معزز سردارن جي وچ ۾ وڏي عزت سان ورتو ويندو هو. هو مجلسن ۽ اهم فيصلن ۾ اڳيان هوندو هو، جتي سندس راءِ کي وڏي اهميت ڏني ويندي هئي. حاجي احمد خان سخيجو پنهنجي زماني جو هڪ مڪمل شخص هو، جنهن جي زندگيءَ جا ڪيترائي پهلو اڄ جي دور لاءِ بہ مشعل راهہ آهن. سندس همدردي، سخاوت، جرئت ۽ سچائيءَ تي ٻڌل زندگي هميشہ ياد رکي ويندي.

**احمد بخش خان مهر سخيجو** جي اولاد: سندس پٽ حاجي مٺا خان مهر پڻ سندس نقش قدم تي هليو. حاجي مٺا خان، نالي وانگر مٺو مزاج، نرم دل، ۽ نيڪ نيت انسان هو. حاجي مٺا خان مهر جا ٽي پائر هئا جن ۾ ڪنبير خان مهر، دلاور خان مهر، رضا محمد خان مهر،

**حاجي مٺا خان مهر سخيجو دڙي جو سخي سردار** اتر سنڌ جي ريگستاني علائقي سخيجو دڙو مان تعلق رکندڙ حاجي مٺا خان مهر، مهر قبيلي جي سرداري پاڙي مان هڪ اهڙو نالو آهي، جيڪو سخاوت، مهمان نوازي، بهادري، قبائلي فيصلا، ۽ انصاف لاءِ سڄي سنڌ ۾ مشهور هو. سندس اوطاق، صرف رواجي اوطاق نہ پر قبيلائي نظام جي علامت هئي، جتي نياڻين جي ڏکن سورن ڪارنهن جي ڪوڙن الزامن ڪانوڻي زميني تڪرارن، پاڻي جي وارن سميت هر قسم جا فيصلا ٿيندا هئا. **حاجي مٺا خان مهر جي اولاد:** حاجي مٺا خان مهر جو ٻن پٽن جي اولاد آهي: الاهي بخش خان مهر ۽ غوث بخش خان مهر آهن جيڪي والد جي وفات وقت ننڍي عمر جا هئا. ان ڪري سندس سار سنڀال ۽ سڄي جاگير، اوطاق، مهمانوازي، ۽ قبائلي فيصلا سندس سڳي پائٽي هزار خان مهر سنڀاليا. جيڪو پڻ قبائلي رتبو ۽ سياسي بصيرت رکندو هو. **الاهي بخش خان مهر جو سياسي ڪردار يونين ڪائونسل جهم ڊسٽرڪٽ ڪائونسل گهوٽڪي جو ميمبر آهي**، جواني ڪان قبائلي فيصلا، ميلن، مهمانن، ۽ اوطاق جي ذميواري نڀائيندڙ حاجي مٺا خان جي اوطاق جي روايت کي زندهہ رکندو پيو اچي.

# حاجي دادن خان مھر سخيجو ھڪ مدبر ۽ سخي دل انسان

**حاجي دادن خان مھر سخيجا** جو تعلق "سخيجا" سرداري پاڙي سان آھي, دادن خان اصل ڳوٺ عطر خان مھر آھي. ھو زميندار آھي, **حاجي دادن خان مھر جو ڏاڏو غازي خان مھر سخيجو ھو جنھن کي ب پٽ ھئا وڏو احمد خان مھر ۽ ننڍو عطر خان مھر** غازي خان مھر جي ننڍو پٽ عطر خان مھر منھن تي سچ چوڻ وارو انسان ھو, عطر خان مھر ٻه شاديون ڪيون پھرين گھرواريءَ برادريءَ مان ۽ ٻي ڌارين مان . پھرين گھرواريءَ مان ٻه پٽ آھن ھڪ حاجي دادن خان مھر ۽ محراب خان مھر ٻئي ٽائون ڪاميٽي ڏھرڪي جا جنرل ڪونسلر ٿيندا آھن

**حاجي دادن خان مھر** ١٨٨٢ع ۾ ڳوٺ ڇڏي جنگ ڪالوني ۾ آباد ٿيو, دادن خان ڪالوني ۾ ماڻھن جي خدمت ۽ مدد ڪرڻ ۾ گذاري, ۽ ھر ڪنھن سان پيار محبت ۽ رحم دلي سان ماڻھن جي مدد ڪندو آھي ھو ڊسمبر سال ٢٠١٥ع ۾ يونين ڪائونسل رھڙڪي مان **ضلعي ڪائونسل گھوٽڪي جو ميمبر** منتخب ٿيو ۽ يونين ڪائونسل رھڙڪي ۾ ترقياتي ڪم ڪرايائين جنوري ٢٠٢٣ع ۾ دادن خان مھر ۽ سندس ڀاءُ مھراب خان مھر وارڊ ٧ ۽ ٨ مان ڪائونسلر منتخب ٿيو آھي, حاجي دادن خان جو جي ٽي روڊ تي ھڪ پيٽرول پمپ آھي ۽ گڏ بنگلو ۽ رھائشگاه اٿس . ھن عوامي ڀلائي لاءِ ھن انساني حقن جي عالمي تنظيم سان الحاق ڪري ٨٠ ميمبرن تي مشتمل ڏھرڪي جي ھڪ ٽيم جوڙي ھئي, جيڪا پوليس, روينيو ڊپارٽمينٽ, ۽ جاگيردارن سان لاڳاپيل معاملن کي عالمي سطح تي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪم ڪندي رھي, دادن خان مھر ھميشه مزدورن جي حقن لاءِ وڙھندو رھيو آھي, صنعتي ادارن جھڙوڪ اينگرو فرٽيلائيزر, ماڙي پيٽروليم, ۽ ايف ايف سي ۾ نوڪريون مقامي ماڻھن لاءِ آواز بلند ڪندو رھيو آھي, مصلحت پسندي سان اينگرو فرٽيلائيزر ۽ ماڙي پيٽروليم سان عوام کي نوڪريون ڏياريون اٿس, حاجي دادن خان مھر **"ڪلين سٽي پروگرام** تحت شھر کي صاف ڪرڻ مھم" ان وقت شروع ڪئي جنھن وقت شھر اندر گٽرن جو پاڻي بيٺو ھوندو ھو, دادن خان ذاتي خرچ سان وڏين مشينن سان پاڻي نيڪال ڪريو حاجي دادن خان مھر **شھري ايڪشن ڪاميٽي** جو سينيئر وائيس صدر بڻيو ان وقت روڊ ٽٽل ھئا شھر جي حالت خراب ھئي, حاجي دادن خان مھر جا بشير ڪالوني, جنگ ڪالوني, ۽ بلوچ ڪالوني جا عوام ديواني آھي, ھن پنھنجي وارڊن ۽ شھر جي ٻين علائقن ۾ ڪيترن ئي ترقياتي منصوبن جي نگراني ڪئي آھي, جن ۾ نيڪال جو نظام, معياري ٽف ٽائلس, پاڻي جي صفائي جا پلانٽ, ۽ يونين ڪائونسل رھڙڪي ۽ شھر جا ٻيا ڪيترائي منصوبا شامل آھن. ۽ ٺيڪ سبب ٣٠٠ کان وڌيڪ ملازم ھن وقت اينگرو, ايف ايف سي, ۽ ماڙي پيٽروليم ڪمپني ۾ ڪم ڪري رھيا آھن, دادن خان جا دروازا امير ۽ غريب ٻنھي لاءِ ھميشه کليل آھن. ھن پنھنجي زندگيءَ ۾ ڪيترائي عمره ڪيا آھن ۽ ڪجھ ماڻھن کي ب عمره جي سھولت فراھم ڪئي آھي.





# چيئرمن منير احمد مهر ۽ خاندان تي جامع رپورٽ

**چيئرمن ٽائون ڪاميٽي منير احمد خان مهر** جن جا پڙ ڏاڏا **فقير سومار مهر جيسلمير جوڌپور** جا هئا. حضرت حافظ عبدالله هادي سائين رحمت الله عليه جن جوڌ پور آيا هئا انهن سان گڏ اٽڪل ٽي سو خاندان ساڻن گڏ اچي پرچونڊي شريف ۾ آباد ٿيا منير احمد خان مهر جو پڙ ڏاڏو به انهن مان هڪ هو. جنهن اچي حضرت هادي سائين جن کان ذڪر ٻه ورتو ۽ مريد ٻه ٿيا ۽ ڪانئن ديني تعليم ۽ درس ورتو ۽ سڄي ڄمار سندن خدمت ۾ گذاري، محمد سومار کي هڪ پٽ هو. جنهن جو نالو **رحيم بخش مهر ماڪو** هو جنهن کي ٽن پٽن جو اولاد ٿيو. عبدالغفور مهر، عبدالخالق مهر، عبدالحق مهر. **عبدالخالق مهر** کي يو بي ايل چوڪ تي هڪ وڏو اٽي سارين جو ڪارخانو هو. جنهن کين قتل ڪيو ويو انڪري جو هو ان وقت جي گادي نشين وٽ پيش نه پيو ۽ پير ميان متو وارن سان گڏ هو جنهن تي پير عبدالرحيم ڪاوڙيو ڪيس تاجو خشڪ کان قتل ڪرائي ڇڏيائينس جنهن بعد پرچونڊي شريف جي پيرن جا پاڙ ۾ جهيڙا ٿيا اهي فيصلا ٿي ويا پر **شهيد عبدالخالق مهر** جو فيصلو سندس ياء عبدالغفور مهر نه ڪيو ۽ اهو فيصلو پنهنجي سردارن تي ڇڏيو. عبدالحق مهر قدامت پسند مڙس هو جيڪو پڻ پرچونڊي شريف جو مريد بڻيو ۽ ذڪر حضرت پورل سائين رحمت الله عليه کان ورتو. **عبدالحق مهر ٻه ڀيرا ٽائون ڪاميٽي ڏهرڪي جو ميمبر** به ٿيو. عبدالحق مهر اينگرو ڪمپني ۾ لوڊنگ بيگنگ جو A. HAMEED CO. ٺيڪيدار هو ان وقت گاڏي پرائڻ جا پئسا نه وٺندا هئا ان ڪانسواءِ هاءِ ويز ۽ پرائيويٽ ڪمپنين ۾ ٺيڪا ڪڻندو هو. **عبدالحق مهر کي ڇئن پٽن جي اولاد آهي** منير احمد مهر، حاجي افضل الحق مهر. غلام مرتضي مهر ۽ غلام مصطفي مهر آهن، جيڪي پنهنجي والد جي ڪمائي کي جاري رکندي پنهنجي ڪاروبار کي وڌائيندا ويا هن وقت پنهنجي زميني پراپرٽي کان سواءِ ڏهرڪي فلور ملز عبدالحق فلور ملز، ڪوٽڙي فلور ملز، عبدالحق گهي مل بهاولپور، مهراڻ ڪاٽن فيڪٽري ۽ هڪ ٽريڪٽر شو روم آهي.

**منير احمد خان مهر** ڏهرڪي ڏهرڪي فلور مل جا مالڪ آهن اها سنڀاريندا آهن اڪثر وقت اتي گذاريندا آهن. منير احمد مهر ڏهرڪي جي مشهور و معروف شخصيت آهن هو سال ٢٠١٥ع ۾ ٽائون ڪاميٽي ڏهرڪي جو چيئرمن ٿيو منير احمد خان مهر جا سردار علي گوهر خان مهر سان قريبي تعلقات آهن. پنهنجي وقت ۾ ٽائون ڪاميٽي ۽ بهادري سان هلايو ۽ شهر وارن سان سندن جو حسن اخلاق تمام بهترين رهيو. ۽ شهر تي توجه ڏني ۽ ڪم ڪرايا. .منير احمد مهر کي اولاد ۾ ٽي پٽ ٻه نياڻيون آهن جن ۾ عبدالحق مهر، عمير احمد مهر، احمد مجتبيٰ مهر ۽ ٻه نياڻيون آهن

## منير احمد مهر جو شجرو



پڙ ڏاڏا فقير سومار مهر جيسلمير جوڌپور

↓

ڏاڏو رحيم بخش مهر ماڪا

↓

عبدالغفور مهر، شهيد عبدالخالق مهر، عبدالحق مهر

عبدالحق مهر

منير احمد مهر، حاجي افضل الحق مهر. غلام مرتضي مهر، غلام مصطفي مهر



احمد مجتبيٰ مهر



عمير احمد مهر

عبدالحق مهر

**افضل الحق مهر** مٺي مزاج ۽ ٿڌي طبيت جا مالڪ آهن الله پاڪ کين فيصلا ڪرڻ ۾ مهارت ڏني اٿن ۽ اڪثر ماڻهو فيصلا ڪٽي ايندا آهن پنهنجي آباءَ اجداد جي زمين ٻه سنڀاريندا آهن ان سان گڏ عبالحق فلور مل سنڀاريندا آهن، افضل الحق مهر جي اولاد ۾ پٽ محمد فيصل، اهتشام الحق مهر ۽ ٻه نياڻيون آهن.

**غلام مرتضي مهر** ڏهرڪي ٽريڪٽر شو روم ۽ زمينن جو حساب ڪتاب سنڀاليندو آهي

**غلام مصطفي مهر** سڀ کان ننڍو آهي ۽ سيني جي اک جو تارو آهي هو هر ذميواري خوش اصلوبي نڀائيندو آهي.

## چيئرمن منير احمد مهر جي سياسي ۽ سماجي خدمتن جون ڪجھ جھلڪيون

# مرحوم حاجي عبدالستار شر - خوش اخلاقيءَ جو پيڪر



**مرحوم حاجي عبدالستار شر پيدائش ۽ ابتدائي زندگي:** عبدالستار شر، جيڪو پنهنجي نرمي، خوش مزاجي ۽ خدمت گذاري جي ڪري ڍهرڪي شــــهر جي دلين تي راڄ ڪندڙ شخصـــــيت هو. تاريخ ٢٥ مارچ ١٩٥٤ع تي ڳوٺ مٺر ڪوٽ ۾ غلام قادر شر جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس ڏاڏو شير خان شــر، پڙڏاڏو گلڻ خان شــر ۽ تڙڏاڏو پاريپيو شــر هئا. جيڪي پنهنجي دور جا سچاتل ماڻهو هئا. غلام قادر شر کي ٽي پٽ هئا: عبدالخالق شر، عبدالســـــتار شر، ۽ شير محمد شر هئا. تعليم ۽ ننڍپڻ جي تڪليفن جا ڏينهن: ابتدائي تعليم گورنمنٽ پرائمري اســڪول شــمس چپري مان حاصـــل ڪيائين، جڏهن ته ميٽرڪ بوائز هاءِ اســـڪول اباوڙو مان پاس ڪيائين. اتي تائين تعليم حاصــــل ڪرڻ لاءِ ڪيس روزانو ڳوٺ کان ڏهه ڪلوميٽر پنڌ هلڻو پوندو هو. غربت ايتري هئي جو اســـڪول جي ســـليٽ تي لکڻ لاءِ قلم نه هوندو هئس، جنهن تي اســـــتاد ڪاوڙجندا هئس. ننڍي عمر ۾ ئي مٺر ڪوٽ پل تي مزدوري ڪري چار آنا روزانه ڪمائي ڪندو هو. **ڍهرڪي لڏپلاڻ ۽ جدوجهد جو سفر:** سالن ١٩٧٢ع ۾ پاڻ ڍهرڪي لڏي آيو، جتي سندس زندگيءَ جو نئون ۽ آزمائشــي دور شروع ٿيو. شروعاتي ڏينهن ۾ ڏنارام جي تاج هوٽل تي ويٽر طور، پوءِ تندور تي ماني لڳائڻ ۽ هڪ هندو واپاري وٽ پرچون جي دوڪان تي نوڪري پڻ ڪئي. جڏهن ته شــــٽ ڊائون دوران مسلسل ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون ڪم ڪيائين ته هڪ انگريز آفيسر ڪيس ڏسي نوڪري مان نيڪالي ڏني. بعد ۾ بلوچ ڪالوني ۾ چيمه صاحب وٽ بورچي بڻيو. **ڪاميابيءَ ڏانهن قدم اينگرو سان لاڳاپو:** چيمه صاحب نوڪري دوران ستار شر جي سمجهداري، انســانيت، ۽ دل جي ڳالهه ٻڌڻ جي عادت ڪيس ٻين کان نمايان ڪري ڇڏيو. هو ڪمپني جي ڳالهين کي ڌيان ســان ٻڌندو، ۽ پنهنجي زندگيءَ جا احوال پڻ ونڊيندو. چيمه صاحب جي همدردي سان ڪيس ايســو ڪمپني ۾ سپروائيزر جي نوڪري ڏني، جنهن کان پوءِ ٺيڪيداري جو سفر شروع ٿيو. سال ١٩٧٥ع ۾ ستار شر "ستار اينڊ ڪمپني" جي نالي سان ٺيڪيداري جي بنياد رکي، جيڪا ESSO کان پوءِ ايڪسون ڪيميڪل پاڪســتان لميٽيڊ ۽ پوءِ اينگرو ڪيميڪل پاڪســتان لميٽيڊ ٿي وئي. **شادي ۽ گهريلو زندگي:** تاريخ ١١ اپريل ١٩٧٦ع تي ٢٢ سالن جي عمر ۾ شادي ڪيائين، ان وقت ڪيس گهر ۾ چٽ جو پڪو به ڪونه هو، جنهن کان پوءِ سندس زندگي ۾ گهر جي ذميوارين به شامل ٿيون. ستار شر کي محبت سان ماڻهو "ستار شر" چوندا هئا. **زندگيءَ جون اهم يادون واريون شيون:** سال ١٩٧٩ع ۾ سائيڪل خريد ڪئي، ١٩٨١ع ۾ موٽر سائيڪل، ١٩٨٢ع ۾ ڊاٽســـن خريد ڪيائين، ١٩٨٣ع ۾ پهريون گهر ورتائين، ١٩٨٦ع ۾ ڪار خريد ڪئي ڪاروباري واڌارو: اينگرو ڪمپني ســان لاڳاپي دوران، ستار شــر نه صرف ڪم ڪندڙ عملي جي دلين ۾ جاءِ ورتي، پر انتظاميا به ســندس ايمانداريءَ ۽ نرمي جي واکاڻ ڪئي. ڪمپني اندر ســندس نيڪ نامي جو چرچو هوندو هو. وقت سان گڏ، جڏهن ڍهرڪي ۾ توانائي شعبي ۾ واڌارو ٿيو، ته سال ٢٠١٠ع ۾ ستار شر ڍهرڪي بائي پاس تي "ستار" CNG اسٽيشـن قائم ڪئي. واپاري دنيا کان ٻاهر، هو ماڻهن لاءِ دوست، مددگار ۽ پائيپ وارو شخص هو، جيڪو هر وقت مدد لاءِ موجود هوندو هو، شـادين توڙي غمين ۾ شــرڪت ڪندو هو، روزاني جي بنياد تي خيرات ڪيندو هو. اچانڪ وڇوڙو ۽ عوامي خراج عقيدت: تاريخ ١٨ جنوري ٢٠٢١ ۾ اوچتو دل جي دوري سبب ســتار شــر لاڏاڻو ڪري ويو. سندس جنازي نماز ڍهرڪي اسٽيڊيم ۾ ادا ڪئي وئي، جتي هزارين ماڻهن جي شــرڪت سندس محبت، خلوص، ۽ عوامي عزت جو زنده ثبوت هئي. اها گهڙي ايتري جذباتي هئي، جو هر اک آلي، ۽ هر دل ســـندس نيڪين جو ذڪر ڪندي ڏٺي وئي. سندس اولاد ۾: پنج پٽ ١. امجد شهزاد، ٢. عامر شهزاد، ٣. ساجد علي، ٤. حسن علي، ٥. حسنين ستار شر ۽ ٦ نياڻيون آهن.

# اختر لغاري



# Engr. Akhtar Hussain Laghari,

*as a chairman, oversees several schools, including:*

***The Savvy School, Daharki***

***The Smart School, Daharki Campus***

***The Educator Campus, Mirpur Mathelo***

***Cambridge Public Higher Secondary School***

***Kids Garden Higher Public School, Ubauro***

- جتي علم جي روشني اوندهه کي هارائي – اُتي انجنيئر اختر لغاري جو نالو اُڀري اچي ٿو!
- نظريو تعليم، نيت خدمت – لغاري صاحب جي ڪوشش جو ڪارنامو آهي!
- هر دروازي تي علم جو ڏيئو، لغاري جي لڳاتار محنت جو نتيجو آهي!"
- تعليم لاءِ وقف زندگي – انجنيئر اختر لغاري جي سرشاري"
- جتي ڪتاب ملن ٿا مفت، اُتي اميد جو نئون باب کولجي ٿو"
- تعليم جي واٽ تي بي زبانين کي آواز ڏيندڙ نالو – اختر لغاري"
- شهرن کان ڳوٺن تائين، علم جي روشني سان پريل سفر"
- هي رڳو اسڪول ناهن، اُهي خواب آهن، جيڪي حقيقت بڻيا آهن!

- سکيا جو سنگ ميل
- جديد ڪيمبرج نصاب
- نئين سوچ جو مرڪز
- تجربيڪار ۽ تعليم يافته ٽيچرز
- اپرندڙ اميدن جو آشيانو
- صاف ستروءِ ۽ سازگار ماحول
- خوابن کي پَر ڏيندڙ ادارو
- ڪمپيوٽر ليب، سائنس ليب
- تعليم سان گڏ تربيت
- تعليم سان گڏ تربيت
- پروسو، جيڪو مستقبل
- نصابي ۽ غير نصابي سرگرميون
- ڄاڻ جي جوت
- منٿلي ٽيسٽون ۽ منٿلي رزلٽ
- ماڻهپي سڃاڻ لاءِ تعليم
- ٽيچرز پيرنٽ ملاقاتون

## انجنيئر اختر حسين لغاري

علم جي اُجاري جو روشن مينار

1. ڏهرڪي ۾ ڪيمبرج پبلڪ اسڪول
2. اباوڙو ۾ ڪڊز گارڊن پبلڪ اسڪول
3. ميرپور ماٿيلو ۾ دي ايجوڪيٽر اسڪول
4. ڏهرڪي ۾ دي سيوي اسڪولز
5. دي سمارٽ اسڪول ڪيمپس

## محمد اسلم ٻرڙو جي شخصيت جنهن کي وساري نہ سگهبو!!

**شهيد محمد اسلم ٻرڙو جنهن جو پورو گلشن اجڙي ويو** هڪ اڻ وسرندڙ نالو آهي، جيڪو پنهنجي خاندان، دوستن ۽ شهر واسين لاءِ ويندي ويندي ڪيترائي سوال ڇڏي ويو آهي. هو ١٢ فيبروري ١٩٧٤ع تي محمد هاشم ٻرڙو جي گهر ۾ ڄائو. سندس والد يو بي ايل بينڪ ۾ سيڪيورٽي گارڊ طور ڪم ڪندو هو. اسلم ٻرڙو پنهنجي ابتدائي تعليم ڏهرڪي مان حاصل ڪري، پرائمري ڪان ميٽرڪ تائين اتي پڙهيو. بعد ۾ ايل ايل بي ڪري، وڪالت جي ڊگري حاصل ڪئي. بينڪ ۾ نوڪري بہ ڪيائين، پر پوءِ پنهنجو ڪاروبار شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هن اسٽامپ وينڊر جو لائسنس ورتو ۽ پراڻي MCB پرسان آفيس کولي، جتي رجسٽريون پڻ ڪرائيندو هو. هو هڪ انتهائي بهادر ۽ نياڳو انسان هو، جنهن جو وجود بااثر ماڻهن لاءِ سدائين اک جو ڪنڊو بڻيل رهيو ۽ سندس پنهنجا بہ دشمن ٿي پيا. وڌيڪ اڳتي وڌندي، هن پراپرٽي ۽ پلاٽنگ جو ڪاروبار شروع ڪيو، جنهن سان جلد ئي عروج حاصل ڪيائين. هن جي مشهور سوسائٽين ۾ عبدالله بنگلوز، دادن مهر لگ سوسائٽي، ۽ پير عبدالرحيم سوسائٽي شامل آهن. هن ٿوري وقت ۾ پنهنجي لاءِ هڪ عاليشان بنگلو تعمير ڪرايو، جنهن جو سڄو فرنيچر امپورٽيڊ هو. فيصل آباد ۾ بہ ڪارخانو قائم ڪيائين. هو پنهنجي ويجهن دوستن کي پلاٽ ڏئي، وڪرو ڪرائي، نفعو ڏيندو هو. هر هفتي باقاعدگي سان خيرات ۽ غريبن جي مدد ڪندو هو. نيڪ، سخي، دلير ۽ يار ويس مرد هو. هن ڪيترائي عمرا بہ ادا ڪيا.

**پر افسوس!** ظالمن سندس وڌندڙ ملڪيت، شهرت، ۽ اثر کي برداشت نہ ڪيو. ١٠ آگسٽ ٢٠١١ع تي، منجهند جو هو گهر وڃي رهيو هو، تہ موٽر سائيڪل سوارن ڪيس پسٽل جا فائر ڪري زخمي ڪيو. اسپتال پهچڻ تي هو شهيد ٿي ويو. جڏهن گهر وارن جا ڳوڙها اڃا سُڪيا بہ نہ هئا، تہ ٢١ سيپٽمبر ٢٠١٥ع تي، رات جي پهر ۾، وحشي درندن جيڪي شهيد اسلم جا يار هئا سندس بنگلي جي پٺ ٽپي گهر ۾ گهڙي سندس **زال رخسانہ بيبي** ۽ سندس ياءِ **محمد عذير ولد محمد صديق ٻرڙو** کي پڻ شهيد ڪري ڇڏيو.

هڪ گهر مان ٽي لاش نڪري ويا، مال، ملڪيت، ۽ ماڻهن جي لالچ هن گهر کي اجاڙيو ڇڏي ڏنو.

شهيد اسلم ٻرڙو تہ حياتيءَ ۾ ئي مرڻ جهڙي زندگي گذاري، سندس لالچي يار جاني دشمن ٿي پيا هڪ ياءُ پاڳل ٿي ويو، ٽي يار رخسانہ بيبي ۽ عذير جي قتل جي الزام ۾ جيل ۾ آهن. **شهيد اسلم ٻرڙو جي اولاد:** سندس پنيان هڪ پٽ محمد عبدالله ۽ چار نياڻيون (ماهنور اسلم، صبا نور، رابعہ نور، ايمان بي بي وغيره) آهن.

## شمس الدين سومرو ماڙي ڪلب جو ميس انچارج ۽ جونگ ڪالوني ڏهرڪي

شمس الدين سومرو تاريخ ٢ آگسٽ ١٩٦٥ع تي جونگ ڪالوني جمال الدين سومرو جي گهر ۾ جونگ ڪالوني ۾ جنم ورتو، پرائمري تعليم گورنمنٽ پرائمري اسڪول جونگ ڪالوني ڏهرڪي مان حاصل ڪئي ۽ ميٽرڪ گورنمنٽ هاءِ اسڪول ڏهرڪي مان ڪري انٽر ۽ بي ايس سي گورنمنٽ ڊگري ڪاليج گهوٽڪي مان ڪئي پهرين جون ١٩٨٨ع تي ماڙي گيس ڪمپني ۾ جاب حاصل ڪئي سخت محنت ۽ جفاڪشي سبب پرمانٽ ٿيو ۽ تيزي سان پروموشن ٿيا هن ٢٠٢٥ع ۾ ماڙي انرجي ۾ سينئر آفيس اسسٽنٽ طور ڪم ڪري رهيو آهي، شمس الدين سومرو، ماڙي پيٽروليم جي مينيجمنٽ ڪلب جو ميس انچارج بہ مقرر ٿيو، ۽ ماڙي امپلائيز ڪلب جو صدر آهي شمس الدين سومرو امپلائيز يونين جي صدر جي حيثيت سان مزدورن جي حقن جي ويڙهہ وڙهندو رهي ٿو

**شمس الدين سومرو جو شجرو:** ڏاڏي جو نالو: محمد سچل سومرو کي چار پٽ حاجي لال بخش سومرو، ربنواز سومرو، ڪريم بخش سومرو، جمال الدين سومرو، جمال الدين سومرو جا ٻہ پٽ شمس الدين سومرو "ماڙي انرجي" سينئر آفيس اسسٽنٽ، قمر الدين سومرو "پاڪستان آرڊيننس اسلام آباد" ۾ آفيسر آهي

**شمس الدين سومرو جا ٽي پٽ هڪ نياڻي آهي**، ١. اظهر الدين عرف منصور ٢. ظهير الدين عرف مقصود ٣. صلاح الدين عرف مقيم نياڻي تعليم B. Sc Education بيگم نصرت ڀٽو يونيورسٽي سکر مان ڪري رهي آهي.

## حافظ محمد يونس سڪندري-پيش امام جامع مسجد ڏهرڪي

**حافظ محمد يونس مهر سڪندري ولد نواب فقير مهر**، اصل ڳوٺ پنهنجو لڳ لشڪر پٽ، يونين ڪائونسل لوٽي، ديهه ستيارو، چڪ پهريون (١)، تعلقو ڏهرڪي، ضلعو گهوٽڪي سان تعلق رکندڙ آهن. سندن ڳوٺ ريگستاني علائقي ڀراڙي جي غريبانه پر ديندار خاندان سان واسطو رکي ٿو. ننڍپڻ ۾ ئي سندن والد گرامي جو سايو سندن مٿان کان هٽي ويو. انهن جي والد وفات وقت دعا ڪئي هئي: "الله پاڪ پنهنجي فضل سان توکي پڙهائي." ان دعا جي پُراثر جو نتيجو اهو ٿيو جو حافظ محمد يونس علم جي سفر ۾ مسلسل اڳتي وڌندا رهيا. ابتدائي تعليم ۽ حفظ قرآن سندس ابتدائي تعليم ڳوٺ منو شاهاڻي جي مدرسي مان شروع ٿي، جتي استاد حافظ محمد آدم مهر قادري (هاڻوڪا خطيب، مسجد نور، ڏهرڪي) وٽ ناظره قرآن شريف ۽ ڪجهه حفظ جي تعليم حاصل ڪئي. ان کان پوءِ حافظ صاحب جونگ مدرسي ۾ داخل ٿيا، جتي استاد الحفاظ سائين عبدالستار سومرو (رحمة الله عليه) وٽ قرآن پاڪ مڪمل طور حفظ ڪيو. اتان ئي حفظ جي دستار بندي پڻ ٿي. فارسي تعليم استاد حافظ بلال لغاري وٽ حاصل ڪئي، ۽ ڪجهه ابتدائي عربي ڪتاب به پڙهيا. ساڳئي وقت، جونگ پرائمري اسڪول مان پنج درجا سنڌي تعليم به مڪمل ڪئي. اعلي ديني تعليم قرآن حفظ کان پوءِ، حافظ صاحب پنهنجي ابي ڏاڏي جي روحاني نسبت مطابق، درگاهه حضرت پير سائين پاڳارا جي مدرسي پير جو ڳوٺ ۾ اعليٰ ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ٿيا. اتان: مولوي عربي عالم عربي فاضل عربي جا امتحان بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن، حيدرآباد مان پاس ڪيائون. ان کان پوءِ، ميٽرڪ به ماٿيليو هاءِ اسڪول مان پاس ڪئي. درگاهه شريف مان درس نظامي مڪمل ڪري، سند الفراغ (شهادت العالميه) پڻ تنظيم المدارس مان حاصل ڪئي. ساڳي وقت، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور مان ايم اي اسلامڪ ڪلچر ۾ به تعليم حاصل ڪئي. استاد طور مقرري ۽ خدمتون علمي ادبي ۽ ديني خدمتن جي سڃاڻپ طور، ١٩٩٠ع ۾ درگاهه شريف مان فارغ التحصيل ٿيندي ئي حضرت پير سائين پاڳارا، شاهه مردان شاهه (رحمة الله عليه) جي مهرباني سان، حافظ محمد يونس صاحب کي عربي ٽيچر طور نوڪري جو آرڊر مليو. پهرين پوسٽنگ: هاءِ اسڪول حيات پتافي بعد ۾ P.T.C (O.T.C ڪاليج، سکر) مان پروفيشنل ٽريننگ مڪمل ڪئي. پوءِ بدلي ڪري ٢٨ آڪٽوبر ١٩٩٣ع تي هاءِ اسڪول ڏهرڪي ۾ جوائننگ ورتي. جامع مسجد مدني ڏهرڪي ۾ خدمت دين جڏهن هو ڏهرڪي هاءِ اسڪول ۾ ٽيچر هئا، تڏهن جامع مدني مسجد، ڏهرڪي ۾ به خدمت جو موقعو مليو، جتي ديني خدمت جاري رکي. هنن جي زندگي جو اصل مقصد ۽ تمنا "پڙهڻ ۽ پڙهائڻ" رهيو آهي، جيڪو اڄ تائين همت، خلوص ۽ محبت سان ادا ڪري رهيا آهن.

## فقير مولانا مولابخش مهر سڪندري جي زندگي جو مختصر پسمنظر

فقير مولانا مولابخش مهر سڪندري، سنڌ جي روحاني، علمي، ۽ دعوتي فضا جو هڪ نالو آهي، جن جي زندگي علم، عمل، ۽ اخلاص سان ڀرپور آهي. پاڻ ٣ جنوري ١٩٦١ع تي ڳوٺ دولو فقير مهر لونگاڻي (چونڪي، جيسلمير) ۾ جنم ورتو سندن والد فقير محمد عالم مهر، سڳوري نسب، اخلاص ۽ جماعت سان وفاداري جي علامت هو. پاڻ روحاني طور حضرت امام العارفين سيد محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه جي درگاهه جي سلسلي قادريه سان وابسته رهيا آهن. سندن ڏاڏو گنهور فقير لونگاڻي، حر جماعت جو سچو دعوتي هو، جنهن جي دعوت ١٩٣٦ع ۾ پير سائين سورهيه بادشاهه جي آزادي بعد مقبول ٿي. مولانا صاحب پنهنجي ابتدائي ديني تعليم جامعه راشديه شريف مان حاصل ڪئي، جتان ١٩٨٢ع ۾ عالم جي دستاربندي حاصل ڪيائون. تنظيم المدارس اهل سنت مان ايم اي اسلاميات ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور مان ايم اي اسلامڪ ڪلچر مڪمل ڪيائون. علمي فڪر سان گڏوگڏ دعوت ۽ تدريس جو شوق به سندن سڃاڻپ بڻيو. پاڻ درگاهه تان فراغت بعد، ابتدائي تدريسي خدمتون ڳوٺ عبدالرحمان درس جي مدرسي ۾ سرانجام ڏنيون. ١٩٨٤ع ۾ ڳوٺ موٽي، هڪ نئون عاليشان ديني مدرسو ۽ مسجد شريف قائم ڪيائون، جنهن جو بنياد حضرت شيخ الحديث مفتي تقدس علي خان، مفتي محمد رحيم سڪندري ۽ حاجي عبدالله منگرئي رحمة الله عليه رکيو. پوءِ ١٩٩٣ع ۾ پير سائين شاهه مردان شاهه پاڳاري جي حڪم سان، ڏهرڪي شهر ۾ مدرسه صبغت العرفان قائم ڪيائون، جتي حفظ، ناظره ۽ درس نظامي جي بهترين طريقي سان تدريس ڪئي وئي. بعد ۾ ڪن نااتفاقين سبب مدرسو ترڪ ڪري پنهنجو روحاني توجهه ڀيهر درگاهه شريف ڏانهن موڙيائو. ١٩٩٣ع ۾ کين سرڪاري طور عربي ٽيچر جو آرڊر مليو، ۽ ڳوٺ جي اداري ۾ مستقل تدريس ۾ لڳي ويا. سندس روحاني، علمي، ۽ اداري خدمتون عمر پر جاري رهيون. ٢٠٢٠ع ۾ شاهه مائينر، راجا فارم ويجهو، محمد آچر ولد محمد فاضل جي عطئي سان نئين مدرسي ۽ گهر جي تعمير عمل ۾ آئي، جتي پاڻ رٽائرمينٽ بعد اداري جي واڌاري ۾ مشغول رهيا. اڄ به هو، پنهنجي اداري ۾ تعليم، تدريس، ۽ روحاني خدمتون نڀائي رهيا آهن، جتي سندن فرزند مولانا فياض احمد سڪندري بطور مهتمم خدمت انجام ڏئي رهيو آهي. سندس تصنيفي خدمت ۾ ڪتاب "اصلاح عقائد و اعمال" شامل آهي، جڏهن ته مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ مضمون پڻ شايع ٿيل آهن. پاڻ جمعيت علماء سڪندريه پاڪستان جا مرڪزي ميمبر هجڻ سان گڏ ضلع گهوٽڪي جا ڪيترا پيرا صدر رهي چڪا آهن.

## مرحوم فقير الطاف حسين چغتائي جي زندگي جو مختصر پسمنظر

**ايڊووڪيٽ الطاف حسين چغتائي** هڪ گهڻ رخي صلاحيتن جو مالڪ هو، جنهن پنهنجي برادري لاءِ اهم خدمتون سرانجام ڏنيون. ١٩٥٢ع ۾ ڄائو، هن تعليم جي شروعات ڏهرڪي مان ڪئي ۽ پوءِ قانون جي ڊگري حاصل ڪئي. سماجي خدمت سان سندس جذبي کيس سيد امين شاهه سان گڏ جي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو، ۽ ٻنهي ١٩٧٠ع ۾ فرينڊز ويلفيئر سوسائٽي قائم ڪئي.

۽ نيشنل سيونگز سينٽر ۾ آفيسر جي نوڪري ملي، ڪجهه عرصي بعد نوڪري ڇڏي، پروفيشنل وڪيل بڻجي ويو. هن غريبن ۽ بي وسن جا ڪيس بغير فيس جي وڙهيا، جيڪا سندس انصاف لاءِ وابستگي جي علامت هئي. هو سخي انسان هو سندس در آيل مهمان کي بنا ماني ياڪائڻ پيئڻ جي ڪونه ڇڏيندو "مولا علي" جو پيروڪار هو ۽ مولا تي توڪل رکندو هو گهٽ ويندو هو هر وقت اوطاق ۾ هوندو اتان نڪرندو هو ته سنگت کان چڪر هڻندو هو واپسي تي ڪورٽ کان پنهنجي اوطاق تي ايندو هو. **ايڊووڪيٽ الطاف حسين چغتائي کي پنجاه جي ڏهاڪي ۾ فقيري رمز** لڳي ويئي اوچتو ئي پنهنجو ويس متائي فقيري ويس ڪيائين صوفي فقيرن وارا ڪپڙا پائي هٿ ۾ ڪشڪول ۽ ڏنڊو به کڻندو هو، ڳچي ۾ فقيرن جيان مالائون پائيندو هو، هڪ ڀيري راقم الحروف کي چيائين مونکي مرشد جو حڪم ٿيو ته ڪشڪول کڻي دڪان دڪان ۽ هر ماڻهو کان پني مان سوچيو اتي پنڌس ماڻهو مذاق سمجهندا رهيا ان ويس ۾ نڪري ويس اتي جيڪي ماڻهو سڃاڻين پيا عجيب سوال ڪن پيا زندگي جي بيماري کان آخري واري وقت ۾ قرآن پاڪ جي معني تي اچي مختلف ماڻهن سميت مون سان بحث ۽ دليلن سان ڳالهائيندو هو عجيب سوال هوندا هيس. **سندس اهم ڪيريئر جي مرحلن ۾** ٢٠٠٢ع ۾ ڊي ڊي اي ۽ ٢٠٠٨ع ۾ اي ڊي او لا مقرر ٿيڻ شامل آهي. ڊپٽي ڪمشنر سان گڏجي هن هڪ فني تربيت وارو ڪاليج قائم ڪيو، جيڪو ملٽي نيشنل ڪمپنين جي مالي مدد سان هليو. الطاف پنهنجي مهرباني ۽ مهمان نوازي لاءِ مشهور هو، هميشه مهمانن کي کاڌو ۽ مشروب ڏئي موڪليندو هو. سندس گيسٽ هائوس ۾ هڪ شاندار لائبريري هئي، جيڪا سندس علم سان محبت جو ثبوت هئي. روحاني طور تي جهڪاءُ رکندڙ الطاف صوفي بزرگن ۽ قلندر لال شهباز جي عقيدتن سان وابسته هو. هن قلندر ڪبريا قانون به ترتيب ڏنو. سياسي طور تي هو پاڪستان پيپلز پارٽي (پي پي پي) جو حامي هو ۽ علي گوهر خان، مهتاب، ۽ ٻاري جهڙن شخصيتن سان ويجهو ڪم ڪيو. شوگر، بلڊ پريشر، ۽ گردن جي بيمارين باوجود، الطاف ١٩٩٧ع ۾ لاڏاڻي تائين سرگرم رهيو.

## فرينڊز ويلفيئر سوسائٽي - ڏهرڪي جي فلاحي تحريڪ جو روشن باب

فرينڊز ويلفيئر سوسائٽي ڏهرڪي – ١٩٧٠ع کان ٢٠٠٠ع تائين هڪ تاريخي فلاحي تحريڪ ڏهرڪي جي سماجي ترقي، تعليمي بيداري، ۽ انساني خدمت جي تاريخ ۾ "فرينڊز ويلفيئر سوسائٽي" هڪ اڻمٽ نالو آهي. هن سوسائٽي جو بنياد ١٩٧٠ع جي ڏهاڪي ۾ رکيو ويو، جڏهن ڪجهه باحوصلو نوجوان، وڪيل، استاد، ڊاڪٽر ۽ فڪر مند شهري هڪ نئين سماجي سجاڳي ۽ بيداري ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا. ان وقت جڏهن سماجي ادارن جو تصور اڃان شروع ٿي رهيو هو، تڏهن انهن بااصول ماڻهن هڪ منظم تنظيم ذريعي اڳتي وڌڻ جو فيصلو ڪيو. ادارتي بنياد ۽ اڳواڻ سوسائٽي جي باني **صدر سيد محمد امين شاهه ۽ جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ الطاف حسين چغتائي** هئا، جن سان گڏ عبدالرشيد گولو پڻ مرڪزي اڳواڻ طور ڪم ڪيو. شروعاتي وقت ۾ ٨٠ جي لڳ ڀڳ متحرڪ شخصيتون ميمبر بڻيون، جن ۾ ڊاڪٽر ڪرشن ڪمار نهال، استاد منير احمد شاهه، غلام محمد لاڙڪ، سيٺ شنڪر لال، نياز احمد ڏهر، عبدالغفار پتو، پروفيسر عبدالحفيظ پتو، نظام الدين سميجو، نظام الدين راڄڙي، استاد محمد شعبان دايو، رٽائرڊ ڪرنل عرض محمد، ايڊووڪيٽ ڪنعيا لال، ايڊووڪيٽ گيانچند ۽ ٻيا شامل **هئا. سماجي ۽ تعليمي سرگرميون** سوسائٽي جي خدمتن جو دائرو وسيع هو، جن مان ڪجهه نمايان ترين ڪارناما هي هئا ١. مفت ٽائپنگ سينٽر نوجوانن جي لاءِ قائم ڪيو ويو، جنهن جي ذريعي ڪيترن ئي کي نوڪريون مليون. ٢. سلائي ڪڙهائي سينٽر، خاص طور عورتن جي مالي خودمختياري لاءِ اهم قدم هو. گهراڻن لاءِ ٽيوشن سينٽر، تعليم جي فراهميءَ لاءِ. ٣. ميڊيڪل ڪيمپون ڏهرڪي ۽ آس پاس جي ڳوٺن ۾ لڳايون ويون، جتي سوين ضرورتمند ماڻهن جو مفت علاج ڪيو ويندو هو. ٤. روزگار لاءِ رهنمائي ذريعي ڪيترن ئي بي روزگارن کي ايڪسون، ماڙي گيس ۽ ٻين ادارن ۾ نوڪريون ڏياريون ويون.

**يادن جا لمحا** سو ساله جشن (١٩٨٥ع) ٢٥ ڊسمبر ١٩٨٥ع تي گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول ڏهرڪي جا هڪ سو ورهه مڪمل ٿيڻ تي هڪ رنگا رنگ **صد ساله جشن** نالي سان منظم ڪيو ويو. ان تقريب ۾ خاص مهمان ڊپٽي ڪمشنر سکر محمد سليم خان هئا، صدرِ تقريب صوبائي وزير ڄام ممتاز حسين ڏهر هو، سيد امين شاهه، جڏهن ته الطاف حسين چغتائي انتظامي ذميواري نڀائي. شرڪت ڪندڙن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر امداد اويسي، مختيارڪار رسول بخش سولنگي، ۽ هيڊ ماستر استاد ارباب ٻرڙو شامل هئا. تقريب دوران تلاوت استاد عبدالقدير ڪانجو ڪئي، جتي ڪتابن جا اسٽال، علمي تقريرون، ۽ ثقافتي پروگرام شام تائين هلندا رهيا. ادبي، اخلاقي ۽ ترقياتي ڪم فرينڊز ويلفيئر سوسائٽي نه فقط فزيڪل خدمتون سرانجام ڏنيون، پر ذهني، اخلاقي ۽ ادبي تربيت تي به ڌيان ڏنو. مثال طور: سائينڏنو ملڪ ڳوٺ ۾ ڊرينج سسٽم جي بهتريءَ لاءِ اسڪيم مڪمل ڪرائي وئي. فرينڊز ويلفيئر سوسائٽي ڏهرڪي، ٣٠ سالن دوران رڳو هڪ ادارو نه، پر هڪ تحريڪ بڻجي اڀري.

## ذاڪر حسين چغتائي: رنگن، لفظن ۽ جذبن جو مسافر!!!

رنگن، لفظن ۽ جذبن جو مسافر!!! ٻچپن کان ئي هي ٻڌندا آيا آهيون ته جيڪڏهن ڪو پنهنجي واڪاڻ پاڻ ڪري ته چوندا آهن: "پنهنجي منهن ميان مٺو ٿيو." جيڪو فخر ۽ وڏائي جي علامت سمجهيو ويندو آهي. پر هڪ پاسي محترم محمد رمضان پيرزادو صاحب جي مهربانيءَ وارو دٻاءُ، ۽ ٻي پاسي خدا جي خوف کان جسم جا رونگاٽ ساٽ ڇڏين ٿا، ذهن سوچڻ کان بي وس ٿي پوي ٿو. پنهنجن هوش ۽ حواس کي گڏ ڪري، پنهنجي مختصر زندگي جي مختصر ڪهاڻي کي تاريخ جي صفحي جي حوالي ڪري رهيو آهيان.... هن بي نوا، گناهن سان ڀريل وجود

**ذاڪر حسين چغتائي**)، ٢٢ جنوري ١٩٥٥ع تي محبتن جي انهيءَ ننڍڙي شهر "ڏهرڪي" ۾ جنم ورتو. ١٩٥٥ع وارو خيرپور ڏهرڪي هاڻ اهو ڏهرڪي نه رهيو، جتي هندن ۽ مسلمانن ۾ محبت ۽ ڀائپي جو ساهه وهندو هو. ڏک يا خوشي جي گهڙيءَ ۾ سڀ هڪ ٻئي سان گڏ هوندا هئا؛ خوشي جي ڏينهن ملهايون ورهائيندا هئا. هتي شاعريءَ جو هي بيت وس وارا ٿي ياد اچي ٿو:

"ختم ٿي ويا سڀيئي رسمون ۽ رواجن،<br>
نه رهيا محبتن وارا مسلمان، نه رهيا ساڻن مهراج!"

ڏهرڪي ۾ تڏهن صرف ٻه اسڪول هئا: هڪ پرائمري اسڪول ۽ ٻيو انگريزي اسڪول (جنهن کي هاڻي گورنمنٽ مين پرائمري اسڪول ۽ (گورنمنٽ پراونشلائيز ڊ هاءِ اسڪول چون ٿا). مان پنجن ورهين جي عمر ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيس. پوءِ پرائمري مڪمل ڪري انگريزي اسڪول ۾ داخلا ورتي، جڏهن ڇهين درجي ۾ هئس، تڏهن اسڪول ۾ ڊرائنگ سيڪارڻ لاءِ خاص استاد علي نواز ڀٽو مرحوم مقرر ٿيل هو، ڊرائنگ سيکارڻ لاءِ الڳ ڪمرو ڏنو ويندو هو، ۽ حڪومت طرفان ڪاغذ، پينسل، ربڙ ۽ رنگ فراهم ڪيا ويندا هئا. استاد سبق ڏيندا هئا ۽ بعد ۾ سامان واپس وٺندا هئا. هفتي ۾ هڪ پيرو هڪ خاص ٽيم ايندي هئي جيڪا اسان جي ڊرائنگ جو معائنو ڪندي هئي انهيءَ محبت مان فن جو جذبو اندر ۾ پرجي ويو، پوءِ ڊرائنگ تعليمي بورڊ حيدر آباد طرفان "اليمنٽري" ۽ "انٽر ڊرائنگ" جا امتحان ڏيندا هئاسين، جن ڪان پوءِ سرٽيفڪيٽ ملندا هئا ١٩٦٥ع جي جنگ دوران، فوجي سربراهن جون تصويرون خوبصورت ٽوپين سان اخبارن ۾ ڇپنديون هيون مون اهي تصويرون ڏسندي دل ۾ جوش سان پاڻ ناهڻ جي ڪوشش ڪئي ميجر راجه عزيز ڀٽي شهيد جي تصوير ناهڻ ته ڄڻ عبادت هوندي هئي ميٽرڪ پاس ڪرڻ ڪان پوءِ شهر جي دڪانن جا بورڊ، چوندن جا بينر، مسجدن، مندرن ۾ خطاطي، اهو سڀ پينٽنگ جي جذبي سان ڪندو رهيس. ماڻهو منهنجي ڪم مان متاثر ٿيندا هئا، ساڳئي وقت، صحافت سان به وابسته رهيس، روزانه مشرق ڪراچي ۽ روزانه يادگار سکر سان رپورٽنگ ڪئي دوستن کي به صحافت سيکاري، جيڪي اڄ ڏهرڪي جا ناليوارا صحافي بڻجي ويا آهن. جيڪڏهن صحافت بابت لکڻ لڳندس ته منهنجي فن مصوريءَ جي ذڪر ۾ گهٽتائي ٿي ويندي! نائين درجي کان ئي فوٽوگرافيءَ جو شوق پيدا ٿيو، نبي بخش مهاجر نالي هڪ چوڪرو اسڪول ۾ ٿن ٽنگن واري ڪئميرا سان ويهندو هو. جيڪي به ٿورا گهڻا پئسا ملندا، اُن فوٽوگرافر کان فوٽو وٺندو هئس. ڪيميڪل آڻيندو هئس ۽ گهر اچي تجربا ڪندو هئس. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي دور ۾، جڏهن قومي سجاڳ ڪارڊن جي مهم هلائي وئي، ته ماڻهن جو رش لڳي ويو مون تاج هوٽل جي مٽي واري ڪمري ۾ فوٽوگرافيءَ جو ڪم شروع ڪيو استاد ارشاد ميسح سان گڏ، راتيون جاڳي، محنت سان فوٽو ڪيندا هئاسين ان شوق کي اڳتي وڌائيندي، مان ڪراچي جي اداري مون فوٽوگرافيءَ ۾ ڊپلوما حاصل ڪئي. اڳتي هلي، الله پاڪ جي مهرباني سان، گڊو پاور هائوس ۾ اسسٽنٽ فوٽوگرافر طور مقرر ٿيس. وڏي ايمانداري سان قومي وفدن لاءِ تصويرون تيار ڪري، چيف انجنيئر جي حوالي ڪندو هئس، جيڪي انهن کي البمن ۾ سيٽ ڪري ڏيندا هئا، هڪ وقت فوٽوگرافي واري پوسٽ ختم ٿي وئي ته مونکي هيلپر طور ايڊجسٽ ڪيو ويو رڳو ٻه مهينا گذريا ته چيف انجنيئر ڪلب صاحب جي مهربانيءَ سان، واپڊا بوائز هاءِ اسڪول ۾ ڊرائنگ ٽيچر طور مقرري ٿيس مونکي سنڌي سيڪشن جو به انچارج مقرر ڪيو ويو، جتي سڀ مضمون پڙهائڻا پيا، هتي تائين جو چوڪرين کي هوم اڪنامڪس به پڙهائيندو هئس. تقريباً ١٢ سال مسلسل محنت سان اسڪول ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون، ساڳي وقت تي، پنهنجي ڪوٽڙ تي به خطاطي سيکاري گهگهر، ڏهرڪي ۽ ٻيا علائقا گهمي، چوڪرن ۽ چوڪرين کي آرٽ ۽ خطاطيءَ جي سکيا ڏني. پوءِ وري واپڊا گڊو ۴١۵ ميگاواٽ ٿرمل پاور اسٽيشن تي سب انجنيئر طور بدلي آئي، وڏي ايمانداري سان وقت جي پابنديءَ سان خدمتون ڏنيون. آخر ٢١ جنوري ٢٠١۵ع تي واپڊا مان رٽائر ٿيس. رٽائرمنٽ ڪانپوءِ به، دل جي لڳاءَ سان آرٽ جي تعليم جاري رکي، خطاطي سيکاري، نوجوانن جا خواب روشن ڪيا، آخرڪار، ٢۵ آڪٽوبر ٢٠١٩ع تي پنهنجي محبوب شهر ڏهرڪي موٽي آيس.

## پينٽرز کان پينافليڪس تائين - ڏهرڪي ۽ اباوڙو ۾ اشتهاري فن جو سفر (1960ع 2025ع)

ڏهرڪي ۽ اباوڙو جي اشتهاري دنيا جو سفر صرف ٽيڪنيڪل واڌاري جو نه، پر فن، مشقت، ۽ تخليق جي تاريخي ڪهاڻي پڻ آهي. سٺ واري ڏهاڪي کان شروع ٿيندڙ هي سفر، جتي اشتهار هٿ سان رنگيل بورڊن ۽ ڪپڙن تي هوندو هو، هاڻي پينافليڪس، اسٽيڪر، LEDبورڊ، ڊجيٽل پرنٽنگ، ۽ جديد گرافڪ ڊيزائن جي دنيا تائين پهچي چڪو آهي. ١. هٿ جي لکائيءَ وارو دؤر (١٩٦٠ع-١٩٩۵ع): ان وقت نه ڪمپيوٽر هو، نه پرنٽر. اشتهار لکڻ ۽ ڊزائن ٺاهڻ جو سمورو ڪم پينٽر هٿ سان ڪندو هو. - مواد: ڪپڙو (ڪئنوس)، لوهي چادر، پٽيون - استعمال: دڪانن جا بورڊ، سياسي اشتهار، اليڪشن جي مهم، اسڪولن جا سائين بورڊ، مذهبي جلسن جا بينر

- **مشهور پينٽر:** - ذاڪر چغتائي - ظهور دايو پيرل آرٽ - دين محمد، وسيم پينٽر، انور پينٽر، دان پينٽر، نمبر پليٽن جو فنڪار، ۽دڪانن جا بورڊ - خصوصيت: رنگن جي چونڊ، حرفن جي ترتيب، ۽ ڪلين بُرش ورڪ، اليڪشن جي ڏينهن پينٽرز لاءِ عيد وانگر هوندي هئي، جتي بينر، جهنڊا، هٿ جا پينا، پريس ڪانفرنس لاءِ اسٽيج ڊيڪوريشن سڀ هٿ سان تيار ڪيا ويندا هئا.

٢. **پينافليڪس جو انقلاب (١٩٩۵ع کان اڳتي):** ٽيڪنالاجي اچڻ سان دستي فن ته گهٽجي ويو، پر پينافليڪس جي دنيا اشتهاري ميدان کي تيزي سان تبديل ڪري ڇڏيو.



## الطاف علي برڙو، اميد ۽ محنت جي ڪهاڻي

**ايڊوڪيٽ الطاف علي برڙو** ۱ مارچ ۱۹۷٦ع تي، ڏهرڪي ويجهو، ننيڙي ڳوٺ قالو برڙو ۾ پيدا ٿيو. ننڍپڻ کان ئي هن کجهه نئون ڪرڻ جا خواب ڏٺا هئائين. جن کي سندس **وڏي ڀاءُ، شهيد فتح محمد برڙو،** جي خدمت واري جذبي هٿي ڏني. الطاف محنت سان تعليم حاصل ڪئي ۽ ۱۹۹۲ع ۾ ڏهرڪي هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ پاس ڪئي. ان کانپوءِ بوائز ڊگري ڪاليج ڏهرڪي مان تعليم جاري رکي ۽ ڪاميابي حاصل ڪئي. وڌيڪ سکڻ جي جستجوءَ کيس ڪراچي وٺي وئي، جتي ۱۹۹٦ع ۾ هن جامع مليا ڪراچي مان ايسوسيئيٽ انجنيئرنگ جي ڊگري حاصل ڪئي. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ، الطاف پنهنجي پيشورانه زندگي جي شروعات فاسٽر ويلر انگلينڊ ۾ انسٽرومينٽ فارمين طور ڪئي. سندس قابليت سبب، هو انسالدو ليبارٽري پاور پلانٽ ۾ انسٽرومينٽ سپروائيزر مقرر ٿيو. بعد ۾ اينگرو فرٽيلائيزر ڪمپني ۾ ساڳئي حيثيت ۾ ڪم ڪيائين. پر ۱۹۹۸ع ۾، جڏهن سندس آئيڊيل ڀاءُ، **فتح محمد برڙو، کي بي دردي سان قتل ڪيو ويو**، ته الطاف جي دنيا ئي تبديل ٿي وئي. هي صدمو سندس لاءِ تباهيءَ جو سبب ته بڻيو، پر ساڳئي وقت، ڀاءُ جي مشن کي جاري رکڻ جو جذبو به وڌي ويو. خدمت جي جذبي سان سرشار، الطاف پنهنجي نوڪري ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو ۽ قانون جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پنج سال وقف ڪيائين. ۲۰۱٤ع

۾ هن وڪالت جي سند حاصل ڪئي ۽ ڳوٺاڻن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪرڻ لڳو. ڪرپشن ۽ ناانصافيءَ خلاف هن جي وڪالت ڪيترن ئي ماڻهن لاءِ نئين اميد بڻجي. الطاف سياست ۾ به قدم رکيو ۽ فنڪشنل ليگ جو تعلقه صدر بڻيو، جتي هن عوام جي خدمت جاري رکي. هن جو خواب آهي ته هو مفت اسپتالون ۽ اسڪول کولڻ لاءِ ڪم ڪري، ڇاڪاڻ ته هو يقين رکي ٿو ته هر ماڻهوءَ کي تعليم ۽ صحت جون سهولتون حاصل ٿيڻ گهرجن. اڄ الطاف، هڪ وڪيل ۽ واپاري طور پنهنجي زندگي جي ذميوارين کي نڀائي رهيو آهي. جڏهن ته سندس بنيادي محرڪ سندس ڀاءُ جي ورثي کي عزت ڏيڻ آهي. سندس زندگي اهو زنده مثال آهي ته سخت محنت ۽ عزم سان، هڪ فرد به ڪيترن ماڻهن لاءِ اميد ۽ تبديلي آڻي سگهي ٿو.

## ڏهرڪي شهر جا امير ماڻهو پنهنجي رهائش، آسائش لاءِ وڏا، سهڻا ۽ پائيدار گهر جوڙائڻ جا گهڻا شوقين

رهيا آهن. ان حوالي سان اسان جي شهر ڏهرڪي ۽ پسگردائي ۾ ڪي مشهور رازا، مستري به ٿي گذريا آهن ۽ ڪي حال حيات به آهن جن ڏهرڪي شهر اندر جايون جوڙڻ ۾ چڱو خاصو نالو ڪيو آهي. اهڙن مشهور ۽ آڳاٽن رازن ۾ محمد مارڪ ڪوڪر ۽ سندس والد صاحب جو نالو خاص ڪري اچي ٿو جن پيءُ پٽن گڏجي جام سانول خان جو مشهور بنگلو تيار ڪيو جيڪو اڄ به پنهنجي خوبصورتي ۽ پائيداري جي ڪري مضبوط بيٺل آهي. محمد مارڪ ڪوڪر جي پوين مان به

ڪي نالي وارا رازا ٿي رهيا آهن جن ۾ عبدالواحد ڪوڪر، محمد عمر ڪوڪر، غلام مصطفا ڪوڪر ۽ گل حسن ڪوڪر پنهنجي خاص هنر، ڪاريگري ڪري مشهور رهيا آهن استاد محمد ابراهيم ڪوڪر، استاد اخلاق احمد ڪوڪر، سليمان ڪوڪر به هڪڙي وقت ۾ سٺا مستري رهيا آهن. مٿي ڄاڻايل ڪوڪر برادري جا هي رازا اڄ به جام سانول خان محلي ۾ رهندڙ آهن. باگو جي ولد ڪينئو جي وينل محلا امير بخش سومرو به پنهنجي دور جو هڪ پلوڙ مستري هو. اينچلو جي به هڪ مشهور رازو هو جي ٿو جيڪو جام ظفر خان ڏهر ڪالوني جو رهندڙ هو. ڳوٺ سائينڏنو ملڪ جا رهواسي مستري منشي ملڪ، آڏت ملڪ، ڳوٺ ستار ڏنو دڪڻ سومرو جا شبير احمد سومرو، منير احمد سومرو ۽ عبدالقادر سومرو به بهترين ڪاريگر رهيا آهن محمد صيفل سومرو، محمد اسحاق سومرو، قادر بخش سومرو محلا امير بخش سومرو جا به سٺا ڪاريگر هئا ان کان سواءِ غلام مصطفا ڪنير اسماعيل ڪورائي چنا محلا جا رهندڙ به بڌڻ ۾ اچن ٿا جيڪي به پنهنجي دور جا بهترين مستري هئا.

# مرحوم قاضي غلام حيدر خان جون يادگيريون

تاريخي شهر ريتي جيڪو سنده پنجاب سرحد لڳ واقع آهي جي مٽي مان هڪ پورهيت گهراڻي مان جنم وٺندڙ هڪ بهترين شخصيت قاضي غلام حيدر ولد قاضي قبول محمد ذات ڪوري (١٩٣٧ ۾ ڳوٺ غلام علي چاچڙ ريتي ۾ ڄائو) جنهن پنهنجي زندگي اصول پرستي سان صاف ستري گذاري، زمينداري سان گڏ لوڪل سياست ۾ هميشه ڪامياب رهيو سياست ۾ ڪيترا پيرا ميمبر اليڪٽ ٿيو دست راست ڄام منير احمد خان ڌهر، سردار نور محمد خان لنڊ، سردار خالد احمد خان لنڊ ۽ سردار احمد يار خان شر سان واسطو رهيو، جيئن ته هنن جو ست پيڙهائتو سرداري واسطو پين خانن سان رهيو آهي جنهن ۾ قابل ذڪر سردار بهادر ڄاڳڻ خان پيو سردار محبوب علي عرف ڪوڙا خان پيو، سردار واحد بخش خان پيو، مير الطاف علي خان پيو ۽ مير بابل خان پيو سميت سموري خاندان سان گهڻو پيار ڪندڙ هيو جنهن پنهنجي برادري جو مقدم مقرر ڪيو، جنهن ۾ لوڪل ڪوري برادرين کان علاوه پنجاب جون برادريون به شامل آهن. لوڪل دوست ۽ برادري جا اڻ ڳڻيا خير خواه آهن جيڪي اڄ به سٺن لفظن سان سندس ياد ڪن ٿا.

پنج وقت نماز سان پيار هيس هڪ عدد عمرو نصيب ٿيو نشي جوا چٽي دلالي کي سخت گناه ۽ عيب سمجهندو هيو سندس اوطاقي سخي مرد ڪچهري جو مور زمين ماپ جو ماهر پوليس چوڪي ريتي جا اهلڪار سندن عاشق هوندا هيا ان مان تقريبن هاڻي انسپيڪٽر ۽ ڊي ايس پي آهن انجي گواهي هر لوڪل يا واسطي وارا ڏيندا ته قاضي غلام حيدر هڪ برانڊ هيو. ٢٠٠٩ ۾ مالڪ حقيقي جي حوالي ٿيو

# قاضي ارشاد احمد

## ميمبر ضلع ڪائونسل گهوٽڪي

قاضي ارشاد احمد هاڻي سندن پڳدار پٽ آهي جنهن جي سِر تي پنهنجي پيءَ جي پڳ سندن مير سردار بابل خان پيو، دوستن ۽ برادري جي معززن پڌرائي لوڪل سياست ۾ سندن خوب نالو ڪمايو آهي مسلسل ٻيو پيرو آزاد حيثيت ۾ جيت حاصل ڪندڙ حال ۾ به ريتي يوسي جو ڊسٽرڪٽ گهوٽڪي جو ضلع ڪائونسل ميمبر آهي سندن سياسي واسطو سردار علي گوهر خان مهر. ميان عبدالحق عرف ميان مٺو ۽ سردار شهريار خان شر سان آهي پنهنجي ڪوري برادري جو سنده پنجاب جو مرڪزي اڳواڻ آهي برادري ۽ دوستن تي ساه صدقو ڪرڻ وارو آهي اهوئي راز آهي ته دوست ۽ برادري جا ماڻهون به ساهه صدقو ڪن ٿا سندن زميداري سان گڏ سوشل ورڪنگ، پراپرٽي ڊيلنگ ۽ ڪيٽل فارمنگ آهي

# قاضي ارشاد احمد جو شجرو

قاضي قبول محمد (ڏاڏو)

قاضي عبدالحڪيم

قاضي عبدالڪريم

قاضي استاد گل محمد

قاضي محمد عظيم

مرحوم قاضي غلام حيدر

قاضي ارشاد احمد

قاضي اشفاق احمد

قاضي اشتياق احمد

قاضي اوشاق احمد

قاضي آفاق احمد

قاضي اويس احمد

قاضي ذوالقرنين حيدر


قاضي آفتاب احمد


قاضي عبدالقدوس

مرحوم قاضي مشتاق احمد
ولد قاضي غلام حيدر

قاضي عطا محمد
(سئوٽ)

مرحوم قاضي اياز احمد
(سئوٽ)

شجرو :- قاضي ارشاد احمد پيدائش ١٩٦٤ ٠٩ ١٢ پٽ قاضي غلام حيدر پٽ قبول محمد پيدائش ١٩٠٦ ء وفات ١٩٨٢ پٽ الله بچايو پٽ عبدالله پٽ ملا مگڻ پٽ ملا نباهو والد جو نالو مرحوم غلام حيدر جنهنجي پيدائش ١٩٣٧ ۽ وفات ٢٠٠٩ ۾ ٿي قاضي قبول محمد کي پنج پٽ بالترتيب عبدالحڪيم، محمد عظيم، عبدالڪريم ، استاد گل محمد آهن ۽ سڀني کان ننڍو قاضي غلام حيدر۽ ان جو پٽ ارشاد احمد ۽ مشتاق احمد پيدائش ١٩٧٣ جيڪو ١٩٩٤ ٠١ ٠٨ روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ بغير شادي جي وفات ڪيائين قاضي ارشاد جا پٽ اشفاق احمد, اشتياق احمد, اوشاق احمد ۽ آفاق احمد , ۽ ڪيس چار پوٽا اويس احمد، ذوالقرنين ۽ آفتاب احمد پٽ اشفاق احمد آهن ۽ عبدالقدوس پٽ اشتياق احمد

# عمران سومرو موسيقي جي دنيا جو اڀرندڙ ستارو

عمران علي سومرو – ڳوٺ امير بخش سومرو جي مٽي جي سڳند مان نڪرندڙ نالو تعارف: عمران علي سومرو، ڳوٺ امير بخش سومرو جو هڪ اهڙو انمول موتي آهي، جنهن نرگو موسيقيءَ جي دنيا ۾ پنهنجو مقام پيدا ڪيو. پر سماجي شعور، سچائيءَ ۽ فن جي ذريعي پنهنجي علائقي لاءِ روشنيءَ جو مينار بڻجي سامهون آيو. خانداني پس منظر: عمران سومرو جو تعلق هڪ نيڪ نيت، علم دوست ۽ سماجي طور سجاڳ سومرا خاندان سان آهي. سندس ڏاڏو پير بخش سومرو هڪ سادي ۽ باوقار زندگي گذاري، جنهن کي ٽي نياڻيون ۽ چار پٽ هئا: ١. مرحوم گل حسن سومرو – ريلوي شعبي سان وابستگي. ٢. محمد رمضان سومرو ٣. ڪريم بخش سومرو – محترمه بينظير ڀٽو جي سياسي ساٿين مان. سندس فرزند عبدالرشيد سومرو FIA ۾ ڊائريڪٽر جي عهدي تي ڪم ڪري رهيو آهي. ٤. حاجي علي نواز سومرو – ٺيڪيداري جي شعبي ۾ نمايان نالو، جنهن پنهنجي اولاد جي بهتر پرورش ڪئي. هن جا ٽي پٽ ۽ ٽي نياڻيون آهن. تعليم ۽ پيشو: عمران سومرو ١٩٨٨ع ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ LLB جي ڊگري حاصل ڪئي. تعليم سان گڏوگڏ موسيقيءَ سان سندس والهاڻو عشق به برقرار رهيو، جنهن کيس عوامي مقبوليت ڏني. فن ۽ موسيقيءَ جي سفر: عمران سومرو موسيقيءَ جي دنيا ۾ پنهنجي منفرد انداز ۽ آواز جي ڪري تڪڙو مقبول ٿيو. سندس نغما: ڪلام ۽ جادوئي آواز ۽ هڪ منفرد انداز, KTN ڪشش، ۽ سنڌ ٽي وي وي تي نشر ٿيا، جن کيس هڪ سڃاڻپ ڏني. هو آل سنڌ سنگيتڪار ايسوسيئيشن جو سرگرم رڪن رهيو. ڇهن سالن تائين مسلسل "انفارميشن سيڪريٽري" جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏنيون. سندس ڳائڻ جو انداز جديد سازن، روايتن ۽ دردناڪ لهجن سان ڀرپور آهي، جيڪو سنڌي موسيقيءَ کي هڪ نئين رخ ڏنو. واپسي، روزگار ۽ امتحان: ٢٠١٢ع ۾ هو ڌرڪي واپس آيو، جتي ماڙي پيٽروليم ۾ پروڪيورمينٽ اسسٽنٽ طور ملازمت اختيار ڪئي. سندس ايمانداري، تهذيب ۽ بردباري کيس هڪ منفرد حيثيت عطا ڪئي. هو نرگو فنڪار، پر: سٺو ليڪ, تاثير پريو ڪمپئر سڄايو ميزبان به آهي. زندگيءَ جا ذڪيا لمحا: ٢٠٢٠ع سندس لاءِ ڏکئي آزمائشن وارو سال هو. سندس زندگيءَ جي ساٿي کي ڪينسر جو مرض ٿيو. علاج دوران مالي، جذباتي ۽ روحي پريشانين کي منهن ڏيئو پيو. پر سندس صبر، دعا، ۽ عزم سبب سندس زال هاڻي صحتياب آهي. ٺون نسل: عمران سومرو جا ٻه ٻارڙا آهن: ١. سرمد حسنين سومرو (١٢ سالن جو) – سٺو نعت خوان. ٢. انابيه عمران – ٻئي ڪلاس جي شاگرديائي، ايجوڪيٽر اسڪول ۾ پڙهي رهي آهي.

# چوڌري عبدالحق آرائين: هڪ تاريخي شخصيت جو مختصر پسمنظر

**چوڌري عبدالحق آرائين: هڪ تاريخي شخصيت** چوڌري عبدالحق آرائين، ڏهرڪي جي هڪ معزز ۽ نيڪ نيت شخص، ٥ اپريل ١٩٤٢ع تي پارٽ جي شهر جالندر ۾ جنم ورتو. سندن والد محترم حاجي جمال الدين آرائين، جالندر جا نامور زميندارن مان هئا. انهن کي الله تعاليٰ ٻه پٽ عطا ڪيا: **حاجي عبدالحق آرائين ۽ حاجي علي احمد آرائين**• جالندر ۾ سندن ٻه کوهه زمين هئي هڪ کوهه ۾ ١٠ ايڪڙ جي زرعي زمين هوندي هئي، جيڪا سندن معاشي خوشحالي جو ذريعو هئي. سال ١٩٤٧ع جي ورهاڱي دوران انهن کي زبردستي پنهنجي اباڻي زمين ڇڏڻي پئي ۽ انتهائي ڏکين حالتن هيٺ پاڪستان هجرت ڪرڻي پئي. پاڪستان اچڻ ڪانپوءِ، ساهيوال ضلعي ۾ ڪين ڪليم جي مد ۾ ساڍا چار ايڪڙ زمين ملي. اها زمين وڪڻي، هو ڏهرڪي شهر منتقل ٿيا، جتي **"ايڪسون ڪمپني"** ۾ ٺيڪيداري جو ڪم سنڀاليائون.

**چوڌري عبدالحق صديق ڪالوني** ۽ شهر جي هڪ معزز ۽ نمايان شخصيت طور سڃاتو ويندو آهي. صديقي ڪالونيءَ ۾ هنن ٢٠ ويسا زمين تي مشتمل هڪ پلاٽ خريد ڪيو. جيئن ته سندس والد صاحب انڊيا ۾ زميندار هو، تنهن ڪري پاڪستان ۾ زمين ڪانسواءِ ان جي دل نه پئي لڳي پوءِ پنهنجي پٽ عبدالحق کي چيو ته هو زرعي زمين وٺي، جيئن هو ڳوٺ جي فطري ماحول ۾ رهي سگهن. ان سلسلي ۾، انهن هڪ شر ذات جي ماڻهوءَ سان رابطو ڪيو ۽ ١٠٠ ايڪڙن تي مشتمل هڪ لاٽ خريد ڪئي. بعد ۾ ١٠٠ ايڪڙن جي ٻي لاٽ پڻ حاصل ڪئي. ٻئي لاٽون ڦڏي واريون هيون، ۽ ٻنهي پارٽين معاهدو ڪيو معاهدي مطابق، جڏهن اها زمين مڪمل طور صاف ۽ قبضي جي قابل ٿي ويندي، ته اها ٻنهي ڌرين ۾ برابر ورهائي ويندي. ڏهه سالن بعد اها زمين مڪمل طور تي صاف ٿي ۽ ٻنهي ڌرين ۾ انصاف سان ورهاست عمل ۾ آئي. وقت گذرڻ سان چوڌري عبدالحق ڪجهه زمين وڪڻي صديق ڪالوني ۾ پنهنجو شاندار بنگلو تعمير ڪرايو ۽ مستقل طور هتان جي رهواسي بڻجي ويا. چوڌري عبدالحق جا پنج پٽ آهن، جن مان ٻه سياسي ميدان ۾ سرگرم آهن. **چوڌري عبدالحق آرائين "سنڌ سينٽرل ايسوسيئيشن" جا صدر ۽ "شهري اتحاد ڏهرڪي" جا نائب صدر آهن.**

**چوڌري عبدالحق آرائين جي اولاد:** چوڌري انوار الحق – جنهن کي هڪ پٽ ۽ هڪ نياڻي، چوڌري اڪرام الحق – هڪ پٽ ۽ هڪ نياڻي، چوڌري ضياءُ الحق – ٻه پٽ ۽ ٻه نياڻيون، چوڌري سعيد الحق – ٻه پٽ ۽ هڪ نياڻي، چوڌري جواد الحق – هڪ پٽ آهن

چوڌري انوارالحق – يونين ڪائونسل ڏهرڪي جو وائيس چيئرمين (٢٠٠٦) ۾ رهي چڪو آهي.

**چوڌري انوارالحق ٢٠٠٦ع ۾ يونين ڪائونسل ڏهرڪي** جو وائيس چيئرمين مقرر ٿيو. هن پنهنجي عهدي دوران عوامي ڀلائي لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو. روزانو آفيس ۾ موجود رهي، ماڻهن جي مسئلن کي ٻڌي ۽ انهن جي حل لاءِ ڪوششون ورتيون. صفائي سٿرائي، نالن جي صفائي، ۽ ڪچري جي مناسب انتظام لاءِ قدم کنيا. بعد ۾، هن عسڪري بينڪ ڏهرڪي ۾ مينيجر طور نوڪري ڪئي، جتان استعيفيٰ ڏئي رحيم يار خان ۾ پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيو. هن جي عوامي خدمت ۽ ايمانداريءَ جي ڪري، هو ڏهرڪي جي ماڻهن ۾ عزت ۽ احترام جي نظر سان ڏٺو ۽ سڃاتو وڃي ٿو.

**چوڌري اڪرام الحق _ ٽائون ڪاميٽي ڏهرڪي جو وائيس چيئرمين** (٢٠١٥ ٢٠١٩) چوڌري عبدالحق جو فرزند، پنهنجي تعليمي سفر کي گورنمينٽ پرائمري اسڪول صديق ڪالوني مان شروع ڪري، گورنمينٽ پي هاءِ اسڪول ڏهرڪي مان ميٽرڪ ۽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج مان انٽر ۽ BSc مڪمل ڪئي. هن جي ٽي روڊ تي عبدالحق ڪار شو روم قائم ڪيو. ٢٠١٥ع جي بلدياتي چونڊن ۾، هن سردار علي گوهر خان مهر جي ٽيم سان گڏجي ٽائون ڪاميٽي ڏهرڪي جي صديق ڪالوني جي وارڊ تان حصو ورتو ۽ ڪاميابي حاصل ڪئي. وائيس چيئرمين جي حيثيت سان، هن چيئرمين منير احمد خان مهر سان گڏجي شهر جي صفائي، نالن جي صفائي، ۽ ٽف ٽائل جي لڳائڻ سميت ڪيترائي ترقياتي ڪم ڪرايا. هن جو شو روم سياست جو مرڪز بڻجي ويو، جتي ماڻهن جا مسئلا ٻڌي انهن جي حل لاءِ قدم کنيا ويندا هئا. ٢٠٢٢ع جي چونڊن ۾، هن وارڊ نمبر ١١ تان حصو ورتو پر ڪامياب نه ٿيو. هن وقت، هو عبدالحق آرنائين نالي بائي پاس ڏهرڪي تي پنهنجو ڪاروبار جاري رکي رهيو آهي.

## هندو ڌرم جا انمول انسان

**هشـــورام** ست سالن کان ڏهرڪي جي اسٽاپن چوڪن چوراهن تي نلڪا لڳائي مسافرن لاءِ پاڻي جو بندوبست ڪندو رهيو ۽ بينچون رکندو رهيو آهي جن جو رنگ ساڻو هوندو هو. ان کانسواءِ سنارڪي بازار ۾ پاڻي جي سبيل هلائي رهيو آهي موسم جي حساب سان برف جو بندوبست ڪندو آهي، ۽ ڪجھ جاين تي مٽڪا مٽي جا گلاس رکندو هو. جيڪي پنو عاقل ۽ رحيم يار خان تائين لڳائيندو رهندو آهي.

**نارائڻ داس**, انتم سنسڪار جي شيوا ۾ زندگي گذاري آهي ۽ اتي هر قسم جي سار سنڀال ۽ صاف صفائي ۽ سهوليتون فراهم ڪندو هو. * درويش صفت لچو پوري زندگي پنهنجي جسم تي قميس ناهي پاتي ڪيس نه سردي جو احساس ٿيندو آهي نه گرمي جو سندس جي سمادي هن وقت به مسواڻن ۾ موجود آهي.

**سائين استاد ٺاڪرلال ڇاٻڙيا**, پوري ڄمار پاٺشـــالائن جي شيوا ۾ گذاري ۽ عورتن کي هنر ڏيڻ لاءِ مفت سلائي سينٽر قائم ڪيا . پنهنجي طرفان شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ ڪمپيوٽر سينٽر قائم ڪيا, ويد شاستر ۽ ڪتاب ڏنا استاد ٺاڪر لال جي وفات کان بعد ان جو پٽ **ڪاڪا ڪيلاش جوت** جيڪو خزانچي جي سيٽ تي مکي چوندجي آيو ۽ پنچائت جو حصو ٿيو ان به پنهنجي پيءُ استاد ٺاڪر لال جي نقش قدم تي هي پنهنجي وس آهر هندو ڪميونٽي جي خدمت ڪئي آهي.

**ناگيش ڪنگر جو ڏاڏو ٽيڪمداس** ۽ سندس والد شنڪر لال، ڳوان جي نوازش سان پئسي جي ڪمي ڪونه اٿس پاڻ پوري زندگي شهر ۽ گائوشالا ڳئون جي سيوا ڪندو رهيو, بعد ۾ سندس پٽ ستن ڪمار به ساڳيو ڪم ڪندو رهيو ۽ هو هڪ گولي ۾ شهيد ٿي ويو. ستن کان پوء ساڳي شيوا سندس پائٽيو ناگيش ڪنگر جاري ڪري رهيو آهي

**پرشوتم لال هاسـواڻي** پرشوتم لال هاسواڻي پنهنجي پوري ڄمار هندو سماج ۾ ڏاج خلاف جاڳرتا هلائي، هن ڌرمي معلومات تي يارنهن ڪتاب ڇپرايا ، ۽ عملي ڪم ڪري ڏيکاريو.

**ڊاڪٽر شولال** صدر BHR روزاني جي بنياد تي فري ڪلينڪ هلائي رهيو آهي بنا ڪنهن متڀيد رنگ نسل جي مريضن جو علاج ڪندو آهي ۽ هر سال بي ايڇ آر پاران مفت اکين جي ڪيمپ لڳائي ويندي آهي.

**حڪيم منو مل** جي هٿن ۾ جادو هو سندس هٿ جو ٺهيل دارون سان اکين جو مرض ختم ٿي ويندو هو, خدا ترس هو غريبن کي مفت دارون ڏيندو هو.

**لڇمڻ ۽ پريتم**, جانورن کي پاڻي پياريندو هئا . هڪ ٽنڪي ريجهو مل وٽ ته ٻي ٽانگ اسٽينڊ وٽ هئي ۽ ڀڳت مينهان رام ڀڳتي ڪلندو آهي ۽ جيڪو جهولي ۾ ملندو اٿس غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندو آهي. * وڏي درٻار ۾ پائي ڄاچي رام درٻارين جي سيوا ڪندو آهي

**ڀڳت ڪنور رام سبيل**, شهيد ڀڳت ڪنور رام پراڻي بس اسٽيسـب يو بي ايل چوڪ تي ڇپري ٺاهي اتي مٽڪا رکي سبيل جي شروعات ڪئي هئي.

**صوفي ڪنعيا لال** پکين کي داڻو پاڻي وجهندو آهي. * پرشوتم لال هاسواڻي پنهنجي خرچ تي ڌرمي ڪتاب ڇپرائي مفت ڏيندو هو. شادي ۾ غريبن نياڻين جي ڏاج ۾ مدد ڪندو هو.

**گردوارا بابا نانڪ شـاه جو پائي هري لال** ۾ چيتن داس، پائي نند، صوفي گوپي رام جن کي جيترو رب پاڪ نوازيو آهي اوترو ئي ڳينا آهن، غريبن کي ڪاڏو ڪارائڻ، غريبن کي راشن، ڪپڙا وٺي ڏيڻ شاگردن کي ڪتاب وٺي ڏيندا آهن، جيڪو به وٽن مدد لاءِ ايندو آهي بي لوث ۽ بنا متڀيد جي مدد ڪندا آهن.

**سنت پوڄا رام جي وڏي درٻار جا شيواداري** – ڏهرڪي جي ٢٠٠ سالن جي روحاني تاريخ جو مرڪز! شيواداريءَ جي خدمت جا وارث: ٺاڪر داس پٽ ٻانهو مل ۽ ونيش ڪمار پٽ حاسا نند روزانه شام جو پوڄا پاٺ ٿيندي آهي جتي عورتون ۽ مرد روحاني سڪون ماڻين ٿا هر سال وڏي شيواداريءَ جي اوسر سان، شهر جون اکين جو مرڪز ٻٽيل درٻار آهي. **ماضي جا خادم:** حاسانند پٽ آڏت مل ۽ ٺاڪر داس پٽ ٻانهو مل جون يادن سان پريل شيوا ڏهرڪي جي ڌرتيءَ تي ٻن صديون پراڻو، شرافت، پاونا ۽ ڀڳتيءَ جو پڪو نشان آهي.

# ڏهرڪي جي هندو پئنچات ـ اتحاد، قيادت ۽ ارتقا

POOJ HINDU PANCHAYAT
DAHARKI

**ڏهرڪي جي هندو پئنچات جو ابتدائي پس منظر** سنڌ جي شهر ڏهرڪي ۾ هندن جي سماجي تنظيم، هندو پئنچات جو بنياد 1954ع ۾ ايڪي، اتحاد ۽ مسئلن جي حل لاءِ رکيو ويو. ان کان اڳ ٻه ڪجهه هندو اڳواڻ گڏجي مسائل حل ڪندا هئا، جن مان هڪ کي "مکي" سڏيو ويندو هو. ان وقت مکي ٺاڪريو مل اهو نظام هلائيندو هو، جنهن کان پوءِ هي ذميواري مکي منو مل کي سونپي ويئي. مکي منو مل، هڪ اثرائتو زميندار ۽ معتبر اڳواڻ هو.

**مکي منو مل جي قيادت** (١٩٥٤–١٩٨٨) مکي منو مل ١٩٨٨ع تائين اڪيلي سر پئنچات جي قيادت ڪئي. هن جي دور ۾ ست ميمبر طور موجود هئا جن ۾: ١. مکي نند لال ٢. مکي سيتل داس ٣. مکي جمن داس مکي جئه جو ڏاڏو ۴. مکي ڏيون داس (استاد پيارا لال جو والد) ۵. مکي گوڪل داس (ڪپڙي پئنچات انچارج) ٦. مکي پنڃٽو مل، ٧. مکي باشا رام. مختلف شهرن کان آيل پاڙن جا نمائندن مان هڪ پئنچات جو ميمبر هوندو هو. اهو رواج مکي منو مل وڌو جنهن مختلف وقتن آس پاس جي شهرن ۽ پاڙن مان اچڻ وارن کي ٻه نمائندن ۾ شامل ڪيو: جن ۾ رونتي جو: ١. مکي مولچند، مکي خوبو مل، مکي ڪنور مل تلريجا ٢. رهڙڪي: مکي باشا رام ريجهڙا (اڳوڻو ٽائون چيئرمين ٣. فتح پور: مکي نڪو مل بترا، جنهن جي پاڙي جو نالو "فتح پوري محلو" رکيو ويو.

**پئنچات جو تنظيم سازي طرف سفر** (١٩٨٨ ١٩٩١) **سال** ١٩٨٨ع ۾ مکي منو مل جي وفات کان پوءِ، عبوري طور استاد پيارا لال کي مکي مقرر ڪيو ويو. ان کان پوءِ ١٩٩١ع ۾ **پهرين چونڊيل پئنچات** کي جوڙيو ويو، جنهن جي ڪابينه ۾ هيٺيان عهديدار شامل هئا: ١. مکي: پيارا لال گوئنداڻي ٢. وائيس پريزيڊنٽ: مکي نامون مل ٣. جنرل سيڪريٽري: مکي يڌشٽر لال ۴. جوائنٽ سيڪريٽري: مکي لڇو رام ۵. خزانچي: لال چند موٽواڻي پهريان اليڪشن ڪميٽي جو **چيئرمين استاد گهنشام داس** هو ۽ ميمبر ڊاڪٽر ڪيپٽن پرشوتم لال هو، جنهن کان پوءِ ١٩٩٨ع ۾ **ڊاڪٽر گوبند رام** ڪميٽي سنڀالي ورتي. **ورهاڱي بعد جي هجرت** ١٩٤٧ع جي ورهاڱي جي لڏ پلاڻ جو سلسلو شروع ٿيو، جنهن بعد ڏهرڪي، ريتي، اباوڙو ۽ رونتي جا اسي سيڪڙو هندو سنڌ ڇڏي هندستان لڏي ويا، اها لڏ پلاڻ اڄان تائين جاري آهي. اهم هجرت ڪندڙ شخصيتون: فتو رام ۽ يڌشٽر لال (جلگائون) ماٽڪ مل درگ، پرتو مل (اورنگ آباد) پرشوتم لال برادرز (بمبئي) استاد پون داس (اندور) ڊاڪٽر لڇو رام (امراوتي) وڪيل شيون داس (BHR جو باني، شاهه لطيف اسڪول جو باني) لڇو رام، واشو رام اندور ويا. ڊاڪٽر سدام چند (درگ)

**هندو پئنچات جا چونڊيل مکي مکي نامون مل لنڊ** چونڊجڻ جا سال: ١٩٩١ع کان ١٩٩٦ تائين وائيس پريزيڊنٽ ٿيو، سنه ١٩٩٦ع کان ٢٠٠١ع تائين صدر (مکي) چونڊيو ويو، سنه ٢٠٠١ع ۾ ٻيهر مکپٽي جي اليڪشن ٿي جنهن ۾ **ڊاڪٽر شيوڪ رام پنشي** پنهنجي پينل سان چونڊجي آيو جيڪو ٢٠٠٦ع تائين رهيو. سنه ٢٠٠٦ع کان ٢٠١۴ع چونڊجي مکپٽي جي ٻه پيرا قيادت ڪئي. سنه ٢٠١۵ع ۾ اليڪشن ٿي جنهن ۾ **مکي ڊاڪٽر شيوڪ** رام پنهنجي ٽيم مکي يڌشٽر لال ڪٽاريا، مکي پچن لال، مکي راجڪمار تلريجا، مکي ڪاڪا ڪيلاش جوت، مکي جئه پرڪاش چونڊجي آيا جيڪي ٢٠١٨ع تائين رهيا، سنه ٢٠١٨ع کان ٢٠٢١ تائين **ڊاڪٽر شيوڪ رام** ٻيهر ٽيم سميت ڪٽي آيو، جنهن ۾ مکي پچن داس جي جاءِ تي مکي وجي ڪمار گيهي ڪٽي آيو. سنه ٢٠٢١ع کان ٢٠٢۴ تائي مخالف ڌر جو **مکي انيل ڪمار** چونڊجي آيو جڏهن ته باقي ٽيم مکي شيوڪ رام جي ساڳي رهي. جيڪو ٢٠٢۴ع تائين مکپٽي جي عهدي تي رهيو. سنه ٢٠٢۴ع ۾ چونڊون ٿيون جنهن مکپٽي جي صدارتي سيٽ تي ڊاڪٽر رميش لال، جو مقابلو نامچند گروپ سان ٿيو جنهن ۾

**ڊاڪٽر رميش لال مکپٽي** جي سيٽ تي چونڊجي آيو هن وقت مکي رميش لال تاريخ لکجڻ جي ٢٠٢۵ع تائين مکي آهي هو سنڌس چونڊجڻ جو ٢٠٢٤ چونڊجي قيادت ڪئي: پهريون پيرو ۽ موجوده مکي آهي پئنچات جي اهميت ۽ اليڪشن جو عمل هندو پئنچات جو نظام هر ٽنسالن کان پوءِ چونڊن بيلٽ پيپر ذريعي هلي ٿو. صرف مرد نوجوان اليڪشن ۾ ووٽ ڏين ٿا. اليڪشن کان اڳ اليڪشن ڪميشن پئنچات جو ڪاروهنوار هلائيندي آهي. جيڪا چونڊ عمل جي نگراني ڪندي آهي. ڏهرڪي جي هندو پئنچات هڪ مستحڪم، منظم ۽ تاريخي ادارو آهي، جنهن ڪيترن ئي ڏهاڪن کان هندن جي مسئلن، گڏجاڻي ۽ سماجي اتحاد لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. هن پئنچات جي قيادت جي تسلسل، چونڊيل اڳواڻن جي خدمت، ۽ مهاجر هندن جي يادگيرين سان هي نظام سنڌ جي سماجي ورثي جو اهم حصو بڻجي چڪو آهي

## ڍهرڪي جي هندو پئنچات

پنچائيت ڏکڻ ايشيا جو هڪ قديم ترين مڪاني حڪومت جو نظام آهي، جنهن جا تاريخي حوالا لڳ ڀڳ ٢٥٠ عيسوي کان ملن ٿا. لفظ 'پنچائيت' جو مطلب آهي 'پنج' (پنج) ماڻهن جي 'اسمبلي' (آيت). روايتي طور تي، پنچائيت ۾ مقامي برادري طرفان چونڊيل عقلمند ۽ معزز بزرگ شامل هوندا هئا، جيڪي برادري اندر اختلافن کي حل ڪرڻ ۾ مدد ڏيندا هئا. اتحاد ۽ هم آهنگي کي وڌائيندا هئا. هندو سماج ۾ پنچائيت کي هميشه هڪ مقدس حيثيت حاصل رهي آهي، ۽ ان جا فيصلا واجب ۽ لازم سمجهيا ويندا هئا. ساڳيءَ ريت، اسان جي شهر ڍهرڪي ۾ به پئنچائيت جو نظام ڏهاڪن کان رائج آهي. ١٩٩٠-٩١ع ۾ ڪجهه نوجوانن جوش سان چونڊ جي تجويز ڏني ته جيئن پنچائيت جو قيام چونڊ ذريعي ٿئي، ۽ مقامي هندو برادري جي متفقه راءِ سان، هندو پنچائيت اليڪشن ڪميشن قائم ڪئي ويئي، جنهن لاءِ ڪيترن ئي معزز ۽ نمايان ماڻهن کي چونڊيو ويو. اپريل ١٩٩١ع ۾ پهرين چونڊ ٿي، ۽ هي روايت اڄ تائين جاري آهي. هر چونڊ ۾ پنچائيت لاءِ ڇهه ميمبر چونڊيا وڃن ٿا: صدر، نائب صدر، سيڪريٽري، جوائنٽ سيڪريٽري، خزانچي، ۽ پريس سيڪريٽري. هر چونڊيل ميمبر ٽن سالن لاءِ ڪميونٽي جي خدمت ڪندو آهي، جنهن کان پوءِ هو پنهنجي استعيفيٰ اليڪشن ڪميشن کي ڏيندو آهي، جيڪا ٤٥ ڏينهن اندر نئين چونڊ جو بندوبست ڪندي آهي. سماجي برائين جهڙوڪ شراب نوشي، منشيات جي واپرائڻ ۽ جوا کي روڪڻ لاءِ قدم کنيا وڃن. ▪ شادي ۽ جنازي جي رسمن تي غير ضروري خرچن کي گهٽايو وڃي. ▪ برادري جي تڪرارن کي حل ڪري، اتحاد ۽ ڀائپي کي هٿي ڏني وڃي. ▪ تقريبن لاءِ پئنچائيت هال جهڙيون سهولتون مهيا ڪيون وڃن. تعليم جي واڌاري لاءِ ڪم ڪيو وڃي. ▪ مذهبي علم ۽ سکيا لاءِ اسڪول هلائڻا وڃن. ▪ ڇوڪرين لاءِ سينگار، ڪاڌو پچائڻ ۽ سلائي وغيره جي سکيا لاءِ ٽريننگ سينٽر قائم ڪيا وڃن. ▪ بيروزگار هندو نوجوانن کي روزگار ملڻ ۾ مدد ڏني وڃي. ▪ ضرورتمند ۽ غريب ماڻهن جي مدد ڪئي وڃي. غريب ڇوڪرين جي شاديءَ جي خرچن ۾ مدد ڪئي وڃي. ٽٽل لاڳاپن ۽ خاندانن ۾ صلح صفائي ڪرائي وڃي. وڇوڙي جو شڪار ماڻهن جي مدد لاءِ ضروري سامان ۽ وسيلا فراهم ڪيا وڃن.

**ڍهرڪي ۾ هندو برادري جي سماجي فلاحي تنظيم، بي ايڇ آر ويلفيئر ايسوسيئيشن،** ١٩٨٥ع کان سرگرم آهي. هندو پنچائيت ۽ بي ايڇ آر ويلفيئر ايسوسيئيشن هميشه هڪ ٻئي سان سهڪار ۽ مدد جو رشتو رکيا آهن، ۽ بي ايڇ آر ايسوسيئيشن جا ڪجهه باني ۽ سينيئر ميمبر موجوده پنچائيت جا چونڊيل ميمبر پڻ رهيا آهن. بي ايڇ آر ويلفيئر ايسوسيئيشن کان علاوه ڪجهه فرد پڻ آهن، جهڙوڪ سيٺ مهيش ڪمار تلريجا، سيٺ روشن لال پنجواڻي، ۽ اڳوٽو مکي جئي پرڪاش، جيڪي سماجي خدمت ۽ پنچائيت سان تعاون جي حوالي سان اسان جي سماج ۾ مشهور آهن. اهي چونڊيل پنچائيت جي هر سطح تي مدد ڪندا آهن، جنهن ۾ مالي مدد کان وٺي عوامي رابطا شامل آهن.

**شاه عبداللطيف ماڊل هاءِ اسڪول، ڍهرڪي**: سکر ريجن جي بهترين اسڪولن مان هڪ، جيڪو صبح ۽ شام ٻنهي شفٽن ۾ تعليم فراهم ڪري ٿو، ۽ جنهن ۾ ١.٥٠٠ کان وڌيڪ شاگرد داخل ٿيل آهن حڪومت جي پاليسي جي تحت، ١٥٪ شاگردن کي مفت تعليم ڏني وڃي ٿي، جڏهن ته يتيم ۽ ضرورتمند شاگردن لاءِ اضافي سهولتون پڻ مهيا ڪيون وڃن ٿيون ايس ايس ڊي فري ڪلينڪ: روزانو منجهند ٣ وڳي کان شام ٧ وڳي تائين کليل، جتي هر پس منظر جي لڳ ڀڳ ٢٠٠ مريضن جو مفت علاج ڪيو وڃي ٿو، ۽ مفت دوائون پڻ فراهم ڪيون وڃن ٿيون فري اکين جو ڪيمپ: هر سال ڊسمبر جي آخري هفتي ۾ ٽن ڏينهن تي مشتمل اکين جو ڪيمپ لڳايو ويندو آهي، جنهن ۾ ماهر اکين جا سرجن لڳ ڀڳ ٣٠٠٠ مريضن جي جانچ ۽ علاج ڪندا آهن هن ڪيمپ دوران ٣٠٠ مفت موتين جي آپريشنز، دوائون، نظر جا چشما، رهائش ۽ طعام جي سهولت هر مذهب ۽ پس منظر جي ماڻهن کي مهيا ڪئي ويندي آهي فري آر او واٽر پلانٽ: روزانو صبح ٨ وڳي کان رات ١٠ وڳي تائين هلندڙ، جيڪو ڍهرڪي ۽ ويجهن علائقن جي ماڻهن کي صاف پيئڻ جو پاڻي مفت فراهم ڪري ٿو. ڪميونٽي شيڊ کي نئون ٺاهيو وڃي ۽ رنگ ڪرائي، ۽ گڏو گڏ مسواڻ پلاٽن جي پرسان نارائن پارڪ جو قيام ڪيو وڃي. ▪ پنچائيت هال کي رنگ ڪيو وڃي ۽ وڌيڪ برتن، ٽينٽ، ۽ ڪرسيون خريد ڪيون وڃن. ▪ بي ايڇ آر ايسوسيئيشن جي مدد سان، گرو نانڪ نگر ۾ نئين اسڪول جو قيام ڪيو وڃي، جيڪو درجي پهرين کان ٻارهين تائين تعليم فراهم ڪري. ▪ پاڙيسري ڪميٽيون جوڙي وڃن ته جيئن ننڍا مسئلا عدالت کان سواءِ ئي حل ڪري سگهجن. ▪ ڍهرڪي ۽ ويجهن علائقن جي بزرگن لاءِ اولڊ ايج هوم تعمير ڪيو وڃي.

## هندو ڌرم جون درٻارون ۽ سک مذهب جو گردواره بابا نانڪ شاه ۽ پاڻشالائون

هندو ۽ سنڌي ٻہ نظرياتي قومون آهن جن جو هزارين سالن کان وجود رهندو پيو آهي سنڌ جي موهن جو دڙو جا آثار قديم استڪچر هٿ آيل آثار قديم پنج هزار سالن کان وڌيڪ پراڻا آهن پڪين سرن سان شهر جو نهيل استرڪچر ٻڌائي ٿو تہ سنڌي هڪ ترقي يافتہ قوم هئي, هندو ۽ ٻڌ مت اوائلي پراڻا مذهب رهيا آهن موجوده سنڌ جي هن. پرڳڻي رهڙڪي, موجوده ڍهرڪي, ريتي, ماڇڪو, رونتي سميت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ "هندو" واڻيا موجود هئا ۽ هو پنهجي مذهب هندو ڌرم جي پوڄا ڪندا هئا, هندو ڌرم جا ماڻهو ڪاروباري ۽ واپاري رهيا آهن هو جتي بہ رهيا آهن ان خطي پرڳڻي ترقي ڪئي آهن اهو ئي سبب آهي جو هي علائقو شروع کان ئي خوشحال علائقو رهيو آهي, ضلعي گهوٽڪي ۾ هندن جون ٻہ وڏيون روحاني درٻارون موجود آهن,

١. درٻار شداڻي درٻار حيات پتافي جيڪا ٣٠٠ سال پراڻي درٻار ميرپور ماٿيلو جروار روڊ لڳ آهي ۽ ١٧٥ سال پراڻي سنت سترام ڏام رهڙڪي صاحب ۾ آهي, ان کانسواءِ ڍهرڪي ۾ سنت پوڄا رام درٻار جيڪا وڏي درٻار نالي سان مشهور آهي اها اوائلي ۽ هڪ وڏي درٻار آهي, ان درٻار جي درٻار سان مسجد شريف جي ديوار سان گڏ مندر جي پٽ گڏ آهي, ڍهرڪي جي شاهي بازار ۾ سکن جو گردواره بابا گرو نانڪ شاه جي نالي سان آهي, ۽ هتي ٻيا هندو ميگهواڙ, اوڏ, ڀيل, ٺوري بہ رهن ٿا,

**هندو ڌرم جا تهوار** هندو ڌرم جا ماڻهو **چنڊ** ملهائيندا آهن, ان وقت وڪرمي سمپت جو بنياد پيو, چنڊ جهولي لال اوطار جنهن کي ورڻ ديو چئبو آهي, ان جي جنم ڏينهن کي چنڊ ڪري ملهائيندا آهن. **ڏڻ گيارس, چوڏس, سينجهڙي, ٽڏڙي, جنم اٺـــمي, دسهارو, ڏياري, نوراتري, شوراتري, هولي** آهن

**هندن جا چار ورڳ ٿيندا آهن** هندو سناتن ڌرم مطابق هندن جا چار ورڳ آهن, برهمڻ, کتري, وئيش, شودر, **برهمڻ سـردار** ٿيندا آهن, شديون, جٽيون شراد جو سسٽم هلائيندا آهن. **کتري بهادر ويڙهاڪ** هوندا آهن, معني حفاظت وارا **راجا, وئيش واڻيا** يعني واپاري, **شودر** گهٽ ذات وارا صفائي وارا...

## سنت ست رام ڏام پوج رهڙڪي صاحب

**پيدائش ۽ ابتدائي زندگي:** سنت سائين سترام داس صاحب جي پيدائش جي صحيح تاريخ موجود نہ آهي, پر سندن زندگيءَ جا اهم واقعا ۽ ڪارناما تاريخ ۾ محفوظ آهن. **روحاني سفر ۽ خدمت:** سنت سائين سترام داس صـــاحب پنهنجي زندگيءَ ۾ غريبن ۽ محتاجن جي مدد لاءِ پاڻ پتوڙيو. جتي بہ ڀڳتي ڪرڻ لاءِ ڪوٺيو ويندو هو, اتي ڪيس ملندڙ نذراني کي انهيءَ ئي ڳوٺ يا شهر جي غريبن ۽ يتيمن ۾ ورهائيندو هو. سندن سخاوت ۽ انسانيت جي خدمت سبب هو "سچي سترامداس" جي نالي سان مشـــهور ٿيا, **وفات:** سنت سائين سترام داس صاحب جي وفات جي صحيح تاريخ موجود نہ آهي, پر سندن انســانيت لاءِ ڪيل خدمتون ۽ ڀڳتي اڄ بہ ماڻهن جي دلين ۾ زنده آهن, سندن اثر ۽ شاگرد: سنت سائين سترام داس صاحب جا ڪيترائي شاگرد هئا, جن ۾ ڀڳت ڪنور رام ۽ سنت آسودا رام جهڙا نالا شامل آهن. ڀڳت ڪنور رام, سنت سترام داس صاحب جا شاگرد هئا ۽ سنڌي راڳ ۽ صوفي شاعريءَ ۾ مشهور ٿيا. سنت آسودا رام پڻ سندن شاگردن مان هئا, جن پنوعاقل ۾ آستانو قائم ڪيو ۽ انسانيت جي خدمت جاري رکي, سنت سائين سترام داس صاحب جي زندگيءَ جو سفر انسانيت, سخاوت ۽ روحانيت سان ڀرپور هو, جنهن جو اثر اڄ تائين قائم آهي,

### ڍهرڪي ۾ هندن جي وڏي درٻار جي پٽ سان پٽ گڏ مسجد ۽ مندر پاڻشالائون

سنت پوڄارام درٻار نزد لڇمن آئل ملز ۽ پئنچاتي پلاٽ ڍهرڪي جي پٽ سان پٽ آهي جتي مسلمانن جي عبادت لاءِ مسجد ۽ هندن جي ٻہ سو سال پراڻي مندر (وڏي درٻار) آهي, ۽ سامهون حسيني امام بارگاه آهي. مسلمان ۽ هندو مذهبي رواداري

کي برقرار رکندا پيا اچن, اخلاقي هم آهنگي سان پنهنجي پنهنجي مذهب مطابق عبادت ڪندا آهن اهي ٻيئي مسجد مندر پاڪستان کان اڳ قائم آهن ائين ئي گردوارا بابا نانڪ شاه ۾ سکن جي گردواري جي احاطي اندر مندر آهي جتي هندو ۽ سک ٻيئي پوڄا ۽ عبادت ڪندا آهن.

## امر شهيد ڀڳت ڪنور رام روحاني رهبر-سنگيت جو شهنشاهه

سنت ڀڳت ڪنور رام ١٣ اپريل ١٨٩٥ع تي پاڪستان سنڌ جي ضلعي گهوٽڪي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ 'جرواڙ' ۾ جنم ورتو، سندس والد هاري هو. ڪنور رام ابتدائي تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ جرواڙ مان حاصل ڪئي، ڀڳت ڪنور رام پنهنجي ڀڳتي جي شروعات مقامي محفلن سان ڪئي. ڀڳت ڪنور رام، پنهنجي روحاني جادوئي سوز، آواز، پُرجوش طرزون پاڻ به ترتيب ڏيندو هو. هن پُرجوش پرفارمنس ۽ جذبي سبب توري وقت ۾ تمام گهڻي شهرت ماڻي ورتي. سندس سڄاڻ پنهنجي ڳائڻ جو نرالو انداز هو، جنهن سبب پوري خطي ۾ شهرت ماڻي. ڀڳت ڪنور روايتي سنڌي لوڪ موسيقي تي گهرا اثر ڇڏيا آهن. ماڻهو سندس ڳايل ڪلام اڪثر جونگاريندا رهن ٿا. **ڀڳت ڪنور رام، جون ترتيب ڏنل طرزون** ۽ شاعري جيڪا اڄ به لوڪ موسيقي جو انمول حصو بڻيل آهي، ڀڳت ڪنور رام (١٨٨٥ – ١٩٣٩) هڪ سنڌي صوفي ڳائڻو ۽ شاعر هو. هو رهڙڪي جي سنت سترام داس صاحب جو شاگرد هو. ڪنور رام ١٣ اپريل ١٨٨٥ تي پنهنجي والد تاراچند موريرا ۽ ماءُ تيرت ٻائي جي گهر ڄائو. سندس جنم وارو ڳوٺ جرواڙ ميرپور ماٿيلو لڳ آهي. ڪيس پهرين نومبر ١٩٣٩ ۾ ضلعي سکر جي رڪ ريلوي اسٽيشن تي قتل ڪيو ويو. هو سنڌ جي هندو ۽ مسلم ٻنهي برادرين ۾ مقبول هو، سندس جي زندگيءَ تي ١٩٥٢ ۾ "ڀڳت ڪنور رام" نالي سنڌي فلم ٺاهي وئي، جيڪا ڏرم ڪمار جي هدايتڪاري ۾ رليز ڪئي وئي. ٢٦ اپريل ٢٠١٠ع تي **ڀارت جي صدر پرتڀا پاٽل پاران سندس نالي تي يادگاري ٽپال ٽڪيٽ** جاري ڪئي وئي، شهيد ڀڳت ڪنور رام گهڻو ڀين صوفي شاعرن جهڙوڪ سامي، سچل سرمست، ۽ شيخ اياز جي ڪلام کي پنهنجي سريلي آواز ۾ ڳائيندا هئا. شهيد ڀڳت ڪنور رام سنڌي صوفي ڳائڻو ۽ شاعر هئا، جنهن جي شاعري ۽ ڳايل ڪلام سنڌي موسيقيءَ ۾ اهم حيثيت رکن ٿا. هيٺيان سندن ڪجهه مشهور ڪلام ۽ ڌنون آهن: ١. "ڪيڏهن ڪڏهن ڪانگلين سان": هي ڪلام محبت ۽ روحانيت جو عڪس پيش ڪري ٿو. ٢. "پيرن پوندس پيرن ۾": هن ڪلام ۾ عاجزي ۽ عشق جو اظهار ٿيل آهي. ٣. "توکي پي ساريو سائين" هي ڪلام الله سان محبت ۽ سندس ياد ۾ سرشار آهي ٤. نالي الک جي ٻيڙو تار منهنجو، ٥. ڪيئن ريجهايان توکي ڪيئن پرچايان، ڀڳت ڪنور رام جي ڪلامن کي مختلف ڪتابن ۾ محفوظ ڪيو ويو آهي، جن مان هڪ اهم ڪتاب "ڀڳت ڪنور رام: زندگي ۽ ڪلام" آهي، جيڪو سندن زندگي ۽ فن تي روشني وجهي ٿو، سندن ڪلامن کي ڪيترن ئي فنڪارن ڳايو آهي، پر ڪجهه ذريعن موجب، ڪنور رام پنهنجي شاعري پڻ تخليق ڪئي هئي، جيڪا انسانيت، محبت، رواداري، ۽ ڀڳتي تي مشتمل هئي. **ڀڳت ڪنور رام جي آواز** ۾ جادوئي ڪمال هو، ڪيس، سکر شڪارپور، لاڙڪاڻي سميت پري پري کان ماڻهو ٻڌڻ ايندا هئا محفلن ۾ توڙي ڪاڄ ۾ ڳائڪي لاءِ وٺي ويندا هئا، جتي به ويندا هئا، اتي غريب ۽ حاجتمند ماڻهو نالو ٻڌي پهچي ويندا هئا، ۽ ڀڳت ڪنور رام ساڳي انداز ۾ ڻ جهومي ڳائي جهولي جهليندو هو جيڪو ڌَنُ ڪيس ملندو هو اهو ضرورتمندن جي جهولين ۾ وجهي انهن جون جهوليون ڀري ڇڏيندو هو ۽ غريب ماڻهن جون مرادون پوريون ڪندو هو. **ماڻهن جي محبت ۽ عزت:** ماڻهن کي ڪنور رام سان انتها درجي جي محبت هئي ۽ ڀڳت به سندن جي عزت ڪندو هو. ڀڳت مهرباني، سخاوت، ۽ انساني خدمت جي ڪري سڃاتو ويندو هو. اڪثر ڪري ڳوٺن توڙي شهرن ۾ محفلون مچائيندو هو. ڀڳت ڪنور رام جتي به ويندو، خوشيون ورهائيندو هو. ڀڳت ڪنور رام اڪثر غريبن ۽ ضرورتمندن، چاهي اهي هندو هجي يا مسلمان، لاءِ محفلون مچائيندو هو. هو پيرن ۾ " " پائي خوب نچندو هو، چيرن جي ڇمڪار سان جهومندو ڳائيندو هو ۽ جڏهن ٿڪجي پوندو، ته پنهنجي جهولي پکيڙيندو هو. ڪيس جيڪي به پئسا ملندا، اهي ساڳي وقت ضرورتمندن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. آخر انسانيت جي ان داتا ڀڳت ڪنور کي قتل ڪيو ويو. ڀڳت ڪنور رام جي پرچار جو بنياد انسانيت تي هو — جتي ذات پات، مذهب، ۽ فرقيواريت جي ڪا به جاءِ نه هئي. هو ٻڌائيندو هو ته خدا هڪ آهي، ۽ سڀئي انسان ان جا ٻانها آهن. سندس گيت نه رڳو سماجي بيداري جا ترجمان هئا، پر انهن ۾ روحانيت جو اهڙو امر رس هو، جيڪو دلين کي ڇهي ويندو هو. **سندس لوڪ سڌارخدمتون:** هو هر وقت ماڻهن جي ڀلائي لاءِ ڪوشان رهندو هو. بيواهن، يتيمن، ۽ غريبن جي مدد ڪرڻ، ماڻهن کي سک ۽ شانتيءَ جي واٽ ڏيکارڻ، ۽ معاشري ۾ ايڪي ۽ محبت کي عام ڪرڻ سندس مشن هو. لوڪ سيا (عوامي خدمت) جي ميدان ۾، هو ڪنهن به سرڪاري حيثيت کان سواءِ، ماڻهن لاءِ روشنيءَ جو ڏيئو هو. سندس جياپي جو هر پل انسان ذات لاءِ وقف هو. **ڍهرڪي جي جهر جهنگ ۽ سنڌ جو غم:** ڪنور رام جي قتل کان پوءِ، ڍهرڪي سميت سڄي علائقي جا غريب ماڻهو بي سهارا ٿي ويا. ڍهرڪي ۾ اڄ تائين ڪو به ڀڳت ڪنور رام جو نعم البدل پيدا نه ٿيو، ۽ سڄي سنڌ سوڳوار ٿي وئي ڀڳت ڪنور رام جي هدايت ۽ فلسفي کي طاقتور ۽ دولتمند اشرافيا ڪيس ڪيترائي دشمن پيدا ڪري ڏنا، قومي هيرو: ڀڳت ڪنور رام کي خاص طور تي سنڌ، ۽ پاڪستان ۾ هڪ قومي هيرو سمجهيو وڃي ٿو. ڪيس سنڌي ادب، موسيقي، ۽ سماجي انصاف لاءِ سندس خدمتن جي ڪري ياد ڪيو ويندو آهي. سندس ميراث اڄ تائين فنڪارن، ڪارڪنن، ۽ سماجي سڌارا آڻڻ وارن لاءِ الهام بڻيل آهي. **ساليانو يادگاري ڏهاڙو** هر سال، ١ نومبر تي، ماڻهو ڀڳت ڪنور رام جي شهادت جي ياد ۾ گڏ ٿين ٿا. موسيقيءَ جا مظاهرا، شاعريءَ جون محفلون، ۽ سيمينار منعقد ڪيا وڃن ٿا ته جيئن سندس زندگي ۽ ميراث کي ڀيٽا پيش ڪري سگهجي.

### حق جي روشني، خدمت جي سچائي

# حاضر سروپ ستگرو سائين ساڌ رام جي زندگي جو الهامي سفر

جيئن روشني اچڻ سان اونداهي ختم ٿئي ٿي، تيئن انسان جو اندر بہ سچ جي شعلي سان روشن ٿئي ٿو. دنيا جي ڪوڙين ڏيکائن کي ختم ڪرڻ لاءِ سچ جي واٽ وٺڻ بہ ضروري آهي. اها تبديلي اندروني روشنيءَ، سچائي، نيڪ عملن ۽ بي ضرر رويي تي ٻڌل آهي. وسيلن جي ورهاست، همدردي، ۽ انسانيت جي ڀلائي زندگيءَ کي معنيٰ خيز بڻائين ٿا. پنهنجي خوشي ترڪ ڪري ٻي وسن انسانن جو ساٿ ڏيڻ زنده دل جو جوهر آهي. اهڙي حياتي جو الهامي مثال.

**رهڙڪي سنت سترام ڌام جا گديسر سائين ساڌ رام صاحب** آهن، جيڪي ٢٥ آڪٽوبر ١٩٦٣ تي رهڙڪي صاحب ۾ جنم ورتائون. جنار دهن لال نالي ڄايل، ڪين نانو لُڻيندامل "سادھ" سڏيندو هو. دولها درويش سائين ڪنعيا لال صاحب جي دعائن سان سندن زندگي الاهي رنگن سان رنگجي وئي. ١٩٩٠ ۾، شڪارپور ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر طور ڪم ڪندڙ سائين سادھ رام صاحب دولها درويش جي وصال ڪانپوءِ دنياوي نوڪري ڇڏيندي، پاڻ کي رهڙڪي ڌام جي خدمت لاءِ وقف ڪيو. پاڻ غريبن، يتيم ٻارن، ۽ مصيبت زده ماڻهن جي بي لوث خدمت ڪندا رهيا. سندن مسڪراهٽ، نرم گفتگو، ۽ روحاني طاقت سان ڪيترن کي شفا ملي. سندس دعا سان غريبن کي رزق، بي اولاد کي اولاد، ۽ مصيبتين مان نجات ملي. سندن نوراني چهرو هر ڪنهن کي متوجہ ڪري ٿو. ماڻهو ڏک سان اچن ٿا ۽ خوشيءَ سان واپس وڃن ٿا. سائين سادھ رام صاحب جي زندگي همدردي، ڏيان، ۽ بي لوث خدمت جو مثال آهي. هو سچو مذهب انسانيت، عبادت خدمت، ۽ زندگيءَ کي ٻين جي درد گهٽائڻ ۾ سمجهن ٿا. سندس اصول آهي: "سترام نالي جو ورد ۽ بي لوث خدمت ئي اصل عقيدت آهي." الله پاڪ اسان کي سچ جي واٽ تي هلڻ جي سگهہ عطا فرمائي، ۽ سائين سادھ رام صاحب جي ڪرم سان اسان جي زندگي خدمت ۽ عقيدت سان ڀرپور ٿئي.

**ايڪويهين صدي جي رهڙڪي صاحب**: سنت سائين ساڌ رام ايڪويهن صدي جي جديد ترين رهڙڪي صاحب جي سائين ساڌ رام صاحب گادي نشين دربار جي ذميواري سنڀالي، تڏهن (سنت ستنام ڌام رهڙڪي صاحب) جو احاطو صرف ٢٥.٠٠٠ اسڪوائر فوٽ تي مشتمل هو، جيڪو هاڻ وڌي ١٠٠ ايڪڙن تائين پهچي ويو آهي. هڪ اوور برج پل باءِ پاس روڊ کان نئون رستو سيڪيورٽي سسٽم چوڌاري بائونڊري وال پهرين گيٽ کان هر حصي ۾ نصب ڪيل جديد ڪيمرائن ذريعي رهڙڪي صاحب جي سنت سترام مندر کي ۽ ايندڙ ياترين ۽ زائرين کي محفوظ بنائي ڇڏيو آهي. شهنشاه بادشاه سنت سائين ساڌ رام فقيري طبعيت جو انسان آهي هن جو چوڻ آهي تہ هن چار ديواري اندر سندس جي پنهنجي يا پنهنجي اولاد جي هڪ انچ بہ جاءِ ڪونهي ۽ سڄي ايراضي سترام ڌام جي آهي. ايشور جي ڪرپا سان جيڪي ڌام جا پيروڪار، عقيدتمند ايندا آهن خريد ڪري رهڙڪي صاحب دربار کي دان ڪري ڇڏيندا آهن، باءِ پاس روڊ سان سکر کان ايندي ٿورو اڳيان سنڌو ولاز سان گڏ هڪ رستو نڪري ٿو جيڪو سڌو دربار پهچي ٿو ۽ رستي ۾ نئي ڪا سيڪيورٽي آفيس آهي نہ ئي چيڪنگ ٿئي ٿي هر ماڻهو هندو هجي توڙي مسلمان يا ڪو ٽوئرسٽ ان کي سترام ڌام اندر اچڻ ۾ ڪا بہ تڪليف ناهي ٿيندي. اگر ڪو ٻاهر جو ماڻهو ايندو آهي ۽ پنهنجي شناخت ڪرائيندو آهي تہ ڪيس پورو پروٽوڪول ڏيئي مندر ڏيکاري ان جي پوڄن ڪرايو ويندو آهي ۽ سندس جي سيوا بہ ڪئي ويندي آهي. سائين ساڌ رام جو ايشور تي يقين ڪامل آهي هو بنا ڪنهن سيڪيورٽي جي اڪيلي گاڏي ۾ بنا هٿيارن جي نڪري پوندو آهي. **مهمان خاني جي تعمير**: ہ ماڙ عمارت تي مشتمل مهمان خانو تعمير ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ٦٠ ڪمرا آهن، هر هڪ سان گڏ اٽيچڊ غسلخانا، SSD هال، آرام گاهون، ۽ واش رومز جهڙيون سهولتون موجود آهن. مهمانن کي مفت صابڻ، تيل، خوراڪ، چانهہ ۽ رهائش فراهم ڪئي ويندي آهي. **هيپاٽائيٽس فري ڪيمپ**: 1995ع ۾ هڪ ڪيمپ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ مشهور ڊاڪٽرن سان گڏ ٨٣٠ مريضن کي مفت دوا ۽ ويڪسينون ڏنيون ويون. **سيڪيورٽي ۾ بهتري** 1992ع ۾ "وڏي ديوڙي صاحب" جي چوڌاري حفاظتي ڀت تعمير ڪئي وئي، ۽ ايراضي جي واڌاري لاءِ ١٨ ايڪڙ زمين خريد ڪئي وئي. **سنت سترام داس پارڪ** چوڏنهن 14: ايڪڙن جي خريد ڪيل زمين تي خوبصورت طريقي سان سينگاريل پارڪ ۽ ٦٦ ڪمرن واري ہ ماڙ عمارت تعمير ڪئي وئي. **سماجي ڀنڊارو لنگر**: مذهبي متڀيد ۽ رنگ نسل کان بنا روزانو ٽي وقت طعام فراهم ڪيو ويندو آهي،

# گردوارا بابا نانک شاهہ ڏهرڪي جو تعارفي جائزو

## گردوارا بابا نانک شاهہ ڏهرڪي جو تاريخي پسمنظر

گردواره بابا نانک شاه جي تعمير جي شروعات ١٩٧٥ ۾ ٿي گردواره شهر جي مشـــــهور سونارڪي بازار، شاهي بازار ۾ آهي،تعميراتي ڪم لاءِ پنجاسي سالن جي ڀائي هري سنگهہ جي جدوجهد سان مڪمل ڪيو ويو آهي جتي سڪ عبادت ڪندا آهن, ۽ گروگرنٿ صاحب جپ ورد ڪندا آهن، گردواري جي ٽوٽل ايراضي ڏهہ هزار اسڪوائر فٽ تي مشتمل آهي، تعميراتي خرچ لاءِ ڀائي هري سنگهہ روزانه هڪ لوٽو ڪٽي هر دڪان تان هڪ هڪ رپيو گڏ ڪري تعمير ڪرائي چنده تمام هندو مذهب جا دڪاندار باقاعدگي سان ڏيندا هئا, ڏهرڪي ۾ سڪ خاندانن جي تعداد تقريباً ٣٠٠ فيمليز تي مشـــتمل آهي، گردواري اندر روزانه ست سنگ عبادت جو وقت صبح ٣ بجي کان ٦ بجي تائين صبح ۽ شام سادي ٥ کان ٩ تائين مقرر ٿيل آهي، عبادت ۾ گرو گرنٿ صاحب جو گيان ڪيو ويندو آهي، **سماجي فلاحي ڪم:** هر سال مفت ميڊيڪل ڪيمپ لڳايو ويندي آهي، مريضن لاءِ هڪ امبولنس بہ آهي، جنهن جي ٢٤ ڪلاڪ سروس موجود آهي، روزاني وقت تي ماني پوڄن (لنگر) جو خرچ بہ گردواري طرفان ڪيو ويندو آهي, هڪ روزاني مفت طبي اسپتال بہ هلي رهي آهي, پيئڻ جي

صاف پاڻي لاءِ مختلف جاين تي آر او پلانٽس بہ لڳايا ويا آهن گردواره جي انتظامن جي نگراني ڀائي هري سنگهہ ۽ سندس پٽ ڀائي تارا سنگهہ پاڻ نگراني ڪري رهيا آهن, هڪ ٨ رڪني ڪميٽي بہ قائم ڪئي ويئي آهي, جيڪا گردواره صاحب جا انتظامات هلائڻ ۾ مدد ڪندا آهن, ۽ مذهبي ڪتاب بہ ڇپرايا ويندا آهن, **گروگوبند سنگه جو سالانہ ميلو** هر سال جنوري ۾ لڳايو ويندو آهي ميلي ۾ هندستان امريڪا، پاڪستان جي مختلف علائقن مان زائرين ايندا آهن ، گردواره بابا نانک شاه جي بائونڊري وال اندر هندن جو مندر بہ آهي هندو ۽ سڪ جتي عبادت دوران هندو ۽ سڪ هڪٻئي جو احترام ڪندا آهن ۽ پنهنجي عقيدي مطابق عبادت ڪندا آهن، ڏهرڪي تعلقي ۽ اباوڙو ۽ ۾ هندن ۽ سڪن آزادي آهي ۽ هو پنهنجي عبادتگاهن ۾ عبادت ڪري پنهنجي من کي سڪلو بڻائيندا آهن. **باباگرونانک شاهہ ۽ سِک برادريءَ بابت رپورٽ** تعارف بابا گرو نانک شـــــاهہ، سِک مذهب جو باني، ١٤٦٩ع ۾ تلونڊي (هاٽوکي ننڪاڻہ صاحب، پاڪستان) ۾ پيدا ٿيو. هو پنهنجي روحاني تعليمات لاءِ مشهور هو، جن ۾ مساوات، هڪ خدا تي عقيدو ۽ بي لوث خدمت تي زور ڏنو ويو. سندس پوئلڳ، جن کي سِک سڏيو وڃي ٿو، هن جي تعليمات کي پنهنجي ايمان، روايتن ۽ سماجي ڪردار ذريعي اڳتي وڌائي رهيا آهن. **بابا گرونانک شاهہ جون تعليمات** گرو نانک جون تعليمات محبت، رحم دلي ۽ وحدت تي ٻڌل هيون. هن ذات پات جي فرق کي رد ڪيو ۽ هر انسان جي برابري تي زور ڏنو. سندس اهم تعليمات ۾ شامل آهن خدا جي وحدانيت: هن هڪ اعليٰ خدا جي

وجود جو درس ڏنو ۽ عبادت، ايمانداري ۽ نيڪ زندگي گذارڻ جي تلقين ڪئي. مساوات ۽ ڀائپي: هن سماجي فرق کي ختم ڪرڻ جي تلقين ڪئي ۽ محنت مزدوري (ڪرت ڪريو)، ايمانداريءَ سان جيئڻ ۽ ٻين سان شيئر ڪرڻ (وَند ڇڪو) تي زور ڏنو. بي لوث خدمت: هن 'لنگر' جو تصـــور متعارف ڪرايو، جيڪو هڪ گڏيل آشپزخانو آهي، جتي سڀني کي بنا ڪنهن فرق جي کاڌو کارايو ويندو آهي. ڏهرڪي ۾ سِک برادري ڏهرڪي ۾ سِک برادريءَ جي امير تاريخ آهي ۽ هو گرو نانک جي تعليمات کي زنده رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. گوردوارو بابا نانک شـــاهہ ڏهرڪي ۾ هن برادريءَ جو اهم مذهبي ۽ ثقافتي مرڪز آهي.

**آبادي ۽ شماريات:** ڏهرڪي ۾ تقريباً ٣٠٠ سِک خاندان رهن ٿا، جن مان ٥٠ چٽا سختيءَ سان سِک مذهب جا پوئلڳ آهن، جڏهن تہ ٢٥٠ چٽا گرو نانک نام لِوا سِک آهن، جيڪي سندس تعليمات تي عمل ڪن ٿا پر سِک مذهب جون سموريون روايتون نٿا نڀائين. مذهبي تعليم: سِک برادري پاٺشـــالا ذريعي مذهبي تعليم کي هٿي ڏئي رهي آهي، جتي ٻارن ۽ وڏن کي سِک مذهب، ان جي تاريخ ۽ پاڪ صحيفن بابت ڄاڻ ڏني وڃي ٿي. **ساليانو جشـــــن:** هر سال جنوريءَ ۾ گرو گوبند سنگهہ جي پرڪاش گُرپُرب ملهايو ويندو آهي، جيڪو سِک برادريءَ جو ڏهون گرو هو. **ثقافتي رسمون:** ڪيرتن ۽ گُرباني، روايتي سازن جهڙوڪ هارمونيئم ۽ طبلي تي مذهبي ڀڄن (ڪيرتن) ڳايا ويندا آهن. گُرپُرب جون تقريبون: انهن ۾ نگر ڪيرتن (مذهبي جلوس)، پالڪي صاحب (مذهبي پالڪ)، ۽ دعائون شامل آهن. سماجي سهولتون: سڪ برادري مفت طعام (لنگر)، طبي ڪئمپون، ۽ سِک گتڪا (مارشل آرٽ) جا مظاهرا منعقد ڪري ٿي. **بابا گرونانک شاهہ جو پيغام** جيڪو وحدت، مساوات ۽ خدمت تي ٻڌل آهي، اڄ بہ لکين ماڻهن لاءِ الهام جو ذريعو آهي. ڏهرڪي جي سِک برادري، پنهنجي مذهبي، ثقافتي ۽ سماجي ڪمن ذريعي، انهن قدرن کي زنده رکندي اچي ٿي. گوردوارو بابا نانک شاهہ انهن جي ايمان ۽ انسانيت جي خدمت لاءِ واڳيل هجڻ جو اهم مثال آهي.

# ڀائي تارا سنگهه

## سک اڳواڻ سماجي سيوڪ

ڀائي تارا سنگهه تاريخ ؛۳ اپريل ۱۹۸۲ع تي ڀائي هري سنگهه جي گهر ڏهرڪي ۾ جنم ورتو. سندس ڏاڏي جو نالو لاڏ ڪ مل هو تعليم: ايم. اي ايڪانامڪس – ڏهرڪي مان مڊل، ميٽرڪ، پوءِ ماسٽرس ڪئي.

**ڀائي تارا سنگهه**، پنهنجي ٻچپن کان ئي ڌارمڪ وچار ڌارا سان جُڙيل رهيو. گرو گرنٿ صاحب جي شبد باڻي سان انيڪ پريم رکي، هميشه سنگت ۽ سيوا سان ناتا ٻڌي، والد ڀائي هري سنگهه جي سنگت، تارا سنگهه لاءِ آدرش بڻجي وئي، تعليم سان گڏ، واپار جي ميدان ۾ به قدم رکيو، پر گرو ڪارج لاءِ ساڳئي جوش سان ڪم جاري رکيو.

گردوار بابا نانڪ شاهه جي واڌاري، صاف سٿرا انتظام، ۽ سردارانہ سيوا جي واٽ تي هميشه هلندو رهيو.

**ڀائي تارا سنگهه جن جا سٽڪار جوڳا پد:** گردواره بابا نانڪ شاهه – ڏهرڪي جي سرپرست ، صدر پاڪستان سِک ڪائونسل، سابق صدر PSGPC پاڪستان سک گردواره پربندهڪ ڪاميٽي سينيئر ميمبر – PSGPC .5ذرم، سمانتا، ۽ انساني حقن جو سپوت.

**واپار ۽ سوشل سيوا:** تارا سنگهه بين الاقوامي پيماني تي ڌارمڪ نمائندگي: ڀائي تارا سنگهه گرو جي باڻي، سک مذهب، ۽ انٽرذرمي سمنويتا لاءِ آمريڪا، ڪينيڊا، دبئي، برطانيا، آسٽريليا، نيوزيلينڊ، ناروي، ملائيشيا، ۽ ٻين ڪيترن ئي ديسن ۾ اوهان سِکهه برادري جي آواز بڻجي چڪا آهيون.

ڀائي تارا سنگهه – سيوا، پريم، ۽ شڪتي جو روپ ڀائي تارا سنگهه، سِکهي جي "سمرپن"، "سيوا"، ۽ "شبد" واري رستي تي نروير تي هلي رهيو آهي. اوهان جي وچارن، عملن، ۽ پرهتي سيوا مان اهو صاف ظاهر آهي تہ اوهان نہ رڳو سک سنگت لاءِ، پر سموري انسانيت لاءِ ذرم، ايڪتا، ۽ "سبهاوڪ سهيوگ" جو پيغام پکيڙي رهيا آهيون.

# مکي رميش لال رامچنداڻي جي زندگي جو مختصر خاڪو

**مکي ڊاڪٽر رميش لال رامچنداڻي جي ستن پيڙهين جي تاريخ** جيڪا هن جي خانداني ڊائري ڊائري هن سنڀالي رکي آهي جنهن ۾ تمام تفصيلات موجود آهن. ان ڊائري مطابق ٽالپورن جام پنيو خان ڌهر جي وقت ۾ مکي رامون مل مکي ڊاڪٽر رميش لال جي ٽڙڏاڏي جو والد هو جنهن ڪري ڊاڪٽر رميش لال جو خاندان مکي رامون جي ڪري ذات رامچنداڻي سڏجڻ لڳو هو ڪنيڙا جو تمام وڏو زميندار هوندو هو جنهن جي زمين ابوالخير جام فتح محمد پنيو خان پوءِ بي نمبر تي رامون مل جي بني هوندي هئي. رامون مل مکي ڪتو مل جو پٽ هو مکي رامون مل جو تر جي وڏيرن ۽ سردار ۾ وڏو اثر هو پاڻ زميندار ۽ شهر جا مکي هئا انگريز ڌهر، سولنگي، ٽڙت، ڪوش، مزاري، دشتي، لغاري، ۽ پونگ جا انهڙ سردار سندس جي عزت ڪندا هئا. مکي رامون مل جي ٢٤ ڪلاڪ اوطاق تي لنگر هلندو هو جنهن ۾ بنا رنگ نسل متييد جي ماڻهو پيٽ پري ماني کائيندا هئا. کيس ڇهه پٽ هئا پنج انديا هليا ويا جنهن جو هڪ پٽ ڊاڪٽر رميش جو پڙڏاڏو مکي هيرو مل ڪنيڙا ۾ رهجي ويو. مکي هيرو مل کي به ٦ پٽ هئا جن مان پنج انديا هليا ويا ۽ ڊاڪٽر رميش جو ڏاڏو مکي جمن مل ڪنيڙا ۾ رهيو. ۽ هو ١٩٤٧ع ۾ حالتون خراب ٿيڻ سبب ڪنيڙا مان شفٽ ٿي اچي ڌهرڪي کوه جي گهٽي ۾ آباد ٿيو مکي جمن مل کي هڪ پٽ هو جنهن جو نالو مکي چڳو مل هو ان وقت عمر صرف ١٠ سال هئي. ڊاڪٽر رميش موجب هو ڪنيڙا ۾ بنيادي مکي رهيا آهن. ۽ هن وقت به اتي زمين بني آهي اها مقادي تي ڏنل آهي. ان وقت ڪالوني آباد پئي ٿي ۽ ان کي مارڪيٽ روڊ سڏبو هو. مکي چڳو مل کي پنج پٽن جي اولاد آهي ١. ڊاڪٽر رميش لال ٢. مکي مهيش لال، ٣. مکي امر لال ٤. مکي مهاوير ٥. مکي جئه پرڪاش آهن هو ڪاروبار سان گڏ هندو پئنچات جو جوائنٽ سيڪريٽري ۽ به پيرا ٽائون ڪاميٽي جو ڪائونسلر رهي چڪو آهي ۽ تاريخ لکجڻ وقت به هو ڪائونسلر آهي.

**مکي ڊاڪٽر رميش لال جو ذاتي پروفائل:** مکي رميش لال تاريخ ٦ مهينو آڪٽوبر سال ١٩٦٠ع ۾ مکي چڳو مل جي گهر ۾ اک کولي بنيادي پرائمري تعليم گورنمنٽ مين پرائمري اسڪول ۽ مڊل ۽ ميٽرڪ گورنمنٽ (پي) هاءِ اسڪول ڌهرڪي مان ڪري انٽر مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد مان ڪئي. MBBS سال ١٩٨٣ع ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي مان ڪئي ان وقت شاگرد سياست جو عروج هو پاڻ ڪاليج ۾ جهيڙا ۽ ٽينشن واري زندگي هئي ان ڪري ڊگري پوري ڪرڻ کي اٺ سال لڳي ويا. هائوس جاب جناح يونيورسٽي ڪراچي مان ڪئي. سال ١٩٨٨ع ۾ ميڊيڪل آفيسر جي نوڪري ملي جيڪا سال ١٩٩٤ع تائين ڪري پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڪنيڙا جي پرسان مريد شاخ ۾ ڪراچي ڪلينڪ نالي قائم ڪئي. سال ٢٠٢٤ع هندو پئنچات جي اليڪشن ۾ وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيو جنهن بعد پنهنجي روزگار سميت پنهنجي وڏڙن جون ذميواريون ملي ويون ۽ خلق خدمت جي لاءِ ڏينهن رات اوجاڳا ڪرڻا پيا. مکي رميش لال بهايت ئي حساس دل ۽ مانيٽي طبيعت جو مالڪ آهي

مڪپٽي جي هڪ سال ۾ ڍهرڪي جي معززرين ڪي گڏ ڪري هڪ ٽيم جوڙي آهي مسواڻن جي صفائي سٿرائي، ڪلر ڪرائي گارڊننگ ڪرائي آهي جيئن رسمون ادا ڪرڻ لاءِ آيل ماڻهن کي تڪليف نه اچي، ان کان سواءِ بي ايچ آر جي پروجيڪٽس ۾ بهتريون آڻي رهيو آهي.

**اولاد ۾ پٽ ٽي نياڻيون آهن** ١. ارون پرڪاش آسٽريليا مان اڪائونٽنگ ۾ ماسٽر ڊگري ڪئي آهي ۽ هاڻي بزنس ڪري رهيو آهي ٢. ڊاڪٽر سميشور جنهن امريڪا مان USMLE پاس ڪئي آهي ۽ ڌيئر ١. شوڀا ديوي ڍهرڪي ٢. آرٽنا جيڪا فزيوٿراپي ڊاڪٽر جي ڊگري حاصل ڪري چڪي آهي ۽ دبئي ۾ فزيوٿراپي جي ڊاڪٽر ٣. سڳند جنهن ايم بي اي ڪئي هينئر آسٽريليا جي برسين شهر ۾ QUIT يونيورسٽي ۾ آهي.

**سماجي سرگرميون ۽ خدمتون:** پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ڍهرڪي جا نائب صدر رهيا. پاڻ خانداني زميندار آهن انڪري سخي دل ۽ رحمدل به آهن غريبن جي سيوا ڪندا آهن سال.... هندو پنچات جي اليڪشن ۾ ڪين ڍهرڪي جو مکي چونڊيو آهي هندو ڪميونٽي جي ڀلائي لاءِ پنهنجون صلاحيتون استعمال ڪندي انهن جا مسئلا حل ڪندا آهن. هن وقت مسواڻ ۾ رنگ روغن ڪرائي اتي سهولتون فراهم ڪرايون آهن پنچاتي هال ۾ سولر سسٽم لڳرايو آهي ۽ خدمت جي عزم سان اڳتي وڌي رهيا آهن.

# مکي جئہ پرڪاش رامچنداڻي

مکي جئہ پرڪاش جي پيدائش تاريخ ١٧ آڪٽوبر ١٩٧٥ تي چڳورام جي گهر ۾ ٿي جئہ پرڪاش تعليم پرائمري کان ميٽرڪ ڍهرڪي ۽ ايف اي ميرپور ماٿيلو ۾ ڪئي. سندس ستن پيڙهين ۾ مکي رامون مل مکي جئہ پرڪاش جي تڙڏاڏي جو والد هو ۽ مکي رامون جي ڪري ذات رامچنداڻي سڏجڻ لڳو هو ڪنيڙا جو تمام وڏو زميندار هو رامون مل مکي ڪٿو مل جو پٽ هو مکي رامون مل جو تر جي وڏيرن ۽ سردار ۾ وڏو اثر هو پاڻ زميندار ۽ شهر جا مکي هئا. مکي رامون مل جي ٢٤ ڪلاڪ اوطاق تي لنگر هلندو هو جنهن ۾ بنا رنگ نسل متڀيد جي ماڻهو پيٽ ڀري ماني کائيندا هئا. کيس ڇهہ پٽ هئا پنج انديا هليا ويا جنهن جو هڪ پٽ پڙڏاڏو مکي هيرو مل ڪنيڙا ۾ رهجي ويو، مکي هيرو مل کي به ٦ پٽ هئا جن مان پنج انديا هليا ويا جئہ پرڪاش جو ڏاڏو مکي جمن مل ڪنيڙا ۾ رهيو، ۽ هو ١٩٤٧ع ۾ حالتون خراب ٿيڻ سبب ڪنيڙا مان شفٽ ٿي اچي ڍهرڪي ڪوه جي گهٽي ۾ آباد ٿيو مکي جمن مل کي هڪ پٽ هو جنهن جو نالو مکي چڳو مل هو جنهن جي عمر صرف ١٠ سال هئي، هن وقت به اتي سندن جي زمين ٻني آهي اها مقادي تي ڏنل آهي. ان وقت ڪالوني آباد پئي ٿي ۽ ان کي مارڪيٽ روڊ سڏبو هو، مکي چڳو مل کي پنج پٽن جي اولاد آهي جنهن مان مکي جئہ پرڪاش ڪاروبار سان گڏ هندو پنچات جو جوائنٽ سيڪريٽري ۽ ٻہ ڀيرا ٽائون ڪاميٽي جو ڪائونسلر چونڊيو هو هندو پنچائت جي سياست ۾ داخل ٿيو. هن هندو پنچائت جي ٻن چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. سال ٢٠١٩ع ۾ جي پرڪاش پنچائت جو خزانو دار رهيو، ۽ بعد ۾ گڏيل سيڪريٽري جي حيثيت سان ڪم ڪيو. هن سال ٢٠١٥ع ۾ مڪاني چونڊن ۾ وارڊ نمبر ١١ مان حصو ورتو، ۽ ٢٠٢٢–٢٠٢٣ع ۾ وارڊ نمبر ٠١ مان ميمبر طور وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيو. جي پرڪاش وارڊ نمبر ١١ ۽ وارڊ نمبر ٠١ ۾ ڪيترن ئي ترقياتي منصوبن جو آغاز ڪيو، جن ۾ ٽف ٽائيل لڳائڻ، نيڪال جو نظام، آر او واٽر پلانٽ، پنچائتي هال ۽ ديوڙي صاحب جي ايراضي ۾ سڌارا شامل هئا.

اولاد: کيس ٻہ نياڻيون ١. پريت ڪماري ٢. ايڪانتا ڪماري آهن.

ايڪانتا ڪماري

پريت ڪماري

# سيٺ مهيش ڪمار تلريجا

**سيٺ رامچند تلريجا** – ماڇڪي جو وڏو واپار ۽ بنياد وجهندڙ ۽ زميندار هو سندس پٽ جيتو مل ڏهرڪي ۾ هندن جي قديم واپاري طبقن مان هڪ معزز نالو هو. جنهن نہ رڳو پنهنجي خاندان لاءِ معاشي بنياد وڌو. پر مقامي واپارين لاءِ بہ هڪ مثال بڻجي رهيو. سندس دور ۾ ڏهرڪي هڪ واپاري مرڪز طور اڀري رهيو هو. ۽ سيٺ جيتو مل ان واپار جي واڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. **خدمتون:** شروعاتي طور تي زرعي اجناس، ڪپهہ، تيل ۽ اناج جي واپار سان جڙيل مقامي منڊين، مارڪيٽن ۽ مذهبي سرگرمين ۾ سماجي ۽ مالي سهڪار ڪيترن ئي ضرورت مند ماڻهن کي قرض، سامان، يا روزگار ذريعي مدد ڏني ساڌو سنتن ۽ مندرن سان وابستگي، صدقي ۽ نذراني جي سلسلي ۾ اڳيرو شخصيت جو تاثر: سندس ايمانداري، نرم مزاجي، ۽ سخاوت سبب مشهور هو مقامي هندن جي دلين ۾ اڄ بہ سندس نالو عزت سان ورتو وڃي ٿو. **سيٺ مهيش ڪمار تلريجا** هڪ واپاري ۽ سماجي جدوجهد: پيدائش: ١ ڊسمبر ١٩٦٧ پيدائش جو هنڌ: ماڇڪو، پنجاب (قديم رهائش) **ابتدائي زندگي:** سيٺ مهيش ڪمار جو جنم سنڌ ۽ پنجاب جي سرحدي علائقي ماڇڪي ۾ ٿيو. ننڍپڻ ۾ ئي پيءُ جي وڇوڙي ڪان پوءِ خاندان جي وڏين ذميوارين جا بار سندس ڪلهن تي اچي پيا. وقت ڪان اڳ بالغ ٿيندڙ هن نوجوان واپار، محنت ۽ ايمانداري سان زندگي کي نئين معنيٰ ڏني **ڪاروباري سفر:** ١٩٩١ع ۾ مهيش ڪمار تلريجا ڏهرڪي ۾ ڪپهہ جي واپار سان پنهنجي ڪاروباري زندگي جو بنياد رکيو. جلد ئي سندس ايماندار طبيعت، تيز واپاري بصيرت ۽ جديد انتظامي صلاحيتن کيس مقامي کان بين الاقوامي سطح تي ڪٽي ويون. آمريڪا، برطانيا، دبئي ۽ ٻين ملڪن جي ڪپهہ ڪانفرنسن ۾ شرڪت سندس عالمي حيثيت جو ثبوت آهي. نمايان عهدا ۽ خدمتون: چيئرمين، پاڪستان ڪپهہ جنرز ايسوسيئيشن (PCGA) ايگزيڪيوٽو ميمبر، فيڊريشن آف پاڪستان چيمبرز آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري (FPCCI) – ٽي دور ڊائريڪٽر، پاڪستان سينٽرل ڪپهہ ڪميٽي، ملتان صدر، ضلعي گهوٽڪي ڪپهہ جنرز ايسوسيئيشن – لڳاتار ٢٠ سال ميمبر، پاڪستان فلور ملز ايسوسيئيشن پهريون هندو، جيڪو FPCCI جي نائب صدر لاءِ اميدوار ٿيو. ٢٠١٧ع ۾ ڪراچي ۾ تعميراتي شعبي ۾ سيڙپڪاري، نوان روزگار جا موقعا پيدا ڪيا سندس گروپ ڏهرڪي ۽ ميرپور ماٿيلي جي ٢٥٪ صنعتن جو مالڪ آهي. سماجي خدمتون: سال ٢٠١٥ع کان وٺي هندو پنچائت ڏهرڪي جو سرگرم ميمبر مختلف فلاح ادارن جي مدد، بيمار ۽ ضرورتمند ماڻهن لاءِ دوا، آپريشن، ۽ راشن فراهم ڪرڻ هندو ڪميونٽي لاءِ اسڪول، شادي هالن، مندرن جي تعمير ۽ مرمت ۾ امداد، امن، بين المذهب هم آهنگي ۽ انساني ڀلائي لاءِ احتجاجن ۽ اجتماعن ۾ شرڪت ڪندو آهي.

**روحاني وابستگي:** خدا تي پختو ايمان سنت ڏرم جي تعليمات تي عمل سائين ساڌ رام صاحب جي تعليمات جو مستقل پيروڪار **آهي شخصيت جو تاثر:** سيٺ مهيش ڪمار تلريجا ڏهرڪي جو نہ رڳو هڪ وڏي پيماني تي صنعتون هلائيندڙ شخص آهي، پر سندس ڪردار ماڻهن جي زندگين ۾ آسانيون پيدا ڪرڻ وارو آهي. سندس زندگي محنت، ايمانداري، واپار، عبادت ۽ انسانيت جو حسين ميل آهي

**ڊاڪٽر درشن لال تلريجا ڏهرڪي جو پهريون ٻارن جو ماهر** پيدائش: ١٣ سيپٽمبر ١٩٥٦، ڏهرڪي تعارف: ڊاڪٽر درشن لال تلريجا ڏهرڪي جو پهريون "چائلڊ اسپيشلسٽ" (ٻارن جو ماهر ڊاڪٽر) آهي. نہ رڳو پنهنجي فيلڊ ۾ مهارت رکندڙ آهي، پر هندو ڪميونٽي جي سماجي ۽ مذهبي معاملن ۾ بہ انتهائي سرگرم رهيو آهي. پيشو ۽ خدمتون: ٻارن جي بيمارين جي سڃاڻپ ۽ علاج ۾ بي مثال مهارت هزارين مريضن کي نئين زندگي ڏني، خاص طور تي گهٽ وسيلن وارن ماڻهن کي علاج جي سهولت فراهم ڪئي مقامي طور تي کيس "رحمدل ڊاڪٽر" سڏيو ويندو آهي. سماجي سرگرميون: هندو ڪميونٽي جي مذهبي تقريبن، تعليم، فلاح ۽ صحت جي منصوبن ۾ سرگرم پنچائتي فيصلا، فنڊ گڏ ڪرڻ، ۽ اجتماعي شاديون ڪرائڻ ۾ قيادي ڪردار سيني برادرين سان اخلاقي ۽ بين المذهبي لاڳاپا شخصيت ۽ قدر: ڊاڪٽر درشن لال جي شخصيت علم، اخلاق، نرم دلي ۽ خدمت سان ڀريل آهي. هو پنهنجي فيلڊ ۾ هڪ "نعم البدل" تسليم ڪيو وڃي ٿو، جنهن کي ڏهرڪي جا ماڻهو دل سان دعائون ڏين ٿا.

**ڊاڪٽر سنيتا رابندر صحت جي ميدان ۾ عورتن جي اڳواڻ تعارف:** ڊاڪٽر سنيتا، سيٺ رام چند تلريجا جي ڌيءُ، سکر جي مشهور گائنيڪالاجسٽ ۽ فيزشن آهي. هن جو قائم ڪيل CT ميڊيڪل سينٽر، بيراج روڊ سکر تي عورتن جي صحت جي حوالي سان انتهائي مشهور ۽ بااعتماد ادارو آهي. پيشو ۽ خدمتون: گائني سرجن طور عورتن جي نارمل ۽ پيچيده ولادتن جو علاج بانجهپڻي، ميڊيڪل الٽراسائونڊ، ۽ ٻين فيميل مسئلن لاءِ جديد علاج سندس مڙس ڊاڪٽر رابندر، سکر ۾ الٽراسائونڊ جي رنگين ڊاپلر ٽيڪنالاجي متعارف ڪرائيندڙ پهريون ماهر رهيو آهي **سماجي شعور:** عورتن جي تعليم، صحت ۽ شعور بابت مهم هلائڻ مفت ميڊيڪل ڪئمپون، دوائون، آپريشن ۽ پرچي فري ڪلينڪ جو بندوبست آهي.

**سيٺ سريش ڪمار تلريجا مختصر تعارف: پيدائش: ٤ جون ١٩٨٥** ڪاروبار: صنعتڪار، خاص ڪري ڪپهہ جننگ شعبي ۾ ماهر **شخصيت:** خاموش طبيعت، پر پرفارمنس ۾ نمايان. هو بہ پنهنجي ڀائرن وانگر، ڏهرڪي جي صنعتي ترقيءَ لاءِ ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. سندس انتظامي صلاحيتون، ڪارخانا هلائڻ ۽ مزدورن سان تعلق کيس منفرد بڻائين ٿيون.

# سيٺ روشن لال پنجواڻي

## جي زندگي جو مختصر خاڪو

**سيٺ روشن لال پنجواڻي** فقيراڻي طبيت جو مالڪ روشن لال پنجواڻي جي زندگي جو مختصر خاڪو: روشن لال ولد گوبندرام پنجواڻي اصل ڳوٺ ڳڙهي چاڪر جو رهائش پذير هو. هن ٻاراڻي زندگي مشڪلاتن ۾ ۽ انتهائي غربت ۾ گذاري، جتي ڪيس زندگي جي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻي پئي. انهن ڏکين حالتن جي باوجود، هن ڪاميابي حاصل ڪرڻ پنهنجي ۽ پنهنجي پيارن لاءِ بهتر زندگي ٺاهڻ جو عزم برقرار رکيو. ١٩٨٧ع ۾ پنهنجي والده جي وفات ۽ ان ڪانپوءِ والد جي ٻي شادي جي ڪري، روشن اڪيلو ٿي پيو ۽ بي شمار چئلينجن کي منهن ڏيڻو پيو انهن مشڪلاتن جي باوجود، شروعات ۾ شاهي بازار جي ڪنڊ ۾ هڪ بوٽن جي دڪان کولي جنهن ۾ ناڪام رهيو نقصان ڪيائين ۽ قرضي ٿي ويو پوءِ به همت نه هاريائين ۽ وري انهي دڪان تي ٽيپ رڪارڊر جي ڪيسٽن جي دوڪان کولي ۽ آهستي آهستي پنهنجو قدم وڌائيندو ننڍا ننڍا ڪاروبارن ۾ شراڪت ڪندو ويو پوءِ SSD سي اين جي اسٽيشن به کوليائين سندس بخت بالا آهي ۽ اڄ اهو روشن لال سيٺ روشن لال جي نالي سان سڏيو ويندو آهي روشن لال پنجواڻي پنهنجي ڪاروباري مصروفين باوجود سنتن جي شيوا، سماج جي غريبن فيملين جي شيوا ۾ پيش پيش رهندو آهي رستي ويندي اگر ڪو غريب سڏي وٺندو اٿس ته ان جي ڳالهه غور سان ٻڌي هر ممڪن مدد ڪندو آهي. سندس جي بنايل **ڪرشن نگر ڪالوني** سندس قسمت تبديل ڪري ڇڏي آهي پر اڄ به سيٺ روشن جي طبيت مان ساڳي نياز مندي ناهي ويئي روشن لال جو سفر دنيا جي مختلف ملڪن تائين پهتو، جن ۾ سوئٽزرلينڊ ۽ آمريڪا شامل آهن هو مختلف تنظيمن جو هڪ معزز ميمبر آهي ۽ عهدن تي ذميواريون نڀائي رهيو آهي پاڪستان هندو ڪائونسل جي مينيجمينٽ ڪميٽي جو ميمبر، لاڙڪاڻو ۽ سکر ڊويزن جو ڪوآرڊينيٽر – سنڌ حڪومت جو اقليتي معاملن وارو شعبو پاڪستان جي انساني حقن واري تنظيم جو سرگرم ميمبر رهيو آهي, سنڌ ۾ هڪ معزز ڪاروباري اڳواڻ جي حيثيت سان، روشن لال ڏهرڪي پنچائت جي سماجي خدمت جي ڀرپور حمايت ڪندو رهي ٿو. سندس همٿ ۽ ثابت قدمي جو مثال اهو آهي ته جڏهن ١٩٩٧ ۾ ڊاڪٽرن ڪيس لاعلاج قرار ڏنو هو، تڏهن به هن اميد نه هاري. هن شڪارپور ۾ سنت سائين شو پچن جي مقدس درگاهه تي روحاني سڪون حاصل ڪيو ۽ چيو "ڊاڪٽرن هٿ ڪٽي ڇڏيا آهن، پر الله نه ڇڏيو آهي!" روشن لال مسلسل الخدمت فائونڊيشن ڏهرڪي سان گڏجي ڪم ڪندو رهي ٿو. سندس غربت کان اڳتي وڌڻ ۽ هڪ اهم سماجي اڳواڻ ٿيڻ جو سفر سندس سماجي ڀلائي لاءِ وابستگي جو واضح ثبوت آهي.

## روشن لال جي خاندان پنجواڻي پريوار جو شجرو

روشن لال جو ڏاڏو ڏيون مل کي هڪ پٽ گوبند رام هو جنهن جا ۴ پٽ آهن, روشن لال، جيتندر لال، اميت ڪمار، آديش ڪمار،

روشن لال جا 2 پٽ آهن, گل راج ۽ جيئش ڪمار

سيٺ روشن لال پنجواڻي

جتيندر ڪمار

آديش ڪمار

اميت ڪمار

# مکي نامچند عرف نامون مل لُنڊ

**مکي نامچند عرف نامون مل لُنڊ** پنهنجي وقت جو بادشاھ هو هميشہ هندن جي حقن لاءِ جنگ جوٽيندو هو. نامون مل قلندر لال شهباز جو معتقد آهي ۽ هر سال هڪ بس قلندر جي موڪليندو آهي جنهن جو سمورو خرچ پاڻ ڪندو آهي. سيوهڻ شريف ۾ هڪ ڪافي بہ تيار ڪرائي اٿس جتي وڃي ترسندو آهي مکي نامون مل ڏهرڪي اندر قلندري فقيرن کي پلاٽ خريد ڪري انهن کي جايون ٺهرائي ڏنيون آهن. مهمان نواز سخي انسان رهيو آهي. جڏهن کان ٽائون ڪاميٽي جو آڪٽراءِ سسٽم هو تہ آڪٽراءِ ناڪن جا ٺيڪا ڪٽندو هو سندس جو ناڪو نمبر هڪ ۽ اوطاق هميشہ وسيل رهندي هئي هندو مسلم جي فرق بنا ڪنهن کي بہ خالي نہ موٽائيندو هو وس آهر مدد ڪندو هو. مسلسل پنجويھ سال ڏهرڪي هندو پئنچات جو مکي چونڊيو ويو. پنهنجي مکپٽي جي دور ۾ هندو پئنچات هال ۽ پوڄا رام جو پلاٽ ڪري هال جوڙايو جتي شادين توڙي فوتگين ۽ سياسي سماجي پروگرام ٿيندا آهن. نامون مل ٿي پيرا سنڌ اسيمبلي جي چونڊن ۾ حصو ورتو ۽ هڪ دفعو ۱۹۹۷ع ايم پي اي جي اليڪشن ڪٽي هئي. جنهن تي مهرو مل جڳواڻي پيسا هلائي اها سيٽ کسرائي ڇڏي. ٻہ پيرا ٽائون ڪاميٽي ڏهرڪي جو ڪائونسلر بہ چونڊيو ويو. هڪڙي اليڪشن ۾ ڪيس صوف نشان الاٽ ٿيو تہ ناڪي نمبر هڪ ۽ پنهنجي اوطاق کي صوفن سان ڀري ڇڏيو هئائين جيڪو بہ سندس ايندو هو ان کي صوف ملند هئا. ماٺهو صوف ڪائڻ لاءِ مکي نامون مل لنڊ جي اليڪشن آفيس ايندا هئا. نامون مل ڏهرڪي ٽائون ڪاميٽي جو ٺيڪيدار بہ رهيو. پنهنجي وقت جو بادشاھ هو.

**عبدالحق عرف ميان مٺو** بہ گهٽو پائيندو هوس. امداد حسين تنيو ان وقت ٽائون آفيسر هو. صبح جو سوير پوري شهر جو چڪر لڳائيندو هو. صفائي تي ڌيان ڏيندو هو. ريتي ۾ هڪ ڪاٽن فيڪٽري لڳايائين. پنهنجي ڀاءُ گوبند رام کي نيشنل بينڪ ۾ نوڪري ڏياري. ايم اين اي لال چند سان قريبي تعلقات هئا. **مکي نامچند جو شجرو** والد جو نالو بخشو مل جا ٽي پٽ نامچند کي ٻہ ڀائر آهن پنهنجي ڀاءُ گوبند رام سينئي وائيس پريزيڊنٽ ريجنل هيڊ سکر نيشنل بينڪ ۾ آهي ۽ ٻيو نمبر وچئ عرف ڪاڪو رام لُنڊ آهي. نامچند نامون مل جي اولاد ۾ چار پٽ ۱. ناگيش ڪمار ۲. وڪي ڪمار ۳. رام لال ۴. راهول ڪمار آهن مکي نامچند نامون مل لنڊ کي چار نياڻيون آهن ۱. ڊاڪٽر شوپيا ديوي جناح اسپتال ڪراچي ۲. ورشا ديوي بينڪ مينيجر الائيڊ بينڪ ڪراچي ۳. پونم ديوي ۽ سميتا ديوي آهن

# مکي يڌشٽر لال مکي منو مل جي - ورثي جو وارث ۽

**سماج جو خدمتگار** سندس **والد جو نالو: مکي منو مل** جنم ڀومي: ڍهرڪي ذات: ڪٿاريا مکي يڌشٽر لال هڪ نيڪ نيت، تعليم يافته ۽ سماج سان وابسته شخصيت طور ڍهرڪي ۾ سڃاتو وڃي ٿو. سندس والد مکي منو مل انگريزن جي دور ۾ ڍهرڪي جو پهريون مکي هو، جنهن 34 سالن تائين مکپٽي جو عهدو سنڀاليو. سماجي انصاف ۽ اڳواڻي جي تاريخ رقم ڪئي.

**مکي منو مل هڪ تاريخي شخصيت:** مکي منو مل ڍهرڪي جا اصلوڪا رهواسي هئا. گلاب شاهه ڪالوني جتي اڄ آبادي آهي، اها ان وقت زرعي زمين هئي جتي سندس ذاتي کوهه هوندو هو. مکي منو مل اکين جي علاج لاءِ دارون ٺاهڻ جو ماهر هو. سندس ٺهيل دارون سنڌ ۽ پنجاب ۾ تمام مشهور ٿيو. جڏهن **اکين جا مريض ٻي حڪيم يا طبيب وٽ ويندا هئا ته کين چيو ويندو: "ڍهرڪي، حڪيم مکي منو مل ڏي وڃي ڏيکار."**

**مکي يڌشٽر لال _ تعليم کان سماج تائين:** مکي يڌشٽر لال، پنهنجي والد جي روايتن کي نئين دور جي علم، تعليم ۽ خدمت سان ڳنڍي اڳتي وڌائيندڙ شخص آهي. تعليم گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول ڍهرڪي مان شروع ڪري، مڊل ۽ ميٽرڪ به اتي حاصل ڪئي. سکر ڪاليج مان هائير ايجوڪيشن پوري ڪري، الائيڊ بينڪ ۾ نوڪري حاصل ڪيائين. زندگيءَ جو وڏو حصو بينڪنگ شعبي ۾ گذاري، مينجر جي حيثيت سان رٽائر ٿيو.

**سماجي خدمتون ۽ اڳواڻي:** نوڪري کان پوءِ مکي يڌشٽر لال سماجي خدمتن ۾ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو. هن هڪ ڀيري ڪائونسلر اليڪشن ۾ به حصو ورتو ۽ لڳاتار ٻارنهن سالن کان "هندو پنچائت" جو نائب مکي ٿيندو آيو آهي. چونڊن ۾ ڪاميابي ماڻڻ بعد هن پنهنجي والد جيان سماج جي خدمت کي اوليت ڏني.

**شخصيت جا اهم پهلو:** - زنده دل، خوش اخلاق ۽ غريب دوست - دروازا هميشه خدمت لاءِ کليل - شهر جي مختلف مسئلن ۽ مذهبي ميل جول ۾ سرگرم - نوجوانن لاءِ هميشه رهنمائي ڪندڙ آهي. مکي يڌشٽر لال پنهنجي والد جي نالي کي عزت سان زنده رکندي، نه فقط خانداني ورثي کي سنڀالي رکيو آهي پر وقت جي تقاضائن مطابق پنهنجي ڪردار سان سماج ۾ پاڻ کي نمايان ڪري ڏيکاريو آهي. هو ڍهرڪي هندو برادري جو نه صرف معتبر اڳواڻ آهي پر هڪ سماج دوست، خلوص دل سان خدمت ڪندڙ سچي شخصيت آهي.

**مکي يڌشٽر لال جي اولاد** ٻه پٽ سنديش ڪٿاريه، سنيل ڪٿاريه ۽ هڪ پوٽو ساحل ڪٿاريه ۽ چار نياٽيون آهن





# مکي انيل ڪمار بترا جي زندگي جو مختصر جائزو

**مکي انيل ڪمار بترا** جي پيدائش ١٩٦٦ع ۾ ڏهرڪي جي فتح پور پاڙي ۾ ٿي. سندس والد ڪڪو مل بترا جي پيدائش ١٩٣٨ع ۾ ميرپور ماٿيلو ۾ ٿي. سندن ڏاڏن جو اصل تعلق ڏهرڪي کان ست ڪلوميٽر پري، هڪ تاريخي ڳوٺ "فتح پور" سان آهي، جنهن جو ٽالپورن جي دور ۾ عروج هو، ۽ ١٩٢٠ع کان پوءِ زوال پذير ٿي ويو. مکي انيل ڪمار جو پڙ ڏاڏو آئل مل هلائيندو هو، ۽ ڏاڏو هاسو مل بترا فتح پور جا رهواسي هئا. ڳوٺ جي زوال شروع ٿيڻ کان پوءِ، هاسو مل ميرپور ماٿيلو اچي آباد ٿيو. سندس ٻه پٽ هئا: ڪڪو مل بترا ۽ موهن داس بترا، جيڪي ١٩٤٠ع ۾ ڏهرڪي اچي، فتح پور پاڙي ۾ آباد ٿيا. **فتح پور پاڙي جي تاريخ بابت مکي انيل ڪمار بترا** ٻڌائي ٿو ته: "فتح پور ۾ خوشحالي هئي، واپار ڪاروبار جام هلندو هو. اسان جي فتح پور ۾ ذميداري هئي، ۽ ان کان سواءِ ديهه جونگ ۽ ديهه واهي گل خان ۾ زمين هئي." فتح پور پاڙو، سردار الله بخش خان مهر جي وفات کان پوءِ، اٽڪل ١٩٢٢ع ۾ آباد ٿيو. جتي خوشي مل، نکو مل، منگت رام، پيشو مل، ۽ ڀڳوان داس زمين خريد ڪري، ڳوٺ جي نسبت سان "فتح پور پاڙو" نالو رکيو. مکي انيل ڪمار بترا جي والد جي نوڪري ٽائون ڪاميٽي ڏهرڪي ۾ هئي. ماڻهن کي سندس نالي جي ادائيگي ۾ مشڪل ٿيندي هئي، تنهنڪري سندس نالو (گورنمنٽ) رکي ڇڏيو ويو، ۽ ڪيس هر ڪو "گورنمنٽ" سڏيندو هو. ڪڪو رام جا ٻه پٽ آهن: ١. مکي انيل ڪمار بترا ٢. پچن داس بترا مکي انيل ڪمار بترا

**مکي انيل ڪمار جي اولاد** مکي انيل ڪمار پاڻ ته وڌيڪ تعليم حاصل نه ڪري سگهيو، پر پنهنجي اولاد جي تعليم تي توجه ڏني، ۽ کين پڙهايو. کيس ٻه پٽ ۽ ٽي نياڻيون آهن: ڊاڪٽر لڪش بترا – ڪراچي ۾ جاب ڪري ٿو. آشيش بترا – سافٽ ويئر انجنيئر آهي، جيڪو هاڻي آسٽريليا ۾ رهائش پذير آهي. ڌيءَ ڪومل بترا – ڪراچي ۾ فيشن ڊزائينر آهي. ساڪشي بترا – MBA پاس ڪري، ڪراچي HBL بئنڪ ۾ آڊٽ آفيسر آهي. مهڪ بترا – آپريشن مينيجر، جَيز بئنڪ ۾ آهي.

مکي انيل ڪمار بترا پرائمري کان ميٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪري سگهيو، پر والد جي وفات کان پوءِ، سندس مٿان ذميواريون اچي ويون، جنهن ڪري هو وڌيڪ تعليم حاصل نه ڪري سگهيو. سندن وڏن جون زمينون چاچو موهن داس بترا سنڀاليندو هو. انيل ڪمار، چاچي سان گڏ هوندو هو، چاڪاڻ ته عمر اجان ننڍي هئي. ٿورو وڏو ٿيڻ بعد، "سن شائن فلور مل" ۾ ڀائيواري ڪئي، ۽ پوءِ ڏهر موڙ تي "ايس ايس ڊي" نالي سان پنهنجو پيٽرول پمپ ۽ ڪانٽو به لڳايو. ٢٠١٥ع جي بلدياتي اليڪشن ۾ حصو ورتو، ۽ ڪائونسلر منتخب ٿيو. هن بنا فرق جي هندو ۽ مسلمانن لاءِ ڪم ڪيو. پاڻ يار ويس ۽ سخي مرد آهي، ضرورتمند جي حيثيت آهر مدد ڪندو آهي. سال ١٩٩٠ع ۾ هندو پنچات جي سياست شروع ڪئي، ۽ هندو ڪميونٽي ۾ هڪ مقام حاصل ڪري ورتو. ١٩٩٣ع جي اليڪشن ۾ پريس سيڪريٽري، ١٩٩٦ع ۾ جوائنٽ سيڪريٽري چونڊجي آيو، پوءِ جنرل سيڪريٽري چونڊجي آيو، ۽ ٢٠٢١ع تائين انهي منصب تي رهيو. سال ٢٠٢١ع جي هندو پنچات جي اليڪشن ۾، ڊاڪٽر شيوڪ رام پينل سان مقابلو ٿيو، جنهن ۾ سندس پورو پينل هارائي ويو، پر مکي انيل ڪمار پاڻ مکي چونڊيو ويو، ۽ حزبِ اختلاف کي ساڻ کڻي پنهنجا ٽي سال مڪمل ڪيا. سال ٢٠٢٤ع ۾ ڊاڪٽر رميش لال سان گڏجي پينل ۾ "نائب مکي" چونڊيو وِيو. **مکي انيل ڪمار بترا جا ساراهه جوڳا قدم:** مکي انيل ڪمار مکي ٻڻجڻ شرط، شادين ۾ شراب پيئڻ تي مڪمل پابندي لڳائي ڇڏي، ۽ ان تي عمل به ڪري ڏيکاريو. جيڪڏهن ڪنهن هندو پاران خلاف ورزي ٿيندي هئي، ته ڏنڊ پڻ وڌو ويندو هو. هن ڪجهه ماڻهن جا هٽ بند ڪرايا، جيڪي خلاف ورزي ڪندا هئا، پر انهن سان ڪو به ذاتي تعلق به نه رکيو. ٻيو وڏو قدم هي هو ته هندو ڌرم جون چار ڌامون آهن: ١. سنت پوڄا رام درٻار ٢. شڌاٽي درٻار، حيات پتافي ٣. وڏي درٻار ڏامر، گهوٽڪي ٤. وسڻ گهوٽ درٻار، روهڙي هن پهرين ڀيرو "سنت پوڄا رام درٻار" جو ٽي روزه ميلو، سندن جنم ڏڻ ٢٥، ٢٦، ٢٧ مارچ تي ڪرايو، جيڪو هاڻي هر سال لڳندو پيو اچي.

# مکي راجڪمار تلريجا

**مکي راجڪمار تلريجا** : راجڪمار تلريجا ١٩٦٤ع ۾ ڏهرڪي ۾ پورڻ داس جي گهر ۾ ڄائو. سندس ڏاڏو، خوبچند، رانوتي ۾ زميني داري ڪندو هو ۽ پوءِ ڏهرڪي منتقل ٿيو. پورڻ داس جا پنج پٽ آهن: ١. راجڪمار، ٢. وڄي ڪمار، ٣. ستيوان لال، ۴. تارا چند عرف شاهوي لال، ۵. منوج ڪمار تلريجا.

**تعليم ۽ پيشو:** راجڪمار ١٩٨٢ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪئي. هو ڪاروبار سان لاڳاپيل آهي ۽ رانوتي جي زمينن جي نگراني به ڪندو آهي.

**سياسي سفر:** راجڪمار ١٩٩٩ع ۾ هندو پئنچات جي اليڪشن ۾ حصو ورتو ۽ ٢٠٠٦ع ۾ يونين ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ويو. ٢٠٢٣ع ۾ هو **ٽائون ڪاميٽي ڏهرڪي جي وارڊ تان بنا مقابلي چونڊيو ويو ۽ وائيس چيئرمن بڻيو**. ١٩٩٩ع کان وٺي، هو بلدياتي ۽ هندو پئنچات جي اليڪشنن ۾ ڪڏهن به شڪست نه کاڌي آهي.

**شخصيت ۽ سماجي خدمتون:** راجڪمار نرم مزاج، مٺڙي طبعيت، ۽ همدرد دل جو مالڪ آهي. هو هندو ۽ مسلمان برادرين کي هڪ نظر سان ڏسندو آهي، جنهن ڪري ٻنهي برادرين ۾ مقبول آهي. سندس خدمتون ۽ رويو ڪيس سماجي ۽ سياسي ميدان ۾ نمايان بڻائين ٿا.

**خانداني زندگي ۽ اولاد:** راجڪمار جو هڪ پٽ، مهندر لال تلريجا، ڪراچي ۾ بلدر آهي. سندس ٻه نياڻيون به آهن. **راجڪمار تلريجا جي زندگي، خدمتون،** ۽ شخصيت ڏهرڪي ۾ هڪ مثالي اڳواڻ جي حيثيت رکن ٿيون، جيڪو سماجي اتحاد، انصاف، ۽ ترقي لاءِ ڪوشان آهي. هڪ بهترين طبيعت جو مالڪ, خوش مزاج باخلاق شخصيت جو مالڪ آهي, سندس خاموش طبيت اٿس, انڪري ساٿس بي پناه ماڻهو پيار ڪن ٿا,

## مکي راجڪمار تلريجا جو شجرو

ڏاڏو خوبو مل

والد پورن داس

مکي راجڪمار تلريجا

وڄئه ڪمار تلريجا | ستيوان ڪمار تلريجا | منوج ڪمار تلريجا | تاراچند عرف شاوي تلريجا

# ڊاڪٽر شيوڪ رام پُنشي خدمت ۽ پرعزم زندگيءَ جو مختصر احوال

**ڊاڪٽر شيوڪ رام پُنشي،** پهرين اپريل ١٩٤٩ع تي ميرپور ماٿيلو ۾ پنهنجي والد ڪشنو مل پُنشي جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس ڏاڏو، پرتو مل پُنشي، سال ١٩٤٨ع ۾ چانڊڻ شريف مان لڏي اچي ميرپور ماٿيلو ۾ آباد ٿيو. ڊاڪٽر شيوڪ رام پنهنجي شروعاتي تعليم ميرپور ماٿيلو مان حاصل ڪئي. ميٽرڪ پاس ڪرڻ بعد لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ورتي، جتي هن ايم بي بي ايس (MBBS) جي تعليم حاصل ڪئي. سندس شاگردي واري دور ۾ هو سائين جي. ايم. سيد جو پيروڪار هو ۽ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن سان لاڳاپيل شاگرد سياست ۾ حصو ورتو.

سال ١٩٧٣ع ۾ ايم بي بي ايس مڪمل ڪري، ساڳئي اداري ۾ هائوس جاب پڻ ڪئي. **پيشه ورانه زندگي** **سال** ١٩٧٨ع ۾ ڊاڪٽر شيوڪ رام، سوشل سيڪيورٽي ڊپارٽمينٽ (ليبر ڊپارٽمينٽ) ۾ ميڊيڪل آفيسر طور چار سال نوڪري ڪئي. بعد ۾ دوستن جي اسرار تي ڏهرڪي ۾ "ڪيلاش ڪلينڪ" جي نالي سان هڪ پرائيويٽ اسپتال جو آغاز ڪيو. شروع ۾ ڪلينڪ ڊاڪٽر گوبند رام جي سامهون هئي، پر هڪ سال بعد پنهنجي جاءِ تي منتقل ڪري، هاٽوڪي جڳهه تي قائم ڪئي. **سماجي خدمتون ۽ قيادت** ڊاڪٽر شيوڪ رام پُنشي، پنهنجي بلند اخلاقيات جي ڪري ماڻهن ۾ مقبول ٿيو. سندس تعلقات اڪثر سياسي ۽ سماجي شخصيتن سان قائم رهيا، جن ۾ خالد خان لنڊ جو والد نور محمد لنڊ، احمد خان سخيجو، سردار محمد خان شر، سردار علي گوهر خان مهر سميت ٻين وڏيرن جا نالا شامل آهن. سندس دلچسپي شهري سياست ۽ هندو پنچات جي بهتري ۾ به هئي. جڏهن ته هندو پنچات ۾ اليڪشن جو ڪو خاص نظام نه هو، هن نوجوانن سان گڏجي اليڪشن بيلٽ پيپر ذريعي ڪرائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. **سال ٢٠١٥ع** ۾ هو **هندو پنچات جو مکي** چونڊيو ويو. **پنچات جي پليٽ فارم تان انقلابي قدم** ڊاڪٽر شيوڪ رام پُنشي جي اڳواڻي ۾: ٤٠٠ مخير حضرات تي مشتمل گروپ قائم ڪيو ويو، جيڪي ماهوار ١٠٠٠ رپيا چندو ڏيندا هئا. 1. اهي پئسا غريبن، بيواهن، نياڻين جي ڏاج، علاج، ۽ تعليم لاءِ خرچ ڪيا ويندا هئا. ٣٧ گهرن جي باقاعده ڪفالت ڪئي وئي. 2 هاٽي ڊونرس جو انگ وڌي ١٨٥ تائين پهچي چڪو آهي. 3 پنچاتي هال جي ٻيهر تعمير ڪرائي ان کي جديد ۽ ڪارآمد بڻايو ويو. **ڊاڪٽر شيوڪ رام جي ڪوشش هئي ته هندو ۽ مسلمان گڏجي اهڙو پليٽ فارم ٺاهين، جتي بنا ڪنهن فرق جي غريبن جي مدد ٿي سگهي، پر بدقسمتي سان اهو خواب مڪمل نه ٿي سگهيو.** **خاندان ۽ ورثو** ڊاڪٽر شيوڪ رام پُنشي، پنهنجي والد ڪشنو مل ۽ والده رڪمني ٻائي جي نالي سان الخدمت چيريٽي اسپتال ۾ هڪ ڳائني وارڊ تعمير ڪرايو، جنهن جي تختي اڄ به موجود آهي. **سندس اولاد ۾:** ١. ڪيلاش پُنشي – گهوٽڪي ۾ بلڊر طور ڪم ڪري ٿو. ٢. ڊاڪٽر سنجي پُنشي – ڪراچي سول اسپتال ۾ ٽي بي جو ڊاڪٽر آهي. ٣. ڊاڪٽر گيتا پُنشي – آمريڪا جي نيويارڪ شهر ۾ الٽرا سائونڊ اسپيشلسٽ آهي. **پوٽا (ڪيلاش جا پٽ):** 1: نخل پُنشي – انجنيئرنگ ڪري نوڪري ڪري رهيو آهي. 2 سمپت پُنشي – نيويارڪ ۾ ڪمپيوٽر سائنس ۾ پڙهي رهيو آهي.



# ڊاڪٽر شيوڪ رام جي زندگي جا ڪجهه يادگار لمحا ڏهرڪي ، تاريخ جي ڪتاب ۾ قيد

# مسيحا جي روپ ۾ ڍهرڪي جو

# ڊاڪٽر منوهر لال

**ڍهرڪي جو مشــــهور ڊاڪٽر منوهرلال** جنهن جي عمر ٧٢ سال آهي، ابتدائي تعليم ڍهرڪي مان حاصل ڪئي ١٩٦٨ع ۾ ميٽرڪ ڪئي، انٽر سکر ۾ ڪيائين، ايم بي بي ايس لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشـــورو ڪيائين، تعليم پوري ڪرڻ بعد ١٩٧٨ع ۾ ڊاڪٽر طور پهرين پوسٽنگ شڪارپور ضلعي جي چڪ شهر پنهنجا فرائض سرانجام ڏنا, ٢ سال جروار ۾ ڪلينڪ هلائي، ٣ سال نيئجريا ۾ ڊاڪٽر جي حيثيت سان نوڪري ڪئي، ١٩٨٥ع ۾ گورنمنٽ هاء اسڪول لڳ پرڪاش ڪلينڪ نالي اسپتال کولي الله پاڪ سندس جي هٿ ۾ شفا رکي آٿس ۽ فقيري رمز ٻ اٿس هو سندس زبان مان جيڪو اوچتو نڪرندو آهي اهو ٿي ويندو "رب پاڪ مٿان راضـي" اٿس، مريض ڏي نگاه سان ڏسندو آهي مرض سمجهي ويندو آهي "راقم الحروف" جو تجربو آهي ڊاڪٽر منوهر لال جي نگاه هڪ پاسي هوندي آهي ته دوا لکڻ وارو قلم ٻئي پاسي هلندو آهي, ڊاڪٽر منوهر لال مليل سيمپل ۽ ٻيو سامان اڪثر يارن دوستن کي تحفا تحائف ڪري ڇڏيندو آهي ۽ تقريبا ٽيهه سيڪڙو ماڻهن جو مفت علاج ڪندو آهي پر سيمپلن مان دوا ٻ ڏيندو آهي سنگت ساٿ کي پنهنجي ڪاتي مان ميڊيڪل واري ڪان دوا ٻ وٺي ڏيندو آهي, سندس دوا جو ڊوز اڪثر هلڪو نارمل هوندو اٿس **ڊاڪٽر منوهر لال جو شجرو:** ڏاڏي جو نالو لڪو مل جيڪو ١٩١٤ع ۾ ڄائو هو ۽ ١٩٥٠ ۾ وفات ڪيائين, سندس والد جو نالو چمن داس,.....چمن داس کي ٦ پٽ هئا ١. گهنشـــام داس, جيڪو واپڊا مان رٽائرڊ ٿيو, جيڪو ديهانت ڪري ويو, ٢. ڊاڪٽر منوهر لال ٣. پرشـــوتم جيڪو انڊيا ۾ آهي, اوم پرڪاش ڪراچي, اجيت ڪمار ڍهرڪي, ننڍو وڪرم جيڪو ديهانت ڪري ويو, ڊاڪٽر منوهر لال جي گهر واري جو نالو انجنا بائي آهي جيڪا ٻ ديهانت ڪري ويئي ڪيس هڪ پٽ, رجنيش ڪمار جنهن جو ڪراچي ۾ بزنس آهي ۽ نياڻي جو نالو ڊاڪٽر روما USA ۾ ڊاڪٽر آهي.

**اوم پرڪاش جو شجرو** ڏاڏي جو نالو لڪو مل والد جو نالو جمنو مل اوم پرڪاش جمنو مل جو چوٿون نمبر پٽ آهي جنهن جا ٻ پٽ راجا پاهوجا ۽ انيش پاهوجا آهن، **اجيت ڪمار جو شجرو** اجيت ڪمار جي ڏاڏي جو نالو لڪو مل والد جو نالو جمنو مل اوم پرڪاش جمنو مل جو پنجون نمبر پٽ آهي جنهن جا ٽي پٽ آهن، اوي پاهوجا، سوهن پاهوجا ۽ موهن پاهوجا آهن، اجيت ڪمار ڍهرڪي جي ست ڪرتار آئل مل جو مالڪ آهي پنهنجي وڏي ڀاءُ ڊاڪٽر منوهر لال جيان، غريبن جي مدد ڪندو آهي سير ۽ جو شوق اٿس، ماٺيٽي مزاج وارو اجيت ڪمار سنتن ۽ ايشور جي ڪرپا سان پنهنجي زندگي جو سفر جاري رکيو پيو اچي.

## ڊاڪٽر منوهر لعل، اجيت ڪمار ۽ اوم پرڪاش پاهوجا جو شجرو

لڪو مل (ڏاڏو)

چمن داس

پيشورام

گهنشام داس

ڊاڪٽر منوهر لال

پرشوتم

اوم پرڪاش

اجيت ڪمار

وڪرم

مسز منوهر لال

رجنيش ڪمار

ڊاڪٽر روما

راجا پاهوجا

انيش پاهوجا

اوي پاهوجا، سوهن پاهوجا، موهن پاهوجا

ڊاڪٽر منوهر لال ڏاڏو لڪو مل سندس والد چمن داس هو، ڀائر گهنشام داس، پرشوتم، اوم پرڪاش، اجيت ڪمار ۽ سرڳواسي وڪرم سندس جي گهر واري جو نالو سرڳواسي انجنا بائي هو، پٽ, رجنيش ڪمار ۽ نياڻي جو نالو ڊاڪٽر روما USA آهي.

# ڊاڪٽر مڪيش ڪمار سچواني (ڏندن جو ڊاڪٽر)

ڊاڪٽر مڪيش ڪمار سچواني ڏھرڪي جو مشـــهور ڏندن جو ڊاڪٽر تاريخ ١٢ جنوري ١٩٧٨ع تي پنجاب جي شــهر ماڇڪي ۾ مکي جيوٽو مل جي گھر ۾ پيدا ٿيو ابتدائي تعليم پنجاب جي ماڇڪي مان حاصل ڪئي ميٽرڪ گڊو هاءِ اسڪول مان ڪئي, انٽرميڊيٽ اسلاميہ ڪاليج سکر مان ڪري BDS نشتر ڪاليج ملتان مان ڪري ٢٠٠۴ع ۾ اناج منڊي ۾ اسپتال قائم ڪئي ٢٠١۵ع تي ملت روڊ تي شفٽ ٿيو ۾ ملت روڊ ڏهرڪي ۾ سچواڻي ڊينٽل اسپتال ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي، تعليم هڪ تجرباڪار ۽ پيشـورانہ صلاحيتن وارو دندان ساز (ڊينٽســٽ) آهي، جيڪو سچواڻي ڊينٽل ڪيئر سينٽر، ڏهرڪي جو مالڪ آهي. هو ٢٠+ سالن کان وڌيڪ وقت کان پنهنجي شعبي سان وابستہ آهي. هن نشتر اسپتال، ملتان ۾ ڊينٽل (H) سرجن طور بہ خدمتون سرانجام ڏنيون.

هو پنهنجي مريضن ۽ عام ماڻهن کي هميشہ هن ڳالھ جي تلقين ڪندو آهي تہ تمباڪو نوشي، پان، گٽڪو، شراب نوشي، ۽ ڇاڙڻ واري نقصـــــانڪار عادتن کان پاسو ڪن، ڇو تہ اهي ڏندن جي صحت تي خراب اثر وجهن ٿا. سندس مقصـــــد صرف علاج ڪرڻ نہ، پر ماڻهن کي آگاهي ڏيڻ بہ آهي تہ ننڍڙين عادتن سان ڪيئن پنهنجي مســـــڪراهٽ کي سالن تائين صحتمند رکجي. ڊاڪٽر مڪيش جي سفارش آهي تہ هر ڪنهن کي ڏينهن ۾ ٻہ پيرا ڏند برش ڪرڻ گهرجن ۽ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ دفعا ڏندن جو طبي معائنو ضرور ڪرائڻ گهرجي. ڊاڪٽر مڪيش سچواڻي جي ڏندن جي سنڀال لاءِ وابستگي رڳو سندس ڪلينڪ تائين محدود نہ آهي. سندس گرمجوشي ڀريو رويو ۽ خدمت جو جذبو ڪيس ڏهرڪي جي مريضـــن ۽ عام ماڻهن ۾ انتهائي مقبول بڻايو آهي. سندس مريض هميشـــہ هن جي شفقت، مهرباني، ۽ حقيقي خيال رکڻ واري انداز جي واکاڻ ڪندا آهن، جنهن ســبب هر وزٽ آرامده ۽ اعتماد ڀريو تجربو بڻجي وڃي ٿي. ڊاڪٽر مڪيش جي محنت ۽ جذبي ســان، سچواڻي ڊينٽل ڪيئر سينٽر هن علائقي ۾ اعلي معيار ۽ آســانيءَ سان دستياب ڏندن جي سنڀال جو هڪ اهم مرڪز بڻجي چڪو آهي.



## ڊاڪٽر مڪيش ڪمار سچواڻي جا وڏا

## ستن پيڙهين کان ماڇڪي هندو پنچات جا مکي رهيا آهن

جنهن جي ترتيب: مکي لڙيندو مل، مکي چيلا رام، مکي هيمن داس، مکي چوٿو مل، مکي جيوٽو مل. مکي جيوٽو مل جا پٽ: مکي رام چند، واشو رام، هرگن داس، آتم چند، موهن لال، ڊاڪٽر مڪيش ڪمار: ڊاڪٽرمڪيش کي هڪ پٽ شهبم سچواڻي، ڊاڪٽر سهاني مڪيش.

## ڏهرڪي ۾ هندو آبادي جون پراڻيون ڪالونيون ۽ پاڙا

گر محلو، مکي پنٹو مل پاڙو، چمن مل پاڙو، چنداڻي پاڙو، جام سانول خان پاڙو، ڪوه جي گهٽي، هاسواڻي محلہ، فتح پور محلہ، منو مل محلہ، ڪڙ بازار، رهندو مل پاڙو، حاجي چاند پاڙو، شاهي بازار، نيون ڪالونيون سترام پوري پاڙو، تارا چند ڪالوني، پٺاڻي نگر، ڪرشن نگر، گرونانڪ ڪالوني.

# شنڪر لال تلريجا جي زندگي، هڪ سچو سيوڪ

## نيشنل ميڊيڪل اسٽور ڏهرڪي

**نسل: تلريجا خاندان** اصل رهاڪو رانوتي ابتدائي زندگي ۽ تعليمي سفر شنڪر لال تلريجا، سنڌ جي نامور سماجي ڪارڪن، ١٥ آگسٽ ١٩٥٢ع تي شيون داس تلريجا جي گهر اٻاوڙو ۾ جنم ورتو. سندس وڏا رانوتي جا رهاڪو هئا. سندن نسبي سلسلو تاريو مل، ڏاسو مل، ۽ هوتو مل تائين پهچي ٿو، جنهن مان هوتو مل جا پنج پٽ هئا، جن مان شيون داس – شنڪر لال جو والد – پڻ هڪ هو. شيون داس، ورهاڱي کانپوءِ ١٩٤٨ع ۾ رانوتي مان اٻاوڙو منتقل ٿيو، جتي هن ڪرياڻ جو ڪاروبار شروع ڪيو. هن پرائمري کان ميٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي ۽ انٽر ميڊيئيٽ سکر مان پاس ڪري، ١٩٧٤ع ۾ ڪمپائونڊري جو خاص ڪورس پڻ مڪمل ڪيو. ١٩٧٣ع ۾ ڊاڪٽر عبدالقدير وٽ عملي تربيت حاصل ڪري، دوائن جي علم ۾ مهارت حاصل ڪئي ۽ نيشنل ميڊيڪل اسٽور قائم ڪيو، جيڪو

ڏهرڪي جي ڀرپور قابل اعتماد دوائن جي مرڪزن مان هڪ بڻيو. **سماجي خدمت جو بي مثال سفر** شنڪر لال نوجواني کان ئي سماجي خدمت جي جذبي سان سرشار رهيو. تاريخ ٢٥ ڊسمبر ١٩٨٥ع ڊپٽي ڪمشنر سکر هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي جنهن ۾ بي ايڇ آر فري ڪلينڪ جو افتتاح بدست مبارڪ ڊي سي سکر محمد سليم خان هٿان ڪرايو ويو. تاريخ ١٧ مارچ ٢٠٠٥ع تي سرحد ريلوي اسٽيشن تي ڪوئيٽه ايڪسپريس ۽ مال گاڏي جو ٽڪر ٿي پيو ان وقت چوڌري عبدالحق، شنڪر لال، ڊاڪٽر سجاد حيدر حادثي هنڌ پهتا ۽ مريضن لاءِ دوائون به پهچايون. سال ٢٠٠١ع ۾ اينگرو جي پي آر او عامر عظيم دائود پوٽو کيس سمال ٽريڊرز پاران درخواست ڏني سون ته کيس ڏهرڪي ۾ ڊائلاسس سينٽر جي ضرورت آهي اسان جي عرضي قبول ڪندي ڪجهه مهينن اندر ڏهرڪي ۾ ڊائلاسس سينٽر جي عمارت ٺاهي ۽ مشينون ڏنيون ويون. ٢٠٠٤ع ۾ حيسڪو جي چيف انجنيئر ڪي بي قريشي کان عسڪري بينڪ ڳان جامع مسجد چوڪ تائين ١١ هزار جون زبون حالت جو شڪار تارون تبديل ڪرائي نيون تارون لڳرايونسين. سال ٢٠٢١ع ڏهرڪي ريلوي اسٽيشن تي هڪ وڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ گهر ڪئي وئي ته ڏهرڪي ۾ ٽرينن جان اسٽاپ ڪيا وڃن اهو احتجاج تاريخي هو سال ٢٠٠١ع انجمن تاجران پاران ڏهرڪي جي ٽي سي نمبرن خلاف هائي ڪورٽ سکر ۾ ڪيس داخل ڪيو سون جيڪو ڪيس هلي رهيو آحي انجمن تاجران واپاري ستنن ڪمار ۽ امير بخش راڄڙي جي قتل خلاف احتجاج رڪارڊ ڪرايو. ١٩٧٤ع ۾ BHR **بي ايڇ آر ويلفيئر سوسائٽي جو فائونڊر** ميمبر ٿيو ۽ ١٩٨٥ع کان ٢٠٠٠ع تائين پندرنهن سال ان جو صدر رهيو. سندس قيادت ۾ بي ايڇ آر هيٺ ڪيترائي اهم فلاحي ادارا قائم ٿيا:

BHR welfare association Regd daharki Election 25 ,oath taking ceremony on 24,6,25

**شاه لطيف ماڊل اسڪول** (١٩٨٤ع): جنهن جي شروعاتي مرحلي ۾ چيئرمن جي حيثيت سان خدمتون انجام ڏنيون. **فري ڪلينڪ** (١٩٨٥ع): افتتاح ڊپٽي ڪمشنر سکر محمد سليم خان پاران ٿيو **سچل انسٽريل هوم** (١٩٨٧ع): ان جو افتتاح به ڊي سي سکر ڪيو. **ڊاڪٽر هري داس ۽ ڊاڪٽر ساجن داس جي بلا معاوضي خدمتون** (١٩٨٩ع–١٩٩٩ع): جن ۾ پنهنجي ذاتي وسيلن سان مريضن جي خدمت ڪئي. **صحت جي شعبي ۾ نوان معيار** ١٩٩٩ع ۾ پيشنٽ ويلفيئر ايسوسيئيشن قائم ڪئي وئي، جنهن جو جنرل سيڪريٽري شنڪر لال هو. هن تنظيم جي ذريعي: آئي او پي ڊي ۽ سرجري لاءِ گهٽ خرچن ۾ سهولتون ڏنيون ويون. مريضن لاءِ لينس فراهم ڪيا ويا **هينڊز اين جي اوز** جي مدد سان ڏهرڪي اسپتال لاءِ ٧٥ لک رپين جا ترقياتي ڪم ڪرايا ويا. ٢٠١٢ع ۾ **آپريشن ٿيٽر** تيار ڪيو ويو، جنهن لاءِ سخي حضرات ۽ مقامي سرجن امتياز جي اسرار تي فنڊ گڏ ڪيو ويو. **واپارين جا نمائندا ۽ جدوجهد** شنڪر لال سماجي خدمتن سان گڏ واپارين جي حقن لاءِ به سرتاج

سيٺ شنڪر لال تلريجا جا اهم ڪارناما: ٢٠٠٠ع ۾ سمال ٽريڊرز جو قيام، جنهن سان واپارين جا مسئلا قانوني طور حل ٿيڻ لڳا. ٢٠١٢ع ۾ انجمن تاجران سنڌ جو جوائنٽ سيڪريٽري چونڊيو ويو. ٢٠١٦ع ۾ مرڪزي انجمن تاجران ڏهرڪي جو قيام، جنهن جي **حلف برداري آل پاڪستان انجمن تاجران جي صدر خواجه شفيق احمد ۽ نعيم مير** جي هٿان ٿي. **زندگيءَ جو فلسفو: موت تائين سيوا** شنڪر لال جو عزم آهي ته "موت تائين گهر نه ويهندس، سيوا جيتري ٿيندي ڪندو رهندس." سندس هر عمل، هر لفظ ۽ هر خيال سيوا جي جذبي سان پرپور آهي. هو مسلسل چوندو آهي: "واندو وقت سيوا ۾ گذاريو. **شنڪر لال تلريجا جي اولاد** ٽي پٽ ٽي ڌيئر آهن: ١. دليپ ڪمار ٢. چندربان ٣. مهندر ڪمار ۽ هڪ نياڻي مان ڊاڪٽر ساڍا ٻائي ڏهه سال ابوظبي ۾ رهي، ۽ هن وقت USA ) آمريڪا) ۾ مقيم آهي. ٻه خانداري ڪن پيون. **BHR ويلفيئر سوسائٽي جا فائونبر ميمبر** 1. ڊاڪٽر جواهر لال 2. يودستر لال 3. ڊاڪٽر لچو رام 4. شنڪر لال تلريجا 5. سدام چند 6. ڊاڪٽر پرمانند ڪل لڳ ڀڳ ٤٥ ميمبر آهن **خراج تحسين** شنڪر لال تلريجا نه رڳو ڏهرڪي پر سڄي ضلعي گهوٽڪي لاءِ هڪ سماجي مثالي شخصيت آهي. سندس خدمتون صحت، تعليم، واپار ۽ عوامي فلاح تائين پکڙيل آهن. ۽ عوامي مسئلن جو همدرد، ۽ هڪ لافاني خدمتگار آهي. اسان ڪيس هيءَ عاجزانه خراج تحسين پيش ڪريون ٿا: "جيڪو موت تائين خدمت ڪري، ان جو نالو وقت نه ٿو وساري سگهي ٿو! شنڪر لال تلريجا، اوهان سنڌ جي سماج لاءِ هڪ روشن مثال آهيو!" **اختتامي لفظ شنڪر لال تلريجا جي زندگي جو سفر اجا جاري آهي ۽ سنڌ جي ڌرتي سندس بي لوث خدمتن جي شڪريه ۾ هردور ۾ سندس نالو فخر سان ياد ڪندي .**

# استاد ٺاڪر لال ڇاٻڙيا

## شيوا، تعليم ۽ ڍهرڪيءَ جي تاريخ ۾ امر نالو

**استاد ٺاڪر لال ڇاٻڙيا، فرزند لهرومل ڇاٻڙيا** اصل حيات پتافي جا رهواسي هئا. هنن جي زندگي خدمت، علم، ڌرم ۽ سماجي سوجهه بوجهه سان ڀرپور هئي. سال ١٩٧٥ع ۾، استاد ٺاڪر لال اينگرو اسڪول جي ملازمن لاءِ ايڊهاڪ بنيادن تي استاد طور نوڪري اختيار ڪئي. هڪ سال جي ڪامياب تعليم بعد، ٽي سال ايڪسٽينشن ملي، جنهن ڪان پوءِ ١٩٧٧ع ۾ پاڻ پنهنجي پوري فيملي سان گڏ ڍهرڪي منتقل ٿيا. **ڍهرڪي هاءِ اسڪول** ۾ HST جي حيثيت سان نوڪري شروع ڪئي، جتي هن نہ رڳو تعليم پر تربيت ۽ اخلاق جي آبياري ڪئي. استاد ٺاڪر لال جا ڀائر ڊاڪٽر گهنشام داس (دادلغاري ۾ ڪلينڪ هلائيندڙ)، لڇمڻ داس (پرائمري استاد)، ۽ چندر لال بہ ڍهرڪي آيا ۽ ساڻن گڏ "پمن داس چندو مل جي جڳهہ ۾" ۾ عارضي آباد ٿيا.

**استاد ٺاڪر لال جو علم، آواز ۽ عشق سماج لاءِ سرمايو بڻيا**. هو شداڻي درٻار جا پرجوش سيوادار هئا. درٻار جي شيوا سندن رت ۾ شامل هئي. اسڪول جي ڊيوٽي ڪان پوءِ ڌرمي ڪتابن جو مطالعو، پوڄا پاٺ، ۽ سماجي شعور جي آبياري، سندن روزمرهہ جو حصو هو. سندس جادوئي آواز جڏهن اسٽيج تي وڄندو هو، تہ لفظن جون مالها موتين وانگر چمڪنديون هيون. هو علم، ادب، تاريخ ۽ ڌرمي موضوعن تي اثرائتي انداز سان تقرير ڪندو هو، جنهن سان محفلن ڪي چڻ سونهن ملي ويندي هئي. استاد ٺاڪر لال خاص طور تي ڌرمي تعليم ۽ شام جو ٻارن، نياڻين کي مفت پڙهائيندو هو. جيڪڏهن هن ڪتاب لکيا هئا تہ سندن تفصيل ڪتاب جي آخر ۾ شامل ڪجن. انهن جا فلاحي ڪم پڻ اهڙي ئي توجهہ جوڳا آهن، جيئن غريبن جي مدد، درٻار جي سيوا، ۽ تعليمي خدمتون. استاد ٺاڪر لال سال ١٩٨٩ع ۾ رٽائر ٿيا، پر سندن جذبو ۽ خدمت جي روشني نہ وسامي. رٽائرمنٽ ڪانپوءِ بہ پاڻ شداڻي درٻار جا نمايان سيوادار رهيا. هر موڪل ڏينهن درٻار وڃڻ، سنتن جي آشيرواد وٺڻ ۽ ميلايا ٻين ڌرمي موقعن تي اهم ذميواريون نڀائڻ سندن زندگي جو حصو بڻيل هو.

سائين ٺاڪر لال جي روح تاريخ ٦ نومبر ٢٠١٤ع تي پروان ڪري ويو. سندن وڇوڙو نہ رڳو خاندان، پر ڍهرڪيءَ جي علمي، ڌرمي ۽ سماجي دنيا لاءِ وڏو خال ڇڏي ويو، جيڪو اڄ تائين پريو نہ ويو آهي.

اولاد: استاد ٺاڪر لال جا چار پٽ آهن، جيڪي سڀ پنهنجي پنهنجي ميدان جا ڪامياب ڪاروباري ماڻهو آهن:

ٻلديو اندر جوت، ڪيلاش جوت (پنار انٽرپرائيز)، مهيش جوت (انگت يلو گرين بيڪري)، راج ڪنول سنگهہ سردار (پنار ۾ ڀاءُ ڪيلاش جوت سان گڏ ڪاروبار ڪندو آهي) چارئي ڀائر الڳ الڳ رهندا ۽ پنهنجو پاڻمرادو ڪاستاد ڪاروبار هلائيندا آهن، جيڪي پنهنجي والد جي ايمانداري، محنت ۽ خدمت جي روايت کي اڳتي وڌائي رهيا آهن.

ٻلديو اندر جوت

ڪاڪا ڪيلاش جوت

راج ڪنول سنگهہ سردار

مهيش جوت [انگد]

## استاد ٺاڪر لال جا لکيل ڪتاب

١. ٻالبوڌ (گرمکي ۾)
٢. ٻالبوڌ (هندي ۾)
٣. هينگلاج ماتا ڪتاب (سنڌي ۾)
۴. هينگلاج ماتا ڪتاب (سنڌي ۾)
۵. شداڻي چاليسا
٦. شداڻي پرڪاش (پارٽ ٢)
٧. ديا ساگر (ديا پرڪاش سنت سائين گوبند رام ٢٧٥ پيج ڪتاب)
٨. گيتا جا ١٦ اڌياء سنڌي ترجمو ڪيو)

# مکي ڪيلاش جوت چابڙيا

(استاد ٺاڪر لال چابڙيا جو ٻيون فرزند): مکي ڪيلاش جوت چابڙيا جو جنم تاريخ 9 مهينو ڊسمبر سال 1974ع ۾ حيات پتافين ۾، سنت سائين شدارام صاحب جي آشيرواد ۽ روحاني چانوريءَ ۾، استاد ٺاڪر لال چابڙيا جي گهر ۾ ٿيو. ڪيلاش جوت پنهنجي ابتدائي تعليم اينگرو ڪيميڪل امپلائيز اسڪول مان حاصل ڪئي، جڏهن ته ميٽرڪ جي سند هاءِ اسڪول ڏهرڪي مان حاصل ڪيائين. انٽر ۽ گريجوئيشن جون منزلون به هن ءَ همت سان پوريون ڪيون. جوانيءَ ۾ جڏهن هو علم، فڪر ۽ شعور جي سفر تي روانو ٿيو، تڏهن ئي هن پنهنجي والد محترم جي زندگيءَ تي گهري نظر رکي. سندس عزم هو ته بابا ٺاڪر لال جيان سماج ۾ عزت، خدمت ۽ سچائيءَ جي نالي سان سڃاتو وڃي. هو مسلسل بابا جي پيروي ڪندي، سنتن جي شيوا، ڌرمي روايتن ۽ سماجي ڀلائيءَ سان پاڻ کي وابسته رکندو آيو. سندس زندگي جو رخ ان وقت تبديل ٿيو، جڏهن سندس والد وفات ڪئي. اهو وڇوڙو ڪيلاش جوت لاءِ هڪ نئين ذميواريءَ جي شروعات هو. والد جي نقش قدم تي هلندي، هن نه صرف ڪاروباري دنيا ۾ پاڻ کي مصروف رکيو، پر سماجي خدمت لاءِ به هميشه اڳيان رهيو. مهانگائي ۽ مصروفيت جي باوجود، هو ڀريون شخص هو، جنهن هندو پنچائت جي طرفان ڏنل هر ڪم کي جنهن ۾ (ٺاٽو، واپڊا، روينيو وغيره) جا ڪم پنهنجو فرض سمجهي پنهنجي سماج جي ڀلائي لاءِ ڪندو رهيو ۽ پنچائت جي سهڪار سان انتم سنسڪار لاءِ ڏنل گاڏي هلائڻ جهڙي خدمت لاءِ پاڻ کي پيش ڪيو ۽ ان خدمت کي عبادت سمجهي نڀائيندو رهيو جيڪا اڄ تائين هلائي ٿو. سندس محنت ۽ خلوص کي ڏسي، هندو پنچائت جي ڊاڪٽر شيوڪ رام جي اڳواڻيءَ ۾ کيس سال ٢٠١٥ع ۾ خزانچي جي عهدي لاءِ نامزد ڪيو ويو، جتي هو چونڊجي آيو. ڪيلاش جوت پنهنجي ايمانداري، خدمت ۽ شفاف مالي نظام سان هندو پنچائت ۾ هڪ نئون اعتماد پيدا ڪيو. سندس خدمت جي ڪري هو مسلسل ٽي ڀيرا هندو پنچائت جو خزانچي چونڊيو ويو. اڄ به مکي ڪيلاش جوت چابڙيا نه رڳو هندو برادري، پر ڏهرڪي جي مسلمانن ۽ ٻين برادرين جي وچ ۾ عزت ۽ محبت جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. هو پنهنجي والد جي مشن کي جاري رکڻ لاءِ سرگرم آهي ۽ پنهنجي دل ۾ اهو جذبو سانديي رکيو آهي ته: "بابا جيان نيڪ نالي، خدمت ۽ شيوا جو مثال قائم ڪريان." اهڙي شخصيت، جهڙي استاد ٺاڪر لال هئي، سندس جاءِ پرڻ ايترو آسان ناهي. ڪيلاش جوت جي ڪوشش کي ضرور سارا هيو وڃي ٿو، پر هن کي اڃا به مسلسل محنت، قرباني ۽ صداقت جي ضرورت آهي ته جيئن هو به بابا جيان تاريخ جو حصو بڻجي سگهي. ڪيلاش جوت جي سماجي ڪمن ۾ خاص طور ٻارن جي پاٺ شالائن جا اسٽيج پروگرام ڪرائڻ ۽ اسڪولي تعليم ۾ پوزيشن ماڻڻ وارن شاگرد ۽ شاگردياڻين کي هندو پنچائت پاران شيلڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ڏياريا ته جيئن انهن ٻارن ۾ خوداعتمادي پيدا ٿيئي ڪيلاش جوت کي شهر وارا پيار مان ڪاڪا ڪيلاش جوت به چوندا آهي.

ڪيلاش جوت

راجڪمار ڏهرا


PANNAR ENTERPRESES Agro Divison

Business Office : Naka No. 5main Road Daharki, Sindh.

Ph: 0723642555, 643555

# سيٺ منوج ڪمار ڪٽاريہ

## ڏهرڪي جي بيڪري ۽ هوٽل انڊسٽري جو نالواري شخصيت

سيٺ منوج ڪمار ڪٽاريہ، ١٨ سيپٽمبر ١٩٧٧ع تي ڏهرڪي ۾ ڄائو. سندس ڏاڏو ساڌو مل ڪٽاريہ اصلوڪو ڏهرڪي جو رهواسي هو، جنهن جا ٽي پٽ ١. هولا رام ٢. جمڙو مل ٣. گهنشام داس ڪٽاريہ منو مل پاڙي ۾ رهندا آهن گهنشام داس سبزي منڊي ۾ هران مٿائي جو ڪاروبار شروع ڪيو. گهنشام داس جا چار پٽ آهن: منوج ڪمار، پرديپ ڪمار، هريش ڪمار، ۽ سنجي ڪمار، ۽ هڪ نياڻي.

**تعليم ۽ ڪاروباري سفر:** منوج ڪمار ميٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي. هو **"ڪنگ بيڪري"** جو باني آهي، جنهن جون ٢ برانچون آهن هڪ آغا خان ليبارٽري سان گڏ ۽ ٻي فيصل بينڪ جي پويان واقع آهي. بيڪري ۾ تازه بيڪري آئٽم، مٺايون، ۽ فاسٽ فوڊ فراهم ڪيا وڃن ٿا. منوج ڪمار پاڻ فيصل بينڪ جي پرواري گهٽي ۾ موجود هوندو آهي، جتي هول سيل ۽ رٽيل سيل ڪئي ويندي آهي.

**هوٽل انڊسٽري ۾ قدم:** منوج ڪمار جو پٽ، لڪش ڪمار، **"ايٽ اينڊ ميٽ"** نالي سان باءِ پاس تي هوٽل هلائي رهيو آهي. هي هوٽل پنهنجي آرامده ماحول، معياري کاڌن، ۽ بهترين سروس لاءِ مشهور آهي، جتي مقامي توڙي ٻاهريان مهمان خوشي سان وقت گذارين ٿا. سيٺ منوج ڪمار ڪجهہ وقت مهر گروپ سان سياست ۾ سرگرم رهيو، پر ڪاروبار کي نقصان پهچڻ سبب سياست ڇڏي ڏني. هن جو ڌيان هاڻي مڪمل طور تي ڪاروبار تي آهي، جتي هو پنهنجي خاندان سان گڏ بيڪري ۽ هوٽل انڊسٽري ۾ نمايان ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. سيٺ منوج ڪمار ڪٽاريہ ڏهرڪي جي بيڪري ۽ هوٽل انڊسٽري ۾ هڪ نمايان نالو آهي. سندس ڪاروباري سفر، خانداني ورثو، ۽ سماجي خدمتون هن کي مقامي برادري ۾ عزت ۽ محبت جوڳو بڻائين ٿيون.

# ڊاڪٽر ڪرشن نهال

## هڪ انسان دوست شخصيت جي زندگيءَ جو سفر

**ڊاڪٽر ڪرشن نهال** انسـاني محبت، خدمت، ۽ سچائيءَ جو علامتي نالو هو. هو نہ فقط هڪ شفيق طبيب، بلڪ هڪ سماجي ڪارڪن، فڪر مند دانشور ۽ روحاني بصيرت رکندڙ شخص بہ هو. سندس لهجو من موهيندڙ، گفتگو نرم مزاجيءَ سان پرپور هوندي هئي، هو انسان ذات جي بي لوث خدمت کي عبادت سمجهندو هو. ۽ زندگيءَ جي هر پل کي ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هئائين.

**جنم ۽ خانداني پسمنظر:** ڊاڪٽر ڪرشن نهال ٣٠ اپريل ١٩٤٠ع تي سانون مل جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس والد سانون مل، فتح پور جي زوال کان پوءِ ١٩٢٦ع ۾ هجرت ڪري نئين فتح پور پاڙي کي آباد ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سـندس والد تپيدار جي عهدي تي فائز هو، جنهن مختصر وقت ۾ پنهنجو گهر ٺهرائي، خاندان لاءِ هڪ مستحڪم بنياد فراهم ڪيو.

**تعليم ۽ طب جي شعبي ۾ قدم:** ڊاڪٽر ڪرشن ابتدائي تعليم ڏهرڪي ۽ ميرپور ماٿيلو مان حاصل ڪئي، پوءِ شڪارپور مان ڪيمسٽ جي ڊگري حاصل ڪري ڏهرڪي ۾ "نهال ميڊيڪل اسٽور" کوليو. هن دور ۾ بہ هو دوائون خريد ڪري رعايتي اگهن تي غريبن تائين پهچائيندو هو. طبي شـوق ڪيس وڌيڪ تعليم ڏانهن وٺي ويو، جنهن تحت هن هوميوپيٿڪ ۽ حڪمت جا ڪورس مڪمل ڪري ڊگريون حاصل ڪيون. سندس پهرين ڪلينڪ قريشي بازار ۾ قائم ٿي، جتي هو بي وسن ۽ بي پهچ مريضن جو مفت علاج ڪندو رهيو.

**سماجي خدمتون ۽ فلاح جو جذبو:** ڊاڪٽر ڪرشن نهال، سيد امين شاهہ ۽ الطاف حسين چغتائي سان گڏجي "فرينڊز ويلفيئر سوسائٽي" جي پليٽفارم تان فلاح عامہ جا بي شمار ڪم سرانجام ڏنا. مفت ٽائپنگ سينٽر، سلائي ڪڙاهي مرڪز، ۽ ٽيوشن سينٽرز جي ذريعي سوين شاگردن کي معياري تربيت ۽ بعد ۾ ايڪسون، ماڙي سميت ٻين ادارن ۾ نوڪريون حاصل ٿيون. ڪراچي مان گرم ڪوٽ وٺي مستحق مريضن کي ڳوٺ موڪلڻ جي روايت سندس اڪثر موسمن ۾ جاري رهندي هئي، تہ جيئن غريب ڳوٺاڻا سرديءَ کان بچي سگهن.

**تعليمي، ادبي ۽ ثقافتي خدمتون:** ڊاڪٽر نهال هفت زبان جو ڄاڻو هئا. سـنڌي، اردو، انگلش، فارسـي، عربي، سـرائڪي ۽ پنجابي انهن زبانن ۾ نہ صرف ڳالهائي سگهندا هئا پر لکي ۽ پڙهي بہ سگهندا هئا.

ڊاڪٽر نهال ڏهرڪي جي "مين پرائمري اسڪول" جي سئو سالہ جشن جو اهتمام ڪري، ان کي هڪ تاريخي ميلو بڻايو، جنهن ۾ علڻ فقير سـميت ناليوارن فنڪارن شـرڪت ڪئي. اهو ميلو، جيڪو اڄ بہ ماڻهن جي حافظن ۾ زنده آهي، اڌ صـدي گذرڻ باوجود ٻيهر ورجائي نہ سگهيو آهي. علڻ فقير، ڊاڪٽر نهال جي ڪچهريءَ مان ايترو متاثر ٿيو جو ٽن ڏينهن جي بڪنگ هوندي بہ هفتي تائين اتي ٽڪيو●

**روحانيت ۽ انسانيت:** ڊاڪٽر نهال جي شخصيت ۾ فقيرن جي رمزون، درويشن جي صداقت ۽ صوفين جي اخلاق جو چمڪندڙ رنگ موجود هو. هن جولنگر در هميشـہ محتاجن، فقيرن، درويشـن لاءِ کليل هوندو هو. سندس خدمت جو انداز انيڪ ڪردارن ۾ ڏسڻ ۾ آيو. قلندر ڪبريا جا ڪٽ ڏٽي، جهانپور جا سيد سخاوت شاهہ ۽ هر ايندڙ سيدن، فقيرن ۽ روحاني هستين جي خدمت ڪرڻ جو شرف حاصل هو.

**هندو ڪميونٽي لاءِ خدمتون:** ڏهرڪي ۾ هندو ڪميونٽي لاءِ بہ نمايان خدمتون انجام ڏنيون. ٽاروٽلو جنهن جو هاٽڪو نالو "ايس ايس ڊي ڌام" جي شروعاتي دور ۾ هن نہ فقط مندر، پر پانشالا جي بہ بنياد وڌي. سرڳواسي سنگيت ڪمار، آتم رام ۽ منور لال سان گڏجي هن ادارتي سطح تي اسٽيج پروگرام، ڌرمي پڙهائي، ۽ ڪوئز ڪامپيٽيشن ڪرائي نوجوانن جي ذهني اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

**وفات ۽ اولاد:** ڊاڪٽر ڪرشن نهال تاريخ(٢٠١٨-٠٨-٢٦)تي هي فاني جهان ڇڏڻ بعد هميشہ لاءِ امر ٿي ويو. سندس پويان پنج پٽ ۽ هڪ ڌيءَ سوڳوار ڇڏيا: ١. سـنيل ڪمار عرف پيرل ٢. هيرالال عرف بچل ٣. لڇمڻ داس عرف سـچل ٤. منوج ڪمار عرف بيدل ٥. هري چند عرف بيڪس. سندن نالن مان ئي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ڊاڪٽر نهال پنهنجي اولاد جي تربيت فڪر، ادب، سچائي ۽ انسـانيت جي روشن تصور تي ڪئي. ڊاڪٽر ڪرشن نهال جي شخصيت شاهہ لطيف جي هن بيت جو مڪمل مصداق هئي:

"ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ، اچي بوءِ بهار جي."

سندس زندگيءَ جا نقش ڏهرڪي جي تاريخ ۾ هڪ اهڙو باب آهي جيڪو سدائين مهڪندو رهندو. هو نہ صرف پنهنجن لاءِ، پر سـموري سماج لاءِ جيئرو رهيو- ۽ هاڻ بہ، سندس يادگيريون انسانيت جي خدمت جي مثالي ورثي طور زنده آهن.

سنيل ڪمار عرف پيرل، هيرالال عرف بچل، لڇمڻ داس عرف سچل، منوج ڪمار عرف بيدل، هري چند عرف بيڪس

# ڊاڪٽر پرمانند جي زندگي جو مختصر خاڪو

**ڊاڪٽر پرمانند جو ڏاڏو پرتو مل هو سـنـدس پٽ جمنو مل**, تاريخ ٤ جون ١٩٢٥ع تي پيدا ٿيو, جمنو مل رانوتي مان ١٩٤٧ع ۾ هجرت ڪري ڏهرڪي آيو, ۽ سنہ ٢٠ جنوري ٢٠٠٠ ۾ وفات ڪيائي, پرتو مل رانوتي جو جاگيردار هو ۽ سندس ٻہ پٽ هئا، وشنداس ۽ جمٽومل. وشنداس ڀارت لڏي ويو ۽ جمٽومل هاسواڻي محلہ ڏهرڪي ۾ آباد ٿيو. جمنومل جا پنج پٽ هئا: مرحوم بهاري لال ١٩٥٥ ۾ ڄائو ٢٥ اپريل ١٩٧٨ ۾ وفات ڪئي پرمانند، مرحوم راجڪمار، نانڪ رام، ۽ والميڪ. ۽ ٽي نياڻيون: مرحوم سنوتري ٻائي، ليلان ٻائي، ۽ سالوچنا ٻائي. ڊاڪٽر پرمانند جون ٻہ ڌيئرون آهن، ڊاڪٽر پرينڪا، ڊاڪٽر سگندها ۽ هڪ پٽ اويناش آهي. ڀاءُ بيهاري لال ٢٥ فيبروري ١٩٧٨ع تي پاڙيسريءَ جي گهر ۾ گئس سلينڊر ڌماڪي سبب سڙي فوت ٿي ويو. جنهن ۾ ٽي ماڻهو زخمي ٿي پيا, هي واقعو ڏهرڪي شهر لاءِ تمام گهڻو ڏکوئيندڙ هو. ڊاڪٽر پرمانند ڪاريڙا تاريخ ٢٦ اپريل ١٩٦٠ ۾ جمنو مل جي گهر ۾ جنم ورتو ۽ MBBS ڪيائين، ڊاڪٽر پرمانند ايڏا ڏک ڏسي سخت حالتن ۾ تعليم حاصل ڪيائين، ١٩٨٦ع ۾ ايم بي بي ايس مڪمل ڪئي، ۽ ٠٨-٠٩-١٩٨٧ع تي صحت کاتي ۾ شامل ٿيو, ميڊيڪل آفيسر ٿيو ۽ ترقي ماڻي ڊپٽي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ، ۽ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ تعلقہ اسپتال ڏهرڪي (١٤-٠٢-٢٠١٤ کان ٠٦-٠٦-٢٠١٦ تائين) ڊاڪٽر پرمانند انچارج، اينگرو ڪڊني ڊائلاسز سينٽر ٻہ رهيو, ڊائريڪٽر (BPS-20)، انسٽيٽيوٽ آف اسڪِن ڊزيز، سنڌ ڪراچي ۾ پنهنجون ذميواريون سر انجام ڏنيون, فلاحي ڪم: ڊاڪٽر پرمانند BHR بابا هرداس رام ويلفيئر ايسوسيئيشن جو جنرل سيڪريٽري ١٩٩٦ع کان ٢٠١٨ تائين رهيو آهي, ۽ وقت BHR walfare ۾ شاہ لطيف ماڊل اسڪول لاءِ ١٩٨٤ کان ۽ سترام داس فري ڪلينڪ ۾ ١٩٨٥ کان هلي رهيون آهن جنهن ۾ فلاحي ڪمن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي, "ريٽائرڊ" ڊاڪٽر پرمانند ڪريرا ڏهرڪي جي عوام جي ڀلائي لاءِ نمايان خدمتون انجام ڏنيون آهن جن کي تاريخ جي لفظن ۾ ياد رکيو ويندو.

## ڊاڪٽر پرمانند ڪاريڙا جو شجرو

پرتو مل (ڏاڏو)



جمنو مل

ڊاڪٽر پرمانند،

سرڳواسي بهاري لال

سرڳواسي راجڪمار،

نانڪ رام

والميڪ

ڊاڪٽر پرينڪا

ڊاڪٽر سُگهنڌا



اويناش ڪمار

**ڊاڪٽر پرمانند ڏاڏو پرتو مل سندس پٽ جمنو مل هاسواڻي محلہ، ڏهرڪي ۾ آباد ٿيو. جمنومل جا پنج پٽ هئا: سرڳواسي بهاري لال ، ڊاڪٽر پرمانند، سرڳواسي راجڪمار، نانڪ رام، ۽ والميڪ آهن. ڊاڪٽر پرمانند جون ٻہ نياڻيون آهن، ڊاڪٽر پرينڪا، آسٽريليا لڏي وئي، ADC پاس ڪري نوڪري ڪري رهي آهي ۽ ڊاڪٽر سُگهنڌا، ڪراچي ۾ WMO طور ڪم ڪري رهي آهي، ۽ هڪ پٽ اويناش آهي**

## انجنيئر منورام خانواڻي مختصر تعارف

**محترم منورام خانواڻي** ١٥-١١-١٩٤٦ **تي ملڪِـي مل** جي گهر رهڙڪي ۾ اک کولي سندس والد هڪ ننڍڙو دڪاندار ۽ ٿوري زرعي زمين رکندڙ هيو ۽ وڏي مشڪل سان پنهنجي ٻچڙن جو پيٽ پالڻ لاءِ سڄو ڏينهن محنت مزدوري ڪندي گذاريندو هيو.

**تعليم ۽ نوڪري** منورام صاحب پرائمري تعليم گورنمنٽ پرائمري اسڪول رهڙڪي ۾ حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ گورنمنٽ هاءِ اسڪول ڏهرڪي مان سن ١٩٦٤ ۾ ميٽرڪ پاس ڪئي. ميٽرڪ کان پوءِ وڌيڪ تعليم لاءِ جيتوڻيڪ سندس پيءُ لاءِ خرچ برداشت ڪرڻ ڏکيو هيو ۽ سندس وڏو ڀاءُ آتم رام پولي ٽيڪنڪ ڪاليج حيدرآباد ۾ پڙهي رهيو تنهن سندس همت ڏياري ۽ پنهنجي محدود وسيلن هوندي منورام کي هائير سيڪنڊري تعليم لاءِ گورنمنٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ داخلا وٺرائي، جتان ١٩٦٦ ۾ سٺي مارڪن سان انٽر يا Fsc-II جو امتحان پاس ڪيو ۽ سندس جي سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ داخلا ٿي ۽ ١٩٧٠ ۾ انجنيئرنگ جي تعليم مڪمل ڪئي.

**پاڪستان ۾ ان وقت سياسي افراتفري** ۽ وري ١٩٧١ جي جنگ سبب نوڪري نه ملي ڪجھ سالن تائين ته بيروزگار گهمندو رهيو. آخرڪار جنوري ١٩٧٦ ۾ واپڊا ۾ ٽريني انجنيئر جي حيثيت سان نوڪري ملي ويس جتان ڊپارٽمنٽ جي تربيت مڪمل ڪئي. ٽريننگ دوران منورام صاحب ڪيترن ئي تازو گريجوئيٽن منجهان ڪلاس ۾ پهرين نمبر تي رهيو، جن ۾ پاڪستان جي مختلف يونيورسٽين جا پوزيشن هولڊر به شامل هئا. ان کان پوءِ حيدرآباد ۾ سب ڊويزنل آفيسر (SDO) جي حيثيت سان پوسٽ ڪيو ويو جتي هن پنهنجي فرضن تي پورو ڌيان ڏنو.

پنهنجي ڪم سان عشق جي حد تائين لڳاءُ سبب کيس **واپڊا هاءِ وولٽيج گرڊ اسٽيشنن ۽ ٽرانسميشن لائينن جي ٽيسٽنگ ۽ ڪميشننگ** جي مخصوص شعبي ۾ لڳايو ويو خاص طور تي پروٽيڪشن سسٽم ۾ جتي منورام صاحب پنهنجي محنت، عقل ۽ مسلسل پڙهائي سان پاڻ کي منفرد ثابت ڪيو جنهنڪري واپڊا ۾ اعليٰ عملدار کيس وڏي عزت جي نظر سان ڏسندا هئا ۽ انتو اعتماد ڪندا هئا. شروعات ۾ سنڌ ۽ بلوچستان ۽ پوءِ پنجاب ۾ پڻ ڪم ڪيائين. واپڊا جي پروٽيڪشن سسٽم جي لاڳاپيل کاتي اين ٽي ڊي سي، سندس خدمتن کي هميشه ساراهيو ۽ لاڳاپيل شعبي ۾ سٺو نالو ڪمايو. آخرڪار **تاريخ** ٢٠٠٦-١١-١٤ **تي سپرنٽينڊنگ انجنيئر جي عهدي تان واپڊا مان رٽائر ٿيو.**

رٽائير ٿيڻ سان ئي ملڪ جي سڀ کان وڏي صلاحڪار ڪمپني، (Nespak Consultant) نيسپاڪ، کيس سب اسٽيشنز (Substations) ماهر جي نوڪري پيش ڪئي. اتي ڪم ڪرڻ دوران، هڪ ملٽي نيشنل صلاحڪار ڪمپني، او ايم ايس پرائيويٽ لميٽيڊ، کيس نوڪري جي پيشڪش ڪئي جتي منورام صاحب ڪراچي اليڪٽرڪ ۽ ٻين پاور منصوبن جهڙوڪ ٿرمل، بيگاس، سولر ۽ ونڊ انرجي لاءِ ڪم ڪيو.

**قومي يا ملڪ جي مفاد ۾ خدمتون** جنوري ٢٠٢١ ۾ ملڪ گير بجلي جو بريڪ ڊائون ٿيو. ملڪ جي پاور ريگيوليٽر اٿارٽي، نيپرا، هڪ ڪاميٽي ذريعي ان بريڪ ڊائون يا ناڪامي جي سبب جي جاچ ڪرڻ پئي چاهي جنهن لاءِ منورام صاحب جي مهارت سبب کيس قومي مفاد ۾ ڪنهن به مالي فائدي کان سواءِ ميمبر ٻڌڻ تي زور ڏنو ويو.

ان سان اتفاق ڪندي، سڄي ملڪ ۾ لاڳاپيل سائيٽن ۽ تنصيبات جو دورو ڪندي واقعي جي مڪمل جاچ ڪئي وئي. نتيجا فائدي مند ثابت ٿيا ۽ خدمتن کي خط ذريعي ساراهيو ويو. بعد ۾ اهڙيون خرابيون، جزوي ۽ مڪمل، ترتيب وار

آڪٽوبر ۲۰۲۲ ۽ جنوري ۲۰۲۳ ۾ پڻ ٿيون. انهن جي جاچ پڻ نيپرا پاران ڪئي وئي ۽ نيپرا جي خواهش تي منورام صاحب کي هميشه ڪميٽي ميمبر نامزد ڪيو ويو. آخرڪار پنهنجي صحت ۽ خانداني حالتن کي نظر ۾ رکندي، ۳۰ اپريل ۲۰۲۵ تي ۷۸ سالن کان وڌيڪ عمر ۾ رضاڪارانه طور تي پرائيويٽ ڪمپني منجهان پڻ رٽائر ٿي ويو.

ديوي منورام خانواڻي (گهرواري)

منورام خانواڻي

**ازدواجي زندگي منورام صاحب** جي شادي پراڻي رسم رواج مطابق ۱۹۶۲ ۾ ٿي جڏهن هو ۱۶ سالن جي عمر ۾ اٺين ڪلاس جو شاگرد هو. ننڍي عمر جي شادي کي تعليم ۾ رنڊڪ ٿيڻ نه ڏنائين ۽ مستقل مزاجي سان پنهنجي پڙهائي تي ڌيان ڏنو, تقريباً ۱۹۷۰ ۾ انجنيئرنگ پاس ڪرڻ تائين تعليم جاري رکي. ۱۹۷۶ ۾ نوڪري ملڻ تي، خاندان کي حيدرآباد منتقل ڪيو.

## منورام صاحب کي اولاد ۾ پنج ٻار آهن

ڊاڪٽر شيام (پٽ)

ڊاڪٽر سنيتا (ڌيءُ)

سنيل ڪمار (پٽ)

ڊاڪٽر سبيتا ( ڌيءُ)

سنجي ڪمار ( پٽ)

نوڪري جي ذميوارين سان گڏ، ٻارن جي تعليم جو به خاص خيال رکيو. جيتوڻيڪ ان وقت ڇوڪرين جي تعليم مشڪل هئي. ته به پنهنجي پنجن ٻارن مان، هڪ پٽ، شيام ۽ ٻه ڌيئرون، سنيتا ۽ سبيتا ايم بي بي ايس جي تعليم حاصل ڪئي. ٻه پٽ، سنيل ڪمار ۽ سنجي ايم بي اي جي تعليم حاصل ڪئي. شيام ۽ سنيتا، وڌيڪ تعليم جاري رکندي، ڊاڪٽري لاءِ آمريڪا جا امتحان پاس ڪيا ۽ هن وقت اتي ڪم ڪري رهيا آهن. اسان جي شهر ڏهرڪي مان، اهي ٻئي جڻا پهريان ڊاڪٽر طور آمريڪا پهتا.

سنيل ڪمار، جيتوڻيڪ ايم بي اي جي قابليت رکي ٿو پر نوڪري ۾ دلچسپي نه هجڻ ڪري، پنهنجي چاچي، آتم رام سان گڏ ڏهرڪي ۾ ڪاروبار ۾ شامل ٿيو.

**سنجي ڪينيڊا هليو ويو ۽ اتي هڪ بينڪ** ۾ ڪم ڪري رهيو آهي جتي سبيتا ڪينيڊا ۾ سونوگرافر طور ڪم ڪري رهي آهي.

ٻارن جي تعليم لاءِ جنوني هجڻ ڪري، ڀاءُ جي ٻارن کي به حيدرآباد ۾ رکيو. سندس ڇهه ڌيئرون ۽ هڪ پٽ ايم بي بي ايس ڪيو. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ سندس ٻه ڌيئرون آمريڪا ۾ ڊاڪٽر طور ڪم ڪري رهيون آهن، هڪ برطانيه ۾ ۽ هڪ يو اي اي ۾ ڪم ڪري رهي آهي.

**خانداني پس منظر** منورام صاحب جو ڏاڏو محترم خانو مل هڪ وچولي طبقي جو زميندار هو. سندس ٻه پٽ هئا. ملڪي مل (**منورام صاحب جو پيءُ**) ۽ **سندس چاچو سيوا رام**، جيڪو ۱۹۴۷ ۾ ورهاڱي کان پوءِ هندستان لڏي ويو ۽ سندس پيءُ هتي رهيو. پر تمام گهٽ زمين سان.

**ڀاءُ آتم رام،** جيتوڻيڪ ميڪينيڪل ٽيڪنالاجي ۾ ڊپلوما هولڊر هو. پر نوڪري ۾ دلچسپي نه رکندو هو ۽ ڏهرڪي ۾ ڪاروبار شروع ڪيو. هن وقت سندس جي ڪاروبا ۾ **آرش رائس مل،** **سوني وزن ڪانٽو ۽ پرل ميريج هال** ۽ ڪجهه زرعي زمين منورام صاحب جي هڪ پٽ سنيل ڪمار سان گڏ سنڀالي رهيو آهي.

# گوبند رام لنڊ سينئر وائس پريزيڊنٽ NBP

گوبند رام لنڊ سينئر وائس پريزيڊنٽ NBP نيشنل بينڪ آف پاڪستان آهي، سنڌس جي تعليم سول انجنيئر اٿس، هن سال ٣١ مارچ ١٩٩٣ع تي ڏهرڪي جي نيشنل ۾ آفيسر پوسٽ تي پنهنجي زندگي جو آغاز ڪيو سنڌس پاڻ محنتي هو سنڌس جفا ڪشي سان بينڪ جا مليل ٽارگيٽ پورا ڪيا ۽ جلد ئي ترقي ماڻي سال ٢٠١٦ع ۾ ريجنل هيڊ جي عهدو ماڻيو هن و جتي به ويندو هو ڪاميابي ماڻيندو هو گوبند رام هن وقت GM SINDH نيشنل بينڪ آف پاڪستان آهي. هن جي چهري تي هميشه هڪ پياري سمائيل هوندي آهي ۽ خوش اخلاقي سبب جتي به ڊيوٽي ڪيائين اسٽاف ۽ ڪلائينٽ سنڌس جي ٽرانسفر بعد ڪيس ياد ڪندا هئا، هن وقت گوبند رام لنڊ سينئر وائس پريزيڊنٽ جي پوسٽ تي تعينات آهي ۽ سکر ۾ پنهنجي ڊيوٽي جا فرائض سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

## گوبند رام لُنڊ جو شجرو

لاهوري مل (ڏاڏو)

بخشو مل (والد)

نامچند عرف نامو مل، گوبند رام، وجئہ عرف ڪاڪو

نامچند ”نامو مل“ ۽ گوبندرام جي پرڏاڏو تقريبا ٽالپور دور جي پيدائش هوندو ڪيس ۾ پٽ هئا. رهندو مل ۽ لاهوري مل.
ڏاڏو لاهوري مل سنڌس والد بخشو مل جي ننڍپڻ ۾ ئي گذاري ويو هو جنهن بعد سنڌس ڀاءُ رهندو مل والد بخشو مل جي پرورش ڪئي.
بخشو مل ١٩٢٩ع ۾ رونتي ۾ جنم ورتو هو بخشو مل پاڻ زميندار هو رونتي کان پنهنجي چاچي رهندو مل سان ڏهرڪي آيو بخشو مل کي ٽي پٽ هئا، نامچند عرف نامو مل لُنڊ، گوبندرام لُنڊ، وجئہ عرف ڪاڪو لُنڊ. گوبند رام کي ٻه پٽ ساحل ڪمار ”بزنس فنانس“ ۽ ساگر ڪمار ”انفارميشن ٽيڪنالوجي“ جيڪي آسٽريليا ۾ جاب ڪري رهيا آهن ۽ هڪ نياڻي ڊاڪٽر سيجل جيڪا آمريڪا ۾ جاب ڪري رهي آهي.

# ابهي مينيو لوها مينگهواڙ اسسٽنٽ انجنيئر پبلڪ هيلٿ

**ابهي مينيو مينگهواڙ** ڏهرڪي فوجي ڪالوني هندو مينگهواڙ لوها فيملي هڪ پڙهيل لکيل ۽ معتبر شخصيت جا مالڪ آهن، جهامن داس لوها جا پٽ ۽ پوٽا به سماج ۾ سٺي ڪردار ڪري سڃاتا ويندا آهن، جهامن داس جو پٽ مکي وڪيل نند لال پنهنجي مينگهواڙ برادري جو ٻه ڀيرا مکي رهي چڪو آهي ۽ ٻار ڪائونسل ڏهرڪي جو ميمبر ۽ ناليوارو وڪيل پڻ آهي، سنڌس ڀيو پٽ گيان چند لوها جيڪو گورنمنٽ تعلقہ اسپتال ڏهرڪي ۾ آهي، ۽ سماج سيوڪ پڻ آهي اڌ رات جو ڪيس اسپتال کان يا ڪنهن شهري جي ايمرجنسي جي فون ايندي آهي ته

فورن پهچي ويندو اهڙي ئي طرح سنڌس پٽ ابهي مينيو به اسسٽنٽ انجنيئر پبلڪ هيلٿ آهي جيڪو ڏهرڪي شهر واسين جو تمام گهڻو ڪم ايندو آهي ۽ پبلڪ هيلٿ سان لاڳاپيل جيڪا خدمت ساڻس کان ٿيندي اٿس بنا ڪنهن چاڻ سڃاڻ جي ڪم ڪندو آهي... گيانچند ۽ **ابهي مينيو جو شجرو:** ڏاڏي جو نالو جهامن داس لوها، جنهن کي ٤ پٽ گيانچند پريم چند، وڪيل مکي نند لال، وڪيل پون ڪمار ليگل ايڊوائيزر نادرا، گيانچند جا چار پٽ ابهي مينيو "انجنيئر" ديپڪ گيان، ايڊوڪيٽ ونود ڪمار، انجنيئر اميت ڪمار آهن.

# مکي پيڇٽو مل هڪ سماجي سيوڪ ۽ سندس ڏوهٽو انيل ڪمار راز

ڍهرڪي جي تاريخ جڏهن به سماجي اڳواڻن ۽ باوقار شخصيتن جي ڳالهه ڪندي، تڏهن مکي پنيڇٽو مل جو نالو خاص اهميت سان ورتو ويندو. هو نه رڳو هڪ سادي اسٽامپ وينڊر هو، پر ڍهرڪي جي هندو برادري جو اصل ۽ عملي اڳواڻ به هو. جنهن پنهنجي فطري سمجهه، انسان دوستي، ۽ انتظامي صلاحيتن سان برادريءَ کي همٿ، سُرهواري ۽ سجاڳپ بخشي. **مکي پنيڇٽو مل** ١٩٠٦ع **ڌاري "ملڪن جو ڳوٺ" ۾ جنم** ورتو. تعليم جو شوقي هو، تنهن ڪري سکر مان ڪاليج سطح تائين تعليم حاصل ڪيائين. جيڪا اُن دور جي لحاظ سان وڏي ڳالهه هئي، خاص ڪري غير مسلم برادريءَ جي لاءِ. تعليم پوري ٿيڻ کان بعد هن اسٽامپ وينڊر طور ڪم شروع ڪيو ڪم فقط اسٽامپ وڪڻ تائين محدود نه رهيو. مختيارڪار آفيس، ايس ڊي ايم آفيس، ۽ ٻين روينيو اداري جي اهلڪارن سان سٺي سجاڳپ سبب ڪيترائي ڳوٺاڻا ۽ شهري پنهنجن ڪم ڪار لاءِ سندس وسيلي ايندا هئا. هو مناسب معاوضو وٺي، سچائي سان ماڻهن جي قانوني مدد ڪندو هو. سندس خوش اخلاق، صبر و تحمل واري فطرت، ۽ اثرائتي زبان ڪيس هر دلعزيز بڻائي ڇڏيو. **مکپٽي جي پڳ:** هندو برادريءَ جي مقامي قيادت به هن جي حوالي ڪئي وئي. مکپٽي جي پڳ صرف اعزاز نه پر ذميواري هئي، جنهن کي مکي پنيڇٽو مل نهايت ايمانداري سان نڀايو. ڳوٺن مان ماڻهن کي شهر ڏانهن آباد ڪرڻ ۾، سندن رهنمائي ڪرڻ ۽ قانوني تحفظ مهيا ڪرڻ ۾ به هن جو نمايان ڪردار رهيو. **خانداني ورثو ۽ نئون دور:** هن کي ٽائون ڪاميٽي ڍهرڪي جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو، جتي هن طويل عرصي تائين پنهنجي خدمتون سرانجام ڏنيون. ان سان گڏ، هو "هندو پنچائيت ڍهرڪي" جو مکهي پڻ رهيو. **مکي پنيڇٽو مل ١٩٨٩ع ۾ وفات ڪري ويو**. سندس وڇايل وجود، شهر جي سماجي سجاڳپ لاءِ هڪ وڏو نقصان هو. **مکي پيڇٽو مل جا چار پٽ** آهن، جيڪي پنهنجي پنهنجي شعبن ۾ نيڪ نامي ۽ محنت سان زندگي گذاري: گوڪلداس جيڪو سرڪاري استاد هو. پمنداس – ميوا ۽ ڀاڄين جو واپاري هو . ديوان نيپراج – روينيو کاتي ۾ سرڪاري ملازم، والد جي اثر رسوخ سان نوڪري حاصل ڪئي. گوڪل داس، پمن داس ۽ ديوان نيپراج ٿهي فوت ٿي چڪا آهن ۽ چوٿون پٽ **هري چند (سرڪاري نالو: هريش چندر)** – نيشنل بئنڪ جو اڳوٽو مينيجر، رٽائرمينٽ بعد "نيشنل ٽريڊرز" نالي سان پاڻ ۽ ٽريڊنگ جو ڪاروبار هلائي رهيو آهي. هو هن وقت واحد حيات پٽ آهي هري چند جا ٻه پٽ آهن: راجيش ڪمار جيڪو ڪاروبار ۾ پيءُ سان گڏ آهي ۽ ان کي سنڀالي به رهيو آهي. هو هندو پنچائت ڍهرڪي جو ايگزيڪيوٽو ميمبر پڻ آهي هو ڪميونٽي ۾ سماجي طور به سرگرم آهي. ٻيون پٽ ڊاڪٽر ڏنيش ڪمار پنهنجي پيشه ورانه خدمتن سان لاڳاپيل آهي ۽ عوام جي خدمت لاءِ سرگرم آهي..

مکي هري چند، ڊاڪٽر ڏنيش ڪمار ۽ راجيش ڪمار

**مکي پيڇٽو مل جو ڏوهٽو: انيل ڪمار** ورثي کي جديد روپ ڏيندڙ مکي پيڇٽو مل جي لاڏلي نياٽيءَ جو پٽ انيل ڪمار، پنهنجي نانا جي شخصيت، اصولن ۽ پيشوءَ کان انتهائي متاثر رهيو. ناني جي اسٽامپ وينڊر طور جوڙيل نيڪ نامي، ساک ۽ عوامي خدمت جي جذبي کي اڳتي وڌائيندي، **دليپ ڪمار ۽ انيل ڪمار** به نوجوانيءَ ۾ ئي اهو پيشو سنڀالي ورتو. انيل ڪمار پنهنجي ڪم جي شروعات بلڪل بنيادي سطح تان ڪئي. سندس جوش، ايمانداري ۽ محنت سبب، سندس نالي سان ڳنڍيل دڪان جلد ئي عوامي اعتماد حاصل ڪري ويو. پراڻي MCB بئنڪ جي سامهون پنهنجي دڪان (مدوي ڦوٽو اسٽيٽ اينڊ اسٽامپ وينڊر) قائم ڪري، هن روايتي اسٽامپ وينڊر جي ڪم سان گڏ نوان جديد فوٽو اسٽيٽ سروس، پلاسٽڪ ڪوٽنگ، ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ ۽ ڊزائيننگ، ڪلر پرنٽنگ ۽ ڪلر پيپر سروس، ربڙ اسٽيمپ ٺاهڻ، اسٽامپ پيپر وڪرو ڪرڻ، - عرضي نويسي ۽ قانوني دستاويز، درخواستون لکڻ ڪم ڪيو انيل ڪمار پنهنجو ڪم رڳو ڪاروبار نه، پر نياز بندي، ايمانداري ۽ عوام جي خدمت جو ذريعو سمجهي هلائيندو رهيو. سندس شائستگي، خدمت پسندي، ۽ اخلاقي رويي سبب شهر جي وڪيلن، سرڪاري آفيسرن، ۽ عام ماڻهن ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪئي. خانداني ورثي جو تحفظ انيل ڪمار سندس نانا مکي پيڇٽو مل جي شخصيت جو پورو عڪس آهي. هو پنهنجي نانا جي نيڪين، سهڪار، ۽ عوامي رشتن کي وقت جي ضرورتن سان هم آهنگ ڪري اڳتي وڌائي رهيو آهي. ان جو دڪان هاڻي صرف اسٽامپ وينڊر جو مرڪز نه، پر هڪ ڊجيٽل سروس به بڻجي چڪو آهي. مکي پيڇٽو مل جي لاڏلي نياٽيءَ جو پٽ انيل ڪمار، ننڍپڻ کان پنهنجي نانا جي اصولن، شرافت ۽ پيشو سان بيحد متاثر رهيو. هن نه رڳو ناني جي اسٽامپ وينڊر واري حيثيت کي جاري رکيو، پر وقت جي تقاضائن مطابق ان ۾ جديديت آندي. ابتدائي جدوجهد ۽ ترقيانيل ڪمار، پنهنجي پيشواري سفر جي شروعات بلڪل بنيادي سطح تان ڪئي. پهرين هڪ فوٽو اسٽيٽ مشين سان ڪم شروع ڪيو، ۽ پوءِ نوان جديد قدم کنيا.

# نرنجن لال ڪڪريجا

نرنجن لال ڪڪريجا ٢٠ آگسٽ ١٩٦٨ع تي ڏهرڪي شهر ۾ شري گوپال سنگهه جي گهر جنم ورتو. سندس ڏاڏي شري ڪيول مل جا پنج پٽ هئا: ١. شري گوپال سنگهه ٢. شري منگت رام,٣. شري ڪرشن داس,٤. شري ڪنعيا لال ٥. شري ٿانور داس

نرنجن لال ابتدائي تعليم: حاصل ڪري ميٽرڪ تائين پڙهيو. تعليم ڪان پوءِ هن عملي زندگيءَ جو آغاز واپار سان ڪيو. هن پنهنجي ڀائرن سان گڏجي سون، هول سيل ۽ رٽيل ڪتابن ۽ اسٽيشنري جو ڪاروبار شروع ڪيو. ١٩٨٥ع ۾ هن "مون اسٽار بوڪ ڊيپو" جي نالي سان مسجد چوڪ، ڏهرڪي تي ڪتابن ۽ اسٽيشنري جي دوڪان جو بنياد وڌو، جيڪو وقت سان گڏ هڪ معروف ادبي ۽ تجارتي مرڪز بڻجي ويو.

واپار سان گڏ نرنجن لال جي زندگيءَ جو اهم جزو: "سيوا" (خدمت) آهي. هو هندو پئنچائت ڏهرڪي سان ٽي چوندن ڪان لاڳاپيل رهيو، جن ۾ مکي نامون مل سان گڏجي سيوا ڪئي. ڪيس پئنچائت ۾ خزانچي جو عهدو مليو، جيڪو هو لڳاتار ٻارهن سالن تائين نڀائيندو رهيو. ٢٠٢٤ع جي چوندن ۾ بہ هو خزانچي طور چونڊيو ويو آهي.

ان سان گڏ، نرنجن لال انجمن تاجران ڏهرڪي ۾ بہ ١٢ سالن ڪان خزانچي جي حيثيت سان سرگرم آهي.

نرنجن لال جو تعلق سک ڌرم سان آهي. هو پاڻ کي “گرونانڪ نام سيوا سيوڪ سک” سڏائيندو آهي. جيڪو احترام سان گردواره ۽ سک روايتن سان لاڳاپيل هجڻ جي سڃاڻپ آهي. هو گردواره بابا نانڪ شاهہ ڏهرڪي سان واڳيل آهي ۽ اتي سيوا ۾ سرگرم رهي ٿو. خاص طور تي لنگر جي تياري، ورهاست، ۽ عام خدمتن جي ذميواري ٽيم جو سرگرم حصو آهي.

گردواره بابا نانڪ شاهہ جي تعمير ۾ بہ نرنجن لال کي نمايان مقام حاصل آهي. هو ڀائي هري سنگهه جي ٽيم سان گڏجي تعميراتي ڪم ۾ شامل رهيو ۽ ڀائي تارا سنگهه جي سرپرستيءَ ۾ مختلف ميلن، سيوا ۽ ترقياتي ڪم سرانجام ڏنا.

اڄ بہ هو گردواره بابا نانڪ شاهہ جي پليٽ فارم تان سماجي ذميواري نڀائيندي وس آهر غريبن، محتاجن، ۽ ضرورتمندن جي مدد ڪندو رهي ٿو. سندس زندگي واپار، سماجي خدمت، بين المذاهب هم آهنگي ۽ مذهبي سيوا جو روشن مثال آهي.


# نيو مون اسٽار بُڪ ڊپو اينڊ اسٽيشنرز

**۽ راندين جي سامان جو مرڪز**

اسڪول ۽ ڪاليج جا ڪتاب (سرڪاري ۽ پرائيويٽ)، ڪاپيون (هر سائيز ۽ معيار ۾)، چارٽ پيپر (سادي، رنگين)، رنگين پيپر، ڪاربن پيپر (ڪارو ۽ نيرو)، اسڪول بيگ، اسٽيشنري، پين پينسل، مارڪر، هاءِ لائيٽر، جيل پين، ريگيولر ۽ فائيل فولڊر (پلاسٽڪ، ڪارڊ بورڊ، فليٽ)، آفيس اسٽيشنري (فائيل، پين هولڊر،

## مٿين ۽ لوئر درجي جي ٽرافيون

## ان ڪان علاوه هر قسم جو اسپورٽس جو سامان، اسڪول، آفيس اسٽيشنري دستياب آهي

اسڪول، ڪالج ۽ پرائيويٽ اڪيڊميز ۽ آفيسن لاءِ واپاري
اگهه تي هول سيل فراهمي – آرڊر تي اسڪول لوگو سان
ڪاپيون، بيگ، بيج، ڊائريون وغيره تيار ڪيا ويندا آهن.

# ڏهرڪي جو هاسواڻي پريوار ڏنا رام کان سنجي هاسواڻي تائين

شري ڏنا رام هاسواڻي جي پٽن شري فتو رام شري يڌشٽر لال شري پرشوتم لال هاسواڻي: شري ڏنا رام هاسواڻي جو هڪ وڏو نالو سخاوت جو بادشاه هو ڏهرڪي الله واري چوڪ وٽ هڪ ماني چانهه جو هوٽل هوس هوٽل تي آيل وٽ پئسا نه هوندا هئا بکئي پيٽ نه ويندو هو شري ڏنا رام ۲۵ مئي ۱۹۸۰ع ۾ ديهانت ڪري ويو. ڪيس تي پٽ هئا فتو رام هاسواڻي يڌشٽر هاسواڻي، پرشوتم هاسواڻي، **ڦتو رام هاسواڻي** ڄام عبدالجبار خان سميجو جي وقت ۾ ڪائونسلر چونڊيو ۽ خدمت خلق ڪيائين هتان هندستان ويو اتي تاريخ ۲۹ سپٽمبر ۲۰۱۱ع تي ديهانت ڪري ويو.

**يڌشٽر لال هاسواڻي** هر دلعزيز شخصيت جو مالڪ هو ۽ ڏهرڪي عوامي آواز جو رپورٽر هو هڪ ڀيرو ڏهرڪي پريس ڪلب جو صدر به چونڊيو ويو، دوستن تي خرچ ڪندو هو محفل ۾ هٿ جا صفائي ڏيکاري دنگ ڪري ڇڏيندو هو، سنتن جا معتقد هئا. ڪجهه مسئلن سبب سنڌ ڇڏي هندستان جلگائون ۾ آباد ٿيا تاريخ ۸ سيپٽمبر ۲۰۱۲ تي ديهانت ڪري ويا.

**پرشوتم لال هاسواڻي** الڳ طبيت جو انسان هو سندس شرير ۾ سيوا سمايل هئس هو سماجي سڌاري لاء وڙهندو هو، خاص ڪري سماج مان ڏاج ۽ فالتو خرچ ختم ڪرڻ لاءِ (ته جيئن غريب ماڻهن تي ڪو بوجهه نه پوي ۽ غريب به عزت واري زندگي گذاري سگهن) لڳ ڀڳ ۱۱ ڪتاب لکيا ۽ عملي ڪم به ڪري ڏيکاريو. ڪتابن جا تفصيل: انسانيت، انسان روئي چو ٿو ؟، انسان ڇئجي ڪنهن کي ؟، هن ڌرتيءَ تي، انڌ شرڌا، هولي تنهنجي ناهي ضرورت، شرڌا جا گل شهيدن جي شان ۾، ڪجهه ڪتاب اڃا تياري هيٺ هئا، ته تاريخ ۳ مئي سال ۱۹۸۱ع تي پاڪستان ۾ ديهانت ڪري ويا... جن مان ڪجهه ڪتاب پرنسپل محمد اسماعيل دايو صاحب وٽ موجود هئا جيڪي سندس پٽ سنجي ڪمار کي ملي نه سگهيا انهن مان ڪيترائي ڪتاب استاد عبدالقادر ڪانجو صاحب وٽ محفوظ آهن.

**ڏنا رام هاسواڻي جا ٽي پٽ هئا:** - فتو رام هاسواڻي: جن جا ٽي پٽ وجي ڪمار، پرديپ ڪمار، ۽ وڪي ڪمار ۽ ٽي نياڻيون آهن - يڌشٽر لال هاسواڻي: جن جا ٽي پٽ آهن: بابو لال، سنيل ڪمار، ۽ ديپڪ ڪمار. شري پرشوتم داس هاسواڻي کي هڪ پٽ سنجي ڪمار هاسواڻي ۽ هڪ نياڻي آهي ،

ٿيندي زندگيءَ پوري ،
ايندو جڏهن موت
پوءِ تون منهنجا هوت
ياد ڪندين منهنجون ڳالهيون
شري پرشوتم داس
جا سدائين چيل الفاظ

**سنجي ڪمار هاسواڻي** سنجي ڪمار هاسواڻي پنهنجي ڪاروباري ذهانت سان واپار جي ميدان ۾ به سٺي سڃاڻپ ٺاهي آهي. هو واپارين جي بهتري ۽ مارڪيٽن جي ترقي لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي، ۽ واپاري برادري جي مسئلن جي حل لاءِ هر وقت اڳيان رهي ٿو. سنجي ڪمار بنا ڪنهن فرق ۽ امتياز جي انسانيت جي خدمت ڪئي آهي.

**سڃاڻپ ۽ خدمت جو جذبو:** سنجي ڪمار پنهنجي خلوص، محنت ۽ خدمت جي جذبي سبب شهر ڏهرڪي ۾ عزت ۽ احترام جي نگاه سان ڏٺو وڃي ٿو. هن سدائين بنا ڪنهن فرق ۽ امتياز جي ماڻهن جي مدد ڪئي آهي، خاص طور تي اقليتي برادري جي حقن لاءِ هميشه آواز بلند ڪيو آهي. سنجي ڪمار هاسواڻي پاڪستان جي صوبي سنڌ جي شهر ڏهرڪي ۾ رهائش پذير آهي. هو مختلف سماجي تنظيمن سان وابسته رهيو آهي، جن ۾ شامل آهن:

۱. BHR ويلفيئر ايسوسيئيشن (رڪنيت) ۲. انجمن تاجران (جوائنٽ سيڪريٽري طور) ۳. پاڪستان هندون ڪائونسل (ضلع گهوٽڪي لاءِ ضلعي ڪوادينيٽر طور) ۴. هيومن رائيٽس (اقليتن جي حوالي سان ضلع گهوٽڪي جو وائيس پريزيڊنٽ)

# پاڪستان هار اينڊ پيپر ڊيڪوريشن

# سنت ڪمار گيهي

سنت ڪمار گيهي، ڏهرڪي جي هڪ علم دوست، محبت ڀري، ۽ تاريخ سان دلچسپي رکندڙ شخصيت طور سڃاتو وڃي ٿو. سندس جنم تاريخ ۱۵ آگسٽ ۱۹٦٦ع تي ڏهرڪي جي پراڻي محلي "کوهه جي گهٽي" ۾، ٽيڪ چند گيهي جي گهر ۾ ٿيو. سنت ڪمار جو والد ٽيڪ چند گيهي پنهنجي دور جو سادو، پورهيت ۽ تعليم دوست شخص هو، جنهن کي ٻه پٽ گوڪل داس گيهي ۽ سنت ڪمار گيهي آهن سندس ڏاڏو اصل ۾ چونڊي شريف جا هئا جيڪي سال ۱۹٤٦ع ۾ شفٽ ٿي ڪري ڏهرڪي ۾ اچي ڪرياڻي جو دوڪان کوليو جتي ۲۰۱۵ع ۾ پٽ سني ديو جي اسرار تي پاڪستان هار اينڊ پيپر ڊيڪوريشن جو ڪم شروع ڪيو جيڪو اڄ به هلي رهيو آهي.

مدثر لوار ۰۵-

**تعليم ۽ شروعاتي زندگي:** سنت ڪمار پنهنجي تعليمي سفر جي شروعات گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول ڏهرڪي مان ڪئي. پوءِ گورنمينٽ پي. هاءِ اسڪول ڏهرڪي مان مڊل ۽ ميٽرڪ جون تعليمون حاصل ڪري، محنت سان عملي زندگي ۾ قدم رکيو. سنت ڪمار سال ۱۹۸۸ ۾ ڏهرڪي ميونسپل ڪميٽي ۾ آڪٽراءِ ڪلارڪ طور ڀرتي ٿيو، جتي ايمانداري ۽ لگن سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. گڏو گڏ پرچون جو دڪان به هلائڻ شروع ڪيو، جيڪو مقامي ماڻهن ۾ پنهنجي سادگي ۽ خوش اخلاق رويي جي ڪري مقبول رهيو. سنت ڪمار کي علم، تاريخ، ۽ سماجي شعور سان گهري دلچسپي آهي. سندس خاص خوبي اها آهي ته هو ڏهرڪي جي قديم حالتن، شخصيتن، ۽ سياسي تبديلين بابت گهري ڄاڻ رکي ٿو. هن پنهنجي سيني ۾ ڄڻ ته هڪ لائبرري سانڍي آهي. سندس ڪتابن، اخبارن، فوٽوز، ۽ دستاويزن جي ڪليڪشن "ڏهرڪي تاريخ جي نظر ۾" ڪتاب لاءِ هڪ قيمتي خزانو ثابت ٿي آهي.

**ڏهرڪي تاريخ جي نظر ڪتاب جو ساٿي:** سنت ڪمار جي فراهم ڪيل معلومات جي روشنيءَ ۾ "ڏهرڪي تاريخ جي نظر ۾" ڪتاب جو هڪ وڏو حصو تيار ٿيو، جتي سندس گڏ ڪيل معلومات ذريعي ڪيترن ئي پراڻن واقعن، درٻارن، واپارين، اسڪولن، شخصيتن، ۽ ڳوٺن جي تفصيل شامل ڪئي وئي آهي. هو نه رڳو هڪ ذريعو آهي، پر خود تاريخ جو هڪ زنده حوالو پڻ آهي.

## سنت ڪمار گيهي جو شجرو

ڏاڏو هرگڻ مل

ڀاءُ گوڪل داس

چاچو گيان چند

چاچو ڇيوڻ مل

والد ٽيڪ چند

سني ديو گيهي



سنت ڪمار گيهي

پاڪستان هار اينڊ پيپر ڊيڪوريشن

نزد زميندار هوٽل مين بازار ڏهرڪي

اسان وٽ هار، ڪنڊي، اسٽيج لاءِ پيپرن جا آرٽيفيشل گل، آرٽيفيشل گلدستا، شادي مبارڪ ۽ سالگره جا بينبر، سنو اسپري، ڪمري جي سڄاوٽ جو سامان ان کان علاوه شادي، سالگره ۽ پارٽي وغيره جي سڄاوٽ لاءِ تمام سامان هول سيل اگهه تي دستياب آهي.

# گيتا سملين ڏهرڪي" شريمد ڀڳود گيتا جو عظيم سميلن ڏهرڪي ۾ دھارمڪ ميلو"

## گيتا سملين ڏهرڪي شري (رامديو اوتار پرچارڪ منڊلي ڏهرڪي)

[ميگھواڙ برادري جي هڪ تنظيم] جي ميزباني ۾ ٢٨،٢،٢٠٢٥ تي بروز جمعو ڏهرڪي ۾ پرل ميريج هال جي وسيع گرائونڊ تي هڪ تاريخي گيتا سميلن ٿي گذريو. ٧ مهينا اڳواٽ شري رامديو اوتار پرچارڪ منڊلي ڏهرڪي پاڻ ۾ گڏجاڻي ڪري سميلن ڪرائڻ جو ويچار ڪيو جنهن ڪانپوءِ ڏهرڪي جي سرندي ۽ شرڌا وارن برادري جي ماڻهن سان گڏجاڻيون ڪري منصوبو تيار ڪيو. سنت امر پرڪاش (پيرڳوٺ) جن جي صلاح مشوري ۽ آگيا سان سميلن لاءِ تاريخ مقرر ڪئي وئي. جنهن ڪانپوءِ گھوٽڪي، سکر، سانگھڙ، رحيم يار خان ضلعن جي گادي پتي سنتن ۽ پرچارڪ ڀڳتن وٽ وڃي ڪين دعوت ڏني وئي ۽ گھر گھر دڪان دڪان وڃي هر خاص و عام کي به دعوت ڏني وئي. **گيتا سميلن مقرر تاريخ تي صبح ١١ وڳي کان شام ٩ وڳي تائين بنا وقفي جي جاري رهيو.** جنهن ۾ سنڌ، بلوچستان، بوسنيا، رشيا، دبئي ۽ انڊيا جي پرچارڪن شريمد ڀڳود گيتا جو پرچار ڪيو.

**جن ۾ هيٺيان پرچارڪ شامل آهن:** ڀڳت ششپال شرما (انڊيا) ڀڳت ارجن داس (مٺي) ڀڳت جئه رام داس (ڪراچي) ڀڳت ايشانه داس (ڪوئٽه) ڀڳت آتما رام (اُٿل) شريمتي جامونتي ديوي (ڪراچي) ڀڳت اوجسوي پريو (بوسنيا) شريمتي سوديوي داسي (رشيا) ڀڳت شام چندر داس ۽ شريمتي نرملا ديوي داسي (دبئي) ڀڳت پريم چند (گھوٽڪي) ڀڳت مهاراج ڪرشن داس (خانڳڙهه) ڀڳت آڪاش ڪمار (روهڙي) تنيشا ڪماري (خانپور مهر) گايتري ديوي (ڏهرڪي)

سميلن جي هوسٽنگ (اناؤنسميٽ) پريالو سکر جي ڀڳت گربخش لال ۽ سنتوش ڪمار ڪئي. سنڌ توڙي پنجاب جي گادي پتي سنتن به گيتا سميلن ۾ درشن ڏيئي آشيرواد ڏنو.

سنت ساجن رام (سانگھڙ) سنت بابو رام (پڙ.خانڳڙهه) سنت وجي ڪمار (سکر) سنت امر پرڪاش (پيرڳوٺ) ڀڳت شنڪر لال (گھوٽڪي) سنت نڪو ساڌ (ڏهرڪي) سنت مڪٽو ساڌ (ماڙي شاهه محمد) انڪانسواءِ مير پور ماٿيلو ۽ حيات پتافي جا سنت به پڌاريا. هن سليمن ۾ ويهه هزار کان مٿي هر عمر جي مرد توڙي عورت هندوئن شرڪت ڪئي. پاٺي، ڀوجن پرساد ۽ چانهه جو تمام بهترين بندوبست ڪيو ويو. ڪنهن پرچارڪ هن **گيتا سميلن کي پاڪستان جي مهاڪنڀ جو لقب ڏنو ته فارينر ڀڳتن ورنداون جو لقب پئي ڏنو.** انهن جو چوڻ هيو ته پاڪستان ۾ جيترا به گيتا سميلن ٿيا آهن انهن ۾ ڏهرڪي جو گيتا سميلن سڀ کان وڏو ثابت ٿيو آهي. انتظامات کي ڏسندي هر ڪنهن تعريف پئي ڪئي. ڏهرڪي جي ميگھواڙ برادري سيوا ۾ پنهنجو پاڻ ملهائي ڏيکاريو دڪاندار حضرات، ديوٽي پيشه ۽ ٻين شعبن جي ماڻهن ڌن جي سيوا ڪئي ته ڪن سيوادارين سڄو ڏينهن رڌپچاءُ جي سيوا پئي ڪئي ته ڪن ڀوجن پرساد ڪارائڻ جي سيوا ڪئي. ڪن جتين جو اسٽال، چانهه جو اسٽال ۽ پاڻي جو اسٽال سنڀاريو. برادري جي معزز شخصيتن هر خاص و عام جو گلن جي ورڪا ڪري سواگت پئي ڪيو. ٣٠٠٠ کان مٿي جپ مالائون ۽ ٣٠٠٠ کان مٿي نام مهيما نالي پستڪون به مفت ۾ ورهايون ويون. انهي سميلن ۾ حڪومت پاڪستان طرفان سيڪيورٽي، فري ميڊيڪل ڪيمپ، فري ايمبولينس سروس، ٻم اسڪواڊ، صفائي عملو ۽ ٽرئفڪ پوليس جو جوڳو انتظام ڪيو ويو. پرل ميريج هال جي مالڪ آتم داس ڏهرڪي ۽ ڊي جي اينڊ ٽينٽ سروس به سنو تعاون ڪيو.

## ڍهرڪي جي ميگهواڙ ڪميونٽي

(ڪرشن جي سولنڪي)

ميگهواڙ لفظ "ميگهواڙ" سنسڪرت ۽ هندي مان ورتل آهي. جتي "ميگهه" سنسڪرت جو مطلب "مينهن" ۽ "واڙ" (هندي) مان ورتل آهي جنهن جو مطلب "وسائڻ" يا "وارو" هن نالي مان ظاهر ٿئي ٿو ته ميگهواڙ قوم مينهن وسائڻ يا بارش سان لاڳاپيل ڪنهن مخصوص مذهبي، ثقافتي يا پيشوراڻه پسمنظر سان جڙيل هئي. هندو ڌرم ۾ "ميگهه" کي مينهن وسائڻ واري خصوصيت ڏني وئي آهي، ۽ سنسڪرت ۾ "ميگهواڙ" جو مطلب اهو به ٿي سگهي ٿو ته هي ماڻهو مينهن سان وابسطه هئا.

**ميگهواڙ قوم جو اصل ۽ پسمنظر:** ميگهواڙ بنيادي طور تي دراوڙ نسل سان تعلق رکي ٿي، ۽ ڪين ميگهه رشي جي اولاد سمجهيو وڃي ٿو. سنڌ جي قديم تهذيب جو حصو رهي آهي. تاريخي حوالن موجب، هي قوم هندستان جي راجستان، ڪڇ، گجرات، ڪشمير ۽ سنڌ جي مختلف علائقن ۾ آباد رهي آهي. تاريخي ماخذن موجب، ميگهواڙ شروع ۾ راجپوت راڄ جو حصو هئا، پر وقت سان گڏ هي قوم مختلف سماجي گروهن ۾ تبديل ٿي ويئي. ڪجھ حوالا ميگهواڙ قوم کي موچي (چمڙي جو ڪم ڪندڙ) ذات سان به لاڳاپيل ڄاڻائين ٿا. خاص طور تي راجپوتانه، ڪڇ ۽ گجرات جي علائقن ۾. تاريخي حوالن مطابق، ميگهواڙ قوم هندستان جي مختلف علائقن مان هجرت ڪري سنڌ، خاص طور تي ڪراچي، ٺٽو، بدين، حيدرآباد، سکر، خيرپور، ڍهرڪي، ميرپور خاص، گهوٽڪي، سانگهڙ ۽ ٻين ضلعن جي علائقن ۾ اچي آباد ٿي ويا.

ميگهواڙ قوم جي مذهبي ۽ ثقافتي سڃاڻپ: ميگهواڙ قوم جو وڏو حصو هندو ڌرم سان لاڳاپيل آهي. سندن خاص ديوتا "رامديو" ۽ مهاديو ديوي آهن. ميگهواڙ قوم جي ماڻهن ۾ ڪجھ قبيلا آهن، جيڪي راجپوت نسل سان تعلق رکن ٿا. پر سندن ذات ميگهواڙ طور سڃاتي وڃي ٿي. سنڌ ۾ موجود ميگهواڙ هندن مان ڪي ماڻهو پروهت يا پوڄاري (مذهبي پيشوا) طور پڻ ڪم ڪندا آهن ميگهواڙ قوم جي جديد صورتحال هاڻوڪي دور ۾ مينگهواڙ قوم جا ماڻهو مختلف شعبن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. جن ۾ صحافت، سرڪاري ملازمت، واپار، سياست، ۽ ٻين پيشاوراڻه شعبن ۾ نمايان حيثيت حاصل آهي. سنڌ ۾ ميگهواڙ قوم جا ماڻهو خاص طور تي ڪراچي، ٺٽو، بدين، ميرپور خاص، عمرڪوٽ ۽ سانگهڙ جهڙن علائقن ۾ وڏي تعداد ۾ موجود آهن.

**تاريخي حوالا** ١. "سنڌ جي تاريخ" (سنڌي ادبي بورڊ) ٢. "بلوچ تاريخ" (پير بخش بلوچ) ٣. "انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا" (سنڌي لئنگويج اٿارٽي) ٤. "راجپوت تاريخ" (ڪتاب: راجپوتانه جي ذاتيون) ٥. "ڪڇ ۽ گجرات جي قديم قبيلن جي تاريخ": ميگهواڙ قوم سنڌ جي تاريخي قبيلن مان هڪ اهم قبيلا آهي، جنهن جي اصليت راجپوتانه، ڪڇ، گجرات ۽ سنڌ سان لاڳاپيل رهي آهي. وقت سان گڏ، هي قوم مختلف علائقن ۾ پکڙجي وئي ۽ پنهنجا ڌنڌا تبديل ڪيا. ميگهواڙ قوم جي ثقافت، رسمون، ۽ تهذيب سنڌ جي ثقافتي ورثي جو اهم حصو آهن. ميگهواڙ پنهنجي ثقافت سان سڃاتا وڃن ٿا جن جون ريتون رسمون سناتن ڌرم مطابق آهن رگ ويد گواهي ڏي ٿو ته ميگهاوي وڏوان يعني ويد ڄاڻ هئا.

**پنچائت نظام:** پنچائتي نظام "پئنچائت" جو نهڪندڙ "پنچ+ات" آهي جنهن جو مطلب اهو ميڙ آهي، جنهن ۾ حاضر ماڻهن جو تعداد وڏي پنج ٿئي (As far extending as five) راجا بياتي جي نسل وارا ١. ويد، ٢. تروسو ٣. درهيو ۴. انو ۵. پرو اهي پنجن يا پنج خاندان رگ ويد واري زماني ۾ مشهور هئا. قديم زماني ۾ پنچائت جي ڪاروباري ڪاميٽي جا پنج ميمبر هوندا هئا تنهنڪري ان کي پنچائت (پنجن ڄڻن جو ميڙ) چيو ويو جيڪو اڄ تائين هلندو اچي ٿو. ويد واري زماني ۾ موروثي مکيٽي جو رواج نه هو، بلڪ چونڊ جو سرشتو جاري هو. هر ڳوٺ جا ماڻهو گڏجي اهڙو مکي چونڊيندا هئا، جيڪو هر لحاظ کان لائق هوندو هو، ان کي پنهنجي پيءُ برابر عزت ڏيندا هئا ۽ پيرين پوڻ سان عزت ۽ احترام جو اظهار هوندو هو. (حوالو سنڌ جي هندن جي تاريخ).

مينگهواڙ هڪ قديم هندو ذات آهي، جيڪا خاص طور تي سنڌ، راجستان، گجرات ۽ ٻين ڏکڻ ايشيائي علائقن ۾ رهي ٿي. هن برادري ۾ رواجي طور پنچائتي نظام جو هڪ مظبوط ڪردار رهيو آهي، جيڪو برادري جي اندروني مسئلن جي حل لاءِ استعمال ٿيندو آهي. هن نظام تحت سماجي اتحاد امن ۽ منسفاڻو رستو اختيار ڪرڻ آهي. برادري جي فردن کي عدالتن کان اڳ پنچائت ۾ فيصلو وٺڻ آسان، سستو ۽ تڪڙو انصاف وٺڻ ملڻ آهي.

١٢ **تل مينگهواڙن جو پنچائتي نظام هي نظام تمام پراڻو نظام** آهي. مينگهواڙن جي پئنچاتي نظام ۾ ٩ تل جنهن ۾ ضلع گهوٽڪي سکر ۽ خيرپور جا ڪجھ علائقا شامل آهن ۽ باقي ٣ تل جنهن ۾ پنجاب جي رحيم يار خان، احمد پور لمه ۽ خانپور ڪٽورا جا

ڪجھ علائقا شامل آھن. اھڙي طرح ١٢ تل ٿيا. اھو پنچائتي نظام تمام پراڻو آھي، انھيءَ نظام ۾ ميگھواڙن جا فيصلا انصاف تحت ٿيندا آھن. انھيءَ ۾ ٻڌي جو ثبوت ٻ مليو ٿو. وڏي عمر وارا بزرگ، ايماندار، تجربيڪار ۽ ڏاھا ماڻھو انھيءَ جو حصو ھئا ۽ ھاڻ ٻ آھن. ١٢ تلن ۾ ٨٤ جو نظام ٻ جڙيل آھي ھن نظام کي وڏو پنچائتي نظام چيو ويچي ٿو جنھن ۾ ڀاٽيپو، ڪڏاڻ، جوڌپوريا ۽ مھراج ملي ٨٤ نظام جڙيو. متاثر ميگھواڙ پنچائت کي انصاف لاءِ دانھن ڏيندا آھن ته انصاف لاءِ پنچائت ٨٤ يا ١٢ تل جي گڏ تي ڌرين کي سڏيو ويچي ٿو. ٻنھي ڌرين جون ڳالھيون ٻڌي فيصلو ڏنو ويچي ٿو ۽ ڪيل فيصلو انصاف تي ٻڌل ھوندو آھي ۽ اٽل سمجھو ويچي ٿو. ان جي پيچڪڙي ڪرڻ سماج لاءِ تڪليف جو ڪرڻ ٻڌجي سگھي ٿو. ڏھرڪي جا مشھور پعنچ پونجا رام سولنڪي، راما رام سولنڪي، ٻاگا رام لوھا، جمعا رام لوھا، لوٽا رام، آتم رام، جسونت راءِ، ٻالم رام، تلوڪا رام، تارو رام، لڌا رام، سومر داس، ڪمون رام، تارا رام، بيھاري لال ۽ ٻيا.

ڏھرڪي شھر ٻ ميگھواڙن جي ١٢ تل ۽ ٨٤ وارو پنچائتي نظام ۾ شامل آھي پر آدمشماري وڌڻ ڪري ھر شھر ۽ ڳوٺ ۾ ميگھواڙ پنچائتي نظام جڙيو آھي ۽ جڙي ٻ رھيو آھي. اھڙي طرح ڏھرڪي شھر جي ميگھواڙن جو پنچائتي نظام ٢٠٠٠ع ۾ جڙيو، جنھن جو مقصد ھي آھي: ڪنھن مسئلي کي مقامي سطح تي حل ڪرڻ، امن ۽ ڀائيچاري کي فروغ ڏيڻ، سماجي برائين کي ختم ڪرڻ، ترقياتي ڪم جي سار سنڀال ۽ واڌ ويجھ لاءِ ڪم ڪرڻ، شادي، علحيدگي، ملڪيت جي ورھاست ۽ ٻين سماجي مسئلن تي رواجي اصولن مطابق فيصلا ڏيڻ، ڌرمي ۽ دنياوي تعليم تي ڌيان ڏيڻ، روزگار جا وسيلا مھيا ڪرڻ، غريب شاگردن جي ساٿ ڪرڻ، تعليم لاءِ جاگرتا ۽ سيمينار ڪرائڻ، ڪيريئر ڪائونسلنگ ڪرائڻ، غريبن جو علاج ڪرائڻ، بيواھن جي مدد ڪرڻ، اتحاد ڪرڻ وغيره.

**ڏھرڪي شھر جو پنچائتي نظام:** سال اتڪل سن ٢٠٠٠ع ۾ ڏھرڪي شھر جي پنچائت ٺھي ۽ اليڪشن ٿيو ن ھر پاڙي کي نمائندگي ملي، پنچائت جي اليڪشن ٽن سالن ۾ ٿيندي آھي مرد حضرات ووٽ ڪري پنچائت جو مکي ۽ ٽيم چونڊيندا آھن، پھريون مکي تلسيداس لوھا ھو، ٢. نگران مکي فقيرا رام رھڙڪا، ٣. پمون رام پاتيا، ٤. نند لال لوھا، ٥. شو لال سولنڪي (ڪوريڪا)، ٦. نند لال لوھا، ٧. دادن رام عرشي جيڪو ٢٠٢٥ ۾ چونڊجي آيو آھي نائب مکي استاد حاڪم جي اٽس جيڪو ھڪ قابل ماڻھو آھي.

مکي تلسيداس لوھا

نگران مکي فقيرا رام

مکي پمون رام پاتيا

مکي شيو لال سولنڪي

مکي نند لال لوھا

مکي دادن رام عرشي

**ڏھرڪي شھر جي مختلف پاڙن ۾ مختلف نالن سان ھندي پاٺشالائون** ھلي رھيون آھن، جتي ڇوڪرن ۽ ٻنائين کي ھندي تعليم ڏني ويچي ٿي. انھن پاٺشالائن ۾ گرو جن (استاد) دل و جان سان شيوا ڪري رھيا آھن، ھن وقت شانتي نگر، راجا ڪالوني، مسڻ محلا، آرائين پاڙو، داد روڊ ۽ ٻين پاڙن ۾ پاٺشالائون ھلي رھيون آھن.

**شري رامديو اوتار ھندي پاٺشالا:** شري رامديو اوتار ھندي پاٺشالا داد روڊ، ڏھرڪي، جنھن جو بنياد ٢٦ سال اڳ استاد ڪرشن جي سولنڪي (ڪوريڪا) رکيو ھو. ھي پاٺشالا شري رامديو اوتار دربار ۾ اڄ ڏينھن تائين ھلي رھي آھي. وڪيل مکي نند لال لوھا ٻ ھن شيڪارئي ۾ اڄ ڏينھن تائين شيوا ۾ آھي انھيءَ سان گڏ گرو جن جھڙوڪ: نند لال رھڙڪا، گلو رام، مڪيش ڪمار، جيوڻ داس، ماڻڪ رام، رتن لال، سريش ڪمار، وجي ڪمار پڙھيار، ونود ڪمار، شيوڪ رام بيگڙ، شيوڪ رام لوھا، شام لال، راجيش ڪمار، جواھر لال، انيل ڪمار، لجيت ڪمار، سروپ ڪمار، وشال ڪمار، جئه ڪمار، سنديپ ڪمار ۽ ٻيا ٻ شيوا ڪري چڪا آھن ۽ ھاڻ ٻ ڪري رھيا آھن، ھن پاٺشالا ۾ ھر سال جنم اشٽمي، رام نومي، ھولي، ڏياري، شوراتري ۽ ٻيا مذھبي پروگرام ملھايا وڃن ٿا. ھر سال پاٺشالا جي سالگره جو ڪيڪ ٻ ڪاٽيو ويچي ٿو جنھن ۾ موجوده ۽ اڳوڻا گرو جي ان شيڪاريءَ ۾ اڳيرا رھن ٿا.

**ميگھواڙ:** ميگھواڙ برادري شايد ايتروئي پراڻو آھي جيترو سنڌو تھذيب. اھو قبيلو اسان جي وطن پاڪستان جي چئني صوبن ۾ رھائش پزير آھي ليڪن چگو خاصو تعداد سنڌ ڌرتي سان واسطو رکن ٿا. ھن قبيلي جي رھڻي ڪھڻي ۽ ٻولي تمام پراڻي اٿن ۽ پنھنجي ثقافت ٻ ھن ڌرتي

جي سڃاڻپ رهي آهي. سنڌ ڌرتي جي عظيم تهذيب موهن جي دڙو جي ڪوٺائي مان عاج جون جوڙيون ۽ ائٽ لڌا آهن ۽ هن قوم جو پراڻو ڌندو به ڪورڪو رهيو آهي. ميگهواڙ عورتون عاج جو چوڙيون اڄ ڏينهن تائين پنهنجي ڌرتي جي ثقافت سمجهي ٻانهن ۾ پهري رهيون آهن ۽ عورتون پنهنجو شان ۽ مان جو احساس سمجهنديون آهن ۽ ڪٽي ڪٽي اڄ به ٿوهان ڪي ميگهواڙن جي گهرن ائٽ ملندا. هن برادري جون خوشيون ۽ غميون عجيب ۽ نراليون هونديون آهن. مرد پٽڪو پهرين ۽ سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ به پنهنجو شان سمجهن. لباس ۾ سلوار ۽ قميص پائن. تاريخ نويسن ته هن قوم لاءِ گهڻو لکيو آهي ته اها قوم مصر تائين پکڙيل هئي وطن جي پريت ته هنن ڪان ڪو سکي! ايڪو ۽ ٻڌي ته لاجواب اٿن هن قوم جو مذهب ته هندو ڌرم آهي ليڪن دل صوفياڻا اٿن صوفي عزم ڪي گهڻو مڃين ميگهواڙ برادري جو گهڻو تعداد صوفي مسلمان بزرگن پيرن، جا مريد به آهن. هي برادري گهڻو ڪري ٻهراڙي ۾ رهي ٿي اتي به پنهنجو هٿ جو پورهيو ڪري پيٽ گذر ڪن جنهن ڳوٺ ۾ رهن تنهن زميندار جو وفادار ٿي رهن ۽ سنڌن زميندار به پنهنجو راڄ ڀاڳ سمجهي عزت ڪن ۽ سندس پيار سان پيش اچن. هاڻي هن قبيلي جا ماڻهو ڳوٺن مان لڏي اچي شهرن جو رخ ڪيو اٿن پوءِ به پنهنجا گهر گهاٽ مسلمان ڀائرن جي پاڙي محلي ۾ رهن ۽ مسلمان ڀائر سندس ڏک سک ۾ هر طرح جي حفاظت ڪن ۽ پيار ۽ ڀاءُ ٻڌ سان پيش اچن. هاڻي هن قوم ۾ ڊاڪٽر انجنيئر، استاد، گزٽيڊ آفيسر، وڪيل، پوليس ۽ آرمي وغيره ۾ به ڊيوٽي ڪن. ڪي پورهيت ته ڪي ڪاروبار ڪن. طبيعت جا سادڙا ۽ سچا آهن هڪ دفعو واعدو ڪن ته ضرور پاڙين. ننڍڙي لاڪان اها سکيا ڏني ويندي آهي ته "پراڻ جائي پر وچن نه جائي" يعني ساهه وڃي ته ڀل وڃي پر واعدو نه وڃي. هن قوم جو نظريو خلق خدمت سان اٿن انسان سان پيار ڪرڻ ۽ شرافت ته وڏن کان ورثو مليو اٿن. انهي ڪري پاڙي جا مسلمان ڀائر سندن ڪيس گهڻو ڀائين ۽ اهو ئي سبب آهي جو ڪجهه مسلمان انهن جي ٻولي به سکي ورتي اٿن ۽ قبرستان به ساڳيو اٿن. وطن جي مٽي ڪي پنهنجو ايمان ۽ ڌرم سمجهن ۽ پنهنجي وطن جي لاءِ پنهنجي ٻولي ۾ لوڪ گيت ڳائين.

"ڪڏي آئوني رسيلا مهاري ديس، جوئان ٿاري ٻات گهڻي". (استاد هري داس گنڌير)

**ڍهرڪي جا ميگهواڙ:** پاڪستان قائم ڪان اڳ ٽالپرن، مغلن، انگريزن جي دور ۾ خيرپور يا خيرپور ڍهرڪي شهر ۾ به ميگهواڙ رهندا هئا، پر جڏهن شهر وڌندو ويو ته ۽ شهر جا ٻاهريان علائقا ڍهرڪي جي ٽائون ڪاميٽي ۾ شامل ٿيا ته ميگهواڙن جو تعداد وڌندو ويو.

هن وقت ڍهرڪي جا ميگهواڙ ١٤ پاڙن ۾ رهن ٿا سندس آدمشاري ٨٠٠٠ ڪان مٿي آهي. ڍهرڪي جا چند پراڻا پاڙا هئا جنهن ۾ آرائين پاڙو، اميربخش پاڙو، داد روڊ، ۽ پوءِ ٻيا پاڙا آهستي آهستي وڌيا جنهن ۾ راجا ڪالوني، حافظ آباد، شانتي نگر، مسڻ محلہ، روحل نگر، ميگهواڙ ٽيچر ڪالوني، شاهه لطيف ڪالوني، جام ظفر محله مصطفي آباد ڪالوني، پڊ پاڙو ۽ ٻيا. ميگهواڙ امن، شانتي محنت ڪندڙ آهن. پگهر جي پورهئي کي ترجيع ڏين ٿا. پراڻي وقت ۾ جتيون ناهڻ، ڪورڪو ڪم، درزي، رنگ ڪرڻ، چترڪار، گائڪ، سازيگر، ٽوپيون ناهڻ، ڪيس يا ڪتا ناهڻ، وغيره جا ڪم ڪندا هعا. هر ڪنهن جون پنهنجون اوطاقون هونديون هيون. موجوده وقت ۾ ڍهرڪي جي ميگهواڙن تعليم جو رجحان وڌڻ ڪري ڊاڪٽر، انجنيعر، استاد، وڪيل، پوليس، هيلٿ، پاڪ فوج، رينجرس، اينگرو فرٽيلائيزر، ماڙي پيٽروليم، پوسٽ آفيس، عدالت، سينسس ڪاتو، آدمشاري، نارڪوٽيڪس، ايئرفورس سيڪيورٽي، واپڊا، OGDC، نادرا ۽ ٻين کاتن ۾ پنهنجا فرض انجام ڏيعي رهيا آهن. ڪيترائي دڪاندار، مڪينڪس، هنرمند، درزي، مورتيون ناهيندڙ مطلب ته مختلف شعبن ۾ ميگهواڙ ڪم ڪري رهيا آهن. ميگهواڙ شاگرد هر شعبي ۾ تعليم پرائي رهيا آهن. ڍهرڪي جا ميگهواڙ شاگرد ٻاهرين ملڪن ۾ اسڪالرشپ تي به پڙهي رهيا آهن.

امر لال لوها ڍهرڪي جي ميگهواڙن جي تاريخ ۾ پهريون سول جج آهي. مکي نند لال به ADPP آهي. هن وقت ڍهرڪي ۾ وڪيل آهن: سريش ڪمار عرشي، سنديپ ڪمار لوها، ڪعلاش ڪمار لوها، منوهر لال لوها، هشمت رام عرشي، رميش لال (BM) مڪيش ڪمار لوها، پون ڪمار، ونود ڪمار، وڪرم لال سولنڪي، راجيش ڪمار، سريش ڪمار. انهيَ سان گڏ BPS-17 Gazzated ۾ هي آهن: ايمينيو لوها، ڪعلاش ڪمار ڪڙيلا، انيل ڪمار باليهرڪا، وجي ڪمار جيسواني، جئه پرڪاش سولنڪي، راج ڪمار ڪاپيا، نريش ڪمار ناٽيليا ڪئلاش ڪمار اٽڪيا، درپن ڪمار ناٽيليا.

**مورج مل گنڌير** ١٩٤٩ع ۾ ماڇڪ ڳوٺ (هاڻوڪو رئيس مبارڪ چنڙ) ۾ جنم وٺندڙ مورج مل گنڌير ميگهواڙ جو نالو ١٩ صدي ۾ ڪيس ۽ لونگيون ناهڻ جو هڪ سنهري مثال آهي. هن اهو هنر پنهنجي پتا شري ڪان پراپت ڪيو، جيڪو پنهنجي وقت جو هڪ مهان ڪيس ۽ لونگيون اڏائي تي ناهيندڙ هئا انهيَ سان گڏ مورج مل سوسين، گريبين ناهڻ جا ماهر هئا. سندس تيار ٿيل ڪيس، لونگيون، سوسيون ۽ گريبيون ٻاهرين ملڪن ۾ وڪامبيون هيون. ١٩٦٤ع ۾ ورلڊ هينڊيڪرافٽ ايگزهيبيشن لاهور ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ سڄي پاڪستان مان هزارين هنرمند پنهنجي تيار ٿيل سامان سميت شرڪت ڪئي. انهيَ نمائش ۾ مورج مل گنڌير پهرين پوزيشن حاصل ڪئي ۽ ان وقت جي صدر پاڪستان چيف

مارشل لا محمد ايوب خان سرٽيفڪيٽ ۽ ١٠٠٠ انعام طور ڏنا. مورج مل گنڊير کي لاهور, اسلام آباد, ڪراچي يا ٻين شهرن ۾ منعقد ٿيندڙ نمائشـــــن لاءِ شرڪت لاءِ دعوت ملندي هئي ته پاڻ شريڪ ٿيندا هئا ۽ انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ملندا هئا اهي سرٽيفڪيٽ اڄ بہ خاندان وارن وٽ موجود آهن. مورج مل ٢٠٢١-٤-٤ تي سـرڳواس ٿيا. سـندن خاندان ۾ اسـتاد هري داس هڪ ناليوارو اسـتاد ۽ پينٽر آهن. **ڏهرڪي جا ميگهواڙ استاد:** استاد سگنو جي, پگوان داس, هري داس, جواهر لال, ڪرشن جي, شمن داس, حاڪم لال, نختيو جي, نريش ڪمار, اوم پرڪاش, پون ڪمار, مڪيش ڪمار, سـنيل ڪمار, انيل ڪمار, اجي ڪمار, ڪئلاش ڪمار, چندو جي, سـتامون جي, امبريش ڪمار, نند لال, پون ڪمار, نريش ڪمار, شـــنڪر لال, راول داس, گيان چند, مهيندر ڪمار, ڪئلاش ڪمار, اشـــوڪ ڪمار, دادن رام, آڪاش ڪمار, راڻا چندر سنگهہ, درشن لال, انيل ڪمار, راڄ ڪمار, راجيش ڪمار, سنجي ڪمار, جواهر لال, پون ڪمار, پچن لال, وجيش ڪمار, درشن لال، مهيش ڪمار، دليپ ڪمار، چندن، ستيوان، سنيل، هريش رام ڪرشن، جواهر لال سلڪيا، انيل، منوج، وجئہ ۽ ٻيا.

**ميگهواڙ ٽيچرس ڪالوني.** ڪافي وقت کان ميگهواڙ استادن جو پاڻ ۾ ضلعي گهوٽڪي ليول تي هڪ اتحاد جڙيل آهي. ڪجهہ سال پهرين ڏهرڪي جي ڪجهہ ميگهواڙ استادن مســتقبل لاءِ هڪ ڪالوني ٺاهڻ لاءِ فيصــلو ڪيو انهيَ سلســلي ۾ رهڙڪي لڳ نزد باءِ پاس ڏهرڪي ۾ ڏيڍ ايڪڙ زمين تي مشــتمل پلاٽ خريد ڪيا ۽ ميگهواڙ استادن پنهنجي وس آهر آسان قسطن تي اهي پلاٽ خريد ڪري ميگهواڙ ٽيچرس ڪالوني رکيو ويو. پلاٽ وڪرو ڪندڙ ٿي ويسوا مندر لاءِ بہ ڏنا. سندس نالو گنيش مندر رکيو ويو آهي.

**ڏهرڪي شهر جا مشهور ميگهواڙ سازيگر:** ڏهرڪي جا ڪجهہ ميگهواڙ سازيگر جيڪي مختلف سازن جا ماهر هئا ۽ آهن.

**تنبورو:** تلوڪا رام, ٺاڪر داس, گوپال داس, سومر داس, وشنو رام, سومر داس جيسواني, سياڳارام, نانڪ رام پرهياڙ ۽ ٻيا.

**منجيرا:** رام لال گوگڙي, هرچند رام, سنتوڪا رام عرشي, هري لال سولنڪي, ساعينو رام رهڙڪا, سومر داس, پگوان داس پونڙ, صدورو جي ۽ ٻيا. ڍولڪ جا ماهر: سومر داس, گوڪل داس, چيتن داس ۽ ٻيا. هارموني: ڏنا رام ڏيوتڪا, گوپال داس جئپال, گهڙو وڄائيندڙ: ڪيسرو جي, ڪرشن لال ڏيپال، بانسري: پرڪيو جي.

**شاعر:** هن وقت ڏهرڪي جي ميگهواڙن ۾ ڪجهہ نوجوان شاعر بہ آهن جن ننڍي پيماني تي شاعري ڪئي آهي جنهن ۾ ڊاڪٽر نارو رام جئپال, ڊاڪٽر ڪانجي رام بيگڙ, منوهر لاڪ پرهياڙ, بالم رام, گوڪل رام, نانڪ رام پرهياڙ, جمن لال عرشي آهن. برجانگ رام سولنڪي کي بہ صـوفي روحل فقير جي شـاعري کي ترجمو ڪندا هئا. ڪئلاش ڪمار، جئہ پال هڪ سـٺا مترجم آهن. ڏهرڪي جي ميگهواڙن ۾ پهريون شهيد پوليس اهلڪار ديانند پڙهياڙ آهي.

**گائيڪ:** ٺلو رام جئپال, حڪيا رام, سـومر داس, واپاري رام سـولنڪي, هرچند رام, جهامن داس پاتيا, اڇڪا رام, رائو رام, راجو رام سـولنڪي, پرڪيا رام لوها, چيتن داس پرهياڙ, نانڪ رام پرهياڙ, ٺاڪر داس توگا, سـومر داس جئپال, گوپال داس جئپال, ديوانو جي اٽڪيا, گوڪل داس گاڏي, گلو رام منگڙيا, جيور رام عرشـي, سـورج ڪمار جويا, شـيوڪ رام جويا, ڪيلاش ڪمار جئپال, رامچند رام پرهياڙ, استاد جواهر لال ۽ ٻياه

مندر: ڏهرڪي شـهر جي مختلف پاڙن ۾ ننڍا وڏا مندر آهن جن مان ڪجهہ ٺهيل آهن ۽ ڪجهہ پلاٽن جي شـڪل ۾ آهن جن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا. ١- شري رامديو اوتار (پانشـــالا) مندر داد روڊ ڏهرڪي ١٩٦٧ع هن مندر جو بنياد رکيو ويو. انهيَ وقت هڪ ڪچو مندر ٺاهيو ويو پوءِ نئين سـري تعمير ڪيو ويو. موجوده مندر جي بلڊنگ ميان عبدالحق ميان مٺو پنهنجي MNA جي دور ۾ پنهنجي ڪوٽا ۾ ڏنو. جنهن جو شيواداري ڪشـنو رام پاتيا, سريش ڪمار پاتيا ۽ هن وقت راڌو رام پرهياڙ آهن. ٢- شري ڪرشنا مندر: داد روڊ جنهن جو شيواداري استاد جواهر لال سولنڪي آهن. ٣- شو مندر (شوالو) ٽائون لائبريري ڏهرڪي ۾ جنهن جو شيواداري موهن لال اٽڪيا آهن ٤- ماتا شيرانوالي مندر مصـطفي آباد ڪالوني ڏهرڪي. ٥- شري رامديو اوتار مندر شانتي نگر ڏهرڪي. ٦- آئي ماتا هنگلاج مندر راجا ڪالوني ڏهرڪي جنهن جو شيواداري مهراج رميش لال گري جن آهن. ٧- شري ڪرشنا مندر راجا ڪالوني ڏهرڪي. هن وقت هن مندر جو پلاٽ آهي سندس شيواداري هيرا لال آهي. ٨- ماتا شيرانوالي مندر الفتح ٽائون ڏهرڪي. ٩- شـري رامديو اوتار مندر شـاهہ لطيف ڪالوني ڏهرڪي زيرتعمير ١٠- شـري گنيش مندر ميگهواڙ ٽيچر ڪالوني ڏهرڪي پلاٽ. ١١- قاضي بابا درٻار مسواڻ روڊ ڏهرڪي.

**ڏهرڪي جي فوجي ڪالوني** جيڪا بعد ۾ ٽائون ڪاميٽي جوبلاڪ نمبر ٦ سان ڇاتو ويندو هو اتي سڀ ڪان پهريان صرف هڪ ڪٽنب "خاندان" ميگهواڙن جو رهندو هو، ان باري ۾ معلومات ڏيندي ڏهرڪي فوجي ڪالوني جي رهواسي مشهور ۽ معروف حڪيم ڏنا رام ٻڌايو ته. اسان جا وڏا ٻه سو سال ڪان فوجي ڪالوني جيڪا اڳ آرائين ڳوٺ هو ۽ ١٩٦٥ ۾ فوجي ڪالوني ٿيو. هن چيو ته فوجي ڪالوني ۾ اسان جي خاندان جا ٻه گهر آباد هئا، منهنجو ڏاڏو تلوڪا رام ۽ ڪيتي رام پاڙ ۾ پيائر هئا، جو پٽ سردا رام هو، جنهن جو پٽ ڏنا رام هن وقت ڏهرڪي جو مشهور حڪيم آهي. ٻيو خاندان ڪيتي رام جوپٽ منسخ رام، انجو پٽ پرسو رام، ۽ پرسو رام جوپٽ ناليوارو ريتي جو ڊاڪٽر جڳ رام آهي.

**ڏهرڪي هندو ميگهواڙ پنچات جي نائب مکي استاد حاڪم جي** ٻڌايو ته اسان جو خاندان اٽڪل هڪ سو سال کان اڳ ڳوٺ امير بخش ۾ ويٺل آهي جيڪو ان وقت ڳوٺ هو ۽ هاڻي ڏهرڪي ٽائون ڪاميٽي جوحصو آهي.

**امير بخش پاڙو:** استاد حاڪم جي جو شجرو: حاڪم جي جو پڙڏاڏو، ڪينئان رام، ڏاڏو باگو جي، ٻيو خاندان ڪيتي رام جوپٽ منسخ رام، انجو پٽ پرٿ رام، ۽ پرٿ رام جوپٽ ناليوارو ريتي جو ڊاڪٽر جڳ رام آهي، ڏهرڪي هندو ميگهواڙ جي نائب مکي ٻڌايو ته، باگو جي کي پنج پٽ هئا، ١. تيرٿ داس، ٢. مکي تلسيداس، ٣. مهر چند، ۴. رامچند، ۵. ڏهرڪي جي هردلعزيز شخصيت ڪرشن جي "جهولي لال" اهي سڀئي عمارتون ٺاهڻ بهترين ڪاريگر هئا. ٢. تيرٿ داس کي پنج پٽ آهن ١. استاد شمن داس، ٢. استاد حاڪم جي "نائب مکي" ٣. پرديپ ڪمار، ۴. رميش لال، ۵. استاد درشن لال، استاد حاڪم جي جا ٻه پٽ لالچند ۽ کانچند ٻيئي دڪاندار آهن، باگو جي ۽ جمعو جي پيائر آهن: جمعو جي جي اولاد فقيرو جي ۽ پنيوجي آهن، فقيرو جي جا پٽ مستري سچو رام، مرحوم استاد اڪبر جي، آڏت جي آهن، چيتن داس دوڪاندار هو جنهن جا ۴ پٽ آهن گرداس ۽ اشوڪ ڪمار دوڪاندار، (سائينو لال جيڪو ڏهرڪي پريس ڪلب ڏهرڪي جو بنيادي ميمبر هو هاڻي ڪراچي شفٽ ٿي ويو آهي ۽ اندر لال، هري داس جا پٽ سندر لال، انيل ڪمار.



## مگنا رام ڪوهريڪا (ريتي)

**مگنا رام سولنڪي (ڪوهريڪا)** پتا ميسا رام سولنڪي (ڪوهريڪا) ذات (اناج) جا واپاري ۽ مالوند هئا. سندس پتا ميسا رام مهمان نواز، مددگار، داني، محنتي، ايماندار ۽ ستسنگ جا ڪوڏيا هئا. سندس ٻه ڏيرون ۽ هڪ پٽ مگنا رام نالي هئا. **مگنا رام جو جنم** ١٩١٥-٠٥-٠٨ تي ڳوٺ ريتي ۾ ٿيو. ننڍپڻ ۾ ئي والدين جي وفات بعد هيما رام سولنڪي سندس پرورش ڪئي ۽ شادي ٻه ڪرائي. مگنا رام محنتي ماڻهو هئا، اناج جي واپار سان گڏ جتيون ٺاهي روزگار هلائيندا هئا. پاڻ مالوند هجڻ سان گڏ داني، ايماندار، مددگار، ۽ مهمان نواز هئا. سدائين سفيد پوشاڪ ۽ پٽڪي ۾ نظر ايندا هئا. ڪبير پنٿي مرشد امولڪ رام نورشاهه پٽ (روهڙي) جا پوئلڳ هئا. ستسنگ جا شوقين هئا ۽ رامديو اوتار جو ميلو ملهائيندا هئا. سردار شير محمد خان چاچڙ طرفان ميگهواڙ برادري لاءِ ٦٥ ايڪڙ زمين ورهائڻ جو ذميوار ٻڌيا، جيڪو ايمانداري سان نڀايو. ڳوٺ ريتي جا سڀ ماڻهو سندن عزت ڪندا هئا. پاڻ پنچ ۽ ميگهواڙن جا مکي ٻه رهيا. ١٩٨١ع ۾ هريدوار ياترا تي ويا. ١٩٨۴ع ۾ ٻڪي ۾ پٿري جو ڪامياب آپريشن ٿيو. اولاد ۾ چار پٽ (شيو لال، پريو رام، جهامن رام، نيچل رام) ۽ ٽي نياڻيون ڇڏيا. مگنا رام ١ جنوري ١٩٩٦ع تي پرلوڪ پڌاري ويا.


شيو لال

پريو رام

جهامن رام

نيچل رام

**ليبر ڪالوني ڏهرڪي:** اينگرو پاران ٣٠٠ ڪوارٽرن تي مشتمل ليبر ڪالوني تعمير ڪئي ويئي جنهن جو سنگ بنياد ١٩٩٣ع ۾ ان وقت جي وزير اعظم محترمه بينظير ڀٽو رکيو، اها ڪالوني ملازمن لاءِ اولڊ ايج بينيفٽ فنڊ مان ليبر ڊپارٽمينٽ تيار ڪئي هئي پر نوي سيڪڙو ڪان مٿي ملازم پنهنجا ڪوارٽر وڪري ڪري ويا آهن ڪالوني ۾ مختلف ذاتيون رهن ٿيون.. **علياڻي ٽائون:** علياڻي ٽائون ۾ ايم پي اي نادر اڪمل خان لغاري جو بنگلو آهي جيڪو سنڌ سياسي مورچو آهي ان سان گڏ مبشر لغاري خان محمد خان جو بنگلو نذير پنهيار وزير مهر جي رهائش گاهه ۽ الطاف برڙو جي آئس فيڪٽري، افضل الحق جي مارڪيٽ آهي ۽ پر ۾ ئي اناج منڊي آهي.

**ڳوٺ ريتي جو مختصـــــــــر تعارف:** قديم تاريخ: ڳوٺ ريتي تمام قديم ۽ اوج وارو ڳوٺ رهيو آهي. واپار ۽ ڪاروبار جو مرڪز رهيو. خاص ڪري ڳڙهيلي وهڪري سـبب ٻيڙين ذريعي واپار ٿيندو هو. ابادي ۽ قومون: ڳوٺ ۾ هندن سان گڏ چاچڙ، موچي، ڪٽي، سيد، لوهار، ميگهواڙ، سومرا، سونارا، دايا، لاشاري، مڱڻهار ۽ ٻيون قومون رهنديون هيون. نالو "ريتي" چو پيو؟ ڳڙهيلي جي ڀنهي پاســــــن تي چاندي وانگر چمڪندڙ واري (ريتي) هئي، تنهنڪري ڳوٺ جو نالو "ريتي" پيو. سيلاب ۽ لڏپلاڻ: ڳوٺ پهرين ڳڙهيلي جي اتر ڪنڌ تي هو، پر سيلاب سبب ڏکڻ ڪنڌ (هاٺوڪي جڳهه) تي لڏي آيو. زرعي ۽ مڇي واپار: هتي ساوڪ، ڳوار، جوئر، چٽا وغيره جا سٺا فصل ٿيندا هئا. مڇي لذيذ هوندي هئي، جيڪا سوڪڙي طور موڪلي ويندي هئي. **ميگهواڙ برادري جو مختصـــــــــــــر جائزو:** آمد ۽ روزگار: ميگهواڙن مان سڀ کان پهرين پرهياڙ خاندان آيو، جيڪي ڪڏي جو ڪم ڪندا هئا. پوءِ ٻين خاندانن سان گڏ ميسارام سولنڪي اناج جا واپاري بڻيا. وقت سان مختلف ڪرتن ۾ مشــــــغول ٿي ويا (درزي، واپاري، جتي سازي وغيره). **مشــــــــــــهور شخصيتون:** ٻختارام، مگنا رام، ڪانهو رام وغيره وڏا پئنچ رهيا. جتين جي ماهرن ۾ مگنا رام، باڌو رام، شيوو لال، سائينورام (ٻوٽ ناهڻ) وغيره شامل هئا. اوطاقون ۽ ڪوهه: هر پاڙي ۾ اوطاقون ۽ ذاتي ڪوهه هوندا هئا، جتي هر وقت رونق هوندي هئي. ديني شخصيتون: درويشن ۾ گنگا رام، منگلا رام، بادو ساڌ وغيره شامل. هر سال منگلا رام جو ميلو ملهايو ويندو آهي. هاٺوڪو دور: ميگهواڙ ذاتون: سولنڪي (ڪوريڪا)، اٽڪيا، ٻانيٽيا، گاڏي، نيڙهائي، پرهياڙ، ليلڙ وغيره. **تعليمي ۽ سماجي اڳواڻ: پهريون استاد:** غوث ڏنو ليلڙ پهريون هيڊ ماسٽر: سگنو رام ڪائونسلر: ٽيڪا رام، تيرٿ رام، موهن رام، ۽ هاٺوڪو چيتن داس ڊاڪٽرز: ڇٽڪو رام (سريش ڪمار) – پهريون M.B.B.S ڊاڪٽر ڊاڪٽر جڙ رام داس لوهاڻ، ڊاڪٽر اڪشي ڪمار سولنڪي وغيره استاد، فنڪار، **درزي:** ڪيترائي استاد، گائڪ (مثلاً گوبند رام، ڪشور ڪمار سولنڪي) ۽ درزي موجود آهن، جيڪي مختلف علائقن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. **شاگرد:** نوجوان نسل تعليم ڏانهن مائل آهي؛ جن مان ڪيترائي شـــاگرد اعليٰ تعليم حاصـــل ڪري رهيا آهن. ڀيل برادري جو ذڪر: قدمت: ڀيل به قديم دور کان ڳوٺ ۾ آباد آهن. اهم شخصيتون: پيرو رام، سارنگو رام، ٺهڪڻ رام ڀاڳي خاندان: چندو رام وغيره

## استاد غوث ڏنو ليلڙ (ريتي)

**اســــتاد غوث ڏنو ولد پيما رام ليلڙ** ميگهواڙ جو جنم ١٩٥٦-٠٦-١٥ تي ڳوٺ ريتي تعلقه اوٻاوڙو ضــلع گهوٽڪي ٿيو. پرائمري تعليم گ. پ. اسڪول ريتي جا ١٩٨٦ع مان پاس ڪئي. سائين غوث ڏنو ڳوٺ ريتي جا پهريان ميگهواڙ آهن جن مئٽرڪ جو امتحان ١٩٧٤ع گورنمنٽ (پ) هاءِ اســڪول ڏهرڪي پاس ڪئي. ١٩٧٤-١٠-٠١ تي پاڻ P.S.T گورنمنٽ پرائمري اســڪول پيروٽ ۾ ٿيا. وڏا محنتي، هوشيار، وقت جا پابند ايماندار هئا. زندگي جو گهڻو حصــو ڏهرڪي ۾ ڊيوٽي ڪان پوءِ ڪوچنگ سينٽر تي تعليم ڏني ۽ اهو سلسلو اڃا تائين جاري آهي. استاد غوث ڏني جا پاڙهيل شاگرد ۽ شاگرديائيون اڄ به پاڪستان کانسواءِ دنيا ڪيترن ئي ملڪن ۾ آهن. آءِ استاد ڪرشن جي به سائين جن جو شـاگرد آهيان. اســتاد غوث ڏنو ٻارن کي تعليم لاءِ همٿائيندا به رهن ٿا. اولاد ۾ هڪ پٽ اوم پرڪاش نالي ۽ ٽي نياڻيون آهن. پاڻ B.A, B.Ed به ڪئي. ٢٠٠٠-٦-١ تي گورنمنٽ مڊل اسڪول پرچوندي شريف مان رٽائر ٿيا.

## دليپ ڪمار سولنڪي (ڪوريڪا) ميگهواڙ (ريتي)

**نالو: دليپ ڪمار ولد پريو جي سولنڪي (ڪوريڪا) ميگهواڙ**

ڄمڻ جي تاريخ: ١٩٧٤-٠١-٠٤ ڄمڻ جو هنڌ: ڳوٺ ريتي تعلقو اوٻاوڙو ضلعو گهوٽڪي سنڌ

تعليم: B.A ۽ P.T.C ڌنڌو: سنڌ ميڊيڪل اسٽور ريتي. ڳوٺ ريتي ۾ پهريون ميڊيڪل اسٽور کوليندڙ

اولاد: وجيس ڪمار (اسلام آباد ۾ گورنمنٽ ملازم) ۽ راڪيش ڪمار.

دليپ ڪمار هڪ سوشل ورڪر، مهمان نواز، هڏ ڏوکي آهن. سندس پتا پريو جي ولد مگنا رام به مهمان نواز ڪاريگر هڪ سٺا ڪندڙ، ٻين جو ڀلو ڪندڙ هئا. سـٺا گڻ سـندس خانداني ورثي ۾ مليل هئا. پريو رام ڳوٺ ريتي جي ميگهواڙن مان پهريون ميگهواڙ ڪرياڻا جا دڪاندار هئا. سندس ٽي پٽ دليپ ڪمار، منوهر لال ۽ هري لال آهن.

## ڏهرڪي جو نبض شناس حڪيم: حڪيم چبيل داس ۽ سندس وفادار شاگرد

**حڪيم ڏنا رام سندن شخصيت جو تعارف:** برطانيا دور جي سنڌ ۾ ڪيترائي عظيم انسان پيدا ٿيا، جيڪي پنهنجي خدمتن ذريعي ماڻهن جي دلين ۾ امر ٿي ويا. انهن مان هڪ نيڪ دل، خدا ترس، نبض شناس ۽ سچي حڪيم، حڪيم چبيل داس ولد ٺارو به هو، جيڪو اصل رهڙڪي صاحب جو رهواسي هو. سندس والد زميندار هئڻ سان گڏ واپار به ڪندو هو. چبيل داس ننڍپڻ کان ئي ذهين، رحم دل ۽ خلق خدا جي خدمت لاءِ وقف طبيعت جو مالڪ هو. اولاد نه هجڻ باوجود، هو ڪيترن ئي ضرورتمندن لاءِ "روحاني پيءُ" هو.

**حڪمت جي تعليم ۽ تجربو:** حڪيم چبيل داس ١٩٤٧ع ۾ حڪيم ڏيپچند کان حڪمت سکڻ شروع ڪئي. هن علمي ميدان ۾ جلدي ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ بخار، خاص طور تي سنهي ۽ پراڻي بخار، جي علاج ۾ خاص مهارت حاصل ڪئي. سندس نبض پڙهڻ جي مهارت ان دور ۾ مشهور هئي. ماڻهن جو چوڻ هو ته هو صرف نبض مان ئي بيماري جي مڪمل ڇاڻ ڇنڊ ڪري ڇڏيندو هو. سندس خاص خدمتون: هر نئين چنڊ تي خيرات ڪندو هو. غريبن جو علاج بلامعاوضو ڪندو هو. علاج لاءِ ملڪ جي مختلف حصن مان ماڻهو ايندا هئا. هو صرف جسماني نه، پر روحاني توڙي اخلاقي درس به ڏيندو هو. **ننڍپڻ جا شوق:** هو شاعراڻو ذوق به رکندو هو، خاص طور تي ننڍي عمر ۾ ڪلام ڳائڻ جو شوقين هو، جنهن سان سندس روحاني وابستگي به ظاهر ٿيندي هئي. وفات: سنه ١٩٩٢ع ۾ حڪيم چبيل داس ٨٥ سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. سندس لاڏاڻي وقت سموري ڏهرڪي ۽ آس پاس وارا ڳوٺ سوڳوار هئا.

**وفات کان اڳ هو پنهنجو سمورو تجربو، دعا ۽ مهارت پنهنجي وفادار شاگرد حڪيم ڏنا رام کي حوالي ڪري ويو. وفادار شاگرد: حڪيم ڏنا رام تعليم ۽ خدمت:** حڪيم ڏنا رام ننڍپڻ کان ئي حڪيم چبيل داس جي خدمت ڪندي سندس ساٿ ۾ هو. سندس دل ۾ خدمت ۽ حڪمت جو عشق هو. بعد ۾ هن سنڌ طبيه ڪاليج، حيدرآباد مان حڪمت جي باقاعده ڊگري حاصل ڪئي. تعليم حاصل ڪرڻ بعد به هن پنهنجي استاد جي خدمتن جو تسلسل جاري رکيو. سندس قول: "چوندا آهن سيوا ۾ ميوا آهن." "مان پنهنجي استاد جي نقش قدم تي هلندي هر نئين چنڊ تي ديڳ لاهيان ٿو ۽ غريبن جي دوا درمل مفت ڪندو آهيان." "نظام علاج ۽ دوائون: حڪيم چبيل داس ۽ حڪيم ڏنا رام ٻنهي جو علاج جا طريقا قديم حڪمت جي بنياد تي هئا، جن ۾ طب يوناني، جڙي ٻوٽين ۽ روحاني علاج شامل هئا. نوان ۽ پراڻا علاج جا طريقا: مرض پراڻو علاج نئون علاج (ان وقت مطابق) سنهو بخار ڳلا ٻڦشا، دونهون، ست ورق جو قهوو جڙي ٻوٽين سان گڏ متوازن غذا ۽ مڪمل آرام پراڻو بخار چرائتو، کهاڙ جي پاڙ جو جوشاندو بدن جي صفائي لاءِ خون صاف ڪرڻ واريون دوائون پيٽ جو سور اجوين، سونف، ڪاري مرچ جو چورن معدي لاءِ خاص ٿهيل تيل ۽ مالشاڪين جا مرض گلاب جو عرق، ٽپڪاءُ، چانگ جو پاڻ ٺڌي دوائون ۽ پرهيز، خاص ڪري موبائل کان پاسو دماغي ڪمزوري بادام، اخروٽ، مغز، ڪشت جو ڪار خاص طور تي مغزي ٽانڪ ۽ بايو ڪيميڪ دوائون اخلاقي ۽ روحاني قدر: چبيل داس ۽ ڏنا رام ٻنهي جي طب جو بنياد صرف دوا نه، پر دعا، نيت ۽ خدمت خلق تي ٻڌل هو. سندن طبيب هجڻ سان گڏ ماڻهو ڪين روحاني رهبر طور به مڃيندا هئا.

## حڪيم ڏنا رام لوها جو شجرو

| پڙڏاڏو: ڪيتي رام | ڏاڏو: تلوڪا رام |
|---|---|

والد صاحب: سردارا رام

حڪيم ڏنا رام لوها

وڪيل سنديپ ڪمار

وڪيل منور لال

وڪيل سريش ڪمار

وڪيل ڪيلاش ڪمار

ساگر ڪمار

پڙڏاڏو: ڪيتي رام......ڏاڏو: تلوڪا رام......والد: سردارا رام، حڪيم ڏنا رام جون ٽي نياڻيون آهن، جيڪي ميٽرڪ پاس آهن. سندس پنج پٽ آهن: ١. وڪيل سنديپ ڪمار ٢.وڪيل منور لال (پيرادائيز گارمينٽس) ٣. وڪيل سريش ڪمار ۴. وڪيل ڪيلاش ڪمار ساگر ڪمار جيڪو ڪراچي ۾ ڪاروبار ڪندو آهي.

# استاد ڪرشن جي سولنڪي (ڪوريڪا) ميگهواڙ

شيو لال ولد مگنا رام جن جا ٦ پٽ آهن استاد ڪرشن جي سولنڪي ، صديقو جي، لال چند، درشن لال، بالم داس ۽ مهيندرڪمار

استاد ڪرشن جي کي ٢ پٽ استاد نريش ڪمار استاد امبريش ڪمار سولنڪي ٢ نياٽيون آهن. ڪرشن جي ولد شيو لال جو جنم ١٩٦٩-٠٨-٢٦ ڳوٺ ريتي تعلقو اوٻاوڙو ضلع گهوٽڪي ۾ ٿيو. سندس ڏاڏو مگنا رام هڪ معزز ۽ ڳوٺ ريتي جا مکيه رهيا آهن. ڪرشن جي پنهنجي پرائمري تعليم گورنمنٽ پرائمري اسڪول ريتي مان, ڇهون ۽ ستون درجو گورنمنٽ هاءِ اسڪول ريتي مان ۽ اٺون درجو گورنمنٽ مدل اسڪول گل محمد ملڪ نزد ڏهرڪي مان ۽ ميٽرڪ گورنمنٽ (پي) هاءِ اسڪول ڏهرڪي مان ١٩٨٦ع ۾ پاس ڪئي. پوءِ ١٩٨٨ع ۾ HSC Part II مهراڻ مادل ڪاليج پنوعاقل مان پاس ڪئي. ١٩٨٩ع ۾ ايجوڪيشن ڊپارٽمنٽ ۾ J.S.T طور ڀرتي ٿيا. سندس پهرين پوسٽنگ گورنمنٽ مدل اسڪول مارووالا نزد ريتي ۾ ٿي. ١٩٩١ع ۾ گورنمنٽ (پي) هاءِ اسڪول ڏهرڪي ضلع گهوٽڪي ۾ بدلي ٿي آيا. استاد ڪرشن جي ميگهواڙ استادن مان پهريان ميگهواڙ استاد آهن جيڪي گورنمنٽ (پي) هاءِ اسڪول ڏهرڪي ۾ بدلي ٿي آيا. ٢٠٠٨ع ۾ J.S.T مان H.S.T پروموشن ٿيا ۽ هاڻ انهي اسڪول ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. سندس تعليم M.A , M.Ed آهي. استاد ڪرشن جي پنهنجي تعليمي شعبي ۾ سچائي, ايمانداري ,محنت ۽ لگن سان پنهنجا فرض سرانجام ڏيئي رهيا آهن . اڄ ٻه ڪيترائي شاگرد پنهنجي ڪاميابي جي راهه ڏانهن گامزن آهن . ١٩٩١ع ۾ جڏهن استاد ڪرشن جي گورنمنٽ (پ) هاءِ اسڪول ۾ بدلي ٿي آيا ته ان وقت ڏهرڪي جا ميگهواڙ نوجوان تعليمي ميدان بلڪل گهٽ هئا. استاد ڪرشن جي نوجوانن کي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ جاگرتا ۽ جذبو ڏياريو ۽ ڪيترائي تعليمي سيمينار ڪرايا جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو هن وقت ڪيترائي ميگهواڙ نوجوان مختلف شعبن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن . اسڪالرشپ ۽ ڪيريئر ڪائونسلنگ جا پروگرام ٻه استاد ڪرشن جي ڪرائيندا رهن ٿا. استاد ڪرشن جي سولنڪي اڄ کان ٢٦ سال اڳ شري رامديو اوتار مندر داد روڊ ڏهرڪي ۾ هندي پاٺشالا جو بنياد رکيو هو جتي گروجن پنهنجي محنت ۽ لگن سان اڄ ڏينهن تائين هندي تعليم ڏيئي رهيا آهن ۽ گڏوگڏ مذهبي تهوار ٻه ملهايا وڃن ٿا,انهن ۾ ٻه استاد ڪرشن جي اڳيرا رهن ٿا. استاد ڪرشن جي سوشل ڪمن ۾ ٻه اڳيرا رهن ٿا. ١٩٩١ع کان VCC نالي ٻه ڪوچنگ سينٽر ڏهرڪي ۾ هلي رهيو آهي جتي ميگهواڙ ۽ غريب شاگردن کي مفت تعليم ڏيئي رهيا آهن . ٢٠١٣-٠٦-٠٩ تي ضلعي گهوٽڪي جي ميگهواڙ استادن کي گڏ ڪري پنهنجي خاص صلاح ڪاري جو عهدو سنڀالي استادن ۾ ٻڌي ۽ اتحاد جو ثبوت ڏيئي وڏي جاکوڙ ڪئي. استاد ڪرشن جي جو ادب طرف ٻه لاڙو آهي جنهن تي هاڻ ٻه ڪم ڪري رهيا آهن. استاد ڪرشن جي سادگي پسند, غريبن جا همدرد شخص هئڻ سان گڏ مهمان نوازي جو ميگهواڙ برادري ۾ هڪ وڏو مثال آهن. اهي سُٺا گڻ سندس ورثي ۾ مليل آهن.

(استاد هري داس گنيير)

## استاد ڪرشن جي جو شجرو هي آهي.

گوئندا رام ← اجا رام ← هيرا رام ← **اٽندا رام:** اٽندا رام کي ٻه پٽ هئا ڪلا رام (هندوستان) ۽ پرڪيا رام (پاڪستان)

**پرڪيا رام** کي هڪ پٽ ڏيا رام هو، ڏيارم رام کي چار پٽ هئا: ڪاچو رام، ٻيجل رام، مهيسا رام ۽ هيما رام

**ڪاچو رام** کي ٻه پٽ لکما رام ۽ ميگها رام، لکما رام کي ٽي پٽ ٺهلو رام، سنتوڪا رام جا منو رام، هرڪارام، گلورام، چيلارام، رتن ڪمار ۽ پريتم لال پٽ آهن ۽ ڪلو رام کي اشوڪ ڪمار، اوم پرڪاش ۽ شام لال پٽ آهن

**ميگها رام** کي هڪ پٽ لوٽا رام ۽ لوٽا رام کي هڪ پٽ شمن رام.

**ٻيجل رام** کي هڪ پٽ اُتما رام: اُتما رام کي چار پٽ پپو رام، روشن رام، گيان چند ۽ ونود ڪمار

**مهيسا رام** کي هڪ پٽ مگنارام آهي. مگنا رام کي چار پٽ: شيو لال، پريو رام، جهامن رام، ۽ نيچل رام

**شيولال** کي ڇهه پٽ: استاد ڪرشن جي، صديقو جي، لال چند، درشن لال، بالم داس ۽ مهيندر ڪمار

**پريورام** کي ٽي پٽ: دليپ ڪمار، منوهر لال ۽ هري لال

**جهامن رام** کي چار پٽ: ڪندن لال، سوباش رام، امر لال ۽ ڪپيل ڪمار

**نيچل رام** کي ڇهه پٽ: مڪيش ڪمار، پورا رام، ڪيلاش ڪمار، سنيل ڪمار، واشديو ۽ انيل ڪمار

**هيما رام** کي ٽي پٽ: تنو رام، پنورورام ۽ پريمو رام، تنو رام کي ٻه پٽ: الهڏنو ۽ سخاوت. پڻونرو رام کي هڪ پٽ دوارڪا رام. پريما رام کي ڇهه پٽ اربيلو رام، بادل رام، راول داس، گرمک داس، سريش ڪمار، آڪاش ڪمار

## ڏهرڪي جي ميگهواڙن جي تاريخ ۾ پهريون S.H.O طوطا رام اٽڪيا ميگهواڙ

طوطا رام اٽڪيا – مختصر تعارف پيدائش: ١ جنوري ١٩٥٩، ڳوٺ وڏا بوزدار، ضلعو خيرپور تعليم: پرائمري تعليم ڳوٺ وڏا بوزدار مان حاصل ڪئي رهائش: ١٩٧٨ع ۾ ڪنڌڪوٽ، پوءِ سکر، آخرڪار ڏهرڪي ۾ آباد نوڪري ۽ خدمتون (پوليس کاتو): ١٩٨٨ (١٠ ڊسمبر): پوليس ڪنسٽيبل (P.C) طور شامل ٿيو ١٩٩٢: هيڊ ڪنسٽيبل (H.C) 1998: اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر (A.S.I) 2004: سب انسپيڪٽر (S.I.P) 2018: اسٽيشن هائوس آفيسر (S.H.O) (ريٽائرمينٽ: ١ جنوري ٢٠١٩، S.H.O جي پوسٽ تان خدمتون سرانجام ڏنيون: مختلف شهرن ۾ ديوٽي سماجي ڪردار: ڏهرڪي ۾ ميگهواڙ پنچائت جي پهرين چونڊن لاءِ چيف اليڪشن ڪمشنر طور اهم ڪردار ادا ڪيو مددگار: استاد ڪرشن جي سولنڪي ذاتي زندگي: اولاد: پٽ: نريش ڪمار (انتقال ٢٠٢٣ع)، سريش ڪمار، آڪاش ڪمار نياڻيون: چار نريش جي وفات: طوطا رام لاءِ گهرو صدمو ثابت ٿيو

## ڏهرڪي اوم پرڪاش پاتيا (ميگهواڙ)

نالو:- اوم پرڪاش پاتيا (ميگهواڙ) والد جو نالو:- جيوٽو جي پاتيا ڄمڻ جي تاريخ:- ١٠-٠٩-١٩٩١ ڄمڻ جو هنڌ:- داد روڊ ڏهرڪي تعلقہ ڏهرڪي ضلعو گهوٽڪي تعليم:- ماسٽر (ايجوڪيشن) ماسٽر (انگلش) عهدو: جونيئر اسڪول ٽيچر (JEST) ڪاتي ۾ مقرري: ٢٧-٠٣-٢٠١٥ گورنمنٽ (پي) هائي اسڪول ڏهرڪي.

## "ميگهواڙ برادري جو اڏيندڙ، عوامي خدمت جو امين - سيٺ تنورام عرشي"

**سيٺ تنورام عرشي** سال ١٩٣٥ع ڳوٺ ڪيهر خان ڏهر ۾ پيدا ٿيو. پرائمري تعليم ڳوٺ ڪيهر خان ڏهر مان حاصل ڪئي. ان دؤر ۾ تعليم عام نه هجڻ ڪري اڳتي تعليم جاري نه ڪري سگهيو. نوجواني کان هي ميگهواڙ برادري جي هر سماجي فلاحي سرگرمين ۾ دلچسپي رکندو هو ۽ هميشه برادريءَ جي ڪمن ۾ اڳتي اڳتي رهندو هو. **سيٺ تنورام عرشي زراعت ۽ جنس جو واپار** ڪندو هو. ان لاءِ سيٺ تنورام عرشي جي نالي کان مشهور هيو. ٻني ٻارو ۽ جديد زراعت سان تمام گهڻو لڳاءُ رهندو هو. سيٺ تنورام عرشي پنهنجي علائقي ۾ هڪ بهادر معتبر شخصيت طور سڃاتو ويندو هو. ٻهريون دفعو سال ١٩٨٣ع تي سياست ۾ ٻهريون پيرو **ضلعي ڪائونسل سکر مان اليڪشن وڙهيو** ۽ **ضلعي ڪائونسل سکر جي سيٽ کٽي**. ضلعي سکر جي سياست ۾ ميگهواڙ برادري جي فلاح بهبود جي ڪمن ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو. ان ٽائيم نلڪا، کوهه، سرن جو روڊ ۽ پائپ رول، اسڪول، بجلي جا ترقياتي منصوبن جي لاءِ ڪم ڪيا. ان دؤر ۾ آل پاڪستان جي ميگهواڙ برادري جي هڪ ميٽنگ ڪوٺائي وئي ان ۾ پوري پاڪستان جي ميگهواڙ برادري جي اڳواڻن نوجوانن شرڪت ڪئي ۽ اڪثريتي راءِ سان سيٺ تنورام عرشي کي **صدر ميگهواڙ برادري پاڪستان** چونڊيون ويو، جنرل سيڪريٽري وڪيل ارجن داس، خزانچي پوئرو رام ڪوريڪو ڏهرڪي به عهديدار چونڊيا ويا. سيٺ تنورام عرشي وري ضلعي ڪائونسل سکر جي اليڪشن سال ١٩٨٧ع ۾ حصو ورتو ۽ بنا مقابلي ضلعي ڪائونسل سکر جي سيٽ کٽي ڏيکاري. سردار غلام محمد خان مهر سان سياسي طور هميشه گڏ رهيا. ١٩٩٠ ۾ ميگهواڙ برادري ۽ سردار غلام محمد خان مهر جي حمايت سان صوبائي اليڪشن ۾ حصو ورتو پر سنو مقابلو ڪري ڏيکاريو پر اليڪشن کٽي نه سگهيو. سيٺ راجا تنورام عرشي هڪ بهترين سياست دان هو. سيٺ تنورام عرشي، ڊاڪٽر ڪتو مل جيوڻ صاحب، وڪيل ارجن داس پنو عاقل، سيٺ ڪيتا رام سنجرپور، سابقه ايم پي اي پنجاب سيٺ سرتا رام رحيم يار خان، سابقه ايم اين اي پنجاب سيٺ بخشا رام خانپور پنجاب انهن گڏجي ڏينهن رات هڪ ڪري ڊاڪٽر ڪتو مل جيوڻ صاحب کي نيشنل اسيمبلي جي سيٽ تي ڪامياب ڪري ڏيکاريو. سيٺ تنو رام عرشي ميگهواڙ برادري جي ٻڌي ۽ ايڪي تي يقين رکندو هو. پنهنجي ميگهواڙ برادري جي هر فرد سان پيار ڪندو هو. وقتن به وقتن ميگهواڙ برادري جا ڪٺ ميٽنگ ڪوٺائي مسئلن جي حل ۽ برادري ۾ تعليم عام ڪرڻ ۽ بهتري لاءِ جاکوڙيندا رهندا هئا. هميشه سڄي برادري جي چونڊيل مکي صاحبان جي اتفاق راءِ سان فيصلو ڪندا هئا. **سرڳواسي سيٺ تنورام عرشي ٢٠٠١/٠٩/٠٢ تي ديهانت ڪيائين**. سيٺ تنورام عرشي کي چار پٽ ۽ ٻين نياڻين جي اولاد هئي.

١/ **آتم رام عرشي** سال ١٩٧٣ع ۾ ميٽرڪ ڏهرڪي P هائي اسڪول مان پاس ڪيائين. سياست ۾ هميشه متحرڪ ڪردار ۾ رهيا. زميداري ۽ ٺيڪيداري جو ڪم ڪندا آهن

٢/ **مکي دوارڪا داس عرشي** ١٩٧٤ ۾ ميٽرڪ ڏهرڪي P هائي اسڪول مان پاس ڪيائين. مکي دوارڪا داس عرشي ضلعي گهوٽڪي جو مکي پڻ آهي ۽ ان سان گڏ ضلعي گهوٽڪي جي ميگهواڙ برادري جي سياسي، سماجي ۽ فلاحي سرگرمين ۾ سرگرم رهندا آهن.

٣/ **سرڳواسي پيارا رام عرشي** ٤/ **بالم رام عرشي** زميندراي ۽ تعلقي اوباوڙو جو ڪائونسلر پڻ آهن. سيٺ تنو رام عرشي تعليم ۽ ڪاروبار کي تمام گهڻي اهميت ڏيندا هئا. انجي پوٽن پڻ تعليم جي ميدان ۾ پاڻ ملهايو.

١/ اجمل رام عرشي HBL بينڪ ۾ آفيسر آهي. ٢/ ڊاڪٽر وسند ڪمار عرشي (ويٽرنري آفيسر)
٣/ مکي ڊاڪٽر دادن رام عرشي. ٤/ صدام چند عرشي ضلعي مانيٽرنگ آفيسر (سرسو اين جي او)
٥/ وڪيل هشمت لال عرشي. ٦/ سنجي ڪمار عرشي JEST ٽيچر. ٧/ شنڪر لال عرشي (ويٽرنري اسسٽنٽ)
٨/ نريش ڪمار عرشي (ويٽرنري اسسٽنٽ). ٩/ جگديش ڪمار عرشي (ويٽرنري اسسٽنٽ)
١٠/ ڌيرج ڪمار عرشي D Pharmacy LUMS ٽئين سال جو شاگرد آهي.

# ڊاڪٽر وسند ڪمار عرشي

## علم، خدمت ۽ جدوجهد سان جڙيل هڪ روشن نالو

ڊاڪٽر وسند ڪمار عرشي ١١/٠٢/١٩٨٢ ۾ تعلقي اوباوڙو جي هڪ پسمانده ۽ پوئتي پيل ننڍڙي ڳوٺ ڪيهر خان ڌهر ۾ پيدا ٿيو. جيڪو سنڌ ۽ پنجاب جي بارڊر تي موجوده آهي. پرائمري تعليم ۽ مڊل تعليم ڳوٺ جي گورنمينٽ اسڪول مان پاس ڪيائين. ننڍي هوندي کان ادب، شاعري ۽ ڪرڪيٽ راند سان چاهه رهي آهي. ڳوٺ ۾ هر شوشل ڪم اڳتي رهندو هو. اڳتي تعليم لاءِ گورنمينٽ پي هائي اسڪول ڌهرڪي مان ميٽرڪ پاس ڪيائين. ان کانپوءِ گورنمينٽ ڪاليج ميرپور ماٿيلو ۾ داخلا ورتي ۽ اتان ٻارنهون پاس ڪيائين. ان کانپوءِ سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽيءَ ٽنڊو ڄام ۾ ويٽرنري ڊاڪٽر جي فيڪلٽي ۾ داخلا ورتي . يونيورسٽيءَ جي تعليم دوران شاگردن جي سياست ۾ هر وقت اڳتي اڳتي رهندو هو. شاگرديءَ جي دؤر ۾ جيئي سنڌ قوم پرست پارٽي ۾ رهيو ۽ ان سان گڏ سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽيءَ ٽنڊو ڄام ۾ سنڌي هندو شاگرد يونين جو چيئرمين مقرر ٿيو. اتي جيڪي هندو دوست پڙهندا هئا انهن ۾ تعليم جي شعور وڌائڻ ۽ ڳوٺن مان زياده کان زياده شاگردن کي يونيورسٽيءَ ۾ داخلائون ڪرائڻ تي ڪم ڪيو. ٢٠٠٢ ۾ **ميگهواڙ اسٽوڊنٽس ويلفيئر ايسوسيئيشن سنڌ جو چيف آرگنائيزر مقرر ٿيو**. هن دوران هولي ۽ ڏياري ميگزين ڇپرايا ۽ ميگهواڙ برادري ۾ تعليم عام ڪرڻ لاءِ پروگرام ڪرايا. حيدرآباد ۾ رهندي هر شوشل ڪمن ۾ اڳيرو رهندو هو. ٢٠٠٧ ۾ پهرين نوڪريءَ **پنجاب رورل سپورٽ پروگرام اين جي او ز جانورن جي بهتر پرورش، کير ۽ گوشت جي پيداوار وڌائڻ جي پروگرام ۾ پنجاب** جي شهر گجرانوالا ۾ نوڪريءَ تي. محنت ۽ لگن سان ڪم ڪرڻ جي ڪري ترقي ٿي ضلعي آفيسر مقرر ٿيو. ان دوران پنجاب جي ايڪويهين ضلعن ۾ نوڪري ڪئي . انکانپوءِ سنڌ پنجاب جي مختلف جديد جانورن جي فارمن تي فارم مئنيجر طور ڪم ڪيائين. **ڊاڪٽر وسند ڪمار عرشي لائيو اسٽاڪ جي فيلڊ ۾ پاڪستان** ۾ پنهنجو هڪ نالو ڪمايو آهي. ڊاڪٽر وسند ڪمار عرشي لائيو اسٽاڪ جي جديد ترين ٽيڪنيڪ تي ڪم ڪيو آهي. ٢٠١٣ ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ۾ ورلڊ بينڪ جي پراجيڪٽ ۾ ضلعي گهوٽڪي جو انچارج طور ڪم ڪيو. سنڌ ۾ پهريون پيرو ڪراس نسل جا جانور غريب ماڻهن ۾ ١٨٠٠ ورهايا جن جا بهترين نتائج اچڻ تي UNO جي ٽيم SRSO اين جي اوز کي لائيو اسٽاڪ جا ٻيا ٻه پروجيڪٽس ڏنا. ٢٠١٥ کانپوءِ **لائيو اسٽاڪ کاتي سنڌ گورنمنٽ** کي جوائين ڪيائين. ڊاڪٽر وسند ڪمار عرشي گورنمينٽ کاتي سان گڏ برادري جي فلاحي سرگرمين ۾ حصو وٺندو رهي ٿو.

## ڊاڪٽر وسند ڪمار عرشي پريوار جو شجرو

# مکي ڊاڪٽر دادن رام عرشي

## ميگھواڙ برادري جو باوقار آواز
## ڍھرڪي پنچائيت جو روشن ستارو

**مکي ڊاڪٽر دادن رام عرشي** هڪ نوجوان سياسي، سماجي ۽ ميگھواڙ برادري جو چونڊيل مکي طور هند سنڌ ۾ مقبوليت ماڻي ڍھرڪي جي پنچائيت جو مان مٿاهون ڪيو. مکي ڊاڪٽر دادن رام عرشي ١٩٨٦ ۾ اوباوڙو جي هڪ پسمانده ننڍڙي ڳوٺ ڪيھر خان ڍھر ۾ پيدا ٿيو. پرائمري تعليم ڳوٺ مان پرائڻ ڪانپوءِ ٢٠٠١ ۾ آڪسفورڊ گرامر هاءِ اسڪول ڍھرڪي مان حاصل ڪئي. ٢٠٠٣ ۾ ٻارنهون پاس گورنمينٽ ڪاليج ميرپور ماٿيلو مان ڪيو. تعليم سان چاه رکڻ جي ڪري اعلي تعليم لاءِ ٢٠٠٤ ۾ سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽيءَ ٽنڊو ڄام ۾ فوڊ ٽيڪنالاجي جي شعبي ۾ داخلا ورتائين. ٢٠٠٨ ۾ بيچلرس پروگرام پورو ڪرڻ ڪانپوءِ اتان هي MPHIL ۾ فوڊ ٽيڪنالاجي ۾ ڪيائين. يونيورسٽيءَ جي دوران جئي سنڌ قوم پرست پارٽي سان وابستگي رهي. شاگردن جي سياست ۾ هميشه اڳتي اڳتي رهيو. تعليم مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ **اينگرو فوڊ ڪمپني ۾ ڪواليٽي مينيجر** طور ڊيوٽي ڪئي. هڪ سال ڪانپوءِ اينگرو فوڊ ڪمپني لميٽيڊ کي الوداع ڪري ٻين سالن جي ويٽرنري اسسٽنٽ جي ڪورس شيخوپوره مان ڪيان. مکي ڊاڪٽر دادن رام عرشي ڍھرڪي جي علائقي ۾ جانورن جي علاج ۽ معالج ۾ پنھنجو سٺو نالو ڪمايو. پنھنجي فيلڊ سان گڏجي ميگھواڙ برادري جي فلاحي سرگرمين ۾ هميشه اڳتي اڳتي رهيو آهي. ڍھرڪي شهر ۾ ميگھواڙ برادري جي آدمشماري هن وقت ٢٠٠٠٠ ڪان مٿي آهي. ان لاءِ سياسي طور ضلعي گھوٽڪي جي سياست ۾ هڪ اهم ڪردار رهيو آهي. ضلعي گھوٽڪي جي ميگھواڙ برادريءَ ۾ اڳواڻن جي تمام کوٽ رهي آهي ڇاڪاڻ ته هي ضلعو سرداري نظام ۾ تمام مضبوط آهي ان ڪري ميگھواڙ برادري سان گڏ باقي هندن جي برادرين کي به ڪا خاص اهميت ڪو نه ملي سگھي. **مکي ڊاڪٽر دادن رام عرشي پنچائيت، سياست ۽ سماجي طور هڪ بھترين سوچ رکندڙ نوجوان** اڳواڻ طور هند سنڌ پاڪستان ۾ مقبوليت ماڻي آهي. ميگھواڙ برادري جي تاريخ ۾ ان وقت هڪ تبديلي آئي **جڏهن ٢٢ ڊسمبر ٢٠٢٤ تي مکي ڊاڪٽر دادن رام عرشي ڍھرڪي جي ميگھواڙ پنچائيت جي اليڪشن کٽي** تاريخ رقم ڪئي ۽ ضلعي گھوٽڪي جي سمورا سياستدان اڳوٽو ايم اين اي ميان عبدالحق عرف ميان مٺو، اڳوٽو ايم پي اي پنجاب سيٺ ڪانجي رام، اڳوٽو ايم پي اي صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ سردار عبدالباري خان پتافي، ايم پي اي سردار نادر اڪمل خان لغاري، اڳوٽو چيئرمين ضلع ڪائونسل گھوٽڪي سردار حاجي خان مھر، ايم اين اي سردار خالد احمد خان لنڊ جو فرزند سردار نور احمد لنڊ، اڳوٽو ايم پي اي سردار شير يار خان شر، اڳوٽو ايم پي اي پنجاب يوڌسٽر چوهان ۽ ضلعي گھوٽڪي، ضلعي رحيميار خان ضلعي خيرپور ميرس جون پنچائيتن جي اڳواڻن عرشي هائوس مصطفي آباد ڍھرڪي جي مبارڪون ڏنيون. هزارين ماڻهن جون مبارڪون محبتون ڍھرڪي جي ميگھواڙ پنچائيت کي تمام گھڻو مان مرتبو ڏنو. پاڪستان جي ميگھواڙ برادري ۾ مکي ڊاڪٽر دادن رام عرشي کي تمام گھڻي اهميت شان ۽ محبتون انجي خدمتن جي ڪري مليون. هندو ميگھواڙ پنچائيت جي پڳ رسم تاريخي حيثيت ماڻي.

# مکي ڊاڪٽر دادن رام عرشي ميگھواڙ پنچائت جي چونڊ کٽڻ تي مبارڪباد جا حسين لمحا ڏهرڪي جي تاريخ ۾ قيد

## ڊاڪٽر وسند ڪمار عرشي جي زندگي جا سنهري لمحا

## پئونرو جي عرشي: ڏهرڪي جو باشعور مينگھواڙ، خودداريءَ جو علامتي ڪردار

پئونرو جي عرشي جمعو جي عرشي ڏهرڪي پراڻي بس اسٽاپ دان چوڪ تي اخبارن جي اسٽال وٽ سالن کان سواءِ ڪنهن لالچ جي، بغير ڪنهن شڪايت جي، بي نيازيءَ سان بوٽ پالش ڪري ٿو، ڦاٽل چپلن کي سيئي ٿو، ٽٽل جتين کي ٽانڪي ٿو پر سندس سوچ جي اُڏام اقتدار جي وڏن ايوانن تائين پهتل آهي. هي شخص آهي هي هڪ موچي نه، پر انقلابي شعور جو صاحب، پنهنجي برادري لاءِ آواز، ۽ حقيقي جدوجهد جو استعارو آهي.

پئونرو جي عرشي ميگھواڙ برادري سان تعلق رکي ٿو، جيڪو نه صرف پنهنجي لاءِ، پر سڄي ڪميونٽي جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو. پاڻ مينگھواڙن جي پئنچات جو مکي به رهي چڪو آهي، جتي سندس فيصلن ۾ دانائي ۽ جرئت شامل رهي. سندس عزم ايترو ته پڪو آهي جو هر بلدياتي چونڊ ۾ بنا ڪنهن ڊر جي سهاري، برادريءَ جي نالي تي بيٺو هوندو آهي اڪيلو، پر اعتماد سان پرپور. هو چوندو آهي: "جيڪڏهن اڪيلو به آهيان، ته به حق سچ جي ڳالهه ڪندس، چو ته خاموشي به ڪڏهن ڪڏهن ظلم جي ساٿي ٿي پوي ٿي." پئونرو جي عرشي ڪاميابي رڳو ان ۾ ناهي ته هن پنهنجي جُتيءَ واري ڏنڌي مان زندگي جو ساهه بچايو، پر ان ۾ به آهي ته هن پنهنجي پٽن کي تعليم ڏياري ۽ قابل بڻايو. سندس هڪ پٽ **ايڊوڪيٽ سريش ڪمار عرشي** هاڻ بار ڪائونسل جو ميمبر آهي، جنهن لاءِ پئونرو جي پاڻ پنهنجي هٿن سان ميڊيڪل اسٽور قائم ڪرڻ ۾ به مدد ڪئي. شهرت ۽ عزت جي باوجود، پئونرو جي اڄ به ساڳئي چوڪ تي پنهنجي ڌنڌي سان وفادار آهي. سندس پٽ ۽ گھر وارا چون ٿا: "بابا! هاڻ ڀڳوان ڪي مچ، هي ڪم ڇڏي ڏي!" پر سندس عاجز، پر غيرت ڀريو جواب هوندو آهي: "مان جيڪو آهيان، سو ئي آهيان! هن ڌنڌي سان ئي ته مان پنهنجو وجود سڃاتو آهي." پئونرو

جي صرف هڪ شخص نه، پر ڏهرڪي جي هڪ دور، هڪ مزاحمت، هڪ فڪر جو نالو آهي جيڪو پنهنجي هٿن جي محنت تي ناز ڪري ٿو، پنهنجي قوم لاءِ بي لوث جدوجهد ڪري ٿو، ۽ پنهنجي وجود مان واءُ ڪري ٿو ته "محنت، غيرت، ۽ پاڻ سڃاڻڻ ئي انسان جو اصل سرمايو آهي. پئونرو جي کي پنج پٽ آهن ايڊووڪيٽ سريش ڪمار عرشي، ديوانو جي عرشي، اشوڪ ڪمار عرشي، هري داس عرشي ۽ سنجي ڪمار عرشي.

## ايڊووڪيٽ سريش ڪمار عرشي جي زندگي جو مختصر احوال

ايڊووڪيٽ سريش ڪمار عرشي – هڪ باهمت ۽ خدمتگار شخصيتايڊووڪيٽ سريش ڪمار عرشي، پئونرو جو وڏو پٽ آهي، جنهن زندگي جي شروعاتي مرحلن ۾ ڏهرڪي جي مشهور نيشنل ميڊيڪل اسٽور تي نوڪري ڪئي. هن نوجوانيءَ کان ئي محنت، ايمانداري ۽ خدمت جي جذبي سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. وقت سان گڏ پنهنجي صلاحيتن ۽ تجربن جي بنياد تي سريش ڪمار پنهنجو ميڊيڪل اسٽور "ٽائمز ميڊيڪل اسٽور" قائم ڪيو، جيڪو اڄ ڏهرڪي ۾ سڃاتل نالو آهي. هن ميڊيڪل شعبي سان گڏ وڪالت جي تعليم به حاصل ڪئي، جيڪا هن جي محنت جو بيو وڏو مثال آهي. وڪالت مڪمل ڪرڻ بعد هو ڏهرڪي بار ڪائونسل جو ميمبر بڻيو ۽ پنهنجي قانوني خدمتون شروع ڪيون. سريش ڪمار نيشنل پريس ڪلب جو پڻ ميمبر آهي، جتان هن صحافتي، سماجي ۽ قانوني ميدانن ۾ پنهنجي سڃاڻپ جوڙو. سريش ڪمار کي ميڊيڪل شعبي جو گھڻو تجربو آهي، تنهنڪري ڪيترائي ماڻهو کيس عزت مان "ڊاڪٽر صاحب" سڏين ٿا. هو نه رڳو هڪ قابل وڪيل ۽ تجربوڪار ميڊيڪل اسٽور هلائيندڙ آهي، پر هڪ با اخلاق، نرم دل، يارن جو يار ۽ سماجي خدمتن لاءِ هميشه تيار رهندڙ شخص پڻ آهي. سريش ڪمار جي شخصيت نوجوانن لاءِ همت، محنت جو مثال آهي.


دوائن سان گڏ ملي اعتماد!
ٽائمز ميڊيڪل اسٽور
جامع مسجد چوڪ ڏهرڪي
تمام دوائن تي
10%
دسڪائونٽ
03429000666

## سچانند سولنڪي (داد لغاري)

**سچانند سولنڪي ـ مختصر تعارف** نالو: سچانند سولنڪيآبائي ڳوٺ: داد لغاري، تعلقي ڏهرڪي، ضلعو گهوٽڪيوالد: استاد چيتن داس سولنڪي (رٽائرڊ HST (دادو: سرگواسي ميهر لال سولنڪي (سابق ڪائونسلر، پڇنيڪ ۽ سماجي شخصيت)تعليمي سفر: پرائمري تعليم: گورنمينٽ پرائمري اسڪول، داد لغاريمئٽرڪ: مادرن پبلڪ اسڪول، ميرپور ماٿيليانٽر: مهراڻ مادل اسڪول ايند ڪاليج، پنوعاقل (٢٠٠٩)بي بي اي (BBA): IBAيونيورسٽي، سکر (سنڌ ٽيلنٽ هنٽ اسڪالرشپ تحت، ٢٠١٣)پروفيسر، اسپيڪر ۽ ڪارپوريٽ تجربو: آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس پاڪستان ۾ جونئير مينيجر سيلز طور ڪم IBAيونيورسٽي سکر ۾ پبلڪ اسپيڪنگ ۽ لٽريسي سوسائٽي جو صدر مختلف قومي ۽ بين الاقوامي پروگرامن ۾ ايوارڊ يافته: ـ IBABest Speaker ـ Speaker of the Dayبينظير ڀٽو ڊيبيٽ مقابلو Best Presentation Award ـ سيلز ڪانفرنس، مليشيا (٢٠١٦) NUST ـ International MUN Awardsاسلام آباد Best Student Nominee Award ـ سامي ادبي ڪانفرنس، پنوعاقلموجوده عهدو: سيڪريٽري تو وائيس چانسلر، IBAيونيورسٽي سکر (١٣ جنوري ٢٠١٦ کان)اڳوٽو ايڊيشنل چارج: ڪمپني سيڪريٽري، (STS) SIBA Testing Serviceشرڪت ڪيل اهم ٽريننگز ۽ سرٽيفڪيٽ: آل پاڪستان الائيٽ انسٽرڪشن ٽيلنٽ ڪنٽيسٽ ـ ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو (٢٠٠٨)انٽرنيشنل اڪنامڪ رفارمينٽ ـ IBAڪراچي (٢٠١٣)Total Quality Management ـ IBAسکرخاندان ۽ پائرن جي ڪاميابي: والد: استاد چيتن داس سولنڪيمقرر: ـ JST (1986)رٽائر: HST (2023)سماج ۽ تعليم لاءِ وقف، شاگردن جي رهنمائي ڪندڙپائر: جئه پرڪاش سولنڪي ـ ليڪچرار، گورنمينٽ ڪاليج، ڏهرڪي (MPhil ـ آغا خان، IBA ـ B.Ed)وڪرم لال سولنڪي ـ وڪيل، شهيد ڀٽو يونيورسٽي آف لامدن لال سولنڪي ـ مينيجمينٽ ٽريني آفيسر، فوجي فرٽيلائيزر (IBA ـ MBA)ديپڪ سولنڪي ـ MSاليڪٽرانڪس، NEDڪراچي (IBA ـ BE)پيشم سولنڪي ـ BE ڪمپيوٽر سائنس، IBAسکرسچانند سولنڪي نه صرف تعليمي، پيشورانه ۽ ڪارپوريٽ ميدان ۾ نمايان آهن، پر سندس خاندان، خاص طور سندس والد استاد چيتن داس، علم دوستي، ايمانداري، ۽ خدمت جا اپرندڙ مثال آهن. سندن زندگي هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جيڪا پٺتي پيل علائقن مان نڪرندڙ روشن اميدن جي نمائندگي ڪري ٿي.

## ڏھرڪي جي سياسي، پورهيت هاري مزاحمتي تحريڪ_هڪ تاريخي جائزو(شڪيل سومرو)

ڏھرڪي، سنڌ جي اُن خطي مان آھي، جتي سياسي مزاحمت، پورهيتن جي حقن جي جنگ، هارين جي تحريڪن، ۽ قومي آزاديءَ جي جدوجهد سان جڙيل ڪيترائي اهم ڪردار اُڀريا. هي علائقو جاگيرداراڻي ۽ سرمائيداراڻي ظلم خلاف بغاوتن جو مرڪز رهيو آھي. ھي تحريڪون صرف سياسي سطح تائين محدود نہ رهيون، پر پورهيتن، هارين، ۽ شاگردن جي حقن لاءِ بہ مهاڏو اٽڪايو ويو. 1960.70ع: **ڏھرڪي جي مزاحمتي سياست جي شروعات** ١٩٦٠ع کان ڏھرڪي، ميرپور ماٿيلو، ۽ اُباوڙو جي سياسي فضائن ۾ مزاحمتي ڪردار سامهون آيا. ڪامريڊ مانڌل شر، ڪامريڊ الله بچايو مرڻاس، ۽ سيد غلام شاھ

جهڙا نالا مزاحمت جي علامت بڻيا، جن اسٽيسڪو (رياستي ادارن) جي ظلم خلاف بغاوت جو علم بلند ڪيو. ١٩٧٠ع جي چونڊن ۾ ڪامريڊ الله بچايو مرڻاس ۽ **ڪامريڊ مانڌل شر قومي اسيمبلي جي ٽڪ تي پيپلزپارٽي جي اميدوار سردار نور محمد لنڊ جي مقابلي ۾ چونڊ وڙهڻ لاءِ فارم ڀرايا.** ان وقت هڪ عام پورهيت يا هاريءَ لاءِ جاگيردار جي خلاف چونڊ وڙهڻ جو تصور بہ نہ هو، پر هنن اهو جرئت ڀريو قدم کنيو. شاگرد سياست ۾ سيد غلام شاھ جو ڪردار

اهم هو، جيڪو سکر ڪاليج جي شاگرد يونين جو صدر رهيو. جڏهن ڪامريڊن چونڊ مهم هلائي، تہ سرڪاري اختيارين مٿن ڏمر جي پئي. SDM جي حڪم تي **ڪامريڊ مانڌل شر ۽ الله بچايو مرڻاس جو منهن ڪارو ڪري، ڪين گڏه تي چاڙهي**، سرڪاري سرگس ڪڍي وئي. انهن ڪردارن ڪيترائي ڀيرا جيل جون سختيون بہ برداشت ڪيون، مچ جيل تائين ٿار چر ڪئمپن ۾ تڪليفون پوڳيون، پر مزاحمت جو سلسلو جاري رکيو. ١٩٧٠-٨٠ع: مزاحمت جي نئين لهر ۽ ايم آر ڊي تحريڪ هي دور ڊي ايس ايف ۽ ڪاڇي ڙر سان وا حاجي حاصل پتو پائرن ڊاڪٽر ظفر پتو ,لياقت پتو ,ڪاڇي ڙر سان واڳيل شبير بيدار پتو عرف سڄڻ پتو ,ڊاڪٽر راجڪمار تلريجا ڪانسواء پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن جي مزاحمت سان جڙيل آھي. ايم آر ڊي (MRD) جي تحريڪ دوران انهن سياسي ڪارڪنن جيل جون سختيون

پوڳيون. (جنهن جو ذڪر ايم آر ڊي تحريڪ ۾ الڳ سان ڪيو ويندو) ع واري ڏهاڪي جي قومپرست ۽ پورهيتن جي تحريڪ: ٨٠ واري ڏهاڪي ۾ بہ جدوجهد اهو سلسلو جاري رهيو. قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۽ پورهيتن جي حقن لاءِ ڏھرڪي ۽ پرپاسي جي سياست ۾ جتي ڪامريڊ مانڌل شر ,ڪامريڊ الله بچايو مرڻاس ,سيد غلام شاھ جهڙا پراڻا ساٿي شامل رهيا اتي ڪيترائي **نوان نالا مزاحمتي ڪردارن**

جي صورت ۾ اڀري شامل ٿيا. انهن ۾ جام فتاح سميجو، مشتاق رهڙ، امين سومرو، شيونداس وڪيل، شڪيل سومرو، فقير محمد پتو، حسن علي عرف ڪاڪو خان شر،شاھ محمد چاچڙ، بختو شر، حاتن شر، مور شر، جام واحد سميجو بهرام شر، سچل پتو، نور حسن پتو، ميان شفيق، ميان نظر محمد، جام شير افگن سميجو شامل آهن، جن سياسي جدوجهد دوران جيل جون صعوبتون برداشت ڪيون، انهن ڪردارن ڪانسواء جن ڪردارن سياسي جدوجهد ۾ حصو ورتو انهن ۾ سيد لال شاھ ,پريل خان رهڙ ,ميان ذوالفقار ,شبير شر ,منور خان شر ,تنوير سومرو ,واجد سومرو ,شميم سومرو ,نجم پنگر ,

صاحبڏنو ڏهر ,سڪندر ڪانڃون ,مرحوم عمر سميجو ,جام عبدالواحد ,جام استاد غفار سميجو ,اڪبر سميجو ,سچل سميجو , ابراهيم سميجو ,حبيب الله اعوان ,منظور نائچ , مرحوم لياقت عرف پيو ڪوسو ,امتياز پتو ,مولوي خير محمد پتو ,مولوي عبدالله لغاري ,صادق لغاري ,مهتاب سومرو ,سعيدل شر ,پيو شر , ڪامريڊ مغل , ڪامريڊ ڊاڪٽر سولنگي وٽنري ڊاڪٽر ,واٽر مينيجمينٽ ۾ ڪامريڊ تنيو ,سيد گل حسن شاھ , ماڙي گئس جو يونين اڳواڻ جانوري ,ميراڻي ماڙي گئس وارو, مرحوم رياض سومرو پي ٽي سي ايل وارو, مفتون ڪورائي,شاهد ڪوسو ,شير محمد ڪوسو,امير بخش جلباڻي , بشير جلباڻي ,رشيد جلباڻي ,شوڪت ڪورائي ,واحد پتو, بخت ڏهر ,ڪامريڊ کوکر,سعيد اعوان ,چري سنڌي , سائينداد گولو ۽ ٻيا شامل آهن

**ڏهرڪي جي پورهيت مزاحمتي تحريڪ** , اينگرو ,پاڪسعودي ,ماڙي گئس خلاف مزاحمت : ١٩٨٠ع واري ڏهاڪي ۾ ڏهرڪي ۽ ڀرپاسي جي پورهيتن ۽ مقامي ماڻهن خلاف اينگرو، ماڙي گيس، ۽ پاڪ سعودي پاڻ فيڪٽري جي استحصالي پاليسين خلاف هڪ وڏي سياسي تحريڪ هلي. انهن فيڪٽرين مقامي ماڻهن کي نظرانداز ڪري پنجاب مان غير مقامي مزدورن کي ڀرتي ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن خلاف ڏهرڪي جي سياسي ۽ قومي اڳواڻن جي اڳواڻيءَ ۾ مزاحمتي تحريڪ جو آغاز ٿيو، اينگرو خلاف ساليانيءَ شٽ ڊائون ۽ غير مقامي ڀرتين خلاف مقامي تحريڪ سياسي مزاحمت جي تاريخ رقم ڪئي اينگرو مقامي ماڻهن بدران پنجاب مان غير مقامي ماڻهن کي نوڪريون ڏيڻ شروع ڪيون. ان ناانصافي خلاف ڏهرڪي جي پورهيتن سخت احتجاج ڪيو.

**تحريڪ جا اهم مرحلا:** پورهيتن اينگرو فيڪٽري جو گهيراءُ ڪيو ويو غير مقامي ملازمن خلاف سخت احتجاج ڪيا ويا، پنجاب مان غير مقامي مزدور کي ڪٽي ايندڙ خيبر ميل جو گهيرائو ڪري فيڪٽري انتظاميا کي ڳالهين لاءِ مجبور ڪيو ويو . فيڪٽري اندر ڪيمپن ۾ رهايل غير مقامي مزدورن کي نيڪالي ڏياري مقامي مزدورن کي روزگار ڏياريو ويو انهيءَ جدوجهد جو نتيجو اهو نڪتو، جو مقامي پورهيتن لاءِ فيڪٽري ۾ اجرت تي مزدوريءَ جا دروازا کليا، ۽ مقامي ماڻهن کي بہ روزگار ڏيڻ تي غور ڪيو ويو، ماڙي گئس ڪمپني خلاف ڌرڻا ۽ مظاهرا : ماڙي گيس ڪمپني کوهن جي اجرت مقامي ڪانٽيدارن کي نہ ڏيڻ , مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيڻ بجاءِ پنجاب مان مزدور ڀرتي ڪرڻ لڳي. ان



ناانصافي خلاف ڏهرڪي جي سياسي اڳواڻن، خاص طور تي ڪامريڊ مانڌل شر، ڄام فتاح سميجو، امين سومرو, مشتاق رهڙ، ڄام واحد ۽ ٻين اڳواڻن جي اڳواڻيءَ ۾ سخت احتجاج ڪيا ويا، پورهيتن جي حقن لاءِ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا، ڪارخانيدارن تي دٻاءُ وڌو ويو تہ مقامي ماڻهن کي روزگار ڏنو وڃي. انهي تحريڪ دوران مانڌل شر جي پٽ جمال ناصر شر کي نوڪري مان نيڪالي ڏئي پوليس هٿان گرفتار ڪرائي گم ڪيو ويو ,تحريڪ هلائيندڙ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو مسلسل مزاحمتي تحريڪ سبب ڪمپنين کي مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيڻ تي مجبور ڪيو ويو، جنهن سان ڪيترن ئي سنڌي مزدورن کي نوڪريون مليون.

**پاڪ سعودي ڀاڻ فيڪٽري خلاف مزاحمت** ڏهرڪي ۾ قائم ٿيل پاڪ سعودي ڀاڻ فيڪٽري پڻ

غير مقامي ماڻهن کي نوڪريون ڏئي رهي هئي. ان ناانصافي خلاف پورهيتن ۽ مقامي سياسي اڳواڻن احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ۽ فيڪٽري جو گهيراءُ ڪيو ويو، فيڪٽري جي غير مقامي ايم ڊي چوڌري صلاح الدين جو گهيرائو ڪيو ويو ، انتظاميا کي ڌرڻن ۽ احتجاجن ذريعي ڳالهين تي مجبور ڪيو ويو. پاڪسعودي ڀاڻ فيڪٽري جي نجڪاري خلاف ڊگهي احتجاجي تحريڪ کي جاري رکيو ويو ,هن تحريڪ فوران سي بي اي يونين جي صدر امين سومرو، بشير احمد جلباڻي ۽ ٻين ورڪرن کي گرفتار ڪيو ويو ,انهن خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا تحريڪ جا اهم نتيجا: ١. پورهيتن ۽ هارين جي حقن لاءِ بغاوت ڪئي وئي. ٢. ڪمپنين کي مقامي ماڻهن کي نوڪريون ڏيڻ تي مجبور ڪيو ويو. ٣. ڏهرڪي سنڌ جي سياسي، قومي، ۽ پورهيتن جي تحريڪ ۾ هڪ مرڪزي حيثيت ماڻي.

**ماڙي گيس ڪمپني خلاف مزاحمت دوران ڪامريڊ مانڌل شر، سندس نياڻين زرقا شر،** سعيدل شر، ٻيو شر هٿين خالي هارين سان گڏ مزاحمت ڪئي. جڏهن هٿيار بند جٿن پورهيتن تي حملو ڪيو تہ مزاحمتي هارين جانيا ڪٽي انهن کي ڊوڙائي ڀڄايو. ڪامريڊ مانڌل شر جي احتجاجي سياست ايتري تہ مضبوط هئي جو ظفر بازار ۾ ڀاڻ جي ڪوٽ خلاف اڪيلو احتجاج ڪندو هو. جڏهن بہ سندس بس ڪروهي ڪان نڪرندي هئي، تہ انتظاميا جا پگهر نڪري ويندا هئا.

**بادل شر واقعو:** ڏهرڪي جي ڳوٺ بادل شر ۾ پنجاب پوليس هٿان ٽن نوجوانن علي محمد شر، محمد سومر شر ۽ سومار شر جي شهادت تي ڏهرڪي ۾ احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي وئي، جيڪا لاڳيتو ٻن مهينن تائين جاري رهي. هن تحريڪ جي اڳواڻي سردار احمد يار خان شر، ڪامريڊ مانڌل شر، ڄام عبدالفتاح سميجو ڪئي هلندڙ تحريڪ دوران بک هڙتال، مظاهرن ڪانسواءِ ريلوي ٽريڪ ۽ روڊن کي بلاڪ ڪيو ويو. بادل شر واقعي خلاف لاڳيتو احتجاج ڪرڻ تي ڏهرڪي ٿاڻي تي سردار احمد يار شر، ڄام فتاح سميجو، ڪامريڊ مانڌل شر، زرقا شر، ڪاڪو خان شر، صحافي ڪامريڊ سرور شر حاتن شر، ڪاوش جي رپورٽر شڪيل سومرو، سڪندر ڀٽو ۽ ٻين خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا. ان ڪانسواءِ پنجاب جي ڪوٽ سبزل ٿاڻي تي به ڪيس داخل ٿيا، ڄام عبدالفتاح سميجو کي گرفتار ڪري پنجاب جيل موڪليو ويو ڏهرڪي جي مزاحمتي سياست جا هي نالا ۽ تحريڪون سنڌ جي سياسي تاريخ جو هڪ اهم حصو آهن. هي مزاحمت نه رڳو سياست تائين محدود رهي، پر پورهيتن، هارين ۽ شاگردن جي حقن لاءِ به وڌي وئي. جاگيرداراڻي نظام، سرمائيداري ۽ آمريتن خلاف انهن جدوجهد ڪندڙن جا نالا سنڌ جي تحريڪي تاريخ ۾ هميشه روشن رهندا.

## ايم آر ڊي تحريڪ (١٩٨١_١٩٨٦) ڏهرڪي ۽ اپاوڙو ۾ مزاحمت_گرفتاريون ۽ جيل ڀريو تحريڪ

ملڪ ۾ مارشلا خلاف جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ ١٩٨١ع ۾ موومينٽ فار دي ري اسٽوريشن آف ڊيموڪريسي (MRD) قائم ڪئي وئي، جنهن جو بنيادي مقصد جنرل ضياءُ الحق جي مارشل لا خلاف تحريڪ هلائڻ هو. ١٩٨٢ع ۾ نوابزاده نصرالله خان، بيگم نصرت ڀٽو، بينظير ڀٽو، رسول بخش پليجو ۽ ٻين اڳواڻن ايم آر ڊي جي تحريڪ کي مضبوط ڪيو. ان دوران سول نافرمانيءَ جو اعلان ڪيو ويو. ڏهرڪي ۽ اپاوڙو ۾ ايم آر ڊي تحريڪ ڏهرڪي ۾ ايم آر ڊي جي تحريڪ کي ڄام آفتاب خان ڌهر ۽ ڄام جاويد خان ڌهر اڳتي وڌايو. مرڪز جي حڪم تي ۴٠ ڄڻا ڏهرڪي لائبرري آڏو گڏ ٿيا، جن ۾ اهم شخصيتون شامل هيون: صدر محمد هاشم ڀٽو نظام الدين راڄڙ، صاحبڏنو ڀٽو، حاجي حاصل ڀٽو، الهجوايو ڀٽو، غلام رسول لوهار، عبدالواحد لوهار پوليس پهچي ٢۵ ڄڻن کي گرفتار ڪيو. بعد ۾ ١۵ ڄڻا وڌيڪ گرفتار ڪيا ويا، جن کي ١۵ ڏينهن لاءِ ڊسٽرڪٽ جيل موڪليو ويو.

١٩٨٣ع ايم آر ڊي تحريڪ ۾ تيزي ١٩٨٣ع ۾ ايم آر ڊي تحريڪ زور ورتو. ان دوران: جلسا، جلوس ۽ جيل ڀريو تحريڪ شروع ڪئي وئي، ڄام ساقي جي ڪميونسٽ پارٽي، هاري تحريڪ، جيئي سنڌ تحريڪ، ۽ سنڌ هاري ڪاميٽي پڻ تحريڪ ۾ شامل ٿيون، پوليس عوام تي پرتشدد ڪاروايون شروع ڪيون، جواب ۾ مشتعل ماڻهن ڏهرڪي الفلاح بينڪ تي حملو ڪيو، ۽ بينڪ کي باهه لڳائي وئي جنهن ۾ هڪ سڪيورٽي گارڊ سڙي فوت ٿي ويو، ايم آر ڊي تحريڪ دوران وڏي پيج داهه تي: لطف الله ڀٽو جي المهراڻ هوٽل کي ساڙيو ويو، سرڪاري بسون، گاڏيون، ڪارون، موٽر سائيڪلون ساڙيون ويون، مهرن جون ملڪيتون ۽ قومي بچت بينڪ به متاثر ٿيو، ڏهرڪي ۽ ريتي ريلوي اسٽيشن تي ٽوڙ ڦوڙ ڪئي وئي، ڪوپر اسٽيشن کي باهه ڏني وئي. ميرپور ماٿيلو ۾ نثار پمپ وٽ ٽرالرن کي ساڙيو ويو، فوج جي مداخلت ۽ گرفتاريون صورتحال کي قابو ڪرڻ لاءِ فوج پهتي. هڪ بم ڌماڪي جي الزام هيٺ نالياري صحافي شڪيل سومرو، نظام راڄڙي، خدا بخش لنڊ کي گرفتار ڪيو ويو، سوين ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا . ايم آر ڊي تحريڪ ۾ ڏهرڪي جي هڪ جيالي عبدالعزيز پروانو پروانو پنهنجو پاڻ کي باهه ڏيئي ساڙي ڇڏيو جنهن سان محترمه نصرت ڀٽو صاحبه پاڻ ملڻ آئي ۽ سندس لقب پروانو سان نوازيو ويو اهم گرفتار ٿيل اڳواڻ: ١. ڄام آفتاب خان ڌهر ٢. نظام الدين راڄڙي (ڇهه ڀيرا جيل ويو) ٣. غلام رسول مغل ۴. عبدالڪريم مغل ۵. اقبال دايو ٦. ڊاڪٽر ظفر ڀٽو ٧. اختيار ڀٽو ٨. شبير ڀٽو ٩. ڪامريڊ مانڌل شر ١٠. وڪيل ڏٽي بخش سومرو ١١. تلسي داس ١٢. ماسٽر شمس ڀٽو ١٣. محمد ذاڪر ڪانجو ١۴. سومرو عبدالواحد مغل ١۵. ڪامريڊ رحيم بخش شر ١٦. محمد خان گنب ١٧. ڪامريڊ الهچايو مرڪاس ١٨. وڪيل الطاف حسين چغتائي، ڪيس وڙهندڙ پيپلز لائير فورم جو وڪيل محمد الياس ڀٽو ايم آر ڊي ڪارڪنن جون مفت ضمانتون ڪرايون ۽ ڪيس وڙهيا.

# ڊاڪٽر ظفر علي خان ڀٽو جي مختصر زندگي۔ خانداني ۽ ذاتي پسمنظر

**خانداني پسمنظر: ديھ عالم آرائين جي ڀٽو ذات جو لڏپلاڻ آبادڪاري ۽ نسل:** ڊاڪٽر ظفر علي ڀٽو جو وڏو خاندان اصل ۾ راجستان (جيسلمير) جي مالوند ۽ ٻنيال علائقن سان تعلق رکندو هو. ١٩ هين صدي دوران ڏڪاري حالتن سبب خاندان لڏپلاڻ تي مجبور ٿيو. وڏيرو محمد عالم ڀٽو (اول) جي اڳواڻي ۾ ڀٽا ذات جو هڪ قافلو جيسلمير مان نڪري پھريان ملتان پھتو, اتي ڪجھ عرصو گذارڻ بعي اڳتي زرخيزي جي طرف اُباوڙو جي ويجھو مختلف جاين تي ڳوٺ ٻڌا. جن ۾ ڀهلي محمد پور لڳ، سوئي شريف ۽ پاٽ پر چوندي لڳ عالم ڀٽو نالي ڳوٺ آباد ڪيو. انگريزن ان ڳوٺ جو نالو ديھ عالم آرائين رکيو. ان دور ۾ زمين خريدڻ جي قانوني سھولتون نہ هيون، تنهن ڪري آبادڪاري لاءِ زمين تي قبضي بعد فصل پوکي روزگار جو سلسلو شروع ڪيو ويندو هو ۽ محمد عالم ڀٽو نہ ائين ئي ڪيو. راجستان ۾ بہ سندن معاشي سھارو مالداري هو، هو مال خريد ڪري پاليندا هئا.

**خاندان جي وڏن جا نالا ۽ نسل:** محمد عالم ڀٽو اول: اصل مهاجر، ڳوٺ جي بنياد وجهندڙ. سندس پٽ: وڏيرو رحيم بخش ڀٽو هو، رحيم بخش ڀٽو جا ٻہ پٽ: ١. اگڻ ڀٽو ٢. وڏيرو محمد عالم ڀٽو دوم وڏيرو محمد عالم ڀٽو دوم جا چار پٽ (ڀٽو ذات): ١. بهادر خان ڀٽو ٢. رحيم بخش ڀٽو ٣. سوڍو خان ڀٽو ٤. حاجي محمد حاصل ڀٽو (١٩٠١ع–١٩٨٨ع) سندن پنج ڌيئر پڻ هيون.

**حاجي محمد حاصل ڀٽو جو مختصر تعارف سال ١٩٠١ کان ١٩٨٨ع زندگي، خدمتون ۽ ورثو:** محمد حاصل ڀٽو انتهائي سادي طبعيت ۽ سادگي سان زندگي بسر ڪندڙ شخصيت جو مالڪ پر چوندي ۽ ڏهرڪي جي تاريخي ماڻهن مان هو هڪ هو جيڪو ضلع ڪائونسل سکر جو چونڊيل ميمبر بہ رهيو. ڏاڍي محنت سان ترقي ڪئي ۽ ٻارن جي تعليم خاطر ڏهرڪي پراڻي مغل پاڙي روڊ تي زمين وٺي گهر ٺاهي رهڻ لڳو ۽ سيھڙ واه تي ٢٥٠ ايڪڙ زمين چانديا موري ۾ خريد ڪئي. آباد ڪئي. ان سان گڏ دوراندیش هو ۽ ڏهرڪي شهر آبادي وڌندڙ علائقن ۾ ڪافي پراپرٽي خريد ڪئي، جتي بعد ۾ دڪانون ۽ ملڪيتون ٺاهيون. ١٩٨٢ع ۾ ڏهرڪي جو پهريون آر.سي.سي بہ منزلہ وڏي ۾ وڏو **شاپنگ سينٽر** تعمير ڪرايو، جنهن بعد شاپنگ سينٽرن جو رجحان وڌيو. ڀٽو شاپنگ جيڪو اڄ بہ "نمبر ون شاپنگ سينٽر" سڏبو آهي.

**محمد حاصل پتو جو خاندان ڪيس چار پٽ:** هڪ نياڻي ۱. ڊاڪٽر ظفر علي پتو ۲. ڊاڪٽر لياقت علي پتو ۳. مختيار احمد پتو ۴. مرحوم ڪامريڊ اختيار پتو جيڪو ڪميونسٽ پارٽي ۾ ڪامريڊ جام ساقي جو ويجهو ساٿي هيو. هڪ ڌيءُ پڻ هئي.

**خواب ۽ وصيت:** محمد حاصل پتو جا پٽ ظفر پتو ۽ لياقت پتو ميڊيڪل پڙهي رهيا هئا ته هن جي خواهش هئي ته سندس پٽ ميڊيڪل شعبي ۾ ترقي ڪري ڊاڪٽر ٿين جن لاءِ هن پنهنجي اولاد خاطر اڳواٽ ئي هڪ وڏو ميڊيڪل ڪمپليڪس جي تعمير ڪرڻ شروع ڪيو. جنهن جو نالو به پاڻ الحاصل ميڊيڪل ڪمپليڪس رکيو جنهن جو نوي سيڪڙو ڪم مڪمل ڪيو پر ساڻس زندگي ساٿ نه نڀايو ۽ سال ۱۹۸۸ع ۾ وفات ڪئي. بقايا ڪم، در دريون، رنگ روغن وغيره سندس پٽ ڊاڪٽر ظفر علي مڪمل ڪرايو.

**ڊاڪٽر ظفر علي پتو:** زندگي، تعليم ۽ سماجي سفر ڊاڪٽر ظفر پتو جو جنم: ۱۹۵۲ع ۾ محمد حاصل پتو جي گهر ڳوٺ عالم آرائين ۾ ٿيو. پرائمري تعليم گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول مڊل، ميٽرڪ ڏهرڪي مان ڪرڻ وقت شاگرد سياست جوائن ڪئي. ۴. سياست ۽ جدوجهد سياسي شعور ۽ وابستگيون: ۱۹۷۰ع ۾ ميٽرڪ دوران ئي سياسي شعور پيدا ٿيو. سپاف جي يونٽ جو صدر، ڏهرڪي. انٽر اسلاميه ڪاليج سکر مان ڪرڻ بعد ۱۹۷۰ع ۾ چانڊڪا ڪاليج ۾ داخلا ورتي جتي به شاگرد سياست ڪئي ۽ سپاف جو سينئر نائب صدر چونڊيو ويو. بعد ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي سان لاڳاپيل ٿيو. **شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاسي تي 1979ع ۾ غائبانه جنازي نماز ۾ شرڪت سبب گرفتار ٿيو. ايم. آر. ڊي تحريڪ (1983ع، 1986ع):** مارشل لا خلاف تحريڪن ۾ سرگرم رهيو. ۽ ٻنهي مرحلن ۾ جيل ويو. ۱۹۸۳ع ۾ ٽي مهينا ۱۹۸۶ع جي جيل پريو تحريڪ ۾ چار مهينا جيل ويو جنهن ۾ الهوراڻيو راڄڙي، گوردن داس نظام سميجو ۽ نظام راڄڙي به گڏ هئا. ۱۹۷۹ع ۾ ڏهرڪي ٿاڻي تي هڪ آرمي ميجر جي سخت تشدد جي شڪار ٿيو: ويهڻ جهڙو به نه رهيو. گڏ ۱۰ ساٿي هئا، ڪيس اباوڙو جڊيشل لاڪ اپ ڪري هڪ هفتي بعد ڇڏي ڏنو، سياست سان گڏ تعليم ۾ به دلچسپي رکي سکر ڪاليج بعد ايم. بي. بي. ايس: چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو، مان ۱۹۸۱ع ۾ پهرين بيج مان ڊاڪٽر جي ڊگري حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. **نوڪري ۽ خدمتون:** ۱۹۸۷ع: ڏهرڪي اسپتال ۾ ميڊيڪل آفيسر طور مقرر ٿيو. ۲۰۱۲ع: ملازمت مان رٽائر ٿيو. ۽ پنهنجي ڪلينڪ ڪي فل ٽائم ڏيڻ سان گڏ پنهنجي والد جي وفات سبب ڊاڪٽر ظفر پتو سندس جو پڳدار پٽ ۽ پتو برادري جو چڱو مڙس هو. دوران شاگرد سياست پيپلز پارٽي ڪي گهوٽڪي ۾ پتو ذات متحرڪ ڪرڻ خاطر لاڙڪاڻي جي مختيار پتو سان ويجهڙائپ ڪري ڏهيسر سنت ممتاز علي خان پتو ڪيس ضلعي گهوٽڪي ۾ پتو برادري ڪي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ لاءِ پتو اتحاد جو سربراه مقرر ٿيو، ان وقت ممتاز علي پتو ڪنفيڊريشن نظام جي ڳالهه ڪندي سنڌ نيشنل فرنٽ ڻاهي هئي، محترمه بينظير ڀٽو ۱۹۸۸ع ۾ پهريون ڀيرو اقتدار ۾ آئي ته ان ممتاز پتو جي سوچ ڪي مد نظر رکي ڏهرڪي ۾ پتو ويلفيئر ايسوسيئيشن ٺاهي جنهن ۾ مختيار پتو محترمه بي نظير ڀٽو ڪي اسان جي جدوجهد کان آگاهه ڪيو ۽ ڊاڪٽر لياقت پتو ڪي پتو ويلفيئر ايسوسيئيشن جو چونڊن ذريعي صدر ٿيو، ان وقت محترمه بي نظير ڀٽو ايسوسيئيشن معرفت پتو ذات جي ماڻهن ڪي نوڪريون ڏنيون عمرا ۽ حج ڪرايا. **ڊاڪٽر ظفر پتو جا سياسي ۽ ذاتي تعلقات:** مخدوم خليق زمان، غلام قادر پتو سيد پرويز شاه، ممتاز علي خان پتو، جام ساقي، شبير شر سميت ضلعي گهوٽڪي جي سردار علي گوهر خان مهر، سردار احمد علي پتافي سميت سيني سردارن وڏيرن پيرن سان بهترين لاڳاپا آهن. **ڊاڪٽر ظفر پندرهن سالن کان باقاعده "نيو بيئر فش پارٽي" جو اهتمام ڪندو آهي** جنهن ۾ سنگت ساٿ سميت برادري جي هڪ سو کان مٿي ماڻهن سان ڪچهري باه جي سيڪ ۽ ميل ملاقات جي هڪ وڏي گڏجاڻي منعقد ڪندو آهي ڊاڪٽر ظفر موجب تعلقي ڏهرڪي اباوڙو ميرپور ۾ ڏهه هزار کان مٿي پتو ڪميونٽي آهي ڪوشش ڪندو آهي ته جيستائين جيءُ ۽ جهان آهي انهن سان رابطو هلندو رهي.

**شاديون ۽ اولاد:** ڊاڪٽر ظفر پتو ٻه شاديون ڪيون آهن. جن مان ٻه پٽ ۱. اظهر علي پتو بينڪ الفلاح ۾ مينيجر آهي. ۲. اطهر علي پتو ڪراچي ۾ LAW ڪري رهيو آهي. ۽ پنج نياڻيون جنهن مان ڊاڪٽر سائره BDS ڪري پئي باقي خانداري ڪن ٿيون.

## سياسي رومانس واري دور جو هڪ ديومالائي ڪردار ڪامريڊ اختيار علي پتو

**ڪامريڊ اختيار علي پتو** اها لڳ ڀڳ ۳۵ ورهيه پهرين جي ڳالهه آهي جڏهن اسين ۱۹۸۷/۱۹۸۶ ڌاري مين پرائمري اسڪول ڏهرڪي ۾ پڙهندا هئاسين ته ڪلاس هلندي ڪجهه نوجوانن جو جٿو نعرا هڻندي اسڪول داخل ٿيندا هئا سين . ڏهرڪي شهر جي مشهوري ڪاروباري شخصيت ۽ وڏي زميندار حاجي محمد حاصل پتو جي پهرين گهرواري مان ٽيون نمبر جمندڙ پٽ اختيار علي پتو جنهن جي اسڪولي رڪارڊ مطابق سندس تاريخ پئدائش ۱۵ آڪٽوبر ۱۹۶۴ آهي هو پڙهائي ۾ ايڏو هوشيار ۽ ذهين هو جو پهرين ڪان ڪاليج تائين سدائين پهرين ،ٻئين پوزيشن ڪٺي امتحان ۾ پاس ٿيندو هو . سياست ۾ ڪيئن آيو !؟ واري سوال جو جواب ڪامريڊ اختيار اهو ڏيندو هو ته هو پنهنجي وڏي ڀاءُ ڊاڪٽر ظفر علي پتو کان متاثر ٿي سياست ۾ آيو. هونئن به سياست کيس ورثي ۾ ملي هئي سندس والد صاحب حاجي مُحمّد حاصل پتو سندس وڏو ڀاءُ ڊاڪٽر ظفر علي پتو ۽ ڊاڪٽر لياقت علي پتو سياست ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪري رهيا هئا

ڪامريڊ اختيار علي پتو سياست ۽ انقلاب سان رومانس واري دور جو ديومالائي ڪردار هو اجوڪي هن ڌن دولت جي پوڄاري ذهنن لاءِ اها ڳالهه وڏي حيرت واري آهي ته هيڏي ساري زميندراي ،اميري هوندي آسائشن واري خوشحال زندگي جا مزا ماڻڻ بدران ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي وانگر غريب ماڻهن ،هارين ،پورهيتن ۽ مظلوم عوام جي حقن لاءِ فوجي ڊڪٽيٽر ضياء جي سرڪار ۽ سرڪاري مشينري سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ هن ۾ اهو جذبو ڪيئن پيدا ٿيو منجهس ايڏي همت ۽ جرئت ڪيئن پيدا ٿي جنهن وقت ڪيترائي وڏيرا ۽ ڦني خان فوج ته فوج پر پوليس جو نالو ٻُڌي ڀرن لڪي ويندا هئا ۽ ....... وانگر پچ پويان لڪائي گهمندا هئا . ۱۹۸۳ع ڌاري جڏهن MRD تحريڪ زورن تي هئي شهر ۾ روزانو جلوس نڪرندا هئا سياسي ڪارڪنن ۽ پوليس جون چڪريون ۽ رضاڪارانه گرفتاريون روز جو معمول هونديون هيون ان وقت ڪامريڊ اختيار پتو پنهنجي پيءُ حاجي حاصل پتو ،ڀائرن ڊاڪٽر ظفر علي پتو، ڊاڪٽر لياقت علي پتو سميت گرفتاريون ڏيڻ ۾ اڳيرا هوندا هئا ڪامريڊ اختيار ۽ سندس ڀائرن کي ڏهرڪي ٿاڻي تي رکيو ويو ۽ ان بعد ضياء سرڪار جي نظرن ۾ اچڻ بعد کين سينٽرل جيل سکر قيد رکيو ويو جتي سندن ملاقاتن تي به پابندي هنئي وئي هئي سکر سينٽرل جيل ۾ ساڻن گڏ پ پ اڳواڻ مرحوم مير هزار خان بجاراڻي ،سيد خورشيد شاهه ،نامور صحافي ،ليکڪ مرحوم انور پيرزادو ۽ ٻيا ڪيترائي سياسي ڪارڪن ضياء سرڪار جي مخالفت ۽ مزاحمت سبب قيد هئا. ڪامريڊ غلام رسول سهتو ،عبداش پنهور ،امداد چانڊيو ،ناليوارو ليکڪ ،صحافي انور پيرزادو ،شبير بيدار پتو جيڪو DSf ۾ سڄڻ سنڌي جي نالي سان ڪم ڪندو هو، ڪامريڊ مانڌل شر، صحافي، ڪالم نگار حسن مجتبي دايو، صحافي ڊاڪٽر جبار خٽڪ ۽ ٻيا ڪامريڊ اختيار جو سر، ساز ۽ سنگيت سان ڏاڍو چاهه هو ۽ وڏو قدردان هو. مهيني ٻئين نه ٽئين سندس اوطاق تي سر ۽ ساز جي محفل ضرور متل هوندي هئي، ڪامريڊ اختيار پتو پچاڙڪن سالن ڪيونسٽ نظريي مان موٽ ڪري صوفيت ڏانهن سِٽ ڪيو زندگي جي پچاڙڪن سالن ۾ مٿس مجذوبي ڪيفت طاري ٿي وئي ،ڪامريڊ اختيار پتو سڄي ڄمار شادي نه ڪئي، ڪامريڊ اختيار علي پتو ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد سبب ۱۰ جنوري ۲۰۱۵ تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري مالڪ حقيقي سان وڃي مليو ،سندس آخري آرام گاهه اباڻو قبرستان پرچوندي شريف آهي

## جڳديش ڪمار جهامن داس (اسٽامپ وينڊر): هڪ سماجي ۽ خانداني شخصيت

جڳديش ڪمار جهامن داس هڪ ناليوارو اسٽامپ وينڊر آهي، هو انتهائي چالاڪ هجڻ سان گڏ سماجي ماڻهو آهي، کيس يارن جو يار سڏيو وڃي ٿو، جنهن کي جڏهن ۽ جتي به گهرايو وڃي، هو بنا دير جي پهچي ويندو آهي. سندس مددگار طبيعت ۽ هر دلعزيز رويو کيس ماڻهن ۾ مقبول بڻائي ڇڏيو آهي. جڳديش ڪمار پنهنجي والد سرڳواسي گرداس مل جي رستي تي هلندي اسٽامپ وينڊر طور پنهنجو نالو ڪمائي چڪو آهي. شاهي بازار ۾ سندس والد به نالي وارو اسٽامپ وينڊر هو. جڳديش ڪمار کي ڏهرڪي جي زمينن، کاتن، پلاٽن جي نمبرن ۽ روينيو بابت گهڻي ڄاڻ آهي، جنهن سبب ماڻهن کي قانوني يا زميني مسئلن ۾ پڻ رستو ڏيکاري سگهي ٿو. سندس پڙڏاڏي جو نالو گگو مل هو، جڏهن ته ڏاڏي لاهوڙي مل هو. والد گرداس مل، جيڪو پنهنجي دور جو ناليوارو واپاري ۽ اسٽامپ وينڊر رهيو آهي، کيس چار پٽ ٿيا: سريش ڪمار، اشوڪ ڪمار، جهامن داس، اندر ڪمار

# استاد حاتن خان شر

## ڏهرڪي جو مزاحتي ڪردار

**آدم خان عرف حاتن خان شر بن وارثڏنو خان شر** ٢ جنوري ١٩٦٧ ۾ ڳوٹ وارثڏنو خان شر ۾ پيدا ٿيو. سندس جي پيدا ٿيڻ کان ٿي مهينا پهرين سندن ڏاڏا سائين آدم خان شر رضا الاهي سان فوت ٿي ويا ته ان نسبت سان ڏاڏا جو نالو رکيو ويو. پرائمري مدل اٺين ڪلاس تائين تعليم ريتي شهر جي مين پرائمري اسڪول ۾ حاصل ڪئي بعد نائين درجي ۾ ڏهرڪي جي گورنمينٽ پي هاء اسڪول ڏهرڪي مان ١٩٨٢ ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي. فرسٽ ييئر گونمينٽ ڊگري ڪاليج سکر ۾ داخلا ورتي ١٩٨٤ ۾ انٽر پاس ڪئي بي اي - ايم اي به سکر ڊگري ڪاليج مان پاس ڪئي. ان دوران **ضياء جي مارشلا کان نفرت جي ڪري قومپرستي جو جنون هوندو هو 18 آگسٽ 1986 ۾ جشن لطيف ڏهرڪي** ۾ ٿيو جنهن ۾ جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين عبدالواحد آريسر ۽ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن جي صدر بشير خان قريشي ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي ان ئي **جلسي مان فوج گرفتار ڪيو** جنهن مون حاتن خان. سئوٽ بهرام خان، سئوٽ بخت علي شر کي گرفتار ڪري ڪوڙي ڪيس ۾ چالان ڪيو. جنهن ۾ هڪ مهينو گرفتار رهيا سين ۽ جيئي سنڌ جي ميمبر شپ به جيل ۾ ورتي سين ان کان پوء **13 _ سيپٽمبر _ 1987 ۾ جي ايس ٽي جي نوڪري ملي** ان دوران ماستري جون پروفيشنل ڊگريون بي ايڊ ۽ ايم ايڊ به ڪيون ۽ مسلسل جيئي سنڌ محاذ ضلع سکر جو سيڪريٽري رهيو، پوءِ جڏهن جسقم جو وجود پيو ته جسقم جو مسلسل ضلع صدر رهيو، ان کان پوءِ قومي تحريڪ جو حصو رهندو آيو. ان کان سواء استادن جي تنظيم کي منظم ڪري مظبوط ڪيو گسٽا جو به مسلسل حصو رهيو مختلف عهدن تي رهي استادن جي حقن لاء جدوجهد ڪئي. **لوڪل سياست ۾ به پنهجي سردارن سان مهاڏو اٽڪائي اليڪشن ۾ مقابلو ڪيو** ۽ ڪاميابيون به مليون. نوڪري

مقرر وقت کان پندرهن سال پهرين نوڪري ڇڏي جو ته هڪ پابندي ۽ ٻي سياست ۾ دلچسپي هجڻ ڪري ڇڏي جو پوتارن جي ۽ وانگارو آفيسر جي خوشامد نه ڪري پيو سگهان. **هن صحافت به ڪئي ۽ عوامي آواز اخبار ۾ رپورٽر جي حيثيت سان ڪم ڪيو ڏهرڪي پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري جي عهدي تي ڪم ڪيو** وري ٢٠٠٧ ۾ جڏهن سائين جلال محمود شاه صاحب سنڌ ۾ قومي جمهوري پارٽي جي ضرورت محسوس ڪندي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو بنياد وڌو ته **سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ۾ شموليت ڪئي جو ڪڏهن ڊويزنل صدر ته ڪڏهن سينٽرل ڪاميٽي جو ميمبر ۽ هينئر ضلع صدر آهي** هميشه سنڌ جي وحدت جو مسئلو هجي يا سنڌ جي وسيلن جي مالڪي جي جدوجهد هجي ايمانداري سان نڀايو آهي. **والد صاحب وارثڏنو خان شر جيڪو گهوڙن جو انتهائي شوقين هيو** ۽ مونکي تمام گهڻو پيار ڪندو هيو جنهن ٩-٨-٢٠٠٩ ۾ رضا الاهي سان وفات ڪئي جنهن جي وفات جو خال اڃا تائين پر جي ناهي سگهيو اسان ڏهه ڀائر آهيون جنهن مان هڪ عبدالجبار خان روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويو آهي باقي سڀ کان وڏو مون حاتن خان شر. ممتاز خان شر جنهن

بابا سائين هي گهوڙن جي شوق کي سنڀاليو اچي پيو ۽ سنڌ پنجاب جي گهوڙن جي ميلن جو آمين آهي. ٽيون نمبر حاجي عبدالستار خان. سانول خان شر مشهور ڪاروباري شخصيت. عبدالرزاق خان. آفتاب خان صوفي راڳي آهي. عبدالغفار خان به گهوڙن جو شوقين آهي. عبدالجبار خان. مهتاب خان ڪاروباري شخصيت. ننڍو ڀاء تنوير خان شر. عبدالجبار خان مرحوم جو وڏو فرزند

**حاتن خان کي چار پٽ آهن** وڏو رفيق حيدر خان. ٻيو نمبر انجنيئر ثناء الله خان. انجنيئر اسد الله شر. انجنيئر نصرالله شر

## ڏهرڪي تاريخ جي نظر ۾_سنڌو جي پاڻيءَ لاءِ عظيم تحريڪ جا ڪردار (اپريل ۲۰۲۵ع)

**ڏهرڪي ۾ ٻبرلو باءِ پاس سکر جي مزاحمتي تاريخ:** ۱۳ **اپريل** ۲۰۲۵ع ۲۸ **اپريل** ۲۰۲۵ع **تحريڪ جو پسمنظر:**

اپريل ۲۰۲۵ع ۾ وفاق پاران سنڌو درياهه مان ڇهن نون ڪئنالن جي ناجائز ڪينڊ جي سازش سامهون آئي، جنهن تي سنڌ جي عوام ۾ صدر پاڪستان پنجاب ۽ وفاق خلاف شديد بيچيني، غم ۽ غصي، جي شديد لهر ۽ قومپرستيءَ جو جذبو بيدار ٿيو. ان سازش خلاف ڏهرڪي، ٻبرلو باءِ پاس ۽ سکر تي هڪ پُرامن ۽ تاريخي ڌرڻي جي شروعات ٿي. جيڪا گانڌي ۽ سائين جي ايم سيد جي عدم تشدد

واري فلسفي جيان امن، شعور ۽ قومي يڪجهتيءَ جو بنياد بڻجي سامهون آئي. سنڌ جون سموريون قومپرست پارٽيون مذهبي جماعتون نواز ليگ ۽ پيپلزپارٽي کان سواءِ ملڪ جون سڀ وفاقي جماعتون. آبادگار تنظيمون سماجي تنظيمون ۽ شهري يا ڳوٺاڻيون سڀني تنظيمن جا اڳواڻ ۽ تنظيمون مرڪزي وڪيل اڳواڻ: ايڊوڪيٽ عامر وڙائچ. سائين زين شاهه (سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي) تحريڪ جا همراهي: خالد محمود سومرو (جمعيت علماءِ اسلام)، پير پاڳاري جا نمائندا، وڪيل برادري ڏهرڪي جي مقامي اڳواڻ: حاتن خان شر (ايس يو پي)، جام

عبدالفتاح سميجو، قومي عوامي تحريڪ جي تراب خان شر. پي ٽي آءِ جي ثناء الله شر. جسقم جي شعيب شر. امجد شر محبت سميجو، **ڏهرڪي ڌرڻي جي شروعات ٻن صحافين صحافي لالا قادر پتوءِ اعظم سهرياڻي**، ڪئي جن دادن چوڪ ۽ مگريو پمپ وٽ پنجاب ڏانهن گاڏين جي

آمد و رفت بلڪل روڪي جنهن جي سپورٽ ۾ ڏهرڪي جا مزاحمتي ڪردار ڌرڻي ۾ شامل ٿيندا ويا، **سکر ۾ خواتين اڳواڻ:** بهادر عورتن جو به نمايان ڪردار رهيو، جن تحريڪ کي نئون روح ڏنو سرائڪي بيلٽ جي اڳواڻن ۾: راشد عزيز ڀٽا ۽ ساٿي شامل هئا. ڌرڻي ۾ ڪنهن به قسم جي بدامني ڪان پاڪ، مڪمل شعوري ۽ منظم احتجاج انساني همدردي: مسافرن لاءِ خاص رستا کليل رهيا. ڪاڻو، پاڻي، طبي امداد: مقامي عوام جو جذبو: ڳوٺن مان جٿن جي شڪل ۾ شريڪ ٿيندڙ عوام، برياني، پاڻي، اناج جي فراهمي روڊ بلاڪ: پنجاب ڏانهن يوريا پاڻ، فروٽ، سيمنٽ، خوراڪ جي رسد بلڪل بند ڪري ڇڏي. ڏنبا بردار رضاڪار: خاص تربيت يافته نوجوان جن نظم، امن قائم ڪيو ۽ سيڪيورٽي سنڀالي ورتي.

ڏهرڪي **ڌرڻي جي ڪاميابي:** ۲۷ **اپريل جي رات پوليس جي آيل دستي ڌرڻو ختم ڪرائڻ ۾ ناڪام ويا،** جاڪاڻ ته ڪارڪن روڊن تي سمهي، عدم تشدد جو مظاهرو ڪيو. ۲۸ اپريل تي وفاقي ۽ صوبائي حڪومت پاران ڪئنال منصوبي تان هٿ ڪڻڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ٿيو. **تاريخي اهميت:** هي ڌرڻو مستقبل جي نسلن لاءِ سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد جو روشن مثال آهي. ڏهرڪي جي هن تحريڪ نه رڳو سنڌو درياهه لاءِ آواز اٿاريو، پر سنڌ جي مزاحمتي تاريخ ۾ نئون باب رقم ڪيو. اپريل ۲۰۲۵ع جي ڏهرڪي ڌرڻو رڳو هڪ احتجاج نه، پر سنڌ جي شعور، امن، قومي يڪجهتي ۽ حقن لاءِ بي مثال جدوجهد جو شاهڪار هو. ان ۾ صحافي، وڪيل، سياسي ڪارڪن، شهرين ايتري ته همدردي ڪئي جو ڪهن به قسم جي ڪمي محسوس نه ٿي جنهن ۾ برف وارو برف پهچائي پيو پاڻي جون اٽڪت ڪارٽون اچن پيا بوتلون شربت برياني جو ديگيون پيڪٽ گرمي کي نظر ۾ رکي هنداتا به اچن پيا جنهن ۾ خاص ڪردار راجا خان مهر. سيٺ مکي راج ڪمار. سيٺ ناگيش. اناج منڊي جي واپاري تنظيم جي پيرل راجڙي. سيٺ ڪنٽو. سيٺ سنيل ڪمار. دڪاندار غلام رسول لاڙڪ. رجب خان لنڊ. رضا محمد مهر. شاهد علي مهر. حر جماعت پرپور تعاون ڪيو. سڪندر خان شر عطامحمد شر. لالا زمان شر پنهجي ڪوڪاڪولا ايجنسي حوالي ڪري ڇڏي. پٽي صاحب ٽينٽ. زائق هوٽل وارن سبيل لڳائي علائقي ۽ شهر واسين پرپور پاڻ مرادو سنڌو درياءَ جي جزبي سان پاڻ ملهايو. سائين زين شاهه به ڏهرڪي ڌرڻي ۾ شامل ٿيو.

اينگرو پاران ٺيڪيدارن هٿان لکين رپيا آفر پڻ ڪئي ويئي ته ڏهرڪي ڌرڻو پٽي ڪمون شهيد لڳايو جيئن مريد شاخ چوڪ ماڙي رستي کاڌ يوريا نيڪال ڪئي وڃي پر اهي ناڪام ٿيا. سڀ مزاحمتي هڪ آواز تي بيٺا ۽ تاريخ جو نئون ورق لکيو. **سيڪيورٽي ۽ انتظام:** چار طرفن لنڪ روڊ بند: ڏکڻ طرف: ڏهرڪي کان رستي، ٻيرلو ، اتر طرف: ميرپور ماٿيلو اوڀر طرف: پنجاب کان اينڊز شاهراهيون اولهه طرف: ڳوٺن جا رستا ڏنڊا بردار فورس جا اصول: غير مسلح، شعور سان پرپور، رڳو دفاعي حيثيت سان ڪم ڪندڙن شفٽون مقرر ڪيون، سينيئرز جي نگراني، ۽ شفافي حڪمت عملي سان تحريڪ ڪامياب ڪئي وئي ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ ڏهرڪي جي ڌرتي ڏٺين سموري دنيا ۾ امن جو پيغام ڏنو نه ڪنهن گاڏي جو شيشو ڀڳو نه ڪنهن کي مارڪٽ تي ۽ هزارن جي تعداد ۾ قيمتي سامان سان لوڊ ٽيل وڏيون هيوي گاڏيون روڊ تي بيٺل هيون پر ڪنهن جو مالي نقصان نه ٿيو ڏهرڪي ڌرتي رات ڏينهن پرامن رکڻ رات ڏينهن جي محنت ايس يو پي جي سمورن ڪارڪنن قومي عوامي تحريڪ ، پي ٽي آء ۽ جسقم ڪارڪنن صحافين پرامن رکڻ ۾ محنت ڪئي.

## شڪيل سومرو ڏهرڪيءَ جو بيباڪ ناليوارو صحافي

شڪيل سومرو، سنڌ جي صحافتي دنيا جو هڪ سچو ۽ بيباڪ نالو، ١٩٩٥ع کان صحافت جو آغاز ڪيو. هو محمد ابراهيم سومرو جي گهر ١٩٦٧ع ۾ ڏهرڪي ۾ پيدا ٿيو . تعليم جي شروعات ڪراچي جي کارادر واري علائقي مان ڪئي، جتان بعد ۾ خاندان سميت ڏهرڪي منتقل ٿيو ۽ پرائمري ٽن درجن تائين تعليم ڏهرڪي جي مين گورنمينٽ پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي. چوٿين درجي کان ميٽرڪ تائين تعليم ESSO ايمپلائيز هاءِ اسڪول مان حاصل ڪيائين، جيڪو بعد ۾ EXXON ۽ پوءِ ENGRO اسڪول سڏجڻ لڳو. ان کان پوءِ بي ايس سي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج گهوٽڪي مان ۽ ماسٽر جي ڊگري شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان حاصل ڪئي. ٽي ٽي سي ملتان مان هڪ سال جو ٽيڪنيڪل ڪورس ڪيو . پاڪ سعودي فرٽيلائزر اسڪول ۾ استاد , پاڪسعودي فرٽيلائيزر ڪمپني ۾ ليبارٽري اينالسٽ ,ڪاٽن ايڪسپورٽ ڪارپوريشن ۾ جونئير ڪلاسر ,نصرت هوٽل سکر ۾ مينيجر طور ملازمت ڪئي . ٢٠٠٣ ۾ ڪراچي منتقل ٿيو جتي (KTN) نيوز ۾ رپورٽر / بيوروچيف ۽ اينڪر پرسن طور صحافتي ذميواريون نڀايون. ڪاوش ڪراچي بيورو آفيس ۾ پڻ رپورٽر طور صحافتي ذميواريون نڀائيندو رهيو . هن جي صحافتي ۽ سياسي سفر جي شروعات جو هڪ وڏو ڪارڻ ڪتابن سان دلچسپي هئي . هن قومپرست ,ترقي پسند سياست ۾ ڀرپور ورتو ۽ سياسي ڪيسن ۾ جيل ياترا به ڪئي . ١٩٩٥ع ۾ روزاني ”سنڌ اخبار“ سان سندس باقاعدي صحافتي سفر شروع ٿيو، جتي کيس ڏهرڪي جو رپورٽر ۽ بعد ۾ ڊسٽرڪٽ رپورٽر مقرر ڪيو ويو. ان وقت ڏهرڪي نئون ضلعو هو، جتي بدامني، اغوا براءِ ڀنگ، قبيلائي تڪرار عام هئا. پر شڪيل سومرو پنهنجي بيباڪ فِيلڊ رپورٽنگ ذريعي سچائي کي اجاگر ڪيو. هن پريس رليز تي ٻڌل صحافت جي مخالفت ڪندي، صحافت کي ميدان واري سچائي سان جوڙي نئين رجحان کي جنم ڏنو. ١٩٩٧ع ۾ روزاني ”ڪاوش“ رپورٽر طور جوائن ڪيائين جتان سندس صحافتي سفر جو نئون ۽ اهم باب شروع ٿيو. ڏهرڪي جي واپاري ريلو مل جي قتل ڪيس کان وٺي حنيفا ڪوسو ڪيس، پري اوڏ زنا ڪيس ، بادل شر واقعو ,سنڌ جون ديهون پنجاب ۾ شامل ,پنجاب مان اينڊز زهريلي پاڻي ,گهوٽڪي جي صنعتي ادارن ۾ مقامي ماڻهن سان زيادتيون ,ماحولياتي گدلاڻ , وڏيرن جي ظلمن بابت رپورٽنگ ڪئي ,سندس ڪم هميشه انساني حقن، ماحولياتي انصاف، پوليس جي زيادتين، مزدورن جي استحصال ۽ بدانتظامي خلاف رهيو. صحافتي ذميواريون نڀائڻ دوران هن تي ڪوڙا ڪيس به داخل ٿيا .هن ڪالاباغ ڊيم خلاف ڪمون شهيد تي لڳل ڌرڻو , ١٢ مئي ڪراچي، ١٨ آڪٽوبر ڪارساز سانحي، نواب اڪبر بگٽي جي شهادت، بلوچستان ۾ زلزلي ۽ طوفاني برسات , سنڌ ۾ آيل مها ٻوڏ ڪانسواءِ بحريا ٽائون خلاف احتجاج، جيئي سنڌ جي آزادي مارچ، ٻٽو بلدياتي نظام، ٻيڻ خلاف تحريڪن، مفتي شامزئي جي قتل، بلديه سانحي، شهيد بينظير ڀٽو جي وطن واپسي ۽ لينڊ مافيا سان لاڳاپيل دهشتگردي تي به رپورٽنگ ڪئي. هن بحريا ٽائون جي حمايت ۾ اشتهار هلائڻ خلاف احتجاجي طور ڪي ٽي اين نيوز ڪراچي جي بيوروچيف جي عهدي ۽ ملازمت تان استيعفا ڏني . ڪئنال مخالف تحريڪ دوران هن تڪراري چولستان ڪئنال واري هنڌ پهچي ڪئنال جي اڏاوتي ڪم بابت حقيقتون عوام آڏو پڌريون ڪيون . سنڌ ٽي وي نيوز اهو پهريون سنڌي چينل هو جنهن چولستان تڪراري ڪئنال تي هلندڙ اڏاوتي ڪم ڏيکاري پنهنجون صحافتي ذميواريون نڀايون شڪيل سومرو ٢٠٢١ ۾ سنڌ ٽي وي نيوز کي جوائن ڪيو ,هو بيوروچيف ڪراچي ,ڊائريڪٽر ڪرنٽ افئيرز ,ڊائريڪٽر نيوز جي عهدن تي رهيو . سنڌ ٽي وي نيوز تي ڪرنٽ افئيرز ڪانسواءِ تاريخ تي پروگرام ڪندو آهي ۽ هن وقت ڊائريڪٽر ڪرنٽ افئيرز جو ذميوايون سنڀالي رهيو آهي

## اسد پتافي: هڪ بيباڪ صحافيءَ جي تاريخي پروفائل

اسد الله عرف اسد پتافي سنڌ جي معاصر صحافت جو هڪ اڻ وسارڻ جوڳي نالو آهي، جيڪو نه رڳو صحافتي ميدان ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي، پر پنهنجي بهادري، قلم جي صداقت ۽ عوامي حقن جي پاسداريءَ جي ڪري سنڌ جي صحافتي تاريخ ۾ هڪ اهم جڳهه رکي ٿو. اسد پتافي، ١ نومبر ١٩٧١ع تي سنڌ جي ضلعي گهوٽڪي جي علمي ۽ روحاني فضيلت رکندڙ ڳوٺ مولوي ياءُالدين پتافي ۾ جنم ورتو. سندس والد محترم، مولانا عبدالرحيم پتافي، علمِ دين، اخلاص ۽ علم دوستيءَ جي علامت هئا. اسد پتافي جو نسبي تعلق سنڌ جي ناليواري فارسي زبان جي شاعر، فاضل ۽ عارفِ وقت مولانا ياءُالدين پائي سان جُڙيل آهي، جنهن جو هو پڙ پوٽو ٿئي. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪري، قرآن شريف، فارسي ۽ عربي جي بنيادي تعليم والد بزرگوار کان ورتائين. بعد ازان، مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول اباوڙو مان، انٽر ۽ بي.اي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميرپور ماٿيلو مان مڪمل ڪيائين. اعليٰ تعليم لاءِ هو ڪراچي منتقل ٿيو، جتي هن فيڊرل اردو يونيورسٽي مان ماسٽرز ان ماس ڪميونيڪيشن جي ڊگري حاصل ڪئي. دينيات ۾ پڻ سندس دلچسپي موجود رهي، جنهن جي نتيجي ۾ هو مدرسه جامع راشديه، پير جو ڳوٺ مان درسِ نظامي مڪمل ڪري سند الفراغ حاصل ڪئي. سياسي شعور ۽ نظرياتي پسمنظر شاگردي جي دور ۾ ئي اسد پتافي قومي سياست جي دارائن ڪان متاثر ٿي سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن (سپاف) ۾ شموليت اختيار ڪئي. سندس سياسي فهم ۽ تنظيم سازيءَ جي صلاحيتن سبب هو جلد اڳيرو ٿيو، ۽ شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي قيادت هيٺ پيپلز پارڙا سنگت جو مرڪزي چيف آرگنائيزر مقرر ٿيو. پر، مير مرتضيٰ ڀٽو جي شهادت کان پوءِ اسد پتافي سياست کان پاڻ پاسي رکي، قلم کي پنهنجو هٿيار بڻايو. صحافتي سفر **صحافت جي ميدان ۾ سندس داخلا ١٩٩٨ع ۾ روزاني ڪوشش، ڏهرڪي** مان رپورٽر طور ٿي. بعد ۾ سندس صلاحيتن کي ڏسندي روزاني ڪاوش ميرپور ماٿيلو ۽ پوءِ ڪراچي ۾ ڪيس بيورو رپورٽر طور مقرر ڪيو ويو. هو مختلف مرحلن تي سنڌي نيوز، سنڌ ايڪسپريس، ايڪسپريس ٽربيون جهڙين قومي سطح جي ادارن سان لاڳاپيل رهيو. هن گهوٽڪي مان **روزاني بيسٽ نالي سان پنهنجي سنڌي اخبار به جاري ڪئي** جيڪا نئين لکڻين جي نرسري ثابت ٿي. **شهيد نصرالله گڏاڻي ۽ صحافتي بيباڪياسد پتافي جي صحافتي زندگي جو هڪ نمايان باب شهيد نصرالله گڏاڻي جي سانحي تي سندس بهادرانه اسٽينڊ آهي.** جتي ڪيترائي قلم خاموش هئا، اتي اسد پتافي نه فقط ميرپور ماٿيلو کان نئون ديرو ۽ ڪراچي تائين ٿيندڙ احتجاجن جي بي باڪ رپورٽنگ ڪئي، بلڪ شهيد جي وارثن، خاص ڪري امان پناڻي ۽ يتيم ٻچن جي سار سنڀار بابت به همدردانه ۽ ذميوار رُخ سان آواز بلند ڪيو. سندس تحريرن وسيلي اها جدوجهد سنڌ جي ضمير جو حصو بڻجي وئي. تنظيمي خدمتوناسد پتافي صحافتي برادري جي تنظيمي واداري لاءِ به جاکوڙ ڪئي. هن گهوٽڪي يونين آف جرنلسٽس جو بنياد وڌو، جتي هو ٽي ڀيرا صدر طور منتخب ٿيو. في الحال هو روزاني ڪوشش ۾ اسپيشل رپورٽر، روزاني بيسٽ ۾ ايڊيٽر، ميرپور ماٿيلو پريس ڪلب جو صدر ۽ PFUJ سان لاڳاپيل صحافتي يونين جو سرگرم اڳواڻ آهي. شخصيت جو تاثر اسد پتافي جو شمار انهن بيباڪ صحافين ۾ ٿئي ٿو، جيڪي هر قسم جي دٻاءُ، خطري ۽ سياسي مفادن کان مٿانهون ٿي، رڳو سچ جي تلاش ۽ عوامي آواز جي نمائندگي کي پنهنجو مشن سمجهن ٿا. سندس قلم صرف خدمتن جو شاهڪار نه، پر ضمير جي بيداري جو استعارو آهي.

### سنڌ جي تاريخي راند ملهه ملاڪڙو:

ملهه روايتي پهلواني راند: موهن جي دڙي جي پنج هزار سالن جي تاريخ ۾ ملهه، ملاڪڙو سنڌ جي قديم جسماني راند آهي، جنهن جو ذڪر انڊس ويلي تمدن ۾ ملن ٿا. اهو خاص موقعن تي، عرسن، ميلن ۽ عيدين ۾ منظم ٿيندو رهيو آهي، جتي مالهو پهلوان ڪٽ سختي، طاقت ۽ قبائلي شان ڏيکاريندا آهن ٢٧ آگسٽ ٢٠١٨ع – ڳوٺ باگي ويجهو آرگنائيزر: حاجي عبدالحميد پيو (ريتي/اباوڙو ليڊي). چيف گيسٽ: عديل الطاف حسين. شرڪت ڪندڙ پهلوان: ماجد اعواڻ، غلام سرور بيهڻ، نياز بروهي الهڏتو اعواڻ محمود ڪوش. قابل ڪوش. فيض محمد پناڻ تارو ڪوش ڏهرڪي ۽ اوباڙوي سان واسطو رکندڙ هين تقريباً ٢٠ پهلوانن شرڪت ڪئي. انعام: پهرين پوزيشن لاءِ ٥٠٠٠ روپيا، ٻي لاءِ ٣٠٠٠، ٽين لاءِ ٢٠٠٠ حاصل ڪيا

## تعلقي ڏهرڪي ۾ رهندڙ گبول برادري (مختصر جائزو)

گبول بلوچن جو اوائلي ۽ اهم قبيلو آهي، جنهن تي سنڌي، اردو، عربي سميت مختلف ٻولين ۾ ڪتاب موجود آهن. هي قبيلو پاڪستان جي چئن ئي صوبن کان علاوه ايران، عراق، افغانستان، ترڪي، شام، اردن، فلسطين ۽ فلپائن ۾ پڻ آباد آهي. تحريڪ پاڪستان دوران نواب سردار الله بخش خان گبول نمايان اڳواڻ هو، جيڪو سنڌ اسيمبلي جو پهريون ڊپٽي اسپيڪر ۽ تي ڀيرا ڪراچي جو ميئر رهيو. سنڌس خاندان مان بئريسٽر عبدالستار گبول، محمد علي گبول، نبيل احمد گبول، ناديه گبول، نادر نبيل گبول ۽ ڪريم بخش گبول قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جا ميمبر رهيا آهن. ضلع گهوٽڪي ۾ پڻ گبول برادري سرگرم رهي آهي، جتي سردار الاهي بخش گبول، رحمت خان گبول، سردار تاج محمد، سردار محمد عالم، عبدالحميد گبول ۽ ٻيا مقامي چونڊن ۾ نمايان رهيا. ميرپور ماٿيلو، خانڳڙه، گهوٽڪي، ڏهرڪي، اُباوڙو تعلقن ۾ گبول برادري وڏي انگ ۾ آباد آهي. ڏهرڪي ۾ نٿو گبول، پڙي گبول، سلطان خان گبول اهم ڳوٺ آهن. جاني خان گبول ڳوٺ تعليمي، ادبي ۽ سماجي لحاظ کان اهم حيثيت رکي ٿو. هتي تعليمي ادارا، شاعر (جهڙوڪ شاهن پياسي گبول، شوڪت شهيد، ايوب گبول) ۽ هم آهنگي موجود آهي.

**ڏڱاٽو گبول هڪ ادبي ۽ تاريخي شخصيت** ڏڱاٽو گبول جا وڏڙا ڪلهوڙن جا حامي هئا، جڏهن ته بخشيو گبول ٽالپر دؤر ۾ اروڙ مان لڏي نٿو گبول (ڏهرڪي) ۾ آباد ٿيو. سندس پٽ گل محمد، ڀيو، جاڙو، قيصر ۽ بجر انگريزن جي مخالفت ڪندا رهيا. ڏڱاٽو گبول، جيڪو خيرپور ميرس مان سنڌي، فارسي ۽ عربي پڙهي، بلوچي سندس مادري ٻولي هئي، جڏهن ته سرائڪي ۽ مارواڙي به ڄاڻندو هو. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا مطابق، ڏڱاٽو فقير هڪ لوڪ شاعر هو، جنهن جا دعائيه نظم اڄ به خاندان وٽ محفوظ آهن. هن بلوچي، سنڌي ۽ فارسي ۾ شاعري ڪئي، جنهن مان ڪجهه نظم "تاريخ گبول بلوچ" ۾ شامل آهن. سندس شاعريءَ ۾ سنڌ جي فطرت، عقيدت ۽ قومي جذبي جو عڪس ملي ٿو. سندس امام واهه، اروڙ، رٽي ۽ سخي شاهن جي مدح ۾ لکيل دعائيه نظم لوڪ شاعري جو نادر مثال آهي.

**جاني خان گبول** جاني خان گبول ٽالپرن جو وفادار ۽ انگريزن جو سخت مخالف هو. محمد عرفان خان گبول مطابق، ١٨٤٣ع ۾ سنڌ تي انگريزن جي قبضي وقت گبول قبيلي سڀ کان وڌيڪ مزاحمت ڪئي. جاني خان پنج سال سکر جيل ۾ قيد رهيو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جنگ نامه" ۾ لکي ٿو ته مير شير محمد خان ٽالپر جي سڏ تي جاني خان، مير شادي خان گبول ۽ ٻين مقامي اڳواڻن سان گڏ انگريزن جي ڪئمپ تي حملو ڪيو. نتيجي ۾ امام واهه پرسان سائيڊنو خشڪ، هڪ گبول، حيات پتافي ۽ ٽالپر نوجوان شهيد ٿيا، جن کي نٿو گبول قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. جاني خان جو ڏوهٽو ايوب ولد بلند گبول به انگريز پوليس هٿان شهيد ٿيو. جاني خان ١٨٨٠ع ڌاري ديهه ابراهيم پتافي ۾ ڳوٺ "پتو" آباد ڪيو، جيڪو هاڻي "جاني گبول" سڏجي ٿو. انگريزن جي مخالفت سبب ڪيس جيل ويو ۽ پاءُ ڪيوڙو گبول نوڪري تان فارغ ٿيو. **جاني خان گبول ۽ سکر جيل جو تاريخي واقعو** 1883ع کان ١٨٨٩ع تائين سکر-روهڙي لئنسڊائون پل جي تعمير دوران، سکر جيل جي قيدين کان مزدوري ورتي ويندي هئي، جن مان ڪيترن وطن پرست قيدين کي درياهه ۾ اڇلايو ويو. جاني خان گبول ۽ ڪتال شر ٻين کي خبردار ڪيو. جاني خان تي به حملو ٿيو، پر هن پاڻ کي بچايو ۽ هڪ انگريز عملدار کي درياهه ۾ اڇلايو. هو مهمان نواز، سخي ۽ مقامي ماڻهن جي زمينن، کوهن ۽ پاڻي جي وسيلن لاءِ ڪامياب ڪوششون ڪندڙ هو. سندس اوطاق مقامي ميل ملاقاتن جو مرڪز هئي. سندس خاندان مان محب گبول، ماڻڪ گبول، جهان خان گبول ۽ پير بخش گبول جهڙا لوڪ شاعر پيدا ٿيا.

**محب گبول** (١٩٠٠ - ١٩٤٠) **: سگهڙ ۽ شاعر** محب گبول، جاني خان گبول جو پائيٽو، پنهنجي دور جو سٺو سگهڙ ۽ شاعر هو. هو جاني خان جي اوطاق تي ٿيندڙ ادبي محفلن جو مرڪز هوندو هو. سندس شاعريءَ مان ڪجهه نمونا هيٺ ڏجن ٿا:

**لعل محمد خان گبول** (١٨٨٩ - ١٩٧١) **:** لعل محمد خان ولد پيارو گبول سنڌ جو ناليوارو ڪلاسيڪل فنڪار، علم دوست، سخي ۽ سماجي شخصيت هو. تعليم جنگهان بوزدار مان حاصل ڪيائين ۽ ننڍپڻ کان سياسي، سماجي سرگرمين ۾ سرگرم رهيو. موسيقيءَ جو شوق ڪيس سوڍو گبول، احمد ڪرماڻي پتافي، ۽ ڀڳت ڪنور رام جي محفلن مان ورثي ۾ مليو. پوءِ استاد الهڏنو خان نوناري وٽ تربيت ورتائين. هو راڳ، سرگم ۽ ڪلاسيڪل موسيقيءَ جو ماهر هو. استاد عاشق علي، استاد منظور علي، مائي الهوسائي ۽ ٻين سان گڏ جي محفلن ۾ شريڪ ٿيندو رهيو. سندس محفلون علائقي جي فن جو مرڪز بڻجي ويون. سماجي طور سخي دل انسان هو، فنڪارن، فقيرن، استاد ۽ شاگردن جي مدد ڪندو هو. اوطاق تي علمي، ادبي ۽ مذهبي شخصيتون اينديون رهيون، جتي علم ۽ امن جي واڌاري لاءِ ڪردار ادا ڪيو ويندو هو. حر تحريڪ دوران حرن کي پناهه ڏنائين، ۽ پاڪستان ٺهڻ وقت هندن تي ظلم جي مخالفت ڪيائين.

**علم ۽ امن جي واڌاري لاءِ ڪردار:** هو راڄن جي جهيڙن کي صلح سان سلجهائڻ ۾ اڳيرو هو. حر تحريڪ دوران حر خاندانن کي پناهه ڏني. سندس ماما بجر گبول ۽ قبول فقير حر تحريڪ سان لاڳاپيل هئا. لعل محمد پاڪستان ٺهڻ وقت هندن تي ظلمن جو سخت مخالف رهيو، جنهن سبب نٿو گبول جي هندن کي لڏپلاڻ جي ضرورت نه پئي. **ادبي ۽ علمي ماحول:** هو علم دوست انسان هو، جن جي اوطاق تي استاد، شاعر، سگهڙ ۽ سماجي اڳواڻ مهمان ٿيندا هئا. مولوي خيالي پتافي، مولانا ضيائي، مولانا امين لغاري سميت ڪيترائي عالم دوست هئا.

**علي گل گبول** (١٩٤٧ ٦) گل ولد لعل محمد خان گبول، هڪ بااصول، ايماندار ۽ دور انديش سماج سڌارڪ هو. ضياءُ الحق جي دور ۾ ديهه ابراهيم پتافي جي زڪوات ڪاميٽي جو ٻه ڀيرا چيئرمئن رهيو، جتي هو زڪوات حقدارن تائين سندن گهر پهچائيندو هو، پوءِ پاٽمر ادو عهدو ڇڏي ڏنائين. ١٩٧٩ع جي بلدياتي چونڊن ۾ ميمبر چونڊيو ويو. هن جي ڪوشش سان ١٩٨٤ع ۾ ڪيترن ئي ڳوٺن تائين بجلي پهتي. ١٩٨٦ع ۾ پرائمري اسڪول قائم ڪيائين، جيڪو هاڻي ايليمينٽري اسڪول آهي. ١٩٨٨—٨٩ع دوران ڪيترن ئي رستن جي منظوري ڪرائي، جيڪي بعد ۾ روڊن ۾ تبديل ٿي مارڪيٽن سان ڳنڍجي ويا، جنهن سبب علائقو ترقي ڪري ننڍي شهر جي صورت اختيار ڪئي. هو صلح پسند شخص هو، ڪيترن جهيڙن کي امن سان حل ڪرائڻ ۾ اڳيرو رهيو. ادبي حيثيت سان سندس تخلص "خادم" هو. سندس شاعريءَ ۾ سچائي، درد ۽ انسان دوستي نمايان نظر ايندي آهي.

**مختيار علي گبول** (١٩٤٩ ٢٠٠٨): **صوفي فقير، فنڪار ۽ شاعر** مختيار علي ولد لعل محمد خان گبول، ٢٥ مئي ١٩٤٩ع تي ڳوٺ جاني گبول، تعلقي ڏهرڪي ۾ پيدا ٿيو. پرائمري تعليم نٿو گبول اسڪول مان حاصل ڪيائين. ننڍپڻ کان ئي کيس تصوف، راڳ، فلسفي، شاعري، اسٽيج ڊرامن ۽ موسيقي سان لڳاءُ هو. سندس موسيقي جو استاد سندس والد، مشهور فنڪار لعل محمد خان گبول هو.
هو ريڊيو پاڪستان خيرپور جو سينئر فنڪار هو، جنهن جو آواز پُرسوز ۽ صوفي روايتن سان مالامال هو. مشهور براڊڪاسٽر ڪوثر برڙو ۽ اختر ٽانوري سندس مداحن مان هئا. سندس آستاني تي هميشه فنڪارن، فقيرن، اديبن، شاعرن، سياسي سماجي شخصيتن جي اچ وڃ رهي.
١٩٧٠ع واري ڏهاڪي ۾ مختلف لوڪ داستانن تي اسٽيج ڊراما ڪرائي، جيئن "ليلا مجنون"، "سسئي پنهون"، "عمر مارئي" وغيره، جن ۾ علائقي جي شوقينن حصو ورتو. بعد ۾ سندس سرواڻيءَ ۾ سرمست ويلفيئر اينڊ ڪلچرل سوسائٽي جي مدد سان اسٽيج ڊرامن جو سلسلو ٢٠٠٤ع کان نئين سر شروع ٿيو، جيڪو سالن تائين جاري رهيو.

**علي حسن ولد جان محمد گبول**، ١٩٥٨ع ۾ ڳوٺ جاني گبول، تعلقي ڏهرڪي ۾ پيدا ٿيو. هو سنڌ هاري ڪاميٽي جو فعال اڳواڻ ۽ ضلعي سکر جو صدر رهيو. قبيلائي، جاگيرداري ۽ وڏيرڪي نظام خلاف جدوجهد ڪندي هارين، مزدورن ۽ نوجوانن ۾ سياسي شعور پيدا ڪيائين. ١٩٧٠ع جي ڏهاڪي ۾ مانڌل شر جي چونڊ مهم کان متاثر ٿي سياسي جدوجهد ۾ شامل ٿيو. ١٩٨٠ع کان پوءِ نٿو گبول، جاني گبول، داد لغاري، سهتو گبول سميت ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ هاري ڪاميٽي جون شاخون قائم ڪيائين. پاڪ-سعوديه ۽ اينگرو فيڪٽريز جي مزدورن جي حقن لاءِ پڻ سرگرم رهيو. سندس دڪان سياسي بحث مباحثن ۽ تنظيمي سرگرمين جو مرڪز هوندو هو. ١٩٧٩ع جي مڪاني چونڊن ۾ سنڌس ساٿي علي گل گبول چونڊجي آيو. ١٩٨٣ع جي ايم آر ڊي تحريڪ دوران جيل ڀريو تحريڪ ۾ شرڪت ڪيائين. ١٩٨٠ع واري انڊر پٽ تحريڪ، چام صادق دور جي زمين الاٽمينٽ خلاف احتجاج، ۽ ١٩٨٦—١٩٩٠ع دوران آبياني ۽ ڊل خلاف تحريڪ ۾ به فعال رهيو. ان جدوجهد سبب ڪيترائي هاري گرفتار ٿيا، پر عوامي دٻاءَ تي آزاد ڪيا ويا. ١٩٩١ع جي امن لانگ مارچ ۾، ڌاڙيل ڪلچر، اغوا ۽ قبيلائي جهيڙن خلاف، ميرپور ماٿيلو ۾ پٺاڻي چوڪ جي جلسي جو اسٽيج سيڪريٽري رهيو. ڪامريڊ علي حسن گبول، سنڌ جي ڀهراڙين ۾ سجاڳي، مزاحمت ۽ امن جي علامت طور سڃاتو ويندو آهي.

**ڏهرڪي جي انڊر پٽ تحريڪ ۽ هارين جي جدوجهد** ١. انڊر پٽ تحريڪ (١٩٨٠ع وارو ڏهاڪو) ڏهرڪي جي ديهه ستيارو (١) ۾ هارين ۽ هڪ زميندار جي وچ ۾ ڌرتي جي مالڪي لاءِ تحريڪ هلي، جيڪا سالن تائين جاري رهي. ان دوران فائرنگ جا واقعا به ٿيا. سنڌ هاري ڪاميٽي، مانڌل شر، علي حسن گبول، شبير بيدار پتو، مولوي رشيد انڊڙ ۽ ٻين اڳواڻن تحريڪ کي نئين سر اوج تي آندو. اسلام آباد سميت سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مظاهرا، بک هڙتالون، ۽ عدالتي ڪارروائيون ٿيون. نيٺ خانگڙهه ۾ نبيرو ٿيو ۽ ٤٦٨ ايڪڙ زمين بي زمين هارين ۾ ورهائي وئي، جن مان هر هاري کي ١٦ ايڪڙ مليا.

**انڊڙ پٽ تحريڪ** (۱۹۸۰ع وارو ڏهاڪو): ديهه ستيارو (۱) ۾ هارين ۽ زميندار وچ ۾ زمين جي مالڪيءَ بابت تاريخي تحريڪ هلي، جيڪا سالن تائين جاري رهي. سنڌ هاري ڪاميٽي جي اڳواڻي ۾ اسلام آباد سميت مختلف شهرن ۾ مظاهرا، بک هڙتالون ۽ عدالتي ڪارروايون ٿيون. نيٺ ۴۶۸ ايڪڙ زمين مان هر هاري کي ۱۶ ايڪڙ مليا. جام صادق دور جي زمين الاٽمينٽ خلاف تحريڪ: غير منصفاڻي زمين ورڇ خلاف ٻي تحريڪ به هلي، جنهن ۾ علي حسن گبول، مانڌل شر، شبير بيدار ۽ ٻين سرگرم ڪردار ادا ڪيو. آبياني، ڊل ۽ عشر خلاف تحريڪ (۱۹۸۷–۱۹۹۰ع): ننڍين آبادگارن کان ناجائز اوڳاڙ خلاف تحريڪ هلي، جنهن ۾ پمفليٽ ورهائڻ تي علي حسن گبول ۽ ٻين ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو، بعد ۾ عوامي دٻاءَ تي آزاد ڪيا ويا. امن لانگ مارچ (۱۹۹۱ع): **جام ساقي جي اڳواڻي ۾ ڊاڙيل ڪلچر، قبيلائي جهيڙن ۽ اغوا خلاف لانگ مارچ ٿيو.** ميرپور ماٿيلو جلسي جو اسٽيج سيڪريٽري علي حسن گبول هو. ان وقت ڪيترائي سياسي ڪارڪن اغوا ٿيا. **ماڙي گئس تحريڪ** (۲۰۰۳ع): ڪامريڊ مانڌل شر جي اڳواڻي ۾ هلندڙ تحريڪ ۾ مقامي وسيلن جي حق لاءِ ڇهه هفتا احتجاج جاري رهيو. علي حسن گبول هن تحريڪ ۾ به سرگرم رهيو. سماجي خدمتون: تعليم: اسڪولن لاءِ عمارتون منظور ڪرائي. روڊ ۽ واهون: واهن تي پليون، ڪچي رستا ۽ جاني گبول–نٿو گبول روڊ لاءِ جدوجهد، جيڪو ۲۰۱۳ع ۾ مڪمل ٿيو. ٽرانسپورٽ تحريڪ (۱۹۹۲–۲۰۰۷ع): بس ڀاڙي جي خلاف تحريڪ هلائي، ۱۵ ڏينهن بائيڪاٽ بعد پراڻو ڀاڙو بحال ڪرايو. نئون روڊ (۲۰۱۶ع): علي نائچ کان دودو گبول موڙ تائين روڊ جي منظوري ڪرائي.

**سياست، مهمان نوازي ۽ يادگار نوٽبڪ** ڪامريڊ علي حسن گبول ۱۹۷۹ع کان پنهنجي اوطاق تي "تاثراتي نوٽبڪ" رکي، جنهن ۾ اهم سياسي اڳواڻن، صحافين، دانشورن جا تاثرات موجود آهن. يادگار شخصيتن ۾ ڪامريڊ جام ساقي، ڊاڪٽر عبدالواحد انڙ، جج عبدالرشيد ڪلوڙ، سردار نبيل گبول، غلام رسول سهتو، شبير بيدار، امتياز دانش ۽ ڪيترائي ٻيا شامل آهن. **ڪامريڊ مانڌل شر ۲۶ جنوري ۱۹۸۹ع تي لکيو:** "مان هجان نه هجان، منهنجي ڀاريل لاٽ ٻرندي رهندي... علي حسن گبول ۽ ٻيا دوست پيدا ٿيا آهن... اسين يونين ڪائونسل، تعلقو، ضلعو، سنڌ ۽ سڄي دنيا ۾ هڪ آواز آهيون..."

**غلام علي گبول:** تعليمي ماهر، ليکڪ ۽ سماجي ڪارڪن ۱۹۶۹ع ۾ ضلعي گھوٽڪي جي تعلقي ڏهرڪي جي ڳوٺ جاني گبول ۾ ڄاول غلام علي ولد جان محمد گبول، هڪ ذهين، علم دوست ۽ تحقيقي شخصيت طور سڃاتو وڃي ٿو. هو ضلعي گھوٽڪي مان علم سياسيات ۾ ڊاڪٽريٽ Ph.D ڪندڙ پهريون فرد آهي. سنڌ جي تعليم کاتي ۾ ۱۹۸۸ع کان ملازمت شروع ڪري، هن وقت ايسوسيئيٽ پروفيسر جي حيثيت سان سنڌ جي ٽيچرس ٽريننگ انسٽيٽيوشنز ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. هن جو ڪيريئر علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي شعبي سان جڙيل رهيو آهي. ۱۹۸۰ع واري ڏهاڪي ۾ ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن (DSF) سان لاڳاپيل رهي، پوءِ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) جروار جو باني رڪن بڻيو. سگا ذريعي اکين ۽ چمڙي جي بيمارين لاءِ ڪيترين ڪئمپن جو حصو بڻيو. غلام علي گبول، گسٽا ۽ ايڪتا جهڙين تعليمي تنظيمن کي ضلعي گھوٽڪي ۾ منظم ڪرڻ، استادن جي مسئلن جي حل، چوڪرين جي تعليم جي واڌاري، نئين اسڪولن، روڊن ۽ ادارن جي قيام لاءِ انتهائي سرگرم رهيو. سندس ڪوشش سان نٿو گبول، جاني گبول ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺن ۾ تعليمي تبديلي آئي. سندس خدمتن ۾ گھوٽڪي ضلعي ۾ ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن جو قيام، جتي ۲۰۲۰ع ۾ داخلا شروع ٿي، هڪ وڏو سنگ ميل آهي. غلام علي گبول نه رڳو تعليمي تحريڪن جو حصو رهيو، پر هن علمي ليکڪ طور به نالو ڪمايو آهي. هو شاعر، سفرنامانگار، مضمون نگار ۽ ريسرچر آهي. سندس انگريزي سفرنامو "Pakistani Educators in the USA" ۽ اڻڇپيل ڪتابن ۾ "ڪجهه يادون"، "واهيرو لنگهي ويا"، ۽ "هاري اڳواڻ ڪامريڊ مانڌل شر" شامل آهن.

**شبير حسن گبول** – جديد تجريدي شاعري جو باني، شاعر ۽ اداڪار پيدائش: ۱۷ فيبروري ۱۹۷۸ع، ڳوٺ جاني گبول، ڏهرڪي نوڪري: ۲۰۰۳ع کان سيپڪو ۾ ملازم تعليم: بي. اي (B.A) والد جو نالو: علي حسن گبول ادبي ۽ فني ڪردار: شبير حسن گبول سنڌي ادب ۾ جديد تجريدي شاعريءَ جو باني سڏجي ٿو. هن شاعريءَ جي ۳۰ کان وڌيڪ صنفن (ڪافي، غزل، بيت، وائيون، نوسٽا، اڌسٽا وغيره) ۾ تجربن ذريعي نئون انداز متعارف ڪرايو. مشهور ڪتاب: اُبتي شاعري اُبتا خيال، اڌڪي شاعري اڌڪا خيال– جنهن سنڌي ادب ۾ تجريد، علامتي اظهار ۽ غير روايتي انداز کي نئون رخ ڏنو. اداڪاري ۽ اسٽيج فن: اسٽيج ڊراما: ماروئي، ڌرتي جا غدار، عشق نه ڏيچي ذات وغيرهٽيلي فلمون: ڀڳت ڪنور رام (KTN) (فلم: نڳن جو ڊان (۲۰۱۳ع) اداڪاريءَ جو آغاز صوفي فقير مختيار علي گبول کان تربيت وٺي ڪيو. سڃاڻپ ۽ اعزاز: سندس نالو انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد ۱۱) ۾ شامل آهي. اياز لطيف ڊايو ڪيس "جديد تجريدي شاعريءَ جو بيتاج بادشاهه" قرار ڏنو. سندس ۱۱ ڪتاب مارڪيٽ ۾ اچي چڪا آهن.

**ڏهرڪي جي گبول برادري جون عورتون:** ڏهرڪي جي گبول عورتون پاڪستان جي آزادي واري تحريڪ دوران مردن سان گڏ رهيون ۽ وڏين تڪليفن کي منهن ڏنو. شبير حسن گبول پنهنجي ڪتاب تاريخ گبول بلوچ (صفحو ٤٩) تي لکي ٿو: ”گبول برادري جي مردن کان علاوه عورتن پڻ وطن جي آزادي واري تحريڪ ۾ حصو ورتو.“ اهڙين بهادر عورتن ۾ پاڳڙي ڏيءَ ڏگاٽو گبول، زال دائم گبول، جاني خان گبول جون نياڻيون فاطمه، اشرف، ۽ مٺل گبول شامل هيون. حر تحريڪ دوران الله ڏني گبول، واحد ڏني، اميدان گبول، سهجان، جانل گبول، خانُل گبول ۽ ٻين عورتن حر جماعت جي عورتن ۽ ٻارن جي سار سنڀال ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو. دُرناز زال بجر گبول ۽ ٻيون عورتون جروار جي لوڙهي ۾ قيد رهيون. ويهين صديءَ دوران ڳوٺ جاني خان گبول جون ڇوڪريون تعليم حاصل ڪري، تعليم ۽ صحت کاتن ۾ نوڪريون ڪرڻ لڳيون، جنهن مان متاثر ٿي ٻين برادرين جون ڇوڪريون به پڙهڻ لڳيون. اڄ ڳوٺ جاني خان گبول ۾ تقريباً هر عورت تعليم يافته آهي.

## سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏهرڪي جي مختصر تعارفي تاريخ

ادبي سنگت شاخ ڏهرڪي جو قيام ١٩٧٨ کان ٿيو، جنهن جا متحرڪ اڳواڻ ايڊوڪيٽ الطاف حسين چغتائي، محمد امين شاه، غلام محي الدين خان راڄڙي، مشهور صحافي ۽ ڪيليگرافر ذاڪر چغتائي، محمد حسن مجبور ٻگهيو، ساڻ ۾ پروفيسر محمد اسماعيل ”منصور“ سومرو، پروفيسر محمد پنهل ڏهر، ٻانهن ٻيلي طور چام فتح سميجو، ۽ ڪجهه ٻيا ساٿي هئا، جن ١٩٧٨ ۾ محترم تاج جويو ۽ اياز گل صاحب سان ڏهرڪي ۾ رهاڻ ملهائي هئي، انڪانپوءِ سنگت ڏهرڪي شاخ ڪي شهر ميرپور ماٿيلي سان واسطو رکندڙ سنڌ جي ناميا ري قومي ۽ مزاحمتي شاعر مفتون ڪورائي ١٩٩٣ع ۾ تحرڪ ۾ آندو، جنهن ڪيپ ۾ نمايان متحرڪ ساٿي استاد جميل سومرو، محمد بخش ملزم سومرو، استاد عبدالغفار ڊکڻ، فدا ملڪ، غفار شيخ، جي ايم لاڙڪ، فقير احسان ميمڻ، حقنواز شيراز چانڊيو، پريم پتافي، رياض هڪڙو، سليمان مهر، استاد گامڻ شر، استاد حاتن شر، رضا محمد مهر، شبير ”سرور سنڌي“ لغاري، امام دين ڇڄڻ، بدالستار پٽو وارا رهيا ۽ ٨٠ جي ڏهاڪي کان ٩٠ جي ڏهاڪي تائين ان ڪيپ تمام گهڻا تاريخي پروگرام منعقد ڪرايا، جنهن ۾ تنوار رسالي جي اشاعت، زخمي چانڊيي سان شام ملهائڻ، استاد عبدالغفور سومرو سان شام ملهائڻ، فقير احسان ميمڻ جي ياد ۾ تقريب کان ويندي ٻولي مهم سميت تمام گهڻو ادبي تحرڪ پئدا ڪيو ١٩٩٩ ڪانپوءِ محمد دين راڄڙي، رميش ڪمار بي ايم، نوبت ڏهر، وارن استاد جميل ۽ ٻي سينيئر ساٿين جي رهنمائي ۾ ادبي سنگت کي ڀرپور تحرڪ ۾ آندو، ايستائين استاد عبدالقدير ڪانجون به س. ا. س. ڏهرڪي جو حصو ٿي چڪو هو، ۽ ٢٠٠٦ ۾ استاد مفتون ڪورائي سان شام ملهائي ويئي، پر ڪجهه سال ٻيهر ادبي سنگت ۾ ماٺار رهي، ٿيئن دور ۾ استاد جميل سومرو محمد دين راڄڙي، زاهد پنگر وارن ٢٠١٢ ۾ هڪ دفعو ٻيهر سيني دوستن سان رابطه ڪري ادبي سنگت جون گڏجاڻيون بحال ڪيون اتان ادبي سنگت شاخ ڏهرڪي جو شاندار دور شروع ٿيو، جنهن ۾ سيني دوستن ڀرپور نموني سرگرم ٿيا، ۽ ٢٠١٣ ۾ استاد جميل سومرو جي پهرئين ڪتاب ”ريشم جهڙا خواب“ جو سنڌ ليول جي مهورتي تقريب ٿي، جنهن ۾ سنڌ جا ناميار اديب شريڪ ٿيا، ان دور ۾ نوان دوست شامل ٿيا، جيڪي اڄ بهترين شاعر ۽ ڪالم نگار، ڪهاڻيڪار آهن.. جنهن ۾ مسافر پتافي، زاهد پٽو، عامر ملڪ، عامر ارمان سميجو، ڪئلاش ڪمار جئپال، واجد ڪانجون، ۽ ٻيا نوجوان شامل آهن. ان دور ۾ ڀرپور تنقيدي گڏجاڻيون، قومي ۽ ٻولي جي معاملي تي مظاهرا، ريليون، فدا ملڪ جي ڪتاب، ”احسان جو پنڌ“ تي سنڌ سطح جي مهورتي تقريب ٿي، انڪانپوءِ استاد ملزم سومري ج ڪتاب ”سوڀرن جا الڪا“ شعري مجموعو ڇپيو، ٢٠١٨ ۾ محمد دين راڄڙي جو ڪهاڻين جو ڪتاب ”مان انسان ٿيندس“ ۽ حقنواز شيراز چانڊيي جو شعري مجموعو ”اکرن جي اوگهڙ“ ڇپجي آيو، ان دوران استاد عبدالغفار ڊکڻ جا ٻارڙن ادب تي مختلف ڪتاب به ڇپجندا رهيا ۽ استاد عبدالقدير ڪانجون صاحب جا ڪجهه ڪتاب به ڇپجندا رهيا.. ان دور ۾ ددادا سنڌي جي ورسي، تعزياتي ميڙاڪا، سموري سنڄ ۾ ادبي پروگرامن ۾ شرڪت ۽ جي ايم لاڙڪ، فدا ملڪ ۽ ٻين دوستن جي تعاون سان الحاق بحال ڪرائڻ ڪانسواءِ جي ايم اڙڪ ي نثري نظمن جي مجموعي ”دل جي وال تان“ تي سنڌ سطح جو پروگرام ٿيو ۽ بعد ۾ سليمان مهر مشهور محقق ۽ ڪالمنگار سان شام پڻ ملهائي ويئي. ناميا ري اديب پروفيسر صفر ڪلهوڙي وائي تي وبصورت ليڪچر منعقد ڪيو و، محمد دين راڄڙي جو ڏهرڪي پبلڪ لائبريري ۾ ڪهاڻي تي ليڪچر جو انعقاد ٿيو، فقير اڪبر سومري، اشوڪ بيڪس، مرحوم حقنواز آڪاش ٻرڙي جي المناڪ وڇوڙن تي تعزيتي ميڙاڪا ڪوٺايا ويا، رسول ش پليجي صاحب جي ڇوڙي تي المرتضي هوٽل ڏهرڪي جي لان ۾ تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو، خوبصورت شاعر عاشق راڄڙ، سڪندر فراق لغاري، مرحوم فقير اڪبر سومرو، مرحوم حقنواز آڪاش ٻرڙو، زاهد پٽو، سرمد مظهر ميراڻي، جاويد سومرو، ساجد سومرو، علي حسن ڪي رو به شامل اوارا به شامل ٿيا ۽ متحرڪ ٿي لڪڻ لڳا، ادبي سنگت ڏهرڪي کي شروع ۾ سگهارو بنائيدڙ مفتون ڪورائي جيڪو اصل دَوڙ ضلعي نوابشاه جو رهواسي آهي، جنهن کي اُتان روزگار سانگي لڏپلاڻ ڪري ميرپور ماٿيلي ۾ مستقل

رهائش اختيار ڪئي به چار ڪان پنج ڏهاڪا گذري چڪا آهن. مفتون جي سياسي وابســـتگي شروع ڪان ئي جيئي سنڌ تحريڪ سان رهي آهي. ١٧ آڪٽوبر ١٩٨٤ع ۾ ٿيندڙ ٽوڙهي ڦاٽڪ واري واقعي جي اسيرن کي جڏهن آزاد ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ ڄام عبدالفتح سميجي طرفان ڏهرڪيءَ ۾ سئنيما روڊ تي تنظيمي طور آجياڻو ڏنو ويو تڏهن مفتون ڪورائي سان منهنجي( جميل سومري) جي پهرين ملاقات ان آجياڻي ۾ ئي ٿي. مفتون ان آجياڻي ۾ قومي شاعري پڙهي، جڏهن ته مون قومي گيت ڳاتو هو. تڏهن مفتون جو جوڀن ۽ منهنجي عمر ١٣ يا ١٤ سالن جي لڳ ڀڳ هئي. اِها پهرين ملاقات اڳتي هلي زندگي ڀر جي اٽٽ ياڻپيءَ ۾ بدلجي ويئي جيڪا اڄ ڏينهن تائين روح جي رشـــتن ۾ جڪڙيل آهي. ايئن پوءِ مفتون جو ڏهرڪي اچڻ وڃڻ، قومي توڙي ادبي ڪچهرين جو هڪ نه ختم ٿيندڙ سلســـلو شروع ٿي ويو، جنهن جو منهنجي ذهن ۽ زندگيءَ تي گهرو اثر ٿيو. ان دؤر ۾ ڄام عبدالفتح ســـميجي جي اڳواڻيءَ ۾ ڏهرڪيءَ جي ڳوٺن ۾ ڪارنر گڏجاڻيون ٿينديون هيون جن ۾ مفتون شاعري ٻڌائيندو هيو ۽ مان قومي گيت ڳائيندو هيس. ايئن ويجهڙائپ ۽ قربت وڌندي ويئي، مفتون مون کي ڏهرڪيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت جي باضابطه شاخ قائم ڪرڻ لاءِ تمام گهڻو اتساهيو، مون ڀرپور جذبي سان ان ڏس ۾ ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون. سکر ۾ ٽريننگ دوران ئي مون کي خبر پيئي ته ٻن عورت ليکڪائن فهميده شرف بلوچ ۽ فرزانه ڪنول سان ريڊ ڪارپيٽ هوٽل ۾ شام ملهائي پيئي وڃي جتي سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي قائم مقام سيڪريٽري جنرل ممتاز بخاري به شرڪت ڪندو. ممتاز بخاري سان جهانپور شريف جي دوستن جي ڪري سڃاڻ سڃاڻ اڳ ۾ ئي هئي، مان رهاڻ واري تاريخ تي ريڊ ڪارپيٽ هوٽل تي پهچي ويس، رهاڻ ختم ٿي ته ممتاز بخاريءَ کي شاخ ڏهرڪيءَ جي الحاق لاءِ اها درخواست لکت ۾ ڏنم جيڪا مون کي مفتون ڪورائي ناهي ڏني هئي. ســائين ممتاز بخاري درخواست پڙهي ۽ سائين ادل سومري سان ذڪر ڪيو جيڪو ان رهاڻ ۾ موجود هو. سائين ادل ٻڌايو ته ڏهرڪيءَ ۾ ادبي سنگت جي شاخ ته تمام پراڻي هلندڙ آهي جيڪا ڪافي سالن کان غير فعال آهي، اوهان ان شاخ جي الحاق جي بحاليءَ جي لاءِ درخواست سان گڏ هفتيوار تنقيدي گڏجاڻين جا به تفصـــيل ڪٺي نئين چونڊ جي ايندڙ مرڪزي باڊيءَ جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي اجلاس ۾ ڪٺي اچو ته ڏهرڪي شاخ جو الحاق بحال ٿي ويندو. خير سان نئين باڊي به چونڊجي آئي جنهن جو سيڪريٽري جنرل ان وقت جو معروف ريڊيو براڊ ڪاســـٽر مختيار ڪ ملڪ هو، جنهن هڪدم مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو اجلاس خيرپور ۾ گهرائي ورتو، مون ۽ مرحوم ملزم سومري گڏجي ان اجلاس ۾ شرڪت ڪئي ۽ الحاق جي درخواست جمع ڪرائي، اجلاس ۾ يڪراءِ سان الحاق بحال ڪرڻ جي منظوري ڏني ويئي ۽ ڏهرڪي شاخ آئيني طور تي هڪ ڀيرو ٻيهر وجود ۾ اچي ويئي. ساڳي ئي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي اجلاس ۾ مرڪزي سطح تي هڪ ثقافتي ڪاميٽيءَ جوڙڻ جو اعلان پڻ ڪيو ويو جنهن ۾ ڏهرڪي شـــاخ کي پڻ نمائندگي ڏني ويئي. ان ڪاميٽيءَ جو مون کي ميمبر مقرر ڪيو ويو ۽ سنڌ سطح جي پروگرامن جي شروعات ڏهرڪيءَ کان ئي ڪئي وئي. ڪاميٽي "سنڌي نوجوان ۽ روزگار جا وسيلا" جي عنوان هيٺ سيمينار گهرائڻ لاءِ چيو. ڏهرڪي جي دوستن هنگامي بنيادن تي سيمينار جون تياريون شروع ڪري ڏنيون ۽ هڪ ڪامياب سيمينار ڏهرڪيءَ جي پبلڪ لائبرريءَ ۾ ڪري ڏيکاريو. ان کان پوءِ هفتيوار تنقيدي گڏجاڻين جو سلسلو شروع ٿيو جيڪو پڻ باقاعدگيءَ سان هلندو رهيو ۽ شاخ جي ميمبرن جي ادبي تربيت توڙي ذهن سازي ٿيندي رهي. شاخ ڏهرڪيءَ جي تاريخي ڪردار ۽ ڪارڪردگيءَ تي هڪ الڳ ڪتابچو لکي سگهجي ٿو پر هتي اختصـــار مان ڪم وٺندي ڪجهه اهم ۽ يادگار ادبي پروگرامن جو وچور پيش ڪجي ٿو. ١. مختلف ڳوٺن ۾ ننڍيون وڏيون ادبي ڪچهريون. ٢. ادبي تحرڪ کي منظم ۽ ربوط رکڻ لاءِ ترجيحاتي بنيادن تي گڏيل ڪوششـــون وٺڻ. ٣. ڀرپور مالي سهائتا جو نظام تشڪيل ڏيڻ. ٤. ايرندڙ ذهنن کي ادبي حلقي جو حصو بڻائڻ لاءِ مهم جوئي جو بنياد وجهڻ. ٤. پندرهن وار ادبي رسالي جو اجراءَ. ٥. تخليقن کي ڪتابي صورت ۾ محفوظ ڪرڻ لاءِ اتساهڪ ماحول پيدا ڪرڻ. ٦. ڪتابن جي ڇپائي ۽ انهن جي مهورت کي ممڪن بڻائڻ .

**شيڊو هيومن ڊيولپمنٽ آرگنائيزيشن ڏهرڪي** - سرمست ويلفيئر ۽ ڪلچر آرگنائيزيشن - سڳاشاخ ڏهرڪي - ينگ رائيٽرس ايسوسيئيشن ڏهرڪي. **فني سفر:** - اسٽيج ڊراما: '١. فرض (سنگل اينٽري) ٢. ماروي (ڪردار: انسپيڪٽر)(انڪانسواءِ ٻين ناٽڪ، اسٽيج ڊراما لکڻ، ۽ مختلف ڪردار) **ايوارڊز:** ١. مڃتاايوارڊ ٢٠١٥ سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏهرڪي ٢. چانڊوڪي ڪهاڻي ايوارڊ- ٢٠٢٢. ٣. بيسٽ پرفارمنس ايوارڊ- ٢٠١٨. ٤. سپرايڪسيلينٽ ايوارڊ بهترين ليکڪ. بيدار سماجي فورم **سماجي خدمتون:** تعليمي ٽيوشن ڏيڻ، سماج جي مختلف اِشوز تي ڳالهائڻ، سياسي، سماجي معاملن تي آواز اٿارڻ، ۽ عوامي سجاڳي لاءِ ڪم ڪرڻ، مختلف اِشوز تي احتجاج ريڪارڊ ڪرائڻ.

# ادبي شخصيتون

## پورو نالو: جميل احمد ولد: محمد ابراهيم ذات: سومرو ادبي نالو: جميل سومرو

ڄمڻ جي تاريخ: ۰۵ جنوري ۱۹۶۹ مستقل رهائش: محلو امير بخش سومرو، سومرا چوڪ ڏهرڪي تعليم: ايم اي، ايم ايڊ، بنيادي پيشو ۽ سڃاڻپ: تعليم کاتي ۾ "استاد" موجوده سرڪاري عهدو: تعلقه ايجوڪيشن آفيسر مقرري جو هنڌ: تعلقو ڏهرڪي ڇپيل ڪتاب: شاعريءَ جا ٻه مجموعا "ريشم جهڙا خواب" ۽ "ڪَوتائن جو ڪاڪ تيل" خدمتون: مقامي سطح تي سياسي، سماجي، تعليمي ۽ ادبي جاڳرتا لاءِ مسلسل ڪوشش ۾ رهڻ سياسي سرگرميون: باضابطه سياسي سرگرمين جي شروعات سال ۱۹۸۴ع کان ڪئي، ڪجهه عرصو جمعيت علماءِ اسلام ۽ پوءِ جيئي سنڌ تحريڪ سان سلهاڙيل رهيس. جمعيت ۾ ڀرپور ڪم ڪيو ۽ جيئي سنڌ تحريڪ ۾ به پنهنجي آواز جي ذريعي (گيت جهونگاري) قومي سجاڳيءَ ۾ ڪردار ادا ڪندو رهيس. قومي جلسن، ڪارنر گڏجاڻين، اسٽڊي سرڪلس، بحث مباحثن، مطالعي، احتجاج، مظاهرن، ڌرڻن، چاڪنگ توڙي ننڍين وڏين قومي ڪچهرين ۽ ڪاڄن جو حصو رهيس سماجي سرگرميون: سماجي ڪمن ڪارين جي حوالي سان مقامي سطح تي پنهنجي وس ۽ وت آهر انفرادي توڙي تنظيمي سطح تي خاص ڪري تعليمي مالي سهائتا جي حوالي سان ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف عمل رهڻ جو جذبو رهيو آهي. ان ڏس ۾ ادارن جي چارديواريءَ اندر رهي پنهنجي حصيداري ڳنڍڻ کي ترجيحات ۾ رکيو آهي. نمود و نماءُ کان بالاتر ساڳيءَ تي مشتمل ماحول کي هٿي وٺرائي، اصل مقصد ۽ متن کي اهميت ڏيندي پنهنجي ضمير جي اطمينان خاطر ڪم ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ۾ رهيو آهيان. ان جا انتهائي مؤثر مثبت نتيجا به سامهون آيا آهن، اهي نياڻيون جن جا والدين تعليمي اخراجات برداشت ڪرڻ کان قاصر هئا انهن نياڻين جو چڱو خاصو انگ انتهائي اطمينان بخش ماحول ۾ تعليم پرائي رهيو آهي ادبي سرگرميون: ادبي سرگرمين کي زندگيءَ جا پورا چار ڏهاڪا ارپي چڪو آهيان، انهن سرگرمين ۾ ادبي ذهن سازيءَ کان وٺندي غير معمولي نوعيت جا ادبي پروگرام آرگنائيز ڪرڻ جهڙا يادگار ڪم سرانجام ڏيئي چڪو آهيان، سنگت جي ڪتابن جي ترتيب، تدوين، اصلاح توڙي ڇپائي جهڙن ڏکين مرحلن ۾ به ڀرو وٺڻ جو جوش ۽ جنون رهيو آهي. ادبي شخصيتن سان شامون ملهائڻ، ڪتابن جي مهورت جا شاندار پروگرام ڪرائڻ جو به اعزاز حاصل رهيو آهي. ان کان سواءِ ڪيتريون ئي اڻ ڳڻيون ادبي سرگرميون پنهنجي هڪ الڳ ڇاپ سان تسلسل ۾ اڄ به جاري آهن. سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏهرڪيءَ سان وابستگيءَ جو اعزاز به حاصل رهيو آهي. جيڪو منهنجي بنيادي ادبي سڃاڻپ ۽ حيثيت جو وڏو حوالو رهيو آهي.

**نالو: محمد بخش سومرو (مرحوم) تخلص: ملزم سومرو** والد جو نالو: حافظ علي محمد سومرو. جنم جي تاريخ: ۰۴. آگسٽ ۱۹۶۱ع جنهن ڳوٺ ۾ پيدائش ٿي: ڳوٺ چانڊڻ شريف، جيڪو تاريخي پسمنظر جي حوالي سان سنڌ جي ڪلهوڙن حڪمرانن جي دؤر کان به قديم ٻڌايو وڃي ٿو. هتان جي جامع مسجد مشهور ۽ ڏسڻ وٽان آهي، جيڪا ميرن جي شروعاتي دور جي جڙيل آهي. سا اڄان تائين ٿوري گهٽي ريپيئرنگ کانسواءِ ساڳي حالت ۾ موجود آهي. هاڻوڪو ڳوٺ: حافظ بخشڻ سومرو. تعليم: ايم. اڪانامڪس، بي، ايڊ، ايم ايڊ، ديني تعليم: قرآن پاڪ حفظ فارسي تعليم: ڪجهه ڪتاب پڙهيل. پندنامو، نامِ حق ۽ ڪريمان. سرڪاري نوڪري: ۱۹۸۶ کان استادي پيشي سان وابستہ رهيو هيس، ۲۰۲۱ع ۾ رٽائر ٿيس. انکان اڳ به سال کن اينگرو ڪيميڪل ڏهرڪي ۾ پرائيويٽ جاب ڪلرڪي ڪيم، سال کن ٽرمل پاور گڊو ۾ پرائيويٽ ڪمپني ۾ منشي گيري ڪيم. پنهنجو شروع کان ئي ادب سان چاهه رهيو آهي. ماهوار ادبي رسالا پڙهڻ ۽ تاريخي ڪتاب پڙهڻ. لکڻ جي حوالي سان، نثر به ڪافي لکيو آهي جنهن ۾ مضمون، مقالا وغيره. خاص لڳاءُ شاعري سان رهيو آهي جيڪو هيلتائين هلندو پيو اچي. شاعري مون کي محبوب هوا نگر نخريلي لڳندي آهي. جيڪا ڪڏهن ته پنهنجي پاڪرن ۾ ڀري ٿي وٺي ۽ ڪڏهن ته وري رنج، رساما ۽ ماڻا ٿي ڪري. مون لکڻ جي شروعات ۸۵.۱۹۸۴ کان ڪئي، جيڪا مختلف سنڌي رسالن ۾ ڇپجندي رهي آهي. ڪجهه فنڪارن به ڳائي آهي. هن وقت منهنجي شاعري جو هڪڙو ڪتاب "سوين جا الڪا" جي نالي سان ڇپيل آهي. باقي اڻ ڇپيل مواد تقريبا "ڇهن ستن ڪتابن جيترو موجود آهي. انکانسواءِ مون قرآن پاڪ به لکي سعادت ماڻي آهي. ملزم سومرو ٻهرلوءِ ڌرتي کان واپسي تي هڪ جنوني ماٺهوجي پٽر جو شڪار ٿي ۲۹,۰۴,۲۰۲۵ تي "سنڌو درياءَ جو شهيد" جو لقب ماڻي شهادت جو رتبو ماڻيو.

**نالو: محمد دين راڄڙي ولديت: محمد قاسم راڄڙي** ڄمڻ جي تاريخ: پهرين جنوري، ١٩٨٣ ڄمڻ جو هنڌ: ڳوٺ عبدالله راڄڙي، سانگو، تعلقو ڏهرڪي، ضلع گهوٽڪي پيشو: اسسٽنٽ پروفيسر، انگريزي ادبي صنفون: شارٽ اسٽوري، تنقيد، ناول، نثري نظم، ڪالم، بلاگ تعليم: پرائمري: گورنمينٽ پرائمري اسڪول، سانگو، سيڪنڊري: گورنمينٽ پي هاءِ اسڪول، ڏهرڪي، هائير سيڪنڊري: گورنمينٽ بوائيز ڊگري ڪاليج، ميرپور ماٿيلو، هائير ايجوڪيشن:- ايم. اي. سوشالاجي (شاهه لطيف يونيورسٽي، خيرپور)- ايم. اي. انگريزي ادب (شاهه لطيف يونيورسٽي، خيرپور)- بي. ايڊ (شاهه لطيف يونيورسٽي، خيرپور)- سي. ٽي پروفيشنل ڪيريئر:- ليب ٽيڪنيشن- ١٩٩٩ کان ٢٠٠٥- پرائيويٽ ٽيچنگ: ٢٠٠٥ کان ٢٠٠٧- پرائيويٽ ٽيچنگ: ٢٠٠٩ کان ٢٠١٢- ليڪچرر انگريزي، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن- سال ٢٠١٣ کان ٢٠٢٤- اسسٽنٽ پروفيسر انگريزي- جون ٢٠٢٤ **تخليقي سفر:**- سال ٢٠٠٠ع ۾ اسٽيج ناٽڪ لکيو، جيڪو ڏهرڪي شهر، ۾ ملنگ بابا دربار ميرپور ماٿيلو ۾ پرفارم ڪيو ويو- ڪاوش، ڪوشش، هلچل، عوامي آواز، عبرت، پاڪ سنڌ، پاڪ، تعمير سنڌ ۽ مختلف اخبارن ۾ مختلف موضوعن تي آرٽيڪل پبلش ڪيا- باقائده لکڻ جي شروعات، سال ٢٠١٣ کان- مختلف موضوعن تي بلاگ

ڇپيل ڪتاب: ١. مان انسان ٿيندس (ڪهاڻيون)- سال ٢٠١٨ ٢. جديد عملي تنقيد نگاري ۽ سنڌي ادب (تنقيد)- سال ٢٠٢٣ ٣. وڇوٽ (ناول)- سال ٢٠٢٤ اڻ ڇپيل ڪتاب: ١. مٽيءَ جي ماني (ڪهاڻيون) ٢. جديد عملي تنقيد نگاري ۽ سنڌي ادب (حصو ٻيون) ٣. نئراٽالاجي / نئريشن آف لطيف (لطيفيات)- انگريزيءَ ٻوليءَ ۾ ٤. نثري نظم جي مجموعي جو ڪتاب ٥. خاڪن جو ڪتاب ٦..... پائيپ سوسائٽي (ناول) ادبي وابسطگي: سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏهرڪي- ٣ کان ٤ دفعه سيڪريٽري- ڪائونسلر ڪجهه وقت لاءِ ٻيون وابسطگيون:- لاٽ هيومن آرگنائيزيشن ڏهرڪي- شيڊو هيومن ڊيولپمنٽ آرگنائيزيشن ڏهرڪي- سرمست ويلفيئر ۽ ڪلچر آرگنائيزيشن- سڳا شاخ ڏهرڪي- ينگ رائيٽرس ايسوسيئيشن ڏهرڪي **فني سفر:**- اسٽيج ڊراما: ١. فرض (سنگل اينٽري) ٢. ماروي (ڪردار: انسپيڪٽر) (ان کانسواءِ ٻين ناٽڪ، اسٽيج ڊراما لکڻ ۽ مختلف ڪردار) ايوارڊز: ١. مچتا ايوارڊ ٢٠١٥ ٢- سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏهرڪي ٢. چانڊوڪي ڪهاڻي ايوارڊ- ٢٠٢٢ ٣. بيسٽ پرفارمنس ايوارڊ- ٢٠١٨ ٤. سپر ايڪسيلينٽ ايوارڊ بهترين ليڪ- بيدار سماجي فورم سماجي خدمتون: تعليمي موٽيويشن ڏيڻ، سماج جي مختلف اشوز تي ڳالهائڻ، سياسي، سماجي معاملن تي آواز اٿارڻ ۽ عوامي سجاڳي لاءِ ڪم ڪرڻ، مختلف اشوز تي احتجاج ريڪارڊ ڪرائڻ.

**نالو: عبدالغفار، تخلص: غفار شيخ، والد جو نالو: غلام رسول شيخ** جنم جي تاريخ: پهرين فيبروري ١٩٨١ پيدائش جو هنڌ: ڏهرڪي. هاڻوڪو ڳوٺ: ساڳيو (ڏهرڪي) تعليم: انٽر ديني تعليم: فقط قرآن پاڪ پڙهي سگهيو آهيان. اسلام جي مناسب ڄاڻ پڻ اٿم. فارسي تعليم: باقائدا تعليم حاصل ناهي ڪئي، ها باقي فارسي شعرن کي پڙهي، مفهوم سمجهي ويندو آهيان. پيشو سرڪاري نوڪري: سرڪاري نوڪري ڪا به ڪانهي. خانگي نوڪريون: ١٩٩٩ع کان پرائيويٽ سيڪٽر ۾ رهيو آهيان. هڪ ڪاٽن فيڪٽريءَ ۾ ١٠ سال بطور گيٽ ڪلارڪ طور ڪم ڪيو آهي. ان کانپوءِ ٣ سال اينگرو ڪيريج ڪنٽريڪٽر اڏي تي ٽرڪنگ سپروائيزر طور پنهنجا فرائض سرانجام ڏنا آهن. ٦ سال سماءِ ٽي وي ۽ ڪراچي تي بطور سيڪيورٽي سپروائيزر طور ڪم ڪيو آهي. هاڻوڪي وقت ۾ اينگرو فرٽيلائيزر ۾ ڊيلي ويجر طور فولڊر طور ڪم ڪري رهيو آهيان. ادبي شوق جو آغاز: لکڻ جو شوق مونکي ١٩٩٤ يا ٩٥ ۾ ٿيو. ان وقت آءُ ڪچي پڪي شاعري لکڻ شروع ڪئي.

ان کانپوءِ مونکي محترم سائين جميل احمد سومرو صاحب سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏهرڪيءَ ۾ وٺي آيو، جتان منهنجو باقائدا ادبي سفر شروع ٿيو. شاعري سان لڳاءُ: شاعري سان لڳاءَ جا ڪيترائي ڪارڻ ٿي سگهن ٿا، جيڪي هر ماڻهوءَ لاءِ الڳ الڳ ٿي سگهن ٿا، پر مون لاءِ شاعري دل جا حال بيان ڪرڻ جو هڪ خوبصورت وسيلو آهي. جياپو آهي. شاعريءَ ۾ لفظن جي سونهن، رديف ۽ قافيي جي موسيقيت دل کي وٺي ٿي، جيڪا ٻڌندڙ يا پڙهندڙ کي پنهنجي طرف ڇڪي ٿي. لکڻ جو باقائدا آغاز ١٩٩٨ کان ٿيو ڇپيل ڪتاب: في الحال ڪو به نه. شاعريءَ ۾ مون وٽ لڳ ڀڳ پنجن ڪتابن جيترو مواد موجود آهي. جن ۾ غزل، نظم، بيت، وايون، ٽيڙو ۽ نثري نظم نمايان آهن. ان کان علاوه هڪ ڪالم نگار طور سنڌ جي مختلف اخبارن ۾ ڪالمس لکيا آهن، جن جو تعداد ٻه سو جي قريب آهي. مختلف معياري ادبي رسالن، ميگزينز ۾ منهنجو شاعري ڇپجندي رهي آهي. اڻ ڇپيل مواد: ڪافي آهي، جنهنکي ڇپائڻو آهي.

## نالو: عبد الغفار سومرو ولد: پير محمد سومرو، ادبي نالو: غفار سومرو عبد الغفار سومرو

تاريخ پيدائش ۰۱-۰۱-۱۹۷۴ ڳوٺ ستار ڏنو ڏکڻ سومرو تعلقہ ڏهرڪي تعليم بي اي، بي ايڊ پرائمري اسڪول ٽيچر گورنمنٽ مين پرائمري اسڪول ڏهرڪي، ڇپيل ڪتاب ٻاراڻو ادب ۱ جيڪو پيءُ ڪي پڳ ٻڌئي (مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور)، ۲. لالچي ڪانءُ (مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور)، ۳. جاڳو جاڳو ناول (مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور)، ۴. ٻگهڙ ۽ ڇيلڙو (مهراڻ ڪيڊمي شڪارپور)، ۵. استاد ناول (سڪلتا حيدر آباد)، ۶. ڏرتيءَ جو سپوت (سنسار پبليڪيشن ڪراچي)، ۷. ٻول ٻاراڻا (پيڪاڪ پبليشرز، ڪراچي)، ان ڪانسواءِ ٻاراڻي ادب تي ٽي چار ڪتاب ٻيا بہ تيار آهن.



**"سرور سنڌي" هڪ مختصر تعارف** پيدائش ۽ تعليم: نالو: شبير احمد لغاري ادبي نالو: سرور سنڌي. تاريخ پيدائش ۰۱ نومبر ۱۹۷۵ع ابتدائي تعليم: گورنمينٽ پرائمري اسڪول دادلغاري ميٽرڪ: گورنمينٽ هاء اسڪول داد لغاري انٽر ميڊيئٽ: گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميرپور ماٿيلو گريجوئيشن: گورنمينٽ ڊگري ڪاليج گهوٽڪي. ادبي سفر: شعر و شاعري سان لڳاءُ: ۱۹۸۲ ڪان ٻارن جا ميگزين گل ڦل ۽ ٻيا رسالا پڙهندو رهندو هوس ۽ ڪجهہ پڪو مواد موڪليندو بہ رهندو هوس، جيڪو گل ڦل سوڏو ڪافي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيو ادبي ميدان ۾ سائين دادا سنڌي منهنجو ڪافي ساٿ ڏنو ۽ مدد ڪئي سائين دادا سنڌي ،سنڌي ادب جي تاريخ ۾ وڏو نان آهي. مون شعر و شاعري سان گڏوگڏ ڪهاڻيون مضمون ڪالم مقالا وغيره پڻ لکيا جيڪي سنڌ جي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيا جن ۾ گل ڦل، هزار داستان هلال پاڪستان عبرت ميگزين ڪاوش ميگزين وغيره شامل آهن. سنڌي ادبي سنگت ۾ نوي جي ڏهاڪي ڪان شامل آهيان. صحافتي خدمتون: ۹۰ جي ڏهاڪي دوران تقريبن اٺ ڪان ڏهہ سال مون صحافي طور ڪم ڪيو، درس و تدريس ۾ خدمتون: تعليم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ مون ۱۹۹۴ ۾ اقراء ماڊل اسڪول داد لغاري ۾ سيڪنڊري اسڪول ٽيچر طور پڙهائڻ شروع ڪيو سرڪاري ملازم.

## نالو: حق نواز چانڊيو_ولديت: بهادر علي چانڊيو_ادبي نالو: شيراز چانڊيو

ڄمڻ جي تاريخ: سورنهن سيپٽمبر ، ۱۹۶۹، ڄمڻ جو هنڌ: ڏهرڪي، ضلع گهوٽڪي ادبي صنفون: شاعري ۽ اسٽيج ڊراما رائيٽر، تعليم: پرائمري: گورنمينٽ مين (بوائيز) پرائمري اسڪول، ڏهرڪي سيڪنڊري: گورنمينٽ پي هاءِ اسڪول، ڏهرڪي هائير سيڪنڊري: گورنمينٽ ڊگري ڪاليج، خيرپور ناٿن شاهہ، ضلع دادو ، گريجوئيشن: (شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور ميرس) پروفيشنل ڪيريئر: اپرينٽس شپ-۱۹۹۰ ڪان ۱۹۹۲، اينگرو فرٽيلائيزر لميٽيڊ ڏهرڪي - نوڪري :- ۱۹۹۲ ڪان، اينگرو فرٽيلائيزر لميٽيڊ ڏهرڪي- عهدو: ڊپٽي مينيجر آپريشنز اينگرو فرٽيلائيزر لميٽيڊ ڏهرڪيتخليقي سفر:- سال ۱۹۹۰ع ۽ ۱۹۹۲ع ۾ بہ اسٽيج ناٽڪ "وطن جا رکوالا" ۽ "وطن يا ڪفن" لکيا، جيڪي ڏهرڪي شهر ۾ پرفارم ڪيا ويا- مختلف اخبارن، رسالن ۽ سوشل ميڊيا تي شاعري شايع ٿيلڇپيل ڪتاب:۱. تارا تارا جهول ۾ (گڏيل شاعري جو ڪتاب)- سال ۲۰۱۳ - ۲. اکرن جي اوگهڙ (شاعري)- سال ۲۰۱۸ - ۳. ڪجهہ اڻ ڇپيل مواد ادبي وابستگي: منصور ادبي سنگت ڏهرڪي (باني ميمبر)، ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي ۽ ٻيا عهدا، سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏهرڪي ٻيون وابستگيون:- صدر ايمپلائيز ڪلب ڪاميٽي، اينگرو فرٽيلائيزر لميٽيڊ ڏهرڪي_سال ۲۰۰۶ ڪان ۲۰۰۷- آرگنائزر، اماميہ آرگنائيزيشن ڏهرڪي- جوائنٽ سيڪريٽري، اصغريہ اسٽوڊنٽ فيڊريشن شاخ ڏهرڪي_سال ۱۹۸۸- بنيادي ميمبر انجمن معصومين اهلبيت ڏهرڪي ،ايوارڊز: ۱. مينوفيڪچرنگ ايڪسيلينس ايوارڊ ۽ سوين پروفيشنل ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ، اينگرو فرٽيلائيزر لميٽيڊ ڏهرڪي ، سماجي خدمتون:اينگرو فرٽيلائيزر لميٽيڊ ڏهرڪي ۾ ٽريننگ ڪو آرڊينيٽر طور ٽيسٽنگ پروسيس ۾ تبديليون ڪرڻ، جنهن سان مقامي ۽ ڳوٺن جي شاگردن ڪي روزگار جا موقعا پيدا ٿيا ،پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو ڇوڪرين ڪي ٽيڪنيڪل فيلڊس ۾ جاب لاءِ ڪوششون ونڻ جنهن جي ڪري ڪافي تعداد ۾ ڇوڪريون ٽيڪنيڪل فيلڊس ۾ نوڪريون ڪري رهيون آهن، اينگرو ڪي گلوبل ڊائيورسٽي ايوارڊ مليا، جنهن ڪي ڏسي پاڪستان جي وڏي وڏي ڪمپنين بہ اهو پروگرام پنهنجي ڪمپنين ۾ شروع ڪيو، سنڌ سميت پوري پاڪستان ۾ مختلف ٽيڪنيڪل ڪاليجز ۾ سوين جاب اويئرنيس ۽ موٽيويشنل پروگرام منعقد ڪرڻ ،تعليمي (خاص طور تي نياڻين جي تعليم) جي موٽيويشن ڏيڻ، سماج جي مختلف اِشوز تي آواز اٿارڻ ۽ مذهبي ۽ فرقيوراڻي هم آهنگي لاءِ ڪوششون ونڻ.

## اصل نالو عبدالرزاق ولد محمد يوسف پتافي ادبي نالو پريم پتافي



اصل ڳوٺ مولوي بهاؤالدين پتافي, تعلقو ڏهرڪي ضلعو گهوٽڪي.. هن وقت رهائش نوابشاهه شهر ۾ آهي.. پيشي جي لحاظ کان استاد آهيان. گورنمينٽ هاءِ اسڪول سيد حسن علي شاهه لائين پار نوابشاهه لکڻ جي شروعات ۱۹۹۳ ۾ هڪ ڪتاب شاعريءَ جو ڇپيل.. روشنيءَ جون اکيون.. گڏيل مجموعو تارا تارا جهول ۾ تنظيمي وابستگي. سنڌي ادبي سنگتسنڌي ادبي سنگت جروار، ڏهرڪي ۽ ميرپور ماٿيلي جو سيڪريٽري، ڪائونسلر ۽ مختلف عهدن تي رهيس.. سنگت ضلعي گهوٽڪيءَ جو ٻه ڀيرا ضلعه رابطا سيڪريٽري رهيس.. هڪ ڀيرو سنگت جو مرڪزي خزانچي پڻ رهيس.. شاعري سنڌ جي مختلف رسالن ۾ پڻ ڇپي آهي.. خانداني پس منظر علمي ۽ ادبي اٿم.

## نالو فدا ملڪ والد جو نالو شفيع محمد ملڪ

ڳوٺ جو نالو: ٻانهون ملڪ، ڳوٺ ڪيترو آڳاٽو آهي: قديمي ڳوٺ آهي، ڳوٺ جي مشهور يا اهم شخصيت نالو: ٻانهون ملڪانگريز دؤر جو ڊي ايس پي پوليس ڄمڻ جي تاريخ:۰۱,۰۵,۱۹۸۰ ڄمڻ جو هنڌ: ڳوٺ ٻانهون ملڪ
تعليم: ايم اي سنڌي ڪرت: پنهنجو ڪاروبار مهارت: ڏهن سالن جو ايڊمنسٽريشن تجربو ڊسڪون ڪمپني. پنج سال ائڊمنسٽريشن اين جي او. سنڌي اديبن جي تمام وڏي جماعت سنڌي ادبي سنگت سنڌ سان ۱۹۹۳ کان سلهاڙيل سرڪاري نوڪري ناهي سجاڳپ: اديب، شاعر، ليکڪ ڇپيل شاعري جو مجموعو ”احساسن جو پنڌ “ ٻن ڪتابن جو اڻ ڇپيل مواد ونڊر: فوٽو گرافي، ادبي پروگرام، سماجي سرگرميون.

## نالو ⋅ عاشق علي راڄڙ ولد ⋅ محمد امين راڄڙ _ ادبي نالو ⋅ عاشق راڄڙ

تعليم . بي اي، جنم ۰۳ ۰۱ ۱۹۸۰ ڳوٺ محمد امين راڄڙ لڳ ۸ نمبر ڏهرڪي، لکڻ جي شروعات ۲۰۰۸ کان ،صنفون. غزل .نظم .نثر. گيت.وائي.بيت. چوسٽا ادبي استاد . جميل سومرو پسنديده شاعر. سائين مفتون ڪورائي.

## پورو نالو... منظور احمد پتو_ادبي نالو.... منظور بيدار پتو



ڄمڻ جي تاريخ...۱۹۷۸, ۰۲, ۱۰ ڄمڻ جو هنڌ.... ڳوٺ رئيس الهجيوايو پتو لڳ داد روڊ ڏهرڪي ضلعو گهوٽڪي. آئيڊيل شخصيت...شهيد ذوالفقار علي ڀٽو. لکڻ جي شروعات ۱۹۹۵ع ڇپيل مواد... ۱۰۰ کان مٿي آرٽيڪل، مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ، جهڙوڪ.. سوال اخبار، بختور اخبار، تعمير سنڌ، پاڪ ڪراچي، پاڪ سنڌ سکر، ڪاوش، ڪوشش، گل قل، روشن دنيا، مرڪ ڪراچي، ارچڪ مرچڪ، گلڙا شڪارپور، سنڌ رنگ ڊائيجسٽ، هالار ڊائيجسٽ وغيره. ڇپيل رسالو. سنڌڙي پبليڪيشن سال ۲۰۰۱ع ۽ سال ۲۰۰۲ع بيدار پبليڪيشن سال ۱۹۹۷.۱۹۹۶ع چار ڪڙيون هينڊ رائيٽنگ. اڻ ڇپيل ڪتاب..۱..موٽڻ جنين مهٽو ۲. اوباوڙو جا چام ۳. چور ، صوبيدار ، وڏيرو ڪهاڻيون. ۴. ۲۳ ڏينهن درگاهه پرچوندي شريف ڏهرڪي ۾. ۵. ڏهرڪي جا مندر..٦. ٿهڪن جي ٽورنامين ۱۵ ڪهاڻيون، نالو انتخاب نه ڪيو آ، ۸. خدا بچائي ۹. ولادت رسول الله صلي الله عليه وسلم ۽ شهادت امام حسين عليه السلام ۱۰. ديوان بيدار... شاعريءَ ۴۰۰ غزل. ڏس پتو... خالد محمود گئس شاپ ظفر بازار ڏهرڪي.

## اصل نالو غلام مجتبي _ ادبي نالو جي ايم لاڙڪ _ والد جو نالو استاد غلام قادر _ ذات لاڙڪ

پيدائيش جي تاريخ. ۱۱ مارچ ۱۹۷۸ ڳوٺ جو نالو: نئون ڪوٽ ڳوٺ ڪيترو آڳاٽو آهي: قديمي ڳوٺ ميرن جي آثار آهن ڪرت: پرائيوٽ جاب مهارت: ڪمپوٽر ۾ اديب, شاعر آهي ته ڇپيل, اڻ ڇپيل تصنيف: ڇپيل: شاعري جو مجموعو ”دل جي وال تان گڏيل شاعري جا ۲ ٻه مجموعه، پير پير جو پنهنجو پنڌ ـــ ۽ چوڏس ميگهه ملهار . ٻي ڪا ونڊر: فوٽو گرافي، ادبي پروگرام، سماجي سرگرميون ۱۹۹۵ کان وٺي ادبي سنگت جو ميمبر ۽ مختلف عهدن تي رهيس ٻه ڀيرا اڳوٽو سيڪريٽري ۽ هن وقت موجود سال ۲۰۲۵ جو سنڌي ادبي سنگت شاخ جي سيڪريٽري جا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهيان.

## زاهد علي پنگر_ ادبي نالو زاهد پنگر

تاريخ پئدائش ١٠ جون ١٩٨٠ تعليم :ايم اي ايڪنامڪس، ايم اي جنرلزم، ڊپلومه اليڪٽريڪل. ٽيڪنالاجي. ادبي صنف. ڪالم، شاعري، نثر تنظيمي تعلق. سنڌي ادبي سنگت ڏهرڪي صلاحيت. اديب، ريڊيو آر جي، اسٽيج ڪمپيئر لکڻ جي شروعات ٢٠٠١ کان ڇپيل ڪالم. سنڌ اخبار، هلچل، تعمير سنڌ، بطور ايڊيٽر. هفتيوار اخبار ”گهوٽڪي نيوز“ سماجي خدمت. شيڊو هيومن ڊيولپمينٽ آرگنائزيشن جو قيام ۽ تعليم، شعوري آگاهي، عورتن، ٻارن ۽ معذوري تي ڪم سنڌ ايڪسپريس اخبار ۾ علمي، ادبي ۽ سماج جي مختلف شعبن جي شخصيتن جا انٽرويو. . اڻ ڇپيل ڪتاب. . . مختلف شخصيتن جي انٽرويو، خاڪن تي ٻڌل ڪتاب نوڪري: لائين سپريڊنٽ واپڊا.

## نالو-زاهد علي پنو_ ڇٺيءَ جو اصل نالو مبارڪ علي

جيڪو نالو مرشد پير آف پرچونڊي شريف پير عبدالخالق قادريءَ صاحب تجويز ڪيو ڪجهه وڏو ٿيس ته پيو نمبر وڏي پيءُ جنهن والده جي وفات بعد پاليو پڻ، تنهن مبارڪ علي عرف زاهد علي نالو رکيو، پوءِ ايئن مبارڪ علي مان زاهد علي سڏجڻ لڳس، پهريون پيرو پرچونڊي شريف جي پرائمريءَ اسڪول ۾ داخلا ۾ پڻ نالو زاهد علي لکيو ويو. قلمڪار، تخليقڪار طور دريافت، مُنهنجي ڪزن جنهن ڪي نرڳو اسين ننڍا پر وڏا ٻه ٻاجيءِ ٻاجيءِ چوندا هئا، آهن ٻاجيءِ منهنجي لکڻ وارو شوق ڏسي گهڻو همٿايو ۽ چيو ته لکندو رهه، گل قل، عوامي آواز جي ٻارڙن رسالن ۾ ڇپيل مواد سنڀاريندو وڃ، پر افسوس آئون اهو مواد سنڀاري، سهيڙي نه سگهيس. پئدائش ۽ هنڌ = ١٠ مارچ ١٩٨٠ پرچونڊيءِ شريف ڏهرڪيءِ ضلعو گهوٽڪيءِ لکڻ جي شروعات= اسڪولي دور ۾ گل قل رسالي ۽ عوامي آواز جي ٻاراڻن صفحن، ساٿيءَ، عبرت مئگزين سميت ٻين ٻاراڻن رسالن کان، ڇپجڻ=ڪاوش، ڪوشش، سوڀ، سنڌ ايڪسپريس، هلچل، سنڌ ۽ ٻنهنجي اخبار سميت اخبارن ۾ سياسي سماجي عالمي صورتحال تي ڪالم ۽ مضمون ۽ ٻنهنجي اخبار ۾ ڪهاڻيون ڇپيل -شاعريءِ ۾ =غزل وائي ۽ خصوصي طور نظم لکڻ -سوشل ميڊيا تي سياسي سماجي مسئلن تي مسلسل متحرڪ ٿي لکڻ.

## نالو: شاهنواز عرف معشوق علي پتافي_ تخلص: مسافر پتافي، ولد: عبدالرحمان

تاريخ پيدائش: (اصل)٢٦ نومبر ١٩٨٧ تاريخ پيدائش شناختي ڪارڊ مطابق: ١٧ فيبروري ١٩٩٠ پيدا ٿيڻ جو هنڌ: ڳوٺ حاجي خير محمد پتافي يونين ڪائونسل ڪينجهر پتافي تعلقو ڏهرڪي ضلعو گهوٽڪي تعليم: ايم اي سنڌي، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ٢٠١٤ ٽيڪنيڪل تعليم: ٣ سالا ڊپلوما اسوسيئيٽس آف انجنيئرنگ "اليڪٽريڪل"(ڊِي اي اِي) ٢٠١٣. ١ سالا ڊپلوما انفارميشن ٽيڪنالاجي(ڊي آئي ٽي) ١٣، ٢٠١٢-٦ مهينن جو شارٽ ڪورس اسڪلز ڊولپمينٽ ايجوڪيشن اينڊ ليٽريسي ڊپارٽمينٽ ٢٠٠٩-٦ مهينن جو شارٽ ڪورس (ٽري جي) ويلڊنگ ٢٠١٤-٣ مهينن جو شارٽ ڪورس گرافڪ ڊيزائننگ، ڊي جي اسڪلز پليٽ فارم، -٣ مهينن جو شارٽ ڪورس آٽوڪيڊ ٢ ڊِي ٣ ڊِي ماڊلنگ، ڊي جي اسڪلز پليٽ فارم حياتي ۾ ڪيل مختلف ڪم ڪار، جهڙوڪ: هوٽل، سول، مڪينيڪل، اليڪٽريڪل، ڪارپينٽر، انسٽرومينٽس، ڪمپيوٽر، ڊيزائننگ، وڊيو ايڊيٽنگ، اداڪاري، درامه نويسي، ڊائريڪشن، وغيره، مڪينڪل فيلڊ ۾ ملڪ کان ٻاهر "عُمان" جو مختصر تجربو. موجوده ڪم: خانگي اداري ۾ نوڪري ادب جي شروعات: سال ٢٠٠٠ رسالا، اخبارون پڙهڻ، سگهڙن جي ڪچهرين، راڳ جي محفلن ۽ مطالعي ڪانپوءِ ادب جي دنيا ڏانهن لاڙو ٿيو. سياست جي شروعات: ٢٠٠٤ کان سنڌ ترقي پسند پارٽي ۾ يونين جي عهدن کان وٺي ضلعي جي عهدن تائين رهيس، لکڻ جي شروعات: ٢٠٠٥ باقائده لکڻ جي شروعات: ٢٠١٣،١٤ جڏهن ادبي سنگت جو باظابطه ميمبر ٿيس-ڇپيل ڪتاب: ڪو به نه اڻ ڇپيل مواد: ٽن ڪتابن جيترو-موضوع١. شاعري٢. قبيلي جو بڻ بنياد ۽ منهنجو شجرو ستن پيڙهين تائين(نثر) ٣. نيٺ ته ٿيندو سوجهرو (اسٽيج ناٽڪ)

**مڪمل نالو:- نوبت علي ڏهر- ادبي نالو:- نوبت ڏهر- پيءُ جو نالو:- علي حسن ڏهر**

ڄم جي تاريخ:- ٢. ٠٤. ١٩٧٩ ڄم جو هنڌ:- ڳوٺ حاجي غازي خان ڏهر تعلقو ڏهرڪي ضلع گهوٽڪي تعليم:- M.A سوشيالاجي ملازمت:- تعلق سرويلنس آفيسر ,ورلڊ هيلٿ آرگنائيزئشن WHO پسنديده شخصيت، حضرت محمد صلي الله عليه سلم پسنديده ڪاڌو ، دال چانورَ ساڳ -ادب ۾ داخل ٿيڻ جا سبب:- محبت ، لکڻ جون صنفون: نثر ,نظم ,غزل ,گيت ,وائي ,چئوسِٽو ۽پنجڪڙو. ڇپيل مواد - گڏيل ڪتاب نظمن جانيڻ ,زنگجي ويل خواب ، اکين جي اڪيلائي ۽چنڊ آرستي ۾ )( مرتب مبين اڃڻ)، ڇپيل ڪالم سنڌ جي مختلف اخبارن روزاني ڪوشش سکر ,روزاني سڪار ڪراچي ,روزاني برسات ڪراچي ، روزاني پاڪ ڪراچي ، روزاني پاڪ سنڌ سکر ۽ روزاني هلچل حيدر آباد روزاني نجات سکر ۽روزاني آجيان ڪراچي ادبي عهدا/خدمتون: آڊيٽر سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏهرڪي رابطو نمبر:-٠٣٠٨٣٣٩٨٠٨٦ ڏس پتو:-ڳوٺ پنهنجو حاجي غازي خان ڏهر ڏهرڪي noubatali786@ gmail.com

## علي حسن ايف سومرو خاڪي-دور انديش ۽ مانيٽي طبعيت جو مالڪ

**علي حسن ايف سومرو خاڪي** ۴ مارچ ١٩٦٥ع تي هڪ غريب هاري فيض محمد سومرو جي گهر ۾ جنم ورتو، پرائمري تعليم اوباوڙو شهر مان حاصل ڪئي والدين جي غربت سبب ننڍي عمر ۾ تعليم ڇڏي مزدوري ڪرڻي پئي . ۽ مزدوري سان گڏ تعليم جي شوق ۽ حسرت سبب نوي واري ڏهاڪي ۾ پرائيويٽ ميٽرڪ ۽ فسٽ ايئر ڪرڻ بعد انتر ڪنهن مجبوري سبب اڌ ۾ ڇڏڻو پيو . هڪ سردار ۽ ايم پي اي جي ذاتي ڊرائيور ۽ نائب هيڊ سبب ڪيس پلي پار جي ست پيرا سفرن جي سعادت ۽ پيون بہ آسائشون زندگي ۾ نصيب ٿيون . سردارن ۽ سياستدانن سان ويجهو رهڻ سبب ڪيس وڏي ڄاڻ ملي جنهن کي هن پنهنجي زندگي جي ڊائرين ۾ قلم بند ڪري ڇئن ڪتابن ۾ پاڻ لکي ڇپرائي هميشه لاءِ محفوظ ڪيو آهي . جنهن ڪري ڪيس ليکڪ بہ چئي سگهجي ٿو .

## ڏهرڪي جي مرڪزي امام بارگاهون ۽ مذهبي تنظيمون

**مرڪزي الحيدري مسجد ۽ امام بارگاهہ:** ڏهرڪي شهر جي سڀ کان وڏي امام بارگاهہ طور سڃاتي ويندڙ الحيدري مسجد ۽ امام بارگاهہ، شيعن جي مذهبي، روحاني، ۽ اجتماعي سرگرمين جو مرڪز رهي آهي. هن امام بارگاهہ جا متولي سيد عاشق حسين شاهہ آهن، جيڪي پير گلاب شاهہ جي گديءَ جا نشين آهن. متولي خاندان جا اهم فرد هيئيان آهن: سيد عباس شاهہ، سيد عطاءُ الله شاهہ، سيد عبدالله شاهہ، سيد غلام رضا شاهہ، سيد رفاقت حسين شاهہ، سيد نزاڪت حسين شاهہ. ان امام بارگاهہ جي تنظيم جو نالو آهي: "انجمن معصومين اهلبيت عليہ السلام، رجسٽرڊ ڏهرڪي" جنهن جا سرپرستِ اعلي ڊاڪٽر سيد سجاد حيدر شاهہ آهن.

**الحسيني امام بارگاهہ :** ڏهرڪي جي هڪ ٻي نمايان امام بارگاهہ "الحسيني امام بارگاهہ" آهي، جنهن جي انتظام هيٺ خاندانِ سيد سان لاڳاپيل شخصيتون شامل آهن: سيد اختيار حسين شاهہ، سيد ممتاز علي شاهہ، سيد علي رضا شاهہ، سيد شاهد حسين شاهہ، سيد اعجاز حسِين شاهہ، سيد جاويد شاهہ. هي امام بارگاهہ محرم الحرام ۽ ٻين مذهبي موقعن تي علم، تعزيي، مجلس ۽ ماتمي جلوسن جو بندوبست ڪري ٿو.

**پنجتني امام بارگاهہ:** هي امام بارگاهہ بہ ڏهرڪي جي اهم مذهبي هنڌن مان آهي، جنهن جي سرپرستي ذوالفقار علي شيخ جي سربراهيءَ ۾ ڪئي وڃي ٿي. انهيءَ امام بارگاهہ سان لاڳاپيل نالا هن ريت آهن: ذوالفقار علي شيخ، پرويز احمد شيخ، نياز احمد ڏهر، حاجي علاوالدين شيخ، نور محمد شيخ. پنجتني امام بارگاهہ پڻ عزاداري، جلوسن، نذر و نياز، ۽ امامن جي ياد ۾ منقبتن جي محفلن جو اهتمام ڪري ٿو.

# ڊاڪٽر ظفر علي خان ڀٽو جي مختصر زندگي- خانداني ۽ ذاتي پسمنظر

**خانداني پســـــــــمنظر: ديهه عالم آرائين جي ڀٽو ذات جو لڏپلاڻ آبادڪاري ۽ نسل:** ڊاڪٽر ظفر علي ڀٽو جو وڏو خاندان اصل ۾ راجستان (جيسلمير) جي مالوند ۽ ٻنيال علائقن سان تعلق رکندو هو. ١٩ هين صدي دوران ڏڪاري حالتن سبب خاندان لڏپلاڻ تي مجبور ٿيو. وڏيرو محمد عالم ڀٽو (اول) جي اڳواڻيءَ ۾ ڀٽا ذات جو هڪ قافلو جيسلمير مان نڪري ڦريان ملتان پهتو, اتي ڪجھ عرصو گذارڻ بعي اڳتي زرخيزي جي طرف اُباوڙو جي ويجهو مختلف جاين تي ڳوٺ ٻڌا. جن ۾ ڀهلي محمد پور لڳ، سوئي شريف ۽ پاڻ پرچونديءَ لڳ عالم ڀٽو نالي ڳوٺ آباد ڪيو. انگريزن ان ڳوٺ جو نالو ديهه عالم آرائين رکيو. ان دور ۾ زمين خريدڻ جي قانوني سهولتون نه هيون، تنهن ڪري آبادڪاري لاءِ زمين تي قبضي بعد فصل پوکي روزگار جو سلسلو شروع ڪيو ويندو هو ۽ محمد عالم ڀٽو نه ائين ئي ڪيو. راجستان ۾ به سندن معاشي سهارو مالداري هو، هو مال خريد ڪري پاليندا هئا. **خاندان جي وڏن جا نالا ۽ نسل:** محمد عالم ڀٽو اول: اصل مهاجر، ڳوٺ جي بنياد وجهندڙ. سندس پٽ: وڏيرو رحيم بخش ڀٽو هو، رحيم بخش ڀٽو جا ٻه پٽ: ١. اگڻ ڀٽو ٢. وڏيرو محمد عالم ڀٽو دوم وڏيرو محمد عالم ڀٽو دوم جا چار پٽ (ڀٽو ذات):

١. بهادر خان ڀٽو ٢. رحيم بخش ڀٽو ٣. سوڍو خان ڀٽو ٤. حاجي محمد حاصل ڀٽو (١٩٠١ع–١٩٨٨ع

**محمد حاصل ڀٽو جو مختصر تعارف سال** ١٩٠١ کان ١٩٨٨ع زندگي، خدمتون ۽

طبعيت ۽ سادگي سان زندگي بسر ڪندڙ شخصيت جو مالڪ پرچونديءَ ۽ ڏهرڪي جي تاريخ

ڪ... ونديل ميمبر به رهيو. ڏاڍي محنت سان ترقي ڪئي ۽ ٻارن جي تعليم خاطر ڏه

وٺ... سيهڙ واه تي ٢٥٠ ايڪڙ زمين چانديا موري ۾ خريد ڪئي. آباد ڪئي. ان سان...

آبا... ڪافي پراپرٽي خريد ڪئي، جتي بعد ۾ دڪانون ۽ ملڪيتون ٺاهيون. ١٩٨٢ع ۾ ڏهرڪي جو پهريون آر. سي. سي

به م... **...گ سينٽر** تعمير ڪرايو، جنهن بعد شاپنگ سينٽرن جو رجحان وڌيو. ڀٽو شاپنگ جيڪو اڄ به "نمبر ون شاپنگ

سي...

**محمد حاصل پتو جو خاندان ڪيس چار پٽ:** هڪ نياڻي ١. ڊاڪٽر ظفر علي پتو ٢. ڊاڪٽر لياقت علي پتو ٣. مختيار احمد پتو ٤. مرحوم ڪامريڊ اختيار پتو جيڪو ڪميونسٽ پارٽي ۾ ڪامريڊ جام ساقي جو ويجهو ساٿي هيو. هڪ ڌيءُ پڻ هئي.

**خواب ۽ وصيت:** محمد حاصل پتو جا پٽ ظفر پتو ۽ لياقت پتو ميڊيڪل پڙهي رهيا هئا ته هن جي خواهش هئي ته سندس پٽ ميڊيڪل شعبي ۾ ترقي ڪري ڊاڪٽر ٿين جن لاءِ هن پنهنجي اولاد خاطر اڳوات ئي هڪ وڏو ميڊيڪل ڪمپليڪس جي تعمير ڪرڻ شروع ڪيو. جنهن جو نالو به پاڻ الحاصل ميڊيڪل ڪمپليڪس رکيو جنهن جو نوي سيڪڙو ڪم مڪمل ڪيو پر ساڻس زندگي ساٿ نه نڀايو ۽ سال ١٩٨٨ع ۾ وفات ڪئي. بقايا ڪم، در دريون، رنگ روغن وغيره سندس پٽ ڊاڪٽر ظفر علي مڪمل ڪرايو.

**ڊاڪٽر ظفر علي پتو:** زندگي، تعليم ۽ سماجي سفر ڊاڪٽر ظفر پتو جو جنم: ١٩٥٢ع ۾ محمد حاصل پتو جي گهر ڳوٺ عالم آرائين ۾ ٿيو. پرائمري تعليم گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول مڊل، ميٽرڪ ڏهرڪي مان ڪرڻ وقت شاگرد سياست جوائن ڪئي. ٤. سياست ۽ جدوجهد سياسي شعور ۽ وابستگيون: ١٩٧٠ع ۾ ميٽرڪ دوران ئي سياسي شعور پيدا ٿيو. سپاف جي يونٽ جو صدر، ڏهرڪي. انٽر اسلاميه ڪاليج سکر مان ڪرڻ بعد ١٩٧٠ع ۾ چانڊڪا ڪاليج ۾ داخلا ورتي جتي به شاگرد سياست ڪئي ۽ سپاف جو سينئر نائب صدر چونڊيو ويو. بعد ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي سان لاڳاپيل ٿيو. **شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاسي تي 1979ع ۾ غائبانه جنازي نماز ۾ شرڪت سبب گرفتار ٿيو. ايم. آر. ڊي تحريڪ (1983ع، 1986ع):** مارشل لا خلاف تحريڪن ۾ سرگرم رهيو. ۽ ٻنهي مرحلن ۾ جيل ويو. ١٩٨٣ع ۾ ٽي مهينا ١٩٨٦ع جي جيل پريو تحريڪ ۾ چار مهينا جيل ويو جنهن ۾ الهورايو راڄڙي، گوردن داس نظام سميجو ۽ نظام راڄڙي به گڏ هئا. ١٩٧٩ع ۾ ڏهرڪي ٿاڻي تي هڪ آرمي ميجر جي سخت تشدد جي شڪار ٿيو: ويهڻ جهڙو به نه رهيو. گڏ ١٠ ساٿي هئا، ڪيس اباوڙو جڊيشل لاڪ اپ ڪري هڪ هفتي بعد ڇڏي ڏنو، سياست سان گڏ تعليم ۾ به دلچسپي رکي سکر ڪاليج بعد ايم. بي. بي. ايس: چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو، مان ١٩٨١ع ۾ پهرين بيچ مان ڊاڪٽر جي ڊگري حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. **نوڪري ۽ خدمتون:** ١٩٨٧ع: ڏهرڪي اسپتال ۾ ميڊيڪل آفيسر طور مقرر ٿيو. ٢٠١٢ع: ملازمت مان رٽائر ٿيو. ۽ پنهنجي ڪلينڪ ڪي فل ٽائم ڏيڻ سان گڏ پنهنجي والد جي وفات سبب ڊاڪٽر ظفر پتو سندس جو پڳدار پٽ ۽ پتو برادي جو چڱو مڙس هو. دوران شاگرد سياست پيپلز پارٽي ڪي گهوٽڪي ۾ پتو ذات متحرڪ ڪرڻ خاطر لاڙڪاڻي جي مختيار پتو سان ويجهڙائپ ڪري ڏهيسر سنڌ ممتاز علي خان پتو ڪيس ضلعي گهوٽڪي ۾ پتو برادري ڪي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ لاءِ پتو اتحاد جو سربراه مقرر ٿيو، ان وقت ممتاز علي پتو ڪنفيڊريشن نظام جي ڳالهه ڪندي سنڌ نيشنل فرنٽ ڇاهي هئي، محترمه بينظير ڀٽو ١٩٨٨ع ۾ پهريون ڀيرو اقتدار ۾ آئي ته ان ممتاز پتو جي سوچ ڪي مد نظر رکي ڏهرڪي ۾ پتو ويلفيئر ايسوسيئيشن ٺاهي جنهن ۾ مختيار پتو محترمه بي نظير ڀٽو ڪي اسان جي جدوجهد کان آگاه ڪيو ۽ ڊاڪٽر لياقت پتو ڪي پتو ويلفيئر ايسوسيئيشن جو چونڊن ذريعي صدر ٿيو، ان وقت محترمه بي نظير ڀٽو ايسوسيئيشن معرفت پتو ذات جي ماڻهن ڪي نوڪريون ڏنيون عمرا ۽ حج ڪرايا. **ڊاڪٽر ظفر پتو جا سياسي ۽ ذاتي تعلقات:** مخدوم خليق زمان، غلام قادر پتو سيد پرويز شاه، ممتاز علي خان پتو، جام ساقي، شبير شر سميت ضلعي گهوٽڪي جي سردار علي گوهر خان مهر، سردار احمد علي پتافي سميت سپني سردارن وڏيرن پيرن سان بهترين لاڳاپا آهن. **ڊاڪٽر ظفر پندرهن سالن کان باقاعده "نيو ييئر فش پارٽي" جو اهتمام ڪندو آهي** جنهن ۾ سنگت ساٿ سميت برادري جي هڪ سو کان مٿي ماڻهن سان ڪچهري باه جي سيڪ ۽ ميل ملاقات جي هڪ وڏي گڏجاڻي منعقد ڪندو آهي ڊاڪٽر ظفر موجب تعلقي ڏهرڪي اباوڙو ميرپور ۾ ڏه هزار کان مٿي پتو ڪميونٽي آهي ڪوشش ڪندو آهي ته جيستائين جيءُ ۽ جهان آهي انهن سان رابطو هلندو رهي.

**شاديون ۽ اولاد:** ڊاڪٽر ظفر پتو به شاديون ڪيون آهن. جن مان ٻه پٽ ١. اظهر علي پتو بينڪ الفلاح ۾ مينيجر آهي. ٢. اطهر علي پتو ڪراچي ۾ LAW ڪري رهيو آهي. ۽ پنج نياڻيون جنهن مان ڊاڪٽر سائره BDS ڪري پئي باقي خانه داري ڪن ٿيون.

**غلام مصطفي شر**

جيوڻ خان شر جي گهر ١٩٧٦ ۾ پيدا ٿيو اسان جو ابائي ڳوٺ منهنجي والد جي ئي نالي سان اوباوڙي شهر کان پنج ڪلو ميٽر پري رونتي روڊ سان ڳوٺ جيوڻ شر آهي چئن ڀائرن ۾ سيني کان ننڍو هوندي ماء ۽ پي جو لاڏلو رهيس شروعاتي پرائمري ۽ مئٽرڪ تائين تعليم اوباوڙي شهر ۾ ئي حاصل ڪئي ۽ انٽر ميڊيئيٽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج سکر مان پاس ڪري گريجوئيشن ۽ ماسٽر شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس مان پاس ڪئي ڪجھ وقت زمينداري جو ڪم ڪار بہ ڪيو ان سان گڏ سماجي ڪمن ۾ مهراڻ سوشل ويلفيئر ايسوسيئشن جي پليٽ فارم تان بہ سرگرم رهيس شاگردي جي دوران قومپرست سياست ۾ سرگرم رهيس ٢٠٠٣ کان ماڙي انرجيز ۾ مختلف شعبن ۾ خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهيان جنهن ۾ هائوسنگ، پروڪيورمنٽ ۽ ايڊمنسٽريشن شامل آهن

**ڏهرڪي جي مرڪزي امام بارگاهون ۽ مذهبي تنظيمون**

**١. مرڪزي الحيدري مسجد ۽ امام بارگاه**

ڏهرڪي شهر جي سڀ کان وڏي امام بارگاه طور سڃاتي ويندڙ الحيدري مسجد ۽ امام بارگاه، شيعن جي مذهبي، روحاني، ۽ اجتماعي سرگرمين جو مرڪز رهي آهي.

هن امام بارگاه جا متولي سيد عاشق حسين شاه آهن، جيڪي پير گلاب شاه جي گدي ءَ جا نشين آهن.

متولي خاندان جا اهم فرد هيٺيان آهن: سيد عباس شاه، سيد عطاءُ الله شاه، سيد عبدالله شاه، سيد غلام رضا شاه، سيد رفاقت حسين شاه، سيد نزاڪت حسين شاه

ان امام بارگاه جي تنظيم جو نالو آهي:

"انجمن معصومين اهلبيت عليہ السلام، رجسٽرڊ ڏهرڪي"

جنهن جا سرپرستِ اعلي [1] آهن: ڊاڪٽر سيد سجاد حيدر شاه

**٢. الحسيني امام بارگاه – اختيار حسين شاه عرف حسين شاه**

ڏهرڪي جي هڪ ٻي نمايان امام بارگاه "الحسيني امام بارگاه" آهي، جنهن جي انتظام هيٺ خاندانِ سيد سان لاڳاپيل ... آهن: سيد اختيار حسين شاه، سيد ممتاز علي شاه، سيد علي رضا شاه، سيد شاهد حسين ... حسين شاه، س... هي امام بارگاه محرم الحرام ۽ ٻين مذهبي موقعن تي علم، تعزيي، مجلسن ۽ ماتمي جلوس ... ڪري ٿو.

**٣. پنجتني امام بارگاه – ذوالفقار علي شيخ**

هي امام بارگاه بہ ڏهرڪي جي اهم مذهبي هنڌن مان آهي، جنهن جي سرپرستي ذوالفقار ... راهيءَ ۾ ڪئ... انهيءَ امام بارگاه سان لاڳاپيل نالا هن ريت آهن: ذوالفقار علي شيخ، پرويز احمد شيخ ... حاجي علاوالدين ... شيخ.

پنجتني امام بارگاه پڻ عزاداري، جلوسن، نذر و نياز، ۽ امامن جي ياد ۾ منقبتن جي محفلن جو اهتمام ڪري ٿو.

**مهر پائي خان جا پاڙي جو تاريخي پسمنظر:** سنڌ جي تاريخي، قبيلائي ۽ تمدني منظر نامي ۾ مهر قبيلي کي نمايان حيثيت حاصل آهي. هن قبيلي جون ڪيترئي شاخون ۽ پاڙا آهن جن مان اهم ناﻻ "مهر بنگا" ۽ "مهر مبا" آهن "مهر بنگا" جي اندر ٻارهن کان تيرهن پاڙا موجود آهن جن جو اجتماعي وڏيرو پائي خان جو پاڙو سڏجي ٿو. جيڪو هن شاخ جو اصل سربراهه سمجهيو ويندو آهي. پائي خان جا مهر تاريخي لحاظ کان به اهميت رکن ٿا. جڏهن ۽ سنڌ گڏيل هئا تڏهن جيسلمير رياست ۾ راجا جو راڄ هو. ان وقت جي قبيلائي سردار منگر مهر پائي خان جا جي "ڪرسي" کي پڻ راجا جي ڪرسي سان گڏ رکيو ويندو هو جيڪو سندس سياسي ۽ سماجي اهميت جو مظهر هو، پاڪستان جي قيام کان پوءِ پائي خان جا مهرن جي اڪثريت سنڌ طرف لڏي آئي. انهن مان وڏيرو منگر مهر جو پٽ وڏيرو گلشير مهر به هڪ هو، اڄ جي وقت ۾ سندن وارث وڏيرو منگر مهر دوم قبيلي جو سربراهه آهي. پائي خان جا مهر سنڌ جي سانگهڙ، ڍهرڪي، ۽ بهاولپور رياست جي لياقت پور خانپور سميت هندستان جي جيسلمير ضلعي ۾ به موجود آهن.

**خير محمد مهر ۽ سندس خانداني خدمتون:** پائي خان جا مهرن جي ذڪر ۾ جيڪڏهن فقير شير محمد مهر جي پڳدار پٽ خير محمد مهر جو نالو نه ڏجي، ته اها تاريخ سان بي انصافي ٿيندي. خير محمد مهر پنهنجي زندگيءَ ۾ محنت ڪري پنهنجي اولاد کي تعليم ڏياري سندس وڏو پٽ محمد هاشم مهر جيڪو ١٠ مئي ٢٠٢٤ تي روڊ حادثي ۾ شهيد ٿيو، سرڪاري ملازم هو، سندس ٻيا پٽ رضا محمد مهر، عبدالرحمان مهر، علينواز مهر ۽ وڏو پٽ منظور احمد پڻ سرڪاري نوڪرين ۾ آهن جڏهن ته پوٽو عبدالجبار مهر ماڙي انرجيز ڪمپني ۾ پنهنجيون خدمتون سر انجام ڏيئي رهيو آهي.

**پائي خان جا پاڙي جو تاريخي پسمنظر:** حاجي الله ڏنو مهر هڪ وڏو ڏاهو هو مهر برادري جا فيصلا به ڪندو هو سردار غلام محمد خان مهر ء درگاه شريف پير سائين پاڳارا جي خليفن فيصلا ڪاميٽي جي چيئرمين ميمبرن ۾ عزت جي نگاه سان ڏٺو ويندو هو وفات کان پوءِ سندس پٽ تاج محمد مهر کي به عزت جي نگاه سان ڏسندي هئي تاج محمد مهر به ٢ سال اڳ وفات ڪري ويو. وڏيرو منگر مهر پائي خان جو جي طاقت جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته هند سنڌ جي باردر تي سنڌ جي حد ۾ هڪ ٽوپو هو ٽوپو هڪ تلاءُ وانگر هوندو آهي جنهن ۾ برسات جو پاڻي جمع ٿيندو آهي ان مان انسان توڙي حيوان پيئندا آهن. اهو ٽوپو ٻي برادري جو هو پائي خان جا برادري جي لالو مهر جي مال کي انهن ٽوپي مان پاڻي پيئڻ نه ڏنو ، لالو مهر پنهنجي وڏيرو منگر مهر کي اهڙي دانهن ڏني. منگر مهر هند سرڪار کي چئي هند سنڌ باردر جي ماپ ڪرائي ان ٽوپي کي جيسلمير رياست جي حد ۾ ڪرائي ويو، اڄ به باردر تي تار لڳل آهي ان ٽوپي وٽان تار پاسيري لڳل آهي وڏيرو منگر مهر جو پڳدار پٽ وڏيرو گل شير مهر هو جيڪو سهڻو دبدبي وارو ۽ ڳالهائڻ جو ڪاريگر هو جيڪو ڏهه سال کن گذاري ويو آهي هاڻي ان جو پٽ وڏيرو منگر مهر پڳدار آهي

**حاجي الله ڏنو مهر ۽ تاج محمد مهر** حاجي الهڏنو مهر پنهنجي دور جو ڏاهو ماڻهو جيڪو مهر برادري جا اهم فيصلا به ڪندو هو سردار غلام محمد خان مهر ء درگاه شريف پير سائين پاڳارا جي خليفن فيصلا ڪاميٽي جي چيئرمين ميمبرن ۾ عزت جي نگاه سان ڏٺو ويندو سندس وفات کان پوءِ سندس پٽ تاج محمد مهر کي به عزت ماڻي تاج محمد مهر به ٢ سال اڳ وفات ڪري ويو

**وڏيرو منگر مهر پائي خان جو** جي طاقت جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته هند سنڌ جي باردر تي سنڌ جي حد ۾ هڪ ٽوپو هو ٽوپو هڪ تلاءُ وانگر هوندو آهي جنهن ۾ برسات جو پاڻي جمع ٿيندو آهي ان مان انسان توڙي حيوان پيئندا آهن اهو ٽوپو ٻي برادري جو هو پائي خان جا برادري جي لالو مهر جي مال کي انهن ٽوپي مان پاڻي پيئڻ نه ڏنو ، لالو مهر پنهنجي وڏيرو منگر مهر کي اهڙي دانهن ڏني منگر مهر هند سرڪار کي چئي هند سنڌ باردر جي ماپ ڪرائي ان ٽوپي کي جيسلمير رياست جي حد ۾ ڪرائي ويو اڄ به باردر تي تار لڳل آهي ان ٽوپي وٽان تار پاسيري لڳل آهي وڏيرو منگر مهر جو پڳدار پٽ وڏيرو گل شير مهر هو جيڪو سهڻو دبدبي وارو ۽ ڳالهائڻ جو ڪاريگر هو جيڪو ڏهه سال کن گذاري ويو آهي هاڻي ان جو پٽ وڏيرو منگر مهر پڳدار آهي

## محمد يونس پنهور چيئرمن ريفري جج ڪميشن آف پاڪستان

**انٽرنيشنل باڪسر ۽ ريفري محمد يونس پنهور** ڏهرڪي وارن لاءِ محمد يونس پنهور هڪ اعزاز فخر جو نالو آهي جنهن پهرين مارچ ١٩٦٩ع ۾ محمد يوسف پنهور جي گهر ڏهرڪي ۾ جنم ورتو پنهنجي ابتدائي تعليم پرائمري کان ميٽرڪ تائين ڏهرڪي ۽ گهوٽڪي ڪاليج مان بيچلر ڊگري حاصل ڪئي جواني جي جوش ۾ تي وي تي محمد علي ڪلي کي ڏسي باڪسنگ جو جنون پيدا ٿيو. جنهن جي سکيا لاءِ ڪراچي ويو ۽ استاد محمد يعقوب قمبراڻي کان سکيا ورتي، ۽ پاڪستان باڪسنگ جي ٽيم ۾ شامل ٿي چهه ميچن ۾ حصو ورتو. جنهن بعد سال ١٩٩١ع ۾ سکر ڊويزن جي باڪسنگ جي ٽيم ترتيب ڏني، سال ١٩٩٥ع ۾ ڊسٽرڪٽ اسپورٽس ڪاميٽي جو بنياد ڊپٽي ڪمشنر نصير جمالي جي سربراهي ۾ وڌو سال ٢٠٠٠ع ۾ ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي غلام محمد ڪونڌر جيڪو اسپورٽس ڪاميٽي جو چيئرمن ۽ وائس چيئرمن محمد يونس پنهور ۾ پهرين ڊسٽرڪٽ گيمز منعقد ڪرائي، ٢٠٠٨ع ڊي سي زاهد عباسي ڪرائي جنهن بعد ڊسٽرڪٽ گيمز هر سال ڪرايون ويندڙيون آهن. محمد يونس پنهور ڏهرڪي شهر سان تعلق رکندڙ هڪ ناليوارو انٽرنيشنل باڪسر، ريفري ۽ اسپورٽس آرگنائيزر آهي، جنهن سال ١٩٩٥ع ۾ انٽرنيشنل ريفري جج جو امتحان واس ڪري جج مقرر ٿي ويو. جيڪو هن وقت انٽرنيشنل جج سان گڏ ضلعي گهوٽڪي جي ڊسٽرڪٽ اسپورٽس ڪاميٽي جو وائيس چيئرمين پڻ آهي. يونس پنهور پنهنجي راندين واري سفر جي شروعات ڏهرڪي مان ڪئي ۽ تدريجي طور قومي ۽ بين الاقوامي سطحن تي پاڻ مڃرايو. **ڪارناما ۽ خدمتون:** ١. پاڪستان جي نمائندگي ڪندي باڪسنگ ۾ ڪيترائي قومي ميڊلز حاصل ڪيا. ٢. انٽرنيشنل باڪسنگ مقابلا ججن ۽ ريفري جي حيثيت سان فيصلا ڪيا. ٣. ضلعي گهوٽڪي ۾ باڪسنگ جي واڌاري لاءِ تربيت، ٽورناميٽنس، ۽ اسپورٽس ڪئمپون منظم ڪيون. ٤. نوجوانن جي رهنمائي ۽ فزيڪل فٽنيس لاءِ سرگرم رهندا آهن ٥. ضلعي گهوٽڪي ۾ راندين جي واڌاري لاءِ خدمتون: محمد يونس پنهور ضلعي ۾ راندين جي ترقي لاءِ فعال ڪردار ادا ڪيو آهي. محمد يونس پنهور هن وقت چيئرمن ريفري جج ڪميشن آف پاڪستان فيڊريشن ۽ انٽرنيشنل جج ڪاميٽي جو ميمبر پڻ آهين **ڏهرڪيءَ جي باڪسنگ جو هيرو:** محمد يونس پنهور ۽ سنڌس ڪردار ١٩٩٥ع ۾ ڏهرڪي ۽ اباوڙو تعلق جي وچ مان هڪ اهڙو نالو اُڀريو، جنهن نه صرف قومي پر بين الاقوامي سطح تي باڪسر، ريفري ۽ جج طور سڃاڻپ ماڻي — اهو نالو آهي محمد يونس پنهور. هو هڪ ذهين، بهادر ۽ باڪمال راندين جو شوقين هو. جنهن پنهنجي ذاتي خرچ تي ڏهرڪي شهر ۾ باڪسنگ ڪلب قائم ڪيو. انهيءَ ڪلب ذريعي، هن سوين نوجوانن ۾ جاڳرتا، جرئت، ۽ فيئر فائيٽنگ جو جذبو پيدا ڪيو. **باڪسنگ ڪلب ۽ ان جا خدمتون:** باڪسنگ جي ابتدائي مشق لاءِ هڪ رنگ (Boxing Ring) تيار ڪيو ويو. جنهن لاءِ ميمبرشپ ذريعي فنڊ گڏ ڪيو ويو ۽ ابتدائي رنگ ڪاٺ جا مضبوط ڦٽا لڳائي ٺهرايو ويو. باڪسنگ جا رانديگر ۽ باڪسنگ هڪ قديم ۽ انتهائي طاقتور راند آهي. جيڪا نه صرف مقابلي جو جذبو پيدا ڪري ٿي، پر جسماني صحت ۽ تندرستي لاءِ به انتهائي فائيدمند سمجهي وڃي ٿي. باڪسنگ جي مقابلن ۾ رانديگرن جي تياري، فٽنيس، اسٽيمنا، ۽ ٽائمنگ انتهائي اهميت رکن ٿا. ان سان گڏوگڏ، راند ۾ تيزي، مهارت، ۽ دفاعي حڪمت عملي ضروري هوندي آهي. نوجوانن لاءِ باڪسنگ رڳو راند نه پر هڪ نظم و ضبط واري زندگي جي سکيا پڻ آهي، جيڪا انهن کي نشي ۽ منفي سرگرمين کان پري رکي ٿي. باڪسنگ ڪلبن، اسڪولن، ۽ گيمز جي ذريعي هن راند کي هٿي ڏيڻ، صحت مند سماج جي تشڪيل لاءِ هڪ سٺو قدم آهي. اڄڪلهه ڪيترائي سنڌي نوجوان، جهڙوڪ واجد علي پنهور، ياسر جميل انصاري، زاهد علي، وغيره، هن راند ۾ نالو روشن ڪري رهيا آهن، جيڪي نوجوان نسل لاءِ حوصلا افزائي جو سبب آهن. باڪسنگ جسماني تندرستي سان گڏوگڏ بهادري، بردباري، ۽ سچائيءَ جي سکيا به ڏئي ٿي، جيڪا هڪ مڪمل انسان لاءِ ضروري آهي.

**باڪسنگ جا بهادر ناليوارا رانديگر:** محمد يونس پنهور، عبدالمجيد سومرو، لياقت علي پنهور، محمد آصف پنهور، گلستان نيازي، سجاد گرگيج، لياقت سومرو، عمران ڪانجو، غلام مصطفي سومرو، وسيم گل سومرو، فهيم گل سومرو، امتياز سومرو، اعجاز ڪوير، خالد ڪٽپر، زمان نيازي، منظر علي پنهور. محبت علي پنهور، شهباز انصاري، جاويد احمد لغاري، محمد محسن خان لغاري، نديم انصاري، سرفراز ذوق، محمد ارشد، قلندر بخش شر، بخت علي ڏهر، روشن علي پتو، شهزادو پنهور، خليل سومرو، اڪبر راڄڙ (انٽرنيشنل باڪسر)،

**موجوده رانديگر (ڪرنٽ پليئرز):** ياسر جميل انصاري (نيشنل ليول)، زاهد علي پنهور (نيشنل ليول)، عامر جميل انصاري، عقيل احمد، مجيد علي، واجد علي پنهور (سنڌ چيمپيئن)، فهيم احمد، فراز احمد پنهور

## پراڻي وقت جون ڏهرڪي - اباوڙو (ريتِي) جون مشهور رانديون

سنڌ جي ثقافتي ۽ روايتي رانديون جو هڪ ڀڳهو ۽ شاهڪار دور رهيو آهي. قديم دور کان وٺي سنڌي عوام ميلن، ملاڪڙن ۽ مختلف رانديون ۾ دلچسپي وٺندو رهيو آهي. ٽالپورن جي دور کان وٺي ڏهرڪي ۽ اباوڙو جا سردار، خان، وڏيرا انهن رانديون مان لطف اندوز ٿيندا اچن ٿا. خاص ڪري ميلن ۽ وڏن ملاڪڙن دوران رانديون لاءِ خاص جاءِ مختص ڪئي ويندي هئي، جتان هو رانديگرن جي مهارت جو جائزو وٺندا هئا. بعد ۾ اهي رانديون شرطن لاءِ ڪيڏيون وينديون ۽ لائوڊ اسپيڪر تي اعلان ڪري ميلي ملاڪڙي جو اطلاع ڏنو ويندو هو ۽ کٽيندڙ رانديگر کي انعام ڏنا ويندا هئا ڪجھ ماڻهو ان لاءِ انٽري فيس به رکندا هئا جيئن انعام اڪرام جا پئسا ملي وڃن ۽ شائقين به لطف اندوز ٿين. ڏهرڪي مير پور ماٿيلو جو ٺيڪيدار محمد حنيف ملهڻ ميلا ملاڪڙا ڪرائڻ ۾ مشهور آهي هاڻي اهي ملاڪڙا تمام گهٽجي ويا آهن.

**ڪوڏي ڪوڏي:** سنڌ جي مقبول راند آهي ڪوڏي ڪوڏي، جيڪا جديد دور ۾ ڪبڊي جي نالي سان سڃاتي وڃي ٿي، سنڌ جي روايتي رانديون مان هڪ آهي. قديم دور ۾ خاص ڪري ڳوٺن جي نوجوانن لاءِ اها جسماني سگهه جو امتحان سمجهي ويندي هئي. رانديگر مخالف ٽيم ۾ گهڙي، هڪ ساهه ۾ واپس ايندو هو. پڪڙجي پيو ته هارائي ويو، هي راند جنگي فن جي مشق طور به رانديون ويندي هئي. **ملهه روايتي پهلواني راند:** موهن جي دڙي جي پنج هزار سالن جي تاريخ ۾ ملهه، ملاڪڙو سنڌ جي قديم جسماني راند آهي، جنهن جو ذڪر انڊس ويلي تمدن ۾ ملن ٿا. اهو خاص موقعن تي، عرسن، ميلن ۽ عيد جي موقعي ۾ پروگرام ٿيندا هئا. جتي مالهو پهلوان ڪٽ سختي، طاقت ۽ قبائلي شان ڏيکاريندا آهن ٢٧ آگسٽ ٢٠١٨ع – ڳوٺ باگي ويجهو آرگنائيزر: حاجي عبدالحميد پايو (ريتي/اباوڙو ليبدي). چيف گيسٽ: عديل الطاف حسين اُنڙ. شرڪت ڪندڙ پهلوان: ماجد اعواڻ، غلام سرور بيهڻ، نياز بروهي الهڏتو اعواڻ محمود ڪوش. قابل ڪوش. فيض محمد پٺاڻ ٽارو ڪوش اباوڙو علي اصغر شاهه، ڪراڙو ابڙو ۽ ٻين تقريباً ٢٠ پهلوانن شرڪت ڪئي. **انعام:** پهرين پوزيشن لاءِ ٥٠٠٠ روپيا، ٻي لاءِ ٣٠٠٠، ٽين لاءِ ٢٠٠٠ حاصل ڪيا. **بيڊمنٽن** مليل معلومات موجب بيڊمنٽن ڪلبن سميت ريتِي ۽ اباوڙو جي گڏيل اسڪولن، خاندانن ۽ ڪميونٽي ڪلبن ذريعي بيڊمنٽن جو شروعاتي سلسلو ٿيندو هو. خاص طور تي چتين، پاڙن ۽ روڊن پلاٽن گهٽين پاڙن ۾ ١٩٩٥ع تائين بيڊمنٽن راند ڪئي ويندي هئي. **ڪچهري پروگرام**" – ڳوٺ حاجي بخش مهر آرگنائيزر: ڪميونٽي ڪلب. شرڪت ڪندڙ رانديگر: راجو نند لال (ريتِي)، گوبند لال (ريتِي)، نور محمد (اباوڙو)، ڪيسو چند لال، رميش ڪمار، جڳت لال، هريش ڪمار ڪچهريون ڪندا هئا جنهن ۾ ڳجهارتون، بيت، پيروليون، پوڳ تڪاءِ ۾ ڪچهري جو مزو وٺندا هئا. **فٽبال** اٺين ڏهاڪي ۾ شروعات ريتِي ۽ اباوڙو ۾ فٽبال مقامي اسڪولن جي ميدانن ۽ ڪچي زمينن تي کيڏڻ شروع ٿيو. جنهن سان ٽيمون نهيون ۽ علائقائي شراڪتون ٿينديون هيون. ٢٠٠٤ع – "جنيد ميموريل ٽورنامينٽ" حيدر پورٽ اسڪول، ريتِي ۽ اباوڙو جي نوجوانن وچ ۾ مقابلو. **ٽيمون:** ريتي پرائمري اسڪول ٽيم، اباوڙو ڪميونٽي ڪلب يا گرلز/بوائز ڪلب. رانديگر: صابر عباسي، غلام حسين لوهار، ممتاز خاصخيلي، شان الاهي، عامر جميل، عتيق شيخ، جاويد احمد. **ڏيتي ڏڪر:** هي هڪ روايتي ڳوٺن جي راند هئي، جنهن مان ڪرڪيٽ نڪتي ڏيتي ڏڪر لاءِ ڪاٺين جو استعمال ٿيندو هو ڪرڪيٽ لاءِ بيٽ بال جو استعمال ڪرڻو پوندو هو. **ٻارن جي راند سم سم سوٽو:** هي هڪ مشهور ٻارن جي راند هئي، جنهن ۾ هڪ چوڌاري گهيرو ٺاهي، رانديگر هٿ ۾ ڪاٺ جو سوٽو (لٺ) وٺي، يا ڪپڙي کي ڳنڍ ڏئي ٻين کي ماري ماري وچ تي اڇلائي پڇي ويندو هو اها لٺ سوٽو جيڪو کٽندو هو اهو وري ساڳي راند جي مار جو مزو وٺندو هو.٥**والي بال:** والي بال جديد دور ۾ وڌيڪ ترقي ڪئي، پر ان جو قديم نمونو سنڌ ۾ اڳ به موجود هو. جتي ڳوٺن جا نوجوان ڪجيءَ جي ڏاڙهن ۽ ڪپڙي مان تيار ٿيل بال سان راند ڪندا هئا. ۽ بعد ۾ هوا وارا بال اچي ويا هي راند خاص ڪري سنڌ جي ميداني علائقن ۾ مشهور هئي. **رڇ ۽ ڪتن جي ويڙهه:** هي هڪ خطرناڪ راند سمجهي ويندي هئي، جنهن ۾ وڏي رڇ کي خاص تربيت ڏنل ڪتن سان ويڙهائي مارشل آرٽ جهڙو ڏيک ڏنو ويندو هو.

**ڪڪڙن جي ويڙهه:** هن راند ۾ خاص نسل جي ڪڪڙن کي ويڙهائڻ لاءِ تيار ڪيو ويندو هو، ۽ وڏيرا انهن تي وڏيون شرطون لڳائيندا هئا. **سور ۽ ڪتن جي ويڙهه:** جهنگلي سور ۽ خاص نسل جي ڪتن جي ويڙهه پڻ هڪ مشهور وندر هئي، جيڪا خاص ڪري زميندارن ۽ سردارن لاءِ ٿيندي هئي. **ڏاند گاڏين جي گوءِ** هي راند قديم سنڌ جي اهم ثقافتي راندن مان هڪ هئي. ڏاند گاڏن جي ڊوڙ ۾ چاق چوبند ڏاندن کي خاص تربيت ڏني ويندي هئي، ۽ وڏا وڏيرا انهن تي شرطون لڳائيندا هئا. **گهوڙن جي گوءِ** گهوڙن جي ڊوڙ سنڌ جي اشرافيا ۽ وڏيرن جي پسنديده راند هئي. ٽالپورن جي دور ۾ شڪار، جنگ، ۽ تڪڙي مواصلات لاءِ خاص نسل جا تيز رفتار گهوڙا پاليا ويندا هئا، جن جي ڊوڙ مقابلا ميلن ۾ ٿيندا هئا. **اٺن جي گوءِ:** اٺن جي ڊوڙ ٿر، ناري ۽ ڪڇي جي علائقن ۾ تمام مقبول راند هئي. هن ڊوڙ ۾ اٺن جي چال، تيزي، ۽ سوار جي مهارت جو امتحان ورتو ويندو هو. ڌرڪي ۽ اباوڙو جا سردار ۽ وڏيرا ميلن ملاکڙن جا شوقين ڌرڪي ۽ اباوڙو جا وڏيرا، خان، ۽ سردار ميلن ملاکڙن ۾ وڏي دلچسپي رکندا هئا. ٽالپورن جي دور ۾، جڏهن سنڌ جا مختلف علائقا سنڌن حڪومت هيٺ هئا، انهن علائقن ۾ وڏا ملاکڙا منعقد ٿيندا هئا، جتي سنڌ جا بهادر پهلوان، شڪاري، ۽ راندين جا ماهر حصو وٺندا هئا. سردار انهن راندين ۾ خاص شوق رکندا هئا، ۽ اهي خاص طور تي ڪڪڙن جي ويڙهه، ڏاند گاڏين جي ڊوڙ، ۽ پهلوانن جي ملاکڙن ۾ وڏي دلچسپي وٺندا هئا. سنڌن لاءِ خاص جايون مخصوص ڪيون ويندڀون هيون، جتان هو مقابلا ڏسڻ سان گڏ، انعام ورهائڻ ۾ به حصو وٺندا هئا.

## ميان رفيق احمد پرچوندي شريف گن شوٽنگ ۽ ڪار ريسنگ

هڪ نالووارو ماهر ميان رفيق احمد پرچوندي، علائقي جو هڪ بهادر، سجاڳ، ۽ جوشيلا نوجوان آهي، جنهن پنهنجي بهادري، همت، ۽ شوق ذريعي گن شوٽنگ ۽ ڪار ريسنگ جهڙن خطري ڀرين راندين ۾ نه رڳو نالو پيدا ڪيو، پر مختلف سطحن تي اعزاز پڻ ماڻي چڪا آهن. سندس زندگيءَ جي هن مهم ڀري سفر کي ٻن حصن ۾ پيش ڪجي ٿو: گن شوٽنگ ۽ ڪار ريسنگ. گن شوٽنگ ۾ مهارت ۽ نمايان ڪاميابيون، ميان رفيق احمد گن شوٽنگ جي دنيا ۾ خاص مقام رکي ٿو. هو ننڍپڻ کان ئي نشانو لڳائڻ ۽ شڪار جي مشق ۾ مهارت حاصل ڪندو رهيو. سندس هٿ ۾ بندوق هڪ فنڪاري بڻجي وئي، جيڪا نه رڳو شڪار، پر شوٽنگ جي مقابلي ۾ به سندس صلاحيتن کي ظاهر ڪري ٿي. هن ڪيترن ئي علائقائي، نيم قومي ۽ خاص تقريبن ۾ گن شوٽنگ جا مقابلا کٽي ڏيکاريا. خاص طور تي: ۲۰۱۲ع: **سنڌ رينجرز شوٽنگ مقابلو** جتي ميان رفيق احمد ٻئين نمبر تي آيو ۽ کيس ٽرافي سان نوازيو ويو. ۲۰۱۴ع: سنڌ شوٽرز چيمپيئنشپ حيدرآباد ۾ ٽئين نمبر تي رهيو، کيس سلور ميڊل ڏنو ويو. ۲۰۱۶ع: نوابشاهه ۾ ٿيل شوٽنگ مقابلي ۾ ٻي پوزيشن حاصل ڪئي، جتي آرمي آفيسر کيس عزتنامو ۽ نقد انعام ڏنو. ۲۰۱۸ع: پرچوندي فارم تي ٿيل غير مقابلي شوٽنگ ايونٽ ۾ مقامي بزرگن کيس شاباشي ۽ تحفا ڏنا ويا. **ڪار ريسنگ** ڊيزرٽ ريليز ۾ شاندار ڪارڪردگي ميان رفيق احمد صحرا جي تڪليف ڀرين رستن تي به پنهنجي ڊرائيونگ جي مهارت جو لوها مڃرايا. خاص طور تي "چولستان ڊيزرٽ ريلي"، "ٿل ريلي"، "نوڪ ڪندي ريلي" ۽ "مني ٿر ريلي" جهڙن وڏن مقابلن ۾ شرڪت ڪري اعزاز حاصل ڪيائين. ريسن جي تفصيل ترتيبوار پيش ڪئي پئي وڃي: ۱. چولستان ڊيزرٽ ريلي ۲۰۱۸ تاريخ: ۱۵–۱۸ فيبروري ۲۰۱۸ هنڌ: چولستان، پنجاب ڪيٽيگري: Prepared C فاصلو: ۲۳۵ ڪلوميٽر وقت: ۵ ڪلاڪ ۷ منٽ ۴۳ سيڪنڊ پوزيشن: پهريون نمبر انعام: گولڊ ميڊل، ٽرافي، **نقد انعام مهمان خاص: ميجر جنرل آصف غفور** TDCP چيف چولستان جيپ ريلي ۲۰۲۰ تاريخ: فيبروري ۲۰۲ ڪيٽيگري: Prepared D فاصلو: ۲۴۰ ڪلوميٽر وقت: ۵ ڪلاڪ ۱۸ منٽ ۱ سيڪنڊ پوزيشن: پهريون نمبر انعام: گولڊ ميڊل، ٽرافي، انعام ڏيندڙ: ڊي جي رينجرز، سيڪريٽري ٽورازم پنجاب

**ٿل ڊيزرٽ ريلي** ٢٠٢٠ تاريخ: نومبر ٢٠٢٠ هنڌ: ٿل، پنجاب ڪيٽيگري: Prepared C فاصلو: ٢٠٠ ڪلوميٽر وقت: ٣ ڪلاڪ ٤٥ منٽ ٣٠ سيڪنڊ پوزيشن: ٻيون نمبر انعام: سلور ميڊل، ٽرافي ٽرافي انعام ڏيندڙ: ڊپٽي ڪمشنر لياقت پور **چولستان جيپ ريلي** ٢٠٢١ تاريخ: ١١–١٤ فيبروري ٢٠٢١ ڪيٽيگري: Prepared D فاصلو: ٢٥٠ ڪلوميٽر وقت: ٣ ڪلاڪ ٥٢ منٽ ٤٢ سيڪنڊ پوزيشن: ٻيون نمبر انعام: سلور ميڊل، نقد انعام انعام ڏيندڙ: ڪمانڊر ٣١ ڪور

**نوڪ ڪنڊي ريلي** ٢٠٢٢ تاريخ: مارچ ٢٠٢٢ هنڌ: نوڪ ڪنڊي، بلوچستان ڪيٽيگري: Prepared C فاصلو: ١٩٠ ڪلوميٽر وقت: ٤ ڪلاڪ ٢ منٽ ١٥ سيڪنڊ پوزيشن: ٽيون نمبر انعام: برونز ميڊل، ٽرافي مهمان خاص: وزيراعليٰ بلوچستان **مٺي ٿر ريلي** ٢٠٢٣ تاريخ: ڊسمبر ٢٠٢٣ هنڌ: مٺي، ٿرپارڪر ڪيٽيگري: Prepared D فاصلو: ٢١٠ ڪلوميٽر وقت: ٤ ڪلاڪ ١٥ منٽ ٥٨ سيڪنڊ پوزيشن: ٽيون نمبر انعام: برونز ميڊل، عزت نامو مهمان خاص: چيف سيڪريٽري سنڌ ميان رفيق احمد پرچونڊي صرف هڪ ڊرائيور نه آهي، بلڪ هڪ اهڙو بهادر شخص آهي، جنهن پنهنجي فن، حوصلي ۽ مشق سان علائقي جو نالو روشن ڪيو. سندس ڪارناما نه صرف نئين نسل لاءِ الهام جو ذريعو آهن، پر سنڌ جي نوجوانن لاءِ حوصلي جو مثال به آهن.

## چولستان جيپ ريليءَ ۾ ڏهرڪي واسي ڊرائيورن جي شرڪت (٢٠٠٦ع – ٢٠٢٥ع)

چولستان جيپ ريلي، جيڪا پاڪستان جي سڀ کان وڏي ريگستاني موٽر اسپورٽ آهي، ان ۾ ڏهرڪي سان تعلق رکندڙ ڪيترن ئي شوقين ڊرائيورن ٢٠٠٦ع کان وٺي باقاعدي ۽ نمايان شرڪت ڪئي آهي. هي ريس قلعو دراوڙ (چولستان)، ضلعو بهاولپور جي ويجهو ٿيندي آهي، جنهن ۾ سوين ڊرائيور، هزارين تماشائي، ۽ اعليٰ حڪومتي مهمان شرڪت ڪندا آهن. آغاز ۾ متاثر ٿيندڙ ڊرائيور ٢٠٠٦ع ۾ **ڏهرڪي جي ميان فاروق احمد** هن ريس ۾ پهريون پيرو شرڪت ڪئي. سندس شروعاتي شوق ۽ حوصلي ٻين ڪيترن ئي ڏهرڪي واسي نوجوانن کي متاثر ڪيو، جن ۾ هيٺيان نالا شامل آهن: ١. ميان شبير احمد ٢. ميان رفيق احمد ٣. ميان آصف احمد ٤. ميان شڪيل احمد ٥. ميان اڪرم احمد ٦. ميان محمد احمد ٧. ميان عثمان احمد ٨. ميان آفتاب احمد

پوزيشنون، انعامون ۽ اعزاز: ڊرائيور جو نالو پوزيشنون (1st, 2nd, 3rd) ٽرافيون ميڊلز روڪ انعام (تخميني)

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ميان شبير احمد | ١٠ پيرا | ١٠ | ١٠ | ٥٠٠.٠٠٠+ | ميان فاروق احمد | ٩ پيرا | ٩ | ٩ | ٤٥٠.٠٠٠+ |
| ميان رفيق احمد | ١٨ پيرا | ١٨ | ١٨ | ٩٠٠.٠٠٠+ | ميان آصف احمد | ٤ پيرا | ٤ | ٤ | ٢٠٠.٠٠٠+ |
| ميان شڪيل احمد | ٣٥ پيرا | ٣٥ | ٣٥ | ١.٢٠٠.٠٠٠+ | | | | | |

نوٽ: روڪ انعامن جو اندازو ساليانِي مقابلي جي انعامن (٢٠.٠٠٠ کان ١٠٠.٠٠٠ رپيا في پوزيشن) جي بنياد تي ڪيو ويو آهي.

چولستان کان ٻاهر شرڪت: ڏهرڪي وارن ڊرائيورن صرف چولستان تائين محدود نه رهيا، پر انهن پاڪستان جي ٻين شهرن ۽ ريگستاني علائقن جي ريسن ۾ پڻ نمايان شرڪت ڪئي، جن ۾ هيٺيان شامل آهن:

١. **گوادر (بلوچستان)** ٢. حب ٣. نوري آباد ٤. مٺي ٿر ٥. ڄام شورو ٦. ليه ٧. ملتان ٨. ٿل ٩. لاهور ١٠. اسڪردو **ٽاپ ريگستان:** انهن ريسن ۾ پڻ انهن ڊرائيورن اعزاز حاصل ڪيا، جن سان نه رڳو ڏاهڪي جو نالو روشن ٿيو، پر سنڌ جي مهارتن جي به سڃاڻپ وڌي. **درگاهه پرچونڊي شريف جا شهزادا** درگاهه پرچونڊي شريف جا شهزادو به چولستان سميت مختلف ريگستاني ريسن ۾ شرڪت ڪندا رهيا آهن. انهن جي موجودگي سان ريس جو روحاني ۽ ثقافتي رنگ وڌي ويو، ۽ انهن جو علائقائي نمائندگيءَ طور ڪردار تمام اهم رهيو.

## ضلعي گهوٽڪي جي ڪرڪيٽ راند تي جامع رپورٽ

(صحافي انور علي دايو)

پاڪستان ۾ ڪرڪيٽ جو آغاز ته ١٩٤٧ کان ئي شروع ٿي ويو هيو ۽ باقائده پهريون انٽرنيشنل ميچ انديا خلاف اڪٽوبر ١٩٥٢ ۾ کيڏيو ويو ۽ ائين ئي ڪرڪيٽ لوڪل ليول تي علائقن ۾ وڌندي وئي ۽ اوٻاوڙو تائين پهتي ۽ اوٻاوڙو ۾ ڪرڪيٽ جو آغاز ٧٠ واري ڏهاڪي ۾ شروع ٿيو ۽ شروعات ڪرڻ وارن ۾ مرحوم قاسم علي ملڪ جنهن جي نالي سان اجا تائين القاسم ڪلب هلي ٿو ، مرحوم استاد عبدالغفار سومرو، مرحوم استاد خالد احمد پِٽو ، مرحوم چام امتياز حسين ڌهر، مرحوم درشن لعل، موجوده ايم پي اي چام مهتاب ڌهر ، ڌرم داس چاولا ، نند لعل، ڊاڪٽر احمد علي گنب ۽ ڪجھ ٻيا به شامل هئا ان وقت نيشنل ڪرڪيٽ ڪلب نالي سان جوڙيو ويو قاسم علي جي فوت ٿيڻ کان ڪجھ سال بعد ٨٠ واري ڏهاڪي ۾ نيشنل ڪلب کي مرحوم قاسم علي کي پيٽا پيش ڪندي القاسم ڪرڪيٽ ڪلب نالي ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ انهي ڪلب ۾ ٺاهڻ وارن استاد انور علي دايو ۽ شوڪت علي گنب ۽ ڪجھ ٻيا ڪرڪيٽرز شامل هئا **القاسم ڪلب** ان وقت تمام ٽيلينٽيڊ رانديگر شامل ٿيا جنهن ۾ لالا شاهد پٺاڻ لالا سهيل پٺاڻ رياض احمد ڪولاچي ، اسحاق غوري، اسحاق شاه ، محمد حنيف قريشي ، منصور احمد ملڪ ۽ ڪجھ ٻيا شامل هئا ٨٠ ۽ ٩٠ واري ڏهاڪي ۾ جڏهن اجا گهوٽڪي ضلعو به قائم نه ٿيو هيو ان وقت سکر سٽي جون چند ٽيمون هيون جنهن ۾ سکر، هڪ ٽيم پنو عاقل جي هڪ گهوٽڪي جي هڪ ميرپور ماٿيلو جي هڪ ڏهرڪي جي ۽ هڪ ڪلب اوٻاوڙو جو هيو القاسم ڪرڪيٽ ڪلب نهي کي ٤٠ سال کان مٿي ٿي گذريا آهن ۽ الحمدللہ اجا تائين قائم آهي القاسم ۾ جنهن رانديگرن پنهنجو پاڻ ملهايو ۽ نالو ٺاهيو انهن ۾ چاٽايل رانيگرن کان علاوه روشن شيخ، ڪمال الدين سمون، محمد شفيع عباسي، رحمت سمون، مجاهد ملڪ، ذوالفقار مهر جاويد سومرو ۽ ڪجھ ٻيا به شامل آهن. ان وقت گرائونڊ ۽ ٻين سهولتن جي ڪمي هوندي هئي پر تنهن هوندي به اوٻاوڙو جي ڪرڪيٽرز پنهنجو پاڻ ملهايو پر اڄڪلھ پهرين کان ڪافي بهتر گرائونڊ ۽ سهولتون به موجود آهن ۽ ڪلب به ڪافي وڌي ويا آهن. هن وقت هاء اسڪول اوٻاوڙو ۾ سنڌ حڪومت طرفان هڪ بهترين ڪرڪيٽ گرائونڊ مهيا ڪيو ويو آهي جنهن مان ڪلب مستفيد ٿي رهيا آهن ۽ هن مني اسٽيڊيم جي سارسنڀال ۽ انهي تي ٿيندڙ اخراجات به پاڻ ڪري رهيا آهن. هن وقت اوٻاوڙو ۾ جيڪي ڪلب هلي رهيا آهن انهن ۾ ١. القاسم وائيٽ ڪلب ٢. القاسم گرين ڪلب ٣. المنصور ڪلب ٤. الحارث ڪلب ٥. نيشنل ڪلب ٦. رندبادشاھ ڪلب, ٧. سپر اسٽار ڪلب ٨. ينگ اسٽار ڪلب ٩. ڊيفينس ڪلب ١٠. رائونتي ڪنگ ڪلب ١١. الشيراز ڪلب ١٢. سن شائن ڪلب ١٣. بوم بوم ڪلب, ١٤. الاصغر ڪلب ١٥. الشوڪت ڪلب ١٦. المسلم ڪلب ١٧. خان ڪلب ١٨. الافتخار ڪلب ١٩. شاهين ڪلب شامل آهن اوٻاوڙو جي موجوده ڪرڪيٽرز ۾ جيڪي ٽيلنٽيڊ رانديگر آهن انهن ۾ ١. سعود احمد گرگيج ٢. بلال احمد پِٽي ، ٣. انيس ملڪ ٤. نور محمد ٥. مشتاق احمد چاچڙ ٦. عاشق شيخ ٧. اي جي مزاري ٨. فراز ملڪ ٩. خير محمد رند ١٠. ارسلان پِٽو ١١. مزاري ١٢. رحمت مزاري ١٣. عمير گنب ١٤ مجيد ملڪ ١٥. غني ملڪ چند ٻيا رانديگر شامل آهن. ملڪ، ذوالفقار مهر جاويد سومرو ۽ ڪجھ ٻيا به شامل آهن.

**تعلقي ڏهرڪي جي آدمشماري:** ٣٢٣.٦٤١ مرد: ١٦٨.٧٣٧, عورتون: ١٥٤.٩٠٤, گهراڻا: ٥٤.٨٨١, رقبو: ٧٤١ چورس ڪلوميٽر تاريخي واپار جو دروازو: اوٻاوڙو سنڌ ۽ پنجاب کي ملائيندڙ هڪ اهم واپاري مرڪز رهيو آهي ۽ ٢٠١٧ع جي آدمشماري مطابق ڏهرڪي جي آبادي ١٠٣.٥٥٧ هئي ۽ هي پاڪستان جي ٩٣ هين نمبر تي وڏو شهر هو. سال ٢٠٢٣ : (١ مارچ ٢٠٢٣ جي آدمشماري) آبادي: ٣٣٥.١٤٥، تفصيل ٣٣٥.١٤٥ – آبادي[٢٠٢٣] – آدمشماري ٢.٠٨٨ ڪلوميٽر – علائقو ١٦٠,٥ ماڻهن في ڪلوميٽر – آباديءَ جي گهاٽائي[٢٠٢٣] (گوگل جي مطابق)

## اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيار ڪار جا فرائض ۽ عوامي خدمت جا دفتر

**اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيارڪار** ٻئي آفيسون گڏ ۽ شهر جي مرڪز ۾ موجود آهن. جن ۾ تعلقي جا انتظامي امور هلايا ويندا آهن. ١٩٩٣ کان پهريان تعلقو اٻاوڙو ۾ ڏهرڪي شامل هئي ته عوام کي پنهنجو روينيو رڪارڊ، سميت رهائشي ڪاغذات ويريفڪيشن ڊوميسائل پي آر سي جا ين جي ماپ ڪاتن لاءِ اٻاوڙو وڃڻو پوندو هو. سال 1993ع ۾ ڏهرڪي مختيارڪار آفيس قائم ٿي ۽ سال ٢٠٠٢ع ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر جي آفيس قائم ٿي. اسسٽنٽ ڪمشنر جو اختياري دائرو ۽ ذميواريون: اسسٽنٽ ڪمشنر ڏهرڪي تعلقي جو اعلي انتظامي آفيسر. سندس جي اختيارن ۾ قانون جي عملداري، امن امان، پرائس ڪنٽرول، اسڪولن ۽ صحت جي مرڪزن جي نگراني سميت چوندن وقت سرڪاري ذميوارين جي تقسيم ۽ پولنگ اسٽاف جي ترتيب ڏيڻ پڻ آهي ان سان گڏ ڊوميسائل ۽ PRC جي تصديق لاءِ حتمي سفارش ڏيڻ جو مجاز آهي، اسٽامپ وڪرو، بچت بازارن جو قيام، ۽ شڪايتن جي فوري ٻڌڻي ڪرڻ جا اختيار اٿس. هيلٿ، ايجوڪيشن ۽ انفراسٽرڪچر پروجيڪٽس جي سائيٽ وزٽ ۽ مانيٽرنگ به ڪندو، ماهوار يا خاص انتظامي اجلاس جي صدارت ڪندو. ڏهرڪي جا نمايان اسسٽنٽ ڪمشنر آفيسر: سليم الله اوڊو، طاهر وٽو، رضوان نذير عثمان عبدالله ڏهرڪي بعد جلدي ڊپٽي ڪمشنر جي منصب تي ويٺا ردا زهرا ٽالپور ۽ صفدر ميراڻي ٻنهي جون خدمتون وسارڻ جهڙيون ناهن. هن وقت عابد قمر شيخ اسسٽنٽ ڪمشنر آهن

**مختيارڪار جا اختيارات ۽ ڪم روينيو انتظامي سربراهه**. تپيدارن جي نگراني ڪندو ڊوميسائل ۽ PRC جي تصديق (AC جي سفارش تي) ڪندو ضروري ڪارروايون ڪري فوتي ڪاتو، متقلي، رجسٽري، وراثت، انتقال جي منظوري ڏيندو آهي، اسٽامپ پيپر جي مارڪيٽ تي نگراني ۽ رڪارڊ سنڀالي رکندو ۽ ذميوار هوندو آهي، سرڪاري زمينن جي حد بندي، ماپ، ۽ ريڪارڊ جي تازه ڪاري. قانوني ڪيسن لاءِ معلومات مهيا ڪرڻ لازمي آهن، مقامي آبادي، زميندارن، ۽ عام ماڻهن جي سڌي ريت رسائي وارو آفيسر. نمايان مختيارڪار: تعلقي جو پهريون مختيارڪار نظام شيخ ٢٣ آگسٽ ١٩٩٣ تي مختيارڪار ٿيو) ٻيو مختيارڪار محمد سليمان فاروقي، صفدر ميراڻي، قربان ميراڻي، رسول بخش سولنگي محمد حسين دايو، ايم اي چنه ۽ اشرف علي پتافي هن وقت به مختيارڪار آهي. ڏهرڪي ۾ مختيار ڪار صفدر علي ميراڻي ۽ اشرف علي پتافي جون ٻه ڀيرا مقرريون ٿيون آهن. تعلقي جا سرڪل ۾ ٻه سرڪل ۽ ١٢ تپا آهن سرڪل ڏهرڪي ۽ سرڪل ڪينجو. تپا ١. ڏهرڪي ٢. رهڙڪي ٣. ڪٺا مهاڻا ٤. سيجان ٥. سانڪو ٦. ٻيروٽا ٧. لال پتافي ٨. لوٽي ٩. ڪوٽلو ١٠. ڪينجو ١١. گلو پتافي ١٢. چامپور آهن. مختيارڪار جا ڪم ۽ اختيارات ١. مختيارڪار اينٽي انڪروچمينٽ جو سربراه هوندو ٢. پرائس ڪنٽرول ۽ شڪايتن تي ڪاروائي ڪندو ٣. روينيو رڪارڊ رکندو ۽ انتّامي امور هلائيندو. ۴. سيل سرٽفڪيٽ جاري ڪرڻ ٥. فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ ٦. روينيو رڪارڊ ۾ داخلا نوٽ ڪرڻ ٧. ڊوميسائل، پي آر سي جي رپورٽ ڏيڻ ٨. رڪارڊ جون TRUE COPIES فراهم ڪرڻ ٩. سرزمين جي ماپ تپيدارن سان گڏ جي پنهنجي نگراني ۾ ڪرائڻ ١٠. زمينن جا مسئلا ڏرين جي روينيو رڪارڊ ذريعي حل ڪرڻ ١١. پوليو ٽيمن جي نگراني ١٢. امتحاني ڊيوٽي، ١٣. ايمرجنسي ڊيوٽي ١٤. حادثن جي صورت ۾ پهچي مدد ڪرڻ ١٥. باه لڳڻ جي صورت ۾ فوري فائر برگيڊ جو بندوبست ڪرڻ آهي آفيس اسٽاف ١. مختيارڪار هڪ عدد ٢. اسسٽنٽ مختيارڪار هڪ ٣. تپيدار تيرهن عدد ۴. سپروائيزر ٻه عدد ٥. ڪوٽار چوڏنهن عدد ٦. ڪلرڪ چار عدد ٧. ڊرائيور هڪ عدد ٨. پٽيوالا ٻه عدد ٩. چوڪيدار هڪ. ڏهرڪي ۾ انگريز دور کان رڪارڊ موجود آهي باقي جيڪو رڪارڊ زبون حالي جو شڪار آهي اهو اٻاوڙو رکيل آهي ڏهرڪي ۾ رڪارڊ روم به آهي جتي تمام روينيو رڪارڊ موجود آهي. **تپيدارن جا ڪم ۽ اختيارات:** زمينن جو ريڪارڊ رکڻ: ڪاتا، فوتي ڪاتا، ماپ، متقلي، فصل رپورٽ. زرعي قرضن، آبادگارن ۽ موسمي رپورٽن جي تياري سرڪاري زمينن تي قبضا هٽائڻ لاءِ رپورٽون. مختيارڪار کي ريڪارڊ پيش ڪرڻ. عام ماڻهن لاءِ اهم قانوني ڪاغذ فراهم ڪرڻ آهي.








## ڈهرڪي پوليس اسٽيشن جي تفصيلي رپورٽ

ڈهرڪي ٿاڻو برطانوي دور ۾ پوليس چوڪي هئي، ١٩٦٠ع کيس مڪمل پوليس اسٽيشن جو درجو ڏنو ويو. **عمارت ۽ سهولتون:** ڈهرڪي ٿاڻي جي عمارت زبون حالي جو شڪار آهي، جنهن کي جديد مرمت ۽ بحالي جي ضرورت آهي. آپريشنل حيثيت: ٿاڻي ۾ آن لائن سسٽم موجود آهي ۽ اها ٢٤ ڪلاڪ کليل رهي ٿي. حوالات: ٿاڻي ۾ ٻه قيد خانا لاڪپ موجود آهن. رابطو "حماد" نالي وائرليس سسٽم ذريعي رابطي جي سهولت موجود آهي. **پوليس چوڪي:** رهڙڪي ۾ هندن جي روحاني درٻار سنت سترام ڏام جي حفاظت لاءِ رهڙڪي پوليس چوڪي آهي، جتي ١ هيڊ ڪانسٽيبل ۽ ٤ پوليس ڪانسٽيبل مقرر آهن، ۽ هڪ پوليس موبائل موجود آهي. **عملي جي جوڙجڪ:** ١ انسپيڪٽر (اسٽيشن هائوس آفيسر - 3 - (SHO) سب انسپيڪٽر (SI) هڪ تفتيش لاءِ، ٻيا گشت لاءِ آپريشنل اسٽاف ٧ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر (ASI) 12 هيڊ ڪانسٽيبل (HC) 98 پوليس ڪانسٽيبل (PC) **خاص يونٽ:** ٢ ليڊي پوليس ڪانسٽيبل: عورت قيدين جي نگراني لاءِ "ايگل پيٽرول" يونٽ، جيڪو ٢٤ ڪلاڪ موٽر سائيڪل تي گشت ڪري ٿو. **انتظامي اسٽاف:** ١ محرر: رپورٽنگ ۽ رڪارڊ جي سنڀال لاءِ ١ ڪلارڪ: انتظامي ڪم لاءِ ١ ڊرائيور پوليس موبائل لاءِ ١ چپراسي. **عام خدمتن لاءِ سامان ۽ حرڪت گاڏيون:** صرف هڪ پوليس موبائل موجود آهي، جيڪا خراب حالت ۾ آهي. ايريا جي وڏي پکيڙ کي نظر ۾ رکندي، گهٽ ۾ گهٽ چار پوليس موبائلن جي ضرورت آهي. هتي هڪ موٽر سائيڪل يونٽ ٻه موجود آهي، جيڪو تنگ رستن ۽ بازارن ۾ گشت لاءِ استعمال ٿيندو آهي. **بنيادي سهولتون ۽ چئلينجز قيد خانا:** حوالات ۾ واش روم ۽ پاڻي جي سهولت موجود آهي، کاڌو خوراڪ صرف رماند تي آيل قيدين کي مهيا ڪيو ويندو آهي. **بجلي جي مدد:** بجلي بند ٿيڻ تي- UPS سسٽم موجود آهي، رهائش: هڪ SHO آفيس ۽ هڪ SHO هائوس موجود آهي. **ڈهرڪي ٿاڻي بنيادي سهولتن جي اڻهوند** رات جي ڊيوٽي ڪندڙن لاءِ ڪو ٻه ڪوارٽر يا فرنيچر موجود ناهي. آپريشنل چئلينجز: سرڪاري طور تي پيٽرول ۽ خوراڪ جي فراهمي موجود ناهي، جنهن ڪري پوليس عملي کي پنهنجي خرچ تي انهن ضرورتن کي پورو ڪرڻو پوي ٿو. سي سي ٽي وي نگراني: اهم علائقن ۾ سي سي ٽي وي ڪيمرائون نصب ڪيون وڃن. **ڪميونٽي پوليسنگ:** مقامي برادري سان تعاون وڌائڻ لاءِ ڪميونٽي پوليسنگ پروگرام شروع ڪيا وڃن. **تربيت:** اسٽاف لاءِ جديد تربيت جا انتظام ڪيا وڃن، جيئن ته تفتيشي مهارتون، گشت جي حڪمت عملي، ۽ عوام سان رابطي ۾ آساني ٿئي. (معلومات محمد ايوب لغاري جي ٿورن سان)

## ڈهرڪي ٽائون ڪاميٽي ۽ يونين ڪائونسلون

ٽائون ڪاميٽي کان اڳ سنڌ ۾ نوٽيفائيڊ ايريا هوندا هئا ڈهرڪي جي نوٽيفائيڊ ايريا جو پهريون صدر ڄام احمد يار خان ڈهر ٿيو، ۽ سندس وفات بعد پٽ ڄام ظفر خان ڈهر کي نوٽيفائيڊ ايريا جو صدر مقرر ٿيو ۽ ١٩٦٠ ۾ ٽائون ڪاميٽيون ٺهڻ بعد (١٩٦٠-١٩٧٠) تائين ٽائون ڪميٽي جو چيئرمن ٻه رهيو، ڄام عبدالجبار خان ڈهر (١٩٧٩-١٩٨٣) تائين چيئرمين رهيو. ١٩٨٣ کان ٨٧ ع تائين عبدالحق المعروف ميان منو چيئرمن رهيو. جنهن پنهنجي وقت ۾ CC بلاڪ نالين ڪراس ۽ ٻيا رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا ١٩٨٧ع کان ١٩٩١ تائين ميان عبدالمنان چيئرمن ۽ شاهنواز خان شر وائيس چيئرمن هو ۽ ڪجهه وقت لاءِ انچارج چيئرمين هو، ١٩٩٢ ۾ ڄام سانول خان کي عارضي چيئرمن مقرر ڪيو ويو، ٩٢ ۾ آخري ٽي مهينا ڄام ناويد خان ڈهر چيئرمن رهيو، ان کان پوءِ پرويز مشرف جي مارشلائي دور ۾ ٢٠٠١ کان ٢٠٠٥ تائين ميان شفيق احمد آف پرچوندي شريف ناظم رهيو ۽ ٻيهر ٢٠٠٦ کان ٢٠١٠ تائين ٻه ميان شفيق ناظم رهيو ٢٠١٦ کان ٢٠١٩ تائين منير احمد خان مهر چيئرمن ۽ چوڌري اڪرام الحق وائيس چيئرمن چونڊجي آيو، ٢٠٢٣ جي چونڊن ۾ ڄام زاهد خان ڈهر چيئرمن ۽ مکي راجڪمار وائيس چيئرمن مقرر ٿيا.

## ايسو (ESSO) کان اينگرو فرٽيلائيزر تائين جي ترقي پذير ڪمپني

ايسو (ESSO) کان اينگرو فرٽيلائيزر ڏهرڪي اينگرو جو پلانٽ جي پهرين سال جي ساليانيپيداوار جي صلاحيت ١٧٣.٠٠٠ ٽن هئي، هي منصوبو ٤٣ ملين آمريڪي ڊالر جي لاڳت سان تيار ڪيو ويو. پلانٽ جي ملڪيت ۽ شيئرز: ايسو پاڪستان فرٽيلائيزر ڪمپني لميٽيڊ هن منصوبي جي مالڪ هئي ان ۾ ايسو جا ٧٥٪ شيئر هئا، جڏهن ته عام عوام جا ٢٥٪ شيئر هئا. ايسو کان ايڪسون تائين ڪمپني جو صرف هڪ ٽاور هوندو هو يوريا پلانٽ ون ان بعد ٽو ۽ هاڻي يوريا پلانٽ ٿري تائين اينگرو ترقي ڪري ويئي آهي

ڏهرڪي ۾ ESSO يوريا پلانٽ جي تنصيب: ١٩٦٦ع ۾ پلانٽ جي تنصيب شروع ڪئي وئي، ۽ ١٩٦٨ع ۾ پيداواري عمل شروع ٿيو. پلانٽ جي ساليانيپيداواري صلاحيت ١٧٣.٠٠٠ ٽن هئي، جيڪو ٤٣ ملين آمريڪي ڊالر جي لاڳت سان تيار ڪيو ويو. پلانٽ جي ملڪيت ESSO پاڪستان فرٽيلائيزر ڪمپني لميٽيڊ وٽ هئي، جنهن ۾ ESSO جا ٧٥٪ شيئر هئا ۽ عام عوام جا ٢٥٪ شيئر هئا. نوڪريون ۽ پيداوار: ٢٠٠٠ع ۾ پلانٽ ۾ ڪل ملازمن جي تعداد بابت محدود ڄاڻ موجود آهي. جڏهن ته ٢٠٢٣ع تائين، اينگرو فرٽيلائيزرز لميٽيڊ ۾ ڪل ملازمن جو تعداد ١.٦١٨ هو. ٣١ ڊسمبر ٢٠٢٣ تائين، اينگرو فرٽيلائيزرز وٽ ١.٢١٤ ملازم هئا، جيڪي گذريل سال جي مقابلي ۾ ١٠,٢٧٪ گهٽتائي ظاهر ڪن ٿا. 2024 لاءِ مئنيجمينٽ، نان-مئنيجمينٽ، ڪيزول ۽ ڪنٽريڪٽر ملازمن جو تفصيل سرڪاري طور تي دستياب ناهي. ٢٠٢٣ ۾، اينگرو فرٽيلائيزرز ٢,٣ ملين ٽن يوريا جي رڪارڊ پيداوار حاصل ڪئي. جڏهن ته ٢٠٢٤ لاءِ خاص پيداوار جا انگ اکر اڃا ظاهر نه ڪيا ويا آهن، ڪمپني جون ٥٥ ڏينهن جي وڏي مرمت جون سرگرميون جون ٢٠٢٤ ۾ مڪمل ٿيون، جيڪي ساليانيپيداوار تي اثر وجهي سگهن ٿيون. روزگار جا موقعا ۽ سماجي ڀلائي: ٢٠٠٠ع تائين، هن پلانٽ ۾ ملازمت بابت محدود ڄاڻ موجود هئي. ٢٠٢٣ع تائين، اينگرو فرٽيلائيزرز لميٽيڊ ۾ ١.٦١٨ ملازم ڪم ڪري رهيا هئا، اينگرو ڪارپوريشن پنهنجي ملازمن ۽ انهن جي خاندانن لاءِ طبي سهولتون مهيا ڪري ٿي، اهي سهولتون عام ماڻهن لاءِ به موجود آهن. سماجي ڀلائي جا منصوبا: ڪميونٽي ڊولپمينٽ، تعليم، ۽ زراعت جي ترقي لاءِ مختلف پروجيڪٽ هلندڙ آهن، هارين جي تعليم، فلاح ۽ بهبود، ۽ صحت جي سهولتن تي خاص ڌيان ڏنو وڃي ٿو، ڏهرڪي ۾ سماجي خدمتون ۽ ادارا تعليمي ۽ طبي سهولتون تي سي ايف اسڪول، سهارا اسڪول، ڏهرڪي جي سرڪاري اسپتال ۾ ڊائلاسز سينٽر ميٽرنيٽي هوم (زچگي مرڪز)، بلڊ بئنڪ، آئي اسپتال (اکين جو اسپتال)، واٽر ٽريٽمينٽ پلانٽس، جيڪي شهر جي مختلف علائقن ۾ قائم آهن. صحت لاءِ خدمتون اينگرو فرٽيلائيزر جي اسپتال ۾ نانگ ۽ ڪتي جي ڪاٽل مريض جو مفت علاج ڪيو ويندو آهي، علاج لاءِ سنڌ پنجاب سميت ڏورنهن علائقن کان مريض ايندا آهن، سنيڪ ۽ ڊاگ بائيٽ سينٽر ٢٤ ڪلاڪ کليل رهندو آهي، ٽي بي، هيپاٽائٽس جو علاج ڪيو ويندو آهي، اسڪولن کي واٽر ٽريٽمينٽ پلانٽ، ۽ ڪچي ۾ اسڪول هلي رهيا آهن.

**ڏهرڪي جي پبلڪ ٽرانسپورٽ:** سڻ واري ڏهاڪي کان ڏهرڪي کان سکر ۽ رحيم يار خان جي روڊ صرف ٣٠ فوٽ ويڪرو هوندو هو، ستر واري ڏهاڪي ۾ سکر کان صرف گورنمنٽ جون بسون هلنديون هيون جيڪي ڏينهن ۾ چار بسون اينديون ۽ وينديون هيون، اهي لوڪل هلنديون هيون، بعد ۾ ١٩٧٠ جي ڏهاڪي ۾ پرائيويٽ ۽ ايڪسپريس بس سروس متعارف ڪرائي ويئي، جيڪا سکر کان ڏهرڪي ٻن ڪلاڪ ۾ پهچندي هئي ۽ نان اسٽاف هلندي هئي، پر هر سوا ڪلاڪ بعد هڪ بس نڪرندي هئي سکر کان اچڻ واري بس جامع مسجد وٽ بيهندي هئي ۽ صادق آباد کان ايندڙ بس پراڻي يو بي ايل چوڪ وٽ بيهندي هئي، بعد ۾ وقت گذرندو ويو آبادي سان گڏ روڊ ويڪرو ٿي ويو ١٩٨٣ ۾ بس اڏو ٻاهر نڪتو ۽ اتي حاجي عبدالجبار خان ڏهر هڪ مسافرخاني لاءِ ٻه ڪمرا ٺهرايا هئا، جيڪي سکر بس اسٽاپ وٽ هئا، ان وقت اسٽيشن تي وڃڻ لاءِ ٽانگن تي سفر ڪرڻو پوندو هو، ۽ سامان لاءِ گڏهه گاڏا هلندا هئا، جنهن بعد ويگن سروس شروع ٿي ويئي ١٩٩٥ ڌاري جي ٽي روڊ ڊبل ٽريڪ تيار ٿي ويو، هن وقت گهوٽڪي تائين موٽر وي جي سهوليت آهي ۽ ڏهرڪي بس اڏو ٻه ميان منو جي حافظ آباد لڳ آهي، ٽانگن ۽ گڏهه گاڏن بجاءِ چنگچي رڪشا ۽ موٽر سائيڪل ريڙها هلن ٿا،

## ماڙي گيس کان ماڙي پيٽروليم ۽ ماڙي انرجي تائين

**ماڙي گيس کان ماڙي پيٽروليم ۽ ماڙي پيٽروليم کان ماڙي انرجي تائين** جا ۵۹ سال ماڙي گيس جي ڳولا ۽ کوهه ۽ "ايسو" يوريا پلانٽ جي تنصيب ۱۹۶۶ع ۾، ڏهرڪي ۾ "ايسو" يوريا پلانٽ جي جوڙجڪ شروع ڪئي وئي ، ۱۹۶۶ع ۾، ڏهرڪي ۾ "ايسو" يوريا پلانٽ جي جوڙجڪ شروع ڪئي وئي. ۱۹۶۸ع ۾، پلانٽ جي پيداوار جو آغاز ٿيو. ماڙي پيٽروليم ڪمپني لميٽيڊ (MPCL) جي تاريخ ڏهرڪي ۾ ۱۹۵۰ع کان شروع ٿئي ٿي، جڏهن ڪمپني هتي قدرتي گئس جي ڳولا شروع ڪئي. ڳولا جي ستن سالن بعد، ڪمپني کي ۱۹۵۷ع ۾ قدرتي گئس جو پهريون کوهه مليو. ۱۹۷۰ع تائين 23 MPCL کوهه دريافت ڪري چڪي هئي. سن ۲۰۰۰ع تائين، هي تعداد وڌي ۹۱ کوهن تائين پهچي ويو. اڄ MPCL پاڪستان جي ٻئي نمبر وڏي گئس ذخيرن واري ڪمپني آهي. هڪ اندازي مطابق، ڪمپني وٽ هن وقت ۳ ٽريلين ڪعبي فوٽ گئس جا ذخيرا موجود آهن، جڏهن ته ڪمپني وٽ ۲۵۰ گئس جا کوهه به آهن. ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن جو تعداد ۲۵۰۰ آهي. ماڙي گيس ڪمپني پاڪستان جي توانائيءَ جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. ڪمپني هر سال لکين ڪعبي فوٽ گئس پيدا ڪري ٿي، جيڪا مختلف صنعتن، گهريلو صارفين، ۽ بجلي گهرن کي فراهم ڪئي وڃي ٿي. ماڙي گئس تي هلندڙ صنعتي يونٽ ۽ پاور پلانٽس: ۱. فائونڊيشن پاور پلانٽ ڏهرڪي (۱۳۲ ميگاواٽ) – ماري پيٽروليم جي گئس تي هلي ٿو. ۲. اُچ پاور پلانٽ (۵۸۶ ميگاواٽ) – حبڪو لميٽيڊ جي ملڪيت آهي، ماري پيٽروليم جي گئس تي هلي ٿو ياڻ جا پلانٽس (uria Plants): . داوُد هرڪوليس فرٽيلائيزرز (DH Fertilizers) – ماري پيٽروليم جي گئس تي هلي ٿو. . اينگرو فرٽيلائيزرز لميٽيڊ – ماڙي پيٽروليم جي گئس تي پنهنجي پيداوار ڏئي ٿو. شوگر ملون: ڏهرڪي شوگر ملز – ۱۰.۰۰۰ ٽي سي ڊي صلاحيت، ماڙي پيٽروليم جي گئس تي هلي ٿي. ۲. جي ڊي ڊبليو شوگر ملز – ۲۲.۵۰۰ ٽي سي ڊي صلاحيت، ماڙي پيٽروليم جي گئس تي هلي ٿي. سڙڪون ۽ رستا فيلڊ ۾ ڪل رستن جي ڊيگهه ۲۵۰۰ ڪلوميٽرن کان وڌيڪ آهي. طبي سهولتن جي حوالي سان، MPCL پنهنجن ملازمن ۽ انهن جي خاندانن کي طبي سهولتون مهيا ڪري ٿي، جيڪي عام ماڻهن لاءِ به دستياب آهن. گئس جي ورهاست جي حوالي سان، MPCL پنهنجي گئس کي سوئي نادرن گئس پائپ لائنز لميٽيڊ (SNGPL) ۽ سوئي سدرن گئس ڪمپني لميٽيڊ (SSGCL) ذريعي ورهائي ٿي. هي گئس بجلي جي پيداوار، ڀاڻ، ٽيڪسٽائل ۽ ٻين صنعتن کي مهيا ڪئي وڃي ٿي. تعليمي شعبو ۾ به اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. ڪمپني مختلف علائقن ۾ اسڪول، ڪاليجن ۽ ٽيڪنيڪل ادارن جي مدد ڪري ٿي. ان ۾ اسڪالرشپ پروگرام، شاگردن جي فيس جي مدد، جديد تعليمي سهولتون ۽ تعليمي ادارن جي تعمير و مرمت شامل آهن. خاص طور تي، MPCL ٻهراڙيءَ ۽ پوئتي پيل علائقن ۾ معياري تعليم جي واڌاري لاءِ مختلف منصوبا هلائي رهي آهي. MPCL پنهنجي گئس فيلڊن جي آس پاس رهندڙ عوام جي فلاح و بهبود لاءِ به سرگرم آهي. صحت، پاڻي، بنيادي ڍانچي، ۽ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ جا منصوبا هلائي رهي آهي. اسپتالن، ڊسپينسرين، موبائل ميڊيڪل يونٽن، ۽ مفت طبي ڪئمپن ذريعي صحت جون سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن. ان کان علاوه، صاف پاڻي جي فراهمي لاءِ واٽر سپلائي اسڪيمون به متعارف ڪرايون ويون آهن

**ڏهرڪي جو ريگستاني علائقو** ريتي ڪينجو، ٻيروٽا علائقي وارياسي پٽيءَ تي واقع آهي، جنهن کي ريگستان به چوندا آهن. ريگستاني تر جا ماڻهو اڪثر اڇي پوشاڪ پائيندا آهن ڪين مٽي تي پٽڪا پهريل هوندا اٿن سندن جون. ڪچهريون ڏاڍو لطف ڏينديون آهي سردي جي موسم ۾ واري جي اندر پچايل "ڪوڪي ماني" خاص مهماني ۾ شامل هوندي آهي، ريگستاني پٽي جا ماڻهو اڪثر ڳائو مال پاليندا آهن، ڳئون جو کير مکڻ صنساني صحت لاءِ انتهائي مفيد آهي. صبح جو ناشتي سان ڳوٺ جو مکڻ ماکي سان گڏ لسي جو ناشتو سندن مهمان نوازي ۾ شامل آهي ريگستاني علائقي ۾ گيس جا پڻ آهن، جيڪي ۱۵۰ کان وڌيڪ گيس جا ذخيرا دريافت ڪيا ويا آهن، جن جي ڪري ماڙي ڪمپني جي پاران روڊن جو جار وڇايو ويو آهي. علائقي ۾ قدرتي حسن پڻ موجود آهي، جتي سردي جي موسم يا برسات پوڻ تي ماڻهو سير ۽ تفريح لاءِ اچن ٿا. علائقي ۾ مختلف ذاتيون رهن ٿيون، جن ۾ شر، مهر، لغاري، پتافي، پنجابي، پنهيار، لنڊ ۽ مينگواڙ شامل آهن.

## عبدالغفور ڪمبوه پاڪ عرب انجنيئرنگ ڏھرڪي

پاڪ عرب انجنيئرنگ ڪمپني (پرائيويٽ) لميٽيڊ: سال ١٩٨١ع ۾ ڏھرڪي جي جي ٽي روڊ تي ھڪ ننڍڙي مڪينيڪل ورڪشاپ طور استاد عبدالغفور ڪنبوه ولد صدرالدين ڪنبوه جي اڳواڻيءَ ۾ قائم ڪئي وئي. شروعاتي طور تي، ھي ورڪشاپ زرعي مشينريءَ جي مرمت ٽراليون تيار ۽ مقامي ضرورتن لاءِ خدمتون فراھم ڪندي ھئي. استاد عبدالغفور ڪنبوه جي ايمانداري، محنت ۽ فني مھارت سبب، پاڪ عرب کي اينگرو فرٽيلائزرز سان مڪينيڪل ڪم متيريل سپلائي جا موقعا مليا. وقت سان گڏ، ڪمپنيءَ جي خدمتن جو دائرو وڌيو ۽ اينگرو جي شٽ ڊائونن ۾ پاڪ عرب ڪمپني ڪان ارجنٽ سروسز ورتيون ويون. آھستي آھستي عبدالغفور پنھنجي مھارت سان جديد قسم جي مشنري ۽ ڪم اينڊ ٽولز ۾ اضافو ڪري ڏھرڪي شھر ڪان ٻاھر پنھنجي ڪمپني پاڪستان جي ٻين ڪمپنين ۽ انٽرنيشنل INLISTED ڪرايو ائين پاڪ عرب شھرت جي بلندين تائين پھچي وئي آھي پاڪ عرب جا شعبا **مڪينيڪل، سول، اليڪٽرڪ ۽ انسٽرومينٽيشن جون خدمتون** - ايل اين جي، پيٽروليم، ڪيميڪل ۽ فرٽيلائزر پلانٽس لاءِ انجنيئرنگ، پروڪيورمينٽ ۽ تعميراتي خدمتون - شٽ ڊائونز، پلانٽ ٽرن ارائونڊز، ۽ اي ٽي ايز - ھاءِ پريشر واٽر جيٽ ڪلينگ، ڪيميڪل ڪلينگ، ۽ والو ريفربشمنٽ - مين پاور سپلاءِ، رينٽل سروسز، ۽ فيبريڪيشن خدمتون. ١. ڪمپنيءَ وٽ جديد ورڪشاپس ۽ فيبريڪيشن سھولتون موجود آھن، جيڪي بين الاقوامي معيارن مطابق ڪم سرانجام ڏين ٿيون. **مکيہ گراھڪ ۽ منصوبہ بندي** پاڪ عرب انجنيئرنگ ڪمپنيءَ جا مکيہ گراھڪ پاڪستان جي وڏين صنعتي ادارن مان آھن، جن ۾ اينگرو فرٽيلائزرز، فاطيما فرٽيلائزر، ۽ ٻين پيٽروليم ۽ ڪيميڪل ڪمپنيون شامل آھن. ڪمپنيءَ ڪيترن ئي اھم منصوبن تي ڪم ڪيو آھي، جن ۾ ڏھرڪي پلانٽ تي ENCOP-III 4RTH COMPRESSOR جو مڪينيڪل ۽ سول ڪم آھن. **انساني وسيلن جي ترقي ۽ سماجي ذميواري** پاڪ عرب انجنيئرنگ ڪمپنيءَ ۾ ١٠٠٠ کان وڌيڪ ملازم ڪم ڪري رھيا آھن، جن کي جديد تربيت ۽ محفوظ ڪم جي ماحول فراھم ڪيو وڃي ٿو. ڪمپنيءَ جي قيادت، خاص طور تي استاد عبدالغفور ڪنبوه، پنھنجي نرم مزاجي، سماجي خدمت ۽ ملازمن جي ڀلائيءَ لاءِ مشھور آھي. پاڪ عرب انجنيئرنگ پنھنجي ملازمن جي فلاح ۽ بھبود لاءِ پرعزم آھي. ڪمپنيءَ جي پاليسين ۾ انساني وقار، ايمانداري، ۽ شفافيت کي اھميت ڏني وئي آھي. ملازمن کي محفوظ ۽ صحتمند ڪم ڪندڙ ماحول مهيا ڪرڻ، ٽريننگز، ۽ فني مھارتن جي واڌاري لاءِ موقعا فراھم ڪيا وڃن ٿا. **سماجي خدمتون ۽ ايمرجنسي سھولتون** پاڪ عرب انجنيئرنگ، ڏھرڪي ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ سماجي ذميوارين کي سنجيدگيءَ سان نڀائي ٿي. ڪمپني ايمرجنسي حالتن ۾، جھڙوڪ صنعتي حادثن يا قدرتي آفتن دوران، پنھنجي فني عملي ۽ وسيلن ذريعي مفت خدمتون مهيا ڪري ٿي. اھو مقامي برادريءَ سان ڪمپنيءَ جي وابستگيءَ جو ثبوت آھي. **قيادت ۽ شخصيت** استاد عبدالغفور ڪنبوه، ڪمپنيءَ جي باني ۽ چيئرمين، ھڪ نرم مزاج، ايماندار، ۽ سماجي خدمتگار شخصيت طور سڃاتا وڃن ٿا. سندس اڳواڻيءَ ۾، ڪمپني نہ صرف فني لحاظ کان ترقي ڪئي آھي، پر انساني ۽ سماجي قدرن کي بہ فروغ ڏنو آھي. پاڪ عرب انجنيئرنگ (پرائيويٽ) لميٽيڊ، ڏھرڪي جي ھڪ فخر جوڳي اداري طور، فني مھارت، انساني خدمت، ۽ سماجي ذميواريءَ جي مثال آھي. ڪمپنيءَ جي ڪاميابيءَ جو راز، سندس ايماندار قيادت، فني مھارت، ۽ ملازمن جي فلاح لاءِ پرعزم

**ڏھرڪي ريلوي اسٽيشن** ڏھرڪي صوبي سنڌ جي باردر تي واقع آھي، ڪراچي، پشاور مين لائين (ML-1) تي ھڪ اھم اسٽيشن آھي، ھي اسٽيشن انگريزن جي دور ۾ قائم ڪئي وئي، جڏھن سنڌ ۾ ريلوي نظام جي شروعات ٿي سنڌ ۾ پھرين ريلوي لائين ١٨٦١ع ۾ ڪراچي کان ڪوٽڙي تائين وڇائي وئي، ۽ ان وقت کان وٺي ريلوي نظام ۾ توسيع ٿيندي رھي، جنھن ۾ ڏھرڪي ۽ ريتي ريلوي اسٽيشن پڻ شامل آھي، ڏھرڪي ريلوي اسٽيشن تي ڪيترن ئي اھم ايڪسپريس ۽ مسافر ٽرينن جا اسٽاپ ھئا جن ۾ تيزگام، شاليمار، عوامي، خيبر، ھزاره، روھي، جيڪي ڪراچي، لاھور، پشاور، ڪوئيٽا ۽ ٻين وڏن شھرن سان ڳنڍيل آھن، انھن ٽرينن جا شيڊول ۽ اسٽاپ وقت بوقت تبديل ٿيندا رھندا ھئا.

# ڏهرڪي پريس ڪلب ڏهرڪي جو وجود ۽ رجسٽرڊ ڪلب جا بنيادي ميمبر

تحرير رمضان پيرزادو

ڏهرڪي پريس ڪلب – قيام، ارتقاءِ صدارتي تاريخ (١٩٨٨ – ٢٠٢٥) ڏهرڪي پريس ڪلب جي تاريخ رڳو هڪ اداري جي نه پر هڪ تحريڪ جي تاريخ آهي. جيڪا ١٩٨٤ع ۾ "انجمن صحافيان" جي نالي سان شروع ٿي. انهيءَ انجمن جي آفيس ئي بعد ۾ ڏهرڪي پريس ڪلب جي بنياد بڻجي وئي. محترم محبوب آصف، نسيم اختر ۽ پير بخش راڄڙي جهڙن صحافين جي جدوجهد سان اداري کي قانوني حيثيت ملي ۽ رجسٽريشن نمبر ١٠٣٥ سان "ڏهرڪي پريس ڪلب" رجسٽر ٿيو. صدارتي دور ۽ انهن جون نمايان خدمتون محبوب آصف (١٩٨٨–٨٩، ١٩٩٠، ٢٠٠١، ٢٠٠٤): ٽي ڀيرا صدر رهيو. اداري جي بنيادي ڍانچي، رجسٽريشن ۽ صحافتي اصولن جي پاسداريءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. نظام الدين سميجو (١٩٨٩، ١٩٩٢): ٻه ڀيرا صدر رهيو. شفافيت ۽ قانون جي بالادستيءَ جو داعي رهيو. صادق ڀٽي، يڌشٽر هاسواڻي، نسيم اختر، رمضان پيرزادو: مختصر دور صدارت جا دور هئا پر اجلاس، پريس ڪانفرنسون ۽ صحافتي سرگرمين ۾ واڌارو آيو. پير بخش راڄڙي (١٩٩٥، ٢٠٠٢، ٢٠٠٦، ٢٠١٥، ٢٠٢٣): پنج ڀيرا صدر رهيو، ادارتي استحڪام، قانوني رجسٽريشن ۽ فنڊنگ لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪئي. تنوير مهر (٢٠٠٣، ٢٠١٢، ٢٠١٤): ٽن دورن ۾ صدر رهيو، نئين عمارت لاءِ پلاٽ حاصل ڪيو ۽ ايمرجنسي فنڊنگ لاءِ سردار مهر کان مدد ورتي. شمس ڀٽو (٢٠٠٨–١٣): سندس دور ۾ صحافين لاءِ ڪالوني منظور ٿي، جيڪا اڄ تائين مڪمل نه ٿي سگهي. لالا قادر ڀٽو (٢٠٠٧، ٢٠١٩): نئين عمارت جي اڏاوت جو آغاز ۽ بنيادي ڍانچو مڪمل ڪرايو. چونڊن ۾ اقليت ۾ تبديل ڪري هارايو ويو. قاضي اگن شر (٢٠١٩ – ٢٣): فرنيچر، فنشنگ ۽ هال جي زيب و آرائش مڪمل ڪئي، ادارو ٻيهر فعال ڪيو. محمد اعظم سهرياڻي (٢٠٢٤ – هاڻوڪو) آهي: موجوده صدر، جنهن جي قيادت ۾ ادارو نئين دور ۾ داخل ٿيو آهي.

اهم ترقياتي مرحلا ١٩٩٩ع ۾ اليڪشن بعد ماحول خراب ٿيو، اختلافن، ڌڙا بندين ۽ تالا بندين جي دور جي شروعات ٿي. ٢٠٠٦–٢٠١٠ع ۾ نئين نسل جي انٽري (شمس ڀٽو، سڪندر ڀٽو، شڪيل سومرو، وغيره) سان ادارو وڌيڪ سياسي بڻيو. ٢٠٠٣ع ۾ سردار مهر پاران پلاٽ ۽ ١٠ لک رپيا مين عبدلحق مين مٺو پاران منظور ٿيڻ سان نئين عمارت جي تعمير شروع ٿي. شمس ڀٽو جي صدارت دوران صحافي ڪالوني منظور ٿي، پر عملي طور تي مڪمل نه ٿي سگهي. لالا قادر ڀٽو جي ٽيم رمضان پيرزادو علي حسن ڀٽو، طاهر عباس سندس ٽيم نئين عمارت جي مڪمل مڪمل ڪرائي اليڪشن ڪرائي جنهن ۾ قاضي اگن شر صدر چونڊيو ويو قاضي اگن شر ۽ اعظم سهرياڻي عمران آصف لياقت اعوان باقي فنشنگ ڪرائي، هال ۽ سجاوٽ جو ڪم مڪمل ڪيو. اداري جون موجوده حالتوناڄ ڪلهه سوشل ميڊيا رپورٽرن جي واڌ سان صحافت جو معيار متاثر ٿيو آهي. صحافت جي اصلي روح بدران ذاتي رپورٽنگ جو رجحان وڌيو آهي. ادارو اڃا تائين مختلف ڌڙن ۽ نون رجسٽرڊ ڪلبن جي وچ ۾ ورهايل آهي، جيئن: ايوان صحافت پريس ڪلب (باني: وزير احمد مهر) عوامي پريس ڪلب (باني: مولوي حزب الله پتافي) نيشنل پريس ڪلب (لالا قادر ڀٽو پاران ٻيهر قائم ڪيل) ڏهرڪي پريس ڪلب جي تاريخ جدوجهد، قرباني، اختلاف ۽ ترقيءَ سان ڀرپور رهي آهي. هي ادارو ڪيترن ئي صدرن جي قيادت ۾ اڳتي وڌيو. اختلافن باوجود، هن اداري جو وجود صحافت جي حقيقي جذبي جي علامت آهي، جيڪو هاڻ نئين قيادت سان مستقبل ڏانهن وڌي رهيو آهي.

**ڏهرڪي پريس رجسٽرڊ ڏهرڪي** ڏهرڪي پريس ڪلب ڏهرڪي جي جيڪا هن وقت ايريگيشن ڪالوني پرسان هڪ وڏي ۽ شاندار عمارت نظر اچي رهي آهي ان جو بنياد وجهندڙ ١٩٧٠ جي ڏهاڪي جا ان وقت جا صحافي استاد ذاڪر حسين چغتائي ۽ ان جي ٽيم هئي، پراڻي عمارت ماڙي پهريان پوليس جي قبضي ۾ هئي جيڪا انهن خالي ڪرائي اتي پريس ڪلب قائم ڪئي سال ١٩٨٠ جي ڏهاڪي ۾ اها ماڙي مرحوم نظام الدين سميجو ٽائون ڪاميٽي کان ڪرائي تي وٺي هڪ فائل ٺهرايو اهو ڪرايو بعد ۾ ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي سيد علي حيدر شاهه حلف وفاداري جي پروگرام ۾ تاحيات معاف ڪيو. ڏهرڪي پريس ڪلب ان وقت پير بخش راڄڙي، محبوب آصف نيازي، نسيم اختر جي ڪوشش سان حيدر آباد مان رجسٽرڊ ڪرايو ويو.

# ڄام نظام الدين سميجو اصولن، فڪر ۽ وفاداريءَ جي علامت

**ايڊووڪيٽ ڄام نظام الدين سميجو جي پيدائش ۽ خانداني پس منظر** ڄام نظام الدين تاريخ ٢٣ مئي ١٩٥٣ع تي مولوي عبدالقادر سميجو جي گهر ۾ جنم ورتو. مولوي عبدالقادر سميجو جا ٽي پٽ عبدالمالڪ، عبدالخالق، ۽ نظام الدين سميجو هئا، سندن آبائي ڳوٺ، داد روڊ ڦاٽڪ کان ٿورو اڳتي واقع هو، جتي سندن زرعي زمينون ۽ باغ موجود هئا. **تعليم ۽ شعور:** ڄام نظام الدين سميجو پرائمري تعليم مين پرائمري اسڪول ۽ هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ، گهوٽڪي مان انٽر، ۽ سکر مان بي اي ۽ ايل ايل بي جون ڊگريون حاصل ڪيائين. جنهن بعد گهوٽڪي ڊسٽرڪٽ بار ڪائونسل جو ميمبر بڻجي وڪالت جي دنيا ۾ پڻ داخل ٿيو. **روحانيت ۽ ديني لاڳاپا:** سندس روحاني تربيت جي بنياد سندس والد جي صحبت ۽ حضرت پير عبدالرحمان پورل سائين ۽ پرچونڊي شريف جي درگاهه سان هو. ۽ هو پورل سائين جا ويجها معتقد هئا، ۽ ڄام نظام الدين ننڍو هو پر پورل سائين جي صحبت مان فيض ماڻيندو رهيو. سندس ننڍپڻ جو وڏو حصو دين سان وابسته محبت، ادب، ۽ روحاني روشنيءَ ۾ گذريو. **صحافت ۽ قلم جي عبادت:** ڄام نظام الدين سميجو صحافت کي عبادت سمجهي قبول ڪيو. هو پوري ڄمار عبرت اخبار سان وابسته رهيو ۽ زندگي جي آخري وقت ۾ چينل سان به سلهاڙجي ويو، صحافت ۾ بيباڪي، ايمانداري ۽ عوامي جي آواز جي ترجماني کي ترجيح ڏنائين. هو ڏهرڪي پريس ڪلب جو ٽي ڀيرا چونڊيل صدر رهيو. سندس دور ۾ صحافتي پائيپي، اصولن، ۽ عزت جي فضا قائم رهي. نظام الدين سميجو سال ١٩٨٤ع ۾ پريس ڪلب جي پراڻي عمارت جو اسٽامپ پيپر ۽ فائل سندس نالي تي ٽائون ڪاميٽي کان رينٽ تي نهرائي ورتو هو جيڪا اڄ به موجود آهي. هو ١٩٩٤ع ۾ پريس ڪلب جو صدر چونڊيو ته هن هڪ پروقار تقريب منعقد ڪرائي ان جو مهمان خاص پهريون ڊپٽي ڪمشنر سيد علي حيدر شاه کي مدعو ڪيو ۽ هن ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي کان ڪلب جو RENT به معاف ڪرائي ڇڏيو. اهڙي تقريب پريس ڪلب جي ٻيهر نه ٿي هئي ان تقريب ۾ ايس ايس پي گهوٽڪي چوڌري قمر زمان ماڙي گيس جو منير ميمڻ اينگرو جو پي آر او A.Q JEELANI به موجود هئا اها تقريب لائبرري وٽ ٿي هئي. اينگرو جي وائيس پريزيڊنٽ آصف تاجڪ سان سٺا تعلقات هيس ۽ تمام آفيسر نظام دين جي گهڻي عزت ڪندا هئا. **سياسي ڪردار ۽ مزاحمتي جدوجهد:** ڄام نظام دين جو سياسي تعلق پاڪستان پيپلز پارٽي سان هو ۽ شهيد ڀٽو جو پوئلڳ هو. هو پي پي تعلقي ڏهرڪي جو جنرل سيڪريٽري رهيو. ايم آر ڊي تحريڪ جي دوران ڏهرڪي مان ڪيس گرفتار ڪري اباوڙو ۾ جڊيشل لاڪپ ۽ بعد ۾ ٽن مهينن تائين سکر ۾ جيل ڪاٽيائين، پر اصولن تان ڪڏهن به پوئتي نه هٽيو **سندس سياسي ويجهڙائي** سيد قائم علي شاه، نثار کهڙو، ممتاز ڀٽو، منظور وساڻ، مخدوم امين فهيم، ۽ نفيسه شاهه گهوٽڪي جي احمد علي خان پتافي، مير بابر خان لنڊ، ڄام منير احمد ڌهر، ڄام ممتاز ڌهر، ڄام مهتاب حسين ڌهر، سان هئي. عبدالحق ميان مٺو به تمام گهڻو پائيندو هوس.

**سماجي زندگي ۽ دوستي:** ڄام نظام الدين، پنهنجي دور جو سخي، دوستن جو ساٿي، ۽ صداقت پسند انسان هو. هو ڊاڪٽر ظفر علي پتو سان محبت ڀري ناتي ۾ ڳنڍيل هو، جنهن سان ن ملڻ تائين کيس سڪون ن ملندو هو. پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن نظام الدين راڄڙي، ذاڪر ڪانجو، عبدالغفار پتو سان سندس ڪچهريون، محبتون، ۽ اصولي گفتگو سيني کي متاثر ڪندي هئي. هو دليل سان ڳالهائيندڙ، حق تي بيهندڙ، ۽ دوستن کي هميشہ اتفاق ۽ وحدت جو پيغام ڏيندڙ شخص هو. پريس ڪلب کي پنهنجو گهر سمجهندو هو جنهن دور ۾ صدر هوندو. اڪثر اجلاس ۾ انتظار ڪرائيندي دير ايندو هو. ۽ دل کولي دعوتون ڪندو هو، هڪ ڀيري پريس ڪلب جي اليڪشن ۾ راقم الحروف جي گهر رات جو دير سان ٢ بجي آيو جيڪو سندس جي گروپ جو ساٿي هو پاڻ ٤ گڏ هوندا هئا سون. **پيپلز پارٽي ڪان نوڪريون روڊ رستا منظور ڪرايا** ڄام نظام دين پيپلز پارٽي جو جنرل سيڪريٽري هو هن پارٽي هاءِ ڪمان سان تعلقات واسطن کي استعمال ڪندي ڪيترن ئي بيروزگار نوجوانن کي نوڪريون ڏياريون ۽ ترقياتي اسڪيمون مختلف ڳوٺن کي ڏياريون. **جن ۾ نواز پتو، مرحوم مقبول ابڙو نظام سميجو، رمضان پيرزادو،** کيس ڪنهن ٻڌايو ت رمضان توکي ڇڏي ويو ٿي توسان دوکو ڪندو. ان تي هن جذباتي ٿي روئي ڏنو ۽ چيائين اگر تو دوکو ڪيو ت ڪلاشن سان ماريندو سانءِ (اهو ڪلاشنڪوف جو نئون دور هو) اسان جي خلاف مخالفت ۾ تمام وڏو اتحاد هو. اڪثر ڪري اينگرو ماڙي گيس پارٽين ۾ گڏ ويندا هئا سون. ڪمپنين ۾ آفيسرن سان رلي ملي ويندو هو، وٽس تمام گهٽي چاڻ هئي ان جي محفل ۾ مزو ايندو هو، هو ڪڏهن ب پريس ڪلب جي مفاد خلاف ڪا ب ڳالهہ برداشت ن ڪندو هو، چاڪاڻ ت اهو سندس جي هٿ جو ٺاهيل ادارو هو.

**زندگي جا آخري ڏينهن:** زندگي جي آخري ڏينهن ۾ هو شگر جي بيماري ۾ مبتلا رهيو. مختلف اسپتالن جا چڪر ڪاٽيائين، ۽ ڪمزور ۽ عليل ٿيندو ويو پر صبر، شڪر، ۽ حوصلي سان وقت کي منهن ڏيندو رهيو. ٢١ نومبر ٢٠٢٤ع تي هن فاني دنيا کي الوداع چيو. سندس جنازو پرچوندي شريف آندو ويو، جتي کيس آبائي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

## محمد اشرف مغل صحافت کان Vlogger تائين جو سفر

محمد اشرف مغل – ڏهرڪي پريس ڪلب جي بنيادي ميمبرن مان هڪ، محمد اشرف مغل صحافت سان جنون جي حد تائين وابستگي رکندڙ نالو آهي. هن پنهنجي صحافتي سفر جي شروعات "خبرون"، "خبرين" ۽ "سنڌ ايڪسپريس" جهڙن معتبر ادارن سان ڪئي، جتي هن مقامي توڙي علائقائي خبرن جي رپورٽنگ ۾ پنهنجي سچائي، جرئت ۽ بيباڪيءَ سان نالو ڪمايو. اشرف مغل هميشہ واقعي جي ماڳ تي پهچڻ لاءِ تيار رهندو آهي- اها اڌ رات هجي يا ڏهاڙي، خبرن جي خوشبو جتي ب هجي، اشرف اتي موجود هوندو. صحافت لاءِ هن جو جذبو، وقت، وسيلن ۽ محنت کي نظرانداز ڪندي، هميشہ عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ تي مرڪوز رهيو. هو لفظي طور تي فل ٽائم جنرلسٽ آهي، جنهن لاءِ صحافت رڳو پيشو ن پر هڪ مقدس ذميواري آهي. جڏهن سوشل ميڊيا جو دور تيزيءَ سان وڌڻ لڳو، تڏهن اشرف مغل ب وقت جي تقاضائن سان پاڻ کي هم آهنگ ڪيو. هن صحافت کي هڪ نئين رخ ڏنو ۽ پنهنجي وي لاگز (Vlogs) ذريعي عوامي آواز، مقامي مسئلن، سماجي واقعن ۽ ڪاڌي پيتي جي شين سميت ڪاروبار کي اجاگر ڪرڻ لاء ماڻهو کيس سڏي وي لاگز ڪرائيندا آهن. اشرف مغل جا وي لاگز رڳو ڄاڻ ڏيڻ جو ذريعو ن، پر هڪ دستاويزي ريڪارڊ ب ٿي چڪا آهن، جن مان ڏهرڪي توڙي ڀرپاسي جي حالتن کي آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو. اڄ جو اشرف مغل، صحافتي دنيا جو هڪ اهڙو نالو آهي، جيڪو قلم، ڪيمرا، ۽ ڪيبورڊ سان برابريءَ سان انصاف ڪري رهيو آهي.

**تنوير احمد مهر:** ڏهرڪي جو متحرڪ صحافي تنوير احمد مهر، ڏهرڪي شهر جي صحافت ۾ هڪ چمڪندڙ نالو آهي، جنهن پنهنجي قلم، جرئت ۽ صحافتي ذميوارين سان ن رڳو مقامي پر علائقائي سطحن تي ب سڃاڻپ حاصل ڪئي. هو سينئر صحافي طور سڃاتو وڃي ٿو، ۽ ان سان گڏ مهراڻ ٽي وي جو نمائندو پڻ رهي چڪو آهي. تنوير مهر کي ڏهرڪي پريس ڪلب سان ڊگهي وابستگي رهي آهي، جتي هن ٽئي ڀيرا پريس ڪلب جي صدر جي حيثيت سان چونڊ جي قيادت سنڀالي. سندس دورِ صدارت ۾ پريس ڪلب جي سرشتي، صحافتي آزادي، ۽ مقامي صحافين جي حقن جي لاءِ نمايان ڪم ٿيو. هو صحافين جي اتحاد، حق ۽ سچ جي آواز کي اجاگر ڪرڻ لاءِ هميشہ اڳيان رهيو.

## مرحوم محبوب آصف نيازي دلير صحافي

ڏهرڪي جي صحافت جا ڪجهه وڏا نالا آهن انهن ۾ محبوب آصف جو نالو نمايان نظر ايندو آهي. محترم محبوب آصف تاريخ پهرين جنوري ١٩٦٥ع تي ڏهرڪي ۾ پيدا ٿيو. هو پوري مجمعي ۾ سڀ کان نمايان نظر ايندو هو ائين هن جو ڪردار به سڀ کان نمايان هو، جتي به هوندو هو صحافين جي عزت ڪرائيندو هو ۽ پنهنجو پاڻ سميت سيني صحافين جو مان مٿانهون ڪرائيندو هو، محبوب آصف کي خبر لکڻ جو ڏانءُ هو، هو اهو صحافي هو هو جنهن کا پيا ... ا. استاد انهن کان ٢٠ رپيا خبر جا وٺندو ۽ فيڪس به انهن جي ادارن کي ڪندو، هو فل ٽائم صحافي هو، هن جي

رپورٽنگ جاندار هئي سندس جي رپورٽنگ تي نواز شريف به پيرا اباوڙو آيو هو، محبوب آصف حنيفان ڪوسو ڪيس رپورٽ ڪيو، ان وقت هو نواز ليگ پاران خدمت ڪميٽيون ٺهيل هيون ڏهرڪي مان محبوب آصف ميان رحمت الله حنيف قريشي جيڪي خدمت ڪاميٽي جا ميمبر هئا ڏهرڪي جا صحافي ساڻ ڪري رونتي ٽاٽي تي پهچي حنيفان ڪوسو ۽ ان جي پاءُ جا بيان قلمبند ڪري حنيفان ڪوسو سميت ٽاٽي جا تمام قيدي آزاد ڪري

ڇڏيائين، ان کان سوءِ ولي محمد ڏونڌو ڪيس، پري اوڏ ڪيس جي به جاندار رپورٽنگ ڪئي جنهن تي نواز شريف پوٽيس ورتو هو. محبوب آصف کي پير سائين پاڳارو شاه مردان شاه پري کان سڃاڻيندو هو ڪيس تمام گهڻو پيار ڪندو هو س جماعت مان واندو تي پير سائين پاڳارو چوندو هو "موٽي کو بلائو" پوءِ حال احوال پريس ٽاڪ ڪندو هو ڪافي وقت اسان دوستن کي به ملندو هو، محبوب آصف ڪامورن جي اک ۾ ڪنڊو هوندو هو اينگرو ۽ ماڙي گيس جا عملدار محبوب آصف جي ٽيم کان لنوائيندا هئا ان وقت دعوت ۾ ڪيس اسپيشل پڪ اينڊ ڊراپ جي سهوليت ۽ دائريون ۽ تحفا تحائف تمام صحافين کي ملند هئا. پيرل راڄڙي سان گڏ پي سي او به هلايائين. هلندي زندگي ۾ نياڻي جي

وفات کيس جهوري وڌو هوس، محبوب آصف لاهور وڃي هڪ پنهنجو ادرو خددار نالي سان قائم ڪيو جتي مزو نه آيو ۽ واپس موٽي آيو هو تمام وقت نوائي وقت اخبار ۽ چينل پي ٽي وي ۽ سماءِ نيوز سان جڙيل رهيو. ان جي وقت ڏهرڪي جي صحافت جو نالو پوري سنڌ ۾ نمايان هو،..... محبوب. تي پيدا ٿيو کيس بلڊ پريشر ۽ شگر جو مرض لاحق هيس ۽ يارنهن سيپٽمبر ٢٠١١ تي هانءَ ڏاريندڙ خبر آئي ته محبوب آصف موڪلائي ويو. محبوب آصف کان پوءِ سندس فرزند عمران آصف ساڳي جوش جذبي ولولي سان صحافت جي دنيا ۾ نالو روشن ڪيو آهي.

## مرحوم پير بخش راڄڙي جي زند گي جو مختصر پسمنظر

پير بخش راڄڙي – بااصول، بهادر ۽ بيباڪ شخصيت، جنهن کي "پيرل" جي نالي سان سڃاتو ويندو هو، ١ جنوري ١٩٦٤ع تي جنم ورتو. شروعاتي طور تي هو پينٽر طور ڪم ڪندو هو ۽ "پيرل آرٽ" جي نالي سان سردار شاپنگ سينٽر ۾ دڪان کوليو. ان مارڪيٽ ۾ محمد رمضان پيرزادو جي پرنٽنگ پريس ۽ نسيم اختر جو فوٽو اسٽوديو پڻ هئا، جتي صحافي ديوڀ لطيفي ڪم ڪندو هو. پير بخش جي چاپڙي ڏاڙهي، سنهڙي سيبتي چهري ۽ محنتي مزاج کيس سيني کان الڳ رکيو. هو عظيم ڪالونيءَ مان روز سائيڪل تي ايندو هو، پر جيڪڏهن ڪو دوست گڏ هجي ته سائيڪل تي نه ويهندو، ان کي هٿ ۾ ڪٽي هلندو هو. پوءِ صحافت جي دنيا ۾ داخل ٿيو، جتي سندس دٻدٻو وڌي ويو. ٽيليفون ايڪسچينج وارن سان ملي مني ايڪسچينج هلائڻ لڳو، ۽ ڪجهه عرصو پي سي او به هلائيندو رهيو. پير بخش سخاوت وارو انسان هو، ظفر بوٽا سان ويجهو دوستيءَ جا ناتا رکندو هو. هن صحافتي ميدان ۾ جيڪو به ڪم ڪيو، سچائيءَ سان ڪيو. دوستي نڀائيندڙ هو، پر دشمن لاءِ سخت ثابت ٿيندو هو. هڪ پيري ڊاڪٽر قدير جي غيرقانوني ماڙي کي ٽوڙڻ وقت سندس هٿ زخمي ٿيو، جنهن تي دلبر اداسته ٿي رات جو پريس ڪلب جي عمارت تان ٽپو هنيو، پر هيٺان گارو هجڻ سبب وڏو نقصان نه ٿيو. پير بخش ڏهرڪي پريس ڪلب جو باني رڪن هو ۽ هن ڪلب کي رجسٽرڊ ڪرائڻ جو اعزاز ماڻي ورتو. هن ڪلب جي مفادن لاءِ سدائين جاکوڙ ڪئي. ڪيترا پيرا ڪلب جي عمارت کي وڪڻ جي ڪوشش ٿي، پر پير بخش ديوار بڻجي بيٺو. هو چار پيرا پريس ڪلب جو صدر رهيو. زندگيءَ جي آخري مرحلي ۾ ڪينسر جو شڪار ٿيو ۽ ١٩ سيپٽمبر ٢٠٢٣ع تي وفات ڪري ويو. سندس پٽ عبدالله پير بخش هاڻ پريس ڪلب جو ميمبر آهي.

## نسيم اختر ڏهرڪي جو دور انديش ۽ سخي دل صحافي

محترم نسيم اختر ٤ آگسٽ ١٩٥٠ع تي خانيوال ۾ پيدا ٿيو ابتدا ۾ ڏهرڪي جي سردار شاپنگ سينٽر ۾ فوٽو جي اسٽوڊيو هئي ته پر ۾ ئي پير بخش راڄڙي جي پيرل آرٽ جي نالي جي دوڪان هئي پير بخش جو رسم الخط ڪمال جو هو, اتي ئي ديوڊ ۽ نسيم اختر وٽ ڪم ڪندو هو, پر ۾ راقم الحروف رمضان پيرزادو جي پرنٽنگ جي پريس هئي, اڪثر ڪچهري ٿيندي هئي نسيم اختر سخي مرد هو ۽ مهمان نواز هو روزاني گهر ڪان ماني ايندي هيس ته وڏيڪ گهرائيندو هو اتي محبوب آصف جي ڀاڄ وچ شروع ٿي ۽ سيپئي صحافي ٿي ويا سين البته ديوڊ پراڻو مهراڻ جو رپورٽر هوندو هو, نسيم وٽ پاڪستان اخبار هئي, نسيم اختر تمام شاتر ۽ تيز دماغ هو, اڪثر خاموش هوندو هو پر جڏهن ڳالهائيندو هو ته مسئلن جو حل ڪڍي ڏيندو پريس ڪلب جي نسيم اختر, ديوڊ ۽ محبوب آصف زينت هٿا اينگرو ماڙي گيس ڪڏهن به صحافين کي گهرائيندي هئي ته ڪمپني جون گاڏيون ايندبون هيون ۽ اتي اينگرو مينيجمنٽ جو وائيس پريزيڊنٽ گڏ ويهي ماني کائيندو هو ۽ تحفا تحائف به ملندا هئا, ڏهرڪي جي صحافت جا ڪجهه ٻيا نالا به آهن جن ۾ شڪيل سومرو, نواز پتو, سڪندر پتو, شمس پتو, لالا قادر شامل آهن. نسيم اختر اوچتو دل جي دوري سبب ٣٠ آڪٽوبر ٢٠٠٨ تي وفات ڪيائين.

## محمد نواز پتو: هڪ جدوجهد سان پرپور زندگي

محمد نواز پتو ڳوٺ باگو پتو ۾ تاريخ ٦ جولائي ١٩٦٩ع تي جنم ورتو. ڪيس تي پائر عبدالمجيد پتو, محمد نواز پتو, غلام عباس پتو) ۽ چار ڀينرون آهن. هو لفظن جو جادوگر, مانيٽي طبيعت, سچو, کرو ۽ جدوجهد ڪندڙ انسان آهي, جنهن جي زندگيءَ جو سفر سدائين آزمائشن سان پرپور رهيو آهي. **صحافتي سفر ۽ ادبي حيثيت:** نواز پتو ڏهرڪي پريس ڪلب جي بنيادي ميمبرن مان هو. جڏهن صحافت خلوص, علم ۽ عزم جو نالو هئي, هو هلال پاڪستان اخبار جو نمائندو رهيو. سندس قلم ۾ سگهه, لکڻ جو ڏانءُ, ڳالهائڻ ۾ عبور, سوچ ۾ وضاحت ۽ انداز بيان ۾ سچائي هئي. هو تلخ حقيقتن کي سچائيءَ سان پيش ڪرڻ جو ماهر آهي. **شخصي زندگي جا لاها چاڙها:** زندگيءَ جي شروعات ۾ هن ڏهرڪي جي ناري سان سکر ۾ شادي ڪئي, جنهن مان ٻه پٽ ٿيا. افسوس, اها ڪيس ڇڏي ويئي, جنهن ڪانپوءِ هو دلبرداشته ٿي ڪراچي پهتو. اتي مختلف صحافتي ۽ ادبي ادارن ۾ ڪم ڪيائين. ٻي شادي مان هڪ نياڻي ٿي, پر زندگيءَ جي مشڪلاتن ڪيس آزمايو. Secondشادي به ناڪام ٿي, جنهن ڪانپوءِ سندس طبيعت بگڙي ويئي. ۽ همت ڪري ٽين شادي ڪئي جنهن مان ٻه پٽ اولاد اٿس پر اها گهرواري به سندس جي مزاج کي نه سمجهي سگهي ۽ ڇڏي ويئي. ٽيئي شاديون ناڪام ويون, جنهن سبب سندس ذاتي زندگي وچوڙن, دردن ۽ مايوسين سان پرجي ويئي **روحانيت ڏانهن سفر:** سندس ذاتي زندگي جي وچوڙن ڪيس روحانيت ڏانهن راغب ڪيو. "روحاني دڪان" کوليو, پر اتي به تقدير ڪيس صبر جي آزمائش ڏني. نه روحانيت, نه ادارت, نه عشق – ڪجهه به ڪيس ذهني سڪون نه ڏيئي سگهيو.

**شوبز ۽ صحافتي جدوجهد:** هن قسمت کي ٻيهر للڪاريندي شوبز جي دنيا ۾ قسمت آزمائي ڪئي, پر اتي به مزو نه آيس. زندگيءَ جي انهن ناڪامين مان بيزار ٿي, دل جي دوري جي صورت ۾ لاچار ٿيو ۽ آخرڪار پنهنجي اباڻي ڳوٺ باگو پتو موٽي آيو.

ادبي خدمتون ۽ صحافتي بهادري: نواز پتو پي ٽي وي تي ڪيترائي دراما لکي پاڻ کي "اي ڪيٽيگري" ليڪڪ طور مڃرايو. ڪي ٽي اين تي به ڪيترن درامن جي لکڻي ۽ هدايت ڪئي. مير مرتضيٰ پتو جي قتل بابت تحقيقاتي ڪتاب "مرتضيٰ پتو, پاڪستان آمد ڪان شهادت تائين" لکيو. ٻيو ڪتاب "لکي پيو جيڪو آخري مرحلي ۾ آهي. هن پنج سال ايم ڪيو ايم جي "هٽ لسٽ" تي گذاريا, لشڪرِ جهنگوي جهڙي دهشتگرد تنظيم کي واڪو ڪيو. "اينٽي ڪالا باغ جرنلسٽ فورم" جو بنياد وڌو ۽ ڪالا باغ ڊيم جي تعمير خلاف پرپور مهم هلائي. نثار کهڙو جي ڪتاب "نواز پتو بمقابله نواز شريف" ۾ سندس جدوجهد جو تفصيل سان ذڪر آهي. روحانيت زندگيءَ جو حسين تجربو: روحانيت سندس زندگي جو سڀ کان حسين تجربو هو, جنهن ۾ اهو مليو, جنهن لاءِ ماڻهو سڄي عمر ترسندا آهن. روحانيت جو سفر ڪڏهن به ختم نٿو ٿئي, ۽ اهو حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهو تڙپن ٿا. اڄ جو سفر: اڄ به بيماري جي حالت ۾ صحافت جو سفر جاري آهي. "فرواز اين بي نيوز ڪرنٽ افيئرس" نالي يوٽيوب چينل هلائي رهيو آهي.

## سڪندر علي پيٽو: جذبن جي تلاش ۾ گم ٿيندڙ خواب

سڪندر علي پيٽو ٻہ اُن دور جو ساٿاري آهي، جڏهن ڏهرڪي پريس ڪلب جي ديوارن ۾ چاهتن، جدوجهد ۽ اصولن جون ڳالهيون گونجيون ٿيون. سڪندر پيٽو پريس ڪلب جو سرگرم ميمبر رهيو، جنهن جي دل ۾ هميشہ ڪجهہ نئون ڪرڻ جو جذبو رهيو. هو نہ رڳو صحافت ۾ متحرڪ رهيو، پر "يومن هيومن رائيٽس" جهڙي انساني حقن جي تنظيم ۾ پڻ ڪم ڪيائين. سندس وڏي خوبي اها هئي تہ هو آواز اٿاريندو هو — خاص طور تي ڏهرڪي پريس ڪلب لاءِ ڪالوني ناهڻ جي جاکوڙ ڪئي. پر هن جو خواب، هن جي ئي هم عصرن جي بي حسي ۽ انتظامي لاپرواهي جي ڪري، تعمير نہ ٿي سگهيو. سڪندر پيٽو جي ذاتي زندگي بہ هن جي خوابن وانگر پريشان رهي. خانداني مسئلن سبب مجبور ٿي، هو ڏهرڪي ڇڏي ڪراچي جي رستا وٺي ويو. اتان هن صحافتي سرگرمي ٻيهر شروع ڪئي ۽ سنڌ ٽي وي جو ڪورٽ رپورٽر بڻيو. هاڻ هو قانوني نظام جي ويجهو آهي، پر پريس ڪلب جو ساٿي سڪندر اڄ بہ دل ۾ اهو ارمان کڻي ٿو تہ ڏهرڪي جي صحافت کي ڪا مستقل ڇت ملي ها. سڪندر پيٽو اڄ بہ صحافت جي محاذ تي موجود آهي، پر ڏهرڪي جي مٽيءَ ۾، سندس ارمانن جو آواز گونجي ٿو. هو اُن صحافيءَ جو نالو آهي، جيڪو سچ جي تلاش ۾ پنهنجا گهر، تعلق ۽ ڳوٺ ڇڏيا، پر خواب نہ ڇڏي سگهيو.

## ڊيوڊ لطيفي هڪ مهان صحافي

ڊيوڊ لطيفي هڪ ارڏو ۽ مهان صحافي هو، ڊيوڊ ٻهريان ٺوري هو جيڪو بعد ۾ مذهب مٽائي عيسائي ٿيو، شروع ۾ هڪ بهترين فوٽوگرافر هو ۽ نسيم اختر جي دڪان تي ڪم ڪندو هو، ڊيوڊ کي لکڻ جو ڏانءُ هو انڪري صحافي ٿيو ۽ پريس ڪلب جي بنيادي ميمبرن ۾ ڊيوڊ جو نالو بہ شامل آهي، شروع کان ئي مهراڻ اخبار جي حوالي سان چاتو سڃاتو ويندو جنهن جي شهرت تمام گهڻي هئي، ڊيوڊ لطيفي لطيف سرڪار جو پوئلڳ هو جنهن ڪري نالو ڊيوڊ لطيفي رکيائين، ڊيوڊ هر وقت پريس ڪلب سان جڙيو رهيو ۽ پريس ڪلب جوائنٽ سيڪريٽري، آفيس سيڪريٽري اطلاعات سيڪريٽري جي عهدن تي فائز رهيو غريبي حال باوجود دل وڏي هيس، آخري وقت تائين بيماري سان منهن ڏنائين آخر ڪار دم ڏٺي حوالي ڪري ويو.

## خراج تحسين - ڏهرڪي جا صحافتي ستارا

**مرحوم محمد صادق پيٽي** هڪ بي باڪ ۽ بااصول صحافي مرحوم محمد صادق پيٽي ڏهرڪي پريس ڪلب جي تاريخ ۾ هڪ معزز ۽ بااصول شخصيت طور ياد رکيو ويندو. هو جنگ اخبار جو نمائندو ۽ پريس ڪلب جو صدر هو. جماعت اسلامي سان سندس وابستگي سندس فڪر ۽ عمل ۾ نظر ايندي هئي. هو صحافت جي سچائي ۽ اصولن جو پيروڪار هو.

**مرحوم محمد عمر ڪانجو** اصولن جو پيرو، خاموش ڪارڪن جسارت اخبار جو نمائندو محمد عمر ڪانجو، جماعت اسلامي جو نظرياتي حامي هو. سندس شخصيت خاموش، پر اثرائتي هئي. هو سائينو لال مينگواڙ جي فڪري ويجهڙائي ۾ رهيو. سندس وفات سان صحافت جو هڪ خاموش سپاهي موڪلائي ويو.

**پڌشتر ڊنارام هاسُواڻي** — سخا، خدمت ۽ محبت جو پيڪر عوامي آواز جي رپورٽر ۽ پريس ڪلب جو صدر، پڌشتر هڪ هندو صحافي هو، جيڪو انسانيت جي مثال هو. سندس مشهور جملا "ڪائو ڪائو، واٽئي جو مال آهي" سندس سخاوت جي علامت هئا. حالتن سبب هندستان ويو ۽ اتي ديهانت ڪري ويو. سندس جاءِ اڄ بہ خالي محسوس ٿئي ٿي.

## ڏهرڪي جا ناليوارا ۽ سنيئر وڪيل

ڏهرڪي ۾ سول ڪورٽ ، سينئر سول ڪورٽ، ايڊيشنل سيشن ڪورٽ، ۽ فيملي ڪورٽ آهي ڪورٽ ۾ بار ڪائونسل جي آفيس ۽ هڪ لا ڪاليج آهي جنهن اندر هڪ وسيع لائبرري پڻ موجود آهي. ڏهرڪي بار ڪائونسل جا ناليوارن وڪيلن ۾ ايڊوڪيٽ ڄام عبدالفتاح سميجو ڏهرڪي بار ڪائونل جو صدر آهي. مرحوم الطاف حسين چغتائي، مرحوم محمد الياس پٽو، نند لال ٻداڻي، مرحوم نظام الدين سميجو، وڪيل پريتم داس، مرحوم عبدالحڪيم پيهو. جيڪي فوت ٿي چڪا آهن. سينئر ۽ نوجوان وڪيلن ۾ ايڊوڪيٽ ڄام عبدالفتاح سميجو، عبدالوهاب شر، سليم اختر ملڪ ، عبدالغفار پٽو ، جاويد آرائين نواب پتافي، سنديپ ڪمار، الطاف حسين ٻرڙو، سيف الله پنگر، لالچند، نند لال لوهاڻا، ارشد احمد مهر، فرمان علي شر، امداد ڪوير، قمبر ڪوير، محسن علي شر، عبدالحفيظ ٻنڀ، بشير احمد ميراڻي، غلام ياسين سومرو، رميش بي ايم، جاويد سومرو، عطاءُ الله پٽو، عبدالستار پٽو، غلام عباس سميجو، غلام رسول مهر، ساجد احمد آرائين، ڄام فرحان سعود سميجو، مهتاب علي چاچڙ، آصف حسين راڄڙي، رياض احمد گهنجون، سنديپ ڪمار لوهاڻا، سريش ڪمار عرشي ۽ ٻيا آهن.

## ياور عباس چغتائي: هڪ خدمتگار ۽ وفادار شخصيت

ياور عباس چغتائي، نامور ايڊووڪيٽ الطاف حسين چغتائي جو وڏو پٽ آهي. هو ٢٢ فيبروري ١٩٨٤ع تي پيدا ٿيو. شروعاتي تعليم گبو جي بوائز هاءِ اسڪول مان حاصل ڪيائين، جتان هن ميٽرڪ ڪئي. ان کان پوءِ بي اي جو امتحان پاس ڪري، وڪالت جي ڊگري (B.A LL.B) به حاصل ڪيائين. ياور عباس چغتائي شروعات کان ئي پاڪستان پيپلز پارٽي سان جيالي طور تي وابسته رهيو آهي. سندس گهرو تعلق نامور سياسي شخصيت سردار عبدالباري خان پتافي سان آهي. هو پنهنجي والد وانگر سخي دل، خدمتگار ۽ عوام دوست انسان آهي. ٢٠١٠ع ۾ ياور عباس ٽائون ڪاميٽي ڏهرڪي ۾ ڪلارڪ طور ڀرتي ٿيو. پنهنجي محنت ۽ فرض شناسي جي بنياد تي ٢٠١٨ع ۾ ڪيس ١٤ گريڊ ۾ ترقي ڏني وئي ۽ لائبريري انچارج مقرر ڪيو ويو. بعد ۾، ٢٠٢٢ع ۾ ٻيهر ترقي حاصل ڪري، ١٦ گريڊ ۾ يونين ڪائونسل ڏهرڪي جي فوڪل پرسن طور مقرر ٿيو. هو پنهنجي وڏن جي نقشِ قدم تي هلندي انسانيت جي خدمت کي پنهنجو فرض سمجهي ٿو. والد جي وفات کان پوءِ اڄ به "قلندري تڪيو" تي لنگر ۽ نياز جو سلسلو جاري رکي ٿو، جيڪو سندس سخي مزاج جو عڪس آهي. ياور عباس چغتائي، يارن جو يار، ذرگو پنهنجي دوستن سان وفادار آهي پر پنهنجي والد جي دوستن سان به عزت ۽ احترام جو رويو رکي ٿو.

## غلام مصطفي شر ماڙي اينرجي لميٽ ڏهرڪي

غلام مصطفيٰ شر، جيوڻ خان شر جي گهر ١٩٧٦ ۾ پيدا ٿيو اسان جو ابائي ڳوٺ منهنجي والد جي ئي نالي سان اوباوڙي شهر کان پنج ڪلو ميٽر پري رونتي روڊ سان ڳوٺ جيوڻ شر آهي. ڇهن ڀائرن ۾ سڀني کان ننڍو هوندي ماءُ ۽ پي جو لاڏلو رهيس. شروعاتي پرائمري ۽ ميٽرڪ تائين تعليم اوباوڙي شهر ۾ ئي حاصل ڪئي ۽ انٽرميڊيٽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج سکر مان پاس ڪري گريجوئيشن ۽ ماسٽر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس مان پاس ڪئي ڪجهه وقت زميندار ي جو ڪم ڪار به ڪيو ان سان گڏ سماجي ڪمن ۾ مهراڻ سوشل ويلفيئر ايسوسيئشن جي پليٽ فارم تان به سرگرم رهيس. شاگردي جي دوران قومپرست سياست ۾ سرگرم رهيس. ٢٠٠٣ کان ماڙي انرجيز ۾ مختلف شعبن ۾ خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهيان. جنهن ۾ هائوسنگ، پروڪيورمنٽ ۽ ايڊمنسٽريشن شامل آهن.

## ڏهرڪي جي روزمره جي زندگي جو واپار - سبزي منڊي

ڏهرڪي جي مارڪيٽن ۽ سبزي منڊيءَ جو ارتقائي جائزو مارڪيٽن جي تاريخ، واپار ۽ موجوده حالتون ڏهرڪي ۽ ان جي پرپاسي جي ڳوٺن جي ماڻهن جي روزمره ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي مارڪيٽن، دڪانن ۽ بازارن جو جار پکڙيل آهي، جتي ڪاڏي پيتي جي شين کان وٺي زرعي اوزارن، ڪپڙن، سبزين، فروٽن ۽ ٻين ضروري شين جو واپار ٿئي ٿو. اناج منڊي – واپار جي پراڻي تاريخ ڏهرڪي جي پراڻي اناج منڊي جو مرڪز "ڊاڪٽر بازار" هو، جتي اجناس (گندم، چانور، ٻج وغيره) جو واپار ٿيندو هو. وقت سان گڏ، اهو علائقو ڊاڪٽرز ليبارٽريز ۽ ڪلينڪس جو مرڪز بڻجي ويو، جنهن سبب اجناس جو ڪاروبار ڏهرواهه ۽ ٻين هنڌن ڏانهن منتقل

ٿي ويو. مارڪيٽ ڪاميٽي تقريباً ۴۰ سال اڳ اناج منڊي لاءِ هڪ مخصوص پلاٽ خريد ڪيو هو، جنهن جي اڄ تعمير مڪمل ٿيڻ جي ويجهو آهي، جتي هاڻي زرعي اجناس ۽ ٻجن جو واپار باقاعدگي سان جاري آهي. سبزي منڊي — ارتقا کان وسعت تائين ڏهرڪي جي سبزي منڊي شروعاتي طور تي ٽائون ڪاميٽي جي نگرانيءَ هيٺ هئي، جنهن جو سالانو ٺيڪو لطف الله پٽو ۽ هڪ هندو واپاري کنيو هو. ٺيڪو ختم ٿيڻ بعد، لطف الله پٽو واپارين کي گڏ ڪري ڄام جاويد خان ڏهر کان وچ شهر ۾ پلاٽ ڪرائي تي حاصل ڪري سبزين جو هول سيل ڪاروبار شروع ڪيو. رات جو گاڏين ذريعي ڀاڄيون ۽ فروٽ ايندا هئا، ۽ صبح نماز کانپوءِ گهما گهمي (نيلامي) ٿيندي هئي. ريڙهين وارا ۽ دوڪاندار واپار لاءِ سامان وٺي مارڪيٽون ڀريندا هئا. وقت سان واپار وڌندو ويو، آباديءَ ۽ ضرورتن سان گڏ سبزين جا قسم به وڌيا، ۽ واپار صنعت جي شڪل اختيار ڪئي. نئين سبزي منڊي جو قيام — پلاننگ ۽ سهولتون واپار جي وسعت، آباديءَ جي اضافي ۽ جڳهه جي کوٽ سبب پراڻي سبزي منڊي مسئلا پيدا ڪرڻ لڳي. لطف الله پٽو، واپارين کي منظم ڪري جي ٽي روڊ تي ۱۰،۰۰۰ فٽ جو پلاٽ خريد ڪري جديد طرز جي سبزي منڊي قائم ڪئي، جتي: واپارين کي نقشن مطابق دڪان فراهم ڪيا ويا مرڪزي ٿلهو گڏيل ملڪيت طور تي موجود آهي ٽرڪن جي اچ وڃ، لوڊنگ/ان لوڊنگ لاءِ وسيع جڳهه صفائي، سيڪيورٽي ۽ شهر پلاننگ جي اصولن مطابق انتظام واپار جو دائرو ۽ پراڊڪٽس ڏهرڪي سبزي منڊي هاڻي صرف مقامي واپار تائين محدود نه رهي آهي، پر پرپاسي جي شهرن، ڳوٺن ۽ ٻين صوبن سان واپار جو مرڪز بڻجي چڪي آهي. سياري جون سبزيون ۽ فروٽ: گاجر، مٽر، پالڪ، گوگرو، ساوا بصر، ٽماٽو نارنگي،

موسمي، سفيدو، زيتون، ڏاڙهون، ناشپاتيا و نهاري جون شيون: ڀينڊي، لوڪي، ڪريلا، توري، ميڙا، ڪنپيانب، تربوز، فالسا، جامن، خربوزو، ڪيلا، ناريل پانيدر آمد ٿيندڙ شيون: چين، ايران، بلوچستان مان: ادرڪ، بصر، لهسن وغيره پنجاب، سنڌ، خيبر پختونخوا مان: خاص فروٽ خشڪ ميوا ۽ امپورٽيڊ شيون مخصوص دڪانن تي موجود مستقبل جي منصوبابندي — ڊجيٽلائيزيشن طرف قدم قيمتن جو آن لائن نظام، ريڪارڊ مينجمنٽ سسٽم، ٽرانسپورٽ، ڪولڊ اسٽوريج، ۽ ايڪسپورٽ فسيلٽيا هڙيون سهولتون منصوبه بندي تحت جلد شروع ٿيڻ واريون آهن، جنهن سان ڏهرڪي جي منڊي ملڪ جي جديد ترين مارڪيٽن مان هڪ بڻجي سگهي ٿي.

**ڏهرڪي ۾ بيڪرز اينڊ سويٽس:** ڏهرڪي ۾ تمام پراڻي ڪوثر بيڪري آهي ان کان سواءِ ييلو گرين بيڪري، ايس ايس ڊي بيڪري ۽ ڊولفن بيڪري ڏيشي بيڪرز اينڊ سويٽ، چلڻ. سويٽس، سڌام چند پٽائي سويٽس، صغير سوئيٽس، الفيض سوئيٽس سميت پوري شهر ۾ پنجاه کان مٿي بيڪرز ۽ سويٽس جا دوڪان آهن. ڏهرڪي جي مٺائي ۾ بادام ۽ سنگر جي مٺائي ۽ پيڙا تمام مشهور آهن انهي کان سواءِ گلاب جامن، دلبهار، لڏو، برفي ۽ گرما گرم جليبي سان کير پڻ مشهور آهي سياري جي سرد راتين ۾ شهري پوري ڏينهن جو ڪم ڪار کان ٿڪجي شام جو سينما روڊ تي اچي گرما گرم تازي جليبي کير جي پيالي ۾ مڪس ڪري پنهنجي توانائي بحال ڪندا آهن.

**ڏهرڪي: ظفر بازار، زرعي دوائون ۽ ڀاڻ** جو مرڪز آهي، اينگرو يوريا، سونا يوريا: فاطمه يوريا، تارا يوريا، اينگرو ڊي اي پي، سونا ڊي اي پي، فاطمه ڊي اي پي، تارا ڊي اي پي کانسواءِ ٻيا اهم زرعي ڀاڻ: ايسوَ (سلفيٽ آف پوٽاش) - اينگرو، سونا ايم او پي (ميريئٽ آف پوٽاش)، سي اي اين (ڪيلشيم امونيم نائٽريٽ) زنڪ سلفيٽ، بورون ڀاڻ. ڏهرڪي ۾ مختلف قسمن جون زرعي دوائون، ملن ٿيون جن ۾ ايڪٽارا (سن جينتا)، موونٽو (بايئر) ۽ ٻيون زرعي دوائون ملن ٿيون.

# ڍهرڪي جي نامياري شخصيت لطف الله پِتو

حافظُ المُلت حضرت حافظ محمد صديق رحمتُ الله عليہ جي چانوري ۾ ويٺل پير محمد پتو جا ٻہ پٽ آهن: ١. ايڊووڪيٽ عطا الله پتو ٢. **لطف الله پتو- لطف الله پتو** ١ جولاءِ ١٩٥٩ع تي ڄائو. هو پنهنجي والد جو سڪيلڌو هو. پنجن سالن جي ڄمار ۾ پرائمري تعليم پرچوندي شريف جي اسڪول مان حاصل ڪيائين. سندس استاد عبدالستار ڍهر، جيڪو ٻنهي ڄنگهن کان معذور هو، موٽر سائيڪل تي پاڻ کي ڪٽائي، باقاعدگي سان اسڪول جي ڊيوٽي ڪندو هو، ٽيون درجو پاس ڪري، مين پرائمري ۽ مڊل اسڪول مان اٺون درجو پاس ڪيائين. F.A گهوٽڪي ڪاليج مان ڪيائين. بعد ۾ شادي ڪئي.

**ڪيريئر ۽ ڪاروباري سفر** ١٩٨٠ع ۾ حاڪم ڪاٽن فيڪٽري ۾ پريس ڪلارڪ ٿيو، ١٩٨٢ع ۾ اينگرو ڪراچي ۾ مڪينيڪل ڊپارٽمينٽ ۾ اپرنٽس شپ ڪيائين، پر نازڪ طبيعت سبب پاس نہ ڪري سگهيو، بعد ۾ سيٺ وشنداس، سيٺ سندرداس، ۽ سيٺ گرداس وٽ **ڪوڪاڪولا جي بوتلن جي ايجنسي** تي منيجر ٿيو، ان کان پوءِ، مکي چتو، رام نارائڻ داس، ۽ سيٺ گيانچند سان گڏجي **ٽائون ڪاميٽي ۾ سبزي جو ٺيڪو کنيو**. ان وقت سبزي وڪڻ جو ٺيڪو ٿيندو هو، جيڪو هلندو رهيو، ١٩٨٥ع ۾ سيٺ سندرداس سان گڏ **"مهراڻ هوٽل"** کوليو. **پيپلز پارٽي سان لاڳاپو ۽ مهراڻ هوٽل جو واقعو** مهراڻ هوٽل پيپلز پارٽي جو مرڪز هو جتي پارٽي جي اڳواڻن جو اچڻ وڃڻ هوندو هو، جن ۾ خورشيد شاهہ، غلام قادر پتو بہ شامل هئا. سيني کي لڳو تہ هي هوٽل پيپلز پارٽي وارن جي آهي، جو ٽيجي دور ۾ وڳوڙ ٿيا، ۽ **"مهراڻ هوٽل"** کي ڀجي پورا ڪري ڇڏيائون، جنهن بعد لطف الله پتو ٻيهر سبزي جي ڌنڌي سان لاڳاپيل ٿي ويو، **سبزي منڊي جي جوڙجڪ ۽ تاريخ** ان وقت زميندارن، ٽائون خلاف ڪيس ڪيو، جنهن سبب هاءِ ڪورٽ ٺيڪو ختم ڪري ڇڏيو، ۽ سبزي مارڪيٽ پرائيويٽ ٿي وئي، اسان ٨ ڄڻن، ڄام جاويد ڍهر کان، منڊي جي جاءِ ڪرائي تي ورتي، **سبزي منڊي ٺاهي** • شروع ۾ ٢٠ دڪان هئا، آهستي آهستي وڌندا ويا ٢٠٠٠ع ۾ **نيو سبزي منڊي لاءِ ٢ ايڪڙ پلاٽ چوڌري عبدالحق آرائين** کان خريد ڪيو. بعد ۾ دوڪاندارن دڪان خريد ڪيا، کاتا بہ ٿيا. سيني جي پنهنجي ملڪيت ٿي وئي، آڪشن جو ٿلهو گڏيل ملڪيت آهي، ۽ منڊي جي ميراث آهي، عهدن تي فائز ٿيڻ ١٩٩٦ع کان سبزي منڊي جو صدر آهي ٢٠١٧ع کان مارڪيٽ ڪاميٽي جو وائيس چيئرمين آهي ٢٠١٥ع ۾ "سمال ٽريڊرز" ۾ شامل ٿيو، ۽ نائب صدر منتخب ٿيو سمال ٽريڊرز، دڪاندارن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ جوڙي وئي. ان جي فيصلاتي ڪاميٽي ۾ شامل شخصيتون: چوڌري عبدالرزاق آرائين، لطف الله پتو، ڊاڪٽر سجاد حيدر، پرديپ ڪمار، عبدالفتاح سونارو ۽ وڪي ڪمار. لطف الله پتو کي ٣ پٽ آهن: ١. شفقت الله پتو (جنهن جو موٽر سائيڪل شو روم آهي) ٢. نعمت الله پتو (سبزي منڊي تي ڪم ڪندو آهي) ٣. ايڊووڪيٽ صدام حسين پتو

شفقت الله پتو، نعمت الله پتو، ايڊووڪيٽ صدام حسين پتو

# لطف اللہ پٺوجي زندگي جا حسين لمحا ڈهرڪي جي تاريخ ۾ قيد

# سردار مٺڻ خان سومرو

هڪ سماجي ماڻهو ۽ خلوص جو پيڪر

**سـردار مٺڻ خان سـومرو** – سـال ١٩٥٤ع ۾ الهرکيو سـومرو جي گهر، جونگ ڪالوني (ڏهرڪي) ۾ جنم ورتو. هو پنهنجي والد جو لاڏلو پٽ هو، سندس والد الهرکيو ننڍپڻ ۾ ئي وفات ڪري ويو جنهن جي ڪري سـندس تعليم ۽ تربيت چاچي محمد ملوڪ سـومرو ڪئي جيڪو ڏهرڪي شهر جي معتبر شخصـيت جو مالڪ ۽ زميندار هو، مٺڻ خان سومرو **گورنمنٽ ۾ ملازمت ڪئي هو ٽيپدار به هيو**، بعد ۾ مٺڻ خان پنهنجي چاچي جي معرفت ايرگيشن کاتي ۾ بطور بيلدار ملازمت حاصل ڪئي جيڪا ڊيوٽي وڏي عزت سـان ڪئي. جيتوڻيڪ تعليمي ميدان ۾ اڳتي نه وڌي سگهيو، پر زندگيءَ جي ميدان ۾ هميشه مڙس ماڻهو ٿي رهيو. مٺڻ خان ننڍپڻ کان ئي "مٺڻ نالي جيان مٺو" هو. محبت، خلوص کانسواءِ سندس جي شخصـيت نامڪمل هئي. سندس سيني ۾ محبتن جو خزانو سمايل هو، جيڪو دوستن، يارن، غريبن ۽ لاچار ماڻهن لاءِ هميشه ڪليل هوندو هو. سخي مزاج، صاف دل، ۽ دوستن لاءِ هميشه قربان ٿيڻ وارو جذبو سندس مکيه وصفن مان هو. سردار مٺڻ خان جي طبيعت ۾ سياست جو به شوق سمايل هو. هڪ ڀيري **ايم پي اي جي سيٽ لاءِ چونڊ ۾ بيٺو، پر پير چونڊي شريف جي پير عبدالخالق** جي اسرار تي، پنهنجي اميدواري جا ڪاغذ واپس وٺي ڇڏيائين. بعد ۾ پنهنجي ڀاءُ نظير احمد سومرو کي جونگ ڪالوني مان چار ڀيرا ڪائونسلر چونڊرايو. هن پنهنجي ڀاءُ سان سياسي طور هميشه ساٿ ڏنو. سردار مٺڻ خان سومرو چوندو هو ته سندس چاچي محمد ملوڪ سومرو ۽ ڀائرن جي زرعي زمين ١٠٠ ايڪڙ زمين اينگرو ۽ ماڙي کي فروخت ڪئي.

**سردار مٺڻ خان سومرو گهوڙن ۽ ڪيپن ۽ جو شوق رکندو هو، پهراڻ ۾ اڇي رنگ رنگ جو ڪاٽن جو سوٽ پٽڪي جو وڏو شوقين** هو. جونگ ڪالوني ۽ ڏهرڪي ۾ سندس اوطاقون هر وقت دوستن ۽ مهمانن لاءِ کليل هونديون هيون. صبح جو جونگ ڪالوني ۾ ۽ شام جو ڏهرڪي جي اوطاق تي ويهڪون ٿينديون هيون، هر وقت مسڪرائيندو رهندو هو. دوستن جو تمام خرچ هو پاڻ برداشت ڪندو هو. هن پنهنجي دوستن ميان مٺو، ميان رحمت الله، ميان اقبال احمد، ڄام شير افگن سميجو، استاد حاتن خان شر، چوڌري اڪرام الحق ۽ والد عبدالحق آرائين، حقنواز ڏهر ۽ والد، حاجي افضل مهر، ڄام شوڪت، ڄام مشتاق، ميان منير، ذوالفقار ٻگهيو، شريف ٻگهيو رئيس امان الله ملڪ، نياز دايو، نذير سومرو سان موت وقت تائين بي پناهه محبت ڪندو رهيو ۽ بيماريءَ جي حالت ۾ به، جيستائين انهن سان ملاقات نه ڪندو هو، دل کي سڪون نه ايندو هوس. انهن ڏي پاڻ وڃڻ کي ترجيح ڏيندو هو.

**وفات:** سردار مٺڻ خان سـومرو ٢٩ جنوري ٢٠٢٥ع تي دل جي اوچتي، خاموش دوري پوڻ سـبب وفات ڪري ويو. سـندس وڃڻ سـان جونگ ڪالوني، ڏهرڪي ۽ علائقي ۾ هڪ خلا پيدا ٿيو، جيڪو عرصي تائين پر جي نه سگهندو.

**اولاد:** چار پٽ ۽ هڪ نياڻي سوڳوار ڇڏيا. ١. الله رکيو عرف مختيار سومرو ٢. الله دتو عرف اختيار سـومرو ٣. عبدالرحيم سـومرو ۴. محمد رمضان سومرو

١. ڏاڏو الله رکيوسومرو ٢. مٺڻ خان سومرو ٣. الله رکيو عرف مختيار سومرو ۴. الله دتو عرف اختيار سومرو٥٣. عبدالرحيم سومرو٥. محمد رمضان سومرو

# نياز احمد دايو ڪائونسلر ٽائون ڪاميٽي ڏهرڪي



**نياز احمد دايو** تاريخ ٢٣ نومبر ١٩٧٤ع تي مشتاق احمد جي گهر ۾ جنم ورتو ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول اباوڙو ۾ حاصل ڪئي, مدل ۽ ميٽرڪ گورنمينٽ هاء اسڪول ڏهرڪي مان ڪئي انٽر گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميرپور ماٿيلو بعد شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان بي اي ۽ ايم اي پاس ڪيائين, زندگي جي ابتدا ١٩٩١ع ۾ **الائيڊ بينڪ ۾ ڪنٽريڪٽ** طور پرتي ٿيو, ٢٠٠١ع نوڪري سان گڏ گاڏين جي خريد ۽ فروخت جو ڪم ڪندو رهيو, سماجي ڪمن ۾ سڀ کان پهريان **ڏهرڪي جو دايا اتحاد** جوڙيو ڪيس صدر چونڊيو ويو آهي جيڪا ذميواري اجان تائين نڀائي رهيو آهي, ۽ پنهنجي برادري ۽ پاڙيوارن جي وس آهر مدد ڪندو رهندو آهي, ان سان گڏ پاڙي جا فلاحي ڪم ڪندو رهيو جنهن بعد سال ٢٠١٥ جي بلدياتي اليڪشن ۾ **ٽائون ڪاميٽي ڏهرڪي ۾ ڪائونسلر** چونڊيو ويو چئرمين منير احمد خان مهر ۽ وائيس چيئرمن چوڌري اڪرام الحق سان گڏجي شهر جي صفائي ۽ ترقياتي ڪم ڪرايا پنهنجي وارڊ ۾ ٽف ٽائل ۽ نالين جو ڄار وڇايو, نياز احمد دايو چوڌري اڪرام الحق سان گڏجي گاڏين جي پرچيز سيل جو ڪم شروع ڪيو, ۽ اتي پنهنجو ڪاروبار ٻ شروع ڪيو سياسي طور سردار علي گوهر خان مهر (مهر گروپ جو سرگرم ڪارڪن آهي) موجوده ٢٠٢٢ جي چونڊن ۾ چونڊ وڙهيو پر ڪامياب نہ ٿيو, ۽ هن وقت چوڌري اڪرام الحق سان بائي پاس ڏهرڪي شوروم تي پنهنجو ڪاروبار ڪري رهيو آهي,



مشتاق احمد دايو

## نياز احمد دايو ولد مشتاق احمد دايو جو شجرو

ڏاڏي جو نالو ڏٽي بخش خان دايو جا ٻ پٽ هئا 1. هدايت علي دايو ٢ پٽ هئا 2 مشتاق احمد دايو

**مشتاق احمد کي ٢ پٽ آهن نياز احمد** دايو ۽ **سهيل احمد** دايو

سهيل احمد کي ٢ پٽ آهن عبدالرافع ۽ محمد مهيت دايو

# مير محمد ملڪ

## علم، خدمت ۽ سياست جو روشن نالو!

### مير محمد ملڪ سماجي ڪارڪن، ليب مالڪ ۽ ڪائونسلر

مير محمد غوري – هڪ خدمتگار، سياسي ۽ سماجي شخصيت: ۴۵ ورهيه جي زندگي جو سفر ڏهرڪي جي ڌرتيءَ جو مٺو ماڻهون مير محمد غوري، ۱۰ مارچ ۱۹۸۰ع تي محمد رفيق غوري جي گھر ڏهرڪي ۾ جنم ورتو. سندس ماءُ جي ڪک مان جنم وٺندڙ هي نينگر، وقت سان گڏ هڪ ذميوار، علم دوست، ۽ سماجي خدمتگار شخصيت طور اڀريو. سندس پڙڏاڏو **مهتاب خان غوري** جنهن جي نالي سان ڏهرڪي جو پاڙو مشهور آهي **ڏاڏو موج دين غوري، هندستان جي پٽيالا ضلع سنام** ۾ پنهنجي ڳوٺ جو وڏيرو، يعني "مکي" هو، جيڪو نيڪ نيت ۽ فيصلا ڪندڙ فرد طور عزت سان سڃاتو ويندو هو. ڪيس پنهنجي زمين ڪجھ جانور به هئا. ڪيس ٦ پٽ هئا، جن مان وڏي پٽ محمد رفيق غوري، يعني مير محمد جو والد هو. خاندان جا نالا هن ريت آهن: ۱. محمد رفيق غوري ۲. روشن علي ۳. نذير احمد ۴. عبدالطيف ۵. شبير احمد ٦. شيخ فهد غوري ۷. سعيد علي عرف "بادشاه" ۽ ٻه نياڻيون سلامتي بي بي ۽ مينا بي بي آهن. **مير محمد جو تعليمي سفر** ڏهرڪي مان شروع ڪيو پرائمري تعليم گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول، ڏهرڪي مڊل ۽ ميٽرڪ: گورنمينٽ پي هاءِ اسڪول، ڏهرڪي انٽر گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول، اڀاوڙو بي ايس سي (بايولاجي): شاه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور ڊپلوما: پيرا ميڊيڪل انسٽيٽيوٽ، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو مان ڪئي.

**پيشورانه زندگي ۽ خدمتون:** سندس والد محمد رفيق غوري، سرڪاري اسپتال ڏهرڪي ۾ هيلٿ ڊپارٽمينٽ ۾ خدمت ڪندو هو، جنهن سان گڏ پارٽ ٽائم مزدوري به ڪندو هو جيئن ته ڪرسيون ٺاهي ۽ پالش ڪري گذران ڪندو هو. انهيءَ محنت ۽ قرباني سان هن پنهنجي پٽن کي تعليم ڏياري ۽ سندن خواهشن کي پورو ڪيو. مير محمد غوري، پنهنجي ليب ٽيڪنيشن جي سفر جي شروعات عبدالرشيد ملڪ سان ڪئي، جنهن سان گڏ ڪم ڪندي ۱۵ سال تجربو حاصل ڪيو. سال ۲۰۱۲ع ۾، پاڻ پنهنجو "علي ليب" نالي ليبارٽري اناج منڊي، ڏهرڪي ۾ قائم ڪئي، جتان سندس سماجي خدمتن جو نئون دور شروع ٿيو. رفيق احمد غوري کي ٽن پٽن جي اولاد آهي ۱. مير محمد غوري ۲. شفيع محمد غوري تعلقه اسپتال ڏهرڪي ۾ ليبارٽري ٽيڪنيشن آهي ۳. ساجد علي غوري اڀاوڙو آئس فيڪٽري ۽ آئل ملز جو مالڪ آهي.

**سماجي خدمت ۽ صحت جي شعبي ۾ قدم** مير محمد غوري، بلڊ ڊونيشن لاءِ هڪ رضاڪارن جو گروپ قائم ڪيو، جنهن ذريعي ڏهرڪي ۽ آس پاس جي مريضن جي مدد ڪئي. ان سان گڏوگڏ، تعليم ۽ صحت جي شعبي ۾ خدمتون جاري رکيون.

ادارو: KINEE Institute of Health Sciences هن ڏهرڪي ۾ صحت جي شعبي لاءِ هڪ تاريخي قدم کنيو ۽ "KINEE Institute of Health Sciences" نالي پهريون ادارو قائم ڪيو، جيڪو نرسنگ ڪاليج ڏانهن وڌندڙ قدم آهي. هي ادارو نوجوانن کي فني تعليم ڏيڻ جي لحاظ کان هڪ اهم پيش رفت آهي.

**سياست ۾ دلچسپي ۽ نمائندگي:** سال ۲۰۰۰ع کان ايم ڪيو ايم پاڪستان سان سياسي تعلق جو آغاز ايم پي اي لاءِ "لغڙ" جي نشان هيٺ چونڊ وڙهي سال ۲۰۱۹ع ۾ سردار خالد احمد خان لنڊ جي گروپ ۾ شامل ٿيو. سال ۲۰۲۳ع ۾ ٽائون ڪاميٽي جي ڪائونسلر جي حيثيت سان چونڊ کٽي هن وقت ٽائون ڪاميٽي ڏهرڪي جو سرگرم ميمبر آهي.

**سڃاڻپ ۽ عزت:** مير محمد غوري کي عام طور تي ماڻهو "مير محمد ملڪ" جي نالي سان سڃاڻن ٿا. سندس سادگي، محنت، علم لاءِ جذبو، ۽ عوام جي خدمت جو جذبو کيس شهر ج مثالي شخصيت بڻائي ٿو.

**علي ليب جو مالڪ ۽ طبي ســــــــهولتون:** مير محمد ملڪ ٿي جديد ليبارٽريون هلائي رهيو آهي. ١. علي ليب ڏهرڪي ٢. علي ليب گهوٽڪي ٣. علي ليب، اندس اسپتال گهوٽڪي . انهن ليبارٽرين ۾ سستا ۽ معياري طبي ٽيسٽ ڪيا وڃن ٿا، جن ۾ شامل آهن: هيپاٽائٽس B ۽ C جا ٽيسٽ، شوگر جا ٽيسٽ(HbA1c، بلڊ شوگر ليول)، ليور فنڪشن ٽيسٽ(LFTs) مڪمل رت جا تجزيا ۽ ٻيون طبي جاچون، مير محمد ملڪ مريضـــــــن جي صحيح رهنمائي ڪندو آهي ۽ انهن کي بهترين ڊاڪٽرن، اسپتالن، ۽ ضروري ٽيسٽن بابت مشورا ڏيندو آهي. گهوٽڪي ضلعي ۾ پهريون ڊجيٽل ايڪسري سسٽم ۽ ٻه متعارف ڪرايو، جنهن سان جديد طبي سهولتون وڌيڪ عام ٿيون

**ڪينيٽڪس انسٽيٽيوٽ آف الائيڊ هيلٿ اينڊ سائنسز جو قيام:** صحت جي شعبي ۾ تعليم جي اهميت کي نظر ۾ رکندي، مير محمد ملڪ ڏهرڪي ۾ "ڪينيٽڪس انسٽيٽيوٽ آف الائيڊ هيلٿ اينڊ سائنسز" قائم ڪيو، جيڪو ڏهرڪي ۽ گهوٽڪي ضلعي جي نوجوانن لاءِ وڏي خدمت آهي. هي ادارو پيراميڊيڪل ۽ صحت بابت تعليم فراهم ڪري ٿو سياسي ڪيريئر ۽ ترقياتي ڪم سال ٢٠٢٣ع ۾، سردار احمد خان لن جي حمايت سان مڪاني چونڊن ۾ حصو ورتي، وارڊ نمبر ١١ ٽائون ڪميٽي ڏهرڪي جي مان ڪاميابي حاصل ڪئي. ۽ حلف کڻڻ کانپوءِ، هن ڪيترائي ترقياتي منصوبا مڪمل ڪيا، جن ۾ شامل آهن: سڙڪن لاءِ سخت ٽائل لڳائڻ، شمسي بتيون لڳائڻ، نيڪال جو بهترين انتظام، صاف پيئڻ جي پاڻي لاءِ منرل واٽر پلانٽ لڳرايو، هو شهري ايڪشن ڪميٽي جو سرگرم ميمبر پڻ آهي ۽ ڄام عبد الفتاح سميجو سان گڏجي شهر جي مسئلن جي حل لاءِ ڪم ڪري ٿو.



# بشير احمد وڙائچ ۽ انور وڙائچ اينڊ سنز

چوڌري بشير احمد وڙائچ جنهن جي پيدائش سال ۱۹۴۴ع ۽ چوڌري محمد انور وڙائچ جي پيدائش سال ۱۹۴۹ع ۾ چوڌري نواب خان وڙائچ جي گهر ۾ ٿي. سندن ڏاڏي جو نالو لکهي خان وڙائچ هو، اصل رهائش نواب خان سيالڪوٽ جي موضع سو والا جا هئا. اتي کين پنهنجي زمين ۽ مال متاع هو. بشـــير احمد وڙائچ سال ۱۹٦۰ع ۾ سيالڪوٽ کان خيرپور آيو جتي هن زمين ورتي ۽ اها آباد ڪئي، پر اتان جي ماحول ۾ اڪيلو مزو نہ پئي آيو ۽ پنهنجي ننڍي ڀاءُ محمد انور وڙائچ جيڪو سڀ کان ننڍو هو ۽ کيس ڏاڏو پيارو هو ان کي خيرپور وٺي آيو، جتي ٻيئي زميندار ي ڪندا هئا. نواب خان کي چئن پٽن جي اولاد هئي ۱. محمد شريف وڙائچ ۲. چوڌري بشـــــير احمد وڙائچ، ۳. نذير احمد وڙائچ ۴. محمد انور وڙائچ هئا. چوڌري بشير احمد کي دوست احبابن کن ڏهرڪي جي ايسو پاڻ فيڪٽري جي باري ۾ ٻڌي ڏهرڪي آيا ۽ سڀ کان پهريان بشير ڪالوني جي زمين وٺي پنهنجي نالي تي ڳوٺ ٻڌو ۱۹٦۵ع جي جنگ جا ڌماڪا انهن ڏهرڪي ۾ ٻڌا ۽ هتي ئي ســـندن اولاد تي ڪجهہ ۽ پهرين ڪاروبار ۾ هڪ هندو رامچند سان ڀائيوار ڪري پيپسي ڪولا جي ڊيلر شپ ورتي. ۽ خوب محنت ڪئي جنهن ٻنهي ڀائرن جي شادي ڏهرڪي ۾ ٿي.

جنهن بعد ٻنهي ڀائرن آئس فيڪٽري جو سيٽ اپ لڳايو. ۽ خوب محنت ڪري شيخ اقبال کان ڊان واري سموري پراپرٽي خريد ڪئي جنهن پراپرٽي ۾ اقبال وڙائچ، منير وڙائچ، محمد اشرف وڙائچ، رياض احمد چيمہ، محمد انور وڙائچ ۽ بشـــــير احمد وڙائچ سڀ ڀائيوار ٿيا. پر انور، رياض ۽ بشير مشترڪ ڀائيوار هئا باقي ٻين پنهنجا کاتا ان وقت ئي پنهنجي نالي ڪرائي ڇڏيا هئا. انهن دوڪانن مان ڪجهہ دڪان جيڪي اڳ ئي مسواڙ تي ورتل هئا، جنهن ۾ هنن ڊان هوٽل کوليو هو. ڪاروبار کي اڳتي وڌائيندي هنن ڊان سوپ فيڪٽري کولي جيڪا چوڌري بشير احمد سنڀاليندو هو. هو ٻيئي اينگرو جا ٺيڪيدار بہ ٿيا ۽ ڊان انٽرپرائزز جر نالي ڪمپني رجسٽرڊ ڪرائي جتي ڪنٽين ۽ ڪنسٽرڪشن جا ڪم ڪيائون. ذوالفقار وڙائچ ٻڌائي ٿو تہ سندس بابا سائين سخي ۽ نرم دل هو هن پنهنجي ڀائرن، ڀائٽين ڀاٽيجن کي ڏهرڪي گهرائي انهن جي ڪفالت ڪئي انهن جون شاديون ڪرايون ۽ انهن گهر وٺي ڏنا ڪن کي نوڪريون ڏياريون تہ ڪن کي ڪاروبار ڪري ڏنا. سال ۲۰۰٦ ۾ اولاد وڏي ٿي تہ ڀائيوار هلي نہ سگهيو ڊان هوٽل ختم ڪيو ويو ۽ هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي حصي جي پراپرٽي ۽ پئسا کنيا.

بشير احمد جا پٽ: نثار احمد وڙائچ، ايڊوڪيٽ ذاولفقار علي وڙائچ، گلزار احمد وڙائچ، شهباز احمد وڙائچ، نديم وڙائچ

محمد انور وڙائچ جا پٽ : محمد اڪبر وڙائچ، عمران وڙائچ، ايڊوڪيٽ ڪامران وڙائچ، ايڊوڪيٽ سهيل وڙائچ

# ڪيفي ڊان هوٽل ڏهرڪي هڪ تاريخي ورثو

ڪيفي ڊان هوٽل ڏهرڪي جي تعمير ۽ شروعات (۱۹۷۸ع) ، ڏهرڪي جي مين روڊ پراڻي بس اسٽينڊ تي انور وڙائچ ۽ رياض احمد چيمہ (مامو ڀاٽيجا) جي گڏيل ڪوشـــــــن سان قائم ٿيو. هنن گڏجي هڪ پلاٽ خريد ڪري، هڪ اهڙو هوٽل تعمير ڪيو جيڪو پنهنجي وقت ۾ ڪاڏي جي معيار، مناسب اگهن، ۽ تيز سروس جي ڪري مشهور ٿيو ڪيفي ڊان ڏهرڪي جو پهرين وڏو هوٽل هو بس اسٽاپ جي ڪري ڏهرڪي اينڊڙ مسافر ڪيفي ڊان تي ماني کائي پوءِ اڳتي ويندي هئا.

ڪيفي ٻان هوٽل ڏهرڪي – هڪ سماجي سنگم ذائقيدار طعام ۽ تيز سروس ٻان هوٽل، نندي گوشت، پاڃين، ۽ خاص ڪري مرغي جي چرغي لاءِ مشهور هو. گرم ماني، رائتو ۽ سلاد گراهڪن کي متوجهه ڪندا هئا. تيز ۽ بهتر سروس سبب گراهڪن جي رش هميشه رهندي هئي. ٻان چوڪ جي سڃاڻپ هوٽل جي چوڌاري ٿيندڙ جلسن ۽ عوامي سرگرمين سبب ان هنڌ کي "ٻان چوڪ" سڏيو ويو، جيڪو اڄ به مقامي سڃاڻپ طور استعمال ٿئي ٿو. سولي رسائي ۽ مرڪزي جاءِ ٻان هوٽل ڏهرڪي جو مرڪز بڻجي ويو هو. ماڻهو اڪثر چوندا هئا: "ٻان هوٽل تي ملي وٺنداسين"، چو ته اها جاءِ هر ڪنهن لاءِ آسان ۽ سڃاتل هئي. گرمي ۾ راتيون ۽ سماجي گپ شپ رات جي ٿڌڙي هوا ۾ ماڻهو هوٽل جي اڱڻ ۾ گڏ ٿيندا هئا. چانهه، گپ شپ، سياست، راندين ۽ مقامي معاملن تي ڳالهيون هلنديون هيون. دوستن جون گڏجاڻيون، مامرا نبيرڻ، ۽ ويهڪ جو اهم مرڪز بڻيل هو. وي. آءِ. پي. حصو ۽ سروس ايئرڪنڊيشنڊ حصو خاص مهمانن لاءِ مخصوص هو، جتي احمد سومرو نالي بيرو شاندار اخلاق ۽ سروس سان گراهڪن جي خدمت ڪندو هو. اصول هو: “گراهڪ جي عزت سڀ کان اول.” سماجي خدمتمالڪ حاجي رياض احمد چيمه، فقيرن لاءِ روزانو تازي ماني ۽ سبزي جو بندوبست ڪندو هو. ۱۹۹۰ع ۾ فقير مقرر وقت تي اچي طعام وٺندا هئا، جيڪو احترام سان پيش ٿيندو هو. زوال ۽ ورهاست خانداني اختلافن سبب، ۲۰۰٦ع ۾ ٻان هوٽل ورهائجي ويو. پوءِ حاجي رياض احمد “الرياض” نالي سان نئون هوٽل کوليو، جيڪو هاڻي سندس پٽ هلائي رهيا آهن.

# الرياض هوٽل اينڊ ريسٽورنٽ

**مرحوم حاجي رياض احمد چيمہ** سال 1960ع ۾ پنجاب جي شهر گجرانوالا جي ڪيوياني ڳوٺ غلام حيدر چيمہ جي گهر ۾ جنم ورتو اتي ڪي تعليم حاصل ڪئي پنهنجي مامي انور علي وڙائچ جي اسرار تي ڏهرڪي اچي صديق ڪالوني ۾ رهائش پذير ٿيا ١٩٧٨ع ۾ پنهي ڪيفي ڊان جو پلاٽ خريد ڪري اتي هوٽل ڪوليو. هوٽل ۾ رياض احمد جي سخاوت هوندي هئي غريبن کي مفت ماني ڪارائيندو هو. هن پنهنجي زندگي ۾ حج ۽ ڪيترائي عمره ادا ڪيا ڊان هوٽل بند ٿيڻ بعد پنهنجو هوٽل الرياض نالي سان ڪوليو ۽ ان سان گڏ پراپرٽي جو ڪاروبار بہ ڪندو رهيو. سندس جي وفات ١٩ سيپٽمبر ٢٠١٦ ۾ ٿي. **اولاد ۾** ١. فياض احمد چيمہ ٢. وقار احمد چيمہ ٣. ابرار احمد چيمہ ٤. اعجاز احمد چيمہ ٥. بلال چيمہ آهن. ٦. اسرار چيمہ

**الرياض هوٽل اينڊ ريسٽورنٽ** هڪ نئين دور جي مهمان نوازيءَ جو نشان ٢٠٠٦ع ۾ ڪيفي ڊان هوٽل جي ورهاست کان پوءِ، حاجي رياض احمد چيمہ ڏهرڪي شهر ۾ جديد سهولتن سان ليس الرياض هوٽل ريسٽورنٽ جو بنياد رکيو. هي هوٽل، نہ فقط هڪ تجارتي اداري طور، پر مهمان نوازي، ثقافتي سهپ ۽ ذائقي جي نئين دور جي شروعات طور بہ سڃاتو وڃي ٿو.

سهولتون ۽ ماحول **الرياض هوٽل ۾ ايئرڪنڊيشنڊ** وڏو هال موجود آهي، جيڪو خاص طور تي شادي تقريبن، سماجي گڏجاڻين، ۽ مختلف پروگرامن لاءِ وقف ٿيل آهي. ان سان گڏ، ڇت تي باربي ڪيو، اسٽيم روسٽ، مٽن پيس ۽ روايتي ديڳين جي تياريءَ جو مڪمل انتظام موجود آهي، جتي فٽا ڪرسيون، روشنيون ۽ هوا دار ماحول گراهڪن کي هڪ الڳ تجربو مهيا ڪن ٿا. کاڌو ۽ ذائقو الرياض هوٽل جي خاص سڃاڻپ ان جو لذيذ، صاف ۽ معياري کاڌو آهي. مٽن، پاڃيون، باربي ڪيو، اسٽيم، روسٽ، ٿڌو مٺو کير ۽ مٺو مشروب, بوتلون هر کاڌي ۾ صفائي ۽ خلوص جي جهلڪ نظر اچي ٿي. شادين جون ديڳيون ۽ خاص موقعن تي تيار ٿيندڙ کاڌا مقامي ماڻهن جي پسند جو حصو بڻجي چڪا آهن.

رياض احمد چيمہ جي روايت جو تسلسل حاجي رياض احمد چيمہ، جنهن ڪيفي ڊان هوٽل ذريعي شهر ۾ خدمت، اخلاق ۽ سادگيءَ جي روايت قائم ڪئي، ان جي روشنيءَ ۾ ئي الرياض هوٽل بہ اپريو. سندس پٽ بہ اهي روايتون جاري رکندي هوٽل جي ڪارگذاري سنڀالي رهيا آهن. شهر لاءِ هڪ نئون مرڪز الرياض هوٽل ڏهرڪي شهر جي نون رجحانن، تبديل ٿيندڙ زندگيءَ ۽ روايتي مهمان نوازيءَ جي وچ ۾ هڪ پل جو ڪم ڏئي رهيو آهي. هي هوٽل هاڻي نہ صرف کاڌي پيتي جو هنڌ آهي، پر شهر جي نون پروگرامن، تقريبن، ۽ فيملي گڏجاڻين جو مرڪز عوامي هوٽل. ڏهرڪي – ذائقي، خدمت ۽ ترقيءَ جو مسلسل سفر جاري آهي

| اسپيشل مصالحي دار ڪڙهائي | لذيذ برياني | مٽن پيس چکن پيد ڪباب شامي ڪباب | گرما گرم دود پتي چانهہ مٺو ٿڌو کير |
|---|---|---|---|

# عوامي هوٽل اينڊ ريسٽورنٽ

**عوامي هوٽل 1 جي شروعات:** ڏهرڪي جي تاريخي "ڏان هوٽل" جي بند ٿيڻ ڪانپوءِ، جڏهن شهر ۾ خالص ۽ مناسب قيمت تي کاڌي جي کوٽ محسوس ٿي، تڏهن وزير احمد سومرو، مسلم ڪالوني لڳ هڪ ننيڙي ڪمري ۾ عوامي هوٽل جو بنياد رکيو. هن وٽ ڏان هوٽل جو عملي تجربو ۽ مهمانن سان نرميءَ جو جذبو هو، جنهن کيس ڪاميابي ڏانهن وٺي ويو. اهو هوٽل **عوامي چوڪ** نالي سان مشهور آهي.



**توسيع ۽ ترقي:** شروعاتي ڪاميابي ڪانپوءِ، پناڻ مارڪيٽ جي پنج دڪان گڏ ڪري هوٽل جو دائرو وڌايو ويو، جتي صفائي، ذائقو ۽ خدمت کي اوليت ڏني وئي. وقت سان گڏ هن پنهنجي محنت سان پراپرٽي خريد ڪري **بائي پاس روڊ تي عوامي هوٽل ٽو** قائم ڪيو، جيڪو وڏيڪ جديد سهولتن سان ليس آهي. **نئين نسل جي اڳواڻي:** وزير احمد سومرو بعد ۾ هوٽل جي ذميواري پنهنجي ننڍي ڀاءُ نذير احمد سومرو حوالي ڪئي، جنهن محنت سان نئين اسٽائل ۽ اسٽينڊرڊ متعارف ڪرايا. جڏهن سبزي منڊي شهر کان ٻاهر منتقل ٿي ته وزير سومرو تيزيءَ سان نئين جاءِ تي عوامي ٿري قائم ڪئي، جتي مارڪيٽ جي ويجهو هجڻ ڪري روزاني هزارين مهمانن جي آمد رهي ٿي.

سهولتون: آئوٽ ڊور ڊائيننگ: **عوامي هوٽل ٿري** جي اوپن ايئر سيٽنگ مهمانن لاءِ تازگي ڀرپور ماحول فراهم ڪري ٿي. رات جي روشنيءَ ۾ ٽڏڙي هير، ڪرسيون ۽ هلڪي ميوزڪ سان کاڌي جو لطف ٻيڻو ٿي وڃي ٿو. **هوم ڊليوري سروس:** ڏهرڪي شهر اندر عوامي هوٽل پنهنجي وقت سر، گرم ۽ صاف کاڌي جي گهر تائين پهچائڻ واري خدمت سان مشهور آهي.

**شادين ۽ پروگرامن لاءِ اسپيشل آرڊر:** ديگيون، ڪباب، پلاو، نيهاري، ۽ ٻيا روايتي کاڌا خاص حڪم تي تيار ڪيا وڃن ٿا

**خاصيتون:** مٽن ڪڙاهي، اسٽيم، دال چاول، سبزيون ۽ ترڪيبن سان تيار ٿيل رواجي کاڌا. صاف، سادو پر دلپذير ماحول. **مناسب اگهه، گهٽ قيمت تي معيار سان ڪا سمجهوتو نه.**

**خدمت جي سچائپ:** عوامي هوٽل جو فلسفو هميشه کان "عام ماڻهو لاءِ معياري کاڌو" رهيو آهي. نه رڳو مزدور، شاگرد ۽ واپاري، پر آفيسرن، ڊاڪٽرن ۽ سياحن تائين، هرڪو هن هوٽل جو مهمان رهي چڪو آهي.

عوامي هوٽل اڄ به ڏهرڪي جي هر طبقي لاءِ "ذائقي، سادگي ۽ سهولت" جو مرڪز آهي. هن جو مسلسل واڌارو ۽ ٽن شاخن جي ڪاميابي، وزير احمد سومرو ۽ سندس ڀائرن جي محنت، ايمانداري ۽ عوام دوست روين جو ثبوت آهي. پڻ ٻڌجي چڪو آهي. هن هوٽل کي نذير احمد سومرو، نصير احمد سومرو عبدالحفيظ سومرو ۽ ڀائر هلائي رهيا آهن.

**عوامي هوٽل ون پارسل** ۰۳۳۳۲۵۳۴۷۰۴

**عوامي هوٽل 1** 0723-641659, 03337242218

**عوامي هوٽل 2** 0723-642659, 03012920419

**عوامي هوٽل 3** 0303-3232573

# علوي شجره حسب نسب جو مختصر احوال: غريب نواز علوي

برڪت علي ولد رئيس امام بخش علوي کي پنج ڌيئرون آهن ۱. هير علوي جيڪا (ن) ليگ ليڊيز ونگ ضلع گهوٽڪي جي اڳواڻ آهي.. ۰۲-غلام ياسين ولد رئيس امام بخش علوي کي ۲ پٽ هر هڪ نالي غريب نواز ۽ امير نواز علوي آهن ۽ ۲ نياڻيون جيڪي رحيم يار خان ۾ پرڻيل آهن. ۰۱- **سنڌس اولاد** چار پٽ ۲ نياڻين جي اولاد آهي جن مان هڪ پٽ بشارت نواز علوي جنهن جي اٽڪل پنج سالن عمر هئي ان کي ۰۹ اپريل ۲۰۲۳ع ۾ سياسي مخالفن ڪمري جي ڇت تي چڙهائي ڌڪ ڏنو ڊاڪٽرن ۽ عملي جي غفلت سبب فوت ٿي ويو

۰۱- **محبوب نواز** تعليم انٽر پاس آهي ۽ ڏهرڪي ٽيڪنيڪل ڪاليج ڪيميڪل شعبي مان ڊپلوما هولڊر آهي ۽ نيشنل ريفائنري ڪراچي ۾ پروسيس فيلڊ آفيسر جا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي. ۲. **دلاور نواز علوي** انٽر پاس ۽ ڏهرڪي ٽيڪنيڪل ڪاليج مڪينڪل شعبي مان ڊپلوما هولڊر آهي ان کان علاوه نيوٽيڪ NAVTEC مان ويلڊنگ ڪورس ٿيل آهي جيڪو هن وقت ٽريڪٽر ريپئرنگ جو مڪينڪ آهي ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف تعلقه ڏهرڪي جو نائب صدر آهي هاڻي ايل ايل بي LLB ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪري رهيو آهي. ۳. نياڻي **اقصيٰ نواز علوي** انٽر پاس آهي ۽ ڏهرڪي ٽيڪنيڪل ڪاليج ۾ اليڪٽريڪل شعبي ۾ آخري سال جي شاگرد آهي ۽ ان سان گڏوگڏ سنڌي پرٿ جو هنر به اٿس ۽ LLB ڪرڻ لاءِ داخلا فارم به پري ڇڏيو اٿس ان کان علاوه سياست سان دلچسپي هجڻ ڪري پاڪستان تحريڪ انصاف ليڊيز ونگ ضلع گهوٽڪي جي صدر پڻ آهي. ۰۴- **زهراه نواز علوي** انٽر پاس، ۽ ڏهرڪي ٽيڪنيڪل ڪاليج ۾ ڪيميڪل شعبي ۾ آخري سال جي شاگرديائي آهي ۽ ان سان گڏوگڏ سنڌي پرٿ جو هنر به اٿس ۽ LLB ڪرڻ لاءِ داخلا فارم به پري ڇڏيو اٿس ان کان علاوه سياست سان دلچسپي هجڻ ڪري پاڪستان تحريڪ انصاف ليڊيز ونگ ضلع گهوٽڪي جي انفارميشن سيڪريٽري پڻ آهي... ۰۵- **مدثر نواز** نائين ڪلاس جو شاگرد آهي جيڪو گهريلو ڪم ڪار سنڀاري ٿو. ۰۶- هڪ بار ناز حسين ولد منظور احمد علوي جيڪو منهنجو سالو ٿئي ان جو پٽ پالڻ لاءِ مليل آهي ۽ منهنجو گهر سال ۷۲/۱۹۷۱ع کان وٺي اڄ تائين امير بخش سومرو محلي ۾ رهائش پذير آهيون.. ۰۲) - **امير نواز** ولد غلام ياسين علوي (منهنجو ڀاءُ آهي) کي ۳ پٽ ۽ ۳ نياڻيون آهن جيڪو ٽريڪٽرن جي مرمت جو ڪم ڪري ٿو تعليم پرائمري پاس آهي.. ۰۱- **سميرا بيبي** ڌي امير نواز علوي انٽر پاس ٽيڪنيڪل ڪاليج آخري سال جي شاگرديائي آهي ۽ سنڌي پرٿ جو هنر به اٿس ۽ شام جو عالم جو ڪورس ڪري پئي. ۰۲-بي نياڻي ميٽرڪ پاس آهي ۽ گهريلو ڪم سان گڏ سنڌي پرٿ جو هنر به اٿس ۽ اڳتي تعليم جي ڪوشش ڪري رهي آهي..۰۳-شاهمير نواز ولد امير نواز علوي جيڪو اٺون درجو پاس آهي ۽ موٽر سائيڪل مرمت جو ڪم سکي ٿو.. ۰۴-ظهير عباس ولد امير نواز علوي جيڪو جسماني لحاظ کان ڪمزور آهي ۽ بيمار رهي ٿو.. ۰۵-شڪيل احمد جيڪو پنهنجي پيءُ سان گڏ هوندو آهي ۽ ۲ نياڻيون ننڍڙيون آهن.. ۰۳-رياض احمد ولد رائيس امام بخش علوي جيڪو منهنجو ننڍو چاچو ٿئي ان جي اولاد چار پٽ ميان عبدالسميع محلي ۾ پنهنجي جاءِ ۾ رهائش پذير آهن. سينما روڊ تي شاعر غلام نبي علوي جو گهر آهي جتي ان جا پٽ ۰۱-علي شير علوي ۰۲-گل شير علوي جيڪي ڪاسائي آهن.. ۰۳-جمشير علوي مست آهي ۽ غلام نبي علوي جو قريبي عزيز عبدالرشيد علوي پنهنجي اولاد سان گڏ مسلم ڪالوني ۽ کي صديق ڪالوني ۾ رهن ٿا.

**صحافي علي نواز علوي** جيڪو جرنيٽر مڪينڪ ۽ بجلي واري موٽر ريوائنڊنگ جو تمام سٺو ڪاريگر آهي ۽ ۲. ربنواز علوي ۳. شاهنواز علوي پاڪستان اسٽيٽ لائيف انشورنس ڪارپوريشن ۾ ڪم ڪندڙ آهن ۽ **غريب نواز علوي جيڪو منهنجي نالي شريڪ آهي** پڙڏاڏي جو ڀاءُ نالي منٺ فقير اولاد کي ظاهر ڪيان ٿو ته منهٺ فقير علوي کي پنج پٽ هر هڪ نالي ۰۱ _ ڪريم بخش، ۰۲_ عظيم بخش، جيڪو ڪائي جو ڪم ڪندو هو ۰۳ _ غلام مرتضي ۰۴ _ غلام مصطفي ۰۵ _ رحيم بخش، منٺ فقير کي ۳ ڌيئرون جن مان هڪ منهنجي ڏاڏي ۽ ٻي منهنجي ناني هئي ۽ ٽيون نمبر ڌي رحيم يار خان ۾ پرڻيل آهي. ۱۹۸۰ واري ڏهاڪي ۾ سروي نمبر ۲۹۲ ديهه ڏهرڪي ڪيفي دان هوٽل لڳ پنهنجي زرخريد ٽيل دوڪانن ۾ غلام مرتضي، غلام مصطفي وارن علوي برادرز نالي سان اسپيئر پارٽس ڪوليو ۽ انهي سان گڏ هڪ ويلڪنائزر يعني ٽائر پنچر جي دڪان به کولي هيائون جيڪا اڄ به موجود آهي پوءِ ڪنهن مجبوري سبب اهي دوڪان وڪرو ڪري ڇڏيائون هاڻ انهن دوڪانن ۾ هڪ موٽر سائيڪل اسپيئر پارٽس ۽ ٻي دوڪان ۾ چنا پي سي او آهي.. ان کان علاوه ڪافي گهر موجود آهن جن جي پوري معلومات ڪون آهي پر ووٽ لسٽ موجب تعلقه ڏهرڪي ۾ اٽڪل ڏيڍ سئو ووٽ آهي..

## پراڻي دور جون پرنٽنگ پريسون، اخبارون ۽ ايندڙ پنجاه سالن جي ميڊيا جو دور

### اخباري صنعت تي ايندڙ پنجاهہ سالن جا اثر (۲۰۲۵_۲۰۷۵) ۽ ڏهرڪي پريس جو تاريخي پسمنظر:

دنيا پوئين پندرهين صدي (۱۴۰۰ع) کان پيپر ورڪ ڪري رهي هئي، جنهن ۾ خط و ڪتابت جو سلسلو شروع ٿيو. ۱۴۵۰ع ۾ گوٽنبرگ جي پرنٽنگ پريس متعارف ٿي، جنهن سان پرنٽ ميڊيا جو بنياد پيو. ۱۸۱۴ع ۾ پهريون پيرو اسٽيم پرنٽنگ پريس وجود ۾ آئي، جيڪا تيز رفتار پرنٽنگ جو آغاز ٿيو. ۱۸۴۴ع ۾ ٽيلي گراف ۽ ۱۸۸۰ع ڌاري پهرين تصويري بلاڪ پرنٽنگ جو تجربو ڪيو ويو. ۱۹۰۰ع تائين ننڍي سائز ۾ اخبارون ۽ ڪتاب عام ٿيڻ لڳا، ۽ ۱۹۲۰ع ۾ ليٿو پريس متعارف ٿي، جيڪا خاص مس سان اخبارون ۽ رسالا پرنٽ ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندي هئي. بعد ۾ **روٽا پريس ۽ هينڊ لبرڪ پرنٽنگ مشين** متعارف ٿي، جن سان تيز رفتار چار ڪلر اخبارون ڇپجڻ لڳيون. پاڪستان ۾ ۱۹۴۷ع کانپوءِ جنگ، نوائي وقت، امن، هلال پاڪستان جهڙيون اخبارون مارڪيٽ ۾ آيون.

۱۹۷۴ع ۾ **راقم الحروف محمد رمضان پيرزادو** سڪر ۾ پرنٽنگ جي دنيا ۾ قدم رکيو. عزيز پريس، ممتاز پريس، همدرد پريس، ڪوهنور پريس، محمدي پريس ۽ ٻين پريسن تي تجربو حاصل ڪرڻ کانپوءِ **ڏهرڪي پريس** قائم ڪئي، جيڪا ضلعي گهوٽڪي جي پهرين رجسٽرڊ پرنٽنگ پريس طور سڃاتي وئي.

پراڻي دور جي چينڊليوري مشين جنهن جا اکر هٿ سان جوڙيا ويندا هئا

### اخباري صنعت جو زوال يا نئون رخ

(۲۰۲۵-۲۰۷۵): ۲۱هين صدي جي شروعاتي ڏهاڪن ۾ ڊجيٽل انقلاب ڪيترين ئي صنعتن کي تبديل ڪيو، ۽ اخباري صنعت به ان کان مستثني نه رهي. ڏهرڪي ۽ پرپاسي سميت سڄي سنڌ ۾ موبائل فون، سوشل ميڊيا، ۽ آن لائين پليٽ فارمز روايتي اخبارن کي پوئتي ڌڪي نئين رخ ڏانهن وني ويا. هر ماڻهو صحافي بڻجي ويو، ۽ موبائل ذريعي لائيو خبرون نشر ڪرڻ لڳو. جيڪڏهن ايندڙ ۵۰ سالن جو جائزو وٺون، ته ٽيڪنالاجي جي تيزي سان ترقي اخباري صنعت کي مڪمل طور تبديل ڪري ڇڏيندي. ايندڙ دور جون ممڪن تبديليون (۲۰۲۵-۲۰۷۵): **پيپر بيسڊ اخبارن جو خاتمو** (۲۰۳۵-۲۰۵۰ع): ۲۰۳۵ع تائين پرنٽ اخبارون گهٽجي وينديون، ۽ ۲۰۵۰ع تائين تقريبن مڪمل طور ختم ٿي وينديون. صحافت مڪمل طور تي ڊجيٽل ميڊيا تي منتقل ٿي ويندي، جتي خبرون آنلائين ويب سائيٽن، ايپس، ۽ سمارٽ ڊيوائسز ذريعي پهچنديون. ۲. مصنوعي ذهانت (AI) ۽ خودڪار صحافت (۲۰۴۰ع کانپوءِ): ۲۰۴۰ع تائين جديد AI سسٽم پاڻمرادو خبرون لکي سگهندا، تجزيا ڪندا، ۽ حقيقي وقت ۾ اپڊيٽ فراهم ڪندا. صحافت ۾ انساني ڪردار گهٽجي ويندو، ۽ ورچوئل رپورٽرز خبرون فراهم ڪندا. ۳. هولوگرافڪ ۽ ورچوئل ريئلٽي نيوز (۲۰۵۰ع): مستقبل جي خبرن کي صرف پڙهڻ بدران، ماڻهو هولوگرافڪ ٽيڪنالاجي ذريعي انهن کي ڏسي ۽ محسوس ڪري سگهندا. رپورٽنگ لاءِ صحافي موقعي تي وڃڻ بدران ورچوئل ريئلٽي ذريعي حالتن جو تجزيو ڪندا. ۴. بلاڪ چين ۽ محفوظ صحافت (۲۰۳۰-۲۰۶۰ع): ۲۰۳۰ع کان بلاڪ چين ٽيڪنالاجي استعمال ٿيڻ لڳندي، جيڪا جعلي خبرن جي روڪٿام ڪندي. ۲۰۶۰ع تائين هر خبر جي ڊيجيٽل تصديق لازمي هوندي، ۽ ڪو به بنا ثبوت جي خبرون نه ڇپي سگهي. ايندڙ پنجاهہ سالن ۾، روايتي پرنٽ ميڊيا مڪمل طور ختم ٿي سگهي ٿي، ۽ ڊجيٽل ميڊيا مڪمل طور حاوي ٿي ويندو. اهي تمام مشينون ڪباڙ ۾ وڪرو ٿينديون محمد رمضان پيرزادو جهڙا سينئر صحافي ۽ پرنٽنگ انڊسٽري سان لاڳاپيل شخصيتون، جيڪي روايتي پريس ۾ ڪم ڪري چڪا آهن، انهن لاءِ اهو تبديليءَ جو وڏو دور هوندو. اخباري صنعت جو روايتي ماڊل مڪمل طور تبديل ٿي ويندو، ۽ ۲۰۷۵ع تائين صحافت جو موجوده انداز اڻڄاڻ سڃاڻپ ۾ تبديل ٿي سگهي ٿو.

نئي دور جي جديد هائي اسپيڊ مشين

**ڏهرڪي جو ڀڙاڻ** برطانيه دور ۾ اهميت وارو علائقو هو، جتي انگريزن هڪ ننڍو، پر مڪمل سهولتن سان ليس ايئرپورٽ تعمير ڪيو، جنهن ۾ رن وي، جهازن جي لهڻ جي سهولت، ۽ عملو به موجود هو. هيو ايئرپورٽ ريتي اسٽيشن لڳ واقع هو، جڏهن ته ٿيون ايئرپورٽ ايڪسون ڪيميڪل ڪمپني پاران تعمير ڪرايو ويو، جيڪو اڄ به استعمال ۾ آهي ۽ اتي بنيادي فضائي سهولتون موجود آهن، جتي جهاز اڄا تائين لهن ٿا. ان ايئرپورٽ جي جاءِ تي هن وقت هڪ بهترين اسٽيڊيم ۽ ڊگري ڪاليج قائم ڪئي وئي آهي

## آثار قديم وڄڻوٽ (VIJNOT)

### آثار قديم هي قديم ماڳ ڪشن دور

(۳-۲ صدي عيسوي) سان واسطو رکي ٿو,

وڄڻوٽ مان قديم تصويرون ۽ سرون مليون آهن, جيڪي برساتن دوران هتان جي ماڻهن کي هٿ آيا. ان سان گڏ قديم وقت جا سڪا ۽ چانديءَ جا زيور پڻ مليا آهن هڪ ناياب دريافت موجب: ڏهرڪي سنڌ جي وڄڻوٽ ۾ قديم پٿين تي پڪين جا نقشن سميت آثار قديم جي ماهرن مختلف شيون ڪوٺي لڌيون آهن, پر سڀ کان حيرت انگيز ڳولا پٿين تي ٺهيل تصويرون آهن. جيڪي پڪين جون آهن ۽ ڪشاني دور سان واسطو رکن ٿيون." وڄڻوٽ ۾ پڪين جي ناياب پٿين جي تصويرن جي دريافت بابت ويجهڙائي جي سالن ۾ پاڪستان ۾ آثار قديم جي ماهرن ڪيتريون ئي شاندار دريافتون ڪيون آهن. جن مان سڀ کان اهم ڳولا سنڌ جي وڄڻوٽ واري آثار قديم واري ماڳ ۾ پڪين جي قديم پٿين جي تصويرن جي صورت ۾ سامهون آئي آهي. هي هڪ ناياب دريافت آهي. جيڪا پاڪستان جي سنڌ صوبي جي آثار قديم جي رڪارڊ ۾ اهم واڌارو ڪري ٿي. اهي پڪين جون پٿين تي ٺهيل تصويرون پنهنجي نوعيت جي واحد ۽ منفرد دريافت آهي. جيڪا صرف هن علائقي جي آثار قديم ۾ ملي آهي. حيرت جهڙي ڳالهه اها آهي ته هي دريافت شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ۽ قائداعظم يونيورسٽي جي نوجوان آرڪيالاجسٽن ڪئي آهي. جيڪي ان وقت اڃان شاگرد هئا انڪري انهن جي محنت جي ساراهه ڪرڻ گهرجي. انهن ۾ راشد علي عباسي, رخسار ابڙو, وقار چانگ, مدثر ڪوسو, فرمان جتوئي, نظر علي عباسي, نور الاهي, غلام مرتضيٰ وساڻ, سجاد واڳڻ ۽ غلام حيدر شامل آهن. هي وڄڻوٽ جي کوٽائي بابت معلومات ان منصوبي جي انچارج راشد علي عباسي کان حاصل ٿيل آهي. جيڪو هن وقت اروڙ يونيورسٽي ۾ آثار قديم پڙهائي رهيو آهي. هنن جي کوٽائي بابت تحقيق جو هڪ مضمون "سنڌ جي قديم شهر وڄڻوٽ جي تازي کوٽائي" جي عنوان سان پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽي جي جرنل Historicus ۾ ڇپيو. جنهن ۾ انهن پٿين تي ٺهيل پڪين جون تصويرون به ذڪر ڪيون ويون آهن. وڄڻوٽ جي آثار قديم جي سائيٽ: هي ماڳ ڏهرڪي ويجهو ريتي ريلوي اسٽيشن جي ڏکڻ ۾ ٽن ڪلوميٽرن جي مفاصلي گهوٽڪي ضلعي ۾ واقع آهي. تحقيق موجب, وڄڻوٽ جو آثار قديم جو ماڳ ٦٠ ايڪڙن کان به وڌي ايراضي تي پکڙيل آهي. جنهن ۾ ٻارهن ٽڪريون موجود آهن. مقامي ڳوٺاڻي محمد سليم ملڪ ٻڌايو ته وڄڻوٽ قديم آثارن جو هڪ اهم ماڳ آهي. جتان برسات دوران سڪا, چانديءَ جا ٽڪرا ۽ قديم شيون هٿ اچن ٿيون وڄڻوٽ جي نالي بابت اختلاف: هن ماڳ کي مقامي ماڻهو "وڄڻوٽ" (وڄڻوٽ) ۽ "پڊ" (پهاڙي/دڙو) سڏين ٿا. پر مختلف محقق ان کي ""Vijnote"، "Vinjrot"، Wingrote"" وغيره نالن سان لکيو آهي. انگريز محقق هينري ڪوزنز پنهنجي ڪتاب The Antiquities of Sindh ۾ لکيو آهي ته مقامي ماڻهو ان کي **"وڄڻوٽ" سڏين ٿا**. پڪين جون پٿين تي ٺهيل تصويرون, کوٽائي دوران قديم دؤر جون مختلف شيون مليون, پر سڀ کان وڌيڪ حيرت ۾ وجهندڙ ڳولا اهي پٿين تي ٺهيل تصويرون آهن. جيڪي ڪشاني دور (۲-۳ صدي عيسوي) سان واسطو رکن ٿيون. اهي تصويرون مٽي جي سرن سان ٺهيل پٽ تي ٺاهيون ويون. جنهن تي چونو لڳل هو. تصويرون نيري رنگ سان ٺاهيون ويون آهن. جن مان به واضح پڪين جون آهن. جن مان هڪ طوطو ۽ ٻي پاڻيءَ جي پکيءَ جي تصوير آهي. جيتوڻيڪ, آرڪيالاجسٽن انهن تصويرن کي هڪ پکي, هڪ ڦڏٽي, ۽ هڪ جراف طور سڃاتو. پر جيڪا جراف سمجهي وئي, اها وڌيڪ امڪاني طور تي هڪ شڪار ڪندڙ پکيءَ جي تصوير لڳي ٿي. جيڪو پر کولي هيٺ مٽي ٿيندي ڏيکاريو ويو آهي. وڄڻوٽ جي قدامت: وڄڻوٽ جي قدامت بابت ڪا به حتمي ڳالهه چئي نه ٿي سگهجي, جو ته اڃا وڌيڪ کوٽائي جي ضرورت آهي. راشد ۽ سندس ٽيم جي کوٽائي دوران پاڻي جي سطح وڌڻ سبب سمورا پرت ظاهر نه ٿي سگهيا. پر جيڪي شيون مليون. انهن مان پراڻيون شيون ڪشاني دور جون آهن (۲-۳ صدي عيسوي) تحقيق موجب, وڄڻوٽ شايد اچيميني (Achaemenian) دور يا ان کان به پراڻو, سنڌو تهذيب جي دور تائين وڃي سگهي ٿو, پر ان جي تصديق صرف وڌيڪ کوٽائي ذريعي ئي ٿي سگهندي ٢٠٢٤ ۾ وڄڻوٽ تي ڏهرڪي جي نوجوان اديب محمد دين راڄڙي ناول وڄڻوٽ لکيو آهي جنهن ۾ ان قديم شهر کي فڪشنائيز ڪيو ويو آهي.

وڄڻوٽ جي تباهي: وڄڻوٽ پراڻ درياءَ جي ڪناري تي واقع هڪ قديم ۽ شاهوڪار ماڳ هو. جيڪو وقت سان گڏ درياءَ جي رخ بدلجڻ, مسلسل طوفانن ۽ قدرتي آفتن سبب تباهه ٿي ويو. ڪجهه روايتن موجب, اهو ماڳ سما دور ۾ به آباد رهيو, پر پوءِ آهستي آهستي دريائي وهڪرن جي تبديليءَ سان ان جي اهميت گهٽجي وئي. مومل جي ماڙي جي تباهي: مومل جي ماڙي جي تباهي بابت پڻ مختلف رايا آهن. ڪجهه روايتن موجب, اهو ماڳ زوال پذير ٿيو ڇاڪاڻ ته درياءَ جي وهڪري ۽ موسمي تبديليون ان تي اثر انداز ٿيون. جڏهن ته ڪجهه قصن موجب, ان جي تباهي جو جو سبب جنگيون ۽ سماجي بدليون پڻ بڻيون.

**وڄٽوٽ جي ڳوٺ الهوسايو مهر جي باغ علي مهر ڏهرڪي تاريخ جي نظر ۾ ڪي ٻڌايو** ته وڄٽوٽ جي آثار قديم جي اسان کي خبر نه هئي... ته ان مان ملندڙ شيون ڪيتريون قيمتي آهن اڄ کان اٽڪل پندرنهن سال اڳ مان پنهنجي زمين جيڪا ڪٽڻ

ڪنئي هئي تي هر ڪاهي رهيو هوس ته ٽريڪٽر سان هڪ شئي ٽڪرائي جنهن کي ٻاهر ڪڍيو ته اهو **هڪ وڏو ٥ فوٽن جو بت هو** مان ان کي پيڇي رهيو هوس ته مونکي پائرن روڪيو بعد ۾ بت ڪٽي هڪ پاسي رکيو جيئن ماڻهن کي خبر پئي ته علائقي جا مينگهواڙ هندو اهو بت گهرڻ آيا ۽ بدلي ۾ به لک تائين ڏيڻ لڳا، پر مون نه ڏنو مونکي منهنجي استاد مولا بخش سڪندري ماڻهو موڪليو ته جيڪو بت تو وٽ آهي (هن هندو گلو نالي جيڪو خانگڙهه شريف سردارن جو نوڪر هو ڪي ڏي) مون اهو بت بنا پئسن ان کي ڏيئي ڇڏيو. باغ علي اهو به ٻڌايو ته اڄان ڪوٺائي تي ئي ڪاني ماڻهن کي هتان سونا زيور ٽانو ۽ قيمتي شيون مليون آهن هن ٻڌايو ته ٣٠ مارچ ٢٠٢٥ تي الاهي بخش شر کي دفناڻ لاءِ ان جا وارث قبر کوٽي رهيا هئا ته ان قبر مان ڪين هڪ سون جي منڊي ملي آهي اسان کي پنهنجا وڏا الهوسايو فقير، ڏٽي بخش فقير مهر لال بخش فقير مهر ٻڌائيندا هئا ته دلوراءِ وڄٽوٽ جو قصو، روايتي زباني تاريخ جي روشني ۾ مقامي زباني روايتن مطابق، جيڪي زميندار (حاجي باغ علي پنهنجي وڏن کان ٻڌو ۽ اسان تائين پهچايو ته) وڄٽوٽ جي تباهيءَ جو سبب هڪ ظالم، عياش بادشاهه دلوراءِ هو، جيڪا وڄٽوٽ ۽ راجا دلوراءِ جي ڏند ڪٿا آهي، مقامي روايتن مطابق، وڄٽوٽ قديم سنڌ جو هڪ خوشحال شهر هو، جتي راجا دلوراءِ نالي هڪ بادشاهه حڪومت ڪندو هو. ماڻهن جو چوڻ آهي ته اهو راجا عياش، خود غرض، ۽ انصاف کان خالي هو. هڪ نيڪ دل، پاڪدامن ڇوڪريءَ سان سندس بدنيتيءَ سان ٿيل زيادتي ڪانپوءِ شهر تي لعنت پئي. ان ڪانپوءِ وڄٽوٽ تباهيءَ جي ور چڙهي ويو—يا ته زلزلو، يا قدرتي آفت، يا خدا جي غضب سبب. اڄ به وڄٽوٽ جا آثار انهيءَ پراڻي زماني جي ياد ڏيارين ٿا، ۽ مقامي ماڻهو انهيءَ ڪهاڻي کي زنده رکن ٿا ته راجا دلوراءِ جي عياشيءَ سبب هي شهر هميشه لاءِ ويران ٿي ويو آهي.

**تسلسل ۾ جروار علائقي جي حد ۾ ڏيتري بندر شهر جا آثار** به ملن ٿا ۽ جروار ۾ حرن جو لوڙهو پڻ موجود آهي. (جنهن جو ذڪر حرن جي مزاحمي جنگ ۾ موجود آهي) تاريخي ڳڙيهلي درياءَ جا وهڪرا: قديم سنڌ ۾ درياءَ جا وهڪرا گهڻو تبديل ٿيندا رهيا. خاص طور تي پراڻ درياءَ، جيڪو ڪنهن دور ۾ سنڌو ندي جو مک وهڪرو هو، مختلف وقتن تي پنهنجو رخ بدلايو. ڳڙيهلي درياءَ به انهن وهڪرن جو حصو هو، جيڪو آهستي آهستي لڪيرون بدلائيندو رهيو ۽ ڪجهه علائقن ۾ خشڪ ٿي ويو.

**شهيدن جو قبرستان تاريخي قبرستان آهي** ١٩٦٥ع ۾ ڪنڊو فقير، لڪمير فقير مهر شهيد هتي رکيا ويا آهن جيڪي ١٩٦٥ع واري جنگ جي دوران شهيد ٿيا ١٩٦٥ع کان هن قبرستان جو نالو شهيدن جو قبرستان پيو آهي بعد ۾ هتي شهيد دفناڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو ڪڇي ڏاڙيلن سان مقابلي ۾ مارجي ويل شهيد حنيف مگريو به هن قبرستان ۾ دفن آهن، شهيد وڏيرو اميدو مهر جي به قبر موجود آهي، جهيڙن جهڳڙن ۾ جيڪي به ماڻهو شهيد ٿيندا آهن سندن وارث شهيدن جي قبرستان ۾ دفنائيندا آهن.

**لائبريريون: ڏهرڪي تعلقي ۾ ٣ لائبريريون آهن:** ١. پبلڪ لائبريري ڏهرڪي، ٢. پروفيسر محمد پنهل ڏهر جي سنڌ ريسرچ لائبرري، ٣. حافظُ الملّت لائبريري ڀرچونڊي شريف.

**پبلڪ لائبريري ڏهرڪي:** پبلڪ لائبرري ڏهرڪي، ٽائون ڪميٽي ڏهرڪي ۾ آهي. لائبرري ۾ هزارين ڪتاب موجود آهن، جن ۾ تاريخ، مذهب، سياست، تعليم، ڪهاڻيون، شاعري، شاهه جو رسالو ۽ ٻيا علمي ادبي ڪيترائي عنوان شامل آهن. هتي اخبار پڙهڻ لاءِ به هڪ خاص گوشو موجود آهي، جتي انگريزي، سنڌي، ۽ اردو اخبارون موجود آهن.

**حافظُ الملّت لائبريري، ڀرچونڊي شريف:** تعلقي ڏهرڪي ۾ واقع درگاهه عاليه ڀرچونڊي شريف ۾ آهي. هيءَ لائبريري تمام وسيع آهي ۽ ٽن ڪمرن تي مشتمل آهي ۽ تقريباً ١٠٠.٠٠٠ ڪتابن تي مشتمل آهي. هتي سياسي ۽ ادبي ڪتابن سان گڏ، هن لائبرري ۾ حافظ الملت حافظ محمد صديق رحمت الله عليه جو پنهنجن مبارڪن هٿن قرآن شريف (حمائل شريف) لکيل آهي جيڪو هر وقت سندن سان ساڻ هوندو هو، ان کان سواءِ قرآن پاڪ جا هٿ سان لکيل ڪيترائي قديمي نسخا، حافظُ الملّت جا تحرير ٿيل مخطوطن، شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاهه جو رسالو جي مختلف ٻولين ۾ ترجما، ۽ ٻيا ناياب ڪتاب موجود آهن.

## سنڌ ريسرچ لائبرري ڳوٺ غلام علي ڏهر

ڏهرڪي شهر جي باءِ پاس مگريو پمپ کان ٻه ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ريتي ويندڙ رستي ڏهر موڙ وٽ ڪٻي هٿ تي موجود آهي. هيءَ لائبريري پروفيسر محمد پنهل ڏهر پنهنجي ڳوٺ ۾ رهائشگاهه جي ٻن ڪمرن ۾ قائم ڪئي. شروعات ۾، هي هڪ سنڌس ذاتي ڪتب خانو هو، جتي محمد پنهل ذاتي ڪتاب محفوظ رکندو هو. تقريباً ١٩٧١ع ۾ ان جو بنياد وڌو ويو، ۽ ١٩٨٢ع کان باقاعدي ڪتاب خريد ڪرڻ جو سلسـلو شروع ٿيو. شـروعاتي ڏينهن ۾، ڪتاب لطيفيات (شـاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شـاعريءَ) بابت تمام ٿورا موجود هئا. ان ڪري لائبريري جو نالو "شـاهه عبداللطيف ريسرچ لائبريري" رکيو ويو ڪجهه سالن بعد، جڏهن ذاتي مڪتب خاني ۾ سنڌ جي تاريخ تي لکيل ڪتابن جو وڏو ذخيرو گڏ ٿي ويو، ته ان جو نالو تبديل ڪري "سنڌ ريسـرچ لائبريري" رکيو ويو آهي. لائبريري جو حال ۽ ذخيرا: هن وقت لائبريري گهر جي ٻن ڪمرن تي مشـتمل آهي، جيڪي مڪمل طور تي ڪتابن سـان ڀريل آهن. موجوده وقت ۾، لائبريري ۾ ڪتابن جو تعداد تقريباً ٻارهن هزار (١٢.٠٠٠) آهي، ۽ روز بروز ان ۾ اضافو ٿيندو پيو وڃي، هتي سنڌ جي تاريخ، اسلامي تاريخ، قرآنيات، اسلامي تعليم، حديث، فقہ، ادب، شاعري، ۽ ٻين مختلف موضوعن تي ڪتاب موجود آهن، موجوده ڪتابن جا موضوع: سنڌ جي تاريخ: سياسي تاريخ، ادبي تاريخ، سماجيات، ثقافت، زراعت، آثار قديم، لسـانيات، مذهبيات: قرآنيات، حديث، تفسـير، اسلامي فقہ، ادب: شاعري، ناول، تنقيد، تحقيق، تاريخي ادب، وغيره ڪتابن جون ٻوليون: لائبريري ۾ سنڌي، اردو، انگريزي، عربي، فارسي، سرائڪي، ۽ ٻين ڪيترين ٻولين ۾ ڪتاب موجود آهن. ڪجهه ڪتاب چيني، جاپاني، پشـتو، پنجابي، بلوچي، براهوئي، هندي، ۽ ٻين ٻولين ۾ به موجود آهن. قلمي ۽ ناياب ڪتاب: لائبريري ۾ سـنڌ جي نامور عالمن جا لکيل قلمي ڪتاب به محفوظ آهن. اهي قلم ڪتاب سنڌ سميت، ايران، ٻين عرب ملڪن، ۽ مختلف شهرن جي لائبريرين مان حاصل ڪيا ويا آهن، ۽ ڪوشش سان فوٽو اسٽيٽ ڪاپيون محفوظ ڪيون ويون آهن، تحقيق ڪندڙن لاءِ سـهولت: هيءَ لائبريري تحقيق ڪندڙن لاءِ وڏي اهميت رکي ٿي. ڪيترائي شـاگرد، خاص طور تي ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي جي شاگرد، هتي تحقيق لاءِ اچن ٿا. لائبريري ۾ موجود ڪتابن مان فيضياب ٿين ٿا.

## ٻرهڙو پکي ڍنڍ رهڙڪي جي تاريخ، ميربحرن جو قيمتي واپار

(خصوصي تحقيقي رپورٽ رمضان پيرزادو "ڏهرڪي هڪ نظر ۾)

**تاريخي پسـمنظر:** سنڌ جي دريائن، ڍنڍن، ۽ سمنڊ جي ڪنارن سان جڙيل قديم ميربحر پنهنجي خاص شڪار، جهاز راني، ۽ واپار لاءِ مشـهور رهيا آهن. ڍنڍ رهڙڪي جا ميربحر "ٻرهڙو" نالي ناياب پکي جو شـڪار ڪندا هئا، جنهن جا کنڀ انتهائي قيمتي سـمجهيا ويندا هئا. قديم دور ۾ ٻرهڙو جي کنڀن جو واپار ٽالپور حڪمرانن، عرب شيخن، ۽ ٻين بادشاهن سان ٿيندو هو، جتي کنڀن جي بدلي واپاري "هم وزن سون" ڏيندا هئا. بادشـاهن انهن کنڀن کي پنهنجي شـاهي لباس، ٽوپين، ۽ هٿيارن جي سـينگار لاءِ اسـتعمال ڪندا هئا. **ٻرهڙو پکي جي سـڃاڻپ : مقامي ميربحرن جي بيانن مطابق، ٻرهڙو هڪ خاص پکي هو، جيڪو ڍنڍن، ندي ڪنارن، ۽ چشمن جي آس پاس نظر ايندو هو.**

**ميربحرن جا بيان:** ٻرهڙو سال ۾ نوان کنڀ ڏيندو هو، جنهن سبب ان جو واپار مسـلسـل جاري رهندو هو. پکي اڄ به سنڌ جي ڪجهه علائقن ۾ نظر اچي ٿو، پر ان جي کنڀن جو واپار بند ٿي چڪو آهي **بادشـاهن ۽ واپارين لاءِ ٻرهڙو جي اهميت:** ٽالپور حڪمران، مغل بادشاهه، ۽ عرب شيخ "ٻرهڙو" جي کنڀن کي خاص اهميت ڏيندا هئا، کنڀن کي شاهي لباس، ٽوپين، هٿيارن، ۽ شڪار لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو کنڀن جي بدلي "هم وزن سون" ڏيڻ جو رواج هو، جيڪو انهن جي ناياب هجڻ جو ثبوت آهي.

**ٻرهڙو جي واپار بند ٿيڻ جا امڪاني سـبب:** ١. شاهي ثقافت جو زوال – بادشـاهن ۽ اميرن جي روايتون بدلجڻ سـبب قدرتي زيورن ۽ کنڀن جي اهميت گهٽجي وئي. ٢. قانوني پابنديون – پکين جي ناياب نسلن جي حفاظت لاءِ عالمي سطح تي قانون لاڳو ٿيا، جن سبب واپار بند ٿي ويو. ٣. ماحولي تبديليون – سنڌ جي دريائن ۽ ڍنڍن ۾ قدرتي ماحول تبديل ٿيڻ سبب ناياب پکين جو تعداد گهٽجي ويو. تاريخي حوالا ۽ تحقيقاتي تجزيو: "ٻرهڙو" پکي بابت کوجنا ڪرڻ لاءِ مختلف تاريخي ماخذن مان ڪجهه اهم حوالا پيش ڪجن ٿا: ١. "ٽالپور دور جي واپاري نظام" (ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ١٩٨٢) – ٽالپور حڪمرانن جي شـاهي ثقافت ۾ ناياب جانورن جي چمڙي، کنڀن، ۽ زيورن جو ذڪر ملي ٿو. ٢. "سـنڌ جي قديم ميربحرن جون روايتون" (رسـول بخش چانڊيو، ١٩٩٥) – مقامي ميربحرن جي واپاري تاريخ تي تحقيق، جنهن ۾ خاص قسـم جي پکين جو ذڪر ٿيل آهي. ٣. "هوبره بسـٽرڊ ۽ تلور جو شڪار" (نيشـنل جيوگرافڪ، ٢٠٠١) – عرب شڪارين طرفان تلور ۽ هوبره بسـٽرڊ جي استعمال بابت جديد تحقيق. ٤. "سنڌ جي دريائي ۽ ڍنڍي ماحوليات" (سنڌيالاجي، ٢٠١٠) – سنڌ جي ڍنڍن ۽ انهن ۾ رهندڙ ناياب جانورن بابت جديد سائنسي تحقيق.

## ڏهرڪي جو پراڻو حسن تاريخي کوهہ

ڏهرڪي جو پراڻو حسن تاريخي کوهہ ڏهرڪي جي شوالي اندر گائوشالا هو، اتي هڪ وڏو کوهہ هوندو هو جنهن تي سڄو ڏينهن ڍانڊ هلندو هو، ٻيو کوهہ فتح پور محلي ۾ هو، ٽيون کوهہ، کوهہ جي گهٽي ۾ هو، چوٿون کوهہ لڳ لڇمڻ آئل مل، وڏي درٻار جو ساڌن وارو کوهہ سڌ ٻو هو، پنچاتي پلاٽ لڳ عورتون کوہ تي ڪپڙا ڌوئڻ ايندي هيون، گلاب شاہ ڪالوني ۾ مکي منو مل جو کوهہ هو، امير بخش پاڙي عوامي هوٽل پرسان ايسر داس جو کوهہ هو، ۽ جامع مسجد وٽ ننڍو کوهہ هو، چام ظفر جو کوہ ٻہ هو، هڪ وڏو کوہ چام سانول خان ڏهر جي حويلي پرسان هوندو هو جتي عورتن جي لاءِ ڪپڙن ڌوئڻ جي سهولت هوندي ۽ هئي کوہ سڄو ڏينهن هلندو هو.

## ڏهرڪي ۽ ريتي ۾ ڪورين ۽ موچين جو اوائلي ڪم

ڏهرڪي ۽ ريتي ۾ ڪورين جي ڪم جو اوائلي مشيني دور هو اوائلي مشينون ۽ سندن استعمال (١٨٦٠ع - ١٩٥٠ع) ڄام هو ١٩ هين صدي جي آخر ۾ ملز ۽ ڪارخانا نہ هئا، پر ڪپڙي جي اُٽَ لاءِ ڪاٽ جون هٿوليون مشينون لوهي چڪي (پٿرن جي بدران لوهي رولرن سان) ڪورين لاءِ سٽ جو ذريعو ١٨٦٠ع کان اڳ: جيڪو مقامي هٿوليون مشينن تي اُٽبو هو ١٨٦٠ع - ١٩٠٠ع: هندستان جي ٻين علائقن جهڙوڪ ڪراچي، بمبئي، ۽ حيدر آباد دکن مان سٽ آندو ويندو هو. ١٩٠٠ع - ١٩٥٠ع: انگريزن جي دور ۾ انديا ۽ سنڌ جي مختلف ملن مان سٽ ايندو هو، جيڪو مقامي ڪارخانن ۾ استعمال ٿيندو هو. ١. **قبائلي ويس وڳن جا تفصيل**

**مختلف قبيلن جا ويس مرد:** سفيد يا هلڪو نيرو ڪُڙتو، ويڪري شلوار، اجرڪ، ۽ سنڌي ٽوپي. **عورتون:** گهيرو رنگين گهاگرو، چولي، ۽ چادر، ڪڏهن ڪڏهن رنگين شيشي جو ڪم ٿيل لباس. ٢. بروچ قبيلي جا ويس مرد: ڪارو يا ناسي شلوار قميص، ڪڏهن ڪڏهن واسڪوٽ، اجرڪ يا رنگين رومال، ۽ مخصوص گول ٽوپي... عورتون: پارتي واري اجرڪ، گهاگري، ۽ روايتي ڪڙهائي وارا ڪپڙا. ٣. **ميگهواڙ قبيلي جا ويس مرد:** رنگين قميص، قوهاري يا هلڪي رنگ جي شلوار، ۽ اجرڪ يا چادر عورتون: گهيرو گهاگرو، چمڪندڙ ۽ سُٽلين جو ڪم ٿيل ڪُرتو، ۽ خاص اجرڪ چادر. اجرڪ ۽ ان جو وقت (٥٠٠ ق.م - ٢٠٢٥ع) ٥٠٠ ق.م: سنڌ ۾ بلوچي ۽ قديم دراوڙي تهذيب اجرڪ جهڙي ڇپائي جو استعمال ڪندي هئي ٧٠٠ع: عربن جي اچڻ کان پوءِ اجرڪ کي مذهبي اهميت ملي. ١٧٠٠ع: مغلن جي دور ۾ اجرڪ ٺاهڻ لاءِ بهترين سُٽ ۽ رنگ استعمال ٿيڻ لڳا. ١٩٠٠ع - ١٩٥٠ع: اجرڪ جو واپار هندستان ۽ ٻين علائقن ڏانهن ٿيڻ لڳو **ڏهرڪي ۽ خيرپور ۾ جتيون اوائلي دور:** روايتي جتيون ۽ انهن جي تياري (١٨٠٠ع - ١٩٤٠ع) ١٨٠٠ع - ١٩٠٠ع: سنڌي قبيلن جي واپارين مختلف قسم جون جتيون ٺاهڻ شروع ڪيون. ١٩٠٠ع - ١٩٤٠ع: خيرپور ڏهرڪي ۾ ميگهواڙ ۽ موچي

جتيون ٺاهڻ ۾ مشهور هئا. تن ۾ پرچوندي شريف جا پيملو، پنڻو، سيتا رام، ڏهرڪي ۽ ريتي جا سائينڏنو، پيمو، ڪلو جي جيڪي جتيون ٺاهيندا هئا انهن جتين ۾ شامل: گيتلا، چمڙي جون هٿ سان ٺاهيل سيم واريون جتيون هٿ سان ڪڙهائي ڪيل جتيون ڳاڙهي، ڪاري، يا ناسي چمڙي جون روايتي جتيون، جتين جي تبديلي ۽ نون ڊيزائن جو واپار (١٩٥٠ع - ٢٠٢٥ع) ١٩٥٠ع - ١٩٧٠ع: پشاوري چپل مقبول ٿي، جنهن جو واپار خيرپور ڏهرڪي ۾ عروج تي پهتو ١٩٨٠ع - ٢٠٠٠ع: پلاسٽڪ ۽ فيڪٽرين ۾ ٺهيل جتيون عام ٿيون، پر روايتي جتيون اڃا بہ موجود آهي، ٢٠٢٥ع: هٿ جون جتيون ٺاهڻ جو ڪم آخري مرحلي ۾ آهي.

## ڏهرڪي ۾ فوٽو گرافي جي شروعات

ڏهرڪي ۾ فوٽو گرافي ٽيڪنالاجي ١٩٧٠ ڌاري شروع ٿي فوٽو گرافي، ذاڪر حسين چغتائي ۽ ارشاد حسين شروع ڪيو هو نسيم اختر جو استاد هو، ديوڊ لطيفي نسيم اختر وٽ ملازم هو ۽ فوٽو گرافي جو ماهر هو پهريون فوٽو اسٽوڊيو سردار مارڪيٽ ۾ اسٽوڊيو قائم ٿيو، جڏهن تہ ١٨٥٠ع: بليڪ اينڊ وائيٽ فوٽو گرافيءَ جي شروعات ٿي هئي، ابتدا ۾ تصويرون شيدي، ڏنڌليون ۽ جامد هونديون هيون انڪري تصوير ڪيڏ لاءِ گهڻو وقت لڳندو هو فوٽو لاءِ اسٽوڊيو ۾ ڪوٽ ٽائي گلدستا ۽ نقلي بندوق بہ رکيل هوندي هئي، اڳتي هلي خاندانن پاران شادين، ۽ خاص سياسي سماجي موقعن ملاقاتن جي اسٽوڊيو فوٽو گرافي جو رواج وڌيو، تصويرون پرنٽ ڪرڻ لاءِ ڊارڪ روم جي ضرورت هوندي هئي، انڪان بعد رنگين فوٽو گرافي جو دور (١٩٧٠ - ٢٠٠٠) رنگين ڪيميرائون اچي ويوءِ شادين، فيملي فوٽو گرافي.

## ڏهرڪي تعلقي جو نهري نظام ۽ پراڻي دور جي زراعت

مغل ۽ ٽالپور دور ۾ بئراجن جو نظام ۽ درياءَ ڪن بند نه هو. درياءَ ۽ پاڻي جا پنهنجا قدرتي وهڪرا ۽ رخ هوندا هئا، جيڪي موسمي تبديلي ۽ ٻوڏن جي ڪري بدلجندا رهندا هئا. ان دور ۾ زراعت مينهن جي پاڻي ۽ دريائي ٻوڏن تي منحصر هوندي هئي گهٽو پاڻي اچڻ ڪري هر طرف ٻوڏ جو منظر هوندو هو. جنهن سبب فصلن جي پيداوار جي ڪيفيت غير يقيني هوندي هئي.

**گڊو بئراج:** پاڪستان جي قيام کان پوءِ ١٩٦٢ع ۾ تعمير ٿيو. جيڪو ضلعي گهوٽڪي ۽ ڀرپاسي جي علائقن کي آبپاشي لاءِ پاڻي فراهم ڪري ٿو. **گهوٽڪي فيڊر:** گڊو بئراج کان پوءِ ضلعي گهوٽڪي جي زرعي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ گهوٽڪي فيڊر تعمير ڪيو ويو. فيڊر مان نڪرندڙ ڪجھ اهم واھ ۽ انهن سان آباد ٿيندڙ علائقن جا تفصيل هيٺ ڏجن ٿا **سيھڙ واھ:** هي واھ اباوڙو، ڏهرڪي، ريتي، ۽ رونتي جي زمينن کي پاڻي فراهم ڪري ٿو جنهن مان نرلي مائينر، ريتي مائينر الهيار شاخ ۽ ٻيون واهيون ۽ واٽر نڪرن ٿا. **ماهي واھ** (نارو واھ): هي واھ اباوڙو، ڏهرڪي، ۽ خانگڙھ جي زمينن کي آباد ڪري ٿو جنهن مان به ڪيترين ئي شاخون واٽر واهيون نڪرن ٿيون **ريٽي ڪئنال:** گڊو بئراج مان ٢٠٠٢ع ۾ ريٽي ڪئنال تعمير ڪيو ويو. جيڪو تڪراري رهيو آهي. هي ڪئنال ڪينجو جي ڪجھ علائقن کان سواءِ پنجاب جي ڪوٽ سبزل سميت ٻين علائقن کي به پاڻي فراهم ڪري ٿو. اوائلي دور ۾ **زراعت جا طريقا ۽ فصلن جي پوک جا مرحلا** فصل پوکڻ لاءِ سڀ کان پهريان زمين تيار ڪرڻ لاءِ هٿ سان محنت ڪئي ويندي هئي زمين کي نرم ڪرڻ لاءِ مرد، عورتون، ۽ ٻار گڏجي هٿ سان محنت ڪندا هئا. ان لاءِ سڀ کان پهريان ڏاندن سان ڪيترا ئي هر هلائي زمين کي نرم ڪيو ويندو هو، ۽ ڏاندن سان ساهر تي ڪجھ ماڻهن جو وزن ڏيئي مٽي کي چورو ڪيو ويندو هو. **اوزارن جو استعمال:** هر، ڪهاڙي، ڪوڏر، ڪلها، ۽ ڪڙهيون ناڙي هر جهڙا اوزار فصل پوکڻ کان اڳ زمين تيار ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندا هئا، ڪجھ فصلن لاءِ ٻاريون به ٺاهيون ويندون آهن. **ٻج جو تيار ڪرڻ ۽ پوکڻ، قدرتي ٻج محفوظ ڪرڻ:** اڳي ٻج ٺاهڻ لاءِ بهترين معيار جا داڻا چونڊي الڳ ڪيا ويندا هئا هٿ سان چٽڻ. فصلن جا ٻج هٿ سان يا خاص اوزارن ذريعي چٽي پوکيا ويندا هئا. ڏاندن سان ٻج چٽڻ: ڏاندن کي هلائي مٽي ۾ ٻج برابر ڪيو ويندو هو جنهن کي ناڙي چوندا هئا. **پاڻيءَ جا ذريعا:** پاڻيءَ تي دارومدار درياءَ تي هوندو هو، درياءَ جي وهڪرن سان زراعت ڪئي ويندي هئي ۽ زمين تائين پاڻي پهچائڻ لاءِ رستا ٺاهيا ويندا هئا جيڪي واهي نما هوندا هئا. چڙهيل پاڻي يا بند ٺاهڻ: پاڻي جي تيز وهڪري کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ بند ٺاهيا ويندا هئا. **ڪوهن جو استعمال:** زراعت لاءِ ڪوهن مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ ڪاهين ۽ ڏاندن جو استعمال ڪيو ويندو هو. **جانورن جو ڀاڻ:** زمين کي زرخيز رکڻ لاءِ جانورن جي ڇيڻي ۽ ٻوٽن جي باقيات کي ڀاڻ طور استعمال ڪيو ويندو هو جيڪو فصل کي طاقت ڏيندو هو، فصل کي وقت بوقت پاڻي ڏنو ويندو هو جڏهن فصل تيار ٿيڻ شروع ٿيندو هو ته ان جي سنڀار ڪئي ويندي هئي، قديم وقت ۾ فصل عورتون مرد ۽ ٻار هٿ سان فصل جي ڪٽائي ڪندا هئا ڪي فصل گڏ ڪري ڏاندن ذريعي لوڙهي ۽ سارين جي هڪ وڏي ڦيٿي يا چڪر تي ساٽي ڪئي ويندي هئي باقي چٽا، مٽر ڪٽڪ جو گاھ ڳاهيو ويندو هو ڪجھ فصلن کي هٿ سان ڪٽي داڻا ڪڍيا ويندا هئا، هوا ۾ چنڊڻ: ڪٽڪ، مٽر، ۽ چٽن جا داڻا ڇڄ ذريعي هوا هوا ۾ واڙيا ويندا هئا ۽ ٻوسو داڻا الڳ الڳ ڪيا ويندا هئا جنهن کي "واٽر" چوندا هئا اها تيلين سان ٺهيل ڇڄ سان ڪئي ويندي هئي، **اجناس جو محفوظ ڪرڻ:** اناج جي ٻار ٺاهي گول پيران پير جو پيٺو ڪديو ويندو هو فصل ورهائڻ لاءِ بٽئيدار ايندو هو جيڪو پهريان پيران پير ۽ سيدن لاءِ خير ڪڍي اناج جي ورهاست ڪندو هو، ۽ آخر ۾ ڪجھ بچائي اهو آس وندن "ٻار" تي آيل حاجتمندن ۾ ورهاست ڪري ڳوٺين ۾ ٻري اناج زميندار ۽ هاري جي گهر ڏاندگاڏين تي پهچايو ويندو هو... چٽن مٽرن ۽ سرنهن جي موسم ۾ زمين مان عورتون ٻار ساڳ پٽي ان کي پچائي مکڻ سان پوري مند کائيندا هئا، **واپار ۽ ڏي وٺ:** اناج جو ڪجھ حصو ٻين شين جي بدلي ڏي وٺ ۾ استعمال ڪيو ويندو هو. **مال جي نقل و حرڪت ڏاند گاڏيون:** فصلن کي هڪ هنڌ تان ٻي هنڌ منتقل ڪرڻ لاءِ ڏاند گاڏيون استعمال ٿينديون هيون. ٥. **مشيني دور** ۾ ٽريڪٽر، ٿريشر، هارويسٽر، يوريا ڀاڻ ۽ ٽيوب ويلن ذريعي زراعت جديد ۽ آسان ٿي ويئي. ڏهرڪي ۾ ڪمند، ڪپهه، ڪٽڪ، چانور، سبزيون ۽ ميوا وڏي پيماني تي پوکيا وڃن ٿا. انب، انگور، سنتره، موسمي، امرود، کجور ۽ ڪيلا جهڙا ميويدار وڻ عام آهن. ڳوٺاڻن جا ماڻهو پراڻي دور ۾ زمينن تي سخت محنت ڪندا هئا، ان ڪري صحتمند، چاڪ چوبند ۽ خوشحال هوندا هئا. هر گهر ۾ مال، مکڻ، ۽ اٽي جي پسائي لاءِ جنڊ، ۽ اناج جي گهرج لاءِ پنهنجي پيداوار موجود هوندي هئي. اڄ جسماني پورهيو گهٽجڻ سان بيماريون وڌي ويون آهن.

**ڍهرڪي ۾ کاڌي پيتي جا روايتي طعام:** ڍهرڪي ۾ کاڌي جا مزيدار ذائقيدار کاڌا عام ملن ٿا، جن ۾ شامل آهن: **اسپيشل ڪڙهائي:** ڍهرڪي جي اڪثر ننڍين وڏن هوٽلن تي بهترين مصالحن سان خشڪ ڪڙهائي ڪري پيش ڪئي ويندي آهي پناڻ جي نميڪين روسٽ ۽ دال جو الڳ ئي مزو آهي. سنڌي برياني: مزيدار مصالحن سان تيار ڪيل، متن يا ڪڪڙ سان ٺهيل. سائي ڀاڄي: روايتي ساڳ هر گهر ۾ مزي سان کاڌو ويندو آهي گڏ چانورن جي ماني به پسند ڪئي ويندي آهي... مصالحي سان تريل مڇي سان مهمان نوازي ڪئي وڃي ٿي ۽ چانور مڇي جو ذائقو مزيدار ٿئي ٿو، اڪثر ماڻهو ڍنيرو مڇي پسند ڪندا آهن. سنڌي ڪڙهي: داڻا مگ جي پيهري مان تيار ٿيندڙ مزيدار گهاٽو شوربو، جيڪو چانورن سان کاڌو ويندو آهي. ان کان علاوه، ڍهرڪي جي بازارن ۽ روڊن تي مزيدار اسٽريٽ فاسٽ فوڊ ۽ پيزا به ملن ٿا، جيئن شوارما، چاٽ، سموسا، ۽ گول گپي. ڍهرڪي واسي چانهه جا موالا آهن ٽڪجي اچي هوٽل تي ويهندا چانهه جو آرڊر ڪندا دود پتي آٽجان مزيدار چانهه هڪ سو رپين کان به مهانگي آهي.

**سينما روڊ جي فيضو جي چانهه، پڪوڙا ۽ ڪوپر جا چانور چولا** جا ماڻهو متوالا آهن هتي بيسڻ جي پڪوڙن کان سواءِ انڊي جا پڪوڙا ۽ سدامي جا مشهور آئٽه دار گوشت جا پڪوڙا پڻ تيار ڪيا ويندا آهن ۽ هندن جي پاڙي جا پڪوڙا گرما گرم سنگر، ڪچوريون صبح جو حلوه پوڙيون، پراٺا، لذيذ گرم نمڪ پاره سان مهمانن جي تواضع ڪئي ويندي آهي، ڍهرڪي شهر ۾ وڏي تعداد هندو آهن اڪثر ڪري چٽ پٽيون ذائقيدار طعام گوشت جا دڪان رات جو هلندا آهن هتي جا ماڻهو چڪن پسند گهٽ ڪندا آهن متن جا پيس، شيخ ڪباب رول، رات جو لذيذ تيار ڪيا ويندا، آهن شام کان دان چوڪ، پراڻي يو بي ايل چوڪ، اناج منڊي ۾ هوٽلن تي لذيذ کڙاهين جي رش لڳل هوندي آهي سموسا، برگر، گول گپا ۽ ڪٽا ڪٽ خريد ڪرڻ لاءِ شام جو اڪثر فيميلن سان خريداري ڪئي ويندي آهي.

## ڍهرڪي جا مشهور ڪوپر جا چانور چولا

الله بخش ڪوپر اٽڪل چاليهه سالن کان سينما روڊ تي چانور چولن جي ريڙهي هلائي رهيو آهي جيڪي ڪوپر جا چولا جي نالي سان مشهور آهن چانور چولا ايترا ته لذيذ هوندا آهن جو اڪثر ماڻهو صبح جو ناشتو انهن چانور چولن سان ڪندا آهن ڪوپر جي چانور چولن جا ماڻهون ديوانا آهن اينگرو ڪمپني ۽ ماڙي گيس جا ماڻهو جڏهن به شهر ايندا آهن ڪوپر جا چولا ضرور کائيندا آهن اگر ڪو مهمان هڪ دفعو ڪوپر جي چولن جو ذائقو چکندو آهي ٻيو پيرو طلب ڪندو آهي ته چانور چولا ڪارايو، الله بخش ڪوپر هاڻي پوڙهو ٿي ويو آهي ته ان جا پٽ زاهد ۽ شاهد ريڙهي سنڀاريندا آهن، حالانڪ هو ڪروڙ پتي آهن پر پنهنجي موروثي ڪاروبار تي فخر ڪندا آهن. چانور چولن جي تياري: الله بخش ڪوپر پنهجن ٻارن ٻچن سميت محنت ڪري پنهنجو نالو ڪمايو آهي الله بخش ريڙهي مان فارغ ٿي گهر پهچندو هو، ڪجهه آرام بعد سودو سلف جيڪو هو اڪثر پاڻ وٺي رکندو هو گڏ ڪري چولا پسائي رکندو هو اهو سمورو ڪم سندس گهر واري ۽ پڻ ملي ڪندا هئا چولا ڪافي وقت ۾ پچندا آهن انڪري هن ڪم تي ڏينهن رات محنت ٿيندي آهي الله پاڪ سندس گهر واري جي هٿ ۾ جادوئي ڪمال جو ذائقو رکيو آهي جو ڍهرڪي ۾ ڪيترن ئي ماڻهن چانور چولا ٺاهي وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر الله بخش جي چولن جهڙو ذائقو نه ڏيئي سگهيا آهي چولا هڪ ننڍي انڊسٽري ثابت ٿي جنهن مان هن زمين خريد ڪئي، جاءِ ٺاهي، ۽ ٻار به پڙهايا، الله بخش ڪوپر پنهنجي پوري زندگي نيازمندي ۽ سادگي سان گذاري آهي.

**چانور، ڪٽڪ ۽ ڪپهه جا ٻج:** گليڪسي ڪٽڪ (پي اي آر سي منظور ٿيل)' بي ڊبليو پي ڪٽڪ، (بوسن ڪٽڪ) سحر ڪٽڪ چانور جا ٻج: گارڊ هائبرڊ چانور، حسن هائبرڊ چانور، سپر باسمتي، باسمتي ڪپهه جا ٻج: ايم- ٦٣٢ (سينٽرل ڪپهه ريسرچ انسٽيٽوٽ) ايف ايچ- ١٤٢ (نائبگ منظور ٿيل)، ڳاڙهاڻ، سرنهن، ۽ ٻين فصلن جا ٻج'، ڪمند: (سي پي ايف- ٢٤٧، ٿتو- ١٠، بي ايف- ١٧٧ زرعي سامان لاءِ هارين ۽ زراعت سان لاڳاپيل ماڻهن جو مرڪز آهي، جتي يوريا، ڊي اي پي، ٻيا ياڻ، ۽ جراثيم ڪُش دوائون، فنگس ڪُش دوائون، جڙي ٻوٽين لاءِ دوائون ۽ اعلي معيار جا ٻج دستياب آهن.

**سينيٽري سامان پلمبنگ پراڊڪٽس:** جي ٽي روڊ تي امپورٽيڊ ۽ لوڪل سينيٽري سامان ۽ ٻين پراڊڪٽس جو وڏو اسٽاڪ موجود آهن ۽ ٻين برانڊن جا سينيٽري پراڊڪٽس دستياب آهن پلمبنگ سامان ۽ پائيپس خاص طور تي سينما روڊ ۽ جي ٽي روڊ تي ملندا آهن ۽ فيٽنگس جي وڏي ورائٽي موجود آهي. پڻ هتي ملن ٿا.

**جاين جو تعميراتي سامان:** ڏهرڪي جي ٽي روڊ سينما روڊ سميت شهر جي مختلف هنڌن تي تعميراتي سامان، لوهي پراڊڪٽس، ۽ سينيٽري سامان جا دڪان آهن، گهرن، مارڪيٽن، ۽ ڪارخانن جي تعمير لاءِ سيمنٽ، بجري، سرون، ڇت جون سرون، فرشي سرون، ٽف ٽائل، ۽ ماربل جا اعلي معيار جا پراڊڪٽس موجود آهن. ڏهرڪي ۾ لوهي پراڊڪٽس ۽ تعميراتي سامان، جي ٽي روڊ، لوهي سامان ۽ اسٽيل مارڪيٽ، لوهه، سريا، اينگل، پٽي، ٽيئر، گارڊر، پائپ، ۽ هر گيج جون نرم ۽ سخت چادرون سميت گهرن، ڪارخانن، ۽ مارڪيٽن جي تعمير لاءِ اعلي معيار جا اسٽيل ۽ لوهي سامان ملن ٿا، جي ٽي روڊ، ڏهر واهه پل ۽ الله واري چوڪ تي سيمنٽ جا دڪان آهن ۽ بجري ۽ ٻين مشهوره برانڊن جو سيمنٽ دستياب آهي، ان سان گڏ بجرو ۽ ريتي (بلوچستان واري، سکر واري) وڏي مقدار ۾ موجود آهن. بائونڊري وال بلاڪ، ۽ انٽر لاڪنگ بلاڪ پڻ هتي ملن ٿا، پنجاب ۾ اعلي معيار جون سرون ٺهي ٿي، در دروازن جا سامان، لاڪ وغيره، انٽر لاڪنگ ٽف ٽائل، سيمنٽ جا بلاڪ، ۽ پري ڪاسٽ پراڊڪٽس المونيم جا دروازا، ڪاٺ فرنيچر جي هر قسم جو ڪم شورومز، گهرن، آفيسن، ۽ پارڪنگ ايرياز لاءِ مضبوط ٽائلز ملن ٿيون، ماربل ۽ ٽائل مارڪيٽ امپورٽيڊ ۽ لوڪل ماربل ڪراچي، بلوچستان، ۽ پنجاب مان آيل ماربل جا مختلف رنگ ۽ ڊيزائن دستياب آهن، اٽلي، اسپين، ۽ ترڪي مان امپورٽ ڪيل اعلي معيار جا ٽائلز پڻ ملن ٿا، فرش، ڀتين، ۽ غسل خانه لاءِ خاص ڊيزائنر ٽائلز.

**ڪاٺي جا دوڪان ۽ واڊا:** ماهر ڪاريگر موجود آهن جتي هر جو فرنيچر آرڊر تي تيار ڪيو ويندو آهي، بنگلن ۽ جاين گهرن جي جي زيب و آرائش لاء صفائي سان ڪم ڪندڙ ڪاريگر موجود آهن، ڪاٺ جو ڪم: ڊائننگ ٽيبل، صوفا سيٽ، آفيس چيئرز، آفيس فرنيچر، اسڪول فرنيچر، ڪمپيوٽر ٽيبل، ڪرسيون، الماريون ۽ سينگار جا سامان، ڏهرڪي ۾ فرنيچر جي مختلف قسمن جي وڏي مارڪيٽ موجود آهي، جتي ڊائننگ ٽيبل، صوفا سيٽ، آفيس چيئرز، آفيس فرنيچر، اسڪول فرنيچر، ڪمپيوٽر ٽيبل، ڪرسيون، الماريون ۽ سينگار جا سامان عام دستياب آهن.

**ڪپڙا، برانڊيڊ ۽ ان برانڊيڊ دڪانون:** ڏهرڪي شهر واپاري سرگرمين جو هڪ اهم مرڪز آهي، جتي مختلف مارڪيٽن ۾ برانڊيڊ ۽ ان-برانڊيڊ ڪپڙا، ريڊي ميڊ سوٽ، ۽ فينسي فيبرڪس گهر جي ڊيڪوريشن لاء پردا، ڪالين، ڪارپيٽ، فوم وڏي مقدار ۾ وڪرو ٿين ٿا. جن ۾ ڪاٽن، ريشمي، ۽ فينسي، گارمينٽس جي وڏي چونڊ موجود آهي، بوٽن جا دوڪان شاهي بازار – فينسي ۽ ريشمي ڪپڙا، شاهي بازار ڏهرڪي جي سڀ کان اهم مارڪيٽ آهي، جتي ليڊيز ۽ جينٽس جا جديد فيشن جا ڪپڙا، فينسي ريشمي سوٽ، ۽ برائيڊل ڊريسز موجود آهن. ڪاٽن، جارجٽ، شيفون ۽ ٻيا دستياب آهن، مقامي ۽ دستڪاري فيبرڪس چاچڙ بازار ۾ سنڌي اجرڪ، رليون، ۽ ڪڙهائي وارا مقامي دستڪاري ڪپڙا وڏي مقدار ۾ ملن ٿا. ٻيجل، پيڪو، ۽ هٿ سان تيار ڪيل ڪپڙا پڻ موجود آهن. ٻٽا مارڪيٽ، مهراڻ مارڪيٽ، ڏهر مارڪيٽ ليڊيز فينسي ڪپڙا ۽ ٻارن جا ڪپڙا خاص طور تي عورتن لاءِ فينسي لباس، دلهن جا ڪپڙا پڻ ملندا آهن

**ڪاسميٽڪس ۽ سينگار جو سامان:** شاهي بازار، ڏهر مارڪيٽ، مهراڻ مارڪيٽ، ۽ چاچڙ بازار سميت مختلف مارڪيٽن ۾ ڪاسميٽڪس، پرفيوم، ۽ بيئٽي پراڊڪٽس وڏي مقدار ۾ دستياب آهن. هتي مقامي ۽ بين الاقوامي برانڊن جا سينگار جا سامان، ميڪ اپ پراڊڪٽس، ۽ خوشبوءِ جا مختلف قسم موجود آهن، ڪاسميٽڪس ۽ بيئٽي پراڊڪٽس جي اهم مارڪيٽن، برانڊيڊ ڪاسميٽڪس ۽ بيئٽي پراڊڪٽس جا اصلي ميڪ اپ پراڊڪٽس ملن ٿا. فائونڊيشن، ڪنسيلر، لپ اسٽڪ، آئي شيڊو، مسڪارا، ۽ نيل پالش جي جديد ورائٽي موجود آهي. جديد بيئٽي ايڪسيسريز، ميڪ اپ برش، فيشل ڪريم، ۽ سن اسڪرين پڻ هتي موجود آهن.

**مارڪيٽ ڪميٽي ڏهرڪي** مارڪيٽ ڪميٽي ڏهرڪي مارڪيٽ ڪاميٽيون سبزي فروٽ جي خريد ۽ فروخت سان گڏ مختيار ڪار سان گڏ جي ريٽ لسٽون مرتب ڏيندي آهي چيئرمن مارڪيٽ ڪاميٽي چوڌري عبدالرزاق آرائين ۽ وائيس چيئرمن لطف الله پٽو آهي، مارڪيٽ ڪاميٽي وارا لائسنس فيس وٺندا آهن ۽ ڪاروبار ڪرڻ جي اجازت ڏيندا آهن ٽيڪس سبزي منڊي ڪاٽن فيڪٽرين شگر ملز کان وصول ڪندا آهن ڏهرڪي ضلعي گهوٽڪي جو هڪ اهم واپاري مرڪز آهي، جتي مارڪيٽ ڪاميٽي شهري سهولتن جي فراهمي، صفائي، واپارين جي سهڪار، ۽ بازار جي نگراني لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.

## ريڊيو ٽي وي جو ابتدائي دور BBC ۽ گانن جا شوقين

ڏهرڪي ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي جو ابتدائي دور ١٩٥٠ع کان اڳتي ڏهرڪي ۾ ريڊيو ٻڌڻ جو شـــوق وڌيو. اها هڪ اهڙي دنيا هئي جتي ريڊيو تي "آل انڊيا ريڊيو" ۽ بعد ۾ "ريڊيو پاڪســـتان" جون خبرون، نعتون، قواليون ۽ سنڌي گيت ٻڌڻ جو دور هو. استاد عبدالخالق ميراڻي صوفي عبدالرشيد سومرو، پنهنجي هٿ جي مهارت سان ريڊيوز جي مرمت ڪندو هو. ٻيا چاٽل ريڊيو مڪينڪ: سوپارو شر ۽ عبدالســتار پٽي هئا. **خاص ڳالهہ:** ريڊيو ماڻهن جي ويهڪ جو مرڪز هو. ڳوٺاڻن علائقن ۾ ماڻهو گڏ ٿي ريڊيو ٻڌندا هئا. اســتاد پچن لال ٽيپ رڪارڊر ۽ اســتاد بوٽا خان جو دور ١٩٧٠ع جي ڏهاڪي ۾ ٽيپ رڪارڊر آيا، خبرون، گانا ٻڌڻ عام ٿيا. ٻئي طرف ٽي وي جو دور بہ شـــروع ٿيو. بليڪ اينڊ وائيٽ ٽي وي ڏهرڪي جي ماڻهن لاءِ نئون تجربو هئا. مرمت لاءِ اســـتاد رفيق احمد گهنجون نالو ڪمائي ورتو. اليڪٽرانڪس ڏهرڪي جي پهرين ٽي وي دوڪان جي ڪهاڻي: **وڪي اليڪٽرانڪس پچن لال** ٽي وي ۽ انٽينا جي واپار جي شـــــــــــروعات ١٩٨٦ع ۾ ڪئي ڏهرڪي ۾ پهريون دفعو ٽي وي، انٽينا لڳايون ويون. وڪي اليڪٽرانڪس ٽيليويزن، VCR، انٽينا، بوســـتر ۽ وائرنگ جو مڪمل مرڪز بڻجي ويو. ان دور جا ٻيا معروف اســـتاد ۽ مڪينڪ: استاد رفيق گهنجون (مرمت) عبدالخالق ميراڻي (ماهر مڪينڪ) هئا پوءِ ڪيبل جو دور آيو عبدالستار پٽي پهرين مهراڻ ڪيبل نيٽ ورڪ جوڙيو جيڪو وقت سان وڌندو ويو ۽ هن وقت ڊجيٽل ڪيبل ۽ گڏ فائبر انٽرنيٽ جو چار پوري شهر توڙي ڪيترن ئي ڳوٺن، اينگرو، ماڙي پيٽروليم ۾ بہ ڪم ڪري رهيو آهي اها سروس ١٩٩٠ ۾ متعارف ڪرائي ويئي، بعد ۾ گلشير شيخ عوامي ڪيبل نيٽ ورڪ کولي پر اها نہ هلي سگهي. ٢٠٠٠ کان پوءِ: سمارٽ ٽي وي، ڊش، ۽ پراڻي دور جي خاموشي ٿي ويئي، جديد ٽيڪنالاجي جهڙوڪ ڊش، LED، USB، يوٽيوب، ۽ آن لائن اسٽريمنگ جي اچڻ سان ريڊيو، ٽيپ رڪارڊر، ۽ پراڻي ٽي وي سيٽس جو دور ختم ٿيڻ لڳو. زوال جي نشـــانين: استاد عبدالخالق جهڙا مڪينڪ اٽلپ ٿي ويا، ريڊيو ٻڌڻ جو رواج ختم ٿيڻ لڳو، ڪيسٽ ۽ ٽيپ رڪارڊر دڪان بند ٿيڻ لڳا. يادگار دور: اهو وقت، جڏهن استاد رفيق ۽ عبدالستار پٽي وارا پنهنجي هٿن سان تارون ٽانڪيندا هئا، ٽيپون ڦيرائيندا هئا، ۽ محفلن ۾ موسيقي ٻڌائيندا هئا – اهو ڏهرڪي جي سونهن پريو باب هو، جيڪو هاڻ صرف تصويرن، يادگيرين، ۽ ڪتابن ۾ محفوظ آهي.

**ڏهرڪي جا پراڻا ٽي وي ۽ ريڊيو مڪينڪ** استاد عبدالخالق، عبد الرشيد سومرو، عبدالســـــــتار پٽي، ٽي وي مڪينڪ رفيق گهنجون ڪراچي اليڪٽرونڪس ۽ هاڻي سنڌس جاءِ تي پٽ شفيق احمد گهنجون ڪم ڪري رهيو آهي، پچن لال وڪي اليڪٽرانڪس مشهور هئا جيڪو ڪم ڇڏي ويو آهي ۽ پنهنجي پٽ وڪي سان گڏ داتا ڪمپيوٽر ڪانٽو ۽ اٽو چڪي هلائي رهيو آهي. ۽ پچن لال جو شاگر مڪيش مهر مارڪيٽ JMD اليڪٽرونڪس نالي سان ڪاروبار ڪري رهيو آهي.

### وقت جو ماهر ٽي وي مڪينڪ استاد رفيق احمد گهنجون جو شجرو

**استاد رفيق احمد گهنجون:** رفيق احمد سال ١٩٥٥ع تي عبدالعزيز گهنجون جي گهر ميرپور ماٿيلو ۾ پيدا ٿيو. ننڍي عمر کان ئي والدين جو لاڏلو هو. تعليم ســان گڏ محنت واري زندگي مان گذرندي، اليڪٽرانڪس جي دنيا ۾ قدم رکيو. الله پاڪ کيس ســـبا جهڙي طبيعت ســان گڏ فني مهارتن جي ذات ســان نوازيو. رفيق احمد ڏهرڪي جو پهريون ٽي وي مڪينڪ هو، جنهن ســردار مارڪيٽ ڏهرڪي ۾ دوڪان کوليو. هو نہ رڳو ٽي وي، ريڊيو، ۽ ٻين برقي اوزارن جي مرمت ۾ ماهر هو، پر مقامي ســطح تي اليڪٽرانڪ جي تعليم ۽ تربيت ڏيڻ وارو پڻ هو. ســـندس هٿ جي مهارت، جلدي خرابي ڳولڻ جي صلاحيت ۽ ايمانداريءَ سبب ڏهرڪي ۾ "استاد رفيق" جي نالي سان مشـــــهور ٿيو. ڪيترن ئي شاگردن هن وٽان ڪم سکيو، جيڪي اڄ بہ مختلف شهرن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. سندس دوڪان هاڻي سندس فرزند شفيق احمد سنڀالي رهيو آهي، جيڪو ايل اي ڊي ۽ جديد اليڪٽرانڪ سامان جي مرمت جو ڪم ڪري ٿو. **رفيق احمد جو شجرو:** ڏاڏي جو نالو غلام قادر گهنجون، جنهن جو پٽ عبدالعزيز گهنجون هو. عبدالعزيز کي ٽي پٽ رفيق احمد گهنجون، اعجاز احمد گهنجو (اينگرو ۾ مئنيجمينٽ آفيسر)، عبدالشڪور گهنجون ۽ ڇهہ نياڻيون آهن.

**رفيق احمد گهنجون جي اولاد:**

ايڊووڪيٽ رياض احمد گهنجون سينئر وڪيل آهي.

فياض احمد گهنجون جو ڏهرڪي ۾ بادي بلڊنگ جم خانو آهي

شفيق احمد گهنجون پنهنجي والد جي فني ورثي کي برقرار رکندي ٽي وي ۽ ايل اي ڊي و ڪم ڪري رهيو

## ڏيڍ صدي اڳ قائم ڪيل تاريخي گورنمينٽ (مين) پرائمري اسڪول ڏهرڪي

**گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول** سال ١٨٨٧ ۾ قائم ٿيو. ان وقت جو اسڪولي ريڪارڊ گهڻو محفوظ نہ رهيو آهي پر پاڪستان ٺهڻ کان اڳ يعني ١٩٣٦ کان پوءِ جو رڪارڊ محفوظ آهي جنهن ۾ ڊيڊ اسٽاڪ بڪ, جنرل رجسٽر, ڪاٽ جا ڪجھ ڪيٽ وغيره شامل آهن. هن اسڪول جي هيڊماسترن جو ريڪارڊ بہ محفوظ نہ رهي سگهيو آهي پر رڳو ١٩٧٠ کان پوءِ جي هيڊماستر صاحبان جي ڇاڻ ملي سگهي ٿي. هن وقت هن اسڪول ۾ ٣٥ ڪمرا آهن جن مان پنجويھ ڪلاس روم تعليمي سرگرمين طور ڪم اچن ٿا. ٢٠١٥ع کان پوءِ

هي اسڪول گورنمينٽ پي هاءِ اسڪول ڪئمس ڏهرڪي جي ماتحت ڪم ڪري رهيو آهي. حقيقت هي آهي تہ گورنمينٽ پي هاءِ اسڪول ڪيمس ڏهرڪي جي اندر ۾ اچڻ کان پوءِ گورنمينٽ پرائمري اسڪول مين ڏهرڪيءَ جي اڳين شاندار ڪارڪردگي گهڻو متاثر ٿي آهي ۽ هاڻي هي اسڪول پنهنجو اڳيون جوبن وڃائي رهيو آهي. هن اسڪول ۾ تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ڏهرڪي, تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري, ميل, فيميل ڏهرڪيءَ تعلقہ ايجوڪيشن ورڪس آفيس بہ قائم ٿيل آهن. ٢٠٢٥ ۾ **پرائمري اسڪول جي استادن جا نالا:** استاد محمود الحسن پٽو ولد غلام نبي پٽو انچارج هيڊماستر, استاد عبدالغفار سومرو ولد پير محمد سومرو, استاد ڪنول ڪمار ولد وشنداس, استاد ذيشان ملڪ ولد سبحان علي ملڪ, استاد تنوير احمد ولد منظور احمد ملڪ, استاد عبدالمالڪ ولد عبدالستار ملڪ, استاد ثناء اللہ ولد امان اللہ پٽو, استاد عمران علي ولد عبدالرشيد ملڪ, استاد رضا مهدي ولد ممتاز علي ڪونهارو, استاد صدام حسين ولد محمد حسن ڪورائي, استاد سڪندر علي ولد پير بخش سومرو, استاد رفيق احمد ولد الهورايو خان مهر, استاد حاڪم علي ولد تيرٿ داس, استاد عبدالرحيم ولد صاحبڏنو سومرو, استاد وسيم احمد ولد صغير احمد ملڪ, استاد مهندر ڪمار ولد شو لال, استاد قدرت اللہ ولد امان اللہ, استاد ياد حسين ولد اقبال حسين چغتائي, استاد عبداللطيف ولد محمد رمضان چنو, استاد محمد ابراهيم ولد عبدالواحد ڪوڪر آهن. **ڏهرڪي تاريخ جي نظر ۾ ڪتاب ترتيب ڏيندڙ محمد رمضان پيرزادو جو مامو محمد قاسم پيرزادو** گورنمنٽ مين پرائمري اسڪول ۾ سال ١٩٧٦ع ۾ پرائمري استاد جا فرائض سرانجام ڏيئي چڪو آهي جيڪو روزانو سکر کان ڏهرڪي شاگردن کي تعليم ڏيڻ سرڪاري بس ۾ ايندو هو.

محمد قاسم پيرزادو

(رپورٽ استاد عبدالغفار سومرو)

## گورنمينٽ گرلز مڊل اسڪول امير بخش محلو

پروفيسر محمد اسماعيل سومرو ۽ سندس گهرواري عنايت خاتون جيڪا ان وقت ڏهرڪي شهر جي اڪيلي ۽ واحد گرلز پرائمري اسڪول جي هيڊ مسٽريس هئي جي مدد سان اسڪول کولڻ جو ارادو ڪيو جنهن لاءِ ان وقت جي بيت عملدار مائي زينب شيخ جنهن جو تعلق هنگورو لڳ پنو عاقل سان هو تنهن اسڪول لاءِ پلاٽ جي گهر ڪئي جنهن لاءِ پروفيسر محمد اسماعيل سومرو پنهنجي ذاتي پلاٽ مان اسڪول لاءِ ڪجھ حصو ڏيئي ڪچو ڪمرو ٺهرائي اسڪول قائم ڪرايو. جنهن وقت اسڪول اپ گريڊ ٿي مڊل اسڪول ٿيو تہ ان لاءِ زمين پرچوندي پير عبدالحق ميان منو ڏني جنهن تي سرڪار پاران عمارت اڏائي ويئي آهي. هن وقت ٢٠٢٥ ۾ گرلز مڊل اسڪول امير بخش هو هيڊماستر محمد آصف ملڪ آهي

## The Citizens Foundation (TCF) اسڪول, ڏهرڪي

ڏهرڪي شهر ۾ TCF اسڪول "ڏهرڪي اينگرو ڪيمپس" جي نالي سان مشهور آهي. هي اسڪول ليبر ڪالوني جي ويجهو, جي ٽي روڊ تي واقع آهي. اسڪول خاص طور تي انهن ٻارن لاءِ قائم ڪيو ويو آهي, جيڪي مالي وسيلن جي گهٽتائي سبب معياري تعليم کان محروم آهن. اسڪول ۾ تقريبا هزار کان وڌيڪ شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. ۽ سجو اسٽاف فيميل آهي جيڪي مقامي برادري مان چونڊيل آهن. TCF اسڪول ۾ نصاب جي تياري, تدريسي طريقن ۽ استاد جي تربيت تي خاص ڌيان ڏنو ويندو آهي. هر نئون استاد اسڪول ۾ مقرر ٿيڻ کان اڳ چار هفتن جي جامع تربيت حاصل ڪري ٿو, جنهن ۾ تدريسي مهارتن, نصاب جي سمجھ ۽ شاگردن سان رابطي جي صلاحيتن تي زور ڏنو ويندو آهي.-

## گورنمينٽ سنگل سيڪشن بوائز هاءِ اسڪول ڏهرڪي

گورنمينٽ سنگل سيڪشن بوائز هاءِ اسڪول ڏهرڪي پهرين سيپٽمبر ١٩٩٤ع تي قائم ٿيو جنهن جو ڪريڊٽ سابق هيڊ ماسٽر گورنمينٽ بوائز سنگل سيڪشن هاءِ اسڪول ڏهرڪي مرحوم مسٽر عبدالرشيد پٿو ۽ سابق پرنسپال گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج مسٽر عبدالحفيظ پٿو ڏانهن وڃي ٿو جن پنهنجي اڻٿڪ محنت سان هي اسڪول قائم ڪرايو آهي پر اسڪول ۾ لڳل سنگ بنياد تي هڪ ماربل جي جي تختي آويزان آهي جنهن ۾ اسڪول تاريخ ١٠ سيپٽمبر ١٩٨٩ع بروز آچر لکيل آهي. ۽ اسڪول جو نالو ماڊل هائي اسڪول لکيل آهي.

**امتحاني مرڪز بابت:** اسڪول قائم ٿيڻ واري سال کان وٺي هن اسڪول کي سينٽر جو درجو ڏنو ويو جنهن ۾ گورنمينٽ سنڌ ۽ سکر بورڊ جي پاليسي مطابق سال ١٩٩٥ع کان ٢٠٢٤ع تائين گورنمينٽ (پي) هاءِ اسڪول ڏهرڪي جي ٻارن جا امتحان گورنمينٽ بوائز سنگل سيڪشن هاءِ اسڪول ڏهرڪي ۾ جڏهن ته گورنمينٽ بوائز سنگل سيڪشن هاءِ اسڪول ڏهرڪي جي ٻارن جا امتحان گورنمينٽ (پي) هاءِ اسڪول ڏهرڪي ۾ منعقد ڪرايا ويندا هئا ته جيئن ڪاپي ڪلچر جي روڪ ٿام ٿي سگهي ليڪن سال ٢٠٢٥ع ۾ سکر بورڊ سينٽرن کي تبديل ڪري ڇڏيو ۽ اهڙي ريت گورنمينٽ (پي) هاءِ اسڪول جي ٻارن جا امتحان ساڳئي اسڪول ۾ ۽ گورنمينٽ بوائز سنگل سيڪشن هاءِ اسڪول جي ٻارن جا امتحان گورنمينٽ بوائز سنگل سيڪشن هاءِ اسڪول ۾ ئي ڪرايا ويا آهن. جنهن ڪري ڪاپي ڪلچر ۾ ضابطو ڪرڻ انتهائي ڏکيو ٿي پيو آهي.

**اسڪول جي عمارت ۽ ايراضي:** هن اسڪول جي ڪل ايراضي ٣ ايڪڙ ١٤ گهنٽا | ١٤٥٩٢٦ اسڪوائر فُٽ آهي. ٢٠٢١ تائين هن اسڪول جي حالت تمام گهڻي خراب هئي ان ڪانپوءِ ڪجهه مرمتي ڪم ٿيو آهي ۽ چوڌيواري پڻ ٺاهي وئي آهي. ليڪن اڃا ڪجهه چوڌيواري جو ڪم رهيل آهي تنهڪري انتظامي لحاظ کان ڪافي پريشانيون ٿي رهيون آهن جنهن جو فورن تدارڪ ٿيڻ گهرجي. اسڪول ۾ ڪلاس رومز: ١٥ آهن.

**لائبرري:** اسڪول ۾ هڪ لائبرري قائم آهي جنهن ۾ ڪتابن جو مجموعي تعداد ١٥٠٠ کان وڌيڪ آهي. اهم ڪتاب قرآن مجيد ، شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو رسالو، چچ نامو، تاريخ، ادب، نصابي ۽ غير نصابي ڪتاب موجود آهن.

**سائنسي سهولتون:** سائنس ليبارٽري، ڪيمسٽري، فزڪس، حياتيات جا تجرباتي اوزار موجود آهن جتي شاگردن کي سائنس ۾ مهارت رکندڙ استادن جي نگراني ۾ تجربا ڪرايا وڃن ٿا.

**ڪمپيوٽر ليب:** ڪمپيوٽر ، پروجيڪٽر، ۽ تدريسي مواد سان ليس آهي.

**سولر سسٽم:** ماڙي پيٽروليم لميٽيڊ ڪمپني طرفان ٢٠٢٣ ۾ پوري اسڪول کي مڪمل سولر سسٽم فراهم ڪيو ويو آهي جيڪو تسلسل سان هن وقت تائين قائم آهي. پاڻي جو بندوبست: ماڙي گيس اينڊ پيٽروليم ڪمپني طرفان اسڪول کي هڪ واٽر فلٽر پلانٽ ڏنو ويو آهي جن سان شاگردن کي صاف پاڻي مهيا ٿئي ٿو.

**شاگردن جو تعداد:** ڇهين ڪلاس کان ڏهين ڪلاس تائين تقريباً ٦٠٠ شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

**نصابي ۽ غير نصابي سرگرميون:** تعليم سان گڏو گڏ وقتن فوقتاً راندين ، قومي ڏينهن جي اهميت ثقافتي سرگرمين سائنسي مقابلن ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي اهميت کي پڻ اجاگر ڪيو وڃي ٿو. وقت جي پابندي: استاد توڙي شاگرد وقت جا انتهائي پابند آهن. راند جو ميدان: ٢٠٢٣ ۾ گورنمينٽ طرفان ٺهرايو ويو آهي جتي مختلف راندين جا مقابلا ڪرايا وڃن ٿا. يونيفارم: ٻار اسڪول پراپر ڊريس پائي اسڪول اچن ٿا.

**صفائي سٿرائي:** اسڪول ۾ صفائي جو انتظام بهترين آهي. ماضي جا ناليوارا استاد ١. مرحوم خير محمد پٿو ٢. مرحوم نذر محمد پٿو ٣. مرحوم الله بخش ڏونڊو ٤. مرحوم عبد الحميد ڪانجو ٥. مرحوم عبدالغفور لغاري ٦. محمد سليمان ٻُرڙو ٧. حافظ عبدالغفار نائچ ٨. رشيد احمد نائچ ٩. عبدالنبي پٿو ١٠. جميل احمد سومرو ١١. عبدالصبور پٿو ١٢. راشد حسين پناڻ ١٣. محمد حنيف ڪلوڙ ١٤. عبدالقادر ڪانجو ١٥. آصف علي ملڪ ١٦. عبدالشڪور ڪانجو ١٧. تقي محمد شاهه ١٨. غلام نبي سومرو آهن جن شاگردن جي تعليم ۽ تربيت ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي. استادن ۽ غير تدريسي عملي جا عهدا تدريسي عهدا ١. هيڊ ماسٽر ٢. ڪمپيوٽر استاد ٣. پرائمري اسڪول استاد ٤. هاءِ اسڪول استاد ٥. جسماني تربيتي انسٽرڪٽر ٦. عربي / اورينٽل استاد ٧. فنون لطيف جو استاد ٨. ڊرائنگ استاد ٩. جونيئر ايليمينٽري اسڪول استاد غير تدريسي ١. سينيئر ڪلارڪ ٢. جونيئر ڪلارڪ ٣. ليبارٽري اسسٽنٽ ٤. ليبارٽري انچارج ٥. ليبارٽري اٽينڊنٽ ٦. چوڪيدار ٧. مالهي ٨. صفائي ڪندڙ ملازم ٩. نائب قاصد •موجوده ڪم ڪندڙ عملي جي فهرست

**عبدالحڪيم پٿو هيڊ ماسٽر**، عبدالرشيد لغاري HST، محمد قابل مهر HST، عبدالشڪور ڏهر HST، خالد حسين سومرو HST، محمد رمضان گولو HST، افتاب احمد اعواڻ HST، فياض احمد ڪمبوه HST، عبداللطيف شاهه عربي/اورينٽل استاد، محمد سليم چنا JEST، ظفر امين شاهه سيد JEST، عبدالوهاب مالڪ JEST، ظفر علي سومرو JEST، مظفر احمد پٿو JEST، الله يار شاهه JEST، عامر شهزادو آريسر JEST، **نان ٽيچنگ اسٽاف** حاجي احمد سومرو جونيئر ڪلارڪ، محمد اصغر عباسي سينيئر ڪمپيوٽر آپريٽر، عبدالرشيد ملڪ جونيئر ڪلارڪ، الطاف احمد لُنڊ ليبارٽري اسسٽنٽ، زوهَيب احمد نائب قاصد، عبد الرحيم پٿو نائب قاصد، غلام نبي سومرو چوڪيدار.

# گورنمنٽ (پراونشلائزڊ) ڪيمپس هاءِ اسڪول ڏهرڪي

گورنمنٽ (پراونشلائزڊ) ڪيمپس هاءِ اسڪول ڏهرڪي، ضلعو گهوٽڪي جو هڪ قديم ۽ تعليمي لحاظ کان اهم ادارو آهي، جيڪو ڪيترن ئي ڏهاڪن کان علم جي روشني پکيڙي رهيو آهي. هي اسڪول ڏهرڪي شهر جي تعليمي سڃاڻپ طور سڃاتو وڃي ٿو. هيءَ عمارت، جنهن ۾ هن وقت اسڪول قائم آهي، شروعاتي طور سال ١٩١٩ع ۾ سرڪاري اسپتال جي حيثيت سان استعمال ٿيندي هئي. بعد ۾ ١٩٦٠ع ۾ ضلعي حڪومت هن عمارت کي تحويل ۾ ورتي، هتي پراونشلائيزڊ هاءِ اسڪول قائم ڪيو. سال ١٩٧٢ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪومت دوران تعليمي ادارن کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جي پاليسي تحت هي اسڪول پڻ قومي ملڪيت بڻايو ويو. اداري جي سسٽم ۾ تبديليون: سال ١٩٧٢ع تائين اسڪولن ۾ گريڊ سسٽم لاڳو هو، جنهن تحت آفيسرن جا عهدا "گريڊ" سان مقرر هوندا هئا. ١٩٨٣ع تائين امتحاني مرڪز ميرپورماٿيلو رهيو. ١٩٨٤ع کان هن اداري کي امتحاني مرڪز بڻايو ويو. موجوده وقت ۾ ميٽرڪ تائين تعليم ڏني وڃي ٿي. ١٩٨٩ع ۾ گورنمنٽ طرفان سنگل سيڪشن اسڪول منظور ٿيو جيڪو (پي) هاءِ اسڪول جي ماتحت هو جتي

نائين ۽ ڏهين جا ڪلاس هلندا هئا جڏهن ته گورنمنٽ پي هاءِ اسڪول ۾ ڇهين کان اٺين تائين ڪلاس هلندا هئا. انهي وقت هيڊ ماسٽر سيد مظهر علي شاهه جن هئا. پوءِ ١٩٩٤ع ۾ ٻئي اسڪول ڌار ڌار ٿيا ۽ هاڻي هُتي گورنمنٽ سنگل سيڪشن هاءِ اسڪول نالي هلي رهيو آهي ۽ گورنمنٽ پي هاءِ اسڪول ۾ ڇهين کان ڏهين تائين تعليم ڏني وڃي ٿي. اسڪول جي ايراضي: تقريباً هڪ ايڪڙ آهي. ٢٠٠٩ع تائين هي عمارت خسته حالت ۾ هئي. پراڻي اسڪول جي عمارت جو ڪم ٢٠٠٩ع ۾ نئين سر تعمير جو ڪم شروع ٿيو انهي دوران هن هاءِ اسڪول کي گورنمنٽ مين پرائمري اسڪول ۾ شفٽ ڪيو ويو جتي ايوننگ ٽائيم ڪلاس هلايا ويندا هئا ۽ اها عمارت ٢٠١٣ع ۾ تيار ٿي وئي. ۽ ٻه منزلي عمارت آهي. هن اسڪول ۾ ١٥ ڪلاس رومز، هڪ چيف هيڊ مسٽريس آفيس، هڪ هيڊ ماسٽر ۽ F.A آفيس، هڪ ٽيچرس اسٽاف روم، هڪ ڪلارڪ آفيس، هڪ سائينس ليبارٽري، ٻه لائبريري جا ڪمرا آهن. سڀئي ڪمرا هوادار ۽ روشني وارا آهن. لائبريريون: هن وقت هن اداري ۾ ٻه لائبريريون هڪ اسڪول جي نالي تي ۽ ٻي علامه دائود پوٽا جي نالن سان آهي. انهن لائبريرين ۾ نصابي ۽ غير نصابي ڪتاب آهن جنهن ۾ شاگرد روزانو جي بنياد تي مطالعي لاءِ اچن ٿا. تعليم سان گڏ تحقيق ۾ ٻه مهارت وڌي ٿي عبدالستار سومرو سندس انچارج آهي. پروجيڪٽر / ملٽي ميڊيا: روزاني جي بنياد تي مختلف ڪلاسن کي استاد صاحبان پروجيڪٽر تي جديد تعليم ۽ نصابي علم جي ڄاڻ ڏين ٿا. سائنس ليبارٽري: هن اداري کي هڪ سائنس ليبارٽري آهي جنهن ۾ فزڪس، علم ڪيميا، حياتيات تي روزاني جي بنياد تي تجربا ڪرايا وڃن ٿا جنهن سان شاگردن ۾ دلچسپي، تحقيقي، مشاهدي، نظري علم جي مهارت پيدا ٿئي ٿي. هن وقت سيد وقار احمد شاهه ليب انچارج آهي. سر نظير احمد دايو ڪمپيوٽر جي ٻه ڄاڻ ڏين ٿا. اسڪول ۾ سائنسي نمائش ٻه ٿئي ٿي. اينگرو فرٽيلايزر، ضلعي ليول تي ٿيندڙ سائنسي نمائشن ۾ ٻه هي ادارو شامل ٿئي ٿو. صفائي جو ٻه بهتر انتظام آهي.

سولر سسٽم: ڪافي عرصي کان وٺي هن اداري ۾ سولر سسٽم جو انتظام ٿيل هو پر ماڙي پيٽروليم جي طرفان پهرين کان وڌيڪ جديد بڻايو ويو آهي جنهن سان بجلي جو مسئلو حل ٿي ويو آهي. واٽر فلٽر پلانٽ: هن وقت پوري ڏهرڪي جو پاڻي پيئڻ جي لائق ڪونهي. انهيَ سلسلي ۾ هيڊ ماسٽر مسٽر بشير احمد چنڙ جي ڪوشش سان هن اسڪول ۾ هڪ واٽر فلٽر پلانٽ لڳوءِ بعد ۾ ماڙي پيٽروليم ڏهرڪي جي طرفان هڪ وڏو واٽر فلٽر پلانٽ لڳل آهي. انٽرنيٽ: هن اداري ۾ اسٽاف جي سهوليت لا انٽرنيٽ جو ٻه انتظام آهي.

ڏهاڙا: هن اداري ۾ ١٤ آگسٽ، ڪشميرڏي، ٢٣ مارچ، عيدميلادالنبي، ڪلچر ڊي ۽ ٻيا ڏهاڙا شان شوڪت سان ملهايا وڃن ٿا. هر سال الوداعي پارٽي ۽ فوٽو گرافي جو ٻه پروگرام ٿئي ٿو. امتحاني مرڪز: هن وقت هن اداري ۾ نائين درجي کان ٻارهين درجي جا امتحان ٿين ٿا. ڪجهه وقت پهرين Drawing Intermediate جا ٻه امتحان ٿيندا هئا انهيَ سان گڏ علامه اقبال اوپن يونيورسٽي جا امتحان ۽ ڪڏهن ڪڏهن اينگرو فرٽيلائيزر جا امتحان ٻه هن اداري ۾ ٿين ٿا. اسڪائوٽنگ: هر سال هن اداري مان شاگردن جي هڪ ٽيم پاڪستان جي مختلف شهرن ڏانهن اسڪائوٽنگ لاءِ وڃي ٿي. هن وقت انچارج استاد ديوان لال پرهياڙ آهن. رانديون: هن اداري مان مختلف راندين جون ٽيمون جڙيل آهن جيڪي ڏهرڪي شهر، تعلقي، ضلعي، صوبي، يا ملڪي ليول تي ٿيندڙ راندين ۾ حصو وٺن ٿيون. هي ادارو جديد ٽيڪنالاجي جي ڄاڻ ڏيڻ، تعليمي ماحول کي بهتر بنائڻ، شاگردن ۾ خود اعتمادي، انسانيت، سٺا شهري، محب وطن، رشتن جي اهميت، سٺا گڻ وغيره جهڙا سٺا گڻ سيکاري ٿو. مذهبي تعليم، نماز وغيره لاءِ هن وقت مولوي محمد يونس مهر ۽ مولوي شير محمد شهاڻي آهن. ٢٠١٥ع ۾ هيڊ ماسٽر مسٽر منظور احمد نائچ هن اداري ۾ هڪ انگريزي سيڪشن شروع ڪرايو جيڪو اڄ ڏينهن تائين هلي رهيو آهي. اسيمبلي: صبح جو اسيمبلي ۾ قرآن پاڪ جي تلاوت، پوءِ نعت، حمد شريف، قومي ترانو، تقريرون ۽ ڪڏهن ڪڏهن شاگردن کي ايوارڊ ٻه ڏنا وڃن ٿا.

مسز زرينہ چنا
هيڊمسٽريس BPS-20

عبدالرئوف ڪلهوڙو
هيڊ ماسٽر BPS-17

جنهن ۾ چيف هيڊ ماسٽر/ مسٽريس BPS-20 مسز زرينہ چنا آهي، جڏهن ته ٻيو عهدو هيڊ ماسٽر BPS-17 مسٽر عبدالروف ڪلهوڙو آهن. جڏهن ته مسٽر قدير احمد سومرو F.A آهي. چيف هيڊ مسٽريس،هيڊ ماسٽر ۽ F.A ايمانداري، وقت جي پابندي ،باقائدگي سان ڪلاس وزٽ ڪن ٿا. ڪورس چيڪ ڪن ٿا، شاگردن جا جائز مسئلا حل ڪن ٿا. اهي استادن ، غير تدريسي اسٽاف ۽ شاگردن لاءِ مثالي ڪردار ادا جن ٿا. **استاد :** سڀئي استاد تربيت يافتہ Highly Qualified آهن. استاد شاگردن کي اسڪول جون تدريسي ۽ غير تدريسي لاءِ تيار ڪن ٿا. جيڪي شاگردن سان سچائي، ايمانداري ۽ نرمي سان پيش اچن ٿا. هر Subject Teacher ٽيسٽون وٺن ٿا ، انهن کي سرٽيفڪيٽ ۽ ٽرافيون ڏين ٿا. **هيڊ ماسٽر:** نبي بخش بلوچ، الله بخش ڪوڪر، علي شاهہ سيد ، محمد اسماعيل، عبدالرزاق شاهہ، انوردين شيخ، شاهن ايف بلوچ، عبدالرزاق نائچ، جان محمد پٽو، حاجي محمد سانول ، سيد مظهر علي شاهہ ، محمد اقبال چانڊيو، مولابخش سومرو، محمد بخش لغاري، احمد بخش لاڪو، امر لال، خميسو خان، محمد سليمان ، عبدالوهاب ڌهر، منظور احمد پناڻ، بشير احمد قاضي، منظور احمد نائچ، علي اڪبر پيو، گاماڻ خان، احمد علي دايو، بشير احمد چنہ ، نور حسن شيخ، اعجاز احمد پٽو، الله بچايو مهر، مسز منشيران چاچڙ، عبدالرعوف ڪلهوڙو ۽ چيف هيڊ مسٽريس مسز زرينہ چنہ.

**پراڻي دور جا ڪجه استاد :** محمد عمر شر ، عبدالرشيد پٽو، پون داس، محمد عظيم لغاري، محمد هاشم لغاري، علم دين اعوان، علي شير ، غلام نبي سومرو، در محمد ملڪ، منير احمد سومرو، محمد يونس مهر ، خير محمد پٽو، ڪرشن جي ميگهواڙ ، نور حسن شيخ، غلام قادر پٽو، حاتن خان شر، عبدالمجيد ڪاجو، عبدالقدير ڪاجو، عبدالسيع پٽو، شبير احمد شاهہ. **۲۰۲۵ جي استادن جا نالا:** H.S.T بشير احمد ٻرڙو، عبدالستار سومرو، عبد الله راجپوت، ڪرشن جي ميگهواڙ ، خير محمد رهڙ، قدير احمد سومرو، شبير احمد دايو، ممتاز علي ڪوڪر، اختر حسين چنہ ، خادم حسين پتافي، عبدالقدوس ڪاجو، نور دين سميجو، رفيق احمد شيخ، مير حسن شيخ، محمد امين. O.T حافظ محمد يونس مهر، مولوي شير محمد شهاڻي. J.E.S.T. خالد حسين لغاري، نظير احمد، محمد حسنين، نريش ڪمار، وقار احمد شاهہ، محمد وسيم، مهيندر ڪمار، اوم پرڪاش، اسرار احمد، مڪيش ڪمار، آصف علي، بلال احمد، زاهد سليم، رميز حسن، لياقت علي، پون ڪمار، ديوان لال، اجي ڪمار، ستامون ، انيل ڪمار، باسط علي سومرو. **ڪلارڪ :** عاشق علي سهرياڻي، اسد علي لغاري. **هن وقت غير تدريسي اسٽاف :** عبدالعزيز مهر، عبداللطيف ، فيض محمد، نور محمد، شهمير پٽو، راحب سميجو، حاڪم علي، دين محمد پٽو.

## گورنمنٽ گرلز هاءِ اسڪول ڏهرڪي

گرلز هاءِ اسڪول پروفيسر محمد اسماعيل سومرو موجب ته مون کان ڏهرڪي کي مڊل اسڪول ڏيڻ لاءِ سرڪار جي ڪامورن جاءِ گهري هئي اها جاءِ مون حافظ عبدالجبار کان ورتي هئي ، جنهنجو حافظ عبدالجبار اسٽامپ پيپر تعليم کاتي کي لکي ڏنو هو ۽ پلاٽ مفت ڏنو هو. جتي گورنمنٽ گرلز مڊل اسڪول جو باقاعده تدريسي عمل ۱۹۷۰ کان شروع ٿيو. ۽ ۱۹۸۶ تائين مڊل اسڪول رهيو. بعد ۾ ان وقت جي DEO سائين محمد اسماعيل سومرو کي فون ڪيو ته وڌيڪ جڳهه ڏيو ته گرلز اسڪول کي اپ گريڊ ڪريون ان لاءِ محمد اسماعيل سومرو، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ميمبر محمد حاصل پٽو ۽ محمد ملوڪ چاچڙ گڏجي خانگڙهہ شريف سردار غلام محمد خان مهر ڏي ويا جنهن ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جيجاءِ ڏني هئي ۽ پئسا پاڻ ڀريا هئا. ڏهرڪي گرلز هاءِ اسڪول ۱۹۸۶ کان شروع ٿيو. هن وقت ، هاءِ اسڪول اندر ڇهين ڪلاس کان ميٽرڪ تائين تعليم ڏني وڃي ٿي سال ۲۰۲۵ ۾ اسڪول ۾ تعليم پرائينڊڙ شاگرديائين جو تعداد 954 آهي.ڪل اسٽاف جو تعداد ۳۷ آهي جنهن ۾ هڪ هيڊ مسٽريس، ۳۱ استاد، هڪ ڪلارڪ، هڪ ليب اسسٽنٽ، هڪ نائب قاصد، هڪ چوڪيدار، هڪ سينيٽري ورڪر موجود آهن. اسڪول جون سهوليتون اسڪول اندر ۱۲ ڪلاس رومز آهن، هڪ HM آفيس، هڪ سائنس هال، هڪ لائبرري آهي جنهن ۾ ۷۰۰ ڪن تدريسي ڪتاب آهن ۽ ڪجهه ٻيا ڪتاب بہ آهن اسڪول ۾ 10kw جو مڪمل سولر سسٽم بيٽرين سان موجود آهي ۽ سڀني ڪلاس رومز ۾ پکا آهن. اسڪول اندر شاگرديائين لاءِ ۵ واش روم آهن، اسڪول جي ايراضي هڪ ايڪڙ آهي. اسڪول ۾ تدريس جو معيار بلند رکڻ لاءِ استاد باقاعده تدريسي منصوبہ بندي تحت سبق ڏين ٿا. تعليمي سرگرمين سان گڏوگڏ ثقافتي، سائنسي ۽ راندين جي سرگرمين لاءِ بہ سالياني شيڊول تحت پروگرام رٿيا وڃن ٿا.

## گورنمنٽ بوائز ڊگري ڪاليج ڏهرڪي

گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج تاريخ ۱۱،۰۷،۲۰۰۹ تي ان وقت جي ايم. اين. اي عبدالحق عرف ميان مٺو منظور ڪرايو، جنهن جي عاليشان ۽ وسيع ڪاليج جي عمارت تعمير ڪرڻ لاءِ نيشنل باڪسر استاد محمد يونس پٺاڻ جي ڪوشش سان اسپورٽس ڊپارٽمينٽ جي زمين ۵ ايڪڙ ۱۰ گهنٽه ڏهرڪي اسپورٽس ڪامپليڪس سان گڏ ڊي. سي محمد علي شاهه جي تعاون سان ڏني ويئي جنهن جيو تعمير اتي ڪم تاريخ جو ڪتاب لکجڻ تائين جاري آهي. مذڪوره ڪاليج منظور ڪرائڻ کان پلاٽ خالي ڪرائڻ ۽ اسڪول جي عمارت تعمير ڪرائڻ ۾ پروفيسر عبدالحفيظ پٽو جو پڇ ڏڪ سميت اهم رول رهيو آهي. ۽ ڪاليج جي سپريڊنٽ عبدالمجيد سومري به پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي .ڏهرڪي بوائز ڪاليج پهريان سنگل سيڪشن هاءِ اسڪول ڏهرڪي ۾ شروع ڪيو ويو هو، جنهن جو پهريون پرنسپال محمد شعيب شيخ مقرر ٿيو جيڪو خيرپور ميرس جو هو، بعد ۾ رحم علي انصاري (روهڙي)، محمد اسحاق سومرو (ميرپور ماٿيلو)، محمددين راڄڙي (ڏهرڪي)، سيد منير احمد شاهه (ڏهرڪي) سيد منير احمد شاهه ڪاليج ۾ گئس منظور ڪرائڻ، مٽي وجهرائڻ ۽ ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمينٽ کان ۰۴ ڪمرا ريپئر ڪرائي ڪاليج کي وسعت ڏني. ان وقت ڊي. ڊي. او پاور سيد مجاهد شاهه وٽ رهيا ۽ ڪجهه وقت چارج به رهي، مشتاق احمد عباسي (ميرپور ماٿيلو)، بشير احمد چنه (ڏهرڪي)، غلام رسول قاضي (ميرپور ماٿيلو)، عبدالحفيظ پٽو (ڏهرڪي)، عبدالحفيظ مشوري (اوباوڙو)، عبدالحفيظ چنه (ميرپور ماٿيلو) طور ۲۰۲۵ اپريل تائين رهيا. سٽي پمپ سامهون ڏهرڪي بوائز ڪاليج جي شاندار بلڊنگ جڙي رهي آهي، جنهن ۾ متحرڪ ڪردار پروفيسر عبدالحفيظ پٽو جو آهي، جيڪو هلنڊڙ ڪم جي پرپور نگراني ڪري رهيو آهي. ان سان گڏ ڏهرڪي ڪاليج جا سيئي پروفيسر، شهري به وقت به وقت ڪم جي نگراني ڪري رهيا اهن...ج٠ هن ته جڏهن بلڊنگ تي قبضو هو ته ان وقت شاگردن جي تحريڪ به هلي هئي، جيڪي ڪاليج جي بلڊنگ ڏيڻ لاءِ هر ڏينهن موڪل مهل ريليون ڪيندا هئا، جنهن ۾ مک ڪردار ان وقت جي استادن ۽ شاگردن جو رهيو. .هن وقت ڪاليج جا سينئر، جونيئر پروفيسر موجوده پرنسپال عبدالحفيظ چنه سان ٽيم ورڪ ڪري تدريسي توڙي غير تدريسي سرگرميون منعقد ڪرائڻ کانسواءِ ڪاليج جي نئين تعمير ٿيندڙ عمارت لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن، جنهن ۾ پروفيسر غازي خان مهر، پروفيسر بشير احمد چنه، پروفيسر عطا محمد بوزدار، پروفيسر عبدالمنان ملڪ، پروفيسر محمددين راڄڙي، پروفيسر سيد شفيق احمد شاهه، پروفيسر جئه پرڪاش، پروفيسر راجڪمار، پروفيسر اسد آرائين، پروفيسر وجيش ڪمار ۽ ٻيا شامل آهن، ۽ ڪاليج ۾ بي ايس فور ايئر ڪمپيوٽر سائنس ڊگري لاءِ به اپلائي ڪيو ويو آهي.

## گورنمنٽ گرلز ڊگري ڪاليج ڏهرڪي

گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج ڏهرڪي جو قيام سال ۱۹۹۵ع ۾ عمل ۾ آيو. هي تعليمي ادارو گنجان آبادي واري علائقي ظفر بازار، پراڻي جانباز آفيس جي عمارت ۾ قائم ڪيو ويو آهي. ڪاليج جي مستقل پلاٽ جو ڪاتو ڄام عبدالجبار خان ڌهر ۽ ڄام عبدالستار خان ڌهر، ان وقت جي ڪمشنر سکر جناب نثار احمد صديقي جي معرفت، ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ کي باقاعدي

**پرنسپل مرحوم غلام رسول اڪرم سومرو**

پڪي رجسٽري جي صورت ۾ مفت ڪري ڏني. هن علمي اداري جو پهريون هو، جنهن جي قيادت ۾ تعليمي سرگرميون منظم نموني سان شروع ٿيون. ڪاليج جي ڪل ايراضي هڪ ايڪڙ تي مشتمل آهي. موجوده وقت ۾ ڪاليج ۾ مختلف علمي ۽ انتظامي سهولتون ميسر آهن، جن ۾ پرنسپل آفيس، آن لائين سسٽم سان ليس ڊجيٽل لائبريري، ۽ هڪ عام لائبريري جنهن ۾ ۱۰۰۰ کان وڌيڪ تدريسي ڪتاب موجود آهن، شامل آهن. ڪاليج ۾ ٦ ڪلاس رومز آهن، جتي ٻه هڪ، روشني ۽ تدريس لاءِ مناسب ماحول فراهم ڪيل آهي. ڪاليج ۾ ميل ۽ فيميل ٽيچنگ اسٽاف تي مشتمل ۲۰ ٽيچر عملي طور تي ڪم ڪري رهيا آهن، جن ۾ پروفيسر ۽ ليڪچررز شامل آهن. مضامين جي لحاظ سان اسٽاف ۾ ۳ انگلش، ۳ زولاجي، ۲ باٽني، ۴ رياضي، ۱ سنڌي، ۱ پوليٽيڪل سائنس، ۲ فزڪس، ۲ ايجوڪيشن ۽ ۱ زولاجي جا ليڪچرر ۽ پروفيسر شامل آهن. نان ٽيچنگ اسٽاف ۾ هڪ سپريٽنڊنٽ، ۲ ڪلارڪ، ۲ ڪمپيوٽر آپريٽر، هڪ ليب انچارج، ۴ پٽيوالا، هڪ مالهي، هڪ سويپر ۽ هڪ چوڪيدار شامل آهن. ڪاليج جي ٻه منزلن تي مشتمل نئين عمارت، جيڪا صوبائي وزير باري خان پتافي جي ڪوشش سان زير تعمير آهي، مستقبل جي تعليمي ضرورتن کي پورا ڪرڻ لاءِ تعمير ٿي رهي آهي. هن ڪاليج ۾ لوئر ليڊيز اسٽاف لاءِ هاسٽل جي سهولت پڻ موجود آهي، جنهن سان گڏ ۱۰ ڪي وي جو سولر سسٽم به نصب ڪيل آهي. شاگرديائڻين جي بهتري لاءِ ۴ واش روم پڻ موجود آهن. تعليمي معيار ۽ واداري لاءِ چار خاص ستون: ڪاليج ۾ سيميسٽر سسٽم تحت تدريسي عمل منظم طريقي سان هلي رهيو آهي.

## نور سحر اسپيشل ايجوڪيشن اسڪول (معذور ٻارن جو اسڪول)

"نورِ سحر اسپيشل ايجوڪيشن اسڪول، ماري پيٽروليم ڪمپني ۽ اسپيشل ٽيلنٽ ايڪسچينج پروگرام جي گڏيل ڪوشش آهي، جيڪا مختلف معذورين وارن ٻارن کي مفت تعليم فراهم ڪرڻ لاءِ وقف آهي ٢٠١٧ ۾ نور سحر اسڪول جو بنياد رکيو ويو جنهن جي

پروگرام ڊائريڪٽر عابده اڪرم منصوبي جي شروعات ڪئي جتي خاص تربيت يافته ماهر، جن ۾ شامل آهن فزيوٿراپسٽ، سپيچ ٿراپسٽ، اشارتي ٻولي جا ماهر، غذائي ماهر. سهولتون: فزيوٿراپي ۽ اسپيچ ٿراپي جون جديد خدمتون خاص ضرورتن لاءِ جديد ليبارٽري تعليم جو ماحول منصوبي جو پس منظر شروعات ۾ ننڍڙي اسڪول جو منصوبو هوسروي مطابق ڏهرڪي ۾ ٧–٨٪ ٻار معذوري جو شڪار آهن انهيءَ بنياد تي منصوبو وڏي پيماني تي وڌايو ويو حاليه ڪاميابي جنوري ٢٠٢٥: شاگردن "نيشنل انٽرپرائز چيلنج" ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي منصوبو: "ايڪو ايڊيو ٽيڪ" پيش ڪيو ويو.

## سهارا هاءِ اسڪول جونگ ڏهرڪي

سهارا ڪميونٽي اسڪول – اينگرو ڪالوني، ڏهرڪي سهارا ڪميونٽي اسڪول ڏهرڪي جي اينگرو ڪالونيءَ ۾ واقع هڪ سماجي، تعليمي ادارو آهي، جيڪو اينگرو فائونڊيشن جي سهڪار سان، اينگرو فرٽيلائزر ڪمپني جي ملازمن جي رضاڪارانه انتظام هيٺ هلائي وڃي ٿو. هي اسڪول مقامي آباديءَ جي ٻارن کي معياري، مفت تعليم فراهم ڪري ٿو- قيام جو سال- اسڪول ٢٠٠٢ع ۾ قائم ٿيو. عملو ۽ تعليمي ماحول- مجموعي استاد: ٢٧ - شاگردن جو تعداد: ٥٢٥ - استادن جي تربيت: اينگرو پاران استاد لاءِ خاص ٽريننگ سينٽر ۾ پيشه ورانه تربيت جو بندوبست ڪيو ويو آهي. - غير تدريسي عملو: سکيا يافته ۽ تعاون ڪندڙ. عمارت ۽ سهولتون- اسڪول جي عمارت روشن، هوادار ۽ مضبوط آهي. - ڪلاس روم: جديد طرز جا، سازگار تعليمي ماحول سان. - سائنس ليب، ڪمپيوٽر ليب، ۽ لائبريري جي سهولت. - واش رومز، صاف پاڻي جو پلانٽ، جتي عام ماڻهن کي مفت دوائون ۽ ايمرجنسي طبي سهولتون ڏنيون وڃن ٿيون. - تعليمي معيار ۽ ڪاميابيون- شاگردن جي ڪارڪردگي سٺي رهي آهي. - اسڪالرشپ تياري، تخليقي لکڻين ۽ رابطي جي مهارتن جا خاص ڪورس. - امتحاني ايمانداري تي خاص ڌيان ڏنو وڃي ٿو. ---

## ٽيڪنيڪل ٽريننگ ڪاليج (TTC)، ڏهرڪي

ڏهرڪي ۾ قائم ٽيڪنيڪل ٽريننگ ڪاليج (TTC) علائقي جو پهريون ڊگري ٽيڪنيڪل ۽ مڪينيڪل ادارو آهي، جيڪو نوجوانن لاءِ مهارتن جي واڌاري جا موقعا فراهم ڪري ٿو. هتي ڪيميڪل ۽ ميڪينڪل انجنيئرنگ ۾ ڊپلومائن سان گڏوگڏ صنعتي ۽ گهريلو ويلڊنگ، پائپ فٽنگ ۽ ڪارپينٽري جا ڪورس پڻ پڙهايا وڃن ٿا. TTC جو قيام ۽ واڌاري لاءِ اينگرو جا قدم ٢٠١١ع ۾ اينگرو ڏهرڪي ۾ جديد ٽيڪنيڪل ٽريننگ ڪاليج قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو، جيڪو اينگرو، پاڪستان ڪيميڪل ۽ انرجي سيڪٽر اسڪلز ڊولپمينٽ ڪمپني (PCESS DC) سان گڏ جي ڪم ڪيو ۽ ٻين ادارن کي به شراڪتداري لاءِ راضي ڪيو. TTC جا ٻيا حمايتي ادارا پاڪستان انڊسٽريل ڊولپمينٽ ڪارپوريشن (PIDC)، ميري گئس، ENI Saipem، ڊيسڪون ۽ STEVTA وغيره شامل آهن. TTC جو مقصد هو ته ڳوٺاڻن علائقن جي نوجوانن لاءِ اعليٰ مهارتن تي ٻڌل اهڙا تربيتي پروگرام مهيا ڪجن، جيڪي عام طور اهڙن موقعن کان محروم هوندا آهن. TTC، ايسوسيئيٽ انجنيئرنگ جي ڊپلومائن ذريعي مقامي نوجوانن کي تربيت ڏئي، مقامي سطح تي مزدورن جي پرتي ٿئي. TTC ڏهرڪي جو پهريون ڊگري ڏيندڙ ادارو آهي، جيڪو مقامي نوجوانن کي مهارتن جي تربيت ڏئي ٿو. ، جڏهن ته ڪجهه شاگرد انهن اسڪولن مان اچن ٿا جيڪي اينگرو سنڀالي ٿو. TTC، ڪيميڪل انجنيئرنگ ۽ ميڪينڪل انجنيئرنگ ۾ ڊپلومائن سان گڏوگڏ صنعتي ويلڊنگ، گهريلو ويلڊنگ، پائپ فٽنگ ۽ ڪارپنٽري جا ڪورسن ۾ تربيت ڏئي ٿو. سال دوران TTC لاءِ چندو گڏ ڪرڻ جون سرگرميون ٿيون، جن مان اينگرو جي ملازمن ۽ ٻاهرين ذريعن مان ٢٥ لک رپيا گڏ ٿيا. ٢٠١٥ع ۾، سنڌ TEVTA سان هڪ معاهدي هيٺ PCESSDC، متي ۽ رزاق آباد جي ٻن ادارن جو انتظام سنڀاليو. TTC جي شاندار ڪاميابي اها آهي ته ٢٠١٤ع ۾ پهرين بيچ مان ٤٩ شاگرد فارغ التحصيل ٿيا.

# علمي، ادبي ۽ سماجي شخصيت استاد عبدالقدير ڪانڃون

عبدالقدير ڪاڃون پهرين جنوري ١٩٥٩ع تي ڳوٺ باهو ڪاڃون، تعلقو ڏهرڪي ضلعو گهوٽڪي (اڳوڻو تعلقو اوباوڙو ضلعو سکر) ۾ پنهنجي وقت ۽ علائقي جي مشهور استاد، اديب، شاعر، صحافي، حڪيم حافظ محمد اسماعيل ڪاڃون صاحب رحه جي گهر ۾ جنم ورتو. پرائمري چار درجا پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول (گورنمينٽ پرائمري اسڪول باهو ڪاڃون) مان پاس ڪيا. انهي وچ ۾ قرآن مجيد ناظره پنهنجي والد صاحب وٽ گهر ۾ پڙهي پورو ڪيائون. چوٿين درجي پاس ڪرڻ تائين پاڻ پرائمري اسڪول باهو ڪاڃون جي هڪ ڪاٺ جي پيتي تي مشتمل "لائبريري" ۾ رکيل ٻارن لاءِ لکيل سڀ ڪتاب پڙهي ويا.. پرائمري پنجون درجو "گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول ڏهرڪي مان پاس ڪيائون. ڇهين ڪان مئٽرڪ تائين گورنمينٽ (پ) هاءِ اسڪول ڏهرڪي ۾ پڙهيا. پاڻ ١٩٧٥ع ۾ حيدرآباد بورڊ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائون. اسڪول ۾ ذهين شاگردن ۾ ڳڻيا ويندا هئا. ١٩٧٣ع ۾ ضلعي سکر جي هاءِ اسڪولن جي شاگرد تقريري مقابلي ۾ حصو وٺڻ لاءِ چونڊيا ويا، جنهن تقريري مقابلي جو عنوان هو "سان پنهنجن ابن ڏاڏن ڪان وڌيڪ خوش آهيون يا اسان جا ابا ڏاڏا (فور فادرس) اسان ڪان وڌيڪ خوش هئا" ١٩٧٢ ۾ ڏهرڪي ۾ سندن والد صاحب ۽ ٻين نيڪ مردن جي ڪوشش سان ديني تعليم جو هڪ ادارو "مدرسه عربيه بحر الهديٰ" قائم ٿيو. پاڻ ديني تعليم لاءِ اتي داخل ٿيا. جتي عربي گرامر جا بنيادي ڪتاب ۽ "گلستان" تائين فارسي پڙهيا. سندن مدرسي جي استادن ۾ مولانا محمد احمد لغاري صاحب ۽ مولانا عبدالله لغاري صاحب شامل آهن. مولانا عبدالله لغاري صاحب، جيڪي هن وقت "سنڌ ساگر پارٽي" جا سربراهه آهن. عبدالقدير ڪاڃون باقاعده "فارغ التحصيل" نه هجڻ باوجود عربي علم و ادب، اسلامي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن بابت سٺي ڄاڻ رکن ٿا. ان جو وڏو سبب هي آهي، جو سندن والد صاحب تاريخ جا وڏا ڄاڻو، عالم ۽ اديب هئا. عبدالقدير ڪاڃون صاحب ايم اي. ايم ايڊ ۽ مولوي عربي آهن. پاڻ مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ ڪجهه وقت بجلي جو ڪم سکيا ("پاڪ اليڪٽرڪ سروس ڏهرڪي")، ان ڪانپوءِ ڪجهه مهينا ڏهرڪي شهر ۾ ڪرياني جو دڪان کوليائون، جيڪو ڪن سببن ڪري صحيح هلي نه سگهيو.

جنهن ڪري ڪين اهو دڪان ڇڏڻو پيو. پاڻ ڪجهه وقت اينگرو پاڻ فيڪٽري ڏهرڪي ۽ ايف ايف سي ميرپور ماٿيلو ۾ مزدوري به ڪيائون. ١٩٧٨-٧٩ع ۾ ڪين ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن شڪارپور روڊ سکر ۾ پرائمري ٽيچرس ڪورس (پي.ٽي.سي) ۾ داخلا ملي. تنهن وقت ڪاليج جا پرنسپال علم دوست ملنسار طبيعت جا مالڪ مرحوم احمد بخش ميراڻي صاحب هئا. ١٩٧٨-٧٩ع ۾ پي ٽي سي پاس ڪيائون. ١٩٧٩ع جي وچ ڌاري جيئن ئي پي.ٽي.سي جو رزلٽ آيو ڪين ١٢ ڊسمبر ١٩٧٩ع تي پرائمري استاد طور مقرري جو آرڊر مليو.

سندن پهرين مقرري "گورنمينٽ پرائمري اسڪول حاجي ڪاڃون" ۾ ٿي. ١٩٨١ع ۾ ڊيپوٽيشن تي جي پي هاءِ اسڪول ڏهرڪي بدلي ٿي آيا جتي اٽڪل ٿي سال رهيا. پاڻ ان دور کي تعليمي طرح پنهنجي زندگيءَ جو بهترين دور سمجهن ٿا. تنهن وقت هاءِ اسڪول جا هيڊ ماستر جان محمد پتو صاحب هئا. پاڻ ١٩٨٦-٨٧ع ۾ گورنمينٽ ڪاليج آف ايجوڪيشن شڪارپور روڊ سکر مان بي.ايڊ جو امتحان پاس ڪيائون. استاد عبدالقدير ڪاڃون ڪجهه وقت ماسڪ اسڪول پروگرام ۾ ريسورس پرسن (اسڪول سپروائيزر) پڻ ٿي رهيا. ١٩٩١ع ۾ هاءِ اسڪول ٽيچر (ايچ. ايس ٽي) طور پروموٽ ٿيا. پاڻ اٽڪل چاليهه سال تعليمي خدمت سرانجام ڏيندي ٢٠١٨،١٢،٣١ تي رٽائرڊ ٿيا.. "ڪاڃون صاحب جون علمي ۽ ادبي خدمتون" عبدالقدير ڪاڃون صاحب کي شروع کان ئي علمي ۽ ادبي ماحول مليو، تنهنڪري سندن طبيعت علم ۽ ادب ڏانهن مائل ٿي ويئي. پاڻ اڃان نائين ڪلاس ۾ پڙهندا هئا ته ڪين ٥٠ شعر ياد هئا. سندن پهرين ڪهاڻي "ڏکن جو ڏاج" ١٩٨٠ع ۾ سکر مان نڪرندڙ روزاني اخبار "نواءِ انقلاب" ۾ ڇپي. سندن پهريون مضمون "هلال پاڪستان' ۾ ڇپيو. ان ڪانپوءِ سندن لکڻيون مختلف اخبارن توڙي رسالن ۾ مسلسل ڇپجڻ لڳيون جن ۾ "عبرت" "ڪاوش" "الوحيد" عبرت مئگزين" رسالن ۾ "سنڌو ڊائجيسٽ".. "وينجهار".. "شريعت".. "الفاروق".. "النصيحت".. "بيداري".. ۽ ٻيا رسالا توڙي اخبارون شامل آهن. سندن. ترتيب، تاليف، تصنيف ۽ ترجمو ڪيل ڇپيل ڪتاب هن ريت آهن.... "سچا ساٿي".. ٽيون ايڊيشن. مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور.. "جيئري پسڻ پرينءَ جو" مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور. 'قوميت هڪ تجزيو" ٻيون ايڊيشن سنڌ نيشنل اڪيڊمي حيدرآباد.. ننڍڙا ڪتابڙا ۽ پمفليٽ: "نماز جي اهميت"، "والدين جو مرتبو"، "ٽي قصا" وغيره شامل آهن.. سندن سورهن ڪهاڻين جو مجموعو "جنم قيدي" اڻ ڇپيل.. ان ڪانسواءِ ڪاڃون صاحب پنهنجي والد صاحب جي ياد ۾ ١٩٩٣ع ۾ قائم ڪيل علمي، ادبي ۽ اخلاقي خدمت جي اداري "الحافظ اڪيڊمي ڏهرڪي" جي پليٽ فارم تان هر سال

مختلف قسم جا ديني، علمي، ادبي، اخلاقي ۽ سماجي خدمت جا پروگرام ڪندا رهن ٿا. جنهن تحت پاڻ سوين ٻارن ۾ اسڪول يونيفارم ورهائي چڪا آهن. سوين مسڪينن ۾ ڪپڙا، سوڙيون ۽ راشن پڻ ورهائي چڪا آهن. سندن اهو سماجي ڀلائي جو ڪم ڪنهن نه ڪنهن نموني مسلسل هلندو رهي ٿو. ڪجهه سال اڳ آيل "ڪورونا وبا" دوران پاڻ مسڪينن ۾ اٽڪل ٽن لکن جو راشن ورهايائون. پاڻ ڪوشش ڪري مسڪينن جي گهرن ۾ مفت نلڪا هڻائي ڏيڻ جو پروگرام پڻ هلائن ٿا. هن وقت تائين ۸۴ نلڪا لڳرائي چڪا آهن. اهڙن سماجي ڀلائي جي ڪمن ۾ سندن اڳوڻا شاگرد تعاون ڪن ٿا. جيڪي هن وقت سٺن عهدن تي آهن يا سٺي ڪاروبار سان لڳا پيل آهن.

## استاد عبدالمجيد ڪاڇون

استاد عبدالمجيد ڪاڇون ۲۵ سيپٽمبر ۱۹۵۰ع تي ڳوٺ باهو ڪاڇون، تعلقو اوٻاوڙو، ضلعي سکر ۾ ڄائو. سندن والد، استاد حافظ محمد اسماعيل ڪاڇون رحہ، نامور استاد، عالم، شاعر، صحافي، حڪيم ۽ سياسي ورڪر هئا. تعليم ۽ روزگار استاد عبدالمجيد ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۽ ڍهرڪي مان حاصل ڪئي. ۱۹۶۸ع ۾ ڊي. سي. هاءِ اسڪول ڍهرڪي (هاٿوڪو جي. پي. ڪيمپس) مان ميٽرڪ پاس ڪيائون. روزگار جي شروعات ٽيليفون آپريٽر، ريلوي ورڪ مستري، ۽ ايڪسان پاڻ فيڪٽري ۾ مزدوري سان ڪيائون. پوءِ حبيب شگر مل نوابشاهه ۾ ڪلرڪ طور ڪم ڪيائون. استاد جي حيثيت سان خدمتون: ۱۹۷۳-۷۴ع ۾ P.T.C ٽريننگ حاصل ڪئي ۽ تعليم بالغان سينٽر اوٻاوڙو ۾ استاد رهيا. ۱۹۷٤ع ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول مارو والا ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيا. ۱۹۸۶-۸۷ع ۾ بي. ايڊ ڪئي. بعد ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول باهو ڪاڇون ۾ هيڊ ماستر ۽ ۱۹۹۱ع ۾ HST طور ترقي ماڻي. ڪنيڙا ۽ غلام حيدر لغاري هاءِ اسڪول ۾ خدمتون سر انجام ڏنيون، گورنمينٽ (پي) هاءِ اسڪول ڍهرڪي ۾ ڪلاس ٽيچر رهيا، جتان ۲۰۱۰ع ۾ ٽائيم اسڪيل ۱۸ ۾ رٽائر ٿيا. سماجي ۽ مذهبي خدمتون: پنهنجي ڳوٺ ۾ سوين شاگردن ۽ شاگرديائڻين کي قرآن مجيد پڙهايو. مسلمان شاگردن کي ديني تعليم ۽ غير مسلم شاگردن کي سندن ڌرمي تعليم ڏيڻ تي خاص ڌيان ڏنو. ۲۰۱۱ع ۾ حج جي سعادت حاصل ڪيائون. سندن علمي ۽ سماجي خدمتن سبب کين ڳوٺ ۾ "استاد وڏا" يا "سائين وڏا" جي نالي سان سڏيو ويندو هو.

## رهڙڪي شريف جي روحاني هستي فقير بخش علي ڪوڪو (سميجو)

ڍهرڪي لڳ رهڙڪي شريف جو علائقو ويهين صدي جي هڪ بزرگ روحاني هستي سان وابسته رهيو آهي، جنهن جو نالو حضرت فقير بخش علي ڪوڪو رحمت الله عليه هو. جيڪو سميجا برادري سان تعلق رکندڙ هڪ الله لوڪ، ڪشف القلوب بزرگ هو. سندس روحاني ڪشش ۽ درويشانه زندگي مقامي توڙي ڏور انهن علائقن جي ماڻهن کي متوجه ڪيو. حاجتمند حاجت کڻي ايندا هئا ته اڳواٽ خبر پئجي ويندي هيس. غلط حاجت کڻي آيل جو مقصد پڌڻ بنا کيس مار ڏيئي ڀڄائي ڇڏيندو سمورو ڏينهن قرآن پاڪ جو ورد زبان تي هوندو هوس.

فقير بخش علي ڪوڪو تاريخ ۲ آگسٽ ۲۰۰۲ع تي وصال ڪان پوءِ، سندس قائم ڪيل مسجد شريف ۽ آستانه عاليه جي خدمت جو ٻار سندس گهراڻي جي ٻن نيڪ نيت فرزندن، واپڊا جي رٽائرڊ آفيس سپرنٽنڊنٽ فقير مير حسن سميجو ۽ فقير عبدالمجيد ڪوڪو، پنهنجي سر تي کنيو. ٻنهي پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو مسجد ۾ قرآني تعليم جي فروغ ۽ آستانه جي ڪاروهنوار کي جاري رکڻ لاءِ وقف ڪيو.

فقير مير حسن کي هڪ بشارت جي روشنيءَ ۾ اتي لوڻ رکڻ جي هدايت ملي، جنهن جو روحاني اثر اڄ تائين قائم آهي. انهيءَ جاءِ تي رکيل لوڻ کي روحاني رمز سمجهي، ڪيترائي طالب حق، مرادون پوريون ڪرڻ لاءِ تربت مبارڪ تي حاضري ڏين ٿا، قل شريف پڙهندا آهن ۽ لوڻ حاصل ڪري پنهنجي دلين جي حاجتن سان واپس وڃن ٿا.

مير حسن سميجو ۽ عبدالمجيد جي وفات ڪان پوءِ هن مقدس جڳهه، مسجد، قرآني تعليم ۽ مزار شريف جي سار سنڀال جو ذمو سندن وفادار فرزند محمد عثمان عرف "جاني" سميجو سٺي نموني نڀائي رهيو آهي. هو نه رڳو هن روحاني ورثي جي خدمت ڪري رهيو آهي، پر ان کي اڳتي وڌائڻ لاءِ به پرعزم آهي.

## ملڪ شريف ڪالوني جا غوري ملڪ (سنڌي مهاجر)

سال ١٨٤٧ ۾ برطانيه کان آزادي ملي نتيجي ۾ پاڪستان ۽ هندستان ٻه ملڪ وجود ۾ آيا ،ان وقت انديا مان مسلمانن ۽ سنڌ کان هندن کي نسلي بنيادن تي زبردستي ڪڍيو ويو. سندن جا مال متاع ۽ ڪجهه سامان ۽ سونا زيور ٻه نه ڪٽڻ ڏنا( ڏهرڪي تاريخ جي نظر ۾) کي ضعيف العمر فقير محمد غوري هندستان کان پنهنجا اباڻا گهر ڇڏيندڙ تفصيل ٻڌائي ٿو. فقير محمد غوري جي والد جو نالو طوطا خان غوري، ڏاڏي جو نالو نانڪ شاهه پڙڏاڏو پير بخش. فقير محمد جي اولاد ۾ ٻه پٽ غلام ياسين (جيڪو حليم جي دوڪان هلائي ٿو) ٻيو پٽ محبوب علي فروٽ جي ريڑهي هلائندو آهي. فقير محمد ٻڌايو ته اسان جو غوري ڪٽنب رياست پٽيالا جي تحصيل سنام ۾ رهندا هئا سين آزادي جو اعلان ٿيڻ بعد جهيڙا شروع ٿيا هر طرف رستا بلاڪ هئا انتها پسند هندو مسلمانن کي زبردستي گهرن مان ڪڍي نيڪالي ڏيئي رهيا هئا. اسان ڳوٺ جي غوري برادري جا اٽڪل ٢٥٠ فرد جن ۾ پوڙها ٻار عورتون ۽ مرد شامل هئا هڪ پاتل وڳي ۾ گهرن کان جان بچائي نڪتا سين ١٥ ميل پنڌ ڪري اچي تحصيل ڪاٿل ضلع سنام ۾ پهتا سين جتان اسان کي لاهور پهچايو ويو. اسان سڀ غوري اتي مالدار هئا سون پنهنجون زمينون ۽ جانور هئا کير مکڻ لسي پنهنجو هوندو هو. ان وقت کير وڪرو نه ٿيندو هو. ان کان سواءِ گهر جو سامان سون ۽ چاندي زيور ٻه هوندا هئا، ڳوٺ وارن جا گهر ڪچين سرن جا، گاري سان ٺهيل هئا، جانور مال ۾ ڍاند ڳئون مينهون ۽ ٻڪريون گهٽ هيون سبزي ڪٽڪ چانور پنهنجا پوکيندا هئا سون. ڳوٺ جو وڏيرو خير دين غوري هو جنهن جو پٽ محمد شريف جنهن. نالي تي ڏهرڪي جي شريف ڪالوني آباد ڪئي آهي. ٻيو طوطي خان، والد هيرا خان هو جيڪو پنهنجي ڳوٺ جو هو. طوطو خان، پالي خان، محمد خان ٿيئي پائر هئا ۽ منشي خان ،موج دين غوري اهي سڀ ڳوٺ جا وڏا ۽ چڱا مڙس هئا ،انهن جا گهر پڪا هئا اهي اسان جا فيصلا ڪندا هئا، ڳوٺ ۾ مسجد ڪونه هئي اسان هڪ ٿلهو ٺاهيو هو اتي نماز پڙهندا هئاسين, اسان مسجد لاءِ درخواست ڏني هئي. اسان کي وڏو گوشت نه ملندو هو ڪڏهن ڪڏهن ڪو جهوتي جو گوشت ٿيندو هو ته سڀ ونڊي کائيندا هئا سين, قرباني جي وقت ته گوشت جام کائيندا هئا سين. جڏهن پنڌ ڪندي ڪندي لاهور لڳ پهتا سين اسان کي اتان اسان کي سناولي ڪيمپ ۾ رکيو ويو اسان کي سرڪار کان هڪ مهيني تائين ڪجهه راشن مليو باقي اسان مزدوري ڪري ڪمائي کائيندا هئا سين. ڇهه مهينا سناولي ۾ رهيا سين اسانجي هندستان جي گهرن ۽ زمينن جا ڪليم اتي مليا اهي ڪٺي اسان کي سنڌ موڪليو ويو ۽ ٽنڊي آدم ٽرسايو ويو اسان کي ڪليم جي زمين پريا روڊ ۽ قل شهر ۾ ملي پر اتي سم ڪلر گهڻو هو اهي زمينون اٺ سو رپيا ايڪڙ وڪرو ڪري تيرنهن سال اتي گذاري اسان ڏهرڪي آيا سون, هتي اسان کي ٤٥ سال ٿي ويا ۽ اسين هن وقت سنڌي مهاجر آهيون اسان جون ٻه پيڙهيون هتي جوان ٿيون آهن. ۽ اسين سڀ سنڌي ڳالهائيندا آهيون

ڏهرڪي ملڪ شريف ڪالوني جا سنڌي مهاجر: ملڪ شريف ڪالونيءَ ۾ مهاجرن جا ٽي پاڙا آهن:

١. ڊولا خان جو پاڙو ٢. مهتاب جو پاڙو ٣. گندي خان جو پاڙو

١. ڊولا خان جي پاڙي جو وڏو خير دين هو، جنهن جو پٽ محمد شريف هو. محمد شريف ڏهرڪي ۾ پاڻ کي ملڪ سڏائڻ شروع ڪيائين، ڏهرڪي ۾ ان جي ڪالوني ملڪ شريف جي نالي سان منسوب آهي. ملڪ محمد شريف جا ڇهه پٽ آهن: ١.شفيع محمد عرف شيخ محمد ملڪ ٢. محمد سلطان ملڪ ٣. محمد اقبال ملڪ ٤. علي حسن ملڪ ٥. گل حسن ملڪ ٦. محمد حسن ملڪ آهن.

محمد عثمان ملڪ ننڍي عمر ۾ فوت ٿي ويو. ٢. محمد سلطان ملڪ کي جوس جو دوڪان هو, بيماري سبب معذوري اچي ويس دوڪان بند ڪيائين ڪيس ٽي پٽ آهن: ١. نديم ساحل آڙتي, ٢. مير حسن جتين جو هول سيل ڪاروبار اٿس ٣. تنوير احمد ليبارٽري ۾ ڪم ڪندو آهي. محمد اقبال ملڪ: کي ٻه پٽ آهن. ١. ڊاڪٽر جاويد اقبال ملڪ ٢. انجنيئر ناويد اقبال ملڪ.

علي حسن ملڪ سينما روڊ تي ڪرياڻه جو دوڪان اٿس ڪيس چار پٽ آهن. ١. فرهاد حسين ملڪ کين مينهن جو واڙو ٢. دائود حسين ملڪ کي نلڪن جي دوڪان, ٣. بلال علي ٤. احسان علي ملڪ مينهن جي واڙي تي هوندا آهن.

**گل حسن ملڪ** کي پرچون جو دوڪان آهي ڪيس ٻه پٽ آهن ١. گلزار حسن ملڪ پرچون جو دوڪان ٢. امان الله ملڪ استدي ڪري رهيو آهي. محمد حسن ملڪ کي آئس فيڪٽري آهي، پٽ نور حسن ملڪ کي آئل مل آهي

**پورو خان غوري** جا ٻه پٽ هئا حاجي ڪريم دين غوري ۽ محمد يوسف غوري، حاجي ڪريم دين غوري جا ڇه پٽ آهن ياسين خان غوري، يامين خان غوري، عبدالرشيد غوري، عبدالحڪيم غوري، بشير احمد ۽ فاروق احمد غوري.

**مهتاب پاڙو:** مهتاب خان غوري کي ٽي پٽ هئا, ١. نانڪ شاه غوري ٢. مصري خان غوري ٣. جهندو خان غوري.

**نانڪ شاه** جا ٻه پٽ آهن ١. نوابزاده منشي خان غوري ٢.موج دين غوري. ٢. مصري خان کي ٻه پٽ ١. چيلو خان غوري ٢. مولا بخش خان غوري ٣. جهندو خان غوري کي چار پٽ آهن ١. **پالي خان غوري** ٢. راجو خان غوري ٣. منگلا خان غوري ۴. سناڪ خان غوري

**نواب زاده منشي خان غوري** جو پٽ روشن خان غوري آهي ان جو وڏو پٽ **انور خان غوري** ١٩٧٣ع ۾ پيدا ٿيو تعليم انٽر پاس ڪري آڙت جو ڪم ڪيائين, ان ڪان بعد هيو ڪاروبار ٽف ٽائل جي فيڪٽري پارٽنر شپ تي لڳائي اٿس, هن وقت فيڪٽري سنڀاري رهيو آهي. ڪيس چار پٽ آهن. ١. انجنيئر شهباز غوري ٢. اويس غوري ٣. مهتاب غوري ۴. بلال خان غوري.

**اسلم خان غوري** اسلم اينڊ ڪمپني جو مالڪ آهي. ڪيس چار پٽ ١. عباس غوري ٢. وقاص غوري ٣. احمد غوري ۴. وقار غوري آهن. ٠٣ **سرور خان غوري** کي نسوار جي ايجنسي آهي. ٻه پٽ ١. جهانزيب خان غوري ٢. شاهزيب خان غوري انهن کي ڪپڙي جو دوڪان آهي. ٠۴ **غلام نبي غوري** پاڪ اينگرو ڪمپني ۾ ملازم آهي ڪيس ٽي پٽ آهن جن ۾ ١. محمد حسن غوري ٢. محمد حسين غوري ٣. حسنين غوري آهن.

**موج دين غوري** جا چار پٽ ١. عبداللطيف غوري ٢. شبير احمد غوري ٣. رفيق احمد غوري آهن. ۴. نذير احمد شاه غوري جنهن کي اولاد ڪونه هئي.

**رفيق احمد خان غوري** جا ٽي پٽ آهن ١. **مير محمد خان غوري" علي ليبارٽري** ڏهرڪي ۽ گهوٽڪي جو مالڪ آهي "سوشل ورڪر سان گڏ سياست به ڪري رهيو آهي ايم ڪيو ايم جي طرفان صوبائي اسيمبلي سنڌ تي چونڊن ۾ حصو ورتو هو, ٢٠٢٢ع ۾ وارڊ نمبر يارنهن تان ٽائون ڪاميٽي ڏهرڪي جو ڪائونسلر چونڊيو ويو آهي. ٢. شفيع محمد غوري تعلقہ اسپتال ڏهرڪي ۾ ليبارٽري ٽيڪنيشن آهي ٣. ساجد علي غوري اپاوڙو آئس فيڪٽري ۽ آئل ملز جو مالڪ آهي.

**عبداللطيف خان غوري** جا ٦ پٽ آهن ١. نور محمد غوري ٢. خوشي محمد غوري ٣. خير محمد غوري ۴. محمد حسن غوري ۵. غلام محمد غوري ٦. نور حسن غوري سيپئي سبزي فروش آهن. **شبير احمد غوري** کي چار پٽ آهن ١. محمد سليم غوري پهريان سبزي وڪرو ڪندو هو هاڻي پراپرٽي ڊيلر آهي ٢. منير احمد غوري سبزي فروش ٣. عرفان غوري بروڪر آهي ۴. ارسلان غوري سعودي عرب ۾ ڪمائيندو آهي. **گندي خان جو پاڙو:** گندي خان جا ٽي پٽ آهن ١. نيڪ محمد غوري ٢. محمد سليمان غوري ٣. م.حمد رمضان غوري آهن. نيڪ محمد جا ٽي پٽ آهن ١. عبدالحميد غوري انجو ڪرياني جو دوڪان آهي, ٢. اختر حسين غوري کي ڪرياني شاپ آهي. ٣. هڪ ننڍو اصغر غوري آهي. سليمان غوري جا ٻه پٽ آهن ١. جلال دين غوري نلڪن جو ڪم ڪندو آهي, جلال دين جا پٽ ١. اڪرم غوري ٢. صدام غوري ٣ الطاف غوري نلڪن ۽ پلمبنگ جو ڪم ڪندا آهن.....٢. ضياءُ الدين غوري جا ٽي پٽ آهن ١. امجد غوري ٢. ساجد غوري ٣. ماجد غُوري

## درگاه سيد زين العابدين شاه بخاري ڳوٺ ٽاهريو ٽانوري ڏهرڪي

**سيد زين العابدين شاه بخاري** جن جو والد سيد غلام ياسين شاه بخاري تقريبن ڏيڍ سو سال اڳ وسطي عنايت شــاه جهانپور کان لڏي ٽاهريو ٽانوري تعلق ڏهرڪي ۾ پنهنجي مريدن جي عقيدت ۽ محبت جي ڪري اچي رهيا ۽ پوءِ هميشــ جي لاءِ هتان جا ئي ٿي ويا. سيد غلام ياسين شاه کي هڪ نياڻي ۽ ٻن پٽن جو اولاد ٿيو جن ۾ وڏو سيد زين العابدين شاه ۽ ٻيو فيض الله شاه جيڪو غير شــادي شد رهيو ۽ جواني ۾ فوت ٿي ويو. پيءُ جي وفات بعد سيد زين العابدين شاه گادي ۽ تي وينو ۽ اڳتي هلي هي گادي سندس نالي سان سڃاڻجڻ لڳي. سيد زين العابدين شاه ٻه

شاديون ڪيون جن مان ڪيس تي پٽ ٿيا جن ۾ وڏو سيد غلام ياسين شاه, سيد فيض الله شاه, سيد عبدالستار شاه پيدا ٿيا ۽ ٽن نياڻين جو اولاد ٿيو. ١٩٦٠ ۾ سيد زين العابدين شاه جي وفات بعد سندس وڏو پٽ سيد غلام ياسين شاه گادي تي وينو. سيد غلام ياسين شاه پيدائش ١٩٣٠, وفات ١٩٨٨ سيد غلام ياسين شاه جن کي ٻن نياڻين ۽ هڪ پٽ سيد شبير

احمد شاه ١٩٧٦ ۾ پيدا ٿيو جيڪو هن وقت والد صاحب جي وفات بعد گادي نشـــــين آهي. هي بخاري خاندان مشـــــهور روايتن موجب اصل اچ کان سنڌ جي گهوٽڪي ضلع جي ننيڙي ڳوٺ وسطي عنايت شاه ۾ اچي رهيو جتان بعد ۾ ڏهرڪي ويجهو ڳوٺ ٽاهريو ٽانوري ۾ اچي آباد ٿيو.

هن وقت جو **گادي نشين سيد شبير احمد شاه** بخاري صاحب سهڻي شخصيت, محبتي, ملنسار, مانيٺي طبيعت جو مالڪ آهي. ننڍي وڏي، عام خاص ماڻهوءَ کي هڪ جيتري عزت ۽ مان ڏيندڙ, ڪلي ڪيڪاريندڙ ۽ ڏک سک ۾ ڀرجهلو ٿي بيهندڙ آهي. پاڻ پڙهيل ڳڙهيل علم ۽ ڄاڻ وارو, طمع, لالچ ۽ لوڀ کان پري رهندڙ هڪ مرشد آهي. هن درگاهه ۽ سيد گهراڻي سان تعلق رکندڙ ريٽائرڊ پروفيسر, وڪيل سيد منير احمد شاه, سيد محمد امين شاه ۽ مرحوم سيد غلام حسين شاه ٻه ڏهرڪي ۽ جون مشهور شخصيتون آهن.

## چانڊڻ شريف جي تاريخي روحاني دربار

چانڊڻ شريف هڪ تاريخي روحاني دربار: روضي ڌڻي حضرت پير سائين پاڳارا محمد راشد شاه جو سفر هو اباوڙو کان ماڇڪو اچن پيا سيد حســن شاه جيلاني رحمت الله عليه ٻه حضــرت پير سائين پاڳارا سان گڏ هئا, ان وقت "ان رستي سان حالتون خراب هونديون هيون بدامني سبب ماڻهو ڪنهن کي ايندو ڏسـي وٺن تي چڙهي ويندا هئا، ان زماني ۾ هڪ بدنام ڌاڙيل مدد خان پناڻ هوندو هو جيڪو ڦر ڪرڻ ڌاڙا هڻڻ لاءِ پنهنجي گهوڙن جي قافلي تي نڪرندو هو جيڪو ڳوٺن تي حملا ڪري ڦرلٽ ڪندو هو ماڻهو سندس دهشت ۽ خوف کان گهر ڇڏي ڀڄي ويندا هئا يا گهوڙن کي ايندو ڏسي وٺن تي چڙهي ويندا هئا, پيدل پاڻ مينهون چاري رهيو هو, قافلو اڳتي وڌندو رهيو" پاڻ پري کان ڏٺائون هڪ شخص بيٺو آهي جيڪو مينهون چاري رهيو آهي جنهن جي ڪلهي تي ڪهاڙي آهي ان وقت پيدل فقير خوف کان قافلي کي ايندو ڏسـي ڪهاڙي اپي ڪئي جماعت سڳوري سـمجهيو شايد ڪهاڙي وارو حملو ڪندو, جنهن تي سوئي شريف واري حضرت حسن شاه جيلاني رحمت الله عليه جن روضي ڌڻي رحمت الله عليه جن کي آگاه ڪيو, جنهن تي پاڻ حڪم ڏنائون اڳتي هلو... ڪهاڙي واري گهوڙن جو قافلو صـفا ويجهو ڏسـي "گهوڙا ڙي گهوڙا ڙي" رڙيون ڪيون, ايتري ۾ قافلو ٻه پهچي ويو ڪهاڙي واري جي نظر پير ســائين رحمت الله عليه جن تي پيئي ته هڪدم بي ســاخت ســائينجن جي پيرن تي ڪري پيا ۽ بيهوش ٿي ويا, پاڻ روضي ڌڻي رحمت الله عليه جن سيد حســــــن شاه جيلاني رحمت الله عليه کي چيو "شڪار منهنجو آهي ذبح تون ڪر" ڪهاڙي وارو هوش ۾ آيو اهو "پيدل فقير لغاري چانڊڻ شريف وارو هو" جيڪو پيرن کي چنبڙي معافي طلب ڪندو رهيو ۽ پوءِ سوئي شريف واري سائين سيد حسن شاه جيلاني رحمت الله عليه جن جو مريد ٿيو اهو سلسلو اتان شروع ٿيو آهي هن وقت عبيد الله فقير لغاري ان جو ٽيون سلسلو هلندڙ آهي, چانڊڻ شريف ۾ هڪ عاليشان تاريخي مسجد, هڪ وڏو قبرستان, پرائمري ۽ مڊل اسڪول آهي

## حضرت مولانا بهاءُالدين بهائي پتافي رحمت الله عليه (المعروف ڏاڏا سائين لالڙي، ثاني سعدي)

**مولانا بهاءُالدين بهائي پتافي رحمت الله عليه** سنڌ جي انهن عظيم هستين مان هئا، جن جو نالو علم، تقويٰ، روحانيت ۽ خدمتِ دين جي ڪري تاريخ ۾ سنهري اکرن سان لکيل آهي. پاڻ ۱۸۲۳ع (۱۲۳۹ هجري) ۾ نصير ڪوٽي، شهر گهوٽڪي ۾ مولانا جلال الدين جي گهر پيدا ٿيا. ننڍپڻ کان ئي ذهين، عابد ۽ علم دوست هئا. قرآن پاڪ جي تعليم پنهنجي والده وٽان حاصل ڪئي. درس نظامي، عربي، فارسي، سنڌي، اردو ۽ سرائيڪي جي تعليم مولانا سيد علي اڪبر شاهه جيلاني ۽ مولانا حسين بخش وٽان حاصل ڪئي. مولانا صاحب کي روحاني علم حضرت خضر عليه السلام کان عنايت ٿيو. هڪ عجيب روحاني واقعي دوران حضرت خضر عليه السلام کين اهڙو علم عطا ڪيو، جيڪو قيامت تائين سندن خاندان ۾ جاري رهندو. پاڻ صاحبِ ڪرامت ولي، قادر الڪلام شاعر، مفسر، محدث، فقيه ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جا ليکڪ هئا. سندن مشهور فارسي ڪتاب ڪريما بهائي ايران جي درس نظامي ۾ اڄ به پڙهايو وڃي ٿو. مرزا قليچ بيگ پاڻ زمين عطا ڪئي، جڏهن ته پير صاحب پاڳاري سيد حزب الله شاهه عرف مسڪين سائين کين هاٿي انعام طور ڏنو. رياست بهاولپور پاران الراشديه پريس نالي طباعت لاءِ پريس عطا ڪئي وئي، جتان سندن ڪيترائي ڪتاب ڇپيا. مولانا بهائي جا همعصر وڏا اولياءَ هئا، جن ۾ پير پاڳارو سيد حزب الله شاهه، حضرت حافظ محمد صديق ڀرچونڊي وارو، خواجه غلام فريد ڪوٽ مٺڻ وارو، مرزا قليچ بيگ، مولانا ابراهيم سرهندي، ۽ سردار گل زيب مگسي شامل آهن. پاڻ خواجه غلام فريد سان بيعت حاصل ڪئي. مولانا صاحب ۱۱۴ سالن جي عمر ۾ ۲۳ شوال ۱۳۵۲ هجري (۱۰ مئي ۱۹۳۳ع) تي خميس ڏينهن وصال فرمايو. سندن مزار مبارڪ ”درگاهه عاليه مولوي جو ڳوٺ“ داد لغاري ويجهو تعلقي ڏهرڪي ۾ واقع آهي، جتي روزانو سوين عقيدتمند حاضري ڀرين ٿا. سومر جي رات مزار تي حاضري سان جن، آسيب، ۽ جادو جي اثر کان شفا ملڻ جي ڪرامت مشهور آهي. اڄ به سندن پوٽا صاحبزاده مولانا ميان حزب الله پتافي (مٺل سائين) درگاهه جا سجاده نشين آهن، جتي جامعه بهائيه ضيائيه حزب الاسلام جي نالي سان ديني ۽ دنياوي تعليم مفت ۾ ڏني وڃي ٿي.

## ڳوٺ ڪوٽلو مرزا تاريخ جي پسمنظر ۾

تحرير: سڪندر علي پٽو

ڪوٽلو مرزا جي تاريخ جي باري ۾ بزرگ ٻڌائين ٿا ته هي تمام اوائلي ڳوٺ هو جيڪي دريائي وهڪري سبب ان وقت مرزا نالي شخص هن وسندي کي آباد ڪيو هو، ڪوٽلو مرزا وٽان هڪ بادشاهي سڙڪ گزرندي هئي جيڪا خط و ڪتابت گابر کان ٿيندي جيسلمير هندستان ۽ ملتان تائين پهچائيندي هئي اها ساڳي سڙڪ ماتيلو ڀرچونڊي شريف جي بادشاهه سڙڪ سان ملي ٿي. ڪوٽلو مرزا جو محمد خان شميرو پٽو ۽ ان جي زال وٽ وڏي مقدار ۾ ملڪيت ۽ سون هوندو ۽ سندن جا گندڙا سون سان ڀريل هوندا هئا ۽ انهن جي زمين فتح پور تائين هوندي هئي ان سان گڏ مالوند هئا، کين ايتريون ڳئون مينهون هونديون هيون جو ڏهي نه سگهندا هئا ڳوٺ مان آثرن کوٽائي دوران نوادرات ۽ سرن جون منڪيو مليون آهن ڪوٽلي جي موجوده اوطاق ۽ مسجد اوائلي آهن ۽ ٻيهر تعمير ٿيون آهن ان جي هڪ پراڻي ڏيڍ فوٽ جي سر ڳوٺ جي چڱي مڙس وٽ سانديل آهي، قبرستان ڳوٺ جو تمام وڏو ۽ اوائلي قبرستان آهي جنهن ۾ ڪوٽلو مزرا ، باگو پٽو ، اجيڪا الله آباد نتو پٽو، غلام حيدر پٽو ۽ محبت شيخ جا ماٺهو پنهنجي آباءَ اجداد جي تدفين ڪندا آهن، هتي وڏي تعداد ۾ هندو به رهندا هئا، مکي منو مل، ڪوٽلو مرزا مان لڏي آيو ان کانسواءِ پتا ، سومرا ڪوري به رهندا هئا، اينگرو ۾ ڪافي زمين محمد خان پٽو، خير محمد پٽو، مائي ڪريمڏني جي آهي. ڳوٺ جا معززين: وڏيرو مير محمد پٽو ان جو پٽ الله بخش پٽو، شاهه بخش پٽو جيڪو سنڌ حڪومت جو سيڪريٽري رهي چڪو آهي، وڏيري مير محمد جا سردار علي گوهر خان اول، سردار دادن خان وارن سان گهاٽا تعلقات هئا، محمد مومن پٽو اول جو پٽ حاجي فقير محمد پٽو جيڪي ٽي پائر هئا جو پٽ محمد مومن پٽو، استاد فضل محمد، محمد علي، عبدالقادر، حاجي نورالاهي پٽو فضل الاهي پٽو آهن، مرحوم محمد مومن جو پٽ امداد پٽو ٽيليفون ڊپارٽمينٽ، صحافي سڪندر علي پٽو جو پڙڏاڏو الهوسايو پٽو، ڏاڏو محمد بخش پٽو، والد الهوسايو پٽو کي پنج پٽ اڪبر علي پٽو ، سڪندر علي پٽو، ذوالفقار علي پٽو ، ذيشان علي پٽو ، اظهر پٽو ، رضوان پٽو، سڪندر پٽو وارن جو پيءُ آبپاشي کاتي ۾ آفيسر هو آهن. هتي ڪوٽلو مرزا جي ان عظيم شخصيت شبير بيدار پٽو جنهن جو پيءُ دوست محمد پٽو انگريز دور ۾ پوليس کاتي ۾ آفيسر هو جڏهن شبير بيدار پٽو جو چاچو نور محمد پٽو انگريز دور ۾ ايگري ڪلچر ريسرچ کاتي سڪرنڊ ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جو سيڪريٽري هو جيڪو ۳۲ ورهين ۾ فوت ٿي ويو ، جڏهن ته سندس چاچو شير محمد خان پٽو آبپاشي کاتي ۾ آفيسر هو ، ڪوٽلو مرزا جي پسگردائي ۾ سب کان وڏيڪ زمينون شير محمد خان پٽو جو هيون ، ڪوٽلو مرزا مان بادشاهي سڙڪ کان علاوه زمينن کي پاڻي لاءِ ڪڙيو مرزا به هو .

# شر قبيلي جو تاريخي پسمنظر

(علي حسن "خاڪي" سومرو)

شر بلوچ قبيلو تاريخي ڪتابن مطابق، شر قبيلو ٻين بلوچ قبيلن سان گڏ آهي. هي قبيلو شروعات ۾ حلب (شام)، سمرقند، بخارا ۽ ايران کان ٿيندو بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ آباد ٿيو. بعد ۾ "شوري" سندن مرڪز بڻيو. ان وقت گھڻن قبيلن جو گذر سفر مال پالڻ ۽ واپار تي هو. تاريخي حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته بلوچ قبيلن ڪيترائي جنگيون وڙهيون. ڪن جنگين يا ٻين سببن جي ڪري شر برادري جو هڪ اڳواڻ قاسم خان شر، شوري مان هجرت ڪري خيرپور ميرس پهتو، جتي هو پنهنجي مال متاع ۽ روزگار سبب آباد ٿي ويو.

**ڏهرڪي تعلقي جا شر:** قاسم خان شر تقريبا سترهين صدي ۾ مغلن جي دور جو پڙپوٽي، الهيار خان شر جنهن کي جنگي جو لقب مليل هو، نهايت بهادر ۽ طاقتور شخصيت جو مالڪ هو. انهن جي بهادري جي ڪري مير حڪمرانن کيس پنهنجي فوج جو سپہ سالار مقرر ڪيو. ان وقت رياست لاءِ هڪ مشهور (رحيم نالي ڦورو) وڏي پريشاڻي جو سبب بڻيل هو، جنهن جي سر جي قيمت مقرر ڪئي وئي هئي. الهيار خان شر کي اها اضافي ذميواري ڏني وئي ته هو انهيءَ ڦورو کي ختم ڪري، هڪ ڏينهن الهيار خان شر انهيءَ ڦورو جو سر قلم ڪري مير حڪمرانن جي سامهون پيش ڪيو. ان ڪاميابي تي مير حڪمران تمام گهڻا خوش ٿيا ۽ انعام طور "ريتي" جي جاگير عطا ڪئي. جاگير ملڻ کان پوءِ الهيار خان شر "ريتي" ۾ منتقل ٿي ويو، سندن خاندان ۽ شر قبيلي جا ڪيترائي ماڻهو آباد ٿيا، ۽ هيءُ قبيلو گذريل سوين سالن کان اتي موجود آهي.

**شر قبيلي جي جنگي تاريخ:** جڏهن الهيار خان شر جتوئي سردارن جي مخالفن کي شڪست ڏئي انهن خلاف ثبوت پيش ڪيا، ته جتوئي سردار ڏاڍا خوش ٿيا. ان خوشيءَ ۾ هنن شر قبيلي جي سرداري جو منصب الهيار خان شر جنگي کي انعام طور ڏئي ڇڏيو.

**دستي بلوچ:** سان جنگ هڪ وقت اهڙو آيو، جڏهن ٻگهي نالي هڪ دستي بلوچ پنهنجي برادري جي هڪ ماڻهو کي قتل ڪري ڀڄي شر قبيلي ۾ سام تي پناهه ورتي. جڏهن دستي برادري کي خبر پئي ته ٻگهو، سردار الهيار خان شر جي پناهه ۾ آهي، دستين ان جي واپسيءَ جو مطالبو ڪيو. شر سردار ڪين انڪار ڪندي چيو ته جيڪو به شر قبيلي ۾ پناهه وٺندو، ان کي واپس نه ڪيو ويندو. هن جنگ ۾ شر قبيلي جا جنگجو، لنڊ بلوچ ۽ ڪوسہ بلوچ جا ڪجهه دستا به شامل هئا. هي جنگ احمد پور لمہ جي هنڌ وڙهي وئي.

**حوالو:** جنگ نامہ ڪتاب مشهور تاريخدان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مان ڪجهه ٽڪرو پيش ڪجي ٿو

شر قبيلي جو جهنڊو جنگ دوران توپ جي سامهون دين محمد شر ڪٽي بيٺو، ان وقت به الهيار خان شر بهادري سان جنگ جاري رکي. هي جنگ شر قبيلي جي بهادري جو هڪ تاريخي واقعو بڻجي وئي، سردار الهيار خان بن فريد خان بن دلاور خان بن قاسم خان، جن جي نالي تي شر قبيلي جي سرداري پاڙو "قاسماڻي" مشهور آهي. سرداري پاڙي جون ست شاخون محمداڻي، دين محمداڻي، فريداڻي، عطراڻي، الهداداڻي، موزاڻي، صوبداراڻي شر قبيلي جي سرداري پاڙن بابت ڄاڻ مطابق: فريداڻي، فريد خان جي نسل مان، موزاڻي، موز خان جي نسل مان، محمداڻي محمد خان جي نسل مان، صوبداراڻي، صوبدار خان جي نسل مان، الهداداڻي، الهداد خان جي نسل مان، دين محمداڻي، دين محمد خان جي نسل مان، عطراڻي، عطر خان جي نسل مان آهن.

**ٻيون سردار محمد خان شر** بن سردار الهيار خان جنگي جو پٽ هو جيڪو پنهنجي والد صاحب جي سلسلي کي جاري رکيون آيو. **ٽيون سردار الهيار خان شر** بن سردار محمد خان شر. **چوٿون سردار، سردار محمد خان سهڻو،** جڏهن ٽيون سردار الهيار خان شر فوت ٿيو ته سردار محمد خان سهڻو ننڍو هيو ته ڪجهه وقت راڄ پاڳ سندس چاچي عطر خان شر هلايو. **پنجون سردار الهيار خان شر** پاڻ متقي نيڪ ۽ پرهيزگار هو پرائي حق تلفي نه ڪندو هو **ڇهون سردار محمد خان شر** اوطاقي ۽ سخي مرد هو، ماڻهن کي بنا وياج اوڌر ڏيندو هو ۽ انهن جون ضرورتون پوريون ڪندو هو، حساب ڪتاب وقت مقروض هارين کي قرض لاهڻ لاءِ اناج ڏيئي ڇڏيندو هو.









**ستون سردار آغا احمد يار خان شر** تاريخ ٢٢ ڊسمبر ١٩٤٦ تي "سردار محمد خان شر" (ڀيروٽا) ۾ پيدا ٿيو سال ١٩٧٩ع ضلعي ڪائونسل سکر جو ميمبر بڻيو. ١٩٨٣ع ۾ ڀيو پيرو ضلع ڪائونسل جو ميمبر ٿيو، سردار احمد يار خان شر پهريون ڀيرو ١٩٨٥ع ۾ غير جماعتي بنياد واري اليڪشن ۾ حصو ورتو ۽ ايم پي اي چونڊيو ويو.

شر قبيلي جا سردار جن سياست ۾ حصو ورتو انهن ۾ سردار الهيار خان شر، سردار محمد خان شر، سردار احمد يار خان شر، سردار مير شهريار خان شر، سردار صاحب خان شر، سردار خدايار خان شر، سردار مولابخش خان شر جونئر، شاهنواز خان شر، سردار حسن علي عرف ڪاڪو خان شر.

## ڏهرڪي جون ٻه ممتاز سياسي ۽ سماجي شخصيتون:

### مير حسن علي عرف ڪاڪو خان شر ۽ سردار شاهنواز خان شر

**ڪاڪو خان شر:** عوامي خدمت جو روشن مثال. ڪاڪو خان شر، ڏهرڪي جي سياسي ميدان ۾ هڪ نمايان نالو آهي، جنهن ١٩٨٧ع ۾ ٽائون ڪاميٽي ڏهرڪي جو ڪائونسلر چونڊجي عوامي خدمت جو سفر شروع ڪيو. بعد ۾، ٢٠٠١ع ۽ ٢٠٠٥ع ۾، ڪيس يونين ڪائونسل سائينڊنو ملڪ جو ناظم چونڊيو ويو، جتي هن پنهنجي قيادت ۾ مقامي ترقياتي منصوبن کي اڳتي وڌايو. ڪاڪو خان شر کي نسلي ڪڪڙن پالڻ جو شوق هو، ۽ هو باقاعدي طور تي ڪڪڙن جي ميلن جو اهتمام ڪندو هو، جيڪي مقامي ثقافت جو اهم حصو بڻجي ويا هئا. سندس هي شوق نه رڳو تفريح جو ذريعو هو، پر مقامي ماڻهن جي گڏجاڻين ۽ ميل جول جو سبب به بڻيو.

**سردار شاهنواز خان شر:** سياسي قيادت ۽ ثقافتي ورثي جو امين هو سردار شاهنواز خان شر، ڏهرڪي جي هڪ ٻي ممتاز شخصيت، سنڌي گهوڙن جي پالنا ۽ ريس ۾ حصو وٺڻ لاءِ مشهور هو. سندس گهوڙا مختلف ريسن ۾ حصو وٺندا هئا، جيڪي مقامي ۽ علائقائي سطح تي مقبوليت حاصل ڪندا هئا. سردار شاهنواز خان شر، ٽائون ڪاميٽي ڏهرڪي جو وائيس چيئرمين چونڊيو ويو، ۽ هڪ سال کان وڌيڪ عرصي تائين چيئرمين جي حيثيت سان به خدمتون سرانجام ڏنيون. ان دوران، هو مقامي راڄ پاڳ جي ماڻهن لاءِ هڪ معتبر فيصلو ڪندڙ بڻجي ويو. ڪنيڙا، چاچڙ، ميراڻي، راڄڙي، ۽ ڊکڻ سميت مختلف برادرين جا ماڻهو پنهنجي مسئلن جي حل لاءِ سندس بنگلي تي روزانو ايندا هئا. سياسي واسطو لنڊ گروپ سان رهيو ۽ سردار حسن علي خان لنڊ سان گهري دوستي هئي ۽ غلام مصطفي` خان جتوئي سان به دوستي هئي جنهن ڪري سنڌس پارٽي اين پي پي ۾ شامل رهيو.

**شر قبيلي جون مشهور شاخون:** قاسماڻي صاحباڻي، شڪلاڻي، جيئراڻي، پلڪاڻي، سندراڻي، خودا، ٻجراڻي، مناڻي، گابراڻي، سهراڻي، مراداڻي، حيدراڻي، بنگلاڻي، مزاراڻي، نهالاڻي، جمعاڻي، ڊنڊائي، ماڇي، تاجاڻي، لوڊڻي، نوٽا اٿلاڻي، عيدڙا، عارباڻي حيسباڻي.

**سردار مير شهريار خان شر** ١٩٨٣ع ۾ سردار محمد خان شر جي گهر جنم ورتو جنهن پنهنجي وڏي ڀاءُ سردار آغا احمد يار خان شر جي وفات بعد سياست ۾ باقاعده ٢٠١٣ع جي عام اليڪشن ۾ صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبر لاءِ اوباوڙو واري حلقي تان حصو ورتو جيڪو پي پي اميدوار جام مهتاب حسين خان ڏهر هٿان وڏي مقابلي بعد ڪٽي نه سگهيو ۽ ٻيو ڀيرو ٢٠١٨ع جي عام اليڪشن ۾ پي ٽي آئي جي ٽڪيٽ تي پي پي اميدوار جام مهتاب حسين خان ڏهر کان کٽي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ايم پي اي سنڌ ٿيو ۽ زندگي جي ٽئين اليڪشن ٢٠٢٤ع ۾ پي پي جي ٽڪيٽ تي آزاد اميدوار جام مهتاب حسين خان ڏهر هٿان هارائي ويو.

**شر مشهور شخصيتون: اِي ڊي بلوچ** سال ١٩٨٤ع ۾ سکرنڊ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر طور پنهنجي انتظامي سفر جي شروعات ڪئي. سال ١٩٩٦ع ۾ نوشهرو فيروز جو ڊپٽي ڪمشنر (DC) مقرر ٿيو. DCO سانگهڙ (٢٠٠٣ع–٢٠٠٧ع).- DCO خيرپور (٢٠٠٨ع).- DCO قمبر-شهدادڪوٽ (٢٠٠٩ع–٢٠١٠ع). سيڪريٽري فوڊ ڊپارٽمينٽ سنڌ (٢٠١١ع).- سيڪريٽري مائنز اينڊ منرلز سنڌ (٢٠١٢ع). ۽ سال ٢٠١٢ع ۾ اعليٰ اداري مان عزت ۽ احترام سان رٽائر ٿيو.

## ميرن جو ڪوٽ ڳوٺ نئون ڪوٽ

ڳوٺ نئون ڪوٽ رواداري ۽ سهپ جو اعليٰ مثال ڏيندڙ ڳوٺ آهي، هيءُ ڳوٺ ٻيهر آباد ٿيل آهي. هتان درياهه جو لنگهه هوندو هو. هتي ٻهريائين مير رهندا هئا. متي جا وڏا وڏا ڪوٽ اولهائين طرف هوندا هئا، جن جا نشان لڳ ڀڳ ٢٠١٥ تائين موجود هئا. ميرن جي دور کان وٺي

ڳوٺ جي عيدگاهه آهي، جتي ڳوٺ سميت پرپاسي جا ڪيترائي ڳوٺ عيد نماز پڙهڻ لاءِ ايندا آهن. هتي هڪ قديمي قبرستان به آهي، جتي ڳوٺ سميت پرپاسي جا علائقي واسي پنهنجن پيارن کي دفنائڻ ايندا آهن. وڏڙن کان ٻڌندا هئاسين ته هن قديمي قبرستان ۾ اُهي شهيد به دفن ٿيل آهن، جن ميرن ۽ ٽالپرن جي وچ ۾ لڳل جنگ ۾ شهادت ماڻي. **آبادي ۽ ووٽر لسٽ:** نئون ڪوٽ جي ڪل آبادي لڳ ڀڳ ٢٠ کان ٢٥ هزار هوندي، جڏهن ته ووٽر لسٽ تقريباً ٣.٥٠٠ هوندي. **جامع مسجد ۽ ديني مرڪز:** ڳوٺ ۾ هڪ جامع مسجد آهي، جيڪا مولوي محمد اسماعيل سومرو جي دور کان قائم آهي. اڳئين صديءَ ۾ چنڊ ڏسڻ جو شرعي مسئلو پڻ هنن کان پڇي پوءِ عيد ڪئي ويندي هئي. مسجد جي پرسان هڪ هجرو ۽ کوهه به هئي، جنهن جو پاڻي ڳوٺ وارا ۽ نمازي وضو لاءِ استعمال ڪندا هئا. هن وقت عالمِ دين مولوي عبدالحميد سومرو پيش امام آهن ۽ گڏوگڏ مدرسو به هلائي رهيا آهن. **امام بارگاه ۽ درگاهون:** ڳوٺ ۾ هڪ وڏي امام بارگاهه به آهي. امام بارگاهه سان گڏ سائين سيد امام شاهه شمسي ۽ سائين نادر شاهه شمسي رح جي درگاهه به موجود آهي. هتي شهداءِ ڪربلا جي ياد ۾ قديمي ماتم ۽ چهلم پڻ هر سال ٿيندو آهي.

**بازار ۽ ڪاروبار:** ڳوٺ ۾ هڪ ننڍڙي بازار آهي، جيڪا "هٽن يا هٽڙن" جي نالي سان مشهور آهي. هتي ڊاڪٽر، حجام، موچي ۽ ٻيا دوڪان به موجود آهن. تاريخي شخصيتون: ڊاڪٽر گوبند رام، مارو موچي، غفور چنه حجام ذاتيون ، جن ۾: سيد، گولا، لاڙڪ، ڊکڻ سومرا، ڪٽي سومرا، دايا، ڪوري، چنه، مخدوم، ڪوسو، نسيراڻي، مينگهواڙ ۽ ڪنبوهه پنجابي شامل آهن. **تعليمي ادارا:** هڪ پرائمري بوائز اسڪول ۽ برانچ بوائز اسڪول (صرف بلڊنگ)، گرلس مڊل اسڪول، پرائيويٽ اسڪول: اسلاميه پبلڪ اسڪول، علي پبلڪ اسڪول صحت جون سهولتون: پرائيويٽ ڊاڪٽرن مان ١٩٧٧ کان وٺي ميرپور ماٿيلو مان ايندڙ ڊاڪٽر گوبند رام هن ڳوٺ جو فيملي ڊاڪٽر آهي. حڪيم ڊاڪٽر مولانا عبدالله لغاري به هتي حڪمت جو ڪم ڪندو هو. ڊسپينسر ۽ ڊاڪٽرن: استاد محمد رمضان گولو، عنايت الله لاڙڪ، فاروق احمد لاڙڪ زميندار ، سياسي ۽ سماجي شخصيتون: زميندار عبدالقادر لاڙڪ جيڪو گڏو براج تهڻ وقت آفيس سپريڊنٽ هيو، زميندار عبدالرحيم ميمڻ جيڪو گڏو براج تهڻ وقت ڪلرڪ هيو، محمد بخش لاڙڪ (نئون ڪوٽ جو سڀ کان وڏو زميندار هو) غلام محمد لاڙڪ (پوتار جي لقب سان مشهور آهي) محمد عيسيٰ ميمڻ ڪوري (بهترين فوڊ انسپيڪٽ) مرحوم استاد محمد شعبان دايو – ڳوٺ جي ترقي لاءِ ڪوشان، مرحوم غلام قادر لاڙڪ – ڳوٺ جي اسڪول، بجلي، گيس ۽ قبرستان لاءِ جدوجهد ڪئي، مرحوم محبوب علي گولو – پنهنجي پينشن مان ڳوٺ جي صفائي ڪرائيندو هو، ايڊووڪيٽ عبدالرشيد گولو – ڳوٺ جي سماجي ڪمن ۾ متحرڪ، استاد محمد رمضان گولو – استادي سان گڏ ڊسپينسر پڻ آهي، استاد محبوب علي لاڙڪ – ڳوٺاڻن جي مسئلن جو حل ڪندڙ، استاد گلزار احمد لاڙڪ – موجوده سياسي ڪارڪن، مرحوم ڪامريڊ سائينداد علي گولو – مزدورن جي حقن لاءِ آواز اٿاريندڙ، استاد عبدالحميد چاماٽي لاڙڪ – ڊرينج سسٽم لاءِ پنهنجي پينشن جا پيسا خرچ ڪيائين، جي ايم لاڙڪ نئون ڪوٽ جو پهريون شاعر اديب ليکڪ، سماجي ورڪر، مڊل اسڪول جي منظوري لاءِ ڪردار ادا ڪندڙ. جاگرافي ۽ ويجها علائقا : اتر: ڏوندو ۽ ڪونهارا (پٽي ذات جا ڳوٺ)، اولهه: نيائو مهر ۽ لاڙڪن جو ڳوٺ، ڏکڻ: لبرٽي پاور پلانٽ، اوڀر: نارو واهه ويجهو ٻيا ذات جا ڳوٺ آهن. ( سهڙيندڙ. جي. ايم لاڙڪ)

## ڳوٺ سائينڏنو ملڪ

ڳوٺ سائينڏنو ملڪ ڏهرڪيءِ جي اتر طرف مين جي ٽي روڊ جي ساڄي طرف هڪ قديم ڳوٺ آهي, هن ڳوٺ کي يونين ڪائونسل جو درجو به مليل آهي. هن ڳوٺ ۾ هڪ قديم دور جي ونگن واري خوبصورت مسجد هئي جنهن جي جاءِ تي هاڻ هڪ شاندار نئي ڊيزائن تي وڏي ۽ ويڪري مسجد تعمير ٿي چڪي آهي جنهن جو سنڀاليندڙ ۽ پيش امام سيد جلال شاه بخاري آهي جيڪو هڪ نيڪ بزرگ ۽ نهايت خوبصورت ۽ سيرت طبعيت جو مالڪ آهي. ورهانگي کان اڳ ۾ هن ڳوٺ ۾ هندن جا گهر, دڪان ۽ ڪاروبار هوندو هو. امام بارگاه سان گڏ جتي هاڻ جتوئي فقير ويٺا آهن اتي اڳ ۾ انگريز جو اصلحه خانو هوندو هو. هن ڳوٺ ۾ خاص ڪري ملڪ ذات جا ماڻهو گهڻي تعداد ۾ رهن ٿا ان کان علاوه سيد سومرا, چنا, ميراڻي, ڏهر, منگي ۽ جتوئي فقير رهن ٿا. ڳوٺ ۾ هڪ سرڪاري پرائمري اسڪول, جتي انگريز دور ۾ تپيداري آفيس هوندي هئي قائم آهي, ڳوٺ ۾ هڪ گرلس پرائمري اسڪول به آهي ۽ هڪ عدد پرائيويٽ ڪلينڪ به موجود آهي جتي ڊاڪٽر نذير احمد ملڪ ۽ ڊاڪٽر خالد حسين ملڪ علائقي جي ماڻهن جي خدمت ڪري رهيا آهن.

ورهاڱي کان اڳ هتي هندن جا گهر، دڪان ۽ ڪاروبار پڻ هئا. امام بارگاهه جي پرســان جتي هاڻ جتوئي فقير رهن ٿا، اتي اڳ انگريزن جو اصلح خانو هوندو هو. سماجي جوڙجڪ ۽ رهواسي ڳوٺ ۾ ملڪ ذات جي ماڻهن جي اڪثريت آهي، جڏهن ته سيد، سومرا، چنا، ميراڻي، منگي، ڏهر ۽ جتوئي فقير به هن ڳوٺ جا اهم حصــا آهن. تعليم ۽ صحت جون سهولتون ڳوٺ ۾ ٻن پرائمري اسڪولن سان گڏ هڪ پرائيويٽ ڪلينڪ پڻ آهي، جتي ڊاڪٽر نذير احمد ملڪ ۽ ڊاڪٽر خالد حسين ملڪ مقامي ماڻهن جي خدمت ڪن ٿا. نمايان علمي شخصيتون ڳوٺ مان ڪيترائي علمي ماڻهو نڪتا آهن، جن ۾ خاص طور تي مرحوم استاد محمد رمضــان ملڪ، استاد عبدالمجيد ملڪ، استاد عبدالعزيز ملڪ، استاد عبدالرشيد ملڪ، استاد گلشــير احمد ملڪ ۽ ٻين جو نالو قابل ذڪر آهي. هنن استادن جي محنت سان ڳوٺ جي تعليم جو معيار بهتر ٿيو ۽ ڪيترائي شاگرد نوڪري پيشا بڻيا. ادبي ۽ ثقافتي لاڙا الهدنو جتوئي فقير هڪ مشهور لوڪ فنڪار هو، جڏهن ته سڪندر فقير هن ڳوٺ جو عوامي شاعر هو، جنهن جا ڪلام مشــهوري ماڻي چڪا آهن. احمد سومرو، رمضــان ڪنير ۽ الهرکيو ڪنير به پنهنجي پنهنجي فني مهارت جي ڪري سڃاتا ويا. سماجي خدمتگار محمد سچل ملڪ، جيڪو فري علاج ڪندڙ شخص هو، ۽ سندس پٽ مولوي فتح محمد ملڪ، شيعا مســجد جو روشن خيال پيش امام آهي. ٻيو ملڪ پنهنجي دور جو نيڪ دل، هاري ۽ پيرا وادو طور مشــهور هو. نتيجو: ڳوٺ سائينڏنو ملڪ نه رڳو جاگرافيائي ۽ تاريخي لحاظ کان اهميت رکي ٿو، پر هتي جا باشعور، علم دوست ۽ محنتي ماڻهو ان کي علم، ادب، فن ۽ خدمت جو مرڪز بڻائين ٿا. اهڙا ڳوٺ سنڌ جي سچائي، سادگي ۽ سڪيا جو مظاهرو آهن.

## مرحوم استاد گلشير احمد ملڪ

استاد گلشــير ملڪ پهرين جنوري ١٩٥٦ تي سائينڏنو ملڪ ۾ پيدا ٿيو. استاد گلشــير احمد ملڪ سٻاجهڙي طبيعت جو مالڪ هو هو پهريان پرائمري ٽيچر رهيو بعد ۾ ايجوڪيشــن ڊپارٽمينٽ ۾ ســپروائيزر ٿيو هر وقت منهن تي مرڪ هوندي هئس نوڪري ســان گڏ پراپرٽي ســيل پرچيز جو ڪم ڪندو هو ۽ جنســن جو ڪاروبار به ڪندو هو. ڳوٺ وٽ هڪ پيٽرول پمپ گلشــير پيٽروليم سروس ڪوليائين. زندگي جي آخري ڏينهن ۾ بيمار ٿي پيو جگر جي مرض ســان جهيڙيندي زندگي جي جنگ هارائي ويو. ۽ ٣٠ فبروري ٢٠٢٢ تي وڃي مالڪ حقيقي سان مليو سندس اولاد ۾ ۴ پٽ ۽ ٽي نياڻيون آهن جن ۾ ارباب علي ملڪ، مشــتاق ملڪ، نواب ملڪ، آفتاب ملڪ استاد گلشير ملڪ پنهنجي ڳوٺ ۾ تعليم جي واڌاري ۽ نياڻين کي تعليم ڏيارڻ لاءِ ڳوٺ وارن تي زور ڀريندو هو.

# مصطفيٰ آباد ڪالوني ڏهرڪي

مصطفيٰ آباد ڪالوني، ڏهرڪي – مذهبي ورثو ۽ سماجي هم آهنگي جو مرڪز مصطفيٰ آباد ڪالوني، ڏهرڪي شهر جي هڪ نمايان ۽ سني آبادي رکندڙ رهائشــي علائقو آهي، جنهن جو بنياد ١٩٧٧ع ۾ حضــرت مولانا عبدالرحيم پتافي رکيو. هن کان اڳ، هن علائقي کي مســواڻ ڪالوني، شيخ ڪالوني ۽ گهلو پٽو ڪالوني جي نالن سان سڏيو ويندو هو. تاريخي پســمنظر ۽ مذهبي ورثوانهيءَ علائقي ۾ ١٩٧٧ کان اڳ هڪ مجذوب فقير، پير پڪڙوئي جو مجاور، مستي واري زندگي گذاريندو هو، جنهن جي قبر اڄ به جامع مسجد نورِ مصطفيٰ پرسان موجود آهي. حضــرت مولانا عبدالرحيم پتافي نه فقط مســجد ۽ مدرسي جو بنياد رکيو، پر ان علائقي جو نالو به "مصــطفيٰ آباد ڪالوني" رکيو، رسول اڪرم ﷺ جي نســبت سان. تعليم ۽ دين جي خدمتمصــطفيٰ آباد ڪالوني ۾: جامع مســجد نورِ مصــطفيٰمدرسه رحمانيه پائيهقائم آهن، جتي هڪ سرڪاري پرائمري اسڪول به مولانا عبدالرحيم پتافي جي ڪوشــشــن سان منظور ٿيو، جنهن لاءِ زمين به پاڻ وقف ڪئي. اڄ به مدرسي کي مولانا صاحب جا فرزند سينئر صحافي اسد پتافي، حزب الله پتافي ۽ رشدالله پتافي سنڀالين ٿا. نمايان سماجي ۽ صحافتي شخصيتونمحمد صديق سميجو: ريڙهي يونين جو اڳواڻ، غريب مزدورن جو وڪيل. اسد پتافي: صحافتي ميدان جو مزاحمتي ڪردار، شهيد نصرالله گڏاڻي جي تحريڪ جو فعال رڪن. لياقت شيخ: ڏهرڪي جو مشهور اخباري هاڪر. دادن مينگواڙ: مينگواڙ هندو پئنچائت جو مکي. آباد قومون ۽ برادريونمصطفيٰ آباد ڪالوني ۾ ڪيترين ئي قومن جو پرامن گُذر بسر آهي، جن ۾: شيخ، پتافي، سومرا، ملڪ، سيد، لاشاري، شر، چنه، پٽا، سميجا، عباسي، مهر، دائودپوٽا، راڄڙي، سولنگي، مينگواڙ، اعواڻ، مارواڙي، چاچڙ، ڪانجون، ڏونڌو، چانڊيا، بروهي، سيال، ڇڄڻ ۽ ٻيون برادريون شامل آهن. نتيجومصــطفيٰ آباد ڪالوني، نه صرف رهائشــي حوالي سان بهترين، پر تعليم، صحافت، سماجي خدمت، ۽ مذهبي ورثي جو به اهم مرڪز آهي. هتي جي ماڻهن جو گڏيل پائيچارو، تنوع ۽ ترقي لاءِ ڪوششــون، هن علائقي کي ڏهرڪي جي خوبصورت تصوير بڻائين ٿيون.

## پوتار غلام محمد لاڙڪ جي زندگي جو مختصر جائزو



پوتار غلام محمد لاڙڪ پهرين جنوري ١٩٥٩ع تـي محمد بخش لاڙڪ جـي گهـر نئون ڪوٽ ۾ جنم ورتو، سـندس ڏاڏي جو نالو غلام محمد لاڙڪ (اول) هو پوتار غلام محمد پنهنجي والد کي هڪ ئي پٽ هو ۽ لاڏلو هو, ڪيس ڇهه ڀينر اٿس انڪري ڪيس پاڻيجا ۽ ڀاڻيجيون ايترون آهن جو انهن ڪان ٻڌي اڪثر ماڻهو مامون سـڏيندا اٿس, پرائمري تعليم ڳوٺ نئون ڪوٽ مدل ۽ ميٽرڪ ڏهرڪي مان ڪئي, انٽر ڊگري ڪاليج گهوٽڪي ۽ اسلاميه ڪاليج سکر مان بيچلر ڊگري حاصل ڪئي ۽ وڌيڪ تعليم حاصـل نـ ڪري سـگهيا, سـندس والد صـاحب جي طبيت خراب ٿي پيئي انڪري ان جو ڪاروبار زميداري سنڀالڻ لڳا, ڏهرڪي جي سينما روڊ تي سندس والد لاڙڪ مارڪيٽ نالي دوڪانون ۽ انهن مٿان ماڙي ٺهرائي هئي شـروع ۾ سـال ١٩٨٥ع ۾ پرچون جو دوڪان کوليو ۽ اتي مارڪيٽ جي هڪ ماڙي ۾ رهائش اختيار ڪئي غلام محمد لاڙڪ قربائتو ۽ سـخي مرد آهي سـندس نئون ڪوٽ جي اوطاق آباد هوندي اٿس هو مهمان نواز بـ آهي سندس جي غير موجودگي ۾ سندس جا پاڻيجا غلام محمد جي ڪمي محسـوس ڪرڻ نـ ڏيندا آهن. خير خيرات ۽ زڪوات خيرات ۾ بـ سخي آهي. غلام محمد لاڙڪ جي گهر جا ووٽ بـ سو ڪان مٿي آهن پر هو سياست جي جهنجهٽ ڪان پري پڃي تو سماجي ڪمن ۾ حصـو وٺندو رهندو آهي ڳوٺ جي سماجي ڪمن ۾ سڀ سان گڏ هوندو ۽ مالي مدد بـ ڪندو آهي غلام محمد لاڙڪ فرينڊز ويلفيئر سوسائٽي ۾ الطاف حسين چغتائي امين شاه وارن سان سرگرم هوندو هو جواني جي جوش سڀ ڪان اڳيرو هوندو هو. غلام محمد حساب جو پڪو آهي هر شي جي لڪت رکندو آهي ڳوٺ ڪان شـهر ايندو آهي تـ بـ سامان جي پرچي گڏ آڻيندو آهي پنهنجي هاري علينواز گولو سان محبت اٿس جڏهن بـ شهر ايندو آهي ان کي شهر گڏ ڪٺي ايندو آهي زميندراي ۾ ليکي چوکي جو پڪو آهي پر پنهنجي هارين سان حسـاب ڪتاب بعد انهن کي کجهه بخش بـ ڪري ڇڏيندو آهي سندس جا هاري ڪيس پوتار سڏيندا اٿس انڪري پوتار ۽ مامون جي نالي سان مشـهور آهي ڳوٺ جي فلاحي ڪمن مسـجد ۽ مدرسي کي ضرورتن مطابق ڏيندو آهي. اولاد ڪيس ٻن پٽن محمد محسـن لاڙڪ ۽ محمد مبين لاڙڪ ۽ ٻن نياڻين جي اولاد آهي, سال نوي جي ڏهاڪي ۾ ٻارن جي تعليم لاءِ حيدر آباد ويو تـ اتي ئي آباد ٿي ويو. سندس محمد محسـن لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ آفيسر آهي ۽ محمد مبين کي گاڏين جو شوروم آهي. ۽ سندس نياڻي فزيوٿراپسٽ ڊاڪٽر آهي.

## صديق ڪالوني ڏهرڪي

صديق ڪالوني ڏهرڪي بابت بـ ڊار ڊار رايا: صـديق ڪالوني، جيڪا اڄ ڏهرڪي شـهر جي هڪ منظم، پرامن، ۽ نمايان رهائشـي ۽ علائقي طور سڃاتي وڃي ٿي، ان جو بنياد پاڪسـتان جي ورهاڱي ڪان پوءِ مهاجرن کي ملندڙ ڪليم (دعويٰ) جي زمينن تي رکيو ويو. هيءَ ڪالوني اصل ۾ انهن ماڻهن جي هٿن سان تعمير ٿي، جيڪي ڀارت جي مختلف علائقن مان هجرت ڪري پاڪسـتان آيا ۽ هتي پنهنجي نئين زندگيءَ جي شروعات ڪئي. ان ڪالوني جو بنياد ١٩٦٠ع ڌاري پيو. ڪالوني جو نقشـو ان وقت تائين حڪومت ڪان منظور ٿيل نـ هو، پر ان جي باوجود پلاٽن جي وڪري جو سلسـلو شروع ڪيو ويو. وقت سان گڏ ڪالوني جي آبادي وڌندي وئي، جنهن ۾ آرائين، ڪمبوه، چيمہ، ڊوگر ۽ ٻين پنجابي قبيلا آباد ٿيا. بعد ۾ چوڌري ابراهيم بـ پنهنجو گهر ٺهرايو، جيڪو پوءِ مستري ارشد کي وڪرو ڪري صادق آباد منتقل ٿي ويو. هو مشرقي پنجاب مان هجرت ڪري ڏهرڪي پهتا. انهن خاندانن کي ڀارت ۾ ڇڏي آيل پنهنجي زرعي ۽ رهائشـي ملڪيتن جي عيوض حڪومت پاڪسـتان پاران ري سيٽلمينٽ ڪليم جي صورت ۾ زمين الاٽ ٿي. ان زمين تي بعد ۾ صـديق ڪالوني قائم ڪئي وئي. ڪالوني جي تعمير لاءِ ڪجهه زمين چوڌري محمد ابراهيم ڪان بـ خريد ڪئي وئي، جنهن کي پڻ ڪليم جي تحت ڏهرڪي ۾ زمين الاٽ ٿي هئي. مجموعي طور تي ڪالوني جي ايراضي لڳ ڀڳ بـ ايڪڙن تي مشـتمل هئي. ان لاءِ هڪ باقاعده نقشـو تيار ڪيو ويو، جنهن ۾ ٣٠ فوٽن جو مرڪزي رستو، ٢٠ فوٽن ۽ ١٦ فوٽن جون گهٽيون، مسجد، اسڪول، ۽ ٻين سهولتن لاءِ مخصوص جايون رکيون ويون. ڪالوني جا ٻيا رهواسي مرحوم محمد اسلم برڙو، عابد ڊوگر، چوڌري محمد رمضان، چوڌري محمد صديق، چوڌري عبدالحق، عبدالغفور ڪمبوه، رمضان دشتي، خان محمد پٺان، رياض چيمہ ۽ ڪيترائي ٻيا شامل هئا. اڄ صديق ڪالوني ۾ پنجاهه کان وڌيڪ خاندان مستقل رهن ٿا. جيتوڻيڪ شروعاتي دور ۾ صرف پنجابي مهاجرن لاءِ مخصوص هئي، پر وقت گذرڻ سان سنڌي خاندان بـ هتي خريداري ذريعي آباد ٿيڻ لڳا. صديق ڪالوني ۾ سال ١٩٨٢ع ۾ مسـجد جي تعمير جو ڪم شروع ٿيو، جيڪو ١٩٨٤ع ۾ مڪمل ٿيو. هاڻ هتي بـ سرڪاري پرائمري اسڪول (بوائز ۽ گرلز) بـ قائم آهن، جيڪي نئين نسل جي تعليم جو ذريعو بڻيل آهن.

## ريتي شهر تاريخ جي آئيني ۾

(ارشاد قاضي)

ريتي – تاريخ، ورثو ۽ موجوده صورتحال ريتي، تعلقو اباوڙو، سنڌ جي هڪ تاريخي اهميت رکندڙ آبادي آهي، جنهن جو نالو "ريت" ۽ "واري جي ٿيلن" سبب پيو. هي ڳوٺ هزارين سالن کان آباد آهي، جنهن جا آثار ويجهي ڳوٺ "وڄوٺ" مان هٿ آيل قديم دريائي آثارن (ڳڙهيلو درياءَ) مان به ثابت ٿين ٿا. تاريخي پس منظر پاڪستان-هند ورهاڱي کان اڳ، ريتي هڪ واپاري مرڪز هو، جتي اڪثريت هندو واڻين جي هئي، جن جي هٿ ۾ علائقي جو سارو وڻج واپار هو. ڳڙهيلو بندرگاهه هتان جي اقتصادي اهميت جو مرڪز هو، جتان برطانيا دور ۾ ٻيڙين ذريعي مال جي اچ وڃ ٿيندي هئي. انگريز دور جون سهولتون انگريز دور ۾ ريتي ۾: ايئرپورٽ ريلوي اسٽيشن ڊاڪ ۽ مواصلاتي مرڪز مسافر خانو ٺاٺو ۽ ٽپيدار يقائم ڪيا ويا. جيڪي ريتي کي ترقي جي بلندين تي وٺي ويا. وري ورهاڱي ۽ هندن جي لڏپلاڻ کان پوءِ علائقو زوال ڏانهن ويو. موجوده حالتون تعليم: ريتي ۾ انگريز دور کان قائم ٿيل پرائمري اسڪول، بعد ۾ هاءِ اسڪول ۽ هاڻ هائير سيڪنڊري اسڪول آهي.

١٩٨٠ع ۾ گرلز اسڪول به قائم ٿيو، جيڪو هاڻ مڊل ۽ هاءِ اسڪول ۾ اپگريڊ ٿيو آهي. صحت: ١٩٨٥ع ۾ قائم ٿيل بيسڪ هيلٿ سينٽر زبون حال آهي. زراعت: علائقو زرعي طور تي خوشحال آهي، خاص ڪري ڪڻڪ، ڪمند، ۽ ڀاڄين جي پيداوار جي لحاظ کان. قدرتي وسيلن: پرسان مارووالا گئس فيلڊ موجود آهي، پر ريتي، بخش چاچڙ، ۽ ٻين ڳوٺن جي رهواسين طرفان گئس جي حقن لاءِ تحريڪون هلي رهيون آهن. انتظامي صورتحال ريتي هڪ يونين ڪائونسل آهي، پر آباديءَ جي حساب سان شهرين پاران ان کي ٽائون ڪاميٽي جو درجو ڏيڻ جي گهر ڪئي پئي وڃي، چو ته ماهوار ٧ لک رپين جي محدود بجيٽ سان مسئلا حل ٿيڻ مشڪل ٿي ويا آهن. معروف شخصيتون ۽ ذاتيون ريتي ۾ چاچڙ ذات جي گهڻائي آهي، خاص طور: غلام محي الدين خان خالقداد خان شير محمد خان (ضلعي ڪائونسل ميمبر) مير احمد خان حاجي خان فياض خان چاچڙ (موجوده چيئرمين) آباد قومن ۾: چاچڙ، موچي، مارواڙي، ميگهواڙ، لاشاري، سيد، مگٿهار، ڪوري، ڏڪڻ، سولنگي، مهاجر، پنجابي، رانا، ميراڻي ۽ ٻيون قومون شامل آهن. نتيجو ريتي هڪ تاريخي ورثي وارو، واپاري ۽ زرعي اهميت رکندڙ شهر آهي، جيڪو انگريز دور کان وٺي اڄ تائين مقامي سطح تي هڪ نمايان حيثيت رکي ٿو. هتي جي علمي، وسيلن، ۽ تاريخي پس منظر واري سڃاڻپ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ، سهولتن جي بهتر فراهمي ۽ انتظامي درجي ۾ واڌ جي سخت ضرورت آهي. ريتي جا چاچڙ پاڙا ١. جعفراڻي چاچڙ: چاچڙن جو معتبر پاڙو. قابل ذڪر شخصيتون: زاهد خان چاچڙ قادر بخش خان (يو. سي چيئرمين، ڪيپٽن مجاهد فورس) مالڪڏنو خان چاچڙ انجنيئر غلام اصغر، امان الله خان عبدالرشيد خان چاچڙ شاخون: ولاڻي چاچڙ، موريا چاچڙ ٢. مراداڻي چاچڙ: وڏو پاڙو. شخصيتون: رئيس ٻيلو چاچڙ، رئيس نبي بخش، محمد نواز مرحوم واحد بخش، نور محمد، ربنواز عرف ربڏنو چاچڙ ٣. گنگراڻي چاچڙ: وڏو پاڙو. شخصيتون: رئيس غلام قادر محمد نمبردار، رجب علي، رئيس متو، رئيس عالم الطاف مير محمد چاچڙ (ڊي. سي. شڪارپور) ۴. صحباڻي چاچڙ: شخصيتون: رئيس عالم خان، غوث بخش، غلام علي، عاشق رئيس زمان، استاد عبدالعزيز، احسان صاحب ۵. مصراڻي چاچڙ: زياده تر پڙهيل لکيل، نوڪري پيشه ماڻهو. شخصيتون: رئيس حسن علي (حسنو) محمد چٽل (CK)، محمد پنهل، محمد ملوڪ، محمد ابراهيم، محمد عباس، بهار خان، اقبال حسين، حاجي قالو خان، مصري خان، عنائت الله، جاڙو خان، محمد سومار، محمد انور، باغ علي، ممتاز حسين ريتي جون ٻيون اهم ذاتيون ۽ پاڙا ١. موچي (ابڙا): استاد قادر بخش، استاد عبدالغفور، محمد رمضان، سڪندر علي ٢. ملا/ڪٽي سومرا (ميانجي): ميانجي رحيمڏنو، ميانجي محمد صديق، ملا احمد، ميانجي عنائت الله، استاد عزيز اللهمتولي، تدريس، حفظ و ناظره جو مرڪز ٣. ڪٽي سومرا: استاد فتح محمد، عبدالغفور، عبدالغني، ڪريم بخش، چتو خان، حسنين ٤. ڊڪڻ سومرا: عبدالحليم، مشتاق احمد، جاويد اختر، ڪريم بخش، غلام نبي، استاد علي مراد، عبدالقادر ۵. لوهر پٽي: استاد قائم الدين، استاد عبدالرحيم، استاد عبدالقادر، استاد نبي بخش،

استاد علي بخش ٦. ڪنير چنه: استاد خان محمد، منشي شمن فقير، محمد جمال الدين ٧. دايا: استاد گل محمد، رياض احمد، رحيمو دايو ٨. لاشاري: فقير محمد، نبي بخش، ممتاز علي، استاد اڪبر ٩. ڪوري: وڏي آبادي، اصلوڪا رهاڪو ملا اسحاق، قبول محمد، ملهڻ، دادلو، سونا خان، محمد شعبان، نور محمد، قاضي گل محمد، قاضي غلام حيدر، قاضي ارشاد، قاضي اعجاز، ملا ادريس، مولوي دين محمد، ارباب علي، ملا شفيع، ملا بچل، ماستر فتح محمد، وغيره ريتي جا خاص معاشي، تاريخي ۽ تجارتي حوالا اڳوڻي واپاري مرڪز، هندو واپارين جي اڪثريت هوائي اڏو، فيڪٽريون، مڇي ۽ اناج (چانور، ساوڪ، جوئر، ٻاجهري). **آبادي ۽ ڀرپاسي جا ڳوٺ آبادي:** اٽڪل ١٥٠٠٠ ڀرپاسي جا ڳوٺ: محمد پريل ڏکڻ، گهريي جو کوه، قالو خان چاچڙ، حنيف گهنجون، منڻ شر، ربڏنو چاچڙ، الهجڙيو چاچڙ، محمد چاچڙ، واحد بخش چاچڙ، حافظ الهجوايو چاچڙ، الهجوايو ڪوري، الهڏتو ڪوري، محلو خدا بخش جونو، نيو ريتي قريب تر ڳوٺ: ملڪ جمالدين، جهنگل ملڪ، باغ علي چاچڙ، حاجي الهورايو چاچڙ، عيسو چاچڙ، بخش چاچڙ، مارووالا، زنگي خان چانديو، روزي خان چانديو آهن.

## ڳوٺ ڄام مهراب خان سميجو ۽ ڳوٺ جون معزز شخصتون

**ڳوٺ ڄام مهراب خان سميجو:** هي ڳوٺ ڏهرڪي ٻاءِ پاس ڪان رهڙڪي روڊ تي سڄي هٿ تي لنڪ روڊ تي پنج سو ميٽر جي مفاصلي تي آباد آهي، هي ڳوٺ اٽڪل ڏيڍ سو سال پراڻو آهي جيڪو مهراب خان سميجو آباد ڪيو، سميجا گهراڻي جا ماڻهو ڏاڍا سخي مرد رهيا آهن، هن ڳوٺ ۾ پنج اوطاقون آهن جن ۾ مرحوم ڄام عبدالستار خان جي اوطاق جيڪا سندس فرزند ڄام لياقت خان سميجو سنڀالي رهيو آهي، ٻي اوطاق ڄام عبدالفتاح خان سميجو جي ٽين اوطاق ڄام مشتاق خان سميجو، چوٿين اوطاق ڄام شوڪت خان سميجو، پنجين اوطاق ڄام عبدالجبار خان سميجو جي آهي انهن اوطاقن تان ڪو به مهمان خالي پيٽ نه ويندو آهي اوطاق تي دوستن يارن سان گڏ مهمانن جي رهائش جي بندوبست سان گڏ شادي غمي لاءِ ڳوٺ وارا انهن اوطاقن کي استعمال ڪندا آهن. ڳوٺ جي مسجد ۽ ڳوٺ هڪ ڏڙي تي ٺهيو ويو آهي. **ڄام مهراب خان سميجو** جيڪو پاڻ وڏو زميندار ۽ **روينيو ڊپارٽمينٽ ۾ سپروائيزر** رهيو هو اهو انگريزن جو دور هو. سندس ڀاءُ **ڄام زين العابدين جي اولاد:** ٽي پٽ ڄام محمد پنهل خان، ڄام پير بخش خان ۽ ڄام محمد پنجل خان سميجو آهن، ڄام مهراب خان سميجو جي اولاد: ڄام حاجي الاهي بخش خان سميجو، ڄام حاجي خير محمد خان سميجو هئا..

**ڄام محمد پنجل جي اولاد:** ڄام منير احمد خان، ڄام عبدالرزاق خان سميجو آهن، ڄام پير بخش سميجو جي اولاد: ڄام گل محمد خان سميجو، **ڄام محمد پنهل خان سميجو جي اولاد:** مرحوم استاد عبدالغفار خان سميجو ۽ ان جو پٽ ٽپيدار مرحوم زين العابدين خان مرحوم هئا. **ٻيو نمبر ڄام مهراب سميجو جي اولاد:** پٽ ڄام مرحوم الاهي بخش خان سميجو، مرحوم ڄام خير محمد خان سميجو، مرحوم ڄام عبدالستار خان سميجو هئا، **مرحوم ڄام عبدالستار خان سميجو جا پٽ** پوليس انسپيڪٽر موٽر وي مرحوم ڄام عاشق علي سميجو، ڄام مشتاق احمد خان سميجو، ڄام لياقت خان سميجو، ڄام شوڪت خان سميجو، ڄام جبار خان سميجو، ڄام معشوق خان سميجو، آهن، **ڄام عاشق جا اولاد:** ڄام الاهي بخش سميجو، ڄام آصف سميجو، ڄام عابد سميجو ڄام عبدالستار ۽ ڄام راجا سميجو، **ڄام لياقت جي پٽن جا نالا** ڄام صداقت علي، ڄام نزاڪت ۽ ڄام الاهي بخش آهن. **ڄام خير محمد سميجو جا پٽ:** ايڊووڪيٽ **ڄام حاجي عبدالفتاح سميجو**، ڄام عبدالستار خان سميجو جي وفات کان پوءِ ڳوٺ ۽ برادري کي خوش اسلوبي سان هلايو ۽ سياسي طور پوري سنڌ ۾ پاڻ مڃرايو، سنڌ ترقي پسند پارٽي جو سينئر وائيس پريزيڊنٽ، تعلقه بار ڏهرڪي جو صدر رهيو ۽ مختلف تنظيمن جي اڳواڻي ڪندو رهيو آهي، ڏهرڪي الفتح لا ڪاليج ۽ حرا پبلڪ اسڪول عوام جي مفاد ۾ هلائي رهيو آهي. پنهنجي تر سميت ڏهرڪي شهر واسين جو پرجهلو رهيو آهي "**ڄام عبدالواحد سميجو** سنڌ دوست هجڻ سان گڏ جيڇي فرٽيلائيزر (ايف ايف سي) ڳوٺ ماڇي صادق آباد چيف سپروائيزر اليڪٽريڪل عهدي تي پهچي رٽائرڊ ٿيو. ايف ايف سي جي پرمانينٽ امپلائيز سي بي اي يونين جو چار ڀيرا صدر رهيو، **ڄام شير افگن سميجو** جيڪو ڊسٽرڪٽ ڪائونسل گهوٽڪي جو ميمبر آهي ۽ فيصلا پڻ ڪندو آهي ڪيترا ماڻهو راڄوڻي فيصلا ڄام شير کان ڪرائيندا آهن ۽ هو هڪ سٺي حيثيت رکندڙ زميندار پڻ آهي. **ڄام مهراب خان سميجو** سيڪريٽري مارڪيٽ ڪاميٽي اوٻاوڙو ۽ ايڊيشنل چارج ڏهرڪي مارڪيٽ ڪاميٽي جي اٽس زميداري نه ڪندو آهي ۽ ڀائرن جون زمينون به سنڀاريندو آهي، **ڄام اختر خان سميجو** آهن زميندار آهي.

ڄام گل محمد سميجو پهرين پيڙهي: ڳوٺ ڄام مهراب خان سميجو ۽ ڄام زين العابدين سميجو ٻه ڀائر هئا ٻي پيڙهي: ڄام مهراب خان سميجو جي اولاد: ڄام حاجي الاهي بخش خان سميجو، ڄام حاجي خير محمد خان سميجو ڄام عبدالستار هئا. ٽين پيڙهي: ڄام خير محمد سميجو جا پٽ: ايڊووڪيٽ ڄام حاجي عبدالفتاح سميجو، ڄام عبدالواحد سميجو، ڄام شير افگن سميجو، ڄام مهراب خان سميجو، ڄام اختر خان سميجو چوٿين پيڙهي ڄام عبدالواحد سميجو جا پٽ، ، ايڊووڪيٽ ڄام مهراڻ خان سميجو، ڄام صدام خان سميجو ڄام ياسين سميجو ڄام علي حيدر سميجو، ڄام شير افگن سميجو جا پٽ ڄام ياسر سميجو، ايڊووڪيٽ ڄام مجيب سميجو انجنيئر ڄام مهتاب علي سميجو، ڄام مهراب خان سميجو جا پٽ: ڄام شهزاد علي عرف ڄام ٽيپو مجاهد علي ڄام اختر خان سميجو جا پٽ ڄام شاهد سميجو ڄام زاهد ڄام ساجد ڄام ماجد، سميجو برادري ڪانسواءِ ڳوٺ ۾ اعوان برادري جا ۳۵ گهر، پٽا ۳ گهر منگي ۳۰ گهر ۽ سومرن جا ۱۵ گهر رهن ٿا، ڳوٺ ۾ بوائز ۽ گرلز مڊل ۽ هائي اسڪول پڻ آهي.

## چٽي مسجد جي تاريخ ۽ خدمتون

**حضرت ميان راڄل قتال** حضرت ميان راڄل قتال جن جي پيدائش ۹ رجب المرجب ۱۲۱۴ھ ۱۷۹۷ع تي ميان الھوسايو سميجو عرف ميان ماڻڪ سائين جي گھر ۾ ڳوٺ ڪوڙو سميجو ۾ ٿي. اھو دور ميرن جو دور ھو (ميان الھوسايو تير اندازي ۾ مھارت رکندڙ پھلوان ھو) ميرن جي دور ھو عمر ڍھو (سرحد) جنگلي جانور جو فائدو وٺي ڏوھاري ميرن جي ڪيمپ تي حملا ڪندا ھئا ڪين جنگلي جانور بہ نقصان پھچائيندا ھئا، سائين راڄل قتال جو والد صاحب ميان الھوسايو جنگلي جانورن ۽ حملہ آورن ڪي تيرن جي نشاني سان ماري ڇڏيندا ھئا، جنھن تي ميرن ميان الھوسايو کي (ماڻڪ جي لقب سان نوازيو) ۽ نارا واہ ڪان چلڪاري تائين اٽڪل پنجاہ ايڪڙ زرعي زمين انعام طور ڏيئي ڇڏي، جتي ميان الھوسايو پنھنجو گھر اڏي ڳوٺ ٻڌو جنھن جو نالو ڪوڙو سميجو رکيو اتي درجنين خاندان اچي آباد ٿيا.

**حضرت ميان راڄل قتال رحمت الله عليہ ننڍپڻ کان ئي ديني ۽ مذھبي تعليم ڪنڊرا لڳ لونگ فقير** رحمت الله عليہ جن وٽ حاصل ڪيائون. تعليم مڪمل ڪرڻ وقت ھٿ تي بيعت ڪري مريد ٿيا. اتان سندن جو اويسي سلسلو شروع ٿيو. پاڻ اٺار نھن سالن جي عمر ۾ **ڳوٺ ڪوڙو سميجو** واپس اچي مدرسو قائم ڪيائون ۽ مسجد شريف جي تعمير بہ شروع ڪيائون. حضرت راڄل قتال لوڙھي وارو ڪان جن فيض حاصل ڪيو انھن ۾ عارب فقير لوڙھي وارو. جنھن جو روضو مبارڪ شادي شھيد (خيرپور) لڳ آھي. (مائي ڪرم خاتون لوڙھي واري جنھن جي مٿان روضو مبارڪ اڏيل آھي) جنھن سائين راڄل قتال جي مدرسي ۾ گھر لاءِ پنج سال ماني پچائي ھئي ۽ فيض حاصل ڪيو سندن جي روضو مبارڪ صادق آباد منٺار ڪان ٽلو بنگلو ڪان پندرنھن ڪلوميٽر فاصلي تي ريگستاني پٽي ۾ آھي ھندن جي روحاني درٻار سنت سائين سترام داس جن اڪثر سائين راڄل قتال وٽ محفل ۾ حاضر ٿيندا ھئا. ھڪ ڀيري **سنت سائين سترام داس** رھڙڪي ۾ حقو پئي پيتو تہ ڪين سائين راڄل قتال جي زيارت جو خيال آيو. پاڻ حقو گڏ نڪتا تہ ھلندي ھلندي خيال آيو تہ حقو پيتو آھي سئين بادشاہ جي سامھون ڪيئن وڃان پوءِ رستي ۾ حقو پوري، ڏنڊ ڪري سائينجن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا تہ سائين جن فرمايو تہ اوھان پنھنجو دوست تہ رستي ۾ ڇڏي آيا آھيو. ان ڪي بہ زيارت ڪرڻي ھئي، پوءِ سائين سترام داس پيرن تي ڪري پيو ۽ ڪين چيو مونکي استاد جي ضرورت ھئي اڄ ڪان اوھان منھنجا استاد آھيو ڪو سبق ڏيو. پوءِ سائين راڄل قتال ڪين الف جو سبق ڏنو.

**سائين حضرت راڄل قتال جن جي اولاد** ۽ گادي جو سلسلو سائين راڄل قتال رحمت الله عليہ جن کي ڇئن پٽ جي اولاد ھئي جن ۾ ۱. ميان نبي بخش ۲. ميان غلام محمد، ۳. ميان صالح محمد، ۴. ميان الھورايو ھئا. ھڪ ڏينھن پاڻ سائينجن پنھنجي اولاد کي حضرت حافظ محمد صديق رحمت الله عليہ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، عرض ڪيائون تہ منھنجي اولاد کي مريد ڪريو. جنھن تي حافظ محمد صديق رحمت الله عليہ ڪين چيو تہ منھنجي اولاد کي مريد ڪيو. (ان تي حافظ صاحب جن فرمايو اوھان پاڻ تہ ميان لونگ فقير جا مريد آھيو. پوءِ مان توھان جي اولاد کي ڪيئن مريد بڻايان؟) ميان راڄل قتال عرض ڪيو: قبلا منھنجو مرشد حضرت ميان لونگ فقير رحمت الله عليہ ھن دنيا ۾ ناھي رھيا، ھاڻي اوھان ئي منھنجي اولاد کي پنھنجو مريد بڻايو.“ ان ڪان پوءِ حافظ محمد صديق رحمت الله عليہ، ميان راڄل قتال جي اولاد کي پنھنجو مريد بڻايو جنھن بعد سائين راڄل قتال رحمت الله عليہ جن پنھنجو ھڪ پٽ ميان غلام محمد کي حافظ صاحب جي حوالي ڪري آيا. حافظ محمد صديق رحمت الله عليہ کيس حفظ القرآن ڪرائي، ۽ کيس وڏي روحاني ولايت عطا ڪئي. حضرت ميان راڄل قتال جن جي وفات ۱۰ ذوالحج ۱۲۹۴ھ ۱۸۷۳ع تي ٿي، ۽ سندس پٽ حضرت ميان غلام محمد جن کي دستار بندائي ڪين ٻيون گادي نشين بڻايو ويو. ميان غلام محمد رحمت الله عليہ جن جا ڪيترا ئي مريد ٿيا، راڄڙ، ٻرڙا، ٻگھيا ذات جا ماڻھو شامل ھئا ميان غلام محمد جن جي وفات ۱۳۱۵ھ ۱۸۹۵ع تي ٿي، وفات بعد سندس وڏو ڀاءُ ميان نبي بخش درگاہ چٽي مسجد جو ٽيون سجادہ نشين ٿيو.

**ميان نبي بخش جي وفات** بعد، سندس پٽ حضرت ميان حافظ الھورايو جنھن جي پيدائش ۲ فيبروري ۱۲۸۱ھ ۱۸۶۰ع آھي ۽ چوٿون درگاہ جو سجادہ نشين مقرر ٿيو. جيڪو حضرت ميان عبدالله عرف ھادي سائين پرچوندي شريف جن جو خليفو ھو. حضرت ميان حافظ الھورايو جي وفات ۷ صفر ۱۳۶۷ھ ۱۹۴۶ع ۾ ٿي بعد ۾ سندس پٽ ميانجي محمد حسين جنھن جي پيدائش ۱۳۵۰ھ ۱۹۳۲ع آھي ۽ درگاہ جو پنجون سجادہ نشين مقرر ٿيو. جيڪو حضرت ميان عبدالرحمان عرف پورل سائين پرچوندي شريف جن جا مريد ھئا.

ميانجي محمد حسين حضرت ميان راڄل قتال لوڙهي واري جي درگاهه کي چٽي مسجد جي نالي سان مشهور ڪرايو. ميانجي محمد حسين جي وفات ٢٨ رمضان المبارڪ ١٤٢٨هه ٢٠٠٧ع ۾ وفات ٿي جنهن بعد سندن پٽ فقير ميانجي نبي بخش قادري جي پيدائش ١٠ فيبروري ١٩٧٢ع ۾ ٿي ۽ درگاهه جو ڇهون گادي نشين مقرر ٿيو. جيڪو سلسلو هلي رهيو آهي. امير اهل سنت حضرت ميان پير عبدالخالق قادري دامت البرڪاتهم جن جا مريد آهن هي درگاهه ڏهرڪي باءِ پاس کان رهڙڪي روڊ تي اتر طرف ڄام مهراب خان سميجو کان هڪ ڪلوميٽر جي مفاصلي تي واقع آهي. اوهان کي رحماني تعويذ، جنات جي عمليات، ۽ پنهنجي روحاني سلسلي جي اجازت حاصل آهي، جنهن سبب ڏورانهن علائقن مان توڙي ڏهرڪي ۽ پرپاسي جي علائقن مان مرد، عورتون پنهنجي اولاد سميت اوهان جي در تي دعا ۽ سلامي لاءِ ايندا رهن ٿا هاڻي ٻه درگاهه جي خدمت ۽ سنڀال مسلسل جاري آهي.

## چٽي مسجد جي پرپاسي جا ڳوٺ

**چٽي مسجد ۽ پرپاسي جا سميجا ڳوٺ** چٽي مسجد جي آس پاس سميجا قوم جا ڪيترائي ڳوٺ آباد آهن. مقامي روايتن مطابق، هتي خاص طور تي ست پاڙا (ست ڳوٺ) سميجن جا ڳڻيا وڃن ٿا. چٽي مسجد ۾ هڪ سرڪاري پرائمري اسڪول پڻ موجود آهي، جيڪو ١٩٨٣ع ۾ مسجد اسڪول طور منظور ٿيو هو. چٽي مسجد ۽ پرپاسي جا ڳوٺ ۽ قبرستان: تاريخي قبرستان درگاهه چٽي مسجد جي پرسان هڪ پراڻو ۽ تاريخي قبرستان پڻ موجود آهي، جتي رڳو سميجا قوم جا قبرون موجود آهن. چٽي مسجد لڳ ست پاڙا سميجن جا آهن. **ڳوٺ ڪوڙو خان سميجو** چٽي مسجد جي پرسان هڪ اهم ڳوٺ آهي، جتي ٻه سميجا قوم جي ماڻهن جي اڪثريت موجود آهي. **ڳوٺ شادمان سميجو** (شادمان جو دهو) هي ڳوٺ ميان الهوسايو سميجو طرفان آباد ڪيو ويو. ميان الهوسايو، شادمان سميجو اڳ ڪينجو ۾ آباد هو، اتان وٺي هن هند آباد ڪيائون. مرحوم شادمان سميجو، حاجي عبدالعزيز سميجو وڏيرو عبدالمالڪ سميجو آهن. **ڳوٺ احسان سميجو** ڳوٺ احسان سميجو پڻ چٽي مسجد جي پرپاسي ۾ آباد آهي. هتي سميجا قوم جا ماڻهو اجتماعي روايتن ۽ ڀائيچاري واري ماحول سان گڏ رهن ٿا. **ڳوٺ حامد پور** هڪ ٻيو اهم ڳوٺ آهي، جتي هيٺيان سميجا معزز شخصيتون رهائش پذير آهن: جن ۾ مرحوم شمن سميجو جيڪو اينگرو فوڊز جو ٺيڪيدار هو، ايڊوڪيٽ غلام عباس سميجو وڪالت سان گڏ ٺيڪيداري ٻه ڪري رهيو آهي پاڻ سخي دل آهي. پيارو سميجو، عبدالرحيم سميجو آهن. **ڳوٺ ٻٽو سميجو** پڻ هن علائقي جي اهم وسندين مان آهي، جتي ٻه رڳو سميجا قوم جا ماڻهو آباد آهن.

درگاهه چٽي مسجد ديهه حامدپور ۾ موجود آهي. پرپاسي جا سڀ ڳوٺ سميجا قوم سان واسطو رکن ٿا. علائقي جي سيني ڳوٺن ۾ سميجن جي روايتن، اخلاقيات ۽ ڀائيچاري جو وڏو اثر موجود آهي.

**ڳوٺ ڪوپر** (سخي غلام محمد ڪوپر) چٽي مسجد کان ٿورو فاصلو تي ڳوٺ واقع آهي، جنهن جو اڳوڻو نالو غلام محمد ڪوپر هو. غلام محمد ڪوپر نهايت سخي دل وارو ماڻهو هو، جنهن جي سخاوت سبب ڪيس "سخي ڪوپر" جي نالي سان سڏيو ويندو هو. هاڻي هي ڳوٺ فتح محمد ڪوپر جي نالي سان مشهور آهي. هي ڳوٺ چٽي مسجد جي ڏکڻ طرف موجود آهي.

**اوائلي دور گاسليٽ ۽ گيس جون بتيون** ١٨٥٠ع: خيرپور ڏهرڪي شهر ۾ گيس تي بتيون هلڻ لڳيون، اسٽيم انجڻ سان هلندڙ ڪارخانن ۽ رستن تي ٻه بتيون لڳايون ويون ڪراچي ۾ پهريون دفعو بجليءَ جو بلب لڳايو ويو، انگريزن حيدرآباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي ۾ بجليءَ جا نظام متعارف ڪرايا، ١٩٤٠ع: سنڌ جي وڏن شهرن ۾ بجلي عام ٿيڻ لڳي، پر ڳوٺن ۾ اڃا ڏيئا ۽ لالٽينون استعمال ٿينديون هيون. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ: بجليءَ جو وڌندڙ استعمال (١٩٤٧ع - ١٩٩٠ع) ۽ بجليءَ جو نظام بهتر ٿيڻ لڳو، سکر، ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ بجليءَ جا پول لڳڻ لڳا، ١٩٧٠ع سنڌ جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ پهريون دفعو بجلي پهچڻ لڳي. گهٽين ۽ پارڪن ۾ اسٽريٽ لائيٽ لڳيون، ٢٠١٠ع: لوڊشيڊنگ جي ڪري ٢٠١٨ ڪانپوءِ ڏهرڪي ۽ ديهي علائقن ۾ سولر پينل عام ٿيڻ لڳا. جهڙن شهرن ۾ وڏن عمارتن تي سولر سسٽم لڳڻ لڳا. ٢٠٢٠ع - ٢٠٢٥ع: سولر بلب، اسمارٽ لائيٽس، ۽ موبائيل ايپ سان ڪنٽرول ٿيندڙ روشنيءَ جا نظام عام ٿي رهيا آهن.

## ڳوٺ امير بخش سومرو- جتي هر گهر ۾ شعور ۽ تعليم آهي

ڳوٺ امير بخش سومرو جو باني محترم امير بخش سومرو ڪوهن جو ٺوٺو ۽ امير بخش سومرو ڳوٺ جو بنياد رکندڙ هو, هو پنهنجي دور جو هڪ ماهر ڪوهن جو ٺوٺو هو. جڏهن ڍهرڪي ريلوي اسٽيشن ٺهي رهي هئي ته اتي ڪوهه کوٽڻ جو ڪم ڪنهن ٻئي وٽ هيو هيٺ زمين سخت هئڻ سبب سندس بيل (ڪوهه کوٽڻ واري وڏي ڪوڏر) هيٺ ڦاسي پئي گهڻي ڪوشش ڪانپوءِ به ڪم اڳتي نه پيو هلي آخرڪار انگريز انجنيئر ڪي ڪنهن ٻڌايو ته امير بخش عرف اميرو سومرو هي ڪم شايد ڪري وڃي, امير بخش ڪي پاڻي ۾ گهڻي دير تائين ٽٻي رهڻ جو سٺو تجربو هيو ۽ ڪم ۾ مهارت هجڻ سبب ڪوهه جو ڪم جلد مڪمل ڪري ڏنو, انگريز انجنيئر خوش ٿي ڪيس ٻه ايڪڙ زمين انعام طور ڏني, جتي امير بخش ڳوٺ قائم ٿيو. امير بخش جڏهن ڳوٺ جو بنياد رکيو ته اڪيلي گهر هجڻ سبب ڪيس سٺو نه پئي لڳو انکري اوپر پاسي پنهنجي دوست عبدالله ڪاسائي کي مفت ۾ زمين ڏيئي ويهاريو, اولهه پاسي کان ٻئي دوست باگوجي ماڙيچو جي پيءُ کي زمين ڏني ۽ ڏکڻ پاسي ٽئين دوست ڪستورو ماڙيچو جي پيءُ کي ويهاريو.

**امير بخش سومرو جو خاندان** امير بخش سومرو جي شادي مائي گل خاتون سان ٿي جيڪا جان محمد سومرو (آهنگر) جي ڌيءَ هئي, ڪيس اولاد ۾ ٻه پٽ الله بخش ۽ الله ورايو هئا. ١. الله بخش ٣ شاديون ڪيون پهرين گهر واري مائي مريم جيڪا ذات جي ڪانجون هئي ان منجهان ڪيس ٢ ٻار هڪ پٽ احمد بخش ۽ ڌي مائي مٺل ٿيا. ٻي شادي مائي واڌل سان ڪيائين جيڪا ذات جي ڪوراڻي هئي پر ان منجهان ڪيس اولاد ڪون هيس. ٽين شادي پنهنجي ننڍي ڀاءُ الله ورايو جي وفات ڪانپوءِ ڀاڄائي رابعه سان ڪيائين جنهن منجهان هڪ پٽ سڄاول جيڪو مستري سڄاول ۽ نانو سڄاول جي نالي سان مشهور هيو. **احمد بخش جو اولاد:** ڪيس پنج ٻار ٿيا جن ۾ ١. فيض محمد سومرو: (پٽ) مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ پئي کان حصي ۾ آيل زمين سنڀالڻ لڳو ۽ گڏوگڏ ڪاروبار ۾ پڻ هٿ وڌو اتي پينهڻ جي مشين ۽ گاهه جي ڪٽر ڪرڻ واري مشين پڻ لڳائي, گاهه واري ڪٽر ريل ذريعي ڪراچي پڻ موڪليندو هيو پر ڪيس ڪم ۾ مزو نه اچڻ سبب مشين پنهنجي ڀاءُ غلام حسين ۽ والد احمد بخش جي حوالي ڪري پاڻ ڪراچي هليو ويو جتي ڊان اخبار ممبئي ۽ ڪراچي جي سرڪيوليشن مينيجر جي حيثيت سان ڪم شروع ڪيو ۽ وفات تائين ڪراچي ۾ رهيو جتي ٩٩ سالن جي عمر ۾ سن ٢٠٢٤ع ۾ وفات ڪري ويو) فيض محمد سومرو صاحب ٥ شاديون ڪيون. پهرين گهرواري مان ڪيس ٻه پٽ غلام رسول ۽ الله بخش سومرو ۽ ٻه نياڻيون ٿيون ٻي گهرواري مان هڪ پٽ ۽ ٻه نياڻين جو اولاد ٿيو. پٽ تاج الدين سومرو (المعروف ماموتاج سومرو), ماموتاج وقت جو ٻي تاج بادشاهه هو پيءُ جي زمين سنڀالڻ سان گڏ گورنمنٽ ڊگري ڪاليج گهوٽڪي ۾ ڪلارڪ به هو ان وقت جي ڍهرڪي واسين جي خوب خدمت ڪيائين ۽ "آنن فانن" شاگردن جا ڪاليج جا بورڊ ۽ يونيورسٽي جا مسئلا حل ڪري ڏيندو هو سندس ملاقات جي جاءِ موچي جو هوٽل هوندو هوس (جتي بهترين چانهه ملندي هئي) **مامي تاج الدين سومرو جو اولاد:** ڪيس ٣ پٽ ۽ ٥ نياڻين جو اولاد ٿيو. ١. پٽ: انجنيئر رحمان تاج سومرو (هيڊ پلاننگ ڊپارٽمنٽ قطر, گئس) ٢. انجنيئر عمران سومرو (سعودي عرب ۾ پرائيويٽ ڪمپني ۾ نوڪري) ٣. انجنيئر ڪامران سومرو (ڪراچي) نياڻيون: ١. نجمه سومرو (HST, رٽائرڊ) ٢. نغمه سومرو HST ٣. سلمي سومرو HST ٤. روزينه سومرو (گهريلو خاتون) ٥. فوزيا سومرو (گهريلو خاتون) ٦. مهرين سومرو (گهريلو خاتون) فيض محمد سومرو جي ٽئين ۽ چوٿين گهر وارين سان اڻ بڻ سبب نه هلي سگهيو جيڪي پوءِ طلاق وٺي ڇڏي. پنجين گهرواري پناڻ قوم مان هئي جنهن منجهان ڪيس ٥ نياڻين جو اولاد ٿيو جن مان ٻيون نمبر نياڻي محترمه شاهده سومرو گورنمنٽ گرلز هاءِ اسڪول ڍهرڪي ۾ نوڪري ڪئي ۽ هيڊ مسٽريس جي پوسٽ تان ريٽائر ٿي آهي. غلام حسين سومرو: (پٽ) جڏهن جوان ٿيو ته پنهنجي پڙ ڏاڏي امير بخش وارو ڪوهه کوٽڻ وارو ڪم شروع ڪيو ۽ حصي ۾ مليل زمين پڻ سنڀاليندو هو ڪجهه وقت ڪانپوءِ جڏهن هٿ وارا نلڪا لڳڻ شروع ٿيا ته اهو ڪم ڪيو جڏهن ١٩٧٠ واري ڏهاڪي ۾ راشن ڪارڊ شروع ٿيو ته اينگرو ڪالوني ۾ راشن وڪڻڻ جو ڪم شروع ڪيو جيڪو سندس وفات تائين هلندو رهيو. غلام حسين ٻه شاديون ڪيون پهرين گهرواري شميم عرف شمي, علي جي ڳوٺ گهوٽڪي مان ڪيائين جنهن منجهان هڪ پٽ عبدالعزيز ۽ نياڻي مريم جو اولاد ٿيو.



عبدالعزيز: (پٽ) پيشي جي لحاظ کان جاين ٺاهڻ وارو مستري يا رازو آهي. هن ٻه شاديون ڪيون پهرين گهر واري مان پٽ **عبدالمجيد تعليم کاتي ۾ آفيس سپرنٽنڊنٽ** آهي ۽ ٻي گهرواري مان هڪ پٽ عبدالوحيد وڪيل آهي. غلام حسين سومرو ٻي شادي افروز خاتون ملڪ ذات مان ڪيائين جنهن منجهان ڪيس ٤ پٽ ۽ هڪ نياڻي جو اولاد ٿيو ١. پٽ: ڊاڪٽر الطاف سومرو (مرحوم) ٢. احمد بخش (وڪيل) ٣. آفتاب احمد (وڪيل) ٤. اعجاز احمد (وڪيل) نياڻي: ناهيد خاتون ريٽائرڊ پرائمري اسڪول ٽيچر آهي.

**احمد بخش جي اولاد** ١. رحمت خاتو ڌيءُ احمد بخش جنهن جي شادي محمد عالم ولد محمد ابراهيم سان ٿي) ٢. جنت خاتون ڌيءُ احمد بخش جنهن جي شادي نور محمد ولد محمد ابراهيم سان ٿي) ٣. لال خاتون ڌيءُ احمد بخش جنهن جي شادي محمد رمضان ولد پير بخش سان ٿي)٢ • **الله ورايو** جي شادي مائي رابيعه سان ٿي جنهن منجهان کيس ٣ ٻار هڪ پٽ ۽ ٻه نياٽيون ٿيون ١. بختاور (نياٽي) ٢. مائي مٺل (نياٽي) ٣. **هدايت علي (پٽ)** الله ورايو بيماري سبب جواني ۾ ئي فوت ٿي ويو هيو سندس ٻار صفا ننڍا هجڻ ڪري مائٽن سندس وڏي ڀاءُ الله بخش تي زور وڌو ته ڀاڄائي رابيعه سان نڪاح ڪري جيئن ٻارن جي پرورش سٺي ٿي سگهي.

**هدايت علي سومرو:** پيشي جي لحاظ کان حقي جا ڦل ٺهرائي انهن کي ٽين جي پٽرين سان مڙهي (مظبوطي لاءِ) کپائيندو يا ڪاروبار ڪندو هيو نه رڳو ڏهرڪي پر ملڪ جي ٻين شهرن ڏانهن پڻ موڪليندو هيو. هن ٻه شاديون ڪيون پهرين گهر واري منجهان کيس ٣ پٽ ۽ ٻه نياٽين جو اولاد ٿيو. ١. عبدالغفور سومرو: (پٽ) مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ ٻيلي کاتي ۾ کيس نوڪري ملي ۽ سندس جي شادي تاج الدين سومرو عرف مامو تاج جي سڳي ڀيڻ حسنه خاتون سان ٿي جنهن منجهان کيس ٥ پٽ ۽ ٥ نياٽين جو اولاد ٿيو. ١. سليم گل (پٽ) (آفيس سپرنٽنڊنٽ، گورنمينٽ بوائز ڪاليج، اوٻاوڙو) سليم گل جي اولاد: پٽ: انجنيئر ارسلان سومرو (دمام، سعودي عرب)، انجنيئر اظهر سومرو (ڪراچي)، انجنيئر اسامه سومرو (ٽرڪول، اسلام ڪوٽ) محمد يوسف انجنيئرنگ جو شاگرد ٢. نديم گل (پ انسٽرومينٽ ٽيڪنالاجي ۾ ڊپلوما ڪرڻ ڪانپوءِ دسڪون ۽ مختلف ڪمپنين ۾ ڪم ڪندو رهيو هينئر وسيم جي مدد سان ڏهرڪي ۾ پنهنجو ڪم ڪري رهيو آهي. ٣. شميم احمد (پٽ) بايو ميڊيڪل ۾ ڊپلوما ڪرڻ ڪانپوءِ ڪجهه سال پاڪستان ۾ ڪم ڪيو بعد ۾ سعودي عرب ويو، جتي هن ٢٢ سالن کان مٿي ڪم ڪيو جڏهن ٻار ڪاليج وڃڻ جهڙا ٿيا ته پاڪستان موٽي آيو هتي ڏهرڪي ۾ اچي پنهنجي آٽو ورڪشاپ ٺاهي (آرٽيسن آٽو ورڪشاپ) وڏي محنت سان هلائي رهيو آهي. ٤. **وسيم احمد (پٽ) المعروف وسيم پينٽر**، زندگي ۾ وڏي جدوجهد ڪئي هڪ بهترين باڪسر سان گڏ سندس جي هٿ ۾ پينٽنگ ۽ آرٽسٽ جو جادوئي قلم هو جيڪا به تصوير ٺاهيندو هو شاهڪار بڻجي ويندي هئي پنهنجي محنت عقل ۽ فهم سان ڪم کي وڌائيندو ويو هن وقت دبئي مارڪيٽ ۾ پينافلڪس جو بهترين سيٽ اپ لڳايو اٿس اينگرو ماڙي گيس جو نمبر ون ڪنٽريڪٽر آهي، هٿ سان ڪم ڪرڻ سان گڏ هو هڪ سٻاجهڙو ۽ محبتي انسان به آهي. ٥. فهيم احمد (پٽ) شروع ۾ دسڪون ۽ مختلف ڪنسٽرڪشن ڪمپنين ۾ ڪم ڪيو جڏهن وسيم جو ڪم سٺو هلي پيو ته فهيم کي پاڻ سان گڏ رکي ڪيس ڪم سيکاريو هينئر فهيم پنهنجو ڌار ڪم ڪري رهيو آهي. نياٽيون ١. رخسانه خاتون (ڌيءُ) گرلز هاءِ اسڪول ٽيچر (ريٽائرڊ) ٢. فرزانه خاتون (ڌيءُ) گرلز پرائمري اسڪول ٽيچر ٣. رضوانه خاتون (ڌيءُ) MBBS ڊاڪٽر ٤. صائمه (ڌيءُ) گهريلو خاتون ٥. صدف (ڌيءُ) پرائمري اسڪول ٽيچر (ڪراچي) ٢. بشير احمد سومرو: (پٽ) مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ ٻيلي کاتي ۾ نوڪري تي لڳو سندس جي شادي تاج الدين جي سڳي ننڍي ڀيڻ سان ٿي جنهن منجهان کيس ٣ پٽ ۽ ٤ نياٽين جو اولاد ٿيو. هڪ پٽ ساجد انجنيئرنگ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ ڪجهه وقت پرائيويٽ ڪمپنين ۾ ڪم ڪندو رهيو هينئر ڪيڊٽ ڪاليج گهوٽڪي ۾ ليڪچرر طور خدمتون انجام ڏيئي رهيو آهي. ٣. اقبال احمد سومرو: (پٽ) جاين ٺاهڻ وارو مستري يا رازري جو ڪم ڪندو هيو، سندس اولاد پڙهي نه سگهي، محنت مزدوري ڪري گذر سفر ڪن ٿا ڪجهه سال اڳ بيماري سبب اقبال وفات ڪري ويو. **عائشه خاتون (ڌيءُ) ڊاڪٽر صاحب خاتون سومرو** جي والده هئي. اقبالان خاتون (ڌيءُ) **هدايت علي سومرو** جي شادي عبدالواحد ڪوڪر جي نياٽي حرمت خاتون سان ڪئي جنهن منجهان کيس ٥ پٽ ۽ ٢ نياٽين جو اولاد ٿيو. ١. **غلام سرور سومرو:** (پٽ) مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ مختلف ڪم ڪيا ڪو هنر نه سکڻ ۽ هجڻ سبب ڏهرڪي شهر جي پراڻي بس اسٽينڊ تي سگريٽ ۽ مختلف شيون وڪڻ جو ڪم شروع ڪيو ڏينهن رات جي اڻ ٿڪ محنت سان نه صرف ننڍن ڀائرن لياقت علي ۽ غلام اصغر جونيئر کي پڙهائڻ ۾ سندن جي مالي مدد ڪئي پر پنهنجي اولاد کي پڻ پڙهايو، سندس جي دڪان اڄ به ساڳي جڳهه تي موجود آهي. ٢. غلام اصغر سومرو: (پٽ) مرحوم مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ ٺي جي فرنيچر ٺاهڻ جو ڪم سکڻ شروع ڪيو هڪ دفعي ليدرڙ ٻيلو مان ٽريڪٽر ٽرالي تي ڪاٺيون ڪٺائي اچي رهيو هيو ته ننڊ اچڻ سبب ٽرالي تان ڪري پيو ۽ وفات ڪري ويو. ٣. غلام اڪبر سومرو: (پٽ) هپ پڙهڻ ۾ ڪمزور هجڻ سبب اسڪول ڇڏي پنهنجي مامي گل محمد ڪوڪر کان رازي جو ڪم سکيو ۽ هڪ نامياري مستري جو مقام حاصل ڪيو. ٤. لياقت علي سومرو: (پٽ) هو پڙهڻ ۾ ڏاڍو بهترين ۽ انتها جو ذهين هيو غربت ۽ مالي وسيلا نه هجڻ سبب انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا لاءِ ڪوشش نه ڪئي، انٽر يا FSc ڪرڻ ڪانپوءِ ڪراچي مان ڊپلوما ڪيو ۽ اينگرو فرٽيلائيزر ڏهرڪي ۾ پراسيس آپريٽر طور پرتي ٿيو، سندس جي شادي مامو تاج جي نياٽي سان ٿي. ۽ اينگرو ڪانپوءِ قطر، سعودي عرب ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.

٥. غلام اصغر جونيئر: (پٽ) مئٽرڪ ڪانپوءِ انسٽرومينٽ ٽيڪنالاجي ۾ ڊپلوما ڪيو ۽ ٽيڪنيشن طور اينگرو فرٽيلائيزر ۾ ڀرتي ٿيو ڪجھ سال اينگرو ۾ ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ UAE جي فجيره اسٽيٽ ۾ نوڪري ملي ويس ڪافي سالن کان اتي ڪم ڪري رهيو آهي

**فهميده خاتون:** (ڌيءُ) ڪي مئٽرڪ ڪرڻ ڪانپوءِ پرائمري اسڪول ٽيچر جي نوڪري ملي مڙس شمس الدين سومرو جو ڪم ڪار ڪراچي ۾ هيو انڪري هو ڌهرڪي مان بدلي ڪرائي ڪراچي هلي ويئي نوڪري سان گڏ پنهنجي تعليم پڻ جاري رکي هيئنر جناح اسڪول فار وومن جي هيڊ مسٽريس جون خدمتون انجام ڏيئي رهي آهي. ٢. حميده خاتون: (ڌيءُ) پرائمري اسڪول ٽيچر طور گورنمنٽ گرلز پرائمري اسڪول محلو امير بخش ۾ نوڪري ڪري رهي آهي.

**جان محمد سومرو (آهنگر) جي اولاد جو ڳوٺ امير بخش سومرو ۾ مستقل رهائش:** جان محمد جي وفات ڪانپوءِ ۽ الله بخش سان رشتيداري ڪرڻ سبب سندس ٽيئي پٽ محمد اسماعيل, محمد ابراهيم ,محمد موسيٰ پنهنجي گندپور (هاٽوڪو محمدي محلو) واري جاءِ وڪڻي اچي ڳوٺ امير بخش سومرو ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي. ١. محمد اسماعيل ولد جان محمد (آهنگر) سومرو جي پيڙهي:

**(سڄو تفصيل پروفيسر محمد اسماعيل "منصور" سومرو واري ڻاپڪ ۾ ڏنل آهي)**

٢. **محمد ابراهيم ولد جان محمد (آهنگر) سومرو:** ڪيس صرف ٻي پٽ هئا نياڻي ڪا نہ هئي. ١. محمد عالم جنهن کي صرف ٻہ نياڻين جو اولاد ٿيو. ١. مائي ڪندن خاتون: (جنهن جي شادي تاج الدين عرف مامو تاج سان ٿي) مائي نيڪ صالح: (جنهن جي شادي محمد ابراهيم ولد نظر محمد سان ٿي) ٢. نور محمد: کي ٻہ پٽ ۽ هڪ نياڻي جو اولاد ٿيو. ١. مولا بخش: (پٽ)* هن جي اولاد پڙهي نہ سگهي ۽ محنت مزدوري تي گذر سفر ڪن ٿا ٢. رحمت الله: (پٽ) هن جي اولاد بہ پڙهي نہ سگهي ۽ محنت مزدوري ڪن ٿا. ۽ انور خاتون: (ڌيءُ) (جنهن جي شادي عبدالعزيز ولد غلام حسين سان ٿي)

٣. **نظر محمد: کي ست پٽ ۽ هڪ ڌيءُ جو اولاد ٿيو.** پٽن جي تفصيل ١. محمد ابراهيم سومرو:* مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيس ٻہ هڪ پوليس ۾ ASI ۽ ٻيو ٻيلي کاتي ۾ ڪلرڪ, محمد ابراهيم ٻيلي کاتي واري نوڪري چوندي ۽ ڪافي سال ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيس اينگرو فرٽيلائيزر جي مارڪيٽنگ آفيس ڌهرڪي ۽ پوءِ ڪيس ڪمپني لاڙڪاڻو ويئرهائوس ۾ انچارج ڪري موڪليو ڪجھ سال ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ ريجنل مئنيجر سان اڻ بڻ ٿيڻ سبب ڪيس نوڪري ڇڏڻي پئي.

**محمد ابراهيم سومرو جي اولاد:** ١. **شڪيل سومرو** (صحافي ۽ اينڪر) جنهن جو صحافتي ۽ مزاحمتي ڪردار تاريخ جي ورقن ۾ موجود آهي. شڪيل کي ٤ نياڻين جو اولاد آهي ١. پارس سومرو ڪمپيوٽر انجنيئر شادي شده (هيئنر مڙس سان گڏ جده، سعودي عرب ۾ رهي ٿي) ٢. ڪائنات سومرو Bsc پاس شادي شده (هيئنر مڙس سان گڏ دمام، سعودي عرب ۾ رهي ٿي) ٣. ڊاڪٽر نورليلا سومرو (BDS، ڊينٽسٽ) ٤. فاطمہ بتول سومرو (MBBS، ڊائو يونيورسٽي، ٽئين سال جي شاگرديائي) ٢. **جميل سومرو** (تعليم کاتي ۾ تعلقو ايجوڪيشن آفيسر) آهي, ڌهرڪي تاريخ جي نظر ۾ جو سهڪاري آهي ان جو پروفائل ڪتاب ۾ موجود آهي ڪيس اولاد ۾ ٣ پٽ ۽ ٻہ نياڻيون آهن.

١، پٽ: انجنيئر اويس سومرو, ٢. انجنيئر اسفنديار سومرو, ٣. انجنيئر احسن سومرو, نياڻيون: ڊاڪٽر خديجہ سومرو (FCPS), ڊاڪٽر ڪومل سومرو ٣. **خليل سومرو:** روينيو ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري سان گڏ سومرو برادري جي مسئلن ۾ پيش پيش هوندو آهي سندس جا وسيع سياسي ۽ سماجي تعلقات آهن ڪيس اولاد ۾ پٽ: هالار سومرو، سالار سومرو ۽ نياڻي عليشاه سومرو ۴. **عقيل سومرو:** ڪم ڪار ۾ مختلف تجربن ڪانپوءِ هيئنر چوڌري انوار الحق سان گڏ گاڏين (ڪار) وڻڻ ۽ ڪپائڻ جو ڪم ڪري ٿو ڪيس اولاد ۾ ٣ پٽ ۽ هڪ نياڻي آهي. پٽ: حمزه سومرو، عثمان سومرو، مدثر سومرو, نياڻي: عمره سومرو (تعليم حاصل ڪري رهي آهي), ٥. **عباس سومرو:** آٽو موبيل ۾ ڊپلوما ڪرڻ ڪانپوءِ مختلف ڪمپنين ۾ پرائيويٽ نوڪري ڪندو رهيو آهي, هيئنر سوزوڪي ڪمپني ۾ ورڪشاب مئنيجر لڳل آهي ڪيس اولاد ۾ پٽ: واصف سومرو ۽ نياڻي: ڪشف سومرو آهن

٢. **عبدالقادر سومرو:** عبدالقادر پيشي جي لحاظ کان ڊرائيور هيو پنهنجي محنت ۽ عقلمندي سان ترقي ڪري ٽرانسپورٽر بڻجي ويو سندس جي شادي پروفيسر محمد اسماعيل سومرو جي وڏي نياڻي مهناز خاتون سان ٿي جيڪا مئٽرڪ پاس هئي, اولاد ۾ ڪيس ٣ پٽ ۽ ٥ نياڻيون آهن وڏو پٽ جاويد MBBS پاس ڪئي پوليو جو مرض هوندي بہ ڪراچي ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي

سندس نياڻي ناجيہ سومرو MA انگلش لٽريچر ۾ گولڊ ميڊل حاصل ڪيو هيئنر گورنمنٽ گرلز ڪاليج ڏهرڪي ۾ ليڪچرر آهي.
ٻيون پٽ رضوان سومرو اينگرو پوليمر ڪراچي ۾ سپروائيزر جي نوڪري ڪري رهيو آهي ۽ ٽيون پٽ محمد علي ڪمپيوٽر انجنيئرنگ ڪري ڪانپوءِ اينگرو پاور قادرپور ۾ IT انجنيئر طور ڪم ڪري رهيو آهي ٣. عبدالشڪور سومرو، ٤. عبدالستار سومرو، ٥. عبدالغفار سومرو، ٦. گل محمد سومرو، ٧. عبدالحق سومرو ٨. حليمہ خاتون: (جنهن جي شادي محترم حاجي ڏٽي بخش سومرو سان ٿي)
ڳوٺ امير بخش سومرو جا رهندڙ، ڏهرڪي، اوباڙو، گهوٽڪي، ڪراچي، سعودي عرب، قطر، UAE تائين پکڙيل آهن. سندن اولاد تعليم، صحافت، انجنيئرنگ، ۽ طب جي شعبن ۾ نمايان حيثيت حاصل ڪئي.

## ڳوٺ امير بخش سومرو جو بنياد انگريز دور ۾ پيو، جنهن جون يادگارون اڄ بہ موجود آهن

ليکڪ: واجد علي سومرو: مددگار: ١. پروفيسر محمد اسماعيل (منصور) سومرو ٢. محمد ابراهيم ولد نظر محمد سومرو

## محمد ابراهيم سومرو

محمد ابراهيم سومرو جيڪو ڏهرڪي امير بخش سومرو آهي سندس والد جو نالو نظر محمد سومرو ١٩٦٢ ۾ ميٽرڪ ۽ ١٩٦٨ ۾ B.A ڪيائين ١٩٦٣ ۾ فاريسٽ ۾ ڪلرڪ ڀرتي ٿيو، جڏهن ADC بند ٿي ويئي، تہ CID اسپيشل برانچ ۾ PA to SP ٿيو، جنهن جي آفيس ڪارا در ڪراچي هئي، اتان استعفا ڏيئي ١٩٧٢ ۾ Esso ۾ JJ smith جو سيڪريٽري ٿيو، محمد ابراهيم جو شروع کان ئي ادب ۽ موسيقي جو شوق رهيو آهي، ايسو مان رٽائر ڪيو تہ ڪجهہ سال گهر ويٺي مالي حالت خراب هئي، ۽ ٻارن جي تعليم سبب هڪ جيپ وٺي زندگي جو گاڏو اڳتي ڌڪايو، محمد ابراهيم سومرو جا پٽ ۽ نياڻيون پوٽا ۽ پوٽيون تعليم يافتہ آهن ۽ ڪجهہ اعلي عهدن تي آهن سندس پٽ شڪيل سومرو ناليوارو صحافي ۽ اينڪر آهي. محمد ابراهيم سومرو جي اولاد شڪيل احمد سومرو، جميل احمد سومرو، عقيل احمد سومرو، محمد عباس سومرو.

## عبدالجبار سومرو هڪ محنتي انسان جائين ۽ تعميراتي ميدان جو ماهر مستري

عبدالجبار سومرو ١٩٦٥ع ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو پارو خان سومرو هو. عبدالجبار ننڍپڻ کان ئي مزدوري ڪرڻ لڳو، ۽ وقت سان گڏوگڏ هڪ بهترين مستري بڻجي ويو. ١٩٨٤ع ۾ هن شادي ڪئي. روزگار جي تلاش ۾ هو ١٩٩٠ع ۾ ڪوئٽا روانو ٿيو، جتي هن جائين جو ڪم شروع ڪيو. پنهنجي محنت ۽ ڪاريگري جي مهارت جي ڪري هو جلد ئي سڃاتو ويو، جنهن ڪري ڪم وڌندو ويو ۽ آخرڪار هن ٺيڪيداري جو ڪم بہ شروع ڪيو.
عبدالجبار سومرو جي گهرواري ١٩٩١ع ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول امير بخش سومرو ۾ ٽيچر طور ڀرتي ٿي. هوءَ پرديدار، نيڪ، نمازي ۽ فرض شناس هئي. هن دل لڳائي تعليم ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ سندس ڪيترائي شاگرد اڄ ڊاڪٽر، ٽيچر ۽ اعليٰ عهدن تي فائز آهن. هوءَ ٢٠٢٥ع ۾ رٽائر ٿي. عبدالجبار سومرو جا ٽي پٽ آهن: آصف علي سومرو، زوهيب علي سومرو، ۽ ڪامران احمد سومرو، جيڪو هڪ سٺو باورچي آهي. سندس هڪ نياڻي بہ آهي.
عبدالجبار سومرو ١٣ نومبر ٢٠٢٣ع تي وفات ڪري ويو. سندس وفات کانپوءِ گهر جي سڄي ذميواري سندس گهرواري تي اچي ويئي، جيڪا اڄ بہ بهادريءَ سان پنهنجا فرض نڀائي رهي آهي.

مستري عبدالجبار سومرو ۽ سندس پٽ آصف علي سومرو، زوهيب علي سومرو، ۽ ڪامران احمد سومرو

**ڏهرڪي ۾ دايا برادري جو وجود ۽ تاريخي پسمنظر:** دايا برادري ضلع جي مختلف شهرن گهوٽڪي، ڏهرڪي اباوڙو سکر، ۽ ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ آباد آهي. تاريخي حوالن موجب، هي برادري قديم دور ۾، سنڌ ۾ هندن جي مختلف ذاتين ۽ برادرين جو وجود رهيو، جن مان دايا برادري پڻ اهم حصو رهي آهي، سنڌ جي دايا برادري هندو ڌرم سان تعلق رکندي هئي پر وقت سان گڏوگڏ ڪجھ خاندانن اسلام پڻ قبول ڪيو. هي برادري واپار، زراعت، ۽ دستڪاري ۽ ٻين پيشاور مهارتن سان آراستہ رهي آهي. ٻولي: سنڌ جا دايا عام طور تي سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ آهن، **سنڌ ۾ دايا برادري جي هاڻوڪي حيثيت:** ڏهرڪي، اباوڙو ۽ پرپاسي جي مختلف علائقن ۾ دايا برادري جا ماڻهو آباد آهن، ۽ سنڌن ثقافتي سڃاڻپ زنده آهي. هو پنهنجي مذهبي ۽ ثقافتي آزادي سان زندگي بسر ڪري رهيا آهن تعليم سميت ٻين شعبن ۾ پنهنجو ڪردار پڻ سرانجام ڏيئي رهيا آهن. امان حليمہ (حليمہ سعديہ رضي الله عنها) حضور پاڪ ﷺ جي رضائي ماءُ (دوده شريف پياريندڙ ماءُ) هئي ۽ عرب روايتن موجب، دائي پڻ سڏي سگهجي ٿو.

**ڏهرڪي شهر ۾ دايا آباد آهن** ڏهرڪي تعلقي ۾ دايا برادري جو وجود ٽالپور دور کان موجود آهي، ڏهرڪي دايا محلہ ۾ مرحوم تپيدار لال بخش دايو ڏهرڪي جي مشهور شخصيت پڻ هو، جنهن جا پٽ غلام عباس، آصف علي، سلطان احمد، زاهد علي دايو آهن، مرحوم امام بخش دايو، جنهن جا پٽ محمد اسلم، محمد اڪرم دايو اي ايس آءِ محمد عارف دايو آهن، مرحوم استاد گل محمد دايو جا پٽ ٽيليفون ڊپارٽمينٽ جو عبدالوهاب دايو عبدالخالق دايو، عبدالله دايو، مرحوم غلام رسول دايو جا فرزند ماستر عبدالرشيد دايو ۽ محمد سليم دايو آهن، مرحوم ڪمال الدين جا پٽ شاهد حسين عرف ڏهر دايو، ۽ غلام شبير دايو . استاد محمد عالم دايو ۽ پٽ اعجاز احمد نثار احمد ۽ ڪومل دايو،

**شاه لطيف ڪالوني:** غلام محمد دايو (ٽائون ڪاميٽي) ۽ ان جا فرزند حافظ احمد علي، محمد علي، حافظ آصف علي، امجد علي امتياز علي ۽ حفيظ الله دايو آهن. گل حسن دايو جا پٽ الاهي بخش، علي محمد، مشتاق احمد، علي محمد، اشتياق دايو آهن. مرحوم مير حسن دايو جا پٽ اعجاز احمد دايو ماڙي گيس، فياض احمد دايو، اياز احمد، رياض احمد، ۽ احمد دايو آهن. نور حسن دايو جا پٽ امجد علي دايو اسد علي داو، مرحوم جان محمد دايو جا پٽ، شهزاد ۽ شيراز دايو آهن، **مسلم ڪالوني:** غلام محمد دايو، خدا بخش دايو گل محمد دايو،

**سينما روڊ نور مسجد گهٽي:** مرحوم محمد ايوب دايو جا پٽ: شهاب الدين دايو، جيڪو اليڪٽرونڪس جو ماهر آهي سندس جون مختلف ايجادون آهن ۽ هن وقت سولر ڪنٽرولر ۽ انورٽر ٺاهيندو آهي. جهانگير دايو، آفتاب ايوب دايو، عالمگير ايوب دايو اينگرو فرٽيلائيزر ۾ P.A TO V.P آهي سهيل احمد دايو ۽ ماستر مقصود احمد دايو جو فرزند نويد احمد دايو (ماڙي انرجي) ۾ آئي ٽي ڊپارٽمينٽ جو هيڊ آهي **غفار ڪالوني:** مرحوم غلام نبي دايو جو پٽ ذوالفقار دايو، **چاچڙ محلہ:** مشتاق احمد دايو ڪائونسلر ٽائون ڪاميٽي، قالو خان دايو، ريتي: رياض احمد دايو رشيد احمد دايو، **فتح پور:** ڳوٺ فتح پور ۾ وڏي تعداد ۾ دايا برادري رهي ٿي، فتح پور جي مسجد جو پيش امام حافظ سڪندر علي دايو ، ماستر غلام رسول دايو جا پٽ استاد زاهد حسين دايو، شاهد حسين دايو (پاڪ آرمي) ساجد حسين دايو (اينگرو ۽ الخدمت اسپتال) ماجد علي دايو ڏهرڪي پڪوان سينٽر، واجد علي (پاڪ آرمي) جواد علي دايو، ساجد حسين دايو وڏو منشي. خدا بخش ڪالوني دائود احمد جا فرزند امتياز علي، عرفان علي، ۽ اسرار علي دايو آهن وڏيرو محمد شعبان دايو ڪي هڪ پٽ هو مرحوم حاجي غلام حسين دايو، دايا برادري جو چڱو مڙس هو سندس وفات بعد وڏي پٽ وڏيري غلام محمد دايو جي دستاربندي ڪئي ۽ برادري جا مسئلا غلام محمد دايو سنڀاري ورتا، سندس ٻين پٽن ۾ عابد حسين دايو UC عبدالوهاب دايو، حاجي غلام محمد دايو ڪي ١٩٨١ع ۾ ڄام ظفر خان ڏهر ٽائون ڪاميٽي جو ڪچو ملازم ڀرتي ڪيو، ١٩٨٤ع ميان مٺو ڪيس پرمانئنٽ آرڊر ڏنو، سندس اولاد ۾: پنج پٽ ۽ نياڻيون آهن، جن ۾ احمد علي دايو، (ٽائون ڪاميٽي) محمد علي دايو اينگرو، آصف علي، امجد علي، حفيظ الله شامل آهن. اباوڙو جي دايا برادري انور علي دايو، اقبال دايو.

## مرحوم ڏٺي بخش دايو ولد الھوسايو بابت تاريخي خاڪو

مرحوم ڏٺي بخش دايو ڄمڻ جي تاريخ: ۲۰-۱۱-۱۹۲۰ وفات جي تاريخ: ۰۹-۱۱-۲۰۰۹ ضلعي گھوٽڪي جي اٻاوڙو ۾ ڄائو. هن ۱۹۴۰ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪئي ۽ ۱۹۵۰ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ايل. ايل. بي جي ڊگري حاصل ڪئي. ۱۹۵۲ع تائين بار جو ميمبر رهيو. پوءِ ڪيس سول جج مقرر ڪيو ويو. سول جج طور، مٽلي، سانگھڙ، ٽنڊو الهيار، نوشهروفيروز، شهيد بينظير آباد، حيدر آباد ۽ ڪراچي ۾ خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. ۱۹۷۱ع ۾ ڪيس سنڌ حڪومت جي لا ڊپارٽمينٽ ڪراچي ۾ ڊپٽي سيڪريٽري طور ترقي ڏني وئي. ساڳئي سال، ڪيس دادو ۾ ايڊيشنل سيشن جج مقرر ڪيو ويو. ۱۹۷۵ع ۾ ڪيس خاص ڊيوٽي تي سيشن جج مقرر ڪري سکر موڪليو ويو. ان ڪان پوءِ ڪيس دادو ضلعي جي سيشن جج جي عهدي تي ترقي ڏني وئي. ۱۹۷۷ع ۾ ڪيس لاڙڪاڻو ضلعي جو سيشن جج مقرر ڪيو ويو. ۱۹۷۹ع ۾ ڪيس اسلام آباد، فيڊرل لينڊ ڪميشن ۾ ليگل ايڊوائيزر (BPS-20) طور مقرر ڪيو ويو، جتي هو ۱۹ نومبر ۱۹۸۰ع تائين رٽائر ٿيڻ تائين مقرر رهيو. رٽائرمينٽ ڪان پوءِ، هن ٻيهر قانوني پيشي کي اختيار ڪيو ۽ حيدر آباد ۾ وڪالت ڪندو رهيو. ۱۹۹۰ع تائين وڪالت ڪندو رهيو. ۱۹۹۰ع ۾ ڪيس ڪنٽريڪٽ تحت، لاڙڪاڻو ضلعي ۾ اينٽي ٽيرورسٽ (دهشتگردي ۽ جي روڪٿام) جي جج طور مقرر ڪيو ويو. ان ڪان پوءِ ۱۹۹۳ع ۽ ۱۹۹۴ع دوران، ڪيس حيدر آباد ۾ اينٽي ٽيرورسٽ سرگرمين جي خصوصي جج طور مقرر ڪيو ويو. ان بعد، هن ۲۰۰۸ع تائين حيدر آباد ۾ وڪالت جاري رکي. ۸۹ سالن جي ڄمار ۾، ۹ نومبر ۲۰۰۹ع تي هو حيدر آباد ۾ وفات ڪري ويو. ڪيس سنڌس اباڻي شهر اٻاوڙو (ضلعي گھوٽڪي) ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

## غلام شبير دايو عرف اُستاد شبير (مزدوري ڪان بورچي تائين جو سفر)

غلام شبير، جن کي ماڻهو محبت ۽ عزت سان "اُستاد شبير" جي نالي سان سڃاڻن ٿا، هڪ اهڙي بهادر ۽ خوددار شخصيت آهن، جن پنهنجي زندگيءَ جا ڏکيا مرحلا حوصلي، صبر، محنت ۽ خلوص سان طئه ڪيا. هنن جي زندگي اسان کي سيکاري ٿي ته جيڪڏهن نيت صاف هجي ۽ ارادو پڪو، ته ڪا به منزل دور ناهي.

اُستاد شبير جو تعلق سنڌ جي ضلعي گھوٽڪي جي شهر ڌهرڪي سان آهي. هنن رڳو ۱۲ ورهين جي عمر ۾ عملي زندگي جو آغاز ڪيو، جڏهن هو هڪ مسافر خاني جي هوٽل تي برتن ڌوئڻ جو ڪم ڪندا هئا. سڄي ڏينهن جي محنت عيوض صرف ۲۵ پيسا ملندا هئا. پر ان ئي جاءِ تان سندن صبر، هنر ۽ همت جو سفر شروع ٿيو.

برتن ڌوئڻ ڪان پوءِ، استاد شبير تندوري روٽي ٺاهڻ جو هنر سکڻ شروع ڪيو. هنن ڪيترن ئي مشهور هوٽلن تي ڪم ڪيو، جهڙوڪ چوڌري رمضان جو قديم هوٽل، جهنڊو هوٽل، شاليمار هوٽل ۽ ڊان هوٽل. انهن هوٽلن ۾ ڪم ڪندي، کاڌو پچائڻ جو شوق وڌڻ لڳو، جيڪو آخرڪار سندن سڃاڻپ بڻجي ويو. زندگيءَ جو نئون موڙ، اُستاد شبير جي زندگيءَ ۾ هڪ اهم ۽ مثبت موڙ تڏهن آيو، جڏهن هو صرف ۱۷ ورهين جا هئا. تندوري جو ڪم ڪري رهيا هئا، ۽ تمام ڏکئي دور مان گذري رهيا هئا. اهڙي وقت ۾، الله پاڪ هنن کي هڪ باهمت، وفادار ۽ سمجھدار گھرواري جي صورت ۾ ساٿي عطا ڪيو. سندن گھرواري نه صرف سندن حالتن کي سمجھيو، پر شروعي ڏينهن کان ئي سندن پورهئي، ارادن ۽ محنت کي ڀرپور ساٿ ڏنو. اُستاد شبير پنهنجي پيشورانه باورچي واري ڪيريئر جي شروعات ڪيفي شهباز هوٽل تان ڪئي. جتي سندن پچايل کاڌي جي ذائقي ماڻهن کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪيو. ٿوري ئي وقت اندر، ڌهرڪي ۾ هو ماهر ۽ عزت وارا باورچي طور سڃاتل ٿيڻ لڳا. عوامي هوٽل سان وابستگي: سندن زندگيءَ جو هڪ اهم باب ڌهرڪي جي مشهور عوامي هوٽل سان لاڳاپيل آهي، جتي هنن ۱۵ سال لڳاتار خدمتون سرانجام ڏنيون. اڄ عوامي هوٽل جون ٽن شاخون آهن، ۽ اُستاد شبير عوامي ۲ هوٽل تي مينيجر طور ڪم ڪري رهيا آهن. سندن عمر هن وقت ۵۷ سال آهي، پر ماشاءالله، اڄ به هو سٺي صحت سان، ذميواريءَ سان پنهنجو ڪم سرانجام ڏئي رهيا آهن. استاد شبير پاڻ تعليم حاصل نه ڪري سگھيا. زندگيءَ جي مجبورين سبب هو ڪڏهن به اسڪول نه وڃي سگھيا. استاد شبير نه فقط پنهنجي لاءِ عزت جو مقام حاصل ڪيو، پر پنهنجي اولاد جي تعليم ۽ تربيت تي خاص ڌيان ڏنو. الله پاڪ هنن کي ٽي پٽن سان نوازيو، جيڪي اعليٰ تعليم يافته، باشعور ۽ سٺين نوڪرين تي فائز آهن، ۽ پنهنجي والد جو نالو فخر سان روشن ڪري رهيا آهن. اهڙيءَ طرح سندن ٻه نياڻيون به آهن. جن کي اُستاد شبير ۽ سندن گھرواريءَ وڏي اخلاق، تهذيب ۽ تعليم سان نوازيون آهن. اُستاد شبير جي زندگي فقط هڪ شخص جي جدوجهد نه، پر اهي سڀ خاموش، اصل هيروز جي عڪاسي آهي، جيڪي بنا واويلا جي، محنت، ايمانداري ۽ سادگيءَ سان معاشري لاءِ مثال بڻجن ٿا. اُهي پنهنجي ڪردار ۽ ڪم سان عزت حاصل ڪن ٿا.

استاد شبير جا فرزند: مدثر شبير، احمد مجتبي، جهانزيب شبير ۽ پوٽو حيدر علي مدثر

## قديمي شهر رهڙڪي جو مختصر تاريخي پسمنظر

**رهڙڪي شهر جي رپورٽ رهڙڪي هڪ قديمي ڳوٺ آهي** رهڙڪي ڳوٺ رهڙن ٻڌو آهي هتي سوين سال اڳ (جنهن جو ڪاٿو سندس وارث ٻہ نہ ٿا ٻڌائي سگهن) سردار جان محمد رهڙ جا وڏن اچي هي ڳوٺ آباد ڪيو ۽ **نالو رهڙڪي رکيو** جتان پراڻي دور ۾ درياء جو گذرهو، جنهن ڪري ترت هتي اچي هندو واپار ســانگي اچي آباد ٿيا. انهن هندن مان ڪجھ درويش هئا جن مان رهڙڪي جي درٻار وجود ۾ آئي. درياء ختم ٿيڻ بعد رهڙڪي جي هڪ وڏي ڍنڍ رهجي ويئي جنهن جو نالو ڍنڍ رهڙڪي آهي هتي **هندن جي روحاني درٻار ســترام ڌام آهي** ۽ سائين ســترام داس ٢٥ آڪٽوبر ١٨٦٦ع تي ڪوتا رام جي گهر ۾ جنم ورتو هو رهڙڪي ان روحاني درٻار ڪري ملڪ پاڪستان، هندستان سميت پوري دنيا ۾ سڃاتي وڃي ٿي، رهڙڪي **ويهين صدي جو بزرگ بخش علي فقير جي مزار** آهي جن جي تعليمات ۽ خدمت شــهر جي ســماجي ۽ روحاني زندگيءَ ۾ اهم حيثيت رکي ٿي. ســندن درگاھ شــهر جي روحاني مرڪز طور سڃاتي وڃي ٿي، **رهڙڪي ۾ موجود قديمي قبرستان** شهر جي تاريخي ورثي جو اهم حصـــو آهن، جتي مختلف دورن جي شخصـــيتن جون قبرون موجود آهن. هي قبرستان شهر جي تاريخي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو، جتي خدا جا ٽيڪ ٻانها مدفون آهن قبرستان ۾ فقير عبدالمجيد ڪوڪو درويش جي قبر مبارڪ بہ آهي.

**يونين ڪائونســـل رهڙڪي** رهڙڪي يوٽين ڪائونســل جي حيثيت سان انتظامي طور تي اهم آهي، جتي مقامي حڪومت جي مختلف خدمتون مهيا ڪيون وڃن ٿيون. يوٽين ڪائونسل جي ذريعي شهر جي ترقياتي منصوبن، صحت، تعليم، ۽ ٻين بٽيادي سهولتن جو انتظام ڪيو ويندو آهي يوٽين ڪائونسل جي چيئرمن شپ اڪثر ڪري رهڙ خانن وٽ رهي آهي ۽ چيئرمن پريل خان رهڙ رهيو آهي هڪ سال ڄام عبدالفتاح سميجو بہ چيئرمن منتخب ٿيو ، **پوليس چوڪي :** رهڙڪي ۾ پوليس چوڪي موجود آهي، جيڪا شهر جي امن امان جي صورتحال کي برقرار رکڻ لاءِ آهي. پوليس چوڪي جي ذريعي شــهر جي قانوني ۽ حفاظتي معاملن خاص ڪري هندن جي مندر جي حفاظت ڪرڻ ۽ عوام جي جان مال جي حفاظت ڪرڻ لاءِ قائم ڪئي ويئي آهي. تعليم رهڙڪي ۾ گورنمنٽ هاء اســڪول رهڙڪي، گورنمنٽ پرائمري اسڪول، گورنمنٽ گرلز مڊل اسڪول ۽ هڪ پرائيويٽ اسڪول اسٽينبرڊ گرامر اسڪول پڻ آهي. علاج جي سهولت لاء سرڪاري ڊسپينسري بہ آهي رهڙڪي زرخيز علائقو آهي جتان ماهي واہ گذري ٿو هتي فصل تمام سٺو ٿيندو آهي فصل ۾ ڪٽڪ، چٽا، مٽر، ڏاٽا، ڪمند، ڦٽي ۽ ساريون ٿينديون آهن رهڙڪي مان هڪ رستو محمد پور سوئي شريف وڃي ٿو، ٻيو سيد پور، ٽيون نئون ڪوٽ چوٿون ڍهرڪي پنجون نئون ڪوٽ ڪان مين روڊ نڪري ٿو رهڙڪي جي پر ۾ ڪيترا ئي وڏا ڳوٺ آهن جن ۾ آيو ڊڪڻ، نٿو پٽو، باگو پٽو، نئون ڪوٽ، ڍنڍ رهڙڪي، سوئي شريف، محمد پور، پير جهامي ڳوٺ آهن. رهڙڪي ۾ رهندڙ ذاتيون: رهڙڪي ۾ رهڙ، هندو، سومرا، چنا، اوڏ، ڪونهارا ۽ ٻيون ذاتيون رهن ٿيون....

**رهڙ قبيلي جي تاريخي پس منظر** ۾ رهڙ قبيلو سنڌ جي اترين علائقن، خاص طور تي اٻاوڙو، ڍهرڪي، ۽ ريتي جي پرپاسي جو هڪ معزز ۽ بااثر قبيلو آهي. تاريخي حوالن مطابق، رهڙ قبيلي جو شجرو جٽ برادري سان ڳنڍيل آهي، جيڪي هندستان جي راجســـتان، هريانا، پنجاب، ۽ سنڌ ۾ آباد رهيا آهن.

**رهڙ قبيلي جو شــجرو ۽ اصـــل:** رهڙ جو جٽ برادري ســان تعلق آهي جنهنڪري رهڙ قبيلي کي جٽ برادري ســان ڳنڍيو ويو آهي، جيڪي تاريخي طور تي زراعت، مالداري، ۽ جنگي مهارتن ۾ ماهر رهيا آهن. ٢. رهڙ جو راجپوت نســـــل سان واسطو: ڪجھ تاريخدانن مطابق، رهڙ قبيلي جو شجرو راجپوت نسل سان بہ ڳنڍيل آهي، خاص طور تي ڀٽي راجپوتن سان، جيڪي جيسلمير جي ريگستاني علائقن ۾ آباد رهيا آهن. ٣. نالا ۽ لقب: رهڙ قبيلي جا مختلف نالا ۽ لقب آهن، جيئن تہ راڙ، راڏ، ريار، ۽ رياد، جيڪي مختلف علائقن ۽ ٻولين جي اثر هيٺ تبديل ٿيندا رهيا آهن. ٤. تاريخـي ذڪـر: رهـڙ قبيلـي جو ذڪـر مختلف تاريخـي ڪتابن ۽ حوالن ۾ موجود آهـي، جن ۾ انهن جـي بهادري، وفاداري، ۽ انتظامي صـــلاحيتن جو بيان ڪيو ويو آهي. رهڙ قبيلي جي اهميت رهڙ قبيلي جي تاريخي حيثيت ۽ انهن جي خدمتن جي عيوض مختلف دورن ۾ انهن کي زمينون ۽ جاگيرون الاٽ ڪيون ويون. مغليہ دور، ٽالپور دور، ۽ برطانوي راڄ دوران رهڙ قبيلي جي فردن کي مختلف انتظامي ۽ فوجي خدمتن لاءِ سڃاتو ويو.

رهڙڪي (Raharki) سنڌ جي هڪ اهم ڳوٺ آهي، جتي رهڙ قبيلي جي موجودگي نمايان آهي. هي علائقو نہ صرف رهڙ قبيلي جي تاريخي ورثي جو امين آهي، پر هتي مختلف مذهبي ۽ ثقافتي سرگرميون پڻ ٿينديون رهن ٿيون.

**رهڙڪي جي رهڙ قبيلي جي موجودگي** رهڙ اصل وارث آهن جي جي ذات سان هي ڳوٺ ٻڌو ويو هو چون ٿا رهڙڪي پيڙهين جو اندازو ڪونهي پر سندن وڏا جن جا نالا ملي سگهيا آهن انهن ۾ سردار عبدالرحمان خان رهڙ، سردار دادن خان رهڙ، سردار ڪرم علي خان رهڙ، سردار فتح محمد خان رهڙ، سردار ڪمال خان رهڙ، سردار محمد انور خان رهڙ، سردار حاجي الله بخش خان رهڙ آهن جن جون زرعي زمينون ١. ديھ رهڙڪي ٢. ديھ ڏني رهڙڪي ٣. ديھ ٻيلو راڻو رهڙ ۴. ديھ راڻو رهڙ (قديم نالي سان ديھ دادن خان رهڙ) ۵. ديھ ڪينجهر، تعلقو اباوڙو، ٦. ڳوٺ رحيم آباد، ۾ آهن جيڪي سنڌن جي پنهنجي ملڪيت آهي ۽ ڪجھ انهن کي مغل دور ۽ ٽالپور دور ۾ انعامن اڪرامن ۾ مليون، عن علائقي ۾ ٽن حيثيت وارن قبيلن رهڙ، ڏهر راڄڙي هوندا هئا. انهن جي پنهنجي حيثيت ۽ طاقت هوندي هئي. انهن جي پوئٽيرن مان سردار عالم خان رهڙ سردار جان محمد خان رهڙ جيڪي پنهنجي وقت جا وڏي نالي وارا ماڻهو هئا، جان محمد خان رهڙ جي وقت ڪنهن چور کي همت نہ هوندي هئي تہ تر مان چوري ڪري هو انصاف پريا فيصلا ڪرڻ ۾ بہ مشهور هوندو هو. سندن پوٽيرن ۾ پريل خان رهڙ، چيئرمن يوٽين ڪائونسل رهڙڪي، مشتاق خان رهڙ چيئرمن يوٽين ڪائونسل سيد پور شريف. انور خان رهڙ، اڪبر خان رهڙ فوڊ انسپيڪٽر، عالم خان رهڙ، آهن

## چوڌري عبدالرزاق جي زندگي جو مختصر جائزو

چوڌري عبدالرزاق آرائين ڏهرڪي چيئرمن مارڪيٽ ڪاميٽي ڏهرڪي پنهنجي محنت ۽ لگن سان ترقي ماڻي شروع هو پنهنجن ڀائرن عبدالجبار، عبدالغفار سميت ڄام ظفر خان ڏهرڪي جي ڪرائي جي ماڙي تي رهندا هئا، ڪين ڪجھ زمين هئي جيڪا آبادي بہ ڪندا هئا. چوڌري عبدالرزاق، محبتي خوشـــــا اخلاق نرم مزاج شخصيت جو مالڪ ۽ ماس مڇي ڪائڻ پيڻ کان پري هو حالانڪ سندس جا دوست هندو هئا. هندو پنچات جي مکي نامون مل جو قريبي ساٿي هو ٻيئي گڏجي اقلتين مسئلا حل ڪندا هئا ۽ فيصلا ڪندا هئا، سندس جو وقت بدليو جيئن آبادي وڌندي ويئي تيئن شهر جي پرواري زمين ڪروڙن جي ٿي ويئي هن زمين وڪرو ڪري پنهنجو عاليشان گهر ۽ بنگلو تيار ڪرايو، هن ڏهرڪي جي پنجابي اتحاد جو بنياد وڌو هتي پنجابين جا هزارين ووٽ آهن جنهن ڪري اليڪشن دوران پنجابي ڪميونٽي يڪ آواز ٿي بيني عبدالرزاق جي اهميت وڌي ويئي ساڻس جو اٿڻ ويهڻ سردارن ۽ پوتارن ۾ ٿيڻ شروع ٿيو، ڏھ سال اڳ هتان جي واپاري ڪميونٽي جنهن ۾ اڪثريت هندن جي هئي ڪيس ڏهرڪي سمال ٽريڊرز جو صدر چونڊيو سندس ٽيم ۾ لطف الله پتو، ڊاڪٽر سجاد حيدر گڏ هئا صدر ٿيڻ بعد فيصلا عبدالرزاق وٽ ايندا هئا ۽ اڄ ن ٿا. خالد لنڊ جو سندس مٿان شفقت هو ۽ ڪيس مارڪيٽ ڪاميٽي ڏهرڪي جو چيئرمن مقرر ڪيو.

# راڄڙي قبيلي جي تاريخ ۽ تعلقي جي راڄڙي قبيلي جو پسمنظر

( پروفيسر محمد دين راڄڙي )

راڄڙي قبيلي جي تاريخ هر قبيلي جيان قديم آهي، جنهن جو ذڪر اوائلي قبيلن جي تاريخ ۾ ملي ٿو. . بابا- باجوا هڪ پنجابي پروفيسر جي هيٺ ڏنل يوٽيوب جي لنڪ مطابق راڄڙي سورج پنسي اوائلي راجپوت/ جٽ قبيلي مان آهن انديا، پنجاب جي ڪافي ڊويزنن، رحيميار خان، ڏهرڪي، اوٻاوڙو ۽ ٻين ضلعن ۾ آباد آهن. جڏهن ته هڪ تاريخي انگريزي ڪتاب ۾ ڏنل ذاتين جي تاريخ ۽ شجري مطابق راڄڙي ڏهرن جي هڪ نُک/ حصو آهن، ۽ راجه ڏاهر جي راڄ مان آهن. تاريخي ڪتاب تحفته الڪرام مطابق: سنڌ جي دادو ضلعي ۾ راڄڙي ٻيلو ۽ قبيلي جا آثار پڻ موجود آهن. . . هڪ تاريخي سنڌي چوڻي: ٿمر هجئي ساڻ ته رات نه پوئي، راڄڙي ٻيلي بابت آهي.

**راڄڙي قبيلي جي سرداري:** سردار شير محمد خان راڄڙي کان سردار مظهر علي خان راڄڙي پڙپوٽن تائين. . . . سردار مظهر علي خان راڄڙي جو نالو ڏهرڪي جي تر جي سردارن جو هڪ وڏو نالو هو سردار مظهر علي خان ١٩٢٦ع ۾ سردار غلام ياسين راڄڙي جي گهر ۾ جنم ورتو پرائمري تعليم ڪوٽلو منشي مان حاصل ڪئي ۽ فائنل ٻه ڪيائين ١٩٦٧ع ۾ وسطي جيوڻ شاه يونين ڪائونسل جو ميمبر ٻه ٿيو، سردار مظهر علي خان جو پوٽو سردار شڪيل احمد خان راڄڙي پنهنجي وڏن جي تاريخ محفوظ ڪرائيندي ٻڌائي ٿو ته هن تر ۾ ٿي سرداريون گهٽيون ويندين هيون راڄڙي، ڏهر اسان جي وڏن سردار شير محمد خان راڄڙي کي اٺوڳ ملندو هو، اسان جون زمينون ست ديهن ۾ هيون: ديهه رنگپور، ن ديهه ٽڳ، ديهه سوئي شريف ديهه ڪلوالي، ديهه تڪيو محمد پناه، ديهه سانڪو، ديهه واهي گل خان ۾ اٽڪل ٻه هزار ايڪڙ مورثي ملڪيت هلندي پئي آئي جنهن مان ڪجهه زمين اسان جي ڏاڏي غلام ياسين خان راڄڙي وڪرو چوته هتي ٽي بي جي وبائي بيماري ڦهلجي چڪي هئي غلام ياسين خان جو پٽ بيمار ٿيو ته زمين ڪپائي علاج لاءِ شملا انديا ويو هو، راڄڙي قبيلي جا تمام سردار ڪوٽلو منشي جي قبرستان مدفن آهن ۽ ڪوٽلو منشي قبرستان راڄڙي سردارن جو آبائي قبرستان آهي، شڪيل احمد راڄڙي موجب تڪيو محمد پناه قبرستان ۾ اسان جي زمين ٻه اچي ٿي ۽ محمد پناه راڄڙي هيو جنهن جي نالي تي قبرستان آهي (ٻي پاسي اها ٻه دعوي سامهون آئي آهي ته محمد پناه ڏهر هو) هي قبرستان ڏهرن جو آهي ان تي تحقيقي رڪارڊ موجود ڪونهي. . . . انڪان سواءِ گرڊ اسٽيشن سرڪار ڪٽي ويئي الفتح ٽائون شپ ٻه سردار مظهر علي خان راڄڙي جي هئي جيڪا هن وڪرو ڪئي هئي. ڏهرڪي اسٽيشن لڳ غوثپور ڪالوني غوث بخش خان راڄڙي ٻڌو جيڪو مظهر علي خان جو سهرو هو، ان جو پٽ واحد بخش راڄڙي مشهور ملهه پهلوان هو، جيڪو پوري سنڌ ۾ مقابلا ڪندو هو، ڪيس اولاد ڪونه هئي، ٣. غلام اڪبر خان راڄڙي جي وفات ١٩٧٩ع، ٤. غلام حيدر خان راڄڙي جي وفات ١٩٩٥ع ٿي ڪيس هڪ پٽ جي اولاد علي اصغر هو جيڪو وفات ڪري ويو ٥. غلام قادر خان راڄڙي ١٩٩ع ۾ روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويو شادي ڪونه ڪئي روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويو. . . .

**مظهر علي خان کي پنج پٽ هئا**، ١. منظور احمد خان راڄڙي ”وفات ٢٠١٧ع ٢. غلام محي الدين خان راڄڙي جي وفات ٢٠٠١ع ڪيس اولاد ڪونه هئي، ٣. غلام اڪبر خان راڄڙي جي وفات ١٩٧٩ع، ٤. غلام حيدر خان راڄڙي جي وفات ١٩٩٥ع ٿي ڪيس هڪ پٽ جي اولاد علي اصغر هو جيڪو وفات ڪري ويو ٥. غلام قادر خان راڄڙي ١٩٩ع ۾ روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويو هن شادي ڪونه ڪئي هئي. . . .

**نائين پيڙهي:** سردار مظهر علي خان جي ٻن پٽن جي اولاد ٢. منظور احمد خان راڄڙي جو پٽ سردار آصف خان راڄڙي جنهن تي پڳ آهي ٢. عابد حسين خان، ٣. ڪاشف حسين خان آهن ٢. سردار غلام اڪبر خان راڄڙي جي اولاد سردار شڪيل احمد خان راڄڙي، سردار عديل احمد خان راڄڙي. . . . **ڏهين پيڙهي:** سردار شڪيل احمد خان راڄڙي جي اولاد: غلام اڪبر خان عرف فواد خان راڄڙي، عديل احمد خان راڄڙي جي **اولاد:** مظهر علي خان راڄڙي، دارين احمد خان راڄڙي، ڪاشف راڄڙي، . . . .

## راڄڙي برادري جا وڏا مشهور ڳوٺ، ڪالونيون، پاڙا ۽ انهن جا ڪردار

تعلقي ڏهرڪي ۾ ڳوٺ عبدالله راڄڙي (سانڪو)، جيڪو ڳڙهيلي درياءَ جي پرسان واقعي هجڻ سبب ڳڙهيلي نالي سان به مشهور هو، ١٩ صدي ۾ قائم ٿيو، جنهن جا مشهور ڪردار، حافظ علي حيدر راڄڙي، وڏيرو محمد اسماعيل راڄڙي، وڏيري بختاور راڄڙي ، حاجي غلام ياسين راڄڙي، خدابخش راڄڙي پيرادو، استاد نظر محمد ڏهر، رحمت الله راڄڙي (اڻ پڙهيل هوندي زمين جي ماپ جو ماهر) استاد نظر محمد ڏهر، استاد عبدالشڪور ڏهر، سگهڙ الله بچايو راڄڙي، حاجن بانسري نواز، الله ورايو راڄڙي (سيف اسڪول ڪو آرڊينيٽر) ڏنو مل، استادفيض محمد، استاد سومرو جي، پروفيسر محمددين راڄڙي، سبجيڪٽ اسپيشلسٽ عبدالفتح راڄڙي، انجنيئر عبدالواحد راڄڙي، انجنيئي شفيق احمد راڄڙي، ڪبير احمد راڄڙي پاپوليشن کاتي ۾ اسسٽنٽ، حافظ بشير احمد روڊس کاتي ۾، نثار احمد بهبود آبادي کاتي ۾ ، جڏهن ته محمد اسحاق اسسٽنٽ انجنيئر دبئي، استاد پاريپيو الفقرا راڄڙي، استاد الله بخش راڄڙي، استاد منير احمد راڄڙي، استاد اجمل، استاد عبدلغفار، استاد رجب، استاد شهزادو، استاد قائم دين آهن. . جڏهن ته تازو ڪافي نوجوان ٽيڪنيڪل فيلڊس ۾

ڊپلومه ،سيفٽي ڪورسز ،ڪري ٻاهرين ملڪن ۾ بروزگار سان لڳل آهن. .جڏهن ته ١٠ ڪان پندرهن نوجوان آسا بئنڪ ۾ بہ ملڪ جي مختلف شهرن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. جنهن جي شروعات غلام مرتضي راڄڙي ڪئي. ان ڳوٺ ۾ مڊل اسڪول، پرائمري اسڪول مسجد اسڪول، گرلز پرائمري اسڪول، بيسڪ هيلٿ يونٽ جيڪو پي. پي. ايچ آئي هلائي ٿي، پڻ موجود آهن نرلي واهہ جي ڪپر تي ان ڳوٺ ۾ هڪ بازار پڻ آهي. جڏهن ته ان ڳوٺ سان گڏ ڳوٺ عيسو راڄڙي جنهن ۾ بہ محمد مٺل راڄڙي، پيربخش راڄڙي، غلام حسين نندو منشي اوٻاوڙو ٽاٽو، فوجي خادم حسين ۽ عوامي ڪردار جندوڏو مشهور ڪردار رهيو آهي، ڳوٺ صاحبڏنو راڄڙي، مليرجنهن ۾ الله داد عرف دادو راڄڙي، منير احمد راڄڙي وارن جو ڳوٺ. .جڏهن ته ڏهرڪي جي تعلقي جا ٻيا ڳوٺ ڪوٽلو منشي جنهن جو خدايار خان راڄڙي اول پنهنجي دور جو مشهور حڪيم تي گذريو ۽ ان جو فرزند پيربخش خان راڄڙي سرداري گهراڻي جو ۽ چڱو مڙس ان جي اولاد ۾ ان جو هڪ پٽ خدا يار خان راڄڙي اسسٽنٽ روينيو ڪاتو، مختيار ڪار آفيس ڏهرڪي ۾ مقرر آهي، ٻيو پٽ نورحسن خان راڄڙي پنهنجي ڳوٺ ۾ ايم اي انگلش ڪرڻ ڪانپوءِ استاد مقرر ٿيو آهي. .ڪنڌي، جنهن ۾ ڳوٺ محمد عمر راڄڙي، رازق ڏنو راڄڙي، محمد عالم راڄڙي آهن. جنهن جا ڪافي نوجوان پاڪ آرمي، پوليس ۾ آهن. جنهن ۾ عبدالحفيظ راڄڙي ايس ايس ڪمانڊو، ڪراچي ۾ مقرر آهي، ان ڳوٺن جا چڱا مڙس محمود خان راڄڙي، الهرڪيو راڄڙي، برادي، بهادر، قادر بخش راڄڙي وارا آهن. رهڙڪي پرسان آهن. انڪانسواءِ، ڳوٺ ٽگ راڄڙي جنهن جون مشهور شخصيتون وڏيرو فيض محمد راڄڙي، ان جي اولاد ۾ وڏيرو دلبر خان راڄڙي، نذير احمد خان راڄڙي، محمد نواز راڄڙي، شهيد امير محمد راڄڙي، حاجي خان راڄڙي، فائق حسين راڄڙي مشهور سوشل ورڪر ،سوئي شريف ۾ وڏيرو طفيل خان راڄڙي، جنهن جي اولاد پائرن مان استاد قاسم راڄڙي، استاد حاتم راڄڙي، استاد آصف راڄڙي آهن، ڳوٺ غلام رسول خان راڄڙي.

## ڏهرڪي ۾ سنڌ پنجاب گڊز ٽرانسپورٽ پراڻا اڏا

غوثپور ڪالوني – راڄڙي خاندان جي تاريخ، واپار ۽ سڃاڻپ غوثپور ريلوي اسٽيشن ڏهرڪي پرسان واقع آهي. اهو علائقو اڳي هڪ تاريخي ڳوٺ طور سڃاتو ويندو هو. جيڪو هاڻي غوثپور ڪالوني جي نالي سان مشهور آهي. هتي جو هڪ وڏو نالو الهرڪيو خان راڄڙي آهي، جيڪو پنهنجي وقت جو معزز زميندار هو. سندس زرعي زمين ۽ ڪوهہ "جهانگير پمپ" ۽ "يونائيٽيڊ ڪاٽن فيڪٽري" پرسان هئا. سندس نسل مان هاڻي يونس راڄڙي، خان محمد راڄڙي، سياسي اڳواڻ نظام دين راڄڙي، ۽ ٽپيدار عثمان راڄڙي جهڙيون شخصيتون شامل آهن. ستين ڏهاڪي جو گولڊن دور – عبدالخالق عرف خاڪو راڄڙي ستر واري ڏهاڪي ۾، عبدالخالق عرف خاڪو راڄڙي ڏهرڪيءَ جي مشهور واپاري شخصيت هو. سندس "سنڌ پنجاب گڊز اڏو" جي ٽي روڊ تي موجود هو، جيڪو واپار جو مرڪز سمجهيو ويندو هو. سندس اڏي تان ملڪ جي ڪيترن شهرن تائين سامان موڪليو ويندو هو. هو رڳو واپاري نہ، پر بهترين منتظم بہ هو. سندس پٽ محمد ابراهيم راڄڙي ۽ ڀاڻيجو الهرڪيو راڄڙي ان سان گڏ ڪم ڪندا هئا. نئين دور جو آغاز – الهرڪيو خان راڄڙي ۽ پاڪ ميانوالي گڊز الهرڪيو خان راڄڙي، پنهنجي واپاري سفر جي شروعات مامو عبدالخالق جي اڏي تي ڪئي. ١٩٩٠ع ۾ هن "پاڪ ميانوالي گڊز" اڏو قائم ڪيو، جيڪو يوريا ڀاڻ جي ترسيل لاءِ مشهور ٿيو. بعد ۾ ٽرالر خريد ڪري هن واپار جو دائرو ڪراچي، لاهور، ميانوالي، ۽ ٻين وڏن شهرن تائين وڌايو. هن صرف واپار تائين محدود نہ رهيو؛ "ماجد ارسلان ٽائون شپ" نالي هڪ رهائشي ڪالوني قائم ڪري مقامي ماڻهن لاءِ سهولتون فراهم ڪيون. موجوده نسل ۽ واپاري ورثو عبدالخالق راڄڙي جو پٽ محمد ابراهيم راڄڙي اڄ بہ غوثپور ڪالوني ۾ رهائش پذير آهي. سندس پٽ فيصل راڄڙي، فراز راڄڙي ۽ ٻيا ٽرانسپورٽ ڪاروبار کي اڳتي وڌائي رهيا آهن. الهرڪيو خان جو نالو اڄ بہ سنڌ ۽ پنجاب جي گڊز ٽرانسپورٽ حلقن ۾ عزت سان ورتو وڃي ٿو. راڄڙي ٽرانسپورٽر خاندان راڄڙي خاندان جو شمار ڏهرڪي ڪان ڪراچي تائين مشهور ٽرانسپورٽرن ۾ ٿئي ٿو. هن خاندان جا اهم نالا هيٺيان آهن: فيصل راڄڙي، جمعو راڄڙي، وزير احمد، رحيم بخش، شبير احمد، عرض محمد، عبدالشڪور (سانڪي وارو)، خالد راڄڙي، شاهنواز خان راڄڙي، محرم، بلال، نور محمد وغيره. انهن جا گڊز اڏا راڻيپور، ڪوٽڙي ڪبير، شهدادپور، هالا، ۽ ڪراچي تائين آهن. علم، واپار ۽ سڃاڻپ راڄڙي خاندان جا فرد نہ صرف واپار، پر تعليم، سياست، ۽ سوشل شعبي ۾ بہ سرگرم رهيا آهن. اهم نالا شامل آهن: نظام دين راڄڙي (سياسي اڳواڻ) عثمان راڄڙي (ٽپيدار) عبدالله بخش راڄڙي (صحافي) ڊاڪٽر نذير احمد راڄڙيمجيب الرحمان راڄڙي (ڊيٽا انٽري آفيسر) استاد حاڪم علي راڄڙيراڄڙين جون وسنديونغوثپور ڪالونيلال بخش ڪالونيسانڪي روڊشاه لطيف ڪالونيعظيم ڪالونيپير چوندبڳوٺ حاصل راڄڙيبائي پاس پاڙواهي سپ وسنديون راڄڙي خاندان جي تاريخي ۽ واپاري سڃاڻپ جو حصو بڻيل آهن.














## ڏهرڪي جو پيا ذات ۽ ڳوٺ

**ڏهرڪي جي پيا برادري** پيو سنسڪرت جي پراترا مان ورتل آهي جنهن جي معني پاءُ آهي. پيو سنڌين ۽ مسلمانن جي هڪ ذات آهي. ڏهرڪي جو عبدلغني پيو جن جا پڙڏاڏا ميانجي عبدالقادر پيو اصل جيسلمير جوڌپور جا هئا، حضرت حافظ عبدالله هادي سائين رحمت الله عليه جن جوڌ پور آيا هئا انهن سان گڏ اٽڪل ٽي سو خاندان ساٽن گڏ اچي پرچونڊي شريف ۾ آباد ٿيا عبدالغني پيو جو پڙڏاڏو به انهن مان هڪ هو، جنهن پرچونڊي اچي حضرت حافظ الملت جن کان ذڪر ٻورتو ۽ مريد به ٿيا ۽ ميانجي عبدالقادر ڪي مسجد شريف جي مزدوري ۽ روضي پاڪ جي بنياد جي کوٽائي جو شرف به حاصل رهيو، سندن گڏ پرچونڊي ۾ پيا ذات جا حاجي خدا بخش پيو، محمد

ابراهيم، حافظ مير محمد پيو، حاجي خان ۽ پيا به رهندا هئا. (فقير عبدالله فقير پيو موجب ماٺيلو مومل جي ماڙي ۾ پيه ذات جي هڪ بزرگ محمد ٻڍاٽي فقير جي ۸۲۷ سال پراڻي مزار شريف پڻ آهي). عبدالقادر جو پٽ ميان محمد عيسي پيو جيڪو زميندار هو ڪيس ديه شادي وارو، ديه ڪلوالي، ديه عالم آرائين ۾ زرعي زمين هئي ۱۹۷۰ع ۾ ڏهرڪي ۾ اچي پنهنجو ڳوٺ ٻڌو جيڪو هن وقت ٽن ايڪڙن تي مشتمل آهي، هن کي ڇهن پٽن جي اولاد هو جن ۾ ۱. محمد موسي پيو جنهن کي چار پٽ محمد اقبال، محمد حسن، خالد محمود، محمد جاويد آهن ۲. عبدالجبار پيو جيڪو زڪوات عشر ڪاميٽي جو چيئرمن هو انجو پٽ عندالحڪيم مهر ڏهرڪي بار جو عهديدار هو ۲۰۱۹ ۾ هارٽ اٽيڪ سبب فوت ٿي ويو ۽ عبدالقادر پيو آهن ۳. عبداللطف پيو کي هڪ پٽ ايڊوڪيٽ عبدالحفيظ پيو آهي ۴. حافظ عبدالحق پيو کي ڇهه پٽ فضل الحق، عبدالفتاح، عبدالعزيز، عبدالرسول، عبدالخالق، عبدالسلام پيو آهن ۵. عبدالغني پيو کي چار پٽ عبدالغفار، بابر علي پيو، مير وقار علي مير مسلم

پيو آهن ٦. عبدالواحد پيو کي فاروق احمد، حيدر علي، عبدالله جي اولاد آهي.

عبدالجبار پيو جي ڏهرڪي ۾ هڪ وڏي پيٽين المارين ۽ چادرن مان تيار ٿيندڙ مٽيريل جي فيڪٽري آهي، عبدالغني پيو



جو ظفر بازار ۾ آرمري اسلحي جي دوڪان آهي، ۽ هڪ دوڪان ميرپور ماٺيلو ۾ آهي آڪسيجن جي شاپ به آهي ڪين ڪافي پراپرٽي دوڪان ۽ گهر ٺهيل آهن جن کي ڪرائي تي ڏيندا آهن. **پيا برادري جا پاڙا ۽ ڳوٺ** گلاب شاه ڪالوني ۾ اٽڪل ۱۲ گهر جن ۾ محمد حنيف پيو اسٽامپ ويندر آهي، وڪيل ~~علي حسن پيو~~ اسٽامپ ويندر جو ڪم ڪندو هو بعد ۾ پراپرٽي جي خريد ۽ فروخت سان وڪالت به ڪندو آهي علي حسن پيو بهترين شخصيت جو مالڪ آهي ۽ پيا... پڙاءَ تي اٽڪل ۲۰ گهر آهن علي اڪبر پيو، نور محمد پيو ۽ پيا.... قطب ٽائون ۾ ۱۰ گهر علينواز محمد رمضان، غلام مصطفي ۽ پيا... لال بخش ڪالوني ۾ ست گهر حاجي اصغر، شير محمد ۽ پيا ڳوٺ نارو واه لڳ ڳوٺ سمندر پيو، ڳوٺ حاجي جند وڏو پيو، حاجي هوت خان پيو، آڏي بنگلو لڳ غلام محمد پيو، ڳوٺ در محمد پيو ۽ پرچونڊي شريف ۾ به پيا رهن ٿا...

## عظيم ڪالوني جي مختصر ۽ جامع رپورٽ

وارڊ نمبر ٤ عظيم ڪالوني مين جي ٽي روڊ ڏهرڪي تي واقع آهي ڪالوني جي روڊ سامهون هڪ خوبصورت مسجد نالي شانِ مصطفي آهي جنهن جو بنياد عظيم ڪالوني واسي حاجي محمد اصغر قائمخاني وڌو هو مرحوم حاجي محمد اصغر انتهائي شريف النفس انسان پاڙي وارن جي ڀلائي لاءِ اڳيرو رهڻ وارو انسان ۽ ماڙي پيٽروليم جو ملازم هو، عظيم ڪالوني هن وقت جي معلومات مطابق ۷۰ کان وڌيڪ گهرن تي مشتمل آهي جن ۾ راڄڙي، آرائين، چاچڙ، پتو، ڇڄڻ، ميتلو، قائم خاني رائو ۽ ڏهر قبيلا رهن ٿا، مشهور شخصيتون سينئر صحافي ڏهرڪي پريس ڪلب ڏهرڪي جو باني رڪن ۽ اڳوڻو صدر مرحوم پير بخش راڄڙي، مشهور ڪاروباري شخصيت شهيد امير بخش راڄڙي، مرحوم رئيس رحيم بخش چاچڙ، ڏهرڪي شهر جو مشهور نڪاح رجسترار مولوي محمد ابراهيم به عظيم ڪالوني جا رهواسي آهن، عظيم ڪالوني، ٽائون ڪميٽي ڏهرڪي جي هاڻوڪي تڪبندين جي لحاظ کان وارڊ نمبر ٤ ۽ پهرين تڪبندين جي لحاظ کان وارڊ نمبر ۱۲ ۾ ايندي آهي، عظيم ڪالوني ۾ مختلف ڪونسلر چونڊيا ويا جن ۾ محمد اسلم، ڊاڪٽر عبدالرشيد، چوڌري اڪرام الحق، عارف جاويد فريدي چونڊيا ويا آهن، ۲۰۲۳ ۾ سينئر صحافي پير بخش راڄڙي جي لاڏاڻي کان پوءِ ڪالوني وسين اڪثريت راءِ سان اتحاد جو چيئرمين سندس پٽ عبدالله پير بخش راڄڙي کي مقرر ڪيو، عظيم ڪالوني، ۾ تعليمي حوالي سان بهتر معيار رکي ٿي هتي سرڪاري سڪول جي سهولت نه هجڻ سبب شاگرد ۽ شاگرديائيون خانگي اسڪولز ۾ تعليمي پرائي رهيا آهن، ترقياتي ڪمن جي حوالي سان ڪالوني ٿي مهينا احتجاجي ڪيمپ به لڳايو جنهن جا نتيجا مثبت مليا نه جنهن ۾ هڪ آر او پلانٽ به عظيم ڪالوني جي ڪونسلر عارف جاويد پاران بلدياتي چونڊن ۾ عظيم ڪالوني اتحاد جي چيئرمين پير بخش راڄڙي جي درخواست تي لڳرايو هو جنهن هن وقت شهري صاف پاڻي پيئڻ جي سهولت کان فائدو حاصل ڪري رهيا آهن

## ڏهرڪي جو ٻتا قبيلو، شخصيتون ۽ ڳوٺ

ڏهرڪي تعلقي ۾ ٻتا ذات جا خاندان وڏي تعداد ۾ موجود آهن جن مان محمد حاصل ٻتو جنهن ديهه عالم آرائين پرچوندي مان اچي ڏهرڪي رهائش اختيار ڪئي، جنهن جا پٽ ڊاڪٽر ظفر ٻتو، ڊاڪٽر لياقت ٻتو مرحوم ڪامريڊ اختيار ٻتو، هشمت ٻتو آهن، وڪيل عطاء الله ٻتو، لطف الله ٻتو، مرحوم ڪريم بخش ٻتو، اديب زاهد ٻتو. لڳ گلاب شاهه قبرستان رهائش پذير آهن، ناڪي نمبر ٥ تي وڪيل مرحوم محمد الياس ٻتو، سندس فرزند عبدالغفار ٻتو، رضا محمد ٻتو عبدالرشيد، وڪيل عبدالستار ٻتو، قطب ٽائون. اسٽار ٽر جلال ٻتو، ولي محمد ٻتو، بهرام ٻتو، مسلم ڪالوني: نور محمد ٻتو سندس فرزند نورحسن ٻتو، صحافي شمس الدين ٻتو، مرحوم مولوي خير محمد ٻتو، سندس فرزند ماستر عبدالحفيظ ٻتو صحافي غلام قادر ٻتو، محمد هاشم ٻتو، تعليمدان مرحوم استاد منظور احمد ٻتو، مرحوم استاد عبدالرشيد ٻتوسندس فرزند تعليم دان عبدالحفيظ ٻتو، عبدالصبور ٻتو، ماستر عبدالحڪيم ٻتو، جي ٽي روڊ مرحوم استاد عبدالرشيد ٻتو، پروفيسر عبدالحفيظ ٻتو، استاد عبدالحڪيم ٻتو، استاد عبدالصبور ٻتو، امير بخش پاڙي ۾ مرحوم استاد غلام نبي ٻتو، سندس پٽ ماستر محمودالحسن ٻتو، علي حسن ٻتو صحافي، چاچڙ پاڙو: عبدالشڪور ٻتو، عبدالرشيد ٻتو، سينما روڊ اڏيل ۽ عبدالرشيد ٻتو، وڏو منشي پير بخش ٻتو مرحوم فضل محمد ٻتو، ڳوٺ صاحبڏنو ٻتو جو حاجي صاحبڏنو ٻتو، ڳوٺ الهجوايو ٻتو جو رئيس الهجوايو ٻتو پرچوندي شريف جا وڏيرو مرحوم محمد عالم ٻتو، وڏيرو سوڍو، وڏيرو صوبو ٻتو، وڏيرو محمد علي، وڏيرو صالح محمد ٻتو، مرحوم رحيم بخش ٻتو سندس پٽ،

گل حسن ٻتو، صالح محمد ٻتو، منير احمد ٻتو، مرحوم محمد بخش ٻتو، ۽ پٽ محمد صابر ٻتو، محمد مهراب ٻتو، مرحوم محمد عظيم ٻتو، مرحوم نور محمد ٻتو، سندس پٽ محمد هاشم ٻتو ۽ عبدالمالڪ ٻتو، مرحوم نورل ٻتو مرحوم محمد طيب ٻتو، مرحوم غلام مصطفي ٻتو، مرحوم عيدن ٻتو، باگو ٻتو: مرحوم محمد هاشم ٻتو، مرحوم استاد جان محمد ٻتو، حبيب الرحمان ٻتو، عبدالواحد ٻتو، صحافي محمد نواز ٻتو، مور ٻتو، غلام محمد ٻتو، سياستدان مشتاق احمد ٻتو، محمد نواز ٻتو، ٽيليفون آپريٽر غلام حسين ٻتو، ڳوٺ نٿو ٻتو جو شفيع محمد ٻتو، محمد ساجد ٻتو، ڪوٽلو مرزا جو: محمد مومن ٻتو، استاد فضل محمد ٻتو، فضل الاهي ٻتو، امداد ٻتو، وڪيل شهزاد ٻتو، سڪندر ٻتو جن جو تعلق ٻتہ ذات سان آهي.

## ڊريم لينڊ سينما - ڏهرڪي جي ثقافتي اوج کان زوال تائين

ڏهرڪي جو رهڙڪي روڊ، جيڪو اڄ به عام ماڻهن ۾ سينما روڊ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو، اتي هڪ وقت جي ڏهرڪي جي ثقافتي سڃاڻپ **ڊريم لينڊ سينما** موجود هئي. هي سينيما شهر کان ٿورو ٻاهر گنجان آباديءَ کان پري هڪ ويران علائقي ۾ تعمير ٿيو، جتي اڄ جي پيٽ ۾ ان وقت ڪا خاص آبادي نه هئي. سينما جي تعمير ۽ سير و تفريح جي انتظام جو ڪريڊٽ معزز واپاري ۽ ثقافتي ذوق رکندڙ شخص، چوڌري محمد اسلم کي وڃي ٿو، جن ڏهرڪيءَ جي ماڻهن لاءِ تفريح جو هڪ جديد مرڪز قائم ڪيو. فلمي سرگرميون ۽ ثقافتي اوج: سال ١٩٧٠ع کان ١٩٩٠ع تائين، ڊريم لينڊ سينما ۽ ڀرپاسي وارن شهرن ۽ ڳوٺن لاءِ تفريح، ملاقاتن، ۽ ثقافتي سرگرمين جو مرڪز بڻجي ويئي هئي. جتي مختلف ٻولين جون فلمون هلنديون هيون، ۽ انجا بينر شهر ۾ سونهن پکيڙيندا هئا، خاص طور تي سنڌي فلمون: جن ۾ جيجل ماءُ، اڄ ته ياڪر پايون، سسئي پنهون، عمر مارئي، لالا رخ، ڌرتي لالا، حسين چهرن تي دل آيو، دريا خان، مومل راڻو پنجابي فلمون: مولا جٽ، وحشي جٽ، شيرا پٺاڻ، چن ويري، سليم دا بدلو، بابل دا ويهڙا اردو فلمون: بندش سلاخين، آئينہ، دل لگي، ارمان، بازي، دوستي، بول، ڪهي ان ڪهي، دونون سميت ڪيترن ئي فلمن رڪارڊ قائم ڪيو هتي ڪڏهن ڪڏهن انگريزي فلمون (ڊب ٿيل يا اصل انگريزي ۾) به هلنديون هيون. فلمون خاص طور تي نوجوانن لاءِ پرڪشش هونديون هيون ۽ نوجوان فلم ڏسي سينما کان ٻاهر نڪرڻ وقت پاڻ کي هيرو ۽ ولين سمجهندا هئا ۽ ڊائلاگ بازي ڪندا هئا. سماجي اثر ۽ يادون: سينيما صرف فلمي تفريح نه، پر هڪ سماجي گڏجاڻيءَ جو هنڌ هوندو هو. عيد، جمع، آچر، ۽ خاص موقعن تي، ڳوٺاڻا مرد، نوجوان، مزدور، واپاري، ۽ شاگردن سميت عورتون ۽ ٻار به فلم ڏسڻ لاءِ اچي گڏ ٿيندا هئا. "ڊريم لينڊ" جي اندر، سادي پر سٺي سيٽنگ، چاڪن، ٽڪيٽ ونڊو، ۽ خاص "فرنٽ" وارا شوقين هوندا هئا، جيڪي پهرين قطار ۾ ويهڻ جا عاشق هوندا هئا.

# ڳوٺ باگو پتو

تحرير: حبيب الرحمان پتو (رٽائرڊ پرائمري اسڪول ٽيچر)

ڳوٺ باگو پتو، ڏهرڪي شهر کان اولهه طرف، اٽڪل پنج ڪلوميٽر پري، نيشنل هاءِ وي ۽ ريلوي لائين جي وچ ۾، يونين ڪائونسل رهڙڪي ۾ واقع آهي. هن ڳوٺ جي آبادي اندازي مطابق پنج هزار جي لڳ ڀڳ آهي. هن ڳوٺ جي بنياد اوڻويهين صدي جي شروعات ۾، يعني ۱۸۰۰ع کان ۱۸۲۰ع جي وچ ڌاري پئي. پتا قبيلي ســـان تعلق رکندڙ **"چار پائر" نالي باگا پتو، بهارا پتو، نارا پتو ۽ خيرا پتو راوي، چناب ۽ ڊيره اســـماعيل خان** واري علائقي مان هجرت ڪري، ســـپ کان پهريان ڳوٺ ڪوٽلو مرزا ڏهر پهتا. اتي اچڻ کانپوءِ انهن پنهنجي الڳ وسندي وسائي، جنهن جو نالو پنهنجي **پاءُ باگا جي نالي تي "باگو پتو"** رکيو. راقم الحروف، مون اهو سمورو باگو پتو جي وارث خاوند بخش کان ۱۹۷۳ ۾ ٻڌو. اها هجرت مها راجا رنجيت ســـنگهه جي دور ۾ ٿي. "باگو" نالي جي باري ۾ چيو وڃي ٿو ته اهو لفظ "باگ" يا "باگهه" هندي ٻولي جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ببر شـينهن. پوءِ ســـنڌي ۾ ڦري "باگو" ٿيو، ۽ "پتا" مان "پتو" سڏجڻ ۾ آيو. پتا يا پتو، سورهيه ونش راجپوت قبيلو آهي، جڏهن ته ڪجهه مورخ هن کي عرب النسل پڻ ٻڌائين ٿا. پتا هند ۽ سنڌ جي مختلف علائقن ۾ آباد آهن. زراعت، زمينداري، ۽ فوجي خدمتن ۾ پتن جو نالو نمايان رهيو آهي.

**ڳوٺ باگو پتو جا پاڙا (محلا) ۽ انهن جا نالا:** ۱. **باگاڻي پاڙو (صوفي پاڙو):** هي ڳوٺ باگو پتو جو سڀ کان قديم ڳوٺ جي باني جو پاڙو آهي. بعد ۾ پتو قبيلي جون شخصيتون هتي اچي آباد ٿيون، جن جي نالن پٺيان پاڙا يا محلا وجود ۾ آيا.

۲. **جنداڻي پاڙو:** هي پاڙو جندل پتو جي نالي سان سڏجي ٿو. سندس نالو "جندل پتو" هو. جندل، رياست بهاولپور جي موجوده ضلعي رحيم يار خان جي موضع "ڪڪري" مان لڏي آيو هو. 3. **ٻڊاڻي پاڙو:** هي پاڙو ٻڊا پتو نالي شخص، جيڪو رحيم يار خان ضلعي جي علائقي "ڪوٽ ڪرم خان" مان هجرت ڪري آيو ۽ آباد ڪيو. ســـندس نالي تي اهو پاڙو وجود ۾ آيو، جنهن کي "ٻڊاڻي" پاڙو ســـڏيو وڃي ٿو. 4. **سوماري پاڙو:** هي پاڙو سومار خان پتو جي نالي سان منســـوب آهي، جيڪو پنجاب جي علائقي خانپور (ججه عباسيان) مان هجرت ڪري هتي آيو ۽ پاڙو آباد ڪيائين. 5. **قابلاڻي پاڙو:** هي پاڙو قابل خان پتو جي نالي سان منســـوب آهي، جيڪو ڪوٽلو مرزا خان ڏهر مان هتي اچي آباد ٿيو.

**حليم آباد پاڙو:** هي پاڙو ڳوٺ جي اولهه پاسي نئون آباد ٿيو آهي. عبدالحليم ۽ پوليس ڊپاٽمينٽ ۾ هو جيڪو پنو عاقل مان هتي لڏي آيو هو، هتي مستقل سڪونت اختيار ڪئي. سندس نالي تي اهو پاڙو سڏجي ٿو.

**يوٿ ويلفيئر سوسائٽي (رجسٽرڊ)** جا ترقياتي ڪم: هن سوسائٽي جو ۱۹۸۱ع ۾ بنياد پيو جنهن تحت مختلف ترقياتي ڪمن کي عمل ۾ آندو ويو. ان سلسلي ۾ عبد الحميد پتو، عبدالنبي پتو (اينگرو)، مولوي غلام محمد پتو، شبير بيدار پتو ۽ حبيب الرحمان پتو ٻين سماجي اڳواڻن، سوسائٽي کي فلاح ۽ بهبود جي مقصد لاءِ ڪتب آندو. جنهن جا مختلف ڪم جهڙوڪ بنيادي صحت مرڪز، ڊرينيج جي اسڪيم، ڳوٺ ۾ سوئي گيس منظور ڪرايو، ڳوٺ کي وليج اليڪٽريفائيڊ ڪرائڻ، پرائمري گرلز ۽ بوائز مڊل اسڪولز جون اسڪيمون منظور ڪرايون انهيءَ سوسائٽي ٻيا به فلاحي ڪم ڪرايا.

**تعليمي ۽ صحت سهولتون:**۔ بوائز ماڊل اسڪول- بيســـڪ هيلٿ يونٽ (BHU)- گرلز پرائمري ۽ بوائز پرائمري اسڪول- گرلز مڊل اسڪول ۽ بوائز هاءِ اسڪول انهن اسڪولن ۾ تعليم جي بهتري لاءِ اينگرو ڪمپني جي مدد ســـان جديد فرنيچر، ڪمپيوٽر ليب، ڪمرن جي تعمير، ڪتابن جي فراهمي، سولر ســـســـٽم لڳايو ويو ۽ قابل استادن جي ڀرتي ڪئي وئي. - باگو پتو: تعليمي، سياسي، ۽ سماجي ڀلائيءَ جا ڪردار ۱. تعليمي ادارن ۾ زير تعليم نوجوان ڳوٺ باگو پتو جا نوجوان وڏي تعداد ۾ سرڪاري ۽ پرائيويٽ اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن، ۽ ڪيترائي شاگرد يونيورسٽين مان ڊگريون حاصل ڪري، اعليٰ عهدن ۽ سرڪاري نوڪرين تي فائز آهن. شاگردن ۽ شاگرديائڻن جي تعليم ۾ خاص دلچسپي آهي، جيڪي مختلف شعبن ۾ ڪاميابي حاصل ڪري رهيون آهن.. تعليمي ڀلائي ۽ سماجي سجاڳي جا ڪردار انهن اسڪولن ۾ نه فقط ڳوٺ، پر ڀرپاسي جي علائقن جا شاگرد به تعليم پرائي رهيا آهن.

**اينگرو فرٽيلائيزر جي مدد سان:** ـ ڪمرن جي تعمير- فرنيچر ۽ ڪمپيوٽر ليب جي فراهمي- شاگردن لاءِ يونيفارم، ڪتاب، ۽ ٻين تعليمي سهولتن جي فراهمي

**اضافي سهولتون:** ـ فائبر آپٽڪ ذريعي انٽرنيٽ جي سهولت- واٽر فلٽر اسڪيم- ٽف ٽائل ۽ جديد ڊرينيج سسٽم

١. جامع مسجد ۽ قديم کوهن جو ذڪر ٢. قديم جامع مسجد - ڳوٺ باگو پيٽو

٢. **ڳوٺ باگو پيٽو جو سياسي ڪردار** ڳوٺ باگو پيٽو ۾ سياسي شعور انتهائي اعليٰ سطح تي موجود آهي. ايوب خان جي آمريت جي دور کان وٺي، هتان جا نوجوان هاري تحريڪ، مارشل لا جي مخالفت، ۽ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ هميشه عملي طور سرگرم رهيا آهن.- ١٩٦٧ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جو بنياد پيو، ته هن ڳوٺ جا نوجوان سندس بنيادي ڪارڪن بڻيا.- ١٩٧٠ع ۾ جنرل يحيٰ خان جي حڪومت خلاف، جمهوريت جي حمايت ۾ مظاهرا، جلوس، ۽ ڌرڻا هنيا.- شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت وقت، ڳوٺ جي عورتن غائبانه جنازي نماز ۾ شريڪ ٿيون.- سکر ريلوي اسٽيشن تي نعريبازي ڪرڻ سبب، ٻن نوجوانن کي گرفتار ڪيو ويو. MRD تحريڪ (تحريڪ براءِ بحالي جمهوريت) ۾ باگو پيٽو جا ڪيترائي سياسي ڪارڪن جيل ويا، جن مان **هيٺيان نالا نمايان آهن:**- محمد هاشم پيٽو (پيپلز پارٽي جو تعلقه صدر)- عبدالحڪيم پيٽو، رضا محمد پيٽو، عبدالحميد پيٽو- نور محمد پيٽو، حاجي محمد بخش پيٽو- غلام نبي پيٽو، عبدالله پيٽو، عاشق محمد پيٽو- فضل محمد پيٽو، رحيم بخش پيٽو، سعيد احمد صوفي- نصير احمد، نورالدين، حبيب الرحمان پيٽو

**ڳوٺ باگو پيٽو جي قديمي جامع مسجد** ڳوٺ باگو پيٽو جي قديم جاين مان، صوفي پاڙي جي جامع مسجد شامل آهي، جنهن کي "جامع مسجد" يا "وڏي مسجد" سڏيو ويندو آهي. تاريخي حوالن موجب، هي مسجد ١٨٧٠ع ڌاري تعمير ٿي. مسجد جو بنياد حضرت *حافظُ الملّت، حافظ محمد صديق رحمة الله عليہ پنهنجي هٿن مبارڪن سان رکيو. انهي مسجد جو اڏاوتي طرز ڀرچونڊي شريف جي قديمي مسجد سان مشابهت رکندڙ هو. هي مسجد سياسي ۽ سماجي شخصيت مرحوم حاجي محمد هاشم پيٽو جي ڏاڏي، مياڻجي غلام محمد پيٽو تعمير ڪرائي هئي. *١٨٩٣ع* ۾ مسجد جي توسيع ڪندي، *فقير حاجي حڪيم الاهي بخش پيٽو* هڪ عاليشان "صفو" تعمير ڪرايو، جنهن جي ڇت ۾ *ميناڪاري ٿيل ٽائلون* لڳايون ويون، جيڪي *هالا نئون شهر* مان گهرايون ويون هيون. **نئين مسجد جي تعمير** سال ٢٠١٣ع ۾، پراڻي مسجد جي جاءِ تي، هڪ نئين ۽ خوبصورت مسجد تعمير ڪئي وئي، جنهن ۾ ڏسڻ جهڙو ديده زيب *شيشي جو ڪم* ڪيو ويو آهي. البت، *قديم مسجد کي شهيد ڪرڻ*، ڳوٺ واسين لاءِ هڪ *ڏکوئيندڙ عمل* هو. ۽ ڀرچونڊي شريف جا ڪيترا ئي مريد انهي مسجد جي شهادت تي روئي پيا هئا.

ڳوٺ جون ٻيون مسجدون وڏي مسجد کان علاوه، ڳوٺ باگو پيٽو ۾ *چار ٻيون مسجدون* موجود آهن:

١. جنداڻي پاڙي جي ننڍي مسجد جيڪا پڻ قديمي آهي. جيڪا اوڏڪي مٽي سان تعمير ٿيل هئي. روڊ واري مسجد — مرڪزي شاهراه تي واقع اها مسجد الهوسايو جنداڻي تعمير ڪرائي هئي ٣. اسڪول واري مسجد — هن مسجد لاءِ الله بخش پيٽو زرعي زمين جو ٽڪرو وقف ڪيل آهي. ٤. حليم آباد واري مسجد — جيڪا *سال ٢٠٢٣-٢٤ع* ۾ تعمير ڪئي وئي جيڪا غلام حسين پيٽو صاحب ڳوٺ وارن سان گڏجي تعمير ڪرائي آهي.

ڳوٺ باگو پيٽو جا پراڻا کوهه

ڳوٺ ۾ ٽي پراڻا کوهه هئا، جن مان ٻن کوهن جا نشان اڃا به موجود آهن:

مياڻ جو کوهه — هي کوهه صوفي پاڙي (باگاڻي) ۾ هو، جيڪو هاڻي ڦٽل حالت ۾ موجود آهي جيڪو مياڻ محمد شاهه تعمير ڪرايو هو.

جنداڻي کوهه* — هي کوهه جنداڻي پاڙي جي لنگهه وٽ موجود هو، جيڪو هاڻي لٽجي چڪو آهي.

ننڍي کوهي (مسجد واري کوهي)* — وڏي مسجد جي تعمير دوران کوٽائي ويئي هئي. انهيءَ کوهي جو پهريون لپو حضرت حافظ محمد صديق رحمة الله عليہ هنيو هو. هي کوهي به اڄ لٽيل حالت ۾ موجود آهي.

## فتح پور مهر جو سرداري گهراڻو سردار الله بخش خان مهر تي خصوصي رپورٽ

ڏهرڪي ريلوي اسٽيشن کان اٽڪل ست ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ڳوٺ فتح پور مهر ۾ خانڳڙهه شريف سرداري گهراڻي جا **سردار الله بخش خان مهر** ١٨٣٠ع ڳوٺ فتح پور مهر ۾ پيدا ٿيا هئا. سندن جي وفات ١٩٠٥ع ۾ ٿي ۽ سندس **گهرواري مائي فاطمه** جون ١٩٢٢ع جي وفات تي جن جون تختيون قبرن تي موجود آهن ڳوٺ واحد بخش خان مهر ۽ سردار الله بخش خان مهر انگريز دور کان اڳ ئي فتح پور ۾ آباد هئا. فتح محمد خان مهر انجو وڏو ڀاءُ هو، جنهن پنهنجي نالي تي ڳوٺ فتح پور ٻڌو هو. ڳوٺ جي باري ۾ ڳوٺ جا بزرگ ٻڌائين ٿا ته **ڳوٺ واحد بخش مهر** تمام پراڻو ۽ اوائلي ڳوٺ آهي هتان درياءَ جو وهڪرو هلندو هو ۽ هتي وڏن ٻيڙن جو بندرگاه هو. **فتح پور سردارن جي هڪ وڏي رياست** **جيان هئي جتي سردار الهيار خان ۽ سردار غلام محمد خان مهر** پڻ ايندا هئا. واحد بخش خان مهر الله بخش خان مهر جو وڏو ڀاءُ هو ۽ فتح محمد خان مهر، شهباز خان مهر ننڍا ڀائر هئا جن جي نالن تي ديهون ديهه فتح پور، ديهه شهباز پور اڄ به موجود آهن. واحد بخش مهر پنهنجو هڪ الڳ ڳوٺ ٻڌو جيڪو اڄ به موجود آهي جتي هن وقت سهرياڻي، دايا، ڏڪاڻ، سومرا ۽ ڪجهه مهر به رهائش پذير آهن اتي ڪنهن به سرداري گهراڻي جي تربتن يا ڪي ٻيا آثار موجود نه آهن. ڳوٺ فتح پور جي جامع مسجد جيڪا سردار الله بخش خان مهر پاڻ تعمير ڪرائي هئي اها هن وقت به موجود آهي جن جا مخلف پيش امام رهي چڪا آهن ۽ انهن جي پڳهار خانڳڙهه شريف جي سردارن کان ايندي آهي ۽ هن وقت سال ٢٠٢٥ع ۾ حافظ سڪندر علي پيش امام آهي ان جي پڳهار به خانڳڙهه شريف کان ايندي آهي. سردار الله بخش خان مهر کي **هڪ پٽ هڪ ڌيءَ جي اولاد** هئي ۽ پٽ هڪ وبائي بيماري پڪڙجي ويئي هئي جنهن سبب هو ان وبائي بيماري سبب اچ شريف ۾ وفات ڪري ويو جنهن تربت جا آثار اچ شريف ۾ موجود آهن. ۽ هڪ ڌيءُ هئي جنهن جي شادي ڪونه ٿي هئي ان جو سنگ گهرڻ اچ شريف جا پير جيڪي سندس جا مرشد به هئا در تي آيا هئا. (چون ٿا ته پير صاحب اچ شريف واري کي سنگ ڏيڻ کان انڪار ڪيو، جنهن ويندي ويندي ڪين پاراتو ڏنو جنهن کان پوءِ فتح پور جو زوال شروع ٿيو) فتح پور مهر، آسودو ۽ خوشحال ڳوٺ هو جيڪو هاڻي ويران ۽ سنسان ڳوٺ ٿي ويو آهي. **تاريخي پسمنظر:** ١. مغل دؤر ۾ فتح پور جي بنياد رکڻ جا آثار مغليه دور سان ڳنڍجن ٿا. جڏهن مغل سلطنت سنڌ ۾ مختلف سردارن ۽ طاقتور قبيلن جي اڳواڻن کي جاگيرون عطا ڪري رهي هئي. روايتن مطابق، مغل سلطنت جي هڪ مقامي جاگيردار طرفان هي علائقو آباد ڪرايو ويو. مقامي روايتن موجب، سمن ۽ مغلن جي آخري دور ۾ فتح پور کي لشڪر جي آرامگاهه طور به استعمال ڪيو ويندو هو. ٢. **ٽالپُر دؤر:** حڪمرانن جي دؤر ۾ فتح پور جي اهميت ۾ واڌارو ٿيو. ٽالپُر حڪمرانن، خاص طور تي ميرن، مقامي قبيلن سان اتحاد قائم ڪري رکيو ۽ واپار، زراعت، امن ڪرڻ لاءِ ٻين قبيلن جيان مهر قبيلي جي سردار الله بخش خان مهر کي به سرڪار زمينون ڏنيون. جن مان ئي فتح پور مهر جي سڃاڻپ وڌي ويئي.

٠٣ **انگريزن جي دؤر ۾ فتح پور هڪ واپاري مرڪز** طور سڃاتو ويندو هو. انگريز عملدارن هن ڳوٺ کي خاص واپاري نقطي طور ترتيب ڏنو. ان دؤر ۾ هندو برادري وڏي تعداد ۾ هتي آباد هئي، جن جو تعلق بنيادي طور شاهوڪار، ۽ واپاري طبقي سان هو. **هندو برادري ۽ واپار:** فتح پور هڪ وقت واپار جو مرڪز هو، هتي خاص طور تي ڪپڙي، اناج، لوهي سامان، ۽ گيهه، پتي جو ڪاروبار ٿيندو هو، هندو واپاري خاندانن جون راڌي، مالهي، لوهاڻي، ۽ سيتلداس نالي برادريون هتي واپار ۾ سرگرم هيون، ڳوٺ ۾ هندو مندر، پڪا حوض، بازار، ۽ واپاري دڪانون موجود هيون، جيڪي هاڻي ويران ٿي چڪيون آهن. انگريز دور کان پوءِ پاڪستان قائم ٿيڻ بعد هتان ڪجهه هندو هندستان هليا ويا ۽ ڪجهه هندن ڏهرڪي ۾ فتح پوري پاڙو آباد ڪري ويٺا ان پاڙي جا هندو اڄ به فتح پوري هندو سان مشهور آهن. ١٩٤٢ **فتح پور جو زوال هڪ تاريخي زخم:** رڳو هڪ صدي اڳ تائين فتح پور هڪ خوشحال وسطي هئي، پر پوءِ ڪجهه سببن جي ڪري هي ڳوٺ ويران ٿيندو ويو: **درياهه جو وهڪرو بدلجڻ:** پراڻو درياهه سنڌ، جيڪو ڳوٺ فتح پور جي زرخيزي جو وڏو ذريعو هو،

۱. درياءُ وهڪرو مٽائي ويو، جنهن سبب زراعت ختم ٿيڻ لڳي. ۲. هندن جي لڏي وڃڻ: ۱۹۴۷ع جي ورهاڱي بعد هتي جي سڄي هندو آبادي ڀارت هلي وئي، جنهن واپار ۽ بازار کي ختم ڪري ڇڏيو. ۳. **انگريز دور جي انفرااسٽرڪچر (ڍانچي) جو زوال:** انگريزن جو ٺاهيل ڍانچو، رستا، دڪانون، بند ٿي ويا، ۽ سڀ بي پرواهيءَ سبب تباهه ٿيا. ۴. **نسلن جي لڏپلاڻ:** مهر قبيلي جا وڏيرا نئين زمينن، زمينداريءَ ۽ سياست ۽ شهرن ڏانهن منتقل ٿيڻ لڳا. ڳوٺ خالي ٿيندو ويو. **اڄ جي فتح پور:** اڄ فتح پور، هڪ ويران، سنسان علائقو آهي، جتي قديمي قبرون، ڀڳل بازار، پراڻا کوهه، ڀڳل پڪيون پٽين جا ڪجھ نشان اڃا به تاريخ جي شاهدي ڏئي رهيا آهن. **فتح پور جا مشهور هندو** واپاري ۽ خاندان (۱۹۴۷ع کان اڳ): ۱. ديوي داس لوهانا ڪپڙي جو وڏو واپاري فتح پور منديءَ ۾ دڪان ۽ وڏو گودام ۲. ڀڳوان داس ڀاٽيا ڪنڊ، اناج ۽ گيهه جو واپار ڀاٽيا خاندان پرپاسي جي ڳوٺن ۾ به واپار ڪندو هو ۳. ڪيشور لال ساهتيه چمڙي، جوتن، ۽ ريدي ميڊ سامان جو واپاري سندس خاندان ڏهرڪي، خانڳڙه، ۽ روهڙيءَ تائين مشهور هو ۴. ڇيتا نند مهرا زيورن ۽ سونن جو ڪاريگر فتح پور ۾ "مهرا سوناڪار" جي نالي سان مشهور هو ۵. گوبند راهماالواڻي لوهه، هارڊويئر، ۽ زراعت لاءِ اوزارن جو واپار زميندارن ۽ هارين لاءِ اوزار فراهم ڪندو هو ٦. چمن لال واسواڻي تعليم پرچار ڪندڙ، فتح پور ۾ غير سرڪاري اسڪول هلائيندو هو ورهاڱي کان پوءِ بمبئي (ممبئي) لڏي ويو ۷. جڳديش نارياڻي اناج منديءَ جو وچولو (بروڪر) ڀارتي مارڪيٽن ۾ رابطا

۽ هول سيل واپار ۸. هري ڪشن جتواڻي مسالا، ڪاڏي ڀڇائڻ جون شيون، ۽ دوا سازي جو واپاري ۽ واپاري سان گڏ مذهبي رسمن جو اڳواڻ هو ۹. رامچند سوراڻي ڪپهه ۽ وڻج واپار ۾ ماهر ڪراچيءَ، حيدرآباد ۽ بمبئي سان لاڳاپيل واپار ڪندو هو ۱۰. سندر لال ديوان گهٽيون دڪانون ۽ هڪ "درمشالا" (مهمان خانون) هلائيندڙ پنهنجي نالي سان مندر قائم ڪيو هو هندو آبادي جي هجرت (۱۹۴۷ع بعد): ورهاڱي کان پوءِ سڀ هندو خاندان ڀارت لڏي ويا انهن مان ڪيترائي خاندان ممبئي، ناگپور، احمد آباد، ۽ اجمير ۾ آباد ٿيا ڪجھ خاندانن بعد ۾ "فتح پور سنڌي" نالي سان واپار ۽ ثقافت جاري رکي. **اپاري زوال ۽ هجرت:** ۱۹۴۷ع واري ورهاڱي کانپوءِ فتح پور جي هندو آبادي هجرت ڪري وئي، جنهن سان واپار جو ڍانچو ٽٽي پيو هنن جي ملڪيت "ايف سي وي پي" (Evacuee Property) طور حڪومت جي حوالي ٿي وئي، پر ڪيترين کي مهر خاندان سنڀاليو ۱۹۵۹ع جي زرعي سڌارن بعد، فتح پور جي مالڪي تي مهر خاندان جو قبضو گهٽجي ويو. **مقامي ذريعا ٻڌائين ٿا** ته سردار الله بخش خان مهر جي وفات بعد فتح پور جون ملڪيتون خانڳڙه جي سردار غلام محمد خان مهر، کان پوءِ علي گوهر خان مهر ۽ هاڻي سردار محمد بخش حوالي آهن ڪيترون ئي ٻنيون ۽ مال راهڪي ڪندڙ کي وڪرو ڪيون ويون.

---

**ڏهرڪي جي واپارين جا قتل:** ۱. **سيٺ ريلو مل واپاري جي گهر ڌاڙو ۽ قتل** ريلو مل – فتح پور پاڙو، گهر اندر آرامي هو ته تاريخ: ۲۵/۷/۱۹۹۸ چورن گهر گهريا سڄاڳي جي نتيجي ۾ فائرنگ ٿي ان دوران مزاحمت تيهو قتل ٿي ويو، شهر ۾ شٽر بند هڙتال جنهن جا جوابدار اڃان تائين گرفتار نه ٿي سگهيا آهن. ۲. **سيٺ ستن لال واپاري جو قتل** سيٺ ستن لال – هندو برادري جو واپاري اڳواڻ تاريخ: ۳۱ جنوري ۲۰۲۲ع تي سندس ڀائٽي ناگيش ڪنگر جي ڪاٽن فيڪٽري جي افتتاحي تقريب دوران هٿيار بندن فائرنگ ڪري قتل ڪيو. جنهن جو راجوٽي فيصلو ٿيو ٤ جون ۲۰۲۵ع تي ٿيو **فيصلي جا اهم نڪتا** ڏوهاري هزارو ۽ پٽافي جيل ۾ آهي، ان جي آزادي بعد پٽافي فيصلو ڏيندو، مهرن تي سهولتڪاري هزاري سان فون تي رابطي جي سي ڊي آر موجود پوليس وٽ موجود.... زمين مان هڪ ايڪڙ مهرن کي ڏنو ويو باقي زمين ستن لال جي صاف تي..... روپين ڏنڊ مهرن تي پيو، مشروط ضمانت عوامي ردعمل: مظاهرا، اقليتي برادري پاران ڌرڻا، سول سوسائٽي جي مذمت ۳. **امير بخش راڄڙي جو قتل ۽ ڦر جو واقعو** شخصيت: امير بخش راڄڙي – واپاري انجمن جو سرگرم ميمبر هو ڪي تاريخ: ۱۵ آڪٽوبر ۲۰۲۳ع ڏهرڪي بئنڪ کان واپسي دوران ۱۵ لک روپين جي ڦر، قتل ڪرڻ بعد موٽر سائيڪل سوار فرار ٿي ويا جنهن جا قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا آهن. پوليس جو عمل: FIR داخل، تحقيقات اڌوري عوامي ردعمل: واپارين جو احتجاج، سوڳ، ميڊيا مهم مرتب: محمد رمضان پيرزادو

## واحد بخش خان مهر ننهنجو

**واحد بخش خان مهر ننهنجو** پاڙي جي هڪ معزز شخصيت هئي, جن جا وڏا اصل جيسلمير پارت کان لڏي اچي ســـند ۾ تعلقہ اوٻاڙو جي ديھ ڪلوالي ۾ پنهنجون زمينون وٺي ڳوٺ ٻڌي اچي ويٺا جنهن ڳوٺ کي اڄ بہ واحد بخش خان مهر جو ڳوٺ يا واحد خان جي ماڙي سڏجي ٿو. سندن ڳوٺ ۾ خانداني ماڙي آهي جيڪا پاڪستان کان بہ اڳ جي پڪين سرن جي تعمير ٿيل آهي جيڪا هڪ سو پنجاھ سال گذرڻ بعد بہ مضبوطي سان بيٺل آهي.

واحد بخش خان مهر انگريز جي آخري دور ۾ پوليس ۾ صوبيدار ٿي رهيو ۽ سروس جا ڪجھ سال پاڪســـتان ٺهڻ بعد بہ نوڪري ڪندا رهيا. واحد بخش خان مهر هڪ بهادر, فرض شناس ۽ هوشيار پوليس آفيسر هو. انگريز ڪليڪٽر جي گهران چوري جي ڳولا ڪندي راجستان تائين پيرو ڪٽي وڃي چور پڪڙيائين ۽ چوري ٿيل سامان واپس ڪرايائين, جنهن جي صلي ۾ انگريز حڪومت کيس بهادري جو سرٽيفڪٽ ۽ هڪ ٻہ نال رائفل انعام ۾ ڏني جيڪا اڄ بہ ســـندس وارثن وٽ محفوظ آهي. واحد بخش خان مهر کي ١٩٥٤ ۾ پرچوندي پيرن کي ڏوھ ڪرڻ کان روڪڻ تي کيس قتل ڪري لاش کوھ ۾ ڦٽي ڪيو ويو. واحد بخش خان مهر هڪ شـادي ڪئي جنهن مان کيس ٻہ پٽ اســـتاد الهورايو خان مهر ۽ ننڍو پٽ الهہ بخش خان مهر ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. سندس اولاد اڄ بہ سندس ڳوٺ واحد بخش خان

## مرحوم استاد الله ورايو خان مهر, باني: اسلاميہ پبلڪ اسڪول

الله ورايو خان مهر ١٩٣٠ع ۾ ڳوٺ واحد بخش خان مهر, ضلعي گهوٽڪي ۾ ڄائو. سندس والد واحد بخش خان مهر هڪ وڏو زميندار هو. الله ورايو خان مهر پنهنجي ابتدائي تعليم مڪمل ڪرڻ بعد فائنل پاس ڪئي ۽ پوءِ ڪجھ سال سرڪاري پرائمري اسڪول ۾ استاد طور نوڪري ڪيائين. پر پوءِ پنهنجي والد جي زرعي زمين جو سنڀال سنڀالڻ لاءِ نوڪري ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو. هو تعليم جي واداري لاءِ انتهائي جوش ۽ جذبو رکندڙ شخص هو. پنهنجي اولاد سان گڏ ٻين ٻارن لاءِ بہ اعلي معيار جو تعليمي ماحول مهيا ڪرڻ لاءِ ١٩٧٨ع ۾ اسلاميہ پبلڪ اسڪول جو بنياد وڌائين. سندس تعليم دوستي سبب علائقي ۾ گهڻي عزت ڪئي ويندي هئي. استاد الله ورايو خان مهر تحريڪ پاڪستان جي سرگرم ڪارڪن رهيو. اليڪشـن ۾ پڻ حصو ورتائين ۽ پنهنجي سياسي سفر دوران مختلف شخصيتن سان واسطو رهيو. هو مظهر مشرف جي حمايت سان تحريڪ پاڪستان جي سکر ڊويزن جو صدر بہ رهيو. سندس دوستن ۾ علائقي جا معزز ماڻهو شامل هئا, جهڙوڪ: سردار ممتاز خان ڌهر, نور محمد خان لنڊ, سردار علي گوهر خان مهر, سردار قيصر خان بوزدار سندس گهراٽو علم, مهمان نوازي ۽ سماجي خدمت لاءِ مشهور هو. ١٩٨٣ع ۾ ڳوٺ ڏهرڪي ۾ ميان عبدالســـميع محلہ ويجهو پنهنجو گهر جوڙايائين, جتي سندس اولاد اڄ بہ رهي ٿو. سندس اولاد مان: نذير احمد مهر (مرڪزي اڳواڻ) رفيق احمد مهر (پرائمري استاد) باقي اولاد مختلف شعبن سان واڳيل آهي, سندس وفات بعد کيس پنهنجي اباڻي قبرستان

## وزير احمد مهر باني ايوان صحافت پريس ڪلب ڏهرڪي

وزير احمد مهر ١٩٨١ع ۾ ڳوٺ واحد بخش خان مهر, تعلقو ڏهرڪي, ضلعي گهوٽڪي ۾ پيدا ٿيو. وزير احمد مهر پنهنجي ابتدائي تعليم اسلاميہ ماڊل اسڪول ڏهرڪي مان والد جي نگرانيءَ هيٺ حاصل ڪئي. بعد ۾ هن پنجاب ڪاليج مان بيچلر آف ڪامرس (B.Com) جي ڊگري حاصل ڪئي ۽ ان بعد صحافت جي دنيا ۾ قدم رکيو. هن سـنڌي, اردو ۽ انگريزي اخبارن, رسالن, ۽ ٽي وي چئنلن لاءِ ڪم ڪيو. **ڏهرڪي ۾ "ايوان صحافت پريس ڪلب"** جو بنياد رکڻ سندس اهم ڪارنامو آهي, جتي هو چيف پيٽرن طور ڪم ڪري رهيو آهي. وزير احمد مهر گهوٽڪي ڊسٽرڪٽ يونين آف جرنلسٽس (DUJ) جو صدر چونڊيو, ۽ "ريجنل يونين آف جرنلسٽس" (RUJ) جو مرڪزي صدر مقرر ڪيو ويو. سندس نگرانيءَ ۾ RUJ پاڪستان جي مختلف علائقن ۾ ڪامياب سيمينارز ۽ پروگرام منعقد ڪيا, جن جو مقصد صحافين کي تحفظ ۽ مدد فراهم ڪرڻ هو. ان ڪانسواءِ, هو "ميڊيا ڪائونسل" سميت ڪيترين ئي صحافتي تنظيمن سان سلهاڙيل آهي, پر هن جي آزادانہ سوچ کيس پنهنجي تنظيم "ريجنل يونين آف جرنلسٽس پاڪستان" (RUJ) قائم ڪرڻ تي آماده ڪيو.

## افضل الحق مهر: سخي دل، منصف مزاج ۽ نرم طبيعت جو مالڪ

افضل الحق مهر، پنهنجي والد وانگر سخي دل، خوش مزاج ۽ عوام سان ويجهو تعلق رکندڙ شخصيت آهن. هن پنهنجي شهر وارن سان هميشه پائيچاري ۽ محبت وارو رشتو برقرار رکيو آهي. مٺي مزاج ۽ ٿڌي طبيعت سبب ماڻهو انهن سان آسانيءَ سان رلي ملي ويندا آهن.

الله پاڪ کين فيصلا ڪرڻ جي غير معمولي مهارت عطا ڪئي آهي، جنهن سبب ڪيترائي ماڻهو پنهنجا تڪرار ۽ مسئلا سندن سامهون کڻي ايندا آهن، ڇو ته انهن جي فيصلي ۾ عدل ۽ ديانتداري واضح طور محسوس ٿيندي آهي.

افضل الحق مهر نه صرف پنهنجي آباءَ اجداد جي زمين سنڀالي رهيا آهن، پر ان سان گڏ پنهنجي خانداني روايتن ۽ ذميوارين کي به نڀائي رهيا آهن. انهن جي اولاد ۾ ٻه پٽ، محمد فيصل ۽ اهتشام الحق مهر، ۽ ٻه نياڻيون شامل آهن، جيڪي به پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

## غلام مرتضي مهر

غلام مرتضي مهر، ڏهرڪي جي هڪ نيڪ نام ۽ خانداني شخصيت، عبدالحق مهر جو ٽيون نمبر پٽ آهي. پاڻ ١٩٨٣ع کان ٽريڪٽر شوروم جو ڪاروبار ڪري رهيا آهن. شروعاتي طور سندس شوروم پراڻي بس اسٽينڊ لڳ هو، جيڪو هاڻي پريس ڪلب ڏهرڪي جي سامهون جديد عمارت ۾ منتقل ٿي چڪو آهي. غلام مرتضي مهر صرف ڪاروباري ماڻهو نه پر هڪ خوش اخلاق، نرم مزاج ۽ خانداني قدرن جو امين فرد آهي. پاڻ پنهنجي پيئرن جي گڏيل ملڪيتن، دڪانن ۽ ٻين اثاثن جو حساب ڪتاب، ڪرائي ۽ ٻين معاملا وڏي ايمانداري سان سنڀاليندو آهي. سندس سادگي، تعاون ۽ ملنساري سبب هو علائقي ۾ عزت ۽ اعتماد جوڳو نالو رکي ٿو. سندس زندگي جو اهو پهلو قابلِ تعريف آهي ته هن نه رڳو ڪاروبار کي ايمانداري سان وڌايو، پر خانداني هم آهنگي کي به اوليت ڏني. غلام مرتضي مهر جو ڪردار، ڏهرڪي جي تاريخي منظرنامي ۾ هڪ سادي، مگر معتبر شخصيت طور شامل آهي، جنهن خانداني روايتن کي نئين دور سان جوڙي رکيو آهي.

## ڏهرڪي جو ٺڳ!!! ڊان گولو اسڪينڊل لالچ بري بلا آهي

ڳوٺ نئون ڪوٽ، ڏهرڪيامانت علي گولو، نئون ڪوٽ (ڏهرڪي، ضلعو گهوٽڪي) جو رهواسي، عوام ۾ "ڊان گولو" جي نالي سان مشهور ٿيو. شروعاتي ڏينهن ۾ هو اينگرو ڪمپني جي گيٽ تي سائيڪل تي اچي، لڪڙ هيٺ مٽي ڪرڻ جو ڪم ڪندو هو. پر بعد ۾، جلد امير ٿيڻ جي لالچ ۾ هن ٺڳيءَ جو رستو اختيار ڪيو. ٺڳي جي شروعات ڊان گولو پهرين هڪ انعامي اسڪيم تي ٻڌل ڪمپني شروع ڪئي. اسڪيم هيئن هئي: "هڪ سو کان هزار رپيا مهيني ۾ لڳايو، رقم مهيني اندر ٻيڻي ڪري واپس وٺو. "اخبارن، بروشرن ۽ مقامي ايجنٽن ذريعي هن اسڪيم جي اشتهار بازي ڪئي. ١٩٩٠ع ڌاري سوين ماڻهن اميري جي لالچ ۾ اچي پنهنجو پئسو هن اسڪيم ۾ لڳائڻ شروع ڪيو. مافيا جو جار ڊان گولو ايجنٽن جو وڏو نيٽ ورڪ قائم ڪيو، جن ۾ سندس پائر، پائٽا، مائٽ، ۽ عورتون شامل هيون. هر ايجنٽ پنهنجي علائقي ۾ پئسا گڏ ڪندو هو، جنهن مان في سيڪڙو حصو سندس ڪمائي هوندي هئي. ايجنٽ ڪروڙ پتي ٿي ويا، جڏهن ته هزارين عام ماڻهو لٽجي ويا. لالچ جي انتها ماڻهن پنهنجا گهر، زمينون، زيور، ۽ گاڏيون وڪڻي ڊبل اسڪيم ۾ لڳايا. ايس ايس پي عبدالسلام شيخ جي نگراني ۾ هڪ ڪمرو مخصوص ڪيو ويو، جتي رقم جمع ٿيندي هئي. ڊان گولو جي "سخاوت" جو ايترو چرچو هو جو هو نئون ڪوٽ مان نڪرندي فقيرن کي هزار جا نوٽ ڏيندو هو. سندس اثر صحافين، پوليس، ۽ سياستدانن تائين هو. اسڪينڊل جو پکيڙ ۽ زوال هي اسڪيم سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان تائين پکڙجي وئي. ماڻهن بي اعتماديءَ سان پنهنجون ساريون جمع پونجيون لٽائي ڇڏيون. آخرڪار، اسڪينڊل ميڊيا تي آيو، رپورٽون ظاهر ٿيون، ۽ ڊان گولو گرفتار ٿيو. ڪيس جيل موڪليو ويو، پر ماڻهو پنهنجو پيسو وري حاصل نه ڪري سگهيا. ذڪر لائق نالا (ايجنٽس) ذوالفقار گولو (ڀاءُ) باقر گولو (ڀائيٽو) نثار گولو (پيٽويو) جاويد گولو (ڀائيٽو) محب گولو (ڀاءُ) ديدار گولو (ڀاءُ) ببلو گولو (ڀاءُ) صاحب خاتون (ماءُ) زينت خاتون (ڀيڻ) ۽ ڪيترائي بااثر ماڻهو. سبق ڊان گولو اسڪينڊل سنڌ جي تاريخ جي وڏي مالياتي ٺڳين مان هڪ آهي. انهن مان سبق هي آهي: عوام کي انعامي اسڪيمز ۽ جلد امير ٿيڻ جي چڪرن کان بچڻ گهرجي. قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي اڳواٽ جاچ ذريعي اهڙين اسڪيمز کي روڪڻ گهرجي. صحافين ۽ ميڊيا جو فرض آهي ته عوام کي خبردار ڪن، نه ته خود اهڙين اسڪيمز جو حصو بڻجن.

# تعلقي ڏهرڪي ۾ پير سائين پاڳاري جون دعوتون ڪندڙ جا تفصيل

تعلقي ڏهرڪي ۾ پير سائين پاڳاري جون دعوتون ڪندڙ جا تفصيل : سورهيه بادشاه سائين پير سائين پاڳارو جو شروعاتي سلسلو آهي پر اسان هتي سورهيه باشاه کان شروع ڪري رهيا آهيون کان دعوتن جو سلسلو شروع ٿيو آهي جنهن ۾ پير سائين پاڳارو جن ڪيون دعوتون ۽ زيارتن جو جماعت سڳوري کي شرف حاصل ٿيندو آهي پڪي دعوت ۾ پنهنجي خاص ويس تاج (ڪلنگي) سان زيارت پڻ ڪرائي ويندي آهي ۽ دعوت ۾ پنهنجو روحاني خطاب پڻ فرمائيندا آهن. دعوتن جو تفصيل ١. ميرو فقير جو ٽلهو. ٢. دولو فقير مهر لونگاٽي. ٣. شير محمد فقير مهر ساڌورجو. ۴. هنڱورا فقير مهر. الهڏنو فقير مهر ٨ نمبر. ۵. رمضان فقير مهر ڏتو. ٦. ڏونگراٽي فقير مهر. آٿلو مهر. عبدالله فقير. چام فقير مهر. محمد رحيم فقير مهر. ٧. ننهندي گل حسن فقير. محمد اسماعيل فقير. ٨. غلام قادر فقير پنهيار. ٩ خليفو مصري فقير پائيخانجو ١٠ گمنا. خان محمد فقير مهر جهلاءِ زيارتون ١. سادا مهر. ٢. دلمراد فقير مهر ٣. علي بخش مهر انساٽي. فقير پير بخش سپيو ۴. سائينداد مهر گاگناٽي. ۵. مير محمد پنهيار ٦. صاحب دين مگريو. ٧ خير محمد جيئندو مهر ٨. دلمراد فقير لونگاٽي مهر ٩. اپايو عمراٽي مهر ١٠ طالب مگريو. ١١. پاتو راڄڙ ١٢. وڏيرو مٺل ساڌورجو ١٣. حافظ محمد يونس سڪندري ١۴. اپايو جنگيجو. جمال فقير جنگيجو ١۵. احمد فقير ڏتو ١٦. اسحاق پٽافي. ١٧. ٣٧ پل نائڏن فقير. هيبتاڻي پٽافي. غازي لغاري پنهون فقير مگڻهار ۽ ٻيون ڪيترون ئي دعوتون ڪيون ويندون آهن. وهي حياتي هوندي ته ملندا سين نه ته پر تين پاڳاري کي اهو چئي پيءُ پنهنجا هٿيار لاهي پٽ جي حوالي ڪيا اهو پوڙهو ٻيلو فقير هو نوجوان پٽ ڪندو فقير هو جيڪو پيءُ ماءُ کان موڪلائي مرشد جي سڏ تي وڃي ٻين مجاهدن سان مليو هن فقير سان گهڻا مجاهد گڏ هئا هر هڪ محمد ولد مريد. ڪريم بخش. محمد مراد. يار محمد. اهي گڏجي نڪتا جيڪي هندستان جي ٽر چونڪي شاهه ڳڙهه پهتا. جنهن جي ڪمان ڦوتو چانگ. نهال فقير راڄڙ. جمال فقير مگريو ۽ قبولو مهر لونگاٽي ڪري رهيا هئا ان وقت اتي امين فقير به موجود هو جنهن وٽ فقيرن پنهنجا نالا درج ڪرايا دولو فقير مهر لونگاٽي به اتي موجود هيو امين فقير ڪندو فقير ڪانسواءِ ٻين کي سرڪاري هٿيار ڏيارايا چو ته ڪندو فقير وٽ پنهنجي رائيفل موجود هئي اتي خبر پئي ته دشمن حملو ڪري رهيو آهي گهوٽاڙو تي سخت معرڪو هلي رهيو آهي اوهان به تياري ڪريو پوءِ ته هر هڪ تيار ٿي سرڪاري گاڏين ۾ ويٺو ڪندو فقير جي ٽولي سان رستي ۾ سخت جهڙپ ٿي پئي گهڻي دير تائين گولين جي ڏي وٺ جاري رهي. مجاهد بهادري سان وڙهندا رهيا آخر هندو مورچا ڇڏڻ تي مجبور ٿي وٺي ڀڳا ڪندو فقير دلير ۽ بهادر هو جيڪو دشمن تي هلندي هلندي حملو ڪندو هو مقابلي ڪرڻ کي عيب سمجهندو هو ڪندو فقير کي دلير ۽ بهادر ڏسي جمال فقير مگرئي پاڻ سان رکيو. آخر ڪار ڪيترن ئي دشمنن کي جهنم جي حوالي ڪري پاڻ پنهنجي جان مالڪ حقيقي جي حوالي ڪئي ڪندو فقير سان گڏ جنگ وڙهندڙ جو چوڻ آهي ته. فقير جي شهادت کان پوءِ به ٻئي هٿ سندس رائيفل ۾ هئا آڱر گهوڙي ۾ هئي مگر ميگزين خالي هو سڀ گوليون دشمن جي سيني ۾ هٽي چڪو هو سندس ڪمر پٽي ۾ به يا چار گوليون باقي هيون. ڪندو فقير جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ سندس ويجهو عزيز سورنهن سالن جو نوجوان ڳيرو لڪمير فقير بلند حوصلي سان اڪبر جو نعرو هٽي دشمن جي صفن ۾ ڪاهي پيو ڪندو فقير جو لاش امين فقير ڪٽائي روانو ڪيو جيڪي ڪٽي ان جاءِ تي آيا جتان فقير رائيفل ڪلهي ۾ وجهي نڪتو هو هوڏانهن لڪمير فقير به وڙهندي وڙهندي شهادت جو پيالو پيتو آخري دم نعره تڪبير هٽندي پورو ڪيائين لڪمير فقير جو لاش به امين فقير سرڪاري ڳاڏي تي روانو ڪيو سندس ساٿي ڪندو فقير جي پاسي ۾ دفن ڪيو ويو اهي ٻئي تربتون شهيدن يادگار ڳوٺ دولو فقير کان هڪ ڪلو ميٽر تي واقع جتي هن وقت تمام وسيع قبرستان آهي سن ١٩٦٧ع کان وٺي هن وقت تائين موجوده پير سائين پاڳاره هر سفر ۾ مٿان اچي دعا گهرندا آهن فقيرن جي شهادت کان پوءِ جلد ئي پير سائين پاڳاره جن اتي دعوت منظور ڪئي دولو فقير دعوتي هو منتظم اعليٰ ٻيلو فقير هو جڏهن ٻيلي فقير حضرت پير سائين سردار کي شهيدن جي فاتح لاءِ عرض ڪرايو فقير صاحب پٽ جي جدائي تي تمام گهڻو ڏکارو ۽ گهبرايل هو پاڻ فرمايائونس ٻيلا فقير! چوين ته هتي ئي شهيدن کي جنت ۾ گهمندو ڏيکاريان صبر ڪرين ته قيامت ڏينهن توکي انهن شهيدن سان ملائي ڇڏيندس. شهيد زنده آهن الله تعالي وٽ پاڪيزه روزي کائن ٿا ٻيلي فقير عرض ڪيو قبلا قيامت ۾ ملائجان. هن ٻن فقيرن جو ذڪر سندس شامل ٽولي وارن کان پڇيم. جيڪي راقم الحروف جا عزيز ۽ رشتيدار آهن جيڪي دولو فقير جي دعوت سان لاڳاپيل آهن اڄ به انهن غازين جو تعداد سڻي انگ ۾ موجود آهي جن مان ڪي ته وفات پائي چڪا آهن باقي ڪجهه نالا هت ذڪر ڪجن ٿا ڪمپني ڪمانڊر دولو فقير مهر. محمد قاسم مهر. واحد بخش مهر. مولا بخش مهر. پروز فقير مهر محمد فقير مهر ڪريم بخش. ابراهيم فقير وغيره هي به اڪر انهن شهيدن فقيرن جي ياد ۾ لکيم جنهن فاني ۽ عارضي زندگي جي مقابلي ۾ باقي ۽ جاوداني زندگي خريد ڪئي پنهنجي مرشد جي حڪم تي الله جي راهه ۾ سرن جو نذرانو پيش ڪيو.

## پرهياڙ قبيلو ۽ خليفو فقير غلام قادر پرهياڙ جي زندگي جو مختصر سفر

(محمد عثمان پنهيار)

پرهياڙ قبيلو سنڌ ۾ ڪافي پنهيار به استعمال ڪندا آهن پر پرهياڙ لفظ پنجاب پرهاڙ صرف ٻولي جو فرق آهي سڀ هڪ ئي آهن اصل قبيلو پرهياڙ آهي اسان جي سرائڪي زبان سنڌي جي سان ملي ٿي ان ڪي پنهيار سڏيندا آهيون واحد چيف خليفي غلام قادر جي CNIC تي پرهياڙ لکيل هو

**لعل خان اول ۽ دودو فقير (اول)** ڪان شروعات ٿي، جيڪو ارڏي ڪردار جا انسان ۽ فقيري طبيت جا مالڪ هئا، **فقير لعل خان اول جي پٽ فقير لطف علي پنهيار** جنهن ١٩٦٥ع جي جنگ ۾ جسلمير جي حدن اندر حر فورس جي جوانن سان گڏ چوڪيون فتح ڪيون هيون ان ۾ جهندو ڪوڙن ۽ پهرين فتح جي آذان ڏيڻ وارو فقير لطف علي پنهيار هو جنهن ۾ بيا وڏا نالا حر مجاهد فورس جا شامل آهن فقير لطف علي پنهيار،

تاريخ جي معلومات ڏيندڙ صحافي محمد عثمان پنهيار جو ڏاڏو ۽ فقير غلام قادر پنهيار جو مامو هو ۽ هو پنهيار قبيلي جو وڏو تصور ڪيو ويندو هو ۽ سندس وفات بعد وڏو فرزند **جمال فقير پنهيار** آهي. جماعت ۽ درگاهه جي خدمتن ۾ ڪي سنڀاڙڻ وارو **فقير ڪمال دين پنهيار** آهي. هن خاندان جو نصب لال خان اول کان شروع ٿيو جيڪو

نالو بعد عثمان فقير جي والد محترم تي رکيو ويو آهي ۽ دودو فقير اول جو نالو جيڪو دودل فقير پنهيار تي پيو **دودل فقير پنهيار دعوتي خليفو پڻ آهي** ۽ هن وقت فنڪشنل ليگ جو سينئر نائب صدر آهي جيڪو رجب شريف جي مهيني ۾ درگاه پاڪ تي هڪ مهينو چونڪي جا فرض سرانجام ڏيندو آهن وقت جمال فقير غلام قادر جو پڳدار پٽ آهي جنهن جون خدمتون به درگاهه جي ڪمن ڪارن ۾ شامل آهن **مرحوم فقير غلام قادر پنهيار** جا چار فرزند آهن ١. جمال فقير پنهيار، ٢. ڪمال فقير پنهيار، ٣. نهال فقير پنهيار، ٤. فقير غلام نبي پنهيار

فقير غلام قادر پنهيار جي نندي پاء **شهيد ڪيپٽن فقير غلام نبي پنهيار** جا ٢ فرزند آهن دودو فقير پنهيار ۽ فقير محمد نواز پنهيار آهن. فقير غلام نبي شهيد جو نالو فقير غلام قادر پنهيار جي آخري پٽ هاٿوڪي نائب خليفو چونڪي گمها فقير غلام نبي تي رکيو ويو هاٿوڪو فقير غلام نبي پنهيار سنڌ يونيورسٽي ڪان شاگرد سياست ۾ متحرڪ ڪردار ادا رهيو آهي. بعد ۾ فنگشنل ليگ سندس سياسي ايڪٽوٽي ڏسي ايم ايس ايف ليگ جي شاگرد تنظيم جو مرڪزي سينئر نائب صدر سنڌ مقرر ڪيو آهي. والد صاحب جي وفات بعد فقير ڪي درگاهه جي ذميواري ڏني وئي جيڪو اڄ نائب مک آهي

**ڪمال فقير پنهيار** جيڪو علائقي جي معزز ڪردارن ۾ شامل آهي ڪمال فقير پنهيار مشرف دور ۾ يوسي هيروتا ۾ اعلي حضرت پير سائين پاڳارا جن جي حڪم تي اليڪشن ۾ حصو ورتو پهريون پيرو يوسي ناظم ٿيون ٻيون پيرو بنا مقابلي يوسي ناظم منتخب ٿيو. هن وقت حر جماعت ۽ علائقي جي مسئلن ڪي حل ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي سندس وٽ پري پري ڪان ماڻهو اچي فيصلا ڪرائيندا آهن سندس والد صاحب جي وفات ڪان پوء درگاهه حضرت روضي ڌڻيء رحمت جي فيصلا ڪاميٽي جو ميمبر منتخب ڪيو ويو

**فقير لطف علي حر فورس ۾ انسپيڪٽر** جي حيثيت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو سندس پٽ حال خان فقير به حر فورس ۾ رهيو جڏهن حر فورس ڪي سنڌ جي ڪڇي ۾ متحرڪ ڪيو ويو انهن آپريشنز ۾ لال خان شامل هو ١٩٧١ع ۾ به پنهنجو ڪردار ادا ڪيو پنهيار قبيلو آهي جنهن جو سرداري سستم ڪونهي اسان پنهيارن جو سردار روحاني پيشوا پير سائين پاڳارو آهي

### شهيد ڪيپٽن فقير غلام نبي پنهيار: وفاداري، قرباني ۽ روحانيت جو علامتي پيڪر

شهيد ڪيپٽن فقير غلام نبي پنهيار جو تعلق ضلعي گهوٽڪي جي تاريخي علائقي ڪينجو سان هو. اوهان هڪ اهڙي باوقار، ديندار ۽ جري خاندان سان واسطو رکو ٿا، جيڪو نه رڳو حر تحريڪ سان وابسته رهيو، پر ڪيترن ئي نسلن ڪان وٺي پاڪستان جي دفاع، امن ۽ روحاني قدرن جي خدمت ۾ اڳيرو رهيو آهي. ڪيپٽن فقير غلام نبي پنهيار، پير صاحب پير پاڳاري جي خاص مريدن مان هئا. اوهان جي پير صاحب سان روحاني وابستگي صرف عقيدت تائين محدود نه هئي، پر ان جو عملي اظهار حر تحريڪ جي پليٽفارم تان ملڪ جي سلامتي ۽ امن امان جي بحالي جي جدوجهد جي صورت ۾ ٿيندو رهيو.

وهي حياتي هوندي تہ ملنداســــين نہ تہ پرتين پاڳاري کي اهو چئي پيءُ پنهنجا هٿيار لاهي پٽ جي حوالي ڪيا اهو پوڙهو ٻيلو فقير هو نوجوان پٽ ڪندو فقير هو جيڪو پيءُ ماءُ کان موڪلائي مرشد جي سڏ تي وڃي ٻين مجاهدن سان مليو هن فقير سان گهڻا مجاهد گڏ هئا هر هڪ محمد ولد مريد، ڪريم بخش، محمد مراد، اهي گڏجي نڪتا جيڪي هندستان جي ٽر چونڪي شاهہ ڳڙهہ پهتا، جنهن جي ڪمان ڦوٽو چانگ، نهال فقير راڄڙ، جمال فقير مڱريو ۽ قبولو مهر لونگاٽي ڪري رهيا هئا ان وقت اتي امين فقير بہ موجود هو جنهن وٽ فقيرن پنهنجا نالا درج ڪرايا دولو فقير مهر لونگاٽي بہ اتي موجود هيو امين فقير ڪندو فقير ڪانسواءِ ٻين کي سرڪاري هٿيار ڏياريا چو تہ ڪندو فقير وٽ پنهنجي رائيفل موجود هئي اتي خبر پئي تہ دشمن حملو ڪري رهيو آهي گهوٽاڙو تي سخت معرڪو هلي رهيو آهي اوهان بہ تياري ڪريو پوءِ تہ هر هڪ تيار ٿي سرڪاري گاڏين ۾ ويٺو ڪندو فقير جي ٽولي سان رستي ۾ سخت جهڙپ ٿي پئي گهڻي دير تائين گولين جي ڏي وٺ جاري رهي، مجاهد بهادري سان وڙهندا رهيا آخر هندو مورچا ڇڏڻ تي مجبور ٿي وٺي ڀڳا **ڪندو فقير دلير ۽ بهادر هو جيڪو دشــــمن تي هلندي هلندي حملو ڪندو هو** مقابلي ڪرڻ کي عيب سمجهندو هو ڪندو فقير کي دلير ۽ بهادر ڏسي جمال فقير مڱريءَ پاڻ سان رکيو. آخر ڪار ڪيترن ئي دشمنن کي جهنم جي حوالي ڪري پاڻ پنهنجي جان مالڪ حقيقي جي حوالي ڪئي ڪندو فقير سان گڏ جنگ وڙهندڙ جو چوڻ آهي تہ، فقير جي شهادت کان پوءِ بہ ٻئي هٿ سندس رائيفل ۾ هئا آڱر گهوڙي ۾ هئي مگر ميگزين خالي هو سڀ گوليون دشمن جي سيني ۾ هٽي چڪو هو سندس ڪمر پٽي ۾ بہ يا چار گوليون باقي هيون. ڪندو فقير جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ سندس ويجهو عزيز سورنهن سالن جو نوجوان ڳڀرو لڪمير فقير بلند حوصلي سان اڪبر جو نعرو هڻي دشمن جي صفن ۾ ڪاهي پيو ڪندو فقير جو لاش امين فقير ڪٽائي روانو ڪيو جيڪي ڪٽي ان جاءِ تي آيا جتان فقير رائيفل ڪلهي ۾ وجهي نڪتو هو هوڏانهن **لڪمير فقير بہ وڙهندي وڙهندي شــــهادت جو پيالو پيتو** آخري دم نعره تڪبير هڻندي پورو ڪيائين لڪمير فقير جو لاش بہ امين فقير سرڪاري ڳاڏي تي روانو ڪيو سندس ساٿي ڪندو فقير جي پاسي ۾ دفن ڪيو ويو اهي ٻئي تربتون شهيدن يادگار ڳوٺ دولو فقير کان هڪ ڪلو ميٽر تي واقع جتي هن وقت تمام وسيع قبرستان آهي سن ١٩٦٧ع کان وٺي هن وقت تائين موجوده پير سائين پاڳاره هر سفر ۾ مٿان اچي دعا گهرندا آهن فقيرن جي شهادت کان پوءِ جلد ئي پير سائين پاڳارهہ جن اتي دعوت منظور ڪئي دولو فقير دعوتي هو منتظم اعليٰ ٻيلو فقير هو جڏهن ٻيلي فقير حضرت پير سائين سردار کي شهيدن جي فاتح لاءِ عرض ڪرايو فقير صاحب پٽ جي جدائي تي تمام گهڻو ڏکارو ۽ گهبرايل هو پاڻ فرمايائونس **ٻيلا فقير! چوين تہ هتي ئي شــــهيدن کي جنت ۾ گهمندو ڏيکاريان صبر ڪرين تہ قيامت ڏينهن توکي انهن شهيدن سان ملائي ڇڏيندس** ۾ شهيد زنده آهن تعالي وٽ پاڪيزه روزي کائن ٿا ٻيلي فقير عرض ڪيو قبلا قيامت ۾ ملائجان. هن ٻن فقيرن جو ذڪر سندس شامل ٽولي وارن کان پڇيم، جيڪي راقم الحروف جا عزيز ۽ رشتيدار آهن جيڪي دولو فقير جي دعوت سان لاڳاپيل آهن اڄ بہ انهن غازين جو تعداد ستي انگ ۾ موجود آهي جن مان ڪي تہ وفات پائي چڪا آهن باقي ڪجهہ نالا هت ذڪر ڪجن ٿا ڪمپني ڪماندر دولو فقير مهر ،محمد قاسم مهر، واحد بخش مهر، مولا بخش مهر، پروز فقير مهر محمد فقير مهر ڪريم بخش، ابراهيم فقير وغيره هي بہ اڪر انهن شهيدن فقيرن جي ياد ۾ لکيم جنهن فاني ۽ عارضي زندگي جي مقابلي ۾ باقي ۽ جاوداني زندگي خريد ڪئي

**فقير امام الدين پنهيار وفاداري، شخصيت ۽ حر خدمت جو روشن مثال** فقير امام الدين پنهيار، ڏهرڪي جي حر جماعت جو هڪ معزز، قد آور، باوقار ۽ سچي شخصيت جو مالڪ هو. سندس سفيد وڳو، پٽڪو، پرڪشش چهرو، سادو پر باهيبان انداز، ۽ جادو ڀريل آواز کيس سيني کان الڳ ۽ نمايان بڻائيندو هو. قول جو پڪو، عمل جو پابند، ۽ ڳالهہ جي سچائي سندس زندگي جو نشان بڻيل هئي.

فقير امام الدين، اصل ۾ *ڳوٺ فقير امام الدين پنهيار (ڏهرڪي پرسان) سان تعلق رکندو هو. سندس شڪل، قد، سڏي چال ۽ لباس فقير غلام قادر پنهيار سان ايڏي حد تائين مشــــابهت رکندڙ هئي، جو عام ماڻهو کيس *فقير غلام قادر پنهيار جو ڀاءُ* سڏيندا هئا. پر سندس نســــبت ڀائپي کان بہ وڌيڪ مضبوط هئي —— اها نسبت هئي وفاداري، خدمتن، گڏيل جدوجهد ۽ روحاني يڪسانيت جي. هو فقير غلام قادر پنهيار جو ٻانهن ٻيلي هو. هر تحريڪ، هر حر عمل، ۽ جماعت جي هر معاملي ۾ فقير امام الدين پنهيار سدائين اڳيئن صف ۾ بيٺو نظر آيو. سندس اڪيون جماعت جي وفاداريءَ سان ڀريل هونديون هيون، سندس وجود پنهنجي مرشد سان عشــــق جو مظاهرو هو. **وصال ۽ جدائيءَ جو لمحو** ٢٠٠٧ع ۾، جڏهن فقير امام الدين پنهيار جو وصال ٿيو، تہ سڄي ڏهرڪي، پرپاسي جا ڳوٺ، ۽ حر جماعت ڏکن ۾ ٻڏي ويا. سندس جنازي نماز ۾ حر جماعت سميت هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي. هر اک آلي، هر دل ڏکي هئي.

## ڳوٺ جان محمد ٻگهيو- هڪ اوائلي ڳوٺ جو مختصر پسمنظر

**ڳوٺ جان محمد ٻگهيو** —— جو سرسبز ماضي، روشن حال، اميدن ڀرپور مستقبل: سنڌ جي زرخيز زمين تي وسندڙ تاريخي ڳوٺ جان محمد ٻگهيو، ٽالپورن جي دور کان وٺي اڄ تائين هڪ جيئري جاڳندي تهذيب، محنتي ماڻهن، مذهبي رواداري، علم جي جوت، ۽ زرعي ترقيءَ جي علامت رهيو آهي. اهو ڳوٺ، جان محمد ٻگهيو هڪ بزرگ جي نالي سان منسوب آهي، قديم دؤر کان انسان دوستي، مهمان نوازي ۽ زمين سان سچائيءَ جي سڃاڻپ رهيو آهي، هي وڏو، سرسبز، ۽ آباد ڳوٺ آهي. جان محمد ٻگهيو اوڄ ۽ وسعت جي لحاظ کان علائقي جو هڪ تمام وڏو ڳوٺ آهي. تاريخي طور هن ڳوٺ جي پرسان درياءُ وهندو هو، جنهن جي نتيجي ۾ **هتي جي زمين سدائين زرخيزيءَ سان مالا مال رهي** • اُهو دريائي نظام فصلن کي پلو ۽ سونهن ڀريو بڻائيندو هو. جيڪو اڄ به ان زمين جي سونهن ۽ سڃاڻ جو ثبوت آهي. اڳي هتي چٽا پوکيا ويندا هئا، پر وقت سان گڏ زرعي تبديليءَ سان گڏ هتي هاڻي:

ڪڻڪ، ڪپهه، ڪمند، سارين جهڙا اهم فصل پوکيا وڃن ٿا، جيڪي ڳوٺ جي معيشت جو بنياد بڻيل آهن. سماجي بناوت ۽ اوائلي ماحول: ڳوٺ جي اوائلي ماحول ۾ سادگي، صفائي، سچائي ۽ سڪ موجود هو. هتي جا ماڻهو مالوند ۽ زميندار هئا، جيڪي پنهنجي پورهئي، علم، عقيدي ۽ پيار سان ڳوٺ کي آباد رکندا هئا. اڄ به هتي جي ماڻهن ۾ خوشي، باهمي محبت، ۽ ثقافتي روايتن جو احترام موجود آهي.

ڳوٺ ۾ تقريباً ١٠٠ کان مٿي گهر آباد آهن ۽ تقريباً سڀئي ماڻهو "ٻگهيو" ذات سان واسطو رکن ٿا، جيڪا ڳوٺ جي سڃاڻپ، اتحاد ۽ اتفاق جي علامت آهي. تعليم، عبادت، ۽ ديني تربي' تعليم جي شعور کي اپنائيندي، ڳوٺ ۾: گورنمنٽ گرلز ۽ بوائز اسڪول قائم آهن **ڳوٺ ۾ پنج مسجدون ۽ هڪ وڏو مدرسو آهي** جتي مولانا عبدالرزاق جسڪاٽي جيڪو عالم آهي پنو عاقل جو تعليم ۽ تربيت ڏي ٿو، ۽ حافظ ڪامران ٻگهيو به مسجد جو پيش امام آهي، مرحوم حاجي الله نواز ٻگهيو، معزز شخص هو، حافظ عبدالغفور ٻگهيو جون خدمتون به وسارڻ جهڙيون ناهن اوائلي دور ۾ ڳوٺ جي چوڌاري چار کوه هئا جنهن سان گهر جو پاڻي پريو ويندو هو، عورتون ڪپڙا ڌوئيندين هيون ۽ زمين آباد ٿيندي هئي اهي **کوهه:** مرحوم جانب ٻگهيو، ماستر محمد حسين ٻگهيو، حاجي پانڌي ٻگهيو، رسول بخش ٻگهيو جا کوه هئا،

ان وقت ماڻهو زمينداري ڪندا هئا ۽ مال وند ۽ انهن جا پويان ساڳيو ڪم پيا ڪن **ڳوٺ جا معززين:** مرحوم وڏيرو جيئند خان، وڏيرو خان محمد ٻگهيو، هيڊ ماستر محمد پريل ٻگهيو، ذوالفقار ٻگهيو زميندار علي محمد ٻگهيو، حاجي عبدالغفور ٻگهيو **ايف ايف سي ۾ ملازم:** بشير احمد ٻگهيو، حاجي صالح ٻگهيو، رجب، مرحوم امام بخش ٻگهيو ڪل پندرهن ماڻهو ۽ **اينگرو ۾ ٺيڪه ملازم ڪم ڪن ٿا** جن ۾: الهورايو ٻگهيو، امام دين ٻگهيو، محمد مراد ٻگهيو ٻگهيو، چنيسر ٻگهي، حاجي شهباز ٻگهيو، نياز احمد ٻگهيو، خادم حسين ٻگهيو جيڪو مزدور يونين جو صدر هو، لطف علي ٻگهيو يونين جو جنرل سيڪريٽري آهي، ڳوٺ ۾ پائيچاري سبب ڊرينيج پيئڻ جي پاڻي ٽف ٽائل ۽ گيس بجلي جي سهوليت موجود آهي.

**استاد محمد عارب سومرو عرف عاربي سومرو:** والد: محمد الياس سومرو جنم هنڌ: ڳوٺ فتح پور، لڳ داد لغاري استاد محمد عارب سومرو هڪ نيڪ دل، سخي، محنتي ۽ ڪاريگر شخص هو. هو زميندار پڻ هو ۽ واڍڪي ڪم ۾ مهارت رکندو هو. سندس والد محمد الياس سومرو پڻ سخي مزاج رکندڙ هو. استاد عارب سومرو پنهنجي والد جو اڪيلو پٽ هو ۽ ڪيس ٽي ڀينرون هيون. سرڪاري نوڪري سبب، پاڻ ڳوٺ ڇڏي ڏهرڪي لڏي آيو ۽ سومرا امير بخش محلي ۾ رهيو. پاڻ گورنمينٽ پرائمري مين اسڪول ڏهرڪي ۾ پڙهائيندو هو. پاڻ ڪاٺ جي ڪم، خاص طور تي جنڊي ۽ پکن جي سجاوٽ جي شيون جهڙوڪ ڳنيون، مصالحيداڻيون، وغيره ٺاهڻ ۾ تمام ماهر هو. سندس هٿ جو ڪم تمام نفيس ۽ ڪارائتو هوندو هو.

**استاد صدر دين ڪلهوڙو( مشهور نالي سان "ماسٽر جلدساز")** ماسٽر صدردين ڪلهوڙو هڪ نيڪ ۽ محنتي شخصيت هو. هو پرائمري استاد طور ڊيوٽي انجام ڏني. رٽائرمينٽ کان پوءِ به هن پنهنجي محنت جو سلسلو جاري رکيو. هو اسڪولن جي موڪل دوران شاگردن جا ڪتاب پاڻ ڪٺي اچي انهن جي بهترين جلد سازي ڪندو هو. صبح سوير جلد ٺيل ڪتاب واپس پهچائيندو هو. پهريان سرڪاري اسڪولن جا ڪتاب جلد ڪندو هو، پر پوءِ سندس مهارت ڏسي پرائيويٽ اسڪولن جا شاگرد به پنهنجا ڪتاب سندس حوالي ڪندا هئا.

## ڪريم بخش پٽو جي زندگي جو مختصر سفر



(زاهد پٽو)

اسانجي ڏاڏي رئيس برخوردار پٽو کي صرف ٻه پٽ ٿيا — **منهنجو والد ڪريم بخش پٽو** ۽ منهنجو چاچو نبي بخش عرف حاجي ٽلڻ پٽو. هڪ اتفاق اهو به هو ته ٻنهي پائرن کي صرف هڪ-هڪ پٽ ٿيو: مون کي مبارڪ علي عرف زاهد علي، ۽ چاچي کي شير محمد عرف شيرل. ابا ۽ چاچا، ٻنهي، درگاهه عاليه پرچونڊي شريف جي حضرت پير عبدالرحمان عرف پورل سائين کان ذڪر وٺي مريد ٿيا ۽ فقير سڏائڻ لڳا. محنت جي روزي کي ترجيح ڏنائون ۽ اولاد کي به حق حلال جي تعليم ڏني. ابا سچي حياتي جستجو، محنت ۽ خودداريءَ سان گذاري. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي بيت "تتيءَ ٿڌيءَ ڪاڪانهي ويل ويهڻ جي" جو جيتو جاڳتو مثال هو ,سادي ڳوٺاڻي زندگيءَ مان سفر ڪندي، ابا راهڪي، پوکي، ڏاند گاڏي ۽ پوءِ اُٺ گاڏي هلائي. اسان کي پنهنجي وس کان وڌيڪ سهولتون مهيا ڪيون. نه صرف محنت، پر حق ۽ سچ جي پرک به سمجهايائين. هو حساس، خوش مزاج، بي تعصب ۽ ايماندار شخص هو. جنهن جي محفل عام ماڻهو توڙي وڏيرن لاءِ دلچسپيءَ جو مرڪز هوندي هئي ,هو گهڻيون ٻوليون ڄاڻڻ وارو سگهڙ پڻ هو. جنهن وٽ سنڌي، اردو، پنجابي، سرائڪي، مارواڙي، ۽ انگريزيءَ تي به عبور هو. ايڪسون ڪيميڪل (هاٽوڪي اينگرو فرٽيلائيزر) ۾ مزدوري دوران، انگريز آفيسرن کان انگريزي سکي، ڪيترن ئي پڙهيل ماڻهن کي به حيران ڪري ڇڏيندو هو ,سندس يادون، نصيحتون ۽ سبق اسان لاءِ زندگيءَ جو خزانو آهن. سن ٢٠٠٠ ۾ عيدالفطر جي صبح، ابا کي دل جو دورو پيو جنهن سبب هو اسان کان جسماني طور وڇڙي ويو، پر سندس اخلاق، تربيت، ۽ سمجهائڻ جو انداز اڄ به اسان جي دلين ۾ محفوظ آهي، فادرز ڊي جي موقعي تي ابا کي سرخ سلام، خراج تحسين، ۽ رب پاڪ جي در دعا آهي ته جنت الفردوس ۾ بلند مقام عطا فرمائي. آمين!

## ڪرم علي خان لغاري هڪ بهادر انسان جي ياد

ڪرم علي لغاري ١٩٤٢ع ۾ شير محمد خان لغاري جي گهر ۾ پيدا ٿيو. ننڍپڻ کان ئي سندس دل ۾ پوليس ۾ ڀرتي ٿيڻ جو جذبو موجود هو. ان جذبي تحت، هو سنڌ پوليس ۾ سپاهي طور شامل ٿيو. هن ١٩٦٥ع واري پاڪستان-ڀارت جنگ ۾ بهادري سان حصو ورتو. بعد ۾، ١٩٧١ع جي جنگ دوران جڏهن ڀيهر ملڪ تي سخت وقت آيو، ته خدمتي فرض نڀائيندي دشمن هٿان گرفتار ٿيو. کيس "بنگلاديش" ۾ جنگي قيدي بڻايو ويو. پوءِ ١٩٧٤ع جي



تاشقند معاهدي تحت جڏهن جنگي قيدين کي آزاد ڪيو ويو، ته هو به پنهنجي وطن واپس آيو. ١٩٨٥ع ۾ هو پنهنجي ڳوٺ ڪوڙو خان لغاري مان لڏي، ڏهرڪي جي سينما روڊ تي آباد ٿيو. ١٩٨٧ع ۾، بدين جيل مان فرار ٿيل هڪ خطرناڪ قيدي کي گرفتار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو، جنهن عيوض سنڌ پوليس پاران کيس ٥٠٠ روپيه انعام ۽ هڪ تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو. ڪرم علي لغاري ١٩٨٨ع ۾ رٽائر ٿيو. هو ٢٠٢٢ع ۾ وفات ڪري ويو. ڪرم علي خان لغاري ٻن شادين جوڳو هو، ۽ کيس ڪيترائي اولاد ٿيا: آفتاب احمد لغاري (سنڌ پوليس)، جاويد احمد لغاري، مشتاق احمد لغاري، پرويز احمد لغاري، محمد محسن لغاري، سهيل لغاري، وقار لغاري ۽ ناويد لغاري. مرحوم ڪرم علي خان لغاري هڪ بهادر، سچو، ۽ صاف گو انسان طور سڃاتو ويندو هو. سندس مزاج سادو، پر غيرت، قرباني ۽ خدمت جي جذبي سان ڀرپور هو. سندس زندگي جدوجهد، قرباني ۽ ايمانداريءَ جو روشن مثال آهي. سندس اولاد اڄ به فخر سان سندس نالو کڻي ٿو.

**پاڪستان ٺهڻ کان اڳ جو مواصلاتي نظام** (١٨٤٣-١٩٤٧) کان پاڪستان قائم ٿيڻ کان اڳ جي ترقي يافته ڏهرڪي جا نظام برطانوي دور ۾ انگريزن هتي ريلوي اسٽيشن، پوسٽ آفيس ۽ ٻيا بنيادي ڍانچا جوڙيا، ريلوي نظام رائج ٿيڻ کان پوءِ ٽپال جو پراڻو ڊوڙ ذريعي هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ ۽ اتان وري اڳتي ائين ڊاڪ ڪيترن ڏينهن ۾ منزل تي پهچندي هئي، ٽپال جو سرشتو ريلوي نظام بعد ڪافي آسان ٿي ويو ۽ اهو ڊوڙي ڊوڙي ٽپال پهچائڻ جو وقت پنهنجي انجام تائين پهتو، ٽپال جيڪا هفتن ۾ پهچندي هئي اها انگريز دور ۾ ڪجهه ڏينهن ۾ پهچڻ شروع ٿي ويئي، ان سان گڏ ئي ٽيليگراف ۽ ٽيليفون جو نظام جوڙيو جنهن ڪري پيغام رساني ۾ آساني ٿيندي ويئي، جن سان علائقي جي ترقي ۾ مدد ملندي رهي اڄ موبائل سروس ۽ انٽرنيٽ جو جديد دور آهي،

## جونگ ڪالوني ڏهرڪي ـ مدرسه حنفيه رحمانيه حفظ القرآن

جونگ ڪالوني ڏهرڪي هڪ قديمي ڳوٺ آهي جيڪو اينگرو پاڻ فيڪٽري جي اوپر ۽ ڏهرڪي اسٽيشن جي اولهه ۾ ڏکڻ طرف واقع آهي جنهن ۾ شروعاتي چند گهر ٻرڙن، سومرن ، ڪنيرن،(چنن) ۽ منگين جا هوندا هئا بقول حاجي محمد ابراهيم ٻرڙو جي ته هن ڳوٺ ۾ هڪ تمام وڏو کوهه هوندو هو جنهن کي جونگ کوهه چوندا هئا تنهن ڪري هن ڳوٺ جو نالو به جونگ ڪالوني مشهور ٿي ويو ڪجهه وقت کان پوءِ سابقه ايسو فيڪٽري ۽ موجوده اينگرو فيڪٽري لڳڻ سبب هن ڳوٺ جي آبادي وڌي ويئي ۽ جنهن ۾ ڪيترين ئي ذاتين جهڙوڪ سومرا، ٻرڙا ، ڪنير (چنا) منگي ،رند، گرگيج ، شيخ، مهر ،ميراثي،ميڻڪ، دايا، ڏگهه، عيسائي ۽ اوڏن سميت مختلف ذاتين وارا ماڻهو مزدوري سانگي اچي آباد ٿيا ،هي ڳوٺ مان شهر ٿي ويو جنهن ۾ پرائمري مسجد مدل اسڪول مدرسه ،مين پرائمري مدل اسڪول، گرلز پرائمري اسڪول ۽ ڪجهه پرائيوٽ اسڪول به آهن ، قديمي مين جامع مسجد جيلاني بادشاه (لوءِ صاحبان وارن جي) ٻيون به ڪيتريون مسجدون آهن ۽ ان کان علاوه عيسائين جو هڪ چرچ به آهي، جونگ جون معزز شخصيتون استاد الحفاظ صوفي باصفا قبله استاد سائين حافظ فقير محمد عبدالستار سومرو قادري نوره الله مرقده باني مدرسه حنفيه عربيه رحمانيه جونگ ڪالوني ، استاد الحفاظ صاحبزاده حافظ مختيار احمد قادري مهتمم مدرسه حنفيه عربيه رحمانيه حفظ القرآن جونگ ڪالوني ، حاجي محمد ابراهيم ٻرڙو، وڪيل الطاف ٻرڙو، نورالدين صاحب ٻرڙو، حاجي شير زمان سومرو، حاجي شمس الدين سومرو، مرحوم وڏيرو مٺڻ خان سومرو، حاجي سردار احمد سومرو، عبدالقادر عرف شادن ٻرڙو ڪائونسلر ، محراب خان مهر ڪائونسلر، استاد منظور احمد سومرو، حافظ بشير احمد سومرو ٺيڪيدار حافظ اينڊ ڪمپني، حافظ حفيظ الله ميڻڪ، حافظ محمد بادل ميڻڪ، احمد علي ٻرڙو تعلقه ايجوڪيشن پرائمري ميل ڏهرڪي، صحافي مشتاق احمد سومرو، صحافي سڪندر علي سومرو، صحافي علي رضا سومرو ، صحافي غلام عباس منگي کان علاوه ٻيون ڪيتريون ئي معزز ، سماجي، سياسي ۽ مذهبي شخصيتون رهن ٿيون.....

### مدرسه حنفيه رحمانيه حفظ القرآن جونگ ڪالوني ڏهرڪي

١٩٧٥ع ۾ امير اهلسنت پير طريقت رهبر شريعت الحاج قبله پير سائين عبدالخالق القادري دامت برڪاتهم العاليه سجاده نشين خانقاه عاليه قادريه پرچوندي شريف ڏهرڪي جن جي حڪم موجب قبله استاد سائين جهنگان بوزدار مان لڏي اچي جونگ ڪالوني ۾ مدرسو قائم ڪري گورنمينٽ پاڪستان کان منظور ڪرايو جنهن پورو نالو "انجمن اهلسنت مدرسه حنفيه رحمانيه حفظ القرآن جونگ ڪالوني ڏهرڪي ۽ رجسٽريشن نمبر ١٠ آهي ،جنهن ۾ مقامي طالبن سان مسافر طالب علم به قرآن شريف جي حفظ و ناظره سان گڏوگڏ عربي ۽ فارسي جي تعليم به حاصل ڪرڻ لڳا، هن وقت تائين هزارن جي تعداد ۾ حافظ ٿي نڪتا آهن جن جو تعلق گهڻو ڪري پاڪستان جي ٽن وڏن صوبن سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جي مختلف ڳوٺن ، شهرن ۽ وستين سان آهي قبله استاد سائين جن ٢٠٠٣ع ۾ وصال فرمايو قبله استاد سائين نوره الله مرقده کي سائين بادشاهه جي حڪم سان سندس مسجد شريف جي ڏکڻ طرف سپرد خاڪ ڪيو ويو سندس مزار مبارڪ تي چوٿين نمبر فرزند حافظ بشير احمد عاليشان روضو مبارڪ تيار ڪرايو آهي جنهن جو ڪم هن وقت تائين هلي رهيو آهي قبله استاد سائين جي وصال کان پوءِ مدرسي جي انتظام جون ذميواريون سندس ٻئي نمبر فرزند استاد حافظ عبدالجبار قادري کي سونپيون ويون پر پاڻ به اچانڪ ٢٠١٣ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويا جنهن کي قبله استاد سائين جن جي روضي اندر اپرندي پاسي سپرد خاڪ ڪيو ويو ان کان پوءِ استاد عبدالجبار قادري نوره الله مرقده جن جي ٽئين صاحبزادي استاد حافظ مختيار احمد قادري کي مدرسي جو مهتمم مقرر ڪيو ويو جيڪو احسن طريقي سان پنهنجون ذميواريون سر انجام ڏئي رهيو آهي، مدرسي جي عمارت ۾ وقت ۽ ضرورت آهر توسيع ٿيندي رهندي آهي مدرسي جي عمارت مسجد شريف اپرندي طرف آهي جيڪا انگريزي اکر Uوانگر ٺهيل آهي مدرسي جي عمارت ۾ هڪ عاليشان جامع مسجد، (پڙهائي لاءِ) ٻه وڏا هال، لائبريري لاءِ هڪ وڏو ڪمرو جنهن ۾ مختلف مضمونن تي ،شرعي ، فقهي مسائل تي لکيل عربي ،فارسي ۽ سنڌي ۾ ڪيترائي ڪتاب موجود آهن استادن ۽ شاگردن جي رهائش لاءِ بهترين ۽ ڪشاده ١٢ ڪمرا تعمير ٿيل آهن طالبن جي طعام و قيام کان علاوه مسافر طالبن کي ڪپڙا ڌوئڻ لاءِ صابڻ به مفت مهيا ڪيو ويندو آهي ٿڌي پاڻي پيئڻ لاءِ اليڪٽرڪ واٽر ڪولر لڳل آهي وضو خانو ۽ غسل خانا به تعمير ڪيل آهن ان کان علاوه بجلي نه هئڻ جي صورت ۾ هڪ اسٽينڊ باءِ جنريٽر ۽ سولر سسٽم به موجود آهي، دنياوي تعليم لاءِ اٺين ڪلاس تائين مدرسي جي پلاٽ تي مسجد مدل اسڪول به منظور ڪرايل آهي جتي مدرسي جا طالب ديني تعليم سان گڏ دنياوي تعليم به حاصل ڪندا اهن. الحمد لله عزوجل مدرسه هذا ۾ هن وقت به تقريباً ٥٠ کان ٦٠ مسافر طالبعلم ۽ ٧٠ کان ٨٠ مقامي طالبعلم قرآن شريف جي تعليم سان گڏوگڏ عربي و فارسي جي تعليم به حاصل ڪري رهيا آهن ۽ ان شاء الله عزوجل اهو فيض ۽ سلسلو قيامت تائين جاري و ساري رهندو. راقم الحروف به مدرسه هذا ۾ قبله استاد سائين نوره الله مرقده کان ١٩٩١ع کان ١٩٩٤ع تائين قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪئي.

(ترتيب و تحرير ابو الرضا حافظ امداد علي قادري)

## عبدالڪريم چنہ جي يادن جو پسمنظر

عبدالڪريم چنہ ١ فيبروري ١٩٥٨ تي ڏهرڪي ۾ سونهارو خان چنہ جي گهر ۾ ڄائو. هن ابتدائي تعليم ڏهرڪي مان حاصل ڪئي، پوءِ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج، سکر ۾ داخلا ورتي، جتان هن انٽرميڊيئيٽ ۽ بيچلر جي ڊگريون حاصل ڪيون. فني تعليم سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن مان حاصل ڪيائين، جتي هو ميرٽ تي ٻئي نمبر تي آيو. هو هڪ سماجي خادم، غريبن جو ساٿي ۽ فلاحي ڪارڪن آهي. هن پنهنجي پاڙي، غوثپور، ۾ پاڙيسرين جو هڪ گروپ ٺاهيو ۽ فلاحي سرگرمين ۾ حصو ورتو. جڏهن هو اينگرو ڪيميڪلز پاڪستان لميٽيڊ سان لاڳاپيل هو، تڏهن پنهنجي مهارتن، سٺي اخلاق ۽ ڪردار جي بنياد تي مزدورن جا دلاسا ورتائين، جنهن سبب هو اينگرو ورڪرز يونين ۾ شامل ٿيو ۽ يونين جي اليڪشن ۾ جنرل سيڪريٽري طور چونڊيو ويو. هن مزدورن جا مسئلا پنهنجي صلاحيتن ۽ قيادت جي مهارتن سان اجاگر ڪيا. ٤ **ڊسمبر** ١٩٩٣ **تي وزيراعظم بينظير ڀٽو اينگرو** جي سلور جوبلي پروگرام تي آئي. هن موقعي تي عبدالڪريم چنہ مزدورن جا مسئلا ۽ عوامي مطالبا وزيراعظم جي اڳيان پيش ڪيا. انهن مطالبن ۾ ڏهرڪي ۾ گورنمينٽ گرلس ڊگري ڪاليج، پولٽيڪنڪ ڪاليج، ۽ ٣٠٠ گهرن تي مشتمل ليبر ڪالوني جي تعمير شامل هئي، جيڪي هاڻي مڪمل ٿي چڪا آهن. ان کان علاوه، هن ڏهرڪي اسٽيڊيم ۽ دارالشفا (هاڻي "سهارا ڪلينڪ" جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو) جي قيام لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪيون، گڏوگڏ ٻين عوامي ڀلائي جي منصوبن ۾ بہ سرگرم رهيو. هن کي " Exxon to Engro" نالي ڪتاب جو مرڪزي ڪردار قرار ڏنو ويو، جنهن جو ليکڪ ۽ ايڪسن جو CEO ايس آر مرزا هو. پيشوَ جي لحاظ سان، هن ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ ڪيترين ئي ملٽي نيشنل ڪمپنين سان ڪم ڪيو آهي، جن ۾ اينگرو، لاسمو، سلين واٽر ڪنورزن ڪارپوريشن، الجبيل سعودي عرب، ايڪسن ڪيميڪل پاڪستان، پاڪستان-سعودي فرٽيلائزر (ايف ايف سي) ميرپور ماٿيلو، ۽ او ايم وي (پاڪستان) ميانو-ڪدن واهري گيس فيلڊ شامل آهن.

## محمد رفيق چنو: هڪ ڪامياب ڪاروباري شخصيت

محمد رفيق چنو ٠١ مارچ ١٩٨٧ تي سنڌ جي ضلعي گهوٽڪي جي ڳوٺ الهوسايو چنو ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو محمد ابراهيم چنو آهي. محمد رفيق پنهنجي ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي، ۽ پوءِ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج گهوٽڪي مان گريجوئيشن مڪمل ڪئي.

تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ، هن ڏهرڪي ۾ اڄ ٢٠٠٤ع ۾ "چنا پي سي او" جي نالي سان پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيو. ان وقت پي سي اوز جو دور هو، جتي هن فون ڪالز سان گڏوگڏ فيڪس جي سهولت پڻ فراهم ڪئي.

2009ع ۾ جڏهن پاڪستان ۾ *ايزي پئسا* جي شروعات ٿي، تڏهن ڏهرڪي ۾ صرف "چنا پي سي او" وٽ ئي ريٽيلر شپ موجود هئي، جنهن سان محمد رفيق پنهنجي ڪاروبار کي وڌيڪ وسعت ڏني. وقت سان گڏ هن ڪيترن ئي بيا مني ٽرانسفر سروسز جون فرنچائزز بہ حاصل ڪيون، جن ۾ ايزي پئسا، جيز ڪيش، يوپئسا، HBL Konnect، UBL Pay، Alfa وغيره شامل آهن. اڄ سندس دوڪان تي انهن سڀني سهولتن جو مرڪز موجود آهي، جيڪو هن جي محنت ۽ ايمانداري جو ثبوت آهي.

محمد رفيق چنو ٢٠١٢ع ۾ پنهنجي ماسٽر جي ڌيءُ سان شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس ٻہ نياڻيون، ابيره رفيق ۽ مناهل رفيق، ۽ هڪ پٽ، احمد رفيق آهن.

سندس نرم مزاجي، اخلاق ۽ سادگي سبب هو پنهنجي علائقي ۾ وڏي عزت ۽ احترام حاصل ڪري چڪو آهي. "چنا پي سي او" جي نالي سان مشهور محمد رفيق، نہ رڳو هڪ ڪامياب ڪاروباري شخصيت آهي، پر هڪ سٺو انسان پڻ آهي، جيڪو هميشہ ماڻهن سان محبت ۽ احترام سان پيش اچي ٿو.

## سرمست ڊرامیٽڪ سوسائٽي ۽ اورنگزيب ساگر

(پروفيسر محمد دين راڄڙ)

**اُستاد اورنگزيب ساگر سميجو** 90 جي ڏهاڪي ۾ ڏهرڪيءَ اسٽيج ناٽڪ جو عروج هو. اُن کان پهرين به ڏهرڪيءَ جي اسٽيج ناٽڪ ۾ غلام مُحي الدين راڄڙ، انور مغل، منور تنوير سپرا، نياز خان ڏهر ۽ ڪجهه ديوان تاريخ جوڙي چڪا هئا. مونکي پنجين ڪلاس کان ئي آرٽ ڏانهن ڪشش ٿيندي هئي. اُن وقت شايد ۱۹۹٤ع ۾ مون پهريون دفعو پنهنجي ڳوٺ سانگي ۾ ڊرامي جي ماڻهن: اُستاد اورنگزيب ساگر، مرحوم جاويد جاني ڪانجوڻ، ۽ نديم شاهه کي ڏٺو، جيڪي ”عشـــق نه پُڇي ذات“ ڊرامي ۾ اسان جي ڳوٺ جي ڀڻ ماڻهن: مرحوم هارون رشـيد راڄڙي ۽ مرحوم عبدالڪريم راڄڙيءَ جي دعوت تي آيل هئا- جيڪي پڻ ان ڊرامي ۾ اداڪاري ڪري رهيا هئا. مان به جيئن تيئن ڪري خالي ڪيســـي اچي شام جو ڏهرڪيءَ جي شاندار ”ڊريم لينڊ سئنيما“ جي ٻاهران پهتس، جتي ”عشــق نه پُڇي ذات“ ڊرامو ٿيڻو هو. ٽڪيٽ جا پئســا نه هجڻ سبب اندر داخله نه پئي ٿي سگهي، ۽ ڇا ته ماڻهن جو رَش هجي! بهرحال، جيئن تيئن ڪري هڪ مائٽ جو پاسو ورتم، جنهن اهو چئي اينٽري ڪرائي، ته ”ٻار“ آهي. سو، هڪ ٽڪيٽ ۾ ڏهرڪيءَ جي شاندار سئنيما ۾ داخل ٿي مان حيران ٿي ويس: ڇا ته ڊريم لينڊ سئنيما جو آرڪيٽيڪچر هو! لائيٽون بند ٿيون، ۽ جيئن روشني ٿي، پنهين گئلرين جي وچ مان هڪ شخصـيت دروازي مان داخل ٿي: وچولو قد، وڏا وار، اکين تي عينڪ، هٿ ۾ ڊائري، ۽ ڪجهه ماڻهو هن جي پويان- جيڪي اسٽيج جي پويان گُم ٿي ويا. لائيٽ آف ٿي: اسٽيج تي سِموڪ گَن جو دونهون پکڙجي ويو، ۽ بيڪ گرائونڊ ۾

**اُستاد اورنگزيب ساگر جو گرجدار آواز اُڀريو:**”اوهان آڏو اسٽيج ناٽڪ پيش ڪجي ٿو- سرمســـــت ويلفيئر اينڊ ڪلچر سوسائٽيءَ طرفان... عشــق نه پُڇي ذات“ اسٽيج تي اقبال پٺاڻ جي ٽيم اچي قلندر شهبازؒ جي ڌمال هڻئي. اُن وقت ڊرامي کان پهرين ڌمال جو آئٽم پيش ڪيو ويندو هو. اهو سڀ ڪجهه مون لاءِ وڏي تفريح ۽ خوشيءَ جو سبب بڻيو. اُن ڊرامي ۾ اُستاد اورنگزيب ســاگر، ظالم وڏيري جو بهترين ڪردار نڀايو هو. هاءِ... افســـوس! اُن ڊرامي جا گهڻا اداڪار، راهه رباني وٺي، هي جهان ئي ڇڏي چڪا آهن! اُن کانپوءِ، هر مهيني اُستاد اورنگزيب ساگر سميجو جو اسٽيج ناٽڪ آرگنائيز ٿيندو رهندو هو، جنهن جو ڊائريڪٽر، ڪمپيئر، آرگنائيزر، ۽ اداڪار پاڻ ئي هوندو هو. ڏهرڪي تعلقي جي آخري چيڙي ”ڪينجهو“ جي هڪ وارياســي ڳوٺ ڪرڙ سـميجو ۾ ۱۹۷۲ع ۾ ڇهين پيٽين کان بعد عبدالقادر سـميجو جي گهر ۾ اک کولينڊڙ ”غلام قادر“، خاندان لاءِ تمام گهڻيون خوشـيون کڻي ايندڙ ٻار هو. ڇهه ٻهارون ماڻڻ کانپوءِ سندس والد صاحب هُن جي بهترين تعليم لاءِ ڳوٺ کي خير آباد چئي پرچوندي شـريف لڏي آيو، جتي اُن وقت ٽي.وي. ڊِسٽ تي پابندي هوندي هئي. غلام قادر کي مدرسـي ۽ اسـڪول ۾ داخل ڪيو ويو، جتي هُن اَڌ قرآن شـريف ناظره پڙهيو، ۽ ۱۹۹۲ع ۾ پرائمريءَ جا پنج درجا پاس ڪري، ۱۹۹٤ع ۾ ڏهرڪيءَ جي تاريخي اسـڪول، گورنمينٽ (پي) هاءِ اسـڪول مان مئٽرڪ پاس ڪئي. هِن خاندان جي سِڪيلڊي ٻار، پرپاسي جي هڪ ڳوٺ ۾ اُن وقت ”اورنگزيب لغاري“ جو مشـهور ڊرامو ٽي.وي. تي ڏٺو، ۽ اُتان هن کي پڻ اداڪاريءَ جو شوق جاڳيو، ۽ ”غلام قادر“ مان- اورنگزيب لغاريءَ کان متاثر ٿي، پنهنجو تخلص ”اورنگزيب“ رکيو- بعد ۾ ”ســـاگر“ لفظ ملائي، ”اورنگزيب ساگر سميجو“ جي نالي سان مشــــهور ٿي ويو. ۱۹۹٤ع ۾ ڊگري ڪاليج ميرپور ماٿيلو ۾ پاس ڪرڻ کانپوءِ هِن ۾ اسٽيج اداڪار ٿيڻ جو جنون پيدا ٿيو، ۽ اُن وقت ڏهرڪيءَ جي مشهور ناٽڪ منڊلي ”تنوير سُپرا آرٽس اڪيڊمي“ - جيڪا تنوير سُپرا هلائيندو هيو- ۾ سکيا وٺڻ لڳو. پنهنجي آرٽِسٽ دوستن: نظر محمد هڪڙو، نظير بنگلٽي سان هِن تنوير سُپرا جي گروپ ۾ شامل ٿي، فارم ڀرايو. ۱۹۸۸ع ۾ تنظيمي ماهوار فيس نه ڀرڻ سبب اسٽيج تي اينٽري نه ڪري سگهندڙ هِن اورنگزيب ساگر بعد ۾ ڏهرڪي، ۽ پوري سِنڌ ۾ سوين اسٽيج ناٽڪ ڪيا. پهريون اسٽيج ڊرامو سچ جي سوڀ هيو ۽ ڏهرڪيءَ جي فضــــــائن ۾ هِن جو آواز گونجندو رهيو. ۱۹۹۲ع ۾ فيض انجم سومري جي هدايتڪاريءَ ۾ اُستاد نياز خان ڏهر سان ”سَچ جي سوڀ“ ڊرامي جي اداڪاري هِن کي شهر جي بُلندين تي رسائي ڇڏيو. هميشــــه غمگين، اُداس، ۽ ڏُکارا ڪردار ڪندڙ اورنگزيب ساگر سميجي ڪاميڊي ڊراما به ڪيا، پر سامعين کي پسند ته آيا پر خد پاڻ کي پسند نه آيا، ۽ بعد ۾ هِن ســاڳيا ڏُکارا ڪردار ڪندي حقيقي روئي ڏيندڙ اورنگزيب جو ســاٿي اداڪار، مرحوم شــاهنواز چانديو بڻيو، ۽ اُن وقت اورنگزيب ۽ شاهنواز چانديي جي جوڙي ڪيترن ئي اداڪارن کي جنم ڏنو، ۽ سکيا پڻ ڏني.

اڳتي هلي اورنگزيب ساگر، ”سرمســــــت ويلفيئر اينڊ ڪلچرل سوسائٽي“ جو قيام عمل ۾ آندو، جنهن اڪيڊميءَ جي پليٽ فارم تان لاڙڪاڻو، سکر، خيرپور ميرس، ۽ سِنڌ جي ٻين شهرن ۾ ڊراما فيسٽيول ۾ ڏهرڪيءَ جي اداڪارن ۽ اُستاد اورنگزيب يادگار اسٽيج ڊراما

ڪيا، ۽ ايوارڊ ماڻيا. مختلف موقعن تي ”جلال چانڊيو شو“، ميوزڪ نائيٽ، ۽ اسٽيج ڊراما رچائيندڙ اورنگزيب پاڻ ئي ميڪ اَپ آرٽسٽ، سيٽ ڊيزائنر ۽ ڊائريڪٽر هوندو هو. سندس اُستاد تنوير سُپرا جو جُملو ورجائيندڙ: ”جب تک، جتنا کر سکو، **اسٽيج کي پليٽ فارم سي سماج اورلوگون کي ڀرپور اصلاح کرني کي کوشش کرو**“فنڪار کي فن سي اگر معاشري مين اصلاح هو جائي تو يہ فنڪار کي سب سي بڙي عبادت هئي -تي مڪمل عمل ڪندي اورنگزيب ساگر، فن جي سفر کي جاري رکيو. جنهن ۾ يادگار ڊراما: ماروي، دولهه دريا خان، عِشـق نه پُڇي ذات، زندگي: هِڪ سوال، ساگر جا سُڏڪا، اَڌورا اِنسـان، ڏانهن، اعلانِ جنگ، ڪاري رات قهر جي، جهريل جذبا، عاشقن جو ٽورناميٽ دولہ دريا خان ڪانسواءِ ٻيا به ڪيترائي يادگار ڊراما اسٽيج ڪيا. شُگر، هيپاٽائيٽس، بلڊ پريشر جهڙين بيمارين کي مُنهن ڏيندڙ اورنگزيب، اڪثر ڊرامن جا نالا وساري ويهندڙ اورنگزيب، پنهنجي فني سفر ۾ حُسـنِ ڪارڪردگي، گولڊن جُوبلي ايوارڊ، بيسـٽ ايڪٽر، آرٽِسـٽ ايوارڊ، ماڻڻ سان گڏوگڏ PTV جي ”اَنڪل سرگرم“ جهڙن ڪردارن سان ڪم ڪرڻ سان گڏ انيڪ اعزاز ماڻي چڪو آهي. اداڪاريءَ جي سـفر ڪان شـروعات ڪندڙ هِي يگانو ڪردار، جاڳرتا ٽي.وِي. جي سـي اي او ۽ KTN، سِنڌ ٽِي.وِي.، ۽ آواز ٽِي.وِي.، تي ڪامياب ۽ يادگار ڪردار ادا ڪندڙ اورنگزيب، مُحله ڪاميٽي ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪندي، ڏهرڪيءَ جي سِوِل سوسائٽيءَ سان به ساٿ نڀائيندي-ٽوٽي جي جسـماني ڪمزوريءَ جو شڪار ٿي-سوٽيءَ جي سهاري تي اچي ويو آهي، پر اڄ به هُو جي ون نيوز. جي پليٽ فارم تي سنگت سان کُلهو کُلهي ۾ ملائي هلي ٿو. آرٽِسـٽ هوندي چانهه تي چڙ ڪائيندڙ اورنگزيب ساگر، ٢٠٠٧ع ۾ شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس هڪ پُٽ ۽ ٽين نياڻين جي اولاد آهي. الائي جي چو فن جي دنيا کي حياتي ارپيندڙ اورنگزيب سـاگر، پنهنجن ٻارن کي فن کان پري رکڻ چاهي ٿو. ڊارڪ ڪلر پسـند ڪندڙ اورنگزيب ساگر سميجي جي يادگيرين جي ايلبم ۾ سندس فني سفر جي پرفارمنگ، مختلف ڪاسٽيومس ۾ نه فقط فوٽو آهن، پر اُهي ڏُنڊ لا عَڪس، لمحا، ۽ يادگيريون به آهن. هُو جڏهن ڏهرڪي شهر جي بازارن ۾ اسـٽِڪ جي سـهاري ڪنڌ جُهڪائي، ڊِيمو ڊِيمو هلندو آهي، ته مونکي هُن جي فني جوڀن جا اُهي ڏينهن ياد اچي ويندا آهن، جڏهن هُو انهي ڏهرڪيءَ جي فضـائن ۾ پنهنجي گرجدار آواز ۾ چوندو هيو: ”جيڏو تُنهنجو نانءُ....“**ٽي وي چئنلز تي نشـر ٿيندڙ پروگرام**، جيڪي سنڌي ثقافت کي اجاگر ڪن ٿا--- شاعر، سگهڙ، ۽ ادبي محفلون سرمست ڊراميٽڪ سوسائٽي سگهڙن ۽ شاعرن کي بہ پنهنجن پروگرامن جو حصـو بڻايو آهي. انهن محفلن ۾ مقامي ۽ قومي سطح جا شاعر شرڪت ڪندا آهن، جتي: سگهڙ پنهنجي بيتن ۽ عوامي شاعري ذريعي سنڌي ثقافت کي اجاگر ڪندا آهن.

نوجوان شاعر پنهنجا غزل، نظم، ۽ وايون پيش ڪندا آهن عشـق، وطن پرستي، ۽ انسـاني ڀائيچاري تي ٻڌل شاعري کي خاص اهميت ڏني ويندي آهي-مختلف شهرن ۽ ٽي وي چئنلز تي پيشڪشون سرمست ڊراميٽڪ سوسائٽي جا اسٽيج ڊراما ۽ ثقافتي پروگرام صرف هڪ هنڌ تائين محدود ناهن، پر اهي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پيش ڪيا ويا آهن، جيئن تہ: ڪراچي – ثقافتي ڏينهن ۽ ٽي وي پروگرام حيدرآباد – ادبي ۽ ثقافتي تقريبون سـکر – اسـٽيج ڊراما مزاحيہ شـو خيرپور، گھوٽڪي، ۽ ٻين ضـلعن ۾ بہ ثقافتي تقريبون ٽي وي چئنلز، جهڙوڪ ڪراچي ٽي وي، ڪي ٽي اين، سنڌ ٽي وي، ۽ مهراڻ ٽي وي تي بہ انهن جا ڊراما ۽ پروگرام نشـر ٿيندا رهيا آهن، جن سنڌ جي ثقافتي سڃاڻپ کي وڏي پئماني تي اجاگر ڪيو آهي. سرمسـت ڊراميٽڪ سوسائٽي سنڌ جي ثقافت، موسيقي، ۽ ادب کي فروغ ڏيڻ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي ان جي پيشـڪشـون نہ صرف وندر ۽ تفريح فراهم ڪن ٿيون، پر سنڌي سماج جي اخلاقي قدرن، روايتن، ۽ ثقافت کي پڻ مضبوط ڪن ٿيون انهن فنڪارن ۽ سگهڙن جي ذريعي سنڌ جي تاريخي، ثقافتي، ۽ فني سڃاڻپ کي زنده رکيو ويو آهي.

## ڏهرڪي جو فن ۽ فنڪار مقامي فنڪارن تي رپورٽ

**ڏهرڪي جو فن ۽ فنڪار فن موسيقي**، ڪنهن بہ قوم ۽ علائقي جي سڃاڻپ جو اهم حصو هوندو آهي. سنڌ، جيڪا پنهنجي ثقافتي ورثي، موسيقي، ۽ صوفياڻي ڌنن لاءِ مشـهور آهي، اتي ڪيترائي مقامي فنڪار پنهنجي فن سان عوام جا دل موهي رهيا آهن. هي فنڪار پنهنجي منڙي آواز ۽ ڌنين جي سحر سان عوام کي وندرائڻ سان گڏوگڏ سماجي سڌاري جو بہ سبب بڻجن ٿا. **گائڪي جو فن ۽ ڌنون** مقامي فنڪارن جي موسيقي ۾ مختلف ڌنون شامل آهن، جن ۾: **صوفيانہ ڪلام** شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمسـت، ۽ سامي جا ڪلام، جيڪي روحاني سڪون فراهم ڪن ٿا. **لوڪ گيت:** جن ۾ سنڌ جي ثقافت، محبت، ۽ عوامي جذبات جي عڪاسي ٿئي ٿي. قومي گيت: جيڪي قومي جذبي کي وڌائين ٿا ۽ خاص طور تي ثقافتي ڏهاڙن ۽ قومي ڏينهن تي ڳايا وڃن ٿا.

**ڏهرڪي جا مشهور فنڪار** جن ۾ وڏو نالو سائين سخاوت حضور بخاري، عاشق علي شيخ، عمران سومرو، برڪت علي شر، وسيم سومرو، رياض عرف ٽيٽو، ماڻڪ نهڙ، صداقت علي پتافي، رحمان ابڙو، ڊاڪٽر راج ڪمار، ڪيلاش ڪمار، نثار چانڊيو، پريتم پرڪاش، آفتاب شر، گل محمد مهر آهن فرمائشي ڪلام: جيڪي خاص طور تي اينگرو، ماڙي ڪمپني، ثقافتي ڏهاڙن ۽ ٻين تقريبن ۾ پيش ڪيا وڃن ٿا. **ثقافتي ڏهاڙا ۽ تقريبون** مقامي فنڪارن ڪي مختلف تقريبن ۾ ڳائڻ جو موقعو ملي ٿو، جن ۾ شامل آهن: ١. ثقافتي ڏهاڙو: هن ڏينهن تي سنڌ جي ثقافت کي اجاگر ڪيو ويندو آهي، جتي مقامي فنڪار پنهنجي هنر جو مظاهرو ڪندا آهن. ٢. اينگرو ۽ ماڙي ڪمپنيءَ جون تقريبون: سنڌ جي مقامي ڪمپنيون به ثقافتي پروگرامن جو اهتمام ڪنديون آهن، جتي مقامي فنڪار کي پنهنجو فن پيش ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي ٣. شاديون ۽ ميلن جون تقريبون: جتي لوڪ راڳ ۽ صوفيانہ ڪلام عوام جي پسند هوندا آهن ٤. ريڊيو ۽ ٽيليويزن پروگرام: مقامي فنڪار مختلف چئنلن تي فن پيش ڪندا آهن، جيڪي سنڌ کي سجاڳ ڪي وڌائين ٿا

**ڏهرڪيءَ جا ڳائڻا/فنڪار** ١. ڪلاسيڪل راڳي خانصاحب استاد سڪندر علي خان مڱڻهار. ٢. ڪلاسيڪل راڳي استاد مشتاق احمد دايو. ٣. ڪلاسيڪل راڳي محمد ابراهيم سومرو ٤. غزل گائڪ استاد رياض علي خان عرف ٽِيٽُو ٥. لوڪ فنڪار الاهي بخش "اِلاهڻ" لغاري ٦. لوڪ فنڪار روشن پناڻ ٧. لوڪ فنڪار جلال پناڻ ٨. لوڪ فنڪار غلام سرور سومرو "ڪئيبن وارو" ٩. لوڪ فنڪار عليشير پناڻ ١٠. ملنگ فنڪار شاهرخ جتوئي ١١. ناظر چغتائي ١٢. طبلي نواز ڏنو انجم عرف ڏِنو ميراثي. ١٣. طبلي نواز مولابخش شيخ ١٤. ڊولڪ نواز امتياز علي خان مڱڻهار ١٥. گيٽاريسٽ شهباز علي خان عرف شبُو مڱڻهار. **شاديءَ جا گيت ۽ سهرا ڳائيندڙ امان صحت ميراثڻ** ١٧. شاديءَ جا گيت ۽ سهرا ڳائيندڙ مائي حنيفان ميراثڻ ١٨. ڊُهلاري پهلوان عرف پلھُو ميراثي ١٩. جميل سومرو، شوڪت ميراثي، عليشير پناڻ، رام چند پرهياڙ، ڪلاسيڪل راڳي، موسيقار استاد الهندو خان سنڌيلو اسلامي جي ذريعي ٩٤ - دوران ڪن ذرين پاران... صوفي شاهاڻو پنهنجي ملاقاتن ۽ پروگرامن ۾ حصو وٺي چڪو هو. ملڪ ۾ دوران مختلف اسٽيج درامن، اردو ۽ انگريزي سان گڏ سنڌي سماج ۾ بهترين استاد مان هڪ بهترين استاد طور سڃاتو ويو. سنڌي سسٽم، ريليجن، ڪلچر، ۽ سوسائٽي ڙرجي جي پوئتن آڏو ڪن خاص لاءِ زندگيءَ کي تبديل ڪرڻ جي منجهان اندر هڪڙي وڏن لاءِ خاص جذبو، جوش، ۽ ارادو رهي پيو. ١٩٩٣ع ۽ ٩٤ع جي دوران ڪن وري مختلف اسٽيج درامن جي اداڪارن، صداڪارن فنڪارن استاد فتح محمد علي گبول، استاد شاهنواز چانڊيو، استاد اورنگزيب ساگر سميجو، استاد نياز احمد ڏهر افق بشير چنا، محمد دين راڄڙي، ذو الفقار علي عالماڻي، محب علي گبول، اشفاق گبول، گبول مٺل سنڌي، حضور بخش گبول، عاجز علي نواز مهر، بيوس بچل مهر، غازي گل چاچڙ، محمد عالم ملڪ، سيد عرفان شاهه، جان دشتي، اياز دشتي، غازي غلام حسين ميمڻ، شهمير سومرو، لال چند، ديوا گهائل، اشوڪ باب، وڪي بابو، پاڳچند، ڪيول جاني، ارجن ڪمانڊو، پريم چند، راجا منور لال، صبور شاهه، محمد بخش سميجو، خادم حسين ٻرڙو، ايم انيس اعواڻ، نظير بادل، مسرور ملاح، سيد نديم شاهه، نوبت ڏهر، روشن علي ڏهر، ذوالفقار آڪاش چاچڙ، امان الله پتو، اقبال پناڻ، سعيد هڪڙو، مرحوم جاويد عرف جاويد جاني ڪانجون، سلطان غوري، ايم منور سپرا، تنوير سپرا، ڪامران سپرا، مٺڻ خان سومرو، فيض انجم سومرو، ميان انيس الرحمان، طالب حسين سومرو، اسلم ڪوڪر، مشتاق احمد چچڙ، فقير نظير ڏهر، عبدالرشيد ڪوير، گل حسن چنا.






## ڏهرڪي ۾ ڪباڙ جو واپار- غلام فريد لباڻو کان محمد حسين لباڻو تائين

ڏهرڪي رهڙڪي روڊ جو غلام فريد لباڻو جنهن جي سٽر جي ڏهاڪي کان ڪباڙ جو هڪ دوڪان موجود هو. هن روڊ تي موجوده دور ۾ جيڪا تجارتي رش نظر اچي ٿي، ان جي بنياد ۾ محنت ۾ ڪيترن ئي پراڻن واپارين جون محنتون شامل آهن. انهن مان هڪ غلام فريد لباڻو به هو. جيڪو پنهنجي دور ۾ "فريد لباڻي" جي نالي سان مشهور هو. فريد ڏهرڪي جو پراڻو رهواسي ۽ سينيما روڊ تي ڪباڙ جي دوڪان جو مالڪ هو. سندس واپار جي شروعات ڪان ان وقت ٿي جڏهن ڏهرڪي ايترو وڏو شهر نه هو، ۽ ڪباڙ جو واپار به محدود هو. شهر توڙي ٻهراڙين مان ماڻهو ريڙهي يا سائيڪل تي ڪباڙ خاص طور تي لوهه، ٽامون، پتل، المونيم، ۽ ڌاتو جا ٻيا پُراڻا سامان آڻيندا هئا ۽ هن ڪا وڏا واپاري ڪباڙ خريد ڪري ويندا هئا. هو ماڻهن سان ايمانداري سان واپار ڪندو هو، جنهن ڪري هو تمام جلد گهڻو مشهور ۽ اعتماد جوڳو واپاري بڻجي ويو. واپار جي منتقلي- محمد حسين لباڻو غلام فريد لباڻي جي وفات بعد، سندس پٽ محمد حسين لباڻو پنهنجي والد جي واپاري ورثي ڪي ذميواريءَ سان سنڀالي ورتو. هن دور ۾ نه صرف واپار جاري رکيو، پر وقت سان گڏو گڏ ان ۾ جديديت به آندي. واپار جو نئون دور اڳتي هلي ڏهرڪي شهر ۾ آباديءَ جي واڌ ۽ انڊسٽريز جي قيام سان گڏ ڪباڙ جو مقدار به وڌڻ لڳو. محمد حسين لباڻو ڪباڙ جي نون شعبن ڪي پڻ واپار ۾ شامل ڪيو، جن ۾: شيشو، پلاسٽڪ، ڪاغذ، اليڪٽرانڪ اسڪريپ، ڪارخانن مان نڪتل مشينري گاڏين جو اسڪريپ. شهر جي واڌ ۽ ان جو اثر ڏهرڪي هن وقت صرف هڪ ننڍڙو شهر نه، پر صنعتن، واپار، ۽ ڪارخانن جي ڪري هڪ اهم اربن سينٽر بڻجي چڪو آهي. جتي روزانو ٽنن جي حساب سان ڪباڙ ۽ ڪچرو گڏ ٿئي ٿو. نوان ڪارخانا، مارڪيٽون، ۽ آفيسون ڪباڙ جي نون قسمن ڪي جنم ڏيئي رهيون آهن ڪباڙ جو واپار هاڻ صرف لوهه تائين محدود نه، بلڪ ماحولياتي انتظام، ۽ هر شيءِ جي ريسائيڪلنگ، ۽ شهري صفائي جو اهم حصو بڻجي ويو آهي---ڪباڙ جي قسمن ۾ واڌ پراڻو دور (١٩٦٠-١٩٨٠ع) موجوده دور (٢٠٢٠ کان پوءِ) لوهه، پتل، ٽامون لوهه پتل، ٽامون، شيشو، پلاسٽڪ، ڪاغذ، ربڙ، مشين پارٽس، ڪمپيوٽر/اليڪٽرانڪ اسڪريپ هٿ ريڙهي تي آٽڻ، موٽر گاڏي، پِڪ اپ، انڊسٽريل ٽرڪ ذريعي فراهمي دوڪاني سطح تي گودامن، يارڊ، اسڪريپ ڊيلر آهن. اسڪريپ ريسائيڪلنگ جي شعور سان نه صرف آمدني، پر ماحول جي بچاءُ ۾ به ڪردار ادا ٿئي ٿو محمد حسين لباڻو سماجي ڪمن ۽ واپار سان گڏ شهر جي صفائيءَ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي هن پنهنجي ذاتي خرچ سان رهڙڪي روڊ تي واٽر فلٽريشن پلانٽ به لڳرايو آهي. غلام فريد لباڻو جي ايمانداريءَ سان شروع ڪيل واپار، سندس پٽ محمد حسين لباڻو جي محنت سان نه صرف جاري رهيو، پر ان واپار وقت جي گهرجن مطابق ترقي پڻ ڪئي آهي.

**ڏهرڪي جا مير بحر:** ڏهرڪي جي رهڙڪي جي علائقي ۾ مير بحر صدين کان مڇي ماري گذر سفر ڪندا آهن. پر ٽالپورن ۽ مغلن جي دور ۾ ڊنڍ رهڙڪي جا مير بحر، صابو مير بحر، غلام حسين، وڏيرو جاڙو، گل محمد، اڳڻ، خميسو، احمد، صيف، بلوو، محمد، ۽ پريل مير بحر مڇي ماريندا هئا. جن ڪي ڊنڍ تي **پرهڙو پکي** به هٿ اچي ويندا هئا. جن جا کنڀ قيمتي هوندا هئا. اهي ٽالپورن ۽ مغلن کي کنڀ ڏيندا هئا، بدلي ۾ ڪين ڪنين جي تور مطابق سون ملندو هو، پرهڙي جا کنڀ بادشاهه ۽ شهزادا پنهنجي تاج ۽ ٽوپين ۾ سجائيندا هئا. اڪثر مير بحر پرهڙو پکي پاليندا به هئا ۽ سال ۾ انهن جا کنڀ وڪرو ڪندا هئا. ڊنڍ رهڙڪي جا مير بحر امير ۽ سخي

هئا. هي سلسلو انگريز حڪومت تائين جاري رهيو. پاڪستان قائم ٿيڻ بعد مير بحرن کي درياءَ ۽ ڊنڍ جون زمينون ڪٽٽ ۾ مليون. جنهن سبب اهي ان وقت دولتمند ٿي ويا، بعد ۾ هتان جي بااثر سميجن ۽ رهڙن زمينون زوري خريد ڪيون ۽ تلاءَ ۽ ڊنڍن تي قبضو ڪيو. ان وقت ڊنڍ رهڙڪي ۾ مير بحرن جا ٥٠ گهر هئا، پر بعد ۾ هر ڪو لڏپلاڻ ڪري ويو. هن وقت صرف ٢٠ گهر باقي آهن، ريلوي شروع ٿيڻ بعد اسان جو سينگاري، ڏنيرو، ٿيلهو، مڇي ۽ سپيون لاهور موڪليندا هئا سون هن وقت اسان سڀ مير بحر تلائن جي راهڪي تي مڇي پاليندا آهيون. ڏهرڪي تعلقي ۾ سيد لال شاهه، عبدالرحمان رهڙ، جان محمد خان رهڙ، واڌن خان رهڙ، حاجي فتح محمد جا وڏا تلاءَ آهن. جڏهن ته وڏا هاري ۽ ٺيڪيدار حاجي خدا بخش ميراڻي، حاجي منل ميراڻي، ۽ حاجي عبدالفتاح ميراڻي آهن. شهر ۾ مڇي وڪرو ڪندڙ ۽ مڇي ماريندڙ امام بخش ميراڻي، محب علي، محمد صديق، جاڙو، سومار، عبدالرحمان ۽ ٻيا آهن.

## تعلقہ اسپتال ڏھرڪي تي ھڪ تفصيلي جائزو

تعلقہ اسپتال ڏھرڪي ضلعي گھوٽڪي جو ھڪ سرڪاري ۽ اھم طبي اداري طور تي ڪم ڪري رھيو آھي، جتي صحت جي سھولتن جي کوٽ ۽ بنيادي ضرورتن جا ڪيترائي مسئلا سامھون آھن. ھي رپورٽ اسپتال جي موجوده سھولتن، کوٽ ۽ مستقبل جي بھتري لاءِ ممڪن حلن تي روشني وجھي ٿي. اسپتال جي انچارج ليڊي ڊاڪٽر شڪيلا اسپتال جا تاريخ جي ڪتاب ۾ انگ اکر ڏيڻ کان لنوائي ويئي،

**موجوده سھولتون ۽ مسئلا تعلقہ اسپتال ۾ ميٽرنٽي ھوم ۽ بلڊ بينڪ** موجود آھن، پر انھن جي ڪارڪردگي بھتر بڻائڻ جي ضرورت آھي. بلڊ بينڪ اينگرو فرٽيلائيزر ڊونيٽ ڪئي ھئي پر ڪجھ ئي عرصي بعد ان کي ناڪاره بڻايو ويو جنھن جا آثار بہ موجود نہ آھن، بلڊ بينڪ بحال ڪري موثر طريقي سان ھلڻ لاءِ جديد انتظامن ڪولنگ بينڪ ۽ باقاعدي بلڊ ڊونيشن مھمن جي ضرورت آھي ٠٢ **اکين جي اسپتال (اينگرو فرٽيلائيزر** جي سھڪار سان) اسپتال جي اکين واري شعبي جي بلڊنگ اينگرو فرٽيلائيزر جي سھڪار سان تعمير ڪئي وئي، جيڪا مقامي ماڻھن لاءِ ھڪ اھم سھولت ھئي ڊاڪٽر انور سومرو ھڪ بھترين ڊاڪٽر ھو اٽڪل ٨ سالن کان اسپتال ۾ آئي فزيشن يا سرجن ڪونھي. بھرحال، ان شعبي جي طبي سھولتن کي وڌيڪ وڌائڻ جي ضرورت آھي. ٠٣ **ڊائلاسز سينٽر تعلقہ اسپتال ۾ ڊائلاسز سينٽر لاءِ جديد مشينون موجود آھن** پر بدقسمتي سان ھي مرڪز بند پيل آھي. ھي ھڪ اھم طبي ضرورت آھي، جنھن کي فوري طور فعال ڪرڻ گھرجي تہ جيئن گردي جي مرض ۾ مبتلا مريضن کي ويجھي ۾ ويجھي سھولت ملي سگھيھي صورتحال ڏسندي، ذريعن موجب اسپتال ۾ **ٽراما سينٽر، ليبارٽري ۽ ايڪسري سھولتون موجود آھن** جيڪو ھنگامي حالتن ۾ زخمي مريضن لاءِ اھم آھي. ليبارٽري ۽ ايڪسري جا سھولتون موجود آھن، جيڪي روزاني بنياد تي مريضن کي فراھم ڪيون پيون وڃن. ٦. ايمبولينس ۽ ھنگامي سھولتون اسپتال ۾ ٻہ ايمبولينسون موجود آھن، جيڪي ھنگامي حالتن ۾ استعمال ٿين ٿيون. پر وڌندڙ آبادي ۽ ٽريفڪ جي سبب ايمبولينس جي تعداد وڌائڻ جي ضرورت آھي **دوائن جي کوٽ اسپتال** ۾ طبي دوائن جي کوٽ ھڪ اھم مسئلو آھي، جيڪو مريضن ۽ عملي لاءِ پريشاني جو سبب بڻيل آھي. مسلسل دوائن جي فراھمي لاءِ حڪومت کي سنجيده قدم کڻڻ گھرجن. طبي عملو انگ اکر نہ ملي سگھيا آھن.

**ڏھرڪي جون اسپتالون ۽ ڊاڪٽر صاحبان**: ڏھرڪي جا مشھور ڊاڪٽر ۽ اسپتالون: ڊاڪٽر گوبند رام (اسڪن اسپيشلسٽ، سماجي ورڪر، ھندو پنچائت چيئرمين، شفا ڪلينڪ)، ڊاڪٽر راڌا رام (اسڪن اسپيشلسٽ، ڏھرواھ)، ڊاڪٽر سري چند (آئي سرجن، امام بارگاه)، ڊاڪٽر پرشوتم (آئي اسپيشلسٽ، راجا ڪلينڪ)، ڊاڪٽر صفدر (آئي سرجن، ڏھرواھ)، ڊاڪٽر مڪيش (ڪارڊيو اسپيشلسٽ، مڪيش ڪارڊيو ڪلينڪ)، ڊاڪٽر رچپال (ڪارڊيو اسپيشلسٽ، ايس ڊي ھيلٿ ڪيئر سينٽر)، ڊاڪٽر نند گنشام (چائلڊ اسپيشلسٽ، ڏھرواھ)، ڊاڪٽر درشن لال (ٻارن جو اسپيشلسٽ، شداٽي ڪلينڪ)، ڊاڪٽر سنگيتا (گائني، سنت ڪنور رام ميٽرنٽي ھوم)، ڊاڪٽر ريحانہ گلشير (گائني، شاھزيب نيورو ميڊيڪل سينٽر)، ڊاڪٽر واشديو (ليبارٽري اسپيشلسٽ، واشديو سچل ڪلينڪ – ھاٽي بند ٽيل)، ڊاڪٽر عمر اعواڻ (مرحوم)، ڊاڪٽر شبير اعواڻ (مرحوم)، ڊاڪٽر عبدالقدير (مرحوم)، ڊاڪٽر غفور، ڊاڪٽر واشديو ڪيسواڻي (واشديو ڪلينڪ)، ڊاڪٽر اشوڪ (مھراڻ ڪلينڪ، لڳ ٽاٽو)، ڊاڪٽر گوتم (گوتم داس بترا ڪلينڪ، اناج منڊي)، ڊاڪٽر امر لال (امر لال ڪلينڪ)، ڊاڪٽر خانچند، ڊاڪٽر سروپ، ڊاڪٽر نريش گوئنداڻي (سنت ڪلينڪ)، ڊاڪٽر آوت رام (ايس ايس ڊي ڪلينڪ)، ڊاڪٽر شيوڪ رام (ڪيلاش ڪلينڪ)، ڊاڪٽر ارجن داس (شداٽي ڪلينڪ)، ڊاڪٽر عبدالرشيد آرائين، ڊاڪٽر سجاد حيدر (سجاديہ اسپتال، لڳ ٽاٽو)، ڊاڪٽر گلشير شر (شاھزيب نيورو ميڊيڪل سينٽر)، ڊاڪٽر منوھر لال (پرڪاش ڪلينڪ)، ڊاڪٽر مڪيش ڪمار سچواڻي (ڊينٽل ڪلينڪ)، ڊاڪٽر علينواز چاچڙ (ڊينٽل)، ڊاڪٽر سرت (ڊينٽل)، ڊاڪٽر رمضان (ڊينٽل). ميڊيڪل سينٽرز: ايس ايس ڊي ميڊيڪل سينٽر (ڊاڪٽر نريش، امام بارگاھ)، ايس ايس ڊي سٽي اسپتال ۽ ويمر گھر، ايس ڊي ھيلٿ ڪيئر سينٽر (ڊاڪٽر رچپال)، طبہ ميڊيڪل سينٽر (ناڪا نمبر ٤)، شفا ڪلينڪ (ڊاڪٽر گوبند رام)، سنت ڪنور رام ميٽرنٽي ھوم (ڊاڪٽر پھلاج رام، ڊاڪٽر سنگيتا)، شاھزيب نيورو ميڊيڪل سينٽر اينڊ مٽرنٽي ھوم (ڊاڪٽر گلشير شر، ڊاڪٽر ريحانہ گلشير)، سچل ڪلينڪ (ڊاڪٽر واشديو). ليبارٽريون: آغا خان ليبارٽري، چغتائي ليبارٽري، پي پي ايچ آئي ليبارٽري، علي ليبارٽري (ٽيڪنيشن: مير محمد ملڪ)، دي ليب (ٽيڪنيشن: عبدالرشيد)، ايس ايس ڊي ليب. سنڌ ليب ھاڻي ٢٠٢٥ ۾ لياقت يونيورسٽي ليب جو پڻ افتتاح ٿيو آھي.

**ايس ايس ڊي ميڊيڪل سينٽر** ناڪو نمبر پنج نالياري **گائني اسپيشلسٽ ڊاڪٽر شهناز سومرو** هلائي رهي آهي ڊاڪٽر شهناز سومرو پاڻ سومرو چوڪ تي پنهنجي ڪلينڪ تي هوندي آهي پر آپريشن ايس ايس ڊي ۾ ڪندي آهي هتي ڪجهه ڊاڪٽر هوندا آهن ڊاڪٽر ستيوان هفتي ۾ هڪ ڏينهن ايندو آهي ڊاڪٽر مهندر اي اين ٽي هوندا آهن اسپتال اندر ميڊيڪل سينٽر ليبارٽري ۽ ڪمرا موجود آهن. **ايس ايس ڊي سينٽر** جي ٽي روڊ ڏهرڪي جي مشهور دل جي ڊاڪٽر رچپال شگر بلڊ پريشر دل جو ڊاڪٽر آهي. اسپتال ۾ اي سي جي جي سهولت موجود آهي ان کان سواءِ هفتي جي هر ڇنڇر تي آرٿوپيڊڪ ڊاڪٽر گرمڪ به ايندو آهي هن ميڊڪل سينٽر ۾ فري ڪيمپون به لڳايون وينديون آهن.

**ڊاڪٽر نيلوفر** ڏهرڪي جي واحد گائني ڊاڪٽر آهي جيڪا پنهنجي مريض جي نارمل ڊليوري ممڪن بڻائيندي آهي. ۽ آپريشن جو مشورو ناهي ڏيندي، ڊاڪٽر نيلوفر ۰۸ آگسٽ ۱۹۵۰ ۾ ڪراچي ۾ جنم ورتو ڏهرڪي شهر واسين جا ڀاڳ ڀلا هئا جو هن ڪي ۰۹ آگسٽ ۱۹۷۹ تي ڏهرڪي جي پاپوليشن ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري ملي. ڊاڪٽر صاحبه پراڻي طرز تي ڊليوري جا ڪيس به ڪرائيندي هئي جنهن ۾ ڪافي مهارت حاصل اٿس ڊاڪٽر نيلو فر پاپوليشن ڊپارٽمينٽ طرفان ايوارڊ به مليا هن پهرين جنوري ۲۰۰۶ تي رٽائرڊ ڪري سينما روڊ تي هڪ ميٽرنٽي هوم کوليو جتي ٿورن پئسن ۾ نارمل ڪرائي رهي آهي ۷۵ سالن جي ڊاڪٽر نيلو فر ڪڏهن به آپريشن جو مشورو ناهي ڏيندي رب پاڪ سندس هٿ ۾ شفا رکي اٿس روزانو ڪيترائي نارمل ڊليوري ڪيس ڪرائي ٿي.

**ڏهرڪي جا مشهور حڪيم حڪيم منو مل جو اڪين لاءِ مشهور دارون** حڪيم منو مل وقت جو ناليوارو حڪيم هو جيڪو صرف اکين جو پنهنجي هٿ جي ٺهيل دارون ذريعي علاج ڪندو هو، هو هڪ بهترين حڪيم سان گڏ زميندار به هو، گلاب شاه ڪالوني جي زمين منو مل جي هئي جتي ڪوه به هو جنهن مان زمين آباد ڪندو هو، هو خدا ترس انسان هو، سندس جو هٿ سان ٺهيل دارون ڏاڍو مشهور هو، جيڪو دارون حڪيم صاحب پنهنجي هٿ جو تيار ڪندو هو جنهن سان مريضن کي جلد شفا ملي ويندي هئي. منو مل ڏهرڪي هندو پنچات جو ڊگهي عرصي تائين صدر (مکي) به رهيو آهي. **ٻيا حڪيم** حڪيم ڏيال چند، حڪيم چندو رام (سونارا بازار)، حڪيم جمنو مل (ريجهو آئل مل، جيڪو رهڙڪي کان آيو هو)، استاد غفور ڪارڙو (قريشي بازار)، محمد اقبال، حڪيم حسن جان ۽ حڪيم محسن جان (ٻئي پيءُ پٽ هئا، وفات ڪري ويا آهن. **حڪيم محمد بخش چغتائي، سندس فرزند حڪيم محمد اقبال حسين چغتائي، ٻيئي الله جا نيڪ ٻانها هئا مريض وٽن ايندا هئا دوا سان گڏ دم به ڪرائيندا هئا**، محمد دائود شر، نهال ڪنيا لال، هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر ڪرشن ڪمار نهال به وقت جا وڏا حڪيم ۽ ڊاڪٽر هئا.

**سيد امان الله شاه _ جو آستانو** بلوچ ڪالوني ڏهرڪي ۾ آهي، سائين امان الله شاه نه صرف حڪيم هئا پر هڪ عالم دين پڻ هئا، پاڻ جسماني ۽ روحاني ٻيئي علاج ڪندا هئا سندس جا ڪيترائي معتقد ۽ مريد هئا جيڪي پري پري کان حاجتون کڻي ايندا هئا، روحانيت جي علم سان گڏ وٽن حڪمت جا ناياب نقصا موجود هئا، سندن جي حجري ۾ ناياب ڪتابن جو خزانو موجود اٿن هڪ بهترين لائبرري جيڪا حقيقي علم جي ترجماني ڪري ٿي سندس جي دروازي تي ننگر هلندو رهندو آهي، سندس جي وفات کان پوءِ عمليات جو ڪم سائين ظاهر شاه ڪري ٿو ۽ حڪمت جو ڪم سائين عبيدالله شاه سنڀاري رهيو آهي...

**ميڊيڪل سينٽر ۽ ليبارٽريون: الخدمت ميڊيڪل سينٽر** جنهن جي ۲۴ ڪلاڪ سروس آهي الخدمت سال ۲۰۰۵ع ۲۸۸ فٽ ايراضي، روشن لال کان هڪ ڪروڙ ويهه لک ۾ ورتي هئي الخدمت ۾ ۲۴ ڪلاڪ سروس هوندي آهي ۽ آن ڪال ڊاڪٽر موجود هوندا آهن اسپتال ۾ صاف سٿرو ماحول واٽر ٽريٽمينٽ پلانٽ، نصف ڪيو ويو آهي جنهن جي هوم سروس ڊليوري موجود آهي ليبارٽري تي ۵۰ سيڪڙو ڊسڪائونٽ ۽ ميڊيسن تي ۱۲ سيڪڙو ڊسڪائونٽ بنا چوڻ جي هر مريض کي ڏني ويندي آهي. اسپتال ۾ مريضن لاءِ ويل چيئرز ۽ اسٽريچر ۽ ۲۴ ڪلاڪ امبولنس سروس به آهي، مريضن جي ويهڻ لاءِ الڳ سان جاءِ ۽ آپريشن ٿيٽر، وارڊ ۽ صاف سٿرا ڪمرا به موجود آهن. ڊيوٽي ڊاڪٽر کان سواءِ فزيشن، سرجن ۽ آئي اسپيشلسٽ ۽ گائني ڊاڪٽر موجود هوندي آهي،

**حاصل پٽو ميڊيڪل سينٽر** ڊاڪٽر ظفر پٽو پاران پنهنجي والد مرحوم محمد حاصل پٽو جي نالي الحاصل پٽو ميڊيڪل ڪمپليڪس تعمير ڪرايو هو. هي ميڊيڪل سينٽر تمام وڏو ميڊيڪل سينٽر آهي جيڪو ٽي منزلہ آهي. هن ميڊيڪل سينٽر ۾ تمان گهڻا وارڊ ۽ ڪمرا آهي ليبارٽري ميڊيڪل اسٽور آهي پر ڏهرڪي ۾ ميڊيڪل ڪاليج نہ هجڻ سبب ڊاڪٽرن جي ڪمي آهي انڪري هتي ميڊيڪل سينٽر ڪامياب ڪونہ ٿا وڃن. **حاجي مٺا خان مهر ميڊيڪل سينٽر** اناج منڊي، جيڪا حاجي مٺا خان مهر جي نالي سان منسوب آهي، هي ميڊيڪل سينٽر ڊاڪٽر راج هلائي رهيو آهي، ۽ سندس گهر واري ڊاڪٽر ڪويتا گائني اسپيشلسٽ آهي ڊاڪٽر نويد آرٿوپيڊڪ روزاني جي بنياد تي هوندا آهن ان کان سوءِ آن ڪال ڊاڪٽر موجود هوندا آهن اسپتال ۾ وارڊ ۽ رومز بہ آهن.

**نيو ايس ايس ڊي ميڊيڪل سينٽر** نزد امام بارگاه ڏهرڪي هي ميڊيڪل سينٽر ڊاڪٽر نريش هلائي رهيو آهي ميڊيڪل سينٽر ۾ ڊاڪٽر اويناش آرٿوپيڊڪ هفتي ۾ هڪ ڏينهن ايندو آهي ڊاڪٽر سونيا ارشاد کان سواءِ گائني ڊاڪٽر رضوانہ ڊاڪٽر مهندر ۽ نڪ ڪن ڳلي جو ڊاڪٽر هفتي ۾ ايندو آهي اسپتال اندر ليبارٽري آپريشن ٿيٽر ميڊيڪل اسٽور سميت ٻيون سهوليتون پڻ آهن.

**طيبہ ميڊيڪل سينٽر** ناڪي نمبر چار تي آهي ڪنهن وقت ڊاڪٽر ڪامريڊ مانڌل شر جي نالي سان منسوب هو هاڻي ناليوارو سرجن ڊاڪٽر ممتاز چنہ هلائي رهيو آهي.

ڏهرڪي تاريخ جي نظر ۾ ڪتاب مڪمل ٿي ويو هو تہ اوچتو خبر ملي تہ ڏهرڪي جو **جهونو ڊاڪٽر ارجن داس گوئنداڻي ديهانت ڪري ويو.** ارجن داس جي عمر اٽڪل ٨٥ سالن کان وڌيڪ هئي ۽ هو ڦگڻ مل گوئنداڻي جو پٽ هو، ڦگڻ مل جا ڇهہ پٽ ڊاڪٽر ارجن داس، اوم رام، سرڳواسي سدا رام چند، لکهي رام، ڊاڪٽر اشوڪ، رام لال ۽ هڪ نياڻي جي اولاد هئي. ڊاڪٽر ارجن داس ڪجهہ ڏينهن کان عليل ٿي پيو هو. ڪراچي اسپتال داخل هو. تاريخ ١٧ جون ٢٠٢٥ تي ڪراچي ۾ سندس زندگي جوسڳو ٽٽي پيو ڊاڪٽر ارجن داس اباوڙو جي ڊاڪٽر اجيت ڪمار گوئنداڻي ۽ ڊاڪٽر اوم رامن جو وڏو پاء هو هو خبر ٻڌي ڪراچي روانو ٿي ويو جتي هن جون آخري رسمون ادا ڪيون ويون. ڊاڪٽر ارجن داس جي هئي ڊاڪٽر غفور بخش قريشي بعد جيڪي ايلوپيٿڪ ڊاڪٽر آيا انهن ۾ ڊاڪٽر عبدالقدير ۽ ڊاڪٽر ارجن داس شامل هو، ڊاڪٽر ارجن داس خوش طبع ۽ کلڻو شخص هو، سندس هٿ شفا هيس انڪري اسپتال مريضن پري پيئي هوندي هئي ۽ صبح جو سوير مريض اسپتال جي در تي پهچي ويندا هيس. اڌ رات اگر ڪو ماڻهو مريض ڪٽي ايندا هئا تہ ان جو علاج ڪندو هو، خدا تي توڪل رکي ڏکي کان ڏکيو ڪيس بہ ڪٽندو هو، ايتري خدمتن سبب ڪجهہ مريضن جي بليڪ ميلر وارثن بليڪ ميل بہ ڪيو انهن جهنجهٽن کان تنگ ٿي انديا هليو ويو اتي ايڪسيڊنٽ ٿيس تہ ان جون اپريشن پنهنجي ڌرتي ڪراچي ۾ ڪرايون ڏهرڪي ۽ سنڌ ڌرتي ۽ موت اتي لکيل هيس سو وري موٽي آيو ڊاڪٽر ارجن غريبن جو مفت علاج بہ ڪندو هو جواني ديواني ۾ سهڻو قد آور نوجوان ۽ پرڪشش نوجوان هو.

## ڏهرڪي جي صراف بازار-برطانيہ دور ۽ موجوده وقت جا دوڪاندار

**سونارا بازار:** هاسواڻي محلہ ۾ گردواره سان گڏ آهي، سونارا بازار ۾ ماهر ڪاريگر پنهنجي نفيس ڪاريگري ۽ اعلي معيار جي زيورن جي ڪري مشهور آهي. **بازار جو تاريخي پس منظر:** ڏهرڪي جي صراف بازار جو بنياد ١٩٤٧ع کان پوءِ پيو، جڏهن هتان جي واپارين ۽ ڪاريگرن زيورن جي ڪاروبار کي منظم انداز ۾ شروع ڪيو. ١٩٧٥ع کان پوءِ، اينگرو ڪمپني ۽ ماڙي گيس منصوبي، اچڻ بعد ترقي وڌي ۽ مقامي صنعتن جي ترقي سان گڏ، هتان جي عوام ۾ خوشحالي آئي، جنهن سان سون ۽ چاندي جي زيورن جي طلب ۾ واڌارو ٿيو. هن وقت ڏهرڪي صراف بازار مسلسل ترقي ڪري رهي آهي. **موجوده صورتحال:** اڄڪلهہ ڏهرڪي شهر ۾ تقريباً ٣٥ زرگرن جا دوڪان آهن، جيڪي مختلف ڊيزائنن ۽ معيارن جا زيور مهيا ڪن ٿا. انهن دوڪانن ۾ جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪئي وڃي ٿي، جيئن تہ ڊجيٽل ترازو ذريعي زيورن جي وزن جي صحيح ماپ، ۽ جديد ڊيزائننگ سافٽويئر ذريعي منفرد ڊيزائنن جي تياري. موجوده صراف يونين ڏهرڪي جو **صدر عبدالفتاح پنهوَر سونارو** آهي. **پراڻا سونارا** حاجي ڪريم بخش سونارو جيڪو ١٥ سال صراف يونين جو صدر رهيو. مدينہ جيولرز، خوشحالداس جيولرز، جيڪو هن وقت بہ آهي، مرحوم خدا بخش سونارو نگينہ جيولر شاپ، وشنو رام سونارو آتم رام جو پٽ انديا هليو ويو.

دوارڪاداس گھنشام داس جو پيءُ، پچن سونارو رمو جيولز داٽي ايس. ايس. ڊي جي نالي سان آهي، نند لال سونارو ماتا جي جيولرزان جو پٽ انديا هليو ويو، جمال دين مغل ضمير جيولرز جيڪو هن وقت بہ آهي ۽ ٻڌل داس جيولرز **پراڻا ڪاريگر** مرحوم شاه محمد مغل، مرحوم عبدالواحد پٺاڻ، مرحوم مولوي سچل پٺو، مرحوم غلام نبي ڪاڪو مغل، مرحوم پير محمد مغل، مرحوم الهڏتو مغل، مرحوم ولي محمد عرف ولڻ مغل، مرحوم حاجي لال مغل **صرافن جا اهم نالا**: ١. حاجي عبدالقادر پٺاڻ – مدينہ جيولرز ٢. حاجي عبدالفتاح سونارو – نيو مدينہ جيولرز ٣. پچن داس – ايس ايس ڊي جيولرز ٤. ڪنعيا لال – ڪنعيا لال جيولرز (ٽاٽي جي گهٽي) ٥. حاجي ياسين پٺاڻ – مير هزار گولڊ اسمٿ ٦. اشوڪي سونارو – هري ڪرشنا سونارو ٧. حاجي منير احمد پٺاڻ – حسيني جيولرز ٨. نانڪ رام پٺاڻ – راهول جيولرز ٩. سنت ڪمار – سنت رام جيولرز ١٠. پرديپ عرف پلو – دولت رام جيولرز ١١. حاجي سعيد احمد پٺاڻ – نيو مير هزار گولڊ اسمٿ ١٢. جهانگير پٺاڻ – الطاهر گولڊ اسمٿ ١٣. عبدالواحد پٺاڻ – الواحد جيولرز ١٤. ضمير جمال مغل – فريدي جيولرز 15. ٻڌل داس سوني جيلرزڪڙ بازار ۾ ٻيا آهن.

**ڊيزائننگ سافٽ سان سون/چاندي جي زيورن جا مختصر نالا**: 1. هار – ڳچيءَ لاءِ ٢. چين – سادي ڳچيءَ جي زنجير ٣. لاڪٽ – هار ۾ لڳائڻ لاءِ سينگار ٤. ٽيڪو – پيشانيءَ تي لڳائڻ لاءِ ٥. ڪنگڻ – هٿن لاءِ گول گجرا ٦. چليون – هٿن ۾ پائڻ لاءِ ننڍا ڪنگڻ ٧. انگوٺي – آڱرين لاءِ ٨. باليون – ڪنن لاءِ گول جهليون ٩. جهمڪا – ڪنن لاءِ ڏگها سينگاريل زيور ١٠. نڪٿي – نڪ لاءِ زيور ١١. سِتارا – ڪنن جي پنيان لڳائڻ لاءِ ١٢. بازو بند – بازوءَ لاءِ زيور ١٣. پيٽي – ڪمر لاءِ زنجير (ڪمر بند) ١٤. پايل – پيرن لاءِ زنجير ١٥. ٻانهيون – سونهري/چانديءَ جا هٿن جا ڪنگڻ ١٦. چُني – ڳچيءَ يا هٿن لاءِ سنهو زيور ١٧. ٽُڙي – هٿن جي آڱرين سان ڳنڍيل هٿ جي زيور ١٨. مرڪ – هار يا ڪنگڻ ۾ لڳايل قيمتي پٿر تيار ڪيا ويندا آهن.

## ڏهرڪي جي قديمي پٺاڻ سونارا فيملي حاجي ڪريم بخش کان عبدالفتاح سونارو تائين

ڏهرڪي شهر جي تاريخ ۾ مختلف خاندانن جو سماجي، مذهبي، ڪاروباري ۽ ثقافتي خدمتن ۾ اهم ڪردار رهيو آهي، جن مان "پٺاڻ سونارا فيملي" جو نالو وقار ۽ ايمانداريءَ جو علامت رهيو آهي. حاجي ڪريم بخش سونارو کان وٺي عبدالفتاح سونارو تائين، هن خاندان نہ رڳو ڪاروباري حيثيت سان مقام حاصل ڪيو آهي، پر سماج ۾ اخلاقيات، تنظيم ۽ تعلق نڀائڻ جي لحاظ کان بہ سونهري مثال قائم ڪيو.

**حاجي ڪريم بخش پٺاڻ سونارو**: ڏهرڪي جي شاهي بازار ۾ ڪنڊ واري مقام تي سونارڪي دوڪان مدينہ جيولرز جي نالي سان قائم ڪيو. هو اوائلي وقت کان ڏهرڪي ۾ رهائش پذير هو. سندس ذاتي گهر يو بي ايل چوڪ جي ويجهو موجود هو، جيڪو پنهنجي وقت جو وڏو، معزز ۽ مرڪزي هنڌ هو. هو نہ رڳو فني طور سونارن جو ماهر هو، پر ديني طور پڻ هڪ متقي، عاشق رسول ﷺ ۽ اخلاقي شخصيت جو مالڪ هو. هن سونارن جي تنظيم قائم ڪري ١٥ سالن تائين صدر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. سندس ڪاروباري اصول، ايمانداري، ۽ فيصلا سيني سونارن جي دلين تي راڄ ڪندا هئا.

**عبدالقادر سونارو**: حاجي ڪريم بخش جي وفات کان پوءِ سندس پٽ عبدالقادر سونارو مدينہ جيولرز جو ذميوار ٿيو. سندس انداز، حسن اخلاق ۽ اعتماد والد مرحوم وانگر ئي هو. عبدالقادر سونارو نہ رڳو گراهڪن سان سهٽو برتاءُ ڪندو، پر هو پاڻ بہ سوناري جي ڪاريگريءَ ۾ مهارت رکي ٿو. عبدالقادر پنهنجي پاءُ عبدالفتاح سان گڏجي پراپرٽي جي شعبي ۾ پڻ قدم رکيو، جتي انهن ايمانداري سان ڪم ڪري پنهنجو اعتماد قائم ڪيو.

**عبدالفتاح سونارو**: موجوده وقت جو سرگرم، باشعور ۽ ماڻهن سان ناتو نڀائڻ ڄاڻندڙ ڪاروباري شخصيت آهي. هن پنهنجو نئون دوڪان "نيو مدينہ جيولرز" جي نالي سان کوليو، جتي نوان ڊيزائن، معيار ۽ جديد سهولتون موجود آهن. عبدالفتاح شخصيت جي لحاظ سان ماڻهن سان عزت ڪرڻ ۽ عزت ڪرائڻ جي سني صلاحيت رکي ٿو. هو پنهنجي عقل و فهم سان پرائي کي پنهنجو ڪرڻ جو فن ڄاڻي ٿو، جيڪو ڪاروبار لاءِ بنيادي وصف آهي. هو گذريل پنجن سالن کان صراف يونين ڏهرڪي جو صدر آهي، جتي هو دوڪاندارن، مزدورن، گراهڪن ۽ ڪاروباري ماڻهن جي مسئلن کي خوش اسلوبي سان حل ڪري ٿو.

**سعيد احمد پٺاڻ ۽ سونارا فيملي جي توسيع:** سونارا خاندان جو ٻيو فرد سعيد احمد پٺاڻ ڍهرڪي جي معزز شخصيت طور سڃاتو وڃي ٿو. هنن يو بي ايل چوڪ تي هڪ نئين دوڪان جوڙي، جنهن جي زيب و زينت ڪراچي جي زينب مارڪيٽ جي گولڊ اسمٿ دوڪانن جهڙي آهي. اها دوڪان هاڻي ڍهرڪي جي وڏي گولڊ اسمٿ فرنچائز بڻجي چڪي آهي، جتي سونارا فيملي جو وقار ۽ نالو اعتماد جي علامت بڻيل آهي. سونارا فيملي ڍهرڪي جي ڪاروباري، سماجي ۽ اخلاقي حياتيءَ جو اهڙو باب آهي، جيڪو نسل در نسل ايمانداري، اخلاص، تنظيم ۽ سماجي خدمت سان اڳتي وڌندو رهيو آهي. حاجي ڪريم بخش جي بنيادن کان وٺي عبدالفتاح جي جديد ڪاروباري حڪمت عملين تائين، هي خاندان هڪ رول ماڊل آهي، جيڪو ڪاروباري ڪاميابيءَ سان گڏ عزت ۽ خدمت جو نشان بڻيل آهي.

**ڍهرڪي ۾ بيڪرز اينڊ سويٽس:** ڍهرڪي ۾ تمام پراڻي ڪوثر بيڪري آهي ان کان سواءِ ييلو گرين بيڪري، ايس ايس ڊي بيڪري ۽ ڊولفن بيڪري ڏيشي بيڪرز اينڊ سويٽ، چلڻ.سويٽس، ستام چند پٽائي سويٽس، صغير سوئيٽس، الفيض سوئيٽس سميت پوري شهر ۾ پنجاه کان مٿي بيڪرز ۽ سويٽس جا دوڪان آهن. ڍهرڪي جي مٺائي ۾ بادام ۽ سنگر جي مٺائي ۽ پيڙا تمام مشهور آهن انهي کان سواءِ گلاب جامن، دلبهار، لڏو، برفي ۽ گرما گرم جليبي سان کير پڻ مشهور آهي سياري جي سرد راتين ۾ شهري پوري ڏينهن جو ڪم ڪار کان ٿڪجي شام جو سينما روڊ تي اچي گرما گرم تازي جليبي کير جي پيالي ۾ مڪس ڪري پنهنجي توانائي بحال ڪندا آهن.

**ڍهرڪي: ظفر بازار، زرعي دوائون ۽ ڀاڻ** جو مرڪز آهي، اينگرو يوريا، سونا يوريا : فاطم يوريا ، تارا يوريا، اينگرو ڊي اي پي، سونا ڊي اي پي، فاطم ڊي اي پي، تارا ڊي اي پي کانسواءِ ٻيا اهم زرعي ڀاڻ: ايسؤ (سلفيٽ آف پوٽاش) - اينگرو، سونا ايم او پي (ميريئٽ آف پوٽاش)، سي اي اين (ڪيلشيم امونيم نائٽريٽ) زنڪ سلفيٽ، بورون ڀاڻ، ڍهرڪي ۾ مختلف قسمن جون زرعي دوائون، ملن ٿيون جن ۾ ايڪٽارا (سن جينٽا)، مووينٽو (بايئر) ۽ ٻيون زرعي دوائون ملن ٿيون.